

Gul Hayat Institute

# تنقيدي ۽ تخليقي ادب

(رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون - جلد 4)

ڀاڱو 2، جلد 1

سهيڙيندڙ: جامي چانڊيو

Gul Hayat Institute

CPCS

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي

A-89/11، گلشنِ سحر، باءِ لڳ پاس گيٽ، واڌو واهه،

قاسم آباد، حيدرآباد

Ph: +92–22–2106074,  Fax: +92–22–2106074

E–Mail: info@cpcs.org.pk

www.cpcs.org.pk

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

50


كتاب جو نالو: تنقيدي ۽ تخليقي ادب
ليکڪ: رسول بخش پليجو
سهيڙيندڙ: جامي چانڊيو
ڪمپوزنگ ۽
ٽائيٽل ڊزائننگ: سليمان سميجو
ڇاپو پهريون: نومبر 2012ع
ڇاپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سي پي سي ايس
مُلهہ: 1000 روپيا


**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي
ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي
سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
فڪشن هائوس، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
گل ڪتاب گهر، شڪارپور
جنيد ڪتاب گهر، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر
مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص
هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص
ماروي ڪتاب گهر ٽنڊوالهيار

Gul Hayat Institute

All Rights Reserved


Complete Works of Rasool Bux Palejo
“**Tanqeedi ain Takhleeki Adab**”
By: Rasool Bux Palejo
Compiled by: Jami Chandio
Printed by: Sindhica Academy, Karachi
Published by: Center for Peace & Civil Society (CPCS)
First Edition: November 2012
Published By: Center for Peace & Civil Society (CPCS)
Pirce: 1000 PKR


سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

ارپنا ـ

تنهنجو لکيو توکي ارپيو

سائين رسول بخش پليجي

جي نالي

جامي چانڊيو ـ

Gul Hayat Institute

# فهرست


- مهاڳ — جامي چانڊيو

**پاڱو پهريون (شخصيتون)** 8

- جديد سنڌي ادب جي پيڙهه رکندڙ مرزا قليچ بيگ 9
- گهڻ-ڄاڻو ۽ گهڻ-ڱڻو استاد 23
- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 42
- مخدوم طالب المولىٰ 44
- فاضل سدائين آهي... 47

**پاڱو ٻيو (تنقيدي ادب)** 62

- انڌا اونڌا ويڄ 63
- سنڌي ذات هنجن 156
  - هوئج هوشيار! ترڪڻ آهي تڙ ۾! (شاهه) 157
  - خاص ادبي پُڙي! 169
  - دلين جو درد — نئين ڪوجنا؟ 178
  - ڇا، ڏک رڳو تباهه ڪندڙ آهن؟ 188
  - من حرام تي حُجتان ڍيرا! 196
  - طبقاتي مفادن ۽ نظرين کان بالاتر خالص ادب جو ڍونگ 207
  - ادب تخليق ڪرڻ لاءِ رُڳو احساس ۽ جذبا ڪافي آهن ڇا؟ 220
  - ماضِيءَ جو ادب 231
  - دنيا ڪي لِيڪَا! 240
  - اڳوڻو يورپي ترقي پسند ادب 248
  - هُڻ تي فريدا! شاد ول 259
  - نوان هيرا! 264
- ڪنڌهر 275
- لطيف جي شاعريءَ جو انقلابي ڪردار 288
- اڇو تہ حقيقت بياني ڪرڻ سکون 295
- مهراڻ تي تبصرو 305
- لات کي تات 313
- سُڌڪائي صحافت 317
- جادو ۽ سائنس 321
- گرمس جون آڪاٽيون 327
- شيخ اياز کان انٽرويو 329
- هو چون تا هيئن چئو 339


Gul Hayat Institute

• قصيدو هڪ ڪتاب جي شان ۾ 358
• امر جليل جي ڪهاڻين تي رايو 365
• ساڪ سان ٿو چوان 367
• پشو پاشا جو جائزو 384
• سوچن جي ڊائري 388
• سنڌ کي اعليٰ درجي جي ترجمو ڪندڙن جي ضرورت آهي 395
• قومي بقا جي جدوجهد ۾ علم ۽ ادب جو ڪردار 403
• پنهنجي ادب کي زور ونايو 430
• ادب ۾ ترجمن جي اهميت 438
• ذهني ۽ فڪري ”مڙسي“ ڇا ٿيندي آهي؟ 444
• تنگ نظري، تعصب ۽ انسان دوستي 450
• لکڻ سون آهي 456
• ڪائنات اُبتڙ مان ٺهيل آهي 460
• ڪجهه صحافت، شاعريءَ ۽ انقلاب بابت 463
• خوشيءَ جهڙي خوراڪ 470
• ويهڻ مون نه وڙاءُ 473
• اچو ته وري انگريزي سکون 477
• عالمي ادب تي هڪ مختصر نظر 485
• مشرقي ادب ۽ مغربي عالم 488
• ”تحريڪ“ جو مهاڳ 493
• وڳ ڪه وسرياءِ 497
• پهريون پٽر 516
**پاڳو ٿيون (تخليقي ادب)** 520
**پسي ڳاڙهه گل (ڪهاڻين جو مجموعو)** 521
• اڄ اڳڙيا آئيا 521
• وڊيو هئين ته ويهه 534
• بختاور 539
• جتي باهه ٻري 567
• پسي ڳاڙها گل 589
• نظريه اسلامستان 616
• سچ جو ڏينهن 625
**ڪورٽ ڪهاڻيون** 636

Gul Hayat Institute

- کرشن نگر جي ڪنوار 636
- ثمينہ خاتون جا دعويدار 644
- خورشيد بيگم - پوليس جاچ ۾ 650
- برجستو پوليس آفيسر 655
- غيرتي پُٽ 663
- سانگوٽا ۽ سُٽيون 670
- ڏوٽي سا ڏورين 673
- ڪيٽرائن دنيا جو سير ڪيو 676
- شاهي مهمان ۽ سيفٽي ايڪٽ 683
- رئيس وڏي جون ٽوپيون 686
- دؤر ٻيو 691

**ياڱو چوٽون (شاعري)** 702

- اوهان جي پڇاڙان 703
- چوندڊ عالمي شاعري 801


Gul Hayat Institute

# پاگو پهریون
## (شخصیتون)

Gul Hayat Institute

# جديد سنڌي ادب جي پيڙهه رکندڙ
# مرزا قليچ بيگ

مرزا قليچ بيگ جي ناني ۽ بابي جو وطن جارجيا پنهنجي تاريخ ۽ جاگرافيءَ
هئان سنڌ کان بہ وڌي مار کائيندو رهيو آهي. اهو ٻن پهاڙي سلسلن، ٻن سمنڊن، ٽن
وڏين سلطنتن ۽ ٻن کنڊن جي سنگم وٽ آهي. اهو ڪوهہ قاف جبلن جي وچ تي آهي.
ساڳي وقت اهو ٻن سمنڊن يعني ڪاري سمنڊ ۽ ڪئپس سمنڊ جي وچ تي آهي. رهيل
ڪسر ان ڳالهہ پوري ڪري ڇڏي آهي، جو اهو ٻن کنڊن يعني ايشيا ۽ يورپ جي
سرحد تي روس، ايران ۽ ترڪي جهڙين فيل مست علائقائي طاقتن جي وچ ۾ ڦاٿل
آهي ۽ صدين کان انهن هئان ٽڏبو واري واري سان لتاڙبو ۽ چيپاٽبو رهيو آهي.

اڄ کان 28 صديون اڳ هتي يونانين اچي بيٺڪون ٺاهيون پوءِ رُومي، عرب،
منگول، ترڪ، ايراني ۽ روسي جارجيا تان پاڙ ۾ وڙهندا ۽ هڪ ٻئي پٺيان اتي
قبضا ڪندا رهيا. تان جو نيٺ 1801ع ۾ روس مستقل طرح ان تي قبضو ڪري
ورتو. ذري گهٽ ٻن صدين کان پوءِ تازو جڏهن سوويت يونين ٽُٽي ٽُڪر ٽُڪر ٿي
آهي، تڏهن جارجيا هڪ ڀيرو وري پنهنجي الڳ حڪومت قائم ڪئي آهي.

ڪوهہ قاف جبلن کان وٺي ڏندڪٿائن، رنگين قصن ۽ الف ليليٰ جهڙن
داستانن کي جنم ڏنو آهي. ڪوهہ قاف جي ديون ۽ پرين جا داستان ڪنهن نہ
پڙهيا هوندا؟ ڪوهہ قاف جي جابلو سرزمين ۽ ان جا ماڻهُو واقعي آهن بہ اهڙائي
خوبصورت ۽ من موهيندڙ جهڙا ٻڌجن ٿا. انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا جهڙي
انتهائي پختي ۽ سنجيده علمي اختياري چوي ٿي:

”جارجيائي ماڻهن جون پاڙون تاريخ ۾ گَهريون آهن، سندن ثقافتي ورثو بہ
قديم ۽ شاهوڪار آهي... جارجيائي ماڻهُو هڪڙا اهڙا خوددار ماڻهُو آهن جيڪي
زمانن کان وٺي جوڌن ۽ جانبازن جي حيثيت ۾ مشهور ۽ معروف آهن. سندن مهمان
نوازي، سندن زندگيءَ سان محبت، سندن زنده دلي نهايت ۽ خوش طبعي دُنيا ۾

Gul Hayat Institute

مشهور آهن. هُو قدآور، جانثار، سنها، ڪارين اکين ۽ ڪارن وارن وارا ماڻهُو آهن...
سندن سُونهن جو معيار بلند آهي، جارجيائي عورتن جو حسن اهڙو آهي جو ان مان تاريخي داستان ٺهي پيا آهن. هنن مان ڪيترين ترڪي سلطانن ۽ ايران جي شاهن جي محلن جون زينتون بڻيون، جارجيائي ماڻهن جي عمر غير معمولي حد تائين وڏي ٿيندي آهي.“

سنه 1797ع ۾ جڏهن ايرانين جي هڪڙي ڪاهه ۾ مرزا صاحب جي ناني ۽ ڏاڏي جا والد مارجي ويا، تڏهن هو ٻارن ٻچن سميت قيدي بڻجي ايران ۾ آيا، اتان اهي سنڌ آندا ويا. مرزا خسرو 1805ع ۾ پنجن ورهين جي عمر ۾ حيدرآباد ۾ آندو ويو هو. مير ڪرم علي خان وٽ رهيا. اها اوڻهين صديءَ جي شروعات هئي. ارڙهين، اوڻهين ۽ ويهين صدي ۾ دُنيا ۾ جيڪي تبديليون ٿيون آهن، سمورن گذريل صدين ۾ آيل تبديلين کان گهڻا گهڻا ڀيرا وڏيڪ هيون. مرزا قليچ بيگ جي تاريخي ڪردار کي انهن تبديلين کي سمجهڻ کان سواءِ صحيح نموني سمجهي ڪين سگهبو.

دُنيا جي سڀ کان گهڻي ايراضي، سڀ کان گهڻا ماڻهُو، سڀ کان وڏيڪ قدرتي وسيلا ۽ تنهن ڪري سڀ کان وڏيڪ دولت تاريخي طرح ايشيا جي رهي آهي ۽ نه يورپ جي. انڪري اٽڪل پنج سَوَ سال اڳ تائين مجموعي طرح ايشيا جي يورپ مٿان سرسي رهي آهي. جيستائين دُنِيا ۾ بالادست اقتصادي ۽ سماجي نظام، جاگيردار نظام هو تيستائين ايشيا يورپ کان زور هئي، اٽڪل 15 صدي کان دُنِيا ۾ جاگيردار نظام جو زوال اچڻ شروع ٿيو. دُنِيا کي هڪ نئين بهتر، سماجي، اقتصادي نظام جي ضرورت پوڻ لڳي، ايشيا کي جاگيرداري جي انتهائي رجعت پرست فطرت اهڙو نظام پيدا ٿيڻ نه ڏنو. يورپي جاگيرداريءَ جي فطرت اهڙو نظام پيدا ڪرڻ ڏنو ان جو نالو هو صنعتي يا سرمائيدار نظام.

يورپ جي ان نئين سماجي اقتصادي فِڪري نظام جي پيڙهه يونان ۽ روم جي تهذيبن تي ٻڌل آهي. اهي ٻئي تهذيبون دُنِيا جي وڏن مذهبن جي اثرن کان ٻاهر رهيون هيون. انهن تهذيبن پنج سَوَ سال قبل مسيح کان وٺي مذهبي اختياري وارن کي برهمڻن، پادرين ۽ مُلن جي روڪ ٽوڪ بنا انساني عقل ۽ سمجهه کان ڪم وٺي هنر ۽ سائنس کي جنم ڏنو ۽ انهن کي خوب ڪتب آندو. ان ڪري انهن حڪومت، جنگ، علم، ادب، سائنس، قانون ۽ ٻين ٻي انداز ڳالهين ۾ اهڙين بلندين کي ڇهيو جنهن جو مثال انسان جي تاريخ ۾ ڳولهڻ عبث آهي. صنعتي ۽ سرمائيداري نظام هلندڙ هو پر ايشيائي جاگيرداري نظام ۽ يورپي جاگيرداري نظام ۾ زمين آسمان جو فرق هو ايشيائي جاگيرداري نظام قاعدي قانون جي ڪنهن به ريت مَرجَات کي نه ٿي مڃيو. اهو مڪمل طرح آپيشاهي ۽ ڏنبي شاهي مطلق

Gul Hayat Institute

العنان نظام هو. يوناني رومي تهذيب ۽ ان جي مٿان قائم ٿيل يورپي تهذيبن هر ڳالهہ جي حد ۽ توازن ۽ قاعدي قانون جو پورو پورو خيال ٿي رکيو. اهي گهري ڄاڻ ۽ علم، وڏي سُرتِ، سمجهہ ۽ ڏاهپ واري تهذيبون هُيون ۽ آهن. ايشيائي جاگيرداري، يورپي جاگيرداري جيان اهڙي مضبوط ۽ جٽادار، علمي، عقلي ۽ قانوني تهذيب پيڙهہ تي بڌل ڪا نہ هئي، اها سترهين صديءَ تائين پنهنجي طبعي عمر کائي ڪنهن سُنڍِ عورت وانگر ڄڻائڻ ۽ نپائڻ جي عمل کان جڏي ٿي چڪي هئي. اها نئين عالمي، تاريخي دور لاءِ گهربل وچين طبقي واري انقلابي سمجهہ، سُرتِ، ڏاهپ، کوجنا، ڳولا، تحقيق، واپار، ڪاروبار، هنر، صنعت کي تخليق ڪرڻ بدران ان جي نون اُسرندڙ مُلن جي جاني دشمن بنجي بيٺي ۽ ايشيا کي ذهني ۽ فڪري طرح هٽي هڪڙو علمي ۽ ثقافتي برپٽ بنائي رکيائين.

ٻئي طرف نئين سجاڳيءَ جي مدد سان يورپ جي وڏن شهرن ۾ واپار تمام گهڻو زور ورتو. جو واپاري طبقو جاگيردارن کان پنهنجا حق گهرڻ لڳو. صدين جي ويڙهہ کان پوءِ وچون طبقو خاص ڪري واپاري طبقو جاگيرداري طبقي کان زور وٺي ويو ۽ علم، ادب ۽ فن، هنر، فلسفي، اقتصاديات، کوجنا، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ برق رفتاريءَ سان اڳتي وڌندو آخر ست سمنڊ پار ڪري سڄي دُنيا تي ڇانئجي ويو.

19 صدي جي شروعات تائين انگريز پنهنجن ٻين سيني رقيبن يعني پورچوگيزن، ڊچن، اسپينين کي شڪست ڏيئي دُنيا جو پهريون نمبر صنعتي سرمائيدار ۽ طاقتور ملڪ ۽ هندستان جو بہ مالڪ بنجي ويو هو. سنڌ جي ميرن کي سنڌ تي قبضو ڪئي ويهارو سال مس ٿيا هئا، انهن کي ڪا خبر ڪا نہ هئي تہ سندن بادشاهي جا ڏينهن بہ وڃي ڳاڻ ڳڻيا بچيا هئا.

انگريز هندستان ۾ بہ ابتڙ تاريخي ڪم ڪري رهيا هئا. هڪڙو تہ هن ملڪ کي ڦري پيننگ ڪري انهن جي قدرتي وسيلن، مڪاني صنعتن ۽ هنرن کي برباد ڪري ان کي پنهنجو بيوس غلام بڻائي رهيا هئا. اهو تباهيءَ جو ڪم هو. ٻئي طرف هو اڳتي وڃي پنهنجي ضرورت خاطر ۽ پنهنجي ڦرلٽ ۾ سهوليت پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي غلام بنايل ملڪ ۾ هڪ محدود حد تائين نئين سجاڳي، روشني، علم، هنر، ٽيڪنالاجي ۽ صنعت جو پڙ واڌارو آڻڻ تي مجبور ٿيڻ وارا هئا.

انگريزن جي غلامي ۾ گهڻا ماڻهو خوش نہ هئا، جيتوڻيڪ هو اڳين نظامن مان اجا بہ وڌيڪ ناخوش هئا، غلامي کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻن قسمن جون ڪوششون ڪيون ويون هيون، هڪڙيون جاگيردار طبقن طرفان ڪيون ويون، ٻيو وچين طبقي طرفان ڪيترن هندن ۽ مسلمانن جاگيردارن ۽ سندن حامين جو خيال هو تہ هندستان مان انگريز سان وڙهي ڪين ڪڍي اڳوڻو ساڳيو جاگيردارن ۽ نوابن جي حڪومت وارو نظام قائم ڪيو وڃي. ان مقصد لاءِ پهرين ڪوشش 19 صدي جي

شروعات ۾ ذڪر هندستان ۾ وچولن زميندارن طرفان ڪئي ويئي ۽ ڪچلي ويئي. ٻي ڪوشش 1857ع واري بغاوت جي صورت ۾ ڪئي وئي اها بہ ناڪام ڪئي وئي.

ٻين ماڻهن جو خيال هو تہ، لوهہ کي لوهہ ڪاٽي. انگريزن جي ڪاميابيءَ جو سبب رڳو انگريزن جي برتري ناهي، پر خود هندستان جي مدي خارج جاگيردارانہ نظام بہ ڄڻ ٻاهرين ملڪن کي دعوت پئي ڏني تہ اچو! اچي اسان تي قبضو ڪريو! تنهن ڪري اصل شڪست برهمن، تعصبن، دقيانوسي ڪتابن، پنڊتن پاراتن ۽ مُلن جي جهالت تي ٻڌل علم دشمن، عقل دشمن، انسانيت دشمن، جاگيرداري نظام ڪاڏي آهي ۽ اصل سوڀ يوناني، رومي ۽ مغربي روشن خيال نسبتاً جمهوري ۽ قاعدن قانون تي ٻڌل سماجي صنعتي نظام ۽ ان مان پيدا ٿيل تيز رفتار ڪوجنائن، ايجادن، صنعتي پيداوار ۽ جمهوري نظام جي آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو آهي تہ پوءِ يورپ جي نئين سجاڳي، نئين روشني ، نئين علم، ادب، فلسفي، سائنس، سماجي علمن، نين ايجادن، نين صنعتن ۽ نين علمي، فڪري ۽ سائنسي صلاحيتن کي، روين کي پنهنجي دسترس ۾ آڻڻو آهي.

شروع ۾ انگريز حڪمران طبقي جا ماڻهُو ان ڳالهہ جي فائدي ۾ نہ هئا تہ ڪو ڪارن هندستانين کي مغربي علم جي نئين روشنائي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي کان واقف ڪيو وڃي، ڪين خوف هو تہ ائين ڪرڻ سان سندن دماغ خراب ٿي ويندو. ان ڪري جڏهن انگلينڊ جي پارليامينٽ اڳيان اها رٿ پيش ٿي تہ هندستانين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ انگلينڊ مان هندستان ڏانهن اسڪول ماستر موڪليا وڃن. تڏهن ڪمپني جي ڊائريڪٽرن طرفان سخت مخالفت ڪئي وئي هئي. ويهن سالن کان پوءِ اهو فيصلو ٿيو تہ هندستان جي ٽيهہ ڪروڙ ماڻهن لاءِ ڪمپني هڪ لک روپيا ساليانو خرچ ڪري! پر ان وچ ۾ بہ ڳالهيون ٿي رهيون هيون. عيسائي مبلغ 1542ع کان وٺي هندستان جي ڪن علائقن ۾ تعليم ڏيئي رهيا هئا. هنن باقائدي اسڪول پئي هلايا، جن ۾ مذهبي ڳالهين سان گڏ جديد علم بہ سيکاريندا هئا. هنن پريسون لڳايون، جن ۾ عام ديسي ٻولين ۾ ڪتاب ڇپايائون. هنن انهن ٻولين جون باقائدي ڊڪشنريون تيار ڪري ڇپايون. شاهہ جو رسالو ۽ سنڌي ڊڪشنري بہ انهن پادرين جرمني مان ڇپايا. ٻئي طرف هندستان ۾ بہ اها سمجهہ پيدا ٿي تہ پراڻي عربي، فارسي ۽ سنسڪرت علم مان هندستانين جو گهڻو ڇاڙهو ڪو نہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن يورپ جي علم، عقل ۽ دماغ کي سمجهي ان مان ڪم وٺڻو آهي تہ اهو انگريزي ٻولي معرفت ئي ٿيندو. 1817ع ۾ راجا رام موهن راءِ جي ڪوشش سان ڪلڪتي ۾ هندو ڪاليج قائم ٿيو ۽ ان جي معرفت سڄي بنگال ۾ انگريزي اسڪول کوليا ويا.

Gul Hayat Institute

ٿامس ميڪالي جي سفارش تي 7 مارچ 1835ع تي هندستان جو گورنر جنرل لارڊ وليم بينسٽنگ اعلان ڪيو تہ هندستان جي تعليم، عدالت ۽ آفيسن جي ٻولي سنسڪرت، عربي ۽ فارسي بدران انگريزي ۽ ديسي ٻولي ۾ ٿينديون. 10 آڪٽوبر 1844ع تي لارڊ هارڊ گورنر جنرل اعلان ڪيو تہ آئينده سرڪاري نوڪريون فقط انگريزي تعليم وارن کي ملنديون. 1854ع ۾ سرچارلس ووڊ مرڪز کي پنهنجي رپورٽ ڏياري موڪلي، جنهن جي نتيجي طور هر صوبي ۾ تعليم جي واسطي جدا ڪاتو قائم ڪيو ويو. 1857ع ۾ ڪلڪتي، بمبئي ۽ مدراس ۾ يونيورسٽيون قائم ڪيون ويون ۽ ننڍن اسڪولن کي گرانٽون ڏيڻ جو سسٽم شروع ڪيو ويو. 1873ع ۾ علي ڳڙهہ ڪاليج ٺهيو ۽ 1889ع ۾ بنارس يونيورسٽي قائم ٿي ۽ ملڪ کي تعليم ملڻ شروع ٿي، تان جو انگريزي تعليم ۽ جديد يورپي علمن جي ذريعي حاصل ڪيل دُنيا جي علمن، سائنس، ٽيڪنالاجي جي ڪافي ڪجهہ ڄاڻ هندستان جي وچين طبقي کي ان پوزيشن ۾ آندو جو انهن پنهنجا حق انگريز آقائن کان گهري وٺڻ شروع ڪري ڇڏيا.

يورپ جي صدين جي ڄاڻ، علم، فلسفي، فڪر، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي سان هندستان جي ڪروڙين عوام جي ذهنن کي هٿياربند ڪرڻ جي اها تحريڪ هڪڙي زبردست اهميت واري، سڄاڳي جي تحريڪ هئي. جنهن ڪانسواءِ هندستان جا ماڻهو الائي ڪيترا زمانا جاگيرداري غلامي جي گندي تلاءُ ۾ پيا ٽاڦوڙا هڻن ها. اها علمي ۽ سائنسي پيڙهہ تيار نہ ٿئي ها تہ جيڪر هندستان جي آزادي جي قومي سياسي تحريڪ مشڪل سان وڏي سگهي ها.

هن تحريڪ هندستان جي سطح تي اڳواڻ راجا رام موهن راءِ ۽ سر سيد جهڙا فڪري ۽ ذهني جاڪوڙي ۽ ڪاهوڙي هئا، تہ سنڌ جي سطح تي ان جي سڄي پيڙهہ رکندڙاسان جي وچين طبقي جو دانشور ۽ مفڪر مرزا قليچ بيگ هو.

جيڪڏهن ڪلاسيڪي عظيم سنڌي شاعري جي ميدان ۾ اسان جو فني ۽ فڪري سورمو شاهہ لطيف آهي تہ جديد علم ۽ ادب جي ميدان ۾ اسان جو مها ۽ مهندار، ڪاهوڙي ۽ سرواڻ سواءِ ڪنهن شڪ شبهي جي مرزا قليچ بيگ آهي.

ڪنهن ماڻهُو جي زندگي ۽ ڪمن کي سمجهڻ ۾ اها ڳالهہ وڏي مدد ٿي ڏئي تہ اها خبر هجي تہ هو ڪهڙي زماني ۾ ڪهڙي ماحول ۾ رهندو هو ۽ سندس دؤر جا اهم ماڻهُو ڪير ڪير هئا ۽ انهن ڇا پئي ڪيو؟

قليچ جي ڄمڻ کان فقط هڪ سال اڳ ايران ۾ قاچاري شهنشاهيت ٻائي عقيدي جي مشهور شاعره، مبلغہ ۽ انقلابي ام سلميٰ قرت العين طاهره زرين تاج جنهن جو "دلجہ بہ دجلہ يم بہ يم" واري قافيہ وارو غزل مشهور آهي، تنهن کي بغاوت جي الزام هيٺ گهُٽو ڏيئي شهيد ڪيو ويو.



Gul Hayat Institute

قليچ سنڌ جي انگريزن جي حڪومت اچڻ کان ڏهه سال پوءِ پنجاب جي تابع ٿيڻ کان 9 سال پوءِ 1853ع ۾ پيدا ٿيو. ان سال سنڌي ٻوليءَ جو ڦيريون جديد الف ب ۾ لکيل ڪتاب لنڊن جي هڪڙي لٿو پريس ۾ ڇپيو.

ساڳئي سال يورپ ۾ ڪريميا جي لڙائي هلندڙ هئي. هڪڙي پاسي هئا انگريز ۽ فرينچ ۽ ٻئي پاسي هئا ترڪ. ساڳئي سال اڀرندي طرف جپان ۾ آمريڪي بحري ڪمانڊر پيري زبردستي جپان ۾ گهڙي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيو جنهن ڪري جپانين سمجهيو ته جي اسان پنهنجي سماجي نظام کي پنهنجي راضپي سان ۽ تيزي سان نه بدلايو ته اسين ڌارين جا غلام ٿي وينداسين. هنن پاڻ کي بدلايو ۽ واهه جو بدلايو. ان سال هندستانين کي آئي – ايس- ايس امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ملي.

1857ع ۾ ڪلڪتي، بمبئي ۽ مدراس جون يونيورسٽيون قائم ٿيون ۽ هندستان جي پوئين جنگ آزادي شروع ٿي. 1859ع ۾ چارلس ڊارون انگلينڊ ۾ پنهنجو جڳ مشهور ارتقا جو نظريو شايع ڪرايو. 1863ع ۾ انباله ۾ وهابين جي تحريڪ ڪچلي وئي. 1875ع ۾ پرنس آف ويلس هندستان م آيو ۽ علي ڳڙهه ڪاليج قائم ٿيو ۽ 1885ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو بُنياد وڌو ويو.

1896ع کان 1900ع ۾ هندستان ۾ زبردست ڏڪار آيو. ان هوندي به 1898ع ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جي ڊائمنڊ جوبلي ملهائي وئي. 1900ع ۾ سرحد جدا صوبو ٿيو. 1901ع ۾ مهاراڻي وڪٽوريا گذاري وئي. 1904ع ۾ روس جپان سان جنگ ۾ هارايو. ۽ روس ۾ 1905ع وارو ناڪام انقلاب آيو ۽ ساڳئي سال بنگال جو ورهاڱو ٿيو. جنهن جي ڪري سڄي هندستان ۾ ڪانگريس جي اڳواٽي هيٺ زبردست احتجاجي تحريڪ هلي، جنهن کي سوديشي تحريڪ سڏيو ويو. 1906ع ۾ مسلم ليگ قائم ٿي. 1911ع ۾ جڳ مشهور هندستاني اديب، شاعر ۽ دانشور رابندرناٿ ٽئگور کي نوبل پرائيز مليو. 1914ع ۾ مهاتما گانڌي آفريڪا مان موٽي هندستان آيو ۽ 1914ع ۾ هندن مسلمانن جي گڏيل انگريز مخالف عدم تعاون جي تحريڪ ۽ خلافت جي تحريڪ هلي. انگريزن ان کي هلائڻ لاءِ رولٽ ائڪٽ پاس ڪيو ۽ جليانوالاباغ ۾ ڪوس ڪيو. انهي سال غازي امان الله افغانستان جو بادشاهه ٿيو. 1914ع ۾ اقبال پنهنجو مشهور ڪتاب ”بانگ درا“ شايع ڪرايو. 1917ع ۾ سائمن ڪميشن هندستان آئي. ان جي بائيڪاٽ جي تحريڪ هلائي وئي. روس ۾ سوشلسٽ انقلاب آيو. 1919ع ۾ انگريزن سازش ڪري غازي امان الله خلاف بغاوت ڪيو. جنرل نادر نئون بادشاهه ٿيو.1929ع تي مرزا قليچ بيگ وفات ڪئي.

قليچ جا ڪي وڏا هم عصر اديب، عالم ۽ شاعر:

مصري شاهه جي وفات 1906ع، حمل لغاري 1869-1914ع، ديوان ڪوڙومل 1844ع. 1916ع، سانگي 1851-1924ع، خليفو نبي بخش 1863-1779ع الله بخش ابوجهه وفات 1901ع.

Gul Hayat Institute

**قليچ جا ڪي ننڍا هم عصر سنڌي اديب، عالم ۽ شاعر:**

پرمانند ميوارام 1856-1938ع، شمس الدين بلبل 1857-1919ع، امام بخش خادم 1860-1919ع، ساڌو هيرانند 1863-1893ع، مولوي احمد ملاح 1877-1969ع، مولوي فتح محمد سيوهاڻي 1882-1942ع، ڊاڪٽر گربخشاڻي 1884-1949ع، ڀيرومل مهرچند 1885-1945ع بيڪس وفات 1889ع، خانبهادر محمد صديق ميمڻ 1890-1958ع ڊاڪٽر دائودپوٽو 1896-1958ع.

هر اسرندڙ ادب جو پهريون قدم هوندو آهي ترجمو. پهرين دُنِيا جي چوٽي جي علمن ۽ ادبن سان ترجمن وسيلي رشتو رکندو. تڏهن ماڻهُو تخيلقي طرح پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ پهريون پيرڙيون کڻي اڳتي وڌڻ سکندو. عيسائي پادرين طرفان قتل ۽ دفن ڪيل يونان ۽ روم جي علم، ادب ۽ فلسفي کي جيڪڏهن ترجمي جو جياريندڙ مسيح صدين کان پوريل قبرن مان کوٽي ٻاهر ڪڍي وري جياري دُنِيا ۾ نئين حياتي نه بخشي ها ته اڄ دُنِيا ۾ کهڙن پٽن ۾ هجي ها؟ ترجمو هڪڙو نهايت ذڪئي ۾ ڏکيو، نهايت محنت طلب، نهايت تخليقي ۽ انتهائي نفيس فن آهي ۽ کي ماڻهُو ان ۾ ڪمال حاصل ڪري سگهندا آهن. جنهن علم ۽ ادب کي قابل ۽ لائق ترجمو ڪندڙ ملي ويا ان جا ڄڻ پئون ٻارهن ٿي ويا. اهو تاريخ جي ڄڻ هڪڙي لحظي ۾ سوين نسلن جي باڪمال ماڻهن جي صدين جي تخليق ڪيل خزانن جو مالڪ بنجي ويندو. صحيح ترجمو رڳو هڪڙي ٻولي کان ٻي ٻولي ۾ نه هوندو آهي. اهو هڪڙي گرامر، لفظن محاورن جي هڪڙي سٽاءُ کان ٻي گرامر ۽ محاورن جي ٻئي سٽاءُ ۾ ترجمو به هوندو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته صحيح ترجمو هڪڙي ثقافت کان ٻي ثقافت ۾ ترجمو هوندو آهي. ترجمي لاءِ پهريون مسئلو آهي ته ترجمي جي مواد جي صحيح چونڊ ۽ پوءِ آهي ان مواد کي پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي گرامر ۽ محاورن جي ضروت سان ٺهڪائڻ ته جيئن اهو اوپرو نه لڳي. دراصل صحيح ترجمو اهو آهي جنهن ۾ اها خبر ئي نه پوي ته هي ڪو ٻي ٻولي جو ترجمو آهي. ماڻهُو ڀانئي ته اهو اصل آهي ئي منهنجي ٻولي ۾ لکيل. قليچ ترجمي جا مٿي ذڪر ڪيل سڀ شرط پورا ڪري ٿو. هو ترجمي جو شهنشاهه آهي. قليچ جي ترجمي لاءِ چونڊ جو معيار بلند ۽ دائرو وسيع آهي. شيڪسپيئر، بيڪن، گوگول، سوفٽ، سر آرٿر ڪانن ڊايل، ڪروڪر ۽ ايمرسن جي پائي جي عالمي شهرت يافته مصنفن جا شاهڪار ۽ ٻين گهڻن اهم موضوعن تي ڪتاب ترجمو ڪيا اٿس. اٽڪل پندرهن ڪين نهايت اهم ڪتاب خود انگريزي ۾ لکيا اٿس. سنڌي لکيل اصلوڪن ڪتابن جو تعداد به سؤڪن ته خوشيءَ سان ٿيڻ گهرجي.

هاڻي اچو ته قليچ جي لکيل هڪڙي ناٽڪ جو هي ٽڪرو پڙهون:

Gul Hayat Institute

”مسخرو: جيئن چوندا آهن تہ ٻلي شير کون پڙهايا ڦر ٻلي کون کانوڻ آيا، وڇون جا ٻچا وڏا ٿين تہ ماءُ کي پٽي کائي وڃن!

بادشاهہ: تون منهنجي ڌيءُ آهين نہ؟

ملڪان: بابا چڱو تہ ائين آهي تہ خدا جيڪو عقل اوهان کي ڏنو آهي سو ڪم آڻيو ۽ هي نامناسب هلت ڇڏي ڏيو جو اوهان کي چڱي نٿي لڳي.

مسخرو: بيهہ اجا ڳالهہ ڪٿي پئي آهي. اجا رنگ ڏسندي“

ڪير چوندو هي اصل سنڌي ناهي پر ڌاريءَ ٻولي جو ترجمو آهي؟ ۽ ترجمو بہ ڪهڙي لکندڙ جو؟ شيڪسپيئر جهڙي ادبي شهنشاهہ جي جڳ مشهور ناٽڪ ”ليئر“ جو.

هاڻي قليچ جي هڪڙي ناٽڪ جو هي ٻيو سين ٻُڌو:

”جوابدار: جلال همراہ، ڪمال همدم، جمال حاصل تاج برسر!

ٻيو نوڪر: زمانو حامي، فلڪ محافظ، جهان بندو ستارو چاڪر!

جوابدار: تجلو چمڪي ٿو نور جو هت، ٿو گيت هر ڪو گيت ڳٽت جا ڳائي.

ٻيو نوڪر: حضور ملڪ جي تشريف، هر ڪو حاضر ٿئي ٿو سر جهڪائي.“

هي بہ شيڪسپيئر جو ترجمو آهي، پر ڇا رُڳو ترجمو آهي؟ هن کي ڇٽبو تخليقي ۽ باڪمال ترجمو. اهڙو ترجمو جيڪي ڪٿي ڪٿي اصل جي بلندين کان ائين مٿي چڙهيو وڃي، جيئن فٽنرجيرالڊ جو مَنظُوم انگريزي ترجمو خود عمر خيام جهڙي فن ۽ فڪر جي سلطنت جي تاجدار جي اصل فارسي اُڏام کان بہ پڙڪو کايو مٿي نڪريو وڃي.

قليچ سنڌي ٻولي کان اظهار جا ڪهڙا ڪهڙا ڪارناما سر ڪرائي سگهي ٿو. تنهن جو جلوو ڏسڻو هجي تہ سندس ترجمو ڪيل يا اصلوڪا شاهڪار ناٽڪ پڙهي ڏسجن. ان ميدان ۾ اڄ تائين ڪو بہ سنڌي لکندڙ ساڻس ڪُلهو هڻي نہ سگهيو.

قليچ جو گهڻو شعر ناصحانو مذهبي ۽ تعليمي آهي. سندس غزلن جا عنوان هن قسم جا آهن. ”خدا جي تعريف، حضرت محمد جي تعريف، دُنيا ۽ دولت چڱي، زر يا سون جي مرح، حقيقي يا سچا عاشق، مرتبن جا سنيال ضروري، فخريہ پنهنجي بيقدريءَ جي شڪايت، منهنجا بہ ڪتا، لقب ملڻ جي شڪر گذاري وغيرہ آهن.“ قليچ جي شاعري جي هڪڙي خصوصيت هي آهي تہ هن تمام گهڻا ۽ مختلف بحر استعمال ڪيا آهن. ايترا گهڻا ۽ مختلف بحر سنڌ ۾ ڪنهن ٻئي شاعر گهٽ استعمال ڪيا هوندا. ٻيو تہ سندس شاعريءَ جو بُنِيادي مقصد اهل ڪمال اڳيان پنهنجي خيال جي سُرت، فڪر جي اونهائي ۽ بيان جي زور جي ڀرپور اظهار ڪرڻ بدران ماڻهن کي سيکارڻ ۽ سمجهائڻ آهي. انگري هن جو

Gul Hayat Institute

انداز فقط انهن کي متاثر ڪري سگهي ٿو. جن لاءِ انهن شعرن ۾ سمايل سوچون نيون ۽ اهم آهن. جيڪي سمجهن ٿا تہ ڪين اهڙين ڳالهين جي اڳيئي خبر آهي تن لاءِ انهن شعرن جي اهميت ثانوي ٿئي تہ ان ۾ عجب نہ ڪرڻ ڪپي. هن شاعري ۾ ڪيترن هنڌن تي صاف نظر اچي ٿو تہ نظم جي روپ ۾ رُڳو اهم پر ڪي قدر خشڪ ڳالهين ۽ مسئلن کي وڏيڪ دلچسپ بنائي پيش ڪرڻ جي لاءِ اختيار ڪيو ويو آهي. قليچ جو شعر جو واقعي دلچسپ موضوع محبت وارو موضوع آهي. نہ رُڳو هر فرد پر هر دؤر جي اظهار جا انداز پنهنجا ٿيندا آهن. قليچ جي ٻوليءَ ۽ سندس انداز پنهنجو آهي.

اج جي شعر جي دلپسند ٻولي ۽ انداز ڪالهہ کان ۽ قليچ جي دؤر کان توڙي ٻين دؤرن کان مختلف آهي. جيتري قدر جذبن جي خلوص جو ٻولي جي سادگي ۽ دلڪشي جو تعلق آهي. قليچ جا محبتي شعر هر دؤر ۾ سنڌي شاعري جي چونڊ محبتي شعر ۾ شمار ٿيندا. هنن شعرن جي سادي کان سادي ڳالهہ بہ دل سان لڳي ٿي ۽ هيئن ۾ چهنڊڙي وجهي ٿي. ماڻهُو محسوس ئي نٿو ڪري تہ اها ڳالهہ اڳوڻي دؤر جي آهي. ڪٿي ڪٿي سادگي ۾ وڏي پرڪاري نظر اچي ٿي. ننڍين بحرن ۽ سادن لفظن ۾ اهڙو پختو ۽ اثرائتو شعر چيل آهي جو ماڻهُو پائي ٿو تہ ڳائڻ وارو هجي جو انهي کي ڳائڻ جو حق ادا ڪري:

ڪريـــان توتـــان ســـجڻ آءٌ ســـر فـــدا ڇـــا؟
محبـــت جـــو ڪـــو حـــق ادا ٿيـــندو ڇـــا؟

وڇـــوڙو جـــنهن ڏنـــو دلبـــر جـــو تـــنهن کـــي،
زمـــاني جـــو ڪنـــدو جـــورو وفـــا ڇـــا؟

تـــي بنـــدو ڪيـــئن ســـڏيان خـــود کـــي خـــدا آءٌ؟
خـــدا کـــان پـــر ســـگهان ٿـــو ٿـــي جـــدا ڇـــا؟
قلـــيچ آهـــي جـــي رب مالـــڪ دلـــين جـــو،
تـــہ پـــوءِ رب کـــان گهـــران دل ســـان دعـــا ڇـــا؟

۽ هي دل ڇيهون ڪندڙ غزل پڙهي ڪهڙو دل وارو پنهجي دل ۾ درد محسوس نہ ڪندو؟

ســـجڻ کـــي اي صـــبا! ڪـــا ســـار منهنجـــي رات هئـــي يـــا نـــہ؟
حبيـــبن کـــي هلـــڻ جـــي چوپچـــو پريـــات هئـــي يـــا نـــہ؟

Gul Hayat Institute

ورهيه گذريا وچي ويٺو وساري درد مندن کي،
ڪنهين پر تنهن کي، ڪا وائي ورڻ جي وات هئي يا نه؟

ڪيئن ٿي ڳالهه ڪا منهنجي، پڇين ٿي حال هيٺي ڇو؟
ڪنهين دم لعل جي لب تي برهه جي بات هئي يا نه؟

اسان کي هن جي سڪ هر دم ۽ هن جو ڏيان راتو ڏينهن،
ڪڏهن ڪا هڪ گهڙي هن کي اسان جي تات هئي يا نه؟

گويون مارن ڏي ٿي ڪنوٽيون، هئا سارنگ جا سهيا،
ڦلاريا ڦوڳ ٿي ٿاڏل اٿي برسات هئي يا نه؟

نه لوڙهج دل قليچ آخر پرين توکي ڪندا پنهنجو،
قبولي ڄام ڄامن ڪا، ڪني ڪم ذات هئي يا نه؟

ڏِپ يا دلاسو ڏي نه من کي هُن جهان جو،
واعظ! آءٌ واقف آهيان حديث ۽ قرآن جو.

هڪ لحظو هت گذاريان جو صحبت ۾ يار جي،
مت ٿيو اَبد ۽ حورو قصور ۽ جنان جو.

پنهنجي والد ۽ ناني کي خراج ادب ۽ محبت پيش ڪرڻ جو هي انوکو نمونو ڏسجي ٿو:

دلبر جو آهيان نوڪر روزانا چمي هڪ ڏي،
ماهانو هجي اهڙو ساليانو هجي اهڙو
هر ڪوئي قليچ آخر خسرو ۽ فريدون ٿئي،
جي بابو هجي اهڙو ۽ نانو هجي اهڙو.

هيٺيون غزل بظاهر ته رڳو هڪڙو نهايت دلچسپ ۽ پراثر ڪلام آهي، پر ان ۾ جيڪو بُنِيادي فلسوفي جو سوال سمايل آهي، اهو اهلِ نظر لاءِ غور طلب آهي:

مونکي ميخوار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.
مست سرشار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

Gul Hayat Institute

زهد و تقويٰ ۾ آءُ هوس نہ صنعان کان ڪم،
ڪفر ۾ تار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

تنگ ناموس ڪيو نيهن سڄڻ جي برباد،
خلق ۾ خوار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

ڪالهہ هس خاڪ ۾ آءُ خار ۽ حس کان بہ ذليل،
اڄ ٻلي هار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

دل جيئن دردوندن، برهہ جي بيمارن جو،
مون کي مهندار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

جو ملائڪ هو مقرب، سو قري تي ابليس،
نور مان نار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

ڏس! تہ منصور کي، ڪيئن عذر اناالحق جو ڪري،
برسر دار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

خوف عقبيٰ جا ڏيئي، مون کي منجهايو هو مُلن،
هاڻ سب ڪار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

هُئي مٺي ماٺ، مگر مون کي گدا سان ڏسي گڏ،
گرم گفتار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

طبع منهنجي کي تہ سانگي سندي سنگت ۾ قليچ،
تيز رفتار ڪيو ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو.

Gul Hayat Institute

توبهہ تائب ٿيڻ ۽ ڏٽي کي ٻاڏائڻ بابت گهڻو شعر آهي، پر هيئين شعر ۾ ان جي خلوص تي غور ڪجي ۽ ڏسجي تہ ان ۾ ڪيڏي نہ دل جي گهرائي ۽ کهڙي نہ دلڪش ٻوليءَ سان توبهہ ڪيل آهي:

يري گناهن جي سر تي ياري، الاهي توبہِ الاهي توبہ،
ڪمن کان پنهنجي تي شرمساري، الاهي توبہ الاهي توبہ.
خطا مڪر ۽ فريب ڪاري، غرور بغل ۽ دغا شعاري،
انهن سين ۾ وئي عمر ساري، الاهي توبہ الاهي توبہ.
نہ ڪيم غريبن جي پاسداري، نہ ڪيم يتيمن تي غم گساري،
ٻڌيم نہ مفلس جي آهہ و زاري، الاهي توبہ الاهي توبہ.

هي محبوب جي ساراهہ ۾ قصيدو آهي، ان جي ٻولي تي غور ڪيو ۽ انداز ڏسبو تہ هي روائتي محبوب جي ساراهہ جو قصيدو نہ آهي:

منهنجو محبوب ماهپارو آهي،
سج اڳيان جنهن جو شرم وارو آهي.

ساهہ منهنجو تہ آهي ملڪ سندس،
مليو مون کي فقط اڌارو آهي.

عشق ۾ جيڪو يار! ڪوڙ ڪري،
مُنهن تنهن جو سدائين ڪارو آهي.

عابدن عالمن کان منجهہ ميزان،
عاشقن جو ڳرو ٺُرارو آهي.

ليليٰ مجنون جو وقت ويو گذري،
هاڻ سچ جو ۽ منهنجو وارو آهي.

هي قصيدو نہ آهي جهڙو تهڙو،
جڳ ۾ هي نينهن جو نغارو آهي.

ٿو قسم سان قليچ ٿئي هردم،
ساهہ کان وڌ پرين پيارو آهي.

هڪڙو زبردست غزل آهي، جنهن جو عنوان آهي، ”سهڻا صوفي“ هن قسم جي ماڻهن کي هن قسم جو خراج عقيدت انهن سادن سهڻن لفظن ۾ تمام گهٽ مليو هوندو:

لڪا پٽن ٿا جي، عالم سندي پناهہ اهي،
رلين، پلين ۽ ٻوجهن دلهن جي راهہ اهي.

جي فرقہ پوس نماڻا ٿا ڪوٺجن درويش،
ڏسڻ ۾ گرچہ سدا ساري جڳ جا شاهہ اهي.

ڪنهن جلال سان ۽ پوءِ جمال سان جيارين،
وئي ٿو ظلم سندن ڪن فقط نگاهہ اهي.

فلڪ اتي حسن جي چمڪن ٿا، گر هجن ٿا ڪين،
مٿي چڙهن ٿا لهن ٿا ڪين، هر ماهه هي.

۽ ان شعر تي غور ٿيڻ کپي، ڏسو ته ان ۾ ڪيڏي خوبصورتي آهي:

نه ڏج مرڻ کان اي دل! ساهه ڪر مٿن صدقو،
ڪڍن ٿا جي ته وجهن پڙ ٿا موتي ساهه اُهي.

قليچ اڪثر پنهنجو ذڪ نه اوريندو آهي ۽ سدائين ثابت قدمي استقامت، بهادري ۽ زماني کي منهن ڏيڻ جي نصيحت ڪندو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهُو جو اندر ڪليو پوي ۽ ان مان ڏسجي ٿو ته هن جي دل به زخمن کان آجي نه هئي چئي ٿو:

حياتي پئي اچي گردن تي ڳن ڏيڻ گهرجي،
نه وس هلي ٿو ڪو، لاچار ٿيو جيئڻ گهرجي.
نه آهيان خضر آءٌ ۽ عمر ناهي آب حيات،
هي زهر آهي، جو سقراط ٿي پيئڻ گهرجي.
فلڪ ٿوراند آسمان سان ڪري ڪٺي چؤگان،
هي گوءِ مرد ٿي، ميدان مان نيڻ گهرجي.
قليچ قيد ۾ رهڻو ٿيو پکي وانگي،
پوڻ کان پڃري ۾ هٿ جو هريل ٿيڻ گهرجي.

*

جنهن کي عشق جو تير ڪاري لڳي
جيئڻ تنهن کي هن جڳ ۾ باري لڳي.

نه ايندو ڪڏهن تنهن کي دل ۾ قرار،
جنهن کي ياد جاني سان ياري لڳي.

محبت مرڻ تائين سو ڪيئن ڇڏي،
جنين عشق جي بيقراري لڳي.

کلي تن سان ڳالهائي جڏهن قليچ،
رقيبن جي دل ۾ ڪٽاري لڳي.

*

Gul Hayat Institute

دل سڄڻ کي سدائين ساري ٿي،
ساھ جان تنهن کي نت سنياري ٿي.

انتظار ۾ دوست، دلبر جي،
وصل جون واٽڙون نهاري ٿي.

پنهنجي پياري جا نت پچائي خيال،
پرھ جي باھ پاڻ ٻاري ٿي.

مهر مان هاڻ موٽ منهنجي گهر،
تنهنجي جانب! جدائي ماري ٿي.
دل ويچاري قرب لاءِ قليچ،!
عمر گوندر ۾ ڏس! گذاري ٿي.

يار کي منٿ:

عاشقن کي بہ تہ اي يار! ڪڏهن ياد ڪجي،
دل ناشاد کي ڪو دم تہ سڄڻ شاد ڪجي.

عمر وئي گذري جدائي جي جفا ۾ جاني!
هاڻ پڇاڙيءَ ۾ يلا وصل جي امداد ڪجي.

طرز سانگي جي تي تولاءِ غزل جوڙيو قليچ،
هي تہ حاضر آهي هاڻ پيو بہ ڪو ارشاد ڪجي.

هي مخصوص کل پوگ جهڙي اردو نظم اڄڪلھ ڪٿي ڇپيل نظر نٿي اچي، مون اها گهڻو وقت اڳي اسڪول جي زماني ۾ قليچ جي مجموعي ۾ پڙهي هئي:

دیکھو دیکھو ناز و ادا سے، پیاری میڈم آتی ہے،
دور سے اپنا ہینڈ اٹھا کر، مجھ کو ادھر بلاتی ہے،
جب میں سٹڈا اور سائلینٹ بیٹھوں، سائیڈ میں اپنے بٹھاتی ہے،
تھاؤزنڈ کسز دیکر مجھ کو، دل میرا بہلاتی ہے۔

(روزاني ڪاوش 6 جولاءِ 1993ع)

Gul Hayat Institute

# گھڻ_ڄاڻوءِ گھڻ_گُڻو استاد

انگريزيءَ جا چار شيدائي گڏيم. پهريون هوئنتي جو موليڏني عباسي لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول جي پهرئين درجي جي انگريزيءَ جو ماسٽر سائين ٺاڪر داس..... 20_21 سالن جو سهڻو ڊگھو سنهو خوش پوش جوان هو..... نُنهن کان چوٿيءَ تائين ماسٽر هوءِ سو بہ انگريزي ٽائيپ..... سائين ٺاڪر داس جو خيال اهو ٿي ڏٺو تہ هي سمورو جهان خدا تعاليٰ اُن لاءِ خلقيو آهي تہ سڀ کان پهرئين انگريزي اسپيلون پڪيون وجن، پوءِ ٻيا ڏنڌا ٿين....

..... ٻيو هو سنڌ مدرسي جو سائين ناصر حسين پنجابي، منهن تي سدائين سختيءَ جو تهہ چڙهيل، هن جي ڪائنات جو مرڪز هو انگريزي گرامر.....

... انگريزيءَ جو ٽيون شيدائي نہ پر خفتي هو ماسٽر سوڍا..... هي گرامر جو اُستاد هو گجراتي هندو هو.... اٿئي ويٺي تہ انگريزي گرامر، پر سُتي بستري تي بہ انگريزي گرامر، گھر ويس تہ ڪبٽ گرامرن سان ڀريا پيا هئا. شل نہ ٻُڌي تہ ڪو نئون گرامر جو ڪتاب ڪراچيءَ ۾ آيو آهي! هفتي ٻئي، ٽيچرس روم ۾ مرڪندو ايندو. "This is the new book"------

--- مون لاءِ انگريزيءَ جي اسپيلنگ ۽ گرامر واري پڄري ۾ ماهہ ۽ ساهہ وجهي انگريزي ادب ۽ شاعريءَ کي لال ڪنوار بنائڻ وارو ماڻهو اڃا بہ هڪڙو ٻيو هو. [سنڌ] مدرسي ۾ آءُ هاسٽل ۾ رهندو هوس. حسن علي هاسٽل ۾ منهنجي پاسي واري ڪمري ۾ عبدالرئوف رهندو هو. آئون پنجين ۾ تہ هي ڇهين ۾..... ڇهين ۾ اچي انگريزيءَ جو شوق لڳس. مون کي ٿٽي هاءِ اسڪول کان وٺي ئي هروڀرو غلط سلط انگريزي ۾ ڳالهائڻ جي ڪري ٺوڪ طور پروفيسر ڪوٺيندا هئا. هي مون سان بہ اچيو انگريزيون ڪري مون تي رعب ويهاري،خبر پئي تہ همراهہ جو انگريزي ماسٽر ڪو 'انگريزي ٽائپ' آهي، ماسٽر جون تعريفون ڪريو مٿان ٿيو ڪريو پوي... ماسٽر صاحب انگريزي پڙهائيندو هوس، سو بيت بہ ٻڌائي تہ نثر جا چونڊ ٽڪرا بہ..... آءُ ٽي درجا انگريزي ٺٽي ۾ پڙهي، چوٿين ۾سنڌ مدرسي ۾ آيو هوس. اچڻ شرط بيمار ٿي پيو هوس.سال جي پڇاڙي ۾ موٽي آيو

Gul Hayat Institute

هوس.وڏن پاپڙن پٽڻ ڪانپوءِ اسڪالرشپ وري بحال ٿي ۽ وري داخلا ملي..... اسڪالرشپ جي امتحان ۾ ناپاس ٿيو هوس. ڊاڪٽر دائودپوٽي مهرباني ڪري اسڪالر شپ ڏني هئي. بيماريءَ جي ڪري سڄو سال غير حاضر رهيو هوس ۽ سال جي آخر ۾ مدرسي ڏانهن موٽيو هوس.... چوٿين درجي جو نتيجو نڪتو...... آءٌ پنجاهه جي ڪلاس ۾ چوئيتاليهون نمبر آيس.... سال ڪان پوءِ وري پنجين جو رزلٽ نڪتو. مون سنڌي ۽ عربي فقط ڇڏي ٻيا سيئي پيپر انگريزيءَ ۾ لکيا هئا...... نتيجو هر ڪلاس ۾ روبرو اچي ٻڌايائون، هر سبجيڪٽ جو الڳ..... حسابن ۾ آئون شروع ۾ چٽ هوس..... حسابن جو رزلٽ نڪتو. ماستر اعلان ڪيو "فلاڻا پاس، فلاڻا فيل. رسول بخش علي محمد ڪير آهي؟" آءٌ اٿي بيٺس. "تون پهريون نمبر آيو آهين حسابن ۾." پوءِ سلسلو شروع ٿي ويو. الجبرا: "رسول بخش منگراڻي ڪير آهي؟" آءٌ اٿي بيٺس. "تون الجبرا ۾ پهريون نمبر آيو آهين." انگريزي جنرل. "هڪڙي ڇوڪري ڪان رهيو نه ٿيو اٿي چيائين. "سائين! هي ٽن جدا جدا رسول بخشن جا رزلٽ آهن. هڪڙو منگراڻي، ٻيو علي محمد جو پٽ ۽ ٽيون پليجو." ماستر پڇيو "ڇا ڳالهه آهي؟" مون چيو. "علي محمد منهنجو والد آهي، منگر خان منهنجو ڏاڏو آهي، پليجو منهنجي ذات آهي".

معلوم ٿيو ته مون سنڌ مدرسي ۾ هڪڙو نئون رڪارڊ قائم ڪيو هو.... سڄي مدرسي جي پنجين درجي جي چئني ڪلاسن [A,B,C,D] ۾ پهريون نمبر آيو هوس....

پوئين پيرڊ ۾ پٽيوالي اچي چيو. "رسول بخش پليجي ڇوڪري کي ٽيچرس ڪامن روم ۾ سڏين ٿا."

"توکي مون سڏايو آهي" هڪڙو سنهو پوري قد جو سدا ملوڪ ڳورو نوجوان ماستر وڏي آيو. مون کي هٿ کان وٺي هڪڙي خالي ڪرسيءَ جي پرسان ويهاريائين. پوءِ ٻين ماسترن ڏانهن منهن ڪري سنجيدگيءَ سان چيائين. "هن ڇوڪري جي انگريزي ٽيڪسٽ جو پيپر مون ڏنو هو.هڪڙي سوال جو جيڪو جواب هن لکيو آهي، سو اوهان کي پڙهي ٿو ٻڌايان." پوءِ هن پڙهي ٻڌايو.اهو سوال هو ته "هڪڙي انگريزي گهر جي اڏاوت ڪهڙي نموني ٿيندي آهي؟" مون سٽنگ روم، ڊرائنگ روم، مطالعي جي ڪمري ۾ بورچيخاني بابت ڪتاب ۾ ڏنل احوال ڏيئي، پوءِ لکيو هو ته "انگريزن جا گهر اهڙا ڪشادا، مضبوط، سهڻا ۽ صاف سٿرا ان ڪري آهن، جو انگريز آزاد قوم آهن. اسان جا گهر سوڙها، ڪمزور، ايرا سيرا ۽ گندا ان ڪري آهن، جو اسين هندستاني قوم غلام آهيون. جيسين غلاميءَ مان ڇوٽڪارو نه مليو آهي، تيسين اسان جا گهر اهڙا ئي رهندا. غلاميءَ مان ڇوٽڪارو قربانين بنا نه ملندو." ماستر صاحب جڏهن منهنجي جواب جي هيءَ سٽ پڙهي:

"آزاديءَ جي وڻ کي "The Tree of liberty is watered by the blood of tyrants" ظالمن جي خون جو پاڻي ڏنو ويندو آهي." تڏهن سمورن استادن هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.

Gul Hayat Institute

پهرئين استاد پوءِ نهايت رسمي نموني مون کي مخاطب ٿي چيو. ”رسول بخش! پنهنجي ڪلاس ۽ درجي ۾ ههڙي شاندار ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۽ خاص ڪري ههڙو عاليشان مضمون لکڻ جي ڪري اسين سنڌ مدرسي جا هي سمورا استاد. توکي اهو اعزاز ٿا ڏيون تہ تو شاگرد کي، اسين استادن جي هن ڪمري ۾ پاڻ سان گڏ ڪرسيءَ تي ويهاريون ٿا!“ مون کي ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو. چانهہ گهرايائون، گڏجي پيتيسون، پين سڀني استادن بہ مون کي شاباس ڏني، مون ڪان ڪو بہ لفظ ڪو نہ اڪليو. مون لاءِ خوشيءَ ۽ شڪر گذاريءَ جي اٿاهہ جذبن کي روڪڻ ئي وڏو مسئلو هو. آءُ بُت بنيو ويٺو رهيس. هاسٽل واپس اچي ڪمرو بند ڪري اندران ڪڙو ڏيئي ويهي رهيس. جنهن ڳالهہ جو ڊپ هوم سا ٿي، منهنجي اکين مان بي اختيار ڳوڙها وهي اٿي هليا!

معلوم ٿيو تہ اهو ماستر صاحب،جنهن کي منهنجو مضمون وٽيو هو،سوئي ڇهين درجي کي انگريزي پڙهائيندڙ سائين محمد ابراهيم جويو هو. جنهن جون عبدالرئوف نيڪيون ٿي ڪيون.هاڻي آءُ ڇهين ۾ آيس ۽ عبدالرئوف وارو انگريزي ٽيڪسٽ جو استاد وري منهنجو استاد ٿيو. انگريزي ٽيڪسٽ ۾ رکيل نظمن مان ٻہ هيون. “The Solitary Reaper” (اڪيلي لاهياري) ۽ ‘And Home they Brought her Warrior Dead’ ۽ ”سندس مئل جوڏي کي گهر کڻي آيا. “اهي نظم جڏهن جويي صاحب کي پڙهندو پاڙهيندو ۽ سمجهائيندو ٻڌم ۽ ڏٺم، تڏهن مون کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو معلوم ٿيو تہ سچي شاعريءَ ۾ ڪيڏو نہ اثر، ڪيڏي نہ قوت، ڪيڏو نہ جادو ٿيندو آهي! پوءِ مون کي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ جڏهن اسين ٻيا شاگرد موڪل مهل اسڪول مان ٿڪي ٽٽي ۽ بيزار ٿي موٽندا هئاسين، تڏهن عبدالرئوف ڪڏهن ڪڏهن وڏي واڪي انگريزي شعر پڙهندو، کلندو، گُڏندو ۽ ٽينگ ٽپا ڏيندو ڇو ايندو هو. ڇهين درجي جي اسان واري ڪلاس جو آخري پيرڊ اڪثر انگريزي ٽيڪسٽ جو پيرڊ هوندو هو! هن جهڙو استاد مون اڳ ڪو نہ ڏٺو هو.ٻيا انگريزي ڄاڻندا هئا، گرامر ڄاڻندا هئا. پر اهي ڳالهيون هن جي حالت ۾ هن جي شخصيت جو نچوڙ نہ هيون، هو ٻين کان وڌيڪ گهڻ طرفو، گهڻ ڄاڻو ۽ گهڻ گهڻو هو. استاد هجڻ لاءِ جيڪي خوبيون کپن، سي منجهس حد درجي جون هيون، پر لڳو ٿي تہ هن لاءِ رڳو بهترين استاد ٿيڻ ڪافي نہ هو. هن جي سوچ جي دنيا ان کان وڌيڪ ڪشادي، وڌيڪ پراسرار، وڌيڪ دلڪش ۽ نرالي ٿي لڳي. هن جيڪي ڳالهيون ٿي ڪيون. سي اسان مان ڪنهن جي خواب خيال ۾ بہ ڪو نہ هيون:

ڪاجـــا آنـــدي ڪيچئـــين وٽڪـــاران وائـــي،
سُـــٽي مـــون ســـائي، نيٽـــين ننـــڊ وهـــ ٿـــي.
(شاهہ)

Gul Hayat Institute

مختلف ٻولين جي گهڻن ناولن پڙهڻ کانپوءِ ننڍيءَ عمر ۾ ئي مون کي ڪتابن سان گڏ، ماڻهن کي پڙهڻ جو شوق پيدا ٿي پيو هو. آهستي آهستي ماڻهن جي اندر بابت اول ڏُکا ۽ پوءِ ڪي قدر صحيح اندازا لڳائڻ سکي ويو هوس. مون کي لڳو ته اسان جي ڇهين درجي جي انگريزي ٽيڪسٽ جو ماستر، ماستر کان سواءِ ٻيو به گهڻو ڪجهه آهي، خوبصورت جسم ۽ خوبصورت پوشاڪ سان گڏ خوبصورت ڳالهين ۽ سوچن وارو هي ماڻهو رڳو نفيس ۽ نرم دل نه آهي. مون کي لڳو ته سندس اندر ۾ ڪي آهي، جيڪو سندس نرم نفيس علمي ۽ ادبي ڳالهين مان ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر وانگر بکندو نظر اچيو وڃي. لطيف جون هي سٽون مون گهڻو پوءِ پڙهيون:

”انــدر جنـين ٻاهــر، سُـڌ سـڀ ڪـا تــن کــي!“
”اديــون عبــداللطيف چئـــي، انـــدر آڳ اٿئـــون!“

*

ائين ٿي لڳو ته هي ڪنهن ٻئي پار جو مسافر آهي، اسان کي، سڄي ملڪ کي، دنيا جي سمورن ماڻهن کي اوڏانهن وٺي وڃڻ ٿو چاهي، هندو مسلم جهيڙن کان اڳتي وڏيرن، پيرن، سيدن جي راڄ کان اڳتي ان وقت جي سياستدانن. سر غلام حسين، جي ايم سيد، کهڙي ۽ سر عبدالله هارون، نواب بهادر يار جنگ، جناح، نهروءَ ۽ گانڌيءَ جي دنيا کان اڳتي، مون شعوري طور ڪانئس وڌ ۾ وڌ سکڻ جي ڪوشش ڪئي، ٻين ڳالهين سان گڏ ڪانئس خوبصورت انگريزي نثر ۽ نظم پڙهڻ ۽ سمجهڻ سکيس. هن کان ئي مون کي اهو شوق حاصل ٿيو ته ماڻهوءَ کي نه رڳو انگريزي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ اچي، پر ان کي هڪڙي ڪارائتي ذهني، فڪري ۽ روحاني اظهار جي وسيلي ۽ پنهنجي اندر ۽ شخصيت ۾ واڌ، بلنديءَ ۽ انقلاب آڻڻ جي قوت جي سرچشمي طور ڪتب آڻي، ان مان خوشي ۽ مزو وٺڻ ۽ ان کي ماڻڻ جون ڏانءُ به اچڻ گهرجي. آئون سمجهان ٿو ته دنيا جا جيڪي غير معمولي ماڻهو ٿي گذريا آهن. انهن کي پنهنجي مادري ۽ ملڪي ٻوليءَ کان سواءِ ڪا نه ڪا عالمي ٻولي جهڙوڪ: لاطيني، سنسڪرت، چيني، عربي، فارسي، انگريزي يا فرينچ وغيره ايندي هئي، اڄ به دنيا جي ماڻهن کان انگريزي، فرينچ، روسي وغيره عالمي ٻوليون کسي وٺجن ته باقي وڃي ٿورا اهڙا ماڻهو بچندا، جيڪي ذهني، فڪري ۽ روحاني جيتامڙا نه هجن. دنيا جي جديد سائنسي ۽ انقلابي سماجي سوچ سان منهنجي واقفيت به جويي صاحب ڪرائي، جنهن جي هدايت هيٺ مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ان نئين سماجي سوچ مطابق لکيل سياسي لکڻيون انگريزيءَ ۾ پڙهيون. هو مون کي ايم-اين-راءِ جي هفتيوار انگريزي اخبار ‘Redical’ پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. اتان ئي اهو سوچ ۽ عمل جو سفر شروع ٿيو جنهن آڻي في الحال هتي رسايو آهي.

---

رسول بخش پليجي صاحب جي ڪتاب ”ڪوٽ لکپت جو قيدي“ مان ڪوريل (ت.ج)

Gul Hayat Institute

# محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب

سائين منهنجا!

توهانجي لوڪ ادب اسڪيم جي سترهين ڪتاب ”لوڪ گيت“ جي سرسري مطالعي ڪرڻ بعد دل گهري ٿي ته هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ پنهنجا تاثرات توهان تائين پهچايان.

موئن جي دڙي جي آڳاٽي تهذيب بابت واڪاڻ ٻڌڻ، پنيور جي ڪوتائيءَ مان لڏل سُڏريل تهذيب جي نشانن ملڻ ۽ شاهه جي رسالي پڙهڻ ۽ ان بابت ٻڌڻ ڪانپوءِ به منهنجي ذهن ۾ سنڌي تمدن بابت جيڪو ايمانداريءَ وارو تصور موجود پئي رهيو آهي، سو هڪ سطحي، اڌ اُسريل ۽ قدري خشڪ، نيم تمدن جو آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ عظيم ثقافتي شخصيتن ۽ نشانين ڪي نظرانداز ڪبو ته پوءِ سنڌ جي هيستائين معلوم ڪيل ثقافتي تاريخ ۾ فقط ڪي ٿوريون اهڙيون ڳالهيون وڃي رهنديون، جي ان ڪي دنيا جي ٻين ثقافتن کان ممتاز يا گهٽ ۾ گهٽ نرالو ٻڌائي سگهن. سنڌ جي مجلسي زندگيءَ بابت جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي، تنهن مان هڪ خانه بدوش، لطيف جذبن کان محروم ۽ گهرن احساسن کان عاري سماج جو تمدن ملي ٿو. بنگال، پنجاب، مهاراشٽر، مني پور بلڪه خود صوبه سرحد جهڙن آسپاس جي علائقن جي رقص، سرور، ولولي، جوش ۽ جذبي جي داستانن جي مقابلي ۾ سنڌ جي ڳُجهارتن ۽ پرولين تائين محدود ڪچهرين جو تصور اهڙو ته ٻُسو ۽ ڦِڪو ٿو لڳي جو هن علائقي جي ماڻهن ۽ انهن جي پيدا ڪيل تمدن لاءِ سچ پچ دلي پيار ۽ پنهنجائيءَ جو جذبو پيدا ٿي ئي نٿو سگهي. سواءِ لطيف جي اسان جي شهر جي دنيا به مجموعي طور انهن پُرخلوص دل جي گهراين مان نڪتل رنگ برنگي ۽ دل موهيندڙ نغمن کان خالي آهي، جن سڄيءَ دنيا ڪي عرب، ايراني، اسپيني، جرمن ۽ انگريزي شاعريءَ جو متوالو ڪيو آهي. ايئن ٿو معلوم ٿئي ته اسانجي شاعرن وٽ دل ڪانه هئي ۽ انهن سچ پچ هڪ رسم جي پورائي پئي ڪئي آهي. عوامي شعر نالي ته جڻ اسان وٽ ڪا شيءِ ئي ڪانه هئي. جڏهن جڏهن ڪنهن بنگالي يا پنجابي دوست

Gul Hayat Institute

سان عوامي شاعريءَ جو ذڪر ٿيندو هو تہ وڏي شرم سان اها ڳالهہ قبول ڪرڻي پوندي هئي تہ اسان وٽ اهڙي قسم جي ڪا ڳالهہ آهي ئي ڪانہ. مختلف رسالن ۾ ڪتابن ۾ عوامي شاعريءَ جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ پڙهيو هو سو ايترو تہ اڻپورو ۽ ٿورڙو هو جو ان جي بنياد تي ڪابہ پختي راءِ قائم ڪري نٿي سگهي ويئي.

انهيءَ ذهني پس منظر رکندي جڏهن مون ”لوڪ گيت“ پڙهيو، تڏهن منهنجي خوشي، حيرت ۽ فخر جي حد ڪانہ رهي. هنن لوڪ گيتن ۾ توهان جيڪا شاعري گڏ ڪري پيش ڪئي آهي، سا سنڌي عوام جي جذباتي ڪائنات جي تنوع، حُسن ۽ پاڪيزگيءَ جو لافاني ثبوت آهي. هنن گيتن ۾ سنڌ جي عام مردن ۽ عورتن جي دلين جون اُمنگون ۽ ارمان، چاهہ ۽ مايوسيون، اُڇلون ۽ اُٿلون، ڏک ۽ پيڙائون، سادگيون ۽ سچايون، وفاداريون ۽ عظمتون سمايل آهن. ڪن ڪن گيتن جون سٽون بلڪ سڄا سڄا بند دنيا جي عظيم ترين شاعريءَ جون سِٽون لاهين ٿا. هن ڪان وڌيڪ پُرخلوص ۽ بي ساختہ شاعريءَ جو مثال مشرق توڙي مغرب ۾ نٿو ملي. اسان کي معصوم پيار جي پهرين اُمنگن ڪان وٺي عظيم محبتن جي زبردست قربانين تائين، سانوڻ ٿيج، هچڪي ۽ پٽهاري جي خالص گهريلو رومان ڪان وٺي لبڪيائڙي لوءِ، همرچو جي وجد آفرين ميناج پيري ترنم تائين هر جذبي جو اظهار ملي ٿو. ”ترررر، ترررر“ جهڙن لفظن ڪان بي نياز خاص موسيقي پيريل گيتن جو وجود انگريز اثر تہ روح کي اصل مست بڻايو ڇڏي. توهان جو مهاڳ پنهنجي جاءِ تي هڪ انفرادي علمي مقام ۽ ادبي دلڪشي رکي ٿو. سنڌي ادب ۽ عوام کي هئڙي خوشيءَ جي خزانن سان پرپور ڪاڻ ڀُولي ڏيڻ لاءِ سنڌي عوام جا موجوده توڙي آئنده نسل توهان جا هميشہ هميشہ لاءِ ٿورائتا ۽ احسانمند رهندا.

توهان هيستائين انهيءَ اسڪيم هيٺ جيڪي ڪجهہ پيش ڪيو آهي، سو هڪ ايڏو عظيم ۽ ناقابلِ تصور ڪارنامو آهي، جنهن جي سرانجام ڏيڻ لاءِ هڪ عالم نہ پر عالمن جو هڪ پورو نسل بلڪ گهڻا نسل درڪار هئا. اهي زبردست ۽ قيمتي ڪتاب اسان جي ادبي محل جا مضبوط ۽ دائمي پيڙهہ جا پٿر رهندا. سنڌ جو اڄوڪو تنگ نظر ۽ پنهنجي نفعي نقصان ڪان غافل ۽ لاپرواهہ نسل پنهنجي اهڙي وڏي خوش بختيءَ ڪان واقف هجي يا نہ، پر تاريخ توهان کي سنڌي ادب جي انهيءَ عظيم ڪچهريءَ جي پهرين صف ۾ جاءِ ڏيندي، جن هن جو مير مجلس لطيف آهي.

سنڌ جي هڪ عام ماڻهوءَ ۽ سنڌي ادب جي هڪ عام چاهيندڙ جي حيثيت ۾ آئون توهان جي عظيم ڪارنامن لاءِ توهان جا ٿورا مڃيان ٿو.

محترم رسول بخش پليجو

ايڊووڪيٽ، حيدرآباد (5 جنوري 1966ع)



Gul Hayat Institute

# مخدوم طالب المولىٰ

ون يونٽ مڙهجي چڪو هو. ون يونٽ جي علمبردار فيلڊ مارشل ايوب خان ۽ سندس خاص الخاص نائبن ڪالاباغ ۽ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي بلي بلي هئي. سنڌي وڏيرن جي وڏي اڪثريت سندن پنيان هئي. زميندار طبقي جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سياستڪار ون يونٽ جي خلاف بيان ڏيندا هئا, جهڙوڪ: جي ايم سيد صاحب جنهن "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" نالي ڪتاب لکيو هو ۽ سندس رفيق رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي, شيخ خورشيد صاحب وغيره هئا. جن اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ متعلق ٿيل ووٽنگ ۾ ون يونٽ خلاف ووٽ ڪيو هو.

ون يونٽ خلاف عملي جدوجهد ۾ ڪو بہ وڏيرو سياستدان شامل نہ هو. اها جدوجهد شروعات ۾ فقط ڪن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن سنڌي اديبن پئي هلائي. سندن مُکيہ ٽارگيٽ هو فيلڊ مارشل محمد ايوب خان طرفان قائم ڪيل تعليمي سڌارا تجويز ڪرڻ واري ڪميشن جنهن جو سربراهہ مسٽر شريف هو ۽ ان ڪري اها ڪميشن تاريخ ۾ "شريف ڪميشن" سڏي وئي.

ان ڪميشن سفارش ڪئي هئي تہ آئنده سنڌي ٻولي, تعليم جو ذريعو فقط ڇهين جماعت تائين رهندي. ستين جماعت کان وٺي تعليم اُردو ٻوليءَ ۾ ڏني ويندي. جنهن وڏيراشاهيءَ سنڌي قوم جي سموري هڙ پئي ڪاڏي, سا ايوب ۽ سندس هر حڪم تان قربان قربان پئي ٿي. سنڌي قوم جي وجود خلاف اهو قهر جو آرڊر ٻڌي وڏيرن سياستبازن ان جو ڪو بہ نوٽيس ڪو نہ ورتو ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ جو سجو بار سنڌي ادبي سنگت جي انهن باشعور ۽ باضمير مُٺ جيترن ترقي پسند دوست اديبن تي اچي پيو. جن جي ڪيسي ۾ پائي بہ ڪا نہ هئي.

چرچل جو اهو فقرو مشهور آهي, جيڪو هن جرمنيءَ طرفان برطانيا ڪي گوڏن ڀر جهڪائڻ جي مهم دؤران لنڊن ۽ ٻين شهرن تي جرمن بمبارن ڪي ڪيرائيندڙ برطانيا جي ويڙهو جهازن جي پائلٽن ۽ توبچين جي باري ۾ چيا هئا, "تاريخ ۾ هن کان اڳ ڪڏهن بہ ايترن ٿورن ماڻهن ايترن گهڻن ماڻهن ڪي ايترو احسانمند نہ ڪيو هو جيترو اسان جي ويڙهو جهازن جي پائلٽن ۽ توبچين سموري انگريز قوم کي ڪيو آهي."

Gul Hayat Institute

جيڪڏهن سنڌ ۾ بہ ڪو چرچل جي پايي جو پنهنجي وطن سان وفادار مُدبَر هجي ها، تہ جيڪر هوان دؤر جي مُٺ جيترن ترقي پسند سنڌي اديبن کي بہ ڪن اهڙن ئي تاريخي ۽ لافاني لفظن سان خراج تحسين ڏئي ها.

جڏهن سنڌي وڏيرا ون يونٽ مڙهائي، ايوب کان ڪرسيون وٺي، مخالفت جو نالو ڳٽائي، پنهنجا پيٽ پرڻ ۾ ڪٺا نہ ٿي پنا، تڏهن سنڌ جا فاقن جا ماريل مُٺ جيترا سنڌي اديب، ايوب شاهيءَ جي ڦهري ڪوٺ تي سر ڏڙ جي بازي لڳائي، هلائون ڪري رهيا هئا. انهن اديبن مان جڏهن بہ ڪنهن تي ڪنهن سبب جي ڪري، مونکي ڏک يا رنج ٿيندو آهي يا ڪاوڙ ايندي آهي، (اياز ۽ رباني جهڙا جوان تہ باقاعدي توبهہ تائب ٿي ”سنئين رستي“ تي اچي ويا آهن) تڏهن منهنجي اکين اڳيان اٽڪل 25 سال اڳ جو سندن اهو ڪردار بہ ياد ايندو آهي. جڏهن هو نڌڻڪي سنڌي قوم جا اڪيلا وارث هوندا هئا ۽ ڪين صبح شام، سواءِ ون يونٽ جي ڏاهڻ ۽ سنڌ بچائڻ جي ٻي ڪا بہ وائي وات نہ هوندي هئي.

پوريءَ ٻي نہ تات، جيڪا سا جتن جي. (شاهہ)

جڏهن اسلامي تحريڪ، مڪي جي سرمائيدارن سان پهرين وڏي ٽڪر جي موقعي تي، مٺ جيترن تحريڪ جي حامين، مڪي جي سردارن جي وڏي لشڪر کي شڪست ڏني هئي، تہ انهن آخرين تي ڳڻ جيترن مجاهدن جي همتن ۽ جرئتن کي خراج تحسين ڏيندي فرمايو ويو هو تہ، ”اهل بدر تي دوزخ جي باهہ حرام آهي.“

اها ڳالهہ ڳڻي، آئون پنهنجي دل ۾ چوندو آهيان تہ جيڪي ايوب شاهيءَ جي آمرانہ اڳ ۾ان وقت ٽپي پيا هئا، جڏهن سنڌ جو سمورو وڏيرو طبقو هاٿي وانگر عيش عشرتن ۾ مگن هو تن مست ملنگن ۽ سنڌ جي فقير عاشقن تڏهن جيڪا پورهيا ڪيا، جيڪي مڙسيون ڪيون، تن کي وسارڻ کان وڏي ٻي انصافي ٻي ڪا نہ ٿيندي.

چرچل ٻي جنگ عظيم جي موقعي تي قوم کي خطاب ڪندي چيو هو ”هن جنگ جي موقعي تي اچو تہ ائين پتوڙيون، لوچون ۽ لڙون جو جيڪڏهن اسان جي شهنشاهيت هن کان پوءِ هزار سال بہ قائم رهي تہ بہ دُنيا اسان جون ڳالهيون ياد ڪري ائين چوڻ تي مجبور ٿئي. هن انگريز قوم جي قومي زندگيءَ جي بهترين گهڙي اها هئي جڏهن هو جرمن درندن جي خلاف جنگ پئي وڙهيا.“

منهنجي خيال ۾ سنڌي ادبي سنگت جي جهنڊي هيٺ ون يونٽ خلاف سنڌ جي وطن دوست ترقي پسند اديبن جي اڳواٽيءَ ۾ جيڪا شاندار جدوجهد شروع ٿي، ان جدوجهد جي تاريخي گهڙي اسان جي قوم جي عزت، آبرو وجود ۽ حيثيت بچائڻ جي ڏکي جدوجهد جي بهترين تاريخي گهڙين ۾ شمار ڪئي ويندي.

اها ڳالهہ قبول ڪرڻي پوندي تہ جيڪڏهن ون يونٽ جي مخالفت ۾ وڙهندڙهن ننڍڙي علمي ادبي ٽولي جي پٺن تي، پاڪستان جي ترقي پسند تحريڪ جو اخلاقي،



Gul Hayat Institute

نظرياتي ۽ روحاني هٿ نہ هجي ها، تہ اها جيڪر ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي، انهن سرڪاري ياجوجن ماجوجن جو ڪاج ٿي وڃي ها. جيڪي شهر جي بهترين هوٽلن ۾ اڏا ڄمايو ـ سنڌي قوم ۾ ذهني فڪري مورچي تي انتشار ۽ بي ويساهي ڦهلائڻ ۽ ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ جي سازش ۾ رات ڏينهن مشغول هوندا هئا ۽ اڄا تائين ان ڪِرت ۾ لڳا پيا آهن. ان دؤر جي اديبن کي رُڳو ڏسيو ماڻهُو جي بڪ لهيو ٿي وئي.

محمد ابراهيم جويو، شمشير، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، مولاناگرامي، اياز، سراج، جمال ابڙو، حميد سنڌي ۽ ٻيا راڄ مڙسن جا هئا. آئون بہ ساڻ جي پهرين صفن ۾ سرگرم هئس. "انڌا اونڌا ويچ" مون انهن ڏينهن ۾ لکيو هو. ايجنسين ماڻهُو پرتي ڪري اسان کي ڪافر ٺهرايو ۽ سمورن ترقي پسند سنڌي اديبن تي غداريءَ جو ٺپو هڻائي ڇڏيائون. ڪفر جي فتوائن جا انبار ڪنا ٿي ويا. يونين ڪائونسلن ۾ ٺهراءُ پاس ٿيڻ لڳا تہ هنن ڪافرن خلاف جهاد جائز آهي ۽ ڪئي ويندي. ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي مون، اياز ۽ جويي صاحب کي چئي انهن ماڻهن خلاف قانوني ڪيس داخل ڪيو. جيڪو ڳچ عرصو هليو. تان جو ڪامريڊ حيدربخش جتوئي هڪ ڏينهن وچ ۾ پئي رضانامو ڪرائي ڪيس ختم ڪرايو. اسان جي خلاف الزام تراشيءَ جو مُکيہ مرڪز حيدرآباد جي هڪڙي روزاني اخبار هئي.

ان جنگ ۾ سنڌي اديب ان وقت ڏاڍي بلڪل اڪيلا هئا. ان ڦهري دؤر جي ان منزل تي سندن ڪو بہ واهر ۽ وسيلو ڪو نہ هو. جي هو ان منزل تي هٽيار ڦٽا ڪن ها تہ امڪان آهي تہ ون يونٽ اڃا بہ قائم هجي ها ۽ جيڪي وڏيرا ون يونٽ کان پوءِ ڪرسين جا ڏٽي ٿيا ۽ اربين روپيا ڪمايائون، سي شايد اڃا تائين جهنگلن ۾ سڪا زور پيا ڏين ها.

ان وقت حاڪم طبقي ۽ ان جي سياست سان واڳيل هڪڙو ماڻهُو سنڌ پاران وڙهندڙ اديبن جي فُقرا لڏي جي خالص علمي ۽ ادبي مورچي تي پاسو جهليو بيٺو رهيو ۽ ڪڏهن بہ سنڌ لاءِ جاکوڙيندڙ ترقي پسند وطن دوست اديبن جو ساٿ ڇڏي، ڪانئن مُنهن نہ موڙيائين.

سهسين سائر گجن، تہ وءِ سهج نہ مٿي سهڻي (شاهہ)

Gul Hayat Institute

هن جا ٻيا هزارين لکين حُبدار ۽ مداح سندس ٻيا انيڪ گڻ ۽ قرب ياد ڪندا. پر جڏهن بہ مون کي اهو زمانو ياد ايندو آهي ۽ ان زماني ۾ سندس ڪردار ياد ايندو آهي، تڏهن آئون سوچيندو آهيان تہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي گُوناگُون زندگيءَ جا ٻيا سمورا ڪم هڪڙي پاسي ۽ مٿي ذڪر ڪيل سندس وطن دوست علمي ادبي مؤقف ٻئي پاسي. وطن جي ماڻهن تي آيل ان ڏکيءَ مهل اهڙي اهم مورچي تي پنهنجن جو پاسو وٺي بيهڻ ڪري بہ هو سنڌ جي تاريخ ۾ هميشہ ياد رهندو.

شال رب جون مٿس دائمي رحمتون وسنديون رهن.

# فاضل سدائين آهي…

**(شهيد محمد فاضل راهو جي شهادت تي جناب رسول بخش پليجي جو تاثر)**

**(محترم رسول بخش پليجو علاج لاءِ لنڊن ۾ هو اتي کيس پنهنجي پياري ساٿي محترم محمد فاضل راهوءَ جي قتل جي دل ڏاريندڙ خبر ملي. اها خبر ٻڌڻ سان جناب پليجي جي دل تي ڪهڙا جبل ڪِريا، ڪهڙيون وِيرون چڙهيون، ان جو اندازو هن تاثر مان ٿئي ٿو جيڪو سندس ئي آواز ۾ پريل ڪيسٽ تان اُتاريو ويو آهي. ڪيسٽ ۾ ڳالهائيندي ڪٿي هُو خاموش ٿي وڃي ٿو. سندس گلو ڀرجي ٿو اچي، جهيڻو آواز ٽُٽي ٿو پوي ۽ سُڏڪن ۾ دٻجي وڃي ٿو پوءِ وري آهستي آهستي ڳالهائي ٿو ته ڪٿي ڪٿي ڪي لفظ ۽ بيت جون سِٽون به پوريءَ طرح سمجهڻ ۾ نٿيون اچن. انهن جاين تي نشان.... ڏنو ويو آهي. ممڪن آهي ته ڪِن سِٽن يا جملن ۾ ڪي لفظ رهجي ويا هجن، جنهن لاءِ اڳواٽ معذرت خواهه آهيون.)**

**(ادارو)**

Gul Hayat Institute

منهنجي آخري ملاقات ٿي تڏهن، جڏهن آءٌ آيس پئي هيڏانهن، هڪڙو به ڏينهن اڳ ۾ مليا هئاسون. پوءِ خيال هو ته ٻه ٽي مهينا.... هيڏانهن مجبورن اچڻو پيو بيماريءَ جي ڪري، منهنجو خيال ڪونه هو ڇاڪاڻ ته تمام گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون هيون، گهڻا مسئلا هئا، گهڻين ڳالهين تي اختلاف ڪرڻو هو گهڻيون صلاحون مصلحتون ڪرڻيون هيون. سوچيوسون ته هتان ٿي ٻه ٽي مهينا گذاري پوءِ وڃي، سموريون ڳالهيون سوچبيون ۽ صلاح مصلحتون ڪبيون، ائين گذريل سال اسان جي ملاقات تڙ تڪڙ ۾ ٿي هئي.... لانڍيءَ ۾ گڏ هئاسين. تمام بيمار هوس. طبيعت تمام نيڪ ڪانه هئي. پوءِ وري فاضل بيمار ٿي پيو ۽ سندس

طبيعت تمام گھڻي خراب ٿي وئي ۽ پوءِ مان اسپتال ۾ آيس. پوءِ پاڻ به اسپتال ۾ آيو ۽ ملاقات ڪونہ ٿي. وري پاڻ جيل ۾ هو ۽ آئون وري اسپتال ۾ هليو آيس. اهو جيڪو سمورو دؤر جيڪو ٻن سالن جو دؤر هو. سو وري ملاقات ڪانہ ٿي. وري نڪتاسين. اهي دؤرا، ڳوٺ وياسين. اڃا هڪڙي رات ويناسون تہ مون کي الائي ڪيڏانهن ڇا جي لاءِ اچڻو هو مون کي ٻئي ڏينهن ڪو پروگرام هو تنهن ڪري پاڻ اتي سندس ڳوٺ ڇڏي اڌ ڪلاڪ ويناسون. پوءِ هليا آياسون. چيوسين ملنداسين. مان دادو نڪري ويس ۽ پاڻ ٻئي پاسي ويو. چيوسين تہ وري ملنداسون ۽ سڀ ڏهن سالن جون جيڪي ڪسرون آهن، اهي پوريون ڪنداسون...

هتي هن واقعي کان بہ ٽي ڏينهن اڳ فون تي مون سان ڳالهايائين. جيئن هميشہ چوندو آهي، ”ڪنهن ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪجانءِ ڪو مسئلو هوندو تہ حل ڪنداسون.“ پڇيائين تہ ”ڏوڪڙ تو وٽ آهن؟“ چيم تہ ”مون وٽ ڏوڪڙ آهن.“ ”ٻيا ڪپڻ؟“ چيم، ”ڪپڻ..... گهڻا نہ ڪپڻ.“ چيائين تہ ”موڪليون ٿا. ڏکيو سکيو پر مسئلي کي حل ڪبو.“ اي اين پي جي ميٽنگ ٿي هئي، تنهن ۾ ويٺا هئاسون. اي اين پي يو-ڪي جي برطانيا جي دوستن جي ميٽنگ هئي تہ اتي اطلاع پهتو... ماڻهو فاضل بابت سڀ ڳالهيون ڪري سگهن ٿا پر آئون ڪونہ ٿو ڪري سگهان. ”ڇا چوان!“ ”مان فاضل جي باري ۾.“ منهنجي لاءِ اهو مسئلو آهي تہ مان ڪيئن چوان تہ، محمد فاضل هيڙو هو هيڙو هو. ”هو“ اکر منهنجي لاءِ چوڻ ڏکيو آهي. محمد فاضل سدائين آهي. آئون چوان فاضل اڃا پيو هتان وينداو هتان وڃڻو آهي. سياڻي ايندو پرهين ايندو. فاضل کي ٽيليفون ڪريو. ڪا بہ خرابي ٿئي فاضل کي فون ڪريو. فلاڻو ماڻهو موڪليو فاضل کي ٽيليفون ڪري فاضل کي هٿ ڪري اچي، فاضل کي سڏايو فاضل سان صلاح ڪريو. فاضل کان پڇون..... هاڻي وري چئون تہ فاضل هو. گذاري ويو! مون تہ پويان تار بہ ڪانہ ڪئي. فاضل جي گذارڻ کان پوءِ ڇا چوان تہ ڇا ٿيو! مون کي همدردي آهي!؟ ڪنهن سان همدردي ڪريان! همدردي مون سان ٿيڻ کپي ۽ آئون ان پوزيشن ۾ ڪونہ آهيان جو ڪنهن ٻئي سان ان باري ۾ ڳالهائي سگهان...

Gul Hayat Institute

محمد فاضل جي باري ۾ ڳالهہ ڪري ڪانہ ٿي سگهجي. ان ڪري جو هو اول تہ منهنجو ڀاءُ هو. اسان سيني جو ڀاءُ هو. ساٿي هو. اڳواڻ هو اکين جي روشني هو. ٻانهن جو ٻل هو. سڀ ڪجهہ هو. دُنيا ۾ جيڪي بہ شيون چئجن سي هو. آئون سمجهان ٿو تہ، اهي سڀ شيون هو جيڪي گڏ آهن. سدائين هونديون. پر اسين ايترو تہ ويجهو هئاسين هڪٻئي جي 18، 19 سالن کان جو آئون ان جي باري ۾ پاڻ کان فاضل کي الڳ ڪري ان بابت سوچيان ۽ ڳالهائيان ۽ ويچار ڪريان، سو ان باري ۾ مون ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هو تہ ڪو محمد فاضل ڪا الڳ شيءِ آهي ۽ ان تي ويچار بہ ڪبو تہ هُو ڪهڙو ماڻهو آهي. ماڻهو آسمان ڏسي ٿو چنڊ ڏسي ٿو

تارا ڏسي ٿو ان تي ويچار ڪري ٿو چنڊ ڇو ايترو چمڪي ٿو ۽ ڇو ايترو حَسين !؟ آسمان ڇو آهي!؟ چنڊ بہ آهي، تارا بہ آهن، فاضل بہ آهي. هوا ڪان سواءِ ماڻهُوءَ کي سيءُ بہ ڪونہ ٿو لڳي. سرديءَ ۾ بيهي سگهي ٿو پر تہ بہ ماڻهُو هوا ڏانهن ڌيان ڪونہ ٿو ڏئي تہ هوا آهي، تہ فاضل ڏانهن ماڻهُو ان معنيٰ ۾ ڪڏهن ڌيان ئي ڪونہ ڏنو تہ فاضل جي قيمت ڇا آهي؟ فاضل ۾ ڪهڙيون خوبيون آهن؟ فاضل ۾ گُڻ ڪهڙا آهن ۽ فاضل شيءِ ڪهڙي آهي ۽ فاضل هستي ڪهڙي آهي؟ بس آهي ائين ئي هئڻ کپي، ايئن هو. اها قدرتي ڳالهہ آهي، فاضل هو. ان ۾ ڪابہ عربي فارسي ڪانهي. فاضل آهي. فاضل کي اهڙو ئي ماڻهُو هئڻ کپي. فاضل کي ٻيو ڇا هئڻ کپي؟ فاضل اهڙو ئي هو هميشہ جيئن ڏٺو هوسين. تڏهن بہ فاضل اهڙو هو ۽ هاڻي بہ فاضل اهڙو آهي، سدائين اهڙو رهندو.

فاضل جيڪڏهن سوچجي ٿو تہ ايئن ٿو لڳي تہ ڄڻ صدين جو طوفان سنڌ جي صدين جي جدوجهد جو نچوڙ هو ۽ آهي. سنڌ جي تاريخ جو، سنڌ جي عوام جي جدوجهد جو عڪس هو خمير هو پر عرق بہ هو. فاضل تاريخ جي طرفان سنڌ جي مظلوم، محڪوم ۽ بهادر عوام کي ڪو انمول ۽ بي بها تحفو هو. هن جو تن ۽ من، هڪ ٻئي کان وڌيڪ سهڻا هئا. اياز چيو آهي:

”جيـــــئن جـــــت.... ســـــاري رات ســــــرهاڻ،
تـــــن مڪـــــڙين جـــو ميـــــڙ آ، مـــــن خـــــوبين ڪـــــاڻ،
آڻـــــي ٿـــــو ڪـــــاوڇتـــــو قـــــدرت تنهنجـــــي ڪـــــاڻ،
مـــــون ســـــي چيومـــــاڻ، وٿ گـــــل گـــــلاب جـــــو.“
(اياز)

سدا ملوڪ سهڻو ڪنڌار، شينهن مڙس، ڏٺي بکون لهن، جيڪي سجاڻين سي سجاڻين! هرڪو ماڻهُو اوچتو ڏسي تہ ڇوي مڙس مڻيادار آهي. جن رُڳو نالو ٻُڌو تہ اچي اکين ڏٺي چون تہ جيڪو ٻُڌو هوسين سو ڏٺوسين.

اڪـــين ســـوئـــي اوڙڪيـــو جـــي ڪـــنـــين ســـوڻ ڪـــرن،
مـــــاءُ منهنجـــــو مـــــن، جـــــام پســـــندي ئـــــي پيتـــــو.

فاضل ۾ اهي سموريون خوبيون هيون، جيڪي اسان جي شاعرن، اديبن، فنڪارن سنڌ جي سورمن بابت ڳايون آهن، وڄايون آهن، جيڪي مڙسيءَ جا تصور آهن روايتي طور اسان جي تاريخ ۾، سخي هجي، بهادر هجي، ڏاتار هجي، سورهيہ، اڻموٽ، حوصلي وارو هجي، فاضل سمورين خوبين جو مجسمو هو... پوءِ خوبيون منجهس ختم ٿي ويون!؟.... بهادر... آءٌ ساڻس هر حال ۾ رهيو آهيان. ڏينهن رات، آڌيءَ مانجهيءَ، ڏک سک، اهڙا ٽائيم بہ جن تي ماڻهُوءَ جي دل دهلجي

Gul Hayat Institute

وجي ۽ ماٺهُو پريشان ٿي وجي ۽ مُنجهي پوي ۽ ٻولي ڪُٽي وجي. ماٺهُو چوي ته هن ڪان پوءِ وري صبح ڪونه ٿيندو. جيڪي اڳوٽيون ڳالهيون سي ويون. هاڻي وري نئون مسئلو پيدا ٿيو هن کي حل ڪري ته سگهبو ئي ڪونه. وِيرَ چڙهي وئي ٻوڏ چڙهي وئي..... فاضل ڪڏهن به مونجهاري کي قبول نه ڪيو. فاضل ڪڏهن به مُنجهيو ڪونه. ڪڏهن سندس نرڙ تي گهُنج ڪونه هو. آءٌ پريشان ٿي ويندو هوس. مون چيو "فاضل وياسين." چوي، "ڪا ڳالهه ڪانهي ڪوبه مسئلو ڪونهي." انگريزيءَ ۾ آمريڪي چوندا آهن: !No Problem Man، سو فاضل No Problem ماڻهُو هو. ڪو مسئلو ڪونه هو. ڪهڙو به مسئلو هجي، ڪهڙي به نوعيت جو هجي، ڪهڙي به قسم جو هجي، فاضل تي نظر پوندي ماڻهُو چوندو ته، "مسئلا حل ٿي ويا." ايئن جي اچ نه اون پيير پرين جي ويا.

پاور هائوس جيئن چئجي، فاضل جي پرسان ماڻهُو لڳو ڄڻ ته پاور هائوس سان ڪنيڪشن ٿي ويو. ماڻهُوءَ ۾ ڄڻ ته بجليون پرجي ويون. ماڻهن ۾ اعتماد ۽ حوصلي جون روشنيون پرجي ويون. ماڻهُو هڪڙي ماڻهُوءَ بدران ڄڻ ته فوجون ٿي ويو. لشڪر ٿي ويو. لشڪر جون قوتون وڏي ويون. ماڻهُو زمين تان ڪجي عرش تي پهچي ويا ويو. مونجهارا دُور ٿي ويا. پريشانيون دُور ٿي ويون. ڳڻتيون دُور ٿي ويون. هر مسئلي جو حل، مُرڪندڙ مانيٽو محبت وارو، قربائتو هر ڳالهه ايئن سمجهائيندو ڄڻ ته مسئلا ٿيندا ئي پيدا ان لاءِ آهن ته انهن جو حل ڳولجي. ڏکين ٽائيمن تي زنجير ۾ جڪڙيل، قيدين ۽ بندن ۾ دشمن جي گهيري ۾، جتي ڪابه پرواهه نه هجي، جتي هلڻ جي جاءِ نه هجي، جتي ڪُڇڻ به مشڪل هجي، جتي ڳالهائڻ به بند هجي، جتي ماڻهُو خوفناڪ حالتن ۾ هجي، جتي فرشتن جا پَرَ به جلن ٿا، اتي فاضل کي مون پريشان ڪونه ڏٺو. فاضل پنهنجي پوري جاه ۽ جلال سان پنهنجي سموري سچائي، سموري حوصلي سان، بي ڊپائيءَ سان. فاضل تي مون ڪڏهن به ٻيون ڪي به حالتون ڪونه ڏٺيون. آءٌ سدائين سوچيندو هوس دل ۾، پلا فاضل جو ڪو انت ته ضرور هوندو. ڪو ماڻهُو اهڙو ڪونه هوندو جو بي انت هجي، اهو سوال ئي ڪونه ٿو پيدا ٿئي.

دراصل مان سوچيندو هوس ته شايد ڪوشش ڪري پاڻ تي ضابطو ڪري پنهنجون ٻيون ڪي ڳالهيون ۽ گهٽ وڌايون انهن کي دٻائي، ماڻهُو ڪري سگهي ٿو. ماڻهُو ائين چاهي ته ڪري سگهي ٿو. وري پاڻ کي بهترين ڍنگ ۾ پيش ڪري سگهي ٿو ته هيءُ بهترين ڍَنگ ۾ پيش ڪري ٿو پاڻ کي، پر اڳتي هلي..... ڪمزوريون فاضل ۾ ضرور هيون. هو پيغمبر ڪونه هو. خدا ڪونه هو پر آئون 18، 19 سالن جي زندگيءَ ۾ فاضل جو پاڻي ڪچي ڪونه سگهيس ڪڏهن به نه! ته ڪٿي ماڻهُو چوي ته فاضل هن جاءِ تي اچي ٻيهي رهيو ۽ هيتري پاڻيءَ ۾ هو..... ڪڏهن به نه! فاضل تمام ڏکيو ۽ اونهو ماڻهُو هو. فقط جسماني بهادريءَ جو مسئلو نه



Gul Hayat Institute

هو جسماني بهادريءَ کان ذهني بهادري، جذباتي بهادريءَ جو مسئلو ڳرو ۽ ڏکيو آهي. ڪيترا ماڻهُو جيڪي جسماني طرح سَرُ ڏئي ڇڏيندا پر جيڪي ڳالهيون ڏسندا آهن تن ريتن، رسمن، تصورن، سوچن سان مقابلو ڪرڻ ڪپي. اهو وڏن وڏن، بهادرن کي نمايو ڇڏين، فاضل ان ميدان جو بهادر هو. پراڻا صدين جا تصور، ذات پات جا مسئلا، ڪورٽن جا مسئلا، لاڳاپن جا مسئلا ڪيئي مسئلا هئا. ناراضپائيءَ جا مسئلا، مثلاً جڏهن پهريون ميٽنگون ٿينديون هيون ته فاضل وڃي بندوبست ڪي لڳندو هو اسان ڪچهريون ويٺا ڪندا هئاسين. ”ابا! فاضل ڪيڏانهن ويو!“ فاضل بندوبست پيو ڪري. مانيءَ ۽ رهڻ جو بندوبست پيو ڪري.“ ”فاضل ميٽنگ ۾ ويهه، خبرچار ڪريون.“ ”نه! اوهين جيڪو فيصلو ڪندا اهو پاڻ قبول ڪنداسين، مان ڪريان ٿو بندوبست.“ ”اها ڳالهه ته ڪم ڪونه هلندو، اها ڳالهه غلط آهي، توکي ويهڻو پوندو.“ ويهندو.

ڇئيڪار!.... فاضل هڪڙي جنگ جي سپاهيءَ وانگر ڇئيڪار ۽ فرمانبردار هو. فاضل ۾ بئي ڳالهيون هيون. هُو حڪم ڏئي به ڄاڻندو هو ۽ مڃائي به ڄاڻندو هو. ماڻهن کي پنهنجي پويان هلائي به ڄاڻندو هو ۽ فاضل ماڻهن پويان هلي به ڄاڻندو هو. ساڳئي وقت بلڪه هن ۾ اها به خوبي هئي ته ساڳئي وقت ان ماڻهُوءَ جي پٺيان به هلي ۽ ان تي حڪم به هلائي، مثلاً، منهنجون ڳالهيون ڪيتريون رکندو هو ۽ زندگيءَ ۾ منهنجي ڪابه ڳالهه نه نتايائين پر مون تي حڪم هلائيندو هو. مثلاً: انهن ڳالهين ۾ جنهن ۾ سمجهندو ته غلط آهيان ته هُو بلڪل موقف وٺي مون کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي سمجهائيندو هو ۽ ڪيترين ڳالهين ۾ مون کي حڪم ڏيندو هو. مثلاً: آءٌ ماني ڪونه کائيندو هوس، بيماري هئي، ماني وٽندي ڪانه هئي ۽ ٻيون ڪيئي ڳالهيون هونديون هيون، آءٌ ڪونه ڪندو هوس، حڪم ڏيندو هو. ”بلڪل ايئن ڪبو.“ مثلاً: ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو هو ۽ آءٌ به ڏنو وينو هوندو هوس ته فاضل ايندو ۽ ضرور چوندو ته توکي هيءَ ماني کائڻي آهي ۽ هيتري کائڻي آهي. سخت بيمار هوندو هوس، ماني وٽندي ئي ڪانه هئي، پر هيئن ڪرڻو آهي يا سياسي مسئلا، ڪيترا مسئلا هوندا هئا، چوندو هو هيءَ ڳالهه صحيح ناهي ۽ هيئنئن ٿيڻ ڪپي. اسان جي ماڻهن ۾ هڪڙو عيب وڏو آهي ته گڏجي ڪم ڪري ڪونه ڄاڻون، پوئتي پيل سماج ۽ سوسائٽيءَ ۾ وڏو عيب هوندو آهي ته ماڻهُو هڪ ڦڙيا هوندا آهن. آپي شينهن هوندا آهن ۽ مڙس روايتي ۽ قديم معنيٰ ۾ مڙس اهي ليکيا ويندا آهن، جيڪي ٻئي ڪنهن جي ڳالهه نه مڃيندا آهن ۽ مڙس اهو جيڪو ناموس وارو هجي ۽ نامور هجي ۽ ناموس جو متلاشي هجي، جيڪو هر هنڌ سيني ڪان مٿي تي ويهي. سيني ڪان نروار ٿي ويهي، سيني ڪان اڳيرو ٿئي، اهو

جو هڪ انچ به هيٺ ٿي پئي ته وڏو مسئلو ٿي پوي. هيٺ ته ويهڻو ڪونهي. مڙس جيڪو هجي وڏو جيڪو هجي ليڊر، ان لاءِ هيٺ ويهڻ ان جي بي عزتي آهي....

فاضل هزارن ۾ پڌرو هو. جتي هوندو هو اتي نشانبر هوندو هو. پري کان ڏسجي، قد به سهڻو ڪاٺ به هو جيڪو به ڏسندو هو سندس نظر ازخود ئي چوندي هئي، نشانبر. پري کان پڌرو. هزارن لکن ۾ پري کان پڌرو. پر هن جي گم ٿيڻ بعد هو يڪدم سُسي ننيڙڙو ماڻهُو ٿي ويندو هو. ساڳيو ننيڙڙو ٻار. ائين ماڻهن ۾ وينئو هوندو. ائين گم ٿي ويندو هو پَٽَ تي وينو هوندو. اهڙا اهڙا ڪم ڪندو هو جيڪي هيرا نه ڪندا آهن، جيڪي سورما نه ڪندا آهن. چاڪاڻ ته فاضل نئين دؤر جو انقلابي پورهيت سورمو هو. جنهن لاءِ نوان گُڻ ڪپن. تنهن ڪري فاضل ۾ اهي سموريون خوبيون به هيون، جيڪي اڳوٽي دؤر جي روايتي سورمن ۾ هجڻ ڪپن. جن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته ضروري آهن پر هن ۾ اٿاهه گهڻيون نيون خوبيون هيون، جيڪي هڪڙي انقلابي پورهيت سورمي لاءِ ضروري آهن. پورهيت معيارن مطابق فاضل ٿانوَ به ڌوئيندو هو "ابا فاضل ڪٿي آهي؟" "فاضل ٻوڙ پيو رڌي، فاضل بصر پيو چلي، فاضل ڪمرو پيو صاف ڪري، فاضل ڪپڙا پيو ڌوئي، فاضل قيدين سان مارڪا پيو ڪري، قيدين کي ريجهائي وينو خبرون وينو ٻڌائي، پَٽ تي وينو آهي.... ڪو به ماڻهُو ڪونه چوندو ته هي محمد فاضل راهو اهڙو هوندو. جيڪو سُٽيو آهي ٻُڌو آهي."

يڪليا پوٽن، ڏڙتي گڏيو ڏوڙ ۾،
ڳالهيون، ڳهلي لوڪ سين، پڌر پئي نه ڪن،
ڪامُلِ آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي.

مِٽِي تي ويندو هو. جڻ آهي ئي ڪونه ۽ وري جڏهن چڙهندو هو.... ڪي ماڻهُو مِٽِي تي ويندا آهن. مٽي وري ڪجهه ڪونه هوندا آهن. جڏهن مٽي ٿيڻ، نشانبر ٿيڻ اڳيان اچڻ جو ٽائيم هوندو ۽ لڪين ماڻهن ۾ نروار ٿيڻ جو ٽائيم هوندو ته، اهي ماڻهُو ڏاڍا اجنبي اجنبي ۽ ڏاريا ڏاريا، اوپرا اوپرا پيا لڳندا هئا. فاضل مِٽِي تي وري جڏهن چڙهندو هو ته، جڻ ته سدائين لکن ۾ هو جڻ ڪو پيدائشي سپهه سالار ۽ ڪمانڊر هو جنهن سڄي عمر فوجن جي سپهه سالاري ڪئي. آٽوميٽڪ جڻ ته بٽڻ دٻايو ويو، فاضل چارج وٺي چڙهي. جيئن مشينون هلڻ شروع ڪنديون آهن ۽ ائين قدرتي لڳنديون آهن جڻ ته سدائين ائين ٿيندو رهيو آهي. ائين ٿيڻ ڪپي، اها قدرتي ڳالهه آهي. اها مشين ائين هلي جيئن هلي پئي نظر نه ايندو ته هن ۾ ڪو جهول آهي.... جيلن جي ڏينهن ۾ ڪڏهن هڪ ٻئي تي ڪونه ٿي پياسين، پروگرام

بنائبا هئا تہ ٻاهر نڪرنداسين تہ پوءِ ڪچهريون ڪنداسين. پوءِ ميلا ڪنداسين ۽ پوءِ محفلون ڪنداسين. پوءِ هيءُ پروگرام ڪنداسين. فلاڻي جاءِ تي هلنداسين.

اهي ڳالهيون ٺيون پر ان سموري دؤر ۾ فاضل هڪ تمام عظيم ماڻهُو هو... سندس هڪ پُٽُ شهيد ٿي ويو ٻيو انتظاميا جي هڪڙي خاص ڪوشش هوندي هئي اسان سان، ٻين سان بہ ائين هوندو تہ اسان ۾ ماڻهن کي هُو ٽوڙي ڇڏين. منهنجي لاءِ هنن کي اهو نسخو هو تہ جيل ۾ رکجي جو وڏيڪ بيمار ٿئي ۽ بيماريءَ ۾ هن جو علاج ڪجهہ نہ ڪرائجي ۽ ڊاڪٽر بہ نہ هجن. ڪابہ شيءِ نہ هجي، ڪجهہ بہ نہ هجي خير آ. پوءِ السر بہ ٿي، سڀ بيماريون ٿيون... هن کي جيئن ڪنهن هڪڙي ماڻهُوءَ کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، هن کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. بدترين حالتن ۾ رکيائون ۽ بدترين رَوِشون بہ اختيار ڪيائون. چوويهہ ڪلاڪ هن کي ٽينشن ۾ رکي چوويهہ ئي ڪلاڪ هن جي مٿان هڪڙي قسم جو دٻاءُ وجهڻ ۽ وزن رکڻ، ۽ نهايت غليظ ۽ گندي قسم جي ماڻهُوءَ کي هُشي ڏئي ڇڏڻ جو جيل جي حالتن ۾ فاضل لاءِ نفسياتي مسئلا پيدا ڪري ۽ 24 ڪلاڪ پريشر هيٺ رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.... فاضل کي هڪڙو بہ دفعا ڏنم تہ چِڙَ ٿي پيئي اٿس ۽ چيومانس: ”فاضل تو ۾ چِڙَ ٿي آهي ۽ چِڙَ نہ هئڻ کپي، هيءُ ڊگهو سفر آهي، جنهن ۾ چِڙَ نقصانڪار آهي، پاڻ کي درست ڪر.“ پر دراصل اهو ائين هڪڙو اڌ واقعو هو. نہ تہ فاضل پراوا بار بہ ڪٽي ويندو هو.

”پاڻ نہ پسي ڦٽيو.....“

تنهن ڪري اهي هڪ بہ واقعا ٿيندا نديڙا، نہ تہ فاضل ۾ جيڪا ڏُک ۽ سُک کي خاموشيءَ سان ۽ مُرڪندي برداشت ڪرڻ جي جيڪا قوت هئي، اها عام رواجي هيرن ۾ نہ ٿيندي آهي. جيڪي هيرا ٿيندا آهن، وڙهندا آهن، گوڙ ڪندا آهن، فساد ڪندا آهن، تڪر هڻندا آهن پنهنجي سان يا مسئلا ڊرامائي انداز ۾ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، فاضل ۾ سهپ ۽ برداشت ڪرڻ جي قوت هئي، يعني شين کي ڪيئن منهن ڏيڻ کپي، رُڳو جسماني تڪليفون ايندڙيون هيون، پر روحاني ڪيفيتن کي ڪيئن تبديل ڪجي ۽ هي ڪيئن ڪجي؟ مون کي لڳندو هو تہ هُو اهڙو سمنڊ آهي، جو اُن جو ترو ليڻ ئي مشڪل آهي. تمام اُونهو آهي. جو ٻيو ماڻهُو برداشت نہ ڪري، فاضل آرام سان برداشت ڪري ويندو هو. ائين محسوس ڪرڻ ڪونہ ڏيندو هو تہ هيءَ ڪا شيءِ وزن واري آهي. جيڪي سورما روايتي هوندا آهن، انهن ۾ آڪڙ، تڪبر ۽ وڏائي هوندي آهي. انهن کي رُڳو ماڻهن کان پاڻ کي مٿيرو ڏيکارڻو هوندو آهي.

آءُ، آءُ، آءُ.... اها ڳالهہ شايد ضروري بہ آهي، جنهن قسم جي هُو ليڊرشپ ڪن ٿا. فاضل نهنو ماڻهُو هو. هن جي عظمت ۽ نهنائيءَ ۾ ڪوبہ تضاد ڪونہ هو. پر جي ڪو

ماڻهُو پاڻ کي ننڍڙو ڪندو تہ سڀ ان تي چڙهي ويندا. فاضل جي نهٺائيءَ کي ڏسي ڪنهن ماڻهُوءَ کي سُڌ ئي ڪانہ ٿيندي هئي تہ هن تي چڙهي ۽ سواري ڪندس. نهٺائي هوندي بہ ايڏي تہ هن ۾ ڏيا هئي جو هُو پَٽَ تي وينو هوندو. ٻارهو ئي ماڻهن جا وينو ڪم ڪندو هو. ڪنهن ماڻهُوءَ کي اهو مغالطو ۽ همت ٿي ئي ڪونہ سگهندي هئي تہ هيءُ اُهو ماڻهُو آهي جنهن تي چڙهي آءُ سواري ڪريان. هن کي استعمال ڪري ۽ رُعبُ رکي هن کي گهٽائي پاسيرو ڪريان ۽ ٽُڏو هڻي ڪيان ۽ اهو ڪمال ڪڏهن ٿيندو آهي، جو ماڻهُو نهٺو هجي ۽ باوقار هجي، فاضل نهٺو ۽ باوقار هو.

فاضل سان ٻيو پيرو مون کي حيرت ٿي، مسئلو چوڪسي جو آهي. ڏٺو هيءُ ويو آهي انسان جي تاريخ ۾ تہ، جيڪي ماڻهُو انسانذات جي مُفادن جي مجموعي ۽ بلند ۽ اعليٰ مُفادُن جي ترجماني ڪن ٿا ۽ انهن تان قرباني ڏين ٿا، جيڪي انسانذات جو ڀَلو چاهين ٿا ۽ انهن لاءِ جاکوڙ ڪرڻ چاهين ٿا ۽ انهيءَ لاءِ انهن وٽ ڪو پروگرام آهي، انهن جي خواهش اها هوندي آهي تہ عوام مثالي شيءِ ٿئي ۽ هُو عوام کي هر حالت ۾ بهترين رُوپ ۾ ڏسڻ چاهين ٿا، جڏهن بہ هُو انهن کي ان روپ ۾ نٿا ڏسن تہ تمام پريشان ٿين ٿا ۽ انهن کي اڻ وڻت جو احساس ٿئي ٿو ۽ هُو ناپسند ڪن ٿا عوام جون جيڪي اهڙيون ڳالهيون جيڪي ان معيار مطابق نہ هجن. جنهن معيار جون عوام جي نجات لاءِ ضروري آهن. عوام جهڙو ٿيڻ کپي ۽ عوام جي ماڻهن ۾، ڪارڪنن ۾ جيڪي خوبيون هئڻ کپن، انهن خوبين جي نہ هجڻ کي هُو تمام سختيءَ سان محسوس ڪندا آهن، انهن لاءِ ان قسم جي ڪمزورين جيڪي اعليٰ معيار مطابق نہ هجن، تن کي برداشت ڪرڻ وڏو مسئلو هوندو آهي، مثلاً مون سان بہ اهو مسئلو آهي. فاضل انهن ڪمزورين کي ائين پيي ويندو هو جڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونهي. انهن کي نہ رُڳو برداشت ڪرڻ پر ان هوندي بہ عوام سان انساني ۽ تون مون جهڙي ليول تي انهن سان محبتون ڪرڻ، اهو تمام ڳنن نفسياتي مسئلو آهي. فاضل سيني ماڻهن سان جسماني ۽ روحاني طرح محبت ڪندو هو. انهن جي ڳڏيل مُفادن لاءِ وڙهندو هو ۽ انهن سمورين ڪمزورين جي باوجود بہ سمورين پسماندگين ۽ سمورين اڻ وڻندڙ ڳالهين جي هوندي بہ ماڻهن سان هن جي بي مثال محبت هئي جيڪي محبوب ماڻهُو هوندا آهن، اهي ٻين سان محبت نہ ڪندا آهن. اهي سدائين سوچيندا آهن تہ ماڻهُو ساڻن محبت ڪن ۽ انهن کي سدائين اهو ڪشتو هٿ ۾ هوندو آهي... مون کي پوڄيو منهنجي پويان هلو مون سان محبت ڪريو مون سان ساٿ ڏيو. ان جون اکيون سُوالي هونديون آهن ۽ هر نِگاهہ ۾ اهو سوال هوندو آهي تہ مون کي ماڻهُو پسند ڪن ٿا يا نہ! ڏسو مان ڪيڏو نہ سُٺو آهيان، سهڻو آهيان، ڏسو تہ مون ۾ ڪهڙا نہ گُڻ آهن. ڏسو تہ مان ان مسئلي کي ڪيئن ٿو مُنهن ڏيان.

Gul Hayat Institute

محمد فاضل لکن جو محبوب هو ۽ ان کي لکن سان پيار هو. هن ۾ سنڌ ۾ روايتي طرح جيڪا طبيعت جي فياضيءَ جي تعريف ٿئي ٿي، اها هن جي طبيعت جي روح جي فياضي ۽ سخا هئي. هر ماڻهوءَ کي الاؤنس ڏيڻ هر ماڻهوءَ طرفان کونہ کو عذر ٻڌلهي ڏيڻ هر ماڻهوءَ کي رعايت ڏيڻ ۽ هر ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي دل ۾ کانہ کا ڇڏ ڇُوٽ ۽ کسر رکڻ، سخت گير نہ ٿيڻ، هر ماڻهوءَ جي لاءِ پنهنجي دليان کونہ کو سبب گهڙي کڍڻ، طبيعت جي سخا ۽ لطيف بہ ٿيڻ. سخاوت تہ پئسي جي بہ ٿيندي آهي. طبيعت جي سخا، طبيعت جي فياضي، هو ايڏو خوشحال هو. هُو وسيع هو. هُو سمنڊن جهڙو گهرو اجهاڳ هو جو ماڻهن جون ننڍيون خاميون، بي سمجهيون، پسماندگيون، جهالتون، لالچون، حَوسون سڀ عيب ۽ اوَگُڻ پيو ويندو هو. ڏِگهي نظر ڏارڻ، پري سوچڻ، حقيقت جي تہ ۾ گهڙي وڃڻ، ماڻهن جي ٻاهرين ۽ فريب جي رُوپ کي نظرانداز ڪري انهن جي اصلي ازلي سچائي، مظلوميت جي اصلي سچائيءَ کي ڏسي وٺڻ ۽ ان جي اصلي نيڪيءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي اصلي خوبصورتين کي سمجهڻ، انهن جي اصلي گُڻن کي سمجهڻ ۽ انهن ٻاهرين بدصورت، بدزيب رُوپ کان مرعوب ٿي انهن کي نہ ڌڪارڻ بلڪ انهن کي جيءَ سان جيءَ وانگر جَڙي - اها فاضل جي خوبي هئي!

اسين ان ڳالهہ کي فاضل کان سِکون. گهڻن گهڻن ڪوهن تي فاضل محبت کندڙ ماڻهُو عاشق ماڻهُو هو. حقيقت ۾ عاشق هو. فاضل لاءِ پرپُٺ ماڻهُو ساکون پريندا هئا. دشمن جي دل ۾ بہ فاضل لاءِ هڪڙي ڪنڊ هوندي هئي، جيڪا خالي پئي هوندي هئي. پنجاهہ ڳالهيون پيو ڪري وري چوندو تہ يار فاضل مڙس ماڻهُو آهي. ڀلا ماڻهُو ڀلو ماڻهُو فاضل ڀلو ماڻهُو فاضل ڀلو ماڻهُو ڪنو ڪوجهو چريو ڪريو.

لطيف سائين چيو آهي:

راهو تنهنجي ريت، پرڪندين پڌري،
گهڻا گهوڙي چاڙهئي، مسافر مسيت،
پڇي کانہ پريت، جي آيا سي آگهي ويا.

فاضل کان ڪو داناءُ هجي، ڪو عاقل هجي، ڪو قابل هجي، ڪو وڏو ڪارائتو ماڻهُو هجي! فاضل ماڻهُو ڪارائتو آهي. مان چوندو هوس، هيءَ مصيبت وٺي آهي، پنجاهہ ماڻهُو وٺا آهن، نہ ڪم جي ڳالهہ ڪرڻ، نہ تنظيم جي ڳالهہ ڪرڻ، نہ ڏنڌي جي، نہ قصي نہ مسئلي جي، رُڳو اچي مٿو کائين. خبرون ڏِگهيون ڪريو وٺا آهن. نہ خبر ڪُٽي، اسين وڪيل ماڻهُو وقت جو خيال ڪريون، ٽائيم فلاڻو هن ڳالهہ جو واسطو آهي ۽ هن ڳالهہ جو واسطو ڪونهي، فاضل وٽ جيڪي آيا سي آگهيا، جيڪو ماڻهُو ان سان ائين ڪندو جيئن ماڻهُو ڪنهن شهزادي سان ڳالهائي. ماڻهُو شل هجي، مسئلي وارو شل هجي، ڏکويل شل

Gul Hayat Institute

هجي، مظلوم هجي، پوءِ پلي وينو قصا ڪري، داستان وينو ڪري. نہ ورچبو نہ ٿڪبو نہ بيزار ٿبو نہ جهڻڪبو نہ جهٽ هٽبو ڪجهہ بہ نہ! اروڙي آهي . جبل آهي، وينو ٻڌي، مجال آهي جو مشيني طريقو هجي، مشيني طريقو هڪ بہ نہ. قربان ٿبو. ڪڏهن ڪڏهن آئون بہ ڪونہ ويهي سگهندو آهيان. گهڻي ڳالهہ ڏيگهہ ڪري تہ آءٌ ڪونہ ٻڌندو آهيان، فاضل وٽ قصا، پوءِ فلاڻو پٽُ فلاڻي جو فلاڻو وغيره اهڙيون گهڻيون ڳالهيون ۽ گهڻا قصا جيڪي ٻڌندا آهن، انهن کي عيب ٿي پوندو آهي. ان کي انگريزيءَ ۾ چوندا آهن سلائيس (Slide) يعني بي احساس ماڻهو رُڳو ايڪٽنگ ڪندو هجي، دل ۾ سچائي ذري جي بہ نہ.

فاضل 24 ئي ڪلاڪ سچو هو. سيڪنڊ ۾ ايئن ڪونہ لڳو تہ مشين آن آهي. آٽوميٽڪ هلي پئي، سدائين چهرو چمڪي پيو. جيڪو چيائين ٿي اهو واقعي محسوس ٿئي پيو. ڳالهہ ٻڌبي، بہ ٻاڙون هٽيو خبرون ڪري گاڏيءَ تي چڙهيو سڏو وجبو اتي جتي ڪم هوندو ۽ ٽائيم ڏبو هو. پنجاهہ ماڻهو گهڻا، پر وجبو ضرور هو. سنيري پوندو هو. نہ ووٽ ڪپي، نہ اليڪشن ڪپي، نہ غرض ڪپي، ڪجهہ ڪونہ ڪپي، آفيسرن سان اتي وڙهي پوندو هو. گوڙ ڪندو هو.

مان چوندو هومانس: "چا وجي فاضل اسان کي مسئلا پنج هزار پيا بہ آهن. اسان جا پنجيتاليهہ لک دشمن. پر تون هي مورچو ڪنيو وينو آهين." پر چوندو "آيا آهن تہ آئون جواب نٿو ڏئي سگهان." ادا فلاڻو ڪم. گلائون ڪندا آهن تہ ماڻهن ڏاڍو تنگ ڪري ڏنو آهي، اتي پيا ڪلندا ڏند پيا ڪيندا. پر پوءِ وينا گلائون ڪندا، تہ ماڻهو چڙين ئي ڪونہ ٿا، ماڻهو فلاڻا ـ ههڙا تهڙا ماڻهو... نہ! فاضل ڪڏهن بہ ڪونہ ڪُڇيو. ڪڏهن بہ ڪونہ چيو تہ " ماڻهو مون کي ڪڪ ٿا ڪن. ماڻهو مون کي تنگ ٿا ڪن، ماڻهو بيزار ٿا ڪن." نہ! ڪڏهن بہ ائين نہ چيائين.

سدائين ماڻهن جو خير خواهہ، ڀاجهارو، قُرب وارو، ماڻهن جا ڪم ڪندڙ ننڍڙا ڪم بہ ڪندڙ تہ وڏا بہ ڪم ڪندڙ انقلابي وسيع ڏکهي نظر وارا بہ ڪم ڪرڻ. ننڍڙا ٿورڙا، ايسپرو گوريءَ جيترو بہ ڪم ڪرڻ. هڪڙا وڏا ڊاڪٽر ٿيندا آهن تہ ابا اسان وڏا آپريشن ڪندا آهيون. اسان جو ٽائيم نہ خراب ڪر، فلاڻي ماڻهوءَ سان ڳالهاءِ. فلاڻي کي گڏ. وڏو مسئلو آهي. پوءِ حل ڪنداسين. اهي ننڍڙا ڪم آهن. مون کي تنگ نہ ڪر. فاضل هوندو هو چوٽيءَ جو سرجن ۽ ڊاڪٽر، پر ڦٽ بہ پاڻ ڌوئيندو هو پٽي بہ پاڻ ڪندو هو، ايسپرو بہ پاڻ وٺي ڏيندو هو سمهاريندو بہ پاڻ هو.

فاضل ۾ ٻن قسمن جون تمام گهڻيون روايتي قسم جون خوبيون هيون، اهي وڏيڪ غور طلب هيون. اهو هيءُ تہ ماڻهوءَ ۾ جڏهن ڪي خوبيون هونديون آهن، تڏهن اهي خوبين وارا ماڻهو پنهنجين خوبين تي ايترو خوش هوندا آهن، جو هُو نيون خوبيون پرائڻ ضروري نہ سمجهندا آهن، هيتريون خوبيون آهن، هيتري



Gul Hayat Institute

مقبوليت آهي، هيترا ماڻهو پنيان آهن، راڄ پُٺيان آهن. انسان کي پلا ڇا کپي! هيترا ماڻهُو عاشق، هيترا راڄ، جنهن ۾ سرخرو، جتي وڃي اتي فاضل، فاضل، وڏيڪ ڇا کپي؟ بس هاڻي گنج ٿيا. بس بيو ڇا کپي، فاضل کي چيوسين! "اهي ڳالهيون سڀ ٺيڪ آهن، خبرون چارون ٺيڪ آهن، پر توکي نظريو اچي ٿي ڪونه ٿو. نظريو نه هوندو باقي ڇا! هيءُ ڪجهه ڪونهي، هيءُ رُڳو چار ڏن کي چانڊني، پهر انڌيري رات. هيءُ ماڻهن جو هجوم، هڪڙا پيا ايندا بيا پيا ويندا. اهي خبرون چارون پيون ٿينديون.ائين انقلاب ته ڪونه ايندو. عمل جيڪو آهي، جنهن جي روشنائي آهي نظريو. پاڻ، سمجهه، هيترا ڏينهن ته پنهنجا ڪيترا ماڻهُو هئا ويچارا پرائي نظريي تي، پرائي ٻوڙ تي، فلاڻا خان، ڏاريا ماڻهُو سي نظريو ناهيندا هئا. پوءِ اهي ڏيندا هئا. اهي رنگ ماسٽر ٿي ويندا هئا. پوءِ اهي پنهنجا ليڊر ٿي ويندا هئا. پوءِ پاڻ انهن جي پُٺيان سنڌي ماڻهُو رُڳو توبرا ٻڌيو ڊوڙندا وتندا هئاسون. هو رُڳو اُنن تي چڙهيو هلندا وتندا هئا ۽ رُڳو آرڊر ڏيندا رهندا هئا. اهو ڏنڌو ڪيستائين هلندو. پاڻ مارو ماڻهُو پنهنجو نظريو ناهيون ۽ نظريو سمجهون."

فاصل جو اهو جڏهن "ويهه ميٽنگ ۾ ته فاضل چوي ته وڃان ٿو بندوبست ڪرڻ، ماني ٿو پچايان، فلاڻو ڪم ٿو ڪريان، فلاڻو ٿو ڪريان." "ادا اها ڳالهه ڪانهي، ضابطي جو سوال آهي، ڊسيپلين جو سوال آهي، چڙواڳي نه هلندي فاضل. ڊسيپلين ٿيندو. آئنده تون ميٽنگ مان ڇُرندين به ڪيڏانهن نه. نه ويندين." صحيح ٽائيم تي فاضل فرمانبردار انقلابي سپاهي ٿي ويو. "هاڻي ڪتاب پڙهه." "ڪتاب به ڪيئن پڙهي، ٽي چار درجا سنڌيءَ جا پڙهيل، اردوءَ کي ڄاڻي ئي ڪونه. اردوءَ کي سٿون ڏي ويٺو. هاڻي ٿو اصل نظريو پڙهي. "انصاف آهن ميرن جا جو موالين کي ٿا ملهه ويڙهائين"، فاضل ٿو نظريدان ٿئي ۽ سنڌ تي آزاد ٿئي. ملڪ ۾ ٿو انقلاب آڻجي.

"بيلي مون کان پڙهيو ڪونه ٿو ٿئي. اسين جهنگ جا مارو ماڻهُو ٿر جا ماڻهُو ڀهراڙين ۾ پئي هلياسين، مال چارياسين، ٻنين جا ڦصا ڪياسين، نظريا ٻظريا اوهين ڄاڻو اوهان جو ڪم ڄاڻي." "فاضل ائين گاڏي ڪانه هلندي، اهي پنهنجون استاديون نه ڪر، اسان سان توکي پڙهڻو پوندو ۽ نظريي دان ٿيڻو پوندو، تون فاضل اڳيئي آهين هاڻي تون عالم ٿيءُ- عالم فاضل. توکي عالم فاضل ٿيڻو پوندو." چيائين: "عالم شاهه آهي" - "تون خود عالم فاضل ٿي."

دوستن وٽ وٽ ڪئي، ڪتاب به ٿي پڙهيائين، جيلن ۾ هو ته پڙهندو هو پيو. ڪڏهن گُسائيندو نٽائيندو هو وري پڙهندو هو. چيائين: "ناول ٻاول پڙهندس بيلي، ناول فرسٽ ڪلاس، پهاڙون کي بيٺي، بيا فرسٽ ڪلاس عاليشان، ڇريو ماڻهُو ناول کان سواءِ ڪم ڪين ٿيندو ناول سڀ پڙهبا."

Gul Hayat Institute

”ماشاءَ الله لڳونس ٿا“. وري حيدرآباد ۾ ٿي آيس، سکر مان، سکر جڏهن هئس، مون کي ڪيڏي چڏين خيرپور. پوءِ وري سکر وري حيدرآباد تہ پاڻ ڪونہ هو. وري شايد موڪلياڻون سکر. ائين اسان جي متاسئا پيا ڪندا هئا.

اوچتو وري حيدرآباد ۾ گڏياسون تہ اتي ڏٺم هو پڙهيو وينو آهي، اونداهي ڏرتي. ڪيڏي مهل ڪتاب فاضل لاءِ ڪونهي. چيائين، ”ڪتاب آندا اٿم ’ماضي کي مزار‘، ’موسيٰ سي مارڪس تڪ‘، پيا ڪتاب ’معاشري ڪي تاريخ‘.“ چيومانس، ”ڪتاب گڏ ڪيو وينو آهين، پڙهيا اٿئي؟“ چيائين، ”پڙهيا اٿم.“ فاضل خبرون قصا وينو ڪري، راج ماڻهن سان گڏ اسان وٽ اسٽڊي ڪلاس هلندا هئا. ڪلاس ۾ فاضل باقاعده تبصرو پيو ڪري. سچي پڇي هيءُ عالم فاضل ٿي ويو آهي، پوءِ چوندو هو تہ، ”مون پڙهيو آهي جي بحث ڪندين تہ بحث ڪندس.“ ”نظريي تي بحث ڪنداسين.“ ”ها بلڪل نظريي تي بحث ڪندس.“ فاضل پيو بحث ڪري. اعتبار ئي نہ پيو اچي تہ فاضل پيو ڳالهائي ۽ هھڙيون ڳالهيون وينو ڪري. پوءِ تہ ٻہ ٽي سال ڪيڏي چڏيائون لاهور- پوٽا ٽي سال. وري آيس فاضل ان وقت مچ جيل ۾ هو. وري آياسين هتي. فاضل ڳالهہ ئي ٻي. نظريي دان ٿي پيو. باقاعده ڊسيپلين. مون کي چئي، ”وڏيڪ پڙهين ڪونہ ٿو مطالعو ڪونہ ٿو ڪرين.“ ”آءٌ تہ مطالعو ڪريان ٿو.“ توکي ان جي ڪهڙي خبر. آءٌ تہ پاڻ توکي چوندو آهيان تہ پڙهہ، پر تون مون کي وينو نصيحتون ڪرين تہ، ”پڙهہ ۽ تون لِک.“

خير وري مون چيو مانس تہ، ”هاڻي هيئن ٿيڻ کپي، تون عالم فاضل ٿيو آهين پر عالم فاضل رُڳو ڪتاب ڪونہ پڙهندا آهن، پر عالم فاضل لکندا بہ آهن.“ چيائين تہ، ”لکندس آءٌ ڪونہ.“ چيومانس، ”لکندين تون ڪيئن نہ، توکي لکڻو پوندو. لکڻ کان سواءِ ڪم ڪونہ ٿيندو، رُڳو پڙهندين ڪتاب تہ ان مان ڪجهہ ڪونہ ٿيندو.“ سو لکي آيو. فاضل ڊسيپلين جو ماڻهُو هو. فولادي قسم جو ڊسيپلين، ضابطو هو. حڪم تعميل ڪري، فاضل سان بحث تہ آهي ئي ڪونہ. بحث ڪهڙو؟ انقلاب لاءِ جيڪا ڳالهہ ضروري آهي اها ضابطي ۾ بہ ڪرڻي آهي، اچي نہ اچي تہ بہ ڪرڻي آهي. دل جان جي سمورين قوتن سان ۽ خصوصاً جيڪي اسان نتا چاهيون، سي سکي سگهون ٿا. ”فيصلي ۾ بہ ٽي ڳالهيون نہ ٿا ڄاڻون.“ ”نتا ڄاڻون تہ اسان کي سکڻيون پونديون، نہ سکنداسين تہ غلام ئي رهنداسين.“ سو لکي ويو. وڏو مضمون ڏهن پندرهن صفحن جو. مون پڙهيو ان ۾ الاهي ڪچيون ڳالهيون هيون، ڪا ڳالهہ ڪانہ ٿي لڳي. ڪنهن جي تنگ پڳل، پيو صورتخطي فاضل جي سدائين غلط، رڙيون ڪري ڪري بيهي رهياسين پر فاضل جو هو الائي ڇا لکيو اٿس. سو پنهنجي ٻولي لکڻ جي صورتخطي سدائين غلط اهو چئي چئي تہ ظلم ٿو ڪرين، هن کي ڪجهہ تہ ناهينس، اهو گول ماڪوڙا

ڪھڙا ٿو مارين. سو لکي آيو ڏھ صفحا. خير ان مان ڪٿي سَتي باقي ٿورو وڃي بچيا. اھو لائي ڪٽي اتڪايوسين مڙيئي ذرو.

ٻئي ڀيري الائي ڇا تي، چيومانس تہ ،"فاضل لک." سو چيائين تہ "آءُ لکندس ٻُنڊ پر تون ان مان ٺاھيندين اِتي."

"اھو وري ڪيئن؟"

سو چيائين تہ "ڪنھن ماڻھُو ڏنو وڏو ٻُنڊ واڍي کي تہ ھن مان ٺاھي ڏي ھَرُ. سو واڍو ھو ڪو جَٽُ، سو اھو ھَرُ ٺاھيائين ڪونہ ڦِٽائي ڇڏيائين. سو چيائين تہ ’تو ھَرُ ڦِٽائي ڇڏيو آھي، ھاڻي ڇا ٺيندو؟‘ واڍي چيو تہ ’ھَرُ تي ٺاھيوسون، اھو ڦِٽي ويو.‘ ’پوءِ ڇا ٿو ٺاھين؟‘ ان مان ڪا ٻي شيءِ ٺاھيائين، اھا بہ ڦِٽي وئي. پڇاڙيءَ ۾ چيائين تہ ’ھاڻي ڇا ٿو ڪرين؟‘ چيائين ’ان مان اِتي ٺا ٺاھيون.‘ ’ھيڏو وڏو زبردست ٻُنڊ، ان مان تون ٺاھيندين اِتي.‘ سو ماشاءَ الله، آئون لکان ٿو پر ان مان ٺھندي اِتي."

"يلا جي اِتي ٺھي وڃي تہ پوءِ ڇا ڪپي؟ اھڙيون ڏھ پندرھن اِتيون گڏجي وڃن تہ ٻُنڊ کي مارين."

سو لکيائين ضرور. پوءِ ٺٺائيندو پيو ھو پر فاضل لکڻ شروع ڪيو ۽ آھستي آھستي مون کي خبر پيئي تہ ھيءُ اھڙو خوفناڪ ماڻھُو آھي، جو جنھن ڪم ۾ ھٿ وجھندو، اھو ڪري ويندو.

فاضل ۾ ٻيون بہ خوبيون ھيون. ذھين بَلا جو ھو. فاضل ۾ جيڪي بہ لياقتون ھيون، اھي سيئي استعمال ڪري ۽ اھو ڪم ڪندو ھو جنھن لاءِ چيو ويو آھي. يعني پاڻ ۾ انقلاب آڻڻ. فاضل انھن تمام ٿورن ماڻھن مان ھڪڙو ھو جيڪي پاڻ ۾ انقلاب آڻڻ ڄاڻن ٿا. صحيح معنيٰ ۾ جيڪي ھر فن مولا آھن، جيڪي ڪجھ بہ نہ ڄاڻن. انھن کي گس ڏيکارجي، حڪم ڏجي، رستو ڏيکارجي ۽ ڳالھ سمجھ ۾ اچي وڃين ۽ پڪ ٿئين تہ ھيءَ ڳالھ صحيح آھي، ھُو رستو غلط آھي، ائين ٺيڪ ڪپي ۽ مڙس ماڻھُوءَ جو ڪم آھي تہ ائين ڪري، فاضل ائين ٿيو. فاضل ڳالھ سمجھي، معنيٰ ڪئي ۽ جي ڪئي تہ سيني ڪان بھتر. پھرين ٿورو ٿورو ڪري، جي ڪرڻ تي پيو ۽ فاضل ڳالھ جي پُنيان پيو... فاضل جو گھڻو عرصو بدين ۾ گذريو. ٻاھر ڪيڏانھن ڪونہ نڪتو ھو. اھو حيدرآباد، بدين، ننڍو ۽ ميرپورخاص وغيره.

"فاضل تنظيم ڪجي."

"تنظيم جا پنھنجا سيئي ساٿي ويٺا آھن، ھزارين دوست آھن، تنظيم ڪريو. ـ ماڻھن کي ليڪچر بہ ڏيڻا آھن ـ ’پڙھائبو‘. ’آءُ ڪيئن پڙھائيندس‘ ـ ’تنھنجو وارو آيو آھي، سو تون ليڪچر ڪيئن ڪونہ ڏيندين؟ ضرور ڏيڻو پوندو.‘"

Gul Hayat Institute

اباڻي فاضل ليڪچر وينو ڏئي- الائي ڪهڙو ليڪچر تنظيم تي. تان جو فاضل 1983ع ۾ تنظيم ڪري ڏيکاري ۽ دُنيا دنگ رهجي وئي. هڻ ڪڻ ماڻهُو هو. ٻڻڻ ڏِياڻڻ جي دير هئي. فاضل کي ٻڌڻ ڏيائجي، هن ۾ اندر لياقتون هيون- "فاضل لک"..... "لکي پيو"- "هيئن ٺيڪ ڪبي"- "ها ٺيڪ ڪبي." فاضل ۾ اعتماد ۽ يقين جا بي پناهه خزانا هئا. فاضل کي اک ڇنڀ ۾ خبر پئجي ويندي هئي ته هيءُ ڪم ڀلو آهي، هيءُ ڪم خراب آهي، ان لاءِ وڏيون اپيلون ۽ ڊگهيون ڳالهيون ڪرڻيون ڪونه پونديون هيون. فاضل جيئن ته هڪڙي 500 هارس پاور جي گاڏي هجي، جنهن جي ٻڌڻ کي رُڳو ڏيائجي ته زوُن ڪري اسٽارٽ ٿي پوي. سو فاضل کي رُڳو ڳالهه سمجهائڻ جي دير هئي، گاڏيءَ ۾ وينا آهيون... "اباهيئن ڳالهه ٺيڪ واري آهي، هيئنئن نه ٿئي." "اڇا! ڪيئن ٿيندو؟ هيئن ٿيندو. ٺيڪ- اڇا ٺيڪ ڪبي." باقي کي تفصيل ان ۾ ڪُتل آهن ته اهي فاضل پاڻ ٻُڌائيندو ته هيئن به ٿيندو، هوئنئن به ٿيندو. "ڪهڙي ڳالهه! ڪجهه ڪونهي، ڪو مسئلو ئي ڪونهي، اوهين رُڳو هن ڳالهه کي وٺو نه، سڀ ٿي ويندو. مسئلو ئي ڪونهي." فاضل لاءِ پوئتي هٽڻ ڪجهه ڪونهي. مڙس ماڻهُو پوئتي ڪيئن هٽندو؟ ان ۾ بي اُصولي پٽي ڪانه ٿيندي ۽ نامڙسي ڪانه ٿيندي. پوئتي ڪيئن هٽجي؟ پوءِ وري ان تي اها ڳالهه ٻولهه تي، ليڪچر ٿيا، مڙس پوئتي هٽڻ ۽ پنهنجي وقت ۽ جاءِ تي اڳتي وڌن. حالتن کي ڏسي اڳتي وڌن.

"فاضل سمجهين"، "ها بلڪل صحيح." فاضل ليڪچر ڏيندو هو. آءٌ فاضل جا ليڪچر ٻُڌندو هوس. مون ته ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏنو ۽ ڪِئين دفعا مون کي محسوس ٿيو ته اسان جو ڪتابي علم آهي ڳالهه ڪرڻ جو. ڪِن ڪِن حالتن ۾ ته سُٺي ڳالهه ڪري ويندو هو پر مون ڏنو ته فاضل جڏهن، جنهن ليول تي، جنهن سطح تي، جنهن رواني ءَ سان، جنهن جولان سان ماڻهُوءَ کي سمجهائي ۽ تعليم ڏي ٿو، ان منزل تي ڪڏهن ڪڏهن پهچڻ پڙهيل ماڻهُوءَ جو ڪم ڪونهي. ڏسندي ڏسندي هڪڙو ماڻهُو وڃ جو ٽڪرو ٻڻجي ويو آهي، جنهن ۾ گُڻ الائي ڪٿي لڪل هئا، اهي نڪري ٻاهر نروار ٿيا آهن. اهي هاڻي اُپامن پيا. پلٽي پالوٽ تي ٻاهر نڪتا آهن. جيڪو ماڻهُو گڏجي فاضل صاحب، اڙي فاضل صاحب، صحافين جي جدوجهد تي، مون کي پهرين ئي ڊپ هو ته اسين سنڌي ماڻهُو مطلب ته جيڪو سنڌي ماڻهن ۾ آهي رُڳو ڏک، رُڳو شڪايتون، رُڳو اوڇنگارون، اسان سان ظلم ٿي ويو، فلاڻو ٿي ويو، فلاڻو ٿي ويو.

"اباهاڻي ڪجهه ڪريون." "فلاڻو حرامي آهي، فلاڻو حرامي آهي." بس نهيو. ڪجهه ڪرڻ جي ڳالهه نه. رُڳو شڪايتون. اڳي ته ماڻهُو زندگيءَ مان بيزار ٿيا ته رُڳو شڪايتون ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ چيائون ته، ميان اهي ڦڏا ئي ڇڏي ڏيو. پر پوءِ

شڪايتون ڪرڻ شروع ڪيائون. پر شڪايتن جو بندوبست ڪيئن ڪجي ۽ ڇا ڪجي؟ اهو مسئلو هو. اسين پنهنجيءَ پَر ۾ گهر اندر رهڻ تي رهون ته ٻين ماڻهن سان لاڳاپا رکڻ جي ڳالهه مُهاڙ ڪنهن سان ڪنداسين. پر صحافين واري جدوجهد ۾ مون ڏٺو ته فاضل اڳي ئي جيل ۾ هو. صحافين واري جدوجهد پوءِ ٿي. ان جدوجهد کان پوءِ آءٌ ڪوئيٽا ويس ته اتي آءٌ پريشان هئس ته ڪوئيٽا ۾ منهنجا ايترا واقف ڪونهن. هڪڙو خير بخش مري، اهو به شايد ڪونه هو لنڊن ويل هو. خير جيڪي واقف هئا سي ڇهتا. انهن مان هڪڙي ڪي چيم ته اهڙو ڪو سيبتو ماڻهو ڪونهي، جنهن سان ڪچهري ڪيان؟ اتي مون کي گڏيو صحافي، نالو هينئر مون کي ڪونه ٿو اچي.

”السلام عليڪم!“

”وعليڪم السلام!“

”مين آپ ڪي استقبال ڪي لئي آيا هون. فاضل صاحب ڪيسي هين؟“

”فاضل کي تون ڪيئن سڃاڻين؟“

”فاضل مون سان گڏ جيل ۾ هو.“

هي ته ماڻهو آهن، جيڪي صاحب آهن، علم جا صاحب، شرفاءِ، فاضل مسڪين ماڻهو. اسين ڇٽ ماڻهو ٻهراڙيءَ جا، هي اسان سان نهي ڪيئن ٿو!

”سائين فاضل ايسا نفيس آدمي- ايسا پيارا آدامي- ايسا محبوب آدمي.“

مون سمجهيو ڳالهيون ٿو ڪري. آءٌ ڇهه ڏينهن اتي هئس ۽ ڇهه ڏينهن اهو ماڻهو هٿ ٻڌي مون سان گڏ بيٺو هو. منهنجو سيڪريٽري ٿي پئي هليو. منهنجين سمورين ملاقاتن جو انتظام اُن پئي ڪيو. هُن منهنجي ميزبانيءَ جا فرض انجام ڏنا. پريس ڪانفرنس منهنجي ڪابه مِس ڪونه ٿي ڪيائين. ايم آر ڊي ۾ وياسين. خواجه خيرالدين- فاضل صاحب، ملڪ قاسم- فاضل صاحب، معراج- فاضل صاحب. ڪيئِين ماڻهو جيڪي مون کان بيزار هئا، خواهش هوندي آهي ته آءٌ نالو ناموس پيدا ڪريان. هر وقت نفسياتي طرح ائين ڪندو آهي ته منهنجو نالو اچي. فاضل ڪڏهن ائين ڪونه ڪيو. اها شيءِ جڻ ته هن جي بدن ۾ هئي ڪانه ته ڪو آءٌ اڳيرو ٿيان ۽ سدائين اڳيرو رهيو آهي. اها ڳالهه هن جي دل ۾ نه هئي ته ڪو آءٌ اڳيرو هجان، منهنجو ڪو نالو اخبارن ۾ اچي، نه بلڪل نه.

**ماهوار ”تحريڪ“ فيبروري 1987ع**

Gul Hayat Institute

# پاګوېو

(تنقيدي ادب)

Gul Hayat Institute

# انڌا اونڌا ويچ

(1)

متو آهين مڇ، ٿلها ٿو ٿونا هڻين،
توجا پائي اڇ، تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا.
(لطيف)

ڪجھ ڏينهن کان سنڌ ۾ پاڻ هرتڙن نقادن جي هڪڙي ٽوليءَ موسمي مڇرن وانگر اوچتو وٺي منهن ڪڍيو آهي، جي پاڻ کان وڏين قلمي ٻڍڙيون ڪٽي، ملڪ ۾ ڪاهي پيا آهن، ۽ هنبوڇيون هڻندا، رنڀون ڪندا، ٽاڏون ڏيندا، جيڪو ٿو سامهون اچين، تنهن کي سٽيندا، ڪُٽيندا، ڏاڙهيندا وڃن. وڏا پهتل، وڏا ادبي اولياءَ، ڪانيءَ ڪرامت جا ڌڻي، ٽيءَ ٽينديءَ جي خبر، اکيون ڇڻ تہ ٽانڊا، منهن تي مصنوعي جلال، ”اسلام! اسلام!“ ”مذهب! مذهب!“ ”اخلاق! اخلاق!“ جا نعرا، ”بچايو! بچايو!“، ”جهليو! پڪڙيو!“ جا واڪا، ايڏو تہ ڌمچر مچايو اٿن، جو ماڻهن جا ساهہ سُڪي ويا آهن. ڪير آهي، جو هنن خدائي فوجدارن، مذهبي ٺيڪيدارن، ليسن بردار اديبن، اُپٽ مار عالمن، ککڙ ڪاٺ ۾ وجهندڙ تيس مارن جي سامهون ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي سگهي! چوطرف ”الامان“ ۽ ”نفسي! نفسي!“ جي پڪار آهي. هر ڪو پيو ڪنبي تہ ڪڏهن ٿي اها ڇٽ پوليس مون تي اچي ڪڙڪي. خدا جي پناهہ! هڪ هٿ ۾ ٽونٽ جيڏا ادبي پروانا ۽ راهداريون، ٻئي ۾ جهالت ۽ تنگ نظريءَ جا شاهي ڏنڊا. شيطان جي آنڊي جيڏن لقبن جون گردن ٽوڙ پڳيون مٿن تي، تعصب ۽ حسد جون ڇُريون بغلن ۾، سڙيل ٻُريل پاروٽن ۽ زهريلن خيالن جا ڳوٿرا پُٺن تي، مڪر ۽ ريا جا وڏا ڊگها جاما لوڏيندا، خدا جي خلق ۾ ڪاهي پيا آهن. ڪو شاعريءَ جو بابو آدم ۽ فردوسي، ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر

Gul Hayat Institute

جي استادن جو استاد بڻيو بيٺو آهي، تہ ڪنهن کي ڏسو تہ ڪاليج جي ليڪچراريءَ مان هڪدم اُٿندي وڃي افلاطون ۽ سُقراط سان ڪلهي گس ڪئي اٿس، تہ ڪو وري رات وچ ۾ گمنام شاعرڙي مان قِري نقاد آخر زمان بڻجي ويو آهي. هيءَ مخلوق اوچتو ڪٿان پيدا ٿي آهي؟ ڇو پيدا ٿي آهي؟ سندن شان نزول ڪهڙو آهي؟ سندن انهيءَ هاءِ گهوڙا، جنون ۽ واويلا ۽ وٺ وٺان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟

سرزمين سنڌ تهذيب ۽ تمدن، علم ۽ فن جو قديم ترين مرڪز آهي. هن ڪاڻ هزارين اهڙا بي بها لعل ۽ گوهر پيدا ڪيا آهن، جي تاريخ جي پيشانيءَ تي جاوداني آب ۽ تاب سان چمڪندا رهندا. دودي ۽ درياهہ خان جهڙا دلاور ۽ سرفروش محب وطن، علي شير "قانع" جهڙا مورخ ۽ دانشور، ابوالفضل ۽ فيضي جهڙا يگانا ۽ بي مثال عالم، دانا ۽ مدبر، شاهہ عنايت ۽ شاهہ بلاول جهڙا دلير ۽ بيباڪ حق پرست ۽ حق گو، لطيف ۽ سچل جهڙا لازوال شيرين ڪلام شاعر هن خاڪ جا ئي ڪرشما هئا. هر دؤر ۽ هر زماني ۾ هيءَ سرزمين پنهنجو بي بها انساني فصل اُپائيندي رهي آهي. سندس واديون ۽ جبل هميشہ منڙن ۽ رسيلن نغمن، عظيم ۽ اعليٰ ڪارنامن جي پڙاڏن سان گونجندا رهيا آهن.

شعر ۽ سخن جون منيون زندگي بخشيندڙ نهرون تہ هتي ڪڏهن بہ خشڪ نہ ٿيون آهن. قاضي قاضن، شاهہ ڪريم، لطيف، سچل، بيدل، سامي، سانگي، روحل، دلپت، مسافر، گل، قليچ، مخلص، بلبل، بيوس، حافظ شاهہ حيات - هزارين خوشنما بلبلن جا منڙا، رسيلا نغما، قسمين قسمين دلنواز لاتيون. هر ڪنهن جي پنهنجي طرز، پنهنجي رس ۽ پنهنجي سر. ڪو پنهنجي دؤر ۽ زماني جو محبوب، تہ ڪو ازلي ۽ ابدي ذات جو ڏٺي، جنهن جا آلاپ سالن ۽ صدين جون حدون اورانگهي امر ۽ لافاني بڻجي ويا.

تهذيب ۽ تمدن جا وهڪرا هميشہ پيا هڪٻئي سان ملن. سنڌي تهذيب ۽ تمدن بہ ڪيترن چشمن جو پاڻي پيتو آهي. سندس شعر ۽ سخن بہ هندي، فارسي ۽ ٻين ٻولين جي گنج مان حصو ورتو آهي، پر ان سدائين پنهنجي هڪ خاص لئي ۽ نرالو مزاج قائم رکيو آهي. سنڌي شاعريءَ ڪنهن بہ دؤر ۾ عربي، فارسي يا هنديءَ جي ٻانهپ قبول نہ ڪئي آهي. جن ڏينهن ۾ فارسي سنڌ ۾ راڄ ڏجاڻي ۽ سنڌ جي دربار جي پٽ راڻي ٿي ويني هئي، تڏهن بہ سنڌي شاعري، پنهنجو ڳاٽ اوچو رکيو ۽ پنهنجيءَ راهہ تي اڏول مزاجيءَ سان رمندي رهي.

جيڪڏهن ڪنهن سنڌيءَ، فارسيءَ جي آب تاب تي هرڪجي، پنهنجي فارسي دانيءَ جي رعب ويهارڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تہ ماڻهن ڪانئس نفرت ٿي ڪئي.

جي فارسي سکيو، گولو تو ۽ غلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهين سو ڪيئن چائي جام،
اُجيو تہ آب گهُري، بکيو تان طعام،



Gul Hayat Institute

اي عـامن سـندو عـام، خاصـن منجهـان نــ ٿيـو.

(لطيف)

پر اج کان هڪ نسل اڳي ڏاري، سنڌ ۾ هڪ عجيب مرض منهن ڪڍيو. انگريزن جي ٻوٽ ۽ تفرقي واري پاليسيءَ سبب، سنڌ ۾ هندوءَ ۽ مسلمان جي وچ ۾ وڏندڙ دشمني ادبي ميدان ۾ ڪاهي پئي. هندو اچي سنڌي ٻوليءَ کي شڌ بنائي، تلڪ لڳائي، ڌوتي ٻڌائڻ جي پويان پيو ته مسلمان چوي آءٌ کيس ان کان اڳ ۾ چوغو پهرائي، ايراني ۽ عرب ٻڻائي وٺان. اچي جو چٽاپيٽي لڳي، سو سنڌ جي ”پر“ ٻري ”ليڪن“ ۽ ”پرنتو“، ”پاڻي“ ٻري ”جل“ ۽ ”آب“، سنگتي هڪ طرف ”متر“ ٿي پيا، ته ٻئي پاسي ”احباب“! سنڌ جي منڙي پياري ۽ سهڻي ٻوليءَ کي هنن ظالمن انڌي تعصب وچان اهڙو ته بگاڙي خراب ڪري ڇڏيو جو سجاڻ کان پري ٿي وئي. ان دؤر جون سنڌي لکيتون پڙهي، ماڻهوءَ کي خبر نٿي پوي ته لکندڙ سنڌيءَ ۾ لکيو آهي يا هنديءَ ۾ يا عربيءَ ۾. جملن ۾ فقط ”آهي“ ۽ ”ناهي“ جهڙا سنڌي اکر ٽنبيا ٿي ويا – ٻيو ٿيو پلو!

اها ويا شاعريءَ ۾ ته خاص ڪري گهر ڪري وئي. شاعرن جا ٻه ٽولا پيدا ٿي ويا، جن سنڌي شاعريءَ تي هندي، فارسي ۽ عربيءَ سان آپريشن ڪرڻ شروع ڪيو– هندن ٻه خوب جوهر ڏيکاريا ته مسلمانن ٻه. تان جو سنڌي شاعري موڪلائي وئي. باقي وڃي هندي ۽ فارسي بچيون. مسلمان شاعرن ته خاص ڪمال ڪري ڏيکاريو. شاهه لطيف وارن ٿرن برن، ڏوٿين، جهانگين، پنوهارن، اوٺين، ڏٿ ڏؤنرن جي ملڪ ۾ هڪدم ”لاله“، ”نرگس“، ”سنبل“، ”گلفام“ ٻڃي ويون. سنڌن چيلهيون غائب ٿي ويون. سنڌن قد سرو جيڏا ٿي ويا. سنڌن اکين مان نماڻائي، قرب ۽ محبت نڪري وئي: ڪٽاريون هٿن ۾، عاشقن جي چانگ پويان، قيامت جي چال هلنديون، سيني کي آسرا ڏينديون، تڙپائينديون، ”صحن چمن“ ۾ سير ڪنديون نظر اچڻ لڳيون. عاشقن جي صورت ٻه بدلجي وئي. قميصن ۽ پهراڻن بدران هنن شاعرن کٽي ايراني چوغا پهراين. هاڻي هرڪو ”آتش سوزان“، ”جگر برين“، ”شعله تپان“ ڪٽيو ”دامن کي تار تار ڪرڻ“ يا ”اختر شامري“ ڪرڻ کي لڳي ويو! هر ڪو ڏسو ته ”نيم بسمل“، ”دم بلب“، ”دم واپسين“ تي. ”نزع جي عالم“ ۾، يعني سدائين سڪرات ۾. جي اتان ڇڙهيا ته ”ڪوءِ بتان“ ۾ نوڪرون پيا کائيندا يا ”وحشت صحرا“ سان دل پيا وندرائيندا. هر ڪنهن جي پويان ”روح سياه رقيبن“ جو ٽولو. ماڻهو پائيندو ته سنڌي ڇوڪريون آزاد ڇڙواڳ پيون عاشق نهارينديون وتن. رڳو ايتري ڀُل ڪن ٿيون، جو هنن سچن عاشقن بدران وڃيو

سندن رقيبن سان عشق پچائين. سنڌ جي مظلوم، ڪوٺن ۾ قيد، رسمن ۽ ريتن ۾ جڪڙيل عورت سان هن ڪان وڌيڪ چٽر ٻي ڪهڙي ٿيندي؟

پر هتي تہ سوال هو "شاعري" جي وزن، بحر ۽ قافيي جو! سو هنن شاعرن ان ۾ گهٽتائي ڪانہ ڪئي، باقي حقيقت سان سندن ڪهڙو واسطو؟

اهي "اصلي تي وڏا" شاعر جڏهن سنڌي سخن جي سلطنت تي جلوه افروز ٿيا، تڏهن سندن بخت ۽ اقبال جو ڏؤنڪو چوطرف وڄي ويو. ماڻهو فردوسي، شاهہ لطيف، حافظ، سعدي، خسرو، غالب ۽ مير جو نالو ڀُلجي ويا ۽ سندن شاعريءَ کي ٻاراڻي ڪيچل سمجهڻ لڳا. "سنڌي شاعري" کي معراج تي پهچائڻ لاءِ، "سنڌيءَ" جو اکر هٽائي فقط "نج ۽ خالص" شاعريءَ کي رائج ڪيو ويو. جيڪا هڪ اهڙي پاڪ آسماني ٻوليءَ ۾ چيل هوندي هئي، جا پوتر شاسترن وانگر فقط ڪي وڏا جغادري ادبي برهمڻ ۽ مهاراج ئي سمجهي سگهندا هئا. "ڪي رند پروڙين راز" وارو مثال اکين اڳيان هو. هن دربار طرفان ايڏي تہ شاهانہ فياضيءَ سان خدمتون، لقب ۽ ادبي جاگيرون ورهائيون ويون، جو هنن هر "شاعر" جي دروازي تي نوبت وڄڻ لڳي. هر ڪو جهنڊي ۽ خلعتون جو ڏٽي! ڪو "استاد الشعرا" تہ ڪو "تاج الشعراءَ" تہ ڪو "ملڪ الشعراءَ". هنن "شاعرن" سنڌي شاعريءَ جي جيڪا ٻيڙي ٻوڙي ۽ مٿي پليد ڪئي، تنهن جا اثر چوطرف ڦهلجي ويا. سمورو نسل جو نسل بگڙي ويو- ڳالهائڻ، لکڻ، ٻولي سڀ جو ٻيڙو غرق. سنڌيءَ جا موتين جهڙا آبدار لفظ ۽ صدين جي محنت سان سينگاريل سمورا جملا، فقرا، چوڻيون، پهاڪا ۽ محاورا هنن "شاعرن" جي اُٿاريل ڌوڙ جي طوفان هيٺ دٻجي ويا.

اچــو پــاڻــي لــڙ ٿيــو ڪــالوريو ڪــنگن،
اينــدا لــج مــرن، تــنهن ســر مٿــي هنجــڙا.

(شاهہ)

Gul Hayat Institute

(2)

هـــــي جـــــي آيـــــا هيـــــر،
ســي مــون اڳ نــ ڏٺـا ڪـڏهن.
(لطيف)

دُنيا جي ٻين ٻولين جي تاريخ تي نظر وجهبي، تہ ڏسبو تہ اهي بہ زواليت جي اهڙن دؤرن مان لنگهيون آهن.

اردو شاعري جڏهن امير خسرو، سلطان قلي قطب شاهہ ۽ ولي دکني جي دؤر واري ٻاراڻيءَ، سودا ۽ ذوق جي دؤر واري جوانيءَ جي ڪيفيت مان لنگهي، لکنؤ جي ”جرات“ ۽ ”مصحفي“ جهڙن پيتن ۽ مسخرن جي هٿان طوائفن جي ڪوٺي جي زينت بڻجي وئي، ۽:

لـــگ جــا گلـــي ســي، تـــاب اب اي نـــازنين نهـــين،
هـــي هـــي، خـــدا ڪـــي واســطي مـــت ڪـــر نهـــين نهـــين!
(انشاءَ)

آنڪـــين دکلاتـــي هـــو جـــوبن تـــو دکـــاؤ صـــاحب،
وه الـــگ بانـــدهـ ڪـــي رکـــا هـــي جـــو مـــال اڇـــا هـــي!
(امير مينائي)

صـــنم سُـــنتي هـــين تيـــري ڀـــي ڪمـــر هـــي،
ڪهـــان هـــي، ڪـــس طـــرح ڪـــي هـــي، ڪـــڌر هـــي؟

انهيءَ قسم جي شعرن تائين محدود ٿي وئي، تڏهن هندستان جي باشعور طبقي هن ادبي زوال جي خلاف آواز اُٿاريو ۽ اردو شاعريءَ جي سمورين واهيات روايتن خلاف بغاوت جو جهنڊو کڙو ڪيو. سر سيد، حالي ۽ محمد حسين ”آزاد“ اردوءَ کي سندس روايتي تصنع، تڪلف ۽ فارسيءَ جي انڌي تقليد کان آزاد

Gul Hayat Institute

ڪرائڻ لاءِ جهاد شروع ڪيو. انهن ڪوشش ڪري رنگ لاتو ۽ اردو شاعري، جا رُڳو ٺلهن اکرن، پراڻين ۽ پاروٺين تشبيهن ۽ استعارن جو اٽوٽندڙ بيجان بُت بڻجي وئي هئي، تنهن جي جسم ۾ حالي، اسماعيل پاني پتي ۽ ٻين نئون نئون روح ۽ نئون ساهه وڌو. اردوءَ کي درٻارين، محلن ۽ طوائفن جي ڪوٺن جي مصنوعي ۽ گهُٽيل ماحول مان نجات ڏياري، عوامي ماحول جي زندگي بخش فضا ۾ آندو ويو. اهڙيءَ ريت اردو هڪ نئين عوامي دؤر ۾ داخل ٿي، ۽ اقبال، جوش ۽ فيض جهڙا باڪمال شاعر پيدا ڪري ڏيکاريائين.

سنڌي ٻوليءَ کي بہ ساڳئي دؤر ۽ ساڳيءَ پيڙا مان لنگهڻو پيو. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ فارسيءَ جي جاءِ تي انگريزي ٻولي سنڌ ۾ رائج ٿي. سنڌ ۾ هيءَ هڪ زبردست علمي ۽ ادبي انقلاب جي شروعات هئي. جيئن عباسي خليفن، هارون الرشيد ۽ مامون الرشيد جي دؤر ۾ يوناني، لاطيني ۽ سنسڪرت علم ادب سرزمين عرب ۾ ڦهليو ۽ شڪ، ڳولا، آزمائش ۽ ڇنڊڇاڻ جو اهو سلسلو شروع ٿيو جنهن اڳتي هلي دُنيا اڳيان المعري جهڙا شاعر ۽ ابن خلدون، ابن العربي، ابن رشد، غزالي، بو علي سينا ۽ الفارابي جهڙا پنهنجي زماني جا عظيم ترين ۽ يگانا دانشور ۽ عالم پيدا ڪيا، ۽ عربن کي روءِ زمين جو علمي ۽ ادبي امام تسليم ڪرايو ۽ جيئن عربيءَ جي علمي ۽ ادبي شاهڪارن، اسپين ذريعي يورپ ۾ داخل ٿي، يورپ جي مُدي خارج ۽ ٻوساٽيل علمي ادبي ماحول ۾ ٿرٿلو مچائي ڇڏيو. تيئن سنڌ ۾ انگريزيءَ جو اچڻ هڪ زبردست انقلاب هو. جيئن اسپين ۽ پورچوگال ۾ عربيءَ جي داخل ٿيڻ تي عيسائي عالمن وٺي هاءِ گهوڙا ڪئي هئي ۽ مُنهن مٿو پِٽيو هو تہ ”عيسائي دين ٿو وڃي!“، ”جيڪي عربي پڙهن سي ڪافر ۽ دوزخي آهن“، تيئن سنڌ ۾ اُن وقت جي بزرگن وٺي رڙ مچائي: ”ناصاري جي ٻولي جيڪو پڙهي سو ناصارو ٿيندو“، وغيره وغيره، ”فرنگيءَ ملڪ تہ ورتو پر هاڻي دين بہ ٿو کسي!“، ”انگريزي ست درجا جيڪو پڙهندو سو ست دوزخ پريندو!“، پر وقت جي وهڪري کي ڪير بدلائي؟ انگريزي ٻوليءَ جي ذريعي سنڌ ۾ ادب جا اهي املهہ خزانا ڪجي آيا، جيڪي سنڌ کان هزارين ڪوهہ پري گذريل ٻن ٽن صدين ۾ يورپ ۾ گڏ ٿيا هئا.

حقيقت ۾ مغربي دُنيا جي هيءَ انگريزي ٻولي ۽ ان جو ادب اهو فرض پورو ڪري رهيا هئا ۽ اهو حق ادا ڪري رهيا هئا، جيڪو مشرقي ٻولين ۽ ادبن جهڙوڪ سنسڪرت، عربي ۽ فارسيءَ جو مٿن چڙهيل هو. مغربي علم ۽ ادب جا متوالا ڪاليداس، جئہ ديو، ميران ٻائي، فردوسي، حافظ، خيام، سعدي، معري، بو علي سينا، ابن خلدون، ابن رشد، فارابي ۽ غزاليءَ جهڙن مفڪرن جي ٿي مئخانن مان سُرڪيون پيئتل هئا. هُو ساڳئي اوچي شراب کي نئين زماني جي نون تجربن ۽

Gul Hayat Institute

احساسن جي بٺين ۾ چڪائي، صاف ڪري، نين بوتلن ۾ ڀري، مشرق کي پيارڻ لاءِ کڻي آيا هئا. هاڻي شراب جو نشو تيز هو.

سنڌ ۾ انگريزيءَ جو پهريون ڦَلُ قليچ جا ترجما آهن. قليچ شيڪسپيئر کي لطيف جي وطن ۾ وٺي آيو. وڪٽر هيوگو ۽ بيڪن کي ميرن جو ملڪ ڏيکاريائين. يورپ جي ادبي باغن مان مٺا ۽ تازا ميوا پٽي آڻي، سنڌين جي اڳيان رکيائين. افسوس جو سندس نظر رئبلاس، بالزاڪ، ڪروانتيس، ٽالسٽائي، ايبسن، ٿامسن پين، روسو، چيخوف، گوگول ۽ خاص ڪري ڊڪنس جي ڦلواڙين ڏانهن نه وئي، پر هڪڙو ماڻهو نيٺ به ته ڇا ڇا ڪري سگهي؟

ساڳئي وقت انگريزن جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو ادبي ڪارنامو شاهه جي رسالي جي ترتيب آهي. سورلي لطيف کي گوئيٽي، شلر، نٽشي ۽ مارڪس جي وطن وٺي ويو. انگريزن جي آندل پريس ۽ ڇاپخانن، علم جا موتي بازارين ۾ ڍير ڪري ڇڏيا.

هوڏانهن ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ عملدار بڻجڻ جا اميدوار سنڌي نوجوان، بائرن، شيلي، هارڊي، شيڪسپيئر ۽ ملٽن پڙهڻ لڳا. ڏٺائون ته مومل راڻي، سهڻي ميهار، عمر مارئي کان سواءِ ٻيا به ڪي عاشق ٿي گذريا آهن. ڪافين، ڏوهيڙن، غزلن، بيتن ۽ ڳجهارتن کان سواءِ سانيٽ ۽ ترائيل نالي به ڪي شيون آهن. امير حمزي، گل بڪاولي، ممتاز دمساز، ”عروس ڪربلا“ ۽ حور عجم کان سواءِ ٻيون به ڪي آڪاڻيون آهن، جن کي افسانو ۽ ناول چئبو آهي. اهڙي به ڪا مخلوق دنيا ۾ پئي آهي، جتي پيار ڪرڻ ڏوهه ڪونهي، جتي ڪنوار پنهنجو گهوٽ پاڻ چونڊينڊي آهي، جتي زندگيءَ جي هر ميدان ۾ زالون مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلن ٿيون، جتي شاعر وڻن، پکين، جبلن، ندين ۽ سامونڊي نظارن بابت به نظم لکن ٿا، جتي قلم تلوار کي ڪاٽي ٿو، جتي ادب ۽ شاعر درٻارين يا مشاعرن جو سينگار نه، پر انقلابن جو علمبردار آهي، جتي عقل وهمن ۽ تعصب ۾ جڪڙيل نه آهي، جتي شڪ ۽ ”بي ويساهي“ ڪفر نٿا ليکجن، جتي تلاش ۽ ڳولا بدعت نه آهي، جتي آزمائش ۽ تجربي جو راڄ آهي، جتي زندگيءَ ۾ گرمي، تيزي ۽ تڙپ آهي، جتي تمنائون ۽ اميدون مايوسيءَ تي غالب آهن، جتي ’صبر ۽ شڪر‘ جو نالو سُستي ۽ بي همتي نه آهي، جتي طبقي، قوم، مذهب ۽ نسل جي نالي ۾ رچايل ڍونگن جي قلعي کولڻ وارا سوريءَ تي نٿا چاڙهيا وڃن، جتي ماڻهو حاڪمن جي رعيت نه بلڪ ملڪ جا مالڪ ليکيا وڃن ٿا، جتي جي حاڪمن مٿان ”عام راءِ“، ”شهري آزاديون“، ”آزاد پريس“ ۽ ”آزاد چونڊون“ جي نالن واريون تلوارون لٽڪيل آهن، جتي ڏاڏي آدم جي واري واريون رسمون رواج ختم ٿي چڪا آهن، جتي عيسائي عالم ۽ اديب ٻين مذهبن جي اڳواڻن، حضرت محمد صلی اللہ علیه وسلم ، گوتم ٻُڌ،

Gul Hayat Institute

زرتشت وغيره جي ساراهہ ۾ ڪتاب لکن ٿا، تہ ڪين سنگسار نٿو ڪيو وڃي، ۽ الٽو ڪين فراخدل ۽ روشن خيال ليکيو وڃي ٿو جتي اديب نہ صرف پنهنجيءَ ذات ۽ محبوب سان، بلڪ سموريءَ انسانيت سان محبت رکن ٿا. ڪشنچند ”بيوس“ جو نظم ”الله جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي“، حيدربخش جتوئيءَ جو ”پلي آئين، جيءُ آئين درياءَ شاهہ“، فتح محمد سيوهاڻيءَ جو ”دنيا جو دؤر“، حافظ شاهہ حيات جو نظم ”دلاسو“ وغيره، مغربي ادب جي اثر هيٺ، نئين دؤر جي سنڌي شاعريءَ جي پرهہ ڦُٽڻ جا آثار هئا. هنن شعرن جا شاعر پراڻا نالي چڙهيل عاشق نہ آهن، جن جو ڪعبو قبلو سندن ليليٰ آهي، جن جي سموري ڪائنات يار جي گهٽيءَ تائين محدود آهي، جي رڳو پنهنجي مطلب جا يار آهن ۽ جن کي پنهنجو يار ملي تہ پوءِ سڄي دنيا ٻلي وڃي ڦاهو ڪائي مري!

هنن شاعرن جو محبوب سندن وطن ۽ عوام آهي. ڪين ان جي نظارن، ان جي ماڻهن لاءِ اٿاهہ قرب آهي. سندن محبت وڏيڪ وسيع ۽ وڏيڪ اونهي آهي. وٽن تصوف جي پيچيده مسئلن ۽ بي معنيٰ تشبيهن، استعارن ۽ صفتن جي سڪٽي رڄ يا پراڻو نصيحت جو انداز ڪونهي. هنن جو شعر سادو، صاف، حَسين ۽ اعليٰ جذبو پيدا ڪندڙ آهي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سيد ميران محمد شاهہ، ڊاڪٽر دائودپوٽي، ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جهڙن مضمون نگارن ۽ انشاپردازن مغربي مضمون نگاريءَ ۽ تحقيق جي ڊول تي سنڌ جي ماحول کي ادب ۾ پيش ڪيو. سندن ٻولي اڳئين دؤر جي تصنع، لفظن جي ڀرمار ۽ معنيٰ جي پيچيدگين کان آزاد آهي. سندن مضمون بلڪل نوان آهن. هو ڪڏهن گنجي ٽڪر جهڙن مڪاني نظارن کي سهڻي نموني پيش ڪن ٿا، تہ ڪڏهن گروهڙي، ميئين عنايت، جلال فقير جهڙن وساريل شعرن جي نالي کي وري زندهہ ڪن ٿا، ۽ ڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لکي اسان جي ادبي ورثي کي عوام آڏو پيش ڪن ٿا. ساڳيءَ ريت پروفيسر شاهاڻي، ديوان ڪوڙي مل، پرمانند ميوارام، لعل چند امر ڏني مل، ڄيٺمل پرسرام ۽ ٻين اهڙا مضمون لکيا، جي درحقيقت سنڌ جا اوائلي مختصر افسانا هئا. هنن جا موضوع سادا ۽ عام هئا، پر ٻوليءَ جي قدرتي حُسن ۽ بيان جي بي پناهہ دلڪشي ۽ واقعات نگاريءَ جي سچائيءَ جي خيال کان انهيءَ دؤر جا ڪيترا مختصر افسانا اهڙا آهن، جن جو جواب اڄ تائين پيدا نہ ٿيو آهي. ”هيڏا هر ڪنهن وهيڏا“ ۽ ”موڳو مئجسٽريٽ“ جهڙن افسانن جي ٻوليءَ ۽ انداز کي ڊڪنس، اسٽينبڪ ۽ گورڪيءَ جهڙن عظيم ترين لکندڙن جي ڀيٽ ۾ فخر سان پيش ڪري سگهجي ٿو.

Gul Hayat Institute

سنڌي نثر کي هنن لکندڙن سادگيءَ، حُسن ۽ ادائگيءَ جي سچائيءَ سان جنهن معراج تي پهچايو، تنهن کان اسان جا اڳوڪا لکندڙ اڃا ورلي ڪو مٿي چڙهي سگهيا آهن. غالب جي مشهور خطن وانگر، هو لکن نٿا مگر ائين محسوس ٿئي ٿو گويا هو ڪنهن گهري دوست سان رهاڻ پيا ڪن. هو سنڌي ٻوليءَ جي فطرتي سونهن جا پارکو ۽ قلم جا ڌڻي آهن.

انهن شاعرن، اديبن ۽ نثر نويسن نئين دؤر جي ادب جي پيڙهه وڌي. هنن مشرقي زبان جي ادب سان گڏ مغربي نثر نويسيءَ ۽ شاعريءَ جو مطالعو ڪري، ان جي بهترين خوبين کي پنهنجو ڪرڻ جي شروعات ڪئي، ۽ ائين ڪرڻ سان انهن سنڌي ادب جي اوساري ڪنئي.

ساڳئي وقت هنن بنگالي، هندي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين جي شاهڪارن کي ترجمو ڪري، سنڌي ادب جي دنيا ۾ آندو. ان ڪري سنڌي نوجوان تعليم يافته طبقو خاص ڪري سنڌي اديب، ويهين صديءَ اندر دنيا ۾ آيل نون خيالن کان واقف ٿيا.

جاسوسي ناولن اسڪولي شاگردن جي دنيا بدلائي ڇڏي. جان عالم، حاتم طائي، امير حمزي جي جاءِ تي بليڪ، شرلاڪ هومز ۽ ڊاڪٽر واٽس اچي ويا، ويچارو بوقلمون جادوگر وسري ويو ۽ آرسن لوپن جو سِڪو ڄمي ويو. انهن ناولن ننڍي ٿهيءَ جي نسل ۾ پنهنجي ماحول جي سستيءَ ۽ بيڪاريءَ لاءِ بيزاري پيدا ڪئي، کين سائنس جي ترقيءَ کان واقف ڪيو ۽ جادوءَ جو جادو سندن دلين تان لهي ويو. انهن وهمن جي جاءِ سائنس جي ايجادن والاري. هو لنڊن ۽ پئرس جي گهٽيءَ گليءَ جا واقف ٿي ويا. سندن خيالن ۾ اُٿل پٿل آئي، ۽ يورپ جي حيرت انگيز ۽ پُراسرار دنيا کي نئين جنت سمجهڻ لڳا.

ڏيپلائيءَ جي اسلامي ناولن وري وچولي زماني جي عربي سلطنت واري دؤر کي رومانوي انداز ۾ پيش ڪيو. جنگ يرموڪ ۾ سٺ مسلمان مجاهد سٺ هزار ڪافرن کي ماري ميدائين ٿا. عيسائي نينگريون اسلام ۽ اسلامي جانبازن تي فدا ٿيو پون. توحيد سان روشن دليون سلطنت کي زير زبر ڪريو ڇڏين. دشمن، اسلامي تلوار جو تاب نه جهلي، طمع ۽ لالچ جا اوزار استعمال ڪن ٿا. پر سيف الله خالد جي فوج جا بااخلاق سپاهي ڪنهن به اهڙي پڪڙيل چار ڏانهن اک کڻي به نٿا نهارين. هنن ناولن وارو مسلمان بهادر، بي خوف، شريف، بلند اخلاق ۽ پنهنجي دؤر جي لحاظ کان روشن خيال آهي. هن اسلام کي وسيع خيال، فطري ۽ اعليٰ مذهب ڪري پيش ڪيو ۽ سنڌي نوجوانن ۾ برادري ۽ انسانيت جو روح ڦوڪيو. هنن ناولن ۾ جابجا اردو، فارسي ۽ سنڌيءَ جا دلچسپ ۽ جاندار شعر ڏنل هئا، جن پڙهندڙن ۾ زندگيءَ جو ولولو ۽ اُمنگ پيدا ڪيو ۽ منجهن اقبال، غالب، مولانا ظفر

Gul Hayat Institute

علي خان ۽ ٻين شاعرن جي بهتر شعرن لاءِ چاهه پيدا ڪيو. ڏيپلائي انهيءَ ڪان سواءِ وهم پرستيءَ جي خلاف مضمون ۽ افسانا لکيا، جن ۾ پير پرستي، قبر پرستي ۽ ٽوڻن ڦيٽڻن خلاف جهاد ڪيائين. ٻوليءَ جي سادگي ۽ تاثير، ۽ عبارت جي شوخيءَ جي خيال ڪان هنن لکڻين سنڌي ادب ۾ نيون روايتون پيدا ڪيون.

دستور موجب ڪفر جون فتوائون نڪتيون، ”اسلام خطري ۾“ پيو. ”ايماني غيرت“ ڪي چئلينج مليو پر هو ۽ ٻيا سيئي لکندا رهيا ۽ لکندا رهيا.

Gul Hayat Institute

## (3)

نئـــون نيـــا پو آيـــو راڻـــي مـــلان رات،
لـــڌي ســـون لطيـــف چئـــي، ڪنـــان ڏاتـــر ڏات،
ڪانــہ پڇـــي ٿـــو ذات، جـــي آئيـــا ســـي آگهيـــا.
(لطيف)

گذريل ٻن عظيم جنگين، پاءُ صديءَ جي ٿورڙي عرصي ۾، دنيا اندر ايڏا اڻاهہ ۽ بي پناهہ انقلاب آندا، جن جو مثال انسان ذات جي ٽي سؤ صديون لمبي تاريخ ۾ ڪٿي بہ نٿو ملي سگهي. اٽڪل 30 هزار ورهيہ اڳ جڏهن نيم انسانن جا وحشي ٽولا ٽندرا جي برفاني علائقن مان يا وچ ايشيا جي صحرائي ۽ جابلو ميدانن مان بچندا، بحر ۽ بر جي جانورن ۽ آفتن توڙي هڪٻئي سان لڙندا، ماريندا ۽ مرندا، انهن کي ۽ هڪٻئي کي کچو کائيندا، نيل، فرات، دجلہ، سنڌو، وولگا ۽ ڊئنيوب ندين جي ماٿرين ۾ اچي لٿا، ۽ انسان جي خوني تاريخ جي شروعات ڪيائون، تڏهن کان وٺي اڄ تائين انساني نسل تي جيڪي وهيو واپريو آهي، سو ويهين صديءَ جي ٻيءَ چوٿائيءَ واري عرصي جي تيز ۽ طوفاني واقعن جي ڀيٽ ۾ جڻ تہ ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

قديم روم جون ڪارٿيج، ايران ۽ يونان سان مشهور جنگيون، ايران ۽ يونان جا تاريخي ٽڪر، صليبي لڙاين جا زبردست ڪوس، تاتارين جون وحشي يلغارون، يورپ جون ٽيهن سالن واريون مذهبي جنگيون ۽ نيپولين جون طوفاني ڪاهون، هنن ڀيانڪ قيامتن جي مقابلي ۾ جڻ تہ ٻاراڻا کيل هئا.

پر انهن قيامت خيز تباهين جي ڀيٽ مان زندگيءَ جون اهي بي پناهہ نراليون قوتون پيدا ٿيون، جن جڻ تہ اک ڇنڀ ۾ انسان جي تقدير ۾ زبردست انقلاب آڻي ڇڏيو. سائنس جي عقل چرخ ڪندڙ ايجادن، موٽرن، ريلن ۽ هوائي جهازن مفاصلن ۽ دورين کي نيست و نابود ڪري، عام انسانن کي ابن بطوطہ ۽ مارڪو پولو جو همعصر بڻائي ڇڏيو. پريس، ريڊئي، ٽيليفون ۽ ٽيليويزن هر انسان کي جام جمشيد جو مالڪ بڻائي ڇڏيو، جنهن جي آئيني ۾ هر روز زمينن توڙي آسمانن جا اسرار ڏسڻ لڳا. عام تباهيءَ سڄي دنيا جي انسانن کي گڏيل خطري کان خبردار ڪيو ۽

Gul Hayat Institute

آهستي آهستي اها ڳالهه هر ڪنهن جي دل ۾ گهر ڪري وئي تہ بني آدم سچ پچ هڪبئي جا عضوا آهن. سڀني کي گڏ مرڻو ۽ جيئڻو آهي، سڀني جا مسئلا ساڳيا آهن. سموري انسان ذات مظلوم آهي. جنگ ۽ جهيڙا انسانيت جي نابالغيءَ واري دؤر جون خطرناڪ حرڪتون آهن. جنگ بهادرن ۽ دلاورن جو نہ، پر ڦورن ۽ ڌاڙيلن جو شيوو آهي. ٻين ملڪن کي غلام رکڻ ۾ عظمت ۽ ناموس ناهي، بلڪ انسانيت خلاف جرم ۽ بين الاقوامي بداخلاقي آهي.

انسانيت جي انهيءَ تاريخي بيداريءَ لاءِ ميدان تيار ڪرڻ ۾ دنيا جي روشن خيال اديبن ۽ شاعرن زبردست پارٽ ادا ڪيو. گذريل ٻن اڍائي صدين ۾ فرانس ۾ ڊڊرو، والٽيئر، روسو اناتول فرانس، بالزاڪ، وڪٽر هيوگو ايمل زولا، سارتري، استاندال، رومين رولان وغيره. انگلينڊ ۾ رابرٽ برنس، بائرن، شيلي، ڪارلائل، برناڊ شا، ايچ.جي.ويلس، ڊڪنس، ٿئڪري، هارڊي، جرمنيءَ ۾ ٿامس مئن، روس ۾ ٽالسٽاءِ، گورڪي، شولوخوف، گوگول، چيخوف، داستووسڪي، مايا وسڪي، نيڪراسوو، ايليا اهرنبرگ، آمريڪا ۾ ٿاس پين، مارڪ ٽوئن، والٽويٽمن، سمرسٽ ماهم، ٿيڊور ڊريسر، هاورڊ فاسٽ، جان اسٽينبڪ، هيمنگ وي، وغيره. هندستان ۾ منشي پريمچند، رابندر ناٿ ٽئگور، لطيف، غالب، اڪبر الهه آبادي، نظير اڪبر آبادي، علامہ اقبال، جوش وغيره. ناروي ۾ ابسين، چين ۾ لوهسون، مائوتون- جهڙن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن دنيا جي انسانن کي نئون نياپو ڏنو. جتي اڳئين زماني ۾ هاڪاري هومر، صرف يونان جي عظمت جا ترانا ڳايا آهن، عظيم فردوسي صرف ايران جي ناموس جو ڏونڪو وڄايو آهي، ڪپلنگ فقط انگيلنڊ جي شان ۾ قصيدا پڙهيا آهن، نٽشي جرمن قوم کي آسمان تي ڪنيو آهي، لوئي ڪئميونس پورچوگيز سلطنت جي مدح سرائي ڪئي آهي، ۽ امرءِ القيس عربستان جي ٻٽن، عورتن، تلوارن ۽ شراب جي ساراهہ جا ڏُڪ پريا آهن، اتي هنن نئين زماني جي شاعرن، اديبن ۽ دانشورن سڄي انسان ذات جي دکن دردن، آسن ۽ اُميدن، احساسن ۽ جذبن جا داستان لکيا. هنن اڳئين زماني جي اديبن ۽ شاعرن جي خيالي ڪاڪ محلن کي ترڪ ڪري، عام انسانن جي عملي جدوجهد ۾ شريڪ ٿي، سموري انسانيت جي روشن مستقبل واسطي جهاد ڪيو. هنن جو اعلان هو:

خدا ڪي بندي تو هين هزارون، بنون مين ڦرتي هين ماري ماري،
مين اس ڪا بنده بنون گا، جس ڪو خدا ڪي بندون سي پيار هوگا.

(اقبال)

ادب ۽ شاعري هنن لاءِ دماغي عيش جو سامان ۽ بادشاهن ۽ اميرن کان انعام حاصل ڪرڻ جو وسيلو نہ هو. قارون جا سمورا خزانا بہ هنن کان سندن ضمير خلاف هڪ سٽ بہ لکائي نٿي سگهيا. هنن جو قلم صرف ڪنهن سهڻي جي قد ۽

Gul Hayat Institute

بُت، هار ۽ سينگار، ناز ۽ ادا، ستم ۽ بيوفائيءَ جي داستانن لاءِ وقف ٿيل ڪونہ هو، بلڪ هنن پنهنجن قلمن سان ساريءَ دنيا کي حَسين جنت بڻائڻ تي گهريو. هنن انسانن جي برف جيان جميل خيالن جي دنيا ۾ بارود جون سرنگهون هنيون، جن جي ڌماڪن بادشاهن ۽ سلطنتن ۾ زلزلا وجهي ڇڏيا. هنن ڪئين ڇٽ پٽن سان هٽي ڇڏيا، ڪئين ظلم ۽ ستم جا جهونا ڳڙهہ جلائي خاڪ ڪري ڇڏيا. هنن جي قلمن ۾ ڪنوڻ جي شوخي، طوفانن جي مستي ۽ قيامتن جي سچائي هئي. آمريڪي، فرينچ، روسي ۽ چيني انقلابن جا پنيٺ هنن جي ئي دُڪايل چڻنگن مان ٻريا هئا.

گذريل جنگ عظيم بعد دنيا جي سمورن ملڪن جا ادبي وهڪرا پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا، ۽ قبائلي، قومي ۽ ملڪي ادب بدران هڪ اهڙو وسيع ۽ اعليٰ ادب ۽ شعر وجود ۾ اچڻ لڳو، جو رڳو ٻوليءَ ۽ بناوت جي خيال کان قومي ۽ ملڪي هو. منجهس عشق، محبت، درد، فراق، حادثن، روز مره جي واقعن، خانداني جهيڙن جهٽن، دشمنين، نفرتن، سماجي ريتن رسمن، انساني مايوسين، نااُميدين، ڪاميابين ۽ ڪامرانين جا اهي ذڪر هئا، جي اصل کان وٺي اديبن ۽ شاعرن جا موضوع هئا. هنن جون لکڻيون پنهنجين ٻولين جا شاهڪار آهن. سندن تخليقون سندن وطن جي ماڻهن جون جيئريون جاڳنديون تصويرون پيش ڪن ٿيون، پر هنن جي نظر نرالي هئي. ڳالهہ ساڳي، حقيقتون ذري گهٽ ساڳيون، پر انهن کي ڏسڻ واري اک ٻي هئي. هي اکيون رونشو ڏسندڙ تماشائين جون نہ هيون، واٽهڙو مسافرن جون نہ هيون، جو جيڪي بہ ٿئي سو ڏسي، ڪن پل لاءِ مزو وٺي يا خفي ۽ ناراض ٿي، پنهنجي راهہ وٺي رمنديون رهن. هي اکيون انهن جون هيون، جي نہ رڳو تماشائي پر خود تماشو هئا، جيڪي ٿئي پيو سو ساڻن ٿو ٿئي، مٿن ٿو ٿئي. هنن جي قلم جو گهوڙو ميڙي ۾ ”پڙ پچڻ“ وارو گهوڙو ناهي، جو صرف انهيءَ ڪري پچائجي ٿو تہ ماڻهو سندس ٿور ۽ پنڌ ڏسي داد ڏين، سندس چال ۽ شان، سندس وک ۽ ٻول، سندس سيج ۽ سينگار ڏسي واهہ واهہ ڪن. هنن اديبن جو قلم فقط انهيءَ ڪري جولان ڪائي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هنن کي تمام ضروري پيغام ڏيڻو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو محسوس ٿا ڪن تہ جيڪي هنن ڏٺو سو ٻين کي ٻُڌائڻ بنهہ ضروري آهي. سڀ ڪجهہ ڏسي وائسي چُپ ڪري ويهڻ هنن وٽ بداخلاقي آهي، جرم آهي، انسانيت جي وقار ۽ شان جي خلاف آهي. هو بي زبان ۽ مظلوم انسانيت جي زبان آهن. هو صدين جي گونگيءَ پڪار جو پڙاڏو آهن. هنن جي اک زمانن ۽ مڪانن جي سرحدن کي چيري، انسان جي ازلي بلنديءَ ۽ پستيءَ جي داستان کي ڏسي ٿي ۽ انهيءَ کي پڙهي ٿي. هنن لاءِ عام انسان آدم آهي، هر عورت حوا آهي،

Gul Hayat Institute

هي اديب، شاعر ۽ دانشور سموري انسان ذات جي ساڻ سان هلندڙ ۽ ان جا حامي ۽ علمبردار آهن. سندن ادب انسانيت جو گڏيل ورثو آهي.

ٻي جنگ عظيم نہ رڳو انسان ذات تي عظيم ترين تباهي آندي، پر ان تباهيءَ خلاف انسانن جي دلين ۾ عظيم ترين احتجاج جو طوفان پڻ برپا ڪيو. جيئن نيپولين جي جنگين سبب ٽالسٽاءِ جو عظيم شاهڪار ”جنگ ۽ صلح“ ناول پيدا ٿيو ۽ پهرينءَ جنگ عظيم لارمارڪ جي ناول ”مغربي جنگي ميدان خاموش آهي“، ۽ جان گالوورديءَ جي افسانن ”ٽئنٽرڊ ملين“ جهڙن انسان دوستيءَ سان ٽمٽار ادبي ڪارنامن کي جنم ڏنو تيئن ٻي جنگ عظيم ايليا اهرنبرگ جي ناول ”طوفان“ ۽ ”پئرس تي قبضو“، تاجيڪ شاعر بابر جمبول جي نظم ”مادر وطن“، ازبيڪ شاعر مرزا ترسون زاده جي نظم ”مشرق“، مخدوم محي الدين جي نظم ”جنگ آزادي“، ۽ سردار جعفريءَ جي نظم ”صلح جو ستارو“ جهڙن لافاني امن پرور ادبي تخليقن کي وجود ۾ آندو. انگريز ديوَ کي هٽلري آفت جي چنبي ۾ ڦاٿل ڏسي، هندستان جي مظلوم ۽ محڪوم عوام ۾ آزاديءَ جي آس ۽ همت پيدا ٿي. ڪرشنچندر، خواجہ احمد عباس، مجاز دهلوي، نياز حيدر، ڪيفي اعظمي، ساغر نظامي، ساحر لڌيانوي، اخترالايمان، فيض احمد فيض، سردار جعفري، مخدوم محي الدين، جگن ناٿ آزاد، مهندر ناٿ، ديوندر ستيارٿي، احمد نديم قاسمي، عصمت چغتائي، ۽ ٻين اديبن، شاعرن ۽ دانشورن آزاديءَ، بغاوت ۽ انقلاب جا شعلا ڀڙڪايا.

هيڏانهن سنڌ ۾ هڪ طرف ”فعولن فاعلاتن“ جو پراڻو ڏاڏي آدم جي واري وارو بي سُرو رينگٽ چالو رهيو، تہ ٻئي طرف ڪاليجن ۽ اسڪولن جي نوجوانن ۾ بيداري ۽ ملڪي آزاديءَ جو زبردست جذبو ۽ ولولو پيدا ٿيو. انهيءَ تحريڪ جا باني شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير، حيدر بخش جتوئي، گوبند مالهي، اُتم ۽ ٻيا نوجوان هئا. هنن افسانہ نگارن، مضمون نويسن ۽ شاعرن جي جماعت نہ رڳو سوين سال پراڻي اردو شاعريءَ جي پراڻن لتاڙيل پيچرن کان پاسو ڪيو بلڪ خود سنڌي ادب ۾ اهڙا بيان جا طريقا پيش ڪيا، جي جيتوڻيڪ مغربي دنيا ۽ ايشيا جي اُيرندڙ ملڪن ۾ گهڻو اڳي رائج ۽ مقبول ٿي چڪا هئا، پر سنڌ لاءِ بلڪل نوان، غير مانوس ۽ سچ پچ تہ اوپرا هئا. شيخ اياز جو گيت ”انقلاب“ ئي وٺو:

ڳـــاءِ ڳـــاءِ نوجـــوان، جيـــئن زمـــين آســـمان،
جـي زبـان کُـلي پـوي، زنـدگي اُٿـي چـوي انقـلاب!
هـــي بـــــہ ڪـــو نيـــاءُ آ، جـــو مـــزور پـــاءُ آ،
ســو لهــو پئــي پيــو- جنهن ســبب جيئــي پيــو.

Gul Hayat Institute

سنڌ، جنهن ۾ هزار سالن کان برهمڻ شاهيءَ جون آهني زنجيرون ڇڻان ڪنديون رهيون، جنهن کي اسلام جي نور سان منور ڪرڻ وارو حجاج بن يوسف ثقفيءَ جهڙو اسلامي تاريخ جو بدنام ترين قاتل هجي، جا ڇڻ ته روز ازل کان پنهنجي ملڪ کان لوڌيل ۽ تڙيل ڌاڙيلن ۽ لٽيرن لاءِ جاگير طور وقف ٿيل هئي، جنهن جي تاريخ جو هر باب ڦُرلٽ، ظلم، ڏڪار ۽ دهشت انگيزيءَ سان ڪارو ٿيل آهي، جا هر دؤر ۾ مدد خان، نادر شاهه ۽ ابداليءَ جهڙن بين الاقوامي ڌاڙيلن هٿان باهه ۽ رت جي سمنڊ ۾ ٻڏندي رهي آهي، اتي جي هيسايل، پيڙيل ۽ بيحس عوام اڳيان ”انقلاب“ جو نالو ونڻ جڻ ته ڪانءَ اڳيان ڪمان رکڻ آهي. ڇا سنڌ ۾ ڇا انقلاب! وري مزور ياءُ! پلا سنڌ ۾ مزور ٻه ڪڏهن پاءُ ٿيو آهي؟ اول ته هتي مزور نه پر هاري آهي. هاري ٻه، سيني کي خبر آهي ته گونگيءَ گانءِ وانگر، صدين کان، ڪوڏر ڪلهي تي، گوڏ ٻڌيو ڊوڙندا وتن _ انهن جو انقلاب ۾ ڇا وڃي؟

پر هنن شاعرن ۽ اديبن جي نظر رڳو سنڌ نه پر سموريءَ دنيا جي تاريخ تي هئي، هنن کي خبر هئي ته اڄوڪي دنيا اور آهي. ڪين معلوم هو ته اوير ۽ اولهه ۾ انقلابي طوفان اُٿي رهيا آهن، جي انگريزي سلطنت شاهيءَ جي بنياد ۾ زلزلا وجهي ڇڏيندا. ڪين محنت ڪندڙ طبقي جي اُسرندڙ قوتن جو صحيح اندازو هو. سنڌ جهڙي جهالت جي ماريل ۽ دنيا جي ڪنڊ ۾ اُڇليل ننڍڙي ٽڪري کي خبر هجي نه هجي، پر دنيا ۾ عظيم انقلاب اچي رهيا هئا. هنن نوجوانن دنيا جي ٻين ملڪن جي روشن خيال، عوام دوست اديبن جي نقش قدم تي نئين دؤر لاءِ نئين ادب تخليق ڪرڻ جي شروعات ڪئي. هنن پنهنجي ادب ۾ سنڌ جي ڏتڙيل ۽ مظلوم هارين جي حالت جو نقشو چٽيو. سنڌ جي سماجي رسمن ۽ ريتن جي پردي ۾ جيڪي ناحق ۽ ظلم ٿين ٿا، تن جي بي خوفيءَ سان اوگهڙ ڪئي. هنن محنت ڪندڙ طبقي جي حقن مٿان لڳندڙ ڌاڙن جو ذڪر ڪيو. هنن غلاميءَ خلاف آواز اُٿاريو. هنن انگريزي دٻاءُ ۽ دهشت انگيزيءَ کي پوريءَ قوت سان بي نقاب ڪيو.

انهيءَ کان سواءِ هنن سنڌي ادبي ٻوليءَ کي ان گندي ڪچري کان پاڪ ڪرڻ جي تحريڪ شروع ڪئي، جيڪو ڪيتري ئي وقت کان سنڌي ادب ۾ گڏ ٿي چڪو هو. اُڦٽ مار، دير هضم، اوپرا لفظ، فرسوده ۽ بي معنيٰ ڌاريون تشبيهون ۽ استعارا، ۽ مُدي خارج، اڏوهي کاڌل صفتون ترڪ ڪيون ويون.

Gul Hayat Institute

(4)

مــوڪي! متــارن جـا نـنـڍا ڪـيـم نهــار،
ســامايا ســري ڏٽــي، اڃـــا اڱـــڻ ڏار،
نـاٽوڪـيـم نهـار، سـر پـڻ ڏيـنـدا سـٽ ۾.
(شاھ)

ڳالھ ڪندا آهن تہ مڪتب جا ختابي اُٺ ڪي بہ مسجد تي چاڙهي ويا. اها ڳالھ صحيح هجي يا نہ، پر شاگردن جي استاديءَ ۾ تہ ڪو شڪ ڪونهي. تاريخ شاهد آهي تہ هن دؤر جا سمورا انقلاب (ذهني، سماجي ۽ سياسي) ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ ڄاوا ۽ نپنا آهن. اهي دهلي، علي ڳڙھ ۽ ڪلڪتي، لاهور ۽ ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان پڙڪي اُٿيل بغاوت ۽ انقلاب جا اُلا هئا، جن ڏُڪي ڏُڪي، پنيٺ ٻڌجي، انگريز اقتدار جي آسمان سان ٽڪر هڻندڙ هيبتناڪ قلعن کي ساڙي پسم ڪري ڇڏيو. اهي استنبول جي فوجي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد هئا، جن خليفت المسلمين، اميرالمومنين، سلطان عبدالحميد جي مُدي خارج، رجعت پرست ۽ وطن دشمن حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، ترڪيءَ جي قسمت کي اهڙو بدلائي ڇڏيو جو جيڪا ترڪي يورپ جي ”بيمار زال“ ليکبي هئي ۽ جيڪا پهرين عالمگير جنگ ۾ جرمنيءَ سان گڏ بُريءَ طرح شڪست کائي چڪي هئي ۽ روس، انگلينڊ، فرانس ۽ يونان ڪيس پاڻ ۾ حصا پتيون ڪري ورهايو وينا هئا، تنهن پنهنجي نوجوان انقلابين جي جهنڊي هيٺ اُٿندي شرط يورپ جي فاتح طاقتن کي اُهي اکيون ڏيکاريون، جو مڙس پنهنجن حصن پتين تان هٿ کڻي، ٽپڙ گول ڪري، يڪ ساهيءَ وڃي گهر پهتا. وري اڃا تازو ڪالهوڻي ڪالھ جڏهن جلال بايار ۽ عدنان مندريس جي ٽوليءَ آمريڪي جيٽ طيارن ۽ راڪيٽن جي زور تي ترڪيءَ ۾ نادر شاهي ظلم ڪڙو ڪيو ۽ وڏن وڏن سياسي ليڊرن، مدبرن ۽ فوجي جنرلن کي ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ جي همت نٿي ٿي، تڏهن ترڪيءَ جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا سرويچ نوجوان مستن وانگر ڪُڏي، ميدان ۾ ڪاهي پيا. استنبول جي گهٽين ۾

Gul Hayat Institute

ڪوس شروع ٿي ويو. هزارن کي قتل ڪري، سندن لاش ساڙي گم ڪيا ويا. پر نوجوان شاگرد ڪُسندا، ڪٽبا، مرندا ۽ لڙندا رهيا.

پتنگن پهه ڪيو مڙيا مٿي مچ،
پسي لهس نه لچڪيا، سڙيا مٿي سچ،
سندا ٻچين ٻچ، ويچارن وڃائيا!
(شاهه)

آمريڪا جي راڪيٽن ۽ جيٽ هوائي جهازن جو خوف دلاورن جي دلين کي ڏڪائي نه سگهيو. مندريس جي طاغوتي فوج هنن جي پهاڙ جهڙن مضبوط ارادن کي شڪست ڏئي نه سگهي. تان جو حق جي فتح ٿي، ۽ آمريڪا جو لاڏلو ۽ ٻلس جو دادلو مندريس، شاگردن جو جلاد مندريس (۽ ان وقت جي پاڪستاني حاڪمن سهروردي ۽ ڪمپنيءَ جو پڳ مٽ يار مندريس) ائين ميدان مان الوپ ٿي ويو، جڻ ڪڏهن هو ئي ڪونه. اهي ڏکڻ ڪوريا جا سپورٽ شاگرد ئي هئا، جن سنگمن ريءَ جي بربريت ۽ ڊڪٽيٽرشپ کي لحظي ۾ فنا ڪري ڇڏيو ۽ هو ٽپڙ ٻڌي، رات وچ ۾ بنا ٽڪيٽ وڃي، پنهنجي آقائي گهر آمريڪا ڪان نڪتو. جپان جي انقلابي شاگردن جي مظاهرن ۾ ”نانگن وارن ناچن“ آمريڪي صدر آئزن هاور لاءِ جاپان جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ جپاني حڪومت بيوس ۽ لاچار بڻجي، صدر صاحب کي لکي موڪليو ته اوهين مهرباني ڪري في الحال تڪليف نه ڪريو. ڪنهن ٻئي وقت تشريف فرما ٿجو! اهو پيو وقت آئزن هاور صاحب لاءِ وري ڪونه آيو. مصري انقلاب جو ٻج به مصر جي فوجي اڪيڊميءَ جي شاگردن پوکيو. اتي جي هونهار ۽ زنده دل نوجوان شاگردن، ناصر، انورالسادات، عامر ۽ ٻين شاهه فاروق کي مصر مان هڪالي ڪڍيو ۽ مصر، جو اڳي جاگيردارن ۽ پاشائن جو پيڙيل ۽ انگريزن جي آنکي پريندڙ ٿرڊ ڪلاس ملڪ هو، تنهن کي تندرست ۽ توانو ڪري، دنيا جي اُڀرندڙ قوتن جي صف ۾ آڻي کڙو ڪيو. برصغير هند–پاڪ جي جنگ آزاديءَ ۾ شاگردن جيڪو حصو ورتو، سو تاريخ ۾ ياد رهندو. جڏهن سنڌ اندر ”هندستان خالي ڪريو“ تحريڪ هلائي وئي، تڏهن جنهن شخص پهرين سر ڏنو هو، سو هڪ ڪمسن ۽ ڪمزور جسم وارو شاگرد هيمو ڪالاڻي هو، جنهن ڦاسيءَ جي تختي تي وطن جي آزاديءَ جا نعرا هڻندي دم ڏنو. مطلب ته اوڻيهين ۽ ويهين صديون درحقيقت نوجوان طبقي جون صديون آهن. جڏهن جڏهن ۽ جتي جتي اونداهين جو راڄ آهي، ملڪي نظام حيواني آهي، ماڻهو گونگا، ٻوڙا ۽ مظلوم آهن، سڀ ”شريف“ ۽ ”سمجهو“ ماڻهو چپن کي چنو لايو تماشو وينا ڏسن، واهيات خيالن ۽ فرسوده دستورن جو سِڪو ڄميل آهي، تڏهن شاگرد ۽ تعليم يافته نوجوان ميدان ۾ ٽپي پون ٿا.

پري پتن آئيا سي سهائي جل،
ڪندا ڪنڌ اُڇل، مچائيندا مچ ڪي.
(شاهه)

Gul Hayat Institute

هو نئين فڪر ۽ تخيل جون نيون جڳمڳائيندڙ مشعلون ڪٽي، اونداهين جي سيني کي چيرين ٿا، هو اهڙا نوان خيال ۽ اُصول ڪٽي اچن ٿا، جي ڪنهن سئا نہ ٻُڌا.

هـي جـي آيـا هيـر، سـي مـون اڳ نــہ ڏنـا ڪـڏهين،
ڏوتــي ســا ڏوريـــن، جـــو جـــوءِ سُـئي نـــہ ٻـــڌي!

هو مدي خارج ريتن ۽ رسمن جي ڪوٽن، اڏوهي کاڌل اخلاقي سياسي ۽ سماجي قدرن ۽ نظامن جي پاڙن کي پنهنجن روشن نظرين، اٽل ارادن ۽ بلند حوصلن جا چنجور ڪٽي اچي لڳن ٿا.

سـپ، ڪپـر سـڄا ڳهـي، نـانگن ڳوليـو کـاءِ،
تنـــين لئـــي واجهـــاءِ، مٽيـــو جـــن مـــٿن ۾!
(شاهہ)

ڪي سياڻا ڪي ڏاها اول سندن ڳالهين کي بيزاريءَ مان ڪِلي، ٺاري چڙهين ٿا، ۽ ڪي سندن بدتميزيءَ تي ڪاوڙجن ٿا. پيا انهن جي پاڳل پڻي تي عجب ڪائين ٿا. ڪن کي مٿن رحم ٿو اچي. نيٺ جن جي پيٽ تي لت ٿي اچي، يا جن جي رنگ ۾ ڀنگ پوي ٿي، سي دٻاءَ ۽ ڏاڍ جي مشينريءَ کي حرڪت ۾ آڻين ٿا. مٿن فتوائون نڪرن ٿيون، ڪين سر بازار خوار ۽ ذليل ڪيو وڃي ٿو ڪين ڪاٺ ۾ هنيو وڃي ٿو يا سوريءَ تي لٽڪايو وڃي ٿو پر هي پنهنجيءَ ڌُن ۾ پنهنجيءَ منزل جي خيالن ۾ غرق، ٽوڪن ۽ چٽرن کان بي نياز، نڪتہ چينيءَ ۽ ڪاوڙ کان لاپرواهہ پنهنجي عظيم اُصولن لاءِ زندگيءَ جي بازي لڳائيندا، اڏول قدمن سان منزل مقصود ڏانهن وڌندا رهن ٿا.

ڪنـڌ ڪٽـارو مـنهن وٽـي، عـادت سـندن ايءَ،
تنهـين تڪـون ڏنيـون، جنبـي منجهـان جـيءَ،
سـرو تـن سـپيءَ، جنين سـانگ نـہ سـاهہ جـو.

هيءُ ماڻهو عجيب مٽي ڦريل ۽ اونڌي کوپريءَ وارا ٿين ٿا. ساري دنيا هڪ طرف تہ هي ٻئي طرف، هي چڱي ڀلي بدن کي اَڪ جو کير مکين ٿا، ککر ۾ ڪڙا هڻن ٿا، ڏينين جي مانارن ۾ هٿ وجهن ٿا. جڏهن هرڪو ماڻهو رات ڏينهن رڳو سڪئي ٽڪر ڪائڻ، ٻچن پالڻ ۽ آئيندي جي ناهڻ ۾ مشغول آهي، جڏهن هرڪو ججهن جي صلاح تي هلي، هائو ۾ هائو ملائي، پاڻ وڻائي ٿو عزت ۽ مان شان حاصل ڪري ٿو ۽ دنيا جي نعمتن سان مالامال ٿئي ٿو تڏهن هي "چريا" پنهنجي ڦٽائي پرائي پچار ڪندا رهن ٿا. اهڙيون ڳالهيون پيا سوچيندا، جن جو نہ ساڻن واسطو نہ سندن اهل عيال، اوڙي پاڙي ۽ مائٽ مٽ سان. ٻيو تہ نهيو پر جنهن قوم جو درد سيني ۾ کنيو وينا هوندا، سا پڻ اڪثر منجهائن انت بيزار هوندي.

Gul Hayat Institute

ماٺڪ چوٽو جن جو هنج حضوري سي،
چلر ۾ چهنب هٽي، مڇي سن نہ اي،
لوڪ تہ لڪيا ٿي، جيلاهن ٻين پڪن گڏيا.

هي ”چريا“ ٻُڌائتا آهن. سندن نسل روز اول کان وٺي هليو اچي.

Gul Hayat Institute

(5)

عاشق زهر پياڪ وه ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه هيراڪ،
توڻي چڪنن چاڪ، ته به آه نه سلن عام سين.
(شاهه)

اج کان اٽڪل اڍائي هزار ورهيه اڳ، انهن چرين جي نسل جو هڪڙو ”بي متيو چريو“ هڪڙي سهڻي ۽ شاندار شهر ۾ رهندو هو. سندس شهر جا ماڻهو وڏا بهادر، وڏا قابل ۽ وڏا دولتمند هئا. اهو ”چريو“ پٿر گهڙيندو هو. ڪيس پيرن ۾ جُتي ڪانه هئي، هو سدائين پيرين اُگهاڙو گهمندو هو. سندس ٻار اڪثر لنگهڻ ڪاٽيندا هئا، پر هو بازار ۾ وڃي، هر ڪنهن ماڻهوءَ کان سوال پڇندو هو ۽ آڏي پڇا ڪندو هو. وڏن ليڊرن، فوجي سپه سالارن ۽ اميرن سان بحث ڪندو هو ته ”اوهين جيڪي چئو ٿا سو سمجهو نٿا، ۽ جيڪي سمجهو ٿا سو ڪريو نٿا.“ ساڻس نوجوانن جا ٽولا هوندا هئا، جي به سندس چوڻيءَ تي لڳي ”اشرافن“ جون پڳون لاهيندا هئا ۽ ”سچ“ ۽ ”انصاف“ جي ڳولا ڪندا هئا. آخر سڀ ”اشراف“ اهڙا اچي بيزار ٿيا جو ڪيس چيائون ته يا ته پنهنجين حرڪتن کان باز اچي ماٺ ڪري ويهه، يا شهر خالي ڪري وڃ. نه ته توکي موت جي سزا ڏينداسون. هن ستر ورهين جي پوڙهي ”چرئي“ چيو ته مون کي موت قبول آهي، باقي آءٌ سچ چوڻ کان ڪين رهندس، نڪي ملڪ ڇڏيندس، ائين چئي، مرڪندي، زهر جو پيالو پي ويو. اج ان ”چرئي“ جي عقل جو ڏاڪو آهي. هن جو هڪڙو هڪڙو اکر آيتن وانگر ياد ڪيو وڃي ٿو. هو انسان ذات جو هڪ عظيم فرزند ڪري ليکيو وڃي ٿو. سندس واڪاڻ ۾ سوين ٻولين ۾ هزارين ڪتاب لکيا ويا آهن. سندس نالي وٺڻ سان روءِ زمين جي ماڻهن جا ڪنڌ ادب وچان جهڪي وڃن ٿا. ان ”چرئي“ جو نالو سُقراط هو.

ان کان اٽڪل 400 ورهيه پوءِ هڪڙو ٻيو ”چريو“ پيدا ٿيو. هو هڪڙي عبادت خاني ۾ ٻهاري ڏيندڙ چوڪريءَ جو پٽ هو. سندس وطن وارا هڪ زبردست ڏاڙئين

بادشاهہ جي رعيت هئا. ان بادشاهہ جي قوم، ٻين قومن کي غلام ڪري هلائيندي هئي. ان ”چرئي“ پنهنجو اباڻو ڏنڌو ڇڏي، اچي مهاڻن ۽ ڏراڙن جو پاسو ورتو. چي، ”انسان سڀ برابر آهن. غلام نہ ٿيڻ کپي.“ ماڻهو هيءَ ”عجيب ڳالهہ“ ٻڌي وائڙا ٿي ويا. چي، ماڻهو ڀلا غلام ڪيئن نہ ٿيندو! غريب ۽ هيٺا هميشہ ڏاڍن جا غلام ٿيندا رهيا آهن. هيءُ بيوقوف چوي ڇا پيو؟ آخر سندس ئي سنگتين مان هڪڙي وڃي سرڪاري عملدارن وٽ چغلي هنئي تہ فلاڻو پاڳل ٿيو آهي ۽ الاهي بيهوديون ڳالهيون پيو ماڻهن کي سيکاري! عملدار باهہ ٿي ويا، ۽ ان ”چرئي“ کي ٻَڌي وٺي آيا. سيني ”شريف“، ”سمجهدار“ ۽ ”عقلمند“ ماڻهن کيس سمجهايو پر هن جي اتي بہ اها ئي لولي تہ ”ماڻهو سڀ برابر آهن!“ ڀلا، ههڙي ڪفر جي ڳالهہ سمجهدار شريف ماڻهو ۽ سرڪاري عملدار ڪيئن برداشت ڪندا؟ لڪپڙهون هلي ويون. آخر مٿان حڪم آيو تہ سوريءَ تي چاڙهيوس! هو سوريءَ تي چڙهي ويو باقي پنهنجيءَ ڳالهہ تان ڪونہ لٿو. پوءِ ان بادشاهہ جي پوين اعلان ڪيو تہ اهو ”چريو“ جنهن کي اسان جي وڏن سوريءَ تي چاڙهيو هو سو دراصل وڏو ڏاهو! اسان جو ابو هو بلڪ خدا جو پيغمبر هو خدا جو نور هو خود خدا هو! اڄ دنيا جا 100 ڪروڙ انسان کيس خدا ڪري مڃن ٿا ۽ 40 ڪروڙ ٻيا ماڻهو کيس خدا جو نبي ”حضرت عيسيٰ روح الله عليہ السلام“ ڪري مڃين ٿا.

ان کان اٽڪل 600 سال اڳ، هندستان ۾ هڪڙي بادشاهہ جو پٽ اوچتو ”ڪري پيو“ ۽ رات جو پنهنجي سهڻي، من موهڻي زال ڇڏي ڀڄي ويو. ڳولي وڃي جهليائونس. ڏسن تہ هڪ پپر جي وڻ هيٺ اکيون پوريو ويٺو آهي. پڇيائونس تہ ”خير تہ آهي؟“ چيائين تہ ”هيءَ دنيا سڀ ڪوڙ آهي. پنهنجو دين ڪوڙو آهي. پنهنجا عالم، ولي ۽ اولياءَ سڀ مڪر پيا ڪن. روزا رکڻ، غارن ۾ ويهي پاڻ کي بکون مارڻ ۽ قربانيون ڏيڻ، سڀ بيهوديون ڳالهيون آهن. اول انسان انسان ٿئي، دل صاف رکي، پنهنجي نفس سان وڙهي، پوءِ ٻي ڳالهہ!“ شاهي محلن ۾ ٿرٿلو پئجي ويو تہ هيءُ ڪهڙو ڪلور! لاڪيٽو پٽ هٿن مان پاڳل ٿي پيو! ديني عالم، فقيهہ ۽ مذهبي پيشوا اچي مڙيا تہ ”شهزادا سائين، اجهو هنن ڪتابن ۾ لکيو پيو آهي تہ اسين خدا جي سسيءَ مان نهيا آهيون، اوهين سندس ڪُک مان، واپاري وڙا سندس ڇيلهہ مان، ۽ ٻي سڄي غريب مخلوق سندس پيرن مان. پنهنجو ديني فرض آهي تہ حڪومت ڪريون ۽ هنن جو ڪم آهي تہ اسان جي غلامي ڪن. صاف ڳالهہ پئي آهي، خدائي فرمان آهي، ڪو تنهنجي منهنجي وس تہ ڪونهي!“ هن ڪِلي چيو تہ ”اهي ڪتاب سڀ ڪوڙا آهن. اوهين سڀ مڪار آهيو! انسان سڀ برابر آهن، ڪوبہ خدا جي سسيءَ مان يا پيرن مان ڪونہ نهيو آهي. سڀ گنهگار آهيون. اچو تہ پنهنجو نفس پاڪ ڪريون!“ هاڻي سيني کي پڪ ٿي تہ هيءُ ڪافر ٿي ويو آهي، پاڳل آهي، پر

Gul Hayat Institute

بادشاھ جي پٽ کي ڇا ڪن؟ پوءِ اھو شخص سڄي زندگي محلن بدران وڻن جي ھيٺان ويٺو رھيو ۽ ماڻھن کي عجيب غريب ۽ زماني جي دستور خلاف ڳالھيون ٻڌائيندي مري ويو. پوءِ، گھڻو پوءِ، ڪن ماڻھن چيو تہ اھو شھزادو سچو ھو. ھو بيشڪ نيڪ ۽ دانا ھو. خدا جو پاڇو ھو! پوءِ ھنن سندس چيل ڳالھيون گڏ ڪري ڪتابن ۾ لکيون، سندس مورتيون ٺاھيون، سندس عبادت شروع ڪيائون ۽ سندس مذھب ڦھلايائون، تان جو ان ”چريي“ شھزادي جا اڄ دنيا ۾ ڪروڙين پوئلڳ آھن. ساري انسان ذات کيس ڏاھو گوتم (ٻڌ) ڪري ليکي ٿي ۽ سندس احترام ڪري ٿي.

اٽڪل ڏيڍ ھزار سال ٿيندا تہ ھڪڙي رڻ پٽ ۾ ھڪڙي قوم رھندي ھئي. ان قوم جا ماڻھو وڏا بھادر ۽ دلير ھئا. منجھن وڏا شاعر ۽ وڏا داناءَ ھئا. ھو بلڪل مذھبي ماڻھو ھئا. پنھنجن مذھبي عالمن جي ڏنل ھدايت موجب، ھو پنھنجن ديوتائن جي دل جان سان عبادت ڪندا ھئا. منجھانئن جيڪي سرنديءَ وارا ۽ ديندار ماڻھو ھئا، تن ٻين نيڪ ۽ ديني ڪمن سان گڏ، پنھنجن ديوتائن جا سُنا ۽ سھڻا بُت ٺھرايا ۽ انھن کي ھڪڙيءَ پاڪ جڳھ ۾ رکيائون. سڀ ديندار مرد ۽ عورتون، خلوص دل سان، اتي اچي پنھنجن پنھنجن بُتن جي عبادت ڪندا ھئا، مٿن صدقا ڏيندا ھئا، ڪانئن دعائون گھرندا ھئا. ان شھر ۾ ھڪڙي نھايت نيڪ خاندان جا ماڻھو رھندا ھئا. ھو ٻين سڀني کان وڌيڪ پنھنجن ديوتائن جي عبادت ڪندا ھئا. سڀني کان وڌيڪ مٿن سچائي ۽ مذھبي عقيدن جي پختائين کي ڏسي، ڪين ڪٺي ان عبادتخاني جو مجاور ڪيائون. پوءِ پشتا پشت انھيءَ گھر جا ماڻھو انھن بتن جي عبادت ڪندا رھيا. ماڻھن کي بُتن جي عبادت جي واٽ سيکاريندا رھيا ۽ پنھنجي دين کي زور وٺائيندا رھيا. انھيءَ ڪري سڄي ملڪ جا ماڻھو سندن عزت ڪندا ھئا تہ ھي بُتن جا خاص پيارا ٻانھا آھن. انھن جي جيتري عزت ڪجي، بُت اوترو وڌيڪ خوش ٿيندا! آھستي آھستي ھيءُ خاندان سڄيءَ قوم جو مذھبي امام ٿي ويو. پر، اوچتو ئي اوچتو وڏي مجاور جو ھڪڙو پوٽو جنھن جا ماءُ پيءُ مري ويا ھئا، تنھن وٺي اعلان ڪيو تہ، ”ڏاڏو جن بُتن جو مجاور آھي، سي بُت ڪوڙا آھن! پاڻ جنھن مذھب تي آھيون، سو ڪوڙو آھي، تنھن ڪري آءٌ ھي بُت ڀڃندس!“ چوطرف ھراس ڇانئجي ويو تہ ھيءَ ڪھڙي ماجرا!؟ ھھڙي ديندار ۽ مذھبي پيشوا جو پوٽو ھھڙيون ڪفر جون ڳالھيون پيو ڪري! پيو ڪو ڪوري موچي يا جاھل ماڻھو بُتن کان منڪر ٿئي تہ بہ ٺھيو ھيءُ تہ خود بُتن جي پياري وڏي مجاور جو پوٽو آھي! سو پيو چوي تہ پنھنجن ابن ڏاڏن جو دين ڪوڙو آھي ۽ ھيءُ پاڪ بُت ڀڃي ڇڏيو! ھن کي ٿي ڇا ويو آھي؟ ھنن دانائن ۽ ڏاھن ديني ڪتاب جاچيا، پنھنجي علم ۽ دانائيءَ جي سمنڊ ۾ غوطا ھنيائون، آخر وڃي اھو راز ڳولي لڌائون تہ مجاور جي پوٽي تي جادوءَ جو اثر آھي ۽ چريو ٿي پيو آھي! پوءِ وڏا جادوگر وٺي آيا تہ ھن کي ڇڱو ڀلو ڪريو تہ ھي ڪفر جا ڪلما بند ڪري، پر ھن شخص تي ڪوبہ اثر ڪونہ پيو. تڏھن چيائون تہ

Gul Hayat Institute

جادوءَ جو اثر ڪونهيس، تہ پوءِ ڪو مڪر ناهيو اٿس. سو صلاح ڪيائون تہ وڏي مجاور جو پوٽو آهي، ھھڙي درويش ۽ ٻُتن جي سچي عبادتگذار جي اولاد سان سختي ڪرڻ ٺيڪ ناهي. تنهن ڪري ڪٺي ڪنهن سهڻيءَ زال جو سڱ ڏيونس، پر هن اها ڳالھ رد ڪري ڇڏي. تڏهن چيائونس تہ "ڀلا اجايو ضد ٿو ڪرين تہ ڪٺي ٿا توکي سڄي ملڪ جو بادشاھ ڪريون. تون ڀلائي ڪري ڏاهو ٿيءُ، ھھڙي نيڪ ۽ ڀلاري خاندان جو اولاد ٿي، ڪفر ۾ ڪاهي نہ پئو! ابن ڏاڏن جي دين کان پُٺ نہ ڦير!" سندس چاچي بہ هنن جي تائيد ڪئي ۽ ماٺتاٺي نصيحت ڪيائينس تہ هرو ڀرو ڇربو نہ ٿيءُ ۽ نڪي اسان کي ڏتو ڪر. ڪٺي بادشاهي وٺ. تنهن تي سندس ڀائٽي چيس تہ "چاچا! جيڪڏهن منهنجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي تي چنڊ رکندا، تہ بہ آءٌ انهن ٻُتن جي مخالفت ڪونہ ڇڏيندس!" بس پوءِ تہ سيني کي پڪ ٿي تہ هيءُ بلڪل گمراھ ٿي ويو آهي، سو اڻين ڪونہ مُڙندو پوءِ سندس سر جا ويري ٿي پيا. مائٽ مٽ جاني دشمن ٿي پيس تہ هن ڪفر جو خاتمو آڻيندا سين، يا پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين تان سر ڏيئي سرها ٿينداسين.

اهو ماڻهو جنهن پنهنجن عجيب غريب ڳالهين سان اوڙي پاڙي، مٽن مائٽن، بلڪ سڄيءَ قوم کي بيزار ڪري وڌو، جنهن پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين جو خانو خراب ڪري ڇڏيو جنهن تي وقت جي سيني عالمن ڪفر جون فتوائون ڪيون، ۽ جنهن جي علاج لاءِ سندس مائٽ پنهنجي زماني جا جراح ڊاڪٽر يعني جادوگر وٺي آيا، سو روءِ زمين تي "پيغمبر آخر زمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم" لکيو وڃي ٿو ۽ سڄي دنيا سندس عقل، فهم ۽ دانائيءَ جو داد ڏئي ٿي.

هي مخالفت جا طوفان، هي ڪفر جون فتوائون، هي خطري جا گهگهو هي "دين ٿو وڃي" ۽ "مذهب کي بچايو" جا واڪا فقط ديني ۽ مذهبي عقيدن لاءِ وقف ڪينهن، پر انساني عمل ۽ تخليق جي ميدان ۾ ڪنهن بہ نئين وِک، نئين قدم ۽ نئين خيال کي قبول ڪرڻ لاءِ زمانو يڪدم تيار نٿو ٿئي. سندس نازڪ هاضمو اهڙيون دير هضم شيون هضم ڪرڻ کان نابري واريو ويهي. وقت جي نام نهاد "دانائن" ۽ "عالمن" کي هڪدم ذهني قبضيءَ ۽ پيچش جي شڪايت ٿيو پوي، ۽ هو ونيو گهوڙا گهوڙا ڪن تہ "ڪاري قيام ٿي وئي..... ڊوڙو! ڊوڙو! جهليو! پڪڙيو! نہ تہ دنيا هٿن مان ٿي غرق ٿئي."

سـر وڃـايو سـر هو ڪـوڙن ڪـانئرن،
آڏيءَ رات اُٿـي ڪـري ددا دانهـون ڪـن،
سـندي ذات هـنجن، مـنهن ڪـوڙي مـوتي چُڻـي!
(لطيف)

Gul Hayat Institute

(6)

کنز، قدوري، قافيا، جي پڙهي پروڙين سڀ،
تہ ڪر منڊي ماڪوڙي کوهہ ۾، پيئي ڪچي اُپ!
(قاضي قادن)

ننڍي هوندي ٻُڌندا هئاسون تہ ڌرتيءَ ڪي هڪڙو ڍڳو سڱن تي جهليو بيٺو آهي. جڏهن هڪڙو سڱ ٿڪجيس ٿو تڏهن ڌرتيءَ کي اُڇل ڏئي، ٻئي سڱ تي کڻندو آهي. هي زلزلا ۽ ٻوڏون، جي اچن ٿيون، سي ڍڳي جي انهيءَ ڪنڌ اُڇل جي ڪري. اها ڳالهہ ماڻهو مڃين يا نہ، پر ڌرتيءَ تي اهڙا ماڻهو هر وقت هر دؤر ۾ موجود آهن، جي سمجهن ٿا تہ جنهن ڍڳي جا سڱ دنيا کي کنيو بيٺا آهن، سي اسين آهيون. اهي چوندا آهن تہ جي اسين نہ هجون تہ دنيا ٻئي ڏينهن تباهہ ٿي وڃي. هنن پنهنجن اوندن اُبتن خيالن، وهمن، وسوسن، خوش فهمين ۽ تعصبن جا بُت ٺاهي، انهن سان وڏا شاهي مندر سينگاري ڇڏيا آهن، ۽ سڄي عمر انهن بُتن جي پوڄا ڪندا رهن ٿا. بلڪل سچيءَ دل سان سمجهن ٿا تہ جيڪو بہ ماڻهو سندن انهن خيالي مندرن ۾ سيس نٿو نوائي ۽ ٻل نٿو چاڙهي، سو گمراهہ آهي، ڪافر آهي، سوريءَ تي چاڙهڻ جي لائق آهي. هنن پنهنجن انهن وهمن ۽ وسوسن کي ترتيب ڏئي، وڏا دفتر پري ڇڏيا آهن. جيڪو بہ سندن انهيءَ واهيات ۽ گمراهہ ڪندڙ وات تان ٿورو ٿڙي ٿو تنهن تي اهي دفتر کڻي چڙهيو وڃن تہ "هي ڏس، لکيو ڪين پيو آهي تہ فقط اسان واري وات صحيح آهي!" هنن جي خيال ۾ جيڪي هن کان اڳ هو ۽ هينئر آهي، سو پاڪ آهي، مقدس آهي ۽ هٿ لائڻ کان پري آهي. ان ۾ تِرَ جيتري بہ ڦيرڦار نہ ڪريو نہ تہ قيامت اچي ويندي بس اج کان پوءِ ڪابہ نئين ڳالهہ نہ ڪريو. جيڪي بہ ٿيڻو هو سو ٿي ويو. هاڻي جيڪي آهي، تنهن ۾ ڦير واڇڙ ڪونهي.

اٽڪل 400 ورهيہ ٿيا تہ اٽليءَ جي هڪڙي شهر ۾ هڪڙو نوجوان رهندو هو. هن کي نين نين شين جي کوجنا جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هن هڪڙو اوزار ٺاهيو، جنهن سان هو پري پري ڏسي سگهندو هو. هو رات جو اهو اوزار اکين تي رکي، چنڊ ۽ تارن کي جاچيندو هو. ۽ انهن بابت عجيب ۽ نيون ڳالهيون سوچيندو هو. ڏينهن

جو جڏهن سندس ٿهيءَ جا نوجوان ڏنڊا ڏاڙيون ڪري گذر سفر ڪندا هئا، ڪيل تماشا ڏسندا هئا ۽ عشق ۽ محبتون ڪندا هئا، تڏهن هيءُ زمين تي ڪاٺيون ڪوڙي، انهن جا پاڇا ويهي ماپيندو هو. پوءِ پنن تي عجيب آڏيون اُبتيون شڪليون ڪڍندو هو ۽ پينسل وات ۾ وجهي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪنهن سوچ ۾ گم ٿي ويندو هو. ماڻهو هن جي حالت ڏسي، عجب ۽ افسوس ڪندا هئا. هڪ ڏينهن هن وٽي خوشيءَ جي رڙ ڪئي. ماڻهو ڇرڪي ويا ۽ پڇيائونس ته ڇا ٿيو؟ چيائين ته ”مون حساب ڪري ڏٺو آهي ته هيءَ ڌرتي گول آهي، چؤڪنڊي ناهي!“ ماڻهن چيو ته اسان سمجهيو ته توکو خزانو ٻولي لڌو آهي! آخر ڳالهه وڃي پادرين جي ڪنن پئي، تن ڪيس گهرايو.

”اسان ٻُڌو آهي ته تون مذهب کان ڦري ويو آهين ۽ چوين ٿو ڌرتي گول آهي؟“

هن چيو ته، ”مون برابر حساب لڳائي ڏٺو آهي ته ڌرتي گول آهي.“ چيائونس، ”ڪل ته ڪانه ٿڙي اٿئي؟“ ڌرتي گول هجي ها ته پاڪ انجيل ۾ ڪونه لکيو پيو هجي ها! ڏيکار ڪٿي لکيل آهي ته ڌرتي گول آهي؟“ هن چيو ته انجيل ۾ برابر لکيل ڪونهي، باقي مون سڄي زندگي خاطريءَ جهڙي جاچ ڪئي آهي، تجربا ڪيا اٿم ۽ بلڪل ٺيڪ ٺيڪ حساب لڳايو اٿم ته ڌرتي گول آهي.“ چيائونس ته ”توکي ڪير ٿو پڇي؟ ڀلا ٻُڌاءِ ته تون سچو يا خدا جو ڪلام انجيل سچو؟“ هن چيو ته ”انجيل سچو پر ڌرتي گول آهي!“ بس، پوءِ ته هڪ زبردست مذهبي عدالت قائم ٿي وئي، جنهن ۾ وڏا وڏا مقدس پيشوا، فقه جا صاحب، علم جا بحر، الاهي اسرارن جا يگانا ڄاڻو ۽ دانائيءَ جا اٿاهه سمنڊ اچي گڏ ٿيا. هو پاڻ سان ديني ۽ دنيائي علمن جي ڪتابن جا اُٺ ڀرائي ڪٺي آيا. هنن نيڪ انسانن ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون انهن ڪتابن جو اکر اکر ڪري جاچي ڏٺو پر ڪنهن به پاڪ ڪتاب ۾ لکيل ڪونه هو ته ڌرتي گول آهي. هنن پنهنجا مقدس ڪنڌ لوڏيا، معاملو صاف هو، ڌرتي هرگز گول نٿي ٿي سگهي. ڪتابن ۾ اهڙي ڳالهه ئي ڪانهي! هن نوجوان زبردست ڪفر جو ڪم ڪيو آهي! پوءِ ڪيس حڪم مليو ته، ”هي ڪپڙا لاهي، ڳوڻ جا ڪپڙا پاءِ! پير ۽ مٿو اُگهاڙو ڪري 3 مهينا عبادتخاني ۾ پنهنجي گناهه لاءِ پڇتاءِ ۽ توبهه زاري ڪر، ۽ چوندو رهه ته ڌرتي گول ناهي، مون ڪفر بڪيو آهي، پوءِ تنهنجو ڏوهه معاف ڪرائڻ لاءِ مفتي اعظم کي عرض ڪيو ويندو!“ هن بيواهه شخص ڳوڻ جا ڪپڙا پاتا ۽ وڏيءَ درگاهه جي دروازي تي ڪِري، چوندو رهيو ته ”توبهه ٿو ڪريان، پاڪ انجيل سچو، آءٌ ڪوڙو، ڌرتي گول ڪانهي.“ آخر 3 مهينا پورا ٿيا، هو واپس موٽيو. پڇيائونس ته ”ڪيئن هاڻ ٺيڪ ٿيو آهين؟ وري متان اهڙو ڪم ڪرين!“ تڏهن ڀُڻ ڀُڻ ڪري چيائين ته ”مون توبهه

Gul Hayat Institute

ڪئي، آءٌ ڪوڙو ۽ انجيل سچو... پر پانيان ٿو تہ ڌرتي پڪ گول آهي!“ آخر هن چرياڻ مان جند ڇُٽڻ جو ٻيو ڪو رستو نہ ڏسي، مقدس پادرين فتويٰ ڏني تہ هن کي جيئري باهہ ۾ ساڙيو وڃي. هن کي پوءِ جيئري باهہ جي آڙاهہ ۾ اُڇليو ويو ۽ هو ان ۾ سڙي شهيد ٿي ويو. ان ماڻهوءَ جو نالو گئارنڊونو برونو هو. جنهن کي دنيا اڄ انسانذات جو عظيم محسن ڪري ليکي ٿي. اڄ اسڪول جي شاگردن کي بہ خبر آهي تہ ڌرتي گول آهي، سڄيءَ دنيا جو ڪاروبار انهيءَ ڄاڻ تي هلي ٿو. اڄ برونو جا ڳولي ڪڍيل اُصول سائنس لاءِ قانون جي حيثيت رکن ٿا. پر ان وقت ڪتابن ۾ جو لکيل ڪونہ هو سو پلا ان زماني جا ماڻهو ڪيئن مڃين تہ ائين ڪو ٿي سگهي ٿو!

جنهن سال برونو اٽليءَ ۾ ڄائو هو انهيءَ ساڳئي سال انگلينڊ جي هڪڙي ننڍڙي واپاريءَ کي هڪ پٽ ڄائو هو. هن بہ چار درجا ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهيا، پر پوءِ ڪري پيو. پاڻ ڪان گهڻو وڏيءَ هڪڙيءَ عورت کي ڪٽي زال ڪيائين. ڪم ڪار ڪان جواب، سڄو ڏينهن پيو رُلندو هو. ڪڏهن ڇا ڪندو هو جو تر جي زميندارن جي ٻيلن ۾ بنا موڪل وڃي شڪار ڪندو هو. هڪڙي پيري پڪڙجي پيو. ٻڌي ٿاڻي تي وٺي آيس، پر پٽس هو ڳوٺ جي ڪائونسل جو ميمبر، تنهن ميڙ منٿ ڪري پٽ کي ڇڏايو. پوءِ گهر وڃي پڇائي مار ڪڍيائينس. هوڏانهن جوٽس بہ اچي ڪوڪر ڪري ڪنيس تہ ”مٺا، بي ڪما! ڪو ڏنڌو ڏاڙي تہ نٿو ڪرين، پر اٽلو وڃيو هڇائون ڪرين!“ تنهن تي مڙس رُسي، وڃي لنڊن ڪان نڪتو. اتي نوڪريءَ لاءِ گهڻا ئي مٿا ڏنائين پر پلا پڙهيل هو پورو سارو، سو ڪٿان ٿي نوڪري مليس. آخر رلي رلي ٿڪو، سو وڃي هڪڙي ناٽڪ ڪمپنيءَ ۾ پرتي ٿيو. شڪل جو هو پورو سارو، سو مڙئي انڌا منڌا پارٽ پيو ڪندو هو.

هيءُ اُهو زمانو هو جڏهن دنيا تي هڪ نامور شاهي جوڙي جو سِڪو هلندو هو. مغرب ۾ هاڪاري راڻي ايلزبيٿ جو ڏاڪ هو تہ مشرق ۾ اڪبر اعظم جو نالو روشن هو! اسپين ۾ مسلمانن جو ڪوس پئي ٿيو ۽ سنڌ ۾ مرزا باقي چرئي ڪلور پئي ڪيا. يورپ سڄو پوپ جي خرمستين سبب تفرقي ۾ هو. هيءُ انگلينڊ جي ڦوهہ جوانيءَ جو دؤر هو. انگلينڊ سمنڊن جو والي هو. انگريز ملاح ٻريڪ سڄيءَ دنيا کي چوڌاري ڦري آيو هو. انگلينڊ ۾ علم ۽ هنر جا درياهہ پئي وهيا. هيءُ ڳوناٽو چوڪرو، لنڊن جهڙي عظيم ترين شهر ۾ ويڳاٽو ٿيو پيو هلندو هو. ڪمائي هيس پوري ساري، سو ڪنهن سان ڪونہ ملندو هو. آخر هڪ دفعي ڇا ڪيائين، جو لڪ ڇپ ۾ ويهي هڪڙي ڪيل جي آڪاٽي لکيائين. جڏهن ناٽڪ جي آڪاٽي سنگتين کي پڙهي ٻُڌايائين، تڏهن اهي اچي ڪِل ۾ ڇُٽا، چي ”ميان، ڏيڍريءَ کي

زڪام ٿيو آهي، اهي ڪم ڪن ته پلي لنڊن جا وڏا قابل اديب ۽ ڊراما نويس ڪن، تون اڍائي اکر مس پڙهيو آهين ۽ اچا ڪالهه جهنگ مان رُلي رُلي شهر ۾ آيو آهين، سو ٿو اهڙا ڪم ڪري سگهين!" همراهه اچي ڦڪو ٿيو ۽ ڪٽي ماٺ ڪيائين، پر ڪانئس رهيو نه ٿيو. سو بيو به کيل لکيائين، ٽيون به لکيائين، پر ڪنهن پڇيس به ڪونه. آخر هڪڙو کيل ڇپايائين، ماڻهن پڙهي اُڇلي ڇڏيو. "پلا ائين به ڪو کيل لکبو آهي؟ نه ٻوليءَ ۾ چس، نه ڳالهه ۾ سواد!" پر هيءُ همراهه نه مڙيو. سڄا سارا 25 کيل لکيائين. مس مس وڃي ڪي اسٽيج تي پيش ٿيا. گهڻا فيل ٿيا، پر ڪي مڙيئي پسند پيا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هن پنهنجي ناٽڪ ڪمپني کولي، جنهن ۾ ائڪٽنگ به پيو ڪندو هو ته ناٽڪ به لکندو هو. آخر 52 ورهين جي عمر ۾ مري ويو. مرڻ کان اڳ البت هڪڙو ٻنيءَ ٽڪرو ورتو هئائين، بيو ٿيو پلو. اڪثر ماڻهو سندس ناٽڪن کي بيڪار ۽ واهيات سمجهندا هئا ۽ چوندا هئا ته "جهڙو پاڻ جهنگ جو جٽ هو، تهڙا جٽاٽا ناٽڪ لکيا اٿس، سندس ناٽڪن جو ڪوبه چٽو مقصد ڪونه آهي، سڀ ڳالهيون گڏ وچڙ ٿيون پيون آهن، پڇاڙيءَ تائين پتو نٿي پيو ته مطلب ڪهڙو اٿس، وغيره وغيره." ڪن چيو ته فلاڻي ناٽڪ جي ڪاپي ڪئي اٿس، ادبي چور آهي. مطلب ته ڪنهن ڪم جو ڪونهي. پلا، ٻيلن جو چور، ٻهراڙيءَ جو جٽ، لنڊن جي اعليٰ اديبن ۽ زبردست ڊراما نويسن جي اڳيان ڇا ٻيهي سگهندو؟

انهيءَ ڳالهه کي گهڻو وقت ٿي ويو. زمانو بدلجي ويو. زماني جا معيار بدلجي ويا. وقت جون ڇوليون نامورن جي ناموس کي گهلي گمناميءَ جي سمنڊ ۾ اُڇلي آيون، ته ڪن کي اتان ڪڍي آڻي ڪناري تي رکيائون. ماڻهن پراڻا ادبي دفتر پٽيا، انهن کي پڙهيائون، توريائون تڪيائون.... اوچتو رڙ مچي وئي ته "اهو ٻهراڙيءَ جو جٽ، ٻيلن جو چور ۽ گمنام ائڪٽر وڏو اديب هو وڏو دانا هو. يگانو ڊرامه نويس هو. انگلينڊ جو عظيم ترين شاعر هو! هن جهڙو نه ٿيو نه ٿيندو!"

400 سال ٿي ويا آهن. اڄ سموري مهذب دنيا انهيءَ راءِ سان شريڪ ٿي وئي آهي. کيس دنيا جي مُٺ جيترن عظيم ترين شاعرن ۽ اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. علم ۽ ادب جي سلطنت ۾ هن جو سِڪو رائج آهي. هن جا عاشق دنيا جي ڇهن ئي کنڊن ۾ وينا آهن. دنيا جي ڪابه ٻولي ڪانهي، جنهن ۾ هن جا شاهڪار ترجمو نه ٿيل هجن. ۽ ها، جن "قابلن"، "دانائن" ۽ "عالمن" کيس "جٽ"، "جاهل" ۽ "ادبي چور" ٿي سڏيو. تن جو نالو نشان به ڪونه بچيو آهي. ڪنهن کي خبر ڪانهي ته اهي "وڏا بزرگ" ڪهڙي باغ جي موري هئا.

Gul Hayat Institute

انهيءَ ٻهراڙيءَ جي جٽ، ٻيلن جي چور ۽ ڪوجهي شڪل واري ائڪٽر ۽ ناٽڪ لکندڙ جو نالو شيڪسپيئر هو!

جڳ جي پُٽ ونڻ بدران جڳ کي پنهنجي پُٽ وناڻ وارا ماڻهو هر ميدان ۾ هر زماني ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. هو ماڻهن جي لتاڙيل گسن تي هلڻ بدران پنهنجون نيون راهون ڳولي ڪڍن ٿا. هو پنهنجي زماني جي دستورن، قاعدن، عقيدن، رسمن ۽ ريتين تي اکيون ٻوٽي هلڻ بدران پنهنجي اعليٰ عقل، بلند همت، بي پناهه حوصلي ۽ زبردست قوت عمل سان وقت جون واڳون پنهنجي قبضي ۾ آڻين ٿا ۽ زماني جي تقدير بدلايو ڇڏين. ”سچ“ ڏسڻ ۾ ڪهڙو به اٽوٽندڙ، تلخ ۽ پيانڪ هجي، پر هو ان سان اکيون اکين ۾ ملائڻ کان ڪين ٿا هٻڪن، چاهي دنيا ناراض ٿي پوي يا زماني جو بنايل نظام درهم برهم ٿي وڃي. هو پنهنجي مقصد کان ترِ جيترو به هٽڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا. سچ سچ آهي، چاهي ان جي ڳچيءَ ۾ زماني جي خواريءَ جو طوق پيل هجي يا پيرن ۾ ڏاڍ جون ٻيڙيون. هنن جون نظرون سچ جي مٿان هڙادو لڳايل ڪارانڻ ۽ بدناميءَ جي دامن کي پار ڪري ان جي اصلي حُسن ۽ جمال کي تاڙي ونن ٿيون. هو زماني جي ڪاوڙ ۽ عتاب جي ٿانڊن جي آڙاهن کي لتاڙيندا، سچ جي آستان تي پهچن ٿا. وهم، وڪڙ، ناحق ۽ جهالت جون ڏاڍيون جڏهن دستورن، رواجن، قانونن ۽ عقيدن جا ٻهڪندڙ زرق برق وڳا ڍڪي، ڳچين ۾ ماڻهن جي ميجتا ۽ تابعداريءَ جا چمڪندڙ هار لوڏينديون، ناز نخري سان ٿلندي ٿلندي، عقلن کي چرخ ڪريو ڇڏين، تڏهن هي اچانڪ هٿ وڌائي سندن انهيءَ نڳيءَ جي لباس کي سٽ ڏئي ڦاڙي، ليڙون ليڙون ڪري، سندن اصلي ڪراهت جهڙي روپ کي اُگهاڙو ڪريو ڇڏين. هيءُ انسان ذات جو ضمير آهي، روشنيءَ جا اوچا منارا آهن، جي تاريخ جي اجهاڳ سمنڊ جي هر منزل تي انسانيت جي ٻيڙيءَ کي وهم ۽ تعصب جي خوفناڪ ڪُنن ۽ ظلم ۽ وحشت جي هيبتناڪ طوفانن کان بچائين ٿا.

ٻئي طرف اهي آهن، جي هر زماني ۾ ماڻهن کي چوندا رهن ٿا تہ ”پنهنجن دماغن کي ڪُلف چاڙهي ڇڏيو! زبانن تي مهرون لڳائي ڇڏيو! سوچڻ گناهه آهي، سمجهڻ ڪفر آهي. اکيون بند ڪري، جيڪي اوهان کي چئجي سو مڃيو، تابعداري ڪريو! جيڪو ائين نہ ڪندو سو لعنتي آهي، ڪافر آهي، زنديق آهي، واجب القتل آهي!

هو انساني تخيل جي رنگ برنگي، من موهيندڙ ۽ حَسين پکين جا نازڪ پرڙا کوهي، انهن کي لوهي پڃرن ۾ بند ڪرڻ گهرن ٿا. نوان تجربا، نيون تحقيقون، نيون طرزون ۽ نوان خيال هنن جي دين ۾ حرام آهن. زندگيءَ جي ڪنهن بہ ميدان ۾ هڪ وِک بہ اڳتي کڻڻ هنن وٽ ڪبيرو گناهه آهي.

Gul Hayat Institute

هنن جو نسل بہ ايامن کان دنيا ۾ قائم آهي. هو هر ظلم ۽ وحشانيت جا علمبردار ۽ گمراهين ۽ اونداهين جا پرچاري آهن. هي وحشي ۽ بزدل قبيلو روز اول کان وٺي، ڪڏهن رسم و رواج جي قديم غارن مان تہ ڪڏهن مذهب ۽ دين جي اوچن منارن تي ويهي، انسانن جو شڪار ڪندو رهيو آهي.

هي ماڻهو هرڪا بڇڙائي ۽ بيهودائي، ڪنهن نہ ڪنهن نيڪ ۽ چڱي شيءِ جي نالي ۾ ڪن ٿا. هي اهي آهن، جن اڍائي هزار ورهيہ اڳ "يوناني اخلاق" جي نالي ۾ سُقراط کي زهر جو وٽو پياريو، جن بہ هزار ورهيہ اڳ "قانون ۽ انصاف" جي نالي ۾ مريم جي مسڪين ۽ ڀالي ڀولي پٽ کي "باغي" ٺهرائي، سوريءَ تي چاڙهيو، جن صدين لاءِ "ڪرشن ڀڳوان" جي نالي ۾ هندستان جي ڪروڙها انسانن کي "شودر" سڏي، سندن ڪنن ۾ شيها پلٽيا، جن 1400 ورهيہ اڳ مڪي ۾ "ابن ڏاڏن جي دين" جي نالي ۾ آمنہ جي لال (صلي الله عليه وسلم) کي "پاڳل" ۽ "ڪافر" ٺهرائي سندس قتل جو حڪم ڏنو، جن "اسلامي خلافت" جي نالي ۾ حُسين کي "باغي" جو لقب ڏئي، ڪربلا ۾ ڪُٺو جن "پاڪ مريم" جي نالي ۾ يورپ جي لکها عيسائين جو ڪُوس ڪيو ۽ "مقدس ڪليسا" جي نالي ۾ اسپين ۾ مسلمانن کي حرف غلط وانگر مٽائي ڇڏيو! ها، هي اهي ساڳيا آهن، جن عراق، شام ۽ مصر ۾ "چئن يارن" جي نالي ۾ لکها مسلمانن کي "شيعو" ٺهرائي، سندن سر قلم ڪيا، ۽ ساڳئي وقت "علي" جي نالي ۾ ا وترن ئي مسلمانن کي "سُني" ٺهرائي، ڄڻ ٻچو مارائي ڇڏيو!

هو ڪڏهن "جرمن تهذيب" جي نالي ۾ بيگناهہ مردن، عورتن، ٻارن ۽ ٻُڍن کي مشين ۾ پيڙي، منجهائن خوشبودار صابڻ ٺهرائين ٿا، تہ ڪڏهن "فرينچ تهذيب" جي نالي ۾ جميلہ بوپاشا جهڙين معصوم الجزائري ڇوڪرين کي اُگهاڙو ڪري ساڻن وحشياڻيون عقوبتون ڪن ٿا!

اڄ بہ انهيءَ قبيلي جا ماڻهو "مغربي تهذيب" ۽ "آمريڪي آزادي" جي نالي ۾ ڏکڻ آفريڪا ۽ ويتنام جي مظلوم انسانن جو کُليو کُلايو شڪار ڪري رهيا آهن. هي ماڻهو ڪڏهن "مذهب" ۽ "تهذيب" جي پردي ۾ لڪي ڪارروايون ڪن ٿا، تہ ڪڏهن "ادب" ۽ "اخلاق" جي ڪُڏڻ جي آڙمان پنهنجا زهريلا ڀالا هڻن ٿا.

سنڌ ۾ اڄڪلهہ جيڪي ماڻهو "ادب" ۽ "اخلاق" جي نالي ۾ "ڪافر"، "باغي"، "ڪميونسٽ"، "ملحد"، "دهريو" جي فتوائن جا زهري خنجر ڪڍي ملڪ ۾ ڪاهي پيا آهن، سي انهيءَ پراڻي پاپي قبيلي جي هڪڙيءَ بدنام شاخ جا ماڻهو آهن، جن کي ادبي داداگيريءَ ۽ قلمي غنڊاگردي ۽ سرڪاري دلاليءَ جو اڏن مليل آهي.

Gul Hayat Institute

(7)

سنڌي شاعريءَ ۾ هڪڙو نالو اول ۽ آخر آهي. سنڌي شاعريءَ جي اعليٰ روايتن ۽ بلند قدرن جو سرچشمو ”لطيف“ آهي. هر نقطہ نظر، هر ذوق، هر لياقت، ۽ هر قسم جي سنڌيءَ جي اڳيان لطيف جي شاعري اسان جي ادب جي سڀ کان بي بها ميراث آهي. لطيف جي شاعريءَ کي هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي نموني پڙهيو، پروڙيو ۽ پيار ڪيو آهي. ٻين وانگر، اسان جا موجوده شاعريءَ جا ابا ۽ باقاعدي شاعر بہ شاهہ جي عظمت جا قصيدا ڳائين ٿا.

ڏسڻو هي آهي تہ آيا اهي شاهہ جا معتقد ۽ مُرِيد رُڳو عقيدت جا لفظي ”پڙ چاڙهڻ“ جا ملوڪ آهن، يا سچ پچ سندس روايتن ۽ قدرن تي ايمان رکن ٿا. انهن جي پيروي ڪن ٿا ۽ ان واٽ تي هلن ٿا. ڀلا، شاهہ جي هن بي پناهہ مقبوليت جا اصل سبب ڪهڙا آهن؟ ماڻهو چون ٿا تہ هو انهيءَ ڪري مقبول آهي، ڇاڪاڻ تہ هو صوفي، درويش، وَلِي ڪامل، حق آگاهہ، بحر معرفت، مخزن اسرارالاهي، ۽ شارح قرآن هو. هُو بيشڪ اهو سڀڪجهہ هو پر سوال آهي تہ سنڌ ۾ جتي خدا جي فضل سان گهر گهر عيد آهي، شهر شهر بلڪ ڳوٺ ڳوٺ کي پنهنجو ڪامل ولي، مرشد حق آگاهہ، درويش معرفت رسد آهي، اتي هڪڙو ٻيو بہ وَلِي پيدا ٿيو تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي. رڳو اسان جي ٺٽي واريءَ مڪليءُ ۾ ئي چون ٿا تہ سوا لک اولياءَ الله جا پيا آهن، سڀ درويش، سڀ ڪامل، سڀ وَلِي، سڀ ڪرامتن جا صاحب، هڪڙو ٻئي کان زور، سيوهڻ، روهڙي ۽ جهوڪ ـ چؤطرف ڪرامتون، اسرار، لقاءَ، حال، قال! درحقيقت سنڌ ۾ وَلِين کان سواءِ ٻيو آهي ڇا؟ پر سڄي سنڌ ۾ لطيف فقط هڪڙو

Gul Hayat Institute

آهي ۽ رهندو. ڇو تہ هو وَلِي هجڻ کان قطع نظر، هڪ نرالو ۽ پيارو انسان هو. خدا رسيده تہ گھڻائي پيا آهن، پر هُو انسان رسيده هو. هن انسان جي روح ۾ جهاتي پائي، انسانن جا ڏک درد، سندن جذبا ۽ احساس ڏٺا هئا.

هو سچو مومن هو، اسلام جو پيرو ۽ توحيد پرست هو. پر هن عرب ۽ ايران جي بدران پنهنجي دل جو ڪعبو بدنصيب ۽ پياري وطن، سنڌ کي بنايو. ايران جي آبجو ۽ شيراز جي باغن ۾ ٽڙندڙ سَرَو، سَمَنُ، لالہ، نَرگِس ۽ سُنبُل جي بدران هن پنهنجي وطن جي پُسين، پيرُن ۽ ڏؤنرن جي حُسن جا نغما ڳايا. جتي ان وقت جي هند ۽ سنڌ جا نامور ڪنيا شاعر بهادريءَ ۾ رُستم، سهراب ۽ اسقند يار جا مثال ڏيندا هئا، اتي هن پنهنجي وطن جي رحم، ڪرم، عنايت، محبوبيت ۽ بي نيازيءَ جي شان بيان ڪرڻ لاءِ حَسِين استعارا ڳولي ٿو تڏهن ڪيس وطن جا دلير ۽ بانڪا ياد پون ٿا ۽ هُو خدا کي پنهون، تماچي، جکرو، چنيسر، راڻو ۽ سپڙ سڏي ٿو. هيءَ ڳالھ آهي، جا ڪنهن بہ عرب ايراني، هندي يا سنڌي شاعر نہ ڪئي آهي. هن جي انهيءَ خوبصورت دليريءَ اڳيان خود رُوميءَ جهڙي مست جي مسوري آڳ ۽ جلال عاجز ٿا لڳن.

لطيف هر ڳالھ ۾ پنهنجي دور جي ٻين شاعرن کان نرالو آهي. ان وقت هند ۽ سنڌ تي فارسيءَ جو راڄ هو. دربار جي زبان فارسي هئي. علم ۽ فن جي زبان فارسي هئي. سنڌي شاعري صرف ڳوٺن ۾ نامعلوم جڳهن تي پُٽڪو ڪندي هئي، نہ تہ هر هنڌ فارسي شاعريءَ جو بول بالا هو. لطيف انهيءَ روايت ۽ دستور کي اورانگهي ۽ لتاڙي، پنهنجي الڳ راھ ورتي. هن پنهنجي وقت جي فارسي گو شاعرن وانگر فارسي شاعريءَ جي تقليد ۾، فارسي بحرن ۽ وزنن ۾ بہ شاعري ڪا نہ ڪئي، نہ وري هن ان وقت رائج شاعريءَ جي مضمون يا انداز جي پيروي ڪئي. هن جي ٻولي، بحر، وزن، تشبيهون، استعارا، بندشون، موضوع ۽ انداز نظر خاص پنهنجا ۽ دُنِيا کان نرالا هئا. ان وقت جا ناليرا شاعر مثنويون، قطعا، غزل، نظم، شهر آشوب ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا ايراني طريقا اختيار ڪري، مقبوليت حاصل ڪندا هئا. هُو پنهنجي مادري ٻوليءَ کي انهيءَ لائق ئي نہ سمجهندا هئا تہ ڪو اها شاعريءَ لاءِ ڪتب آندي وڃي. تنهن ڪري لطيف جي پهرين خصوصيت، روايت کان مڪمل بغاوت آهي. جتي شاعريءَ جا موضوع فقط هِجُر ۽ فراق ، ظلم ۽ هرجائي محبوب، رقيب روسياھ، فلڪ ناهنجار، معشوق جي قد بت جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪرڻ ۽ سندس ڪرم جي تلاش ڪرڻ هئا. اتي لطيف ڏٿ_ڏوريندڙ ڏوٿين، برسات لاءِ واجهائيندڙ هارين، جهنگلن ۾ ڀٽڪندڙ ماروئڙن، سمنڊ ۾ اکا وجهندڙ هندو ڇوڪرين، ساٿياڻين، مهاڻين، ماڱرين، جوڳين، ڦورو سردارن، سندن ستايل ڀاڳين، سخي ڏاتارن، مڱڻهارن، اٺن هنجن، روھ جي ڪونجڙين، سپن، ڪپرن، ۽ ٻين اهڙن سنڌي زندگيءَ جي ڪردارن کي پنهنجو موضوع بنايو آهي. هن جا ڪردار



Gul Hayat Institute

اهي آهن، جيڪي سنڌ ۾ سچي پچي معنيٰ، مقصد ۽ حقيقت رکن ٿا. هن کي پنهنجي وطن جي چپي چپي سان، ۽ سنڌس هر مرد، ٻار ۽ عورت سان، هر مظلوم، هر ڏکوئل، هر خوبصورت ۽ پياريءَ شيءَ سان والهانه محبت آهي. هُو شاعري انهيءَ ڪري نٿو ڪري ته ڪو ڪيس پنهنجي شاعرانه ڪمال جي نمائش ڪرڻي آهي، پر ڇاڪاڻ ته ڪيس اهڙي ته حساس، عَمِيقُ ۽ انساني همدردين سان پرپور دل آهي، جو هو بي اختيار پلٽيو پوي. هن کي سنڌي ٻوليءَ سان عشق آهي. هُو ان زبان جو اهو جوهري آهي، جنهن وٽ ماڻڪن جا مَٽَ پريا پيا آهن. هن سنڌي زبان جي معمولي لفظن مان ڪڏهن ماکيءَ جو ڪم ورتو آهي ته ڪڏهن شراب جو نشو پيدا ڪيو آهي. انهن لفظن مان هو ڪڏهن احساس جا تاندا ۽ مَچُ ٻاري ٿو ته ڪڏهن احتجاج ۽ بغاوت جا بارُود پري ٿو. ڪو به اهڙو موضوع ڪونهي، ڪو به اهڙو واقعو نه آهي، ڪو به اهڙو احساس نه آهي، جنهن کي لطيف شاعريءَ جي معيار کان گهٽ سمجهي، نظرانداز ڪيو هجي. هن سنڌ جي عام ماڻهن، مردن ۽ عورتن، خاص ڪري عورتن جي جذبن جي، جنهن خلوص، اُمنگ ۽ جذبي سان ترجماني ڪئي آهي. تنهن جي بيان لاءِ دفتر ڪپن. شاهه جي شاعري درحقيقت هتي جي عام ماڻهن جي زندگيءَ جو هڪ دردانگيز ۽ من موهيندڙ داستان آهي.

لطيف جي عظيم روح ۽ سندس فن جي عظيم روايتن کي برقرار رکندڙ ۽ ان کي اڳتي وڌائيندڙ ۽ سنواريندڙ ئي سنڌ جا صحيح اديب ۽ شاعر آهن ۽ نه اهي جن ان جي انسانيت پرور، جرات مندانه ۽ تخليقي روايتن کان پٺي، ٺلهي تڪبنديءَ جي بي روح ۽ بي معنيٰ رينگٽ کي مچايو آهي.

سنڌيءَ کي مُڏيءُ ڪاتيءَ سان ذبح ڪرڻ، سنڌي شاعريءَ جي شاندار ۽ روشن چهري کي داغدار ڪرڻ، سنڌ جي ماحول ۽ قومي مزاج سان چٽر ڪرڻ، سنڌي شاعريءَ جي قافلي کي اوجهڙ ڏانهن مُنهن ڏيڻ ۽ سنڌ جي پنهنجي ادبي روايت کان بغاوت ڪري، ٻين جي غلامي ڪرڻ وارن مان هڪڙو بزرگ خاص طرح اڄڪلهه لطيف جي غم ۾ سينو ڪُٽي، اوچنگارون پيو ڏئي. ان لطيف جو دم پيو پري، جنهن جي مٺڙي ٻوليءَ کي پاڻ ۽ سندس قبيلي جي ماڻهن جيئري قبر ۾ پوري ڇڏڻ ۾ ڪِين گهٽايو. جنهن جي ٻولي مان ڪين ڏپ ٿي آئي، جنهن جي فني روايتن کي هنن حقارت سان ٺڪرائي ڇڏيو ۽ جنهن جي جاري ڪيل شعر جي آبحيات جهڙين شفاف ۽ حيات بخش نهرن کي ڪِن ۽ گند سان پرڻ هنن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بنائي ڇڏيو.

شاهه جي حُب جو سانگ رچائڻ ۽ پنهنجن چاڙتن جي هٿان ٽيڪو ڏيئي حشر پٽائڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ هي اردوءُ ۽ فارسيءَ جي شاهي درٻارين جا منصبدار، پنهنجي زماني جا فردوسي ۽ حافظ، مير ۽ غالب، عرفي ۽ رودڪي، ادبي



Gul Hayat Institute

آسمانن جا باشندا، عاج جي محلن جا مُڪين، اڄ هن حال ۾ هيٺ زمين تي ڇو پيا ڏسجن؟ ڪين اوچتو جهانگين ۽ مارن جو ’شاهه‘، ۽ پٽن ۽ وٿاڻن جو ’لطيف‘ ڪيئن اچي ياد پيو آهي؟

اهڙن فارسي زده تڪبندي ’شاعرن‘ نه رڳو هيئت جي اعتبار کان بلڪ موضوع مواد ۽ اسلوب جي نقطه نگاهه کان پڻ سنڌي شاعريءَ جي روايتن کي پُٺ ڏيئي ۽ سندس بي بها خزانن کي نظرانداز ڪري، نه رڳو فارسي هيئتون ۽ سانچا اختيار ڪيا، بلڪ سندن ٻولي، محاورا، تشبيهون، استعارا، ترڪيبون، بندشون ۽ ماحول سڀ غير سنڌي ۽ اوپرا هئا. سندن تڪبنديءَ جون پاڙون سنڌ بدران ايران ۾ لتڪيل هيون. سندن راهه بلڪل الڳ هئي. اها راهه سنڌي شاعريءَ کي ڪنهن نئين شاداب ۽ سرسبز منزل ڏانهن نه، پر هڪ پراڻي، لتاڙيل ۽ پڙيانگ اوجهڙ ڏانهن وٺي تي ويئي. ان جا مُکيه سبب هي هئا:

(1)هنن پنهنجي وطن، ٻوليءَ ۽ روايتن کان پاڻ کي ڇني، ڌار ڪري، ٻئي ملڪ، ٻيءَ ٻوليءَ ۽ ٻئي ماحول سان ناتو ڳنڍيو. جنهن ڪري سنڌين لاءِ سندن شاعريءَ ۾ ڪا به دلچسپي ۽ اصليت نه رهي.

(2)جنهن ڌارينءَ شاعريءَ جي روايتن ۽ سانچن تي هنن هلڻ شروع ڪيو، خود ان ۾ جيڪي ارتقائي تبديليون ٿيون ۽ ويهين صديءَ تائين اها موضوع ۽ هيئت جي خيال کان جنهن منزل تي پهچي چڪي هئي، تنهن جي هنن کي ڪا به خبر نه هئي. هنن ويهين صديءَ ۾ ويهي فارسيءَ جي ان دور جو نقل ڪرڻ شروع ڪيو جو 9-8 صديون اڳ ۾ ئي ختم ٿي چڪو هو.

(3)جنهن 9-8 صديون اڳ جي فارسيءَ کي هنن سامهون رکيو، ان جي زبردست روح عظيم ۽ معيار کي قائم رکڻ ۽ ان جي روايتن کي پنهنجي ڪرڻ جي منجهن صلاحيت نه هئي. هو حافظ، سعدي، خيام ۽ رُومي جي زندهه خيالن، گهَرن ۽ جانبدار احساسن ۽ بلند پروازن کي سمجهڻ ۽ پنهنجي ڪرڻ بدران فقط معمولي قسم جا لڪير جا فقير ئي رهجي ويا، جنهن ڪري نه هيڏانهن جا رهيا، نه هوڏانهن جا. سندن شاعري فارسيءَ جي اعليٰ ۽ روشن خيالن ۽ شاندار فني ڪارنامن جي هڪ بي روح، بي جان ۽ مرده تصوير هئي. فارسيءَ جي اٿاهه، گهري ۽ سدا شاهوڪار سمنڊ مان ٽُٻيون هنيون، سٽيون ۽ سانگوٽا ميڙيا. درحقيقت هنن فقط ڇِلڙن ۾ ڇنهبيون ٻوڙيون. درحقيقت هنن جي شاعريءَ کي فارسي شاعريءَ جي تقليدي شاعري ڪوٺڻ به فارسيءَ شاعريءَ جي شاندار نالي تي هڪ بدنمادا غ ۽ زبردست بهتان آهي. انهيءَ بي بُنياد، نقلي، بي جان ۽ نام نهاد شاعريءَ جي رائج ٿيڻ ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ واڌارو نه ٿيو ۽ ان جو مستقبل سخت خطري ۾ پئجي ويو.

(روح رهاڻ 1974ع)

Gul Hayat Institute

(8)

محلـــين آيـــو مڱتـــو ڪٽـــي ســـاز ســـري،
لڳـــي تنــد تنبيـــر تـــي، پيـــا ڪـــوٽ ڪـــري،
هنـــڌين مـــاڳين هـــوءِ ٿـــي پيجـــل دانهـــن ڀـــري،
جهونـــا ڳڙهـــ جهـــري، پونـــدي جهـــانءِ جهـــروڪ ۾.
(شاهہ)

سنڌي شاعريءَ کي انهيءَ اوجهڙ مان ڪڍي نئين ۽ روشن راهہ تي گامزن ڪرڻ ۾ جنهن شخص سڀ کان وڏيڪ ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، سو آهي شيخ مبارڪ اياز. هن سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي مقبول صورتن، جهڙوڪ ڪافي، وائي، بيت، دوهي، چيچُ کي وري رائج ڪيو آهي ۽ انهن کي نئون رنگ ۽ آب تاب ڏئي سنواريو ۽ سينگاريو آهي. هن روايتي شاعريءَ کان غزل جو سانچو وٺي ان ۾ نہ رڳو سنڌي ۽ اصلي رنگ ڀريو آهي، پر ان کي وڏيڪ خوبصورت ۽ دلڪش بڻايو آهي. هن مغرب توڙي مشرق جون مقبول ۽ مشهور شعري صنفون- سانيٽ، ترائيل، آزاد نظم، جاپاني هائيڪو- سنڌيءَ ۾ رائج ڪيون آهن ۽ سنڌي شاعريءَ کي هيئت جي اعتبار کان بين الاقوامي سطح تي آندو آهي. هن موضوع جي اعتبار کان ماضي توڙي حال جي زنده خيالن ۽ تصورن کي نئين انداز ۽ نئين رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. فارسي شاعريءَ جي عظيم خيالن- تنگ نظري، تعصب ۽ ريا جي پرده چاڪي ۽ بي بيباڪي، شوخي ۽ سرمستي ۽ هندي شاعريءَ جي خوبصورت سادگي، ميناج، نرميءَ ۽ فطري حُسن، سندس شاعريءَ ۾ تہ ڄڻ نئون

Gul Hayat Institute

جنم ورتو آهي. هن هڪ طرف موجوده دؤر جي بين الاقوامي سماجي قدرن، جهڙوڪ عوام دوستي، بين الاقوامي، جمهوريت پسندي، سماجي انصاف، جي ڀرپور ۽ پُراثر ترجماني ڪئي آهي، تہ ٻئي طرف سنڌ ۽ وطن دوستيءَ جي قدرتي جذبن کي لافاني بڻايو آهي. هن سنڌي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ ۽ ماحول جي خيال کان هڪ نئون روح ڦوڪيو آهي ۽ ان کي هڪ نئون جنم عطا ڪيو اٿائين. هن سنڌي شاعريءَ جي دامن کي حسين ۽ پيارين نج سنڌي تشبيهن، ترڪيبن، استعارن ۽ بندشن جي هڪ اٿاهہ ذخيري سان مالامال ڪيو آهي ۽ پراڻين تمثيلن ۾ نيون معنائون ۽ نوان مفهوم پريا آهن.

سندس شعر ۾ اهي سموريون خوبيون کي مٿان مڙهيل يا زور ڪري ٽُنبيل نہ آهن، پر اهي قديم ۽ جديد قدر، اهي اعليٰ شاعراڻيون روايتون، اهي وسيع گوناگون موضوع سندس ذهن جي هيٺانهين تهن ۾ ائين جذب ٿيل آهن ۽ سندس اعليٰ شعور انهن کي اهڙيءَ تہ خوبيءَ، صفائيءَ ۽ چٽائيءَ سان پروڙيو آهي، سندس دل انهن کي اهڙيءَ سچائيءَ ۽ شدت سان محسوس ڪيو آهي جو اهي خوبيون سندس شاعريءَ جو ضمير بڻجي ويون آهن. ان قيمتي مٽيءَ کي هن هڪ قابل ڪنيار وانگر پنهنجي نراليءَ ڪاريگريءَ سان گهڙيو، چٽيو ۽ سينگاريو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ پيش ڪيو آهي، تنهن تي اعليٰ فن جي مهر لڳل آهي. انهن سيني ڳالهين کان سواءِ منجهس اهو قدرتي جوهر آهي، جو عظيم تخليقون پيدا ڪندو آهي، اها ڪيميا جا لوهہ کي سون بڻائي ٿي، اها اڻ لڀ ۽ املهہ شيءِ، جنهن کي ذات چوندا آهن.

درحقيقت سچي پچي شاعري اهو لکي، جو شعر کي پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪري سگهي، جنهن جي روح ۾ موسيقي هجي، جنهن جي ذهن تي سچ ۽ سونهن جون ڪنوٽيون چمڪيون هجن. تنهن کان پوءِ عظيم شاعري کو آلجبرا جو حساب ڪونهي، جو هڪڙو ٻئي کي سمجهائي سگهي. اها پاڻ محسوس ڪبي آهي، ٻُڌائي نہ سگهبي آهي. لطيف تي سوَن سالن کان اسان جا بزرگ لکندا اچن. سنڌي ٻوليءَ جون سموريون صفتون ۽ تعريفي اکر کُٽائي ڇڏيا اٿن، پر اهڙا سوين مقالا پڙهڻ کانپوءِ بہ ذهن تي اها ڪيفيت پيدا نٿي ٿئي، جيڪا لطيف جي ٻن سٽن کي پاڻ پڙهي ڏسڻ سان ٿئي ٿي. درحقيقت هر سال جيڪي بزرگ لطيف جهڙي ديوَ پيڪر، هماليہ جبل جيڏي انسان کي خراج عقيدت ڏيڻ جي بهاني پنهنجي ذاتي راين جي تنجڻن ۾ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ڪيس پنهنجي تنگ نقط نظر جي پتڪڙي چيچ هٺ ۾ ڏئي، پنهنجي مرضيءَ موجب پيرڙيون ڪڍائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، تن جي خوداعتمادي ۽ خوشفهميءَ تي مون کي هميشہ ساڳيءَ وقت کِل ۽ روئڻ ايندو آهي. آءٌ تصور ۾ ڪيترين ٻليون ڏسندو

Gul Hayat Institute

آهيان، جي ڪنهن ڪيهر شينهن جي ڪلهي تي چڙهي، بزرگانہ شفقت سان سندس پٺ ٺپري سندس سرپرستي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون هجن. عظيم شاعري ۽ عظيم فن لافاني شيون آهن. اسين، جي فاني ۽ عارضي تماشائي آهيون، تن جي هر راءِ فنا جو بقا کي هڪ نماڻو سلام ٿي سگهي ٿو ۽ بس. بقا کي فقط بقا سمجهي سگهي ٿي، خود شاعر ۽ فنڪار بہ نہ. ڇو تہ شيڪسپيئر، فردوسي، غالب، لطيف، ڪاليداس، خيام ۽ ميران کي اهو وهم ۽ گمان ۾ بہ هوندو ڇا تہ ايندڙ نسل سندن پويان هيئن چريا ٿي پوندا؟ اجا تہ دهلي دور آهي. اجا ايندڙ صديون ايندڍيون، اهي خدا ڄاڻي ڇا ڪن. اسين تہ فقط ايترو چئي سگهون ٿا تہ:

مـــون ســـي ڏٺـــا مـــاءِ، جنـــين ڏٺـــو پـــرين کـــي،
تنـــين ســـندي ڪـــاءِ، ڪـــري نـــہ ســـگهان ڳـــالهڙي.

اياز جي شاعري بہ پڙهڻ جي شيءِ آهي، روح سان محسوس ڪرڻ جي شيءِ آهي. لفظي وڍڪٽ ۽ آپريشن سان سمجهائڻ جي ڳالهہ ڪانهي.

اهو بہ ضروري نہ آهي تہ هرڪو شاعريءَ کي پسند ڪري. بوعلي سينا طب تي لافاني ڪتاب لکيا آهن پر اسان کي اهو پڙهنديءَ ڪو لطف نہ ايندو آهي، ڇو تہ اسان جو ايڏانهن لاڙو ڪونهي. نزاڪت علي ۽ سلامت عليءَ جي قوالين جي هاڪ آهي، پر گهڻن لاءِ اهي ائين جڻ ڊبي ۾ نڪريون. ڇيني ماڻهو خوبصورت راڳ ڳائين ٿا، تہ اسين پاڻيون تہ روئن پيا.

اسين سنڌي ماڻهو هوندي بہ ايترو تہ علمي طرح پوئتي پيل آهيون، ايترو تہ زماني جا ستايل آهيون، جو اسان کي شاعري پڙهڻ جهڙي ذهني عيش جي فرصت ئي ڪانهي، تنهن ڪري اسان مان جيڪي خود شاعريءَ کي ئي واهيات شيءِ سمجهندا آهن، تن کي اياز جي شاعريءَ ۾ ڪجهہ بہ نظر نہ اچي، سڀ ڪجهہ بڪواس لڳي، تہ عجب جي ڳالهہ ڪانهي. هو پنهنجي جاءِ تي صحيح آهن. پر جيڪڏهن توهان پنهنجن ڀين ڀائرن کان وڌيڪ خوش نصيب آهيو- توهان لطيف پڙهيو آهي، سچل پڙهيو آهي، توهان غالب، مير، رومي، فردوسي ۽ ٻيا شاعر پڙهيا آهن ۽ شعر جي جادوءَ کي جيءَ ۾ محسوس ڪيو آهي. جي توهان خوابن جي جنتن جو سير ڪيو آهي، تہ پوءِ توهان کي اياز جي شاعريءَ جي دنيا جو بہ سير ضرور ڪرڻ گهرجي. هيءَ دنيا توهان جي ڏٺل وائٺل بہ آهي، تہ بلڪل نرالي بہ آهي. هتي ماضي بہ آهي تہ حال ۽ مستقبل بہ. سنڌ بہ آهي تہ هند بہ. بلڪ سارو جهان بہ. سرڪ ۽ مرڪ بہ آهن تہ لڙڪ بہ. حال اوندهہ انڌڪار بہ آهي تہ نور پري نيراڻ بہ. خوشي ۽ سرمستي بہ آهي تہ پڇتاءَ جي پيڙا بہ. هتي خودي بہ آهي تہ

Gul Hayat Institute

بيخودي بلڪ نيستي بہ. نهايت ساديون ۽ معصوم تمنائون ننڍڙا ذاتي غم ۽ خوشيون بہ آهن تہ ابن آدم جي ازلي بدنصيبين، ڏکن، بکن ۽ موت جو ماتم بہ آهي.

اياز اهو شهباز آهي، جو ڪڏهن ڏسو تہ اکين تي ڪوپا چاڙهيو اوهان جي پڇري ۾ بند ٿيو پنهنجي حال تي ڳوڙها پيو ڳاڙهي ۽ خوشيءَ جي چوڳي ذري لاءِ پيو واجهائي ۽ اهو ملڻ تي بود ۾ پرجي نچڻ لڳي ٿو تہ ڪڏهن ڏسو تہ هڪ ئي پڙڪي سان مٽي، تمام مٽي نڪريو وڃي. انهن نامعلوم بلندين تي جتي پنهنجي ۽ ڌارئي، ديس ۽ پرديس، قوم، نسل، مذهب، ماضي ۽ حال ۽ مستقبل، خوشي ۽ غم، آس ۽ نراس، هستي ۽ نيستيءَ جون سرحدون نظر کان اوجهل ٿيو وڃن. جتان خود ڌرتيءَ جو هڪ لکها سالن کان ڦرندڙ گولو قابل رحم لڳي ٿو جتي آگاهي ۽ ڄاڻ جون ننڍڙيون ٻيڙيون حيرت جي بي انت بحر ۾ غرق ٿيو وڃن. سندس نگاهہ معموليءَ کان معمولي شيءِ روز مره جي نظاري تي بہ آهي، تہ انهن حيرت انگيز منظرن ۽ ڪائناتن تي بہ آهي، جيڪي مادي وجود کان بي نياز آهن ۽ جن کي فقط تخيل جون اکيون ڏسي سگهن ٿيون. سندس سيني ۾ جڻ تہ هزارها لکها دليون آهن، جي هر انساني جذبي، احساس، شعور ۽ لاشعور جي چرپر کي محسوس ڪن ٿيون ۽ ان جي موٽ ڏين ٿيون. سندس اظهار ۾ قيامت خيز طوفانن جي انڌي قوت بہ آهي تہ چشمن جو سُريلو جهيڻو سُر بہ آهي ۽ ڍنڍ جي بيٺل پاڻيءَ جو نشيلو سڪون ۽ موسيقي ڀريل ماٺ بہ. هو ٻوليءَ جو جادوگر آهي. سندس طلسمي ڏات جي اشاري ملڻ سان بظاهر معمولي ۽ مٺل اکر اک ڇنڀ ۾ جيئرا ٿي معنيٰ ۽ مطلب جا رنگ برنگي ويس اوڍي ذهن جي اسٽيج تي رقص ڪرڻ لڳن ٿا ۽ دل جي تارن تي عجيب اڻ ٻُڌل ۽ حَسين راڳ ٻُڌائڻ لڳن ٿا. ننڍاڪرن ۽ اڻوجهہ لفظن کان هن اظهار جا اهي مُعرڪا سر ڪرايا آهن جو حيرت وٺيو وڃي، تہ هنن ڄاتل سڃاتل لفظن ۾ ايڏي نواڻ، ايڏو مايو ايڏيون گهرايون ۽ ايڏو مفهوم ڪٿان آيا؟ اها ٻولي جنهن ۾ هيستائين صرف وچولي دؤر جو فڪر ۽ شعور پيش ٿي سگهيو آهي، سا هڪڙي ئي ڇال سان صدين جو سفر طئي ڪري دؤر جديد جي جديد ترين خيالن جي اظهار جو وسيلو بڻجي وئي آهي. نج سنڌي اکر نج سنڌي تشبيهون، استعارا ۽ ترڪيبون اياز جي شاعريءَ جو مکيہ ۽ مرڪزي جزو آهن. سندس هر سٽ ستن پاڻين ۾ ڌوتل آهي، لفظ لفظ گهڙيل ۽ سنواريل آهي.

اياز جي شاعري ڪنهن هڪ فرد جي خالص ذاتي ڪرامت ڪانهي، اها سنڌ بلڪ دنيا اندر شعر ۽ فڪر ۽ شعور جي صدين جي ارتقا جي خاص منزل جو هڪ خوبصورت ۽ شاندار نشان آهي. مشرق ۽ مغرب جي قديم ۽ جديد عظيم شعري ورثي شيڪسپيئر، بائرن، شيلي، ڪيٽس، بادلير، ميران، خيام، رومي، حافظ،

Gul Hayat Institute

لطيف، سامي، سچل ، بيوس جي شاعريءَ جي پس منظر جي غيرموجودگيءَ ۾ اياز جي شاعريءَ جي وجود ۾ اچڻ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪيس شاهہ عنايت، لطيف، سچل، سامي ۽ بيدل جي سنواريل ۽ اُجاريل سنڌي زبان ۽ اندازِ بيان ورثي ۾ نہ ملن ها تہ منجهس اها دلربائي، اها اٿاهہ ڪشش ۽ نفاست هرگز نہ ملي ها. ساڳيءَ طرح مشرق ۽ خاص ڪري سنڌ جي مخصوص سماجي ۽ تاريخي حالت ۽ اجوڪي سماجي ۽ فڪري ماحول کان سواءِ بہ اها شاعري اها نہ هجي ها جيڪا آهي.

پر انهن سڀني ڳالهين جي باوجود بلڪ ڪنهن حد تائين انهن ڳالهين ڪري ئي اياز جي شاعري سنڌ اندر هن دؤر، هن صديءَ جي عظيم ترين اڪيلي ادبي حقيقت آهي.

زوال پذير تڪبند شاعريءَ واري لمبي مرض الموت کان پوءِ سنڌي شعر جو نہ رڳو جيئرو رهجي وڃڻ پر ان ڦوهہ جوڀن تي رسڻ، جنهن تي اياز ڪيس رسايو آهي، سو هڪ عظيم ادبي معجزي کان گهٽ ڪونهي. وطن جي خاڪ انهيءَ ڪرشمي تي جيترو بہ فخر ۽ ناز ڪجي سو گهٽ آهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ ڪو نُقص آهي تہ اهو هيءُ تہ هو سُنو قصيده گو ڪونهي، تنهن ڪري سرڪاري شاعر بڻجڻ جي سعادت کان محروم رهجي ويو آهي، بلڪہ سرڪار نامدار مڪاني چغلخورن ۽ ادبي جاسوسن جي رپورٽن تي سندس ڪلام جي هڪڙي مجموعي جي ڪن صفحن تي بندش وجهڻ فرمائي آهي ۽ اهڙيءَ ريت اسان جي چغل برادريءَ کي ڪِڳيون هڻڻ ۽ جهمريون پائڻ جو موقعو عنايت ڪرڻ فرمايو آهي.

پر انهن بندشن ڪري ڇا ٿو ٿئي؟ هيءُ تہ ڪتاب آهي، پر تاريخ ۾ پڙهيو اٿئون تہ انگلينڊ جي ڪنهن زنده دل بادشاهہ موڙهو سمنڊ جي لهرن تي بہ بندش وجهي ڇڏي هئي تہ ”خبردار اڳتي نہ وڌجو!“ محمود غزنويءَ بہ فردوسيءَ تي بندش وڌي هئي. آفريڪا جا ڪيترا قبيلا اجا تائين سج تي تير اُڇلائي ان کي ڊوڙائي پڇائڻ جون ڪوششون ڪندا آهن. سج، چنڊ، سمنڊ ۽ شعر تي بندش وجهڻ وارا بندشون وجهندا رهندا آهن. سج ۽ چنڊ چمڪندا رهندا آهن ۽ سمنڊ ۽ شعر موجون ماريندا رهندا آهن.

سهسين سائر ٻوڙيون، منڊ ٻوڙيو مهراڻ،
وه وڃايو پاڻ، هٽي ڪنڊ ڪپن سين.
(شاهہ)

Gul Hayat Institute

درحقيقت هيءُ دؤر سنڌي ادب جي سڀ طرفي واڌاري، اوسر ۽ نيسَر جو دؤر آهي. ادب ۽ شعر جي باغ جا سمورا ٻوٽا سرسبز آهن. شعر، افسانا، مضمون، تنقيدون، داستان، قصا، لوڪ ڪهاڻيون، ناول، تحقيقي مضمون وغيره هڪٻئي جي پٺيان ميدان ۾ اچي رهيا آهن.

سنڌ ۽ هند ۾، سنڌي ادب جي ميدان ۾ مرد خواه عورتون، هر وقت نوان تجربا، نيون ڪوششون ۽ نيون تخليقون پيش ڪري رهيا آهن، جن جي پوري جائزي لاءِ مڪمل ڪتاب کپن.

سنڌي ادبي بورڊ، ان جا ڪتاب ۽ ان جي لوڪ ادب اسڪيم هڪ طرف تہ "مهراڻ"، "نئين زندگي"، "روح رهاڻ"، "نئين دنيا"، "ڪونج" وغيره رسالا ٻئي طرف تہ اخبارن جا ادبي صفحا ٽئين طرف۔ مطلب تہ سنڌ جو ادبي قافلو پوري جوش خروش سان اڳتي گامزن آهي.

منزل برابر دور آهي. ٻيا اسان کان اڳتي، گهڻو اڳتي آهن، پر اسين اوجهڙ مان نڪري چڪا آهيون.

اها حالت ڏسي اهي جيڪي پاڻ وِک کڻي نٿا سگهن، جيڪي پاڻ چُرڻ کان لاچار آهن، سي ڏنڊا کڻي بيهي رهيا آهن، تہ خبردار متان اڳتي وڌيا آهيو! جيڪو ويهي پنڪيون نٿو ڪائي، اُٺ پکيءَ وانگر ريتيءَ ۾ سسي نٿو لڪائي، چمڙي وانگر روشنيءَ کان نٿو لڪي، سو ڪافر اهي، دهريو آهي، اسلام جو دشمن آهي.

Gul Hayat Institute

(9)

ڏمر ڏيهاٽي ڏي سندا ميهر مهٽا،
جهليم سي جهوليءَ ۾ پلئه پايوسي،
مرجان چاليهه چي سڳا سپرين جي.
(شاهه)

ڪجهه عرصي کان نام نهاد ”اسلام دوست“ نقادن جي هڪڙيءَ گئنگ، هڪڙي سنڌي اخبار جي شوشي باز ايڊيٽر جي سرڪردگيءَ هيٺ، شيخ اياز، گرامي ۽ ٻين سنڌي اديبن تي ڪِريل ۽ ناشائسته حملا ڪيا آهن، جي ڪِريل ذهنيت، اٿاهه جهالت ۽ سستي شهرت جي بي انتها بُک جو نتيجو آهن. اهي اپاهج ۽ لولن ذهنن ۾ ناڪام هوس جو ڪمال ۽ ذات کان بدترين ۽ ڪمينو انتقام آهي. هي شخص سڪٽيون ڪُنيون آهن، جيڪي گهٽو اُپامن ٿيون، تلها چڙها آهن جيڪي گهٽو وڄن ٿا. هنن جي لفظ لفظ ۾ حسد، ڪيني، بغض ۽ ساڙ جا تاندا ۽ فتني ۽ تعصب جو زهر آهي. هي جاهل ۽ ڪم ظرف شخص اهل ڪمال ۽ اهل سخن تي ٺٺوليون ڪن ٿا، ڪين بد شد ڳالهائين ٿا ۽ ڪين ڏمڪيون ڏين ٿا. هي جهالت جي اونداهن ٻرن ۾ لڪيل چمڙا ۽ ويران کنڊرن ۾ ويٺل لڪيل چٻون ادب ۽ فن جي آسمانن تي پرواز ڪندڙ شهبازن تي ڏند ڪڏي ڪِلن ٿيون، اهلون ڪن ٿيون، ۽ ڪانگن ۽ ڪٻرن جو داد حاصل ڪري، ڦونڊ ۾ ڦرجي نچن ٿيون. هنن تنقيد جي شريفاڻي لباس ۾ مڪريل، گلاخور ۽ چغلباز ڏوتين وانگر، اخلاق ۽ شرافت جا ليڪا لنگهي، سنڌون گوڏن کان مٿي ڪٽي، سنڌ ۾ هڪ زناني ويڙهه شروع ڪئي آهي، جنهن ۾ تاڙپئي لڳي، يار چگهه پيا نڪرن ۽ ڪچين گارين جو ڏوڙيو پيو پوي. هنن هڪ اهڙو تماشو شروع ڪيو آهي، جو جيڪڏهن اردو يا ٻين

ٻولين وارا سُٺي سمجهي سگهن تہ جيڪر سنڌين جا ڪنڌ شرم کان جهڪي وڃن. دنيا حيران ٿي ويندي تہ ڇا هيءُ آهي تنقيد جو معيار ۽ هيءَ آهي فهم ۽ سُخن جي پرک ۽ ان جو طريقو؟ هنن شخصن جيڪو ادبي سانگ رچايو آهي، تنهن ۾ پاڻ کي ادب جو ڪوتوال مقرر ڪيو اٿن. اديبن جي زبان بند رکڻ لاءِ هو مٿن ڪفر ۽ الحاد، ڪميونزم ۽ بداخلاقيءَ جي الزام جا ڏنڊا اُلارين ٿا. سندن ادبي تخليقن کي پنهنجين ٽيڏين اکين سان گهورين ٿا، تہ ڪين اهي ٽيڏيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. افسانا ٽيڏا، شعر ٽيڏا، مضمون ٽيڏا، بلڪ سري کان ئي مڙئي ڪتاب ۽ رسالا بہ ٽيڏا! جيڪا ڳالهہ سندن تنگ ۽ تاريڪ دماغ ۾ ماپجي نٿي سگهي، سا ڪفر آهي، الحاد آهي. نہ رڳو محب وطن ۽ عوام دوست اديبن ۽ سندن تخليقن تي هي واهيات ۽ شرانگيز حملا ڪن ٿا، ۽ سندن پويان پنڊي پارين ٿا، بلڪ انگريز پوليس جي چغلخور ۽ دلالن وانگر سرڪار وٽ بہ چغليون هڻن ٿا. ڇي فلاڻو اديب خطرناڪ آهي، ان کي جيل ۾ وجهو. فلاڻو شاعر دهريو آهي، ان کي سنگسار ڪريو. فلاڻي کي نوڪريءَ تان لاهيو ۽ فلاڻي تي ڪارروائي ڪريو! هنن جو وس پڄي تہ هوند سمورا ڪتاب، جي سندن سمجهہ کان ٻاهر آهن، سي ساڙائي ڇڏين ۽ سيني اديبن کي ڦاهيءَ تي چاڙهائي ڇڏين. سندن لهجو ادبي سنجيدگيءَ ۽ علمي توازن بدران مڇيءَ مياڻ واري بدزبانيءَ، شودن جي بازار واريءَ داداگيريءَ جو بدترين مثال آهي. جتي ادبي دنيا ۾ ”ادب براءِ ادب“ ۽ ”ادب براءِ زندگي“ جو بحث پيو هلي، اتي هي وري پنهنجي ”يخي براءِ يخي“ ۽ ”فتنو براءِ فتنو“ جا منصبدار بڻيا بيٺا آهن.

درحقيقت جعلي اديبن ۽ نقلي نقادن جي هيءَ ننڍڙي ٽولي، هٽلري جرمنيءَ جي انهيءَ عوام دشمن ۽ رجعت پسند گسٽاپو پوليس جي ايجنٽن جو نئون روپ آهي، جن گوئبلز جي اڳواڻيءَ هيٺ اٽڪل ٽيهارو سال اڳ جرمنيءَ ۾ محب وطن ۽ عوام دوست اديبن خلاف رڻ ٻاري ڏنو هو. ڪين يهودي، ڪميونسٽ ۽ غدار ٺهرائي، ڪن کي جلاوطن ڪرايائون، ڪن کي نازي تهخانن جي جهنم ۾ عذاب ڏيارايائون. ڪن کي مشينن ۾ پيڙايائون ۽ ڪن کي رستي هلندي شوٽ ڪرايائون. جرمنيءَ جا عظيم ترين فرزند، ٿامسن مئن (شهر آفاق ناولن ”بڊ نبروڪ ڪٽنب“ ۽ ”جبل“ جو مصنف)، آئنسٽائن (ويهين صديءَ جو عظيم ترين سائنسدان) ۽ هزارين ٻيا اديب، فنڪار، مُصور، دانشور، موسيقار ۽ اهل ڪمال انسان انهن نام نهاد نقادن جي بهتان بازي ۽ الزام تراشيءَ جو شڪار ٿي ويا. تان جو جرمنيءَ ۾ ڪن ٿرڊ ڪلاس، بي ضمير ۽ مسواڙي ليکڪن ۽ فنڪارن کان سواءِ ڪوبہ صاحبِ ڪمال ڪونہ رهيو. هي رنگروٽ چامڙا، مسولنيءَ ۽ هٽلر جا



Gul Hayat Institute

نازي نمائندا، سنڌ سان بہ اها ئي ڪار ٿا ڪرڻ گهرن. جيئن وتائي فقير اهڙن ماڻهن لاءِ چيو هو تہ سڄو جهان عيد جي ڏينهن مري ويجي، باقي آءٌ ۽ امان وڃي رهون، پوءِ امان ۽ آءٌ گڏجي ماڻهن جا پٽ ڏوئي گڏ ڪريون، پوءِ امان بہ مري وڃي، باقي رڳو وتايو ۽ پٽ وڃي بچن، سو هن نندڙيءَ ٽوليءَ جي بہ مرضي آهي تہ سنڌ جا هڙئي اديب ۽ شاعر ميڙي جيل ۾ وجهي ڇڏجن، باقي ڪين ڇڏي ڏجي تہ پيا ڇيرن وارا چرڙاٽ ڪن. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن پنهنجي روزاني اخبار ۾ هڪڙو ڪوڙن جو ڪارخانو ۽ فتنن جي فيڪٽري کولي آهي، جنهن ۾ پراڻن اوزارن يعني ڪريل ٿرڊ ڪلاس ڪوڙن الزامن ۽ گارين تي مذهب ۽ اخلاق جا روغن لڳائي، مٿانئن انگريزي پالش ٿڦي چلڪائي، وڏي پئماني تي سپلاءِ جو ڪاروبار شروع ڪيو اٿن. پنهنجي گدام ۾ جيڪي انهيءَ گاسليٽي مگر چلڪندڙ مال جا کوکا پريو وينا آهن، تن ۾ سڀ کان چالو جنس ”دهريت“ ۽ ”ڪفر“ جي ليبلن چنبڙائڻ جي ڪل آهي. اهو سندن خاص ۽ پيارو هٿيار آهي. ڪين ان تي ايترو ناز آهي، جيترو آمريڪا کي ائٽم بم تي بہ ڪونہ هوندو. جيئن روس ۽ آمريڪا جا راڪيٽ تيار آهن، رڳو بٽڻ دٻائڻ جي دير آهي، تيئن انهيءَ گئنگ جون فتوائون تيار آهن. ڪنهن تي ڪاوڙيا تہ سٽ ڏئي پنو ڪٽي، لکندا شيطان جي آنڊي جيڏا ليک تہ فلاڻو شعر، فلاڻي سٽ غيراسلامي آهي، فلاڻو اديب بي دين ڪافر ۽ ڪميونسٽ آهي، وجهوس جيل ۾.

هن گئنگ تنقيد جي پردي ۾ نئين دؤر جي اديبن ۽ شاعرن خلاف جيڪا فتنہ انگيز پروپئگنڊا شروع ڪئي آهي، تنهن ۾ هن بار بار مذهب ۽ دين جي آڙ ورتي آهي. هنن چالاڪ ۽ عيار پروپئگنڊا بازن کي خبر آهي تہ هتي جي سادي سودي ۽ ابوجهہ عوام کي برغلائڻ ۽ اشتعال ڏيارڻ لاءِ مذهب جي آڙ ونڻ جهڙو ٻيو ڪارگر هٿيار ڪونهي.

آخر جڏهن سمگلر ۽ بليڪ مارڪيٽر بہ پنهنجي نيڪ ڪمائيءَ مان ٺاهيل بنگلن تي ”هذا من فضل ربي“ جي آيت اُڪرائي ڇڏين ٿا، جڏهن هر عقلمند پنهنجي توفيق آهر دين جي نالي کي استعمال ڪري پنهنجا مطلب پورا ڪري سگهي ٿو، تڏهن اسان جي نقلي نقادن ڪهڙي ٻلي ماري آهي، جو دين جي نالي مان رڳو ايترو بہ فائدو وني نہ سگهن، جو مفت ۾ سستي شهرت ۽ انتقامي تسڪين ئي حاصل ڪن.

رهيو نقاد هجڻ جو سوال، سو جتي ڊسپينسر ۽ ڪمپائونڊر جراح ۽ ڊاڪٽر سڏائي موجون ڪري سگهن ٿا، جتي پساري مسيح الملڪ بڻجي سگهن ٿا، جتي مئٽرڪ فيل وزير بڻجي سگهن ٿا، اتي هي همراهہ ڇو نہ نقاد بڻجن؟ آخر، هي

Gul Hayat Institute

انگريزي، سنڌي، اردو لکي پڙهي ڄاڻن، شعر ۽ ادب جو ٻيو نہ تہ بہ نالو ضرور ٻڌو هوندائون، پوءِ ڪٿي تنقيد جي دعويٰ ڪيائون تہ ڪهڙي اربعا خطا ٿي پئي؟ ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. وقت تي ماڻهوءَ کي الائي ڇا ڇا ڪرڻو ٿو پوي، پر مصيبت هيءَ ٿي آهي، جو همراهہ مسخريءَ مسخريءَ مان، سچ پچ بم رکي، مُڇن کي تاءُ ڏئي، باقاعدي بورڊ هڻي "نقاد اعظم" بڻجي، بالم تي ويهي رهيا آهن.

بــس، زمــين، جنبــد، نــہ جنبــد گــل محمــد!

حضــرت داغ جهــان بيــٺ گئــي، بيــٺ گئــي.

ڊاڪٽر خليل جي هڪ افساني "باغائي" ۾ هڪ ٻڍي باغائيءَ کي نئين مالڪياڻيءَ سندس پوکيل باغ مان ڪڍي ڇڏيو. هن اعتراض ڪيو تہ باغ مون هنيو آهي. مالڪياڻيءَ چيس تہ، "نڪر ٻاهر، هيءُ باغ قانوني طرح منهنجي ملڪيت آهي." انهيءَ حادثي ڪري باغائي ويچارو چريو ٿي پيو ۽ چوندو پيو هو تہ، "باغ منهنجو ناهي، جو قانون ۾ ائين لکيل ڪونهي." تڏهن چرين جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر خليل سندس علاج خاطر ڪوڙا پروانا لکي ڏنس تہ هي اسپتال جو باغ تنهنجي ملڪيت آهي ۽ قانون ۾ ائين لکيل آهي. پوءِ هو ڏاڍو موج سان ڪاغذن جا ٿها بغل ۾ ڪڇي، سيني کي ڏيکاري، چوندو وتندو هو تہ "هيءُ باغ منهنجو آهي، قانون ۾ ائين لکيل آهي."

سو هي همراهہ بہ هاڻي گارين جا دفتر بغل ۾ ڪڇي، سيني کي چوندا وتن تہ "اسين نقاد اعظم آهيون. قانون ۾ ائين لکيل آهي."

اڇو تہ ڏسون تہ قانون ۾ سچ پچ ڇا لکيل آهي؟

هنن پنهنجي چارج شيٽ ۾ شيخ اياز، تنوير، رباني، جمال ابڙي ۽ ٻين نئين دؤر جي نوجوان اديبن ۽ شاعرن تي جيڪي تهمتون مڙهيون آهن، تن ۾ مکيہ الزام هي آهن تہ سندن شعر ۽ ادب دين ۽ مذهب جي خلاف آهن. هنن سندن تخليقن مان ڪي حوالا ڏئي، مذهب ۽ اخلاق جون حجتون اُٿاري، شد مد سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سندن نظريا ڪافرانہ ۽ ملحدانہ آهن، هو بداخلاق، دهريا ۽ سوريءَ تي چاڙهڻ جي لائق آهن.

جنهن ديده دانستہ بدديانتيءَ ۽ شرانگيزيءَ سان هنن انهن جملن ۽ شعرن جي دستوري ۽ قدرتي معنيٰ کي لڪائي، سندن لفظن کي ڇڪي تاڻي، مروڙي سروڙي، مٿن هٿرادو معنائون ۽ مطلب مڙهيا آهن، تنهن کي في الحال ڇڏي، اڇو تہ ڏسون تہ ادب ۽ خاص ڪري شعر تي انهيءَ ڪٽر ۽ تنگ نظريءَ واري رنگ ۾ نڪتہ چيني ڪرڻ جا ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا.

١

Gul Hayat Institute

(10)

قريــــا پســــي قـــيڻ،
كــرين كيــر نـــ چكيـــو.
(شاھ)

اڃو تہ ٿورين گھڙين لاءِ پنهنجين اکين تي انهن نقلي نقادن جي اکين واري تنگ نظريءَ، ڳچ فهميءَ، ڳچ بحثيءَ ۽ مجهوليت جا ڪوپا چاڙهي، ادبي دنيا تي نظر وجهون تہ ڪهڙا ڪرشما ٿا نظر اچن!

ڇڱو هاڻي پريان ڏسو تہ ڪير پيو اچي؟ آهي تہ ڏنل وائنل، پر اڄ هنن ڪوپن چاڙهڻ ڪري سڃاڻڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. الائي ڇو سندس شڪل بگڙيل، پوائتي ۽ ڊيڄاريندڙ پئي لڳي! اکين مان اُلا پيا نڪرنس! ڪير آهي؟

اڃهو ڪجهہ پنهنجي منهن پيو ڳالهائي، ڪن لائي ٻڌونس تہ ڇا پيو چوي:

”نـــوري ۽ نـــاري، جـــوڳيئڙا جهـــان ۾،
ٻـــري جـــن ٻـــاري، آءٌ نـــ جيئنـــدي ان ريءَ!

واڄـــٿ ويـــراڳين جـــا، مـــون وٿ وڏي وٿ،
ســـو ســـيپئي ســڱيون، پســـي ڪـــين مرڪـــٿ،
ويســـاهي ويـــل ڪنهـــين، پـــورب وينـــدو پـــٿ،
هـــل ڪنيـــائون هـــٿ، آءٌ نـــ جيئنـــدي ان ريءَ!

نانگـــا نـــانيءَ هليـــا، ســـامي ســـيپئي،
وهـــڪ مـــون ويئـــي، آءٌ نـــ جيئنـــدي ان ريءَ!

(ڇا! تڏهن مسلمان ڪونهي! ڪنهن هندو جوڳيءَ جو چيلو آهي. گرو ويو هليو اٿس، تنهن کي ياد پيو ڪري.)

ڪـن ڪـٽ، ڪاپـٽ، ڪـاپڙي، ڪنوٽيـا ڪـن چيـر،
ســدا ويهـــن ســامهان، عاشـــق اتـــر هيـــر،
تســيا ڏيئـــي تـــن کـــي، ســاڙيائون ســرير،
جـي فنـا ٿيـا فقيـر، هلـو تڪيـا پسـون تـن جـا!

Gul Hayat Institute

سامي ڪامي پرينءَ لئي، ڪسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهہ ڪي، تهڙو ڪن ثواب،
اوتين ارتي گاڏئون، منجهان اکين آب،
سندو ذات جواب، کهڙو پڇين تن ڪي!

(مار، هيءَ تہ ڪو دين ڪان نڪتل آهي! نڪو ڏوهہ نڪو ثواب، نڪو بهشت نڪو دوزخ، هي تہ ٻنهي پٽرن مان ٻاهر آهي. ڪو گٽو ڪافر ٿو ڏسجي!)

اکر پڙهي اُيا ڳيا، قاضي ٿئين ڪياءُ؟
پيرئين ۾ پانئيين، ايڏا ايئن نہ آءُ،
ورق ورائيين وترا، ملا منيئي ماءُ،
ان سرڪيءَ سندو ساءُ، پڇ عزازيل ڪي!

عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڏڙيا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو.

(استغفرالله ربي! پيغمبرن جي وارثن عالمن سڳورن جي شان ۾ گُستاخي ۽ شيطان ملعون جون ساراهون!)

گهتن ۾ گهتڪن، وٺيون پين وه گاڏيون،
برخيز بده ساقي، پيار ڪي پرين،
پڪين نہ پرچن، سٽ تڪيائون منجهيان!

موکي منڊ پيار، اونچو اونچي مٽ مان،
ڏيندي ڏاتارن ڪي، وٺي ءِ وجهہ مَوار،
سر ڪٽي سردار، اگهڙ تنهنجي آئيا.

جہ سي اگهڙ آئيا، تہ سرو ڪندا سچ،
سائي ٿيندي اُج، هي پيتو هو آڻ ڪي!

ڪنڊ ڪٽارو، منهن وٺي، عادت سندن ايءَ،
تنين تڪون ڏنيون، جنبي منجهان جيءَ،
سرو تن سسيءَ، جنين سانگ نہ ساهہ جو.

Gul Hayat Institute

(وڏو ڪو گڙنگ موالي ۽ شرابي آهي! ماڻهن جا اخلاق ٿو خراب ڪري، ڪين حرام شين جي ترغيب ٿو ڏئي، بدعتي ۽ رافضي آهي!)

مـــوڪي متـــارن جـــا، ننـــڍا ڪـــيم نهـــار،
ســـاماڻا ســـري ڏٽـــي، اچـــا اڱـــڻ ڏار،
نـــاٽوڪـــيم نهـــار، ســـر پـــڙ ڏيـنـــدا ســـٽ ۾.

(هاٽي ته ليڪو لنگهي ويو! ننڍن ڇوڪرن کي به آپاري، شرابي بڻائي، سندن خانو خراب ٿو ڪري!)

رات سـهائي، پـون۽، سـنئين، پـرت نئين، پنـڌ پـور،
ميـــا! محبـــوبن جـــي، هلـــي وانءُ حضـــور،
جـي چـٽڪن چـت ۾، سـي ڪـيئن سـڄڻ ڏور،
الله لـــڳ اســـور، اُتـــان ئـــي ٿـــي آءُ تـــون.

چنـــڊ چٽـــائي تنهنجـــي، ســـهائيءَ ۾ ســـور،
لايـــان لعـــل لڱـــن کـــي، چنـــدن پـــري پـــور،
ڪومـــاٽو ڪـــپور، مـــون واجهائينـــدي پـــرين کـــي!

اُپـــر چنـــڊ، پـــس پـــرين، تـــوا وڏا، مـــون ڏور،
ســـڄڻ سُـــتا ولهـــه ۾، چوٽـــا پـــري ڪـــپور،
پيـــرين آءُ نـــه پڄـــي، بـابـــل ڏئـــي نـــه پـــور،
جـنهن تـــي چـڙهـــي اســـور، سـنجهي سـڄڻ سـيٽيان.

(بداخلاقيءَ، حرامڪاريءَ جون ڪُلم ڪُلا ڳالهيون! هيءَ ڇوري ڪنهن لوفر سان ڪري پئي آهي. بي حيا، اُٺ کي پيئي منٿون ڪري ته نئين نئين سنگت رکي اٿم. تڪڙو هلي يار وٽ پهچائينم ته اچو منهن ڪريان. چنڊ ٿو اپري ته ڇڻ هن کي ٽيهڙ تپ چڙهيو وڃي.

حرامخور، چوي ته پنهنجي نازڪ بدن کي چندن جي خوشبوءِ ملي، يار لاءِ تيار ڪيو اٿم. پر هو آيو ئي ڪونهي ۽ منهنجو جسم ڪومائجي ويو آهي! يا وري خيال پيئي ڊوڙائي ته چگهس بدن کي ڪپور ملي اڱڻ ۾ ستو پيو آهي. پاڻئي ته پڌس بغيرت ٿي ڪيس گهوڙي تي چاڙهي وڃي يار جي حوالي ڪري اچي. جو سدوريءَ ڏيءَ کي پنڌ نٿو پُڄي. ههڙي بي حيائي ۽ بي غيرتي ڪنهن ٻُڌي؟)

Gul Hayat Institute

جڪـــرو جـــس ڪـــرو ٻيـــا مڙيئـــي مـــل،
ســمي جــي ســهاڳ جــي ڪــنهن نــہ پيئــي ڪــل،
متـــي ان مرســـل، اصـــل هئـــي ايتـــري.

جڪـــري جهـــڙو جـــوان، ڏســـان ڪونـــہ ڏيهـــہ ۾،
مهـــڙ مڙنـــي مرســـلين، ســـرس ســـندس شـــان،
فڪـــان قـــاب قوســين اوادنـــيٰ، ايءُ ســريس مڪـــان،
خبـــر لاءِ خليـــل جـــي قـــادر مڪـــو قـــرآن،
ايءُ آڳـــي جـــو احســـان جـــنهن هـــادي ميـــڙيم ههـــڙا!

(لاحول ولا قوت الا بالله العلي العظيم! جڪري سمي ڪي هيءُ گستاخ "رسول" ڪري ٿو سڏي؟ چہ نسبت خاڪ را باعالم پاڪ! قادر جڪري تي قرآن موڪليو؟ خدا جي پناهہ! رب منهنجا، تون پناهہ ڏي هن ڪفر ڪان!... ڇا ٿا چئو؟ جڪري ڪي رسول پاڪ نہ، پر رسول پاڪ کي "جڪرو" ٿو ڪوني؟ نعوذ بالله من شر ذالڪ! اهو تہ اجا بہ بدتر ٿيو. شرف ڏيڻ لاءِ اعليٰ شين جو نالو ڏبو آهي. رسول پاڪ کي شرف ڏيڻ لاءِ تہ ڪيس "احمد بلاميم" چئبو آهي، خاتم المرسلين سڏبو آهي. توبهہ، فخر موجودات، سرور ڪائنات، خيرالبشر کي ڦيرائي "جڪرو سمو" ڪيو اٿس... توبهہ توبهہ!)

نـــہ ڪـــنهن ڄـــائو ڄـــام ڪـــي، نڪـــو ڄـــام ويـــاءُ،
ننـــڍيءَ وڏيءَ ڳنـــدريءَ، ســـيني آهـــي ســـياءُ،
لـــم يلـــد ولـــم يولـــد، ايءُ نجابـــت نيـــاءُ،
ڪبـــر ڪبريـــاءُ، تخـــت تماچيءَ ڄـــام جـــو.

(هاڻ تہ حد ٿي وئي! لم يلد ولم يولد، يعني نہ ڪنهن کي ڄڻي ٿو ۽ نہ ڪنهن ڄائو اٿس، سا تہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي صفت آهي. ذات باري تعاليٰ کي "تماچي" سڏڻ يا تماچيءَ کي خدا جون صفتون ڏيڻ نِسورو شِرڪ، نِسورو ڪُفر!)

اســين ســڪون جــن ڪــي، ســي تــان اســين پــاڻ،
لهـــي وڃ گمـــان، صـــحي ســـڃاتم ســـپرين.

Gul Hayat Institute

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

(تنهن جي معنيٰ تہ محبوب پُنهون پاڻ آهي. عاشق ڪيئن محبوب ٿيندو؟ سسئي ڪيئن پنهون ٿيندي؟ هيءُ تہ سنئون سڌو گمراهہ صوفين وارو ”اناالحق“ وارو نعرو آهي تہ اسين پاڻ خدا آهيون. نعوذ بالله!)

ڪافر ٿي نہ ابهين، باب شرع جا ڇڏ،
من مشرڪن گڏ، تہ ويجهو ٿيين وصال کي.

(يعني تہ اسلامي شريعت جا منڪر ٿي وڃي ڪافرن ۽ مشرڪن پيڙا ٿيو! هيءَ ڪافر بڻائڻ جي تحريڪ نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ ڀارت جي مهاسڀائي هندن جي شديءَ جو پرچار آهي. هيءُ شخص پڪ ڀارت جو ايجنٽ آهي! ڏسو نٿا تہ رڳو واٽين جون خبرون پيو ڪري.)

اُڀيون تڙ پوڇين، وهون وڻجارن جون،
آڻيو آڪا ڏين، ڪٿوري سمونڊ کي.

جنين ڪارڻ مون ٿي تڙ پوڇارا پوڇيا،
پنيم اُميدون، سي ئي سڄڻ آئيا.

جا جر جاتون نہ ڏئي، ڏيا نہ موهي،
سڏون ڪوهہ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

Gul Hayat Institute

ڏني ڏياري، ساموندين سڙهہ سنباهيا،
ان کي مند اُتر جي اوچتي آئي،
وڻجارن وائي، آهي پريئن پار جي.

روح ۾ رهين رام، ڀهر ڀولين کي پيو
پيالو پُر ڪري، خوب پيتائون جام،
تهان پوءِ تمام، تن تڪيا تاڪي ڇڏيا.

نڪي هيٺ نہ بيٺ، نڪي گبرين ۾،
رام ڪيائون ڏيٺ، وڃڻ ڪين ڪلهي ڪيو.

اڄ نہ اوطاقن ۾، دونهين ڏنڌ نہ لاٽ،
ويا ويراڳي نڪري چٽ چڪائي چاٽ،
آءُ ماريس تنهين ماٺ، جيجان جوڳيئڙن جي.

ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
سُڪ نہ سُتا ڪاپڙي لاهي لانگوٽي،
انهن جي چوٽي، پورب ٽيندي پڌري.

جي پائين جوڳي ٽيان ته پر گروءَ جي پار،
هوائون هنگلاج ڏي ويندي سپ وسار،
نانگ ناٿ نهار، سامي وڏيءَ سڪ سين.

(ڳالهائڻ ۾ جوش ۽ جذبو ڏسوس ٿا؟ اڪيون تہ ڪيئن پيون پرنس! جي روس جو موڪليل ڪو ڪميونسٽ انقلابي هجي تہ بہ عجب ڪونهي! ماڻهن ڪي ڏسو تہ ڪيئن نہ پيو پڙڪائي) :

پتنگ چائين پاڻ ڪي، پسي مچ مَ موٽ،
سهائي سپيرين جي گهڙ تہ ٽئين گهوٽ،
اجا تون اروٽ، ڪوري خبر نہ لهين!

ڏوڏا تون نہ ڏئين، آگ اوڏو نہ اچين،
اُلا جي عشق جا سي تان تون نہ سهين،
اُيوا ايئن چئين، تہ آءُ آڳڙيو آهيان.

ڪٽ ڪڙهي، لوهہ ٻري، ڏوڏا جت ڏڳن،
متر ڪن منهن ڪديا، ساندڻيون سهڪن،
اڄ پڻ آڳڙين، ميڙو آهي مچ تي!

چڙهيو چڪاسين چاءِ، آڳ ٻرندي آئيا،
وهسن واڙيءَ ڦل جيئن، محبتي مچ لاءِ،
آٽي پاڻ اڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچ ۾!

Gul Hayat Institute

محبـــت جـــي ميـــدان ۾ كـــر پـــڙاڏو پـــٽ،
سـر سـوريءَ، ڏڙ كنگـرين، متـان كڇـين كـٿ،
عشـــق نانـــگ نپـــٽ، خبـــر كـــاڏن كـــي پـــوي!

كنـــڊا مـــون پيـــرين ۾ تـــوڙي لـــك لڳـــن،
آڳـــر آڳـــوڻي نـــہ مـــڙي، ڇپـــون پيـــر ڇـــنن،
وينـــدي ڏانهـــن پـــرين، جُتـــي ذات نـــہ پائيـــان!

مرڻـــا اڳـــي جـــي مئـــا، ســـي مـــري ٿيـــا نـــہ مـــات،
هونـــدا ســـي حيـــات، جيئڻـــا اڳـــي جـــي جيـــا!

(غريب عوام ۾ بي آرامي پيدا ڪرڻ ۽ طبقاتي ڪشمڪش پيدا ڪرڻ لاءِ، غريبن جي همدرديءَ جا نعرا پيو هڻي.)

كـــاهوڙي كجـــن، پســـيو پورهيـــت ويســـرا،
ســـي ڏوٿيئـــڙا ڏور ويـــا، رجـــن جـــي رهـــن،
كامـــل آهـــي تـــن مـــون پريـــان جـــي ڳـــالهڙي!

(مطلب اٿس تہ ”پورهيت“ ۽ مزدور طبقي کي ويسرو ۽ غافل ڏسي ”ڪاهوڙي“ يعني ڪميونسٽ انقلابي اڳواڻ افسوس ٿا ڪن: وٽن ڪو مخفي پيغام آهي، جو هو عوام کي ٻڌائڻ چاهين ٿا!)

ســـكا مـــنهن ســـندن پيـــرين پراڻـــا كيٿـــرا،
ســـا جـــوءِ ڏوري آئيـــا ســـونهان جـــت مـــنجهن،
ڳُجهـــا ڳُجهـــون كـــن، تنهـــان پرائـــي پنـــڌ جـــون!

(وري بہ اهو ئي ساڳيو ”مخفي پيغام!“)

پيئـــي جنيـــن بـــاس گنجـــي ڏونگـــر گـــام جـــي،
ڇـــڏي ســـپ لبـــاس لـــوچي لاهـــوتي ٿيـــا!

پيـــو جـــن پـــرو گنجـــي ڏونگـــر گـــام جـــو،
ڇـــڏي كيـــٽ كـــرو لـــوچي لاهـــوتي ٿيـــا.

Gul Hayat Institute

پيئي جن پٽي گنجي ڏونگر گام جي،
چڏي ننڊ گهڻي لوچي لاهوتي ٿيا!

(اهو ”گنجو ڏونگر گام“ شايد روس کي ٿو ڪوٺي، جنهن جي حرص ۾ جيڪو ويو سو ڦُٽو. هيءُ شخص ماڻهن کي ڪميونسٽ بڻجي روس وڃڻ لاءِ پيو هر ڪائي!)

متان گهڙين سهڻي، اڄ درياءَ ۾ دم،
ڪاري رات ڪُنن ۾، کهڙو اٿئي ڪم،
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي واريون.

پڇي پاڙي واريون، ڪوهه ڪريندو ڏم،
ڪاريءَ رات ڪُنن ۾ آهي ڪاٽيارن ڪم،
هي هڏوءِ چم، گهوريو محب ميهار تان!

سندو ڏم ڏهڪار هڏهين ڪونهين هن ڪي،
هيءَ پاٽيءَ سين پنهنجو پسائي نه سينگار،
ڪارڻ منڊ ميهار ڪاريءَ رات ڪُن تري.

(يلا اها سهڻي ڪير هئي؟ گهر گهاٽ ڪونه هوس ڇا جو رات جو ٿاٻا پئي کائيندي هئي؟... ڏم نالي هڪ ماڻهوءَ جي زال هئي. هڪڙي ميهار سان عشق ٿي ويس. حرامخور ڇئبي ٻيو ڇا! پوءِ؟ رات جو لڪيو گهڙي تي تري يار وٽ ويندي هئي... زانياڻي، بي حيا ڪنهن جاءِ جي! پر هيءُ شخص ته اهڙيون تعريفون پيو ڪريس ڄڻ ته ڪا ولياڻي هئي!)

Gul Hayat Institute

ته ڪر ڪئن سئي، جي سير نه گهڙي سهڻي،
هٿ حياتيءَ ڏينهڙا، هڏ هين تان نه هئي،
چڪي تنهن چري ڪئي، جا ڏنس ان ڏهي،
سهڻيءَ ڪي سيد چئي، وڏو قرب ڪُهي،
هونئن به هوندي مئي، پر ٻُڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا!

(چئبو ته هن جو خيال آهي ته سڀ رنون مڙس ڇڏي وڃي يار هٿ ڪن ته نالو ٿئين! هيءُ شخص ماڻهن جو مٿو وڃائي ڇڏيندو، جي بدڪار رنن کي ايتري هُشي ملي ته پوءِ ڪهڙي پنهنجي مڙس جي گهر ۾ ويهندي!)

جهــڙا گــل گــلاب جــا تهــڙا مــتن ويــس،
چوٽــا تيــل چنبيليــا هــا هــا هـــو هميــش،
پســيو ســونهن ســيد چئــي نــيهن اچــن نــيش....

(اهي وري ڪير آهن؟
("واڃاٽيون!"
("ڇا ٽيون ڪن؟"
("ماٺهو ڦاسائيندڙيون هيون."
("ڪير؟ ڪير؟"
("جيڪو به اچي! هو چئي ڪين پيو:")

هلــو هلــو ڪــاڪ تــڙين جتــي نيــنهن اُڇــل،
نڪــا جهــل نــه پــل، ســپ ڪــو پسي پــرينءَ ڪــي.

هلــو هلــو ڪــاڪ تــڙين جتــي گهڙجــي نــيهن،
نڪــا رات نــه ڏيــنهن ســپ ڪــا پســي پــرينءَ ڪــي.

("رات ڏينهن!"
("پيو ڇا"
("پر هيءُ شخص انهن بدڪارن جي ساراهه ٿو ڪري؟"
"پيو وري ڇا؟ ٻُڌا!")

جهــڙا پــانن پــن تهڙيــون شــالون مــتن ســايون،
عطــر ۽ عنبــر ســان تــازا ڪيــائون تــن،
مڙهيــا گهٽـــو مشـــڪ ســان چوٽــا ســاڻ چنـــدن،
ســونهن ريـــي ســـون ســان سندا ڪــامڻ ڪــن.....

("اڙي، هي ته سندن باقاعدي اشتهاربازي پيو ڪري!"
("هائو اڃا ٻُڌ!")

گجــر ڪـــي گجميـــل جـــون تـــارن ۾ تبـــرون،
هٽـــي حـــاڪمن ڪـــي زور پريـــون زبـــرون،
ڪـــاڪ ڪنـــڌيءَ قبـــرون پســـو پـــر ڏيهين جـــون!

Gul Hayat Institute

جت رانيائين راڻن کي چندن چڪ ڪري،
هاڻي انهيءَ پيٽئين وره وراڪا ڏي،
سوڍو سُج ڪري مومل ماري هليو.

("راڻن کي رانيائين؟"
("هائو."
("راڻن کي يعني ته هڪ نه پر گهڻا؟"
("هائو."
("مومل کين رانيو معنيٰ؟"
("معنيٰ هنن مومل ماڻي!"
("يعني عام جام!"
("ڪُلم ڪُلا جنسيت؟"
("تڏهن وري ڇا؟")

چنيسر سين چاڳ متان ڪا منڊ ڪري،
جئن مون پوءِ پروڙيو تي هيءُ نه ماڻي ماڳ،
ڏمريو ڏهاڳ مڙن کي موران ڏي.

("چنيسر ڪير هو؟"
("واڻيو راجا."
("سسئي؟"
("واجاڻي."
("پيجل؟"
("واڻيو مگڻهار."
("راءِ ڏياچ به واڻيو هو نه؟"
("ها."
("راڻو؟"
("واڻيو."
("پلا مارئي؟"
("واجاڻي."
("سپ واڻيا؟" "پلا لاکو ڦُلاڻي ڪير هو؟"
("ڏاڙيل!"
("ان جي تعريف ڪئي اٿس؟"

Gul Hayat Institute

("زبردست!"

("سُر ڪارايل ۾ ڇا ٿو چئي؟"

("پکين ۽ نانگن جي تعريف پيو ڪري!"

("۽ پورب ۾؟

("ڪانگن جي ڳالهه آهي."

("ڪنيات ؟"

("اُٺ ڪي منٿون پيو ڪري. ٻڌينس ڇا پيو چوي:)

رات سهائي پونءِ، سنئين پائي گهرجي پل،
آهر ۾ ايلاچيون چندن چري چل،
مون تونهين سين ڳالهڙي پئي ڪنهن مَسل،
هاهڙ ڪندو هل ته ڪجايون ڪرن ڪي.

("ڏهر؟"

("مڇين ۽ پکين جي ڳالهه آهي."

("هي آهي ڪهڙي بلا؟"

("وڏو شاعر ٿا چونس!"

""شاعر؟ هيءُ شاعر نه پر هڪ خطرناڪ جنسيت زده بداخلاقيءَ جو پرچار ڪندڙ پارتي ۽ روسي ايجنٽ ۽ "فرائڊ" کان متاثر ٿيل ٿو ڏسجي! پلا نالو ڇا اٿس؟ خير نالو پڇي ڇا ڪبو؟ اهو ڪو شاعر ٿوروئي آهي، جنهن جو نالو ياد ڪجي. اهڙا بي دين گهڻا!)

توهان ڏٺو ته جهالت ۽ تعصب جيڪڏهن پنهنجيءَ تي اچن ته فرشتن کي شيطان ثابت ڪري سگهن ٿا. درحقيقت جيڪڏهن شاهه اڄ زنده هجي ها ته هي زهريلا نانگ ان کي به ڏنگڻ کان ڪونه رهن ها. پر ڇا ڪن لطيف جيئرو ڪونهي ۽ پيو ته لطيف تي سڌو حملو ڪرڻ کان ڊڄن ٿا.

هي ڪو رڳو اياز جا دشمن ڪينهن. هنن جي شعر سان دشمني آهي، ترقيءَ سان دشمني آهي، انساني عقل سان دشمني آهي، انساني سوچ سان وير آهي. ڪين روميءَ، اقبال، سعدي، غالب، مير، شيڪسپيئر، لطيف، سچل هر هڪ شاعر سان دشمني آهي، پر ڪُجي نٿا سگهن. تنهن ڪري مڪاري ڪري رڳو موجوده دؤر جي زنده شاعرن تي حملا ڪن ٿا. هنن کي اونده کپي، بند زبانون کپن، خالي ۽ ڪوڪلا ذهن کپن، ويران ۽ اُجڙيل دماغ کپن، ته جيئن هو پنهنجي فوجداري هلائي سگهن، خلق خدا جو ساهه مُٺ ۾ ڪري سگهن.

Gul Hayat Institute

(11)

## صــــــورت ســـــــپ ســـــــلطان،
## پـــاڻ ڏســڻ آيـــو پنهنجـــو تماشـــو.
## (سچل)

هن سونهري ٽوليءَ جا تيسمار خان وڏي فخر ۾ آڪڙ سان نئين دؤر جي اديبن جا ڪي شعر ۽ ادبي فقرا نيزن تي الٽا ٽنگي، سڄي ملڪ ۾ هوڪا پيا ڏين ته اجهي هي بلائون ماري آيا آهيون: هي دهريت جي ست سِسيءَ راڪاس جو سِر آهي ۽ هي بداخلاقيءَ جي ديوَ جو ڏڻ!

هنن جاهل جيتامڙن کي اچو ته سچا پچا ديوَ ۽ اجگر ڏيکاريون! هيٺ اقليم شعر و سخن جي ڪن اهڙن تاجدارن جا شعر ٽا ڏيون، جن جي عظمت جو ڏونڪو چؤطرف وڄيل آهي.

نُڙڪو نقاد وڏي شوق سان ڪين ڪافر، دهريو، مُنڪر ۽ بداخلاق ثابت ڪري، پنهنجو نالو ڪيڏي سگهن ٿا.

Gul Hayat Institute

**سچل:**

آهيــان پــاڻ الله، عشــق ڪنــان ٿــو عبــد ســڏايان،

ايجهــا ڪــم ڪريجــي، جــنهن وچ الله آپ ٻڻيجــي.

(يعني اهڙو ڪم ڪجي، جو ماڻهو پاڻ الله ٿي پوي!)

پنهنجــي ذات لڪــائي، ڪيــئن ٻــي ذات ســڏايان،
اعلــيٰ اعظــم شــان جــي نوبــت نيــنهن وڄايــان،
منصــوريءَ جــي مــوج ۾ ٿــو انــاالحق الايــان!
پــاڻ پنهنجــو پــاڻهي، صــورت منجهــه ســڄاڻ،
الله الله چــو چــوين، پــاڻ ئــي الله جــاڻ!

مذهب بابت سندس راءِ آهي تہ مذهبن ماڻهن کي منجهائي گُمراهہ ڪري ڇڏيو آهي، هو چوي ٿو:

منجهـــايو مـــاڻهن ڪـــي، مُلـــن مـــذهبن،
محڪـم مـاڻهن ڪـي ڪيـو تـن جـي زنجيـرن،
هـــون حـــديثن ڪينڪـــي، نڪـــي آيـــتن،
ســـوگها ســـپيئي ڪيـــا، نـــامراد نيـــرن.

## خواجہ غلام فريد:

خواجہ غلام فريد، ملتان جو شيرين ڪلام شاعر، انهن چوٽيءَ جي شاعرن مان آهي، جن جي ورسي پاڪستان ۾ سرڪاري طور ملهائي ويندي آهي. فرمائي ٿو:

بـــڻ دلبـــر شـــڪل جهـــان آيـــا،
هـــر صـــورت عـــين عيـــان آيـــا،
ڪـــٿ عيســـيٰ تـــي اليـــاس نبـــي،
ڪـــٿ لڇمـــڻ رام تـــي ڪـــان آيـــا،
ڪـــٿ پنـــدت، جوشـــي، جـــوڳي هـــي،
ڪـــٿ سـامي تـــي ڪـــٿ يـــوڳي هـــي،
ڪـــٿ مصـــر پيراڳـــي روڳـــي هـــي،
ڪـــٿ بيـــد بيـــاس دا گيـــان آيـــا.

سؤلي سنڌيءَ ۾ مطلب ٿيو تہ رب پاڪ هر صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي. ڪڏهن عيسيٰ ۽ الياس جهڙن نبين جي روپ ۾ اچي ٿو تہ ڪڏهن لڇمڻ، رام، ڪرشن ۽ ڪنهيو ٿي اچي ٿو. پندت، جوڳي ۽ ويد پڙهندڙ ٻاڻيڻ بہ خدا جا جلوا آهن.
بين لفظن ۾ عيسيٰ، الياس، لڇمڻ، رام، پندت ۽ جوڳي سڀ خدا جا اوتار آهن.
هندن جو بہ هوبهو ساڳيو نظريو آهي تہ رام ۽ ڪرشن ڀڳوان جا اوتار آهن.
سچل بہ ساڳي ڳالهہ ٿو ڪري. هن جي نظر ۾ تہ هنومان بہ خود خدا جو نور هو ۽ خود خدا هو.

صـورت سـڀ سـلطان، پـاڻ ڏسـڻ آيـو پنهنجـو تماشـو.

ڪـــاٿئين پٽـــي پوٿيـــون، ڪـــاٿئين پڙهـــي قـــرآن،
ڪـــاٿئين انـــاالحق چـــوي، ڪـــاٿئين ڦيرائـــي فرمـــان،
ڪـــاٿئين احمـــد بلاميمـــي، ڪـــاٿئين هنومـــان،



Gul Hayat Institute

خواجہ غلام فريد تنگ نظر ۽ تڙکو نکتہ چينن جي شڪايت ڪندي چوي ٿو:

مــــلان مـــــارن، ســــخت ســـتاون،
ڳجهــــــڙي راز دا پيـــــد نـــــــ پــــــاون،
بيـــــوس شــــودي هــــن معـــــذور.

”شودي“ لفظ مان سندس شديد بيداريءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هو عاشقن کي منصور ۽ بايزيد بسطامي ٽيڻ جي تلقين ڪري ٿو:

عاشــــــــق مســــــت مـــــــدامي،
ڪجهــــ ســــبحاني بـــڻ بســــطامي،
آک انــــــاالحق، ٿـــــي منصـــــــور!

هي بايزيد بسطاميءَ جي ”سبحاني ما اعظم شاني“ (”سيني تعريفن جي لائق آءٌ آهيان. منهنجو ڪيڏو نہ اعليٰ شان آهي. يعني پاڻ خدا آهيان.“) واري مشهور نعري ڏانهن اشارو آهي. منصور بہ اناالحق جو نعرو هڻي پاڻ کي خدا سڏايو هو. خواجہ فريد بہ عاشقن کي ساڳئي اعلان ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. هيءُ دين ۽ مذهب جي پابندين کان باغي آهي. صاف لفظن ۾ چوي ٿو:

هــــڪ ويلـــــي احــــرام حــــرم دي،
هـــــــڪ ويلــــــي زنــــــار ڏرم دي،
نـــــا پابنـــد هــــون ديـــن حـــرم دي.

**بلا شاهہ:**

پنجابيءَ جو هيءُ همعصر واديءِ سنڌ جو هڪ عظيم ۽ محبوب شاعر تصور ڪيو وڃي ٿو. سندس مشهور ڪافين مان هيٺ ڪي سٽون نموني طور پيش ڪجن ٿيون، جن مان سندس مستيءَ ۽ موج جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

الله آدمــــــــي بـــــــــن آيـــــــا،
اســــان آدم ڪنــــون اڳ هياســــون،
آدم ســـــــــاڏا چايــــــــــا!

Gul Hayat Institute

نہ مین مرڻا، نہ مین جیوڻا،
نہ میرا والد ہویا.

موسيٰ مین ہون، طور پي مین ہون.

علي رضا ہي نام ٹریندا، ڦر شرع نون نیکالي ڏیندا،
کیہا ڏوہہ ثواب کریندا! کیہي بلي دي ذات!

پڙھدي پڙھدي عمر گذر ڳئي، ہک نہ کٹا وال،
وچ مسیتي اُٹندي بہندي، کردي مثل مثال،
ٹکڑ کنجریان نال اساڏي، کرن تماشي تال.

نا نر ہون، نا مادي ہون،
نا چغل چور فسادي ہون،
اسان عاشق اتي امدادي ہون،
حرامي ہو نہ حلالي ہون.

تسي ہر رنگ دي وچ وسدي ہو
سانون لامکان پئي ڏسدي ہو
کڏھن تخت شرع تي راضي ہو
کڏھن گھنگھرو پاکر نچندي ہو
کڏھن رومي ہو کڏھن زنگي ہو
کڏھن ٹوپي پوش فرنگي ہو.

Gul Hayat Institute

کڏھن مومن ہون، کڏھن کافر ہون،
کڏھن میخاني وچ ملدا ہون،
کڏھن الله ہون، کڏھن بلا ہون.

کن واھگرو ہر نام،
بازي عشق بنائي وري!

(12)

بندے کے درد دل کو کوئی نہیں پہچانتا،
ہر ایک حقیقت یاں ہے خدا رسیدہ۔
(میر تقی میر)

**مير تقي "مير"**

**سنڌي ۽ پنجابي شاعريءَ جي انهن جهلڪين بعد اسين اردو شاعريءَ تي نظر وجهون ٿا. اردو شاعريءَ ۾ 'غالب' جو مقابلو ڪونهي- پر هڪ اهڙي به هستي هئي، جنهن جي شاعرانه عظمت ۽ ڪمال ڪان غالب جهڙو خود سر ماڻهو به انڪار ڪري نه سگهيو. هو اعتراف ٿو ڪري ته اردو شاعريءَ جو اصل استاد مير تقي هو:**

ریختے کے تمہیں استاد نہیں ہو غالب،
کہتے ہیں اگلے زمانے میں کوئی میر بھی تھا۔

اپنا تو عقیدہ ہے بقول ناسخ،
آپ بے بہرہ جو معتقد میر نہیں۔

Gul Hayat Institute

**درحقيقت مير تقي 'مير' جي ڪلام ۾ جيڪو خاص ميناج، حُسن، سادگي ۽ بلاغت آهي، تنهن جو جواب اردو شاعريءَ ۾ ڳولڻ عبث آهي. مير صاحب جو شعر شاعريءَ جي روايتن جو هڪ خوبصورت ۽ پورو نمونو آهي. انهيءَ مان اردو شاعريءَ جي موضوعن ۾ روايتن جو آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو.**

**مذهب:**

کس کا کعبہ، کیسا قبلہ، کون حرم ہے، کیا احرام،
اس کوچے کے باشندوں نے سب کو یہیں سلام کیا۔

مذہب سے میرے کیا تجھے میراں دیار اور،
میں اور، یار اور، میرا کاروبار اور۔

جائے ہے جی نجات کے غم میں،
ایسی جنت گئی جہنم میں۔

**بهشت:**

کیا جنوں ہے تم کو جو طالب ویرانہ ہے،
جس کو فردوس بریں کہتے ہیں، واں آدمی کہاں۔

**اخلاق:**

مت مل اہل دور کے لڑکوں سے،
میر جی ان سے مل کے فقیر ہوئے۔

دل سے شوق رخ نکو نہ گیا،
جھانکنا، تاکنا کبھو نہ گیا۔

**پرهيزگاريءَ جومذاق:**

Gul Hayat Institute

میر مقدس آدمی ہیں، تجھے سجہ بکف میخانے میں،
صبح جو ہم بھی جانکلے، تو دیکھ ہے کیا شرمائے ہیں!

بندے کے درد دل کو کوئی نہیں پہچانتا،
ہر ایک حقیقت یاں ہے خدا رسیدہ۔

**زاهدن کي شراب جي صلاح:**

شیخ جی آؤ، مصلے گرو جام کرو،
جنس تقوی کے تیئں صرف مے جام کرو۔
اُٹھ کھڑے ہو جو جھکے گردن مینائے شراب،
خدمت بادہ گساراں ہے سر انجام کرو۔
سیائہ گل میں لب جو یہ گلابی رکھو،
ہاتھ میں جام کو لو، آپ کو بدنام کرو۔
آہ، تا چند رہو خانقہ و مسجد میں،
ایک تو صبح گلستان میں بھی شام کرو!

کل میر نے کیا کیا، کی مے کے لئے بیتابی،
آخر کہ گرو رکھا سجادہ محرابی۔

**واعِظُ لاءِ نفرت:**

واعظ ناقص کی باتوں پہ کوئی جاتا ہے میر،
آؤ، میخانے چلو، تم کس کے کہنے پر گئے!

نہ بک شیخ اتنا بھی واں ہی تباہی،
کہاں رحمت حق، کہاں بے گناہی،
تجھ کو مسجد ہے، مجھ کو میخانہ،
واعظا، اپنی اپنی قسمت ہے۔

Gul Hayat Institute

**علامہ اقبال**

اقبال جهڙو شخص جنهن کي عام طرح حڪيم الامت ۽ مُفڪر اعظم تسليم ڪيو ويجي ٿو، تنهن جا شعر بہ جيڪڏهن ڪو چڙي مار نقاد پڙهي، تہ ڪيس انهن ۾ قدم قدم تي 'دَهرِيت'، 'اِلحادُ' ۽ 'ڪميونزم' جا ديوَ ۽ جِن پلٽيون ماري ويٺل ڏسڻ ۾ ايندا. چڱو ڀلو:

فارغ تو نہ بیٹھے گا محشر میں جنوں میرا،
یا اپنا گریبان چاک، یا دامن یزدان چاک۔

(منهنجو جُنون محشر ۾ ماٺ ڪري ٿورو ئي ويهندو! يا پنهنجو گريبان ڦاڙي ڇڏيندس يا خدا جو ڦاڙيندس!)

سمندر سے ملے پیاسے کو شبنم،
بخیلی ہے یہ رزاقی نہیں ہے!

روز حساب، جب مرا پیش ہو دفتر عمل،
آپ بھی شرمسار ہو، مجھ کو بھی شرمسار کر!

یہ مشت خاک، یہ صر صر، یہ وسعت افلاک،
کرم ہے یا کہ ستم، تیری لذت ایجاد۔

قصور وار غریب الدیار ہو لیکن،
ترا خرابہ فرشتے نہ کر سکے آباد۔

مقام شوق ترے قدسیوں کے بس کا نہیں،
انہیں کا کام ہے یہ جن کے ہیں حوصلے زیاد۔

متاع بے بہا ہے درد سوز آرزو مندی،
مقام بندگی دے کر نہ لوں شان خداوندی،
تیرے آزاد بندوں کی نہ یہ دنیا نہ وہ دنیا،
یہاں مرنے کی پابندی وہاں جینے کی پابندی۔

خدائی اہتمام خشک و تر ہے،
خداوندا خدائی درد سر ہے۔

Gul Hayat Institute

**طبقاتي ڪشمڪش جي تلقين:**

اُٹھو میری دنیا کے غریبوں کو جگا دو!
کاخ اُمرا کے در و دیوار ہلا دو!
سلطانیء جمہور کا آتا ہے زمانہ،
جو نقش کہن تم کو نظر آئے مٹادو،
جس کھیت سے دہقان کو میسر نہ ہو روزی،
اِس کھیت کے ہر خوشہ گندم کو جلا دو!

**مُلا ءِ بهشت:**

میں بھی حاضر تھا وہاں ضبط سخن کر نہ سکا،
حق سے جب حضرت ملا کو ملا حکم بہشت۔
عرض کی میں نے، الٰہی میری تقصیر معاف،
خوش نہ آئینگے اسے حور و شراب و لب کشت۔
نہیں فردوس مقام جدل و قال و اقوال،
بحث و تکرار اس اللہ کے بندے کی سرشت۔

ہے بد آموزی اقوام و ملل کام اس کا،
اور جنت میں نہ مسجد نہ کلیسا نہ کنشت۔

**شيطان جي تصديق**

**جبرئيل:**

کھو دیئے انکار سے تو نے مقامات بلند،
چشم یزداں میں فرشتوں کی رہی کیا آبرو۔

**اِبلِيسُ:**

گر کبھی خلوت میسر ہو تو پوچھ اللہ سے،
قصہ آدم کو رنگین کر گیا کس کا لہو!
میں کھٹکتا ہوں دل یزداں میں کانٹے کی طرح،
تو فقط اللہ ہو، اللہ ہو، اللہ ہو!

Gul Hayat Institute

**ديني پيشوا:**

احکام تیرے حق ہیں، مگر اپنے مفسر،
تاویل سے قرآن کو بنا دیتے ہیں پازند-
کہتا ہوں وہی بات سمجھتا ہوں جسے حق،
نہ ابلہ ساجد ہوں نہ تہذیب کا فرزند۔

یہی شیخ حرم ہے جو چرا کر بیچ کھاتا ہے،
کلیم بوذر و دلق اویس و چادر زہرا۔

کہیں سجادہ و عمامہ رہزن،
کہیں ترسا بچوں کی چشم بیباک۔

**پير و مرشد:**

ہم کو تو میسر نہیں مٹی کا دیا بھی،
گھر پیر کا بجلی کے چراغوں سے ہے روشن۔
شہری ہو، دیہاتی ہو، مسلمان ہے سادہ،
مانند بتاں پجتے ہیں کعبے کے برہمن۔
نذرانہ نہیں، سود ہے پیران حرم کا،
ہر خرقہ سالوس کے اندر ہے مہاجن،
میراث میں آئی ہے انہیں مسند ارشاد،
زاغوں کے تصورف میں عقابوں کی نشیمن۔

**غالب، ذوق، سودا، داغ ۽ امير مينائيءَ کان وينديجوش ۽ اقبال تائين ڪوبہ اهڙو شاعر ڪونهي، جنهن کي تَعصُبُ ۽ جهالت وچان، هي قلب جا ڪارا 'نقاد' دَهرِيو بداخلاق، بدعتي ۽ واجب القتل قرار ڏئي نہ سگهن.**

Gul Hayat Institute

(13)

سـيت پچـار پــرينءَ جـي سـيت هــوت حضــور،
ملــڪ مڙيئــي منصــور، ڪهــي ڪهنــدين ڪيتــرا؟
(شاهہ)

فارسي شاعري تہ هڪ اهڙو ڪاڪ محل آهي، جتي احمقن ڪي رستو ئي نہ ملندو ۽ چؤطرف ڏسندا تہ 'بحر بلائون بچڙيون آفتون ازگر، وات وجڻ جي نہ ليي پيا پڪڙي ڪوڙ ڪپر' وارو قصو لڳو پيو آهي.

دل گهري ٿي تہ رودڪيءَ کان اڄ تائين فارسي شاعريءَ جي شهسوارن تعصب، جهالت، تنگ نظريءَ، رِيا ۽ مڪر جي ڏائڻ جي ڪنڌ ۾ جيڪي پالا هنيا آهن ۽ انهن جي مٿي پليد ڪئي آهي، تن جو مفصل جائزو وٺجي، پر طوالت جي خوف کان اها خواهش اڌوري ڇڏي، هتي فقط تمام مختصر ۽ سرسري جهلڪون پيش ڪجن ٿيون، جن مان فارسي شاعريءَ جي قادرالڪلام استادن جي شوخيءَ ۽ مستيءَ جو ڪجهہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

Gul Hayat Institute

**رودڪي:**

رودڪي فارسي شاعريءَ جو بابو آدم آهي. هن جي شاعري اها پيڙهہ آهي، جنهن پوين جي شاعريءَ جو محل تيار ڪيو آهي، سندس فلسفو هيٺين لفظن ۾ بيان ڪيل آهي:

شــاد زی بــا ســياه چشــماں شــاد،
کــہ جهــاں نيســت جــز فســانہ و بــاد۔

(ڪارين ڪڪوريل اکڙين وارن معشوقن سان موجون ماڻي وٺ، ڇو تہ جهان بيو رڳيون ٺلهيون ڳالهيون آهي.)

دشــوار نمــائی رخ و دشــوار دهــی بــوس،
آســان بربــائی دل و آســان بــہ بــری جــان۔

(منهن ڏيکارڻ ۽ چُمي ڏيڻ مهل کھڙو نہ اٽانگو آهين. پر دل کسڻ ۽ ساهہ کيڻ ۾ ڪيتري نہ آساني ٿو ڪرين!)

**حقيقي:**

دقيقــی چهــار خصــلت برگزيــده اســت،
يگيتـــی از ہمـــہ خـــوبی و زشـــتی:
لـــب يـــاقوت رنـــگ و نالـــہ چنـــگ،
مئـــی خـــوں رنـــگ و كـــيش زردهشـــتی۔

(دنيا ۾ جيڪي بہ خوبيون آهن. تن سيني ۾ اعليٰ چار آهن: ياقوت جھڙا ڳاڙها چپ، ساز جو نغمو رَتُ جھڙو ڳاڙهو شراب ۽ زردشت جو مذهب،[ڇو تہ زردشت جي مذهب ۾ شراب جائز آهي.])

**فردوسي:**

عام اتفاق آهي تہ ايران جي سرزمين فردوسيءَ جي پايي جو شاعر اڃ تائين پيدا نہ ڪيو آهي. مشهور آهي تہ فردوسي، انوري ۽ سعدي بالترتيب بيتن، قصيدن ۽ غزلن جا پيغمبر آهن، پر خود انوري چوي ٿو تہ، ”فردوسيءَ سان ڪنهن جو مقابلو ڪونهي، هو خواند آهي ۽ اسين سندس بندا.“

آن اســـتاد بـــود و مـــا شـــاگرد،
آن خداونـــد بـــود و مـــا بنـــده۔

علامہ ابن اثير، فردوسيءَ جي ’شاهُنامي‘ کي ’عجم جو قرآن‘ ٿو سڏي. فردوسيءَ جي شاهُنامي ۾ عشقبازيءَ ۽ شرابخوريءَ جي پچار کان سواءِ بہ بُنيادي ڳالهيون ملن ٿيون، جي نهايت قابلِ غور آهن:

پهريون هيءَ تہ سڄو ”شاهُنامو“ ڪافر بادشاهن جي ڪارنامن سان پريو پيو آهي. اهو ائين ٿيو ڄڻ اسان جو ڪو شاعر راجا ڏاهر، چچ، راءِ سهاسي وغيره جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏي. هو جڏهن ايران جي آتش پرست بادشاهن جو ذڪر ٿو ڪري، تڏهن ڄڻ تہ وجد ۾ اچيو وڃي ۽ پڙهندڙن تي رِقتَ طاري ڪري ڇڏي ٿو.

ٻي ڳالهہ هيءَ تہ هُو ايران تي حضرت عمر جي خلافت ۾ اسلامي فوجن جي حملي ۽ ايران جي فتح تي، بحيثيت هڪ مسلمان جي، فخر ۽ ناز ڪرڻ ۽ اسلامي فاتحن جي استقبال ۽ تعريف ڪرڻ بدران، عرب مسلمان فاتحن ۽ اسلامي

Gul Hayat Institute

تحريڪ جو تمام گهريءَ نفرت ۽ حقارت سان ذڪر ڪري ٿو جنهن مان پڙهندڙ تي اهو اثر ويهي ٿو تہ ايران جي فتح تهذيب ۽ تمدن جي تباهي ۽ جهالت ۽ جهنگلي پڻي جي ڪاميابي آهي. هُو عربن کي سانڊيون ۽ ڳوهون کائيندڙ درندا ڪوٺي ٿو ۽ سندن ڪاميابيءَ تي قدرت کي ملامت ٿو ڪري:

ز شـــير شـــتر خـــوردن و سوسمـــــار،
عـــرب را بجـــائيے رســيد اســت هـــار،
كـــہ تخـــت كيــــان را كنـــد آرزو،
تفـــو برتـــو اى چـــرخ گـــردون، تفـــو!

(عرب جتن جو اُٺين جو کير پي ۽ ڳوهون کائي کائي، ايڏو من وڌي ويو آهي، جو قيصر ۽ ڪنعان جي تخت ۾ اکيون وڌيون اٿن! اي آسمان، توکي حيف هجي! حيف هجي!)

محمود غزنوي، جنهن کي اسان جا تاريخ نويس ’بُت شڪن‘ ۽ مجاهد اسلام سڏين ٿا، تنهن کي ماءُ پيءُ تي گاريون ڏنيون اٿس:

بغـزنين مـرا گرچـہ خـون شـد جگـر،
ز بيــــداد، آن شـــاہہ بيــــداد گـــر،
همــــى خواســــتم تفغـــان هـــا كـــنم،
بگيتـــــــى از و داســـــــتانها كـــــنم،
بگـــويم ز مـــادرش و هـــم از پـــدرش،
نـــہ ترســـم بغيـــر از خداونـــد عـــرش-

(جيتوڻيڪ غزنيءَ ۾ ان ظالم بادشاهہ منهنجو جگر خون ڪري ڇڏيو آهي، پر چاهيان ٿو تہ دانهون ڪريان ۽ سڄي جهان کي سندس ظلم جو داستان ٻڌايان: ماڻس ۽ پيڻس کان وٺي شروع ٿيان. جو آءٌ خدا کان سواءِ ڪنهن کان نٿو ڊڄان.)

Gul Hayat Institute

## حڪيم سنائي:

هيءُ برگزيدو شاعر، پنهنجي عارفانہ بصيرت ۽ خيالن جي پاڪيزگيءَ سبب صوفي شاعرن جو ذري گهٽ امام تسليم ڪيو ويو آهي. خود مولانا روم کيس پنهنجو اڳواڻ تسليم ڪيو آهي:

'عطـــار' روح بـــود و 'ســـنائى' دو چشـــم او،
مـــا از پـــس ســـنائى و عطـــار آمـــديم.

هن صاحب دل بزرگ جي ڪلام ۾ بہ اسان کي هن قسم جا شعر ملن ٿا:

دوش سرمســـت نگـــارين مـــن آن طرفـــہ پســـر،
يـــا بـــہ پيرهنـــہ يـــا كلہـــہ طرفـــہ بســـر،
بوســـہ بـــر دو لـــب مـــن داد همـــہ از بـــى عـــذر،

اینـت شـوریده نگـار اینـت شـکر بوسـه بـه سـر،
شـادمان گشـتم ازبـن کـار و گـرفتمش کنـار،
ہمچـو تنـگ شـکر و حـرمن گـل تنـگ بـه بـر،
او شـد خـواب و مـن از بوسـه زدن بـر دور خـش،
بـا دو چشـم و دور خـش تابـه سـحر جنـت سـحر۔

(رات جو منهنجو اڙٻنگ محبوب ڇوڪرو شراب جي نشي ۾ جهومندو، ٽوپي ٽنڊ تي رکي مون وٽ آيو. سندس ڳلن تان پگهر جا ڦڙا هڪ هڪ ٿي ڪِري رهيا هئا. اچڻ سان مون کي چُميون ڏنائين. مون خوش ٿي ڪٽي ڀاڪر ۾ ورتس. هو نشي ۾ مست ٿي سمهي رهيو ۽ آءُ سندس مُنهن ۽ اکين تي پرهه ڦُٽيءَ تائين چُميون ڏيندو رهيس.)

**عمر خيام:**

هي اڳيئي ناميارو آهي، پر اڃا ڪوبه اهڙو احمق نظر ڪونه ٿو اچي، جو سندس شاعريءَ جي عظمت کان انڪار ڪري.

ابریـق مـی مـرا شکسـتی ربـا!
بـرمن در عـیش را بـه بسـتی ربـا!
بـر خـاک بـدبختی مـی لعـل و مـراہ،
خـاکم بـدهن سـخت مسـتی ربـا!

(تو منهنجي شراب جي صراحي ڀڃي وڌي، منهنجي عيش جو دروازو بند ڪري ڇڏيئي، منهنجو ڳاڙهو شراب مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيئه! منهنجي وات ۾ ڌوڙ پر تون به ڪو پيتل ٿو ڏسجين، مولا!)

گوینـد کـه فـردوس بـرین خواهـد بـود،
آن جـامی نـاب و حـور خواهـد بـود،
گرمـا مـی و معشـوق گزیـدیم چـه پـاک،
چـون عاقبـت کـار چنـین خواهـد بـود-

(چون ٿا ته بهشت ۾ اٽليءِ شراب ۽ حورون ملنديون، جي ائين آهي ته مون شراب ۽ معشوق سان سنگت رکي ته ڪهڙو ڏوهه ڪيو، جو نيٺ بهشت ۾ به ته اهي ئي ملندا.)

زاهـد گویـد بهشـت حـور خـوش اسـت،
مـن مـی گـویم شـراب انگـور خـوش اسـت،
ابـن نقـد بگیـر و دسـت ازان نسـیئی نـدار،
آواز دهـل شـدید از دور خـوش اسـت۔

Gul Hayat Institute

(ديندار زاهد ٿو چوي تہ حورن وارو بهشت ڏاڍو سُٺو آهي. آءُ ٿو چوان تہ انگور جو تهيل شراب سُٺو آهي، جو هڪيو تڪيو تہ موجود آهي. بهشت جون تہ رڳو ڳالهيون آهن، جن تي اعتبار ڪير ڪري؟ دهل جو آواز پري کان گهڻو ئي مٺو هوندو آهي، پر منجهس آهي ڪجهہ بہ ڪونہ.)

مائم خريدار مى كهنه ونو،
وانگاه فروشنده عالم بـه دوجو،
گفتى پس از مرگ كجا خداهم رفت،
مى پيش من آرو هر كجا خواهى رو.

(اسين پراڻي ۽ نئين شراب جا خريدار آهيون، باقي دنيا ۽ آخرت، سي تہ جَوَ جي هڪ داڻي تي بہ ڪونہ وٺون. مون کان ٿو پڇين تہ مرڻ کان پوءِ ڪاڏي ويندين؟ مون کي تہ شراب جو پيالو آڻي ڏي، پوءِ تون جيڏانهن وڻئي تيڏانهن وڃ.)

جمعى مفكر اندر در مذهب و دين،
جمعى متحير اند در شک و يقين،
ناگاه منادى برآيد ز كمين،
كه بيخبران! راه نئى آنست و نه اين.

(ڪي ماڻهو مذهب ۽ دين جي ڳُتين ۾ پيا ڳرن، تہ ڪي فلسفي جا راز پيا جاچين. اوچتو پردي پويان آواز آيو آهي تہ اي بيوقوفو! واٽ نہ هيءَ سڌي آٿوَ نہ هوءَ.)

از آب گلم سرشته من چه كنم،
وين پشم قصب تو رشته، من چه كنم،
هر نيک و بدى ازن آيد بوجود،
تو برسر من توشته، من چه كنم.

Gul Hayat Institute

(توئي مون کي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ مان ناهيو، آءُ ڇا ڪريان؟ تو ئي هيءُ براين جو لباس پهرايم، آءُ ڇا ڪريان؟ جيڪي منهنجي هٿان ٿئي ٿو سو تہ اڳيئي منهنجي تقدير ۾ لکي ڇڏيو آهي، آءُ ڇا ڪريان؟)

دروقت بهار، اگر بت حور سرست،
پر مئى قدحى دهد، مرا برلب كشت،
گرچ برهر كس اين سخن باشد زشت،
سگ به از من اگر برم نام بهشت.

(هن ڳالهہ تي ماڻهو ضرور ڪاوڙجي پوندا، پر بهار جي موسم ۾ منهنجو حور جهڙو سهڻو يار جڏهن مون کي ساوڪ مٿان ويهاري، شراب سان ڀريل پيالو آڻي ڏئي، ۽ پوءِ جي آءٌ بهشت جو نالو وٺان تہ آءٌ ڪتي کان بدتر چئبس.)

قـــومي بـــه بهشـــت و دوزخ انـــدر گرونـــد،
کـــه رفـــت بـــدوزخ؟ و کـــه آمـــدز بهشـــت؟

(ماڻهو بهشت ۽ دوزخ جي چڪر ۾ ڦاٿا پيا آهن: ڀلا پڇونِ تہ ڪهڙو دوزخ ۾ ويو آهي؟ ۽ ڪهڙو بهشت مان ٿي آيو آهي؟)

بـــه ايـــن دوســـه نـــادان کـــه چنـــان ميـــداني،
از جهـــل کـــه دانـــاي جهـــان ايشـــانند،
خـــوش بـــاش کـــه از خـــري ايشـــان بـــه مثـــل،
هرکـــو نـــه خـــر اســـت کـــافرش مـــي داننـــد-

(اهي بہ ٿي احمق جن کي پنهنجي جهالت وچان دنيا جو وڏو عالم ۽ فاضل پيو سمجهين، شڪر ڪر جو تون بہ اهڙو ئي گڏهہ آهين جهڙا اهي آهن، ڇو تہ جيڪو گڏهہ نہ آهي، تنهن کي هو ڪافر ٿا سڏين.)

**شيخ سعدي شيرازي**

شيخ سعدي عليہ الرحمت جي ذات ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي، پر عشق بازيءَ ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هڪ دفعي ڪاشغر جي هڪ مدرسي ۾ هڪ سهڻي ڀڳيرو ڇوڪري کي ڏنائين تہ عربي گرامر جو ڪتاب پيو پڙهي ۽ 'زيد، عمر کي ماريو' جو گردان پيو رٽي. شيخ صاحب رڙ ڪري چيس:

دي دلِ عشـــــاق دامِ نـــــو بصـــــيد،
مـــا بتـــو مشـــغول و تـــو بـــا عمـــر و زيـــد!

(اي سهڻا، عاشق جون دليون تو وٽ قيد ٿي ويون، اسين توکي ڏسڻ ۾ مشغول آهيون ۽ تون وري 'عمر ۽ زيد' جي گردان ۾ مشغول آهين!)

ڇوڪري کي جڏهن معلوم ٿيو تہ هيءُ شيخ سعدي آهي، تڏهن چيائينس تہ اڳ ۾ ڇو نٿي ٻڌايئي تہ آءٌ شيخ سعدي آهيان؟ شيخ جواب ڏنو:

باوجودت زمن آواز نيامد که 'منم'

(تنهنجي هوندي ڪيئن چوان تہ 'آءٌ' بہ ڪو آهيان). ان کان پوءِ خوب رهاڻيون ٿيون. شيخ سعدي پاڻ لکي ٿو تہ، ان کان پوءِ هڪ ٻئي جي ڳلن تي چميون ڏنيون سين ۽ موڪلايوسين.

Gul Hayat Institute

محبت جي باري ۾ شيخ صاحب جا خيال جديد کان جديد هئا. سندس چوڻ آهي تہ هر سال نئينءَ زال سان عشق ڪرڻ کپي:

زن نـــو کـــن اي دوســـت درهـــر بهـــار،
کـــه تقـــويمِ پارينـــه نايـــد بکـــار.

(يار، هر بهار ۾ نئين زال هٿ ڪر، پراڻي جنتري تہ بيڪار ٿيندي آهي.)

صوفين ۽ ديندارن جي عشقبازيءَ جو پردو چاڪ ڪندي چوي ٿو:

محتســـب در قضـــائي رنـــدان اســـت،
غافـــل از صـــوفيان شـــاهد بـــاز!

(محتسب هٿ ڌوئي رڳو اسان رندن جي پٺيان پيو آهي، پويان خبر ئي ڪانهيس تہ چوڪري باز صوفي ڪهڙا ڪارناما پيا ڪن.)

ســـوئے مســـجد آورد دکـــان شـــيخ،
کـــه درخانـــه کمتـــر تـــوان يافـــت صـــيد-

(ملان پنهنجي مڪر ۽ ٺڳيءَ جا ڄار ڪٽي مسجد ۾ ماڻهو ڦاسائڻ آيو آهي، ڇو تہ گهر ۾ اهڙو ٺڳيءَ جو موقعو نٿو مليس)

مـــرا راحـــت از زنـــدگي دوش بـــود،
کـــہ آن مـــاه رويـــم در آغـــوش بـــود-

(رات زندگيءَ جو خوب لطف مليم، جو هو چنڊ جهڙو سهڻو منهنجي ڀاڪر ۾ هو.)

مـــؤذن غلـــط گفـــت بانـــگ نمـــاز،
مگـــر همچـــون مـــن مســـت و مـــدهوش بـــود!

(ٻانگو ٻانگ ڏيڻ ۾ ڀُلجي پيو آهي، ڀانيان ٿو تہ مون وانگر ئي نشي ۾ ٻُڏل آهي.)

عشـــق بـــازى نـــه مـــن آخـــر بـــه جهـــان آوردم،
يـــا گنـــاهي اســـت کـــه اول مـــن مســـکين کـــردم-

(عشق بازيءَ ڪا مون هينئر دنيا ۾ ڪانہ آندي آهي، نڪو ڪو آءٌ مسڪين پهريون عشقباز آهيان.)

Gul Hayat Institute

تـــو گـــر دعـــويٰ کنـــي پرهيزگـــاري،
مصـــــدق دانمـــــت والله اعلـــــم:
وگـــر گـــوئي کـــه ميـــل خـــاطرم نيســـت،
مـــن ايـــن دعـــوي نمـــي دارم مســـلم-

زاهد کي چوي ٿو تہ جي تون چوين تہ پرهيزگار آهيان تہ وسهندس، پوءِ سچ ڪوڙ خدا ڄاڻي، پر جي چوندين تہ مون کي عيش پرستيءَ ڏانهن لاڙو ئي ڪينهي تہ آءٌ هرگز ڪين وسهندس.

هـــيچ کـــس بـــے دامـــن تـــر نيســـت امـــا ديگـــران،
بـــاز مـــي پوشـــند ومـــا در آفتـــاب افگنـــده ايـــم-

(افعال سيني جا بچڙا آهن. فرق رڳو ايترو آهي تہ ٻيا لڪ چپ ۾ پيا ڪن ۽ آءٌ کُليو کُلايو پيو ڪريان.)

اى مســـــلمانان بــــــه فريــــــادم رســــيد،
كـــــان فلانـــــي بـــــي وفـــائي مـــــي كنـــد،
يـــــارمن اوبـــــاش و فـــلاش اســـت و رنـــد،
لبيــــــک بــــــرمن پارســـــائي مـــــي كنـــد-

(مومنو اوهان ڪي دانهن ٿو ڏيان: منهنجي يار مون سان سخت ظلم ڪيو آهي، هوڏانهن سخت لوفر، ڪتل ۽ شرابي آهي، پر مون ڪي سنوت نٿو ڏئي، ڇي آءٌ پرهيزگار آهيان، اهڙو ڪم نہ ڪندس.)

## امير خسرو دهلوي

طوطيءَ هند حضرت امير خسرو جي ڪمال ۽ بلنديءَ جي ڪهڙ: تعريف ڪجي! فرمائي ٿو:

گرشــــــما ديـــــن عاشــــــقان داريــــــد،
بعـــد ازيـــن پـــيش بـــت نمـــاز كنيـــد-

(جي عاشق جي دين جا پوئلڳ هجو. تہ اڄ کان پوءِ هن بُت جهڙي سهڻي معشوق اڳيان نماز پڙهو.)

گـــــاه مـــــردن شــــنيده ام محمــــود،
گفـــت رويـــم ســـوي ايـــاز كنيـــد-

(چون ٿا تہ. محمود مرڻ مهل وصيت ڪري ويو هو تہ منهنجو منهن ڪعبي بدران منهنجي محبوب اياز ڏانهن ڪجو.)

مـــن آن تـــره طنـــاز را مـــي شناســـم،
مـــن آن مايـــه نـــاز رام مـــي شناســـم-

(آءٌ هن شوخ ترڪ ڇوڪري ڪي چڱيءَ طرح سڃاڻان: رات شراب جي نشي ۾ مست ٿي، جيڪي گاريون پئي ڏنائين، تن منهنجي دل ٺاري وڌي، مون آواز مان ئي سڃاتو تہ هو آهي.)

## خواجہ حافظ شيرازي

لسان الغيب خواجہ حافظ شيرازي نہ رڳو ايران پر ساريءَ دنيا جي عظيم ترين شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. مغربي نقاد ڪيس دنيا جي ٽن عظيم ترين شاعرن مان هڪ عظيم ترين شاعر قرار ڏنو آهي. اسلامي دنيا ۾ بہ حافظ جي شاعرانہ ڪمال جو جهنڊو هميشہ کان سربلند رهندو اچي. هن بزرگ جو ڪلام عشق،

Gul Hayat Institute

محبت، رندي، مستي ۽ آزاد خياليءَ جي جذبن ۽ ريا، مڪر ۽ مذهبي تعصب خلاف احتجاج جو هڪ لافاني داستان آهي.

رنـــدان همـــه تـــره مـــي پرســـتي كردنـــد،
جـز محتسـبِ شـهر كـه بـي مـي مسـت اسـت-

(رند تہ سڀ شراب پرستي ڇڏي ويا، پر ملان ري پيالي مست ٿيو پيو گهمي.)

شـعرِ حـافظ شـيراز مـي گوينـد و مـي رقصـند،
سـيه چشـمان كشـميري و نركـان سـمرقندي-

(حافظ شيرازيءَ جو شعر ڪارين اکين وارا ڪشميري ڳيرو ۽ سمرقندي جوانڙا پڙهن پيا ۽ نچن پيا.)

بكـري مـي فروشـانس بـه جـامي در نمـي گيرنـد،
زهـي سـجاده تقـوي كـه يـک سـاغر نمـي ارزد-

(نمازين کي جنهن پاڪ مصلي تي ناز آهي، سو اسان مستن جي دُنِيا ۾ شراب جي هڪ پيالي جي بہ مَٽ نہ آهي.)

گرچــه پيـرم تـو شـيخ ننـگ در آغوشـم كـش،
تـــا ســـحرگه ز كنـــاز تـــو جـــوان برخيـــزم-

(اي محبوب جيتوڻيڪ پوڙهو ٿي ويو آهيان، تہ بہ هڪ رات پنهنجيءَ ڪڇ ۾ سوگهو ڪري سمهارينم، تہ صبح جو نوجوان ٿي پوندس.)

بيـا تـا گـل برافشـانيم و مـي در سـاغر انـدازيم،
فلـک را سـقف بشـگافيم و طـرح نـو در انـدازيم.

(اچو تہ گل وڇايون ۽ پيالن ۾ شراب اوتيون. هن آسمان جي ڇت کي ڦاڙي، ڪنهن ٻيءَ دُنِيا جو بُنياد وجهون.)

گـــرچ بـــدنامي اســـت نـــزد عـــاقلان،
مـــا نمـــي خـــواهيم ننـــگ و نـــام را-

(جيتوڻيڪ ڏاها انهيءَ کي بدناميءَ جي ڳالهہ سمجهندا، پر اسان کي عزت ۽ ناموس گهرجي ئي ڪانہ.)

خـوش وقـت رنـد مسـت كـه دنيـا و آخـرت،
از دسـت داد و هـيچ غـم بـيش و كـم نداشـت-

(سياڳو آهي اهو مست شرابي، جنهن دُنِيا ۽ آخرت تان هٿ کڻي ڇڏيو ۽ ان جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ اٿس.)

مـــن رنـــد و عاشـــق و آن گـــا توبـــه،
اســــــــــتغفر الله، اســــــــــتغفر الله.

Gul Hayat Institute

(مون جهڙو شرابي ۽ عشق باز ٿي ڪري، هھڙي وقت توبھ تائب ٿئي؟ انهيءَ کان شل خدا پناھ ڏئي!)

سخن درست بگويم نمي تواند ديد،
که مي خورند حريفان و من نظاره کنم-

(سچي ڳالھ تہ اها آهي تہ ٻيا شراب وينا پيئن ۽ آءٌ ويٺو ڏسان، سو مون کان سَٺو نہ ٿيندو.)

شيخم بطنز گفت، حرام است مي مخور،
گفتم بروکه گوش بهر خر نمي کنم-

(مُلان مون کي ٽوڪ هڻي چيو تہ ميان شراب حرام آهي، متان پئين! مون چيس تہ تر، آءٌ هر ڪنهن گڏھ جي ڳالھ تي ڌيان نہ ڏيندو آهيان.)

بيا بميخانه و چهره ارغواني کن،
مرو بصومعه که آنجا سياه کار انند-

(شراب خاني ۾ هليو اچ ۽ مُنهن کي شراب سان لعل ڪر، خبردار، پرهيزگارن جي حجرن ڏانهن متان ويو آهين، جو اتي سياه ڪار ويٺا آهن.)

اي دل، طريق مستي از محتسب بياموز،
مت است و در حق او کس گمان ندارد-

(اي دل، رندي ۽ مستيءَ جو سبق سکڻو اٿئي تہ مُلان کان سِک، جو اهڙيءَ ڪيڏ سان شراب پيئي ٿو، جو ماڻهن جي ليکي ويچارو ساڌُ ۽ پاڪ آهي.)

باده با محتسبِ شهر نه نوشي زنهار،
که خورد يا تو مي وشنگ به جام اندازد-

(خبردار، شهر جي قاضيءَ کي پاڻ سان گڏ شراب متان پيارين، جو هُو شراب بہ پي ويندو ۽ پيالو بہ ڀڃي ڇڏيندو.)

صوفيان جمله حريف اند و نظرباز ولے،
زان همه 'حافظ' سودا زده بدنام افتاد-

(هي پهتل صوفي بزرگ سڀ حقيقت ۾ وڏا حريف نظرباز آهن، پر بدنام ڪٽي چرئي حافظ کي ڪيو اٿن.)

## رومي

مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ کي شاعرن 'فارسي زبان جو قرآن' ڪري سڏيو آهي.

مثنوي و معنوي و مولوي،
هست قرآن در زبانِ پهلوي.

Gul Hayat Institute

ٻُڌڪو نقادن ۾ نقطه چينن لاءِ اعتراض جو اهو به سُٺو موقعو آهي، ڇاڪاڻ ته قرآن فقط هڪڙو آهي، جو عربيءَ ۾ آهي ۾ خدا جو ڪلام آهي. بظاهر هڪ انسان جي ناهيل قصن ڪهاڻين جي ڪتاب کي 'قرآن' ڪوٺڻ سراسر ڪُفر نه آهي، ته ٻيو ڇا آهي!

مولانا روميءَ جي عظمت ۽ بلندي بيان ڪرڻ جو هيءُ موقعو نه آهي؛ هتي فقط سندس ڪي شعر ڏجن ٿا، جن مان سندس شوخيءَ ۽ مستيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

بزيــــرِ کنگــــره کبريـــــائي مردانـنـــــد،
فرشـــته صـــيد، پيمبـــر شـــکار، يـــزدان گيـــر-

(هن بلند ۽ بالا آسماني گنبذ جي هينان اهڙا به مرد پيا آهن، جن جي پنجوڙ ۾ ملائڪ قيد ۽ پيغمبر شڪار ٿيا پيا آهن، خود خدا به وٺن ڦاٿو وينو آهي.)

علامه اقبال انهيءَ ساڳئي خيال کي هنن لفظن ۾ ادا ڪيو آهي (يا بقول سنڌيءَ جي هڪ نقادچيءَ جي، 'چورايو آهي'.)

يزدان به کمند آور، اي همتِ مردانه!

(اي مرداني همت، وڏي خدا کي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاساءِ.)

مـــــن ز قـــــرآن مغـــــز دا برداشـــــتيم،
اســـــتوخان پـــــيش ســـــگان انـــــداختيم-

(مون قرآن جو مغز هٿ ڪري ورتو باقي جيڪي 'هڏيون' رهيون، سي ڪُتن جي اڳيان اُڇلائي وڌم.)

هن شعر ۾ بظاهر قرآن مجيد جي شان ۾ جيڪا بي پناهه گستاخي آهي، تنهن جي وضاحت جي ضرورت ئي ڪانهي.

Gul Hayat Institute

(14)

# عربي شاعري

عرب شاعريءَ جو عظيم ترين دؤر اسلام کان اڳ وارو دؤر ليکيو وڃي ٿو. سڀ عرب نقاد انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ عرب شاعري گذريل تيرهن سَؤ سالن ۾ اسلام کان ٿورو اڳ جي شاعر، امراءِ القيس جي پايي جو ڪو شاعر پيدا ڪري نہ سگهي آهي، خود حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن ڪيس شاعرن جو امام سڏيو آهي.

سندس شعر ۽ سندس همعصرن جي شعر جي عظمت جو جيڪو ڏاڪو عربن جي دلين تي ويٺل آهي، تنهن جو اندازو هن ڳالهہ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو تہ اُموي ۽ عباسي دؤر جي شاعرن کي انهيءَ ڪري بہ سند طور تسليم نہ ڪيو ويندو هو، ڇاڪاڻ تہ اهي امراءَ القيس جي دؤر جا نہ هئا. صرف ان دؤر جو شاعر هجڻ ئي عربن وٽ شعر جي بلنديءَ ۽ ڪمال جو قطعي دليل ليکيو ويندو هو.

اها حقيقت آهي تہ عرب شاعريءَ جيتوڻيڪ پوين دؤرن ۾ يزيد بن معاويہ، اخطل، فرزدق، ابونواس، المتنبي ۽ ابوالعلاءِ، لبيد، نابعہ زيبائي ۽ ان دؤر جي ٻين شاعرن واري بيساختگي، جذبات جي شدت، تخيل جي بلندي ۽ فطري حُسن جو جواب ڳولڻ عبث آهي.

عربي شاعريءَ جو مفصل جائزو ڪنهن ٻئي موقعي لاءِ ڇڏي، اسين هتي فقط شاعرن جي شهزادي امراءَ القيس جون بہ ٽي جهلڪون پيش ڪريون ٿا، جنهن مان اسان کي سندس شعر جي موضوعن ۽ انداز جو پتو پوندو آهي.

”....سهڻي ڇوڪري! تون مون کي معمولي عاشق ڪري نہ سمجھہ. آءٌ اهو آهيان جنهن تي عورتون ايئن بريءَ طرح فدا هونديون آهن، جو جڏهن آءٌ ساڻن هم آغوش هوندو آهيان، تڏهن انهن جا کير پياڪ ننڍڙا ٻار رڙيون پيا ڪندا آهن، پر



Gul Hayat Institute

تڏهن بہ هو پنهنجو ڏڙ نہ ڇورينديون آهن۔ لاچار رڳو ڇاتي ٺوري پاسيري ڪري ڪين ٿج پياريندڀون آهن.“

”....جاني اهو ڏينهن ياد اٿيئي، جڏهن اوهان جو قبيلو لڏي پئي ويو؟ ۽ تون ڪجاوي اندر اُٺ تي چڙهي وڃي رهي هئين، تہ اوچتو تو تي منهنجي نظر پئي، ۽ اٽڪل سان لڪي ڪجاوي ۾ چڙهي آيو هوس ۽ تو دانهون ڪري ڏپ وچان چيو هو تہ ’هي ڇا ٿو ڪرين؟‘ مون بي اختيار توکي ڀاڪر وجهي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.“

مشرقي زبانن جي هن جائزي مان آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ عظيم شاعري هميشہ ۽ هر دؤر ۾ پنهنجي زماني جي ذهن ۽ فڪري پابندينءَ، مذهبي عقيدن ۽ ’اخلاق‘ جي اڪري اڙتين ڦڙتين کان بالاتر رهي آهي. اڄ تاريخ، جن عظيم شاعرن ۽ فنڪارن جو نالو ادب ۽ احترام سان پنهنجي سيني ۾ محفوظ رکيو ويٺي آهي ۽ انسانيت پنهنجن جن فرزندن جي فن ۽ ڪمال تي ناز ڪري ٿي، سي اهي ئي آهن، جن پنهنجي ماحول جي زنجيرن کي پنهنجي فڪر جي قوت سان ٽوڙيو، زماني جون لعنتون ۽ عتاب اڪين تي رکي، پنهنجي جگر جي خون سان فن ۽ سُخن جي چمن جي آبياري ڪئي آهي.

هنن ڪمال جرئت ۽ بي خوفيءَ سان پنهنجي دؤر ۽ ماحول کي بي نقاب ڪيو آهي. جيڪڏهن حافظ، خيام، فردوسي، رومي، امير خسرو، شاهہ، سچل ۽ ٻيا پنهنجي دؤر جي گهُٽيل ۽ ٻوساٽيل ماحول کان بغاوت نہ ڪن ها، ۽ فقط اهي شعر چون ها، جي سندن پاڙي وارن، سندن حاڪمن ۽ ديني اختياريءَ وارن کي ئي قبول پون ها، تہ جيڪر هو جيئري دفن ٿي وڃن ها ۽ ڪنهن کي بہ خبر نہ هجي ها تہ انهن نالن وارا ماڻهو بہ ڪي دنيا ۾ هئا.

هنن جن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، سي نہ رڳو اُن زماني جي تنگ نظر حلقن ۾ ناپسند هئا، پر هر زماني ۽ هر دؤر ۾ تعصب ۽ ڪوتاهہ نظري مٿن الزام ۽ ملامت جا تير اُڇلائي سگهندي. جيڪڏهن ”شاهہ“ خدا کي راڻي، تماچي ۽ پنهوءَ جي نالن سان ياد ڪرڻ جي جرئت نہ ڪري ها، جيڪڏهن سچل، بلا شاهہ، فريد، عطار ۽ سنائيءَ جهڙا شاعر ”اناالحق“ جو نعرو هڻندڙ دل ۽ گردو نہ رکن ها، جيڪڏهن سعدي، حافظ ۽ خيام پنهنجي زماني جي رياڪاري، فريب ۽ ڪوڙيءَ پرهيزگاريءَ جا ڇوڏا نہ لاهين ها، ۽ جيڪڏهن اقبال يزدان جي دامن چاڪ ڪرڻ جي ڌمڪي نہ ڏئي ها، تہ سندن فن ۾ اهو عظيم خلوص، سچائي، وجدان، حُسن ۽ ڪمال هرگز پيدا نہ ٿئي ها. هو سيڪاريل طوطن وانگر ٻين کان ٻُڌل ٻوليون

Gul Hayat Institute

ٻوليندي ختم ٿي وڃن ها، ۽ ڪجهه وقت ڌرتيءَ اندر ايئن دفن ٿين ها، ۽ وري ايئن ٻُڌجن ٻہ نہ ها، ڄڻ هئا ئي ڪونہ.

سچ تہ هي آهي شيخ اياز ۽ هن دؤر جا نوجوان سنڌي اديب، انهن عظيم استادن جي بي باڪيءَ، شوخيءَ ۽ گستاخيءَ جي مقابلي ۾ بلڪل ڊپيل ۽ سنجيده مزاج لڳن ٿا. درحقيقت اسان جا جيڪي لکن جا نقادچي هنن جهيٽن ۽ نرم آوازن کي ٻُڌي حواس باختہ ٿي ويا آهن، تن کي گهرجي تہ پنهنجي بچاءُ لاءِ هو سرڪار کي درخواست ڪن تہ اها انهن سڀني مٿي ذڪر ڪيل اردو، فارسي ۽ عربي شاعرن جي مڙني ڪتابن کي باهہ ڏياري ڇڏي ۽ سنڌن شعر پڙهڻ تي پابندي وجهي، ڇو تہ جيستائين فن ۽ فڪر جي انهن امامن جو ڪلام زنده آهي، تيستائين هر دؤر ۽ هر زماني ۾ جرئت، رندي، مستي ۽ بي باڪيءَ جون صدائون فضا ۾ گونجنديون رهنديون، هر دؤر ۽ هر زماني ۾ "اياز" پيدا ٿيندا رهندا، جيڪي نوس نوس ڪندڙ نقادچين جون ننڊون حرام ڪندا رهندا ۽ سندن ڪمزور دليون ڪنبائيندا رهندا.

Gul Hayat Institute

(15)

آيـــل اُن نـــــ وســهان هنجـــون جـــي هـــارين،
آڻيـــو آب اكـــين ۾ ڏيهـــــ كـــي ڏيكـــارين،
سـڄڻ جـي سـارين، سـي نكـي روئـن نـ چـون كـي.
(شاهہ)

سنڌ جي ادب دشمن ٽولي جو چوڻ آهي تہ موجوده سنڌي ادب غيراسلامي ۽ كافرانہ آهي.

سندن انهيءَ چالاكيءَ واري نعري كي ٻُڌي، اول تہ سڀ كو سوچڻ لڳندو تہ بيلي اها ڳالهہ تہ برابر نهي كانہ ٿي. غيراسلامي شيءِ كابہ كانہ كپي. هجي تہ اسلامي هجي، نہ تہ وڃي اوڙاه جي تري ۾ پئي! اسلامي ملڪ ۾ غيراسلامي شيءِ! توبهہ!

هن ٽولي كي بہ اهو ئي يقين آهي تہ ماڻهو ضرور ايئن سوچي سندن پروپيگنڊا جي كوڙكيءَ ۾ ڦاسي پوندا.

اچو تہ انهيءَ نعري كي ٽوڙڙو غور سان جاچيون. پهريون سوال آهي تہ آيا ايئن آهي ڇا تہ دنيا جو هر كم، هر شيءِ هر فن يا هر پيشو اسلامي يا غيراسلامي ٿي سگهي ٿو. يعني ايئن آهي ڇا تہ اهو فن يا تہ ضرور اسلامي هوندو، نہ تہ كافر! مثال طور، كيلن جي پوك پلا دنيا ۾ كا "اسلامي كيلن جي پوك" ۽ "غيراسلامي كيلن جي پوك" بہ ٿي سگهي ٿي ڇا؟ يا انجنيئري سائنس يا فن كي وٺو. مسلمانن جو انجنيئري فن تہ ٿي سگهي ٿو پر انجنيئري سائنس كي اسلامي انجنيئري، يهودي انجنيئري يا هندو انجنيئري كوني سگهجي ٿو ڇا؟ حجامت، ڪُڙمت، دكانداري، بيڙي هلائڻ - ڇا انهن مان كنهن بہ هڪ پيشي ۽ ڌنڌي كي كافر يا مسلمان پيشو سڏي سگهجي ٿو؟ پلا ايئن بہ كو چئي سگهيو تہ كپڙي

Gul Hayat Institute

اُٽڻ جو ڏانءُ يا هنر مسلمان آهي يا ڪافر! يا ڳائڻ جي فن کي وٺو. ڳائڻ ۾ سُر، تار، پلٽا، مُرڪون، ميڊيون وغيره ٿين ٿيون. سياڻي کو توهان وٽ ڊوڙي اچي توهان کي دانهن ڏئي تہ محمد جمن يا استاد منظور خان فلاڻو غيراسلامي پلٽو هنيو يا نسيمہ شاهين جي فلاڻي تال نج اسلامي هئي، تہ توهان جيڪر کيس ڇا سمجهو!؟

البت ڳاڻٽو انجنيئر، هاري، دڪاندار، ڀيڙيءَ وارو وغيره مسلمان يا هندو ٿي سگهي ٿو پر سندن هَرُ، دڪان، ڀيڙي، انجنيئر سر تار، نہ هندو ٿي سگهي ٿو نہ مسلمان. هي فن ۽ پيشا آهن، جن جا پنهنجا قاعدا قانون آهن. سارين جي پوک کي ڪڏهن پاڻي ڏجي؟ جاءِ ۾ گهڻو سيمنٽ ڪتب آڻجي؟ ڀيڙيءَ کي واءَ جي سامهون ڪيئن هلائجي؟ اهي اٽڪلون، ڏانوَ ۽ هنر مذهب سان سڌيءَ طرح ڪوبہ واسطو نٿا رکن. انهن تي ڪفر يا اسلام جو نالو رکڻ، ڪفر ۽ اسلام سان مذاق ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

ساڳيءَ طرح شاعري بہ هڪ فن آهي، جنهن جو مذهب سان سڌيءَ طرح ڪوبہ واسطو ڪونهي. شاعري تڏهن کان آهي جڏهن نہ عيسائيت هئي، نہ هندومت، نہ ڪفر نہ اسلام. شاعريءَ ۾ تشبيهون، استعارا، تخيل، فرضي ڳالهيون، حُسن ۽ عشق جون ڳالهيون هونديون آهن. ان جو بنياد وڌاءُ ۽ مبالغي تي ٻڌل آهي. ڪوبہ مذهب وڌاءُ، مبالغي ۽ فرضي ڳالهين جي بيان ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي.

مثال طور شاعر جي محبوب جو منهن پلي ڪارو هجي، پر هو ضرور چوندو تہ اهو سج چنڊ کي شرمائي ٿو. اهو نسورو ڪوڙ آهي، جنهن جي هر مذهب منع ڪئي آهي. قرآن مجيد جي مشهور آيت آهي تہ ’شاعرن‘ جي پويان فقط گمراهہ ماڻهو لڳندا آهن. انهيءَ ڪري ڪابہ شاعري اسلامي تہ ڇڏيو مذهبي شاعري بہ ٿي نہ ٿي سگهي. اهو ئي سبب هو جو ڪيترا عرب شاعر جڏهن مسلمان ٿيا، تہ شاعريءَ تان هٿ کڻي ويا. امراءَ القيس عرب جي لاثاني ۽ قابل صد فخر شاعر جو لقب ئي ”گمراهہ بادشاهہ“ رکيو ويو.

ان بعد، روءِ زمين تي هڪڙو بہ شاعر پيدا نہ ٿيو آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو جنهن جي شاعريءَ کي نج اسلامي ڪوٺي سگهجي. ڇاڪاڻ تہ شاعري آهي ئي هٿرادو ڳالهين ٺاهڻ جو نالو- ڪوڙ کي سچ ڪري ڏيکارڻ ۾ رڳو الله ۽ رسول جي تعريف ڪيل آهي، سا صحيح معنيٰ ۾ اسلامي ڪانهي- ڇاڪاڻ تہ ان ۾ وڌاءُ آهي، مرچ مصالحا آهن، ڳالهہ جي مصنوعي ٺاهہ ٺوهہ لاءِ تشبيهون آهن، استعارا آهن. مثال طور هرڻيءَ واري معجزي واريءَ مدح شريف ۽ ٻين مدحن ۾ حضور جن جي واتان ڪيترين ڳالهيون چوايون ويون، جي بلڪل فرضي آهن. ساڳي حالت نورنامي جي آهي. ميرانيس، دبير ۽ ثابت علي شاهہ جا مرثيا پڙهو ائين پيا ڳالهہ ڪن تہ

جڻ پاڻ اُتي هڪيا تڪيا موجود هئا. زمين آسمان ملايو هڪ ڪريو ڇڏين. يا رومي ۽ سعديءَ جون حڪايتون ڪڍو. اهي ايئن بيان ڪيون ويون آهن، جڻ تہ سچا واقعا آهن، حالانڪہ اهي فرضي ڳالهيون آهن. جي ماڻهن کي نصيحت ڏيڻ لاءِ چيون ويون آهن.

ظاهر آهي تہ اها محض شاعري آهي، ۽ جنهن شيءِ جو نالو شاعري آهي، سا وڏائي، بناوت، مرچ مصالحي کان سواءِ ٿي نٿي سگهي، ۽ جنهن شيءِ ۾ وڏائي ۽ مرچ مصالحو هجي، جيڪا هٿ جي ناهہ تي ٻڌل هجي، ان کي اسلامي يا مذهبي سڏڻ حماقت ناهي تہ ٻيو ڇا آهي!

البت شاعر مسلمان، هندو، عيسائي ٿي سگهن ٿا، ۽ ظاهر آهي تہ سندن مذهب ۽ عقيدي جو سندن شاعريءَ تي ضروري اثر پوي ٿو، پر شاعري نيٺ شاعري ئي آهي. اها فقہ ۽ حديث شريف جو ڪتاب يا ويد يا شاستر ٿي نٿي سگهي. اها بنيادي طرح نہ هندو آهي نہ مسلمان.

اهو ئي سبب آهي جو خود انهن نام نهاد ”اسلام دوست“ شاعرن جي شاعريءَ کي ڏسندؤ تہ اهو ئي زٽ، اهو ئي ڪوڙ وڏائي، اهائي معشوقن جي تاڙ، سندن ناز نخرن جي تعريف ۽ ٻيون غيراسلامي، غير شرعي ڳالهيون نظر اينديون، جيڪي شاعريءَ ۾ هميشہ هونديون آهن.

اسلام پرائيءَ عورت جي پچار، ڇيڙڇاڙ زناني خواه مرداني حُسن جي اُپٽار، نڪاح ٻڌل زال کان سواءِ ٻيءَ عورت سان اظهار عشق ڪرڻ کي سنگين جرم قرار ڏئي ٿو.

تاج الشعراءِ، استاد الشعراءِ ۽ ملڪ الشعراءِ وغيره ”اسلام پرست“ شاعر صاحب جيڪي عشق جا دفتر پرين ٿا، گيت لکن ٿا، غزل چون ٿا، جن محبوبن جي ڪمرين، سرو قدن، نرگسي نيڻن، ڪافر ادائن، عشوه طرازين، ستم رانين جا قصا جهان کي مزا وٺي وٺي ٻُڌائين ٿا، سي ڪير آهن؟ گستاخي معاف، اهي زالون سندن نڪاح ٻڌل آهن ڇا؟ جي ها، تہ پوءِ بہ انهن جو ايئن ذڪر جائز ۽ شرعي آهي ڇا؟ جي نہ تہ پراين نياڻين سان عشق ڪرڻ، انهن لاءِ اهڙا خيال ظاهر ڪرڻ ۽ جهان ۾ خواري مچائڻ کي از روءِ شريعت ڇا چئبو آهي؟ پر جي اهڙيون عورتون مرڳو آهن ئي ڪونہ ۽ هو رڳو هٿ جون وينا هڻن، تہ پوءِ اهو ڪوڙ ۽ لغو بياني ناهي؟ ڇا واقعي سندن جگر سڙيل آهي، سينا ڪباب ٿيل آهن؟ ڇا واقعي هو رات جو تارا ڳڻيندا آهن ۽ ڏينهن جو ڪپڙا ڦاڙي صحرائن ۽ رڻن پٽن ۾ ڌڪا جهليندا آهن. جيئن هو پنهنجن شعرن ۾ ماڻهن کي ٻُڌائيندا آهن! ڇا ايئن ناهي تہ سندن شعرن جو لفظ لفظ هٿ جو ناهہ، خيالي پلاءُ، نسورو زٽ آهي؟ جي ها، تہ پوءِ اهي ڪوڙن جا

Gul Hayat Institute

دفتر غيراسلامي ناهن، شريعت جي خلاف ناهن؟ ڇا سندن شاعري ڪوڙي، مبالغہ آميز فحش بداخلاقيءَ جي رغبت ڏيندڙ ۽ غيراسلامي نہ چئبي؟

اخبار نويسيءَ جي ڳالهہ ڪجهہ ڪريون ٿا. اخبار نويس مسلمان ٿي سگهن ٿا ۽ آهن، پر اخبار نويسيءَ جو پيشو نہ هندو آهي نہ مسلمان. دنيا ۾ ڪابہ خالص اسلامي اخبار نويسي ۽ ڪافر اخبار نويسي ٿي نٿي سگهي. مثال طور اسان جي هنن ئي شاعر الشعرائي شاعرن جي حمايتن هڪڙي روزاني اخبار سجو ڏينهن ڇپن سان "اسلام" "اسلام" آلاپيندي رهندي آهي، پر ڇاڪاڻ تہ اخبار آهي، تنهن ڪري هر اهو ڪم ڪري ٿي، جيڪو ٻيون اخبارون ڪن ٿيون. عيسائي خبر رسان ايجنسين جون خبرون ڇاپي، نشيدار شين جا اشتهار ڇاپي، اڌ اُگهاڙين عورتن جا شهوت انگيز فوٽا ڇاپي، پڙهندڙن کي مٽن عاشق ٿيڻ جي ترغيب ڏئي، سندن سهوليت لاءِ اهڙين عورتن جون ائڊريسون ڇاپي، ڪوڙ بدوڙ ڇاپي، ڪنهن ڪاموري جي گلا تہ ڪنهن جي تعريف ڇاپي، هٿ جون خبرون نوڪي، وڏن ماڻهن جي شان ۾ ڪنڌ ڏوٽي مدحون ۽ قصيدا پڙهي، مخالفن تي گارين جا ڏوڙيا وسائي ـ مطلب تہ ڇا ڇا نہ ٿي ڪري! ۽ ايئن ڪري ٿي، ڇو تہ اخبار نويسي آهي ـ جو هڪ پيشو آهي، هڪ فن آهي. ان جا پنهنجا قاعدا قانون آهن. جن جو ڪنهن خاص مذهب سان سڌو واسطو ڪونهي.

ڪجهہ ڏينهن ٿيا، جو حيدرآباد ۾ چوطرف واڏايون ملي ويون تہ "ڪافر" اديبن ۽ سندن رسالن (سنڌي ادبي بورڊ جي) "مهراڻ"، (پاڪستان سرڪار جي) "نئين زندگي"، ۽ (نوجوان اديبن جي پنهنجي) "روح رهاڻ" وغيره جي غيراسلامي ادب جي مقابلي ۾ "اسلام دوست" اديب هڪڙو نج اسلامي ادبي رسالو ڪڍي رهيا آهن. چيوسين شڪر آهي تہ دنيا ۾ هڪڙو خالص اسلامي ادبي رسالو نڪتو. جنهن مان اها خبر تہ پوندي تہ آخر "اسلامي ادب" ڇا آهي. گهڻيءَ مدت ڪانپوءِ رسالو نڪتو. سيني سمجهيو تہ اسلامي رسالي ۾ ظاهر آهي تہ قرآن ۽ حديث، خدا ۽ رسول (صلعم) جون ڳالهيون هونديون، اڪابرين اسلام جا تذڪرا هوندا، صفحي صفحي تي اسلامي نور جا تجلا چمڪاٽ ڏيندا، پر جڏهن رسالو ميدان ۾ آيو تہ سيني جا وات ڦاٽي ويا. سنڌ ۽ هند بلڪ دنيا جو پهريون سو في صدي نج اسلامي ادبي رسالو سجو فلمي پرين جي شهوت انگيز تصويرن، سندن حُسن جي قصيدن ۽ عشق جي داستانن سان پريو پيو هو. نيٺ ٿورن ئي مهينن ڪان پوءِ رسالي جي نام نهاد اسلام کي مرڳو ئي خيرباد چوڻو پيو.

هاڻي، سوال آهي تہ جڏهن اهي نام نهاد اسلام دوست اديب پاڻ اهڙيون ڪوڙيون، بي بنياد، فحش شيون، ۽ اخبارون ۽ فحش رسالا ڇاپين ٿا ۽ انهن تي ناز

ڪن ٿا، تہ پوءِ ڇا اها سراسر منافقي ۽ مڪاري ناهي، جو هو پاڻ کي اسلام جا محافظ، دين جا علمبردار، خدا ۽ رسول تان سر صدقي ڪرڻ وارا سڏائي، ٻين تي ڪفر جون فتوائون عائد ڪن ۽ ڀالن ڀولن مسلمانن کي جوش ڏيارين تہ "علمي قرباني ڪريو؟"، "جهاد ڪريو!" يعني ٻين لفظن ۾ نئين دؤر جي شاعرن ۽ اديبن کي قتل ڪريو!

هاڻي وري اچون "اسلامي ادب" جي سوال تي. فرض ڪريو تہ ادب اسلامي ۽ غيراسلامي ٿي سگهي ٿو. ظاهر آهي تہ ان حالت ۾ پاڻ کي اسلامي ادب کپي، غيراسلامي نہ کپي. هاڻ اچو تہ غيراسلامي ادب کي ڪڍي ٻاهر ڪريون ۽ ڏسون تہ پاڪستاني مسلمانن لاءِ ڪهڙو نج اسلامي ادب ٿو بچي، تہ اهو رکون ۽ ٻئي تي بندش وجهون. دنيا جي ادبي آسمان جي روشن ستارن- شيڪسپيئر، ڪاليداس، هومر، دانتي، ٽالسٽاءِ، گوئٽي، سقراط، ارسطو، والمڪي، تلسيداس، ڪبير، ميرا ٻائيءَ جو ادب تہ ڀهرئين ڌڪ سان خارج ڪرڻو پوندو. ڇو تہ هو عيسائي ۽ هندو هئا. هاڻ وڃي رهيا مسلمان اديب. فردوسيءَ لاءِ محمود غزنويءَ جا درٻاري چوندا هئا تہ هو رافضي ۽ آتش پرست هو، اهو بہ ڪڍي ڇڏيو. غالب ۽ خيام بدنام شرابي هئا. اهي بہ ڪڍيو. اقبال بہ مغرب زده هو. ان تي بہ ڪفر جون فتوائون نڪتل هيون، پر ان کي هاڻ سرڪار نامدار عظيم شاعر تسليم ڪيو آهي، تنهن ڪري اهو ڇڏيون ٿا.

هاڻي اچون ٿا ٻيءَ منزل تي. اسلام جا ٻہ مکيہ فرقا آهن. شيعا ۽ سُني. فارسي ۽ ايراني شاعر گهڻو ڪري شيعا هئا. سنڌ ۾ اڪثريت سُنين جي آهي، جي شيعن جي عقيدن کي غلط بلڪ ان کان بہ ڪجهہ ٻيءَ طرح ٿا سمجهن. ان ڪري اڪثر ايراني شاعرن کي، سُني عقيدي موجب، اسلامي شاعر ڪين ڪوٺي سگهبو. ساڳيءَ طرح شيعہ مسلمانن لاءِ وري سُني شاعري ۽ اديب صحيح معنيٰ ۾ اسلامي شاعر ۽ اديب ڪين ٿي سگهندا. تنهن ڪري چٽائيءَ لاءِ هر ڪنهن ادبي تخليق جي مٿان عنوان سان گڏ لکڻو پوندو "اسلامي غزل (سُني)"، "اسلامي افسانو (شيعہ)". اڳتي هلي شايد ٻين فرقن جي ديني عقيدن مطابق ادب پيدا ڪرڻ جي ضرورت پوي ۽ هن قسم جا عنوان ڏيڻا پون: "اسلامي وهابي ناول"، "اسلامي اسماعيلي بيت"، "اسلامي الحديث ڏوهيڙا"، "اسلامي اهل قرآن ناولٽ"، "اسلامي قادياني آزاد نظم"، "جماعت اسلامي ناٽڪ" وغيره وغيره.

قصو رڳو اتي ختم ڪونہ ٿيندو. هڪ ڀيرو ادب کي اديب جي ديني عقيدن جي بنياد تي تورڻ شروع ڪيو ويو، تہ پوءِ هيءُ بہ فيصلو ڪري ڇڏڻو پوندو تہ شاهہ لطيف، سچل، بيدل، شاهہ عنايت، بابا فريد وغيره ڪهڙن عقيدن جا هئا، ڇو تہ جي



Gul Hayat Institute

لطيف سائين سُني هو ته پوءِ ظاهر آهي ته شيعن، وهابين ۽ ٻين فرقن جي مسلمانن جي لاءِ سندس تخليق ڪيل ادب غلط بلڪ غيراسلامي ليکبو ۽ هو فقط پنهنجي هم عقيده سُنين جو شاعر ليکبو. اهڙيءَ ريت گذريل سڀني شاعرن ۽ اديبن جي عقيدن جي جاچ ڪرڻي پوندي، اهو فيصلو ڪبو ته هو ڪهڙي فرقي جا شاعر ٿيڻ جا مستحق آهن.

اسان مٿي ڏسي آيا آهيون ته مڪار، مُنافق ۽ جعلي تنقيد جي آئيني ۾ لطيف جهڙو بي مثال ۽ لافاني حق پرست شاعر به دهريو، ڪميونسٽ ۽ ڦريل نظر اچي سگهي ٿو. اسان عربي ۽ فارسيءَ جي نامور شاعرن جا ڪي شعر ڏنا آهن، ته اهي به اهڙا آهن، جن تي ڪٽر مذهبي خيال ڪان جائز يا ناجائز هجڻ جي نڪته چيني ٿي سگهي ٿي.

لاڙ ۾ پهاڪو آهي ته فلاڻو "سُري به ٿو، ٽپي به ٿو!" جعلي ۽ مصنوعي "اسلام دوست" نقاد نون اديبن جي بلڪل سنون سڌن شعرن ۾ لڪيتن ڪي غيراسلامي سڏين ٿا، پر جڏهن چئجين ٿو ته "ڀيلي! اهي معمولي شاعراڻيون ڳالهيون آهن، انهن ۾ ڪابه بي ديني ۽ بداخلاقي ڪانهي، اهڙيون ڳالهيون سعدي، حافظ، رومي ۽ لطيف به چيون آهن". ته وريو وٺيو مڪريل ۽ تيرنهن تالين رنن واري پِٽَ ۽ ماتم وجهن ته "ڏسو! ڏسو! هي بي دين صوفين ۽ درويشن جي شان ۾ گستاخي ٿا ڪن!" حالانڪ گستاخي، بي ادبي ۽ بدتميزي ته اها آهي ته جيڪي ڳالهيون عظيم شاعر عام طرح چون ٿا، اهڙي قسم جي شاعراڻين ڳالهين ڪي هي جاهل بداخلاق ۽ غير شرعي ٺهرائين ٿا! بهرحال اچو ته انهيءَ معاملي جي چند چاڻ ڪري ڇڏيون.

پهريون سوال آهي ته پلا اسين انهن عظيم شعرن جو ادب ڇو ٿا ڪريون؟ هڪڙي ڳالهه ته صاف آهي ته رومي، سعدي، حافظ، خسرو، لطيف، سچل وغيره نعوذ بالله، خدا نه هئا، پيغمبر نه هئا، ملائڪ نه هئا، معصوم نه هئا، نڪي نُور مان ٺٽيل هئا. هو هن ڌرتيءَ جي خاڪ مان ٺهيل خاڪي ۽ خاطي انسان هئا.

ساڳيءَ طرح بنيادي طور هو نه مفسر هئا نه محدث، نه فقيه ۽ نه مفتي، فقه جي معاملي ۾ اهي سمورا شاعر ابو حنيفه، ابو يوسف، امام حنبل جي مقابلي ۾ ڪجهه ڪونه هئا. تفسير، حديث شريف ۽ ٻين علمن جا استاد به ٻيا هئا. هو ڪونه هئا. پير، ولي ۽ صوفي هجڻ جي سلسلي ۾ ڪائنٿ ٻيا وڏا ولي صوفي پيا آهن. پيران پير دستگير بادشاهه، غوث بهاؤالحق، خواجه اجميري وغيره اوليائن جا جيترا مريد ۽ معتقد روءِ زمين تي موجود آهن، انهن جي مقابلي ۾ سعدي، حافظ يا خود لطيف ۽ سچل جي مريدن جو تعداد بلڪل ٿورو ۽ نه برابر آهي. نه وري هو ڪي ممتاز عالم هئا. ظاهر آهي ته بو علي سينا، الفارابي، ابن خلدون، ابن رشد، غزالي وغيره



Gul Hayat Institute

مسلمان عالم پنهنجي پنهنجي علم جي جيڪا اٿاهه ڄاڻ رکندا هئا، تن جي مقابلي ۾ لطيف، سچل، حافظ، سعدي ۽ رومي بلڪل طفل مڪتب هئا. هو پنهنجي پنهنجي زماني جا خالد بن وليد، محمد بن قاسم، طارق جهڙا مجاهد ۽ اسلامي جنرل به ڪونه هئا. نڪي بادشاهه ۽ خليفا هئا. نڪي وري هنن ڏارين ملڪن ۾ تبليغون ڪري ڪافرن کي مسلمان ڪيو.

ته پوءِ ساڻن ايڏو پيار ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ هو ڀلا ڪهڙي ڳالهه ۾ پنهنجيءَ جاءِ تي ممتاز آهن؟

هو ان ڪري ممتاز آهن، جو هو سڀ کان پهرين ۽ سڀ کان پوءِ عظيم شاعر ۽ ڏات جا ڏڻي هئا. اها شيءِ جا وٽن هئي ۽ امام ابو حنيفه، پيران پير دستگير عليه الرحمت، خواجه اجميري، محمد بن قاسم، بوعلي سينا، غزالي ۽ ابن رشد وٽ ڪانه هئي، سا آهي سندن شعر جي ڏات. خالص شاعراڻي حيثيت ئي اهو پيڙهه جو پٿر آهي، جنهن تي سندن لافاني عظمت ۽ ابدي ناموس جا رنگين ۽ خوبصورت محلات اڏيل آهن.

عظيم شاعر عظيم انسان هوندا آهن، پر پوءِ به انسان هوندا آهن. انسان جي دل هڪ اٿاهه سمنڊ آهي، جنهن ۾ قسمين قسمين لهرون اُٿن ٿيون. عظيم شاعرن سڀ شيون هڪڙي قسم جون نه ڇيون آهن، نه ته عظيم نه ٿين ها. هنن انسانن جون ڳالهيون ڪيون آهن ۽ نه ملائڪن جون. تنهن ڪري سندن شاعريءَ ۾ انساني بلندين توڙي پستين، عظمتن توڙي ڪمزورين، خوبين توڙي برائين جو عڪس آهي. ازانسواءِ هو پاڻ به انسان هئا ۽ نه ملائڪ، سندن سوچ به انسانن جي هئي ۽ نه ملائڪن جي. تنهن ڪري هنن رڳو تسبيح ۽ تحليل نه ڪئي آهي پر انسانن جي دلچسپيءَ جون ڳالهيون به ڪيون آهن. پيار جون، عشق جون، شوخيءَ جون، شراب جون، ڪارين ڪڪوريل اکين جون، جوڀن جي ڏينهڙن جون، چندن سان چڪ ٿيل چوٽن جون، ناز ۽ نياز جون، پيار ۽ نفرت جون، آس ۽ پڇتاءَ جون، فريبي مُلن جون، ظالم حاڪمن جون، مهانگي لاءِ ميڙيندڙن جون، ڏيهه جي ڏڪارين موذين جون، وغيره وغيره. پر انهيءَ جي اها معنيٰ ڪانهي ته هو مسلمان ڪونه هئا، سندن شاعريءَ تي اسلام جو اثر ڪونه هو يا هنن پنهنجي دين جي خدمت ڪانه ڪئي. ايئن برابر آهي ته هنن مُلا جي خدائي فوجداري مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي، واعظ جي ڄاڙي بازيءَ جو ڀانڊو ڦاڙيو آهي، قرآن کي شڪار جو ڦندو ڪري ڪتب آڻيندڙن تي ملامت وسائي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪاٺ مُلان جي چيلي بڻجڻ کان سواءِ مسلمان ٿي نٿو سگهي، ته پوءِ انهن شاعرن جي مسلماني برابر خطري ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

پر جيڪڏهن اسلام دنيا جي سمورن انسانن واسطي آهي ۽ صرف چند شخصن جو ٺيڪو نہ آهي، جيڪڏهن اسلام پيار، محبت، صلح، نيڪي، رحم، عدل، همدردي، حق پرستيءَ جو مذهب آهي، تہ پوءِ هنن شاعرن پنهنجي عظيم انساني شعرن سان جيڪا خدمت ڪئي آهي، تنهن تان هزارها مجاهدن، عالمن، فيلسوفن ۽ اڪابرن جي عظمت بہ قربان آهي. هو نہ صرف اسان نالي جي مسلمانن جا شاعر هئا، پر بني نوع انسان جا شاعر ۽ انسانيت جا عظيم فرزند هئا. درحقيقت هو عظيم مسلمان انهيءَ ڪري هئا، ڇاڪاڻ تہ هو اول عظيم ۽ پيارا انسان هئا، جن مذهب کي ماڻهن ڦاسائڻ جي سرڪڻ ڦاهي نہ پر پيار، انساني ڀائپيءَ، خدا ترسيءَ، رحم ۽ عدل جو سرچشمو ڪري ٽي ليکيو. هنن خدا جون ڳالهيون ڪيون آهن، رسول جون ڪيون آهن، دين جون ڪيون آهن، تصوف جون ڪيون آهن، ۽ ان سان گڏ عام انسانن جون، سندن دل جي حال جون، خواهشن جون، خوفن جون، مصيبتن ۽ مسئلن جون بہ ڪيون آهن، ڇو تہ مذهب هنن جي نظر ۾ انسان ۽ سندن مسئلن کان الڳ ناهي.

اڄوڪي دؤر جا شاعر بہ انهن عظيم شاعرن جي نقش قدم تي آهن ۽ سندن عظيم روايتن کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

Gul Hayat Institute

(16)

مــــلان منـــو مـــاءُ پتـــو ڦتـــو پيـــت ۾،
ســــــــچاڻي الله تپـــــــي ڏنـــــائِن ڏوڙ ۾.
(شاھ)

پاڪستان دنيا جي پوئتي پيل ملڪن مان هڪ آهي. اسين 90 سيڪڙو بي علم آهيون. غريب ۽ مفلس آهيون، جن کي پنڻ کان پڙهڻ ياد ڪونهي. خاص ڪري سنڌ ۾ تہ حالت ٻين علائقن کان بہ بدتر آهي. چوندا آهن تہ مصيبت ايندي آهي تہ اڪيلي ڪانہ ايندي آهي. ٻارن ٻچن سان ايندي آهي. رڳو بي علمي ڪانهي، پر غريبيءَ ۽ جهالت جي ڪلراٺيءَ ۽ پوسل واري زمين ۾ جيڪي مرض ۽ جيوڙا هميشہ هوندا آهن، سي سڀ آهن ـ ويساهہ وسوڙپ، خوف، ابوجهائي ۽ هيڻائي، ڦرلٽ ۽ دٻاءُ.

مروان موت ملوڪان شڪار. پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌي ماڻهن جي اها بدنصيبي ۽ بدحالي ڏسي، گهڻن جو مَڪو مچي ويو آهي. خطره جان نيم حڪيمن، خطره ايمان نيم مُلن ۽ نوڳي پيرن جي پيگهي متل آهي. شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ ابوجهہ ماڻهن ۾، جاڙي باز دوا فروش جي لباڙ اڳيان پاڪستان تہ ڇا پر يورپ جي مسيحا صفت، جراح ڊاڪٽرن جي بہ دال ڪانہ ٿي ڳري.

اُمت مسلمہ جي عظيم ترين علمائن ۽ دين اسلام جي بي مثال علمبردارن ـ مولانا محمد علي، عبيدالله سنڌي، جمال الدين افغاني، جن پنهنجون زندگيون مسلم قوم جي نجات لاءِ وقف ڪري ڇڏيون، تن جي 99 سيڪڙو ماڻهن کي خبر ئي ڪانهي تہ ڪهڙي باغ جون موريون هيون. جي هاڪ ۽ ڏاڪ آهي تہ ڳوٺ جي تعويذ فروش مُلان ۽ شعيي سُنيءَ جا جهڳڙا ڪرائيندڙ فتوا باز جي، ڏمال ڪري جن ڪيندڙ پوپي جي، چلو ڪيڍي پُٽ ڏيندڙ پير جي. هتي هر شيءِ اُبتي آهي. آفيسر کان پٽيوالي جي آڪڙ



Gul Hayat Institute

وڏيڪ، ايس.پي تہ ڪٽي ڇڏي، پر پوليس واري ۽ پڳيءَ جي ٽيپ ڪير جهلي؟ ڪورٽ تہ ضامن ڪنيو پر ڪلارڪ جي ڪٽي! ماڻهن جي جهالت ۽ مفلسيءَ مان جاوا ڪندڙ، مٽيرا گهمندڙ شخص، علم ۽ سمجهہ، سچ ۽ نيڪيءَ، عدل ۽ انصاف، فضل ۽ ڪمال، ڏاهپ ۽ ڏات کي پنهنجو جاني دشمن ٿا سمجهن. آهن بہ حق تي. ماڻهن کي جيڪڏهن ڪوئنين ۽ پنسلين جهڙن يڪ ٽڪ ۽ سستين دوائن جي فائدن جي خبر پئجي وڃي، تہ دوا فروش مسيح الملڪن، پوپن، تعويذ فروش مُلن ۽ ڦيٽا ڦوڪارا هڻي علاج ڪندڙ پيرن ۽ نيم حڪيمن جو پونگو برابر پنگ تي ويندو.

ماڻهو جيڪڏهن انساني عقل ۽ دماغ جي عظيم ڪارنامن کان واقف ٿي وڃن، علم جي دولت سان مالامال ٿي وڃن. روءِ زمين ۾ جيڪي وهي واپري پيو، تنهن جي ڇاڻ رکن، تہ پوءِ آڪڙباز وڏيري، ڦورو ڪاموري، ٺوڳي پير، فتويٰ فروش مُلان، قوم فروش سياستدان جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

انهيءَ ڪري اوندهہ ۾ شڪار ڪندڙ وحشي بگهڙن جو ٽولو رڍن جو کلون اوڍي، ”اسلام“ ”اسلام“ جا نعرا هڻندو بتال تي، ملڪ ۾ هميشہ ٻوڙندو رهي ٿو. هي اُهي هستيون آهن، جن ”ختم نبوت تحريڪ“ جي نعري هيٺ پنجاب ۾ مسلمانن جا ڪُوس ڪرايا هئا ۽ مارشل لا لڳرائي هئي. پاڪستان جي چيف جسٽس، منير، جي اڳواڻيءَ هيٺ هن فتنہ بازن جي مچايل فسادن بابت جيڪا تحقيقاتي ٽربيونل مقرر ٿي هئي، تنهن سندن ڳالهين کي چڱيءَ طرح بي نقاب ڪيو هو.

سنڌ، سندس ٻولي، ثقافت، تمدن هنن پيشہ ور فسادين ۽ گُرگُ شڪارين جي نظر ۾ ڪجهہ بہ ڪونهن.

سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن خلاف هلندڙ سازش ۾ جيڪي سنڌي مير جعفر ۽ مير صادق اڄ جهل نٽا ڏين، سي درحقيقت انهن وڏن گُرگُ ۽ چالباز بگهڙن جا ننڍڙا ساٿي ٻڻجي ڪم ڪن ٿا.

هيءَ فقط شروعات سنڌيءَ سان آهي. اڄ سنڌي ادب ۽ اديب خراب آهن، سنڌي ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ۽ شاگرد خراب آهن، سنڌي اخبارون خراب آهن، سڀاڻي سنڌ جي سمورن مطالبن ۽ گهرن، حقن ۽ حقوق کي غيرشرعي ، غيراسلامي قرار نهرائي، سنڌ جو گلو گهُٽيو ويندو.

تاريخ ڏيکاري ٿي تہ هڪ پيرو ڪنهن کي خدائي فوجدار ٻڻجڻ ڏنو ويو هڪ دفعو نسل، مذهب يا ڪنهن نعري جي فريب ۾ اچي ڪنهن قوم پاڻ کي اهڙي قسم جي ڊڪٽيٽريءَ جي چنبي ۾ ڏنو تہ پوءِ هميشہ لاءِ سندس قسمت تي بدبختيءَ جي مهر لڳيو وڃي.

هي ٻگهلا ڀڳت، جيڪي اڄ ”اسلام اسلام“ ڪريو ڦاٽيو ٿا پون، انهن اسلام جي نالي ۾ هر شريف انسان کي ڏنگيو آهي.



Gul Hayat Institute

تاريخ ۾ اهو ڪهڙو عظيم مسلمان، ڪهڙو قوم جو عظيم فرزند، ڪهڙو باڪمال شخص آهي، جنهن کي هن اسلام جي نالي ۾ تنگ نه ڪيو هجي يا ڪيس ڪافر نه ٺهرايو هجي.

اهي ڪير هئا، جن فتوا ڏني هئي ته انگريز حاڪم عادل آهي، ڪيس لک ولين جي طاقت آهي، ۽ سندس تابعداري ڪرڻ شرعي فرض آهي! اهي ڪير هئا، جن جي فتوا سان بيت المقدس تي گوليون هليون هيون؟ اهي ڪير هئا، جن اسلام جي نالي ۾ هندستاني مسلمانن کي تعويذ لکي ڏنا هئا ته وڃي ترڪ مسلمانن کي کُهو ۽ عربن کي انگريزن جو غلام بڻايو؟ اهي ڪير هئا، جن تحريڪ خلافت کي ناجائز ۽ غيراسلامي ٺهرايو هو ۽ انگريز جي چوڻ تي چيديءَ عربيءَ ۾ حديثن ۽ قرآن شريف مان ثابت ڪري ڏيکاريو ته انگريز خلاف جيڪو ڳچندو سو ڪافر آهي؟ اهير ڪير هئا، جن مولانا محمد علي، ڪمال پاشا، مولانا آزاد، محمد علي جناح، اقبال کي ڪافر، تڙيل ۽ لعنتي قرار ڏئي، انگريز بهادر وٽ سرخرو ئي حاصل ڪئي هئي؟ اهي ڪير آهن، جي هر سال نه رڳو سنڌ بلڪ سڄي پاڪستان ۾ شيعي، سُني ۽ وهابي، ۽ مقلد، غيرمقلد وغيره جا جهيڙا اُٿاري مسلمانن کي ويڙهائڻ جو ديني فرض ادا ڪندا آهن؟ اهي ڪير آهن، جن هميشه ”آمين“ دل ۾ پڙهڻ يا زور سان پڙهڻ ۽ نور يا بشر جهڙين ڳالهين جو سهارو وٺي، اُمت مسلمه کي چيري، ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ڪيس دنيا ۾ ذليل ۽ خوار ڪيو آهي؟

ڪنهن زماني ۾ علماءَ ڪرام جو ڪم هو ڪافرن کي مسلمان ڪرڻ“ مسلمانن کي ڪير ڪنڌ ڪرڻ، اسلام کي رحمت جو سايو ثابت ڪرڻ. اهڙا شريف، نيڪ نيت ۽ پُرخلوص عالم هر دؤر ۽ هر زماني ۾ موجود رهيا آهن ۽ رهندا، پر هي ٻيا وري مسلمانن کي ڪافر بڻائڻ وارا آهن. هي ويڙهائڻ، ڏار ڪرڻ، فتني پيدا ڪرڻ وارا نام نهاد اسلام پسند ۽ اسلام دوست آهن، جن جي ڪتاب ۾ صرف هڪڙو اکر لکيل آهي. ”فتنو“ اقبال ويچاري کي به اهڙا سور ڏنائون جو رڙيون ڪندو ويو:

دين ملا في سبيل الله فساد!

جماعت اسلامي جا چوڌرا اڄ سنڌ ۾ اسلام جي حالت تي پار ڪيڏي پيا روئن ۽ سنڌ سان وڏيون همدرديون پيا ڏيکارين، پر هو ان وقت ڪٿي هئا، جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ مان نيڪالي ٿي ملي؟ غلام محمد بئراج جي زمين جي پاليسيءَ بابت لکها مسلمان هارين ۽ ڪاتيدارن کي جيڪي سور آهن، تنهن بابت سندن زبان مان هڪڙو اکر به نه نڪتو. سنڌي عوام اڳيان تعليم، روزگار، نوڪرين، سياسي حقن جا جيڪي مسئلا آهن، تن بابت سنڌ جا هي همدرد ڇو هيستائين چپن کي چُنو لايو ويٺا آهن؟ ڇا سنڌ سان همدردي رڳو سنڌي نوجوانن تي ڪفر جي فتوائن ڪيڻ تائين محدود آهي ۽ بس؟

Gul Hayat Institute

ٻُڌو اٿئون تہ حيدرآباد جي هڪڙي سياسي بزرگ کي بہ سنڌ جي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پئي آهي، ۽ هو صاحب خيرن سان سنڌيءَ جي الف ب بہ ڪونہ ڄاڻي، پر سنڌ ۾ "سب چلتا هي". هتي "ڪچ ۾ پڇي بہ ڪونہ. سنڌ ۾ والبائي" وارو حساب آهي. جيڪو گهر ڪان رسي، سو سنڌ جي ڪنهن بہ ڳالهہ تي فتوا نوڪي سگهي ٿو.

هيءَ ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جي قابل آهي تہ اُن صاحب ۽ جماعت اسلاميءَ جي چوڌرين اردو ادب بابت هڪ اکر بہ نہ ڳُڇيو آهي. ان جو سبب اهو ڪونهي تہ هو اردو ادب کان ڪورا آهن ۽ سنڌيءَ جا عالم فاضل آهن. چو تہ اهڙن ماڻهن کي "ڄاڻ" ۽ "خبر" جي ڪابہ ضرورت ڪانهي، هو گهر ويٺي مريخ ۽ چنڊ جي بناوت، ائٽمي پرماڻن جي طاقت، هٽلر جي جنگي پاليسيءَ، سوا هلي ٻوليءَ جي گرامر مطلب تہ ڪنهن بہ شيءِ تي في سبيل الله کهڙو بہ بيان نوکي سگهن ٿا.

پر سبب اهو آهي جو اردوءَ جا ڏٽي ڏوڻي ويٺا آهن. اردو ادب بابت هي هڪڙو اکر ڪڇن ها، تہ جيڪر ڪين هڪدم لغام ڏنو وڃي ها ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ هنن جاهلن جي دست اندازيءَ خلاف اهو طوفان مچي وڃي ها، جو ڪين پجڻ جي پيٽي ڪانہ ملي ها. ازانسواءِ اردو ادب ۾ ڪين اهڙا هڪيا تڪيا مير جعفر ۽ مير صادق بہ نہ ملن ها، جهڙا هتي اسان وٽ موجود آهن. تنهن ڪري هنن جي مُرلي اردوءَ بابت تہ بند آهي. باقي رهي سنڌي، سا تہ ڄڱ جي جوءِ آهي. چوندا آهن تہ "ڏاڍي تي بچيانس تہ اُٿي ئي نہ، هيٺي ڪان جهليانس تہ جهل ئي نہ ڏئي" سو سنڌ بابت تہ هي جهليا جهل ئي نٿا ڏين. پر ڪين ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ جو باشعور طبقو هاڻي اهو ڪونهي جهڙو هي سمجهن ٿا. سنڌ جو عوام هاڻي نعري باز ۽ بيان باز مدارين جي ڊيبڪيءَ تي پولڙي وانگر نچڻ لاءِ تيار ڪونهي. اهو پنهنجن حقن، مفادن، مسئلن کي سمجهي ۽ پروڙي ٿو.

سنڌ جو تعليم يافتہ طبقو هاڻي بي ضمير ۽ مطلبي فتوائن جي وڪڙ ۾ اچڻ ڪان چار ڏينهن وڏو ٿي ويو آهي. محب وطن سنڌي هر قيمت ۽ هر صورت ۾ سنڌ ۽ پاڪستان کي هڪ روشن خيال، آزاد ۽ ترقي يافتہ ملڪ بڻائڻ جو فيصلو ڪري چڪا آهن. ڪين اها بہ خبر پئجي چڪي آهي تہ اسلام ڪنهن جي زرخريد ملڪيت ڪانهي. ان جو ٺيڪو ڪنهن کي بہ مليل ڪونهي. اهو پاڪستان ۽ دين جي ڪروڙها مسلمانن جي مشعل راهہ آهي، ۽ نہ ڪن چند نڙڪو مُلن ۽ بليڪ ميلرن جي جاگير.

جـي لــوڻ لڳــين لائــين، چيــري چيــري چــم،
مــون ڪــر اڳــي نـــ ڪيــو اهــڙو ڪوجهــو ڪــم،
جــان جــان دعــوا دمہ تــان تــان پــرت پنهــوار ســان.
(شاهہ)

(17)

پــــائي كـــان كمـــان ۾ ميـــان مـــار مــــون،
مــون ۾ آهــين تــون متـان تنهنجـوئـي تـوكي لڳــي!
(شاهہ)

اڄ سڄيءَ دنيا جون قومون اها ڳالهہ تسليم ڪن ٿيون تہ ادب قومن جي صحت ۽ واڌاري لاءِ هڪ لازمي خوراڪ آهي. سچائيءَ، حب الوطنيءَ ۽ انسان دوستيءَ تي ٻڌل زنده، بي خوف ۽ بي رِيا ادب کان سواءِ ڪابہ قوم زنده سڏائڻ جي حقدار ڪانهي. ازانسواءِ زنده قومون پنهنجي پراڻي توڙي نئين عظيم ادب کي جيءَ ۾ جاءِ ڏين ٿيون. انگلينڊ نہ رڳو 16هين صديءَ جي شيڪسپيئر تي ناز ڪري ٿو پر هن دؤر جي ’ماهر‘ ۽ ’ايليٽ‘ کي بہ احترام جي جاءِ تي ويهاري ٿو. گوئٽي جي جرمنيءَ ۾ برٽولڊ ۽ ٿامس مئن لاءِ عقيدت جي گنجائش آهي. عظيم ٽالسٽاءِ جي وطن روس کي پنهنجي اڄوڪن عظيم اديبن، شولوخوف ۽ اهرنبرگ تي بہ فخر ۽ ناز آهي. غالب ۽ مير جا پرستار فيض ۽ جوش جي قدر ۽ قيمت کان بہ واقف آهن.

اڄ فيض ۽ جوش خود سرزمين سنڌ ۾ ڪنهن ٽنڊي محمد خان جهڙي ننڍي شهر ۾ قدم رکن ٿا، تہ پان وڪڻندڙ اردو ڳالهائيندڙ کان وٺي سي ايس پي آفيسرن تائين سڀ سندن پيرن ۾ پنبڻيون وڇائين ٿا. هو اهو نٿا ڏسن تہ حضرت جوش، پنڊت نهروءَ جو خاص دوست هو يا فيض تي راولپنڊي سازش جي بغاوت جو مقدمو هليو هو. هو سندن ڪردارن ۽ نظرين جي آپريشن نٿا ڪن. هو رڳو اهو ڏسن ٿا تہ اردو زبان ههڙا لازوال ۽ بي مثال شاعر وري الائي ڪڏهن پيدا ڪري! اها فقط سنڌ جي بدبختي آهي جتي، ”ڪُٽ ڏڳي جو ماءُ پيڻ سان خار“ وانگر،

پنهنجي ڪي چاڙهڻ بدران ڪيرائڻ فرض سمجهيو وڃي ٿو. پنهنجن خلاف بهتان طرازي ۽ چغلخوريءَ ۾ مير جعفر ۽ صادق جي رڪارڊ ٽوڙڻ تي فخر ڪيو وڃي ٿو.

اج سنڌ کي پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي ثقافت، پنهنجي اقتصادي حقن جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ ٻڌيءَ ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي. ههڙي وقت ۾ سنڌي ادب جي خدمت ڪندڙن جي صفن ۾ قوت وجهڻ، انهن جو ڌيان سنڌ جي اصل مسئلن تان هٽائي کين تفرقي بازيءَ جي اوجهڙ ڏانهن ڌِڪڻ، کين پنهنجن هڏڏوڪي ۽ دلير ۽ روشن خيال نوجوان نسل کان بدظن ڪرڻ، پنهنجي ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون کڙيون ڪرڻ_ اهي اهڙا تاريخي جرم آهن، جي ڪابه زنده ۽ سجاڳ قوم ڪڏهن به برداشت نه ڪندي. اهڙن وطن دشمن ماڻهن کي اج کڻي ڪيڏو به ڏکهو رسو چو نه هجي، کين في الحال کڻي کهڙيون به ”ڪاميابيون“ چو نه نظر اچن پر سنڌ جي تاريخ ۾ سندن ذڪر سياه اکرن ۾ ڪيو ويندو ۽ ايندڙ نسل مٿن ٿڪ لعنت ڪندا.

انهن مان ڪي ته بلڪل لاعلاج آهن. ڇاڪاڻ ته وانگر هو پنهنجي فطرت کان مجبور آهن. هو کهڙي به دؤر ۾ هجن ها، کهڙي به ملڪ ۾ هجن ها، ضرور ڪانه ڪا چغلخوري، ڪانه ڪا فتنه انگيزي، ڪانه ڪا وطن دشمني ڪن ها. پنهنجن کي ڪنهن نه ڪنهن نموني ڏنگين ها، پر ڪيترا اهڙا به آهن، جن کي خبر ئي ناهي ته هو ڇا پيا ڪن. هو فقط نعري بازيءَ جو شڪار ٿين ٿا. اهڙن بي خبرن کي به اکر عرض ڪرڻ تي دل چوي ٿي:

دوستو پيارو! سنڌي ادب کي اج دنيا جي ٻين ترقي يافته ٻولين جي ادب جي معيار تي آڻڻ لاءِ سوَن، هزارن اديبن، شاعرن، محققن ۽ لکندڙن جي ضرورت آهي. توهان ۽ اسان سڀئي پنهنجي منڙي وطن جي پرت جا پانڌيئڙا آهيون. جنهن کان جيترو پڄي، اهو اوتري وِک کڻي. توهان کي اَياز ۽ امداد جي شاعري پسند ناهي، جمال ۽ جليل جا افسانا نٿا وڻن، گراميءَ ۽ جويي جا مقالا ۽ مضمون پنهنجي معيار جا نٿا لڳن، ته فڪر ناهي. پاڻ سُنو. توهان پنهنجي پسند تي انهن کان بهتر، سُنا ۽ وڌيڪ صحتمند شعر، افسانا ۽ مضمون لکو. جيڪي غلطيون هو ڪن ٿا، سي توهان نه ڪريو. بهتر شيون ميدان ۾ موجود ڏسي، ڪوبه گهٽ شيءِ قبول نه ڪندو. توهان به رسالا ڪيو، مشاعرا ڪريو، جشن ملهايو، اها ئي وطن جي خدمت آهي. اهو ئي صحيح طريقو آهي غلطين کي درست ڪرڻ جو. کوٽي ۽ کري جي پرک به ايئن پوندي. ادبي اختلافن جو فيصلو به ايئن ٿيندو رهيو آهي. سرڪار نامدار کي پيا به گهڻا ڪم آهن. اهو ان جو فرض نه آهي ته ويهي فيصلا ڪري ته فلاڻي جو غزل سُنو



Gul Hayat Institute

يا فلاڻي جو. فلاڻو ڪرو اديب يا فلاڻو ڪوڙو. نہ ئي وري اديبن جي شان وٽان ئي اها ڳالهہ آهي تہ ڪين جيڪڏهن ڪنهن مشاعري ۾ داد نہ ملي، تہ سڌو وڃي ٿاڻي تي رپورٽ ڪن تہ فلاڻي شاعر ڪي ڪاٺ ۾ وجهو جو انهيءَ ڪري مون ڪي داد نٿو ملي.

اڄ سنڌي ادب کي نوجوان خواه بزرگ هر قسم جي اديب جي ضرورت آهي. اچو تہ ادب دشمنيءَ ۽ وطن دشمنيءَ جو تڏو پٽيو، سڀ گڏجي، گُلهو گُلهي ۾ ملائي، وطن ۽ قوم جي خدمت ڪريون. اچو تہ قلم جي لڄ رکون ۽ لاڪيڻي لطيف جي هدايت تي عمل ڪريون.

وڳـر ڪيـو وطـن پـرت نـہ ڇـنن پـاڻ ۾،
پســو پکيئــڙن، ماڻهوئـا ميــٽ گهڻــو!

Gul Hayat Institute

# سندي ذات هنجن

سـر وڃـايو سـرهو ڪـوڙن ڪـانئرن،
آڏيءَ رات اُٿـي ڪـري ددا دانهـون ڪـن،
سـندي ذات هـنجن، مـنهن ڪـوڙي مـوتي چُڳـي!

(لطيف)

Gul Hayat Institute

باب پهريون

# هوئج هوشيار! ترڪڻ آهي تڙ ۾! (شاهہ)

سنڌي ادب مقدار توڙي اهميت جي خيال کان هن ملڪ جو پيو نمبر اهم ادب آهي. ملڪ جي غيرسرڪاري عوامي زبانن مان ڪنهن بہ ادب اهڙي ترقي نہ ڪئي آهي، جيتري سنڌي ادب. سنڌي ماڻهن جي سجاڳي ۽ واڌاري جي گهڻ طرفي جدوجهد ۾ سنڌي ادب جو هڪ خاص ڪردار رهيو آهي، جيڪو سمورين ڪمزورين جي باوجود، پنهنجي حد اندر نهايت اهم رهيو آهي.

دنيا جي ڪيترن ٻين اُسرندڙ ادبن وانگر سنڌي ادب بہ هميشہ طوفانن وچان اڳتي وڌيو آهي. ان کي وِک وِک تي اندروني توڙي ٻاهرين رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پيو آهي ۽ نِت نَوَن مسئلن کي حل ڪرڻو پيو آهي.

اڄ بہ سنڌي ادب هر طرح جي مسئلن ۾ گهيريل آهي. انهن جي حل نہ ٿيڻ ڪري اهو ڪن ڳالهين ۾ اڳتي وڌڻ سان گڏوگڏ ڪيترين ٻين بُنيادِي ڳالهين ۾ پوئتي موٽ کائيندو رهيو آهي. انهن مسئلن مان ڪي تہ ”اُپ اڪئين پيو ڏسجي اگر سچي ڇا ڪبو“ وانگر سڀ ڪنهن کي اکين اڳيان آهن تہ ڪي وري اهڙا آهن، جن کي چڱيءَ طرح کولي بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اٽڪل ويهہ سال اڳ، 1960ع کان وٺي، اسان جي ادب جي خلاف هڪ زبردست طوفان اُٿيو هو. هيءُ طوفان سالن جا سال هليو هو ۽ اسان جي ادب جي زندگي ۽ بقا کي سخت خطري ۾ وجهي ڇڏيو هئائين. سنڌي ادب جي اسان سمورن گهڻ گهرن ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي سالن جا سال سنڌي ادب جي زندگي ۽ بچاءُ جي اها جنگ لڙي هئي ۽ ان طوفان جو ڪامياب مقابلو ڪيو هئوسين. اهو طوفان مڪمل طرح نہ ختم ٿيو. اهو موقعو ملڻ تي رکي رکي وري تيز ٿيندو آهي ۽ جيستائين موجوده نظام قائم آهي، تيستائين سدائين وقت بوقت تيز ٿيندو رهندو. پر ان وقت اسان سندس بُنيادِي زور ٽوڙي رکيو هو ۽ في الحال منجهس اڳوڻو دم

ڪونهي. اها سنڌي ادب توڙي سنڌي ماڻهن جي شاندار سوڀ هئي. ان ڪري سنڌي ادب لاءِ سنڌي ماڻهن جي بهتر خدمت ڪرڻ جي راهه سالن جي لاءِ صاف ٿي وئي ۽ اهو ڪافي وڏيون ٻرانگهون پري اڳتي وڌيو.

ڪجهه سالن کان، هند ۽ پاڪستان جو ادب هڪ زبردست عالمي ادب- دشمن طوفان جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي. اهو مجموعي طور هندستان ۽ پاڪستان توڙي ٽين دُنيا جي هن دؤر جي ادب کي هڪ نهايت غلط ۽ خطرناڪ واٽ ڏانهن ڏِڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي، جنهن جي ڪري اهو مجموعي طور اڳتي وڌڻ بجاءِ پوئتي موٽ ڪائي رهيو آهي.

هند ۽ سنڌ جي سنڌي ادب تي به ان طوفان جا نهايت بُرا اثر پيا آهن ۽ سالن جا سال اسان جو ادب اڳتي وڌڻ بجاءِ پوئتي موٽ ڪائيندو رهيو آهي. شڪر آهي ته هاڻ ڪجهه سٽائو واءُ وريو آهي ۽ اسان جي اديبن، ادب دوستن ۽ پڙهندڙن ان طوفان خلاف جدوجهد ڪري ان کي جهَڪو ڪيو آهي، پر ان جدوجهد ۾ اڃا گهرائي ۽ وُسعت نه آئي آهي. ان جا نظرياتي بنياد نه رکيا ويا آهن، ان ڪري مرض جون پاڙون نه پٽجي سگهيون آهن.

جيڪڏهن ان مسئلي ۽ اهڙن ڪن ٻين بُنيادِي مسئلن کان چڱيءَ طرح واقف ٿي، انهن جا حل ڳولي نه ڪڍيا ويا ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ مخالف طوفانن سان چيلهه ٻڌي مقابلو نه ڪيو ويو ته اسان جو ادب هَلِي هَلِي نيٺ مجموعي طرح رجعت پرست، عوام دشمن ۽ سامراج پرست ادب به ٿي سگهي ٿو.

جنهن عالمي ادب- دشمن طوفان سڄيءَ دُنِيا جي ادب کي، هندستان ۽ پاڪستان سميت ٽين دنيا جي سمورن ملڪن جي ادبن کي ۽ هِندُ ۽ سنڌ جي سنڌي ادب کي وڪڙ ۾ ورتو آهي، سو آهي هڪڙي پاسي مار ڌاڙ وارو جادوئي، ڪرامتي ۽ تاريخي "ادب" ۽ ٻئي پاسي نااُميدي ۽ مايوسي ڦهلائيندڙ نام نهاد نئين يا جديد ادب جو عالمي ادب- دشمن طوفان.

اسين هتي ان رجعت پرست ادب ۽ ان سان لاڳاپيل ڪجهه ادبي، فني ۽ عملي مسئلن جو جائزو وٺنداسين.

هيستائين هن قسم جا جائزا اڪثر نام نهاد "طبقن کان بالاتر"، نقط نظر کان ورتا ويندا رهيا آهن. هيءُ جائزو اسين ان منافقيءَ کي رد ڪندي، دُنِيا جي عوام جي اڪثريت جي باخبر ۽ باشعور عالمي نقط نگاهه ۽ ٻيهڪ کي اختيار ڪندي، وٺڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

**عالمي ميدانِ جنگ**

Gul Hayat Institute

هر اخبار پڙهندڙ ۽ دُنيا جي ٿوري گهڻي ڄاڻ رکندڙ ماڻهوءَ کي خبر آهي تہ دُنيا جي سامراج اڄ سڄيءَ دُنيا کي عوام خلاف جنگ جو ميدان بڻائي ڇڏيو آهي. تعليمي ادارن کان وٺي راند جي ميدانن ۽ ورزش جي آکاڙن تائين، ادبي ڪچهرين ۽ مشاعرن کان وٺي سَٽي مارڪيٽن ۽ جُوا خانن تائين، فوجي پريڊ گرائونڊن ۽ پارڪن کان وٺي مندرن، مسجدن ۽ ڪليسائن تائين، رڻن پٽن، ميدانن ۽ پهاڙن کان وٺي سمنڊ جي تِرن ۽ خلائن جي ڏورانهين بلندين تائين، هُو هر جاءِ، هر هنڌ کي پنهنجي جنگي اڏي ۾ تبديل ڪري رهيو آهي.

هن کي جيڪا بہ شيءِ نظر اچي ٿي، تنهن کي هو هٿيار ڪري استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. عام تباهيءَ جي بين پيانڪ ۽ لڱ ڪانداريندڙ بمن، راڪيٽن ۽ شعاعن کان سواءِ هن اهڙيون قاتل گئسون ٺاهيون آهن، جيڪي پکي پکڻ، ماڻهو جانور، وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، گاهہ ۽ فصل هر شيءِ تباهہ ڪريو ڇڏين. جيوڙا ٺاهيا اٿس، جيڪي ملڪن ۾ هٽراديون اڻ ڏٺيون ۽ اڻ ٻڌيون خوفناڪ وبائون ٿا ڦهلائين، ٻيو تہ ٺهيو گگدام جانورن کي تربيت ڏيئي ڪائنن قاتلن جو ڪم پيا وٺن. ٻلهڻين ۽ ٻين سامونڊي جانورن کي تربيت ڏني اٿن تہ پاڻ سان ٻڌل تارپيڊي سميت وڃي پراون جهازن سان ٽڪرائين ۽ انهن کي غرق ڪن! جي ڪنهن کي ان خلاف دانهن ڪوڪ ڪرڻي هجي تہ پلي وڃي مٿل ٻلهڻ کي چالان ڪرائي!

پر عوام کي دشمن جي رڳو مارڻ ڪونہ ماريو آهي. گهڻو ماريو تہ سندن منجهائڻ ئي آهي. گهڻي ۾ گهڻا گهوٽ مونجهارن جا ماريل ۽ گمراهين جا گهايل ئي هوندا آهن، تڏهن مارئيءَ بہ چيو آهي:

مارن منجهہ مُياس، نہ تہ ماڙي ماريس ڪين ڪي. (شاهہ)

هيستائين ڪوبہ عوام دشمن، سموري عوام کي ماري چٽ ڪري، پورو پئي ڪونہ سگهيو آهي. ان ڪري عوام دشمن جو ڳُجهو نعرو آهي، "عوام کي مارڻ سان گڏ مُنجهايو برغلايو ۽ مت مان ڪڍو! اول ڪين مُنجهايو برغلايو ۽ مت مان ڪڍو پوءِ فقط انهن کي ماريو جيڪي مُنجهائڻ سان مري نہ سگهن."

ماڻهن جي ذهنن ۽ دلين ۾ بهتر زندگيءَ جي آس ۽ اُميد ئي نہ سرجي، سندن دماغن ۾ سندن زندگين کي جهنم بڻائيندڙن سان مقابلي جو خيال ئي پيدا ٿي نہ سگهي ۽ جي پيدا ٿئي تہ اُسرندي ئي ختم ٿي وڃي، ان لاءِ هنن ماڻهن جي ذهنن ۽ روحن، احساسن ۽ جذبن، سوچن ۽ نظرين کي ڪوڙهيو ڪري ڇڏڻ واسطي، ڪئين ذهني ۽ روحاني وبائي مرض ۽ وچڙندڙ بيماريون هٽرادو تيار ڪرائي، سڄي دُنيا ۾ پکيڙي ڇڏيون آهن. هنن پنهنجي ثقافتي هٿيارن جي فيڪٽريءَ ۾ هٽرادو "علم" ۽ "سائنسون" تيار ڪرايون آهن. ويندي هٽرادو سامراج پرست "مذهبي" فرقا ۽ "مذهب" بہ تيار ڪرائي دنيا ۾ ڦهلائي ڇڏيا اٿن. دنيا جي ڄاتل

Gul Hayat Institute

سچاتل قديم مذهبن جون بہ هنن پنهنجون نيون نڪوريون هٿرادو سامراجي تشريحون ۽ تفسير تيار ڪرائي ڇڏيا آهن.

## نئون عالمي زيارتگاهہ!

وچ مشرق (فلسطين ڪان وٺي عربن تائين وغيره) دنيا جي ڪئين وڏن مذهبن جو پينگهو سڏيو وڃي ٿو پر جيترا "مذهبي" فرقا ۽ خود ڪي بلڪل نوان "مذهب" عالمي سامراج گذريل ٿورڙي عرصي ۾ تيار ڪرايا آهن. تن جي مقابلي ۾ وچ مشرق ڇڻ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو آهي. جيترو صدق اوچتو ئي اوچتو آمريڪي ۽ يورپي ارب پتي سرمايہ دارن ۽ خاص ڪري سي آءِ اي ڪاتي جي عملدارن کي دنيا جي سڀني پراڻن ۽ نون مذهبن لاءِ ٿي پيو آهي، سو جيڪڏهن واقعي سچو هجي ها تہ جيڪر ڪو سرمايہ دار يا سي آءِ اي وارو ڪليسائن، سناگاگن، مندرن ۽ مسجدن ڪان ٻاهر مشڪل لڀي ها. سڀ رات ڏينهن يا تہ انهن عبادتخانن جي اندر عبادت ۾ مشغول نظر اچن ها يا وري منجهائن هڪڙا انگ پيوت ٿيا، ڪنهن اوچي پهاڙ جي چوٽيءَ تي هڪ ٽنگ تي بيهي تپسيائون ڪندا نظر اچن ها تہ ٻيا غارن ۽ ڇُرن ۾ رياضتون ڪندا لين ها. هڪڙا سَر روزا اڌ ڪارڪ تي ڪوليندا وتن ها تہ ٻيا خانقاهن ۾ چاليها ڪيندا يا ڪوهن ۾ اونڌا لٽڪندا نظر اچن ها.

سڄي دنيا جي پادرين، پنڊتن، يهودي ربيسن، ٻوڌي ڀڪشوئن ۽ دنيا پرست عالم سڳورن ۽ ٻين اهڙي قسم جي ڀلارن بزرگن جون ڳاٽيتي ڪان ٻاهر جنسون سال ۾ ڪئين ڀيرا ولرن جا ولر ۽ قافلن جا قافلا ڪريو ڪن ولايتن ڪان کهيوا اچيو فيض جي چشمن مان سيراب ٿيڻ لاءِ آمريڪا ولايت جي ڪينجهر جي ڪنڌين تي ڪنا ٿين.

هلـو هلـو ڪـاڪ تـڙين، جتـي نيـنهن اُجـل،
نڪـا جهـل نـہ پـل، سـيڪو پَسـي پِـرينءَ ڪـي.

وارو ڪم لڳو پيو آهي. هر ملڪ جي اهڙن ڀلارن جي هڪڙي ٽنگ ڳوٺ آهي تہ ٻي هتي. ڪي بزرگ تہ پنڌن ۽ رولڙن ڪان بچڻ لاءِ، مورڳو ٻارين ٻچين لڏي پلاڻي اچي هن نئين ڀلاري ولايت ۾ راج ڳوٺ ٻڌي ويٺا آهن. اهڙيءَ ريت اج هيءُ ملڪ هڪڙي اهڙي بين المذهبي زيارتگاهہ بڻجي وئي آهي، جنهن جو مثال تاريخ ۾ نٿو ملي. مڪي ۽ مديني، ڪاشي، روم ۽ بيت المقدس ۾ فقط ڪنهن هڪڙي يا وڌ ۾ وڌ ٻن مذهبن جا زيارتي ڳڏ ٿين ٿا، پر هت تہ دنيا جي سمورن مذهبن جا خاص ڀلارا بزرگ، جن جي مٿان نر پڪي پيو هڪلجي ۽ جيڪي هونئن هڪ ٻئي جي مذهب جو نالو ٻُڌي مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا ۽ هڪٻئي جي مذهبن خلاف ڪئين الماڙيون ڪتابن جون ڀريو ويٺا آهن ۽ زباني ڇُرا ۽ ڪات ڪٽيو هلندا

وطن، سي هتي پهچڻ سان شينهن ٻڪريءَ وانگر هڪڙي ئي گهاٽ تي فيض ۽ برڪت جا پاڻي پيين ٿا. مجال آهي جو ڪو ڪنهن کي الف مان ب بہ ڪڍي ڇڏي! اهڙيءَ ريت سامراجي آمريڪا اڄ نہ رڳو بين الاقوامي پر بين المذهبي زيارتگاهہ (Holiest of Holy Places) بڻجي چڪو آهي.

هي جو روز اخبارن ۾ پڙهندا اچون تہ اڄ فلاڻي هنڌ مذهبي دنگا فساد ۽ ڪُوس ٿيا، هيترا قتيا، هيترا مئا، اڄ فلاڻي سامراج دشمن حڪومت جو تختو اونڌو ٿيو اڄ فلاڻي ليڊر جو ڪم لهي ويو، سو رڳو ايئن پاڻمرادو تہ ڪونہ ٿو ٿئي! ان ۾ بين ڳالهين سان گڏ انهن پلارن بزرگن جون ڪجهہ دعائون، ڪجهہ ڪرامتون ۽ ڪجهہ هٿ جون صفايون بہ شامل هونديون آهن.

## ثقافتي هٿيار

جنگ ۾ هر قسم جا هٿيار ڪپن، جن ماڻهن تي اهڙن پلارن بزرگن جو ڦيڻو ڇٽو بہ نٿو هلي سگهي، تن لاءِ وري ٻيون قسمين قسمين نشي آور پڙيون آهن، جن جو ڪم بہ آهي، ماڻهن کي عقل ۽ هوش مان ڪڍي ڇڏڻ. عقل ۽ هوش ويو تہ باقي ڇا رهيو؟ لک فوجن جي سورهي سپهہ سالار کي ننڍ جي گوليءِ ڏيئي پوءِ پل ٽئي ڪپڙا بہ لاهي وٺوس! ڪنهن ارسطو بو علي سينا ۽ اينسٽائن جهڙي کي آفيم جي پنڪيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. سڀ وجائون وسري ويندس! ٻِڪي جو ڪوڙو بہ ڪونہ ٻُڌائي سگهندو!

جاسوسي، جنس پرست، جادوئي، ڪرامتي ۽ وحشي مارا ماريءَ وارو سامراجي ادب ۽ فن ماڻهن جي ذهنن ۽ دماغن کي مُڏوءِ موڳو ڪري، سندن قدرتي طرح صحتمند احساسن ۽ جذبن کي بادفرنگ ۽ ڪوڙهہ لڳائي، ماڻهوءَ کي روحاني طرح پنڪي خور، موالي ۽ هپي ڪريو يا ٻنهي پڙن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏي يا بي حس ۽ بي رحم، جهنگ جو ڇتو مِرون بنايو ڇڏي

## "ادبي" ڊائجيسٽون

Gul Hayat Institute

پنڪيون ڏيندڙ ڪوڙهئي ۽ بادفرنگي ادب کي وبا وانگر سڄي جهان ۾ ڦهلائڻ ۾ "ادبي" ڊائجيسٽون سڀ کان اثرائتو وسيلو ثابت ٿيون آهن. انهن ۾ ٻن ٽڪن عوام جي پلي جي سُٺين لکيتن جي آڙ ۾، ڪنڊ ڇڙهيل زهريلو مال هلايو ويندو آهي. دنيا ۾ انگريزي ريڊرز ڊائجيسٽ ڪان وڏيڪ مشهور ۽ مقبول ڊائجيسٽ ٻي ڪانهي. ان ۾ ڪن تمام سُٺن ڪارائتن ۽ خوبصورت مضمونن جي آڙ ۾ نهايت بي حيائيءَ ۽ بي شرميءَ سان سامراج پاران زهريلي ۽ ڇتي عوام دشمن پروپئگنڊا ڪئي ويندي آهي. عوام جي قاتل دشمنن ۽ غدارن کي سندن مُحسن ۽ هيرو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي ۽ حقيقي مُحسنن ۽ هيرن کي بدمعاش، مُجرم ۽ پاڳل ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. هر ٽئين چوٿين پرچي ۾ سامراجي موت جي

واپارين يعني عام تباهيءَ جا هٿيار تيار ڪري، هٿرادو جنگيون جهيڙا ڪرائي، ملڪن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، پنهنجي هٿيارن جو وڪرو وڌائي، ارب پدم ڊالر پيدا ڪندڙ ڪارخانيدارن ۽ واپارين پاران هڪڙو اهڙو مضمون ضرور شايع ٿيندو ته "جنگ سِرَ تي بيٺي آهي، پاڻ وٽ هٿيار ذات ڪونهي. بجيٽ سڄي فضول ڪمن تي يعني تعليم، صحت، سماجي بهبود تي خرچ ٿي ويئي ۽ بُکيا ڪائي ويا! ملڪ خطري ۾ آهي. مغربي تهذيب آخري پساهن تي آهي! بيا فضول خرچ هڪدم بند ڪري جنگ لاءِ تيار ٿي وڃو! فوج وڌايو، هٿيارن جا زبردست نوان آرڊر ڏيو!"

**في سبيل الله شاهدي**

هر ملڪ ۾ سامراج جا "مشهور معروف" اديب، صحافي، دانشور ۽ محقق وغيره ڊاريل آهن ۽ ڪئين "مشهور معروف" رسالا ۽ ڊائجيسٽون ڪڍايل آهن. پنهنجي ڪوڙي پروپئگنڊا کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ "چانديا چور شنباٽي شاهد" واري ڳالهه وانگر سامراج جا هندستان ۾ ڊاريل پالتو "مشهور معروف" اديب، صحافي، رسالا ۽ ڊائجيسٽون وغيره، مصر جي "مشهور معروف" سامراجي ڇاڙتن، اديبن، رسالن ۽ ڊائجيسٽن جي شاهدي وارينڊا ۽ سندن حوالا ڏيندا. اهي وري پاڪستان وارن جي وارينڊا ۽ اهي جرمنيءَ وارن جي وارينڊا. دُنيا ۾ ڏيڍ سئو کان مٿي ملڪ آهن، انهن مان ڪنهن به ملڪ جا سامراجي، پالتو "اديب، دانشور ۽ عالم" ڪنهن به ٻئي ملڪ جي پالتوئن جي شاهدي وجهن ۽ حوالا ڏين ته وس وارا آهن. شاهدي اها ملندي جيڪا موت جي واپارين، سندن سي آءِ اي جي ڳالهه کي سچو ڪندي، تِر جو به فرق ڪونه پوندو.

**جاسوسي ڪهاڻيون**

ڪارنل وولرچ ۽ ٻئي اهڙي هڪ اڌ جاسوسي ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين کي ڇڏي باقي بيو سمورو سرمايه دار جاسوسي ادب ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ مان ڀروسو ڪڍيو ڇڏي. دنيا جي عوام جون وڏي ۾ وڏيون ضرورتون آهن، هڪٻئي سان همدردي ۽ پيار، هڪٻئي تي ڀروسو، پاڻ ۾ ٻڌي ۽ تنظيم. جي جاسوسي ڪهاڻين واري ڳالهه سچي آهي ۽ اڪثر ماڻهو واقعي ايتري قدر نيچ، پئسي جا پُٽ آهن جو ٻئن هوارن لاءِ سڳي ماءُ جو ڪنڌ لاهيندي دير نه ڪندا ته پوءِ عام ماڻهن جي پاڻ ۾ گڏجڻ، هڪٻئي جو حال پائي ۽ همدرد ٿيڻ، ٻڌي ڪرڻ ۽ تنظيم ناهڻ، سڄي عمر پنهنجي قول تي پوري ۽ وفادار رهڻ ۽ گڏجي سِرَ جون سَٽون ڏيڻ جو سوال ئي ڪيئن ٿو پيدا ٿي سگهي؟ سامراج کي کپي ئي اها ڳالهه ته عوام تي اهو عام اثر هجي ته "پاڻ ۾ ٻڌيون وري ڇاجون!؟ سڀ ماڻهو بي ايمان، دوکيباز، چور، ڊاڙيل ۽ رهزن آهن. آءٌ ڇو پوئتي رهان؟"

Gul Hayat Institute

هي ڪهاڻيون اهو بہ اثر ٿيون ويهارين تہ، ”غريب ماڻهو وري ڇا جا مظلوم ۽ اشراف آهن؟ اشراف ۽ مظلوم تہ ويچارا ڪروڙپتي، ارب پتي سيٺيون ۽ سيٺياڻيون آهن، جيڪي پگهر جي پورهئي مان محل ماڙيون اَڏائين ٿا ۽ هيرا جواهر خريد ڪري رکن ٿا، جن کي غريب ماڻهو هر وقت تاڙيندا ۽ چورائيندا رهن ٿا.“ اهو بہ سبق ٿو ملي تہ حاڪم طبقن جي ڇاڙتي پوليس ۽ سندن عدالتي نظام اجايا، رحمدل ۽ نرم دل آهن. انهن هٽي بُڪين بدمعاشن جو دماغ خراب ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪين ڏاڍي مشڪل سان ڪا ٿوري گهڻي سيڪٽ مس ٿي ملي. هجي ڪو ملڪ ۾ مڙس ماڻهو جو ڏُکين سيٺين ۽ سيٺياڻين کي حرام خور ۽ مجرم غريب ماڻهن کان بچائي دعا کَٽي!

ڪي سمجهُو ماڻهو بہ سوچيندا هوندا تہ آمريڪا ۽ يورپ سامراجي ملڪ آهن، اُتي برابر اڪثر ماڻهو اهڙا ئي بدمعاش هوندا، پر اُتي رڳو سامراجي سيٺيون نہ پر عوام بہ رهي ٿو مظلوم بہ رهن ٿا، سُنا ۽ اشراف ماڻهو بہ رهن ٿا، اُتي جي عام ماڻهن ۾ پنهنجين خاص حالتن مطابق، خامين سان گڏ خوبيون بہ آهن، اُتي بہ ظالمن سان گڏ مقابلو ڪري هڪ نئون جهان اَڏڻ وارا ماڻهو موجود آهن. سرمايہ دار سامراجي جاسوسي ڪهاڻيون، جيڪو آمريڪي ۽ يورپي عوام جو نقشو چِٽين ٿيون، سو مجموعي طور سراسر ڪوڙو، گمراهہ ڪندڙ ۽ بي ايمانيءَ وارو آهي.

**جادو! اسرار! ڪرامتون**

پنهنجن حالتن کي بدلائڻ بابت سوچيندو ۽ ان لاءِ جاکوڙ ۽ ويڙهہ ڪندو اهو، جنهن جا پيرَ پَٽ تي هجن ۽ دماغ جاءِ تي هجي. جادو ۽ اسرار جون ڪهاڻيون ماڻهوءَ جا پير ڌرتيءَ تان ڪٽيو ڇڏين ۽ دماغ کي بولاٽيون ڪارايو ڇڏين. هو سچو ڏينهن پيو سوچيندو تہ ”ڇا جا پڙهڻ، ڇا جا پورهيا، ڇا جا ڪشالا، ڇا جا گهر گهاٽ!؟ قسمت ياوري ڪري تہ بس رڳو ڪو پراڻو ڏيئو يا لالٽين اهڙو هٿ چڙهي وڃي، جنهن ۾ ڪو جِن ويٺل هجي! پوءِ تہ پٽون پارهن! سڀ سَٽايون! نہ تہ وري گس هلندي ڪا اهڙي مومل ملي وڃي جا ڏسندي ئي رڙ ڪري ڇهتي وڃي! ڇي ”توکي تہ مون الائي ڪيترن جنمن کان الائي ڪهڙين دُنيائن ۾ پئي ڳوليو! تون هتي ويٺو آهين!“ هڪدم ٻَک وِجهي کڻي وڃي ڪنهن ٻئي زماني ۽ ٻيءَ دُنِيا ۾ رسائي. پوءِ تہ مزا ئي مزا!“

**مارا ماريءَ وارو ”ادب“**

مارا ماريءَ وارو ادب عوام کي بي رحمي، سفاڪي ۽ وحشانيت سيکاري ٿو ۽ کيس اهڙو وحشي درندو بنائڻ گهري ٿو جو منجهائنس پنهنجي پرائي جي ساڃاهہ ئي نڪري وڃي ۽ جيڪو سامهون اچيس تنهن جي نڙي وڍي رکي. اهڙي انساني ”مال“ مان سامراج کي عوام خلاف ڪارائتا ڪِرائي جا قاتل، جاسوس ۽ ايجنٽ ملن ٿا،

Gul Hayat Institute

جيڪي چند ڏوڪڙن عيوض پنهنجي وطن جي عوام خلاف توڙي دُنيا جي عوام خلاف کھڙو بہ غداريءَ، درندگيءَ ۽ شيطانيءَ وارو جرم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا.

## ڪرامتي "ادب"

ڪرامتي ادب ۽ جادوئي اسراري ادب جو پاءُ آهي. پِير جي هڪڙي شُوڪاري يا تعويذ سان ئي لُڏڻ ڪنوار ملي وڃي ۽ سڀ ڏکيائيون آسان ٿي وڃن تہ ماڻھو ٻيا جوڳ ڇو پچائي؟

ڪرامت باز ليکڪ ڪرامتن بيان ڪرڻ ۾ اهڙيون اهڙيون باٺونڊريون ۽ ڇَڪا ٿا هڻن جو عمران خان ۽ دنيش لِلي پارا پنهنجي گھر ويھن! ڪي نہ ڪي ماڻھو ضرور انهيءَ سوچ ۾ بہ پئجي سگھن ٿا تہ "جي اهو حساب آهي تہ دُنِيا جون حڪومتون ڏاڍيون ڪي پورڙيون آهن جو ايڏا ڪروڙ ۽ ارب خرچي هيڏا سارا هٿيار ۽ فوجون گڏ پيون ڪن ۽ ملڪ جي اقتصادي حالت کي ٽيڪ ڏيارڻ لاءِ هيڏا سارا پاپڙا پيون پٽين! دُنِيا ۾ هرو ڀرو اهڙي صفا سُڄ بہ ڪانہ هوندي! هيءُ جو هيڏو سارو جهان پيو هلي، سو بہ ڪِن جي ڪري تہ هلندو هوندو! انهن خاسارن جي بدران ڇو نہ ٽيون ڪنهن ڪاني ڪرامت واري کي ڪٿان ڳولي هٿ ڪن، جيڪو هڪڙي ئي شُوڪاري سان دشمن جا راڪيٽ ۽ بم پسم ڪري ڇڏي ۽ ٻن چئن تعويذن سان ڏڪار دور ڪري، فصل ڀلا ڪري، پيداوار وڌائي ۽ غيرملڪي واپار ۾ کوٽ پوري ڪري ملڪ جو ٻيڙو تاري ڇڏي."

## "تاريخي" ڪهاڻيون

ادب جي روپ ۾ سامراجي پروپئگنڊا جي زهر جو ٻيو قسم آهي تاريخي ڪهاڻيون.

هر نئون ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقو يا ٽولو پھريائين عوام جي مدد سان اڳئين حاڪم طبقي سان مقابلو ڪري ان جو تختو اُٿلائي ٿو. ڪم نڪرڻ ڪانپوءِ عوام سان ڪيل واعدن کي پاٽي ڏيڻ بدران اهو پنهنجي دشمنن يعني اڳوڻن حاڪم طبقن ۽ ٽولن سان سمجھوتو ڪري، انهن کي پنهنجو چوٿو پائيوار بڻائي، انهن سان گڏجي پنهنجي مددگار عوام کي ڪُچلي ٿو. دُنِيا جي هر ملڪ جي جاگيردارن پھريائين عوام سان گڏجي غلام دارن جو تختو اونڌو ڪيو. پوءِ هنن عوام سان دوکو ڪري، شڪست کاڌل غلام دارن سان ناهہ ڪري، ساڻن سازباز ڪري، پنهنجي مددگار اُسرندڙ عوام کي ڪُچلي ڇڏيائون.

## تاريخي مها زٽ

18هين ۽ 19هين صديءَ ۾ جڏهن سرمايہ داري اجا اُسري رهي هئي ۽ نئون جوپن هوس، تڏهن ان، مُردار جاگيرداريءَ جي لعنتي نظام تي، هر ميدان ۾ زبردست ۽ قاتلانہ حملا ڪيا ۽ ان جي بُنيادن ۾ زلزلا وجهي ڇڏيا، پر هاڻ هن صديءَ ۾ جڏهن سرمايہ داري پاڻ آدمخور پوڙهي ٻانپ تي وئي آهي، تڏهن ”چندو چندي ڪي سئو ڪوهن تي ڳولهي لهي“ واريءَ ڳالهہ وانگر هن جاگيرداريءَ جي مرڻ ڪنڌيءَ تي پهتل ڏائڻ کي پنهنجو نندو پائيوار بنايو آهي ۽ اُن کي رت جون ٻوتلون چاڙهي، منجهس ڪجهہ نئون ساهہ وجهي، ڪيس نئين سر عوام جي خلاف استعمال ڪرڻ لڳي آهي. سامراج جي سرپرستيءَ ۽ مدد سان، هر ملڪ جا جاگيردار پرست، عوام دشمن، جاگيردار ثقافت جي بدبودار لاشن کي قبرن مان کوٽي، ڪڍي، ڪين ٽيڪون ڏيئي، ويهاري، سندن ڳڻ ڳائي ۽ ڪين جيئرو پير ڪري پُوڄارائي رهيا آهن. جاگيردار طبقي جا ڪئين نئين دؤر جا ادبي پَٽ ۽ مگٽهار دهل ڳچين ۾ وجهيو رسالن، ڪتابن، ريڊين، ٽي وين ۽ فلمن ۾ سرمائيداري نظام کان سوين دفعا بدتر بُڇڙي ۽ بيهودي جاگيرداري نظام، جاگيردار طبقي ۽ اميرن، اُمرائن، بادشاهن ۽ ٻئي جاگيردار طبقي جي فردن جا هٽرادو ۽ ڪوڙا ڪارناما بيان ڪريو ڪين ڏرتيءَ جا سوڏا پُٽ ڪريو پيا ڳائين، وڄائين. انهن هٽرادو ۽ ڪوڙن قِصن کي ”تاريخي“ ڪهاڻيون ۽ ”تاريخي“ ناول ڪري سڏيو ويندو آهي.

## ڌرتيءَ جي هڪڙي ڪوڙيءَ ڪان ڪوڙي لکت

هن ڌرتيءَ جي اڪثر بُنيادِي ڪان بنيادي ڳالهين بابت جيڪي ڪوڙين ڪان ڪوڙيون لکيتون موجود آهن، تن ۾ هڪڙي ڪوڙين ڪان ڪوڙي لکيت اها آهي، جنهن کي اسين ”تاريخ“ سڏيون ٿا. هن ۾ ڏينهن کي رات ۽ رات کي ڏينهن ڪري ڏيکاريو ويو آهي. ظالم کي مظلوم ۽ مظلوم کي ظالم ڪري سڏيو ويو آهي. ڦوروئن ۽ ڌاڙيلن کي سخي ۽ ڏاتار ڪوٺيو ويو آهي. الله جي مخلوق لاءِ قيامتون برپا ڪندڙ وحشي درندن کي سلطان، عادل ۽ الله جو پاڇو سڏيو ويو آهي ۽ پنهنجون جانيون، مال ۽ لڄون بچائڻ جي ڪوشش ڪندڙن کي گَس تان ٽِڙيل، نافرمان ۽ باغي سڏيو ويو آهي. جاهل ۽ بيهودن غنڊن کي روشن ضمير ۽ دانائيءَ جو سمنڊ ڪوٺيو ويو آهي ۽ دانائن کي گل ٽِڙيل ۽ پاڳل سڏيو ويو آهي. هڪڙو ڪمينو ۽ لوفر بدمعاش ٻيا پاڻ جهڙا بدمعاش، ڪمينا ۽ لوفر ساڻ وٺي، ڪنهن جون ٻڪريون ۽ رڍون ڦُري ٿو ڪنهن جي ڪري کي باهہ ٿو ڏئي، ڪنهن جي ڌيءَ ۽ زال کڻي ٿو يا ڪنهن کي ماري وجهي ٿو تہ سماج ان کي چور، ڦورُو ۽ ڌاڙيل سڏي ٿو ۽ ان کي سوريءَ تي چاڙهڻ کي مناسب سزا ٺهرائي ٿو پر جي ٻيو رولاڪ لوفر ۽



Gul Hayat Institute

بدمعاش رهزن پاڻ سان پنجاهہ هزار يا لک ٻيا پاڻ جهڙا رولاڪ لوفر ۽ بدمعاش رهزن وٺي، مسڪين ماڻهن جون لک رڍون، ٻڪريون ۽ اُٺ، گهوڙا ڦُري ٿو ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ شهرن جا شهر ۽ ملڪن جا ملڪ ساڙي رک ڪري ڇڏي ٿو. هزارين لکين ماڻهو بيگناهہ قتل ڪري ڇڏي ٿو، ماڻهن جون هزارين لکين نياڻيون ۽ لڄون ڀڄائي ڪٽي وڃي، انهن جي پاڻ ۾ لڄالٽ ڪري ٿو ۽ ٻين لوفرن ۽ بدمعاشن هٿان بہ سندن لڄالُٽ ڪرائي ٿو ۽ ان ڪان پوءِ انهن کي ڍورن وانگر بازارين ۾ تين وال ڪري ٿو تہ جعلي تاريخ ان کي مهايلي، مهاراج، اڌيراج، امير، غازي، سلطان، بادشاهہ، شهنشاهہ، ظِلِ الله، قيصر قسري، محافظِ دين و الملت Defender of the faith جي لقبن جا هار پهرائي، آفرينون ڏئي ٿي ۽ سندس انهيءَ انسانيت سوز ڏوهن کي ”فتح“ ۽ ”ڪشور ڪشائيءَ“ جو لقب ڏيئي، انهن پيانڪ بين الاقوامي ڏوهن کي قابلِ فخر ڪارناما ٺهرائي ٿي.

ان ڳالهہ جو بُنيادي سبب اهو آهي جو دنيا جي تاريخ ذري گهٽ سڄي جي سڄي يا تہ حاڪم طبقن جي ٽُڪرِيلُ چاڙتن طرفان لکي وئي آهي يا انهن طرفان لکي وئي آهي، جيڪي حاڪم طبقي منجهان يا ان جي رحم ڪرم تي هئا ۽ ڪيڏو بہ چاهين ها ۽ سماج ۽ تاريخ بابت پوري ڄاڻ ۽ سمجهہ بہ رکن ها (جيڪا ڳالهہ گذريل دؤرن ۾ سماجي سائنس جي موجود نہ هئڻ جي ڪري ناممڪن هئي) تہ بہ انساني سماج ۽ تاريخ جون بُنيادِي حقيقتون بُنيادِي طرح سچي نموني لکي نٿي سگهيا.

## سنڌي تاريخ جا ماخذ

پري وڃڻ جي ضرورت ڪانهي، رڳو سنڌي تاريخ جي بنيادي ماخذن جهڙوڪ چچ نامي، تاريخ معصومي، تاريخ طاهري، ترخان نامي، مظهر شاهجهاني، نوائي مُعارڪ وغيره جي لکندڙن کي وٺو جن مان پهرئين کان سواءِ ٻيا سڀ سنڌ جا رهندڙ ”سنڌي“ هئا. سندن لکيل ”تاريخن“ کي پڙهي فيصلو ڪريو تہ جنهن ملڪ جي تاريخ پيئي لکيائون، تنهن جي ماڻهن جا سڄڻ هئا يا انهن کي ڦُريندڙ ماريندڙ سامراجين جا ٻولڙيا ۽ ڍنڍورچي؟

## ڳُجهي تاريخ

دُنِيا جي عوام جي باشعور نقطي نگاهہ کان اڃا دُنِيا جي مُفصل ۽ مُستند تاريخ ڪانہ لکي وئي آهي. پاڻ کي دُنِيا جي اڳوڻي تاريخ ۾ شايد فقط هڪڙو اهڙو ڪتاب ملندو، جنهن جي لکندڙ پنهنجي دؤر جي جابر حڪمرانن بابت، پنهنجي ذاتي ڄاڻ ۽ طبقاتي سوچ ۽ سمجهہ آهر، ڪنهن بہ ”يعني“، ”مگر“، ”چونڪ“، ”چنانچہ“ کان سواءِ، سندن اهڙو ڪچو چٺو کولي ڪٽي سڄيءَ دُنِيا کان اڳيان رکيو



Gul Hayat Institute

آهي، جنهن جو مثال روءِ زمين تي اڄ تائين مشڪل ملي. اهو ماڻهو پنهنجو داستان ڪجهه هن قسم جي لفظن ۾ شروع ٿو ڪري: ”مون اڳ فلاڻا فلاڻا تاريخي ڪتاب لکيا آهن. انهن ۾ شهنشاهه ۽ ملڪ عالم جي حڪومت ۽ سندن ذاتي خوبين جو مفصل ذڪر ڪيو اٿم. انهن تاريخن جو لفظ لفظ ڪوڙ آهي. اهي تعريفون بي ايمانيءَ واريون آهن. منهنجو ضمير مون تي ملامت ٿو ڪري. هاڻي پڇي اچي هتي هڪڙي تهه خاني ۾ لکي، هيءَ تاريخ لکان ٿو جنهن ۾ لفظ لفظ سچ لکندس. هي سٽون به وينو لکان ۽ ڏڪان به پيو ته متان پوليس ڇاپو نه اچي هڻي...“

ان تاريخ جو انگريزي ترجمو ڇپيل آهي، ان جو نالو آهي ڳُجهي تاريخ (Secret History)، ان جو لکندڙ هڪ يوناني مورخ آهي، جنهن جو نالو آهي پروڪوپيس Procopious. هن اها تاريخ 14 صديون اڳ قسطنطنيه جي هاڪاري رومي شهنشاهه جستينين جنهن کي عيسائي ذري گهٽ وليءَ جو درجو ڏيندا هئا، تنهن ۽ سندس ملڪه ٿيوڊورا Theodora جي عقل چرخ ڪندڙ شيطاني ڪارنامن جي باري ۾ لکي آهي. پنجاب ۾ چوندا آهن ته، ”جنهن لاهور نه ڏٺو سو ڄڻ ته ڄائو ئي ڪونه.“ سو ان ڳالهه وانگر جنهن پروڪوپيس جي ڳُجهي تاريخ نه پڙهي، تنهن به ڇئبو يا عمر بنان ملاوت واري، حال سارو اصلي، تاريخي چيز جو چُشڪو نه ورتو.

جيڪڏهن سموري تاريخ ”ڳُجهي تاريخ“ وانگر لکيل هجي ها ته پوءِ جيڪر خلفاءِ راشدين، خليفي عمر بن عبدالعزيز ۽ ٻين اهڙن ڳاڻ ڳڻين، اٽلپ ۽ بي مثال حاڪمن کي ڇڏي، باقي دُنيا جي ٻين اهڙن ڦورن ۽ ظالم حاڪم طبقن جي فردن يعني جاگيردارن، اميرن، نوابن، سلطانن، راجائن، مهاراجائن، قيصرن، ڪسرائن ۽ ڏنڊي جي زور تي نهيل هٿرادن اميرالمومنين ۽ خليفن جا سياهه ڪارناما پڙهي ماڻهن جو رَتُ ٽهڪي پوي ها.* هنن ماڻهن پنهنجين حياتين ۾، خدا ۽ انسانيت جي مهذب قانونن جي خلاف، جيڪي خدا جي مخلوق سان ويل وهايا آهن ۽ انهن خلاف سنگين ۽

---

* چئن خليفن (رضي الله تعاليٰ عنهم) جي خلافت راشده جي اسلامي روح مطابق حڪومت اڌ صديءَ کان به گهٽ عرصي تائين هلي. اُموي ۽ عباسي حاڪمن انهيءَ حالتن آهر، نسبتاً جمهوري حڪومت کي ختم ڪري، بادشاهي طرز جي عام جاگيرداري آپيشاهي حڪومت قائم ڪئي ۽ پاڻ کي ڏنڊي جي زور تي اميرالمومنين ۽ خليفو سڏايو. مسلمان عالم جهڙوڪ مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ خود مولانا مودودي وغيره پاڻ ۾ ٻين بي انداز ڳالهين تي سخت اختلاف رکڻ جي باوجود، انهيءَ نُڪتي تي متفق آهن ۽ انهن اُموي ۽ عباسي نام نهاد خليفن جي حڪومت کي ڪڏهن به اسلامي حڪومت تسليم نه ڪيو ۽ ان کي عام رواجي آپيشاهي بادشاهي ڪري ئي لکيو. (پڙهو: مولانا مودوديءَ جو ڪتاب ”خلافت و ملوڪيت“). اهڙيءَ ريت، گذريل چوڏهن صدين ۾ اسلامي طرز جو راڄ پاءُ صدي ڪن مس هليو. باقي سموريون صديون اسلامي ليبل هيٺ جاگيردار آمريت جي ڏنڊي شاهي هلندي رهي آهي.

Gul Hayat Institute

ڪڏهن بہ معاف نہ ڪرڻ جهڙا جرم ڪيا آهن. سي سڀ رڪارڊ ڪيا ويا هجن ها ۽ انهن جي ڪين عام ماڻهن وانگر پوري پوري سزا ڏجي ها تہ ڏيئي ئي نہ سگهجي ها! جيڪر سزا طور سندن جيئري کَلون لاهي، سندن بدن وڍي، ٽُڪر ٽُڪر ڪري، تيل جي ڪڙاهين ۾ ڪاڙهي ۽ پوءِ سندن ٽُڪر سِبي، ڪين سُورين تي چاڙهيو وڃي ها ۽ گذريل سموريون صديون هو ايئن ٽنگيا پيا هجن ها ۽ هجن بہ جيئرا ها، تہ بہ جيڪر سندن پيانڪ شيطاني ڪرتُوتن جي سزا ملي پوري ڪانہ ٿئي ها.

ڪڏهن نہ ڪڏهن اهو ڏينهن ضرور اچڻو آهي، جڏهن عوام جي ازلي ۽ ابدي دشمنن يعني شيطان صفت آدم خورن کي هٿرادي نموني عوام جو گهڻ گهُرو، محسن، محبوب هيرو ۽ معصوم فرشتو بڻائي ڪين عوام تي ذهني طرح مڙهڻ وارن ضمير فروش ۽ بي حيا جعلي تاريخ نويسن جي ڪوڙيءَ شهرت جي لاش کي دنيا جو سجاڳ عوام قبرن مان ڪڍي ڪُتن جي حوالي ڪندو.

**بغداد ۾ ڏاڙي هڻڻ جو سرڪاري ٺيڪو!**

نام نهاد تاريخي ڪهاڻين ۽ تاريخي ناولن ۾ ٻيون سڀ ڳالهيون آهن، سواءِ انهن بہ ٽڪا اصلي ڳالهين جي، جيڪي اُن دؤر جي تاريخن ۾ قسمت سانگي لکجي ويون آهن. ڪابہ ڊائجيسٽ اسان کي اها تاريخي حقيقت ڪانہ ٻڌائيندي تہ عباسي خلافت جي پڇرئين دؤر ۾ بغداد جي قاضيءَ جي عهدي کي باقاعدي نيلام ڪيو ويو ۽ قاضيءَ کان لڪائي ورتو ويو تہ رشوت مان هيترا پئسا سرڪاري خزاني ۾ پيارينداين! نڪو ان ڳالهہ جو ذڪر ايندو تہ ڪنهن وقت بغداد کي لُٽڻ لاءِ بہ باقاعدي سرڪاري طرح احمدي ڏاڙيل کي ٺيڪو ڏنو ويو، جنهن جا ماڻهو ٺيڪي کڻڻ کان پوءِ باقاعدي ڏينهن ڏٺي، شمعدان ٻاري، گهرن مان مال لُٽيندا هئا (پڙهو: تاريخ طبري ۽ تاريخ خلافت از علامہ جلال الدين سيوطي وغيره وغيره). حوالو رڳو حاڪمن جي ”نوازشن“، ”حلم“، هڪڙي ڏينهن قاضيءَ اڳيان تابعدار ٿي ويهڻ، ٽوپيون سبي وڪڻڻ ۽ ان مان گذر ڪرڻ، ڪنهن پوڙهيءَ کي انعام ڏيڻ جو ايندو هو! انهن ٻٽن نمائشي ڊرامن جي پويان جيڪا خدا جي مخلوق مٿان صدين جون صديون قيامت برپا رهندي آئي آهي، تنهن جو نالو نشان گم ڪيو ويندو رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

باب ٻيو

# خاص ادبي پُڙي!

ڌُنگي وچ درياهہ، ڪي ٻُڏي ڪي اُپڙي،
هو جي وادي واٽيا، سي سونهڻ سڀ سڙيا،
معلم ماڳ نہ اڳئين، قلنگي منجهہ قريا،
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڏينگ ڍريا، اتي تاري تنهنجي!
(لطيف)

جادوئي، ڪرامتي، جاسوسي، نام نهاد تاريخي وغيره ادب ڪي هونئن تہ سڀ پڙهن ٿا، پر اهو خاص ڪري گهٽ پڙهيل ماڻهن ۾ وڌيڪ مقبول هوندو آهي. ڳچ پڙهيل اديب ۽ دانشور قسم جا ماڻهو جيڪي خود پنهنجي سر عوام جي راءِ تي گهڻو اثر وجهي سگهن ٿا، تن جي ذهنن کي مائوف ڪرڻ لاءِ هڪڙي ٻي خاص زهريلي ادبي جنس تيار ڪري، ڳچ عرصي کان دنيا ۾ هلائي پئي وڃي. اها هڪ وچڙندڙ وبا وانگر ڏسندي ڏسندي دُنِيا جي ملڪن کي وڪوڙي وئي آهي. خاص ڪري ٽينءَ دُنِيا جي اسان جهڙن غريب ملڪن ۾ ان موذي مرض هاجا ڪري ڇڏيا آهن. ان ادب جو زهريلو پيغام اهو آهي تہ، ”ماڻهو نہ ڪجهہ ڪري سگهيو آهي ۽ نہ ڪري سگهندو. زندگيءَ جو ڪوبہ مطلب، ڪوبہ مقصد، ڪابہ معنيٰ ڪانهي، ان ۾ ڪابہ آس اُميد رکڻ اجائي آهي. چوطرف صرف اوندهہ هئي، اوندهہ آهي ۽ اوندهہ رهندي. سماجي قيامت اچي وئي آهي. اڳتي مايوسين ۽ پيڙائن جي دوزخ جي باهہ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي. قسمت جي ڪوريئڙي جي ڄار ۾ ڦٿڪڻ اجايو آهي. ڪو ڪنهن جو ڪونهي. هڪٻئي کي ڇڏيو! هڪٻئي کان پري ڀڄو! اڪيلي وجود جي ٻر ۾ گهڙي وڃو! ڊڄو! ڀڄو! لِڪو! گم ٿيو! روئو پِٽيو اوچنگارون ڏيو ختم ٿيو! ختم ٿيو!“

**ڇو مئلن کي ٿو مارين!**

اهو ادب اڻ ڄاڻائيءَ، جهالت ۽ گمراهيءَ جي هٿان اڳ ۾ ئي اڌ مُئل عوام کي اڃا بہ ٻيا نوان ڏِپ ڏيئي، وهم وجهي، مت مان ڪڍي، آسن، اُميدن ۽ مقصدن کان خالي ڪري، مورڳو واڻڙو ۽ بتال بنائي ڇڏي. اهو کين پنهنجو پاڻ مان، پنهنجي سموري زندگيءَ مان ۽ هن سموري جهان مان بيزار ۽ مايوس بنائي، يا تہ جيئرو لاش بنائي ڇڏي يا وري هڪٻئي جا ٻوٽ پٽي کائڻ لاءِ تيار درندا بنائي ڇڏي ٿو.

اهو ادب ماڻهن ۾ بي مقصد مِيڪ مِيڪ ڪري، ڪنجهڻ، ڪُرڪڻ، روئڻ، پچڪڻ جو مرض وجهيو، منجهن بي اعتمادي، بي همتي ۽ بزدلي پکيڙي ٿو. اهو ماڻهن جو اندر کائي، سندن ذهني صحت ۽ روحاني مڙسي ختم ڪري، کين ذهني طرح پِنگِلو ۽ روحاني طرح خصي ڪريو ڇڏي.

اهو ثقافتي ڳوڙها آڻيندڙ گيس "Tear Gas" آهي، جيڪو ماڻهن جي اکين ۾ زبردستي ڳوڙها آڻي، کين روئاڙي، بيهوش ڪري، دشمن جو شڪار بڻائي ٿو.

سامراج جو هيءُ گولو غلام ادب جيڪو سندس هٿ جو باز ۽ عوام جي ثقافتي صفن ۾ سندن ففٿ ڪالم ايجنٽ آهي. تنهن ۾ گهڻو ڪري ڪوبہ سُرتال ڪونهي، نہ منجهس رس آهي ۽ نہ وندر ۽ نہ ڪنهن بہ قسم جو حقيقي فن. هن جا علمبردار علي الاعلان چون ٿا تہ هيءُ ادب عوام لاءِ ڪونهي. ان ۾ ماڻهن جي سمجهڻ يا کين سمجهائڻ جهڙيءَ ڪنهن بہ ڳالهہ جو هجڻ ضروري ڪونهي. هو چون ٿا تہ اُن مان ماڻهن جي ڪا ڀلائي ٿئي يا بُرائي، تنهن سان اسان جو واسطو ڪونهي. ان ۾ ڪنهن بہ معنيٰ هجڻ جي بہ ضرورت بہ چون ٿا تہ ڪانهي. هو ٻوليءَ، ان جي گرامر ۽ ان جي عام استعمال جي مڃيل طريقن کي رد ڪن ٿا. هو چون ٿا تہ انسانن جي ٻولي اسان جي احساس، جذبن ۽ خيالن جو اظهار نٿي ڪري سگهي. تنهن ڪري هنن ٿورن اکرن ۽ گهڻين عجب ۽ سوال جي نشانين، ٻُرين، ڊئشن، ليڪن ۽ ڏاڪڻين واري هڪ اُبتي اڌ اکري بہ ايجاد ڪئي آهي.

جيئن تہ هن ادب جي اظهار جو طريقو سَڪڻي ڪڳي ۽ ڊِيڊِيٽ آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ٻيا ادب "ادب براءِ ادب" ۽ "ادب براءِ زندگي" وغيره سڏجن ٿا تہ هن کي "يخي براءِ يخي" سڏي سگهجي ٿو. بشرطيڪ يخيءَ جو مطلب رڳو اجائي بي مقصد بَڪ بَڪ نہ پر بيهودي ۽ بُڇڙي جهَڳي، ولل ۽ واويلا ورتو وڃي. هن وللي واويلائي ۽ جهَڳي باز ادب کي دُنيا جي ادبي بازارين ۾ "نئين ادب" يا "جديد ادب" جي ليبل هيٺ هلايو وڃي ٿو.

## نوان بانڪا

لکنؤ ۾ جڏهن زوال آيو ۽ حاڪم طبقن مان سچ پچ زنده رهڻ ۽ وڙهڻ جي پهچ نڪري وئي، هو سماجي طرح سُڃا ۽ خصي ٿي پيا ۽ ڪنهن بہ حقيقي



Gul Hayat Institute

سورهيائيءَ واري ڪارنامي جي لائق نہ رهيا. تڏهن منجهن بانڪن جو رواج پيو. انهن بانڪن جو مکيہ مقصد هو بي مقصد ”نواڻ“ پيدا ڪرڻ.

ان ”نواڻ“ جي پٺيان انهن مان ڪي اڌ مٿي ڪي پاڪي هٽايو ۽ اڌ مٿي تي ڪلهن تائين ڊگها وار رکايو گهمندا هئا. ڪي مُڇ جو هڪڙو پاسو ڇَٽ ۽ ٻيو سڄو سارو رکيو پيا هلندا هئا. ڪي فقط ململيون پايو تهہ سيارن ۾، شهر گهمندا هئا ۽ اونهاري ۾ اُن جا گدِلا پايو نتهڻ اُس ۾ جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ نڪرندا هئا، ڪي تہ ڪاوڙ ۾ اچي، ٻين ڪي سيک ڏيڻ لاءِ، پاڪيءَ جي هڪڙيءَ رهڙ سان، خود پنهنجا نڪ چپ وڍي ڏيکاريندا هئا. مطلب تہ پنهنجي ذاتي ۽ سماجي ڏيوالي کي لڪائڻ لاءِ ڪئين رنگ ڪندا هئا. اج ڪلهہ جڏهن، تاريخي حساب سان، سامراج ۽ سرمايہ داريءَ جا پويان ڏينهن آهن، تڏهن بہ مٿئين طبقي جا يورپي ۽ آمريڪي جوان ۽ جوانڙيون، گهر گهات ۽ ڪم ڌنڌا ڇڏيو ڪنڌن ۾ هار وجهيو انگ پيوت ڪريو، چرس جا سُوٽا هڻيو ملنگ ٿيو سڄيءَ دنيا ۾ هلندا وتن. هن ادب کي بہ بانڪو يا هِپي ادب سڏي سگهجي ٿو. فرق هيءُ آهي تہ بانڪا ۽ هِپي بنيادي طرح رڳو خود سندن واسطي نقصانڪار آهن، پر هيءُ ادب عوام لاءِ قاتل زهر آهي.

## ڪُوڙن جا قسم

ڪُوڙن جا ڪيترائي قسم آهن. هڪڙن ڪُوڙن جا پير هوندا ئي ڪونہ آهن. انهن کي ننڍڙو ٻار بہ ٿڏي تي پڪڙي سگهندو. ٻيا ڪُوڙا اهڙا هوندا آهن، جن جون پاڙون ذري گهٽ جڙ تہ پاتال ۾ هونديون آهن. اهي ڳوهہ وانگر اڳواٽ ڪيتريون اونهيون ڏريون کوٽيو ويٺا هوندا آهن. ڪين ٻوڙائي ٻوڙائي جهلبو، تہ ڪنهن هڪڙيءَ ڏر ۾ گهڙي ويندا. اها ڏر کوٽي، پائنبو تہ پڪڙيا تہ اوچتو لُوهہ ڪري، ٻيءَ ڪنهن ڏر ۾ گهڙي ويندا! ٻيءَ مان ٽينءَ ۾، ٽينءَ مان چوٿينءَ ۾، چوٿينءَ مان وري پهرينءَ ۾...

هن ”نئين“ ادب جا علمبردار بہ هزارين ڪُوڙا آهن. گهڻن شرطي ڪُوڙن کي پڪڙڻ لاءِ بہ ڪافي ذهني ڊُڪ ڊوڙ ۽ علمي ڪوتائي نہ ڪبي ۽ ڪين سيني ٻرن مان ٿڪائي ٻاهر نہ ڪيبو تہ اهي وٺ ئي ڪونہ ڏيندا. چي ”اسين سچا! ڏنو! ڪو پڪڙياسين؟“

اچو تہ هنن جديد ڪُوڙن جي لِڪڻ جون سموريون ڏريون کوٽي ڏسون.

”نئين“ ادب جي پرچارڪ هن ”نئين“ ادب جي انوکيءَ ۽ اچرج جهڙيءَ ”نواڻ“ جي حمايت ۾ طرحين طرحين جا دليل ۽ حُجتون پيش ڪن ٿا. هو چون ٿا تہ هينئين ۽ ٻين سببن جي ڪري ”پراڻو“ ادب موجوده دؤر جي ترجماني ڪرڻ جي لائق نہ رهيو آهي ۽ فقط ”نئون“ ادب ئي اهو فرض انجام ڏيئي سگهي ٿو:

Gul Hayat Institute

(1) هيءُ نئون ۽ نرالو دؤر آهي. دنيا بلڪل بدلجي ويئي آهي. زندگيءَ جون پراڻيون بنيادي ڪان بنيادي حقيقتون بدلجي ويون آهن. پراڻا مُقدس ڪان مُقدس لاڳاپا ۽ اعليٰ ڪان اعليٰ قدر ڀجي ڀُري، پُرزا پُرزا ٿي چڪا آهن. رشتا ناتا ٽُٽي چڪا آهن. اج جي نئين نسل ۽ پراڻي نسل جي وچ ۾ پيڙهي وڇوٽيءَ جي اٿاهه ڪاهي آهي. هن دؤر جي پراڻي پوڙهي پيڙهيءَ ۽ نوجوان پيڙهيءَ جي وچ ۾ بنا اعلان جي اهڙي جنگ هلي رهي آهي، جنهن ۾ ڪنهن به ناهه ۽ سمجهوتي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

(2) ڳوٺاڻو سماج ٽُٽي رهيو آهي. ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ڏڙاڏڙ شهرن ۾ اچي رهيا آهن. اجوڪو انسان خاص ڪري ٻهراڙين ڪان شهر ۾ آيل انسان، اڪيلائپ، اڻ سلامتيءَ، بي حسيءَ، وائڙپ، بي مقصدائيءَ، مونجهاري ۽ پِيڙا جو شڪار آهي. سندس شخصيت ڀجي ڀُري، ڀور ڀور ٿي پئي آهي. سندس اندر ڪاڏل آهي. سندس ظاهر ۽ باطن ۾ تضاد آهي. هو پاڻ تي هڪڙو هٿرادو خول چاڙهي هلڻ تي مجبور آهي. سندس ٻين ماڻهن سان واسطو بي واسطيداريءَ وارو آهي. هو جيڪي ڏسي ٿو سو ناهي، ان جي اُبتڙ آهي.

(3) انساني ٻولي انسان جي اندر جو فقط محدود حدن اندر اظهار ڪري سگهي ٿي. ان جي اظهار جي صلاحيت اجا شروعاتي ڏاڪي ڪان مٿي نه چڙهي آهي ۽ فقط اٽڪل روءِ پنهنجو ڪم ڪري سگهي ٿي. اها ڪنهن به دؤر ۾ انسان جي اندر جي احساسن، جذبن ۽ سوچن جي مڪمل ترجماني نه ڪري سگهي آهي، ڇو ته اها ڪري ئي نٿي سگهي. ان ڪري نئون ادب نئين انسان جي اندر جي دُنِيا جي اظهار لاءِ پاڻ کي روايتي اڻ پوري ٻوليءَ تائين محدود رکي نٿو سگهي.

(4) زندگيءَ توڙي ادب ۽ فن جا پراڻا قدر، پراڻا ادب ۽ فني ٽيڪنڪ، پراڻي زماني جي زندگيءَ، فن ۽ ادب لاءِ مناسب ۽ موزون هئا ته هئا، پر اج جي نئين دؤر جي نئين انسان جي نئين شخصيت ۽ ان جي نَون مونجهارن ۽ پيڙائن جي ترجماني ڪري نٿا سگهن.

(5) فن ۽ ادب جي لاءِ ڪنهن به قسم جي اجتماعي، سماجي يا عوامي مقصد هجڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي. ان جو حقيقي ۽ صحيح مقصد فقط فنڪار ۽ اديب جي اندر جي مونجهارن ۽ پيڙائن جو اظهار آهي. زندگيءَ جون جيڪڏهن ڪي اجتماعي حقيقتون، مسئلا، مونجهارا ۽ حل هوندا ته اهي پاڻهي ڪنهن نه ڪنهن اديب يا فنڪار فرد جي احساسن ۽ سوچن جو روپ وٺي پاڻمرادو پيش ٿي ويندا، ڇو ته اديب ۽ فنڪار به ته ڪي آسمان مان ڪونه ٿا ڪِرن. اهي به هن سماج جو حصو آهن. انهن جي سوچ لازمي طرح پاڻمرادو ماڻهن ۽ سندن سماج جي احساسن، جذبن ۽ سوچن،

Gul Hayat Institute

مسئلن ۽ مونجهارن جو عڪس پيش ڪندي. ان کان الڳ ڪنهن بہ اجتماعي ۽ سماجي سوچ جو تصور ادب ۾ داخل ڪرڻ، ادب جي بي ادبي ۽ نعري بازي ٿيندي.

(6) ادب ۽ فن هر ڪنهن جي سمجهہ ۾ اچڻ جهڙيون ڳالهيون ناهن. انهن کي آباديءَ جو فقط اهڙو تهہ يا طبقو چڱيءَ طرح سمجهي ۽ پروڙي سگهي ٿو جنهن جو ان ذاتهن خاص لاڙو هجي ۽ جنهن ان باري ۾ خاص مطالعو ۽ تجربو حاصل ڪيو هجي.

(7) ان ڪري فن ۽ ادب عام ماڻهن لاءِ نہ آهن. نہ هئڻ گهرجن ۽ نہ وري ٿي سگهن ٿا. اديبن ۽ فنڪارن جو اهو فرض ڪونهي تہ ڪو هروڀرو پنهنجو ادب ۽ فن پڙهندڙن جي دماغ ۽ ذهن تائين رسائين، سندن سمجهہ ۾ آڻين. سندن ڪم آهي تہ جيڪي سندن اندر ۾ آهي، تنهن جو ادبي ۽ فني نموني اظهار ڪري ڇڏين، پريان ڪو سمجهي يا نہ سمجهي، تنهن سان هو بڌل ڪونهن.

(8) سچو پچو ادب ۽ فن پنهنجا تنقيد نگار پاڻ آهن. ڪوبہ بيو ماڻهو چاهي اهو ڪيڏو بہ وڏو نقاد چو نہ هجي، سو سندن اهڙي پرک نٿو ڪري سگهي، جيڪا سندن سمورين ڳالهين بابت هميشہ لاءِ صحيح ۽ قائم رهي. درحقيقت ڪنهن بہ دؤر جي ماڻهن جي اقليت يا اڪثريت پنهنجي دؤر جي ڪنهن بہ ادبي يا فني تخليق بابت اهو قطعي فيصلو ڪري نٿيون سگهن تہ هن دؤر جي فلاڻيءَ تخليق جو رتبو فلاڻو آهي. اهو فيصلو ڪرڻ گهڻن نسلن، دؤرن ۽ صدين جو ڪم آهي تہ فلاڻيءَ تخليق جو تاريخي مُلهہ ڇا آهي. ان ڪري نئين ادب ۽ فن کي ماڻهن جي ٿورائيءَ يا گهڻائيءَ جي پسند يا ناپسند جو محتاج رکي نٿو سگهجي. انهن کي ڪنهن جي تعريف ۽ گِلا کان بي نياز ٿي، پنهنجو رستو وٺي، اڳتي وڌندو رهڻ گهرجي.

(9) نئون ادب خالص ۽ نِجو ادب آهي. اهو زمان ۽ مڪان کان بي نياز هڪڙي آفاقي، ازلي ۽ ابدي شيءِ آهي. شيڪسپيئر، ورجل، هومر، ڪاليداس، ميران ٻائي ۽ لطيف جي عظمت کي ڪنهن خاص زماني يا جاگرافيائي ٽُڪري اندر قيد ڪري نٿو سگهجي. ڪنهن خاص طبقي، قوم يا مذهب تائين محدود ڪري نٿو سگهجي. گُلاب جو گُل هر زماني ۽ هر علائقي ۾ گُلن جو بادشاهہ آهي ۽ سندس خوشبوءِ بي مثال رهندي. روشنيءَ ۽ خوشبوءِ وانگر ادب ۽ فن جو بہ ڪوبہ دين، ڌرم، ڪوبہ طبقو يا مذهب، ڪوبہ رنگ يا نسل ڪونهي. نئون ادب هر گروهي نظريي ۽ طبقاتي مفاد کان پاڪ ۽ بالاتر آهي.

(10) هيستائين جنس کي ادب ۾ جاگيرداري منافقيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي. ان جي مسئلن جو صحيح، ڀرپور ۽ جرئت ڀريو اظهار فقط ”نئون“ ادب ڪري سگهي ٿو وغيره وغيره.

Gul Hayat Institute

ڪاغذ جا گل ڏسڻ ۾ سُھڻا پر خوشبوءِ کان خالي ھوندا آھن. ڪيترين ڳالھيون بہ ڪاغذ جي گُلن وانگر ھونديون آھن. مٿيون ڳالھيون بہ ايئن آھن. ڏسڻ ۾ دلفريب پر حقيقت جي خوشبوءِ کان خالي. منجھن حقيقت واجبي ساجبي ۽ وڌاءُ، ھڪ طرفائي ۽ کوکلي لفاظي گھڻي آھي. مجيل حقيقتن ۾ زباني مرچ مصالحا ۽ لفاظيءَ جو گيھ وجھي، منجھائن وات جو پلاءُ تيار ڪيو ويو آھي.

اچو تہ انھن دليلن ۽ دعوائن کي ورائي ڦيرائي ڏسون تہ منجھن حقيقت ڪيتري قدر آھي ۽ مرچ مصالحو ڪيترو.

**”نواڻ“ جي طوطي ۾ ساھ**

سندن ھن کان اڳ بيان ڪيل دعوائن ۽ دليلن جي پھرئين کان وٺي آخري نُقطي جو تَتُ ھڪڙي ئي اکر ۾ اچي وڃي ٿو. يعني لفظ ”نئين“ ۾. مثلاً ”نئون دؤر“، ”نئون انسان“، ”نئين دؤر جا نوان مسئلا“، ”نئين دؤر جو نئون ادب“ وغيره.

جيئن قديم قصن ۾ جادوگرن جو ساھ اڪثر ڪري ڪنھن طوطي ۾ ھوندو آھي، تيئن ھنن غلط ۽ گمراھ ڪندڙ دعوائن ۽ دليلن جو ساھ لفظ ”نئين“ جي ھٿرادي ۽ جُڙتو معنيٰ جي طوطي ۾ سمايل آھي. ان طوطي جي چڱيءَ طرح خبر وٺبي تہ ھنن جي سموري جادونگريءَ جو مانداڻ ڊھي اچي پٽ پوندو.

لفظ ”نئين“ جي اوٽ ۾ ھنن موجوده دؤر کي ھڪڙو ازغيبي برڙباڪاس بڻائي وڌو آھي. ھنن اھو ڄڻ ڪنھن راڪاس ٺاھيندڙ فيڪٽريءَ مان خاص آرڊر ڏيئي، پنھنجي پسند جي ماپ ۽ ڊزائن تي، خاص پنھنجي ذاتي استعمال لاءِ ٺھرائي، ھينئر ئي آندو آھي. ان برڙباڪاس سان نہ ڪو فطرت جو قاعدو قانون لاڳو آھي، نہ انسان جو. ان جي نہ ڪا اڳ آھي نہ پُٺ. اھو نہ ڪٿان آيو آھي ۽ نہ ڪيڏانھن ويندو. بس پنھنجي سر پاڻ آھي. ذري گھٽ ”نہ ڪنھن ڄائو ڄام ڪي، نڪو ڄام وياء“ وارو لقاءُ آھي! ڄڻ ان جي اچڻ سان سموريون تاريخون ۽ جاگرافيون، سمورا فطري، سماجي، جدلي ۽ منطقي قانون قاعدا، سمورا علم ۽ سائنسون منسوخ ٿي ويا. جيڪي اڳ ھو سو سمورو رد. ماضيءَ کي ليڪ. روايت کي ليڪ. ورثي کي ليڪ. فارغ ۽ سماج جي ڳانڍاپي ۽ تسلسل کي ليڪ. زندگيءَ جي صفحي تان پيھر ھرڪو اکر ”نئين“ جي ربڙ سان ميسارجي ويو. ھاڻ فقط سفيد اڇو پنو رھيو. اھو آھي نئون دؤر. ان سفيد اڇي پني تي اسان جا جديدي لکڻ وارا جيڪي لکندا سو ئي ھلندو. بي ھر شيءِ رد ۽ باطل. ماٺھن کي اھو لکيو پنھنجي نصيب جو لِکيو سمجھي قبول ڪرڻو آھي. ”لِکڻ واري جيڪي لِکيو! لِکيو! ھئہ ڙي لِکيو!“

**نئون!**

Gul Hayat Institute

”نئين“ جو تصور نهايت من موهيندڙ آهي! اهو هر وقت سورنهن سينگار ڪريو اسان جي تخيل جي سيج تي ويٺو آهي. اسان جي ذهن جو تصوير–گهر، سوين هزارين نين شين ۽ ڳالهين جي خوبصورت تصويرن سان سينگاريل آهي. نئين جي تصور ۾، بهار جي تازين ڪِڙيل، ماڪ پِنل، مُڪڙين جون سرهاٽيون، سانوڻ جي پهرين وسڪارن جا سُر ۽ ساز، ڪِنوٽين جا تجلا، پهرين پيار پريل نگاهن جا جادو، پهرئين پيار جا خُمار، پهرئين انجام جون بي قراريون ۽ پهرئين وِصل جون سرمستيون ۽ سرشاريون، نين ڪنوارين جون لڄاريون، مُرڪون ۽ مائرن جي هنجن ۾ معصوم ٻارن جا ٽهڪڙا سمايل آهن.

ٻين بي انداز خوبصورت ۽ من موهيندڙ شين ۽ ڳالهين وانگر، هن خوبصورت ۽ من موهيندڙ تصور کي بہ عوام دشمن پنهنجي مُردار ۽ پليت مطلبن لاءِ ناجائز طرح ڪتب آڻيندا رهيا آهن. جديدي بہ ايئن ڪن ٿا.

ان ڪري اڇو تہ ٿورو پنهنجي دماغ کي تڪليف ڏيئي ويچار ڪريون تہ ”نئين“ جي تصور ۾ درحقيقت ڪيتري قدر حقيقي نواڻ آهي ۽ ڪيتري قدر ڪانهي. خود نواڻ ڪهڙين حالتن ۾ ماڻهن جي فائدي لاءِ آهي ۽ ڪهڙين حالتن ۾ نہ. آخر ۾ اهو بہ پتو ڪيندا هلون تہ هي جديدي همراهہ جو ”نئين“ جي لفظ لاءِ هيئن ”قربان!“ ”قربان!“ پيا ٿين ۽ ”نئون! نئون!“ ڪريو اصل مريو ٿا پون، تنهن جو اصل راز ڪهڙو آهي.

سڀ کان پهرين سوال اهو آهي تہ ڇا هر نئين شيءِ يا ڳالهہ لازمي طرح سُٺي آهي ۽ ان معنيٰ ۾ ”نئين“ سڏائڻ جي لائق آهي، جنهن معنيٰ ۾ ماڻهو ”نئين“ تي فدا آهن؟ ”نئين“ جي اکري معنيٰ آهي، اها ڳالهہ يا شيءِ جيڪا اڳ ڪانہ هئي ۽ اِجها هاڻ پيدا ٿي يا آئي آهي. ڪيتريون ئي نيون شيون ۽ ڳالهيون تمام خراب ۽ ٻڇڙيون بہ ٿي سگهن ٿيون. مثال طور: نئين برطرفي، نئين بيماري، نئون دوکو، نئون ڪيس، نئون ايڪسيڊنٽ، اهي سڀ لفظي معنيٰ ۾ نوان ئي آهن، پر جنهن معنيٰ ۾ نئين شيءِ سُٺي سمجهبي آهي، ان معنيٰ ۾ نوان يعني خوبصورت ۽ پيارا ناهن، بلڪ ان جي اُبتڙ آهن.

تنهن کانپوءِ سوال آهي تہ ڇا دُنيا ۾ واقعي ڪي اهڙيون قطعي نيون شيون ٿينديون آهن ڇا، يا ٿي سگهن ٿيون، جي اڳي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن بہ حد تائين موجود نہ هجن ۽ بلڪل قطعي طرح هر ڳالهہ ۾ نيون نِڪوريون ۽ بنهہ هيئنر ئي پيدا ٿيل هجن؟ جواب آهي تہ ايئن نہ ٿي سگهي ٿو ۽ نہ ڪڏهن ٿيو آهي. انگريز انهيءَ ڪري چوندا آهن تہ، ”There is nothing new under the sun“، ”هن آسمان هيٺان ڪابہ شيءِ نئين ناهي.“ سائنس اسان کي ٻُڌائي ٿي تہ سڀ شيون مادي مان ٺهيل آهن ۽ مادو ڪڏهن بہ قطعي طرح ختم نٿو ٿئي. فقط پنهنجي صورت بدلائي ٿو. گرميءَ ۾ سمنڊ جو پاڻي ڦري بخار جي صورت ۾ اچي ٿو. بخار

Gul Hayat Institute

مان ڪڪرن جي صورت وٺي ٿو. ڪڪرن مان پاڻيءَ جي صورت وٺي زمين تي ڪِري ٿو. زمين تي اهو گاهن ۽ ٻوٽن ۾ جذب ٿي، ٻوٽن جي نون خلين جي حصن جو روپ وٺي ٿو. اتان اهو جانورن جي پيٽ ۾ داخل ٿي ان جو جزو بڻجي ٿو. ماڻهوءَ جي بدن مان اهو پگهر وغيره بڻجي گرميءَ ۾ بخار جو روپ وٺي، فضا ۾ ٻئي بخار ۾ شامل ٿئي ٿو ۽ نيٺ ڪڪر بڻجي مِينهن جو پاڻي بڻجي وسي ٿو ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ سان گڏجي سمنڊ ٿئي ٿو. وري ساڳيو چڪر شروع ٿي وڃي ٿو.

اها ڳالهه رڳو اڄوڪن نه، پر اڳوڻن سائنسدانن کي به معلوم هئي. اڍائي هزار ورهيه اڳ يوناني سائنسدان ائين ايگزاگورس (500 ق.م – 422 ق.م) چيو ته، ”ڪائنات ۾ مڪمل ۽ قطعي طرح نيون شيون ٿينديون ئي ناهن.“

دراصل ڪائنات ۾ ڪا به شيءِ يا ڳالهه قطعي ڪانهي. هر شيءِ، هر ڳالهه نسبتي يا مشروط آهي، يعني فقط ڪن حالتن ۾ ۽ ڪنهن حد تائين آهي. جيڪو ٻار ٻنهه به منٽ اڳ ڄائو آهي، ڇا اهو به بلڪل نئون ماڻهو آهي؟ سندس اکيون ۽ نڪ چڱيءَ طرح جاچي ڏسو! ڇا اهي گهر جي ڪنهن نه ڪنهن ماڻهوءَ جي اکين ۽ نڪ جهڙيون ناهن؟ ويندي منجهس ڄائي ڄمندي بيماريون به اهي ئي پراڻيون ٿي سگهن ٿيون، جيڪي سندس مائٽن ۽ وڏن ۾ پُشتا پُشت هلنديون اچن. اهو ٻار بيشڪ نئون آهي پر قطعي نئون ڪونهي، اهو فقط نسبتي طور ۽ هڪ حد تائين نئون آهي.

ڪلهه ڄاول چيني ۽ جپاني ٻار جو نڪُ اهڙو ئي منو ۽ اکيون اهڙيون ئي پيٽل هونديون جهڙيون ايامن کان وٺي ان نسل جي ماڻهن جون هلنديون اچن!

**خصوصيت ۽ عموميت**

هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جو هڪ خاص پاسو ۽ هڪ عام پاسو هوندو آهي. هر ڳالهه ۾ ساڳئي وقت ڪافي ذاتي خصوصيتون به آهن ته ٻين سان گڏيل ڪي هڪجهڙايون يعني عموميتون به آهن.

Gul Hayat Institute

ان ڪري اها ساڳئي وقت خاص به آهي ته عام به آهي. هن خاص ماءُ پوٽينڙيءَ جو ٻار اِجهو اڄ ڄائو. هن خاص ڇوڪريءَ پنهنجي محبوب کي سلام ڦيريون پيرو اڄ موڪليا آهن. انهن لاءِ اهي خاص ڳالهيون آهن. پر مائون، پوٽينڙيءَ جا ٻار لکين سالن کان ڄڻينديون اچن ۽ جوان پنهنجي محبوبائن کي ڦيريان سلام جُڳن کان ڏيندا اچن. ان ڪري دنيا لاءِ اهي عام ڳالهيون آهن.

اِجهو هينئر تازي پاڻيءَ سان ڀرجي آيل جيڪو گهڙو اسان جي اڳيان رکيو آهي، ان جو پاڻي تازو به آهي ته ڪروڙين سال پراڻو به آهي، ڇو ته ڪروڙين سالن کان ڌرتيءَ تي هڪڙو به پاڻيءَ جو اهڙو ڦڙو ڪونه ونو آهي، جيڪو قطعي نئون هجي!

اڄوڪو دؤر نئون برابر آهي پر قطعي ۽ مڪمل طرح نئون ڪونهي. اهو فقط نسبتي طرح نئون آهي. ڪن ڳالهين ۾ ۽ ڪنهن حد تائين نئون آهي.

**نوان دؤر**

نوان دؤر جُڳن کان ايندا رهيا آهن. رڳو سياسي تاريخ جي خيال کان ئي وٺجي ته ويهه سال اڳ هتي 1954ع ۾ پهريون دفعو ون يونٽ جو "نئون دؤر" آيو هو. هوبهو ان جهڙو دؤر اڳ ڪونه هو. ان کان اڳ 1843ع ۾ انگريزن جو "نئون دؤر" آيو هو. تنهن کان اڳ ڪلهوڙن جو "نئون دؤر"، مغلن جو "نئون دؤر"، ترخانن، ارغونن، سومرن، سمن، عربن، برهمڻن ۽ راءِ گهراڻي جا "نوان دؤر" آيا هئا. ان کان اڳ سڪندراعظم جي نئين ڪاهه هڪ "نئون دؤر" آندو هو. ان کان اڳ بي انداز نوان دؤر آيا هئا. اهي سڀ نوان دؤر هئا. سڀ هڪٻئي کان تمام گهڻو مختلف ۽ نرالا هئا. پر ڇا اهي قطعي ۽ مڪمل طرح نرالا ۽ هڪٻئي کان قطعي ۽ مڪمل طرح مختلف هئا؟ منجهن ڪابه شيءِ مشترڪ ڪانه هئي؟ مثال طور ڇا انهن سمورن دؤرن ۾ ماڻهن جي وڏي اڪثريت ساڳئي نموني پورهيا ڪندي ۽ بُکون ڪانه ڪاٽيندي هئي ۽ ماڻهن جا ننڍڙا ٽولا موجون ڪونه ماڻيندا ۽ حڪم ڪونه هلائيندا هئا؟ ڇا ماڻهو ساڳئي نموني گذر لاءِ ڪشالا ڪونه ڪيندا هئا؟ پيار ۽ دوستيءَ لاءِ ڪونه واجهائيندا هئا؟ پاڻ ۾ رُسندا ۽ پرچندا ڪونه هئا؟ وِصل ۽ وڇوڙي جا گيت ڪونه ڳائيندا هئا؟ لڙايون، جنگيون ڪونه ڪندا هئا؟ ڇا انهن سيني دؤرن ۾ پوليس جا پهرا، جيل، جلاد، بيماريون ڪونه هيون؟ هڪ طرف تعصب، نفرت، ظلم ، ٻئي طرف محبتون، قُرب، ڪچهريون ۽ شغل ڪونه هوندا هئا.

انسانن جا مسئلا ساڳئي وقت وقتي ۽ نوان به آهن ته دائمي ۽ پراڻا به آهن.

Gul Hayat Institute

**باب ٽيون**

# دلين جو درد – نئين کوجنا ؟

سُــورن ســانديياس، پُــورن پــالي آهيــان،
جيڪــر آءُ هُيــاس، ڪــاگري گونــدر ول جــي.
(لطيف)

پيڙهي وچوٽيءَ جي ڳالهه ڪي وٺو. ڇا، ماڻهن اولاد فقط هن دؤر ۾ ڄڻڻ شروع ڪيو آهي؟ اولاد ۽ مائٽن جي خيالن ۾ فرق فقط هن دؤر ۾ ئي پيدا ٿيو آهي؟ ڇا اڳين دؤرن جا ماڻهو سدائين ايئن سوچيندا، چوندا ۽ ڪندا هئا، جيئن سندن مائٽ سوچيندا، چوندا ۽ ڪندا هئا؟ جي ايئن هجي ها ته ماڻهو اڃا تائين غارن ۾ ڪونه وينا هجن ها؟ ڇا نئون نسل، هينئر ئي، هن دؤر ۾ ئي، آسمان جي ڳڙي وانگر مٿان ڪِريو آهي؟ ڇا اڳي نوان نسل ڪونه هوندا هئا. اهي اڳين نسلن سان زبردست اختلاف ڪونه رکندا هئا؟

هر ڪا شيءِ ڪنهن ٻي شيءِ مان پيدا ٿي آهي ۽ سندس پيٽ ۾ سُپان پيدا ٿيڻ واري ڪا ٻي شيءِ سرجي رهي آهي. هر شيءِ جنهن مان پيدا ٿي آهي، تنهن جو ۽ جيڪي منجهائنس پيدا ٿيڻ وارو آهي، تنهن جو ميلاپ آهي. هر شيءِ ۾ ڳالهه ماضيءَ، حال ۽ آئيندي جو سنگم آهي. هر شيءِ ۾ ڳالهه ٻي انت ڪائنات ۽ ٻي انت وقت جي چوواٽن تي بيٺل زمان ۽ مڪان جو هڪ اهڙو سنگ ميل ۽ حد نشان آهي، جيڪو سيني ڏسين ۽ زمانن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو.

**خلا ۾ لٽڪيل، سيل مهر ٿيل دؤر!؟**

اڄوڪو دؤر ڪو اهڙو خلا ۾ لٽڪيل، چئني طرفن کان سيل مهر ٿيل دؤر ڪونهي، جنهن ۾ ٻين دؤرن جي هوا بہ اچي نہ سگهي، جيڪو قطعي نرالو قطعي بي مثال ۽ قطعي ڌار هجي.

ان جي خصوصيتن توڙي عموميتن ٻنهي کي ڌيان ۾ رکڻ بدران ان جي فقط خصوصيتن ۽ نرالاين تي اجايو زور ڏيڻ ۽ سندس عموميت کي، سندس ٻين دؤرن



Gul Hayat Institute

سان هڪجهڙاين کي صفا نظرانداز ڪرڻ، هن دؤر جي تصور کي بگاڙڻ ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ آهي.

هيءُ دؤر هڪ اهڙو نئون دؤر آهي، جنهن ۾ نہ رڳو ماضيءَ جي سمورن دؤرن جو سلامت رهڻ جهڙو سماجي جوهر سمايل آهي، پر سندس پيٽ ۾ ايندڙ نون سماجي دؤرن جا ٻج بہ موجود آهن ۽ موري رهيا آهن. سياڻي اهي پنهنجا سَلا ۽ گونچ ڪڍندا.

هن دؤر جي ٻين دؤرن سان تسلسل، ساڻن لاڳاپن ۽ هڪ جهڙاين کي نظرانداز ڪري، ان کي هڪڙو ابوبهر ڪري ڇو ٿو پيش ڪيو وڃي؟ ان ڳالهہ جو ”روحاني راز“ ڪهڙو آهي؟

## جديدي ماما پَٽ ۾ ڇو پيا آهن؟

ڳالهہ ڪندا آهن تہ ٻار ماءُ کي چيو تہ، ”امان! ماما چريو ٿي پيو آهي! اڄ وچ بازار ۾ پَٽ تي سمهي رهيو!؟“ ماءُ چيو ”ابا! ماماهين واپاري ٻچو آهي. ان چرپڻ جو بہ ڪو مطلب هوندو. ڪو پيسو پٽ تي ڏٺو هونداين جو هوندئن لِڪائي نہ ڪٽي سگهيو هوندو تہ ايئن ڪنيو هونداين!“ ڳالهہ بہ اها هئي.

سو هن ”نئين دؤر“ جي رٽ ۾ بہ هنن ”جديد“ اديب مامائن جو وڏو مطلب آهي. هن دؤر کي هو اجهو هينئر آسمان مان ڪِريل، ڀُڙو ڪري، انهيءَ لاءِ پيش ٿا ڪن تہ جيئن ان هٽرادي، خاص الخاص ”نواڻ“ جي آڙ ۾ هو هن دؤر کي، پنهنجيءَ پَر ۾، سماجي ۽ ادبي تاريخي تسلسل، اڳ پُٺ ۽ رشتن ناتن کان ڪاٽي، ڪيس اڪيلو ئي اڪيلو لاوارث ڇورو ڇِنو سماجي دؤر ”ثابت ڪري“ پاڻ کي سندس اڪيلو وارث ثابت ڪري، ڪيس هر ڳالهہ ۾ رڳو نرالو ئي نرالو ڏيکاري، مٿس پنهنجو نرالو ادب ۽ نراليون ادبي ڪسوٽيون ۽ نرالا ثقافتي فرمان مڙهي سگهن. ان مها نواڻ جي امرت ڌارا سان هو هر ”مرض“ جو علاج ڪري سگهن ٿا ۽ هر ”مصيبت“ کي منهن ڏيئي سگهن ٿا.

مثال طور جي چئبن تہ ”ٻوليءَ جي پيڙي نہ ٻوڙيو!“ تہ چوندا، ”’نئين‘ دؤر جي ’نون‘ ماڻهن جي ’نون‘ احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪندڙ ’نئون‘ ادب پراڻي ٻوليءَ ۾ لکي نٿو سگهجي!“ چئبو تہ ”ادب عظيم مقصدن ۽ عظيم فن جو سهڻيءَ صورت ۽ سهڻيءَ سيرت ٻنهي جو سنگم ۽ ميلاپ هئڻ گهرجي“ تہ چوندا تہ ”اها پراڻي دؤر جي ڳالهہ آهي. ’نئين‘ دؤر سان پراڻا ادبي قدر ۽ ڪسوٽيون لاڳو ئي نٿيون ٿي سگهن.“

اهڙيءَ ريت لفظ ”نئين“ جي بيهودي رٽ لڳائڻ سان هنن کي ادب خلاف هر جهالت ۽ بيهودگي ڦٻي سگهي ٿي. ان ڪري هو رڙ ڪريل لفظ ”نئون“ کي ڇُهتي پيا آهن ۽ ا ن کي ڍال بڻائي، بنا روڪ ٽوڪ جي، ادبي ۽ فني ميدان ۾ عوام خلاف سنگين ثقافتي جرم ڪري رهيا آهن.

## پيڙا جي ”ايجاد!“

جديدين جي ڇوڙ موجب سندن جُڙتو جديد ادب جيڪو وڏي ۾ وڏو تير ماري ٿو سو آهي انسان جي اندر جي پيڙا جو اظهار ڪرڻ. ان ڳالهہ کي هو ”اندر جي پيڙا“، ”پيڙا

Gul Hayat Institute

جي احساس“، ”ذات جي انڪشاف“، ”اندر جي ٻرڻ ۽ ٽُٽڻ“، ”پرڻ پڄڻ جي ماتم“، ”ذات جي اظهار جي سچائي“، ”ٽڙندڙ-پکڙجندڙ پڄندڙ پُرندڙ قدرن“ ۽ ”علامتن جو ترجمان“ ادب سڏين ٿا ۽ ”هيءَ پيڙا، هي سناٽو منهنجي اندر جو!“ جا نعرا هڻي، وڏي فخر سان چؤطرف لوٽا هڻي، پنهنجي ان ڪوڪليءَ لفاظيءَ ۽ مخرج جو داد طلب ڪن ٿا.

ڇا انسان جي دل ۾ درد، ڪا نئين سائنسي کوجنا آهي، جيڪا هينئر هن ”جديد سماجي سائنسدانن“ اوچتو ڪري وڌي آهي؟ ڇا اڳ انسانن کي ڏک ڪونہ هئا؟

برابر، اڄ عوام دشمن قوتون انسانيت کي عام تباهيءَ جي اوڙاهہ جي ڪناري تي بيهاريو، ڪيس ان ۾ ڌِڪو ڏيڻ جي سعيي ۾ آهن. برابر اڄ جي هٽلرن، مسولينين، پهلوين ۽ سندن جانشينن، عوام لاءِ اهڙا اهڙا وحشي عذاب ايجاد ڪيا آهن، جن جو چنگيزن ۽ هلاڪوئن ۽ نادرن کي پتو بہ ڪونہ هو. برابر اڄ بہ انسانن جي اڪثريت جي زندگي جڻ جيئري دوزخ جي برابر آهي، پر ڇا هاڻي وانگر اڳي بہ غلامداري ۽ جاگيرداري ۽ پيداواري لاڳاپن ۽ انهن جي پيڙهہ تي اڏيل غلامداري جاگيرداري ريتن رسمن جا راڪاس ”آدم بوءِ، آدم بوءِ!“ ڪندا، انسانن جي جسمن ۽ روحن کي چيپاٽيندا ڪونہ رهندا هئا؟ ڇا طبقاتي سماجن جي قائم ٿيڻ جي روز اول کان وٺي، ڊڪٽيٽري نظامن جي وحشي اونداهين جي ڀيانڪ، نہ ڪُٽندڙرات ۾، ڦورو ۽ ظالم طبقن هٿان عام انسان اندر ۾ سڙندو ٻرندو، پڄندو ۽ رجهندو ۽ وِهُہ جا وٽا پيئندو ڪونہ رهيو آهي؟ هنن هومرن، ورجلن، شيڪسپيئرن، حافظن، رومين، ڪبيرن، تُلسيداسن، ميران ٻاين، لطيفن ۽ سانوڻ فقيرن، پنهنجي درديلن گيتن، نغمن ۽ بيتن ۾ سمايل لافاني درد جا املهہ موتي تڏهن ڪنهن جي دلي جي ڏک جي سمنڊن جي پاتال مان ٻُولي هٿ ڪيا هئا؟ هن گونگي ٻوڙي ڌرتيءَ جي سيني ۾ جيڪي ڊيل دانهن گهُٽيل آهُن جا طوفان ۽ گونگن لڙڪن جا سمنڊ دفن ٿيل آهن، سي تڏهن ايئن سڪٽا بي سبب آهن؟

ڇا اندر جو حال اورڻ ادب ۽ فن ۾ اهڙي پراڻي ڳالهہ ناهي جهڙا هن ڌرتيءَ تي پاڻي، وڻ ۽ پٿر!

اٽڪل اڍائي سَئو سال اڳ لطيف پنهنجو پڇندڙ اندر هھڙين لافاني سٽن ۾ اوريندو هو:

ڪڏهن ڪڏهن جيڏيون، ڪو پهہ اچيو پوءِ،
سو پڻ ساڙو هوءِ، جو آهي ساهُہ سرير جو!

_ _ _ _ _ _ _ _ _

مٿ مٿ سورن سپ ڪنهن، مون وٽ وٿاڻان.

_ _ _ _ _ _ _ _ _

ســـــور مَر ڏي ڏوڻ، آءُ اڳيئـــــــي كـــــــاهري،
جـــا پـــر پـــاڻيءَ لـــوڻ، ســـا پـــر منهنجـــي جنـــدڙي!

- - - - - - - - - -

اڏوهـــــيءَ جـــئن ڏكـــڙا، چڙهيـــا چـــوتيءَ ســـيئن!
گونـــــدر مٿـــــان جنـــدڙيءَ ويـــا ولـــين جـــئن!

كانئس هڪ صديءَ پوءِ دهليءَ ۾ مير تقي مير پنهنجي حال تي هينئن افسوس كندو هو:

سرِ شام ہی بُجھا رہتا ہے،
دل ہوا ہے چراغ مفلس کا!

(كنهن مسكين جي ڏِيئي وانگر منهنجي دل سانجهيءَ كان ئي وساڻي وساڻي پيئي آهي.)

۽ سندس هم عصر خواجہ مير درد ههڙا درديلا غزل چوندو هو:

زندگی ہے یا کوئی طوفان ہے،
ہم تو اس جینے کے ہاتھوں مر چلے۔

۽ غالب چئي ويو آهي:

زندگی اپنی گر اس طرح سے گذری غالب،
ہم بھی کیا یاد کرینگے کہ خدا رکھتے تھے۔

- - - - - - - - - -

اب تو گھبرا کے یہ کہتے ہیں کہ مر جائینگے،
مر کی بھی چین نہ پایا، تو کدھر جائینگے۔

انهن كان سَوين سال اڳ سورهين صديءَ ۾ شاهہ كريم هي ڏكارا بيت پئي چيا:

آيـــل ســـھڻو در، ســـوھڻي كـــام وســـھي،
سُـتي هئـڙم گـڏ، جـان جاڳـان تـان ناهـہ پـرين!

- - - - - - - - - -

ســـيئي ســـيلهہ ٽيـــام، پڙهيـــام جـــي پاڻـــان،
اكـــر اڳيـــان ايـــري، واڳـــوٽـــي وريـــام.

شاهہ كريم كان چار سَئو سال اڳ ٻارهين صديءَ ۾ پاك پٽڻ جي شيخ فريد پنهنجي دل جو درد ههڙن سنڌيءَ ڳاڏڙ بيتن ۾ بيان پئي كيو:

Gul Hayat Institute

فريــدا ڏُکــان ســيتي ڏيــنهن ڳيــا، ســولان ســيتي رات،
کـــــڙا پڪـــــاري پـــــاٽڻي، ٻيـــــڙا کپـــــر وات.

(فريد! ڏينهن ڏکن ۾ گذري ويو ۽ رات سورن ۾. مٿان پاٽڻي ٻيڙو دانهون ڪري ته پنهنجو ٻيڙو ڪُنن جي وات ۾ اچي ويو!)

فريــدا مــين جاڻيــا دک مجهــ کــو دک ســبا اي جــگ،
اُچــي چڙهــ کــي ويکيــا، تــان گهــر گهــر ايهــا اڳ.

(فريد! مون ڀانيو ته رُڳو مون کي ڏک آهن پر ڏک سڄي جهان کي آهن. مٿي ڪوٺي تي چڙهي ڏٺم ته گهر گهر اها ئي ڏک جي آڳ پيئي ٻري!)

جي اجا به ڪيئي صديون، گهڻيون گهڻيون صديون پوئتي، تاريخ جي شروعات جي ڪوهيڙي ۾، جڏهن روم ته ڇا، يونان به ڪجهه ڪونه هو، تڏهن فرعونن جي دؤر جي قديم مصر ۾، ”راڳيندڙن جي گيتن“ (Songs of the Harpers) جا پڙاڏا ٻُڌڻ ۾ ايندا، جن ۾ زندگيءَ کان عاجز اهڙن ڏُکي انسانن جون درديليون ڪهاڻيون سمايل هيون، جيڪي ان زندگيءَ کان موت بهتر سمجهندا هئا. اهي ڏکارا گيت قبرن تي اُڪيري ڇڏيا هئا. انهن مان هڪڙي جو عنوان هو:

”زندگيءَ مان عاجز انسان“ “The man who was tired of life” جو گيت.[1]

دراصل موجوده دؤر جي هر بڇڙائي، ڦُرلٽ ۽ وحشانيت جي باوجود، زماني ۾ جيئڻ پوئتي وڃجي، تيئن عام انسان جي زندگي وڌيڪ مجموعي غيرمحفوظ، وڌيڪ سُڃي، سکڻي، وڌيڪ اذيتناڪ اچي ٿي. اجوڪي عالمي سرمايه داري/ پورهيت دؤر کان جاگيردار عالمي دؤر عام انسانن لاءِ وڌيڪ اذيتناڪ هو. ان کان غلامدار دؤر اجا به وڌيڪ وحشي ۽ بي رحم هو. اڄ به دنيا جي ملڪن جي ماڻهن جي اڪثريت فاقن ۾ آهي، اُگهاڙي آهي، پر اڳ ماڻهو ٻار وڪڻڻ تي مجبور ڪيا ويندا هئا. ماڻهو بک جي انڌ وچان ٻئي ماڻهُوءَ کي کائيندو هو. روز ڪونه ڪو چنگيز، تيمور، نادر شاهه، شاهه شجاع پارو علائقي يا بين الاقوامي بدمعاش، لوفرن ۽ ڌاڙيلن جا ڌمبلا وٺيو ڊڊا ڊوڙائيندو، نعرا هڻندو، ماڻهن جي مٿان ٽُورو ٽيو بيٺو هوندو هو ۽ ڪُوسَ ڪريو، گهر ساڙيو، سندن ٻار ٻان ڪريو ٻارن ٻچن کي نڪن ۾ سُوئا ٽُنبيو ناڪيليون وجهيو، گهوڙي پُٺيان ڊوڙائيندو، ڪٽيو ويندو.

اڄ به پنهنجي حقن جي گهُر ڪرڻ وارن سان ڇا نه ڪيو وڃي ٿو! پر اڳي حالت اجا به بدتر هئي.

**سِرُ به وڏيءَ سفارش سان لهندو هو!**

[1] اينسائيڪلو پيڊيا برٽنيڪا، ص: 1088

Gul Hayat Institute

اڳي عوام جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ يا سياسي اختلاف رکڻ واري کي تلوار جي هڪ ڌڪ سان سِسِي لاهي يا ڦاسيءَ جي جهٽڪي سان پورو ڪرڻ جي نرم سزا ڪا ورلي ۾ وڏيءَ سفارش ۽ اثر رسوخ سان ملندي هئي. اڪثر ڪين اهڙا پيانڪ ايذاءَ ڏئي ماريو ويندو هو. جو سندن مائٽ رحم جون اپيلو ڪندا هئا تہ هنن کي هڪدم ختم ڪيو وڃي! منصور کي جڏهن ڦٽڪا هڻي، سندس کَل ماس تان اُڏائي، سندس هٿ پيرُ وڍي، پوءِ سندس رَتُ ڳاڙيندڙ ڍڍڙيءَ کي سوريءَ تي ٽنگيو ويو. تڏهن سج لٿي مهل ڪن خدا ترسن وڏي اثر رسوخ سان آخر اهو "رحمدليءَ" وارو فرمان جاري ڪرايو تہ هاڻي پلي ڌڪ هڻي، سندس سِسِي لاهي، کيس وڏيڪ عذاب کان ڇڏايو وڃي، پر شهر جي ڪوتوال قانوني اعتراض اُٿاريو تہ "هاڻ سج لهي ويو آهي، وقت ختم ٿي ويو آهي، سِسِي سڀاڻي لهندي، اڄ نہ!"

اميرالمومنين عبدالله بن زبير رضہ جيڪو حضرت علي رضہ کان پوءِ خليفو ٿيو ۽ جنهن کي مڪي شريف کي جلائيندڙ صحابہ ڪرام ۾ پين لکين مسلمانن جي قاتل، سنڌ تي چڙهائي ڪرائيندڙ ۽ اسلامي تاريخ جي چنگيز، حجاج بن يوسف، شهيد ڪرائي، کيس سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو. تنهن جي لاش کي ڪيترن ڏينهن بعد بہ ٽنگيل ڏسي، ماڻس بي بي اسماءَ رضہ هيءُ دل ڏاريندڙ جملو چيو هو "هيءُ شهسوار اڃا گهوڙي تان نہ لٿو آهي!" سوار ڏينهن جا ڏينهن گهوڙي تان نہ لٿو. حڪم ڪونہ هو.

وقت جي فرعونن جي مخالفن جي لاشن سان جنگ اتي بہ ختم ڪانہ ٿيندي هئي. لاش دفن ڪرڻ لاءِ مائٽن جي حوالي ڪرڻ بدران پٽ تي اُڇلائي ڪتن ۽ ڳجهن جي حوالي ڪري، مٿن پهرو بيهاريو ويندو هو تہ متان مائٽ لڪ چوريءَ ڪُتن ۽ ڳجهن کان ڇڏائي، ڪٽي وڃي، دفن نہ ڪري ڇڏين!

جيئري کَلون لاٿيون ونديون هيون. پاليل نانگن جي کوهن ۾ ٻُکين بگهڙن ۽ شينهن جي پڃرن ۾ اُڇليو ويندو هو. جيئري گڏهہ يا ڍڳي جي کَل ۾ سبي ڇڏيو ويندو هو. کَل سُڪندي هئي تہ بدن کي پيڙيندي هئي ۽ ماڻهو پيڙجندو ويندو هو.... پهريائين ڪاساين جي ڪاتين سان اکيون ڪڍائي، پوءِ هاٿين هيٺان چيپاٽيو ويندو هو. جيئري زمين ۾ دفن ڪرايو ويندو هو. جيئري پِٽين ۾ لنبائي ڇڏيو ويندو هو. هڪڙي ماڻهوءَ جي ڏوهہ ۾ان جي پڙ ڏاڏي جي جڻ ٻچي ۽ سندس جڻ ٻچي کي ختم ڪيو ويندو هو!

دُنيا جي ڦورو ۽ ظالم نظامن ۽ طبقن جي انسان ذات خلاف ڏوهن جي تاريخ اسان جي وهم ۽ گمان کان وڏيڪ پيانڪ ۽ لُڱ ڪانڊاريندڙ آهي. اڄ، جو رجعت پرست اڳوڻي زماني کي ياد ڪري چپ پيا چَٽين ۽ ان کي وري ماڻهن تي مسلط ڪرڻ لاءِ واجهہ پيا وجهن، سو بہ ان ڪري، تاريخ بظاهر پاڻ کي دهرائي ٿي. ساڳيا ڏک، ساڳيون تباهيون، ساڳيا ظلم، ساڳيا بيداد بار بار عوام تي نازل ٿين ٿا ۽ انهن جو هڪڙو اڻ ڪُٽندڙ سلسلو هليو اچي، پر اهو دهرائڻ جو عمل هر دفعي اڳي کان

Gul Hayat Institute

اوچيءَ سطح تي ٿئي ٿو چو تہ هر دؤر ۾ عوام اڪثر انفرادي طرح ۽ وچ وچ ۾ اجتماعي طرح، ڦورن ۽ ظالمن ۽ سندن نظام خلاف هزارين لکين مختلف طريقن سان وڙهندا، طوفان اُٿاريندا، انقلاب آڻيندا ۽ انهن کي وِک وِک تي وڏيڪ ڪمزور ڪندا ۽ ڪائنن ڪڏهن ٿورا ٿورا ڪڏهن وڏا وڏا حق حاصل ڪندا رهن ٿا.

ان ڪري مجموعي طور اڳوڻي زماني جي انسانن جون زندگيون اڄ کان ڪَئِين دفعا وڏيڪ ڏکن سورن سان پريل هيون.

جيتري قدر اسان جي پيڙائي حضرات ۽ سندن سفيد پوش طبقي جو تعلق آهي، اڄوڪي دؤر ۾ بہ جڏهن جتي جتي ڦورو ۽ ظالم نظام رائج آهي، اتي پورهيت عوام جي زندگي دوزخ جي برابر آهي ۽ سندن دلين ۾ دکن جا ڪورا پيا پرن. تڏهن پڙهيل سفيد پوش طبقي جا نسبتاً پتڪڙا ڏک انهن جبل جيڏن سورن سان پيٽڻ جڻ درحقيقت سفيد پوش طبقو مجموعي طرح پنهنجي خاص ماحول جي تربيت (Conditioning) سبب پورهيت خاص جي اڄوڪن سورن ۽ ڏکن کي پرکڻ ۽ سمجهڻ تہ ڇا، رڳو انهن جو تصور ڪرڻ جي بہ نہ خواهش رکي ٿو نہ ذهني، جذباتي ۽ تخيلي لياقت ۽ قوت.

حقيقت هن حال جِي جي ظاهر ڪريان ذري،
تہ لڳي مات مِرن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اوپر اُپري ڪين ڪي.
(لطيف)

مطلب اهو ناهي تہ ڪو ادب ۾ اندر جو حال جيڪو اورجي ويو، سو اورجي ويو. هاڻ ان جو ورق وري ويو. آئيندي ان جي ادب ۾ ڪابہ گنجائش ڪانهي. مطلب اهو آهي تہ هي جيڪي اندر جي حال اورڻ تي هڪ هٽيءَ ۽ نيڪي جا دعويدار پيڙائي ادب پيدا ٿين ٿا، انهن جي جيڪا سڏي توڙي اڻ سڏي دعوي آهي تہ اندر جو حال اسان وارو ”نئون“ ادب ئي اوري ٿو، جڻ اها سندن ئي ادبي ايجاد آهي، سا دعوي ادبي تاريخ ۽ حقيقت جي روشنيءَ ۾ انتهائي غلط، واهيات ۽ بوگس آهي.

تنهن کان سواءِ خود ان دؤر ۾ جنهن کي نام نهاد جديدي، جديد دؤر سڏين ٿا، يعني ويهين صدي، تنهن ۾ بہ سڄيءَ دنيا اندر، يورپ، آمريڪا ۽ ايشيا ۾، هند ۽ سنڌ ۾، جيڪو عظيم ادب پيدا ٿيو آهي، سو اڄ جي نون پراڻن انسانن، ڏکن ۽ پيڙائن جو ترجمان ناهي تہ ٻيو وري ڇا آهي؟ ڇا، جديد حضرات جي خودپرست مِيڪ ۽ مايُوس واويلا، گورڪي، شولوخوف، پبلونرودا، ناظم حڪمت، لوسون، يئنگ مو (چيني ناول ”جوانيءَ جو نغمو“ جي لکڻ واري)، آمريڪي مصنف هاورڊ فاسٽ، ويتنام شاعر گيانگ نام، ڪرشن چندر، منٽو، فيض، ساحر،



Gul Hayat Institute

اياز ۽ ٻين هن دؤر جي بي انداز عوام دوست اديبن طرفان دُنيا جي سمورن ڪنڊن، سمورن ملڪن ۽ قومن جي ماڻهن جي دکن دردن جي جيڪا فنڪارانہ انداز ۾، زبردست اثر رکندڙ عڪاسي ۽ ترجماني ڪئي وئي آهي، تنهن جي ڏوڙ ڪي بہ رسي سگهي ٿي؟ درحقيقت ان جي پيٽ ۾ هنن جون مايوسي ڏياريندڙ سخت بور ۽ بيزار ڪندڙ بي مقصد ڪڇيون آڦريل پيٽن جون ڪٽيون اوڳرايون ٿيون لڳن.

تہ ڇا اج ۽ ڪالهہ ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي؟ ڇا، نوان دؤر بنهہ ٿيندا ئي ڪونهن؟ انهن مان هرهڪ جون پنهنجون خصوصيتون ڪونہ ٿينديون آهن؟ ڇا، اج جو دؤر نئون دؤر ڪونهي ۽ ان جو پنهنجو ڪو نئون ادب ڪونهي؟

انهن سيني سوالن جو جواب ها ۾ آهي. ٿوري ۾ ڳالهہ جو مطلب تہ هيءُ دؤر برابر نئون دؤر آهي ۽ ان جو نئون ادب بہ آهي، پر هڪڙي پاسي اج جو دؤر اڳين دؤرن سان ڳنڍيل، انهن مان پيدا ٿيل، انهن سان تسلسل رکندڙ آهي تہ ٻئي پاسي فطرت، انساني سماج ۽ سوچ جي بنيادي قانونن مطابق جيئن تہ دنيا ۾ ڪابہ شيءِ يڪي هڪ ساري ٿي ئي نٿي سگهي ۽ جيئن تہ هر شيءِ اُبتڙ شين جو ميلاپ ۽ انهن جي پاڻ ۾ ويڙهہ جو ميدان هوندي آهي، ان ڪري نئون دؤر ۽ نئون ادب بہ يڪا هڪ جهڙا ۽ هڪ سارا ۽ سڄي جا سڄا يڪا هڪڙا ناهن. منجهن اُبتڙ شيون ۽ ڳالهيون سمايل آهن، جيڪي هر وقت هڪٻئي سان ويڙهہ ۾ مشغول آهن.

**هڪ نہ ٻہ نوان ادبي دؤر**

تاريخي حساب ڪان ويهين صديءَ جو نئون دؤر هنن ٻن اُبتڙ دؤرن مان بنيل آهي:

(1) سرمايہ داري نظام جي راڄ جو نئون زوالي دؤر ۽ (2) ان جي مخالف پورهيت عوام جي سامراج دشمن جدوجهد جو نئون دؤر.

سرمايہ داري نظام جي هن دؤر ۾ سرمايہ داري نظام جاگيردار دشمن، جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند نظام مان ڦري، مردار جاگيرداريءَ سان سمجهوتو ڪندڙ رجعت پرست ۽ سامراجي نظام بڻجي چڪو آهي ۽ قسمين قسمين گهوٽالن ۾ ڦاسي، زوال ۽ تباهيءَ طرف وڃي رهيو آهي.

سرمايہ داريءَ جي هن نئين رجعت پرست دؤر ۾ جڏهن سرمايہ داري سامراج تاريخ جي سمورن رجعت پرست قوتن سان، خاص ڪري جاگيرداريءَ سان، عوام جي خلاف هڪ ناپاڪ اتحاد قائم ڪيو آهي، تڏهن ان عوام دشمن اتحاد جي نقطي نگاهہ ۽ موقف ڪان هن دؤر جي زندگي ۽ سماج جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندڙ ادب ٻن قسمن جو آهي. (1) رجعت پرست جاگيردار ادب. هيءُ ادب جاگيرداريءَ جي گذريل صدين جي وحشي ۽ ڀيانڪ دؤر کي سونو پاڻي ڏيئي، چمڪائي، دلڪش بڻائي پيش ڪري ٿو ۽ بي شرميءَ سان دهل وڄائي ۽ جهُمريون

Gul Hayat Institute

هٽي، ان جا گيت ڳائي ٿو. (2) مايوسيءَ ۽ موت جو پيغام ڏيندڙ رجعت پرست، سامراج پرست، سرمايه دار ادب.

ان جي اُبتڙ دُنيا جي پورهيت عوام جي بهتر زندگيءَ ۽ روشن آئيندي لاءِ جدوجهد جو نئون دؤر اهو دؤر آهي، جنهن ۾ دُنيا جي سمورين قومن ۽ ملڪن جي عوام جون طبقاتي ۽ قومي آزاديءَ، ملڪي خودمختياري، جمهوريت ۽ هڪ انصاف پريي سماجي نظام لاءِ ۽ هر قسم جي ناانصافيءَ، اڻ برابريءَ ۽ بالادستيءَ، دٻاءَ ۽ ظلم خلاف جدوجهدون، ڏار ڏار رستن تان هلندي هلندي، نيٺ ان مٿاهينءَ منزل کي رسي ويون آهن، جتي اهي سڀ آهستي آهستي پاڻ ۾ ملي، هڪ ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن، ۽ پنهنجي گڏيل دشمن، عالمي سامراج ۽ سندس ملڪي ۽ مڪاني ڇاڙتن خلاف قومي توڙي بين الاقوامي سطح تي زبردست ويڙهه ۾ جُنبي ويون آهن. ان لاڳيتيءَ عالمي ويڙهه جي ڪري، دُنيا جا عوام روز بروز وڌيڪ سجاڳ، وڌيڪ سمجهُو، وڌيڪ مُتحد ۽ وڌيڪ سرگرم، وڌيڪ ويڙهو وڌيڪ سوڀارا، وڌيڪ تخليقون ۽ تعميرون ڪندڙ بڻبا پيا وڃن. حقيقي نئون ترقي پسند ادب پنهنجي بهترين سيرت ۽ صورت ۾، ان شاندار سفر ۾، سندن سوجهرو، سندن سونهون، سندن آسرو ۽ آڌار آهي. ڪين ڏي، دلداريون ۽ همتون ڏياريندڙ آهي. سندن پُشت پناهي ڪندڙ ۽ سندن سورهي ساٿي آهي. هيءُ ادب نئين دؤر جي انقلابي لشڪر جي مهڙ واري شاندار روحاني فوج آهي، جيڪا سڀ کان اڳ بجلي بڻجي دشمن تي ڪڙڪي ٿي ۽ ان وقت به وڙهندي رهي ٿي، جڏهن بين انقلابي دستن لاءِ وڙهڻ جي پيٽي نٿي رهي.

پورهيت عوام جي زندگي ۽ جدوجهد جي هن نئين دؤر جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندڙ نئين ادب کي طبقاتي نگاهه ۽ موقف جي خيال کان چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. (1) زندگيءَ جي جمهوريت پسند، ترقي پسند، سرمايه دار نقطه نگاهه ۽ موقف کان ترجماني ڪندڙ سرمايه دار ترقي پسند ادب. (2) ننڍي وچولي سُفيد پوش طبقي جي نقطي نگاهه ۽ موقف کان زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ (Petty Bourgeois) يا ڇوٽو سرمايه دار يا سفيد پوش ترقي پسند ادب. (3) صحيح پورهيت عالمي نقطه نظر، سماجي جاڻ ۽ سمجهه بِنا، رُڳو دل جي ڏوڙ تي تخليق ڪيل پورهيت ادب. (4) پورهيت طبقي جي صحيح سائنسي عالمي نقطي نظر، سماجي جاڻ ۽ سمجهه جي روشنيءَ ۾ پورهيت سماجي نقطي نگاهه ۽ موقف کان زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندڙ پورهيت ترقي پسند ادب.

هتي اها ڳالهه سمجهڻ جهڙي آهي ته سرمايه داري لاڙا دُنيا جي هر علائقي ۽ هر ملڪ ۾ مختلف نموني جا آهن. آمريڪا ۽ يورپ ۾ اهي زواليت ۽ پڇاڙيءَ ڏانهن مائل آهن، ڇو ته اتي سرمايه داريءَ جي عروج وارو دؤر گذري، ختم ٿي چڪو

Gul Hayat Institute

آهي، پر ٽينءَ دُنيا ۾ هڪڙي پاسي نوان قومي عوامي جمهوري ۽ سوشلسٽ لاڙا تہ ٻئي پاسي سرمايہ داري لاڙا اجا اُسري ۽ نسري رهيا آهن. اهڙيءَ ريت سرمايہ داري لاڙن اندر بہ اُبتڙ موجود آهي. ان ڪري اهي هڪ پاسي عالمي سامراج جا حامي آهن تہ ٻئي پاسي سامراج دشمن عوام جا حامي بہ! ان ڪري ٽينءَ دُنِيا ۾ قومي، عوامي، جمهوري ۽ پورهيت ترقي پسند ادبي لاڙن سان گڏ هڪڙي پاسي اُسرندڙ سرمايہ داريءَ وارا جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند ادبي لاڙا بہ آهن تہ ٻئي پاسي زواليت پرست، رجعت پرست، سرمايہ داري، سامراج پرست لاڙا بہ.

Gul Hayat Institute

باب چوٿون

# ڇا ڏک رڳو تباھہ ڪندڙ آھن؟

ڏيڪـــاريس ڏڪـــن، گونـــدر گـــس پـــرينءَ جـــو!
(لطيف)
”عرفـــي! دل آبـــاد بيـــک جـــونـــہ خـــرد عشـــق،
مـــن هـــم دل ويـــران، بـــدو عـــالم نـــہ فروشـــم!“
(عرفي)

(عرفي! عشق ڪنهن آباد ۽ خوشحال دل کي هڪڙي جَوَ جي داڻي عيوض بہ ڪين وٺندو! خوشيءَ ڀريل دل کي وٺي ڇا ڪبو؟ ان جي قيمت ئي ڪهڙي؟ آءٌ بہ پنهنجي ويران ۽ تباھہ دل ٻن جهانن عيوض بہ نہ ڏيندس!)

وللي واويلائي ادب، هڪ طرفائيءَ ۽ وڌاءُ کان ڪم وٺي، انساني دل جي سمورن رنگ برنگي جذبن کي فقط ڏکن تائين محدود رکي ٿو ۽ ڏک جو ردعمل فقط مايوسي ڏيکاري ٿو. مايوسيءَ کي وري هڪ نسبتي، جُزوي ۽ عارضي جذبي بدران قطعي، دائمي ۽ آخري جذبو ڪري پيش ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت اهو دائمي ڏک ۽ مايوسيءَ جو پرچار ڪري، انسانن سان همدرديءَ جي آڙ ۾، ڪين ڏکن ۽ مايوسين سان وڌيڪ جي ۽ ڏک ۽ مايوسيون ڏيندڙ ماڻهن ۽ قوتن سان مقابلي جي خواهش ۽ سگهہ کان محروم ڪري ڇڏي ٿو. اهڙيءَ ريت اهو دوستيءَ جي رُوپ ۾ ماڻهن سان دشمني ڪري ٿو ۽ انهن يزيدي قوتن جي خدمت ۽ دلالي ڪري ٿو. جيڪي چاهين ٿيون تہ ماڻهُو هڪڙي معمولي چوٽ کائڻ شرط ئي ڏکن ۽ مايوسين ۾ اهڙا وڃي وڃن جو وري يا عمر ڪنڌ مٿي ڪٽي، دشمن جي مُنهن ۾ نهارڻ جو سوچي بہ نہ سگهن.

اهو ڏک جي مسئلي کي فقط مِيڪ مِيڪ ڪرڻ تائين محدود رکي ٿو. انساني ڏک جي بُنيادِي عالمي تاريخي ڪارڻن بابت، ان جي عالمي تاريخي نوعيت ۽ ان جي بُنيادِي علاج بابت، ڏک ڏيندڙ قوتن ۽ ڏک جو علاج ڪندڙ قوتن بابت، نہ رُڳو



Gul Hayat Institute

هو پاڻ چپن کي چُنو لايو ويٺو آهي ۽ پڙڪ بہ ٻاهر نٿو ڪڍي پر ٻين کي بہ نڙيءَ تي گهُٽيو ڏيو ويٺو آهي تہ انهن ڳالهين بابت اکر بہ ڪڍيو اٿم تہ اوهان کي نعريباز ۽ پروپئگنڊا باز اديب نهرائي، ادب جي ملڪ مان ڏيهہ نيڪالي ڏيئي ڇڏيندا سين.

اهو ڏک سک جي توازن کي نظرانداز ڪري، ڏک ۽ مايوسيءَ کي مطلق (Absolute) ۽ قطعي، آخري ۽ دائمي نهرائي، ان کي سندس پس منظر، اڳ پُٺ کان الڳ ڪري، ان بابت خيالي ۽ بي بنياد تصور کڙا ڪري، ان کي هڪڙو پُوت بڻائي، انساني ڏک جي حقيقي ۽ تخليقي ترجماني ڪرڻ بدران ان کي بگاڙي، غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ نموني ۽ بيهودي ۽ واهيات انداز ۾ پيش ڪري، ان کي خوار ڪري ٿو. ڏک جي پوت جهڙن خيالن ۽ هٽرادن تصورن جي آڙ ۾، اهو انسانن جي حقيقي ڏک جي صحيح ۽ ڀرپور اظهار جو رستو روڪي ٿو. اهڙيءَ ريت هو پنهنجن سامراجي آقائن جي خدمت ڪري ٿو جيڪي دُنيا جي اربين ڏکويل ماڻهن جي حقيقي ڏک کان ڊڄن ٿا. ڪين خبر آهي تہ جيڪڏهن اهو سمنڊن جهڙو اٿاهہ ڏک گڏ ٿيو ان کي سندس صحيح ڪارڻ ۽ صحيح علاجن سميت صحيح نموني سمجهيو ۽ پروڙيو ويو تہ اهو دُنيا ۾ اهڙو انقلابي طوفان بڻجي اُٿندو، جنهن جي سٽ هماليہ جبل بہ سهي ڪونہ سگهندو.

اهو ادب جنهن بيهودي نموني ۾ هٽرادي ڏک جو واهيات اظهار ڪري ٿو، تنهن جي ڪري ماڻهو ڏک بابت ڳالهہ پڙهڻ لاءِ تيار نٿا ٿين. بلڪ جيڪي پڙهندڙ هنن جي پروپئگنڊا طوفان جي اثر هيٺ اچي، هن ادب کي ئي ادب سمجهن ٿا ۽ ان ۾ پيش ڪيل ادب کي ئي ماڻهن جي اندر جي پيڙا جو اظهار ڪندڙ ادب سمجهن ٿا، سي سموري ادب کي ههڙو هوائي، بيهودو ۽ بور ڪندڙ سمجهي، ڪنهن بہ حقيقت پسند ادب ڏانهن منهن ڪري بہ نٿا نهارين ۽ وڃيو جادوئي، اسراري، جاسوسي ۽ نام نهاد تاريخي ڪهاڻين جي ڏُٻڻ ۾ ڦاسائن. اهڙيءَ ريت اهو ادب ان تڙ ڪرڻ واري وانگر آهي، جيڪو شڪار کي هڪليو وڃيو شڪاريءَ جي بندوق جي سامهون آڻي! هيءُ ادب ماڻهن کي حقيقي ادب کان ڊوڙايو ڀڄايو وڃيو آفيمي ادب جي حوالي ڪري.

اها ڳالهہ هرڪو ڄاڻي ٿو تہ ماڻهن جي وڏي ۾ وڏي گهڻائي اڄ سوڌي هميشہ محرومين، مصيبتن، مونجهارن ۽ عذابن جو شڪار پئي رهي آهي. اڪثر حالتن ۾ وٽن ڇوٽڪاري جو ڪوبہ رستو ڪونهي. منجهانئن گهڻا اڪثر ماٺ منيءَ ۾ يا ڪجهہ مقابلي کان پوءِ، ان ڳالهہ کي پنهنجي تقدير ۽ لکئي جو ليک سمجهي، برداشت ڪن ٿا ۽ زندگيءَ جو زهر ڍڪ ڍڪ ڪري پي، ڇٽي ڇٽي، حياتيءَ جي قيد جا ڏينهن پورا ڪن ٿا. سندن اندر هر دم روئندو، سڙندو پڇندو ۽ ٻرندو رهي ٿو. ڪي تہ ڏک وچان پاڳل ٿيو پون ۽ جيئري ئي مئن گڏ ٿيو وڃن.



Gul Hayat Institute

ڏک، پيڙائون، مايوسيون ۽ موت زندگيءَ جون ازلي ابدي حقيقتون آهن. اهي اڄوڪي انسان جي زندگيءَ ۾ بہ موجود آهن. پر ڇا زندگي ۽ انسان جي دل ۾ فقط ڏک ۽ پيڙائون ئي آهن؟ ڇا انهن ڏکن ۽ پيڙائن جي ڪري ماڻهو فقط دل ۾ رجهن پچن ٿا، رڳو رڳو مايوس ئي ٿين ٿا، رڳو ماتم ئي ڪن ٿا ۽ ذهني، جذباتي ۽ روحاني طرح رڳو مرن ۽ ختم ئي ٿين ٿا؟

نہ. ماڻهن جي زندگيءَ ۾ رڳو ڏک، ناڪاميون ۽ مايوسيون ۽ موت جون تمنائون ڪونهن. زندگيءَ ۾، بدترين دؤرن ۽ حالتن ۾ بہ، ڪي سک، ڪي ڪاميابيون ۽ ڪي زندهہ رهڻ جون آسون هجن ٿيون.

**لازم — ملزوم!**

انساني زندگي بہ اُبتڙن جو ميلاپ آهي. ان ۾ ڏک ۽ سک ٻئي آهن. ٻئي هڪٻئي جي اُبتڙ بہ آهن تہ لازم ملزوم بہ آهن. اهي زندگيءَ جون اهڙيون هڪٻئي سان لاڳاپو رکندڙ ۽ هڪٻئي تي دارومدار رکندڙ اُبتڙيون آهن، جهڙا ڏينهن ۽ رات، ڄم ۽ موت ۽ سردي ۽ گرمي. نہ سک بنا ڏک جو تصور ڪري سگهجي ٿو، نہ ڏک بنا سک جو. ٻنهي جو هڪٻئي تي دارومدار آهي ۽ هڪٻئي ۾ سمايل آهن. جيئن ٿَڪ بنا آرام جو اوجاڳي بنا ننڊ جو رات بنا ڏينهن جو ۽ سرءُ بنا بهار جو احساس ٿي نٿو سگهي، تيئن جنهن کي ڏکن جي خبر ڪانهي، تنهن کي سکن جو ڪهڙو احساس، ڪهڙو قدر ٿي سگهي ٿو؟

اُڃ نہ هوندي تہ شربت بہ ڪونہ وڻندو. ڏاؤل ماڻهو ست رڃي طعامن ڏانهن بہ اک کڻي ڪونہ نهاريندو. جنهن جي حرم ۾ هزارين سهڻيون زالون فالتون وينيون هونديون، ان کي ڪهڙي خبر تہ پرديسي محبوب سان اوچتي ملاقات ڇا ٿيندي آهي؟

درحقيقت خوشيءَ جو ڪافي دارومدار ڏک تي آهي. سچو سک پيدا ئي ڏک مان ٿئي ٿو. ماءُ ڏک ڏسي ٻار ڄڻي ٿي، تڏهن ان کي ٻار ايڏي خوشي ڏئي ٿو. محبوب جي هڪڙي جهلڪ ان عاشق لاءِ خوشيءَ جو خزانو آهي، جنهن ان لاءِ ڪانگ اُڏايا ۽ فالون پاتيون آهن. تارا ڳڻيا ۽ راتِن جون غلاميون ڪيون آهن.

ڏک سُکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏکن ري. (لطيف)

رڳو لٽ ٻڌي سُکن پنيان ڪاهجي پئبو تہ اهي سُک ڦريو وڃي ۾ وڏا ڏک ۽ مصيبتون ٿي پوندا. ماڻهو ٻُک نہ ڪاٽي ۽ سچو ڏينهن وينو ڪاٽڻ جون لستون وٺي، جاڳي نہ رڳو سُتو پيو هجي تہ جيڪر سندس ڪهڙو حال ٿئي؟ ڏک ئي سکن جي راهہ ڏيکارين ٿا ۽ انهن کي پيدا ڪن ٿا.

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرين جو. (شاهہ)

Gul Hayat Institute

ڪي ڪي ڏک تہ اهڙا بہ آهن، جو ماڻهو هزارين سُک اُنهن تان قربان ڪري ڇڏي. ماءُ کي تہ پلا ڇئجي تہ تون هرويرو پاڻ کي اوجاڳا نہ ڏي، ڇڏ تہ ٻار پلي پيو رڙيون ڪري، صبح جو آرام سان اُٿي خبر ونجانس! جي عاشق کي چئجي تہ ”ميان! ڇو ٿو اجايو آزار ۾ پئين! ڇڏ تہ پرائي ڌيءَ پلي پرڻجي وڃي، تون آرام سان گهر ۾ ويهي آرام ڪر!“ تہ جيڪر ڪهڙو جواب ڏئي؟ ڪڏهن ماڻهو سؤ سُک عيوض ۾ ڏيئي، زندگيءَ جي بازار مان هڪڙو وڏو ڏک بہ خريد ڪندو آهي. چاهي اهو ذاتي هجي يا طبقاتي ۽ قومي يا عدم انساني.

سو سُک ڏيئي، وِرھہ وهايم هيڪڙو. (شاهہ)

ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي، ڏک ۾ درد ئي علاج پيدا ڪندا آهن. طبيب ۽ ڊاڪٽر تيار ڪندا آهن. ڏک ئي نہ هجي تہ علاج ڇا جو؟

جان جان ناهہ ضرور، تان تان طبيب ناهہ ڪو،
جو سُو سُرئو سور، تہ ڪر ويڄ ور پيو.
(شاهہ)

(جيسين ضرورت ڪانهي، تيسين طبيب ڪونهي. سُور حاصل ٿيو معنيٰ ڄڻ ان جو علاج ڪرڻ وارو ويڄ يا طبيب هٿ اچي ويو!)

### خوشي رڳو خوراڪ ڪانهي!

چوندا آهن تہ ”خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي. ڏک ۽ ڳڻتيءَ جهڙو مرض ڪونهي.“ ٻين پهاڪن ۽ چوڻين وانگر هيءُ پهاڪو بہ فقط جزوي طرح صحيح آهي. هن ۾ بہ ٻين وانگر هڪ طرفائيءَ ۽ وڌاءُ کان ڪم ورتو ويو آهي. خوشي برابر ماڻهوءَ کي طاقت ڏئي ٿي ۽ ڏک ڪمزور ڪري ٿو پر هر وقت نہ ۽ سدائين لاءِ نہ. محرومي ۽ ڏک ڪجهہ عرصي کان پوءِ محروم ۽ ڏکويل ماڻهن، قومن ۽ طبقن ۾ ڪيترين ڪمزورين سان گڏ سهپ، جفاڪشيءَ، دورانديشيءَ، بي خوفيءَ ۽ قربانيءَ جون قوتون بہ پيدا ڪري ٿو. سُکين ماڻهن، طبقن ۽ قومن کان اهي ڳالهيون آهستي آهستي ڪري نيٺ موڪلايون وڃن. ان ڪري نيٺ ڪنهن ڏينهن محروم ۽ ڏکيا ماڻهو، قومون ۽ طبقا سُکين کان زور ٿيو وڃن، سندن ڏک سُکن ۾ بدلجيو وڃن.

### ڏک تخليق ڪندڙ ۽ اَڏيندڙ بہ آهي!

ڏک رڳو ڊاهيندڙ ۽ ناس ڪندڙ نہ پر ڪيترين حالتن ۾ اَڏيندڙ ۽ تخليق ڪندڙ بہ آهي. هر عظيم ۽ پياري شيءِ ۽ ڳالهہ، مسئلن ۽ مونجهارن، ڏکن ۽ پيڙائن سان مقابلي ۽ ويڙهہ مان پيدا ٿي آهي. ڏک انسانيت جا گهڻا اعليٰ ترين گُڻ پيدا ڪن ٿا. انسان ۽ انسان جي وچ ۾ ويجهي ۾ ويجها ناتا، گڏيل ڏک، گڏيل پيڙائون

Gul Hayat Institute

پيدا ڪن ٿيون. ماڻهوءَ جي آزمائش سُکن ۾ نہ، ڏکن ۾ ٿئي ٿي. ڏک ۾ پيڙائون ئي انسانن کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻائين ٿا.

دُنِيا جا پياري ۾ پيارا، املهہ ۾ املهہ ماڻهو ڏکن ۾ پيڙائن جي اوڙاهن جهاڳڻ وارا ماڻهو ٿيا آهن. الجزائر، ويتنام، روس، چين، فلسطين جي آزاديءَ جي پروانن ۾ زمان، مڪان ۾ مرتبي جي هر فرق جي باوجود، هڪ ڳالهہ ساڳي آهي. انهن سمورن سُکن سان سڱ ڇڏي، ڏکن سان پاند اڙايو هو ۾ انهن سان مقابلو ڪيو هو.

سـورن سـانـدياس پـورن پـالي آهيـان،
جُڪس آءُ هيـاس، ڪـا گـري گونـدر ول جـي.
(شاهہ)

## مايوسي قطعي ۾ آخري جذبو ڪونهي!

ڏک جو ردعل رڳو مايوسي ڪانهي. ڏک ڪاوڙ ۾ بدلي، جدوجهد ۾ ويڙهہ جا جذبا، سورهيائي ۾ قربانيءَ جا جذبا بہ پيدا ڪري ٿو. خود مايوسي بہ ڪو قطعي، آخري، تبديل نہ ٿيندڙ ۾ دائمي احساس ڪونهي. مايوسي ڪجهہ وقت ڪانپوءِ بدلجي اُميد بہ ٿي سگهي ٿي. اها ڦِري ڪاوڙ ۾ مقابلي جو جذبو بہ ٿي سگهي ٿو. احساس ۾ سمجهہ جي سفر ۾ مايوسي هڪ قدرتي منزل آهي، پر اها آخري منزل ڪانهي. ماڻهن، طبقن ۾ قومن جي زندگيءَ ۾ مايوسين جون ڪئين ڀاٽ اونداهيون راتيون اچن ٿيون ۾ اُميدن جي سياڳن صبحن کي جنم ڏيئي گم ٿيو وڃن. ڪڏهن ڪڏهن اهي راتيون سڀ کان اونداهيون اُن وقت نظر اينديون آهن، جڏهن پرهہ جي ڦُٽڻ ۾ باقي ڪي گهڙيون هونديون آهن!

انسان جي انفرادي توڙي گڏيل زندگيءَ جو سفر لاهين، چاڙهين ۾ ورن وڪڙن جي باوجود، بنيادي طرح ڏکن ۾ مايوسين کان سوين ۾ خوشين ڏانهن سفر آهي.

ڄمڻ مهل ماءُ جي اذيت ڀريل دانهن ۾ ٻار جي رڙين کان ماءُ جي ڪڇ ۾ ٻار جي معصوم ٽهڪڙن ۾ ماءُ جي چهري تي مرڪن جي ست رنگي انڊلٺن تڙي پوڻ تائين سفر، غلام انقلابي اسپارٽئڪس جي دليرانہ بغاوت ۾ ان جي حيوانيت سان ڪچلئي وڃڻ کان وٺي، آمريڪا ۾ غلام دارن جي بغاوت جي ڪچلئي وڃڻ ۾ غلامن جي آزاد ٿيڻ جو سفر، بنو هاشم جي مڪي مان نيڪالي ۾ سندن قريش سرمايہ دارن طرفان حُقي پاٽي بند ٿيڻ کان وٺي، مڪي جي فتح تائين جو سفر، روس ۾ 1905ع جي انقلاب جي ڪچلئي وڃڻ کان عظيم آڪٽوبر انقلاب جي شاندار ڪاميابيءَ تائين جو سفر، شانگهائيءَ ۾ چيانگ ڪائي شيڪ طرفان 1927ع ۾ دغا سان انقلابين جي قتلام ڪرائڻ کان 1949ع جي چيني انقلاب جي ڌرتي ڌوڏيندڙ فتح تائين جو سفر، ويتنام ۾ 1933ع جي پورهيت بغاوت جي ڪچلئي وڃڻ کان پوءِ ڊين بين ڦو جي عظيم فتح ۾ 1975ع واري سڄي ملڪ جي



Gul Hayat Institute

آزاديءَ جي جنگ ۾ زبردست سوپ تائين جو سفر وغيره. ڏکن ۾ مايوسين کان سوپن ۾ خوشين ڏانهن عالمي تاريخي سفر جي راهه ۾ جيکي لکين حد نشان آهن، انهن مان ڪي ٿورا حد نشان اهي آهن.

## انسان ذات مجموعي طرح بدنصيب نه پر خوش نصيب آهي

نه رڳو انسان جي تاريخ بلڪ هن ڌرتيءَ جي ۽ هن پوريءَ ڪائنات جي تاريخ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته انسان ذات مجموعي طرح بدنصيب نه پر خوشنصيب آهي. سندس آئيندو اونداهو نه پر روشن آهي. انسان کي پنهنجي مجموعي ۽ گڏيل مقدر بابت مايوس نه پر بيحد آسائتو ۽ يقين سان پرپور هجڻ گهرجي. هر ڳالهه جي باوجود، ڪيس پنهنجي انسان هجڻ تي فخر ڪرڻ جو حق آهي. مڪمل تباهيءَ جي خطرن جي باوجود، هيءُ دؤر انسان ذات جي زوال جو نه پر اڳسر جو دؤر آهي. سندس جوپن ختم نه ٿيو آهي. اهو اجا هاڻ اچڻ وارو آهي. هيستائين انسان جي ٻالڪپڻ جو دؤر هلي رهيو هو. ڀلا انسان جي وسهڻ ۾ تصور کان ٻاهر حيرت انگيز خوش نصيبيءَ تي ويچار ته ڪريو!

ڪائنات جا ڄاڻو سائنسدان، بي پناهه طاقت رکندڙ ريڊيائي رسدگاهن وسيلي ڪائنات ۾ اها تلاش ڪري رهيا آهن ته ڌرتيءَ جهڙو ڪو ٻيو اهڙو گرهه به آهي، جتي ساهوارا هجن. ڪجهه سال اڳ تائين روس جي گورڪي شهر واري ريڊيائي رسدگاهه جي سربراهه پروفيسر وسيو ولود ٽرائٽسڪيءَ چيو هو ته، "اسان ڌرتيءَ جي چوڌاري خلا ۾ 16 نوري سالن جي پنڌ تائين تپاس ڪئي آهي ته اتي ڪوبه ڌرتيءَ جهڙو اهڙو ٻيو خوش نصيب گرهه ڪونهي، جتي انسان ته ڇڏيو پر ڪوبه ساهوارو هجي. ڪائنات جي انهيءَ پٽ ۾ اسان جي سج جهڙا هزارين ٻيا سج آهن. انهن مان ڪيترن سجن کي پنهنجا پنهنجا گرهه آهن، پر انهن هزارين ڌرتيءَ جهڙن گرهن مان ڪنهن جي به ڪُک ساءِ ڪانهي." اسان جو تارو جنهن جو نالو اسان سج رکيو آهي، سو ڪو اهڙو وڏو تارو به ڪونهي. اهو هڪڙو ٻئي ٽئي درجي جو نهايت معمولي تارو آهي ۽ اسان جي ڪهڪشان جي هڪڙيءَ ڪُنڊ ۾ پيل آهي، پر ڪائنات جي اسان واري اربين ضربيان اربين ضربيان اربين ميلن جي علائقي ۾ فقط اسان وارو تارو (سج) ئي هڪڙو اهڙو گرهه رکي ٿو، جنهن تي زندگي آهي! تنهن کان پوءِ سج جو گرهه رڳو ڌرتي ڪانهي، ٻيا به آهن. زحل آهي، مشتري آهي، مريخ آهي، وغيره. انهن مان ڪي تمام وڏا آهن ۽ ڪئين ڪئين چنڊ رکن ٿا. پر زندگي اسان جي ننڍڙي گهر يعني ڌرتيءَ تي ئي پيدا ٿي ۽ نه ڪنهن به ٻئي گرهه تي! اسين فقط هن ئي خاص ننڍڙي گرهه بدران ٻين هزارين

Gul Hayat Institute

سجن جي لکين گرهن مان ڪنهن به ٻئي گرهه تي هجون ها ته يا ته بي جان پٿر هجن ها يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جا ٽڪرا!

اسان واري تاري يعني سج جي به ڌرتيءَ کانسواءِ ڪنهن ٻئي گرهه تي هجون ها ته به اهي ئي پٿر يا ڪنهن ٻيا بي جان ٽڪرا هجون ها، اسان جو بخت ڏسبو جو ڪروڙين اربين گرهن مان هن اڻ لپ ۽ بي مثال اڪيلي گرهه ڌرتيءَ تي پيدا ٿيا آهيون ۽ سو به پٿر، لوهه جا ٽڪرا بنجي نه، پر ساهوار بنجي ۽ ساهوارن ۾ به مانگر مڇ، ڏيڏر، لومڙ، ڳجهون يا جيت جڻيا بنجي نه، انسان بنجي!

حساب لڳايو اٿن ته ڪائنات اٽڪل 30 ارب سال يعني ٽي هزار ڪروڙ سال اڳ ڦهلجڻ شروع ڪيو. ان 30 ارب سالن جي عرصي جي پنجن حصن ۾ اسان جو تارو، سج، دنيا ۾ هو ئي ڪونه. اهو ڦهلجندڙ ڪائنات جي ڪُل عمر جي پوئين ڇهين حصي ۾، اٽڪل 5 ارب سال اڳ پيدا ٿيو آهي. انهن پنج ارب سالن جي پهرين ٻن پتين ۾ يعني 2 ارب سالن تائين اسان جي ڌرتيءَ جو وجود ڪونه هو. اها اٽڪل 3 ارب سال يعني ٽي سئو ڪروڙ سال اڳ وجود ۾ آئي.

ڌرتيءَ جو سيني کان بزرگ يا سينيئر ساهوارو انسان ناهي، ٻيا آهن. پٿر جي دؤر جو انسان 10 لک سال اڳ ڌرتيءَ تي موجود هو، پر هو جڻ نو وارد هو ڇو ته کير ڏيندڙ جانور کانئس ڏيڍ ڪروڙ سال اڳ ۽ مڇيون کانئس 20 ڪروڙ سال اڳ ڌرتيءَ تي موجود هيون!

دنيا لازمي طرح ۽ اٽل نموني ترقي ڪري رهي آهي. ”ڪين“ مان ”ڪجهه“ بلڪ تمام گهڻو ”ڪجهه“ پيو ٿئي. اسان ڏسون ٿا ته اربين سال سج جو اٺاهه پاڙو زندگيءَ کان خالي ۽ ويران هو. پوءِ ڌرتي پيدا ٿي. اتي به سوين ڪروڙ سال زندگيءَ جو ڪوبه آثار ڪونه هو. پوءِ نيٺ زندگي پيدا ٿي، پر وڻن ٽڻن جي صورت ۾. جڏهن جانور پيدا ٿيا، تڏهن به ڪروڙين سال ڌرتيءَ جون مالڪ اهڙيون اجگر بلائون هيون، جن کي پنهنجن ٻچن جي سنڀال ۽ پرگهور جي به ساڃاهه ڪانه هئي. ماڻهو پيدا ٿيو ته اهو به پهرين وحشي آدمخور قسم جو هو. انهن ڀيانڪ ۽ وحشي جانورن جهڙن ماڻهن مان ترقي ڪري ماڻهو ماڻهو ٿيو ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اسپارٽئڪس، قلوپطره، گوتم ٻڌ، موسيٰ، عيسيٰ ع، محمد ص، ارسطو بو علي سينا، نيوٽن، گئليلو لطيف، شيڪسپيئر، اينسٽائين، مارڪس، اينجلس، لينن، مائو، هوچي منهه، ميران ٻائي، قرت العين طاهره ۽ لتا منگيشڪر جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا.

تنهن کان پوءِ هيءَ ته اڃا مس شروعات آهي. انسان کي نئين دؤر جو انسان ٿئي 25 هزار سال مس ٿيا آهن. ان عرصي ۾ 20 هزارن سالن تائين جي سندس ڪابه تاريخ ڪانه ٿي ڏسجي. سندس تاريخ پنج هزار سالن کان شروع ٿئي ٿي.



Gul Hayat Institute

اهو پنج هزار سالن جو عرصو پورهيت عوام گهڻي ڀاڱي غلامدارن، جاگيردارن ۽ سرمايہ دارن جا غلام رهيا آهن. دنيا جو پهريون پورهيت سماجي انقلاب فقط 24، 25 سال اڳ آيو آهي ۽ اجا دنيا جي فقط ٽئين حصي ۾ پورهيت گهڻائيءَ جو اقتدار قائم ٿيو آهي. ڌرتيءَ تي صحيح انساني دؤر تڏهن شروع ٿيندو جڏهن سڄيءَ دنيا تي پورهيت عوام يعني انساني اڪثريت جو راڄ قائم ٿي ويندو. اجا تہ ڦورو ۽ ظالم ٽولن جي اڳيان اربين عوام جي بي وسيءَ ۽ مجبوريءَ جو دؤر ختم نہ ٿيو آهي. جڏهن اهو دؤر ختم ٿيندو، تڏهن ئي انسان ذات پنهنجي جوانيءَ ۾ قدم رکندي ۽ صحيح معنيٰ ۾ پنهنجي ترقيءَ جي سفر جو آغاز ڪري سگهندي.

**ڏکن جي ماتيءَ مان سُکن جي مکڻ جو دُکو!**

جدوجهد ختم ٿيڻي ناهي. جڏهن ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ جدوجهد ڪامياب ٿي ويندي ۽ طبقا ختم ٿي ويندا، تڏهن بہ نئين ۽ پراڻي جي وچ ۾، صحيح ۽ وڌيڪ صحيح جي وچ ۾ جدوجهد جاري رهندي. ڏک ۽ سک ايندڙ دؤرن ۾ بہ هوندا، پر انهن جي نوعيت بدليل هوندي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، تيئن تيئن انهن جو توازن بدلبو ويندو. اڄ ڏکن جي سڄي ماتي ولوڙڻ سان سُکن جي مکڻ جو دُڪو بہ مس نڪتو نڪري ۽ اهو بہ ڦورو ۽ ظالم اڪثر چورايو ۽ ڦُريو ڪٽيو وڃن. ايندڙ دؤر ۾ ڏک جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اعليٰ درجي جا هوندا. انهن مان سُکن جو مکڻ جهجهو نڪرندو ۽ انهن کي ڪير بہ اڄ وانگر شاهہ شاهوڪاريءَ چورائي يا ڦُري ڪونہ سگهندو.

هر قسم جي محرومين، ڏکن ۽ تباهيءَ جي خطرن جي باوجود هيءُ دؤر انسان ذات جي زوال جي مايوس ڳالهين جو نہ پر سندس اؤسر ۽ عروج جي اُميدن ۽ اُمنگن ڀريل ڳالهين جو آهي.

Gul Hayat Institute

باب پنجون

# من حرام تي حُجتان ڍير!

## (سرائيڪي چوٽي)

آٽيو آب اکين ۾ ڏيهه ڪي ڏيکارين... (لطيف)

### زال ذات سان ڏيکاءُ واري همدردي

رجعت پرست نظامن ۾ غلامداري، جاگيرداري توڙي سرمايه داري نظامن انسانيت خلاف جيڪي زبردست تاريخي جرم ڪيا آهن، تن ۾ هڪڙو وڏي ۾ وڏو جرم آهي عورت کي غلام رکڻ ۽ جنسي معاملن بابت ظالماڻو منافقيءَ ۽ مڪر وارو پليت رويو ڦهلائڻ. انهن ڳالهين خلاف جدوجهد عوام جي ادب ۽ ثقافت جو اهم ۽ مقدس فرض آهي. اهو مسئلو ٻن مان هڪڙيءَ جنس جي يعني اڌ انسانيت جي غلاميءَ ۽ هڪ ظالماڻي ۽ منافقيءَ واري رجعت پرست روش جو مسئلو به آهي ته ان سان گڏ ۽ ان کان وڌيڪ ڦورو ۽ ظالم نظامن جي ٻين گهڻن بنيادي مسئلن منجهان هڪ بنيادي مسئلو آهي. ان جي حل لاءِ الڳ جدوجهد به ٺيٺي آهي ته هن سميت سيني مسئلن جي گڏيل بنيادي ۽ دائمي حل لاءِ گڏيل جدوجهد به ڪرڻي آهي، الڳ جدوجهد محدود هوندي. ان جا نتيجا به محدود هوندا. اها به ڪرڻي آهي ۽ ٻي به ڪرڻي آهي. مسئلي جو بنيادي حل ڪرڻو آهي.

### عورت جي ذلت، انسان ذات جي ذلت

عورت جي غلامي رڳو عورت جي غلامي، بدنصيبي ۽ ذلت ناهي، هڪ حد کان پوءِ اها عورت توڙي مرد ٻنهي جي غلامي، بدنصيبي ۽ ذلت آهي. اها هن غلام ماءُ جي پٽ، هر غلام ڀيڻ جي ڀاءُ، هر غلام محبوبه جي عاشق، هر غلام زال جي مڙس ۽ هر غلام

Gul Hayat Institute

ڌيءَ جي پيءُ جي غلامي، بدنصيبي ۽ ذلت آهي. ان غلاميءَ خلاف مقدس جدوجهد ۾ رڳو عورت جي نہ پر مرد توڙي عورت، سموري عوام، سموري انسان ذات جي نجات آهي.

سرمايہ داري، خاص ڪري هن دؤر جي رجعت پرست بڻجي ويل زوال پذير سرمايہ داري، انسان ذات جي ان ازلي غلاميءَ، بدنصيبيءَ ۽ ذلت کي ڪرڙي، ڏوئي، ڌرتيءَ کي ان کان پاڪ ڪرڻ جي جدوجهد ڪرڻ بدران ان جدوجهد کي روڪي ۽ تارپيڊو ڪري ٿي، ڇو تہ اها ڌرتي ڏوڏيندڙ جدوجهد جيڪا اڌ انسانيت جي جدوجهد ٿيندي، جيڪا دنيا جي هر پُٽ جي ماءُ، هر پيءُ جي ڌيءَ، هر ڀاءُ جي ڀيڻ، هر عاشق جي محبوبہ ۽ هر مڙس جي زال جي جدوجهد ٿيندي، سا جيڪڏهن واقعي صحيح نموني هلي تہ اها هن زمين کي، ان جي تاريخ کي، ان جي ڦورو، ظالم، جنگجو ڌاڙيل، رهزن ۽ قاتل سماجن ۽ نظامن کي زير زبر ڪري ڇڏيندي. دنيا جون مائون، ڌيئون، ڀيڻون، محبوبائون ۽ زالون سجاڳ ٿي اُٿي کڙيون ٿين ۽ پاڻ ۾ توڙي ٻين انسان دوستن سان ٻڌي ڪري، منظم ٿي، هڪ عالمي طاقت بڻجي وڃن، تہ ڇا هو موت جي سوداگرن کي عام تباهيءَ جا هٿيار تيار ڪرڻ ڏينديون؟ جنگيون ڪرڻ ڏينديون؟ پنهنجا پٽ، پيءُ، ڀائر، محبوب ۽ مڙس سرمايہ دارن جي تجوڙين ڀرڻ لاءِ کُهائڻ ڏينديون؟ موت ۽ تباهيءَ کي ڌرتيءَ جي تقدير بڻجڻ ڏينديون؟ هرگز نہ!

ان ڪري عوام دشمن سازش اها آهي تہ عورت، جا ڌرتيءَ وانگر هر نيڪيءَ، قوت ۽ خير جو سرچشمو آهي، جيڪا زندگيءَ جي خالق ۽ ان جي محافظ آهي، جيڪا هن ڌرتيءَ جي تقدير لاءِ مرد کان وڌيڪ ذميوار آهي، ان کي فقط جنس جو مجسمو بڻائبو، ان جي فقط جنسي محرومي، مظلوميت جي ڳالهہ ڪبي، سا بہ ڪوشش ڪري، گندي، بيهودي، ٻڇان ڏياريندڙ نموني، سندس زندگيءَ ۽ سندس مقدر جي مسئلن کي فقط جنس تائين محدود رکبو. جنسي مسئلو زبردست ۽ بنيادي جمهوري مسئلو آهي. ان جي صحيح نموني ڳالهہ بہ لازمي ٿيڻ کپي ۽ زبردست نموني ٿيڻ کپي، پر اهو عورت جو اڪيلو مسئلو ۽ فقط عورت جو مسئلو تہ ڪونهي. اهو ٻين کان الڳ تہ ڪونهي. ان کي اڪيلي سر ٻين کان ڌار حل تہ نٿو ڪري سگهجي. جيستائين قبائلي، سرداري ۽ جاگيرداري نظام قائم آهي. سرمايہ داري ۽ سامراجي نظام قائم آهي، جيستائين انهن جي سماجي، اقتصادي، ثقافتي، نظرياتي ۽ سياسي نوٽڻ قائم آهي ۽ جيستائين سمورا عوام سندن مها ڄار ۾ قيد ۽ بيوس آهن، تيستائين ٻئي عوام وانگر عورت بہ هڪڙي غلاميءَ جي ڄار يعني جاگيرداري رسمن رواجن جي ڄار مان نڪرندي تہ سرمايہ داري ۽ سو بہ زوال پرست سرمايہ داريءَ جي ڄار ۾ ڦاسندي. هوءَ مجموعي طرح هر حال ۾ غلام رهندي.



Gul Hayat Institute

جڏهن عورتن ۽ مردن جي ڪوشش ۽ ويڙهه سان اهڙو نظام قائم ڪيو ويندو جنهن ۾ سڀ عورتون اقتصادي طرح پنهنجن پيرن تي بيٺل هونديون، ڪنهن جون محتاج نه هونديون، ڪنهن جي ڪيسن ڦلورڻ، ڪنهن جي خوشامد ڪرڻ لاءِ مجبور نه هونديون، اتي، لتي، گهر ۽ آبروءَ لاءِ ڪنهن جون محتاج نه هونديون، جڏهن هو مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڌرتيءَ جون وارث ۽ مالڪ ٿيون، تڏهن ئي غلامي ختم ٿيندي، نه رڳو عورت جي پر سموري عوام جي، سموري انسانيت جي.

جيڪو ادب عورت کي رڳو هڪ جنس طور پيش ڪري ٿو ۽ سندس مسئلو فقط جنسي مسئلي تائين محدود رکي ٿو سو دوست جي ويس ۾ عورت جو دشمن ادب آهي. اهو جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جو ڇاڙتو ادب آهي.

**ڳوٺن مان شهرن ۾ اچڻ وارن جي پيڙا**

هزارين سالن کان ڳوٺن مان ماڻهو شهرن ۾ ايندا رهندا آهن. هاڻ به اچن پيا، سياڻي به ايندا ۽ پرينهن به. هر دؤر ۾ شروعات ۾ هو پاڻ کي نئين شهر ۾ اوپرو اوپرو، وائڙو وائڙو محسوس ڪن ٿا. پر پوءِ ٺهيو وڃن، نيٺ پراڻا شهري ٿيو وڃن. اُنهن جا مسئلا اهم آهن ۽ اهي حل ٿيڻ گهرجن. پر اهي اهڙا ڪي بنهه اچرج ۾ وجهندڙ مسئلا ناهن، جي نه ڪنهن سُڻا نه ٻُڌا ۽ جنهن لاءِ ڪو نئون برڙ باڪاس قسم جو ادب لازم ٿيو پوي. عالمي ادب صدين کان ڏڪارن، قتلامن، ٻوڏين، جنگين جي پيڙا جو اظهار پئي ڪيو آهي. اها ڪهڙي اهڙي انهن کي وڏي ازغيبي پيڙا آهي، جنهن جو اظهار نه ڪري سگهندو ۽ ان لاءِ ڪنهن جو به روزگار جي خاص الخاص پيڙائي ادب جي ضرورت پئجي وڃي.

**پراڻا قدر ۽ ناتا ٽُٽن ٿا ته ٽُٽڻ ڏيو!**

چوندا آهن "ڪُتي، سهڪي ڏجاڻي! ڇو؟ چي، مون کي نيپاج جو ساءُ!" هيءُ قصو اجا به اور آهي. هتي ته مورڳو "ڏجاڻي، سهڪي ڪُتي!" وارو ڪم آهي!

پلا جيڪي اڳوڻا سماجي قديم ناتا ٽُٽن پيا سي ڪهڙا آهن؟

اڳوڻا سماجي قدر ۽ ناتا ڪهڙا هئا؟ اهي سماجي طرح جاگيرداري، سرمايه داري، سامراجي قدر ۽ ناتا هئا. ڳچ وقت تائين اهي بنيادي طرح ساڳيا رهڻا آهن. فرض ڪريو ته اهي بدلجن پيا، ٽُٽن پيا، ڀُرن پيا، پر انهن تي ٽين دنيا جي عوام کي رنج ٿيڻ جو ۽ ماتم ڪرڻ جو ڪهڙو لاچار آهي؟ اهي عوام ڪهڙا يورپي ملڪيت وارا طبقا آهن، جن وٽ سرمايه داري نظام پهرين عروج تي هو ۽ جن ان جي وسيلي پنهنجي عوام ۽ سڄيءَ دنيا جي عوام کي ڦُري ماري ۽ لُٽي موجون ماڻيون؟ اهي ڪهڙا جاگيردار، نواب، بادشاهه ۽ سُلطان آهن، جن پراڻن جاگيرداري قدرن ۽ ناتن جي ذريعي خرمستيون ڪري عيش ٿي ڪيا؟ انهن کي سرمايه داري، جاگيرداري نظامن ڪهڙو پينگهن ۾ لوڏيو هو جو هو ويهي اِنهن جي زوال ۽ سندن قدرن ۽ ناتن

Gul Hayat Institute

جي ٽُٽڻ تي پار ڪين؟ هنن جون تہ انهن آدمخور نظامن ۽ سندن قدرن ۽ ناتن، پيڙهيون ٻاڙي ۽ سندن ڪلون لاهي ڇڏيون!

## ڪا اِتي، ڪو ڏونڪو؟

خاص ڪري هندستان پاڪستان جي جديدين ڪان تہ ڪو ماڻهو هجي جو پڇي تہ، ”ميان اوهان جو انهن مردار نظامن ۾ ڪا اِتي، ڪو ڏونڪو! اوهان جاگيردار، سرمايہ دار، سامراجي نظامن جا ماريل، ڪُنل ماڻهو، اوهان ڪي انهن نظامن ڪهڙيون پڳون ٻڌايون آهن، جو انهن جي ڏک ۾ اوهان جو هيءُ پار جو ٽڪاءُ پيو پوي ۽ اڪين تان ڳوڙهو نٿو سُڪيو!؟ اوهان جي تہ پاڻ خدا ٻڌي، جو اهي آدمخور نظام ۽ سندن قدر ۽ ناتا پنهنجي ڪُتيءَ مرن پيا! اوهان ڪي تہ پاڻ گهرجي تہ سڄي دنيا ۾ جيڪو نئون جاگيردار دشمن، سرمايہ دار دشمن ۽ سامراج دشمن، قومي عوامي جمهوري انقلابي نظام ڏاڪي بہ ڏاڪي اڏجي پيو، ان ۾ پهچ آهر هٿ وجهايو. ان جي اُسرڻ، نسرڻ، وڌڻ ويجهڻ جي آجيان ڪريو، خوش ٿيو سرهايون ڪريو. اوهان ڪي وري محمد باقي يا محمد تغلق، تيمور يا نادر شاهہ ۽ لارڊ هيٽنگس جي راڄ جو شوق ٿيو آهي، جو مٿي ۾ ڌوڙ وجهيو مُنهن مٿا پيا پٽيو!؟“

## ”ڇڄ ۾ ڇاڻي ڪونہ، ڇي آئون گهوٽ جي پڦي!“

انگريزن جي واريءَ ۾ ڪيترا ڪارا هندستاني بہ گورن انگريزن جو نقل ڪندا هئا ۽ ماڻهن تي پنهنجي صاحبلوڪيءَ جو رعب وجهندا هئا. ماڻهو انهن ڪي ڪارا انگريز ڪوٺيندا هئا. جيڪي ٽين دنيا جي اديب، يورپ ۽ آمريڪا جي سرمايہ دار سامراج جي زوال تي ماتم ڪندڙ آمريڪي، يورپي زوالي اديبن جو نقل ڪري، دنيا ۾ سرمايہ دار سامراجي قدرن ۽ ناتن جي ٽُٽڻ جو ادبي ماتم پيا ڪن، سي بہ ادب جا ڇڙ ڪارا انگريز آهن.

انگريزن جي دؤر ۾ ويچارن ديسي ڪارن ڪرستانن ڪي، پاڻ بابت، ڏاڍيون رحم جوڳيون خوش فهميون هونديون هيون. ڳالهہ ڪندا آهن تہ لاهور ۾ انگريزن جي راڄ ۾ هڪڙي پيري انگريزن خلاف مظاهرا ٿيا. هڪڙي پنگياڻيءَ ٻيءَ ڪان پڇيو، ”ني اي ڪِي مندگي هين؟“ ٻيءَ وراڻيو ”اي ساڊي ڪولون آزادي پي منگدي نين تي اسي نيهون ديڻ لگي.“ (”ائي! هي ڇا ٿا گهرن؟“ ”هي پاڻ ڪان آزاد ٿا گهرن ۽ پاڻ ڪونہ ٿا ڏيون.“) مطلب تہ ٻهارا هٿن ۾، پر پاڻ ڪي گورن انگريزن جو شريڪ ۽ ملڪ جو مالڪ پيو سمجهجي! تيئن ٽين دنيا ۾ ماڻهو موچڙن جي ويل ۾ ۽ هنن ڪي غم جاگيردارن ۽ سرمايہ دارن ۽ سامراجي قدرن ۽ ناتن جي ٽُٽڻ جو!

## ٻوليءَ ڪي ڇا ٿيو آهي؟

Gul Hayat Institute

چون ٿا ٻولي اسان جي احساسن جو ڀرپور اظهار نٿي ڪري سگهي. ڪيئن ڪندي؟ ٻولي ماڻهوءَ ڪي اچي ته ان ڪان ڪم به وٺي سگهي نه! انساني ٻوليءَ ڪروڙين ڪتاب لکايا آهن. هزارين شعر، ڊراما، ناول، ڪهاڻيون، قصا وغيره ان ٻوليءَ ۾ لکيا ويا آهن. انهيءَ ٻوليءَ ۾ هومر، ڪاليداس، ورجل، دانتي، شيڪسپيئر، لطيف، گورڪيءَ ۽ ٻين پنهنجي ذات جو اظهار ڪيو آهي. ان ٻوليءَ ۾ ڪائنات جا ڪروڙين اسرار ڪاميابيءَ سان سمجهايا ويا آهن. سوين سائنسدان ان ۾ نهايت چٽائيءَ ۽ صفائيءَ سان بيان ٿي چڪيون آهن. اينسٽائين انهيءَ انساني ٻوليءَ ذريعي پنهنجو تاريخ ساز اضافيت جو نظريو بيان ڪري ورتو.

هاڻ ٻوليءَ کي اوچتو ڇا ٿي ويو آهي جو هي جديدي حضرات ان ۾ پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ ۾ تڪليف محسوس ٿا ڪن؟ تنهن ڪان سواءِ هر ٻي شيءِ وانگر ٻولي به هر دؤر ۾ ارتقائي يا انقلابي ترقي ڪندي رهي ٿي، وڌندي ويجهندي رهي ٿي. هنن جديدي حضرات وٽ اهڙا ڪهڙا غيبي اسرار لڪل آهن، جن کي هو سدا وڌندڙ ويجهندڙ انساني ٻوليءَ جي مدد سان ظاهر ڪري نٿا سگهن؟

درحقيقت ٻوليءَ تي پورو عبور حاصل ڪرڻ محنت طلب ڪم آهي. ان لاءِ وڏيءَ چاڻ، وڏيءَ لياقت، وڏي ڪمال جي ضرورت آهي. جديدين جي هڪڙي سچاڻپ اها آهي ته هنن کي پنهنجي ٻولي نٿي اچي. هر خوبصورت، اثرائتي ۽ جاندار ٻولي ته نهيو، صحيح ٻولي به لکي نٿا سگهن. اڪثر ڪري ان ڳالهه ۾ هو بلڪل جٽ ۽ جاهل آهن.

**پراڻا ادبي ۽ فني قدر ۽ ٽيڪنيڪ ٽُٽن پيا!**

برابر ٽُٽن پيا، پر رڳو ٽُٽن ڪونه پيا، بدلجن، نهن ۽ جُڙن به پيا. اهو سلسلو شروع کان وٺي هليو اچي ۽ هلندو رهندو. ان ۾ ڪا به اهڙي ڳالهه ڪانهي، جيڪا بلڪل اهڙيءَ بنهه نئين هجي، جو ان لاءِ آسمان مان ڪنهن بنهه هوائي ادب جي نازل ٿيڻ جي ضرورت پوي. ادب ۾ ان جي ٽيڪنيڪ ۾ نوان عنصر سدائين شامل ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿيندا رهندا، پر هيئن نه ته اڳوڻي هر ڳالهه رد ۽ سماج جا سمورا رشتا غائب.

**ماڻهو اسان جي ڳالهه سمجهي نه سگهندا!**

ماڻهو ڇو نه سمجهي سگهندا؟ آخر ماڻهو ڪجهه نه ڪجهه ارسطو بو علي سينا، گئليلو مارڪس، اينسٽائين، شيڪسپيئر، رومي ۽ لطيف کي به سمجهي ويا. ماڻهو ڪائنات جا ڪيئن قانون ۽ راز به سمجهي ويا. مادي جا، ايٽم بم جا، ڪوائٽم نظريي جا، خلا جا، خلا ۾ سمايل مقناطيسي برقي لهرن جا. اهڙو سمجهي ويا جو ڪائنات کي فتح ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو اٿن. ماڻهو چنڊ تي پهچي ويا آهن. سمنڊن جي پاتالن ۾ پهچي ويا آهن. هتان نشانو ٿا چُٽين ته ٺڪ وڃيو مريخ

Gul Hayat Institute

ڪي لڳي! ماڻهو هزارين سال اڳ جون بابلي، ايسري ۽ مصري لکيتون پڙهي ويا آهن. موهن جي دڙي جي لکيتن کي لڳا پيا آهن.

اهي ماڻهو هنن جي لکيت ڇو نہ سمجهندا؟ هي ڪي زحل ۽ مشتري يا ستاري الفاسينٽاري جي مخلوق تہ ناهن جو هنن جون لکيتون ماڻهن کي سمجھ ۾ نہ اچن؟ پر پريان ڪا سمجهڻ جهڙي ڳالھ بہ تہ هجي! ڪا معنيٰ ڪو مطلب بہ تہ هجي!

**ڪنهن معنيٰ مطلب سان واسطو ڪونهي!**

پر هنن جو ڪنهن بہ معنيٰ مطلب سان واسطو ڪونهي. هنن کي پنهنجون بي مثال صلاحيتون، معنيٰ ۽ مطلب جهڙي خسيس ڳالھ تي زيان ڪرڻيون ڪونهن! هنن کي "نئون"، "جوان سال"، "پنهجي ذات جي آگاهي رکندڙ"، "پنهنجي ذات سان سچو"، "اندر جي پيڙا ۾ پچندڙ"، "صليب ڪلهي تي کڻي، ٻاهرن ڪنڊن تي هلندڙ"، "پور پور ٽيندڙ"، "ٽِرندڙ پکڙجندڙ ذات وارو" جغاداري مها اديب ٿيڻو آهي. چرچي جي ڳالھ تہ ڪانهي! مطلب ۽ معنيٰ جيترو گهٽ، اوترو چڱو! اوتري لکيت وڌيڪ علامتي ۽ خيالي ٿيندي. مطلب تہ معنيٰ بنھ نہ هجي تہ اهڙي ڳالھ ڪا ٻي! لکيت نسوري علامت، علامت جي بہ علامت هجي ۽ مٿان جي ان ۾ پڙهندڙ کي بنھ مت مان ڪڍي ڇتو ڪري، ڪانئس گونھ ڏڦاني جو مصالحو بہ پيل هجي تہ پوءِ چڙ ڪير ۾ ڪنڊ پئجي ويئي! "نئين" ادب جو بي مثال شاهڪار تيار ٿي ويو. آسپاس جا ڪئين نقاد ۽ پُٽن پوٽن وارا "جوان سال اديب" نئين مها ادب جي چرنن ۾ سيس نوائڻ لاءِ اچي ڳاهٽ ٿيندا. سندس شاهڪار ۾ لکل عظيم علامتي ڳُجهارتن جون سوين پيچيون ۽ روحاني راز پيش ٿي ويندا. ڪو چوندو "پيڙهي وڇوٽيءَ جي علامت آهي." ڪو چوندو "نراس سچائيءَ جي علامت آهي"، تہ ڪو چوندو "نہ، نراس سچائيءَ جي علامت نہ، سچيءَ نراسائيءَ جي ڳُجهارت آهي." مطلب تہ جيترا ڏند ڏاڙهون وجائي وينل، ڏاڏي آدم جي واريءَ جا "نوان" نقاد، اوتريون، مُنهن جي پڪائيءَ ۽ جاهل ۽ ڪوڪليءَ لفاظيءَ واريون تاويلون.

ننڍي هوندي ٻن ٺڳن جو قصو پڙهيو هئوسين، جن بادشاھ کي چيو هو تہ اسان توکي سونيءَ تار مان اُٽيل اهڙا حيرت انگيز ڪپڙا پارايا آهن، جن کي ڪو بہ بيوقوف يا تنهنجو ويري ڏسي ڪونہ سگهندو. اهڙيءَ طرح بادشاھ کي اُگهاڙو ئي اُگهاڙو، گهوڙي تي چاڙهي کڻي سندس شهر ۾ جلوس ڪيرايائون. ڪنهن کي بادشاھ جي نظر ۾ بيوقوفي ۽ ويري تہ ٿيڻو ڪونہ هو! سو سڄو شهر واھ واھ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. آخر هڪڙي ٻار وتني رڙ ڪئي، "اڙي بادشاھ اُگهاڙو!" "اڙي بادشاھ اُگهاڙو!" تڏهن وڃي ٺڳي ظاهر ٿي.

سو هي بہ پنهنجيءَ پر ۾ سونيءَ تار مان اُٽيل حيرت جهڙو ادبي لباس اوڍيو وينا آهن. ڪير چوي شينهن کي تہ مون کي کاءُ! ڪير چوي "بادشاھ اُگهاڙو!؟"



Gul Hayat Institute

**ماڻهو سمجهن نہ سمجهن، پسند ڪن نہ ڪن، اسان جو واسطو ڪونهي، اسين پنهنجا نقاد پاڻ آهيون.**

چالاڪيءَ جي بہ ڪا حد هجي! پنهنجا شاهڪار بہ لکڻا آهن، ڇپائڻا آهن، شهر شهر پهچائڻا بہ آهن، انهن جون تعريفون بہ ڪرائڻيون آهن. مها نئون اديب بہ سڏائڻو آهي، پر جي ڪو وات مان اکر ڪڍي تہ، "ٻيلي، ڏاڍا ٺيو! هن ۾ ادب جي پائي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟" تہ هڪدم اکيون ڦوٽاري ڇئبو "اسان اوهان لاءِ نہ لکيو آهي، اوهان کي سمجهہ ۾ بہ ڪونہ ايندو. اچي نہ اچي، اسين ٻڌل ناهيون، اسين پنهنجا نقاد پاڻ آهيون. "

مطلب تہ ماڻهو داد ڏين تہ سبحان الله! پر جي سوال جواب ڪن تہ "ماڻهن جو اسان سان واسطو ئي ڪونهي!"

پلا جي ماڻهو اعليٰ ادب سمجهي بہ نٿا سگهن، انهن لاءِ آهي بہ ڪونہ، انهن جي راءِ کي ڪوبہ وزن ڪونهي تہ پوءِ آخر پنهنجي خيالن کي لکڻ جي تڪليف ڪرڻ جو ضرور ڪهڙو؟

لکڻ تہ آخر ڪنهن نہ ڪنهن جي سمجهڻ يا ان کي سمجهائڻ لاءِ هوندو آهي! چو نہ اهي اڻ لپ خيال دماغ ۾ ويچاري، دماغ ۾ ئي سانڍي رکي ڇڏجن؟ هيڏي تڪليف ڪري پني تي لکڻ جو ڪهڙو ضرور؟ پر جي هرويرو لکڻ بنا رهي نہ سگهجي تہ پاڻ پڙهي ڦاڙي ڇڏجي يا وڌ ۾ وڌ پاڻ وٽ سوگهو ڪري رکي ڇڏجي ۽ جڏهن وٽي تڏهن پيو پڙهجي. ان کي هرو پرو ڇپائڻ جو ڪهڙو ضرور؟ بازار ۾ آڻڻ ۽ عام ماڻهن ۾ وڪڻڻ جو ڪهڙو ضرور؟

**هيءُ دؤر اسان جي تخليق جي عظمت جو فيصلو نٿو ڪري سگهي!**

برابر ڪي ماڻهو ڪي فنڪار اهڙا بہ آهن، جن جي تخليق جي سموريءَ عظمت کي ڪو هڪڙو نسل، ڪو هڪڙو دؤر يا ڪا هڪڙي اڌ صدي مڪمل طرح پروڙي نٿي سگهي. ڪيئي اهڙا بہ ٿي گذريا آهن، جن کي سندن زماني جي وڏن پڳڙن مرڳو ڌڪاري ڇڏيو. سندن ڳالهہ مرڳو سمجهي ئي ڪانہ. پر انهن مان اڪثر، انهيءَ جي باوجود، پنهنجي دؤر جي عوام جي عدالت ۾ پيش ٿيا. صحيح يا غلط، انهن جي راءِ ٻُڌائون ۽ سَنائون. ايئن ڪنهن بہ ڪونہ چيو تہ "ماڻهو مون کي سمجهي ڪونہ سگهندا. ماڻهن جو مون ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ وڃي. مون کان پڇي پري ٿيو!" نہ ڪاليداس ايئن چيو نہ هومر، نہ سئفو نہ ميران، نہ شيڪسپيئر، نہ لطيف، نہ ٽالسٽاءِ، نہ گورڪي يا ڪنهن ٻئي اهڙي.

تنهن کان سواءِ عظيم فنڪارن، جي ناجائز ملامت سَني آهي تہ اڪثر ڦورو، ظالم طبقن ۽ سندن ادبي ۽ ثقافتي ڪمدارن هٿان، هيءُ ادب تہ دنيا جي سرمايہ دار سامراجي طبقي جي عين منشا ۽ مرضيءَ مطابق آهي. انهن جو ئي خادم آهي، انهن

Gul Hayat Institute

جو ئي ڪم ڪري ٿو مڪاني حاڪم طبقي کي به هن ادب مان اڻ سڌو نفعو نقصان ڇا جو؟ ماڻهن کي ادب جي ناليءَ ۾ نااُميديءَ ۽ مايوسيءَ جو چرس ۽ گانجو پياري، بتال ڪرڻ واري ادب کان وڌيڪ حاڪم طبقن جو هيئين ٺار ادب ٻيو اڃا ڪهڙو ٿيندو؟ اهڙي ادب کي زماني مان ٻيو ڪهڙو ڊپ ڊاءُ؟

پر حال اهو آهي، جو جنهن ڪڪڙ جي آني مان ڦُٽي "چيون!" "چيون!" مس شروع ڪئي ته هن لاءِ هڪدم ماڻهو ٿيو وڃن جاهل ۽ سڄي نسل جو نسل ۽ دؤر جو دؤر ٿيو پوي هن جي عظيم وللي ۽ واويلائي فن بابت ڪا راءِ ڏيڻ لاءِ نااهل! تنقيد جا دروازا بند! ادب کي پرکڻ جون سموريون ڪسوٽيون رد ۽ باطل! "مين جو آکيا گابا سو گابي ڪِوين ٿيسي؟" جي هي عوام لاءِ چون ٿا ته عوام جي اڪثريت ڪين ۽ سندن فن کي سمجهي نٿي سگهي ۽ سندن عوام سان ۽ انهن جي پسند ناپسند سان واسطو ئي ڪونهي ته ڇا عوام کي اهو حق ڪونهي ته هو به چون ته "اي ادب جي مسند جا عالمي مقامو! جيئن ته اوهين به اسان کي ۽ اسان جي ڏُکن دردن کي سمجهي نٿا سگهو تنهن ڪري اوهين به اسان جي ڪم جا ناهيو! اوهين به اسان کي ڪونه کپو! ڪٽي وڃو اسان جي اڳيان هي پنهنجا ڪوڙا ۽ جُهڙتو دفتر ۽ بند ڪريو اسان جي اڳيان هي اجايون وللون ۽ ڪڳيون؟"

## "عوام کي نفعو ٿئي يا نقصان اسين ٻڌل نا هيون"

عام طرح هر ڪو ماڻهو بنيادي طرح پنهنجي فائدي لاءِ ڪم ڪري ٿو پر ڪي جيري ڪارڻ ٻڪري ڪُهن ٿا. ڪي نه، چرس ۽ گانجو وڪڻندڙ سمگل ڪندڙ ڪوڙيون دوائون وڪڻندڙ ٻار اغوا ڪندڙ بليڪ مارڪيٽر، ذخيره اندوز، رشوت خور ڪامورا ۽ ظالم حڪمران طبقا، ملاوت ڪندڙ سڀ ايئن سوچين ٿا ته "اسان جو ڪم پنهنجي فائدي سان. ان مان ٻئي جو نفعو ٿئي يا نقصان، اسان جو واسطو ڪونهي." ادب جي ميدان ۾ به ڪن ماڻهن جي سوچ اها آهي. ادب جي ميدان ۾ عوام جي مفادن ڏانهن لاتعلقيءَ ۽ لاپرواهيءَ جو جنسي پرستيءَ، ماراماري، دهشت انگيزيءَ، خودپرستيءَ، لالچ، عوام دشمنيءَ، مايوسيءَ ۽ بزدليءَ جو سڌو ۽ اڻ سڌو پرچار ڪندڙ اديبن يا فنڪارن لاءِ به عوام جو رويو اهو ئي رهڻ گهرجي، جهڙو ٻار اغوا ڪندڙن، بليڪ مارڪيٽرن، ذخيره اندوزن وغيره لاءِ. اهي سڀ عوام جا مجرم آهن، جن کي عوام جي ڀلي جو خيال ڪونهي، جيڪي عوام جي مفادن بابت لاتعلق ۽ لاپرواهه بڻجي ٿا وڃن، تن سان عوام جو سلوڪ به اهڙو ئي هئڻ گهرجي.

## هي لاتعلق هرگز ڪونهن!

پر هي عوام ڏانهن لاتعلق ناهن. فقط اهڙو ڍونگ رچائين ٿا. هنن جو عوام جي مفادن ۽ نفعن ۽ نقصانن سان گهرو واسطو آهي. عوام جي دشمنن جو ڇاڙتو ادب پنهنجي شڪار يعني عوام تي هردم ڳرڙي نظر رکيو ويٺو آهي. سندس ڊيوٽي ئي

Gul Hayat Institute

اها آهي تہ عوام کي ڪيئن وڏ ۾ وڏ نقصان رسائي، پنهنجي آقائن يعني عوام دشمن حاڪم طبقن وٽ سرخرو ٿئي.

نام نهاد "نئون" ادب قسمين قسمين رنگن ۽ روپن ۾ طرحين طرحين نموني سان پنهنجن آقائن جي خدمت ۽ دنيا جي عوام سان دشمني پيو ڪري.

## عوام جي حمايت ۽ عوام دشمنن جي مخالفت ڪندڙ ادب خلاف خونخوار جنگ

عوام جي خدمت ڪندڙ ادب عوام جي دشمنن خلاف سڄي دنيا جي ڪروڙين ڦُريل ماريل انقلابي ماڻهن جي ذهنن ۾ چوٽڪاري ۽ آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جا جدوجهد ۽ ويڙهہ جي پختن ارادن، سورهيائيءَ ۽ قربانيءَ جي حوصلن جا بم بارود پيو رکي. هيءُ "نئون" ادب ڊوڙ ڪري انهن بمن جا فيوز اُڏايو ڇڏي. هي ماڻهن کي جنس پرستيءَ، مايوسيءَ، بزدليءَ، خودلذتيءَ، خودقياسيءَ ۽ خودپرستيءَ جا چرپا ڏاٽُورا پياريو، کين مت مان ڪڍيو سندن ڌيان مٿين ڳالهين تان هٽايو ڇڏي.

### اصل مسئلن تان ڌيان هٽائڻ

پيڙهي وڇوٽي، انسان جا ذاتي مونجهارا، جنسي مسئلا وغيره انساني مسئلا آهن، پر اهي بنيادي مسئلن جي پيداوار آهن، خود بنيادي ڪان بنيادي مسئلا ناهن. بنيادي ڪان بنيادي مسئلا هڪ ڦورو ۽ ظالم سماجي نظام ۾ عوام جي ڦُرلٽ ۽ غلاميءَ جا پيدا ڪيل مسئلا آهن. جي سماجي نظام ٿو بدلجي ۽ اهي مسئلا حل ٿا ٿين تہ پيڙهي وڇوٽي ماڻهن کي ڦان ڪانہ ڪري ڇڏيندي.

ماڻهو سجاڳ، متحد، منظم ۽ سرگرم هوندا تہ فرد جي اڪيلائپ ۽ وائڙپ جو علاج بہ ٿي پوندو تہ جنسي منافقيءَ ۽ مڪاريءَ جو بہ. اصل بيماري ٽي بي آهي، مٿي جو سُور نہ. اهو تہ ان جو اثر آهي. هي اصل مرضن کي جيئن جو تيئن قائم رکڻ لاءِ، انهن جي ڳالهہ بہ نٿا ڪرڻ ڏين. رڳو مٿي جي سور تي اوچنگارون پيا ڏين ۽ اسپرو جو علاج پيا ڏسين. اهڙيءَ ريت تيليءَ مان ٽنب ٺاٺي، هيٺرادن مسئلن ۽ اصل مسئلن مان پيدا ٿيل ٻئي ٽئين درجي جي مسئلن بابت ڦشري مچائي، هو اصل مسئلن تان عوام جو ڌيان هٽائي، انهن جي حل جي راهہ روڪي، عوام دشمنن جي خدمت ڪن ٿا.

### جعفر واريون ڪوڙيون دانهون

متان ڪي ماڻهو سچن پچن مظلوم ماڻهن جي سچي پچي اجتماعي ۽ تاريخي مظلوميت بابت سچيون دانهون ڪري، عوام کي سجاڳ نہ ڪري وجهن، ان ڪري ڪوڙي جعفر واريون ڪوڙيون دانهون ڪري ادب ۾ "دانهن ڪوڪ" جي تصور کي اهڙو بور ڪندڙ، گندو ۽ بدنام ڪريو ڇڏين، جو ماڻهو ان ڪان ايئن ٿا ونءُ وڃن جيئن ڪانءُ پڇي ڪمان ڪان!

Gul Hayat Institute

## ميسٽپائيءَ سان فتني انگيزي

زواليت، مايوسيءَ ۽ موت جا پرچارڪ جديدي ادب ڏسڻ ۾ ڏاڍا بي ضرر قسم جا چرڙيا ۽ بتال قسم جا ماڻهو نظر اچن ٿا، پر اهو رڳو سندن ظاهري ڏيک ۽ ڍونگ آهي. ان بتالپڻي جي ٻهروپ هيٺ هو وڏي سازش لڪايو وينا آهن. پاڻ تي گگ بہ نہ سهڻ وارا! وقت تي چانهہ نہ ملي تہ هڪدم ست ڏيئي، قلم ڪٽي، ڪامائن، اڌ دمن ۽ سوالن جي نشانين جي اڌ اکريءَ ۾ واويلا مچائي ڏيندا! چي ”پيڙهي وڇوٽيءَ ماري ڇڏيو! پڇان پيو! پُران پيو! بس ويس!“ جي ڪو منجهائڻ بور ٿي، بہ تي ڏينهن ڪائڻ پڇي پنهنجي جان بچائي تہ هڪدم ”اڪيلائيءَ جي صليب“ مٿي ڪچي ويندي ۽ ”ٻاٻرن ڪنڊن تي سفر“ شروع ٿي ويندو! مطلب تہ شل نہ مٿي ۾ سُور پوين! پوندو قلم جي نڪ ۾ هٿ ۽ اوچنگارو جو نڪاءُ شروع ٿي ويندو.

پر شل نہ ڪا خبر پوين تہ ڪنهن اديب يا فنڪار ڪروڙين محروم ۽ مظلوم ماروئڙن جي ڏکن سورن، مقصدن ۽ آدرشن ۽ جدوجهدن ۽ سوين ڪي پنهنجي جيءَ ۾ محسوس ڪري، انهن کي سمجهي ۽ پروڙي، انهن جي روشنيءَ ۾ ڪا ادبي ۽ فني تخليق ڪئي آهي! اک ڇنپ ۾ هي ظاهري انان چريا، جيڪي ڏسڻ ۾ رڳو پنهنجي جَوَڙَ ۾ پورا آهن ۽ ڪنهن جي بہ نہ هنئي ۾ آهن نہ ڪنئيءَ ۾، سي اکيون ڦوٽاري رانياڙ ۽ چچرات ڪري اُڀا ٿي ويندا! چي ”ادب ۾ سياست، هان؟ سنئين سڌي نعري بازي! فن جي توهين! نڪرو اسان جي ادبي گهر مان ٻاهر!“ واڪا ڪندا ۽ ڊيپٽ مچائيندا. سڄي ملڪ ۾ پکڙجي پوندا تہ ”ونوَ! نہ ڇڏيونَ هي اٿوَبي ادب، نعريباز! سياسي غنڊا.“

اهڙيءَ طرح هي هڪڙي طرح اديبن کي نعريبازيءَ جي ٺپي لڳڻ ۽ ادبي پيت پوت مان ڪيڻ جو ڊپ ڏيئي، ڪين پنهنجي ذهن ۽ ضمير مطابق ادب تخليق ڪرڻ کان روڪي، عوام کي پنهنجي ڪم جي ادب کان محروم ڪن ٿا تہ ٻئي طرف ادبي ميدان تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪري، ماڻهن تي سچو پچو نعريباز ۽ پروپيگنڊا باز، رجعت پرست ۽ سامراج پرست ادب مڙهين ٿا.

## رجعت پرست جاگيردار، سرمايہ دار ۽ سامراجي ادب سان ٻِڌُ

دراصل هيءُ ميسٽو، ترقي پسنديءَ جو ٺپو لڳل ادب ڏني وائني رجعت پرست، جاگيردار ۽ سرمايہ دار ادب سان گڏ ٻِڌڻ مچايو وينو آهي. ظاهر ظهور رجعت پرست ۽ کُليو کُلايو عوام دشمن ادب، عوام ۽ سندن ادب تي کُليا کُلايا نظرياتي ۽ سياسي وار ڪن ٿا. ان ڪري اهي عوام وٽ چاتل سُچاتل ۽ اگهاڙ ٿي خوار خراب ٿيل آهن ۽ عوام انهن کي ڏسڻ شرط سڃاڻي، ڏڪار وچان ٿوڪاري ڇڏي ٿو پر هي نواڻ ۽ روشن خياليءَ جو پوش چاڙهي گهمندڙ ادب، عوام جي وچ ۾ مُبي ٿيو وينو

Gul Hayat Institute

آهي ۽ سندن دوست جي لباس ۾ سندن خلاف ڪڏُون پيو ڪوڙي. ان ڪري هيءُ ادب انهن ادبن ڪان وڌيڪ خطرناڪ عوام دشمن ادب آهي.

جن جن ملڪن ۾ عوام بنهه هيٺا آهن ۽ ڦورو طبقا مٿن ٻي دستوري ڦُرلٽ ۽ ظلم سان گڏ، مٿن اُگهاڙيون آمريتون ٻه مڙهيو ويٺا آهن، اتي ته هنن لاءِ چاندي آهي. آمريت آئي، چڙ هنن جو لولو گيهه ۾ ڪري پيو! جو ته عوام جي گهٽگهرن اديبن ۽ فنڪارن تي سرڪار جا ڪات ڪهاڙا هوندا آهن ۽ اُهي لِڪڻ ۾ پورا هوندا آهن ۽ هي زهريلا ڪانڌيرا، آمريت سان هڪڙي اڻ لکيل سمجهوتي موجب، انهن جي اڻ لکيل اجازت سان، عوامي اديبن کي ٻي دخل ڪري، ادب ۽ فن جي ملڪ جا وڏا درخت ٻڻجي ويهي رهندا آهن ۽ ملڪ جا مالڪ تي حڪم هلائيندا آهن.

Gul Hayat Institute

باب ڇهون

# طبقاتي مفادن ۽ نظرين کان بالاتر خالص ادب جو ڍونگ

چئي ”ڪُن فيڪون“، جڏهن خلقيا روح خداءِ،
گڏ جِت گذران هو جَڙ لڳي تنهن جاءِ،
مون توهين سين آءِ، اِها ساڃاءُ سپرين!
(لطيف)

زوالي چون ٿا ته اسان جو ادب خالص آهي. ان ۾ ڪا به ملاوت ڪانهي، ڪا به غيرادبي ڳالهه ڪانهي. ان ۾ نه ڪنهن طبقي جي ڳالهه آهي، نه ڪنهن نظريي جي، جو ته اهي ڳالهيون ادب کي خراب ٿيون ڪن. ادب کي ادب نٿيون رهڻ ڏين ۽ پروپيگنڊا بڻايو ڇڏين.

ڇا، اها ڳالهه سچي آهي؟ ڇا واقعي خالص ادب نالي ڪا شيءِ دنيا ۾ ٿي آهي؟ يا ٿي سگهي ٿي؟ ڇا، ڪنهن نه ڪنهن فرد، انساني گروهه، طبقي يا قوم جي فائدي يا نقصان جي سڌي يا اڻ سڌي، ڪنهن نه ڪنهن قسم جي، ڪنهن نه ڪنهن حد تائين، ترجماني يا وڪالت يا تبلغ (پروپيگنڊا) ڪرڻ کان سواءِ به ڪو ادب وجود ۾ اچي سگهيو آهي يا سگهي ٿو؟

دنيا ۾ ڪوڙيون ڳالهيون سچين ڳالهين کان لک ڪروڙ دفعا گهڻيون ٿيل ۽ ڦهليل آهن. اهي لکين ڪروڙين ڪوڙيون ڳالهيون ڪن ايامن کان لکين ڪروڙين دفعا ورجائينديون رهيون آهن ۽ روز پيون ورجائجن. سچي ڳالهه ڪا اڌ دفعو ڪنهن ڪنڊ پاسي کان لڪي ٿي وئي ته ٿي وئي، نه ته پيو ٿيو خدا جو نالو. ان ڪري ضرورت آهر زندگيءَ جي سچاين کي جيترو گهڻو ورجائجي سو ٿورو.



Gul Hayat Institute

اڇو ته ذهني تڪليف ڪان وئون ويندڙ علمي ۽ سائنسي ڳالهين کان پري ڪان ٿهندڙ پنهجي قومي نازڪ مزاجيءَ جي گهوڙي ڪي، هڪ پل لاءِ لغام ڏيئي ۽ پنهنجي ڳڪ جيترو بار نه سهندڙ ۽ لحظي ۾ بور ٿي پوندڙ دماغ ڪي ٿورڙي تڪليف ڏيئي، انساني زندگي ۽ سماج جي ڪن بنيادي حقيقتن ۽ سچاين ڪي، بنهه ٿورڙن لفظن ۾، هڪ دفعو وري ورجائي وٺون.

انسان ۽ حيوان ۾ هڪ وڏو فرق اهو آهي ته انسان جون ضرورتون رڳو جسماني ناهن. دنيا ۾ انسان ٿي رهڻ لاءِ رڳو اٽو لٽو ۽ اَجهو ڪافي ناهن. اهي به کپن، پر ڪجهه ٻيو به کپي. ”او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.“ سندس ذهني، جذباتي ۽ روحاني ضرورتون ڳٽي پوريون ڪري ڪونه سگهبيون. انهن ضرورتن جي پورت کان سواءِ انسان ۽ حيوان ۾ ڪهڙو فرق؟

پر ماڻهوءَ جي جياپي لاءِ مرڳو هڪڙي حيوان جي جياپي جيترو به بندوبست به نه هوندو، ته اهو انسان ڇا مان ٿيندو؟

ڇمندي ڇام ڪير به ڪونهي. ننڍڙي ٻار کي پهلوان مرد ليکي نٿو سگهجي. ٻار، ٻار آهي، پهلوان مرد ٻي ڳالهه آهي. پر جيڪو ماءُ پيٽان ڇاول انساني ٻچڙو ٻار جي درجي کي ئي رسي نه سگهندو ۽ اڳ ۾ ئي ختم ٿي ويندو سو اڳتي وڏي پهلوان مڙس ڇا ٿي سگهندو؟ الف-ب ياد ڪرڻ ۽ کوڙا پڪا ڪرڻ سان ماڻهو پي.ايچ.ڊي. ڊاڪٽر ۽ علم جو اڪابر ٿي ڪونه پوندو. پر الف-ب ياد ڪرڻ ۽ کوڙا پڪا ڪرڻ بنا به ڪو ماڻهو علم جو ڊاڪٽر ۽ اڪابر ڪونه ٿي سگهندو. انسان جيسين ٻيو ڪجهه ٿئي، جيسين شاعر، مدبر، پهلوان، انجنيئر، عاشق، واپاري يا ولي الله جو بڻجي، تنهن کان اڳ سندس پيٽ ۾ ڪجهه ٽڪر مانيءَ جو پوندو رهڻ ضروري آهي. سيءُ واءُ کان بچاءُ لاءِ بدن تي ڪپڙي جي ليڙ ۽ سسيءَ مٿان ڍنگر ٽارو هجڻ به لازم آهي، ڇو ته ٻڪون، سرديون ۽ لُڪون ندوريون آهن ۽ ڪنهن جي اڳتي هلي عالم يا انجنيئر وغيره ٿيڻ جي صلاحيت جو ڪو لحاظ نٿيون ڪن.

ٿورو ياد ڪريون ته ننڍڙي هوندي ڪيترا نه بيحد هوشيار، ذهين ۽ محنتي ٻار پاڻ سان گڏ پڙهندا هئا! انهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا نه موتيءَ جا داڻا هئا ۽ اهي ڇا ڇا نه بڻجي ٿي سگهيا! پر مڙس يا ته ٻکن ۽ بيمارين هٿي فنا ڪري ڇڏيا يا اڄ هوندي وگهي مال چاريندي، ڪوڏريون هڻندي، يا چوريون ڪندي ۽ پوليس جون مارون ڪائيندي، ڇڻ جيئري ئي ختم ٿي ويا!

حسرت ان غنچون په هي جو بن کِلي مرجها گئي!
(افسوس گلن جي انهن مُکڙين تي آهي، جيڪي ٽِڙڻ بنا ئي ڪومائجي ويون.)
سـب ڪهـان ڪـچ لالـه و گـل مـين نمايـان هـوگئين!
خـاڪ مـين ڪيـا صـورتين هـونگين ڪـي پنهـان هـوگئين!

Gul Hayat Institute

(خاڪ ۾ الائي ڪهڙيون سدا ملوڪ صورتون لڪل هونديون! سڀ جون سڀ ڪٿي پڌريون ٿيون! منجهانئن مس ڪي ٿوريون گلن جي روپ ۾ ظاهر ٿيون آهن.)

”غالب“ اها ڳالهه اجائي ڪانه ڪئي آهي. زمين توڙي سماج جي خاڪ ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا گل سمايل آهن، جن کي ظاهر ٿي ٽِڙڻ نصيب ئي نه ٿيو. ڌرتيءَ جي ڏين رڳو اهي ڳاڻ ڳڻيا لال ته ڪين جڻيا، جن مان ڪي ارسطو ۽ سُقراط ارشميدس ۽ هرئڪليٽس، ابن رشد ۽ بو علي سينا، ڪاليداس، شيڪسپيئر، رومي، لطيف، گئليلو ۽ برونو نيوٽن ۽ اينسٽائين، سهڻي، سسئي، مارئي ۽ جون آف آرڪ، دودو ۽ درياهه خان ۽ ٻيا اهڙا ڳچيءَ ۾ ڳهه ڪري پائڻ جهڙا ماڻهو ٻڻيا! انهن ڳُڻن ۾ ڪئين اهڙا لکن جا مٽ، مور مڙس، لڪل هئا، جيڪي اتي لٽي ۽ اجهي جي اڻ هوند جي پارن سرجندي ئي ساڙي ڇڏيا.

ڳالهه جو اکر ٿورو ته:

انسان کي سڀ کان پهرين گذر کپي، پوءِ ئي هو جيئرو رهي سگهندو. مذهب، فلسفي ۽ سائنس بابت سوچي سگهندو. ادب ۽ فن تخليق ڪري سگهندو ۽ ڳُجهارتون ۽ ڏور ڏيئي سگهندو. ميلاپ جا گيت ۽ وڇوڙي جون وايون ڳائي سگهندو. ڪو گراهه پور پيٽ ۾ هوندن، تڏهن ئي موملون ۽ مينڌرا، ڪاڪ ڪنڌين تي، هڪبئي کي ماڻي سگهندا.

اياز بلڪل سچ چيو آهي:

”ڏوَ بنا ڍولا، ڪانهي ساڃهه سونهن جي!“

بدقسمتيءَ سان دنيا ۾ جيترا گهرجن اوترا گذر جا وسيلا ڪونهن. تنهن ڪري هزارين سالن کان وٺي گذران جي گهٽڻ ۾ گهٽڻ وسيلن تي قبضو ڪرڻ لاءِ لٽ لڳندي اچي. ”ڏاڍو سو گابو“ واريءَ ان ويڙهه ۾ هر هنڌ ۽ هر دؤر ۾ ٿورا بدمعاش ۽ غنڊا ماڻهو پنهنجي پٽيءَ کان تمام گهڻا وڏيڪ گذر جا وسيلا (چراگاهه، زمينون، ڪارخانا وغيره) قبائي ويهي رهندا آيا آهن. جنهن جو پيڙهه تي قبضو سو عمارت جو مالڪ، جنهن جو ٽُڙ تي قبضو سو تارين، پنن ۽ ميون سوڌو سڄي وڻ جو ڌڻي!

گذران جي وسيلن تي قابض ٿيڻ کان پوءِ اهي ڦورو ۽ ظالم ٽولا هر ٻي شيءِ، سياست، قانون، انصاف، علم، مذهب، فن، تعليم، فلسفي توڙي نظريي تي قابض ٿي ويندا رهيا آهن ۽ انهن کي هٿرادو ٺاهي، بگاڙي ۽ خراب ڪري پنهنجي ڦورو ۽ ظالم مطلبن لاءِ ناجائز طرح استعمال ڪندا رهيا آهن. هڪڙي پاسي انهن شين جي مدد سان ته ٻئي پاسي اُگهاڙي جبر ۽ ڏنڊي جي زور تي، اهي ماڻهو ماڻهن جي وسيلن کان محروم ٻڌايل اڪثريت کي ڍورن وانگر وهائي، سندن ڪمائيءَ مان مال ۽ دولتون گڏ ڪري، عيش ۽ بادشاهيون ڪندا رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

اهڙيءَ طرح هزارين سال اڳ انساني تاريخ جي هڪڙي ڏاڪي تي، انسان اهڙن مخالف وڏن ٽولن ۾ ورهائجي ويا، جن مان هڪڙا پيٽ ٽڪر تي پورهيا ڪري، دولتون ۽ ملڪيتون ٺاهيندا رهيا آهن ۽ ٻيا انهن دولتن ۽ ملڪيتن تي ناجائز قبضا ڪري، ملڪ جا مالڪ بڻجي، عيش ڪندا رهيا آهن. انهن ٽولن کي سماجي علم جي ٻوليءَ ۾ ”طبقا“ سڏجي ٿو. غلام ۽ غلامدار طبقا، هاري ۽ زميندار طبقا، مزدور ۽ سرمايه دار طبقا انساني تاريخ جا ڇهه وڏي ۾ وڏا طبقا ٿيا آهن.

انهن مخالف طبقن جا ٽورا مفاد پاڻ ۾ گڏيل ۽ گهڻا هڪٻئي جي سخت خلاف ۽ اُبتڙ پئي رهيا آهن. هڪڙي جو فائدو ٻئي جي نقصان بنا ٿي نٿو سگهي. هڪڙي جي نقصان جو لازمي طرح ٻئي کي فائدو ٿو رسي. مخالف طبقن جي مخالف نفعن نقصانن کي ”طبقاتي مفاد“ چئجي ٿو. اُبتڙ طبقاتي مفادن جي ويڙهه کي ”طبقاتي ويڙهه“ سڏجي ٿو. انساني تاريخ جي ذري پرزي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ڏسبو ته پس پيش انساني تاريخ جو نچوڙ (تفصيل نه) اها طبقاتي ويڙهه آهي. انساني تاريخ جي هر شيءِ، سماج، تاريخ، مذهب، قانون، سياست، ادب، فن وغيره تي اُبتڙ طبقاتي مفادن ۽ سندن ويڙهه جا اثر ڏسي گهجن ٿا، بشرطيڪ ماڻهو سماجي علم ۽ سائنس جي خوردبين ۽ دوربين سان انهن کي تپاسي.

خاص حالتون هر ڳالهه ۾ آهن. ان ڪري جڏهن به ڪا عام ڳالهه ڪبي تڏهن اها ڳالهه هر وقت ذهن ۾ رکبي ته خاص حالتن ۾ اَوس ان عام ڳالهه جي اُبتڙ به ٿيڻو آهي. خاص حالتن جي ڳالهه کي ذهن ۾ پاسيرو رکي، غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته انساني سماج جي تاريخ ۾ بُنيادي اهميت ماڻهن جي گذر سفر جي اُبتڙ مفادن يعني اُبتڙ اقتصادي مفادن کي حاصل آهي. مفادن کي جيڪڏهن ڪنهن جاءِ سان پيٽ ڏجي ته پوءِ چئبو ته گذر سفر جا مفاد ان جاءِ جي پيڙهه آهن ۽ ٻيا مقصد انهن جي مٿين اڏاوت ۽ رنگ روغن.

## پرائي دل پرديس

اسين سنڌيءَ ۾ چوندا آهيون، ”پرائي دل پرديس آهي.“ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته پرائي ڇا، پنهنجي دل به پرديس آهي. اسان مان ڪنهن کي خبر آهي ته خود اسان جي دل ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ”سلڻ نه جهڙيون، ڪرڻ نه جهڙيون“ ڳالهيون ذهن جي ڪُنڊن پاسن ۽ تهخانن ۾ لڪيون، دٻيون ۽ دفن ٿيون پيون آهن ۽ اهي ڪيڏي مهل، اوچتو سٽ ڏيئي، پنهنجا ڪفن ڦاڙي، ٻاهر اچي، ڪهڙيون قيامتون برپا ڪنديون! سلطان باهوءَ سچ چيو آهي ته ”دل درياءَ سمندرون ڊونگهي، ڪون دلان ديان جاڻي؟“ (دلين جا درياهه سمنڊ کان به اونها آهن، انهن جا راز ڪير ٿو ڄاڻي سگهي؟)

Gul Hayat Institute

ان حقيقت جي باوجود. ٿلهي ليکي ۽ عام طرح بنيادي حقيقت اها آهي تہ ماڻهوءَ جا خيال ۽ سوچون بنيادي طرح مادي دنيا ۽ مادي زندگيءَ جو عڪس هوندا آهن. ماڻهو جهڙي نموني جيئي ٿو اهڙي نموني جا خيال ۽ سوچون ڏاري ٿو.

مُهاڻو اڪثر مڇين ۽ پيڻن بابت سوچيندو. سيٺ اڪثر بازار جي اگهن بابت، پاڳين کي چورن ۽ پوليس تي باهيون هونديون ۽ پوليس کي چورن، وڪيلن ۽ ڪورٽن تي. ساڳيءَ طرح گڏيل مفادن ۾ بہ ماڻهو انهن گڏيل مفادن کي بنيادي اهميت ڏئي ٿو. جيڪي سندس گذر سفر ۽ اقتصادي مفادن بابت آهن. گڏيل سوچون بہ اهي اهم آهن، جيڪي گذر سفر بابت آهن. جن ماڻهن جا گذر سفر جا وسيلا گهڻين ڳالهين ۾ هڪجهڙا آهن، تن جون بنيادي سوچون بہ ساڳيون. جي ريئي جا سورهن آنا نہ تہ بہ ڏهہ ٻارهن آنا تہ بلاشڪ ساڳيون هونديون. زميندار لاڙ جو هجي يا اُتر جو. سنڌ جو هجي يا پنجاب جو. ايران جو هجي يا ملايا ۽ اسپين جو. ايشيا جو هجي يا لاطيني آمريڪا جو. ڪارو هجي يا گورو يا پيلو سندس سوچ، پاڻي، ٻج، ڀاڻ، جيت مار دوائن، فصل جي اگهن ۽ هارين جي ”سستين ۽ ڪاهلين“ بابت هوندي. سڄي دنيا جي هارين جي سوچ بہ موسم، زميندارن جي زيادتين، فصل نہ ٿيڻ، گذر ۾ تنگيءَ بابت ساڳي هوندي. سيڪاٽ جي پوليس واري جي سوچ پنهنجي ڳوٺ جي پوليس جي ستايل پاڳئي جهڙي نہ پر ڪوريا يا يونان جي ڪنهن ڳوناڻي ٽاڻي جي سپاهيءَ سان وڌيڪ ملندي. سڀني جي سوچ اها ئي هوندي تہ ”پاڳين ۽ ٻين ماڻهن جو دماغ خراب آهي. انهن کي ٺيڪ ڪرڻ گهرجي!“ ساڳيءَ طرح سکر، ڪوٽ ادو، مني پور (ڀارت)، ڪوالالمپور، پاناما ۽ اسپين جي چورن جا خيال ۽ سوچون بہ هڪٻئي سان ايترو ملندڙ جلندڙ هونديون، جو سڱن ڀائرن جون بہ اهڙيون نہ هونديون. حالانڪ انهن کي هڪٻئي جي وجود بہ پتو نہ هوندو! سندن رنگ، نسل، مذهب سڀ هڪٻئي جي اُبتڙ هوندا.

مطلب ڳالهہ جو تہ جن ماڻهن جا گذر سفر جا وسيلا ۽ طريقا عام طرح ۽ لڳ ڀڳ هڪجهڙا آهن ۽ سماج جي اقتصادي نظام ۾ سندن پوزيشن هڪجهڙي آهي، يعني هو ساڳئي سماجي طبقي جا ماڻهو آهن، تن جون سماج بابت سوچون بُنيادي طرح ۽ لڳ ڀڳ هڪجهڙيون ٿين ٿيون. چاهي هو ڪهڙن بہ ڌار ڌار علائقن، ملڪن يا زمانن ۾ رهندا هجن ۽ سندن قبيلو، قوم، رنگ، نسل، ٻولي، ثقافت ۽ مذهب ڪهڙا بہ مختلف بلڪ مخالف ڇو نہ هجن، هو اڪثر هڪ خاص قسم جي گذر سفر رکندڙ انساني گروهن ۽ سندن سماجي سوچن جا مخالف هوندا آهن، چاهي اهي سندن هم وطن، هم مذهب، هم زبان ڇو نہ هجن.

روءِ زمين جا مزدور ۽ سرمايہ دار هڪٻئي جا آڻي ويري آهن، چاهي پاڻ ۾ هم وطن، هم مذهب ۽ هم زبان ڇو نہ هجن. روءِ زمين جا زميندار، مذهبن، ٻولين ۽

Gul Hayat Institute

تهذيبن جي اختلافن ۽ تضادن جي باوجود هارين خلاف ساڳي ٻولي ٻولين ٿا. ”ڇپي سست! ڪم چور! اٿي تي چٽي!“ اها ساڳي ٻولي، ڪانئن سندن ساڳيا طبقاتي مفاد ٻولائين ٿا.

**ماڻهو پنهنجن دشمنن يعني حاڪم طبقن جي طبقاتي سوچ کان بہ متاثر ٿين ٿا.**

عربيءَ ۾ چوندا آهن ”الناس عليٰ دين ملوڪهم“ (ماڻهو پنهنجي بادشاهن جي دين تي هلندا آهن.) صدين کان ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقا، فريب توڙي زبردستيءَ سان، ڪڏهن دين ڌرم جي آڙ ۾، ڪڏهن علم ۽ ڏاهپ جي نالي ۾، ڪڏهن قدرتي قانون جي نالي ۾، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح پنهنجا طبقاتي خيال، سوچون ۽ نظريا عوام تي مڙهيندا رهن ٿا. ان ڪري عوام جي سوچ جو هڪ وڏو حصو دشمن طبقن جي طبقاتي سوچ پٽاندڙ هوندو آهي. اها سوچ مٿن زباني توڙي لکت ۾، گهرن، ڪچهرين، اسڪولن، عبادتگاهن، ثقافتي گڏجاڻين، ڪتابن، اخبارن، رسالن، فلمن، ٽي وين وغيره ذريعي مڙهي ويندي آهي.

هونئن بہ طبقن جي وچ ۾ ڪا بہ چين جي شاهي ديوار ٺهيل ڪانهي، جنهن ۾ هڪڙا هر وقت هڪڙي پاسي هجن ۽ ٻيا سدائين ديوار جي ٻئي پاسي. مختلف طبقن جا ماڻهو ڏينهن ۾ هزار دفعا هڪٻئي سان ملن ٿا يا ٻيءَ ڪنهن طرح هڪٻئي جي طبقاتي سوچ جي سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح اثر هيٺ اچن ٿا. ان ڪري هڪڙي طبقي جي ماڻهوءَ جي ذهن ۾ رڳو سندس طبقي جا خيال نہ پر ڪيترن ٻين طبقن، خاص ڪري حاڪم طبقن جي طبقاتي نفعي نقصان، وارا خيال بہ اڪثر گهر ڪري ويٺا هوندا آهن. اهڙيءَ ريت هڪڙي ماڻهوءَ جي ذهن ۾ غالباً خيال گهڻو ڪري سندس جاڻ ۽ سمجهہ آهر سندس ئي (حقيقي يا فرضي) طبقاتي نفعي نقصان مطابق هوندا آهن، پر انهن سان گڏ بلڪ انهن سان مڪمل طرح گڏ وچڙ ٿيل حالت ۾ ٻين طبقن، خاص ڪري ٻين حاڪم طبقن، کان پرايل انهن طبقن جي نفعي نقصان وارا خيال، بہ لاشعوري طرح موجود هوندا آهن. اهي گڏ وچڙ خيال ڪڏهن ڪيس ڪهڙي طبقاتي سوچ جي گس ڏانهن وٺي ويندا آهن تہ ڪڏهن ڪهڙي. انهيءَ ڳالهہ کان اديب فنڪار بہ آجا ناهن. سندن سوچ بہ ايئن گڏ وچڙ هوندي آهي. ان ڪري شعوري يا لاشعوري طرح اڪثر هر تخليق ۾ مختلف طبقن ۽ گروهن جي گڏيل ۽ اُبتڙ طبقاتي مفادن جي گڏ وچڙ ادبي ۽ فني ترجماني ۽ عڪاسي ڪيل هوندي آهي.

**دنيا جي ثقافت مجموعي طرح ڦورو ۽ ظالم طبقن جي ترجماني ڪري ٿي**

Gul Hayat Institute

دنيا جي ثقافت ان ڪري بنيادي طرح ڦورو ۽ ظالم طبقن جي ترجمان ثقافت آهي. ان ۾ فقط ڪجهه جزا دنيا جي پورهيت طبقي جي گهڻائيءَ جي زندگين ۽ مفادن جي ترجماني ڪن ٿا.

ادب ۽ فن ثقافت جو حصو آهن. ان ڪري دنيا ۾ جيڪو ڪُل سُٺو يا بُرو لکيو ويو آهي، اهو مجموعي طرح ڦورو ۽ ظالم طبقن جو ترجمان پئي رهيو آهي. ان جا فقط ڪجهه جزا، ڪجهه تخليقون، جزوي يا مجموعي طور عوام جي ترجماني ڪندڙ آهن. انهن کي بہ پوريءَ طرح ڇنڊي ڇاڻي ڏسڻو آهي تہ اهي ڪيتريءَ حد تائين تائين عوام جون ترجمان آهن، ڪيتريءَ حد تائين نہ.

## طبقاتي ۽ ٻين مفادن ۽ نظرين کان بالاتر ۽ خالص ادب دنيا ۾ ڪڏهن بہ پيدا ڪونہ ٿيو آهي

دنيا ۾ اڄ تائين اهڙو هڪڙو اکر بہ نہ ڳالهايو ويو آهي نہ لکيو ويو آهي، جيڪو ذاتي، طبقاتي ۽ ٻين سماجي مفادن ۽ نظرين کان خالي يا بالاتر هجي، ڇا لطيف جي ڪلام جي هڪ وڏي حصي جي سٽ سٽ، اکر اکر، حڪمران طبقن جي ظُلم ۽ زبردستي، سندن قدرن ۽ پسندن ۽ نظرين جي خلاف ۽ عوام جي فائدي ۾ ڪونهن؟ ڇا خود سندس مذهبي تشريح بہ مجموعي طور، ڦورو ۽ ظالم طبقن واري مذهبي تشريح جي اُبتڙ ڪانهي؟ الف ليليٰ سڄو عورتن، غلامن، نوڪرن ۽ پورهيت طبقن خلاف پروپئگنڊا سان سٽيو ڪونہ پيو آهي؟ عام طرح ڪلاسيڪي ادب ۾ حسن، وفاداري، بهادري، شان، سخاوت، مهرباني وغيره گُڻن کي جنهن نموني پيش ڪيو ويو آهي، سو سراسر حاڪم طبقن جي رائج تصورن، نظرين ۽ مفادن وٽان ۽ باشعور عوام جي صحيح عالمي تصورن، نظرين ۽ مفادن جي خلاف ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ جيڪو مستندو ڪم چور، ڦورو ۽ ظالم حاڪمن طرفان، چوري ۽ گناهہ، ڦُرلُٽ ۽ تباهيءَ ۾ شامل ٿئي ۽ ٻيءَ ڌُر جا گهڻي ۾ گهڻا ماڻهو قتل ڪري، سو ٿيو بهادر. ڇاهي انهن هن جو ڪک بہ نہ بگاڙيو هجي! ڇاهي هُو پنهنجن گهرن ۾ پنهنجن ڳڪن، لڄن ۽ نياڻين جو بچاءُ پيا ڪندا هجن! جيڪا مفت خورن ڪک ڇني بہ نہ ڪري، ماڙين ۽ محلن ۾، سڄو ڏينهن غريب پورهيتن کان ويني پان مهٽائي ۽ ويلي تي سئو گهرن جي گذران جي رقم جيترا ڪاڏا ۽ ميوا هضم ڪري ۽ سڄو ڏينهن حڪم هلائي، پاڻ جيڏين جون زندگيون زهر ڪري، سا ٿي محبت ۽ پوڄا جي لائق! ڇا، حقيقي انساني سونهن ۽ دلڪشي رڳو عضون جي ماپ، اڇڙي ڳاڙهڙي رنگ، ڇُميءَ، ناز نخري ۽ ڇنڊ ڦوڪ ۾ آهي؟ دنيا جو ڪلاسيڪي ادب گهڻي ڀاڱي رڳو مفت خور ۽ ظالم طبقن جي اهڙين مفت خور عورتن جي شان ۾ قصيدا ٿو پڙهي، جيڪي حقيقي سونهن سان ٽمٽار، عوام جي بکين نياڻين جي جُتيءَ جي برابر ڪونہ هيون! انهن کي هڪڙو ڏينهن بہ عوام جي ڏين جهڙي سخت ۽ ڪنور زندگي گذارڻي پوي ها

Gul Hayat Institute

تہ ٻوٽ سُڪي پادر تي پونن ها! لڪ غندا گڏ ڪري انھن جي زور تي، ماڻھن جا گھر ڦُري ٻھاري، بي حيائيءَ سان ائنڊ ٻڌي، شھر مان لنگھڻ ۽ پاڻ پڌارائڻ، اھو تي پيو شان! ڪروڙن اربن جا ٽپڙ مسڪين بکين جي وات تان کسي، انھن مان ڪجھہ ٽڪر خوشامدي ٽٽوئن يا ڀاڙت قاتلن کي ڏيڻ، سا تي سخاوت! راڄن کي جلائي، ساڙي، ٻاري، خاڪ ڪري پوءِ منجھائن ٻن چئن کي ڪتي واري زندگي گھارڻ جي موڪل ڏيڻ، سا تي مھرباني، عنايت خسروانہ، نوازشات سڪندرانہ!

اھي سڀ ڳالھيون ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقن جي مفادن، قدرن ۽ نظرين مطابق پروپئگنڊا جون ڳالھيون ناھن؟ جنھن ادب ۾ اھي اڄ لکي فنائتي نموني سمايل آھن، سو بدترين معنيٰ ۾ نظرياتي، طبقاتي ۽ پروپئگنڊا ادب ناھي؟

دنيا جي پراڻي توڙي اجوڪي ادب ۾ ھڪڙي سِٽَ تہ ڪو ڏيکاري، جنھن ۾ توڙي ڪٽي ستن پردن ۾ ويڙھيل، پر ڪنھن نہ ڪنھن فرد، گروھہ يا طبقي جي مفادن ۽ قدرن جي تبليغ نہ ڪئي وئي ھجي! ڏسڻ واريون اکيون ھجن تہ ڏسي سگھبو تہ سامراجي دنيا جا سائنسي ۽ خلائي افسانا ۽ خود ٻاراڻو ادب بہ عوام دشمن پروپئگنڊا جي جيوڙن سان پريا پيا آھن! چوٽين، پھاڪن، نقلن، ٽوٽڪن تي ويچار ڪريو تہ گھڻا غريب عوام جي ساراھہ ۾ آھن، گھڻا مٿن ٽوڪ ۽ چٿر جا!

چرچي پوڳ، مزاح ۽ طنز واري ادب کي ٻيھر غور سان پڙھو ۽ ڏسو تہ انھن جو نشانو اڪثر ڪھڙي طبقي جا ماڻھو آھن ۽ سڌي يا اڻ سڌي ساراھہ ڪھڙي طبقي جي ٿيل آھي؟

ھندستان پاڪستان جي شفيق الرحمان جھڙن مزاح نگارن جون مزاحيہ لکڻيون ان خيال سان وري پڙھي ڏسو. جڳ مشھور انگريزي مزاح نگار پي جي ووڊ ھائوس جي لکڻين ۾ لکل لارڊن ڀاران معذرت پڙھو. سندن اڻ سڌي تعريف پڙھو. انگلينڊ جي ڀيانڪ ظالم ۽ مجرم جاگيردار نظام کي ڏنل سونو پاڻي ڏسو. اھڙي ھر تخليق سڌي يا اڻ سڌي، نفيس ۽ نازڪ، بخملي ۽ اطلسي، فني، پوشن ۾ ويڙھيل طبقاتي پروپئگنڊا نظر ايندي.

## طبقاتي مفادن کي سمجھڻ پيچيدو ۽ ڏکيو ڪم آھي

سماجي لاڳاپا، تضاد ۽ مفاد گھڻين قسمن جا، گھڻ طرفا ۽ نھايت پيچيدا ٿين ٿا، ڪي مادي آھن تہ ڪي روحاني تہ ڪي سڌا آھن تہ ڪي اڻ سڌا. ڪي ويجھا ۽ فوري آھن تہ ڪي تمام ڏورانھان ۽ گھڻيءَ دير سان اثر ڏيکاريندڙ. وڏي ڳالھہ تہ ھڪڙا عالمي تاريخي حساب سان نسبتاً دائمي ۽ بنيادي ٿين ٿا تہ ڪي ان حساب سان عارضي ۽ ثانوي نوعيت جا.

Gul Hayat Institute

انساني سماج جي هڪڙي بنيادي عالمي تاريخي حقيقت اها پئي رهي آهي ۽ اڄ تائين قائم آهي تہ مفت خور، ڦورو ۽ ظالم طبقا پنهنجي بنيادي ۽ دائمي طبقاتي لاڳاپن، تضادن ۽ مقامن کي نسبتاً چڱيءَ طرح سمجهي، پروڙي، کين بنيادي اهميت ۽ اوليت ڏيندا رهيا آهن. هُو پنهنجي جڳ جهان جي طبقاتي دوستن جا جگري دوست ۽ پنهنجي جڳ جهان جي دشمنن يعني پورهيت عوام جا جاني دشمن پئي رهيا آهن.

هُو پنهنجي طبقي جي ماڻهن سان پنهنجي سنگين ترين اختلافن ۽ تضادن کي، هر قسم جي گُهٽن واريءَ ويڙهہ کان پوءِ جلد از جلد حل ڪندا يا گهٽائيندا ۽ حد ضابطي اندر رکندا رهيا آهن. ٻئي طرف هُو عوام جي اندر جيڪي ننڍا وڏا حل ٿيڻ جوڳا اختلاف ۽ تضاد آهن، انهن کي وڏي سازش، منصوبہ بندي ۽ جاکوڙ سان وڌائي وڻ ڪندا ۽ ڦرڙيءَ مان ڦَٽُ بڻائي، ناقابل حل بڻائيندا رهيا آهن. هُو عوام جي ذهنن ۽ ضميرن کي خاندان، پاڙي، ذات پات، راڄ، قوم، مُلڪ، مذهبن، رنگ ۽ نسل جي رفق جي آڙ ۾ تعصب ۽ نفرت جي هڻ ڪٽين ۽ ڪوراڙين هٿان ڏنگارائي، سندن نس نس ۾ هڪٻئي لاءِ زهر ڀرائي، کين هڪٻئي کان پري، ڇڙوڇڙ ۽ اڪيلو اڪيلو ڪري، صدين جون صديون، وَيرَ، دشمني ۽ ڪروڌ جي ڪال ڪوٺڙين ۾ بند ڪري، جنم قيدن جون سزائون ڪاٽارائيندا رهيا آهن.

سندن جيڪي عوام جي بُنيادي، دائمي ۽ ڪڏهن بہ حل نہ ٿيڻ جوڳا دشمنيءَ وارا تضاد آهن، انهن جي سلسلي ۾ هُو هڪڙي طرف عوام سان آڪي ويريءَ وارو ورتاءُ ڪري، کين پيڙهيندا ۽ چيپاٽيندا رهيا آهن تہ ٻئي پاسي عوام کي ڏيکاءُ اهو ڏيندا رهيا آهن، جڻ انهن تضادن جو ڪو وجود ئي ڪونهي. کين اهڙي ڪا ڳالهہ خيال ۾ ئي ڪانهي. عوام سندن ٻچا آهن.

عوام اندر بہ ڌار طبقا ۽ پَرتُ هوندا آهن. جهڙوڪ هاري، مزدور، وچولي طبقي جو هينيون پَرتُ وغيره. انهن ۾ مُفادن جي بنيادي ۽ دائمي هڪجهڙاين سان گڏ دوستاڻي نموني حل ٿيڻ جوڳا جزوي ۽ ثانوي تضاد بہ هوندا آهن ۽ انهن تضادن جي ڪري عوام جي مختلف گروهن جون ڦورو طبقن سان خاندان، ذات، مذهب وغيره ۽ گڏر سفر جي بنياد تي جزوي ۽ ثانوي هڪ جهڙايون بہ هونديون آهن. ڦورو طبقا عوام کي هميشہ اها پٽي پڙهائيندا رهندا آهن تہ اسان جي توهان جي وچ ۾ طبقاتي، بنيادي ۽ دائمي تضاد ڪا شيءِ ناهن. توهان جون پاڻ ۾ مفادن جون بنيادي ۽ دائمي هڪجهڙايون بہ ڪا حقيقت ڪانہ ٿيون رکن. اصل ڳالهيون آهن، اُهي جن جي ڪري اوهان جا پاڻ ۾ تضاد آهن ۽ اسان سان هڪ جهڙايون آهن. هُو ماڻهو کي ٻُڌائيندا رهيا آهن تہ، ”دنيا ۾ اصل رشتو خاندان، پاڙي، قبيلي، مذهب، قوم، رنگ يا

نسل وغيره جو آهي. ان ڪري ساڳئي خاندان يا پارٽي يا قوم يا مذهب يا رنگ يا نسل جي ڪري پاڻ، پاڻ ۾ هڪ آهيون. اسين ان رشتي جي ڪري اوهان جا ٿيو ڀيءَ دنيا کي ترڪ ڪريو وينا آهيون.“ حالانڪ سموري تاريخ ڏيکاري ٿي تہ هُو پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد خاطر پنهنجي خاندان، پارٽي، راج، مذهب، قوم، رنگ ۽ نسل جي غريب ماڻهن جا هميشہ ترا ڪيندا رهيا آهن ۽ تاقيامت ڪيندا رهندا.

دنيا جي عوام لاءِ، عالمي تاريخي حساب سان، نسبتاً دائمي ۽ بُنيادِي رشتو محنت، محرومي، مظلومي، محڪوميءَ جو انهن کان نجات حاصل ڪرڻ ۽ هڪ نئين انصاف ڀري دنيا اَڏڻ جي ازلي ضرورت ۽ ان لاءِ جدوجهد جو رشتو ئي آهي. ٻيا رشتا، عالمي تاريخي حساب سان، پنهنجي حصي جي اهميت رکندي بہ پَس پيش ثانوي سماجي رشتا آهن.

پر دنيا جا عوام سماج جي سٽاءَ ۽ ارتقا جي رازن کان اڻ واقف آهن، ان ڪري هُو اجا تائين گهٽي پاڳي پنهنجن بنيادي لاڳاپن، تضادن ۽ مفادن ۽ ٻئي درجي لاڳاپن وغيره جي وچ ۾، حقيقي ۽ نمائشي مفادن وغيره جي وچ ۾، اهم ۽ خَسِيس مفادن وغيره جي وچ ۾، فرق سمجهي نہ سگهيا آهن. ان ڪري هو پنهنجي دائمي، بُنيادِي، حقيقي ۽ اهم سماجي مفادن کي ڇڏي، فقط ٻئي ٽئي درجي جي، عارضي، خَسِيس، نقلي ۽ نمائشي مفادن کي اهميت ڏيئي، انهن پويان لڳي، هڪٻئي کان ٽُٽي، ڇڙوڇڙ ٿي، وڃي پنهنجي ازلي ۽ بُنيادِي دشمن طبقن جا شڪاري ۽ هڪٻئي جا مارا بڻجي، صدين جون صديون ڏک ڪائيندا رهيا آهن.

مثال طور جڏهن هڪڙين قومن، ملڪن، نسلن وغيره جا پورهيت عوام ٻين قومن، ملڪن يا نسلن جي پورهيت عوام پنهنجي بنيادي طبقاتي دوستيءَ جي رشتن ۽ لاڳاپن ۽ پنهنجي قوم، ملڪ ۽ نسل جي ڦورن ۽ ظالمن سان سندن جيڪي نسبتاً دائمي ۽ بُنيادِي تضاد ۽ وَيرَ آهن، تن کي وساري نظرانداز ڪري، صدين جي اڻ جاڻائي ۽ گمراهيءَ جو شڪار ٿي، فوري فائدن جي انڌي لالچ ۾ اچي، ذات، راج، قبيلي، دين ڌرم، قوم، رنگ، نسل وغيره جي نالي جي آڙ ۾ پنهنجي حقيقي سڄڻن يعني ٻين ذاتين، راڄن، قبيلن، مذهبن، قومن، رنگن ۽ نسلن جي پورهيتن سان وڙهن ٿا، تڏهن فطري دوست ڦِريو هڪٻئي جي نسلن لاءِ ويري بڻجيو ۽ پنهنجي فطري ويرين جا ٻانهن ٻڌا ٻانها ٿيو هڪٻئي جا ٻوٽَ پَٽيندا ۽ ويرين جا سهم سهندا رهن ٿا ۽ سندن دشمن الوليون ڪندا رهن ٿا.

عوام دشمنن طرفان صدين کان ڦهلائجندڙ گمراهيءَ کان سواءِ، عوام جي طبقاتي ۽ سماجي حقيقتن بابت اڻجاڻائيءَ ۽ مونجهاري جا ٻيا بہ ڪَئِين سبب آهن.

علمي طرح وڏو سبب اهو بہ آهي تہ دنيا ۾ تضاد ۽ لاڳاپو، دوستي ۽ دشمني ٻئي آهن ۽ ٻنهي جو وري پاڻ ۾ لاڳاپو بہ آهي. هڪٻئي تي دارومدار بہ آهي، پاڻ ۾ سمايل



Gul Hayat Institute

بہ آهن! اهڙي پيچيدي گورک ڌنڌي کي سمجھڻ ۾ ماڻھن کي، خاص ڪري ويچارن مسڪين ماڻھن کي، ڏکيائي ۽ مونجھارو ٿئي ٿو تہ ڪا عجب جي ڳالھہ ڪانہ ٿي.

مونجھاري جو ٻيو مکيہ سبب اها ڳالھہ آهي تہ انسانن جا رڳو پاڻ ۾ لاڳاپا ۽ تضاد ناهن. سندن هڪڙا بُنيادِي ڪان بُنيادِي ۽ دائمي ڪان دائمي تضاد فطرت سان آهن. فطري قُوتن ڪان هُو ڪجھہ حد تائين واقعي هڪ جھڙا متاثر ٿين ٿا. ظاهري طرح تہ اها هڪجھڙائي مڪمل نظر اچي ٿي.

بنا ڪنهن امير غريب جي فرق ۽ لحاظ جي، فطري قوتون سڀني لاءِ هڪجھڙا لَقاءَ ڏيکاريندڙيون رهن ٿيون. موسمون بدلجن ٿيون، ٻوڏون ۽ طوفان ۽ زلزلا اچن ٿا، پارا پون ٿا، لُڪون ۽ جھولا لڳن ٿا، گُل ٽِڙن ٿا، ساوڪون ۽ بهارون ٿين ٿيون، ٻاہن توڙي ٻانهين کي وقت تي محبت جي پياس لڳي ٿي. امير توڙي فقير مائورن سور ڪائي ٻار ڄڻين ٿيون ۽ گھڙيءَ گھڙيءَ اولاد خاطر گھاوَ سهن ٿيون. هر طبقي ۾ هڪڙا چڱا آهن ٻيا بُرا. هڪڙا سهڻا آهن ٻيا ڪوجھا. هڪڙا ڏاها آهن ٻيا سادا، بيماريون، ڏک، پيار، وڇوڙا، يادگيريون ۽ پڇتاءُ امير غريب نتا ڏسن. آخر ۾ موت هر ڪنهن جو مهمان آهي. ڪوڏيءَ جو محتاج ۽ ڪروڙپتي، ٻئي هڪڙي ڏينهن مريو وڃن، شهنشاهہ ۽ پينو فقير ٻئي نيٺ خاڪ ٿيو وڃن.

عام ماڻھو انهن لَقائن کي ڏسندي ڏسندي صدين ڪان ائين سمجھڻ تي مجبور آهن تہ فطرت جي انهن شهزور قوتن جو سڀني انسانن تي هڪجھڙو اثر پوي ٿو. اها ڳالھہ فقط هڪ حد تائين صحيح آهي.

مثلاً بيمار تہ سڀ ڪو ٿئي ٿو ۽ مري بہ سڀ ڪو ٿو پر پورهيت جي بيماريءَ جو ڦورو طبقن جي ماڻھن جي بيماريءَ سان ڪھڙو مقابلو؟ غريب جو ٻار سَستيءَ ڦَڪيءَ لاءِ تڙپي مري ويندو. امير هڇا اسي سالن جي بہ ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي زور تي بيمارين جي پاڙ پٽي نين شادين جا پروگرام پئي ٺاهيندي. امير مرندو تہ راڄ ماري پوءِ، غريب جو پٽ ننڍپڻ مان چڙهي جوانيءَ کي رسيو تہ بہ وڏي ڳالھہ. غريب عوام جي پُٽَ ڌِيئَن جي جواني جھڙي کھنبي جو چٽڪو. امير پوڙهيون ٻانيون بہ چِٽو تہ ڪر هينئر سيج تان لهي آيون آهن.

تنهن ڪان سواءِ فطرت جي قوتن جو انسان تي اثر هڪ طرفي آمدرفت One way Traffic ڪانهي. موٽ ۾ انسان بہ فطرت جي شهزور ارڏين قوتن کي سمجھي، کين پنهنجي وس ڪري، ڪتب آڻي، فطرت کي بدلائي رهيو آهي. فطري قوتن، ڪِنوٽين، ٻوڏن، زلزلن، طوفانن ۽ ظاهري فطري قوتن جھڙوڪ بيمارين، وبائن، ڏڪارن وغيره جي مڪمل بي لغامي بہ ڏاڪي بہ ڏاڪي گھٽجي رهي آهي.

سماجي – اقتصادي نظام ۾ ڊگھين طبقاتي ويڙهين ڪان پوءِ انهن جي تبديلي، انساني تقدير تي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ اثرانداز ٿي رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

سماجي مُفادن جي پيچيدگيءَ جي حد اها آهي جو ساڳئي ماڻهوءَ جا ساڳئي هڪڙي مسئلي ۾ بہ اُبتڙ مفاد ٿي سگهن ٿا. سندس هڪڙي دل چوندي تہ هينئن ٿئي تہ چڱو تہ ٻي چوندي تہ نہ. ائين نہ، هينئن ئي ٿئي تہ چڱو! مثال طور جنهن زميندار جي زمين جبل توڙي ميدان ۾ هوندي، سو ڪنهن مهل چوندو تہ مينهن پلي گهٽي ۾ گهٽو پوي تہ جيئن باراني فصل ڪي فائدو رسي تہ ڪنهن مهل چوندو تہ هاڻ اصل نہ پوي، متان ميدان وارو فصل نہ تباهہ ٿي وڃي! ساڳئي ماڻهوءَ جون هڪ ڪان وڌيڪ طبقاتي حيثيتون بہ ٿي سگهن ٿيون. جيڪو ماڻهُو ڪجهہ زمين جو ٽُڪر پاڻ آباد ڪري ٿو ۽ ڪجهہ هارين کان ڪرائي ٿو، سو هاري بہ آهي تہ زميندار بہ. سندس سوچ تي ٻنهي قسمن جا اثر پوندا رهندا.

**ماڻهُو پنهنجا مفادَ سَنوان سِڌا بيان نہ ڪندا آهن**

فرد، گروهہ، طبقا ۽ قومون پنهنجا سياسي، سماجي، ثقافتي، اقتصادي توڙي ٻيا مفاد اڪثر ڪُليا ڪُلايا بيان نہ ڪندا آهن. پنهنجي نياڻيءَ لاءِ ور ڪپندو تہ ائين ڪير ڪونہ چوندو تہ، ”ڌِيءَ لاءِ مڙس ڪپيم.“ پر هرڪو چوندو تہ، ”بار لاهڻو اٿم.“ سڱ گهرندڙ بہ ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ بدران چوندا تہ، ”ماءُ پوڙهي آهيس، گهر ۾ ڪو لولوي پچائڻ وارو ڪونهيس. وڏو ٻار وهارڻ خدا، خدا جي رسول جو ڏوهہ آهي. وڏو بنبال آهي.“ وغيره. پراون ملڪن جي مسڪين ماڻهن جا مال ملڪيتون، ٻار ٻچا، لَڄُون لُٽڻ جو ارادو هوندو تہ ملڪ وڌائڻ جي ڳالهہ ڪبي، ڪشور ڪشائيءَ جي ڳالهہ ڪبي، مذهب ڦهلائڻ ۽ غازِي ٿيڻ جي ڳالهہ ڪبي يا تهذيب جي روشني عام ڪرڻ جي ڳالهہ ڪبي. ثقافتي ميدان ۾ تہ خاص ڪري طبقاتي مفادن جي ڳالهہ، هڪڙي نہ، ستر پردن ۾ ڪئي ويندي آهي.

**ڦورو طبقا پنهنجي مُفادَن جي وڪالت ٻين کان ڪرائيندا آهن**

هرڪا ڌر پنهنجي مُفادَن جي وڪالت پاڻ نہ ڪندي آهي. جاگيردار ۽ سرمايہ دار مُفادَن جي وڪالت ۽ تبليغ ثقافتي ميدان ۾ اڪثر ٻکين پانگن اديبن ۽ فنڪارن کان ڪرائي ويندي رهي آهي. بادشاهن جا قصيدا بادشاهہ ڪونہ لکندا آهن، ٻُکيا شاعر لکندا آهن. سندن پاران ناحق ماڻهُو مارڻ جو شرَعِي جواز سندن پُٺُ پائٽيا ڪونہ ڳولي ڪڍندا آهن. سندن پگهاردار ٻُکيا لالچي قاضي ڳولي ڪڍندا آهن. ساڳيءَ طرح ادب ۽ فن ۾ مختلف طبقن جي قدرن، لاڙن ۽ سندن ناپسندين، نفعن نقصانن جي وڪالت ۽ ترجماني اڪثر ٻين طبقن مان پرتي ٿيل، ماڻهُو ڪندا آهن.

Gul Hayat Institute

چوندا آهن تہ، ”ڪن جو روئڻ بہ راحت تہ ڪن جو کِلڻ بہ خواري“. هڪڙا سُني ڳالهہ ڪندا تہ بہ سندن ڳالهہ ۾ رس ڪونہ هوندو. ٻيا گهٽ ڳالهہ ڪندا تہ بہ ماڻهوءَ کي پيا وڻندا.

اديب ۽ فنڪار پنهنجي ڳالهہ هنر ۽ ڪاريگريءَ سان ڪن ٿا. ان ڪري سندن تخليقن ۾ طبقاتي مُفادَن جو چور ڳولي لهڻ هر ڪنهن جو ڪم ڪونهي، پر اها ڳالهہ اڻٽر آهي تہ ڪي گهٽ ڪي وڌ. پر هرڪو اديب ۽ فنڪار شعوري يا لاشعوري طرح ڪن نہ ڪن سماجي مفادن جي ترجماني ضرور ڪري ٿو. چاهي پنهنجي پر ۾ سندس نيت ڪٽي ڪهڙي بہ هجي يا نہ هجي.

اديب ۽ فنڪار ڪهڙن سماجي گروهن ۽ طبقن جي نمائندگي ٿو ڪري، تنهن جي خبر رڳو ان مواد مان ڪانہ پوندي، جيڪو هُو سماجي زندگيءَ مان ڪٽي، پنهنجي ادبي ۽ فني تخليق ۾ ڪم آڻي ٿو ۽ ان کي اهميت ڏيئي ٿو. پر ان ڳالهہ مان بہ پوندي تہ هُو زندگيءَ جي ڪهڙين حقيقتن ۽ ڪهڙن لقائن کي نظرانداز ٿو ڪري ڇڏي يا اهميت ئي نٿو ڏئي. سندس مواد جي چونڊ ئي سندس اصلي طبقاتي لاڙن تي پهرين چُغلي هڻندي.

**ادب ۽ فن جي طبقاتي ڇنڊڇاڻ بہ هڪ ڏکيو ۽ پيچيدو ڪم آهي**

ڪا تخليق ڪهڙي طبقي جي نقطي نظر جي ترجماني ڪري ٿي، سا ڳالهہ سمجهڻ وڏي ڇنڊڇاڻ ۽ ڪاريگريءَ جو ڪم آهي. ان ۾ مشيني طريقو اختيار ڪري نٿو سگهجي.

بهرحال ڄاڻُو سمجهُو ۽ سُڄاڻ ترقي پسند ادبي پارکُو اُونهي ڄاچ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان نيٺ سمجهي سگهي ٿو تہ ان تخليق جو مجموعي تاثر ڪهڙي طبقي جي سماجي لاڙن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ پس پيش ڪهڙي گروهہ يا طبقي جي ٻولي ٻوليل آهي.

Gul Hayat Institute

**باب ستون**

# ادب تخليق ڪرڻ لاءِ رُڳو احساس ۽ جذبا ڪافي آهن ڇا؟

اوريـــائين آڻـــين، ميڙيــو معلـــم خبـــرون!
ســا تــان ســڏ نــہ ڏيــن، جتــي وَهــ ويــڌ ڪــري!
(لطيف)

چيو وڃي ٿو تہ ادب رُوح جو ريلو آهي، احساس آهي، ان لاءِ ڪنهن بہ خاص سماجي ڄاڻ، سمجهہ ۽ پروڙ جي ضرورت ڪانهي، جيڪي اڪ ڏسي ۽ رُوح محسوس ڪري اهو لکڻ ئي ادب آهي. ان ڪان وڌيڪ نعريبازي آهي.

ڇا، اها ڳالهہ صحيح آهي؟ هرگز نہ!

ادب سڌيءَ طرح دماغ سان مخاطب نٿو ٿئي. اهو اڻ سڌيءَ طرح، دل جي معرفت دماغ سان پنهنجي ڳالهہ ڪري ٿو. سندس ٻولي علمي ڳالهين ۽ عقلي دليلن جي نہ پر احساسن ۽ جذبن جي ٻولي آهي. سندس وسيلو رواجي لفظ نہ پر لفظن وسيلي ٻين جي دلين ۽ تصورن تي چِٽيل تصويرون آهن.

پر بامعنيٰ احساس يا جذبا بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڄاڻ، ڪنهن نہ ڪنهن سمجهہ تي ٻڌل هوندا آهن. ڄاڻ ۽ سمجهہ کان خالي، بي معنيٰ احساس ۽ جذبا بي اثر ۽ فضول ٿين ٿا. اديب ۽ فنڪار جا احساس ۽ جذبا زندگي ۽ انساني سماج بابت جيتري وڌيڪ ڄاڻ ۽ سمجهہ جي سرچشمن مان ڦُٽي نڪتا هوندا، اوترا ئي اُهي وڌيڪ اثرائتا ٿيندا. اهي زندگيءَ جي بُنيادِي حقيقتن ۽ سچاين جي جيتري گهري ۽ وسيع پروڙ جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندا، اوترا ئي اُهي وڌيڪ قيمتي ۽ ڪارائتا بڻبا. زندگيءَ ۽ انساني سماج جي بنيادي حقيقتن ۽ سچاين جي ڄاڻ،

Gul Hayat Institute

سمجهہ ۽ پروڙ کان خالي ادب ۽ فن ۾ ڪٽي ڪيتري ڪاريگري ۽ هنر، سِٽاءُ ۽ فن هجي پر اهو ڇڙ پاٽيءَ تي ڦوٽو آهي، جيڪو پل ۾ ڦِسي پوندو.

اڄ جو انسانيت دوست ۽ عوام دوست مثالي ادب اهو ۽ فقط اهو ٿي سگهي ٿو، جيڪو انساني سماج، انساني تاريخ ۽ اڄ جي دنيا جي مڪيہ ۽ بنيادي حقن ۽ سچاين ڪي ڄاڻي، سمجهي، پروڙي، انهن جي پنهنجي ذات ۽ ڏانءُ وسيلي عڪاسي، ترجماني ۽ وڪالت ڪري.

**پرپور سماجي ڄاڻ ۽ سمجهہ کان سواءِ اعليٰ عوامي ادب تخليق نٿو ڪري سگهجي**

نہ سڀ صحيح سماجي عالم ۽ سائنسدان ۽ نہ وڏا اديب ۽ فنڪار هئا ۽ نہ سڀ اديب، شاعر ۽ فنڪار ڪي وڏا سماجي عالم هئا. نہ وري ڪو ايئن آهي تہ ڪو هرويرو سڀ گهڻي سماجي ڄاڻ ۽ سمجهہ رکندڙ اديب، شاعر ۽ فنڪار گهٽ سماجي ڄاڻ ۽ سمجهہ رکندڙ اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن کان لازمي طرح وڏا اديب، شاعر ۽ فنڪار هوندا. ممڪن آهي تہ انهن ۾ صحيح سماجي ڄاڻ، سمجهہ ۽ پروڙ هجي، پر ڏانءُ ۽ فن جي معاملي ۾ پوئتي پيل هجن.

استثنائون يعني نِياريُون حالتون هر هنڌ آهن پر عام طرح ايئن آهي تہ وڏي ۾ وڏا اديب، شاعر ۽ فنڪار اهي ماڻهُو ٿيا آهن، جن ڪتابن توڙي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي وسيلي هن جهان، انساني سماج ۽ انساني زندگيءَ جو پنهنجي دؤر جي سڀ کان اڳتي وڌيل علمن جي روشنيءَ ۾ ڀوڳهو ۽ تخليقي مطالعو ۽ استعمال ڪيو. اڄ جي دؤر جي سچي اديب ۽ فنڪار لاءِ بہ انساني زندگي، انساني سماج ۽ انساني تاريخ بابت سماجي علمن ۽ سائنسن جي پوري واقفيت، سمجهہ ۽ پروڙ بيحد ضروري آهي.

**زندگيءَ جا ڪي بُنيادِي ۽ وڏا سوال**

هيءَ ڪائنات ڇا آهي؟ ان جي بناوٽ ۽ تاريخ ڇا آهي؟ ڌرتيءَ ۽ ان تي پيدا ٿيل زندگيءَ جي ڪهاڻي ڇا آهي؟ انسان ڪيئن پيدا ٿيو ۽ تاريخ جون ڪهڙيون منزلون ٽپي هِتي پهتو آهي؟ انساني سماج ڇا آهي؟ هيءَ دنيا جيئن آهي تيئن ڇو آهي؟ ڇا، اها هميشہ ايئن رهي آهي ۽ سدائين ايئن رهندي! يا ڇا اها بدلجي پئي؟ جي ها، تہ ڪيئن ۽ ڪهڙين قوتن جي زور تي؟ ڇا ان تبديليءَ جي رفتار ڪي تيز ڪري سگهجي ٿو؟ جي ها، تہ ڪيئن؟ ڇا اهڙا بہ ڪي قانون آهن، جي فطرت، انساني سماج، انساني سوچ سيني سان هڪجهڙا لاڳو هجن؟

ڇا، ڪائنات جا اهڙا وڏي ۾ وڏا سوال بہ آهن، جن کان وڌو سوال ٻيو اڄ تائين پيدا ڪونہ ٿيو آهي؟ انهن جا ڪهڙا جواب ڳولي لڌا ويا آهن؟ وغيره وغيره. اهي سوال جواب انسان جي علم ۽ سندس سمجهہ پرئي عمل جي پيڙهہ آهن. پيڙهہ کان سواءِ اڏاوت ڪهڙي؟

Gul Hayat Institute

روز ازل کان عظيم انساني ذهن، انهن ڳالهين بابت سوچيندا رهيا آهن. اڄ انهن بابت سوچڻ ۽ صحيح جواب معلوم ڪرڻ جي جيڏي ضرورت آهي، ان کان وڌيڪ اڳ ڪڏهن ڪانه هئي. اڄ جيتري انهن جوابن معلوم ڪرڻ جي سهوليت آهي اوتري اڳ ڪڏهن به ڪانه هئي.

جيڪو استاد، شاعر، اديب، خطيب ۽ عالم وغيره پنهنجي سبق، ڪلام، خطاب يا ٻيءَ تحرير ۽ تقرير وسيلي عوام کي مخاطب ٿئي ٿو سو جيڪڏهن ان کان اڳ پنهنجيءَ وِتَ آهر پنهنجون بهترين صلاحيتون ڪتب آڻي، ان علمي ۽ عملي پيڙهه بابت ٿيهن ئي نسن جو زور لڳائي، هر ممڪن حد تائين صحيح معلومات حاصل ڪري، انهن جي روشنيءَ ۾ عوام سان نئو ڳالهائي ۽ رڳو جيڪا ڳالهه هتان هُتان ٻُڌي اٿس، سا يا جيڪا خيال ۾ اچيس ٿي، سا پيو ڪري يا رڳو ٻڌ پيو هڻي ٿو ته ان کان وڌيڪ "نيم حڪيم خطره جان، نيم مُلا خطره ايمان!" پيو ڪونهي.

هن جهان ۾ ان ۾ وسندڙ انساني سماج جي سمورين پيچيدگين کان پوريءَ طرح واقف ٿيڻ جي ڀرپور ايمانداريءَ واري ڪوشش ڪرڻ ۽ سدائين ڪندو رهڻ، هر سچي عوامي اديب ۽ فنڪار جو اولين فرض آهي.

**باخبر، باشعور ۽ باضمير ذات ڏٽي**

باخبر، باشعور ۽ باضمير ذات ڏٽي اهو ٿيندو جيڪو پاڻ کي هن دؤر جي سڀ کان اڳتي وڌيل فطري ۽ سماجي ڄاڻ، سمجهه ۽ سوچ سان هٿياربند ڪري، ان جي روشنيءَ ۾ ۽ ان جي مدد سان، ٻين ڳالهين سان گڏ، نه رڳو اهو ڏيکاري ته دنيا جي ۽ هن ملڪ جي عوام جي زندگي ڪيئن ٿي گذري؟ پر اهو به ڏيکاري ته اها ايئن ڇو ٿي گذري ۽ ڇو نه ٻي بهتر طرح ٿي گذري؟ اهو ادب نه رڳو اهو ڏيکاري ته هن کان بهتر زندگي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ۽ ٿيڻ گهرجي، پر اهو به ڏيکاري ته اها ڪهڙي رستي، ڪهڙن طريقن سان ۽ ڪهڙن وسيلن سان بهتر ٿي سگهي ٿي ۽ اهي ڪهڙا ماڻهو، ڪهڙيون سماجي قوتون آهن، جيڪي ان ڳالهه جي ٿيهن نَسن سان مخالفت ڪن ٿيون ۽ ڪنديون رهنديون ۽ ڪهڙيون آهن، جيڪي ان بهتر زندگيءَ لاءِ عوام جي مدد ۽ رهبري ڪري سگهن ٿيون ۽ ڪن ٿيون. اهو باضمير ادب ۽ فن پنهنجو اهو فرض سمجهندو ته اهڙين قوتن سان موت ۽ حياتيءَ جي جنگ لڙي، جيڪي عوام جي بهتر زندگيءَ واسطي جدوجهد جي راهه جو پٿر آهن ۽ انهن قوتن سان دل جان سان ٻانهن ٻيلي ٿي، وِک وِک سان ۽ کُلهو کُلهي سان ملائي هلي، جيڪي ان جدوجهد جون مددگار ۽ سرواڻ آهن.

سماج جي خرابين ۽ ظلمن تي هر ايماندار اديب ۽ فنڪار کي ڏک ۽ ڪاوڙ ٿئي ٿي ۽ هُو ادب ۽ فن وسيلي ان جو اظهار ڪري ٿو پر سچي ايماندار اديب جو

Gul Hayat Institute

فرض رهيو اتي ختم نٿو ٿئي، پر سچي ۽ ايماندار اديب کي سوچڻو پوندو تہ جن خرابين ۽ ظلمن کان هُو نفرت ٿو ڪري، سو رڳو اتفاقي آهي يا موجوده نظام ۾ اهي لازمي آهن. اهي رڳو ڪنهن هڪڙي وقت تي، ڪنهن هڪڙي هنڌ ٿين ٿا يا سڄي سماج ۾ هر وقت ٿين ٿا؟ انهن جو ڪارڻ فقط ڪو هڪ اڌ خراب ۽ ظالم ماڻهُو آهي يا اهڙا خراب ۽ ظالم ماڻهُو سماج ۾ هر وقت ۽ هر هنڌ موجود آهن؟ جي اهڙا ماڻهُو سماج ۾ هر دؤر ۾ هر هنڌ موجود ۽ غالِب آهن تہ ايئن ڇو آهي؟ ڇا اهو رڳو ڪو اتفاقن جو سلسلو آهي يا اهڙا ڪي سماجي ڪارڻ آهن، جن جي ڪري اها صورتحال ايئن آهي ۽ هيتريون صديون ۽ هيترا زمانا قائم رهي آهي ۽ بدلجڻ جو نالو ئي نٿي وٺي؟ انهن ڪارڻن کي دور ڪرڻ ۽ انهن خرابين ۽ ظلمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ عملي طرح بہ ڪجهہ ٿي ۽ ڪري سگهجي ٿو يا رُڳو انهن تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو؟

اُن لاءِ ڪيس هر قسم جي جاچ ڪرڻي پوندي، باخبر ۽ باشعور ٿيڻو پوندو. گهربل ڪتاب پڙهڻا پوندا. ضروري پڇا ڳولا ۽ جاکوڙ ڪرڻي پوندي. اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ کان پوءِ، جي ڪيس پڪ ٿي وڃي تہ هن ڳلُور کي ختم ڪرڻ جي ڪا واٽ آهي ۽ اها واٽ فلاڻي آهي تہ پوءِ هڪڙي ايماندار ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ ان اديب ۽ فنڪار جو اخلاقي، سماجي ۽ انساني فرض ٿي پوي ٿو تہ ثقافتي، ادبي ۽ فني ميدان ۾ پنهنجن اعليٰ آدرشن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، ان واٽَ جي ڪاميابيءَ لاءِ، پنهنجي ادبي ۽ فني صلاحيتن وسيلي جيڪي ڪجهہ ڪري سگهي، سو ڪري. آدرش ڏارڻ ۽ انهن جي ڪاميابيءَ بابت لاتعلق ٿي وڃڻ منافقي ۽ مَڪارِيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيندو.

**براين ۽ ظلمن جي صرف اوگهڙ؟**

بُراين ۽ ظلمن کي اُگهاڙو ڪرڻ ۽ انهن لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ نفرت پيدا ڪرڻ ادب ۽ فن جو اهم فرض آهي. ساڳيءَ طرح ظالم لاءِ نفرت ۽ مظلوم لاءِ همدردي ۽ قياس پيدا ڪرڻ بہ ضروري آهي، پر اهو سڀ ڪجهہ ناهي.

بيماريءَ جو تفصيلي ذڪر ڪري ويهي رهڻ ۽ علاج جي ڳالهہ ئي ڪائي وڃڻ، ڏاڙي جو اڪين ڏٺو احوال ٻڌائڻ ۽ ڏاڙيلن کي ڪيئن پڪڙجي، سا ڳالهہ ئي نہ ڪرڻ، بلڪ مرض جي علاج ۽ ڏوهارين کي پڪڙڻ جي ڳالهہ ٻڌي ڪاوڙجي پوڻ غيرفطري حرڪتون آهن.

کهڙو نہ عجيب لڳندو جو پُٽُ، جو ماءُ کي چوي، ”امان! اجا توکي ڇا کپي؟ ادا وڏي جي قتل ٿيڻ جي سڄي اکين ڏٺي واردات توکي ٻڌايم. سندس واسطي تنهنجي دل ۾ قياس ۽ قاتلن لاءِ نفرت بہ پيدا ڪيم. توکي واقعي جي خبر بہ پيئي، توکي قياس ۽

Gul Hayat Institute

افسوس بہ ٿيو. نفرت بہ ٿي. باقي بدمعاش ڪير آهن. انهن کي ڪيئن پڪڙجي؟ ڪنهن جي مدد سان پڪڙجي. ڪهڙو رستو وٺي پڪڙجي. وڙهن تہ ڪيئن وڙهجي. انهن ڳالهين سان منهنجو ڪهڙو واسطو؟ اهي ڇو معلوم ڪري توکي ٻڌايان؟“

اهڙو ئي رَويو آهي انهيءَ اديب جو جيڪو چوي ٿو تہ. ”آءٌ رُڳو پيڙا بيان ڪندس. ان جي ڪارڻن ۽ علاجن جي منهنجي اڳيان ڳالهہ بہ نہ ڪريو نہ تہ آءٌ وٺي واڪا ڪندس تہ. ’ادب ۾ نعري بازي پئي ٿئي!‘“

## مظلوم ۽ قياس جوڳا ڪردار بہ ڪافي نا هن!

ساڳيءَ طرح رڳو مظلوم ۽ قياس جوڳا ڪردار پيش ڪرڻ بہ ڪافي ناهي. اها ڳالهہ نہ رُڳو عوامي ادب جي انقلابي مقصدن جي خلاف ٿيندي. پر خود سماجي حقيقتن جي بہ خلاف ٿيندي.

ڇا سماج ۾ عوام جا رُڳو اهي ۽ اهڙا ئي ڪردار آهن؟ ٺيڪ آهي. هڪ حد تائين عوام هينئر برابر ”ڪارا. ڪوجها. ڪوڙا ۽ مُور نہ موچارا“ آهن. برابر منجهن جاڻ ۽ سمجهہ ڪانهي. منجهن عقل گهٽ آهي. هُو ڪيترين ڳالهين ۾ ڪِريل. بي حال. بي ثمرا. بي وسيلا. دوست. دشمن جي سڃاڻپ نہ رکندڙ. ڇڙوڇڙ. وائڙا. بتال. جهنگ جا جناور آهن. هُو برابر ڏيجهو هراسيل. موچڙن ڪُٽيل. ذليل ۽ خوار آهن.

پر اها ڳالهہ فقط هڪ حد تائين صحيح آهي. ان کان وڌيڪ نہ.

مٿئين جزوي حقيقت جي باوجود بہ هر دؤر ۾ هن ڌرتيءَ تي گذران. مال. دولت. تهذيب تمدن ۽ انسانيت جا خالق ۽ قوت جا سرچشما عوام ئي هئا ۽ اهي ئي رهندا. ايئن نہ هجي ها تہ اسين اجا تائين غارن ۾ ويٺا هجون ها.

تنهن کان سواءِ اها جُزوي حقيقت ۾ تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي. اڄ پورهيت عوام منجهان هزارين لکين ماڻهُو مفت خور. ڦورو ۽ ظالم طبقن جي ماڻهن کان ڪَئين دفعا وڌيڪ پڙهيل. قابل. داناءُ. سورما. سائنسدان. سپهہ سالار. انقلابي سياسي اڳواڻ ۽ مُدَبر بڻجي چڪا آهن ۽ بڻجي رهيا آهن.

اڄ بہ اسان وٽ عوام ۾ هر وقت اهڙا مرد. عورتون ۽ ٻار ٻڌا موجود آهن. جي دَباءُ ۽ وحشانيت جي اونداهيءَ رات ۾ ٽانڊاٽا. ڏيئا ۽ روشنيءَ جا منارا بڻجي چمڪن پيا.

انهن ماڻهن جون ادب ۾ تصويرون چِٽڻ لازمي آهن.

## جيڪڏهن....!

جيڪڏهن اڳوڻين صدين جي عالمي ۽ ملڪي ادب ۾ عوام جي سچن پچن مثالي ماڻهن جون وڏ ۾ وڏ اعليٰ تصويرون چِٽيل هجن ها ۽ اسان وٽ اهڙن تمام گهڻن ماڻهن جا مثال اکين اڳيان هجن ها تہ جيڪر اسان جي بهتر زندگيءَ لاءِ اڄوڪي جدوجهد ۾ اڄ کان ڏهوڻي سُرت. سمجهہ. يقين. خوداعتمادي. ٻڌي ۽ قوت هجي ها.

Gul Hayat Institute

**هنن جا پيا هيرا! عوام جا پيا!**

اسان جي هيرن ۽ عوام جي دشمنن جي هيرن ۾ ڪھڙو فرق بلڪ تضاد آهي، تنهن جو اندازو رُڳو پنهي ڌرين جي ”مَحبُوبہ“ بابت مختلف بلڪ اُبتڙ تصورن مان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

**مثالي مَحبُوبہ ڪنهن کي چئجي؟**

هڪڙي پورهيت جا عورت کي پسند ڪرڻ جا اُصول، ماپا توراڙا ۽ ڪسوٽيون، مُفت خور طبقي جهڙا ساڳيا ٿي نٿا سگهن.

پورهيت جي دلپسند عورت اها ٿي نٿي سگهي، جيڪا سچو ڏينهن رُڳو هار سِينگار ڪريو اچڙي چمڙيءَ واري گُڏي ٿيو ويٺي ناز نخرا ڪري، پاڻيءَ جو وَٽو بہ پاڻ پري پيئڻ لاءِ تيار نہ هجي، ڪَک پيچي ٻيڻو نہ ڪري سگهي، وات مان ڪو اکر ڪڍي تہ ڏهہ ڏينهن مُنهن سُڄايو ويٺي هجي. پورهيتن جي تصورن جي محبُوبہ اها سدا ملوڪ ”مڙس ماڻهُو“، لڏڻ هوندي، جيڪا دل ڏيئي تہ وري مار موچڙي جي ڊپ کان پير پوئتي نہ موڙي وجي. اونداهي سُهائيءَ جو خيال نہ ڪري، پن جي کڙڪي يا ڪُتي جي ڀؤنڪ تي ڏڪي نہ وڃي. ڪوهہ اڌ پنڌ ڪرڻو هجي تہ ڪري اچي، پڇاڙيءَ جو جي محبت جون ويرياڻيون ڪُهاڙيون اُپيون ٿي وڃن تہ يا بسم الله! ڪري، پهرين پنهنجو سِرُ اَڏيءَ تي رکي!

جيڪا زال ٻڄڻ کان پوءِ لولو بہ پچائي، مال بہ ڏُهي، گاهہ پنو بہ ڪري، گهر جو ڪارخانو بہ هلائي، ٻار بہ پالي، ڪنهن مهل ڪاوڙ ۾ بہ سونٽيون لڳي وڃنس تہ مهينو سچو مٿو ٻڌيو بہ نہ ويٺي هجي، لٿي پٿي مڙس سان لٺ ڏُڪي ۾ بہ سروبَدر لٺ وڃائي ڇاٽي، هروپرو ڪنهن للوءَ پنجونءَ جي حشمت ئي نہ ٿئي، جو ساڻس مُهاڏو اٽڪائي سگهي!

**حقيقت، حقيقت پسندي ۽ حقيقت نگاري ڇا آهن؟**

Gul Hayat Institute

جڳ مشهور داناءَ اينجلس چيو آهي: “Things are dead by destination”

(جن شين جي مقدر ۾ موت آهي، سي (ڪن ڳالهين ۾) جڻ هينئر ئي مئل آهن.)

ساڳيءَ طرح ڊگهي عرصي جي خيال کان سياڻي وجود ۾ اچڻ واري حقيقت کي اڄوڪي حقيقت ڪري شمار ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪرڻ گهرجي.

ظاهر ۽ باطن ۾، صورت ۽ اصليت ۾ اڪثر تضاد هوندو آهي. ڪيترين شيون ظاهري طرح حقيقت نظر اينديون آهن. پر اِهي اڪثر پنهنجي حقيقت وڃائي چڪيون هونديون آهن. هُو اهي زنده لاش هونديون آهن. جيڪي اڃا دفن نہ ٿيا آهن. ساڳيءَ طرح ڪيتريون زبردست حقيقتون عام اکين کان اوجهل هونديون آهن. انهن کي ڏسڻ لاءِ دوربيني ۽ خوردبينيءَ جي لوڙ پوندي آهي.

سائنسي عالمي تاريخي نقطي نظر جي دوربيني ۽ صحيح سماجي ڄاڻ ۽ سمجهہ جي خوردبينيءَ سان ڏسبو تہ اج سموريءَ دنيا ۾ ”وجاءَ الحق, وزهق الباطل انالباطل ڪان زهوقا.“ (حق آيو باطل تباهہ ٿي ويو بيشڪ باطل تباهہ ٿيندڙ شيءِ آهي) وارو منظر نظر ايندو, پر عام ماڻهن جون اکيون انهن حقيقتن کي في الحال ڏسي نٿيون سگهن.

حقيقت نگاريءَ جو مقصد اهو ناهي تہ ادب ۽ فن ئي ختم ڪري ڇڏجي, رُڳو فوٽو گرافي ڪجي جا لازمي طرح بلڪل سطحي, هڪ طرفي ۽ بي جان هوندي. عوامي ادب ۽ فن جو مقصد عوام کي سندن زندگيءَ جو صحيح, گهرو ۽ ڀرپور شعُور ڏيڻ آهي. اها ڳالهہ تڏهن ٿي سگهندي, جڏهن ادب ۽ فن کي سندس دستوري هٿيارن يعني بامقصد وڏاءَ, مفروضن ۽ سينگار سان هٿياربند رهڻ ڏنو ويجي.

**پورهيت ادب تي اجايو زور ڏيڻ جو ڪهڙو ضرور؟**

سرمايہ دار ترقي پسند اديب ۽ وللي واويلائي اديب ٻئي ڌريون هن باري ۾ مختلف نمونن ۾ ساڳي ڳالهہ چون ٿا. هي چون ٿا تہ ”پورهيت ادب تخليق ڪرڻ جي ڳالهہ تي اجائي زور ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي. سماج ۾ رُڳو پورهيت تہ ڪونهن! ڇو نہ سيني طبقن بابت لکجي؟“

پورهيت عوام بابت, پورهيت عوام لاءِ, سندن ئي باشعور عالمي نقطي نظر ۽ بيهڪ کان ادب ۽ فن تخليق ڪرڻ تي گهڻي ۾ گهڻو زور ڏيڻ ان ڪري ضروري آهي, جو دنيا جو اج تائين جو ادب نوانوي ڏهائي نوانوي سيڪڙو غير پورهيت آهي ۽ ڪافي حد تائين پورهيت مخالف ادب آهي. ان ڪري باخبر ۽ باشعور پورهيت ۽ غيرپورهيت ادب جي وچ ۾ توازن سراسر پورهيت ادب جي خلاف بيٺل آهي. اهڙي بگڙيل توازن کي درست ڪرڻ عوام جي لاءِ اشد ضروري آهي.

پر اسين ڪٽي ڪهڙي بہ ڪوشش ڪريون تہ بہ موجوده حالتن ۾ اسين ان توازن کي درست ڪري نٿا سگهون.

انهن حالتن ۾ باخبر ۽ باشعور اعليٰ پورهيت ادب جي تخليق تي جيترو گهڻو زور ڏجي, سو ٿورو ٿيندو. جيڪو بہ ماڻهو عوام جي خلاف ناهي, سو ان ڳالهہ کي انصاف ڀريو بلڪ انتهائي لازمي سمجهندو.

**اوٽنيهہ راتيون چور جون هڪڙي رات شاهہ جي!**

ٻين طبقن جي جذبن, اُمنگن ۽ سندن هيرن, هيروئنن جو ذڪر تہ صدين کان ٿيندو اچي ۽ اج بہ ٿئي پيو. باشعور عوام جي هيرن ۽ هيروئنن ۽ ٻين مثالي ڪردارن ۽ ڪارنامن جو ذڪر ذري گهٽ جڻ ٿيو ئي ڪونهي. ان هڪ طرفائيءَ



Gul Hayat Institute

ڪي دور ڪرڻ لاءِ پورهيت عوام بابت ادب ۽ سو بہ باشعور انقلابي سمجهہ ۽ نقطي نگاهہ وارو ادب تخليق ٿيڻ ضروري آهي.

اڳي هر ڳالهہ ۾ غير ملڪي عوامي طبقن جي هڪ هٽي هئي. هاڻ صدين بعد نيٺ عوام جو وارو آيو آهي ۽ اهي آهستي آهستي هن ڌرتيءَ تي زندگيءَ جي هر شعبي تي قبضو ڪري رهيا آهن. ”اوڏتيهہ راتيون چور جون هڪڙي رات شاهہ جي!“ هاڻ شاهہ عوام جو زمانو اچي ويو آهي. ان ڪي وارو ڏيڻ ۾ ڪنهن کي ارهو نہ ٿيڻ گهرجي.

## ڇا پورهيت ادب جي معنيٰ سکٽي نعريبازي آهي؟

عام طرح پورهيت ادب جو مطلب اهو ورتو ويو آهي تہ پورهيت ادب کي فقط پيٽ جي مسئلن تائين محدود رکيو وڃي، سو بہ نهايت مشيني، بيهودي، سطحي ۽ غيرفني نموني، سُونهن جي مقابلي ۾ رڳو بُک تي لکجي. مانيءَ کي سونهن جو مخالف ڏيکاري، سونهن کي رد ڪجي ۽ مانيءَ جا نعرا هڻجن.

اها ان مسئلي ڏانهن، نهايت بي سمجهي، بي علميءَ واري رَوش آهي. انسان کي ماني بہ کپي تہ محبوب بہ. علم بہ کپي تہ عمل بہ. لطيف ۽ حافظ جا شعر بہ کپن تہ اينسٽائين ۽ مارڪس جا سائنسي نظريا ۽ کوجنائون بہ.

اقتصادي مسئلن سميت سمورا انساني مسئلا ادب جو جائز مواد آهن. پر رُڳو رُکي، ٻُسي ۽ غيرفني نموني مسئلا بيان ڪرڻ ادب ناهي. سچو ادب سيرت سان گڏ صورت بہ آهي. صحيح سوچ ۽ مقصد سان گڏ صحيح ڏانءُ ۽ ڏات بہ آهي. صحيح سوچ ۽ مقصد کان سواءِ ادب، ادب تہ آهي پر کوکلو ۽ ڪوڙو ادب آهي. ساڳيءَ طرح ڏات ۽ ڏانءُ کان خالي ڳالهيون صحيح سوچ ۽ مقصد واريون ڳالهيون تہ هونديون پر انهن کي ادب ۽ فن ڪونہ ڪوني سگهبو.

مقصد ۽ فن ۾ توازُن جو مسئلو ڏکيو مسئلو آهي، پر ان کي ڪوشش سان حل ڪري سگهجي ٿو. عالمي پورهيت ادب ۾ ان کي نهايت خوبصورتيءَ، نَفاسَت ۽ ڪاريگريءَ سان حل ڪيو ويو آهي.

جاگيردار سرمايہ دار ادب معنيٰ جاگيردارن يا سرمايہ دارن جو جاگيردارن يا سرمايہ دارن لاءِ لکيل ادب؟

نہ. جاگيردار ادب اهو جيڪو لکيو ڪٽي هڪڙي ٻُڪئي پان هاريءَ هجي، پاڻ جهڙن ئي ٻکين پانگن لاءِ، سندن ئي ٻاري ۾ ۽ سندن ئي ٻوليءَ ۾، پر مجموعي طرح ان جو تاثر جاگيردار طبقي جي سوچ، لاڙن ۽ مفادن مطابق هجي.

ساڳيءَ طرح سرمايہ دار ادب اهو ادب آهي، جيڪو لکيو پلي سرمايہ دار نظام توڙي سرمايہ دارن کي گاريون ڏيندڙ ماڻهوءَ هجي، پر شعوري يا لاشعوري طرح ان ۾ ڳالهہ اها ٿيل هجي جا سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح سرمايہ دار طبقي جي سوچ جي مطابق هجي ۽ پَس و پيش انهن جي حڪمت عمليءَ کي هٿ ڏئي. مثال طور، عام ماڻهن ۽

Gul Hayat Institute

سفيد پوشن جي رُڳو انهن سماجي اُمنگن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري، جن جي پوري ڪرڻ لاءِ بظاهر پورهيت انقلاب يا پورهيت اقتدار جي ضرورت نہ پوي ۽ اهي سرمايہ دار اقتدار جي حدن اندر ئي پوريون ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريل هجي.

**ڇا پورهيت طبقي جو اديب جيڪو ادب تخليق ڪري، سو پورهيت ادب چئبو؟**

اسين چئي چُڪا آهيون تہ حاڪم طبقن جا زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ نمائندا رُڳو سندن طبقي جا نہ هوندا آهن. هُو اڪثر گهٽو ڪم ڦُريل ماريل طبقن مان پرتي ڪيل چاڙتن ڪان وٺندا آهن. ڦورو فوج جي اڪثريت غريب طبقن جي هارين جي هوندي آهي. ادب ۾ بہ ڪيترا بُکيا پانگ اديب ۽ فنڪار پيٽ پريل طبقن جون ٻوليون ٻوليندا آهن. ان جي اُبتڙ هيٺئن بہ ٿيو آهي تہ سفيد پوش طبقن مان بہ ڪي ڪي اديب پورهيت ادب يا گهٽ ۾ گهٽ پورهيت دوست ادب تخليق ڪندا رهيا آهن. ان ڪري پورهيت ادب جي سڃاڻپ جي ڪسوٽي رڳو لکندڙ جو پورهيت هجڻ ناهي.

**ڇا پورهيتن سان هَمدرديءَ وارو هر ادب پورهيت ادب سڏي سگهجي ٿو؟**

ڏسڻو اهو آهي تہ ادب، پورهيت طبقي جي علمي تاريخي نقطي نظر، مُفادَن ۽ سندن جدوجهد جي ڀرپور ۽ اونهي سمجهہ ۽ شعور جي روشنيءَ ۾ تخليق ڪيو ويو آهي يا ان بنا؟ پهرين حالت ۾ ان کي باشعور پورهيت ادب چئبو ٻيءَ حالت ۾ ان کي پورهيت ادب تہ چئبو پر باشعور نہ بي شعور، دل جي ڏوڙ تي تخليق ڪيل پورهيت ادب.

پر مڪمل طرح باشعور پورهيت ادب لاءِ رڳو صحيح فطري ۽ سماجي سمجهہ جي ضرورت ناهي. اها بہ ضرورت آهي تہ لکندڙ پاڻ کي باخبر ۽ باشعور پورهيت عوام جي پوزيشن ۾ وجهي، ذهني ۽ جذباتي طرح انهن جو موقف ۽ ٻيهڪ اختيار ڪري، يعني خود ڏر– ڏٺي ٻڌجي لکي ۽ نہ هڪ ڇاڙو ۽ سمجهو ٽياڪڙ ۽ خدا ڪارڻ جواب ڏيڻ وارو تماشائي بڻجي.

Gul Hayat Institute

**ڇا سفيد پوشن ۽ ٻين طبقن بابت ادب تخليق نہ ڪجي؟**

ڇو نہ ڪجي؟ پر هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ رکي پوءِ: (1) لکندڙ اڪثر سفيد پوش طبقي جا آهن ۽ انهن گهڻي ڀاڱي رڳو پنهنجي طبقي بابت لکيو آهي. عوام بابت لکيو اٿن تہ عوام جي باخبر، باشعور نقطي نظر ۽ موقف کان نہ پر سندن پنهنجي طبقي جي نقطي نظر ۽ موقف کان. ادب تہ اڳيئي سفيد پوش طبقي بابت ۽ ان لاءِ لکيل ادب جو غَلبو آهي. ادب جي گاڏي اڳيئي ان طبقي جي پاسي اولار تي بيٺي آهي.

(2) سفيد پوش طبقو ساڳئي وقت ٻن اُبتڙ قسم جي سماجي مُفادَن ۽ سماجي منزلن ڏانهن ڇِڪ محسوس ڪري ٿو. اهو گهڻي ڀاڱي عوام مان پيدا ٿيل آهي،

هينئر بہ سندس گهٽي ۾ گهڻا بُنيادِي ۽ دائمي مُفاد عوام سان گڏيل آهن. پر سندس سماجي ڪِعبو قبلو ڦورو طبقا آهن. جن سان گڏجي هڪ ٽيڻ لاءِ هُو تڙپندو رهي ٿو. اها ڳالهہ ٻي آهي تہ مجموعي طور هُو ڪڏهن بہ اها منزل حاصل ڪري سگهي ئي نٿو. سفيد پوشن جي عوام سان گڏپ وارن سماجي مُفادَن بابت ادب بہ صحيح نُقطي نظر کان لکيل هجي تہ پورهيت ادب جو حصو ٿي سگهي ٿو ڇو تہ سفيد پوش هڪ حيثيت ۾ پورهيت آهي. البت ٻيءَ ۾ هُو عوام کي ڦُريندڙن ۾ شامل ۽ ساڻن بہ ڀتيدار آهي، سا ڳالهہ بہ ڪڏهن وسارڻي ڪانهي.

بهرحال سچو باخبر ۽ باشعور پورهيت اديب سفيد پوشن بابت تہ ڇا خُود جاگيردار ۽ سرمايہ دار طبقن بابت لکندو تہ بہ اهو پورهيت ادب ئي چئبو ڇو تہ پنهنجي پورهيت نقطي نظر يا موقف جي ڪري اهو ادب، پورهيت طبقي بابت نہ هوندي بہ ۽ انهن جي دشمنن بابت هوندي بہ، پورهيت عوام جي ئي نقطي نظر ۽ موقف کي هٿي ڏيندو. مثال طور گورڪيءَ جا آمريڪي سرمايہ دارن بابت تاثر جيڪي سنڌيءَ ۾ ”ڪروڙپتيءَ“ جي عنوان سان ڇپيل آهن.

اَلبَت بُنيادِي طرح پورهيت ادب پورهيتن بابت ئي هوندو ۽ انهن لاءِ ئي تخليق ڪيل هوندو. اهو بُنيادِي طرح پورهيت عوام جي انهن سماجي اُمنگن ۽ آدرشن جي ترجماني ڪندو. جيڪي فقط سماجي انقلاب ۽ پورهيت انقلابي اقتدار وسيلي ئي پورا ٿي سگهن ٿا.

## ڇا وللي واويلائي ترقي پسند آهن؟

ڪيترائي وللي واويلائي پاڻ کي ترقي پسند سڏائين ٿا. ان لاءِ هُو ڪِئين پراڻيون سندون ۽ انعامي ٻلا ڪڍيو ڏيکارين. ڇا هو واقعي ترقي پسند آهن؟

جيڪي شيون يڪيون ۽ سچيون ساريون نظر اچن ٿيون، سي فقط ٻاهران ۽ پري کان ايئن نظر اچن ٿيون. حقيقت ۾ اهي گهڻن اُبتڙ ۽ پاڻ ۾ وڙهندڙ جُزن جون ٺهيل هونديون آهن.

هر ٻيءَ شيءِ وانگر ادبي ۽ فني تحريڪون بہ، اُبتڙن جي ميلاپ ۽ پاڻ ۾ ويڙهہ جي پيداوار آهي. اهي بہ ان ويڙهہ جي نتيجي طور پنهنجون خاصيتون ۽ مقدار بدلائين ٿيون. جيڪي شيون شروعات ۾ ترقي پسند هيون، سي حالتن جي تبديليءَ سان گڏ آهستي آهستي پنهنجو روپ بدلايو پنهنجي اُبتڙن ۾ بدلجي سگهن ٿيون. ترقي پسند ادب جي تحريڪ هڪ گهڻ-طبقاتي ادبي گڏيل مَحاذُ هو. جنهن ۾ ٿورا سماجي سُرت ۽ سمجهہ رکندڙ پورهيت اديب بہ هئا ۽ گهڻا سرمايہ داري لاڙا رکندڙ توڙي موقعي پرست ۽ ابن الوقت ماڻهو بہ هئا.

Gul Hayat Institute

جنهن دؤر ۾ عوام جي جدوجهد چاڙهہ ۾ اچي ٿي ۽ ترقي پسنديءَ ۾ عزت آبرو ۽ فائدا آهن، تڏهن موقعي پرست اديب ترقي پسنديءَ جا سيني کان وڏا پڳڙ ٻڌيو، اسٽيج تي سڀني کان اڳ اچيو براجمان ٿيو وڃن ۽ پاڻ کي ترقي پسنديءَ جا واحد نمائندا ۽ چوڌري ڪريو مشهور ڪرائين.

پر جڏهن اها لاٽ ۾ اچي ٿي، تہ هي رات وچ ۾ بدلجيو ماڻهُو ئي ٻيا ٿيو پون، جڻ ترقي پسنديءَ نالي ڪنهن شيءِ جا واقف ئي ناهن!

سموري ملڪ جي ابن الوقت سابق ترقي پسندن جي اها حالت آهي، اڄ هُو "ساڏن سان سن مُک، پٺئين سان پورا" ٿيا وينا آهن. "ماسي ورائي، دم پنهنجي دم پرائي."

سنڌ ۾ بہ اڄ ڪيترا سابق ترقي پسند موقعي پرست ادبي چوڌري، موقعي پرستن جي ازلي آئين ۽ دستور مطابق، پنهنجي ادبي دڪانن تي ترقي پسنديءَ جا پراڻا بورڊ ٽنگيو، انهن هيٺ پنهنجن دڪانن کي زندگيءَ کان مايوسيءَ جي مڪين جهنگيل زوالي مال سان سٽيو مُچون وٺيو، مجمعا لڳايو وينا آهن ۽ ترقي پسند ۽ بامقصد عوامي ادب تي ٺٺوليون ڪنديءِ مٿس نعريبازيءَ جا الزام هڻندي، وات ئي بند نٿو ٿئين. اهڙي قسم جا ماڻهو حقيقي طرح نہ اڳ ترقي پسند هئا ۽ نہ اڄ آهن.

Gul Hayat Institute

**باب اٺون**

# ماضِيءَ جو ادب

ماڻهو سڀ سهڻا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.
(لطيف)

عوام دشمنن هميشه پنهنجي دؤر جي هر سچائيءَ ۽ ترقي پسنديءَ جي ڇتي مخالفت پئي ڪئي آهي. اها مخالفت "اڄ" جي ڪوڙ ناحق ۽ رجعت پرستيءَ جي وسيلي به ڪئي اٿن ۽ "ڪالهه" جي مُدي خارج سچائي ۽ سابق ترقي پسنديءَ سان به ڪندا رهيا آهن.

هُو هميشه ڪالهوڪي سچ، ڪالهوڪي حق ۽ ڪالهوڪي ترقي پسنديءَ تي زور ڏيندا ۽ ان کي اڄوڪي سچ، اڄوڪي حق ۽ اڄوڪي ترقي پسنديءَ ۽ انقلاب کي دٻائڻ لاءِ ڪتڙو ڪندا رهيا آهن. بلڪل ايئن جيئن ڪالهوڪي ڏاڍي مڙس کان پوليس پڳيءَ. پيرادي ۽ لال جو ڪم وٺندي آهي.

جڏهن ڪالهه "اڄ" هو ۽ جڏهن ڪالهوڪي ترقي پسندي، ان وقت جي "اڄ" جي ترقي پسندي هئي، تڏهن اهي ساڳيون سماجي قوتون، جيڪي اڄ انهن جي ساراهه مان نٿيون ڍاپن، سي ڪات ڪهاڙا ڪڍي، سندن پويان پيل هيون.

اڄ عوام دشمن چون ٿا، "ڇا جو عوامي ادب، ڇا جو عوامي دشمن ادب؟ ڪهڙو پورهيتن جو ادب، ڪهڙو سرمايه دارن ۽ جاگيردارن جو ادب؟ ادب، ادب آهي. دنيا جو عظيم ادب ڏسو! هر قسم جي ماڻهن ان کي لکيو آهي. غريب کان غريب ۽ شاهوڪار کان شاهوڪار اديبن ان کي لکيو آهي، پر مجال آهي جو ان ڪري ڪوتِر جو به فرق پوي؟ عظيم ادب عظيم آهي، چاهي ان کي غريب لکيو هجي يا شاهوڪار. ادب ۾ اهو غريب شاهوڪار، سرمايه دار پورهيت جو ڏقيڙ وجهڻ جهالت ۽ بيهودگي آهي."

Gul Hayat Institute

عوام جو دشمن هڪڙو ٽولو نہ، گهڻا ٽولا آهن. جيڪڏهن سُرت نہ ڪبي تہ ماڻهو هڪڙي دشمن جي ڳالهين ڪي مُنهن ڏيڻ ۾ اهڙو محول ٿي ويندو ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪري ويهندو، جو هڪڙي دشمن کان پاڻ بچائيندي ٻين دشمنن جو آسان شڪار ٿي پوندو. هڪڙي ٽولي جي وڇايل ڪوڙڪيءَ کان پاڻ بچائيندي، ازخود ٻين ٽولن جي وڇايل ڪوڙڪين ۾ ڦاسي پوندو!

جاگيردار رجعت پرست ادبي ٽولو سدائين فرمائيندو رهندو آهي تہ فقط "پنهنجو" يعني جاگيردار رجعت پرست "ادب" پڙهو! "پرائو" يعني ترقي پسند سرمايہ دار ادب يا پورهيت ادب نہ پڙهو. اُهو آمريڪا، يورپ، روس ۽ چين وارن ڪافرن جو ادب آهي. ان سان پنهنجو ڪهڙو واسطو؟ ان جي جواب ۾ ترقي پسند چوندا آهن تہ، "ادب نہ 'پنهنجو' ٿيندو آهي نہ 'پرائو'. ادب سڄيءَ دنيا جي انسانن جي، سموري انسانيت جي گڏيل ميراث آهي."

جاگيردار رجعت پرستن جي اُٺاريل دليلن جي جواب جي حد تائين اهو جواب صحيح آهي، پر مڪمل طرح ۽ غيرمشروط طرح صحيح ڪونهي. مثلاً ماضيءَ جي ادب ۽ فن ڪي وٺو.

**ماضيءَ جو عظيم ادبي ورثو:**

هـنجن سـي هيڪار، جـي ڳـڻ ڪـري نهـارئين،
تـہ لڳـن سـي ٻيهـار، ٻيلهــ نــہ ٻـڌي ڪـڏهين.
(لطيف)

اسان جو "هينئر"، "اڄ" جي پيڙهہ تي بيٺل آهي. هن دؤر جو پورهيت توڙي ٻيو اعليٰ ادب، ماضيءَ جي اعليٰ ادب جي پيڙهہ تي بيٺل آهي. ان پيڙهہ کان سواءِ اهو هرگز تعمير ٿي نہ سگهي ها.

ماضيءَ جي انسان دوست، روشن خيال ۽ ترقي پسند ادب انساني تاريخ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن جي ڪري انسان ذات ان جي جائز طرح ٿورائتي آهي ۽ سدائين رهندي.

ماضيءَ جي ادب کان تنقيدي نموني پر توجهہ ۽ احترام سان سِکڻ کان سواءِ ڪوبہ اديب صحيح معنيٰ ۾ اعليٰ عوامي ادب تخليق ڪري نٿو سگهي.

ماضِيءَ جي انسان دوست، روشن خيال ۽ ترقي پسند اديبن ۽ فنڪارن پنهنجين حدبندين، نقصن ۽ اڻ پوراين جي باوجود، ادب ۽ فن تخليق ڪرڻ لاءِ ڏاڍا ڪشالا ڪيا ۽ ڏک ڏٺا آهن. ڪيترين حالتن ۾ هنن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن.

**جيئرا جاڳندا معجزا**

هنن مان ڪي اهڙا بہ هئا، جن جي تخليقي فتحن ۽ ڪارنامن اڳيان جوليس سيزر، سڪندراعظم، چنگيز، تيمور ۽ نيپولين جهڙن جون فتحون هيچ هيون. هنن

پنهنجي وقت، پنهنجي طبقاتي، ملڪي ۽ قومي سوچ ۽ سمجهہ جي حدن اندر فن جا اهي تاج محل اڏي ڇڏيا آهن، جن جي سُونهن ۽ عظمت، هر ڳالهہ جي باوجود، ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي. هنن پنهنجي وقت جي هماليہ جي چوٽين کي سر ڪري ڇڏيو آهي ۽ ستارن تي ڪَمَندُ وڌا آهن. هنن اهڙا جيئرا جاڳندا معجزا ڏيکاريا آهن، جيڪي هر نسل کي اچرج ۾ وجهندا رهندا. هي ماڻهو انسانيت جو سينگار ۽ هن ڌرتيءَ جا مرڪ هئا. ڌرتيءَ جا پُٽ ۽ ڌِيئون هميشہ سندن ياد کي احسانمنديءَ جي آلاڻ سان پريل اکين سان ۽ احترام ۽ شڪر گذاريءَ وچان جهڪيل ڪنڌن سان، نمي سلام ڪندا رهندا.

ماضيءَ جي اديبن ۽ فنڪارن زندگيءَ جون جيڪي لکين ڪروڙين، اڪثر اڻ پوريون، هڪ طرفيون، پر گُوناگُون جهلڪيون اسان کي ڏيکاريون آهن، انهن سمورين ګڏجي، چنبڃي ڇاڻجي، ڇاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپ جي داڻن ڪڻن جا ايڏا انبار ګڏ ڪري ڇڏيا آهن، جو جيڪڏهن اسين انهن کي جانچي ڏسون، صاف ڪريون ۽ وري تنقيدي ۽ تخليقي نموني پرکيون تہ "ڪڻ مان ڪيچ" واري حساب سان اسان وٽ ڪيچ پچي پون.

دنيا جو اعليٰ ادب اسان جو اهڙو بي بها ورثو آهي، جنهن جي تنقيدي چنڊڇاڻ ڪرڻ، ان کي وڌائڻ ويجهائڻ ۽ انهن مان پورو پورو تخليقي نفعو حاصل ڪرڻ اسان جو مقدس عالمي تاريخي فرض ۽ اعزاز آهي.

انهن ڳالهين جي باوجود اها ڳالهہ هرگز نظرانداز ڪرڻي ناهي تہ ماضِيءَ جو ادب عوام لاءِ تمام گهڻين غلط ۽ نقصانڪار ڳالهين سان بہ پريل آهي.

ماضِيءَ جي ادب ۾، ڪافي حد تائين، خود ماضِيءَ جي عظيم ادب ۾ بہ، انساني سماج جي سڀ کان وڏين ۽ بُنيادِي حقيقتن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. سماجي تاريخ جي هڪڙي پاسي سڀ کان نيچ ۽ ظالم ۽ ٻئي پاسي سڀ کان عظيم ۽ نيڪ ڪارنامن تي ۽ سڀ کان اهم سماجي لاڙن ۽ تحريڪن تي پردو وڌو ويو آهي ۽ انهن بابت خاموشي اختيار ڪئي وئي آهي. انهن جي جاءِ تي عام طرح ڏهين درجي جي معمولي ڳالهين کي کنيو ويو آهي ۽ کين حد کان وڌيڪ اهميت ڏني وئي آهي.

ماضِيءَ جي ادب مجموعي طرح عوام کي پنهنجي مدد کان محروم رکيو آهي ۽ سندن دشمنن جي خدمت ڪئي آهي.

ان جا مکيہ سبب هئا اڻجاڻائي ۽ مجبوري. اڻجاڻائي اها، جو ماضِيءَ جو ادب عام طرح سماج بابت نهايت هڪ طرفي، مٿاڇري، سطحي، قياسي، گهڻي ڀاڱي غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ ڄاڻ ۽ سمجهہ جي آڌار تي تخليق ڪيل هو.

Gul Hayat Institute

## ماضِيءَ جو ترقي پسند ادب

خود اهو ادب جنهن کي اسين اڄ ماضِيءَ جو ترقي پسند يا عظيم ادب چئون ٿا، اهو بہ اُبتڙن جي ميلاپ ۽ ويڙهہ جي پيداوار هو. اهو يڪو سڄو سارو ترقي پسند ۽ عوام دوست ڪونہ هو.

گذريل زمانن جا جيڪي عظيم اديب ۽ فنڪار پنهنجي دؤر ۽ پنهنجي نظام جي ترقي پسند لاڙن جا ترجمان ۽ وڪيل هئا، تن جون تخليقون ان وقت جي حالتن ۾ رجعت پرست تخليقن جي ڀيٽ ۾ ڪٽي ڪيتريون بہ اڳيريون ۽ ترقي پسند هيون پر تڏهن بہ اهي پنهنجي دؤر ۽ پنهنجي سماجي نظام ۽ پنهنجي حاڪم طبقن جي سوچ، سمجهہ، لاڙن ۽ آدرشن کان قطعي طرح آجيون هرگز ٿي نٿي سگهيون.

اهڙو ڪوبہ اديب، فنڪار يا دانشور ڪونهي، جيڪو پنهنجي دؤر جي سوچن، لاڙن ۽ آدرشن کي صفا ڇڏي رڳو ايندڙ زمانن جي سوچ، لاڙن ۽ آدرشن کي اختيار ڪري سگهي. اديب ۽ فنڪار ڪهڙو بہ باڪمال هجي ۽ ڪيڏو بہ دوانديش ۽ آئيندي جا خواب ڏسندڙ هجي، پر سندس تخليقن تي ڪنهن نہ ڪنهن نموني، ڪنهن نہ ڪنهن انداز ۾ پنهنجي دؤر، پنهنجي سماجي نظام ۽ پنهنجي دلپسند سماجي گروهن ۽ طبقن جي سوچن ۽ آدرشن جون مهرون ضرور لڳل هونديون.

اڪثر عالمي شاهڪار پنهنجي سموري عوامي مقبوليت، ڪمال ۽ عظمت جي باوجود، بُنيادِي طرح هڪ خاص رنگ ۽ ڍنگ ۾ ڪن خاص طبقن ۽ گروهن جي ادبي ۽ فني مفادن جي ترجماني ڪن ٿا.

## ڪنهن جي بازار پئي لُٽجي؟

جيڪي واقعي وڏا فنڪار آهن، اهي پنهنجي ذاتي ۽ پنهنجي دلپسند طبقاتي سوچن ۽ لاڙن سان گڏ سماج جي ٻين طبقن جي پسند جي ايتري وسيع ۽ قابليت واري ترجماني ڪن ٿا، جو سواءِ تمام قابليت ۽ باريڪ بينيءَ واري تپاس جي، اهو معلوم ئي ڪونہ ٿي سگهندو تہ هُو حقيقت ۾ بُنيادِي طرح ڪهڙن طبقن جي سوچن، لاڙن ۽ قدرن جي ترجماني ۽ وڪالت ڪري رهيا آهن. اهي وڏا فنڪار بي پناهہ فني ڏانءُ ۽ ذات ڪانسواءِ هن جهان ۽ زندگيءَ بابت هڪ وسيع ۽ گهرو عالمي نقطي نگاهہ پڻ رکن ٿا. سندن ڀيٽ ۾ عام پڙهندڙ جو عالمي نقطي نظر تنگ ۽ محدود آهي. ان ڪري سندن ذات ۽ وسيع عالمي نقطي نظر جي ميلاپ مان جيڪي تخليقون ٺهن ٿيون، سي پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ ۾ ڪات هٽي ڪيس پاڻ تي فدا ڪريو ڇڏين.

هڪ تہ اڻ لکي ڪات ڪري ٻيو تہ پڙهندڙن جي اڻ ڄاڻ ۽ اڻ تربيت يافتہ هجڻ ڪري عام پڙهندڙن کي ورلي ڪو اهو سَماءُ پئجي سگهي ٿو تہ فلاڻيءَ عظيم تخليق ۾ ڪهڙي گروهہ يا طبقي جي سماجي ۽ عالمي نقطي نظر جي ترجماني ۽ وڪالت



Gul Hayat Institute

ڪئي وئي آهي ۽ ان ۾ ڪهڙا ڪهڙا جزا صحيح ۽ عوام دوست آهن ۽ ڪهڙا غلط ۽ عوام دشمن. جهڙيءَ ريت ڪنهن سُني بورچيءَ جي رڌل طعام کي کائي، ماڻهو رُڳو واتَ چٽيندو رهجي ويندو آهي ۽ اڪثر ڪيس اها خبر ئي ڪانه پوندي آهي ته هيءَ ڪاڏو ڪهڙين شين مان ٺهيل آهي ۽ اهي سندس صحت واسطي ڪيتري قدر فائديمند يا نقصانڪار آهن. تهڙيءَ طرح سواءِ ڪن ٿورڙن تمام ڄاڻو پڙهندڙن جي، ٻين کي اهو سَماءُ ئي ڪونه پوندو آهي ته هن تخليق ۾ ڪهڙي سماجي سوچ جو مال مصالحو آهي ۽ هن ۾ ڪنهن جي بازار پئي لُٽجي؟ هو رُڳو ان جي ڳالهه ڪرڻ جي ڍنگ ۽ ٻين فني ۽ فڪري چاشنين ۾ ئي گم ٿي ويندا آهن.

خود اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي دؤر ۾ ته ڇا سيني دؤرن جا عجائب بڻجي ويا آهن، انهن جي سوچ تي به غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته ڪيترين نهايت اهم ڳالهين ۾، اڄ جي حساب سان، اهي اڄ جي معمولي کان معمولي ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ به قدامت پرست ۽ مُدي خارج ٿي چڪا آهن. سندن ڪجهه خيال انسان ذات لاءِ نهايت نقصانڪار ٿي چڪا آهن بلڪه ان وقت به هئا پر ماڻهن کي ان وقت ان جو سَماءُ ئي نه ٿي پيو!

مثلاً ارسطو سُقراط ۽ افلاطون کير سڏائي؟ الڪندي، فارابي، غزالي، بوعلي سينا، ابنِ رشد، ابن خلدون ڪيئن ٿا ڀانئيو؟ خود فردوسي، حافظ، عمير خيام، ڪاليداس، شيڪسپيئر کان وٺي ڪ سندن دؤر جو روشن خيال ۽ انسان دوست ڪو ٿيو!؟

**ارسطو، ولبر فورس ۽ اڄ جو ننڍو ٻار!**

پر انهن سيني جي عظيم ادبي ۽ فڪري شاهڪارن ۾ ڪا هڪڙي سِٽ به غلاميءَ جي نظام جي خلاف ته ڪڍي ڏيکاريو؟ اهي سڀ ويچارا پنهنجي دؤر ۽ پنهنجي وقت جي سماجي نظام جي سماجي فڪرن جي حدن کي اورانگهي، اهو تصور به نٿي ڪري سگهيا ته ماڻهُو ماڻهوءَ کي ذاتي طرح ۽ ٻارن ٻچن سميت غلام بڻائي ڍورن ڍڳن وانگر وڪڻي ۽ وٺيس ته وهائي، وٺيس ته سندن سودا ڪندو وتي، اها ڳالهه ڪا ظلم جي ڳالهه آهي! هُو غلاميءَ جي نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ آواز اُٿارڻ جو سوچي به نٿي سگهيا.

ولبر فورس ۽ ٻيا جن غلاميءَ جي نظام خلاف انگلينڊ، آمريڪا ۽ يورپ ۾ جهاد ڪئي، سي علمي، ادبي ۽ فڪري طرح مٿين عظيم هستين جي ڀيٽ ۾ ڄڻ ڪجهه به ڪونه هئا، پر ڳالهه دؤر ۽ نظام جي آهي. هنن کي سندن دؤر ۽ سماجي نظام هڪ خاص حد کان اڳتي سوچڻ ئي نه ڏنو. ولبر فورس وارا ان دؤر ۽ نظام ۾ آيا، جيڪو دؤر ۽ جيڪو نظام اڳين دؤرن ۽ نظامن جي ڀيٽ ۾ گهڻو اڳتي هو جنهن جي ڪري غلاميءَ جو نظام مُدي خارج بڻجي چڪو هو.

اڄ جي هڪڙي ننڍڙي ٻار کي بہ خبر آهي تہ ماڻهو طرفان ماڻهوءَ کي غلام بنائڻ گندو ڏوهہ آهي. ان حساب سان سماجي فڪر جي ڪسوٽيءَ تي اڄوڪو ٻار بہ غلاميءَ بابت سوچ ۾ مٿين سمورين يگانين هستين کان ڪي زمانا اڳتي آهي!

ٿامس هارڊي، ٽالسٽاءِ ۽ ٽئگور وغيره ڪيئن ٿا پانيو؟ پر سندن ادب مان جيڪو سبق ملي ٿو سو آهي رضا تي راضي رهڻ ۽ تقدير تي ڀاڙڻ، ويڙهہ کان پاڻ بچائڻ. اديب تہ جبل جيڏا پر سندن ادب جو تت اڄ ڪهڙو ماڻهو قبول ڪندو؟ ڪير چوندو تہ عوام لاءِ اهو سبق فائديمند آهي؟ اهو سبق ڪهڙن طبقن کي فائدو ڏئي ٿو سا ڳالهہ اڄ هرڪو سمجهي سگهي ٿو!

## ادبي بُتَ!

اڳ جي ادبي هستين جي تخليق جي عوام جي نقطي نگاهہ کان ڇنڊڇاڻ نہ ٿيڻ ڪري ڪيترن کي ڏنو ويندو تہ اهي سَڪتا بُتَ آهن. سندن انڌي پُوڄا پيئي ٿئي. درحقيقت اها پوڄا حاڪم طبقن جا ادبي ۽ فني دلال ٿا ڪرائين.

انهن نام نهاد عظيم هستين مان ڳچ جيترا عوام جي نقطي نظر کان، خود سندن دؤر ۾ بہ، تمام قدامت پرست، پوئتي پيل ۽ عوام جا مخالف هئا.

ڪيترا ”وڏا“ بنايل اديب پنهنجي ڳالهہ کي ٺاهڻ لاءِ اهم سماجي مسئلن بابت نهايت هڪ طرفيون، غيرذميواريءَ واريون، نقصانڪار ۽ گمراهہ ڪندڙ ڳالهيون ڪري ويا آهن. پڙهندڙن جي اڻڄاڻائي ۽ اٻهڄائيءَ جو ناجائز فائدو وٺي سهڻي، دلفريب ۽ چرڪائيندڙ ٻولي، نهايت فصاحت ۽ بلاغت سان، اهي نسورا زٽ ۽ ٻڏ هڻي ويا آهن. اهي جعلي ”دانائي“ ۽ ”تجربي“ جا نُڪتا هو اهڙي پيغمبري شان سان ڪري ويا آهن، ڄڻ مٿن ڪا وَحِي لٿي هئي.

اهو ڏنڌو اڄ تائين چالو آهي. سنڌي ادب جو جائزو وٺبو تہ مختلف دؤرن جي ادب ۾ اهڙا موتي ڪيترن ئي هنڌن تي پکڙيل نظر ايندا!

## سو فيصدي ترقي پسند تخليق

جيڪا ماضيءَ جي تخليق ڪالهہ، ڪالهوڪي ماحول ۾، سو فيصدي ترقي پسند هئي سا بہ ضروري ناهي تہ اڄ اسان جي ماحول، دؤر ۽ نظام جي حساب سان بہ، ترقي پسند هجي.

ان جي خوبين مان سِکبو سندس اڳوڻي ترقي پسند سماجي سيرت ۽ ڪردار کي سڃاڻبو ۽ تسليم ڪبو ۽ اڳوڻي زماني جي سلسلي ۾ انهن کي ساراهبو پر اڄوڪين حالتن ۾، نہ رُڳو انهن جي ساراهہ نہ ڪبي ۽ ماڻهن کي انهن کان متاثر ٿيڻ لاءِ آماده نہ ڪبو پر انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪري سندن چڱاين ۽ مدايون نروار ڪبيون.

Gul Hayat Institute

## عوامي ٻوليِ ۾ عوامي انداز واريون تخليقون

جيڪي تخليقون عوامي انداز ۾ عوام لاءِ سندن ئي دل پسند ٻوليءَ ۾ لکيل هجن، سي ٻـ لازمي ناهي تـ عوام-دوست ۽ ترقي پسند هجن. ڪيتريون بدترين عوام دشمن تخليقون نهايت دلنشين نموني وڏي ذات ۽ ڏانءُ سان لکيل آهن.

اهڙين عوام دشمن تخليقن ۾ جيترو ڏانءُ ۽ ذات وڏيڪ هوندا، اهي جيتريون اثرائتيون ۽ مقبول ٿينديون، اوتريون ئي اهي وڏيڪ پنهنجو زهريلو عوام دشمن اثر ڦهلائي عوام کي نقصان پهچائينديون.

## پيشو تـ مون وارو! پر قدر ڪونهي!

اڪثر ماڻهو جنهن بـ ڳالهه ۾ پڙُ هوندو آهي، تنهن بابت سمجهندو آهي تـ دنيا ۾ آهي ئي اها ڳالهه. جي ذاتِ آهي تـ بـ اها. جي جاڻ آهي تـ بـ اها. جي نيڪي آهي تـ بـ اها. مطلب تـ سڄي ڪائنات جي تخليق جو مقصد ئي جڻ رُڳو اها ڳالهه آهي. سينٽرل جيل حيدرآباد جو جلاد خواص خان اڪثر چوندو هو تـ، ”سائين! ڦاسي ڏيڻ ڪو هر ڪنهن للوءَ پنجوءَ جو ڪم ناهي! ڪيترا ماڻهو اهڙا نالائق هوندا آهن جو اڌ ڪلاڪ ڪين تنگي وري ڪٽي لاهي ڏس تـ اڃا بـ پيا ڇُرن پُرن! هاڻ وري چاڙهڻ تي ٿي خواري! آءٌ پنهنجي هٿ سان انهن جو ڳاٽو مروٽي ڇڏيندو آهيان! جيل ۾ فساد ٿين، تڏهن بـ ايئن! جهيڙي مهل ڪو فسادي قيدي هٿ چڙهي وڃي تـ ماٺ مٺيءَ ۾ ان جو ڳاٽو مروٽي ڇڏيندو آهيان! پر قدر ڪونهي!“

پنهنجي پيشي ۾ ڪِرتِ بابت اهڙي قسم جا خيال هر ڪِرتِ ۽ پيشي وارن ماڻهن کي هوندا آهن. هر ڪو پيو پائيندو تـ، ”پيشو تـ مون وارو، ٻيون ٺلهيون ڳالهيون! پر قدر ڪونهي!“

اڪثر اديب ۽ فنڪار بـ پائين ٿا تـ، ”ڪائنات ۾ جيڪي آهي، سو رُڳو ادب ۽ فن. اهي پاڻ مراديون پيدا ٿيل قدرتي چيزون آهن. اهي ئي نيڪيءَ، سُونهن، سچائيءَ ۽ تخليق جا سرچشما آهن. اهي ڪنهن بـ ٻيءَ شيءِ جون پيداوار ناهن. ڪنهن ٻيءَ شيءِ کان متاثر نـ ٿيون ٿين. ڪنهن بـ ٻيءَ شيءِ تي انهن جو دارومدار ڪونهي. ڪنهن بـ ٻيءَ شيءِ سان ڳنڍيل ناهن. بس يڪي سر پاڻ آهن. ازلي ۽ ابدي آهن. عالمي ۽ آفاقي آهن.“

ان باري ۾ اديبن ۽ غيراديبن جي وچ ۾ فرق رڳو اهو آهي تـ اڪثر ٻين ڌنڌن ۽ هنرن وارا ماڻهو اهي وهم گهڻي ڀاڱي پاڻ تائين محدود رکڻ تي مجبور آهن، پر اديب ۽ فنڪار انهن وهمن کي عوام ۾ ڦهلائين ٿا. ڪين جيئن تـ ڳالهه ڪرڻ جو ڏانءُ ۽ ذاتِ آهي ۽ هو ٻين کي هڪدم متاثر ڪرڻ جا بادشاهه ٿين ٿا، تنهن ڪري هو پنهنجي ان گمراهه ۽ هوائي سوچ کي عوام ۾ ڦهلائڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا. هڪڙي ڏاهي جو قول آهي تـ، ”پڙهيل احمق جاهل احمق کان وڌو احمق ٿئي ٿو.“ پڙهيلن

جون ڦهلايل اهي گمراهيون ۽ وهم اڻ پڙهيلن جي ڦهلايل وهمن ۽ گمراهين کان وڌيڪ جهالت ۽ گمراهي ڦهلائين ٿيون.

## ادب ۽ فن جا عالمي ۽ آفاقي قدر

چڱيءَ طرح ويچار ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري ڏسبو ته خبر پئجي ويندي ته ادب ۽ فن جا عالمي ۽ آفاقي قدر ۽ اُصول به حقيقت ۾ اهڙا قطعي ۽ آخري طرح عالمي ۽ آفاقي ناهن. نه وري اهي ادبي ۽ فني ۽ فني ميدان ۾ هلندڙ طبقاتي ويڙهه ۾ اهڙا ڪي غيرجانبدار قدر ۽ اُصول ئي آهن.

ادب ۽ ثقافت جي ميدان ۾ سيني طبقن جي وچ ۾ مُفادَن جون ڪي هڪ جهڙايون آهن ته ڪي تضاد به.

ادب ۽ فن جي عالمي ۽ آفاقي قدرن جا اصطلاح فقط محدود ۽ نسبتي معنيٰ ۾ صحيح ٿيندا. هونئن نه. انهن مان مراد مادي ۽ روحاني قدرن ۽ مُفادَن جون اهي هڪجهڙايون آهن، جيڪي تاريخ جي هر دؤر جي روشن خيال ادب جي وچ ۾ هميشه رهيون آهن، پر انهن هڪجهڙاين کان سواءِ انهن جي وچ ۾ تضاد به سدائين موجود رهيا آهن. اهي هڪجهڙايون ۽ تضاد هر دؤر، هر سماجي نظام ۽ هر طبقي جي فني ۽ ادبي قدرن، لاڙن جي وچ ۾ آهن. اڳئين دؤر جي روشن خيال، ترقي پسند ۽ انقلابي ادب ۽ فن جي وچ ۾ ساڳيءَ طرح هڪجهڙايون ۽ تضاد آهن.

ادبي ۽ ٻين سماجي قدرن جي آفاقيت انهن قدرن جي سماجي سيرت جو فقط هڪڙو پاسو. حقيقت جو فقط هڪڙو تهه ۽ پريان نظر ايندڙ ٻاهريون ڏيک آهي. اندرو اندر، حقيقت مختلف بلڪ اُبتڙ آهي. ان حقيقت جو ٻيو ۽ وڌيڪ اهم پاسو انهن قدرن جو پاڻ ۾ ٽڪر ۽ مقابلو آهي.

آفاقيت صدين جي ادب جي پاڻ ۾ عام هڪجهڙائيءَ ۽ ميلاپ واري پاسي جي ترجماني ٿي ڪري. هر دؤر ۽ هر طبقي جي ترجماني ڪندڙ ادب ۾ پنهنجون پنهنجون نراليون ۽ خاص وصفون ۽ خاصيتون به آهن. هي آفاقي قدرن جي پوش هيٺ لِڪل آهن ۽ پنهنجي جاءِ تي موجود آهن. ان ڪري هر ادبي تخليق ساڳئي وقت آفاقي ادب ۽ قدرن جي ميلاپ ۽ پڻ انهن جي پاڻ ۾ ويڙهه جو روپ ۽ سندن عموميت ۽ خصوصيت جي صورت آهي. انهن قدرن جي وچ ۾ هلندڙ ويڙهه جو پاسو اول ۽ حاوي آهي ۽ ميلاپ ۽ هڪجهڙائيءَ جو پاسو ثانوي ۽ ماتحت آهي.

انهن مان ڪنهن به هڪ پاسي کي (Absolutize) ڪبو ۽ قطعي ۽ آخري سمجهبو ته حقيقت جي پروڙ جو توازُن بگڙي پوندو ۽ اسان جي ڄاڻ غلط ٿي پوندي.

ادبي قدرن جي آفاقيت به انساني سماجي قدرن جي آفاقيت (Universality) وانگر آهي. مثال طور انساني سماج جو اهو هڪڙو آفاقي قدر آهي ته، ”بني آدم اعضائي لکيريگرند“، ”انسان هڪٻئي جا عضوا آهن.“ هڪ معنيٰ ۾، هڪ سطح

Gul Hayat Institute

۽ هڪ حد تائين اها ڳالهه صحيح آهي، پر اسين روزمره جي زندگيءَ خواه انساني تاريخ ۾ ڏسون ٿا تہ اهو قدر نِسبتي آهي ۽ ڪُلي ناهي. اهو فقط مخصوص حالتن ۽ حدن اندر صحيح آهي ۽ پنهنجي اندر ۾ اها بنيادي حقيقت لڪايو ويٺو آهي تہ هڪڙا انسان ٻين جا ماري آهن. مارين ۽ مرندڙن ۾ جڻ روزِ ازل کان وٺي جنگ هلي رهي آهي. جيستائين ان جنگ ۾ انسانن جي وڏي اڪثريت جي سوڀ نہ ٿي آهي، تيستائين آدم جا ٻچا هڪٻئي جا عضوا ٿي ئي ڪونہ ٿيندا.

طبقاتي سماج ۾ هر قسم جا آفاقي قدرن جو تصور نِسبتي تصور آهي، قطعي ناهي. تنهن ڪري انهن ۾ گهٽ-وڌائي ٿيندي رهندي آهي. سماج جا ڪيترا "عالمي ۽ آفاقي" قدر درحقيقت تنگ ۽ عارضي طبقاتي قدر ثابت ٿيا آهن. مثلاً اڳي اهو هڪڙو طئي ٿيل عالمي سماجي قدر سمجهبو هو تہ گولو ۽ غلام ذليل آهي، بي وفا آهي، نيچ آهي ۽ ٻيا ڳئين پهاڪا ۽ چوڻيون ان "عالمي ۽ آفاقي" "سچائي" جي تائيد ۾ چيل آهن. فردوسيءَ جهڙي ماڻهوءَ بہ چيو آهي:

"پرستار زاده نيايد بکار!"

(گولي جو پٽ ڪنهن بہ ڪم نہ ايندو)

پنهنجيءَ پر ۾، هن جي نظر ۾، ان کان وڌي دليلن کان بي نياز سچائي ٻي ٿي نٿي سگهي، پر اڄ اسان کي خبر آهي تہ ذليل، بي وفا ۽ نيچ دراصل ڪير هئا ۽ آهن... غلام داريا غلام!

جيئن جيئن انسان ترقي ڪندو هلي تيئن تيئن نوان عالمي ۽ آفاقي قدر ٺهندا رهن ٿا ۽ ٺهندا رهندا ۽ ڪي پراڻا رد ٿي ويندا رهن ٿا.

تنهن کانسواءِ انهن قدرن جي ظاهري شڪل صورت بظاهر ساڳي رهندي بہ انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم ۽ حقيقي استعمال ۾ هميشہ فرق بلڪ تضاد پئي رهيو آهي. هر طبقي، گروهہ هر "آفاقي" قدر کي پنهنجي خاص مفاد جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ ان موجب انهن جون فوقيتون (Priorities) مقرر پئي ڪيون اٿس.

Gul Hayat Institute

**باب نائون**

# دنيا کي ليڪ!

ڪــو تــو ڪــا گر ڪــورين؟ ويئــو وجــايين مــس!
(لطيف)

آمريڪا ۽ يورپ جا سماجي طور جاهل، ذهني مريض ۽ پاڻ پوڄيندڙ زوالي اديب ۽ فنڪار پنهنجي گندين ۽ سڙيل سوچن ۽ وهمن جي مَٿُ ۾ جيڪا مانڊاڻي وجهيو بيٺا آهن، تنهن آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي سرمايه دار طبقي ڏانهن مائل (پيٽ پريل توڙي بُکين پان) اديبن کي به تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. انهن مان نيپال، سلمان رشدي (مصنف ”آڌيءَ رات جا ٻار“ وغيره) جهڙا ته بين الاقوامي زوالي ۽ اوچنگاري برادريءَ جي مٿي جا موڙ بڻجي ويا آهن.

تازو سلمان رشدي جو انگريزي ناول ”آڌيءَ رات جا ٻار“ ڇپيو آهي. يورپ ۽ آمريڪا جو ورلي ڪو نامور اديب رسالو يا اخبار رهيل آهي، جنهن هن ناول جي شان ۾ باقاعدي قصيدا نه پڙهيا هجن. بس مڙس ڳالهه ڪريو مٿان ٿيو ڪِريو پون! ڪاش اهو ”عالمي شاهڪار“ اردوءَ ۾ به ترجمو ٿئي ۽ ماڻهو ڏسن ته اهي آهن ڪهڙيون ڇيزون جن هن جي حريفن کي حيران ڪيو آهي!

جاهل ڪان جاهل، سيڪڙات ڪان سيڪڙات ماڻهو به اهڙيون بيهوديون، اڻ ٽيٽيون، هندستان جي تهذيب ۽ ثقافت سان ڪوبه ميل نه کائيندڙ ڳالهيون نه لکي، جهڙيون هن ماڻهوءَ ويهي لکيون آهن! هڪڙو باب پڙهبو ته مٿو ڄڻ نَڪاءُ ڏيئي ڦاٽڻ تي هوندو. ايڏيون بور ڳالهيون، ايڏي خشڪ، ڇچريل، غلط ۽ بيهودي زبان! پنهجي ڏاڏيءَ بابت، ماءُ بابت، پيءُ بابت، ڀُڦِي بابت، اهڙيون بور ۽ بيهوديون ڳالهيون

Gul Hayat Institute

لکيون اٿس، جو هتي بابت ذرو ڄاڻ رکندڙ ماڻهو چوندو تہ هن ماڻهُوءَ کي هتي جي ثقافت ۽ تهذيب جي الف ـ ب جي بہ خبر ڪانهي.

**ڏاڏيءَ جو سڏاتورو پوٽو!**

مثلاً لکي ٿو تہ ”ڏاڏيءَ جي وڏي زميندار پيءُ جي مرضي ٿي تہ منهنجو ڊاڪٽر ڏاڏو جيڪو غريب هو، تنهن کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏي. سو ڏاڏي کي ريجهائڻ لاءِ پنهنجي ڌيءَ کي هٿرادو بيمار ڪري، چادر مان تنگ ڪڍي، هڪڙي پاسي ڏاڏي کي ويهاريندو هو ۽ ٻئي پاسي ڏاڏيءَ کي. ڏاڏي کي چوند هو تہ ’تنگ مان هٿ وڌائي مريض کي تپاس.‘ اهڙيءَ ريت ڏاڏي کي سندس عضوا هٿ لاهرائي ڏيکاريندو هو تہ هو ڏسي تہ مال ٺيڪ آهي! ڏاڏو پهرين ڏينهن جي تپاس خاص ڪري ڇاتين جي تپاس مان ئي مرض کي سمجهي ويو ۽ ڏاڏيءَ تي عاشق ٿي پيو پر زميندار صاحب ڇهہ مهينا روبرو ويهي ڌيءَ جي ڇاتين ۽ ٻين عضون جي اها تپاس جاري رکائي!“

هڪڙو مسلمان جاگيردار پاڙي جي هڪ ٻُڪئي گهر جي ڊاڪٽري پاس ڪيل سيڪڙاٽ کي پنهنجي سدا ملوڪ ڌيءَ ونڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ ڇهہ راتين جا پيير پر ويهي پنهنجي ڌيءَ جون ڇاتيون مهٽرائيندو رهندو هو ۽ سو بہ هندستان ۾. اها ڳالهہ فقط اهڙن ماڻهن جي دماغ ۾ اچي سگهي ٿي، جن کي ڪا فني تخليق پيدا ڪرڻي ڪانهي، رڳو دماغ ۾ گڏ ٿيل ڪرفتي خارج ڪرڻي هجي.

ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا ڪئين ٻيا اهڙا اديب بہ آمريڪا ۽ يورپ جي زوالي ڪرفتِيءَ جا ٽوڪرا مٿن تي رکيو پنهنجن ملڪن ۾ انهن جا هوڪا ڏيو مها جديد اَدَبَ ٿيا ٻيٺا آهن.

**هندي ۽ اردو ـ ڏيرياٽيون ويرياٽيون — پر....!**

هندي اردو هوندئن تہ پاڻ ۾ ڏيرياٽيون ويرياٽيون آهن پر زوالي اوچنگاري ادب جي پيدائش جي معاملي ۾ ٻئي جڻ سڳيون بلڪ جاڙيون پيٽون! هڪڙيءَ جو ڪنجهندڙ ڪرڪندڙ سڪٽي ڊيپٽ وارو ادب پڙهي وري ٻيءَ جو پڙهي ڏسو. چئو تہ ڪر ساڳئي قلم مان نڪتل آهن! ساڳيو حال سنڌي ۽ پنجابيءَ جو آهي. بس ڳل ڳل سان لائي ڪٽو! ساڳي ڪنجهہ ڪُرڪ، ساڳيون ڪوڙيون ڊڪون، ساڳيا پار ۽ تار و گهار، ساڳيا اکري تَرڪُ تال، ساڳي بي معنيٰ پاروٺي لفاظي، ساڳيون اڏ اکريون، سپ پگهر مان شم، داد جا گهورا، تيسمارخان، هوڏانهن بہ داد ـ طلب لوٽو هوڏانهن بہ، تہ ڪير ڏسي ٿو الائي نہ، تہ هھڙيون بلائون اسان ماريون آهن!

پنهنجي پاڻ پوڄيندڙ آدم بيزار، خَسِيسُ ذهنيت واري اندر جي گندگيءَ جي تعريف ڪرڻ ۽ ڪرائڻ لاءِ هنن باهمي امداد جي عالمي، ملڪي ۽ مڪاني ادارا

Gul Hayat Institute

ٺاهيا آهن. جڏهن شهر جي هرڪا مائي پنهنجي گهر جو گند ڪچرو گڏ ڪري شهر جي چوواٽي تي رکي، سڄي شهر ۾ پڙها گهمارائي ۽ ماڻهو گڏ ڪري، ان گند جي پاڻ بہ ويهي تعريف ڪري ۽ شهر وارن کي بہ تعريف ڪرائي.

پاڪستان ۾ اردو، پنجابي ۽ سنڌيءَ ۾ جيڪو وللي واويلائي ادب ٿو لکجي، تنهن جي ڀيٽ ۾ اسان جي محترم بزرگ شاعر، غالبِ سنڌ حضرت فيض بخشاپوري صاحب جا غزل جڏهن سادگيءَ، رواني‌ءَ ۽ معنويت جا معراج ۽ سماجي شعُور ۽ مقصديت جا سمنڊ آهن.

**پنجابي ادب جا حال**

پاڪستان جي دؤر ۾ جوشوا فضل الدين جي ناولن کي ڇڏي، باقي پنجابيءَ ۾ گذريل سالن تائين ڪل 18 ناول لکيا ويا، پنجابي تذڪره نگار عصمت الله زاهد جي چوڻ موجب انهن ۾ عبدالمجيد ڀٽي، سليم خان گمي ۽ احمد سليم جي ٽن ناولن کي ڇڏي، باقي 15 ناول ”نوان“ ۽ ”علامتي“ آهن. يعني سولي سنڌيءَ ۾ وللي واويلائي ادب جو چريو ڏاتورو آهن. فخر زمان جي ٻن ناولن ”ست گواهي لوگ“ ۽ ”اِڪ مري بندي دي ڪهاني“ جون ملڪن ۾ پوڪارون آهن. چون ٿا تہ هندستاني پنجاب جا پنجابي جديد زوالي ادب ۽ پڙهندڙ انهن ناولن پنيان چريا آهن ۽ اهي يونيورسٽيءَ جي ڪورس ۾ رکايا اٿن! اسان جا پڙهندڙ بہ جي اهي پڙهي ڏسن ها تہ خبر پئجي وڃين ها تہ برابر، پلا پليءَ جو ڇيهہ ڪونهي!

**هند ۽ سنڌ جي وللي واويلائي زوالي برادري**

هند ۽ سنڌ جي سنڌي زوالي اديبن جي تخليق کي پڙهي ماڻهو تہ پاڻئي تہ سندن سُج تي سِيٺَ ڦوڪ ۽ آڪڙ تي کِلان يا سنڌي ادب جو جيڪو حال ڪيو اٿن، تنهن تي ويهي روئان.

**ڏسٽا وائسٽا اديب بہ وللي واويلائي تي پيا آهن**

Gul Hayat Institute

ڏسندي ڏسندي چڱا ڀلا ڏسٽا وائسٽا سنڌي اديب ”جيڏيان جهرمر لائي، تہ ميڏا روح بہ نہ رهيا!“ واريءَ ڳالهہ وانگر شعُوري توڙي لاشعوري طرح وللي واويلائي اديب بڻجي ويا. منجهانئن هاڻ مس مس وڃي ڪن مڙسن پير جهليا آهن، پر بدن مان بيماري اڃا بہ صفا ڪانہ ويئي اٿن.

**وللي واويلائي ادب جي ڦهلجڻ جا ڪارڻ**

سرمايہ داريءَ دنيا ۾ هر شيءِ کي واپار جي جنس بڻائي ڇڏيو آهي. ائڊورٽائيزنگ سرمايہ داريءَ جو اسم اعظم جو ڦيٽو آهي ۽ ان کي جڏهن ”قم باذني“ جو اذن آهي. ائڊورٽائيزمينٽ جا جديد مشهوريءَ ذريعي اها هڪ پيري زهر کي بہ امرت مشهور ڪري، ماڻهن کي ان جو شائق ۽ خريدار بڻائي سگهي ٿو.

ڪتاب سرمايه داري نظام ۾ هڪ وڏي واپاري جنس آهي. ڪتاب لکائڻ ۽ وڪڻڻ هن دؤر جو اربن کربن جو هڪ تمام وڏو بزنس ۽ ڪاروبار آهي. ان ۾ اربن جو نفعو آهي. ان جي پبلسٽي ۽ مشهوريءَ تي لَک نه پر ڪروڙ خرچ ڪيا وڃن ٿا. پبلسٽيءَ بنا عظيم ترين شاهڪارن کي ڪير ٽڪي تي به نه پڇندو. پبلسٽيءَ سان گند جي دٻي ۾ اُڇلائڻ جهڙا ڪتاب موتين جي مُلهه وڪٽي سگهجن ٿا.

وللي واويلائي، جادوئي، ڪرامتي، جنس پرستي ۽ مار ڌاڙ وارو ادب، سرمايه دار سامراجين جو پنهنجو پيارو ادب آهي. هو جمهوري، عوامي، انقلابي ادب بدران ان ادب کي سڄيءَ دنيا جي عوام تي مڙهين ٿا.

## هٽرادي جديد تنقيدنگاري ۽ جُڙتو عظيم تنقيدنگار

"اڇي پڳ مَرِ پس، اندر مڙيئي اڱڙيون!"

هنن پنهنجي ادبي ڪاروبار جي ڪارخانن ۾ تنقيد جا جُڙتو اُصول ۽ قدر ۽ جُڙتو عظيم تنقيدنگار پيدا ڪرائي ڇڏيا آهن ۽ سڄي جهان ۾ انهن کي مشهور به ڪري ڇڏيو اٿن. انهن جي مدد سان هنن جُڙتو "عظيم عالمي ادب" ۽ بوگس "عظيم عالمي ادب" به تيار ڪرائي ڇڏيا آهن. انهن جي هٽرادين ادبي ڪرامتن کي ملڪن ۾ اهڙو مشهور ڪرائي ڇڏيو ويو آهي، جو اڄ ڄاڻ ماڻهو اُنهن جا نالا ٻُڌيو غش ٿيو وڃن. حالانڪ سرمايه دار پبلسٽيءَ جي پيدا ڪيل انهن ادبي پِيرن ۾ ايتري ڪرامت آهي، جيتري عام رواجي ٺوڳي پِيرن ۾.

## مخرج واريون تنقيدي عربيون فارسيون

اڄ اسان جي ملڪ ۾ جن يورپي ۽ آمريڪي عالمي ادبي پارکن ۽ منصفن جون سَندون پيش ڪيون وڃن ٿيون، سي نه حقيقي عالمي معيار جا پارکو آهن ۽ نه وري سڄي جهان ۾ عوام ۽ عوام دشمنن جي وچ ۾ هلندڙ سپ-طرفي ويڙهه ۾ غيرجانبدار آهن. ڄاڃ ڪٻي ته خبر پئجي ويندي ته اهي ادبي ڪانيءَ ڪرامت وارا بزرگ جيڪي ادبي معتبريءَ جا پڳڙ ٻڌيو وڏي مخرج سان تنقيدي عربيون، فارسيون پيا ڪن ۽ فتوائون پيا جاري فرمائين، سي خيرن سان عالمي سرمايه دار طبقي جي ڪنهن نه ڪنهن "پارٽيءَ" جي نقطي نظر جا ادبي ۽ فني ٻولڙيا ۽ دلال آهن. فن ۽ ادب جي ميدان ۾ عوام جي تاريخي عالمي مفادن جي ترجماني ڪرڻ جي پانءِ وٽن ڪاري رات آهي.

## مفروضن جي پيڙهه تي ٻڌل فرضي سَؤ-ماڙ

زوالي ادبي "ماهر" نظريه دان، پارکو ۽ فيلسوف جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه ۾ سپ کان ماهر آهن ته اها آهي منهن جي ٻڪائي ۽ نڪ جي ڏاڍائي.

Gul Hayat Institute

هڪڙو علمي ۽ سائنسي طرح بلڪل بي بنياد مفروضو تيار ڪري ان کي بار بار دهرائيندا. اهڙيءَ ريت پيڙهه پڪي ڪري، وري ان مٿان ٻيو مفروضو ان جي مٿان ٽيون، اُن مٿان چوٿون... مفروضا در مفروضا، زٽ در زٽ.... تان جو هڪڙو فرضي سئو-ماڙ ڪڙو ڪري ڇڏيندا! ڪنڌ مٿي ڪري نهار تہ مٿي ۾ ڦيري پئجي ويندي! علمي حياءُ ۽ شرم جو نالو بہ نہ. ستر گز زبان، هٽرادي جناتي ٻوليءَ ۾ چير چر، مُنهن تي رُڪ چڙهيل، اکين مان ٽانڊا وسندڙ، يا بي حيائي تيرا آسرا!

واويلائي ايڊيٽوريل پڙهبو تہ ڀانئبو تہ ڄڻ ڪو جبل ڦاٽي پيو آهي! حقيقتن ۽ دليلن بدران بي حقيقت لفاظي جي گرم لاوا پيئي وسي! سَؤ زٽ في صفحي جي حساب سان آگ وسائيندا هلندا.

**يان پال سارتري بہ انهن منجهان**

يان پال سارتري جي ادبي عظمت جون ملڪن ۾ پوڪارون آهن پر جيئن اسين اڳ چئي آيا آهيون، الجزائر جي جنگ آزاديءَ جي تائيد ڪرڻ جي باوجود سندس عالمي نقطي نظر زوالي، مايوسي ڦهلائيندڙ ۽ بنيادي طرح رجعت پرست آهي.

هو وجوديت (Existentionalism ) جو علمبردار ليکيو وڃي ٿو. وجوديت جو ٻن اکرن ۾ مطلب آهي تہ زندگيءَ ۾ پنهنجي وجود جو حالتن آهر ڪونہ ڪو انڌو منڌو ثبوت ڏيڻ. اها ڳالهہ ظاهري طرح زندگيءَ بابت مايوسي ڦهلائڻ کان الڳ آهي، پر حقيقت ۾ ٻنهي ڳالهين ۾ بنيادي طرح ڪوبہ فرق ڪونهي.

سارتري جو رينگٽ بہ ساڳيو ڪافڪا، البرٽو موراويا، ڪامو ايلياس ڪئنيتي پارن وارو آهي تہ زندگي بي معنيٰ ۽ بي مقصد آهي. ان مان سواءِ مايوسيءَ، تباهيءَ ۽ بربادي جو ٻيو ڪجهہ بہ ورٺو سرٺو ڪونهي.

هنن جو چوڻ رڳو ايترو آهي تہ پنهنجي ذاتي پرم پريءَ لاءِ، زندگيءَ ۾ مڙيئي ڪنهن نہ ڪنهن سماجي برائيءَ کان انڪار ڪري يا ٻيءَ ڪنهن ريت اهو ثبوت ڇڏجي تہ هن بي مقصد دنيا ۾ اسين بہ آيا هئاسين ۽ رهي ويا هئاسين. سارتري جي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ۽ ڇپيل ”مهراڻ“ ۾ ڇپيل هڪڙي ڪهاڻي Wall (”ديوار“ مترجم زرينہ بلوچ) مان سندس وجودي فلسفي جي نچوڙ جو سنڌي پڙهندڙ پورو اندازو لڳائي سگهن ٿا.

**ادب جو نوبل انعام – عالمي سرمايہ داريءَ جو ثقافتي هٿيار**

هيءُ اهو انعام آهي، جنهن جي وسيلي سرمايہ داري دنيا اهڙن ماڻهن کي انعام ڏيئي مشهور ڪري ٿي، جي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏين ٿا. سچ جي ملاوت بنا، ڪوڙ ڪهڙي ڪم جو؟ هن انعام جو هڪڙو حصو جائز نموني ڏيئي، ان جو دنيا ۾ ڏاڪو ڄمائي، ان تي عوام جو اعتماد پيدا ڪري، ان

جي باقي حصي کي ناجائز سرمايہ پرست ۽ عوام دشمن مقصدن لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. ٿلهي ليکي، سائنسي ڪارنامن تي انعام اڪثر جائز نموني ۽ سماجي ڪارنامن تي انعامن سرمايہ داري دنيا جي فائدي لاءِ حقيقي مستحقن بدران سرمايہ داريءَ جي دل گهُرين کي ڏنا ويندا آهن ۽ اهڙيءَ ريت عوام کي انهن ميدانن ۾ سندن اصل هيرا لڪائي، مٿن دشمنن جا جُڙتو هيرا مڙهيا ويندا آهن.

برابر ڪڏهن ڪڏهن عظيم روسي اديب ميخائيل شولوخوف کي بہ انعام ڏين ٿا. ٽئگور کي بہ انعام مليو پر اهڙيءَ ريت ان انعام جي ساک قائم ڪئي وئي. تنهن کان سواءِ ٽئگور جو ادب سرمايہ دارن لاءِ اهڙو خاص خطرناڪ تہ ڪونهي! امن، شانتي ۽ پيار جي ڳالهين ۾، تصوف ۾، پڳوان جي ڀڳتيءَ ۾، سرمايہ داريءَ لاءِ ڪهڙو خطرو؟ خطرو تہ عوام ۾ سجاڳي آڻڻ جي ڳالهين ۾آهي، جدوجهد ۾ آهي، ويڙهہ ۾ آهي! انهن ڳالهين ڪرڻ واري عظيم عوامي ادب کي انعام نہ ملندو. ها پئسترنيڪ جهڙن عوام جي جدوجهد خلاف پينڊيون ۽ ڏچرپا ڪرڻ وارن کي، مايوسيءَ ۽ موت جا پيغام ڏيندڙاديبن[1] کي جام نوبل انعام!

## ڇڙواڳ ۽ مايوس طبقي جو ڇڙواڳ ۽ مايوس ادب

ڇوٽو وچولو طبقو ڇڙوڇڙ آهي. بنهہ وڏين تباهين کان بچيل ۽ وڏين ڪاميابين جي امڪانن کان محروم آهي. هن طبقي جي ماڻهن جا طبقاتي مطلب هن سماج ۾ پورا ٿي سگهن ئي نٿا. نہ وري اهي انهن قوتن جي صحيح ۽ ڪامياب اڳواڻي ڪري سگهن ٿا، جيڪي هن سماج ۾ اهي بنيادي تبديليون آڻي سگهن ٿيون، جن مان گهٽين تبديلين جي هن طبقي کي بہ سخت گهرج آهي.

ان ڪري هن طبقي جي ماڻهن جا خيال خودپرستيءَ تي ٻڌل، محدود ۽ سطحي آهن. ان طبقي جا ڪيترا اديب پنهنجي ادب ۾ اڪثر رڳو پنهنجي ئي طبقي جي انفرادي مصيبتن تي روج راڙو ڪن ٿا.

اج ٽينءَ دنيا جي ملڪن ۾ هن طبقي جا ٿي اُبتڙ مُفاد ٽن ڌار ڌار رستن وٺڻ سان پورا ٿي سگهن ٿا. وچان ڇوٽون رستو ڪونهي. پهريون تہ هو پورهيت عوام جي اڳواڻي ڪري، جاگيرداري، سرمايہ داري ۽ سامراج جي ڦُرلٽ ۽ غلاميءَ جي ڳَٽَ کان عوام کي آزاد ڪرائي. ٻيو تہ هُو جاگيردارن، سرمايہ دارن ۽ سامراجين جو پُڇ لٽڪائو ۽ شڪاري ڪُتو بڻجي، انهن پاران عوام کي ڏاڙهي، ۽ ان جي عيوض مالڪن کان انعام طور ٽڪر وٺي کائي. ٽيون تہ هُو پورهيت عوام جي پُٺ وٺي، سندن

---

[1] ادب جو 1981ع جو نوبل انعام ايلياس ڪئنيتي کي مليو آهي. ان جي خصوصيت آهي پاڳلپڻي ۽ خودڪشيءَ بابت ڪتاب لکڻ! (پڙهو "پاڪستان ٽائيمز" ۾ ايليس ڪئنيتي بابت سليم الرحمان جو مقالو) (اداري طرفان)

جدوجهد ۾ شريڪ ٿي، وٽن عزت ڀريو مقام حاصل ڪري. هُو ٽئين رستي تي هلڻ ۾ پنهنجي بي عزتي ٿو سمجهي، پهرئين رستي جي منجهس جرئت ۽ لياقت ڪانهي.

تنهن ڪري هُو گهڻو ان ڪوشش ۾ آهي ته جاگيردار سرمايه دار حاڪم طبقن ۾ شامل ٿيان يا انهن جي ويجهڙائي ۽ سرپرستي حاصل ڪريان. انهن جهڙو ٿيان ۽ انهن سان گڏجي موجون ماڻيان.

دنيا جون حالتون ڪيتريون به بدلجن پر ٽين دنيا جي ملڪن جي گهڻائيءَ ۾ ظاهري طرح ڇوٽي وچولي طبقي جي بالادستيءَ جا في الحال ڪي به امڪان نظر نٿا اچن.

ڇوٽڙو وچولو طبقو جيتري سماجي ترقي ڪري ٿو. جيترو عوام ڪان پري ان جي دشمن طبقن جي اوڏو رسي ٿو اوترو اهو عوام دشمن طبقن جي تاريخي مقدر ۾ جيڪا شڪست زوال ۽ جيڪا تباهي ۽ ذلت لکيل آهي، تنهن کي لوڏو رسي ٿو.

اڄ اهو ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ سماجي طرح خصي آهي، نه نر نه مادي، يا به ٿي ڏينهن نر ته گهڻا ڏينهن مادي.

ان ڪري ڪيس پنهنجو ڪوبه گڏيل طبقاتي آئيندو نظر نٿو اچي ۽ انفراديت، اڪيلائپ، چڙواڳيءَ ۽ مايوسيءَ جو شڪار ٿئي ٿو. ان جو هڪ ئي علاج آهي ته هُو پورهيت عوام جي سمنڊ ۾ گڏجي انهن سان ملي هڪ ٿي وڃي ۽ انهن سان گڏجي انسان ذات جي گڏيل نجات لاءِ هلندڙ جدوجهد ۾ شريڪ ٿي، وڏي ماڻتيءَ وارو ٿي وڃي.

پر ان لاءِ گهٽي ڀاڳي هُو تيار ڪونهي.

ان طبقي جو ادب ان انفراديت، اڪيلائپ، چڙواڳيءَ ۽ مايوسيءَ جو زهر پنهنجي ادب وسيلي سموري سماج ۾ ڦهلائي ٿو.

هونئن به نقل ڪرڻ انساني فطرت آهي. حاڪم طبقا وللي وايلائي ادب جي همت افزائي ڪن ٿا. ان ڪري هيٺين طبقن جا عام اديب. فيشن سمجهي، غلامانه ذهنيت وچان ان جو نقل ڪن ٿا.

Gul Hayat Institute

## وللي واويلائي ادب لکڻ سولو آهي

ان لاءِ ڪنهن به وڏي مشاهدي، ڪنهن به وڏي ڄاڻ، فني ڪاريگريءَ ۽ تخليقي محنت جي درڪار ڪانهي. سڪٽي، مٽي ۾ سور وجهندڙ گهوڙا گهوڙا ۽ يخي برائي يخي ڪوبه ماڻهو جنهن کي چار اکر لکڻ اچن ٿا، سو به ڪري سگهي ٿو. نه ٻوليءَ جي ۽ نه گرامر جي گهٽي ڄاڻ هجڻ جو ايڏو لاچار آهي.

## پنهنجي خاص ٻولي ٺاهي ورتي اٿن

وللي واويلائي ادب پنهنجا خاص تصور، محاورا، علامتون ۽ ٻيا اظهار جا طريقا گهڙي، دنيائي سطح تي پنهنجي بي پناهه پبلستيءَ جي وسيلن کي ڪم آڻي، ڦهلائي، عام ڪري ڇڏيا آهن. هاڻ جنهن کي ”جديد“ اديب ٿيڻو هجي، سو

تمام آسانيءَ سان ”ٻاڦرا ڪنڌا“ صليب ڪلهي تي کڻي هلڻ، ”ڇيهون ڇيهون ٿيل ذات“ وغيره وغيره ٺهيل ٺڪيل فقرا ورجائي، ”جديد“ اديب ٿي سگهي ٿو.

**سستي شهرت جا فوري موقعا**

هن ادب تي جيئن ته پابندي ڪانهي، ڦورو طبقن طرفان ان تي ڪوبه دٻاءُ ڪونهي، بلڪ اڻ سڌيءَ طرح ان جي همت افزائي ٿيندي آهي، تنهن ڪري هن قسم جي ادب ذريعي بنا تڪليف ۽ خوف جي مُفت جي شهرت ملي ٿي. غريب ملڪن ۾ به هن ادب سان واسطو رکندڙ ماڻهو اڪثر مٿين وچولن طبقن جا آهن. انهن جا هٿ وڏا آهن، انهن جي اخبارن، رسالن ۽ ٻين پبلسٽيءَ جي ادارن تائين گهڻي رسائي آهي. سُکيا ستابا منجهن گهڻا آهن. ان ڪري ماڻهو انهن جي ٽولي ۾ شريڪ ٿي، هٿوهٿ ڪجهه وجي، جيڪي بنهه تار خرابيءَ ۾ وجيوڀون، سي رات وچ ۾ ”عظيم جوان سال اديب“ مشهور ٿيو وجن.

Gul Hayat Institute

باب ڏهون

# اڳوڻو يورپي ترقي پسند ادب

جتي هنج هئا، اتي ڪانگن ڪانگيرا ڪيا.
(وليداد)

ٻين بہ ڪيترين شين وانگر هيءُ جديد ادب بہ سرمايہ دار يورپ جي پيداوار آهي، اتي ئي سندس روايت جون پاڙون آهن ۽ اتان ئي اهو ٻيءَ دنيا ۾ پکڙيو آهي. هن يورپي سماج ۾ ارتقا جي هڪ خاص ڏاڪي تي جنم ورتو آهي. ساڳئي وقت اهو يورپ جي رجعت پرست ادب جي روايت جي سلسلي جي هڪڙي ڪڙي بہ آهي.

يورپ جي ادب جي تاريخ ڪي ٿلهي ليکي پنجن وڏن دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهن مان چوٿون پنجون دؤر گڏ هلي رهيا آهن. چوٿون زوال طرف وڃي رهيو آهي ۽ پنجون اُسري نسري ڪمال طرف وڌي رهيو آهي.

پهريون اُن جو دؤر قديم غلامدار يونان ۽ روم جي علم ۽ عظمت جو دؤر آهي، جيڪو انساني تاريخ ۾ اڄ بہ ٻي مثال ۽ يگانو ليکجي ٿو. يوناني مدبر پيريڪليس جي حضرت عيسيٰ کان اٽڪل چار سئو سال اڳي ڪان اٿينس جي شهر ۾ ڪيل جمهوريت ۽ ڊڪٽيٽرشپ جي پيٺ واري تقرير اڄ بہ پڙهندا تہ وات مان ”واهہ واهہ“ نڪري ويندي! معلوم ٿيندو تہ عقل ۽ تَدبُر، فصاحت ۽ بلاغت جو هڪڙو درياهہ پيو اُڇلون ڏئي! ٿيوسيپڊائيڊس جي پوليشيائي لڙاين جي تاريخ پڙهو. هومر جا لافاني داستان ۽ سئفو شاعراڻي جي محبت جا گيت پڙهو. ائرسٽوفئنس جا ڊراما پڙهو. ان ڪي اڄ جي بهترين تخليق سان ڀيٽي ڏسو تہ خبر پوندي تہ يوناني علم ۽ ادب پنهنجو مٽ پاڻ هئا. پئٿاگوراس، ائين ايگزاگورس، ڊما ڪرٽس، هرئڪليٽس، سُقراط، بقراط، افلاطون جهڙا يگانا عالم، داناءُ فيلسوف ۽ سائنسدان

Gul Hayat Institute

يونان جي ٺئي دنيا کي ڏنل هئا. تنهن کانپوءِ انهن سمورن تارن ۾ چنڊ جو سج، سڪندر اعظم جو استاد ارسطو هو، جيڪو حضرت عيسيٰ کان 384 سال اڳ ڄمي، دنيا ۾ 62 سال رهي، لافاني بڻجي ويو. هن لاءِ سندس وفات کان چوڏهن صديون پوءِ عظيم مسلمان داناءُ ابن رشد چيو "ارسطو سمورين سائنسن جو اول ۽ آخر آهي. ڪانئس اڳ ڪوبہ قابلِ ذڪر سائنسدان پيدا ڪونہ ٿيو ۽ ڪانئس پوءِ جي چوڏهن صدين ۾ ڪنهن بہ سندس تعليم ۾ ڪو خاص واڌارو ڪونہ ڪيو آهي... ارسطو عظيم ترين عالم آهي، خدا ڪيس بي مثال بڻايو هو." ساڳيو رنگ جلد ئي پوءِ روم ۾ ٿيو. اُتي سائنسدان ۽ فيلسوف تہ ايترا نہ هئا پر ٻين شعبن ۾ بي مثال عالم ۽ اديب ۽ ٻيا يگانا داناءُ پيدا ٿيا. سيسرو، پلمي، جوليس سيزر وقت جي علم ۽ دانش جا ٻيا سوين جڳمڳائيندڙ چنڊ، تارا هئا.

تنهن کان پوءِ قرون وسطيٰ ۾ صدين جون صديون يورپ تي مذهبي جهالت، تنگ نظري ۽ تعصب ۽ وحشي جبر جي رات ڇانيل رهي. اهو يورپي ادب جو ٻيو ۽ اونداهو دؤر هو.

**پلن جي پيٽان نلها ۽ نلهن جي پيٽان پلا!**

پندرهين صديءَ ۾ اهو اونداهو دؤر اڃا ختم نہ ٿيو هو تہ ان دؤر جي پيٽَ مان يورپي علم ۽ ادب جو ٽيون دؤر، جيڪو روشن دؤر هو سو ڄائو ۽ سورهين صديءَ ۾ اُسري نسري وهيءَ چڙهيو. پندرهين صديءَ واري يورپي جاگيرداري نظام جي پيٽ ۾ اهي اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي قوتون اُسرڻ نِسرڻ شروع ٿي ويون، جن اڳتي هلي، زبردست ويڙهيون ڪري، نيٺ کيس ختم ڪري سندس جاءِ تي سرمايہ داري نظام کي قائم ڪيو. سورهين صديءَ کان ئي سرمايہ داري نظام جا بُنياد پوڻ شروع ٿي ويا ۽ نيون اُسرندڙ ترقي پسند سرمايہ دار قوتون سردار جاگيرداريءَ جي اقتصادي ۽ سياسي، ذهني ۽ روحاني بالادستيءَ، هٺ هٺيءَ ۽ آمريت جي قلعن کي ڊاهڻ ۾ جُنبي ويون. جاگيرداري پنهنجا اُکڙيل پيرَ وري ڄمائڻ لاءِ بار بار جوابي حملا ڪندي رهي. تان جو اوڻويهين صديءَ جي اڌ تائين اهي سمورا حملا ناڪام ٿي ويا ۽ سرمايہ داري پوري يورپ تي ڇانئجي وئي ۽ سڄي دنيا جي مٿان ڇانئجڻ لڳي.

جيئن فوج جا ڪيئي قسم هوندا آهن، بَحرِي، بَري ۽ هوائي وغيره، تيئن ٻن سماجي نظامن وچ ۾ ٿيندڙ جنگ ۾ وڙهندڙ فوجون بہ طرحين طرحين جون هونديون آهن. مادي ۽ روحاني، اقتصادي ۽ سياسي، ثقافتي ۽ نظرياتي، فوجي ۽ سفارتي وغيره.

جاگيردار ۽ سرمايہ دار سماجي نظامن جي وچ ۾ صدين تائين هلندڙ هن ڌرتي ڌوڏيندڙ شاهي جنگ ۾ سرمايہ داري لاڙا رکندڙ علم ۽ سائنس، ادب ۽ فن هڪ اهم قوت طور ڪم ڪيو. اهي نئين نظام جي لشڪر جي ثقافتي فوج هئا. اهو سڄو عرصو

Gul Hayat Institute

نين اُسرندڙ ترقي پسند سرمايہ دار قوتن جي عقل ۽ سمجهہ کي وڌائيندا. سندن دلين ۽ روحن کي مضبوط ڪندا، ساڻن پانهن پيلي ٿيندا ۽ سندن سُونهَپ ڪندا رهيا.

اڄ بہ جيڪو بوڪيشو جي ڪهاڻين جي مجموعي "دي ڪئميران" ۽ بالزاڪ جي "شرارت ڀريل ڪهاڻيون" (Droll Stories) يا ماپاسان جون ڪهاڻيون ۽ اهڙيون ٻيون شوخ ۽ مزيدار ڪهاڻيون پڙهندو، تنهن جڻ جاگيرداري فرعونيت ۽ سندس روحاني چاڙتن جي منافق اڊمبر کان مرعوب ٿيڻ جي مرض خلاف حفاظتي ٽُڪا هڻائي ڇڏيا! ان تي ڪنهن بہ جاهل فرعون ۽ ڪنهن بہ مقدس منافق جي آڪڙ ۽ رُعب تابُ جوءِ ڪنهن بہ ڪتابن سان لڏيل گڏهہ جي پُستين جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو!

دنيا جي ادب جي تاريخ ۾ جاگيرداري فرعونيت ۽ خاص ڪري دِين ڌَرم جي ٺيڪيدارن جي روحاني هٺ هٺي ۽ آمريت خلاف هيءُ ڪو پهريون ادبي حملو ڪونہ هو. هن کان صديون اڳ عرب، ايران ۽ هندستان وغيره ۾ تَصَوُف ۽ ڀڳتي لهر جي شاعرن انهن خلاف پنهنجا آواز بلند ڪيا هئا. جن جا پڙاڏا اڄ تائين پيا گونجن.

هر سُٺي نئين شيءِ يا ڳالهہ جا خالق عوام ۽ عوام دوست ماڻهو هوندا آهن ۽ عوام دشمن رجعت پرست اڪثر انهن جي هر ممڪن مخالفت ڪندا رهيا آهن. پر اڳتي هلي جڏهن اهي شيون يا ڳالهيون مقبول ٿي وينديون آهن، تڏهن عوام دشمن انهن جا هٿرادو وارث بڻجي، انهن تي قبضو ڪري، انهن کي پنهنجو هٿيار بڻائيندا رهيا آهن. صوفي شاعريءَ تي ڪنهن زماني کان وٺي حاڪم طبقن جو قبضو ٿي چڪو آهي ۽ اهي ان کي پوڄي (پاليل فرمانبردار وهٽ وانگر) ڪريو پيا هلائين. ان ڪري جيئن يورپ جي موجوده سامراج پرست پاليل ۽ پوڄي ادب کي ڏسي ڪو مشڪل سان اندازو لڳائي سگهندو تہ اڳي ڪنهن زماني ۾ يورپ جي ادب ۾ ڪهڙا انقلابي جوهر هئا. تيئن صوفي شاعريءَ جي پوءِ جي حالتن کي ڏسي عام ماڻهو اهو اندازو لڳائي ڪونہ سگهندو تہ پنهنجي شروعاتي اوَسر جي ترقي پسند دوَر ۾ ان ۾ ڪهڙيون بجليون ڀريل هيون. ان ڪهڙن طوفانن جا مقابلا ڪيا آهن ۽ مڪر، منافقي، تنگ نظري ۽ تعصب جا ڪهڙا ڪوٽ ڪيرايا آهن.

## مذهب جي آڙ ۾ هٺ هٺي ۽ روحاني آمريت

هر ٻي شيءِ وانگر صوفي شاعري بہ اُبتڙن جو ميلاپ هئي. ان ۾ ترقي پسند توڙي رجعت پرست عنصر پاڻ ۾ گڏ هئا ۽ پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. ترقي پسند عنصر هيءُ هو تہ ان وقت جي جاگيردار فرعونيت ۽ ان جي چاڙتي مذهبي ٺيڪيداري، هٺ هٺي ۽ روحاني آمريت خلاف جيڪا عوام جي دلين ۾ بي پناهہ نفرت هئي ۽ غُصو هو تنهن جي ترجماني ڪندي هن جاگيردارن کي اڻ سڌيءَ طرح ۽ سندس روحاني چاڙتن کي سڌيءَ طرح اُگهاڙو ۽ ننگو ڪري ان تي ملامت جا تير وَسايا.

Gul Hayat Institute

## ”... تہ پوءِ ڇا ڪجي؟“

هر ڪاروبار ۽ هر علم (Discipline) جي پنهنجي خاص، ڊڪيل ٻولي هوندي آهي. پنهنجو هڪ خاص علامتي ڪوڊ هوندو آهي. مثال طور واپاري اگهن گهٽجڻ جي ڳالهہ ڪرڻ بدران ”بازار جي ڪِرڻ“ جي ڳالهہ ڪندا آهن. حالانڪ بازار پنهنجي جاءِ تي بيٺي هوندي آهي. شاعر ۽ عاشق، ٻي ڪنهن ڳالهہ بدران رُڳو نرگسي نيڻن ۽ چانڊوڪي رات جون ڳالهيون ڪندا آهن. تيئن تَصَوفُ جي شاعري ڦورو ۽ ظالم جاگيرداريءَ سماجي نظام لاءِ ”دُنيا“ ۽ ”آسمان“ جون علامتون ڪم آنديون آهن. جيڪا لعنت ملامت، اميرن، خانن، نوابن، بادشاهن، سلطانن ۽ شهنشاهن ۽ سندن چاڙتن تي ۽ جنهن نظام انهن کي ملڪ جو مالڪ ڪيو آهي، تنهن تي وسائڻي هوندي اٿن، اها ”فڪ ناهنجار“، ”فلڪ ڪج رفتار“، ”دنيائي دُون“، ”چرخ گردون“، ”ستم پيشہ آسمان“ کي مُنهن ۾ ڪري، مٿن وسائيندا رهيا آهن.

”هي آسمان خراب آهي تہ پوءِ ڇا ڪجي؟“ ان جا جواب ٻن قسمن جا ڏنا ويا آهن. پهريون تہ گهٽ گوهي ڏيئي، ڪنهن نموني، پاڻ کي هن نظام جي شڪنجي مان ڇڏائي، جيترو موقعو هٿ ڪري سگهو، اوتريون موجُون ماڻي ۽ عيش ڪري وٺو! ٻيو آهي تہ دُنيا کي تَرڪ ڪري، پنهنجي اندر ۾ گهڙي وڃو ۽ ان کي اُجاريو. هلڻ جي تياري ڪريو.

هي ٻئي جواب حاڪم طبقن جي دل وڻان آهن. سماج جا بهترين دماغ ۽ دليون جيڪڏهن ساڻن اندر اُجارڻ ۾ مصروف ٿي وڃن تہ ٻيو ڦورن ۽ ظالمن کي ڇا کپي!

سواءِ هڪ اڌ استثنا جي، هنن شاعرن وٽ انهن کان سواءِ ٽيون صحيح جواب نہ هو ۽ نہ وري ان وقت ٿي ئي سگهيو ٿي. اهو صحيح جواب اجا تاريخ جي ڪُک ۾ سرجيو ئي ڪونہ هو. ان جا مهاندا اجا ايندڙ زمانن جي اونداهن پاڇولن ۾ لِڪل هئا. جاگيرداري نظام جا تاريخي ڏينهن اجان پورا ڪونہ ٿيا هئا. ڪيس دسي دفن ڪرڻ وارين سماجي قوتون جيڪي، سماجي قانون مطابق، ان وقت، فقط سرمايہ داري قوتون ئي ٿي سگهيون ٿي، سي اجا اُسريون نِسريون ئي ڪونہ هيون. ان لاءِ ڪين صديون گهربل هيون. هزارين سڀ طرفين لڙاين ۾ ڪتيل سوڀون ۽ تجربا گهربل هئا.

والٽير، روسو بالزاڪ ۽ ٻيا ارڙهين صديءَ جا يورپي سرمايہ دار اديب ۽ دانشور تاريخي ارتقا جي گهڻو مٿاهين ڏاڪي تي آيا. هُو صدين جي اقتصادي ۽ سياسي، نظرياتي ۽ روحاني لڙاين جي هڪ ڊگهي سلسلي ۾ عوام طرفان حاصل ڪيل شاندار ڪاميابين ڪانپوءِ، عالمي ادب جي اسٽيج تي پيش ٿيا هئا. تاريخ هنن لاءِ هڪ اسٽيج اڳي ئي تيار ڪري، سينگاري ڇڏي هئي. وقت سندن انتظار ڪري رهيو هو.

Gul Hayat Institute

هُو سماج جا تماشائي، ان تي غيرجانبدار تبصرو ڪندڙ يا عوام جا سَڪڻا همدرد بڻجي ڪونہ آيا هئا. هُو ڏُر ڏٽي تي آيا هئا. هُو عوام جي دلين جي عدالت ۾ عوام جي مجرمن جي ڏوهن جا تفصيل ۽ ثبوت پيش ڪندڙ سندن ڏوهہ ثابت ڪندڙ ۽ سندن جوڳي سزا تجويز ڪندڙ هئا. سندن اعليٰ فنڪاريءَ واري ڳالهہ ۾، ان جي آواز ۽ انداز ۾، پنهنجن ڪي سڏ ۽ دشمنن ڪي للڪار هئي. ان ۾ سوڀ لاءِ توڙ تائين وڙهڻ جو اٽل ارادو ۽ ان جي حاصل ڪرڻ جو مڪمل يقين هو. هُو هڪ نئين نظام ۽ نئين دؤر جا نقيب ۽ روشن سپان جي خوشخبري ڏيندڙ هئا.

## هرڻ هنيلا بيٺا سوچين!

حافظ شيرازيءَ حسرت ڀريون صدائون هنيون هيون:

بياڪـــــــــ قاعـــــــده آســـــــمان بگــــــــــردانيم،
فلــــڪ راشــــگف بشــگايم، وطــرح نـــو بانـــدازيم!

(اچو تہ هن دُنيا جو نظام بدلايون – پراڻو جهان ڊاهي نئين جي پيڙهہ رکون!)

اهي صدائون پنهنجي زماني ۾ ”بوند بوند لئي پٽڪي پٽڪي، وري ڊوڙي، ٽڪجي ٽڪجي، ڦان ٿي، پَٽَ تي چڙهيون هٽندڙ ڪنهن واءِ وڙيل، هليلي هرڻ، جي پاٽيءَ لاءِ حسرت ڀري پڪار وانگر، هڪ پل لاءِ، وقت جي رڻ پَٽَ ۾ گونجي، تاريخ جي خلائن ۾ گم ٿي ويون.“ چئن صدين کان پوءِ هاڻ اهي صدائون ڌرتيءَ جي هڪڙي حصي ۾ تاريخ جو اٽل فرمان بڻجي، ارڙهين صديءَ جي انقلابي اَدب جي باهہ جهڙين لکٽين جي ٻرندڙ لفظن منجهان، وقت جي فرعوني نظام ۽ ان جي علمبردارن کي گهُوري رهيون هيون!

## پراڻو پاپي نظام

هر نئون طبقاتي نظام پنهنجي اؤسر ۽ جوانيءَ وقت ترقي پسند ٿئي ٿو ۽ سماج کي اڳتي ڌڪي ٿو. اڳتي هلي اهو پنهنجون سموريون ترقي پسند قوتون خرچ ڪري سُڄو ٿي پوڙهو ۽ رجعت پرست بڻجي، سماج لاءِ ”جيءَ جو جنجال“ بڻجيو وڃي. ان وچ ۾ سندس پيٽَ ۾ سرجيل نئون ترقي پسند نظام جنم وٺي ٿو. جو بہ پنهنجي اؤسر ۽ جوانيءَ وقت، اڳئين جي پيٽ ۾، ان جي اؤسر ۽ جوانيءَ جي وقت کان بہ وڌيڪ، ترقي پسند ٿئي ٿو. نيٺ اهو بہ پوڙهو ٿي پوي ٿو ۽ سندس پَيٽَ مان نڪتل نئون نظام کيس ختم ڪري پاڻ ان جي جاءِ وٺي ٿو. غلام دار نظام بہ پنهنجي وقت آهر ترقي پسند هو. جڏهن اهو پوڙهو ۽ رجعت پرست ٿيو، تڏهن نئين ترقي پسند جاگيردار نظام سندس جاءِ ورتي. ان جي پوڙهي ۽ رجعت پرست ٿيڻ بعد سرمايہ دار نظام سندس جاءِ ورتي، جيڪو پنهنجي اؤسر ۽ جوانيءَ جي وقت انهن ٻنهي کان سَوين دفعا وڌيڪ ترقي پسند هو.

Gul Hayat Institute

پندرهين عيسوي صديءَ کان اوڻويهين صديءَ تائين اهو يورپ ۾ جاگيرداري نظام کي ڍاهي، ان جي جاءِ ونڻ جي لڙاين ۾ مشغول هو. نيٺ جاگيرداريءَ تي مڪمل سوپ پائڻ کانپوءِ ان جي جڳهه ڪنهن اسم اعظم جي ڦيٽي يا ڪنهن "قم باذني!" جي حڪم سان سماج جي پيداواري ۽ تخليقي قوتن جي پيرن ۾ پيل جاگيرداري زنجيرون ٽوڙي، انهن ۾ نئون ساهه وجهي، ڪين اُٿاري ڪڙو ڪري، سموري سماج، سموري يورپ ۽ پوءِ آمريڪا ۾ اهو انقلاب آڻي ڇڏيو جنهن جو مثال اڳين سمورين صدين ۾ ڳولڻ اجايو آهي. ان ڄڻ هڪ جادوءَ جي لڪڙي گهمائي سڄي دُنيا جو نقشو بدلائي ڇڏيو!

تان جو اوڻويهين صديءَ تائين وڏي ويجهي اهو پنهنجون بُنيادي ترقي پسند صلاحيتون خرچ ڪري سماج لاءِ هڪڙي جَوَرَ بڻجڻ شروع ٿيو. ان ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا کي ڦُري لُٽي ڪنگال بڻائي ڇڏيو. 1825ع ۾ سرمايه داري نظام ۾ پهريون پيرو اقتصادي بحران آيو. هاڻ ڏهين پندرهين سال نئون ۽ اڳي کان وڌيڪ پيچيدو ۽ اونهون بحران ٿو اچي. اهو ٻن عظيم جنگين ذريعي دُنيا کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي چڪو آهي ۽ ٽي لاءِ تياريون پيو ڪري. اجان اهو جيئرو آهي، سندس نوان نوان سماجي معجزا ڏيکارڻ جي قوت بہ صفا ختم ڪانہ ٿي آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو نئون انقلاب ڪيس اجان بہ نوان ڍوز ڏيندو ٽڳائيندو اچي. اجان بہ وٽس زبردست پيداواري ۽ تخليقي قوتون ۽ دولت جا اڻ کُٽ خزانا آهن. سماج جي مختلف ميدانن ۾ سندس قبضا، برتريون، بالادستيون ۽ هڪ هٽيون ۽ بچت ۾ رکيل (رِزرو) قوتون اجان بہ موجود ۽ سلامت آهن.

**رَتُ پياڪ ڏائڻ!**

پر تاريخي ۽ مجموعي طرح، اهو هاڻ انساني سماج لاءِ هڪ مُدي خارج ۽ مُفت خور اتي تي چٽي، رَتُ پياڪ پوڙهي ڏائڻ بڻجي پيو آهي. ڪنهن زماني ۾ دُنيا جي پيداواري ۽ تخليقي قوتن جي پيرن مان زنجيرون ڪيرڻ وارو هيءُ نظام هاڻ خود انهن لاءِ هڪ ارڙبلا جيڏي زنجير بڻجي چڪو آهي. اهو هينئر دُنيا ۾ فقط ڦُرلٽ، بيروزگاريءَ، مهانگائيءَ، بک، ڏڪار ۽ جنگ ڦهلائڻ وسيلي ئي ڪجهہ عرصو وڌيڪ جيئرو رهي سگهي ٿو. هونئن نہ.

عالمي ڦُرلٽ، هڪ هٽي ۽ عام تباهيءَ تي پاڙيندڙ قبر جي ڪنڌيءَ تي پهتل، هن نظام وٽ زندگيءَ جي ڪنهن بہ ميدان ۾ سياست، اقتصاديات، علم، ادب ۽ فن وغيره جي ميدان ۾، هينئر ماڻهن کي آڇڻ لاءِ ڪابہ خوشي يا آئيندي جي خوشخبري ڪانهي. اهو دُنيا کي فقط مايوسي، عام تباهيءَ ۽ موت جو پيغام ئي آڇي سگهي ٿو. جهڙي سماجي نظام جي حالت اهڙا سندس غالب سماجي لاڙن



Gul Hayat Institute

جي ترجماني ۽ وڪالت ڪندڙ ادب جا افعال، جهڙا ڪانگ ٺهڙا ٻچا. جهڙو زوال پذير سرمايه دار سامراجي نظام اهڙو سندس هيءُ پيارو ٻچڙو يعني جديدي زوالي ادب.

**ٻه ادب**

جڏهن اوڻويهين صديءَ ڌاري سرمايه داري نظام پنهنجي ترقي پسند فطرت بدلائي هڪ هٺي رجعت پرست سامراج ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿيو تڏهن ٻه ڳالهيون ٿيون.

پهرين ڳالهه ته سرمايه دار ادب ۾ رجعت پرست لاڙا زور وٺڻ لڳا ۽ حاوي ٿي ويا. ٻيو ته سرمايه داريءَ جي پيٽ اندر پورهيت انقلاب جون قوتون سرجڻ شروع ٿيون ۽ پورهيت ادب پيدا ٿيڻ شروع ٿيو. اهڙيءَ طرح يورپي ادب جا ٻه نوان دؤر يعني ان جو چوٿون ۽ پنجون تاريخي دؤر شروع ٿيا. هڪڙو زواليت پرست ۽ رجعت پرست سرمائيدار ادب جو دؤر، جيڪو سرمايه داريءَ جي زوال جو ماتم ڪري ٿو. ٻيو پورهيت ترقي پسند ۽ انقلابي ادب جو دؤر، جيڪو پورهيت طبقي ۽ پورهيت انقلاب جي اُسرڻ، نِسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جي عڪاسي، ترجماني، مدد ۽ رهبري ڪري ٿو. هڪڙو مُردار ماضيءَ جو ماتم ڪندڙ آهي، ٻيو عوام جي روشن آئيندي جي آجيان ڪندڙ ۽ ان کي ڳائيندڙ وجائيندڙ آهي.

هنن ٻنهي هڪٻئي جي اُبتڙ ۽ مختلف ادبن جي سلسلي ۾، ويهين صديءَ جي پهرين چوٿائي هڪ تاريخي سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي. هن چوٿائيءَ ۾ اهي ٻه اديب تخليق ۾ سرگرم هئا، جيڪي انهن ٻنهي قسمن جي ادبن جا باني ۽ مکيه علمبردار هئا ۽ انهن جي سڀ کان وڏي علامت بڻيا. اهي ٻه هئا گورڪي ۽ ڪافڪا. ڪافڪا 1924ع ۾ وفات ڪئي ۽ گورڪيءَ ڪجهه سال پوءِ. ڪافڪا سرمايه دار زوال جو ترجمان ۽ ماتمي اديب هو ۽ گورڪي پورهيت انقلاب جي آجيان ڪندڙ ان جا قصيدا ڳائيندڙ ان جي مدد ۽ رهبري ڪندڙ ۽ ان پاران سِرَ جون سَٽون ڏيندڙ مجاهد انقلابي اديب هو. ٻئي پنهنجي پنهنجي فن ۾ قابل هئا. هو ڳالهين کي مُنجهائڻ ۾ ۽ هي ان مُنجهيل سُٽ کي سنوارڻ ۾! ٻنهي قسمن جا اديب هند، سنڌ ۽ دُنيا جي هر ملڪ ۾ موجود آهن. جديدي ادب جي وبا جو باني ڪافڪا ليکيو ويندو آهي ۽ وجوديت جي فلسفي جي ملاوت جي باوجود سارتري، البرٽو موراويا ۽ ڪامو ڪافڪا جا ئي خليفا آهن.

هونئن رجعت پرست جديد ادب جون پاڙون عالمي ادب ۾ تاريخ ۾ گهڻو هيٺ به ڏسي سگهجن ٿيون. اهو ايترو پراڻو آهي جيتري رجعت پرستي.

**نِتُ نوان ٻهروپ**

Gul Hayat Institute

مغربي ادب جي تاريخ تي هڪڙي متاڇري نظر وجهڻ سان ئي معلوم ٿي ويندو تہ نام نهاد ”نئون“ ۽ ”جديد“ ادب ڏاڏي آدم جي واري جي شيءِ آهي، ۽ نِتُ نَوان بَهرُوپ ڪندو ۽ پاڻ تي نوان ليبل چنبڙائيندو، هر دؤر ۾ پاڻ کي ”نئون“ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي آهي. Neoterikos (نئين کان نئون)، Baroque (نمودي)، Parnassianism (قدامتي)، Metaphysical (مابعدالطبعياتي)، Hermetism (رهبانيت)، Symbolism (علامتيت)، Impressionism (تاثرائيت)، Futurism (مستقبليت)، Existentialism (وجوديت) وغيره وغيره ڳَئين بَهرُوپ، ڳَئين ليبل، پر ڳالهہ اها ئي ساڳي پراڻي پاروٿي. يعني عوام جي زندگي جي حقيقتن کان ڀاڄ، انهن کي ٽوڙڻ، مروڙڻ، ادب کي ڦورو طبقن ۽ سندن حوارين جي هٿ جو هٿيار ۽ ماڻهن کي بطال ڪرڻ لاءِ چَرسُ ۽ ڀنگ جهڙو نشو بنائڻ.

**شاعري:** Neoteric

”نئين کان نئين“ جي رينگٽ کي وٺون. اهو حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان بہ گهٽو گهٽو اڳ شروع ٿيل رينگٽ آهي. قديم رَوم ۾ ”حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان 146 سال اڳ (رَوم جي دشمن) ڪارٿيج ۽ ڪارنن جي (رومين هٿان) تباهي ڪانپوءِ رَومي اميرن ۾ خشحالي ۽ ٻاهرين حملن کان سلامتي حاصل ڪرڻ ڪري Otium (واندڪائي) جي مزن ماڻڻ ۽ (فقط) پاڻ کي خوش ڪرڻ واري ادب لاءِ ماحول پيدا ٿيو. ان ماحول ۾ شاعرن جو Neoterics نالي هڪڙو نئون ٽولو پيدا ٿيو، جن ”نئين کان نئين“ جي تلاش ۾ ”ادب براءِ ادب“ جي ذهنيت ڦهلائي.“[1]

17هين صديءَ ۾ جڏهن يورپ ۾ سُڌاري Reformation جي تحريڪ هلي تہ ان جي مخالفت ۾ رجعت پرست قوتن ”سڌاري جي مخالفت“ Counter Reformation جي تحريڪ هلائي. ان رجعت پرست تحريڪ سُڌارن جي حامي ادب جي مقابلي ۾ Baroque (نمودي) ادب پيدا ڪيو. ”ان مکيہ علمبردار اٽليءَ ۾ گيامبتيستامرينو Giambatista Marino، اسپين ۾ لوئي ڊي گونگورا Louis de Gongora ۽ جرمنيءَ ۾ مارٽن اوپز Martin Opitz هئا. ان ادب جون مکيہ وصفون هيون، علامت نگاري، لفاظي ۽ (سکٽي) صنعت گري.[2]

انگلينڊ ۾ رجعت پرست تحريڪ پادري شاعر جان ڊان جي Metaphysical (مابعدالطبعياتي) شاعري جو رُوپ ورتو. ان شاعري ۽ Baroque ادب ۾ ڪيئي هڪجهڙايون هيون.[3]

---

(1) انسائيڪلو پيڊيا برٽئنيڪا، ص: 1095
نوٽ: هن کان پوءِ انسائيڪلو پيڊيا برٽئنيڪا لاءِ فقط ”ا.“ جا اکر لکبا. مثلاً ا.ب. ص: 1095.
(2) ا.ب ص: 1147.
(3) ا.ب ص: 1147.



Gul Hayat Institute

اوڻويھين صديءَ ۾ فرانس ۾ رجعت پرست ادب کي Parnasianism واري ليبل هيٺ هلايو ويو. ان جو مشهور علمبردار چارلس بادليئر Charles Baudelaire هو. جنهن جي فتويٰ هئي تہ، ”جيڪا شيءِ فن ناهي، سا بدصورت ۽ نڪمي آهي.“[4]

انهيءَ دؤر ۾ انهيءَ قسم جي ادب تي تاثراتي (Impressionists)، علامتي (Symbolist) ۽ ماورائي (Transcendentalist) ليبل چنبڙايا ويا. تاثراتي ليبل واري ادب جو باني پال ورلين Paul Verlaine ۽ علامتي ليبل واري ادب جو باني اسٽيفين ملارمي Stephane Mallaarme هو. جرمن شاعر رلڪي Rilke علاميت جو وڏو علمبردار ليکيو ويو ٿي.

ماورائيت جو زور بہ حقيقي زندگيءَ جي ترجماني ڪرڻ بدران نام نهاد روحانيت ۽ اندر جي اُڌمن جي ذڪر تي هو.[5]

انهيءَ صديءَ جي آخر ۾ ئي اهي اديب حضرات پيدا ٿيا، جن جو نالو ئي هو Decadents (زواليت پرست)، سندن مکيہ نمائندو فرينچ شاعر جولس لافاگو Jules Lafergue هو.[1]

انهيءَ صديءَ ۾ جڏهن اٽليءَ کي فاشزم جو ڪوڙهہ وڪوڙي ويو، تڏهن فاشي اديبن Futurist (مستقبلي) ۽ Emerlismo ،Hermeric (رمباني) ليبلن هيٺ اهي فاشي ادبي نظريا پيش ڪيا تہ ادب جو ڪم حال سان نہ مستقبل سان آهي. پيو تہ ادب کي ظاهري دُنيا جي جهڳڙن سان واسطو توڙي تارڪ الدُنيا بڻجي پنهنجو اندر اُجارڻ گهرجي.[2]

اظهاريت Expressionism جي ليبل هيٺ اهڙو ادب پيش ڪيو ويو، جنهن ”زندگيءَ کي عمل ۾ سرگرم حالت ۾ نہ پر خيالي پُورن جي صورت ۾ پيش ڪيو.[3]

هن ئي صديءَ جي پهرين ڏاکي ۾ ڪافڪا جو پوائٽتن خوابن جهڙو ادب ماڻهن تي مڙهيو ويو.[4]

سندس ناول ”مُقدمو“، ”قلعو“ چڻ ڪنهن ڀيانڪ خواب وانگر آهن، جن ۾ مايوسي ۽ خوف جو زهر ڦهلايو ويو آهي.

يان پال سارتري پنهنجي وجوديت Existentialism جي نظريي جو نظرياتي اظهار پنهنجي ڪتاب ”هُجڻ نہ هُجڻ“ “Being and nothingness, Nousi” وغيره ۽ ناولن ”مکيون“، ”گندا هٿ“، ”هارائيندڙ ڪتي ٿو“ نيڪراسوو وغيره ۾ ڪيو آهي.

---

(4) ا.ب ص: 1181.
(5) ا.ب ص: 1193.
(1) ا.ب ص: 1195
(2) ا.ب ص: 1238
(3) ا.ب ص: 1243
(4) ا.ب ص: 1243



Gul Hayat Institute

ان نظريي جو مکيہ نُڪتو اهو مايوس ٻڻائيندڙ خيال آهي تہ "انسان کي آزاديءَ جي سزا مليل آهي" ۽ "سندس زندگي هڪڙو بي اثر جذبو آهي."[5]

ساڳيو حال Neo_expreimentalism, Experimentalism, Dadaism, Surrealism, ۽ ٻين اهڙين قسمين قسمين ۽ روز بروز بدلائجندڙ ليبلن واري ادب جو آهي. اهو ادب بہ عوام لاءِ بي معنيٰ ۽ ڪنهن بہ ڪم جو نہ هو.[6]

ناول جي دُنِيا ۾ رجعت پرست ادب، خالص ناول (Pure Novel)، نئين ناول (New Novel)، علامتي ناول (Allegorical Novel)، ويندي اُبتي ناول (Anti Novel) جهڙا عوام جي زندگيءَ جي حقيقتن ۽ سندس سمجهہ سان ڪوبہ واسطو نہ رکندڙ فضول ۽ بيهودا ابوبهر پيدا ڪيا.

اهڙن نام نهاد "نون" ناول نگارن، ناولن اندر ڪنهن ڪهاڻي، پلاٽ، ڪردار، صورت، ڏانءُ، معنيٰ، زماني جي اڳ پُٺ جي لحاظ، سوچ ۽ احساس جي تجزيي وغيره جي مذمت ڪئي. هنن حقيقتن کي سڙيل لاش وانگر بدبودار ڪري پيش ڪيو. (تاريخي) وقت جي حساب ڪتاب کي تُڏي ڇڏيائون. منجهن جيڪي وجي ٻچيو سي هئا سڪڻا انگ اکر. جنهن مان ڪن عالم فاضل اڪابر پڙهندڙن کي پنهنجو ناول پاڻ جوڙڻو هو. (ناول ۾) ناول نگار جو سنئون سڌو پڙهندڙن سان خطاب ڪري ڳالهہ ڪرڻ، عيب ٺهرايو ويو.[1]

ٻولي ناقص آهي. گرامر جي ضرورت ڪانهي. ان ڪري گرامر جي چيلهہ ڀڃي، اُبتي ٻولي لکجي، سا ڳالهہ بہ پراڻي آهي. آسٽريا جي تاثراتي جرمن شاعر هگو وان هاف مئنسٿل Hugo von Hofmannsthal 1902ع ۾ پنهنجي مضمون "لارڊ چئنڊوس جو خط" ۾ اعلان ڪيو تہ انساني ٻولي منهنجي جذبن جي اظهار ڪرڻ کان قاصر آهي."[2]

رجعت پرست فن ۽ ادب جا اهي نخرا رُڳو ڪي مغرب تائين بہ محدود ڪونہ هئا. اهو هڪڙو عالمي تاريخي لقاءُ آهي. مثال طور "مان اديب آهيان، منهنجي ذميواري فقط پاڻ سان سچائي آهي. عوام جاهل آهي. اهي منهنجي ڳالهہ سمجهن نہ سمجهن، تنهن سان منهنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي." اها ڳالهہ جهڙي مغرب ۾ تهڙي مشرق ۾ ڪئي ويندي پئي رهي آهي.

---

(5) ا.ب ص: 1234

(6) ا.ب ص: 1438

(1) ا.ب ص: 1235

(2) ا.ب ص: 1234

Gul Hayat Institute

اڄ کان ٽي سَؤ سال اڳ جي منگ گھراڻي جي چيني اديب يوئان هن تائو Yuan Hung tao اعلان ڪيو هو تہ هُو ”جھڙن تھڙن عام ماڻهن سان گڏ مُرڪي يا روئي نٿو سگھي... سُٺي اديب جو مکيہ فرض آهي... (فقط) پاڻ سان سچو رهڻ.“[3]

سورهين صديءَ جي چيني اديبن تان يوئان چون Tian Yiian Chun ۽ چنگ هسنگ Chung Hsing ”چيني گرامر جي قاعدن جي پورائي ڪرڻ کانسواءِ ادب تخليق ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون.“[4] پر قصو نہ هليو.

Gul Hayat Institute

---

(3) ا.ب ص: 1956

(4) ا.ب ص: 1056

## باب يارهون

هُـــڻ تــي فريـــدا! شـــاد ول
ڏكــڙين كــون نــا كــر يــاد ول،
جهوكـــان ٿيســـن آبـــاد ول،
ابهـا نـئن نـہ وهسـي هــكـ ـ مڻـي.
(خواجہ فريد)

(فريد! هاڻ وري خوشي ٿي
ڏكڙن کي وري ياد نہ ڪر،
پنهنجون وستيون وري آباد ٿي وينديون
زماني جي نئين هاڻ رڳو هڪڙي پاسي ڪانہ وهندي!)

### عالمي عوامي مقابلي جو نئون نرالو تاريخي دؤر

ڏرتيءَ جي ڏيئن ۾ پُٺن ڪڏهن بہ وس پُڄندي ڦورو ۾ ظالم ٽوراين جي ڦُرلٽ ۾ ظُلم کي قبول نہ ڪيو آهي ۾ انهن کان پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ ساڻن ملهُون ۾ مقابلا ڪرڻ بند نہ ڪيا آهن.

### باغي رَتَ جي جڳ مڳ جرڪندڙ ليڪَ

حضرت عيسيٰ جي جمڻ کان اٽڪل بہ سَئو سال اڳ، چيني غلامدارن جي ڦورو ۾ ظالم راڄ جي خلاف چين شينگ ۾ ووڪانگ جي اڳواٽيءَ هيٺ ڪامياب هاري بغاوت کان گهڻو اڳ کان وٺي، حضرت عيسيٰ کان مني صدي اڳ رومي غلام اسپارٽئڪس جي اڳواٽيءَ هيٺ ٻن لکن غلامن جي ناڪام بغاوت تائين ۾ ان کان وٺي اڄ تائين جي هزارين سالن جي عرصي ۾ هر ملڪ جا ڳِئين حق پرست، انصاف

Gul Hayat Institute

پسند، ڦُريل ماريل ماڻهو اڪيلي سِرُ توڙي ٻين سان گڏجي هر قسم جي ڦورن ۽ ظالمن خلاف هر ميدان ۾، هر هٿيار، هر وسيلي ۽ هر طريقي سان هزارين لکين ڪروڙين نَنڍيون توڙي وڏيون بغاوتون ۽ مقابلا ڪندا، وڙهندا، مرندا، ماريندا رهيا آهن. فتح توڙي شڪست جي حالت ۾ هُو ڪين ڪمزور ڪندا، پوئتي هٽائيندا، اڪثر سندن اقتدار ۽ بالادستي، ڏاڍ ۽ جبر جي تختن کي ٽُڪي ٽُڪي، پاڙان ڪائي ڪائي، اونڌا ڪندا ۽ مجموعي طور ڦُرلٽ ۽ ظلم جي نظامن کي اندران کوکلو ڪندا رهيا آهن. ابن مريم کان وٺي فاطمه جي لال تائين، سُقراط کان برونو تائين، منصور کان سرمد ۽ صوفي شهيد تائين، اسپارٽيڪس کان لومبا تائين، دودي ۽ درياهه خان، هوشو ۽ هيمونءَ کان جولس فيوچڪ ۽ وان تروئي تائين ۽ ان کان پوءِ اڄ جي انساني تاريخ جي کهاڻي درحقيقت انصاف پسند ۽ حق پرست انسانن طرفان ڦُرلٽ ۽ ظُلم جي راڄ آڏو آڻ مڃڻ کان انڪار ۽ ان سان سِرَ جون سَٽون ڏيڻ جي، سُورهيائيءَ جي سرهاڻين پري ڳاڙهي ريتي ڪهاڻي آهي. بدر کان ڪربلا تائين، اروڙ ۽ وِڳهه ڪوٽ کان مياڻيءَ ۽ دُٻي تائين، استالن گراڊ کان ڊين بين ڦو ۽ بيروت تائين حق پرست باغي، رات جي هڪڙي روشن جڳ مڳ، جڳ مڳ جرڪندڙ لِيڪ دُنيا جي سمورن ملڪن ۽ سمورن ڪنڊن کي پاڻ ۾ ڳنڍيندي، سمورن زمانن، مڪانن کي لتاڙيندي اڄ اسان تائين پهتي آهي. اها رَتَ جي لِيڪ اسان جو هڪڙو وڏي ۾ وڏو روحاني ۽ ثقافتي مقدس ورثو آهي. دنيا جو ڪوبہ چنگيز يا هلاڪو يزيد يا حجاج، تيمور يا نادر شاهه، هٽلر يا مسوليني ان رت ۾ سمايل حق پرست بغاوت ۽ مقابلي جي شعلن کي وِسائي نہ سگهيو آهي. حق پرست بغاوتون ۽ مقابلا اڄ تائين جاري آهن ۽ توڙ تائين جاري رهندا.

عوام جي ڦُرلٽ ۽ ظُلم سان لڳاتار مقابلن ڪَئين ڇٽ پٽن سان هٽي ڇڏيا. پر بُنيادِي سماجي سببن جي ڪري، هن کان اڳ هر هنڌ ۽ هر دؤر ۾ هڪڙي ڦورو ۽ ظالم ٽورائيءَ جي تختي اونڌي ڪرڻ کان پوءِ ان جي جاءِ تي اقتدار عوام جي اڪثريت جي هٿن ۾ نہ، پر ڪنهن ٻي ڦورو ۽ ظالم ٽورائيءَ جي هٿن ۾ ئي اچي ٿي سگهيو. هڪڙي ڦورو ۽ ظالم نظام جي جڳهه فقط ٻيو ڦورو ۽ ظالم نظام ئي والاري ٿي سگهيو.

هزارين سالن جي لکين ڪروڙن ويڙهين جو نتيجو هميشہ ساڳيو اهو نڪرندي نڪرندي، نيٺ اڄ اسان جي دؤر ۾ اها سياڳي منزل اچي سهڙي آهي، جڏهن هڪڙي ڦورو ۽ ظالم ٽورائيءَ جي جاءِ تي خود مظلوم ۽ محڪوم پورهيت گهڻائي سماج ۽ ان جي هر شيءِ جي مالڪ ٿي سگهي ٿي. هيترن ڦورو ۽ ظالم نظامن جي جاءِ هڪ حق پرست ۽ انصاف پسند سماجي نظام والاري سگهي ٿو. ناانصافين ۽ ظلمن جي هڪڙي ڏکهي ۽ ظاهري طرح نہ کُٽندڙ ٻاٽ اونداهي رات کان پوءِ ڌرتيءَ جي حلالي ۽ ڪرمي ڏيئن، پُٽن کي پنهنجو ورثو ۽ پنهنجو حق نيٺ ملي سگهي ٿو ۽ آهستي آهستي، ڏاڪي بہ ڏاڪي



Gul Hayat Institute

ملي رهيو آهي. گذريل اڌ صديءَ کان ٿورڙي وڌيڪ عرصي ۾ ڌرتيءَ جي ٽئين حصي تان ڦورو ۽ ظالم ٽورايون ۽ سندن لٽ سردار آقا، دُنيا جا سامراجي، بي عزت ٿي موچڙا کائي تڙجي چڪا آهن. اڄ اتي انهن ملڪن جي مالڪ اڳوڻن معتبرن جي جنس دوا لاءِ بہ ڪانہ ٿي ملي سگهي. سندن شان شوڪت ۽ جاهہ جلال جا نشان يا تہ قبرن ۾ ساڻن گڏ پوريل آهن يا پوتخانن ۽ عجائب گهرن ۾ ماڻهن جي عبرت لاءِ رکيا ويا آهن.

اڄ هڪ طرف سڄي دُنيا جا محنتي، محروم، مظلوم ۽ محڪوم ماڻهو تہ ٻئي طرف سندن دشمن دنيائي سامراج ۽ سندس ملڪ جا ڇاڙتا، ڦورو ۽ ظالم پنهنجي پنهنجي الڳ ڪئمپ قائم ڪريو، هڪٻئي سان اکيون اکين سان ملايو مقابلي جي ميدان ۾ دوبدو ٿيا بيٺا آهن. هن کان اڳ تاريخ ۾ ايئن ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيو آهي. هيءُ اڄ تائين جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو ۽ سڀ کان وڌيڪ فيصلو ڪندڙ مقابلو آهي. انسان ذات جي روشن آئيندي جو سمورو دارومدار ان مقابلي ۾ سوڀ پائڻ تي آهي.

سمورين کوٽين ۽ ڪمزورين جي باوجود، دُنيا جو عوام، ڪڏهن اڻ لکي نموني رڙ بند تہ ڪڏهن ڊرامائي انداز ۾ زبردست چال ڏيندو پنهنجي عظيم منزل مقصود ڏانهن وڌي رهيو آهي. تاريخ جي اڻ ٽر قلم، نہ ميڻجي سگهندڙ روشن اکرن ۾، سندن نرڙن تي "سوڀ" ۽ سندن دشمنن جي نِرڙتي "شڪست" جا لفظ اُڪيري ڇڏيا آهن. ان لکئي کي ڪوبہ مٽائي نٿو سگهي.

تــوڙي هلــين تڪــڙو، تــوڙي هلــين وِڪ،
پــر لکئــي منجهــان لِـڪ، ذرو ضــايع نــہ ٿئــي.
(لطيف)

## نوان ۽ اڻ ٻُڌل فرض

هي نسبتاً نئون ۽ نرالو عالمي دؤر دُنيا جي ادب ۽ فن کي اڳي جي ڀيٽ ۾ نوان ۽ اڻ ٻُڌل فرض ٿو سونپي.

اڄ دُنيا جي انقلابي عوام جي ادبي، فني ۽ ثقافتي فوج سندس سموري انقلابي عوامي فوج جو هڪ سُورهيہ ۽ سوڀارو لشڪر آهي، جنهن جي جهنڊن تي "ڄاڻ، سمجهہ، روشني، محبت، جدوجهد ۽ سُرهيائي" جا لفظ سوني پاٽيءَ ۾ اُڪريل آهن. هن لشڪر بنا، دُنيا جا عوام هر گز جٽادار سوڀ حاصل ڪري نٿا سگهن.

اڄ جو سچو پچو نئون عالمي ادب ۽ فن دنيا تي رڳو تنقيد نٿو ڪري، ان کي ڍاهي نئين سر اَڏڻ ۾ بہ ٻانهن ٻيلي ٿيو بيٺو آهي. اهو ڪنهن هڪڙي فرد يا ٽولي بدران ڌرتيءَ جي ڏيئڻ ۽ پُٽن جي زبردست اڪثريت جي ڏکن، سکن، اُميدن ۽ انديشن، لڙڪن ۽ مُرڪن، سپنن ۽ ساڀيائن جي اهڙي باشعور ۽ بامقصد فنڪارانہ ۽

Gul Hayat Institute

اثرائتي ترجماني ٿو ڪري جو اهو سندن بهتر آئيندي واسطي جدوجهد جي واٽ جو سونهون، سندن ٻانهن جو ٻَل، دلين جو سهارو ۽ اکين جي روشني ثابت ٿي رهيو آهي.

## نئون اعليٰ عوامي ادب تخليق ڪرڻ لاءِ گهربل سائنسي سماجي ڄاڻ ۽ سمجهه هن دؤر ۾ ئي ميسر آهي

فطرت سان گڏ انساني سماج ۽ انساني سوچ بابت صحيح ڄاڻ، ڦورو طبقن جي سخت مخالفت جي باوجود، گذريل صدين ۾ "ڦُڙيءَ ڦُڙيءَ تلاءَ" وانگر آهستي آهستي گڏ ٿي، وڌي ويجهي، نيٺ گذريل صديءَ ۾ هڪ باقاعدي علم ۽ سائنس جي رُتبي کي اچي رسي آهي. اها هاڻ ئي ان پوزيشن ۾ آئي آهي جو سماج ۽ انساني سوچ (جنهن مان ادب، فن، علم ۽ سائنس وغيره پيدا ٿيا آهن) بابت اڻ ڄاڻائي، ڏوکيبازي ۽ نسوري ڪوڙ زٽ ۽ گمراهيءَ تي ٻڌل ڳالهين سان صحيح معنيٰ ۾ مقابلو ڪري سگهي.

انسانن جي اڪثريت اڃان تائين انهن ڳالهين بابت صحيح ڄاڻ ۽ سمجهه حاصل ڪري نه سگهي آهي، پر ان جو هڪ حصو ان ڏِيڍ کان ٻاهر نڪري چڪو آهي. هاڻ اديبن، عالمن، دانشورن توڙي عام ماڻهن لاءِ اهو ممڪن ٿي پيو آهي ته جيڪڏهن هو چاهين ۽ پوري اورچائيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان ڏکي جدوجهد ڪن ته انساني سماج، انساني سوچ ۽ انهن جي پيداوار (ادب، فن ۽ علم وغيره) بابت صحيح ۽ پڪي پختي ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا.

## زندگيءَ جي هيڪڙائي، نرالائي، پيچيدگي، سب-طرفائي، وسعت ۽ گهرائيءَ جو ترجمان ادب

عام طرح ادب ۾ زندگيءَ کي سماجي طرح هڪ هنڌ بيٺل، اڻ چُرندڙ پُرندڙ ۽ هڪ ٻئي کان ڌار سماجي لقائن، روپن ۽ حالتن جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي ۽ نه پاڻ ۾ ڳنڍيل، هڪ ٻئي مان پيدا ٿيندڙ هڪ ٻئي تي دارومدار رکندڙ هڪ ٻئي کي متاثر ڪندڙ هڪ ٻئي ۾ پيبل ۽ هر وقت چُرندڙ پرندڙ ۽ بدلجندڙ نظامن جي سلسلي جي روپ. ان ادب جو ڏوهه ڪونه هو. اهو گهڻي ڀاڱي سائنسي عالمي تاريخي نقطي نظر ۽ سائنسي سماجي ڄاڻ ۽ سمجهه جي روشنيءَ ۾ ڪيل زندگيءَ جي سب طرفي، اونهي ۽ وسيع مطالبي ۽ مشاهدي جي پيداوار نه هو.

هن دؤر جو عوامي ادب ان ڳالهه ۾ اڳين عوامي ادبن کان گهڻو اڳتي آهي.

اهو زندگي ۽ سماج کي صحيح عالمي تاريخي نقطي نگاهه کان، سائنسي، سماجي ڄاڻ ۽ سمجهه جي روشنيءَ ۾، سندن سموري زمان ۽ مڪان جي هيڪڙائي ۽ وحدت، لاڳاپي ۽ تسلسل، دارومدار ۽ باهمي اثراندازي، هڪ ٻئي ۾ سمايل هجڻ ۽ لڳاتار چرپر، تبديليءَ جي صورتن ۾ سندن سمورن رنگن ۽ روپن ۾، سطح، رفتار ۽ رُخ

جي لڳاتار تبديليءَ سان، سنڌن پنهنجو پاڻ کي بظاهر دهرائيندو رهڻ، پر حقيقت ۾ ڏاڪي به ڏاڪي، هيٺان کان مٿي ويندڙ حالتن ۾، ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

## اڳ جي عوامي ادب ۽ هاڻوڪي عوامي ادب ۾ فرق

اڳ عوام دشمن نظامن جي مقابلي ۾ نئين نظام قائم ڪرڻ جو واضح تصور موجود ڪونه هو. ان نئين نظام کي قائم ڪرڻ واريون قوتون، انهن جون تنظيمون، سوچيل سمجهيل طئي ٿيل مقصد ۽ پروگرام موجود ۽ معلوم ڪونه هئا. ان ڪري ان دؤر جي عوام جي گهڻگهري ادب لاءِ اهو ئي ڪافي سمجهيو ويندو هو ته اهو رائج ڦورو ۽ ظالم سماجي نظام جي ڏار ڏار، ڇڙوڇڙ ڳالهين ۽ سنڌس مشينريءَ جي ڏار ڏار پرزن جي، بنا واضح مقصدن جي، عام اوگهڙ ۽ مخالفت ڪري، مظلومن تي ٿيندڙ ظلمن ڏانهن ڌيان ڇڪائي ۽ وچولن ۽ مٿين طبقن جي دلين ۾ مظلوم لاءِ قياس ۽ همدردي ۽ ظالمن لاءِ نفرت پيدا ڪري. ان ادب کي اڄوڪي سماجي ٻوليءَ ۾ سڌارڪ ادب سڏي سگهجي ٿو.

پر هيءَ صدي ٻي صدي آهي. هيءَ صدي پراڻن نظامن خلاف نه رڳو نفرت جاڳائڻ، مظلومن لاءِ همدردي پيدا ڪرڻ جي صدي آهي پر انهن سان مظلوم عوام طرفان منظم نموني ڊگهي ۽ اٽانگي، مرڻ جيئڻ جي ويڙهه ڪري ڪين ڊاهي نيست نابود ڪري سنڌن جاءِ تي هڪڙو انصاف ڀريو عاليشان نئون نظام قائم ڪرڻ جي صدي پڻ آهي. ان ڪري هن دؤر ۾ عوام جي گهڻگهري ادب جا فرض اڳوڻي سڌارڪ ادب جي ڀيٽ ۾ انقلابي آهن. اهو پراڻي عوام دوست ادب جو نقل نٿو ڪري سگهي ۽ اوستائين محدود رهي نٿو سگهي. هُن ۽ هن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

اڳوڻي دؤر ۾ اديبن ۽ فنڪارن جو دنيا کي بدلائڻ جي اڻ لکي جدوجهد ۾ ڪردار تمام گهٽ اثرائتو جهَڪو ۽ اڻ لکهو آهي. هن دؤر ۾ سنڌن ڪردار نهايت نمايان ۽ اثرائتو آهي. ان ڪري اڳوڻن دؤرن جي عوام جي گهڻگهرن اديبن ۽ فنڪارن جي سماجي ذميوارين ۽ فرضن ۽ اهميت ۽ هاڻوڪن عوام جي گهڻگهرن اديبن ۽ فنڪارن جي ذميوارين ۽ فرضن ۽ اهميت ۾ به زمين آسمان جو فرق آهي.

Gul Hayat Institute

**باب ٻارهون**

# نوان هيرا!

نندو تہ کوهہ، وکين آهي وترو،
وڃيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، پهس پکي جئن پوءِ،
ان ڳُرَ سندو ڪوءِ، ميو ماتونہ ٿئي!
(لطيف)

موکي متارن جا نندا ڪيم نهار،
ساماٽا سري ڏٽي، اچا اڱڻ ڏار،
ناٽو ڪمي نهار! هي سر پڻ ڏيندا سٽ ۾!
(لطيف)

ڪڏهن نہ اهڙا، جهڙا هيل!
مون وٽ باک – پنا رابيل!
(اياز)

Gul Hayat Institute

هر دؤر جو ادب ۽ فن رڳو حقيقتن جو نہ پر خوابن ۽ خيالن جو بہ ترجمان رهيو آهي. حقيقت پسند ادب جو مطلب بہ مشيني ۽ لڪير جي فقيريءَ وارو بہ ونڻ گهرجي. جڏهن ادب ۾ پيش ڪيل خواب ۽ خيال حقيقتن مان پيدا ٿيل آهن ۽ سچائي جي حقيقتن جي عڪاسي ڪن ٿا، تڏهن اهي ادب جي حقيقت پسنديءَ کي گهٽائين نٿا، وڌائين ٿا.

هر دؤر ۾ ادب ۽ فن ماڻهن جي زندگين جي حقيقتن توڙي خيالن ۽ خوابن جي ترجماني ڪندي سندن دل گهريا ۽ دل گهريون ڳالهيون پيش ڪيون آهن. زندگيءَ جي حقيقت مان ڪچو اڻ گهڙيو مواد وٺي، ان کي گهڙي سنواري، حقيقت کان

گهڻو گهڻو وڌيڪ خوبصورت ۽ اثرائتو بڻائي پيش ڪرڻ ادب ۽ فن جو بنيادي ڪم پئي رهيو آهي.

وڏاءَ، مفروضا ۽ سينگار ادب جي جان آهن. ماڻهن جي سُونهن، سخاوت، بهادري، ڪرامت، طاقت ۽ چالاڪيءَ بابت هر قسم جون صفا فرضي ۽ بنهه گهڻي وڏاءَ واريون، ڪهاڻيون ۽ داستان، عالمي ادب جو حصو آهن. اهڙن زبردست واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جي نه ڪڏهن ٿيا ۽ نه انهن حالتن ۾ ٿي سگهيا ٿي.

اهڙا وسيلا ۽ اهڙيون شيون ۽ قوتون فرضي طرح موجود ڪري ورتيون ويون آهن. جيڪي اڃان ڌرتيءَ تي تصور ۾ به مس اچي ٿي سگهيون.

مثلاً الف ليليٰ ۽ ٻين داستانن ۾ اسم اعظم، اُڏند کٽولي، ساموندي گهوڙا ۽ اڄوڪين جاسوسي، سائنسي ۽ خلائي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ ذڪر ڪيل خيالي اوزار، هٿيار، مشينون، قوتون ۽ جڳهون وغيره.

**هاڻ هيرا نه ڪپن**

جڏهن سرمايه دار طبقو اُسري، وڌي ويجهي رهيو هو ۽ جڏهن اهو ترقي پسند هو ۽ وڏا ۽ شاندار ڪارناما سرانجام ڏيئي سگهيو ٿي، تڏهن ان ادب ۾ پنهنجي طبقي جي نقطي نظر کان زبردست هيرا ۽ هيروئنون پيش ڪيون. عوام وٽ انهن ڏينهن ۾ طبقاتي سمجهه ڪانه هئي. عالمي تاريخ ۾ سندن ڪردار درحقيقت ڪيڏو زبردست هو، سا ڪين خبر ڪانه هئي. تڏهن هنن جاگيردار ۽ سرمايه دار طبقي جي عالمي ۽ سماجي نقطي نظر ۽ موقف کان تخليق ڪيل هيرن ۽ هيروئنن کي ئي پنهنجا هيرا ۽ هيروئنون تسليم ڪيو ٿي ۽ انهن جو مثال ورتو ٿي.

**گناهه ٿيندو!**

هاڻ جڏهن جاگيردار ته نهيو خود سرمايه دار طبقي جي عالمي ڪردار ۽ اهميت ۾ زبردست زوال آيو آهي ۽ سندن سورهيائي ۽ شان جا ڏينهن پورا ٿي ويا آهن ۽ عوام جي سورهيائي ۽ شان جا ڏينهن شروع ٿي ويا آهن ۽ اهو وقت اچي ويو آهي جو ادب ۽ فن ۾ ڦورو طبقن جي سورمن بدران عوام مان سرجندڙ نون سچن پچن سورمن ۽ سورمين جا ڳڻ ڳايا وڃن. تڏهن زوال پذير سرمايه دار ادب هڪدم پلٽو کاڌو آهي ته، ”ادب ۾ سورمن ۽ سورمين جي ڪابه ضرورت ڪانهي! اها پراڻي ڳالهه آهي. دراصل زندگيءَ ۾ ڪي ساراهه لائق ڪارناما هوندا ئي ڪونه. هن دؤر ۾ ڪهاڻيءَ بدران آ – ڪهاڻي لکڻ ۽ ناول بدران آ– ناول (Anti_Novel) لکڻ گهرجي.“ مطلب ته جڏهن راند ۾ ٻين جي کٽڻ جو وارو اچي ته راند بند! چي، ”راند بدعت آهي. شريعت ۾ ناجائز آهي! گناهه ٿيندو!“

Gul Hayat Institute

هيستائين عالمي ادب ۾ گهڻي قدر هيرا غلامدار، جاگيردار، سرمايہ دار يا بنهہ گهٽو ڇيهُہ ٿيو تہ لاچار وچولي سفيد پوش طبقي جي سوچ ۽ سمجهہ، خيالن ۽ خوابن مطابق تخليق ڪيا ويندا رهيا آهن. جان عالم، ممتاز دمساز، شهزادو اندري، ٽارزن، سُپرمئن جهڙا هزارين لکين ڪردار ۽ هيرا انهن سوچن، خيالن ۽ خوابن مطابق پيدا ڪيا ويندا رهيا آهن. انهن جي جواب ۾ عوام منجهان هيرا بہ آهن. مثلاً ڪپرڙو چور، وتايو فقير، مُلا نصيرالدين وغيره پر اهي استثنائون آهن. خود انهن جي سوچ بہ وقت جي حڪمران سوچ جي دائري اندر آهي، ٻاهر ڪانهي.

ٻئي طرف اڳوڻي ترقي پسند ادب جا هيرا آهن، اهي سماج جا ڌڪاريل، ڪِنا، قابلِ نفرت ماڻهو جن جي دل ۽ روح ۾ ڪا شيءِ آهي جا گندي ٿيڻ کان بچي وئي آهي.

پر اهي ڪردار بہ عوام منجهان مثالي ڪردار ناهن. اهي صرف عوام جي پستيءَ جا، جهالت جا، مظلوميت جا ۽ بيوسيءَ جا نمائندا آهن. جيئن اسان چئي چڪا آهيون، عوام رڳو پستي ۽ جهالت ناهن، مظلوميت ۽ بيوسي ناهن. عوام هر پستي، جهالت، مظلوميت ۽ بيوسيءَ جي باوجود لکن ڪروڙن خوبين، گُڻن ۽ قوتن جون کاڻيون ۽ ڀنڊار آهن. کاڻيون کوٽي ۽ ڀنڊار کولي ڏسبو تہ، ڪچي ۽ اڻ گهڙيل حالت ۾ ئي سهي، حقيقي سمجهہ، عقل، همت، سونهن، سچائي، عظمت ۽ سورهيائيءَ جا اصل خزانا عوام وٽ ئي آهن ۽ نہ سندن دشمنن وٽ.

## عوامي ادب جا اڳوڻا هيرا ۽ هاڻوڪا هيرا

چيخوف، منٽو ۽ ڪرشن چندر وغيره ترقي پسند اديبن، جاگيردارن ۽ سرمايہ دار نقطي نگاهہ وارن جُڙتو هيرن بدران عوام مان هيرا تخليق ڪري پيش ڪيا.

انهن هيرن مان گهڻا ظاهري صورت ۾ غريب بدمعاش هئا، ڊُليل ۽ گمراهہ، بيوقوف ۽ ظالم هئا. گندي زبان استعمال ڪندا هئا ۽ اڪثر گندا ڪم ڪندا هئا، پر فنڪارن ڏيکاريو تہ انهن جي انسانيت مڪمل طرح مري ڪانہ وئي هئي. سندن زندگين جي رَکِ ۾ شرافت جون ڪِئين چڻنگون لڪل هيون. اهي ظاهري اڇن اُجرن ۽ اندر جي ڪارن منافقن ۽ مڪارن کان دل جا وڌيڪ صاف ۽ سُٿرا اڇا اُجرا انسان هئا.

پر زندگيءَ جي، خاص ڪري اڄ جي زندگيءَ جي، رڳو اها حقيقت ڪانهي تہ ڪارين دلين ۾ اڇن اُجرن ڪپڙن وارن ماڻهن سان گڏوگڏ ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن وارا ۽ اڇين صاف سٿرين دلين وارا ماڻهو بہ موجود آهن پر زندگيءَ جي غالب حقيقت اها آهي تہ اڳ بہ هميشہ اهڙا ماڻهو موجود رهيا آهن ۽ هن دؤر ۾ تہ خاص ڪري اهڙا گهڻا ماڻهو موجود آهن، جيڪي نہ رڳو ظاهري سُٺن ۽ اندر جي خراب

Gul Hayat Institute

ماڻهن جي پيٽ ۾ گهڻا خراب بلڪ بهتر انسان هئا ۽ تن جي ظاهري سُٺن ۽ اندر جي خراب ماڻهن جي بلڪل اُبتڙ هئا ۽ آهن. اهي خراب رُوپ ۾ چڱيرڙا ماڻهو نه پر سُٺي روپ ۾ سُٺا انسان هئا ۽ آهن. جيڪي اندر به عظيم هئا ۽ آهن ۽ ٻاهر به شاندار هئا ۽ آهن. اڄوڪي دؤر ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اهڙا ڪوڙ ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي زندگين کي ڀرپور نموني ماڻڻ لاءِ، انسانيت جي اعليٰ ترين آدرشن لاءِ، مظلوم ماڻهن جي تقدير لاءِ هڪ نئون جهان اَڏڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي وقف ڪريو ويٺا آهن. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي حق ۽ سچ جي هڪڙي مُني ٿيو بيٺو آهي. هو روز تلاش، جاکوڙ سهپ، قرباني ۽ سورهيائيءَ جا اهڙا بي انداز اڻ لکا توڙي ظاهر، ننڍڙا توڙي وڏا ڪارناما سرانجام پيا ڏين، جو جيڪڏهن هيءُ دؤر اڳين دؤر وانگر هجي ها ته ماڻهو کين رشي مني ۽ اَولياءُ بلڪ ان کان به وڌيڪ درجو ڏيئي سندن پير چُمن ها.

## پل پل هڪ ڪارنامو

تنهن کان سواءِ منجهان عام مرد ۽ عورتون، ٻار ۽ ٻُڍا جيڪي پهاڙ جهڙيون زندگيون گذاريندا رهيا آهن، تن جو هڪ هڪ پل سهپ جاکوڙ تخليق ۽ سورهيائيءَ جو ڪارنامو پئي رهيو آهي. هر زندگي هڪ معجزو آهي، هڪڙي رن زال، ولر يتيم ٻارن جو هڪڙو مڙس، لشڪر ويرين جو هڪڙو پساهه ۽ محرومين، بيمارين، ڏکن، اڻ هوندن، خوفن جا ڪٽڪ! رستمن ۽ سهرابن جا داستان، حالتن آهر، هنن داستانن جي پيٽ ۾ ڦڪا ۽ خسيس آهن.

عوام ۾ حالتن آهر اهڙا اهڙا حرفتي، چالاڪ، قابل ۽ ڏاها ماڻهو پيا آهن، اهڙا اهڙا تخليقي ذهن رکندڙ ۽ ڪاريگر ماڻهو پيا آهن، اهڙا اهڙا وينجهار ۽ ڳچيءَ جا هار ماڻهو پيا آهن، اهڙا اهڙا اڻ موٽ، مٿير ۽ قنڌار مرد، عورتون ۽ ٻار پيا آهن، جو انهن جي پيٽ ۾ ادبي پٽن ۽ مگڻهارن طرفان ماڻهن تي ٿاڦيل ڦورو ۽ ظالم طبقن ۽ سندن حوارين ۽ پڇ لٽڪائوئن جا هيرا ڇڻ ته ڏوڙ ۽ ڦلهيار آهن.

جيئن اسين ڳالهه ڪري آيا آهيون ته ادب رڳو فوٽوگرافي ڪونهي. اهو خالق ۽ سينگاريندڙ به آهي. نئين عوامي ادب کي عوام جي سچن پچن سُٺن اعليٰ ۽ سُورهيه ڪردارن جي ڪچي سون کي چمڪائي ۽ گهڙي ان مان ادبي ۽ فني ڪرشما پيدا ڪري ڏيکارڻا آهن.

انقلابي ادب کي به اهو حق هئڻ گهرجي، بلڪ سندس ڪم هئڻ گهرجي ته عوام کي پنهنجو پاڻ ۾ وڌيڪ اعتماد ڏيڻ، کيس آئنده جون تصويرون اڳواٽ ڏيکارڻ ۽ سندن جدوجهد کي تيز تر ڪرڻ لاءِ اهو سُٺن، روشن خيال ۽ انقلابي ماڻهن ۽ تحريڪن بابت

Gul Hayat Institute

دستوري ادبي وڏاءَ مفروضن ۽ سينگار کان ڪم وٺي، ڪين اهڙو سيبتو سُٺو روشن خيال، سجاڳ، سمجهو ڏاهو متحد، متحرڪ، گهڻ-گهڻو سڀ طرفو ويڙهو سُورهيه ۽ شاندار ڪري پيش ڪرڻ جهڙا اڇا هو حقيقت ۾ نه ٿي سگهيا آهن.

اهڙو ماحول، اهڙيون حالتون، اهڙا فرد، اهڙا گروهه، اهڙيون تنظيمون، اهڙا ڪارناما، اهڙيون ڪاميابيون اڄ ئي چٽي پيش ڪرڻ گهرجن، جن اڃا وجود حاصل نه ڪيو آهي ۽ سياڻ وجود ۾ ايندڻون.

اهڙا روشن ۽ بلند خيال، مائٽ، اهڙا پائر ۽ پيٽيون، اهڙا دوست اهڙا ساٿي، اهڙا اعليٰ عاشق ۽ معشوق، اهڙا بلند پائي جا انساني ناتا ادب ۾ فن وسيلي تخليق ڪري ڏيکاري جي عوام لاءِ مثالي بنجن ۽ ڪين به اهڙو ٿيڻ لاءِ هر ڪائين.

عوام کي بنهه وڏيون نه ته ننڍيون ننڍيون ۽ وچٽريون ڪاميابيون حاصل ڪندو ڏيکاريو وڃي. اسان جا هيرا محبت ۾، علم ۾، پورهئي ۾، جدوجهد ۾، انقلاب ۾، پاڻ کي بدلائڻ ۾، نئون مثالي انسان ٿيڻ ۾ بين هزارين ڳالهين ۾، ڪامياب ٿي سگهن ٿا ۽ ڪجهه ٿيا به آهن. گهربل حالتون تخيل جي مدد سان تخليق ڪري سگهجن ٿيون.

سونهاري صبح جون جهلڪيون اڄ ئي ماڻهن کي پسائي، ڪين مٿس موهت ڪري، انهن جي وڏيڪ ڪوشش سان، ان صبح کي وڏيڪ ويجهو آڻڻ گهرجي.

**پيرَ حقيقتن جي زمين تان ڪڃي نه وڃن!**

ان سموري عمل جي دوران اديب جا پيرُ پنهنجي دؤر ۽ سماج جي بُنيادِي حقيقتن جي ڌرتيءَ تي مضبوطيءَ سان کُتل هجن.

حقيقت ۽ فنڪاريءَ جو پاڻ ۾ لاڳاپو ۽ توازن اهڙو آهي جهڙو ٻوڙ ۽ مصالحي جو بنا مصالحي جي ٻوڙ به ڪونه ٺهندو ۽ حد کان وڌيڪ لوڻ مرچ وارو ٻوڙ به ٻوڙ نه ٿبو! اهو ڪم وڏي قابليت، توازن ۽ ڪاريگريءَ جو آهي.

آهستي آهستي ۽ ڏاڪي به ڏاڪي اهي ڳالهيون محنت سان سِکي وڃبيون، غلطيون ٿينديون ۽ ضرور ٿينديون، ماڻهو به کِلندا پر غلطيون درست ڪري سگهجن ٿيون ۽ ماڻهن جي کِل کي تحسين ۾ بدلائي سگهجي ٿو.

**عوامي نقطي نگاهه، عوامي موقف يا بيهڪ**

نئون عوامي ادب زندگيءَ جي هر حقيقت کي سرمايه دار يا جاگيردار يا سامراجي يا خود سفيد پوش ۽ وچولي طبقي جي نقطي نگاهه جي بدران باخبر ۽ باشعور پورهيت عوام جي نقطي نگاهه سان ڏسندو، سمجهندو ۽ پيش ڪندو. اهو ادب پاڻ کي انهيءَ عوام جي پوزيشن ۾ وجهي انهيءَ موقف کان دُنيا کي ڏسندو.

Gul Hayat Institute

اهڙيءَ ريت اهو رڳو پورهيت عوام بابت ادب نہ هوندو پر ان سان گڏ پورهيت عوام جي نقطي نگاهہ ۽ موقف وارو ادب بہ هوندو. پورهيت نقطي نگاهہ ۽ بيهڪ يا موقف اهو جيڪو هن دؤر جي سڀ کان ترقي يافتہ انقلابي پورهيت نظريي جي روشنيءَ ۾ بنيو هجي ۽ نہ اڻ ڄاڻ، بي سمجهہ ۽ پرمتڙي پورهيت سوچ ۽ سمجهہ جي اوندهہ ۾.

## قومي عوامي جمهوري سامراج دشمن انقلابي ادب

اهو ادب قومي هوندو. چو تہ اهو قومي برابريءَ جو علمبردار ۽ قومي قُرلت ۽ جبر جو جاني دشمن هوندو. اهو عوام جي وڏي گهڻائيءَ لاءِ هوندو ۽ نہ رڳو ٿورڙن پريلن پيٽن لاءِ يا رڳو سفيد پوشن لاءِ. اهو عوام جي حقن ۽ جمهوريت جو حامي ۽ فسطائيت ۽ سامراج جو دشمن هوندو. اهو عوام جي زندگيءَ کي، هن دنيا کي بُنيادِي ۽ مڪمل طرح بدلائڻ جو علمبردار هوندو ۽ نہ رڳو ان تي افسوس ڪرڻ ۽ ان ۾ ڪجهہ نيون ڇِتيون هڻڻ جو.

## سَوَلو، عام فهم جو ادب

اهو ادب ڪوشش ڪري سَوَلو آسان ۽ ماڻهن کي سمجهہ ۾ اچڻ جهڙو هوندو تہ جيئن اهو عوام جي وڏي گهڻائيءَ کي سولائيءَ سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ۽ اهي ان مان پنهنجي زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ نئين روشني ۽ سگهہ حاصل ڪري سگهن.

## رڳو ڪهاڻيون نہ، ناول بہ لکڻ گهرجن

سنڌي ادب ۾ گهڻو ڪري رڳو ڪهاڻين جي پرمار آهي. ناول جي سخت اڻاٺ آهي.

عام طرح ڪهاڻي گهڙيءَ جو ڇُٽڪو آهي. اها زندگيءَ جي فقط ڪنهن هڪ اڌ ڪردار، واقعي، تاثر ۽ پل جي ڳالهہ آهي. اها زندگيءَ جي گهڻ-پاسائيءَ کي نظرانداز ڪري ٿي. عام طرح ناول جو دائرو وسيع آهي. ان ۾ اڪثر ڊگهن عرصن، گهڻن واقعن ۽ گهڻن ڪردارن جي ڳالهہ هوندي آهي. اهو ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ زندگيءَ جي گوناگوني، گهرائي، پيچيدگي، ڊيگهہ ۽ ويڪر، بلنديءَ ۽ پستيءَ جي وڌيڪ ڪاميابيءَ سان ترجماني ڪري ٿو.

ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ ناول لاءِ زندگي وسيع ۽ گهرو تجربيڪار ۽ بالغ فن ۽ سوچ گهرجي. ان لاءِ زندگيءَ جو ڪونہ ڪو منظم فلسفو گهرجي ٿو.

چيو وڃي ٿو تہ ماڻهن وٽ ناولن لاءِ وقت ڪونهي. ان ڪري ڪهاڻيون وڌيڪ ڪارگر ۽ مقبول آهن؟ ڪو پڇي تہ اهي ڪهڙا ماڻهو آهن جن وٽ دلچسپ ۽ مَنَ موهيندڙ ناولن لاءِ وقت ڪونهي؟ آمريڪا ۽ يورپ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو هجن تہ پلي

Gul Hayat Institute

باقي اسان وٽ تہ هرو ڀرو اجا اهڙي رات ڪانہ پئي آهي! اسان وٽ تہ ماڻھو اجا بہ وڏي ذوق شوق سان گل بڪاولي، ممتاز دمساز الف ليليٰ جا نعالم ۽ ليليٰ مجني، شيرين فرهاد، سسئي پنهون، مومل راڻي وغيره جا داستان پيا پڙهن. پڙهن ٿا تہ رکڻ تي دل نٿي ٿئين! اڄ ڀهراڙين ۾ گهر گهر پڙهيل وينا آهن. ماڻهن جي باشعور ۽ بامقصد پسند وٽان ناول هجن تہ ماڻھو بئي پاسي لوڙو بہ ڪونہ هٽندا.

جن اديبن کي ناول لکڻ جو ڪجھ نہ ڪجھ ڏانءُ هجي ۽ وٽن عوام جي بامقصد ۽ باشعور پسند جي ڪا ڳالھ، ڪو پلاٽ هجي تہ انهن کي گهٽي ۾ گهٽو ڏيان ان پاسي ڏيڻ گهرجي. بالغ نظر اديبن کي موجوده حالتن ۾ ناول لکڻ ئي جُڳائي ٿو.

آهين جي مڙس، گل تون درس، گهڙ منجهہ تار، ڏي تاريون،
چاکي ٿو چوکرن جئن، ننڊڙي پاڻيءَ ۾ ڪرين چپ چپ!
(خليفو گل)

## ماضيءَ جي ادب ڏانهن رويو

ماضيءَ جي ادب ڏانهن نئين ادب جو رويو ”خذما صفادع ماکدر“ (جيڪي چڱو آهي سو هٿ ڪريو، جيڪو خراب آهي تنهن کي ڇڏيو) وارو هئڻ گهرجي.

ان ادب کي تنقيدي نموني ڪتب آڻڻو آهي. هر تخليق جي سُٺين ڳالهين کي پِرائڻو آهي، بُرين عوام دشمن ڳالهين ۽ سوچن کان بچڻو آهي ۽ انهن کي رد ڪرڻو آهي.

اڻويهين صديءَ جي مشهور جرمن اديب ۽ شاعر هينرڪ هائين Heinrich Heine جي ڳالھ کي بہ ڌيان ۾ رکڻو آهي تہ ”هر دؤر جڏهن نوان خيال حاصل ڪري ٿو تڏهن هو انهن نون خيالن سان گڏ نيون اکيون بہ حاصل ڪري ٿو. ان ڪري اڳين زمانن جي ذهني تخليقن ۾ ڪيس گهڻيون ئي نيون ڳالهيون نظر اچن ٿيون.“

## ٻہ ڪسوٽيون

ماضيءَ جي ادب کي اڄ ڪهڙي ڪسوٽيءَ تي پرکجي؟

ڪسوٽيون ٻہ هئڻ گهرجن، نہ رڳو اها هڪڙي جيڪا عام طرح ٿيندي رهي آهي.

اها عام ڪسوٽي آهي تہ اهو ادب جنهن دؤر ۽ ماحول ۾ خلقيو ويو هو انهن جي مجموعي حالتن ۾ ترقي پسند هو يا رجعت پرست.

ٻي ڪسوٽي اها آهي تہ اهو اڳوڻو ترقي پسند ادب اڄ جي دؤر ۽ حالتن ۾ ڪيتريءَ حد تائين ترقي پسند رهجي ويو آهي؟ اڄ جي ترقي پسند سوچن سان ڪيتري قدر هم آهنگ آهي؟

هومر، هوريس، ورجل، ڪاليداس، شيڪسپيئر وغيره پنهنجي دؤر ۾ تہ سبحان الله هئا. اڄ تائين سندن ڏاڪون آهن، پر انهن جون سوچون اڄ جي حساب سان ڪيتري قدر ترقي پسند ۽ عوام دوست آهن، سو حساب اڄ نئين سر لڳائڻو پوندو ۽ ايندڙ هر دؤر ۾ اهو سلسلو جاري رکڻو آهي.

Gul Hayat Institute

انهن ٻنهي ڪسوٽين تي پرکڻ کان پوءِ، ماضيءَ جي اعليٰ ادب جو باخبر ۽ باشعور عوام جي نقطي نگاھ کان جيڪو رُتبو وڃي بيهي، سو مقرر ۽ قائم رکڻ گهرجي.

## دنيا جي اڳوڻي توڙي اڄوڪي اعليٰ عوامي ادب جي ڳولا ڪريو!

عالمي ادبي پبلسٽي، خريد فروخت، ڇپائي ۽ ترجمي ۽ تنقيد تي سرمايہ دار سامراجي طبقن جي قبضي هئڻ ڪري ۽ ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ عوامي ادب خلاف ڪات ڪهاڙا ڪنيل هئڻ ڪري ٽين دنيا جي ملڪن ۾ جيڪو اڳوڻو توڙي اڄوڪو اعليٰ ادب اصلوڪي صورت ۾ يا ترجمن جي صورت ۾ اچي ٿو ۽ جيڪو پڙهايو وڃي ٿو، سو درحقيقت دنيا جو پراڻو ۽ نئون بهترين ادبي مال ڪونهي.

مرزا قليچ بيگ جو مثال وٺو. هن تي اسان کي جائز طرح فخر ۽ ناز آهي ۽ رهندو پر هن جيڪي ترجما ڪيا، سي شيڪسپيئر کي ڇڏي ٻيا ڇا ان زماني جي عالمي ادب جا نمائندگي ڪندڙ ادب جا ترجما هئا؟ نہ. ”گلن جي ٽوڪري“ وغيره ناول ايستائين تخليق ٿيل اعليٰ ادب ۾ شامل ٿي نہ هئا. رڳو ايترو ياد رکڻ ٿي ڪافي نہ ٿيندو تہ يورپ جو جڳ مشهور سرمايہ دار جمهوري انقلاب ادب خاص ڪري عظيم فرينچ انقلاب کان اڳ جو انقلابي ادب، مرزا صاحب جي زماني کان اڌ صدي اڳ موجود ٿي چڪو هو! حقيقي اعليٰ ادب انگريز سنڌ ۾ اچڻ ٿي ڪونہ ڏين ها. ترجمي ڪرائڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿي ٿيو.

اڄ ڪلهہ جيڪو آمريڪا، يورپ ۽ ٽين دنيا جي ملڪن جو ”چونڊ ادب“ ترجمو ٿي اسان اڳيان اچي ٿو، تنهن جو ڳچ حصو يا تہ بنهہ وللي واويلائي زوالي گند ڪچرو آهي يا غيرعوامي، غيرانقلابي خَسِيس قسم جو بي مقصد ۽ گهٽ فني معيار جو ادب آهي. خود پورهيت اقتدار وارن ملڪن جي ٻولين مان جيڪو ادب ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ آڻجي ٿو، سو بہ گهڻا پيرا پراڻو سرمايہ دار دؤر جو وللي واويلائي ادب هوندو آهي! حالانڪ اڄ عالمي ادب آسمان جي بلندين کي ڇُهيو بيٺو آهي!

ڏکيءَ توءِ ڏڪار ٽوٽي وسن مينهڙا. (لطيف)

ان ڪري اسان کي گذريل توڙي هاڻوڪي ادب جو نئين سر مطالعو ڪري ان مان چونڊ ادب ترجمان ۽ تلخيصون ڪري سنڌيءَ ۾ آڻڻ گهرجي. دنيا جي اعليٰ عوامي ادب ۾ نہ رڳو سرمايہ دار دنيا جو اعليٰ عوامي ادب پر پورهيت نظام وارن ملڪن ۽ ٽين دنيا جي ملڪن جي اعليٰ عوامي ادب کي بہ شامل ڪرڻ گهرجي.

## اڄوڪي ترقي پسند ادب ڏانهن رويو

اڄوڪو ترقي پسند ادب، نہ سمورو پورهيت انقلابي ادب آهي ۽ نہ صحيح ۽ ڀرپور معنيٰ ۾ ترقي پسند ادب آهي. ان ادب جي باخبر ۽ باشعور پورهيت عوام جي عالمي نقطي نظر، سماجي سمجهہ ۽ پروڙ، انقلابي عوامي موقف جي دوربيني ۽



Gul Hayat Institute

خوردبينيءَ سان تپاس ۾ چنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي. ان جي حقيقي ترقي پسند جُزن ۾ رجعت پرست جُزن کي الڳ ڪري، ان ادب ڏانهن ان حساب سان رويو قائم ڪرڻ گهرجي.

**نئين اُسرندڙ عوامي ۽ پورهيت ادب ۽ فن جي همت افزائي ڪجي**

هر طبقي جي نمائندگي ڪندڙن ۾ سُٺا ۽ خراب اديب ۽ فنڪار ٿين ٿا. هرڪو چاهيندو ته جيڪا به تخليق پيش ٿئي يا ٻين ڳالهين سان گڏ فني طرح به اعليٰ درجي جي هجي.

عام طرح سرمايه دار ۽ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ عوامي اديبن جي ڀيٽ ۾ جاگيردار، سرمايه دار، رجعت پرست ۽ سامراج پرست لاڙا رکندڙ اديب فني طرح وڌيڪ تجربيڪار، قابل ۽ مقبول آهن.

پورهيت عوامي ادب جي انهن ملڪن ۾ اڃان جڻ شروعات آهي. هر ٻي نئين شيءِ وانگر اهو ادب به شروع ۾ ڪچو ڦڪو هوندو. عوامي اديبن جو فرض ٿيندو ته هو ٻين ڳالهين سان گڏ فن جي پختگيءَ تي به خاص ڌيان ڏين ۽ ڏاڪي به ڏاڪي ان جو معيار وڌائين.

ٻئي طرف عوام جو به فرض آهي ته عوام دشمن يا غير عوامي ادب جي ڀيٽ ۾ ڪچي ڦڪي اُسرندڙ نئين عوامي ۽ پورهيت ادب جي همت افزائي ڪن ته جيئن اهو سندن مدد ۽ همت افزائيءَ سان جلد از جلد پنهنجو معيار اوچي ۾ اوچو ڪري عوام دشمن ۽ غيرعوامي ادب کان ان ڳالهه ۾ گوءِ کڻي وڃي.

دراصل پَس پيش صحيح عظيم عالمي ادب اهو پورهيت ادب ئي ٿيندو، جو ته اهو ئي ڌرتيءَ جي ڌيئن پُٽن جي وڏي اڪثريت جي جذبن ۽ صلاحيتن جي ترجماني ڪري ٿو. جڏهن اهو اسان وٽ وهيءَ چڙهندو تڏهن اهي رنگ ڪري ڏيکاريندو، جو ماڻهن کي اڳيون خبرون وسري وينديون.

راڻو ئي راڻو ريءَ راڻي جي ناهه ڪو!

Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ اڄ به ٿورن وڏن اديبن ۽ شاعرن کي ڇڏي، ٻين گهڻن کي اسان جا نوان اُسرندڙ پورهيت اديب ۽ شاعر آشي ڪشي ملهون ماريو بيٺا آهن! اڃان ته ڪٿي ڳالهه پئي آهي!

**عام ٿورو پڙهيل غريب ماڻهو به اديب ٿي سگهن ٿا ۽ ضرور ٿين!**

حقيقي عوامي ادب تڏهن تخليق ٿيندو، جڏهن خود شهري ٿوڙي ٻهراڙيءَ جا ڏکن ڏاڏل، ماريل پيڙهيل غريب ماڻهو قلم هٿ ۾ کڻندا.

جتـي باهـه ٻـري اهـا جـاءِ جلـي،
کهـڙا سـيڪ پـاڙي واليـان نـون!

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو سنڌ ۾ ڪيئين پورهيت ماڻهو چڱا شاعر ۽ اديب ٿي ويا آهن. ادبي رسالن وارن کي کپي تہ اُنهن جي همت شڪني نہ، همت افزائي ڪن. خاص ڪري آتم ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ پورهيت ماڻهن سان ڪو بہ مقابلو ڪري ڪونہ سگهندو. هر ٿوري گهڻي پڙهيل، غريب پورهيت ماڻهوءَ کي، پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي ٻين کي پڙهي ٻُڌائڻ گهرجي. جيڪي وڏيڪ سُٺيون هجن، تن کي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

## فوري اشاعت نہ ٿئي تہ پرواهہ ڪانهي

هونئن تہ ادب آهي ئي ڇپجڻ لاءِ پر ڪي حالتون اهڙيون بہ ٿينديون آهن، جن ۾ جيڪي لکڻ ضروري آهي، سو في الحال ڪن سببن جي ڪري ڇپجي نہ سگهندو آهي. اهڙين حالتن ۾ لازم آهي تہ صحيح عوامي ادب جي تخليق جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي، هر حالت ۾ جاري رهي، چاهي اهو هڪدم ڇپجي سگهي يا نہ.

دنيا جا ڪي تمام وڏا شاهڪار فوري طرح ڇپجي نہ سگهيا. اڳئين زماني ۾ پريسون ۽ اخبارون ڪونہ هيون. قلمي نسخن تيار ڪرڻ لاءِ هزارين روپيا خرچ ۽ ڪيئين سال وقت لڳي ويندو هو. ڪي ڪتاب تہ ماڻهن لکي ٽيهہ ٽيهہ سال رکي ڇڏيا، پوءِ شايع ڪيا. سائنسدان ڪاپرنيڪس پنهنجو جڳ مشهور سائنسي شاهڪار ”انساني جسمن جي حرڪت جا قائدا“ مرڻ کان ٿورو اڳ ۽ لکڻ کان 30 سال پوءِ شايع ڪرائڻ جي اجازت ڏني!

## عوام دشمن ادب تي تنقيد ڪريو!

ادب بابت عام ماڻهن جو اهو رويو پئي رهيو آهي تہ ماڻهن کي جيڪو وڻي سو ادب تخليق ڪن. وڻندو تہ پڙهنداسين، نہ تہ نہ پڙهنداسين. اهو رويو نقصانڪار آهي. اڄ هر مسئلو عوام جو مسئلو آهي. اهي زمانا ويا جڏهن عوام هن ڌرتيءَ کان لاوارث ۽ لاتعلق هو. هاڻ هر ڪم سان سندس واسطو آهي. عوام ئي وارث ۽ مالڪ ٿيو آهي هر ڳالهہ جو.

Gul Hayat Institute

سوچڻ گهرجي تہ عوامي ادب تي عوام دشمن جا ڇاڙتا ڪيڏا نہ ڇتا ڇچرات ٿا ڪن! کهڙن کهڙن بيهودن دليلن ۽ حجتن جا ڏندا ٿا اُلارين! ڪيڏيون نہ اکيون ٿا ڦوٽارين! ڪيڏو نہ مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي ٿا وڃن! ان جو سبب اهو آهي تہ ادب ۽ فن وانگر، ادبي ۽ فني تنقيد ۽ پرک بہ، طبقاتي مفادن، لاڙن ۽ ذهني، فڪري، جذباتي، روين ۽ عادتن کان هرگز بالاتر ڪانهي. اها بہ ادبي ۽ فني ميدان ۾ هڪ طبقاتي هٿيار طور ڪتب ايندي رهي آهي.

## ”بادا بي ميار“ نہ ٿيو!

اهڙي حالت ۾ ڇا اسين عوام دشمن ادب ڏسي ”بادا بي ميار“ ٿيا وينا هجون، ڄڻ الائي ڪنهن جي بازار پئي لُٽجي؟ نہ! عوام اڳيان جيڪا هڪ هڪ سِٽَ بازار

۾ پيش ٿئي ٿي، تنهن جي اسان کي پوري پوري ڇڪاس ونڻ گهرجي ته اسان جي دشمن سِٽَ آهي يا دوست سِٽ.

ظاهر آهي ادبي پرک جا معيار پنهنجا آهن. ان لاءِ ڪجهه ڄاڻ، تجربو ۽ هنر گهرجي، پر هرويرو تنقيد اهڙي "ڄُوڄ بلائي" به ڪانهي، جو ماڻهو ڊپ کان ويجهو به نه وڃيس! گهڻو ڪري ته "سُر ڪنيو راڳ پروڙيو" ۽ "ڪرمي پٽ پينگهن ۾ پڌرا" واري ڳالهه وانگر ماڻهو گهڻين حالتن ۾، گهڻو ڪري، اُٺندي ئي سمجهي ويندو ته ماکي آهي يا زهر. واقعي ادب آهي يا نلهي ولل ۽ يخي برائي يخي.

تنهن ڪان سواءِ اسان جي سڄاڻ ترقي پسند پارڪن کي به پنهنجو ڪم وڌيڪ وسيع، گهرو ۽ تيز ڪرڻ گهرجي. ڪين پنهنجي ادبي نظرياتي پيڙهه وڌيڪ پختي ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري سائنسي فلسفي تي گهري دسترس ۽ مڪمل عبور حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ادب ۽ ثقافت بابت جُڙتو سامراجي نظرين جون پاڙون پٽڻ گهرجن.

جُڙتو "نئين ادب ۽ فن" جي پاڙپٽڻ ۽ سچي نئين ادب ۽ فن کي زور وٺائڻ، ادب ۽ فن جي ميدان ۾ اڄ جي دؤر جو هڪڙو اهڙو اهم ترين ۽ مقدس ترين عوامي فرض آهي.

Gul Hayat Institute

# ڪنڌهر

## (”ڪونج“ مخزن، جو ڪهاڻين جو مجموعو)

ڀارت جي ’نئين‘ سنڌي ڪهاڻيءَ جي هاڪ گهڻي زماني کان سنڌ ۾ ٻُڌبي اچي، پر ڪيترا ڀيرا ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ ان ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار جو پورو اندازو نہ لڳي سگهيو. سبب اهو هو جو نئين ڪهاڻين جي نہ ٻولي سمجھ ۾ ٿي آئي، نہ وري اسٽائيل ۽ نہ مطلب. هر ڀيري پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ سستيءَ کي ڏوهہ ڏيئي، ٻئي دفعي ضرور بہ ضرور ڪجھ ڪهاڻيون پڙهڻ جو دل ئي دل ۾ وَعدو ڪبو هو.

آخر هن پرچي جي ڪهاڻين کي اول يڪساهيءَ، پوءِ ور ور ڏيئي پڙهي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ اکرن جي معنيٰ، لکڻ جي ڍنگ جون رمزون ۽ مقصدن جون مامون پروڙڻ کان پوءِ ڪجھ ڪجھ اندازو ٿيو آهي تہ ڳالھ ڇا آهي.

ڪونج رسالو هن ’نئين‘ سنڌي ڪهاڻيءَ جو سڀ کان وڏو سرچشمو ۽ علمبردار آهي. ان جي هن چوندڊ ڪهاڻي پرچي جي ڪهاڻين پڙهڻ مان پتو پوي ٿو تہ ڀارت جي ’نئين‘ ڪهاڻيءَ جا پار پتا ڪهڙا آهن.

Gul Hayat Institute

هن مجموعي ۾ سڀ کان اول ڪهاڻيڪارن جو مختصر ادبي تعارف ڏنل آهي. ان بعد شيام جئسنگهاڻيءَ جي لکيل 17 صفحن جي سمپادڪيہ (ايڊيٽوريل مضمون) سان گنو سامتاڻي، ثميره زرين، هريش واسواڻي، وشنو ڀاٽيا، ايشور چندر، انند کيماڻي، شيام جئسنگهاڻي، جون ست ڪهاڻيون ڏنل آهن. تعارف مان ڏسي سگهجي ٿو تہ جن ڀارتي سنڌي ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون مجموعي ۾ شامل آهن، سي ڀارت جا ناليرا ’نوان‘ ڪهاڻيڪار آهن. منجهانئن جنهن گهٽ ۾ گهٽ ڪهاڻيون لکيون آهن، يعني شيام جئسنگهاڻي، سو بہ چوڏهن جي انگ کان چڙهيل آهي. ڇئن ڄڻن ويهن کان مٿي ڪهاڻيون لکيون آهن. منجهانئن هڪڙو

(وشنو ڀاٽيا) تہ ڏيڍ سئو کان بہ گھڻيون ڪھاڻيون لکي چڪو آھي ۽ سندس ڪھاڻين جا سڄا سارا چار مجمُوعا ڇپجي چڪا آھن. گني ۽ شيام جو ھڪڙو ھڪڙو ۽ ايشور چندر جا بہ ڪھاڻين جا مجمُوعا ڇپجي چڪا آھن. اھي سمورا ڪھاڻيڪار ناول نويس بہ آھن.

گني سامتاڻيءَ جي ڪھاڻي ’ڪنڌھر‘ ۾ ھڪڙي عورت ھڪڙي مرد جي دل ۾ 20 سالن جو پراڻو پيار جاڳائي نئون ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، مگر ھُو سڀ ڪجھ وساري ويٺو آھي ۽ ياد ڪرڻ نٿو چاھي.

ثميره زرين جي ڪھاڻي ’ھي گيت اُجايل مورن جا‘ ۾ ھڪڙي خوبصورت جوڙي ڪي ھڪ ٻئي لاءِ تڙپندو ڏيکاريو ويو آھي. آخر ۾ انڪشاف ڪيو ويو آھي تہ ھو وڇڙيل ڏيءَ ۽ پيءُ آھن.

ھريش واسواڻيءَ جي ڪھاڻيءَ ۾ ھڪ پُٽُ ڪي پنھنجي پيءُ جي موت بعد پڻس جي زندگيءَ تي ويچار ڪندو ۽ قياس ڪائيندو ڏيکاريو ويو آھي.

وشنو ڀاٽيا جي ’لمبي چوڙي‘ عنوان واري ڪھاڻي ’ھيمنگوئي تلوار، ڍڳي جا سڱ ۽ شينھن جا سپنا‘ ھڪ اھڙي مرد جي ڳالھ آھي، جو گھڻيءَ آواره گردي ڪرڻ ڪري مرداني طاقت وڃائي زال اڳيان پشيمان ٿيو ويٺو آھي.

ايشور چندر جي ڪھاڻي ’ائنٽي روٽن‘ ۾ وري ھڪڙي مرد ڪي ٻارن جي واڌ جي ڌپ ۽ چمڙي روڪ جي وسيلن بروقت موجود نہ ھئڻ ڪري لاچار زال سان ھم بستر ٿيڻ جي چوٽ چڙھيل جذبي ڪي دٻائيندو ڏيکاريو ويو آھي.

شيام جئسنگھاڻيءَ جي ڪھاڻي ’ڪوئي جو موت‘ ھڪ فلمي اسڪرپٽ لکندڙ مرد ۽ فلمن ۾ ڪم ڪندڙ ھڪڙيءَ ڇوڪريءَ جي وچ ۾ وقتي ميلاپ ۽ وڇوڙي جي ڳالھ آھي.

آنند ڪيماڻي جي ھڪ ’نئين شروعات‘ ۾ زال جي معاملي ۾ ظاھري طرح آزاد خيال ۽ دل ئي دل ۾ جلندڙ مرد جي ڳالھ آھي، جو پنھنجي زال کي نوڪري ڪندو ۽ ٻين مردن سان ملندو ڏسي پنھنجو حسد نٿو لڪائي سگھي.

ڪھاڻيڪارن جي لکڻيءَ جي نموني جو ٿلھي ليکي ۽ متاثرو اندازو شايد ھتان ھُتان ڪنيل ھنن ٽڪرن سان لڳائي سگھجي:

گني جي ڪھاڻيءَ جي شروعات اجھو ھيئن آھي: ”.... رستو ھن جو سڃاتل تہ ھو، پر گھڻي عرصي بعد اتان لنگھندي ھن پاڻ ڪي سڃاتل رستي تي اجنبي محسوس ڪيو. ھيءُ موڙ ھو؟ ڪٿي ھو؟ ھا، ھو يا شايد ھن موڙ تي جڳھ نئين نھي آھي، يا شايد جڳھ بہ ھئي، پر دڪانن جي اڏاوت نئين ۽ رستي جي ساڄي پاسي

Gul Hayat Institute

ٽئين نمبر گهٽيءَ ۾ اندر مڪان نمبر چوٿون (چوٿون؟) هن سوچيو. هن ڪجھ ياد ڪيو. ها، چوٿون، شنڪر جو گهر...“

ثميره جي ڪهاڻيءَ ۾ پارٽيءَ اندر فريال جو پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏيان اِجهو هيئن ڇڪايو وڃي ٿو:

”او...!!“ حيرت مان هن جا چپ گول ٿي ويا. هن فريال کي آهستي چيو: ”اڙي فريا... هو ڏس بازيد! اسان جي پر واري ٽيبل تي...“

فريال کان ذري گهٽ ڇرڪ پرجي ويو. ”هان سچ!؟...“

هن ڏٺو- پُروقار صورت، ڪشاده پيشاني ۾ ذهانت پريون اکيون، جن مان اُداسي صاف بَکي رهي هئي- هو جهُڪي سگريٽ کي لائٽر جي شعلي جي قريب آڻي رهيو هو.

پوءِ نہ ڄاڻ گهڻا دفعا فريال جون نگاهون سندس چهري جو طوائف ڪري موٽي آيون ۾ هڪ دفعو بہ بازيد جي نگاهہ هن جي نگاهہ سان نہ ٽڪرائي...

هريش جي ڪهاڻيءَ جو پُٽُ وهنجي پيو. ”.... سندس سڄي شرير مان پاڻي ڳڙي رهيو هو... هن جي پرش انگ تي بہ وار حاوي پئجي ويا هئا. ڄڻ ان جي مٿان ڪا ڪاراڻ ڪونئر سان چنبڙي پيئي هجي... ڪيس لڳو سندس چال بدلجي ويئي آهي ۾ جيئن ئي هو ڪليءَ مان ٽوال ڇڪيندو، تيئن ئي باٿ روم جو دروازو کُلندو ۾ هڪ ننڍو بار ڏانهنس پل لاءِ گهوري نهاريندو. سندس وات مان نڪرندو ”هش“ ۾ ڦڙاڪ سان دروازو بند ٿي ويندو...“

وشنو ڀاٽيا جي ڪهاڻيءَ وارو ذري گهٽ نامرد مڙس سوچي پيو.

”مون کي ڪجھ بہ نٿو سُجهي، سوراخ تي سوراخ پر نانگ بدران جيڪڏهن شينهن ان ۾ گهڙي وڃي تہ ڇا ٿيندو؟ بونيءَ جو سوراخ!

ڪئنواس تي ڇپيل مردانہ عضوا.

مئبليس+مئبليس= جينيس.

جوش! ڊِگي جو! شينهن سپنن ۾ قيد. هيمنگوئي سوڳواسي ٿي ويو. ان سان گڏ سوڳواس ٿي ويا همت ۾ طاقت.“

ايشور چندر جي ڪهاڻيءَ وارو مرد زال سان گڏ سُتل آهي:

”هن جوءِ کي ٿورو ڊونڊاڙيو. هن جي آڱرين کي زور ڏيئي جوڙس چيو: ’ڇا آهي؟‘

- اهو ئي روٽن...!

- نہ، اڄ نہ!

- اون هون! نہ تہ ننڊ ئي نہ ايندي... توکي شايد خبر نہ هوندي تہ پرشن اڄڪلھ استرين کي ’سليپنگ پلس‘ چوڻ شروع ڪيو آهي...!

Gul Hayat Institute

جوٽس چُپ رهي.
هو ڪبٽ مان ڪجهه ڪڍڻ لاءِ اُٿيو- ’ڊبل چيڪ واري جيلي ٽيوب جو آئيپليڪيٽر ڪٿي آهي؟‘
- اتي ئي هوندو...
هو وري هيڏانهن هوڏانهن ڳولهڻ لڳو- ’هتي ته ڪونهي...‘‘
شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪهاڻي ’ڪوئي جو موت‘ جي شروعات:
”ڪيس سامهون ڏنو اٿم. هوءَ آهي. منهنجا چپ پاڻمرادو لُڏي وڃن ٿا. عجيب آهي، وقت جو هيءُ خال... خ... آ... آ... ڪهڙو ذريعو آهي ماپڻ لاءِ؟ لمبائي، ويڪرائي، ايراضي، گهير، دائرو، ٽور، ڪهڙو ماپو؟ جڻ پراڻي ڊائريءَ جي ڪنهن پني مان ’بڪ مارڪ‘ اچانڪ اچي ٻاهر ڪري آهي، نڪمي.“
”هي، هن طرح جا ڳنڍ (؟) مسمريزم جي ’زبردستيءَ جي ننڊ‘ جيان. مان شايد ڪجهه به ٺيڪ سمجهڻ جي اسٿتيءَ ۾ ناهيان. پڪ ئي پڪ ناهيان. اهو ’شايد‘ جو ’پڪ‘ ٻڻجڻ ڪيترو نه شارٽ آهي. ڪيڏو نه شارٽ آهي ان پڪ جو وجود! ڦٽا!...“
آنند ڪيماڻيءَ جي ڪهاڻي ’نئين شروعات‘ جي پڇاڙيءَ ۾ نوڪري ڪندڙ زال استعيفا ڏيئي ٿي ۽ ڪهاڻي هيئن ختم ٿئي ٿي!
”... روما پڇيو- ٺيڪ آهي نه؟ راجيندر ڪجهه ڪُڇي نه سگهيو. البت ڪيس هڪ نئون احساس ٿيو. روما جڻ سندس لاءِ ئي اپيسار ڪيو هو. چند منٽ اڳ روما جي وارن سنوارڻ ڪي هو من ۾ وري ڏسي رهيو هو. ۽ من ئي من ۾ هن روما جي وارن جي هڪ لٽ کي اُلجهايو. جڻ روما چيو هو- ’ڇٽا!‘ هن کي لڳو انيڪ صدين کان پوءِ، هن روما سان گڏ شام جي چانهه پيتي هئي. هن جي تمنائن جي باغ ۾ هڪ خوبصورت ڪلي کِلي هئي، جنهن کي هن ٽوڙي پنهنجي شخصيت جو انگ بڻايو هو ۽ هن پاڻ کي ايندڙ هر ڏينهن اهڙي ئي هڪ خوبصورت احساس کي پائيندي ڏٺو. ليڪن هو روما جي، ’ٺيڪ آهي نه؟‘ جو ڪوبہ جواب نه ڏيئي سگهيو. ظاهر آهي مسڪرائي نه سگهيو. ڏکي ٿي نه سگهيو. ڍيري ڍيري صرف چانهه پيئندو رهيو...“
شيام پنهنجي ’سنڌي ڪهاڻيڪار-موجوده صف- پس منظر‘ جي عنوان واري راءِ زنيءَ ۾ پارٽ جي ’نئين‘ سنڌي ڪهاڻيءَ، ان جي خصوصيتن، ان جي ارتقا، ان جي لکندڙ پراڻن ڪهاڻيڪارن، سندن خامين ۽ خوبين، فن ۽ ڪلا جي فلسفي تي راءِ زني ڪئي آهي.
سندس لمبي سمپادڪيه جو نچوڙ ڏسبو ته هيءُ آهي!
”سنڌي ڪهاڻيءَ... (۾) سنڌي جيوت (زندگي) الڳ ورلي ٿي چِٽجي.... (اها) آس پاس طرف ايماندار آهي ’ڪميٽيڊ‘ (ڪنهن سان ٻول ۾ ٻڌل) ڪونهي... آزاد

طبع آهي... مارڪسواد جي بيئنل پاڙيءَ کان دور فاصلا طئي ڪندي اڳيان نڪري ويئي آهي. ڪهاڻيءَ کي پرچار جو هٿيو بڻائڻ جي ڪوشش ۾، پرچار وادين صرف پنهنجي ڇاتي ڳُتي آهي...

(شروعاتي) هڪ دؤر (ڪهاڻيءَ جي حوالي ۾) شور، هنگامو، ڪشمڪش، ختما، دور، قبرون ۽ کنڊر. هڪ انداز ختم ٿيل. ڍلا ٿيل، ڇڪجي ويل، وڪريل، چُپ ٿيل، سماڌيون ۽ مورتيون. ڪجهه هلندڙ چلندڙ مورتيون بہ، ڪوڪليون، لڙڪائي هلندڙ تہ ـ ٽنگا ريس جا گهوڙا. ڪجهه ڳوڙها ڳاڙي هلندڙ ۽ ڪجهه سُرخ روسي ٻلا لڳائي منڊڪائيندڙ... اڄ جو ڪهاڻيڪار ڪاميابيءَ، ناڪاميءَ جي چنتا بجاءِ پاڻ سان وفادار رهڻ ٿو چاهي... رچناڪار کي اُلوچڪ (نقاد) جي پرواهہ ڪرڻ بجاءِ مٿس رحم ڪائڻ وڌيڪ پسند ڪرڻ کپي. ان طرح پرواهہ ڪندي ختم ٿيڻ جو مثال برنارڊشاهہ جو جينيس بہ آهي... اسان وٽ ڪهاڻيڪارن جو وڏو حصو ڊرپوڪ هو پاٺڪن جي پسندگيءَ جو ڊر، اُلوچڪن جي حملن جي ٿر ٿر، بزرگ اوليائن جي درشن جو لحاظ، ڪاميابيءَ جي ڪسوٽيءَ تي پار اُڪرڻ جو فڪر، بدناميءَ جي پرواهہ. ان ڪري يُگ ـ چيتنا ڏانهن وفاداري نہ هئي... (نوان) ڪهاڻيڪارن پاڻ سان يگ ۽ سان لنگو ۽ سڌو رستو جوڙيندي اڇي رهيا آهن... اڄ آدرشن وٽان ڪابہ پل، زندگيءَ جي پٽارٽ ۽ ان جي پيچيدگين کان پار پوڻ لاءِ ڪونهي. جديد پُليون آهن. ڪاهي آهي. ڪهاڻيءَ جو جنم هڪ مجبوري آهي. مونجهہ پريل ٽُٽل آدرش، رک ٿيندڙ ان جون جڙون ۽ ڦهلاءُ ۽ مٿان جيون جو ڪڙو پٽارٽ ـ مبهم ۽ پيچيده. مُڏا لفظ ۽ زندگيءَ ۾ موت جي ملاوٽ.... اڄ جي فرد، اڄ جي بوجهہ سِرُ مٿان کڻندي(اڄ جا ڄا سان گهيريل ڪونهي!) سياڻي جي بيبقائيءَ (Uncertainty) ۾ رڱيل، ايندڙ وقت لاءِ آسائتو رهڻ جي فلسفي ۾ پريل بڪواس تي نڳجڻ کان سُچيت ڏرم ۽ سماج وغيره جي دقيانوسي تنگ خيالن کي، مانسڪ سطح تي گهٽيءَ جي اونداهي موڙوٽ رکيل ڪچري جو ڍيو سمجهندي ـ غير سلامتي، مالي لوڏن ۽ راجنيتي دٻاون کي ڇُهنبدار شيخن جيان پاڻ طرف سيني طرفن کان وڌندي محسوس ڪري ٿو ـ يا ـ ان طرح جي حالت جي الڳ الڳ تصورن مان گذري ٿو. تصور ڍوئي ٿو. پڄي نٿو سگهي. جيسين مري تيسين جيئي ٿو. سماج، نظام، ڪتنب (ڪتنب جي مڃيل معنيٰ پر رشتن ۽ رشتن جي هڪٻئي طرف موٽ واري توجہ ۽ ان ۾ آيل فرق ۽ تبديلين) ۾ گهيريل، پنهنجي سماجڪ ۽ مالي رتبي جي انفرادي سطح تي معنيٰ پائڻ لاءِ ڪنهن حد تائين منجهيل، بي واهہ ۽ پنهنجو پاڻ کان اڻ ڇتو رهي ٿو... اسين بنجارا سنڌي.. بيءَ يوميءَ تي، بين جاتين سان ملي، پنهنجين ريتن رواجن ۽ جيئڻ جي ڍنگ کي حالتن موافق بدلائي جيئڻ جي ڪشمڪش ۾ مصروف آهيون...“

Gul Hayat Institute

هن مجمُوعي جي لاءِ ڪهاڻين جي چونڊ، ڏسجي ٿو تہ انهن اُصولن جي روشنيءَ ۾ ڪئي وئي آهي، جن جو مجمُوعي جي ايڊيٽر ذڪر ڪيو آهي. ان ڪري ايڊيٽر جي خيال ۽ نظرين کي سمجهڻ خود مجمُوعي ۾ آيل ڪهاڻين کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏيندو.

شيام جي ’لمبي‘ سمپادڪيہ جي چنڊ ڇاڻ ڪجي تہ هيٺيان مکيہ نُڪتا نظر ايندا:

(1) ’نئين ڪهاڻي‘ آزاد طبع آهي. زندگيءَ جي ڪنهن نظريي سان وفادار ڪانهي، (2) ’نئين ڪهاڻيءَ‘ ۾ زندگيءَ جي ڪنهن نظريي جو اظهار نہ هئڻ کپي، (3) ’نئين ڪهاڻيءَ‘ کي (الف) ڪهاڻيءَ جي ڪامياب ٿيڻ جو فڪر نہ هئڻ کپي. (ب) تنقيد کي نظرانداز ڪرڻ کپي. (ت) ڪهاڻي پڙهندڙن کي پسند اچي ٿي يا نہ، سو لحاظ نہ رکڻ کپي. (ث) ادبي روايتن جو خيال نہ رکڻ کپي. (4) آئنده بابت ڪابہ سهڻي اميد رکڻ بڪواس آهي. (5) اڄ جو انسان زندگيءَ کان پيڇي نٿو ان جا تصور ڊوئي ٿو. جيسين مري، تيسين جيئي ٿو. (6) انهيءَ مان ظاهر آهي تہ اڄ جو انسان زندگيءَ کي فقط برداشت ڪري ٿو. ان کي بدلائڻ جي جدوجهد نٿو ڪري. (7) اڄ جو انسان فقط اڪيلو سهي، جيئي مري ٿو. گڏيل ڪوشش، جدوجهد ۽ واڌاري جي ڪا ڳالهہ ڪانهي.

شيام پنهنجي سمپادڪيہ جي بيان ڪيل اُصولن جي انهيءَ سمپادڪيہ ۾ ئي گهڻي ڀاڱي عملي ترديد ڪري ڇڏي آهي.

هو اُلوچڪن (نقادن) تي ڪفر جي فتوا ڏئي هڪدم اڳين، پوين ۽ نين ڪهاڻين تي، فن ۽ ڪلا تي، تاريخ تي بلڪ زندگيءَ تي لمبي چوڙي اَلوچنا (تنقيد) شروع ڪري ٿو ڏي.

هو نئين ڪهاڻيءَ کي آزاد طبع ٺهرائي وري ويهي اتلاءِ يُگ سان سچائي، يُگ ـ چيتنا، من ـ ڇيد وغيره جا انيڪ شرط لڳائي ٿو.

هو نظرين کان آجو هجڻ جي گهُر ۽ دعويٰ ڪرڻ کان پوءِ هڪدم پنهنجا خاص نظريا پڙهندڙن ۽ ڪهاڻيڪارن تي مڙهڻ لڳي ٿو.

هو بزرگ اوليائن جي آدرشن جو لحاظ نہ ڪرڻ جو حڪم ڪرڻ کان پوءِ، خود ئي بزرگ اولياءَ بڻجي زور شور سان پنهنجا آدرش بيان ڪرڻ لڳي ٿو.

فن ۽ ڪلا بابت دُنيا ۾ بہ نظريا، بہ فلسفا، بہ آدرش موجود آهن. هڪڙو هيءُ تہ ڪلا ۽ فن زندگيءَ جي تقدير بہ آهي تہ ان جي پرک بہ. زماني بلڪ زمانن جي برائين جي تنقيد بہ آهي تہ ان جي سُونهن ۽ چڱاين جو قصيدو ۽ انسان جي روشن مستقبل ۾ ايمان جو ثبوت بہ. ڪلا ان روشن مستقبل کي ويجهو آڻڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۽ سنگهرش ۾ سيني جي اڳيان جهنڊو کڻي هلي ٿي، پهرين باغي للڪار

Gul Hayat Institute

ڪري ٿي، ڀيريون زخم کائي ٿي، ڀيريون وار ڪري ٿي ۽ ڀيرين جيت حاصل ڪري ٿي. ڪلا اها طاقت ۽ شڪتي آهي، جا گني سامتاڻي جي چوڻ موجب:

”يُگ (زمانو) بدلائي سگهي ٿي، نئين يُگ کي جنم ڏيئي سگهي ٿي. اها شڪتي جا اياز جي گيتن جي منڙي گونج کي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي دؤر جو سڀ کان طاقتور ۽ شڪتيوان آواز بڻائي ٿي، جا لفظن کي ائٽمن کان وڌيڪ پسمر ڪندڙ ۽ آوازن ۽ رنگن کي جادوءَ کان وڌيڪ طلسمي قوت بخشي ڇڏي ٿي، جا مها ڪوي ٽئگور جي چوڻ موجب: سچ ۽ سونهن، عدل ۽ انصاف جو اڪيلو دل گهريو ديس آهي.“

فن ۽ ڪلا بابت ٻيو نظريو، ٻيو فلسفو، ٻيو آدرش هيءُ آهي، ته ان کي حاڪم ۽ ڦورو طبقن جي نظرياتي حرم سراءِ جي سُريت ۽ چنتا وروڌي عوام-دشمن آدرشي ڪوني کي سينگاريندڙ وئشيا ٿي رهڻ کپي. ڪيس سچ ۽ سُونهن، انصاف ۽ نيڪيءَ خلاف تکي تلوار طور استعمال ٿيڻ کپي. جي ائين نه ٿي سگهي، ته پوءِ ڪلا جي شڪتيءَ کي ٽوڙي ڇڏجي. ان جي تيز ڌار کي مُڏو ڪري ڇڏجي، ان جو قدرتي طور جيڏانهن رُخ هئڻ کپي، ڪيس اتان ڦيرائي ڇڏجي، ڪيس بتال ڪجي، گمراهه ڪجي، وائڙو ۽ بي اثر ڪجي، جيئن اها خصي ٿي پوي، منجهائس ڪي ٻه نه سرجي، نه اُسري ۽ نه نِسري.

فن ۽ ڪلا بابت جيترا به ’نظريا‘ بيان ڪيا وڃن، انهن کي کهڙا به لفظي ريشم پهرايا ۽ اکري اطلس اوڍايا وڃن، اهي سڀ ڦري گهري وڃي انهن ٻن نظرين مان هڪ سان ملندا.

سوال آهي ته شيام جو بيان ڪيل فني فلسفو ۽ ڪلاتمڪ آدرش انهن ٻن نظرين مان ڪنهن سان ملي ٿو؟

شيام آزاد طبع، ڪنهن سان ٻول ۾ نه ٻڌل ۽ ايماندار ڪهاڻيءَ جي پرچار جي اوٽ ۾ ڪلا جي ڀيرين عوام- دوست، جنتاوادي نظريي ۽ آدرش جو زبردست پرچار ٿو ڪري.

غيرجانبدار اديب جي پردي ۾ هو بيحد ڪٽر قسم جو طرفدار اديب آهي. البت هو انهن نظرين، انهيءَ سوچ جو حامي آهي، جيڪا جنتا ۽ عوام کي پنهنجي ادب جي سهاري، رهبريءَ ۽ ٻل کان محروم رکڻ گهري ٿي.

لکندڙ جي ضمير جي آزاديءَ جي نعرن جي اوٽ ۾ هو سماجي هوش رکندڙ لکندڙن کي سندن ضمير موجب لکڻ جي آزاديءَ کان محروم ڪرڻ گهُري ٿو ۽ اُلوچڪن جي گلا جي اوٽ ۾ هو پڙهندڙ کي چنتا -وروڌي سامراجوادي لکندڙن بابت آزاد راءِ قائم ڪرڻ کان اڻ سڌيءَ طرح منع ٿو ڪري ۽ ڊيڄاري ٿو. ٻين اُلوچڪن تي چوهه ڇنڊي هو حقيقت ۾ آلوچنا جو ميدان فقط پاڻ لاءِ ۽ سندس هم خيال ليکڪن



Gul Hayat Institute

لاءِ محفوظ رکڻ گهري ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ مارڪسوادي پرچار کي ننڍڻ جي بهاني هُو انهن ڳالهين جو پرچار ٿو ڪري، جي سامراج کي بچائين ۽ هٿي ٺيون ڏين.

اڄ جيڪڏهن ڪو ماڻهُو صفا نابين ناهي يا بي ايمانيءَ وچان زوريءَ اکيون بند ڪري نٿو هلي، تہ هو اهو ڏسڻ بنا رهي نٿو سگهي، تہ اڄ هيءَ سموري ڌرتي هزارن لکن ميلن ۾ پکڙيل هڪ شاهي ميدان جنگ بڻجي چڪي آهي، جنهن جي چپي چپي تي هر قسم جي هٿيارن سان هر قسم جي ويڙهہ چالو آهي.

هڪ طرف ڏکويل ماڻهُو، پيڙهيل طبقا، ستايل قومون آهن، تہ ٻئي پاسي ڏکوئيندڙ ماڻهُو، پيڙهيندڙ طبقا ۽ ستائيندڙ قومون آهن.

ان جنگ ۾ هرڪو ڄاڻي ٻُجهي يا اڻ ڄاڻائيءَ وچان ڪنهن نہ ڪنهن پاسي ضرور آهي. ڪوبہ غيرجانبدار ڪونهي. گهٽ ۾ گهٽ سچو فن ۽ سچي ڪلا هرگز غيرجانبدار ناهن. سندن روح جو ريلو اندر جو آواز ۽ ٻانهن جو ٻل هميشہ جيان ڏکويلن، پيڙهيلن ۽ ستايلن سان آهي.

ڏکوئيندڙن، پيڙهيندڙن ۽ ستائيندڙن کي اها خبر آهي، تنهن ڪري هو ڪلا جي ماريءَ جو ست ٽوڙڻ ۽ ڪانئس مظلوم ماروئڙن جي تانگهہ ۽ تات ڇڏائڻ لاءِ هزارين حيلا هلائي کيس گمراهہ ڪرڻ گهرن ٿا.

'آزاد فن'، 'ان-ڪميٽيڊ ڪهاڻي'، 'آلوچنا سان دشمني'، 'مارڪسوادي پرچار' جي مخالف انهن سيني دلفريب دليلن ۾ هڪڙي ئي گهُر لکل آهي تہ فن حق جو پاسو نہ وٺي.

هو فن جو ڏيان ان مقدس ۽ پاڪ تاريخي سنگهرش ۽ جدوجهد تان هٽائي کيس جنس، من ڇيد، خودقياسيءَ جي ڏٻڻين ڏانهن منهن ڏيڻ گهرن ٿا.

'سپائي بي بقائيءَ سان رڱيل آهي. ايندڙ وقت لاءِ آسائتو رهڻ جو فلسفو ٻڪواس آهي. ان تي نڳجڻ کان سچيت رهو!' ان نعري جو مطلب صاف آهي. ان جو مطلب ماڻهن کي اهو چوڻ آهي تہ 'توهان جي تقدير اصل کان خراب آهي. ڪٽي ڇا بہ ڪريو. اها نڪا اڄ بدلبي، نڪا سڀاڻ. اجايو پاڻ کي هلاڪ ڪندا. پنهنجي تقدير سان لڙڻ ڇڏي ڏيو.'

"ڏکوئيندڙن، پيڙهيندڙن ۽ ستائيندڙن سان تڪرار نہ ڪريو. رُڳو ويٺا سهو! جيستائين جيئرا آهيو تيستائين اها سزا ڀوڳڻي اٿوَ."

واشنگٽن کان وٺي ٽوڪيو تائين، ڪيپ ٽائون کان وٺي ڪئناڊا تائين، سامراجي ۽ سندن ايجنٽ اهي ڀوائتا نعرا هڻي، ماڻهن کي هيسائي، ڊيڄاري ۽ ذهني اپاهج بڻائي، هٿيار ڦٽا ڪرائڻ ۽ ڏاڍ جي ڪوٽن کي ڪيرائڻ کان بچائڻ گهرن ٿا.

نئين يُگ (زماني) جا نوان مُلان ۽ پنڊت، نوان پوپا ۽ نوان جادوگر لکين ورهين جي پراڻي رينگٽ کي ڪٽيو اچن:

’گوڙ نہ ڪريو! گوڙ نہ ڪريو! ڪجھ نہ ٿيندو! سڀ اوهان جي اعمالن جي شامت آهي. توهان جي ڦٽل نصيب جي خرابي آهي. ٻئي ڪنهن جو ڏوهہ ناهي! پرائي پچار نہ ڪريو! وڃي پنهنجو اندر صاف ڪريو (من ـ ڇيد ڪريو!) نہ تہ دين ڌرم کان تڙجي ويندا. ڪافر ٿي پوندا! (ڪلا ـ وروڌي، مارڪسوادي، پرچار وادي، اُلوچڪ ٿي پوندا!)‘

اهڙيءَ ريت هُو ماڻهن جو انسان ذات جي اعليٰ آدرشن، آئيندي جي اُميدن مان ايمان ڪڍي کين پنهنجي گڏيل ڪوشش، ٻانهن جي ٻل، سنگهرش ۽ جدوجهد کان نااُميد ۽ مايوس ڪري، گيدي ۽ ڊرپوڪ بڻائي، کين پاڻ تي قياس ڪائيندڙن، ميڪ ميڪ ڪندڙن، روئي هٿيار ڦٽا ڪري، پيش پوندڙن ۽ ڪوئن وانگر ذهني ٻرن ۾ لڪل پاڇوڪڙن جو ڇڙوڇڙ هجوم بڻائي، کين سامراج جو آسان شڪار بڻائڻ گهرن ٿا.

انهيءَ پرچار ذريعي هُو هر هنڌ ذهني طور گندي پاڻيءَ جا اهڙا ڊُٻا ناهين ٿا، جن ۾ خودمطلبيءَ، بي ايمانيءَ، جنتا ـ دشمنيءَ ۽ فرقي پرستيءَ جا زهريلا جيوڙا پلجن ۽ نِپجن ٿا.

هن قسم جو پاڇوڪڙ ۽ خصي ادب اهو سکيا گهر آهي، جنهن مان اڳتي هلي وطن جا غدار، سامراجي ايجنٽ ۽ فاشسٽ حيوان پيرتي ٿين ٿا.

شيام بار بار ’نئين‘ ڪهاڻيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هن ’نئين‘ ڪهاڻيءَ ۽ ان جي لکندڙ جون ڪي خاص نشانيون ڏسجن. مثال طور هن ’نئين‘ ڪهاڻيءَ جي لاءِ سڀ کان پهريون ۽ لازمي شرط آهي تہ لکندڙ پنهنجي ٻولي اصل نہ ڄاڻي. ڪهاڻيءَ جي ٻولي غلط ۽ چچريل هجي. جيئن ڏاريا سيڪڙات ڳالهائيندا آهن. ان غلط ۽ چچريل ٻوليءَ کي دادلن ۽ ريزالن ٻارن وانگر ڪوشش ڪري وڏيڪ بگاڙجي ۽ اُبتو سبتو ڪجي. پوءِ وري اهو ٻُڌائڻ لاءِ تہ اسين اها ٻولي لاچار ٿا ڳالهايون. نہ تہ اسان جون اصل ٻوليون ڪي ٻيون، اجا بہ اوچيون ۽ شاهي ٻوليون آهن. سهڻن سولن سنڌي اکرن جي بدران، اهڙا لفظ ناهجن، جن جو ڏڙ ريڊيو ۽ سِرُ ٻاڪرو هجي. يعني اڌ سنڌي تہ اڌ هندي ڳالهہ چاهي مرد واتان هجي پر انداز هلڪڙو زنانو ۽ نخريلو هجي، جنهن ۾ قديم زماني جي هندي ناٽڪي شاعريءَ جو رنگ شامل هجي.

هن ’نئين ڪهاڻي‘ جي ٻي خاصيت آهي نئون اسٽائل، ڪهاڻيءَ ۾ خوامخواه دم، پورا دم، عجب ۽ سوال جون نشانيون، ڏنگيون، ٻُڙيون ۽ خال هجن.

Gul Hayat Institute

ٽئين خاصيت اها ٿي ڏسجي، تہ پڙهندڙ کي جيترو گهٽ مطلب سمجهہ ۾ اچي، جيتري وڌيڪ بوريت ڏيئي سگهجي، جيترو وڌيڪ ڪڪ، جيترو وڌيڪ بيزار ڪري سگهجي، اوترو چڱو. متان ڪو مچڏو پڙهڻيداس انهيءَ غلط، چچريل، بگڙيل، بگاڙيل، ملاوٽ ڪيل، منجهايل، اڻ وڻندڙ ۽ خصي ٻوليءَ جو رڻ جهاڳي ۽ غلط صورتخطيءَ، دمن، فل اسٽاپن، ڏنگين، سوالن، عجب جي نشانين ۽ خالن جا اٽانگا پيچرا لتاڙي ڪنهن مطلب جي منزل تي رسي وڃي، انهيءَ لاءِ ڪوشش ڪري ٻوليءَ جي ڪرنگهي جو هڏو يعني گرامر ٽوڙي ڇڏجي ۽ جملن جون سسيون ۽ پُڇڙيون، هڏيون ڏار ڏار ڪري ڇڏيون تہ جيئن خبر نہ پوي تہ ڪهڙي شيءِ ڪٿي ۽ ڪنهن سان ڳنڍيل هئي.

انهيءَ مڪمل پروليءَ کي سلڻ ۾ جيتري ڏکيائي ٿئي، اوتري ئي اها ڪهاڻي وڌيڪ نئين ۽ وڌيڪ ڪامياب سمجهبي. ڪنهن ڪهاڻيءَ جو مطلب سمجهہ ۾ نہ اچڻ، اعليٰ فن جو ثبوت ليکبو آهي ۽ لکندڙ وڏي فخر سان لکندو آهي تہ ڳالهہ ٻين کي سمجهہ ۾ اچي يا نہ اچي، تنهن سان منهنجو واسطو ڪونهي. پنهنجي انهيءَ خوبيءَ جي انتر راشٽري رتبي کي اڻ ڄاڻن اڳيان وڌيڪ ظاهر ڪرڻ لاءِ انگريزي سند بہ پيش ڪبي ـ Incommunicability.

جنهن ڪهاڻيءَ جو ڪوبہ مطلب نہ هجي يا اهڙو هجي جو 'ٽڪريءَ کي سور ٿيا ڄائي ڪُئي' وارو مثال ياد ڏياري، پوءِ ڇئبو تہ اها نئين ڪهاڻي فن جي ستين آسمان کي ڇُهي چڪي. ان ڪانپوءِ ان جو لکندڙ قلم کي پَٽَ تي اُڇلائي ڇڏي. وري ان قلم سان ٻيو ڪجهہ لکي ان ڪهاڻيءَ جي شان کي گهٽ نہ ڪري.

نئين ڪهاڻي لکڻ ڪنهن جهڙي تهڙي جو ڪم ڪونهي. ان لاءِ خاص 'نئين' لکندڙ 'نئين' ماڻهُو بلڪ ڄٽڪي سنڌيءَ ۾ 'نئين چيز' جي ضرورت آهي.

نئون ڪهاڻيڪار سڏائڻ لاءِ سڀ کان پهريائين اهو ضروري آهي تہ ڪيس پنهنجي اهميت جو پورو احساس هجي، ڪيس يقين هجي تہ دُنِيا جي سموري ڄاڻ ۽ ڏاهپ مٿس ختم آهي. سڄي ڌرتي سندس فن (ڪلا) جي سِڱن جي آڌار تي بيٺل آهي. جو جيتري ڦوندڻ ۾ پرجي سگهي، سوا اوترو وڏو ڪلاڪار.

ٻيو تہ سندس مُنهن تي رُڪ چڙهيل هجي، سندس ٿانءِ پريل سامبر وارو پوز ڏسي ٻين کي ڪيتري بہ ڪِل يا بُڇان اچي، پر همراهہ جي مُنهن تي سِرُ بہ نہ هجي.

ٽيون تہ سندس نئين ڪهاڻيءَ جو اُٺ اُٿي نہ اُٿي، همراهہ جو زور هجي ياڙي تي. اهڙو 'ڪلاڪار' شل نہ ڪا 'نئين' ڪهاڻي لکڻ جي ڪُئي ماري وجهي، بس پوءِ اسان جو تيسمار خان ڏسندا تہ پگهر ۾ شم، مُنهن ۾ شور. سڄي جهان تي اڌ انگريزي، اڌ هندي ٻوليءَ ۾ گارين جو ڏوڙيو هٿ ۾ ڪاميو ۽ سارتري جي چوٽين

جا سونتا، نرا ڪٺيو وڙهڻ لاءِ تيار ٿيو بيٺو هوندو. چي- ”خبردار جي ڪنهن منهنجي ڪلا تي اعتراض ڪيو آهي.“

اسان جو نئون ڪهاڻيڪار پڙهندڙن جي مُرلي بند ڪرڻ لاءِ ڪهاڻيءَ جي مُنڍ ۾ ئي نوٽ لکي اعلان ڪندو آهي ، تہ جيڪو بہ پڙهندڙ سندس ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ يا پروڙڻ جي ڪوشش ڪندو. تنهن کي نقاد يا اُلوچڪ ٺهرائي، نقادن ۽ اُلوچڪن لاءِ 'نئين ڪلا' جي قانون ۾ مقرر ڪيل تعدي ڪئي ويندي. تنهن کان سواءِ نئين ڪهاڻيءَ کي سورن، جوکن کان سلامت رکڻ لاءِ ان جو ويمو ڪرائبو آهي. ان جي آسپاس 'نئين ڪلا' جي وڏن گُرن جا منتر چيپبا آهن، جن کي پڙهي ڪنهن کي بہ همت نہ ٿيندي جو ڪٺي اها جاچ ڪري تہ مطلب ڳالهہ جو ڇا آهي.

شيام چوي ٿو تہ سندس چونڊيل ڪلاڪار نوان آهن- ڪين پڙهي ڏسبو تہ سواءِ هڪ اڌ جي (گنو انند) ٻيا سڀ پراڻا، پوڙها، مُدي خارج آهن. هُو ايترا پراڻا آهن جيترا 'قال قولوا' جو ورد ڪري ويساهہ وسوڙيل ماڻهن تي ڪوڙو رُعبُ وجهندڙ مڪريل مُلا ۽ جنتر منتر جو ڳنڍ ڪپيندڙ ٺڳي پنڊت ۽ 'فعولن فاعلن' جو بي مقصد رينگٽ مچائيندڙ اردو ۽ سنڌي ٽُڪبند 'شاعر'.

وڏ ۾ وڏ سندن فائدي ۾ اهو چئي سگهجي ٿو. تہ هو شايد ادبي ڪنپ-ڪرڻ ۽ رپ وان ونڪل آهن. جي صديون اڳ واري ماحول ۾ ستا هئا ۽ اجا اک ڪانہ کُلي اٿن.

هنن سُتل ساهتڪارن کي اجا تائين اهو سماءُ ڪونہ پيو آهي، تہ ڪو دُنيا ۾ ايشيا نالي کنڊ بہ آهي، ڪي ايشيائي، آفريڪي ۽ لئٽن آمريڪي ماڻهُو بہ آهن، جي يورپي ۽ آمريڪي سامراجين کي تاريخ جي اسٽيج تان ڌِڪي پاڻ ان تي قبضو ڪري رهيا آهن. سندن ڪنن تي عوامي جنگ جي مجاهدن جي مارچ ڪندڙ قدمن جو پڙاڏو بہ نہ پهتو آهي. ڪين اڄوڪي دؤر ۾ ادب جي اعليٰ پد، ان جي انقلابي حيثيت ۽ ڪارنامن جي خبر نہ پئي آهي. ڪين خبر ناهي تہ اڄڪلهہ جو قلم واقعي تلوار کان وڌيڪ طاقتور آهي. اڄ قلم جا ڌڻي انقلابي مورچن جو مُهڙ وارو دستو بڻيا بيٺا آهن. ڪين خبر ناهي تہ اڄ اوڀر جي هوا اولهہ جي هوائن کان زور آهي.

اڄ اوڀر جا بُکيا، هيڻا، ڏکيا، بي حال ۽ بي وسيلا ماڻهُو بُکن، ڏکن، هيڻائين ۽ ڪمزورين جي تندورن ۾ تپي، رُڪ ٿي سامراج ۽ سندس دلالن جي سياسي، سماجي ۽ تهذيبي مورچن تي طوفاني هلائون ڪري رهيا آهن.

اڄ رجعت پرستيءَ جي اوندهہ تي ساڃهہ ۽ سمجهہ جون ڪنوٽيون وارو وار لڳايو بيٺيون آهن.

هُو آزاديءَ ۽ سجاڳيءَ جي شاهراهہ تي فاتحانہ مارچ ڪري اڳتي وڌندڙ جنتا جي مجاهد قافلي مان گوهي ڏيئي پٺي وڃي شتر مرغ جيان سسيون مِٽيءَ ۾ لڪائي، پاڻ تي قياس ڪائڻ، ڪنجهڻ ڪُرڪڻ ۽ ميڪ ميڪ ڪرڻ وينا آهن.



Gul Hayat Institute

انهن ياڃوڪڙن مان ڪي مورُڳو پنهنجن ٻرن مان ان قافلي تي پنهنجا پتڪڙا تير اُڇلائي قافلي ۾ ڦڙڦوٽ وجهڻ يا منجهائڻ ڪِن ڪي برغلائي پنهنجن ٻِرن ڏانهن آڻڻ جون ڪوششون پيا ڪن.

اسان جي هنن نون ڪهاڻيڪارن مختلف نمونن سان ساڳئي ئي موضوع تي لکيو آهي- جنسن تي، جنسي لاڳاپن تي. ائين ٿو لڳي، ڄڻ ڪين ٻيو ڪوبہ موضوع، خاص ڪري اجتماعي دلچسپيءَ وارو موضوع يا ڪردار ڪونہ ٿو سُجهي، يا موزون لڳي.

هُو ڄڻ تہ ٻيلي جي وچ ۾ ٻيٺا آهن ۽ چون ٿا ’هتي تہ رُڳو وڻ آهن! ٻيلو ڪٿي آهي؟‘ هو پارت جي ڪروڙين انسانن جي سنگهرش ۽ جدوجهد جي وچ ۾ ويهي چون ٿا - ’هي تہ رُڳو ماڻهُو آهن! هيرا ڪٿي آهن؟ هي تہ رُڳو فرد آهن، جنتا ۽ عوام ڪٿي آهن؟‘

من -ڇيد سندن دلچسپ اسٽائيل آهي. ڪاش ڪين نامرد مردن، اُگهاڙو ٿي پيءُ کي ياد ڪندڙ پُٽن، پيءُ سان عشق جهڙو انداز اختيار ڪندڙ ڌيئن وغيره ڪان ڪنهن ڪنهن وقت فرصت ملي ها ۽ هُو ڪن ٻين ڪردارن جو بہ من -ڇيد ڪري سگهن ها!

ڪاش هُو ڪنهن پروفيسر ملڪاڻيءَ جهڙي سنڌي بزرگ جو من -ڇيد ڪري ڏيکارين ها، تہ هُو چوءِ ڪيئن هن عمر ۾ هند، سنڌ جي ادب جو ذرو پرزو پڙهي، پروڙي، هِت، هُت ننڍي وڏي جي رهبري پيو ڪري- ڪنهن کي شاباس، ڪنهن کي نصيحت، ڪنهن کي صلاح - سيني جي مٿي تي بزرگي ۽ شفقت جو هٿ رکيو وينو آهي.

ڪاش هُو هري دلگير جهڙن جو من -ڇيد ڪري سگهن ها، تہ ڪيئن ۽ ڪهڙن جذبن سان هن ادي عيسيٰ جي خط جو جواب لکيو هو. ڪاش هو ڪلا پرڪاش جو من -ڇيد ڪري سگهن ها، جنهن جنگ جي زماني ۾، جڏهن سڀ پاڳل ٿي پيا هئا، تڏهن اهو عظيم ڪلا جو ٽڪرو خلقيو هو جنهن ۾ جنگي جنون ۾ ورتل ٻار آخر بندوق ڦٽي ڪري چوي ٿو، ”امان! مان اڳتي بندوق سان راند نہ ڪندس!“

۽ ڪاش ڪو اياز جي من جي مام پروڙي ها، تہ هن ڪيئن ۽ ڇو پنهنجو سِرُ واگهہ جي وات ۾ وجهي ’نارائڻ شيام‘ نظم لکي، پاڻ کي ’ڏم ڏيهاڻي ڏي سندا ميهر ميهڻا‘ واري ويل ۾ وجهي، ڪلا ۽ فن جون ست پريون آجيون ۽ پنهنجون ست پريون مهڻي هاب ڪري ڇڏيون!

هڪڙي ’نئين‘ ڪهاڻيڪار اعلان ڪيو آهي تہ سنڌي ٻولي سندس ڪلا جي ڀرپور اظهار جي طاقت نٿي رکي، تنهن ڪري ڪيس ٻوليءَ کي ڇيري ان مان نئين ٻولي ناهڻي پوندي. ڪاش انهن ڪهاڻيڪارن کي عام سنڌين جيتري ۽ جهڙي سنڌي ايندي هجي ها!

Gul Hayat Institute

سمپادڪيہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي شريمان اڳوڻن سنڌي لکندڙن ڪي ليکين ئي نٿا. هي نوان ڄامڙا قليچ، ديوان ڪوڙيمل، پرمانند ميوارام، لعل چند امر ڏني، ڄيٺمل پرسرام، پروفيسر ملڪاڻي ۽ ٻين انيڪ جبل جيڏين ادبي هستين جي ڏنل ورثي ڪي حقارت جي نظر سان ڏسن ٿا.

سنڌ جي سنڌي لکندڙن ڏانهن سندن رَوَيو بہ بلڪل ساڳيو آهي. مطلب تہ مورن جو هيءُ اولاد، ڪانوَن جي چال تي موهت ٿي، اهڙي چال هلڻ لڳو آهي، جنهن کي ڏسي ڪانوَ بہ ڦِڪا ٿيندا هوندا.

’ڪندِهر‘ جون اڪثر لکڻيون آڦريل پيٽن ۾ سندن قلم هلائيندڙ گماشتن جون ڪٿيون اوڳرايون ۾ اُبڙڪا ڏياريندڙ اُلٽيون آهن، جن کي سنڌي ڪهاڻيون سڏڻ هند ۾ سنڌ جي ڪهاڻيءَ جي شاندار ۾ روشن نالي ۾ ناموس سان سخت زيادتي ٿيندي.

ڪوڙي ڪلا ۾ نقلي اسٽائيل جي قيدخاني ۾ ازخود سزا ڀوڳيندڙ انهن قيدين مان اڪيلي، اهم ۾ سنجيدي لکندڙ گني سامتاڻيءَ جي لفظن ۾ هنن لاءِ فقط اها دعا گهري سگهجي ٿي تہ: ”او پڀو! هنن کي معاف ڪر! هو نٿا ڄاڻن تہ ڇا ڪري رهيا آهن!“

Gul Hayat Institute

# لطيف جي شاعريءَ جو انقلابي ڪردار...

ڪوڙين ڪايائون، تنهنجون لکن لک هزار،
جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏار و ڏار،
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.

انساني تاريخ جا اصلي خالق پورهيت عوام آهن ۽ نہ شهنشاهہ، فوجي جنرل وغيره. پر تہ بہ انساني واڌاري ۾ اڪيلن عظيم انسانن جي اهم ڪردار کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

ڪنهن ڪنهن انساني ذهن ۾ اندر جي اک، عام جسماني اکين کان هزارين ڪوهہ ۽ هزارين سال پري ڏسي سگهندي آهي. سندس پُتلين ۾ هزارن، لکن ۽ ڪروڙن اکين جا نظارا سمائجي، هڪ نئون ۽ نرالو رُوپ وٺندا آهن. ڪي نگاهون اهڙا بہ رُوپ ۽ نظارا پَسي وٺنديون آهن، جن جو جسماني وجود سَوين هزارين سال پوءِ پيدا ٿيڻو هوندو آهي. ڪي اڪيلا ماڻهو سَوين هزارين انساني نسلن جو ذهني ۽ روحاني نچوڙ هوندا آهن. سندن سوچ ۽ عمل، قومن ۽ تهذيبن جي صدين جي تجربي، سوچ ۽ ڏاهپ جو ڇڪايل عَطر هوندو آهي.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ اهو ڪڏهن بہ نہ لهندڙ سج اُڀريو ۽ چمڪيو جنهن سنڌ جي صدين جي گڏ ٿيل ذهني، جذباتي، نظرياتي ۽ روحاني اوندهہ جو سينو چيري ڇڏيو ۽ سنڌ، هند بلڪ دُنيا جي ذهني ۽ روحاني آئيندي کي روشن ڪري ڇڏيو.

ماڻڪ مٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو!

(شاهہ)

لطيف جنهن دُنيا ۾ اک کولي سا ڏاڍن ماڻهن، ڦورو طبقن ۽ ظالم قومن جي هٿان هيڻن ماڻهن، اشراف ۽ محنتي طبقن ۽ مظلوم قومن سان اُرهہ زورائيءَ جي دُنيا هئي. ان دُنيا جا خيال، نظريا ۽ فلسفا اُرهہ زورائيءَ جا حامي هئا.

Gul Hayat Institute

لطيف جو وطن صدين کان جاگيرداري، قبائلي سردارن، ڌارين حاڪمن ۽ فوجي سردارن جو شڪار گاهہ هو. اهو شڪار هميشہ اسلامي حڪومتن جي ويس ۾ ڪيو ويندو هو. اُموي، عباسي، افغان، مغل، ايراني، ارغون ۽ ترخان حملو ڪندڙن انهيءَ ويسَ ۾ هڪيئي پويان لطيف جي وطن تي ڌاڙا هنيا ۽ ان کي غلام بڻايو.

اسلامي تحريڪ جا شروعات ۾، عرب جي غلامن، مسڪينن بدوين ۽ ٻين هيٺين قومن جي حامي هئي ۽ ڌارين قومن جي ستايل عرب قومن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي علمبردار هئي، تنهن تي جڏهن اڳتي هلي عرب جي جاگيردارن، سيٺين، اميرن ۽ فوجي سردارن جوابي حملو ڪيو ۽ ان کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ان کي مسڪين عربن ۽ عرب قوم مٿان فوجي ڊڪٽيٽرشپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. تڏهن ان تحريڪ جو نالو لباس ۽ نعرا ظالم طبقي جي هٿ جو هٿيار بڻجي پيا. جيڪا تحريڪ دُنيا لاءِ سماجي، اقتصادي ۽ روحاني سجاڳيءَ، ترقيءَ ۽ بلنديءَ جي نئين انقلابي لَهر بڻجي اُڀري، تنهن کي ڦورو ۽ ظالم ٽولن ٻهريائين عرب عوام ۽ عرب قوم کي غلام بڻائڻ ۽ پوءِ ٻين وارن ملڪن کي غلام بڻائڻ لاءِ هٿيار طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. ان ڪم کي آسان بڻائڻ لاءِ اسلام جي نالي ۾ ڪوڙو ۽ جعلي فلسفو ٺاهيو ويو، جنهن موجب عرب قوم تي قبضو ڄمائيندڙ هر ڏاڍي کي خليفو تسليم ڪري، ان جي هر فعل کي اسلامي فعل ۽ خداوند ڪريم جو حڪم ٺهرايو ويو. پروارين مسڪين قومن جا پونگا پينگ ڪرڻ ۽ ڪائڻ سندن گذر جا وسيلا کسي، ڪين ٻارن ٻچن سوڌو غلام بڻائي، ڍورن ڍانگر وڪڻڻ ۽ وهائڻ کي اسلامي جهاد ۽ اسلامي فتح ڪوٺيو ويو. اڳتي هلي نوبت اتي وڃي پهتي جو خود ڪلمي پائي، مسلمان قومن کي ڦُرڻ، لُٽڻ ۽ غلام بڻائڻ وارا بين الاقوامي رهزن ڌاڙيل بہ اسلامي مجاهد ۽ غازي سڏائڻ ۽ سڏجڻ لڳا.

اُموي، عباسي، مغل ۽ ٻين سامراجين جي ايجاد ڪيل انهيءَ رجعت پرست، مظلوم-دشمن فلسفي جو هر دؤر ۾ حق پرست عالمن، دانائن ۽ فنڪارن مقابلو ڪيو. ابن العربيءَ کان شمس تبريز، منصور، خيام، حافظ، رومي ۽ بو علي سينا تائين هر ڪنهن ڄاڻوءَ پنهنجي ڄاڻ ۽ پهچ آهر هن ڦهر جي ڪوٽ تي وار ڪيا، پر ڪنهن بہ عالم، داناءَ ۽ فنڪار ان تي اهڙا سَنڌاٽتا ۽ ڀرپور وار ڪري، ان جي پيڙهہ کي اهڙو پاڙن کان نہ ڏنڌاڙيو جهڙو لطيف.

سنڌ جي هن عظيم داناءُ، يگاني انقلابي مفڪر، بي مثل روحاني پيشوا ۽ لافاني شاعر ظلم، ڏاڍ ۽ مڪر جي سامراجي فلسفي جا سمورا ٽنپ ۽ ٽوٽيون اُکوڙي ڇڏيا.

پچڻ گهڻا پچائيا، تون پچڻ کي پچاءِ.

(شاهہ)



Gul Hayat Institute

## سهسين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيو مهراڻ:

سنڌ جي شاهه کان اڳ عرب، ايراني ۽ ٻين ملڪن جي حق پرستن پنهنجي سوچ کي ان سامراجي فلسفي جي ڪِن باريڪ نُڪتن ۽ ظاهري خيالي رُوپن تائين محدود رکيو. هنن مان ڪنهن به هن سامراجي فلسفي جي ڪِن باريڪ نُڪتن ۽ ظاهري خيالن تائين هن پُنيان لڪندي بُنِيادي حقن جي مڪمل ۽ اصلي صورت نہ پرکي. هو جهالت، تعصب، بي انصافيءَ ۽ ظلم بابت پائيندا هئا تہ اهي رُڳو ڪن نالائق ۽ بڇڙن ماڻهن جا ڪُڌا ڪرتوت آهن. هو اها ڳالهہ سمجهي نہ سگهيا تہ اهي نالائق ۽ بُڇڙا ماڻهُو اهڙا نالائق ۽ بُڇڙا ڇو ٿيا آهن؟ ڪيئن ٿيا آهن؟ ڪهڙي سبب ڪين ڪو روڪڻ ۾ ڪامياب نٿو ٿئي؟ ڪين خبر نہ هئي تہ ان جو اصل ڪارڻ اهو آهي تہ دُنِيا جا ماڻهُو ۽ قومون ٻن ٽولن ۾ ورهايل آهن. هڪڙن ماڻهن جي ٽولي يا طبقي جو گذر ئي انهيءَ ڳالهہ تي آهي تہ ”پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي“ رکي هلجي ۽ ٻين جي پورهئي جو ڦَل ڳڙڪائجي. ڪن قومن جو بہ اهو ئي ڏنڌو ٿي پوندو آهي. اهڙن ڦورو طبقن ۽ قومن جو ڏنڌو هلائڻ وارا ماڻهُو پاڻ بہ جاوا ڪندا آهن ۽ پنهنجي طبقي ۽ قوم کي بہ جاوا ڪرائيندا آهن. پاڻ بہ هيٺن طبقن ۽ قومن کي پيڙهيندا ۽ ستائيندا آهن تہ سندن طبقي وارن کي بہ ڦُرلٽ ۽ ظلم ڪرڻ جو موقعو پيدا ڪري ڏيندا آهن. لطيف کان اڳيان شاعر ۽ اديب، ظاهري ۽ اڪيلا يزيد، حجاج، چنگيز ۽ نادرن جا طبقا ۽ قومون ڏسي نہ سگهيا. ان ڪري هُو سڀ ميم ۾ مارئي ڳائيندا ۽ اُپ ۾ تراريون هڻندا رهجي ويا. هنن مرض جي اصل نس نہ پڪڙي، تنهن ڪري سندن خيال ماڻهن جي مغز ۾ ويهي نہ سگهيا ۽ سندن ڪارائتا هٿيار بڻجي نہ سگهيا، پر داناءُ لطيف تاريخ جي نبض پروڙي ورتي ۽ ان کي لڳل مرض جا اصلي سبب معلوم ڪري ورتا. ڪيس خبر پئجي وئي تہ منهنجي مظلوم مارن ۽ مظلوم وطن سان هي هاجا ڪهڙي زور تي پيا ٿين ۽ ڪهڙي مڪر جي آڙ ۾ پيا ٿين. هن انهيءَ مڪر جا ٽيئي رُوپ پروڙي ورتا. اهي هئا:

(1) قومن جي وجود تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ. ماڻهن کي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي قوم سان پيار ۽ وفاداري ڪرڻ کان منع ڪرڻ ۽ روڪڻ.

(2) ظالم ماڻهُو، ظالم طبقا ۽ ظالم قومون مظلوم ماڻهن، مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن سان جيڪو ظلم ڪن ٿا، تنهن تي چشم پوشي ڪرڻ، ان کي جائز ٺهرائڻ، ان جي حمايت ڪرڻ ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ کي ننڌڻ ۽ ڪُڇلڻ.

(3) مذهب جو اصلي، نيڪي ۽ انصاف پريو مطلب ڦيرائي ان کي ظالم حاڪمن، ظالم قومن جي ظلم جو هٿيار بڻائڻ.

وطن دوست ۽ مظلومن جي يار لطيف ان سامراجي ۽ ظالم فلسفي کي سمجهي، ان کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي مظلوم قوم، توڙي دُنِيا جي سمورن مظلوم انسانن، مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن کي هڪ ڀرپور ۽ مڪمل وطن دوست، انصاف پسند، جمهوري، قومي ۽ عوام دوست فلسفي ۽ سچي اعليٰ روحانيت سان هٿياربند ڪري ڇڏيو.

لطيف پنهنجو فلسفو اهڙي تہ پياري، آسان، صاف، اثرائتي ۽ هر ڪنهن جي دل ۾ گهر ڪندڙ نموني سمجهايو جو هر ڪنهن سمجهيو تہ منهنجي دل جي ڳالهہ ڪئي اٿس، پر هيستائين ڪنهن بہ لطيف جي فلسفي جي عالمي تاريخ ۾ نظرياتي حيثيت ۽ بين الاقوامي انقلابي اهميت جو پورو انت نہ لڌو آهي. ڪنهن کي بہ سماءُ نہ پيو آهي تہ هُو پنهنجن پيارن منڻن بيتن ۽ واين ۾ ڪهڙي وهہ مان ماکي ٺاهي، ڪهڙا ڪاڪ محل ۽ قهري ڪوٽ ڪيرائي، ڪهڙي روح کي رتيون ڪري، ڪهڙي خوفناڪ مهراڻ کي ٻوڙي، ڪيڏي اجگر مڇ کي ماري، ڪهڙي جهونا ڳڙهہ کي جلائي ويو آهي.

مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن کي غلام بنائيندڙ اُموي، عباسي، مغل، افغان، ايراني، ارغون ۽ ترخان سامراجين ۽ سندن عوام دشمن ڊڪٽيٽرشپن جي غلام ڍنڍورچين فتويٰ ڏني تہ:

سچي مذهب جا ڪي بہ اعليٰ انساني، روحاني ۽ عوام دوست قدر ناهن. مذهب معنيٰ جسماني عبادت ۽ خيرات جي هدايتن جي رسمي پورائي. سهٽي لطيف چيو تہ نہ. مذهب ۽ سچي روحانيت فقط رڪارڊ جي پورائي ناهي ۽ رُڳو جسماني اُٿ ويهہ ۽ رسمن جي بجا آوري ناهي، پر ان جو اصلي جوهر، اصلي رُوح، اصلي مقصد انهيءَ کان گهڻو وڌيڪ بلڪ ٻيو آهي.

روزا ۽ نمـــــازون، ايءُ پـــــڻ چڱـــــو ڪـــــم،
او ڪو ٻيو فهـم، جنهن سان پسين پـرينءَ کـي.

اُن دؤر جي سامراجين، بادشاهن، جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن جي فوجي ڊڪٽيٽرشپ جي ڍنڍورچين چيو ۽ سيکاريو تہ ٻَرن، ٿرن ۾ رهندڙ مارو پورهيت عوام جاهل، بزدل ۽ ذليل آهن. انهن کي ڏِڪاريو ۽ جانورن وانگر وهايو. سلطان، بادشاهہ، امير، جاگيردار، قبائلي، فوجي سردار، وڏيرا ۽ سندن ڊڪٽيٽري حڪومت شاندار ۽ اعليٰ آهي. انهن جي پوڄا ڪريو، سندن قصيدا ڳايو.

داناءُ لطيف چيو تہ نہ! مسڪين ۽ اشراف ماروئڙا ڪٽي ڪهڙا بہ ميرا، ٻُکيا ۽ ڏکيا آهن، تہ بہ اهي اوهان جا پنهنجا ۽ پيارا آهن. هو ئي حقيقت ۾ اعليٰ ۽ عظيم

Gul Hayat Institute

آهن. ظالم ماڻهُو ۽ ظالم طبقا ڏسڻ ۾ کهڙا به شاندار اڇن پر حقيقت ۾ هو نِيچ، ڪميڻا، ڦورو ۽ پرمار آهن:

ڪانڌ نه ڪنديس ڪو پيو ڪٿيروئي خوب،
ميروئي محبوب، اسان مارو من ۾.

جيها جي تيها، مون سي مارو مجيا،
اٿم آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندين ڪوٽ کي.

ٿورا نه ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
پلايون پيرا، ڳٽي ڳٽيان ڪيترا.

هڏ نه پڙان هيڪڙي، ٿوري ٿر جاين،
مون کي ماروئڙن، ميري ڪري نه مَٿيو.

اُن زماني جي نظرياتي ماحول جو فرمان ۽ دستور هو ته ستايل طبقن ۽ غلام قومن جا، عزت جي لائق، قابل، ڪامياب ۽ بختاور ماڻهُو اهي آهن، جي ٿورو وڏيڪ سمجهو ۽ سُکيرڙا ٿين ته هڪدم پنهنجي مظلوم پائرن ۽ ستايل قوم کي پُٺ ڏيئي، ٻوڙي وجي ان جي دشمنن سان ملن ۽ انهن جا شڪاري ڪُتا ٿي پنهنجن پائرن ۽ قوم کي ڏاڙهين ۽ پٽين.

لطيف ان ڪميني فلسفي ۽ نظريي کي رد ڪري، پنهنجي مظلوم طبقي ۽ ستايل قوم سان ساٿ ڏيڻ ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين وفادار ٿي رهڻ جو حڪم ڏنو.

ايءَ نه مارُن ريت، جو سيڻ مٽائين سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙئين مور نه مَٽيا.

Gul Hayat Institute

مَسپني مارئي، مٽي مَ ڄائي،
جنهن اچي عمرڪوٽ ۾، لوئي لڄائي،
جا سانگين سيڏائي، سا ڪيئن مُرکي ماڙئين.

جاگيرداري ۽ شهنشاهي سرشتي عام ماڻهن ۾ تنگ نظريءَ، بزدلي، ڏاڍن جي پوڄا، نفسانفسيءَ ظاهر پرستيءَ، لَڪِير جي فقيري، ۽ انڌي عقيدت جا جيڪي زهريلا مرض پيدا ڪيا، تن جون پاڙون پٽڻ لاءِ لطيف عوام کي هڪ مڪمل عوام دوست، انسانيت پرور انقلابي ۽ عوامي فلسفو ۽ نظريو ڏنو.

هن ماڻهن کي وقت جي چالو نِيچ خيالن کي رد ڪرڻ ۽ ان کان مڪمل بغاوت ڪرڻ جو سبق ڏنو ۽ حڪم ڏنو ته رڍن جي ڌڻ وانگر اکيون پوري گهٽن جي

پوريان نہ هلو. پنهنجو ذهن، طاقت ۽ گهٽائيءَ جي جاهل دٻاءُ کان آزاد ڪريو. آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ سان سوچڻ جي جُرئت ڏاريو. غلط خيالن، ماڻهن ۽ قوتن جي مخالفت ڪريو:

اڪ التـــــي ڏار، ونـــــئن اُبتـــــو عـــــام ڪـــــان،
جـــي لهـــوارو لـــوڪ وهـــي، تـــون اوچـــو وهـــہ اويـــار.

جيڪو سُڄاڻ انسان تاريخ جو ڳوڙهو ۽ سائنسي مطالعو ڪندو، انسان جي روحاني ۽ مادي جدوجهد، ارتقا ۽ واڌاري جون منزلون ۽ انهيءَ جا قانون معلوم ڪندو، مذهبن، فلسفن، علمن، نظرين، سماجي سائنسن ۽ دُنيا جي ادب جو ڳوڙهو اڀياس ڪندو، تنهن کان لطيف جو سڀ طرفو گهرو ۽ مڪمل مطالعو ڪري يقينن ڇرڪ نڪري ويندو. ڪيس اهو معلوم ڪري حيرت وٺي ويندي تہ ادب جي دُنيا ۾ هيءُ ئي اڪيلو سمنڊ آهي، جنهن ۾ اعليٰ انسانيت، سچي روحانيت، حقيقي عوامي انقلابي فلسفي، نظريي ۽ اڻ لڀ ڏات جا ڏار ڏار هنڌن کان نڪرندڙ ۽ ڏار ڏار رستن تان وهندڙ درياهہ اچي پاڻ ۾ سمائجن ٿا ۽ موجون مارين ٿا.

دُنيا ۾ ٻيلا ٻليءَ جو ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي. ڏاتُ ۽ ڏاهپ جي ڪوٺ ڪانهي. سئفو، ورجل، دانتي، ڪاليداس، تُلسيداس، خسرو، خيام، حافظ، رومي، گوئٽي، شيڪسپيئر، مايا، ڪافسڪي، والٽ وٽمن ۽ ٻيا دُنيا جا سَوين هزارين قديم ۽ جديد شاعر پنهنجي پنهنجي نموني انسان جي ازلي ۽ ابدي، جذباتي ۽ روحاني تمنائن توڙي پنهنجي زماني جي ماحول جي ترجماني ڪن ٿا. سيني وٽ ڏاتُ آهي. سيني وٽ ڪانہ ڪا سچائي ۽ سونهن آهي. سيني وٽ ڪنهن نہ ڪنهن روشنيءَ جا ڏِيا ۽ لاٽون آهن. سڀ انسان جي دل جي ڳالهہ ڪن ٿا. پر انسان ذات جي مجموعي، بُنيادي ۽ تاريخي حقيقتن، مسئلن ۽ ضرورتن کي ڪوبہ ڏات-ڌڻي اهڙي ڇٽي، صاف ۽ مڪمل نموني نٿو پروڙي سگهي، جهڙو لطيف. ڪوبہ انسان ذات جي اهڙي وِڪ تي، هر موڙ تي، سڀ طرفي، پڪي پختي، جذباتي، روحاني ۽ نظرياتي رهبري نٿو ڪري، جهڙي لطيف. ڪوبہ فنڪار ۽ داناءُ انسان سندن عظيم مقصدن حاصل ڪرڻ جي جدوجهد لاءِ روحاني ۽ جذباتي طور اهڙو تيار ۽ هٿياربند نٿو ڪري جهڙو لطيف. ڪنهن بہ شاعر ۽ اديب لطيف کان وڌ پاڻ کي انسان ذات جي انفرادي ۽ اجتماعي، ننڍڙن خواهہ وڏن نيڪ ۽ اعليٰ مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي راهہ روشن ڪرڻ جو ذميوار نہ سمجهيو آهي.

لطيف کانئس اڳ جي اديبن ۽ شاعرن توڙي پنهنجي ايشيائي خواهہ يورپي هم عمر فنڪارن کان سماجي ۽ تاريخي شعور، عوامي احساس، انقلابي ۽ جدلي سوچ جي طريقي ۾ صديون اڳتي هو.



Gul Hayat Institute

حقيقت ۾ سموري دُنيا ۾ جيڪڏهن ڪو اهڙو شاعر آهي، جو سنڌ کان وٺي فلسطين تائين ۽ ويٽنام کان وٺي وينزويلا تائين اڄوڪي طوفاني ۽ مجاهدانہ دؤر جي سرڪش انسانن، انقلابي عوام ۽ مجاهد قومن جي حيرت انگيز ۽ شاندار باغي ۽ فاتح جدوجهد جي ترجماني ڪري سگهي ٿو تہ اهو فقط لطيف آهي.

تاريخ جي سائنس جي جڳ مشهور ماهر فريڊرڪ اينگلس سورهين ۽ سترهين صديءَ جي يورپ جو ذڪر ڪندي چيو آهي تہ ان تاريخي دؤر غيرمعمولي انسانن جي تقاضا ڪئي. هر فن مولا، مڪمل بلڪ ديوَن جيڏا وڏا ماڻهُو ان دؤر کي ملي ويا. هن اهڙن ماڻهن ۾ ليونارڊو ڊاونسي، ميڪاولي، مارٽن ليوٿر، ڊيڪارٽس ۽ نيوٽن وغيره کي شمار ڪيو آهي. اينگلس جيڪي گهڻيون زبانون ڄاڻندو هو، تن ۾ جيڪڏهن عجيب اتفاق سان سنڌي بہ شامل هجي ها تہ جيڪر هُو ان دؤر جي سچي پچي هر فن مولا، مڪمل ۽ ديوَ جيڏي انسان، اڪابر، داناءُ ۽ ڏاتُ ـ ڏٽيءَ لطيف جو نالو هرگز نہ وساري سگهي ها، جنهن ارڙهين صديءَ جي رجعت پرست جاگيرداري ايشيائي ماحول ۾ رهي ان تاريخي سماجي شعور جو جوهَر پروڙي ۽ پنهنجي فن ۾ جذب ڪري ورتو جيڪو سماجي شعور ترقي يافتہ سائنسي يورپ ۾ بہ ان کان هڪ سَئو سال پوءِ وڃي خود پاڻ ۽ سندس عظيم ساٿيءَ ڪارل مارڪس دريافت ڪيو ۽ مڪمل صورت ۾ آندو.

اڄوڪي دؤر جي حق پرست انقلابي نظريي جا بہ مکيہ اُصول اهي آهن تہ دُنيا جي مظلوم عوام ۽ دُنيا جي مظلوم قومن سان پيار ڪجي ۽ انهن جي دشمنن سان مرڻ گهڙيءَ تائين جبرو مقابلو ڪجي. سائنسي ٻوليءَ ۾ انهن اُصولن کي طبقاتي جدوجهد ۽ قومي جدوجهد سڏيو ويندو آهي. انقلابي استادن سيکاريو آهي تہ انهن ٻنهي حق پرست جدوجهدن کي ملائي هڪ ڪيو وڃي. تڏهن ئي دُنيا جي قورن ۽ سندن ڍنڍورچين جو تڏو ٻتبو. فني ۽ روحاني ميدان ۾ دُنيا جي ڪنهن بہ ٻئي شخص لطيف کان وڌيڪ انسان ذات کي انهن ٻنهي جدوجهدن لاءِ تيار ۽ هٿيار بند نہ ڪيو آهي. ڪنهن بہ انهن کي گڏيل رُوپ ۾ پيش نہ ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

## اڇو تہ حقيقت بياني ڪرڻ سکون

اڪثر ڪري حقيقتن کي ڄاڻڻ ڏکيو هوندو آهي ۽ ان ڪان بہ وڌيڪ انهن کي صحيح نموني سمجهڻ ڏکيو هوندو پر سڀ ڪان ڏکيو هوندو آهي، انهن جو صحيح نموني اظهار ڪرڻ. اڪثر ڪري ماڻهُو حقيقتن کي ائين بيان ڪندا آهن، جيئن سندن دل چوندي آهي، نہ ائين جيئن اهي حقيقت ۾ هونديون آهن.

دُنِيا جون حقيقتون جن ۾ انسان ۽ انساني ڪردار بہ شامل آهن. ساديون گهٽ ۽ پيچيديون وڌيڪ هونديون آهن. اهي وري يڪيون هڪجهڙيون بہ نہ هونديون آهن. اڪثر انهن جا هڪڙا حصا هڪڙي قِسم جا ٻيا ٻئي قِسم جا هوندا آهن. حقيقتون سدائين هڪ جهڙيون بہ نہ هونديون آهن. انهن ۾ اڪثر لاڳيتيون تبديليون بہ ايندڀون رهنديون آهن، مثلاً جيڪڏهن ڪنهن غريب ماڻهُوءَ جي ڳالهہ ڪندي چئجي تہ، ”هن جا ٻچا سدائين لنگهڻ هوندا هئا.“

حقيقت بيانيءَ لاءِ ضروري آهي تہ ڳالهہ جي صحيح تحقيقات ڪرڻ ۽ صحيح معلومات حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجي ۽ ان ۾ نہ رُڳو ڳالهہ ناهڻ لاءِ ڄاڻي ٻُجهي گهٽتائي يا وڌاءُ نہ ڪجي پر ڪوشش اها هجي تہ بي احتياطيءَ، غلطيءَ يا اڻ ڄاڻائيءَ وچان بہ ڪا گهٽتائي يا ڪو وڌاءُ رهجي نہ وڃي.

حقيقت بيانيءَ لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهُو اها ڪوشش هرگز نہ ڪري تہ ٻُڌندڙ يا پڙهندڙ تي ڪيئن بہ ڪري فلاڻو يا فلاڻو تاثر ويهاريان ۽ ڪين فلاڻي ڳالهہ يا فلاڻي ماڻهُوءَ جي فائدي ۾ يا برخلاف ڪريان.

حقيقت بيانيءَ جي تقاضا آهي تہ ماڻهُو ڳالهہ جهڙي ۽ جيتري هجي اهڙيءَ اوتري ڪري پوءِ چاهي ان جو اثر کهڙو بہ وڻندڙ يا اڻ وڻندڙ پوي. ٻين لفظن ۾ ڳالهہ ڪرڻ جو بُنِيادي مقصد دل گهريو تاثر پيدا ڪرڻ نہ پر صحيح حقيقت جو

Gul Hayat Institute

صحيح اظهار ڪرڻ هٿان گهرجي. حقيقت بيانيءَ جي وفاداري سچ سان آهي ۽ نہ ڪنهن جي دل کي خوش يا رنج ڪرڻ سان.

دُنيا ۾ حقيقت بيانيءَ جو رواج تمام گهڻو دير سان پيو. انسان ذات هن ڪائنات، انساني سماج ۽ پاڻ کي سمجهڻ جا ڪشالا ڪندي لکين سال ڏونگر ڏوريا آهن. جڏهن پهريائين هُن اجا شين، لقائن ۽ حقيقتن کي سمجهڻ نہ سکيو هو تڏهن هُوا اڪثر ڪري رُڳو عجب ڪائيندو هو ۽ ڏُڪا هڻندو هو. هن هڪڙا ڏُڪا اهي بہ هنيا تہ تارا چنڊ، سج وڻ، پاڻي، انهن سڀني ۾ ڳُجهيون قوتون آهن. ان ڪري هن انهن کان ڊڄڻ ۽ انهن جي ڪاوڙ کان بچڻ لاءِ انهن ڏنل ڳالهين ۾ ڪا ڪرامت ڪانهي، تڏهن انهن وري اڻ ڏٺل شين کان ڊڄڻ ۽ انهن جي پُوڄا شروع ڪئي. ان ڪري شين، ماڻهن يا حقيقتن کي صحيح نموني سمجهڻ بدران انهن کي خوفناڪ ۽ پوڄا لائق سمجهڻ انسان جي نس نس ۾ سمايل پئي رهيو آهي. ڪئين صدين کان پوءِ ڪِن ٿورڙن انسانن ڪائنات، ڌرتي ۽ انساني سماج جو حقيقتن جي پوري ڪوشش سان تپاس ڪرڻ، انهن بابت وڌي جاڪوڙ سان صحيح معلومات گڏ ڪرڻ ۽ ان کي صحيح نموني بيان ڪرڻ جي شروعات ڪئي. اهڙيءَ طرح دُنيا ۾ سکڻ ڏُڪن هڻڻ يا ڳالهہ گهٽائڻ يا ان ۾ اجايو وڌاءُ ڪرڻ جي ريت سان گڏوگڏ حقيقت کي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ يعني حقيقت بياني ڪرڻ جي ريت بہ پئي.

حقيقت بيانيءَ جي ريت ئي علم ۽ سائنس جو بُنياد وڌو. حقيقت بيانيءَ جي فيض ڪري اڄ اسان کي صحيح صحيح معلوم آهي تہ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ "الاهي پنڌ"، "ٿورڙو پنڌ"، "ڳچ پنڌ"، "الاهي ڪوهہ"، "سڏ پنڌ جي" جيترو فاصلو نہ پر هيترا يا هيترا مقرر ميل پنڌ آهن. نہ گهٽ نہ وڌ. ماڻهن جي ڏندن جو تعداد 32 آهي، نہ گهٽ نہ وڌ. انساني بدن جي گرميءَ جو دستوري درجو 98.4 آهي، نہ گهٽ نہ وڌ. ائين بيون بي حساب ڪروڙين ڳالهيون، اسان کي پڪي پختي نموني، بِنا ڪنهن شڪ شبهي جي معلوم ٿي ويون.

جن ڳالهين جي باري ۾ اهڙي انگن اکرن واري پڪي پختي ڳالهہ ڪرڻ ممڪن ناهي، تن جي باري ۾ بہ هڪڙي طرف حقيقت بياني ۽ ٻئي طرف اجائي وڌاءُ يا سکڻن ڏُڪن هڻڻ ۾ زمين آسمان جو فرق ٿئي ٿو. قابل ذڪر ماڻهن جي سوانح عمرين تي هن دؤر ۾ لکيل معياري ڪتاب پڙهي ڏسبا تہ معلوم ٿيندو تہ لکڻ وارن حقيقت بيانيءَ جي ڪهڙين بلندين کي وڃي ڇهيو آهي! هزارين چڱايون هجن تہ هزارين ئي بيان ٿينديون. پر مجال آهي جو قابل ذڪر اوڻائي بيان ٿيڻ کان رهجي وڃي، اصل جيئن اٿاتاميءَ جي درسي ڪتابن ۾ هر هڏي، هر

Gul Hayat Institute

مُشڪَ جو الڳ الڳ بيان ٿيل هوندو آهي، تيئن هر چڱائي اوڻائيءَ جو حساب ڪتاب ٿيل هوندو. جتي بہ علم ۽ سائنس جو راڄ آهي اتي ائين حقيقت بيانيءَ سان کير جو کير ۽ پاڻيءَ جو پاڻي الڳ ٿيل هوندو آهي ۽ ٽِرَ پيا توربا آهن.

ادب ۽ فن ۾ تنقيد جي صحيح معنيٰ رُڳو اوڻايون بيان ڪرڻ ناهي. تنقيد معنيٰ خوبين توڙي اوڻاين ٻنهي جي پرک ڪرڻ ۽ ان پرک جو نتيجو صحيح ڄاڻ ايمانداري، سمجهہ ۽ قابليت سان صحيح نموني بيان ڪرڻ، ڪن شين، ڳالهين ۽ ماڻهن جي عام حد کان وڌيڪ تعريف يا گلا ٿيڻ ڪپي، پر پوءِ بہ فقط ايتري عام حد کان وڌيڪ تعريف يا گلا جيتريءَ جو حقيقت ۾ لائق هجن. ان کان گهٽ يا وڌ ڳالهہ ڪبي تہ حقيقت بيانيءَ جي خلاف ورزي ٿي پوندي! ادب ۽ فن، جن جو ڏنڌو ئي وڌاءُ تي هلي سگهي ٿو، تن ۾ ڪن حد کان وڌيڪ سُٺن يا بُرن ماڻهن جي لامحدود تعريف يا گلا جي ڇوٽ بہ جائز سمجهي ويندي آهي. اها ان ڪري جائز سمجهي ويندي آهي جو هر ڪو سمجهندو آهي ۽ اها تاريخي حقيقت بياني نہ پر صرف ادبي تعريف يا قصيدو يا هجو يا تبرا آهن. ان کي اکر بہ اکر صحيح ڪري وٺڻو ناهي پر ڪنهن ادبي ۽ فني تجزيي، تنقيد ۽ پرک جن ۾ ٽِرَ تورڻا هوندا آهن، تن ۾ اهڙي قسم جي واڌيءَ گهٽتائيءَ قطعاً اجازت ڪانهي.

ان ڪري جيڪو بہ اديب يا شاعر پاڻئي تہ سندس ڪنهن ڳالهہ کي دستوري ادبي ۽ فني وڌاءُ ۽ مبالغو نہ پر هڪڙي سنجيده ۽ ذميوارانہ علمي راءِ سمجهيو وڃي، تنهن کي دستوري مبالغہ آرائيءَ بدران ٽِرَ تورڻا پوندا ۽ حقيقت بيانيءَ جي سمورين علمي تقاضائن کي پورو ڪرڻو پوندو. صحيح ۽ ايمانداريءَ واري علمي ۽ فني تنقيد جي نہ ڪنهن سان دوستي آهي نہ دشمني، هن جي مائٽي ۽ دوستيءَ جي ڪنهن سان ٿي سگهي ٿي تہ فقط حقيقت بيانيءَ سان ئي ٿي سگهي ٿي.

حقيقت بياني ۽ صحيح علمي، ادبي ۽ سائنسي تجزيہ نگاري پرک ۽ تنقيد جو حقيقي امتحان تڏهن ٿو اچي، جڏهن ڪنهن دل گهرئي ماڻهُوءَ يا انتهائي مقبول عام شخصيت جي زبردست ڪمزورين جي پوري پوري اپٽار ڪرڻ يا ڪنهن انتهائي مخالف يا نامقبول يا قابلِ نفرت سمجهيو ويندڙ ماڻهُوءَ جي زبردست خوبين جي نشاندهي ڪرڻ سندن فرض بڻجي پوي. حد اُها آهي جڏهن اهو اعلان ڪرڻ سندس فرض ٿي پوي تہ هنن سببن ۽ فلاڻين فلاڻين ڳالهين جي ڪري فلاڻو مجموعي طور عظيم ماڻهُو هاڻ مجموعي طرح پنهنجي اُبتڙ ۾ تبديل ٿي هاڻي هڪڙو پست ماڻهُو بڻجي ويو آهي ۽ فلاڻو مجموعي طور پست ماڻهُو فلاڻن فلاڻن سببن ۽ فلاڻين فلاڻين ڳالهين جي ڪري هاڻ عظيم بڻجي ويو آهي. حقيقت بياني ۽

Gul Hayat Institute

صحيح تجزئي، پرک ۽ تنقيد جي امتحان جي آخري حد شايد تڏهن اچي ٿي، جڏهن ماڻهوءَ جو پنهنجي عمر جي آخر ۾ اهو اعلان ڪرڻ فرض ٿي پوي تہ مون پنهنجي مقبول ۽ مشهور زندگيءَ ۾ جيڪي صحيح سمجهيو ۽ ڪيو سو حقيقت ۾ سراسر غلط هو. منهنجي سموري زندگي هڪڙي رُڄ ۽ هڪڙي گندي ڏُٻڻ هئي!

ادب ۾ قصيده گوئيءَ جو بازاري پڻو نيٺ اهڙو خوار خراب ٿي ويو. جو چار صديون اڳ عرفيءَ جهڙي خوددار شاعر هڪڙي ڏينهن چئي ٿو:

"قصيده ڪارِ هوس پشيگان بود عرفي-
تو از قبيلئہ عشقي وظيفہ ات غزل است."

(اي عرفي! قصيده چوڻ لالچي ماڻهن جو ڌنڌو هوندو هو. تون عاشقن جي قبيلي جو ماڻهُو آهين، توکي غزل چوڻ ئي سونهي ٿو.)

يورپ جي تهذيب يوناني رومي تهذيب جي علمي، سائنسي ۽ قانون جي بالادستيءَ جي سماجي رِيت جي بُنياد تي بڌل آهي. ان ڪري عام طرح اُتي مبالغہ آرائيءَ کي بہ هڪ حد تائين عقليت ۽ حقيقت بيانيءَ جي دائري اندر رهڻ تي مجبور ڪرڻ جي روايت آهي. اها ثقافت غير حقيقت، غير عقلي ۽ حساب ڪتاب ۽ وزن کان ٻاهر رڳي ساراهہ يا رڳي مذمت کي ڏکار جوڳي معيار کان ڪريل ڳالهہ سمجهندي. ڳالهين کي اوتري اهميت ڏيندي رهي آهي، جيتري قدر انهن ۾ ڪا حقيقت بياني هوندي آهي.

انگلينڊ جي بادشاهہ چارلس تہ پهرئين جنهن گهرو لڙائيءَ کان پوءِ وطن ۽ قوم خلاف غداريءَ جو ڪيس هلائي 1649ع ۾ موت جي سزا ڏني وئي. ان لڙائيءَ جي فاتح ڪرامويل جي جڏهن تصوير تي ناهي وئي تڏهن مصور کي چيائين، "ڏس! تصوير صحيح هجي....! منهنجي مُنهن تي جيڪي بدصورت آسا ۽ موهيڙا آهن، اهي تصوير ۾ ضرور اچن.......!" ان کان پوءِ انگريزي ٻوليءَ ۾ هڪ نئين چوڻي نهي وئي تہ ڪنهن حقيقت جي صحيح رپورٽ لاءِ ضروري آهي تہ ان ۾ "آسا" ۽ "موهيڙا" ضرور نظر اچن. يعني ڳالهہ جا چڱا توڙي بُرا سڀ پاسا پيش ڪيا وڃن ۽ نہ رُڳو هڪڙو ساراهہ يا گلا وارو پاسو.

مون انگريزي ناول تڏهن پڙهڻ شروع ڪيا جڏهن آءٌ سنڌ مدرسي جي ڇهين درجي ۾ داخل ٿيس ۽ سنڌ مدرسي جي لائبريريءَ جو انچارج ٿيس. منهنجي عمر ان وقت 15 سال هئي. مون ان کان اڳ فقط ڪجهہ اردو، هندي ۽ بنگالي ناولن جا ترجما پڙهيا هئا. انگريزي ادب جي جنهن ڳالهہ مون کي سخت حيرت ۾ وڌو ۽ بيحد متاثر ڪيو، سا ڳالهہ هئي انگريزي ناولن جي گهڻ-طرفي حقيقت بياني.

هيرو ۽ هيروئن جي ڪردار ۾ بہ ڳئين ڪوٺون ڏيکاريل هونديون هيون. هر ڪردار ڳهڻ پاسائون ڏيکاريل هوندو هو. ادب کي زور وٺائڻ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي مهراڻ ۾ جڏهن ادبي خط، مضمون ۽ تنقيدي مقالا لکڻ شروع ڪيم. تڏهن مون سعيو ڪري سنڌي ادب ۾ بہ يورپ واري ڳهڻ پاسائين ۽ توازن واري حقيقت بيانيءَ تي بڌل ڳالهہ ڪرڻ ۽ تنقيد ۽ "آسن ۽ موهيڙن" کي بہ نروار ڪرڻ جي رِيتِ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌي ادبي سنگت ان رِيتِ کي خاص طرح زور وٺايو ۽ ڪجهہ سالن کان پوءِ سڀ طرفي حقيقت بيانيءَ تي بڌل متوازن ۽ انصافي انصاف تنقيد سنڌي ادبي سنگت جي سڃاڻپ بڻجي وئي.

اڄڪلهہ حالتن ۾ 180 ڊگرين جو ڦيرو نظر اچي ٿو. ڪيترين لکڻين ۾ "ڌرتي گول آهي." چوڻ کان اڳ خلا جي اٿاهہ وسعتن ڪائنات جي بي ڪران گهرائيت ۽ انبلٽ جي سمورن رنگن جو ذڪر ضروري ڄاتو وڃي ٿو. ڪيترا دفعا ڏٺو ويو آهي تہ ڪِن رسالن ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات کان اڳ ايڊيٽر طرفان ڪهاڻي ڪار جي ادبي شُجري، سندس شخصيت جي عظمت، سندس لکڻين جي نرالائي ۽ ادب ۾ سندس عظيم مَرتبت تي ۽ پوءِ خود ان ڪهاڻيءَ تي ڪهاڻيءَ کان ٽيڻو قصيدو ڇاپڻ ضروري ڄاتو وڃي ٿو. "اتي"، "انت"، "وشال" قسم جي هندي، سنسڪرت ڦوڙاڻ کان سواءِ تہ ڄڻ ڪا سنڌي لکڻي ادب ۾ شامل ٿي نٿي ليکي سگهجي. ڏسجي ٿو تہ ڪيترن ماڻهن جي نظر ۾ ادبي لکڻين جي اصل اهميت اها ناهي تہ خود اها لکڻي ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي، پر اها آهي تہ ان جي شان ۾ ڪهڙي وڏي قصيده گو ڪهڙو عمدو قصيدو لکيو آهي.

ڳالهہ جو بُنيادي دارومدار حقيقتن جي پيٺ ۾ اڪثر شخصي لڳ لاڳاپن تي وڌيڪ نظر اچي ٿو. ائين ٿو لڳي ڄڻ جيڪو هڪ ڳالهہ ۾ نٿو وڻي، تنهن کي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ هڪڙي مارڪ بہ نہ ڏيڻي آهي. جيڪو ڪِن هڪ ٻن ڳالهين ۾ سُنو آهي، سو ٻين ڳالهين ۾ ڪٿي ڪهڙو بہ ڪِنو هجي تہ بہ سُنو آهي، سچو سُنو آهي ۽ سُني کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي. جيڪو ڪالهہ ڪنهن خاص ادا جي ڪري سُهڻو هو سو اڄ پلي ڪٿي گند جو ڍير ٿي وڃي پر اڄ بہ ان کي سدا ملوڪ، سدا سُهڻو، اصل گلاب جو سدا بهار گل ٿي سمجهڻو ۽ سڏڻو آهي. سورمي مان ڦِري پاڙي ٿي ويل ماڻهوءَ جي رُڳو ڪلهوڪين سورهيائين جو ذڪر ڪري سندس هٿ پَير چُمبا. جن سورهيائين کي هو پُٺ ڏيئي چُڪو آهي، انهن جو ڪَٽيو اڄ بہ ڪارائي ڪيس پاڙيائي تي وڌيڪ چڪي سندرو ٻڌرائڻو آهي. ٿورڙي دير لاءِ پئسي جي مڙسي ڏيکاري باقي سڄي عمر پاڙين جي همراهيءَ ۽ سرپرستي ڪرڻ ۽ پاڙيائيءَ کي زور وٺائي چوٽ چاڙهڻ واري کي، ان پئسي جي پراڻي مڙسيءَ جي ڪري

Gul Hayat Institute

سدائين مڙس ليکڪو ۽ سندس پاڙپائيءَ کي همٿائڻ واري ڪاروبار ۾ سندس هٿ ونڊائڻو آهي. اهڙيءَ ريت پئسي جي مڙسيءَ جي آڙ ۾ رپئي جي پاڙپائي پيدا ڪرڻ جي رِيتِ عام ڪرڻي ۽ وڌائڻي ويجهائڻي آهي. تنهن ڏينهن اسلام آباد ۾ نبي بخش کوسي هڪڙي ڳالهه ڪري دل خوش ڪري ڇڏي. گهڻن زمانن کانپوءِ کنهن کي پنهنجي حساب سان اهڙي بي ريا انصافي انصاف ادبي ڳالهه کندي ٻُڌم سو بہ بي ساختہ بنا پڇڻ جي چيائين:

”سنڌ فقط چار عظيم ماڻهُو پيدا ڪيا آهن. لطيف، قليچ، اياز ۽ نبي بخش بلوچ“. مون نوٽ ڪيو تہ سچ ڇڏي ويو پر اهو بہ نوٽ ڪيم تہ قليچ جي حيثيت جي گهڻن ماڻهن کي خبر نہ هوندي بہ. اياز جي نئين جُوڙِ بدلائڻ کان پوءِ اختيار ڪيل موقفن مان انت بيزار هوندي بہ ۽ ڊاڪٽر بلوچ کان نظرياتي طرح ڪوهين پري هوندي بہ تنهي جا نالا وڏي چاهہ سان کنيائين. چوڻ جو مطلب آهي تہ هُن پنهنجي حساب سان انصافي ڳالهہ جو اعلان ڪرڻ ضروري سمجهيو ۽ ڪيائين ۽ سو بہ سواءِ کنهن جي پڇڻ جي. تازو ”ڪاوش“ ۾ اعجاز منگيءَ هڪڙي پلي ڳالهہ ڪئي. چيائين تہ پلن ماڻهن جون مرڻ کان پوءِ تعريفون ڪرڻ بدران سندن جيئري ڪجي. ائين چئي شيخ اياز جي ائڊريس ماڻهن کي ڏنائين تہ ان تي کيس خط لکو. ڳسي ڳالهہ رُڳو اها ٿي جو ڳالهہ جو انداز اهڙو اختيار ڪيل نظر آيو چڻ ماڻهن کي اياز بابت حقيقت بيانيءَ ڪرڻ بدران رُڳو کيس خراج تحسين ڏيڻ جي تلقين پئي ڪئي وئي.

حقيقت بيانيءَ جي تقاضا اها هئي تہ اياز جي سوچن ۽ شاعريءَ ۾ گذريل ڪيترن سالن کان جيڪو زبردست موڙ آيو آهي، جنهن جو پاڻ وڏي شرم سان ذڪر بلڪ پرچار پئي ڪيو اٿس، ان جو بہ گهربل نوٽيس ورتو وڃي ها.

جيستائين اياز جي اڳوڻي ۽ هاڻوڪي فڪري موقف ۽ اڳوڻي ۽ هاڻوڪي شاعريءَ جو ڪو ڀرپور ۽ تفصيلي علمي ۽ تنقيدي جائزو ورتو وڃي تيستائين گهٽ ۾ گهٽ اياز جي نئين فڪري ۽ فني رُوپ بابت ڪجهہ نہ ڪجهہ ڄاڻ پڙهندڙن کي ڏيڻ ضروري آهي. مثلاً هيٺين نقطن طرف سندن ڌيان ڇڪائڻ شايد حقيقت بيانيءَ جي تقاضائن جي ابتدائي قسم جي پورت ڪري ها. اياز جي شاعريءَ جو اڳوڻو ۽ وڏو حصو ايترو دلڪش، من موهيندڙ ۽ زبردست آهي جو ان جي صحيح پرک لاءِ ايترا ڪتاب لکڻ ضروري ٿيندا جو لائبريريءَ جا ڪٻٽ پرجي وڃن تہ بہ شڪ ڪونهي، پر اياز رُڳو عظيم شاعري ڪانہ ڪئي آهي. ڪيترن سالن کان هن جي شاعري هڪڙي وڏي فڪري زوال جو ابتڻ ۽ پوئتي موٽي شڪار بہ ٿي آهي. اياز اڄ اهو انهن ساڳين انقلابي سوچن وارو ماڻهُو

ڪونهي جن سوچن سندس عظيم روشن خيال، ترقي پسند ۽ انقلابي شاعريءَ کي جنم ڏئي، پنهنجي سماج ۽ قوم جي تقدير بدلائڻ جي جدوجهد ۾ شاهه وانگر اسان جي روحاني رهبري ڪئي هئي ۽ اسان کي ڏڍ ۽ سهارو ڏنو هو. اچوڪو اياز انهن سوچن تي ملامت ۽ تبرا ڪرڻ وارو اياز آهي، جن سوچن ۽ ان مان ڦُٽي نڪتل شاعريءَ جي ڪري سنڌ جي اسان سيني سندن مداحن ۽ ساٿين کي "سنڌ جو آواز" جو لقب ڏنو هو. اچوڪو اياز نفي آهي ان اياز جي، جيڪو چوند هو:

"اڄ تہ پنيرڪي تائين پڙڪي شعلا شعلا پل پل"

اچوڪو اياز قومي ۽ سماجي تقدير بدلائڻ جي جدوجهد جو جهنڊو بلند ڪرڻ وارو نہ پر ان کي ڦِٽو ڪري ماٺ ڪري گهر جي ڪُنڊ ۾ ويهي سندس نوان "ابري" شعر پڙهي سندس دعا سان تقدير جي ازخود بدلجڻ جو انتظار ڪرڻ جو درس ڏيڻ وارو اياز ۽ سماجي سڌاري، تبديليءَ ۽ واڌاري جي ڪوشش ۽ انهن ڪوششن جي حمايت ڪندڙ ادب، شاعري ۽ فڪر تي تبرا ڪرڻ ۽ انهن خلاف جنسي زهر اوڳارڻ ۽ جماعت اسلامي ۽ سرمائيدار ملڪن جي انقلاب دشمن مبلغن ۽ پيشہ ور پروپيگنڊا بازن کي بہ ڪِن ڳالهين ۾ مات ڏيڻ وارو اياز آهي.

ان جوش ۽ جنون ۾ اهڙيون پاراٽيون ڳالهيون بہ ڪرڻ لڳو آهي، جهڙيون "سَرَ لوهيڙا ڳيپا" جي بي رَبط ۽ سطحي مُهاڳ ۾ ڪانئس لکجي ويون آهن.

مثلاً: "انگيلنڊ ۽ جرمنيءَ جي بورجوا سوسائٽي فرانس کان مختلف هئي، ڇو تہ اتي صنعتي انقلاب فرانس کان اڳ اچي چڪو هو." (ص 19، سِٽون 13_14). يورپ جي سماجي تاريخ جي شاگرد اسڪولي ٻارن کي بہ خبر آهي تہ جرمنيءَ ۾ صنعتي انقلاب فرانس کان اڳ نہ ان کان ڪافي پوءِ آيو ۽ ان وقت جرمنيءَ جي سوسائٽي بورجوا (وچين طبقي جي) نہ پر انتهائي رجعت پرست فوجي جاگيردار سوسائٽي هئي. هو بئي هنڌ لکي ٿو:

"اهو چوڻ تہ شاهه عبداللطيف جي شاعري عوامي آهي، بالڪل غلط آهي. جي اها عوامي هجي ها تہ رسالي جون ايتريون شرحون لکڻيون نہ پون ها." (ص: 20، سِٽون 10_12). "عوامي" شاعريءَ جي معنيٰ آهي اها شاعري جيڪا عوام جي ٻاري ۾ بہ هجي، پر ان سان گڏوگڏ انهن جي سمجهہ ۾ بہ اچي. شاهه وڏو شاعر هو. وڏي شاعري رُڳو شاندار ٻوليءَ جو نہ پر شاندار ۽ اعليٰ سوچ جو بہ مسئلو آهي. اعليٰ سوچ جي اظهار لاءِ جيڪا ٻولي گهربل هوندي آهي، سا لازمي ڪٿي ڪٿي ڏکي بہ ٿيندي آهي، پر مجموعي طرح شاهه جي شاعريءَ ۾ جيترا سادا ۽ عام فهم شعر آهن اوترا ٻين ٿورن وڏن شاعرن جي شاعريءَ ۾ ليندا. هن جي ڳالهه جيتري

Gul Hayat Institute

سنڌي عوام جي دل کي لڳي ٿي اوتري خواص ۽ پڙهيلن جي دل کي مشڪل لڳندي هوندي. خود اياز پنهنجي مٿين ڳالهه جي ترديد هنن جملن ۾ ڪري ٿو: ”ان (شاهه جي شاعري) ۾ دُنيا ۾ هومر کان وٺي غالب تائين اهڙي شاعري مشڪل سان ملندي، جنهن جون تشبيهون ۽ استعارا ائين روز مره جي زندگيءَ مان ڪنيل هجن ۽ ان کي پنهنجي عوام لاءِ ان جي رهڻي ڪهڻي ايترو اتساهيو هجي.“ جيڪڏهن شاهه جي شاعريءَ جون تشبيهون ۽ استعارا عوام جي روزمره جي زندگيءَ مان ڪنيل آهن ۽ ان شاعريءَ جا اتساهه پنهنجي عوام ۽ ان جي رهڻي ڪهڻيءَ مان حاصل ڪيل آهن ته پوءِ عوامي شاعريءَ کي ٻيا ڪهڙا سِڱ ٿيندا آهن. جيڪي شاهه جي شاعريءَ کي ڪونهن. اياز چوي ٿو:

”آخر ڀٽائيءَ جي دؤر ۾ ئي قاضي قاضن پيدا ٿيو هو مغلن جي حڪومت جو زوال آيو هو. نادر شاهه جو حملو ٿيو هو جو نور محمد ڪلهوڙي جا پٽ يرغمال طور وٺي ويو هو ۽ پورچوگيزن ٺٽي کي باهه ڏئي هئي ۽ تباهه ڪيو هو.“ (ص: 27، سِٽون 19_21). مٿي ذڪر ڪيل ٻيا سڀ ڪم شاهه جي دؤر ۾ ئي ٿيا هئا، پر قاضي قاضن ڀٽائيءَ جي دؤر ۾ ڪونه پيدا ٿيو هو. قاضي قاضن کي سندس سورهين صديءَ واري موت کان ذري گهٽ ٻه صديون پوءِ وري ٻه شاهه جي ارڙهين صديءَ ۾ جيئاري اياز پنهنجي آواگون يعني وري وري جيئڻ ۽ مرڻ واري عقيدي کي ته ورجايو آهي، پر تاريخ سان بي رحميءَ جو ورتاءُ ڪيو آهي. دراصل اياز کي خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته هُو اڄڪلهه انقلاب دشمني ۽ رجعت پرستيءَ جي نئين عشق ۾ گرفتار ٿيڻ کان پوءِ ڇوي ڇا پيو.

نئون نينهن لڳوس، ڳري ۽ ڳالهيون ڪري (شاهه)

پنج ڏهه سال اڳ ڪير وسهي ها ته هي جملا اياز جي قلم مان نڪتا آهن:

”هينيان جاپاني شعر ادب براءِ زندگيءَ جي ملاڪڙي ۾ نٽا اچن... ڪنهن اخلاق جو پرچار به نه آهن... سياسي نعرو به نه آهن.“

اهو اياز ته ڪونهي جنهن لکيو هو:

”گونگا ماٺهُو ٻوڙا ماٺهُو ماٺهُو ٻوٽ ٻڏل،
للڪارون للڪارون ٿي ويا، لُڏي ويا ايوان.“

”پنهنجي رَتَ سان ريٽو جهنڊو اُڀ تائين جهولينڊو،
اهڙو ڏينهن به ايندو ساٿي، اهڙو ڏينهن به ايندو.“

هيءُ اُهو اياز ته ڪونهي جيڪو نعرا هو للڪارون هو. سنڌي قوم جو آسمان ۾ جهولينڊڙ سوڀارو جهنڊو هو. باغي ۽ بيخوف گيتن جو سرجڻهار هو. ضرورت

Gul Hayat Institute

آهي تہ ۾نهي ايازن تي لکيو ويجي ۽ اياز کي جيڪي خط لکيا وڃن تن ۾ ۾نهي جو ذڪر هجي. باغي ۽ انقلابي اياز جو بہ ۽ پڻ بغاوت ۽ انقلاب تان ٿوڪون، ڇٽرون ڪندڙ اياز جو اڳتي وڌندڙ سماج جي علمبردار اياز جو ۽ پڻ ڳوڙها ڳاڙهي پوئتي هٽندڙ ۽ ٻين کي پوئتي ورائيندڙ اياز جو.

شاعريءَ ۾ پنهنجي اهميت پاڻ ڄاڻائڻ عيب نہ سمجهيو ويندو آهي. ان کي شاعرانہ تعلي ڀاشا ڪرائڻ، پاڻ پڏائڻ ڇئي جائز ۽ دستوري ڳالهہ ٺهرايو ويو آهي. اياز شاعرانہ تعلي ۾ اجائي نهٺائي ۽ شرم کان ڪم نہ ورتو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ هندستان پنهنجي هزارين سالن جي تاريخ ۾ فقط ڪي بہ چار شاعر پيدا ڪيا آهن، بلڪ سڄي دُنيا هيترين سمورين صدين ۾ لاچار ڪي ڏهاڪو کن وڏا شاعر پيدا ڪيا آهن. هو پاڻ کي انهن چونڊ شاعرن جي صف کان پوئتي نٿو ليکي، سا ڳالهہ چوڻ جي نہ پر سمجهڻ جي آهي، حالانڪ هن گهٽي شڪ شبهي جي گنجائش تمام گهٽ ڇڏي آهي.

هو پاڻ کي ٻئائيءَ جيڏو وڏو شاعر نہ پر ان کان وڏو شاعر ليکي ٿو ان ڳالهہ تي وسهڻ لاءِ بہ سبب موجود آهن.

مثلاً هو لکي ٿو:

”تون سنڌ ۾ ٻئائيءَ کان وڏو شاعر ڏسڻ چاهين ٿو؟ توکي اکيون آهن“. (ص 124 سِٽَ 11)

سمجهڻ وارن لاءِ شايد هن سٽ جو مطلب سمجهڻ مشڪل نہ ٿئي. هُو چوي ٿو:

”هن ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ شاعر ٿيا گهڻا آهن؟ ڇو ٿو وات کولائين؟“ (431 سِٽَ 11)

”ساريءَ دُنِيا ۾ ڏهاڪو شاعر مس ٿيا آهن، شايد مون انگ وڌايو آهي!“

قابل ذڪر ڳالهہ اها ناهي تہ هن اهي دعوائون ڪيون آهن. شاعر وڏيون دعوائون تہ هميشہ ڪندا آهن، وڏن شاعرن جي دعوائن جي وڏائيءَ تي ڪابہ حيرت نہ ٿيڻ گهرجي. دراصل اياز جون اهي دعوائون مورُڳو سچيون هجن تہ بہ عجب ڪونهي، اياز بہ ڪو معمولي شاعر ڪونهي! قابلِ ذڪر سوال هيءُ آهي تہ اياز جي عظمت جو بُنيادي دارومدار جنهن شاعريءَ تي آهي، جيڪا روشن خيال، ترقي پسند ۽ انقلابي سوچ ان شاعريءَ جو ڄاتل سڃاتو سرچشمو آهي، ان تان تہ هو مڙسان مڙسيءَ ڦري ڀُنيرو ٿي ويو آهي، بلڪ ان تي تہ هُو رات ڏينهن تبرا ڪرڻ ۾ مشغول آهي. ان حالت ۾ ڇا ڪيس اهو حق رسي ٿو تہ هُو پاڻ کي اڃا بہ اڄ بہ هيڏو

Gul Hayat Institute

وڏو شاعر سڏي، محض ان شاعريءَ ۽ ان فڪر جي بُنِياد تي، جنهن کي هُو هاڻ تَرڪ ڪري چڪو آهي؟

ڇا هُو نہ ٿو سوچي تہ هُو جيڪو ڪالهہ جي حوالي سان عظيم شاعر هو سو اڄ جي سندس نئين سوچ ۽ شاعريءَ جي حوالي سان اڃا ڪابہ مڃتا حاصل ڪري نہ سگهيو آهي، بلڪہ گهڻا ان کي بلڪل رد ٿا ڪن ۽ ان حالت ۾ هُو اڄ جي حساب سان وڏو شاعر نہ پر هڪ رواجي انقلاب مخالف شاعر بہ سڏيو وڃي تہ ڪيس عام مقبوليت جي حساب سان توڙي ٻيءَ طرح اعتراض ڪرڻ جو ڪو حقيقي جواز نٿو حاصل ٿئي. سنڌ جا روشن خيال ماڻهُو تہ اياز جي اڳوڻي شوخ، باغي، ’ڪافر‘ شاعريءَ پويان چريا ٿي پيا آهن، پر ”ديندار ۽ مومن“ شاعر تہ اياز کان وڏا ٻيا پيا آهن!

هتي پاڻ جيڪو نُڪتو پيش ڪرڻ چاهيون ٿا، تنهن کي اياز هڪڙي ٻئي حوالي سان ڏاڍي اثرائتي نموني پيش ڪيو آهي، هُو لکي ٿو:

”هڪ پيري اليا اهرنبرگ نيويارڪ جي هڪ رستي تان ٿي ويو. هن اوچتو ڪوئي آمريڪي اديب ڏٺو جو هن کي ڏسي، مُنهن ڦيري وڃڻ لڳو. ان تي اليا اهرنبرگ هن کي ٻانهن کان جهلي چيو: ’ڇا تون مون کي نٿو سڃاڻين؟‘ جنهن تي هن جواب ڏنو: ’ها مان سڃاڻان ٿو تون اهرنبرگ آهين، جو ڪنهن وقت اديب هو.‘ نہ ڄاڻان اسان جا گهڻا پراڻا اديب اهو جواب برداشت ڪري سگهندا؟“

سوال آهي تہ ڇا خود اياز ان قسم جو جواب برداشت ڪري سگهي ٿو!؟ اياز جو اڳوڻو مُثبت، روشن خيال، ترقي پسند ۽ انقلابي پاسو بي مثال، عظيم ۽ لافاني آهي ۽ ان پاسي جي عظمت کي خود هاڻوڪو قِريل، منحرف ۽ توبهہ تائب انقلاب مخالف اياز بہ ماري نٿو سگهي. انگريز چوندا آهن: ”بادشاهہ مري ويو. بادشاهہ سلامت زنده باد.“ اسين سنڌي روشن خيال ۽ ترقي پسند ماڻهُو سڄاڳ پورهيت ۽ عوام بہ چئي سگهون ٿا:

”شيخ اياز قِري ويو، شيخ اياز زنده باد....!!“

**روزاني ”ڪاوش“ 1 آگسٽ 1993ع**

Gul Hayat Institute

# مهراڻ تي تبصرو

”سائين“ ڏسندو آهيان ته لکندڙ اڪثر پڙهندڙ کي ليکي ۾ ئي نه آڻيندا آهن. چي: ”عام ماڻهن کي فن جي اسرارن ۽ نزاڪتن جي ڪهڙي خبر؟“ تنهن ڪري پڙهندڙن جي وجود کي پنهنجي ادبين وٽ تسليم ڪرائڻ لاءِ ”مهراڻ“ جي سرءُ واري پرچي تي هڪ سرسري نظر وجهي، هڪ پڙهندڙ جا تاثرات پيش ڪريان ٿو. آخر پڙهندڙن جي وات ۾ به ته زبان آهي!

مون کي الائي ڇو اخبار يا رسالي ۾ ايڊيٽوريل نوٽ پڙهڻ تي دل نه ٿيندي آهي— شايد ان ڪري، جو ڪڏهن آءٌ به اهي نوٽ لکندو هئس. هونئن به آءٌ ايڊيٽرن کي نجي ادبي خيال کان ڪجهه مٿڀرا ”ايڏن“ سمجهندو آهيان. سو هن دفعي جو اتفاق سان ”مهراڻ“ جي ”گذارش“ نظر مان ڪڍيم ته وڏندڙ حيرت لڳيم. لکندڙ جو تنقيد ڏانهن هڪ پاسي، ۽ ٻوليءَ ۽ فن ڏانهن ٻئي طرف ڪهڙو رويو هئڻ کپي، تنهن تي ڪهڙي نه سهڻي ۽ ذهن نشين نموني روشني وڌي اٿوَ!

شيخ ”اياز“ جا من موهيندڙ ۽ دل ڏاريندڙ پيارا پيارا بيت پڙهي، روح کي راحت آئي. اياز جي شاعري سنڌي ادب جي هن دؤر جي هڪ مکيه خصوصيت آهي. هو بنيادي طرح هڪ رومانوي شاعر آهي. سندس شعر جا موضوع به گهڻو ڪري روايتي آهن: محبوب جي فراق ۾ لُڇڻ، سندس حُسن جا گيت ڳائڻ، پنهنجي محبت جون ساڪون ڏيڻ، ڪيس پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ٺهرائڻ، وغيره. هن جو محبوب جيڪڏهن ايراني ۽ اردو شاعريءَ کان اُڌارو ورتل ڪونهي، ته سنڌي به ڪونه ٿو لڳي. هن جي شاعريءَ ۾ محبت جو جيڪو ماحول ملي ٿو سو سنڌ ۾ اڻ لڀ آهي. هن جي شاعريءَ جي دُنيا گهڻو تڻو هڪ خيالي، تصور جي دُنيا آهي.

پر اها اسان جي آسپاس واري دُنيا نه هوندي به، اسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺي ٿي. ان ۾ اسان کي پنهنجي دٻيل ۽ اڻ لکن اُمنگن ۽ جذبن جو تعبير ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان جو ماحول جيڪڏهن پنهنجو ڪونهي، ته صفا اوپرو به ڪونهي.

Gul Hayat Institute

شيخ ”اياز“ جي شاعريءَ جي جان سندس موضوع نہ پر فن آهي. اها سراسر سونهن ۽ رس ۾ رچيل آهي. هن جي لفظن ۾ جادو ۽ طلسم پريل آهي. هن جو تخيل گوناگون ۽ زمان ۽ مڪان جي قيدن کان بي نياز آهي. سندس جذبن ۾ منو منو سيڪ، اسرار پريو سوز، اٿاهہ گِهرائي ۽ بي پناهہ خلوص آهي. سندس شاعري دل ۾ زندهہ رهڻ جي هڪ بي پناهہ تڙپ پيدا ڪري ٿي. ڪير هي وجد آڻيندڙ سٽون پڙهي بي اختيار ”واهہ! واهہ!“ چئي نہ اُٿندو!

پِيڻ ۽ جِيڻ، متو متوالن جو.

.......

نهارن پيا نيڻ، سڄڻ جا سنسار مان.

......

پرينءَ کي پائڻ، رُلندي پنهنجي راڳ ۾.

......

الا وقت اَجهل! لتاڙيئي لک عاشقيون.

......

پرين سارو پٽ، ڇُهي ڇُهان ڪيترو!

.......

او اڻ ڄاتل آءُ، ڄاڻو منهنجي ڄاڻ جا!.

......

”گدائيءَ“ جا بيت سنڌي عوام جي دردناڪ ۽ زندگيءَ جو ڇُهيندڙ نقشو آهن.

آزادي آئـــي، پـــر مـــاڳ نـــہ مـــوٽي مـــارئي،
ســـنگهارن جـــي ســـاٿ ۾، ڪـــانهي ســـرهائي،
اڄ بـــہ هيـــڻن ســـان هلـــن ڏاڍا ڏاڍائـــي،
نـــڏڪين ســـان نـــت ڪـــرن عمـــر ارڏائـــي،
ســـڪر ســـڻائي، نـــاهي ملـــڪ مليـــر ۾!

Gul Hayat Institute

ڪافين جو حصو هن دفعي ڪمزور آهي. اڳين جي وَکر ۾ پير خدا ڏني ۽ صاحب ڏني شاهہ جون ڪافيون البت وڻندڙ آهن. اڄوڪن استادن ۾ ”غني“ ۽ ”گرامي“ تہ موضوعن جي ڳولا ۾ مٽيءَ جي موهہ ۽ ڏونگر جي ڏاڍاين ۾ اڙجي ويا آهن. ”فائق“ ۽ ”برده“ جون ڪافيون چڱيون، ”رضا“ ۽ ”پنوهر“ جون موچاريون آهن. ”برده“ جي ڪافيءَ ۾ ”مخفف“، ”مشرف“، ”قلزم“ ۽ ”حزن“ جهڙا دير هضم لفظ کُٽڪن ٿا.

گيتن ۽ نظمن جو حصو رسالي کي ڪٽيو بيٺو آهي. ”برده“ جي ”توکي ساهہ سنڀاري“ ۾ واهہ جو سوز ۽ شوخي ۽ اٿاهہ رواني ۽ نغمگي آهي. منظر نگاريءَ سان تہ حد ڪري ڇڏي اٿس – شيخ ”اياز“ جو ”تنهنجي تات تنوار“، ”خليل“ جو ”ڪيئن گذري هيءَ رات“، ”عارف المولٰي“ جو ”اجهي ڄاڻ مسافر آيا“ ۽ ”صائب“ جو ”موٺ مسافر سپرين“، سڪ، اُداسيءَ ۽ پياس جا دل ۾ چُڀيندڙ ورلاپ آهن. ”تنوير“ جو ”پيار جو سمنڊ اَجهاڳ“ پيار جي بيخوديءَ ۽ سپردگيءَ جي تصوير آهي. گووردڌن جي ”اوسيڙو“ جو اونهو درد ۽ سوز ۽ بي انت اُداسي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ئي نہ ٿا ملن.

پمومل ”پياسي“ ۽ ”فائق“ جا سنڌيءَ جي شان ۾ قصيدا عمدا آهن. ٽيئي نظم شاندار آهن. غزلن ۾ شيخ ”اياز“ جو غزل لاجواب آهي. مهچنداڻي ”مهر“ ۽ نعيم صديقيءَ جا غزل ۽ بين غزلن جا ڪي بند وڻندڙ آهن. ٻئي آزاد نظم سهڻا آهن، خاص ڪري ”برده“ جو ”هيڪلي ڪڪري.“

شيخ ”اياز“ جا خط نثر ۾ شاعري آهن. ادب لطيف واقعي انهيءَ کي چئجي.

مضمونن مان هر هڪ اسان جي ادبي خزاني جي سوني ڳُنجي آهي. منهنجي خيال ۾ انهن مضمونن کي جيتري جاءِ ملي ٿي، سا بلڪل سجائي آهي ۽ مضمون نگارن جو جيترو احسان مڃجي، سو ٿورو. البت فارسي شعرن مان ڪي ڳاڻ ڳڻيا خوش نصيب لطف وٺي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري نموني طور ٿورا شعر ڏيئي، انهن جو ترجمو پيش ڪرڻ کپي، تہ جيئن اسان جهڙا فارسيءَ کان ڪورا بہ ڪجهہ پلئہ پائين.

پڙهندڙن جي پيغامن ۾ بشير مورياڻيءَ جو پنهنجي باري ۾ لکيل مضمون انهيءَ هنڌ مناسب نہ ٿو لڳي. شيخ حفيظ جو خط آءٌ پانيان ٿو، تہ شيخ اياز جي خطن سان وچي ٿو ڪُلهو هڻي. اهڙا خط اسان جي ادب ۾ هڪ حسين اضافو آهي. عمدين تجويزن جي خيال کان ميندڙي سعادتيءَ جو پيغام گوءِ کنيو بيٺو آهي.

آخر ۾ ۽ سڀ کان وڏيڪ افسانن بابت بہ ٽي ڳالهيون چوڻ جي اجازت ڏيوم.

ربانيءَ جو ”ٻُري هن پنيور ۾ ههڙا هاجا ٿين“ هن اشاعت جو بهترين افسانو آهي. گذريل ٻوڏن جي ڊرامائي پس منظر ۾ ڏاڍن پاڻ وهيڻن جي هيڻن سان هلت جي هڪ ڪڏهن بہ نہ وسرندڙ جهلڪ ڏيکاري وئي آهي. قدرتي آفتون، جن ۾ خود شيطان جي دل بہ ويچاري انسان جي دردناڪ حالت ڏسي پگهرجي ويندي هوندي، جڏهن هڪ جهڙي مصيبت بظاهر ڏاڍي ۽ هيڻي، وڏي ۽ ننڍي، امير ۽ غريب جا فرق ۽ ويڇا ڪکن مُٺ وانگر اُڏايو ڇڏي، تڏهن بہ انسان ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني پنهنجي هم



Gul Hayat Institute

جنس کي ستائڻ جي وندر جاري رکڻ جا رستا ڳوليو وٺي ـ اهو ڏسڻو هجي ته هيءَ ڪهاڻي پڙهجي. افسانن ۾ ٻوڏ جي راڳن جون تصويرون دل ڏاريندڙ آهن.

”.... اُٺل ٻه اُٺلن جهڙي! ميربحرن ڇيو اڇيون ڏاڙهيون انهن ٻوڙبين ٻوڙائيندي ڪيون سين، پر هڙو پاڻي اسان جي اکين نه ڏٺو! مالڪ مهر ڪري باقي هيل خير ڪونهي!“

”....رات ٿي، ته پاڻيءَ اچي نهڪو ڪيو نولڪيءَ ڪي تي... ورهين جا ڪاپلي ٻبر پاڙئون ڪيڏي چڙيائين. چوڏاري گوگاءُ پيو ٿو ٿئي، ڇڻ ڪو جهاج (جهاز) ٿو هوا ۾ گهوگهٽ ڪندو اچي!“

”چوطرف فضا ۾ پاڻيءَ جو ڪڙڪو لڳو پيو هو. ڇولين جو سٽڪو مرن جون ٻهڪارون ۽ هڏڪارون! سندس اکين ۾ خوف پرجي ويو! سامهون نولڪيءَ جي ڪپر جو ڪو نالو نشان ٻه ڪونه هو! پاڻيءَ الاجي ڪيڏيءَ مهل ڪپر ڪيڏي چڙيو!“ گفتگو ٻه بلڪل قدرتي، سادي ۽ موادي آهي ـ

”پوءِ عيسيٰ تون ڪيئن ڪندين؟ نولڪيءَ جو ڪپر ڪندو ڪو جهالو ڪي سٽ ئي ڪونه جهليندو؟ ڏپ ڏاءُ هجيئي ته زوراور هلي آءُ پڪي تي. ٻه چار ڏهاڙا اچي هتي رهه ـ جيسين پاڻي موٽي ڪري ۽ سوڪهڙو ٿئي.“

”وڏيرو آهي مڙيئي ارڏو ماڻهُو. هيٺن تي ڪهل ڪبي آهي سائين....! غريب تي مڙيئي سدائين ڪٽڪي هوندي اٿس. بشڪ ٻه ڪجاڻ سائين، توسان اٿس گهٽي گهٽائي... اُميد هيم ته حاڪم جو در آهي... ڇهين ڏهاڙي تي وڃي ٻُڏايومانس ته ڪم پورو ٿيو. تڏهن چيائين ته، ”چڱو ٿيو خوش هوندي هاڻي پلي وڃ. توکي موڪل آهي.“ منهنجا ته ڏند ڇپن سان لڳي ويا.... مسڪين ماڻهُوا.... ڪٽنب پاتين جو... هنن جي مفت ۾ مزوري ڪندا وتون ته ٻچن ٻارن جو واهي الله!“

افساني جي شروعات تورڙي پڄاڙيءَ جا جملا دل ۾ کُپي وڃن ٿا.

شروعات — ”بروهين واري ٻيلي جي چور پهي ۾، پراڻي نولکي واهه جي ڪڙ تي سندس ڇونرو هو...“

پڄاڻي: ”....۽ پوءِ پاڻيءَ جي وڏندڙ ڇولين ۾، مٿان ڪِرندڙ مِينهن جي ڦُڙن سان گڏ، عيسيٰ جي اکين مان ڳوڙها وسڻ لڳا.“

ابن الياس جو ”اختيار“ هڪ بدنصيب ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي دولتمند پيءُ جي غرور ۽ گهمنڊ جي قربانگاهه تي پنهنجي عصمت ۽ زندگيءَ جي قرباني ڪرڻي پئي ٿي. ڪهاڻيءَ جو پلاٽ فطري ۽ اعتبار ۾ ايندڙ آهي. بيان ۾ هلڪي، اڻ لکي طنز ڪهاڻيءَ جي نتيجي کي وڌيڪ دردناڪ بڻائي ٿي. دولتمند ٺيڪ تي صوبيدار صاحب کي اڳيان سمورا ناتا وِسريو وڃن — ڌيءَ جي سڱ جو ٻه!

Gul Hayat Institute

”زندگيءَ جي شروعاتي دؤر ۾ اجا پاڻ اهڙو چڙهيل ڪين هو..... ڪِڪيءَ ڪي ڪچ ۾ ڪٽي اچي وڏي پاءَ ڪي هنج ۾ ڏنو هئائين، چي، ادا، پائرن جون ونديون پائر ڪائيندا! مگر هاڻ، هڪ سچ بہ پاڇا آهي، ”جيڪو جڏهن چڙهي سو تڏهن سوار“، وڏو پاءُ مقاطعن ۾ ترين پر وجي ڪِريو. پر صوبيدار صاحب پاڻ بالائي اُپت مان سٽيو تي پيو هو ۽ هاڻي اڳين ڳالهہ رڳو ٻُڌڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ هو.“

”پيا بہ ڪئين، سڪر سگ گهُرڻ لڳا، پر صوبيدار صاحب کي منجهن ڪوبہ پنهنجو ثاني شريڪ نظر نہ آيو، هر ڪنهن ۾ ڪونہ ڪو نقص ڳولي ورتائين. سندس انهيءَ هوڏ ۾ خوبي ڏسڻ وارن جي کوٽ ڪانہ هئي-“

”هائو امان، ڏهن هزارن حق مهر ڪي ڇا ڪبو؟... وڏي ڳالهہ آهي انسان جي عزت“- تان جو نيٺ سندس وفات کان پوءِ اها ”انسان جي عزت“ جنازي جي صورت ۾ وڃي قبر داخل ٿي-

”غلام فاطمہ.... کي ايئن معلوم ٿي رهيو هو ڄڻ ڪو پيٽ ۾ ٻوڙون پائي رهيو هو..... (ڪيس) رکي رکي اهو ئي خيال پئي آيو تہ جيڪر ڪيڏانهن هلي وڃان ۽ ..... آجي ٿي اچان!..... اُتي ماٺ ماٺ ڪري شيشي ڪڍيائين..... (۽) يڪ ساهيءَ پي ويئي.“ ولو جنهن جي ڪرتوتن، صوبيدار صاحب جي عزت جو جنازو ڪڍيو، سو ڇو غلام فاطمہ جهڙي سٽيي گراهڪ کي ڇڏي هلي ويو- سو ڪهاڻيءَ ۾ صاف ڪونهي. نہ وري غلام فاطمہ جي ڪردار کي سڌيءَ طرح اُڀاريو ويو آهي، پر انهيءَ هوندي بہ ”اختيار“ هڪ بهترين معياري افسانو لڳي ٿو.

ابن حيات پنهور جو ”واهہ وڏيرا“ انساني نفسيات جي هڪڙي اهم ۽ دلچسپ پهلوءَ تي روشني وجهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن انسان ٿورڙيءَ خوشامد ۽ ڪوڙيءَ همدرديءَ جي اثر هيٺ اچي، اهو ڪجهہ ڪري وجهندو آهي، جيڪو هو جيڪر لکها روپين جي لالچ تي بہ هرگز نہ ڪري ها. شمن خان ماڇي پاڙي جي وڏيري جي ڏيءَ پڄائي ويو. وڏيري ڪيس ختم ڪرائڻ جو پڪو پهہ ڪيو، پر پنهنجي سِر ڏيڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ هو. تنهن ڪري پنهنجي هڪ اڀوجهہ ۽ ايماندار هاريءَ کي استعمال ڪرڻ جو خيال ڪيائين- وڏيري ۽ سندس ڪمدار جي چتر زبانيءَ ۾ اچي، گُلڻ وسهڻ لڳو تہ هو ڪيس پنهنجو دل گهريو دوست ۽ مڙس ماڻهُو ڪري ٿا سمجهن. انهيءَ خوش فهميءَ جي نشي ۾ هو آخر شمن کي خون ڪري وجهي ٿو ۽ وڏيرو گهر ويٺي پنهنجو ڪُڏو مطلب حاصل ڪري ويو. ”واهہ وڏيرا“ جي پلاٽ جي رٿا قابليت واري ۽ ان جي تڪميل عمدي آهي. بيان ۾ اُچاترائي ۽ نهر پڙهندڙ تي اثر ڪري ٿي. گلڻ کي ڦاسائڻ لاءِ وڏيري ۽ ڪمدار جي چالين کي بيحد نفاست ۽ نرالي هنرمنديءَ سان پيش ڪيو ويو آهي.

اياز قادريءَ جو ”فرشتو“ هڪ ماءُ لاءِ سندس پُٽ جي محبت جي دردناڪ آکاڻي آهي. ماءُ ۽ اولاد جو رشتو سيني رشتن کان وڌيڪ گهرو پيارو ۽ لافاني آهي. جيجل جنهن جي پيرن هيٺ جنت چئي وڃي ٿي، جنهن جي خوشيءَ لاءِ لائق اولاد پنهنجي جان قربان ڪرڻ ۾ فخر سمجهندي آهي، سا جڏهن موت جي بستري تي آخري پساهه کڻي رهي هجي، تڏهن ڪهڙو پٽر دل پُٽ هوندو جو سندس خواهش کي پورو ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪري ـ ۽ سو به تڏهن جڏهن اها خواهش رڳو پٽن آنن جي دوا لاءِ هجي؟ ليڪن هڪ اهڙو به مصيبت جو ماريل بدنصيب پُٽ آهي، جو منڙي ماءُ کي دوا جي ڏيک وٺي ڏيڻ جي سِر توڙ ڪوشش ۾ ناڪام ٿي، آخر دوا بدران ڪيس هڪ ٻيءَ شيءِ جو ڏُڪ آڻي پياري ٿو زهر جو ڏُڪ! ويچاري بي خبر ماءُ دعائون ڏيڻ لڳي ٿي، چي: ”ابا تون ته ڪو فرشتو آهين!“ ”فرشتو“ اسان جي سماجي نظام جي ٻاهرئين ڏيکاءَ جي ملمعي هيٺ لِڪل هيبتناڪ ۽ تلخ حقيقتن جو پردو چاڪ ڪري ڏيکاري ٿو ته بُک ۽ بيروزگاريءَ جون وبائون ڪيئن نه انسان جي گهرن، نازڪ ۽ نفيس جذبن، ۽ خون جي لاڳاپن کي بي رحميءَ سان توڙي چڏڻ جي پويان پيل آهي.

مرزا مراد عليءَ جو ”سوال“ به ساڳئي موضوع تي هڪ اثرائتي ڪهاڻي آهي.

ڪنهن ڪهاڻيءَ پويان زبردستيءَ ڪنهن خاص نتيجي ڳنڍڻ جو حرص ڪيئن هڪ بهترين ڪهاڻيءَ جو اثر ڪمزور ڪريو ڇڏي ـ سو ڏسڻو هجي ته شيخ حفيظ جو افسانو ”مبارڪون“ پڙهجي. هن نوجوان افسانه نگار جي ڪهاڻين ۾ سنڌي عوام جي روزمره جي ٻول چال ۽ رهڻي ڪهڻي ۽ انساني سياءَ جي تاجي پيٽي جي جيتري ڄاڻ ۽ انساني جذبن جو جيترو گهرو ۽ نازڪ احساس ملندو سو ٻين ٿورن وٽ ملي ٿو. مثلاً ”مبارڪون“ جا هي فقرا افسانه نگار جي گهري مشاهدي، حساس طبعي ۽ رنگين بيانيءَ جا ڪيڏا نه لاجواب ثبوت آهن ـ نئينءَ ڪنوار کي ماءُ جي نصيحت: ”امڙ لڄ رکجانءِ! مڙس جيئن پڪو تئن سچو! عمر ۾ چڙهيل آ ته ڇا ٿيو؟.... گهر ۾ گهوٽئن کان سواءِ پهر ئي ڪانهي. راڻي ٿي راڄ ڪندينءَ..... دل نه لوڙهه.“

ڇڄ جو گهوٽيتن ۾ اچڻ: ”گاڏين جو رونگٽ، شرناين ۽ دهل جي آواز ۾ دٻجي ويو... زالن لهڻ شروع ڪيو. ننڍڙا ٻار.... جاڳي پيا ۽ شرناين جي آواز ۾ سُر ملائي روئڻ لڳي ويا... اڙي ادي، منهنجو رئو ڪاڏي ويو؟..... اڙي هي گلوءَ جو چولو ڪاڏي ويو؟ هت جو رکيم... ”امان! او امان! اچي هي جُتيءَ جو پادر لڏم...“

مائي شڪر ٿيو جو لڏو، منهنجو ته هانءُ ڪاچي ويو!“

پوڙهو گهوٽ ۽ نوجوان ڪنوار، شاديءَ جي رات: ”هن جو گهوٽ ڄاڃين کي روانو ڪري اندر پيهي آيو. سمهين پئينءَ ڇا؟ ٿڪجي پيئي هوندينءَ، نهيو ننڊ ڪر!“ ٻيءَ رات: ”.... هن پنهنجي گهوٽ جي شڪل ڇڳيءَ طرح ڏٺي ۽ هن جي



Gul Hayat Institute

خوابن جو محل قلابازيون کائيندو اچي پٽ تي پيو. سٺ ورهين جو پوڙهو هن جي پيءُ کان بہ وڏو، موت ۾ حيات جي جنگ جو نقشو سندس گهوٽ هو. هن جي دماغ ۾ سندس ماءُ جا لفظ وڄي رهيا هئا. ”اسان توکي سڱ سڄاڻي ڏنو آهي!“

شاديءَ کان پوءِ: ”رتيون بدلين — اونهاري پٺيان سرءُ آئي، ڪڏ سيارو ۾ نيٺ بهار آيو. ڳوٺ جي چوڌاري ٻنين ۾ پوکيل سرنهن گُل ڪيا ۽ سڄي فضا پِنل پِنل خوشبوءِ سان رچي وئي...... سهاڳڻيون پنهنجي گهوٽن سان خوشيءَ جا گيت جهونگارڻ لڳي ويون ۽ ڳوٺ جي پوري فضا هڪ مزي ۾ مٿجي پئي. ها البت هوءَ، هن جو وجود، انهيءَ مرڪ تي هڪ ٿهڪ هو. هن جي جوان مُکڙي تي سدائين هڪ اُداسي ڇانيل هوندي هئي.... ڳائيندين، کِلنديون، الهڙ نينگريون هن کي ڏسي خاموش ٿي ويندیون هيون.“

ڳوناڻي محبت: ”ڳوٺ جي ننڍڙيءَ دُنيا ۾ پيار محبت جي ڪمي ڪانہ هئي..... شام جو کوهن تي، واٽر جي تڙن تي ۽ راهہ راند ايئن ٻنين ۾ محبت پنهنجا گس ڳولي لهندي هئي مگر.... هوءَ ڳوٺ جي چڱي مڙس جي زال هئي ۽ بس.“

پرڻيل عورت جي پهرين محبت: ”ڏينهن گذريا، هوءَ تڙپندي رهي.... پوءِ نيٺ لابارن پئي، هن جي بہ دعا قبول پيئي. هن جي منهن تي هلڪي هلڪي، ڊنل ڊنل مُرڪ تري آئي. هن جي دُنيا ۾ بہ ڪنهن پير پاتو.“

زال هٿان زهر: ”هڪ رات جو جانل جي مڙس کي پيٽ ۾ اچي سُور پيو، صبح جو نہ تو ڏنو نہ مون ڏنو. جانل رنڙ ٿي پيئي. ڳوٺ جو چڱو مڙس مري ويو. ختما درود ٿيا. ڪنهن چئي ڪڍيو تہ مڙس کي زهر مليل آهي!“

”مبارڪون“ ڇپندڙ سچائي، گهري سوز ۾ بي انت خلوص سان دولت جي لالچ ۾ نوجوان ڇوڪرين کي پوڙهن پيرن جي حوالي ڪرڻ جي نتيجي جو هڪ دل ڏاريندڙ نظارو پيش ڪري ٿو ليڪن افساني جي آخر ۾ جانل ۽ گلڻ کي وڏيري جي خون ۾ آيل ڦاسيءَ خلاف ڪيل اپيل جي فتويٰ ٻُڌڻ لاءِ چيف ڪورٽ ويندي، واٽ تي ويٽنگ روم ۾ ويهارڻ ۽ آخر ۾ ڦاسيءَ جي تختي تي گلڻ کي جانل ڏانهن پوليس وارو موڪلي، سندس حمل سان ٿيڻ جي خوشخبري ٻُڌي خوشيءَ ۾ جهومندو ۽ فتحياب ٿيندو ڏيکاري، هڪ دردناڪ ۽ همدردي پيدا ڪندڙ داستان کي جذبات جي وهڪري ۾ وهي، زبردستيءَ ڪامياب ۽ پسنديءَ جهڙيءَ پڄاڻيءَ تي آڻڻ جي افسوسناڪ ۽ ناڪام ڪوشش ڪري، افساني جي مجموعي تاثير کي ضربيو ويو آهي. مزي جي ڳالهہ آهي تہ اهو پويون واقعو هڪ غلط واقفيت تي ٻڌل آهي. حقيقت ۾ اپيل جي فيصلي وقت جوابدارن کي ڪورٽ ۾ گهرائبو ئي ڪونهي. قانوني دستور کان انهيءَ ناواقفيت ۾ ڪابہ ايڏي اربع خطا ڪانهي، پر جنهن نموني افساني جي



Gul Hayat Institute

پڄاڻي ڪئي ويئي آهي، تنهن جو اثر اهو ٿو وهي، جڻ تہ نوجوان ڇوڪرين کي جيڪڏهن پوڙهن سان پلئہ اٽڪي پوي، تہ ان جو فڪر ڪونهي، جو سولو علاج ٻيو اهو آهي تہ مڙسن کي زهر ڏيئي، پاڻ مزي سان وڃي، يارن سان گڏ ڦاهيءَ چڙهن، رڳو ايتري پڪائي سا ڪري ڇڏين، جو پويان ڪا نشاني ضرور ڇڏي وڃن، جيئن سندن ڪارناما هميشہ ياد رهن! بهرحال پڇاڙيءَ ۾ بہ بُري نوڪر ڪائڻ جي باوجود "مبارڪون" هڪ بيحد دلچسپ ۽ اوچي تخليق آهي.

ناٽڪ "نجومي" اڳ ڇپيل ۽ پڙهيل هجڻ جي باوجود ڪافي سوادي ۽ مزيدار ٿو لڳي، ٻين ٻولين جي شاهڪارن بابت ڪجهہ چوڻ سج کي ڏيئو ڏيکارڻو آهي- البت انتخاب ۽ ترجمي جو داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي. اوهان جو..

Gul Hayat Institute

# لات کي تات

جـــــــــگ جـــــــــگ جيئـــــــــو!
جـــــــــوڳي جـــــــــي مهـــــــــاراج!

عرض تہ توهان جي روح رهاڻ جي آگسٽ 1964ع واري پرچي ۾ ڏنل واڪاڻ پڙهيم. جنهن ۾ اوهان مون کي سندري ۽ اٽم جي آجيان ڪندي چيل لفظن لاءِ مغل دربار جي قصيده گو سان ڀيٽيو آهي. اوهان جهڙي وڏيائيءَ ۽ مهاگيانيءَ جي مک مان نڪتل، ٻول ٻڌي ڪهڙو مورک ست وچن نہ چوندو؟

ڳالهہ هيئن آهي گُرو جي! تہ توهان جو هي داس ننڍي هوندي کان وٺي پستڪن توڙي انهن جي لکندڙن تي راءِ ڏيڻ جي مرض ۾ ورتل آهي. جيستائين ائين نہ ڪندو آهيان تيستائين ڪتاب نڙيءَ ۾ اٽڪي پوندو اٿم. ٻئي ٻئي ڏينهن ماني ڪا نہ وڻندي اٿم. چوندا آهن تہ ماڻهوءَ ڪرئي جي مند ئي ڪانهي. پر آءُ اصل کان ئي ڪريل آهيان.

تنهن ڏينهن ٽريننگ ڪاليج ۾ اٽم ۽ سندريءَ سان ملڻ ويس. ڪين ڏسندي ئي راءِ ظاهر ڪرڻ جي بيماريءَ جو دورو پئجي ويم ۽ جيڪي چوڻو هوم سو چيم تڏهن وڃي آرام آيم.

ٻڌو اٿم تہ پراشچت ڪرڻ سان مهاتمائن جي دل پگهرجي پوندي آهي ۽ هو ديا ڪري، پاپين جو پاپ معاف ڪري ڇڏيندا آهن. تنهن ڪري توهان جا ڪروڌ وارا وچن پڙهي، چيم تہ توهان جي چرنن ۾ سيس نوائي پراشچت ڪندس ۽ چوندس تہ، ”جوڳي مهاراج“ هي دفعو شمار ڪريو. اڳتي نہ ڪجهہ پڙهندس ۽ نہ ئي وري ڪا راءِ ڏيندس.

پر توهان مهاپرش جيڪي پنهنجو من ماري، اندريون جيتي، نرواڻ حاصل ڪري چڪا آهيو. تن کي ڪيئن سمجهايان تہ اسان جو پاپي من ڪهڙين

Gul Hayat Institute

ڪهڙين آپدائن جو شڪار آهي. مثال طور، ڪو بہ سٺو فني شهپارو پڙهندي يا سٺو شعر ٻڌندي، آءٌ پاڻ کي ڪڏهن ائين محسوس ڪندو آهيان جيئن اهي نِنڍڙا ٻار ڪندا آهن، جيڪي لڪ چوريءَ پرايِن ٻيرين مان ٻير پٽي ڪائيندا آهن. سوچيندو آهيان تہ هن قيمتي شيءَ لاءِ مون کا بہ قيمت ڪا نہ ڏني آهي. هن جي خالق جي خلقڻ ۾ الائي ڪيترائي ڏينهن، مهينا، سال بلڪ زندگيءَ جو ڪيڏو ۽ ڪهڙو حصو صرف ڪيو هوندو. ڪهڙين ڪهڙين منزلن مان لنگهيو هوندو. ڪهڙيءَ حالت ۾ هيءَ تخليق خلقي هونداڻين. الائي لکڻ مهل پيٽ ۾ ماني بہ هيس يا نہ، تن تي ڪپڙو بہ هئس يا نہ. الائي در تي لهٽيدار بيٺا هئس يا وقت جي حاڪمن جا جاسوس پٺيان لڳل هئس. هن تخليق جي عيوض ڪيس انعام مليو يا مورڳو گلا، چٿر، حقارت ۽ سماج ۽ حڪومت جو عتاب نازل ٿيس؟

تصور ۾ مون پاڻ کي اڄ کان پنج هزار ورهيہ اڳي، اٿينس جي هڪڙي چوڪ ۾ ڏٺو آهي. سوين ماڻهن جي وچ ۾ هڪڙي پيرن اگهاڙي، پير مرد پئي چيو "اي اٿينس جا رهواسيو. آءٌ اوهان کي رحم جي درخواست ڪري جان بچائي سگهان ٿو پر آءٌ ائين نہ ڪندس. ڇو تہ ائين ڪرڻ ڪري يونان جي ناموس تي داغ لڳندو تہ يونان ۾ هڪڙو بہ اهڙو ماڻهو ڪو نہ هو جو سچ کي پنهنجي جان کان زياده قيمتي سمجهي. آءٌ جلاوطن ٿي زندگي بچائڻ بہ نہ ٿو گهران، ڇو تہ مون جتي سچ چيو آهي، ان جي قيمت بہ اتي ڏيئي ويندس."

مون پوڙهي جي روح ۾ ٽُبي هڻي، سندس روح جي سموري عظمت، سندس دل جي اٿاهہ اداسي هن وسيع جهان ۾ لکها انسانن جي وچ ۾ رهندي سندس اڪيلائيءَ جو عذاب پنهنجي دل ۾ جذب ڪري ورتو.

ڪاش! آءٌ کيس چئي سگهان ها:

"پير مرد متان سمجهين تہ تون اڪيلو آهين. آءٌ توکي سچاٽان ٿو. توکي سمجهان ٿو. تنهنجي وسيع ۽ گهري روح جي عظمت کان واقف آهيان. تون انسانيت جو ضمير آهين. انساني وقار ۽ ناموس جو امين آهين. لکها انساني دليون توکي جهڪي سلام ڪن ٿيون. ڏاها سقراط، منهنجا بابا، توتي لکين سلام آهن."

جوڳي بابا، توهان تہ انتر يامي آهيو. دلين جا حال ڄاڻندا آهيو. توهان کي تہ خبر هوندي تہ جڏهن فردوسيءَ چيو پئي تہ:

ٽيهہ سال جگر جو خون ڏيئي،
ايران کي زنده جاويد بنائي ڇڏيم،
پر ظالم منهنجو خزانو لٽي ويا،
مون کي ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو.

Gul Hayat Institute

تڏهن سندس دل جي حالت ڪهڙي هوندي، توهان ويچار ڪيو آهي ته جڏهن ان بيقدر بادشاهه مٿس چيو هو ته، ”هن ڪافر کي ڏسو ته ڪهڙو ٿو سبق سيکاريان.“ تڏهن فردوسي باغ ۾ ڊوڙي، سندس پيرن تي ڪري جنهن مهل چيو پئي ته:

”اي بادشاهه! جيئندان ڏينم!

چوين ٿو ته فردوسي ڪافر آهي، مسلمان ئي ناهي!

ائين ئي سهي، تنهنجي ملڪ ۾

ڪافر به ته رهيا پيا آهن،

سمجهه ته آءُ به انهن مان هڪڙو آهيان.“

تڏهن هن پنهنجي دل تي ڪيڏو نه جبر ڪيو هوندو! انسانيت ۾ سندس ويساهه کي ڪيڏو ڌڪ لڳو هوندو! پنهنجي عظيم ۽ لافاني فن کي انڌي طاقت اڳيان ڪيڏو نه هيچ ۽ حقير محسوس ڪيو هوندو! اهي شعر پڙهي مونکي اکين ۾ پاڻي اچي ويندو آهي. چاهيندو آهيان ته ڪاش ڪيس چئي سگهان ها، ”فردوسي آءٌ تنهنجي مجبوري سمجهان ٿو. تون پنهنجي دؤر جي جابرانه نظام ۽ ان جي پست قدرن جو شهيد هوندي به، قصيده گو ۽ انعام جو طالب بنجڻ تي مجبور ٿيندي به، عظيم آهين. تون سچو محب وطن آهين. عظيم شاعر ۽ فنڪار آهين. توکي تنهنجي وطن ۾ جيئري ته آرام نه مليو پر تنهنجي لاش کي به شهر جي مُلان قبرستان ۾ دفن ٿيڻ نه ڏنو. پر منهنجا پياءُ، تون روءِ زمين جي وطن دوستن ۽ فن جي پرستارن جي دلين ۾ زنده آهين ۽ ابد تائين رهندين!“

جوڳي بابا، اعتبار ڪر، ته مون کي سچي زندگي اهو ارمان رهندو ته آءُ ڪيس اهي اکر چئي ڪين سگهيس، مون کي افسوس آهي ته آءُ شيڪسپيئر، ٽالسٽاءِ، ٽئگور، لطيف، ڊڪنس، ڪاليداس، حافظ، خيام، سعدي، ابسين، والٽ وٽمئن، چيخوف، گوگول، گورڪي، غالب، مير، تلسي داس، لوهسون، خليل جبران، روسو ۽ بين هزارن اديبن ۽ شاعرن کي چئي ڪين سگهيس! ”دوستو پيارو ۽ عظيم انسانو، ٻڌايو ته سهي اوهين ڪهڙي خمير مان ٺهيل آهيو؟ اهي ميناج، قرب، ڏاهپ ۽ ڏات جا خزانا اوهان ڪهڙين عجب کاڻين مان آندا؟ اوهان کي آدم جي ٻچن لاءِ ايڏو پيار ڪنهن ڏنو؟ اوهان اهڙن ويري واچوڙن ۾ اهي فن ۽ انسانيت جون لاٽون ڪيئن پئي ٻاريون؟ سلام آهي اوهان تي اي، اسان جا بزرگو ۽ محسنو! سموري انسان ذات احترام ۽ عقيدت وچان ڪنڌ جهڪائي اوهان جا ٿورا مڃي ٿي.“

سوامي، ويچار ته ڪريو جڏهن هيترن سارن عظيم ۽ قابل احترام هستين جا ٿورا مڃڻ جو موقعو نه ملي سگهيم، تڏهن انهيءَ قبيلي جو ڪو دل گهريو ماڻهو اتفاق سان گهر ويٺي ملي وڃي ته ان سان ڳالهائڻ لاءِ دل ڪهڙيون نه اچلون ڏيندي هوندي؟

Gul Hayat Institute

جوڳي مهاراج، مون کي نقاد بدران قصيده گو ٿيندو ڏسي توهان کي ارمان ٿيو آهي. پر سچ پڇو تہ مون کي ارمان آهي جو آءٌ قصيده گو نہ آهيان ڪاش! مون کي عرفي، انوري ۽ غالب جهڙي زبان هجي ها تہ آءٌ اوهان کي ڀڏائي سگهان ها تہ سندريءَ ۽ اتم جهڙن اديبن جو خالص ادبي مرتبو ڇا آهي، هنن ڪهڙا مُعرڪا ماريا آهن، ڪهڙا ڪهڙا نہ سومناٿ فتح ڪيا آهن.

پوءِ جيڪر آءٌ توهان کي اياز، جمال ابڙي، امداد، نارائڻ، هري دلگير ۽ نئين دؤر جي ٻين اديبن ۽ شاعرن جي تخليقي فتحن ۽ ڪارنامن جا داستان ڳائي ٻڌايان ها. دُنيا جي ادبي تاريخ ۾ جتي انساني ڪوڙين جا انبار لڳائيندڙ قاتلن جا قصيدا چوڻ لاءِ هزارين شاعر موجود هئا، ڪاش! اتي انساني ذهن ۽ روح جي معمارن، اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن جي عظمت جي ترانن ڳائڻ وارو بہ ڪو هڪ اڌ قصيده گو پيدا ٿئي ها! اوهان جو وچن سچو ٿئي ها ۽ آءٌ سچ پچ شاعرن، اديبن، فنڪارن ۽ دانشورن جو قصيده گو ٿي سگهان ها!

**رسول بخش پليجو**
**شير سنگهہ گهٽي**
**گاڏي ڪاتو، حيدرآباد**

Gul Hayat Institute

# سُڌڪائي صحافت

پراڻي زماني جا عربي ۽ فارسي دان عالم ۽ شاعر قسم جا بزرگ جيڪي مختلف شهرن ۾ رهي چڪا هوندا هئا، تن جو ذڪر هن نموني ڪندا هئا، ”احقرالعباد محمد عثمان درپيلائي، حيدرآبادي ثم (يعني تنهن کان پوءِ) شڪارپوري،“ تيئن سڌڪائي صحافت بہ ”دهلوي، لکنوي ثم سنڌي“ قسم جي آهي.

سڌڪائي صحافت ٽوس حقيقتن ۽ دليلن کان ائين ڀڄندي آهي، جيئن، ”ڪانوُ ڀڄي ڪمان کان“. ان جا هٿيار آهن پنهنجي پاران ڪوڙيون ۽ بوگس دوائون، ٻين تي گول مول الزام تراشي، جاهلانہ ڏيون (Sweeping Statement) ”سوال ازآسمان جواب از ريسمان“ ”ڪيڏانهن مُنهن مريم جو ڪيڏانهن تنبوالهيار“ اجوڪي صحبت ۾ سڌڪائي صحافت جي واردات جي ڪن طريقن سان دعا سلام جي شروعات ڪري ٿا ڇڏيون. تفصيلي حال احوال ۽ ڪچهريون پوءِ. هڪڙي سنڌي رسالي ”ساجاهہ“ جي نومبر ڊسمبر 1992ع جي پرچي ۾ سڌڪائي صحافت جو هڪڙو مزيدار قسم جو نمونو ڇپيو آهي. في الحال ان جي بنهہ شروعات تي نظر وجهون. تفصيلي جائزو جي وقت مليو تہ ڪنهن ٻي صحبت ۾. مضمون جو مرڪزي نڪتو اها ئي ايجنسين طرفان ڪِڙين سالن کان وڏي زور شور سان ڦهليل پراڻي پاروتي ڦشري آهي تہ ”قومي سياست خراب شيءَ آهي، ان مان ڪجهہ نہ ٿيندو. جيڪي جدوجهد ۾ آهن، اهي چمچا آهن. جيڪي ڀڄي ويا سي ارڏا ۽ سورهيہ آهن. سياستدانن ملڪ تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. وغيره وغيره.“

ڪجهہ سياست صحيح ناهي، ڪيترن ئي سياستدانن ڳڙٻڙ ڪئي آهي،. ان ڪجهہ سچ ۾ گهڻو ڪوڙ وجهي، ان کي بُنياد بنائي، هڪڙي زبردست قوم دشمن، وطن دشمن ۽ عوام دشمن لائين ناهي ويئي آهي.

جنهن جو مقصد سموري سياست، هر قسم جي سياست کي سورهن جا سورهن آنا خراب ۽ تباهہ ڪندڙ ثابت ڪري، ماڻهن کي سياست کان بدظن

Gul Hayat Institute

ڪري، سياسي ميدان مان ڀوڙائي ڪيدي، آقائن کي سڄو ملڪ مناٺي ڪري ڏيڻ آهي. اها وطن دشمن واٽ ايجنسين جا اڏ پڙهيل، "اڪابر" ۽ جڙتو "فلسفي" گڏريل ڪيترن سالن کان اکين ۾ واڳونءَ وارا ڳوڙها آڻي، روئي، پڇڪي، سڏڪا پري، سنڌي ماڻهن کي ڏيڪاريندارهيا آهن. هي بوگس "تجزيو" بہ ان "قومي همدرديءَ" واري سلسلي جي هڪڙي ڪڙي آهي.

پر اهڙي واهيات ڳالهہ ڦٻي ڪيئن؟ جواب آهي: "ثابت" ڪريو تہ:

(1)توهان علم، سائنس ۽ فلسفي جي هڪڙي ارڙٻلا آهيو. ان لاءِ اهڙن عالمن ۽ اڪابرن جا نالا ڪڍو ۽ حوالا ڏيو جو ماڻهُو ٻڌي بيهوش ٿي وڃي. ظاهر آهي توهان کي انهن جي اصل تعليم بابت ڪلمي جي خبر هوندي، پر اصل ڳالهہ آهي، مُنهن جي پڪائيءَ جي. اها آهي تہ پوءِ خير آهي.

(2)"ثابت" ڪريو تہ. توهان ماءُ پيٽان ڄمڻ شرط سنڌي قوم جي غم ۾ دانهون ڪندا، ٻاڪاريندا رهيا آهيو.

(3)ڄٽن کي اهڙا دردناڪ شعر ٻڌايو جن مان اوهان جو هڪڙو اهڙو تصور ابري جو ڄڻ اوهان جا ڪپڙا قوم لاءِ ڪشالا ڪندي، قيد ڪٽيندي، جبل جهاڳيندي ڦاٽي ويا آهن. ڄڻ توهان هن شعر:

ڪپڙا ڦاٽل، تن تي پاٽل، ليڙون ليڙون پوتي ڙي!

ڏکيا منهنجا ڏوٿي ڙي!

جي مجسم تصوير آهيو. توهان جي اکين ۾ ڳوڙها آهن. توهان جا چپ سڪل آهن. گلو پريل آهي، توهان جي پيرن ۾ لڦون پيل آهن.

(4)هاڻي توهان سندرو ٻڌي پنهنجي فتني ۽ ڪوڙ جي ڪتا شروع ڪري سگهو ٿا. اميد تہ ڄٽن کي ڪو سماءَ ڪو نہ پوندو تہ. توهان اصل ڇا آهيو؟ ڪنهن جا آهيو؟ ڪهڙي واٽ ويندڙ آهيو؟ ڪم ڪنهن جو پيا ڪريو ۽ توهان جي ڳالهين جي مُنهن مُهاڙ ڪهڙي پاسي آهي؟ هاڻ ڏسو تہ ان نسخي تي عمل ڪيئن ٿو شروع ٿئي. پهرين اڇڻ ڪپن هوائي حوالا جيڪي، "ثابت" ڪن تہ پاڻ جاهل مطلق ۽ ٻتاڪي ناهيون، وڏا اڪابر ۽ علمن جا سمنڊ آهيون.

**اجهو فاضل تجزيہ نگار جا هي حوالا:**

"جرمن فيلسوف آرٿ شوپنهار جو هي جملو: هڪ علم دوست شخص پلي تہ ڪيڏو بہ ايماندار، ٻاجهارو ۽ شرميلو ڇو نہ هجي، پر ماڻهُو ڪيس سندس انهي ڏوهہ ڪري ڪڏهن معاف نہ ڪندا تہ هو ڪائنن ذهني طرح تي اتم ڇو آهي؟ منهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ٿيل آهي"



Gul Hayat Institute

هاڻي پاڻ اڻ سڌيءَ طرح ”ثابت“ ڪيو يا گهٽ ۾ گهٽ پڙهندڙن جي ذهن ۾ اهو پختو خيال وڌو تہ پاڻ وڏا علم جا اڪابر آهيون. ٻيا علم تہ ٺهيو پر فلسفي ڪي بہ پاڻيءَ وانگر پيئو وينا آهيون! فلسفو بہ ڪهڙو؟ ڪٿ مست جرمنن وارو، ڪٿ مست فلسفو!

ٻيو خيال پاڻ جتن جي دماغ ۾ اهو وجهي وياسين تہ، پاڻ علم دوست هجڻ جي ڪري ايماندار، ٻاجهارا، ۽ شرميلا آهيون ۽ ٻين کان ذهني طور اتم آهيون، ان ڪري ماڻهُو پنهنجي برخلاف آهن.

مطلب تہ اڪابر بہ ٿياسين، ايماندار ۽ ٻاجهارا بہ ٿي وياسين ۽ مظلوم بہ بنجي وياسين! ان ڪم لاهڻ کان پوءِ، هاڻ پاڻ کي ”ثابت“ ڪرڻو آهي تہ، پاڻ سنڌ تي اصل ساهہ پساهہ ٿا ڏيون! تڏهن تہ ماڻهُو پنهنجي ڪوڙن جي ڳوٿرن کي ماڻڪن جو مَٽُ سمجهندا. تنهن ڪري فرمائجي ٿو: ”آئون انهي جملي جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي سوچيان ٿو جيڪا مون لاءِ هميشہ خدا کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ محترم رهي آهي. ... هي ذلتن ۽ ويساهہ گهاتين جي گهايل ۽ لاچار زمين اسان جي دل کي مڙني مظلوم علائقن کان وڌيڪ ويجهو آهي.“

ڪم ٿي ويو نہ! پاڻ سنڌ تي صفا سر گهوريندڙ ”ثابت“ ٿي وياسين نہ!

پوءِ آهن سڌڪائي صحافت جا چاتل سچاتل ڪرتب يعني مٿي ۾ ادبي واري وجهي، اوچنگارون ڏيئي، نڪ مان هر هر سنگهہ اگهي، هاءِ هاءِ ڪرڻ ۽ چاتي پٽڻ: ”جڏهن بہ سوچيم تہ ڇو لکان ۽ ڇا لکان، جي قوم ٿي آ بي وفا، تہ مان بہ ڇو وفا ڪيان، غريب ڪنڌ ۾، ويهي خدا خدا ڪيان.“

هاڻ پاڻ قوم جا محسن بنجي وياسون، قوم بي وفائي ڪئي، پر پاڻ وري پنهنجي وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندي، تجزيا پيا لکون ۽ قوم تي احسان پيا ڪريون.

اهي حوالا ڏيئي، ڳوڙها ڳاڙي، سڏڪا ڀري، ٿلهہ ٻڌي، هاڻ پاڻ ”هلائيندا سون“ مٿين استادن طرفان ڏنل سياسي لائين، جيڪا ”ثابت“ ڪندي تہ سنڌ ۾ سچي سياسي وٺ پڪڙ اجائي آهي. سچا فقط آقائن جي وات ڏسيندڙ اسان جا پنهنجا ۽ پيارا اولياءَ صفت تجزيہ نگار آهن، ٻيا سڀ نڳ ۽ ڪوڙا آهن.

ان کان پوءِ لکيل سڄي پناڙ ۾ ڇتي ڪوريءَ واري لانڍ ۾ جيڪي ڪوڙن ۽ بهتانن جا انبار ۽ گاريون گند ڏنل آهن، تن جو معيار ڇا آهي؟ ۽ استدلالي وزن ڪيترو آهي؟ تنهن ڳالهہ جو پتو فقط هڪڙو بہ بهتان نظر مان ڪيڻ سان ئي پئجي ويندو. مثلاً : فرمايل آهي: ”هر باضمير ۽ پيچ لتڪائڻ کان انڪاري سياسي ڪارڪن اج بہ بهادر ۽ ارڏو هوندو پيشہ ور سياستدان جي چمچي ٿيڻ بدران ماٺ ڪري ويهڻ کي ترجيح ڏي ٿو ڇو؟“

هن جاهلاڻي گپوڙي ۾ هيٺيان شرارتي ڪوڙ ۽ بهتان سمايل آهن:

1. باضمير سياسي ڪارڪن سڀ سياست ڇڏي گهر هليا ويا آهن.



Gul Hayat Institute

2. جيڪي پيچي ويا سي ارڏا آهن.

اهو به ڏنو وائنو ڪوڙ آهي. ارڏو ماڻهو ميدان ڇڏيندو آهي ڇا؟ ارڏي جي معنيٰ ئي آهي پنهنجي فرض وارو ڪم جاري رکڻ. جيڪو پيچي گهر ۾ ويهي رهيو سو ارڏو ڪيئن ٿيو؟

**هاڻي ٻيو ڪوڙ ۽ بهتان ٿا وٺون:**

"سچاڻ سياسي ورڪر ٿي ويلا مانيءَ لاءِ پريشان آهن. پر سياستدانن جا ڪُتا ڪباب ٿا کائن. مٿائن اهو فضل ڪيئن ٿيو آهي؟"

اهو نسورو ڪوڙ ۽ بهتان آهي ۽ نلهي هٽ جي گزي آهي. هڪڙا امير آهن، ٻيا وچولي يا هيٺيئن طبقي جا آهن. جيڪي امير آهن، انهن جي گهر جيڪڏهن ڪباب به رڌل هوندا ۽ بچي پيا هوندا ته اوبر برابر ڪٽي ٻاهر اڇلي هونداءُن. پوءِ ڪٽي ڪنهن ڪتي ڪاڏي هجي ته ٿي سگهي ٿو. پر ائين ته روءِ زمين تي روز پيو ٿئي. امير ماڻهو روز پيا ڪباب ڪائين. انهي ۾ "نئين فضل" جي ڪهڙي ضرورت پوندين؟ البت اهو معلوم ڪجي ته ڪهڙي سرمائيدار ۽ جاگيردار سياستدان جي ڪهڙن "سچاڻ سياسي ورڪرن" کي تجزيہ نگار ٿي ويلا ماني لاءِ پريشان ڏسي ماني ڪارائي آهي. جي سچاڻ سياسي ورڪر ٿي ويلا ماني ملڻ ڪان سواءِ به سرمائيدار ۽ جاگيردار سياستدان جي پنيان پيو هلي ته ان کي اتان وڃڻ ۽ وڃي ڪو ٻيو ڏنڌو ڪرڻ ڪان ڪير روڪي؟

اهڙا عقل جا وِير ۽ گامو سچار "سچاڻ ورڪر" ڪير آهن؟ ڪيترا آهن؟ ڪٿي آهن؟ ٻيو هڪ اڌ سياستدان وچولي طبقي جو آهي ڪو وڪيل، ڊاڪٽر، يا آبادگار آهي. ته اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن ڏينهن ڪباب ڪائيندو هجي. پر ان طبقي جي سنڌي سياستدانن مان ڪُتا گهڻن وٽ آهن؟ تجزيہ نگار انهن ڪُتن کي ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪباب ڪارائيندي ڏٺو آهي ۽ ساڳئي وقت ڪهڙن "سچاڻ ورڪرن" کي ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿي ويلا ماني لاءِ پريشان ٿيندو ڏٺو آهي؟ ظاهر آهي ته نلهي هٽ جي گزي هنيل آهي. نلهي ڦشري مچائڻ لاءِ ڪنهن به عقل ۽ دليل ۽ ثبوت جي ضرورت ئي ناهي.

ڦشري باز سڏڪائي صحافت، سنڌي عوام جي سمجهه ۾ شعور کي مُڏو ڪري، ڪيس گمراهه بنائي، جدوجهد جي صحيح واٽ تان ٿيڙي، رندن ۾ رلائڻ جو هڪڙو خطرناڪ ۽ قاتل هٿيار آهي. ان کي بي نقاب ڪري، پيچي پور ڪرڻ، سنڌ جي قومي ۽ عوامي جدوجهد جي بُنيادي ضرورتن مان هڪ آهي.

سُڏڪائي صحافت جي هن تازي شهپاري جو نالو ٻڌائڻ وسري ويو. اهو آهي: "سنڌي سماج جو الميو."

### ڪتابن تي تبصرو

## جادوءِ سائنس

### (جلد پھريون ۽ ٻيو)

مصنف: سر جيمس جارج فريزر

سنڌيڪار: سومار علي سومرو

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ

اڄوڪو دؤر انساني هنر ۽ سائنس جي معراج جو دؤر آهي. انساني عقل جي جادوءَ ٻرن، بحرن ۽ پهاڙن ۽ بيابانن، فضائن ۽ خلائن کي مطيع ڪري ڇڏيو آهي. انسان بي انت ۽ هيبتناڪ خلائن جي چائنٺ ٽپي چڪو آهي. سندس فرمانبردار قاصد چنڊ کي سندس سلام پهچائي آيا آهن ۽ ان جي ڪنواري ۽ اڻڇهيل جسم کي ڇهي آيا آهن.

سندس لمند ڪمند مريخ، زهره ۽ مشتري کي اَسير ڪرڻ لاءِ فضائن ۾ لهرائي رهيا آهن. سندن شوخ نگاهون فطرت جي سيني ۾ لکيا سالن کان لڪل رازن کي تيزيءَ سان بي نقاب ڪري رهيون آهن. اڄ هي ڌرتيءَ ۽ هيءَ محدود فضا، حضرت انسان جي عقل ۽ دماغ جي شوخ ۽ تند گهوڙي ٽي جولانين جي تاب جهلڻ کان عاجز آهن. ليڪن انسان جي سمجهه هميشه اهڙي اعليٰ نه هئي. سندس نگاهون سدائين اهڙيون بيخوف ۽ بيباڪ نه هيون. سندس عقل اصل کان اهڙو فاتح ۽ ڪامران نه هو. انساني نسل ٻالپڻ جي ٻي سمجهئي، هيٺائيءَ ۽ بيوسيءَ جي هڪ اهڙي هزارها سال لمبي، اونداهي ۽ پوائتي دور مان لنگهيو آهي، جڏهن فطرت جي هر ڳالهه هن جي ڪمزور سمجهه لاءِ هڪ زبردست ۽ ڊيڄاريندڙ اسرار هئي. ٻوٽن جو اُسرڻ ۽ مرجهائجڻ، ڏينهن ۽ راتين جا ڦيرا، موسمن جا گول چڪر، ويرن

جو لهڻ ۽ چڙهڻ، سج چنڊ تارا، اونداهيون ۽ روشنيون، جهنگل ۽ بيابيان، هر شيءِ، هر واقعو هر منظر، هن لاءِ نامعلوم، پُراسرار ۽ هيبتناڪ هو. رات ختم ٿيندي يا نه؟سج وري اڀرندو يا نه؟ ڪومايل ٻُوٽو وري سائو ٿيندو يا نه؟ سُڪل ندي وري وهندي يا نه؟ سج گرهڻ پوڻ سج بلڪل مري ويو يا وري جيئرو ٿيندو؟ اهي ۽ ٻيا هزارين سوال انديشا، فڪر ۽ ڳڻتيون، هن جي ڪمزور دماغ کي حيران ۽ پريشان ڪندا رهندا هئا. نفسيات جي عالمن جو چوڻ آهي ته وڏن جي فطرت ۽ هلت چلت جو راز معلوم ڪرڻو هجي ته سندن ٻالپڻ جي دؤر جو احوال معلوم ڪجي. ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن انسانن جي اصل حقيقت معلوم ڪرڻي آهي ته سندن اوائلي، ٻالپڻ واري دؤر جي زندگيءَ، سندن ننڍپڻ جي آزمائش، تجربن، وهمن ۽ وسوسن، عقيدن ۽ رسمن جو مطالعو ڪرڻ لازمي آهي. سنڌي ادبي بورڊ جو شايع ڪيل ڪتاب ”جادو ۽ سائنس“ انسان جي ان دؤر جي زندگيءَ جو آئينو آهي، جڏهن هو ذهني ۽ عقلي طرح اڃا هڪ ابهم ٻار مثل هو.

هيءُ ڪتاب مشهور انگريز عالم سرجيمس فريزر جي جڳ مشهور علمي شاهڪار ”Golden Bough“ جو سنڌي ترجمو آهي. ”جادو ۽ سائنس“ انهن عجيب ۽ غريب وهمن ۽ خونريز رسمن جو لڱ ڪانڊاريندڙ داستان آهي، جن ۾ صدين تائين انسان جا سوين نسل، اڳ جا ابا ڏاڏا، مبتلا ۽ گرفتار هئا. هن ڪتاب جي پڙهڻ مان اسان کي اوائلي انسانن جي قابل رحم اٽڪاٽاين ۽ دردناڪ بيوسين جو حيرت انگيز احوال ملي ٿو مثال طور معلوم ٿو ٿئي ته اوائلي دور ۾ ماڻهن کي ايتري به خاطري ڪا نه هئي ته سج هڪ دفعي اَلهڻ کان پوءِ وري به اڀرندو يا مرڳو گم ٿي ويندو ۽ سدائين رات ئي رات هلندي! انهيءِ لاءِ سندن ڏاها، دانا، جن کي قدرت جي اسرارن جو واقف سمجهيو ويندو هو سي ڏاڍيءَ صدق دليءَ ۽ عقيدت مان، ساز وڄائي، دعائون پڙهي، سج کي ريجهائيندا هئا ۽ ڪيس ايلاز ڪندا هئا ته تون اڄ وري به اُڀري پئه. جڏهن سج اُڀرندو هو ته ماڻهو ائين سمجهندا هئا ته هو انهن ڏاهن جي ڦيڻن جي برڪت ڪري اُڀريو آهي، نه ته جيڪر هميشه لاءِ گم ٿي وڃي ها. جڏهن سج گرهڻ ٿيندي هئي ته سڀ ماڻهُو پنهنجن انهن روحانيءَ مرشدن ۽ ولين جي هدايت موجب، آسمان تي نيزن ۽ ڀالن جا وسڪارا لائي ڏيندا هئا ۽ سندن مُرشد ولي وري زور شور سان دعائون پڙهندا هئا ۽ ذڪر ڪندا هئا ته جيئن انهن نيزن ۽ ڀالن جي ڌڪ ۽ انهن دعائن ۽ دُرودن جي برڪت سان سج تي حملو ڪندڙ آسماني راڪاس دفع ٿي وڃن ۽ ويچاري سج جي جان بچي پوي! جڏهن بهار جي موسم ختم ٿيندي هئي ۽ ٻوٽن ۽ وڻن جا پن ڇڻي پوندا هئا. سرسبز ميدان ۽ جهنگل سُنسان ۽ اداس ٿي ويندا هئا. تڏهن اسان جا قديم ابا ڏاڏا

Gul Hayat Institute

سمجهندا هئا تہ ڌرتيءَ تي موت نازل ٿيو آهي. ڪين ڳُٽيون ۽ فڪر وڪوڙي ويندا هئا ۽ هاڻي گاهہ ۽ ٻوٽا هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندا. جانور ۽ ماڻهُو ٻُڪن وگهي مري ويندا. پوءِ سندن اوليا ۽ ڪرامت جا ڏڻي، ڪين گڏ ڪري، ”موت“ کي مارڻ لاءِ ڦيڻا وغيره پڙهندا هئا، ۽ ”مٿل ڌرتيءَ“ کي وري جيئارڻ لاءِ ساٿ سوڻ ڪندا هئا. انهيءَ مان ڪي ساٿ سوڻ تہ دُنيا جي مختلف ملڪن ۾ اجا تائين هلندا اچن. اهڙيءَ طرح، جڏهن سياري جون سرد هوائون لڳنديون هيون، پارو ۽ ڳڙا وسندا هئا، تڏهن پراڻي زماني جا انسان سمجهندا هئا تہ جيڪڏهن ان سياري کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو ٻِلو نہ ٿيو تہ اُهو مُردار هميشہ لاءِ ملڪ تي ديرو ڄمايو ويٺو هوندو. بس، پوءِ سندن اڳواڻ سياري تي پنهنجي جادوءَ جا حملا شروع ڪري ڇڏيندا هئا. خاص رسمون ادا ڪيون وينديون هيون، دهلن ۽ باجن جي تيز نال تي ناچ ڪري، ماڻهُو سياري تي لعنت ۽ ملامت ڪندا هئا، ۽ سندن جنازا ڪڍي، سندس موت جو سانگ رچائيندا هئا. سندس دشمنن يعني بهار ۽ اونهاري جي ساراهہ جا گيت ڳائي، ڪين اچڻ جون دعوتون ڏيندا هئا. هُو اونهاريءَ ۽ سياري جي ويڙهہ جو سانگ رچائيندا هئا. پاڻ اونهاري جو پاسو وٺندا هئا ۽ ڪيس همت ڏياري، سندس هٿان سياري کي شڪست ڏياري مارائيندا هئا. بهار جي ختم ٿيڻ تي، ان جي موت جو ايڏي سوز ۽ درد سان ماتم ملهايو ويندو هو جو سندن مرثيا پڙهي، پٿر ڪان پٿر دل انسان جي دل بہ پاڻي ٿي پوندي هئي. بابل جي قديم مذهبي دعائن جو حوالو ڏئي، سرجيمس فريزر لکي ٿو تہ بهار جي موت تي مرد ۽ زالون بنسرين جي سنهي ۽ تيز آواز تي ماتم ڪندا هئا. سندس مجسمي کي پاڪ پاڻيءَ سان غسل ڏيئي، سندس جسم کي سُرخ رنگ جي خوبصورت جُبي ۾ ڍڪيو ويندو هو. هر طرف ڪان تيز ۽ خوشبودار ڌوپ جو واس، هوا ۾ ملي، مٿل وليءَ جي ستل حواسن کي بيدار ڪرڻ ۽ ڪيس موت جي اگهور ننڊ مان جاڳائڻ جو ڪم ڪندو هو. سندن مرثين ۾ اسان کي انهن ڳائيندڙن جو سريلو آواز ۽ بنسرين جو ماتمي سُر ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. هڪڙي مرثيي جو نالو آهي ”بنسرين جا بهار لاءِ ورلاپ“ جو هن ريت آهي:

”بهار جي غائب ٿيڻ تي، هوءَ وڏي واڪي پار ڪڍي ٿي: منهنجا پُٽڙا!
هن جي غائب ٿيڻ تي هوءَ پار ڪڍي ٿي: منهنجا دلبر! منهنجا وَلِي!
سندس پار انهيءَ ٿولي لاءِ آهن، جيڪو پنهنجيءَ ٻاريءَ ۾ نٿو وڌي...

هڪ ماندي عورت، هڪ ماندو ٿڪل ٻار، ان نديءَ لاءِ پار ٿا ڪين، جنهن جي ڪناري تي ڪو بہ سلو نٿو اُپري. هو ان ڍنڍ لاءِ پار ٿا ڪين جنهن ۾ مڇيون نٿيون اچن، هُو ڪانن جي انهيءَ ٻي لاءِ پار ٿا ڪين، جنهن ۾ سنگ نٿا اُپرن...“

ٻئي هڪ مرثيي جا دردناڪ لفظ ٻڌو:



Gul Hayat Institute

”اي بهار! تون ائين وئينءَ جڻ تون اهو ٻوٽو هئينءَ جنهن کي باغ ۾ پاڻي نہ مليو. اهو بيد هئينءَ جو ڪسيءَ جي ڪنڌي تي ملول بيٺو هو. اها گلاب جي وَل هئينءَ جنهن جون پاڙون پٽيون ويون. اها ٻوٽي هئينءَ جنهن چشمي جو پاڻي ڪو نہ پيتو.“

هي ورلاپ انهن بيوس ۽ مجبور انسانن جا هئا، جن لاءِ فطرت سراسر راز ۽ اسرار هئي، جن کي خبر نہ هئي تہ بهار ۽ اونهارو هڪ ٻئي پٺيان ايندا رهندا آهن ۽ ايندا رهندا، هنن کي فطرت جي انهن اٽل قانونن جي خبر ڪا نہ هئي.

جي ڪائنن پوءِ ايندڙ انسان کي هزارها سالن جي تجربي کان پوءِ خاطريءَ سان معلوم ٿيا. جنهن ڪري هو سياري جي خوف ۽ بهار کي منٿون ڪري آڻڻ جي ضرورت کان بي نياز ٿي ويا. هو پنهنجن سردارن ۽ بادشاهن کي مذهبي اڳواڻ ۽ قدرتي قوتن جو مالڪ ڪري ليکيندا هئا، سندن عقيدو هو تہ اهي بادشاهہ ئي کين ڀلا فصل، کير، پُٽ، وڻندڙ موسمون ۽ ٻيون ڪيتريون برڪتون ۽ نعمتون ڏيئي سگهن ٿا. هو سمجهندا هئا تہ هڪڙي سردار جي مرڻ کانپوءِ ان جو روح ۽ ان جون روحاني قوتون وري ان جي جاءِ وٺڻ واري بادشاهہ ۾ اچي ٿيون واسو ڪن. تنهن ڪري اهي شاهي اولياءَ سندن جانين ۽ مالن جا مالڪ هئا. هو سندن اشاري تي زندگيون قربان ڪري ڇڏيندا هئا. اوهين ڀائيندا تہ پوءِ انهن ديوتا ـ بادشاهن کي ڏاڍيون موجون هونديون! اوهان جو خيال بلڪل صحيح آهي، پر ٿورو ترسو! اسان جا قديم وڏا سوچيندا هئا تہ جيڪڏهن ڪو ديوتا ـ بادشاهہ بيمار ٿي مئو تہ پنيان جيڪو روح پنهنجي گاديءَ نشين کي ورثي ۾ ڏيئي ويندو، سو هوندو ئي بيمار ۽ مرٽينگ. تہ پوءِ ڀلا هيڏا قدرتي ڪارخانا ڪير هلائيندو: مينهن وسائڻ، فصل ڀلا ڪرڻ، مال ۾ برڪت وجهڻ، سياري کي مارڻ، بهار کي جيئارڻ جهڙا زبردست ۽ نازڪ ڪم ڪيئن ڪري سگهندو؟ تنهن ڪري ڇو نہ اُهو روح چڱيڀلائيءَ ۾ تندرستي جي حالت ۾ ئي هڪڙي ديوتا مان ڪڍي ٻئي ۾ وجهي ڇڏجي! انهيءَ ڪري، جڏهين ڪو سندن سردار ۽ بادشاهہ ٿورو عمر ۾ چڙهڻ جا آثار ڏيکاريندو يا تپ تاءُ ۾ ڪرندو هو تہ هڪدم کيس ماري ڇڏيندا هئا تہ ڀلي سندس روح مضبوط حال ۾ ئي نئين گادي نشين ۾ پئجي وڃي. سر جيمس لکي ٿو تہ: ڪموديا ۾ ”باهہ“ ۽ ”پاڻيءَ“ جي بادشاهن مان ڪو بيمار ٿي پوندو هو تہ کيس خنجر هڻي ماري ڇڏيندا هئا. ڪانگو جي ماڻهن جو اعتقاد هوندو هو تہ جيڪڏهن سندن سردار ”چتومي“ قدرتي قوت مري ويو تہ سڄي دُنيا فنا ٿي ويندي، ۽ هيءَ ڌرتي، جنهن کي هو ئي پنهنجيءَ طاقت ۽ زور سان جهليو بيٺو آهي، سا پرزا پرزا ٿي ويندي. ان ڪري، جڏهن هو بيمار ٿيندو هو تڏهن سندن جاءِ نشين کيس ڏنڊا هڻي يا گهٽا ڏيئي ماري ڇڏيو ٿي. شلڪ قبيلي وارا پنهنجي بادشاهہ کي قدرتي طرح

مرڻ نہ ڏيندا آهن تہ متان سندس مرڻ ڪري فصل سڪي سڙي وڃن، ۽ ماڻھُو چٽ ٿي وڃن. تنهن ڪري بادشاھہ کي ٿورو بہ بيماريءَ جو واءُ لڳو تہ سندس قبيلي وارا، وڏي ڌوم ڌام سان مذهبي مجلس ڪوٺائي، ڪيس کهي ڇڏيندا هئا. ڊانڪا قبيلي وارن وٽ پنهنجا مينهن وسائڻ وارا ديوتا آهن، جيڪي غيبي طاقت سان مينهن وسائيندڙ سمجهيا ويند ا آهن. قبيلي وارا چوندا آهن تہ جي اهو ديوتا پاڻهي مري ويندو تہ ماڻهُو ڏڪار ۽ بيمارين سبب مکين وانگر مري ويندا. چوپايو مال ڦر ڏيڻ بند ڪندو ۽ اناج ٻنين ۾ بيٺي بيٺي سڙي ويندا. ان ڪري جڏهن بہ ڪو مينهن وسائيندڙ اولياءَ پاڻ ۾ ٻڍاپي ۽ ڪمزوريءَ جون علامتون محسوس ڪندو آهي، تڏهن هو پاڻهي پنهنجي اولاد کي چوندا آهي تہ آءُ مرڻ ٿو چاهيان. پوءِ هڪ وڏي قبر کوٽي ويندي آهي، جنهن ۾ مينهن وسائيندڙ ديوتا ليٽي پوندو آهي، وعظ ختم ٿيڻ کان پوءِ هو پاڻ کي جيئري دفن ڪرائي ڇڏيندو آهي. جهاگا قوم وارا پنهنجي بيمار بادشاهن کي ڦاهو ڏيندا هئا. تہ جوڪو قوم وارا پنهنجي بيمار بادشاھہ کي پالن سان ماريندا هئا. سر جيمس يورپ، عربستان، روس ۽ ٻين ملڪن ۾ انهن رسمن جا ڪيترائي مثال ڏنا آهن.

ديوتائن جي روح کي مضبوط رکڻ لاءِ انهيءَ هيبتناڪ بين الاقوامي چٽا پيٽيءَ ۾ گوءِ وري هندستان کٽي ٿي ويو. هڪ قديم پورچوگيز سياح لکي ٿو تہ ”آءُ جنهن شهر ۾ آيو آهيان، تنهن ۾ بادشاهي ٻارنهن سال هلندي آهي، جڏهن اهي ٻارنهن سال پورا ٿيندا آهن. بادشاھہ پنهنجي لاءِ ڪاٺيءَ جو هڪ اوچو صندل ٺاهرائيندوآهي، جنهن جي چئني طرفن کان ريشمي ۽ رنگ برنگي پڙدا لٽڪايا ويندا آهن. ان ڏينهن هو مندر جي پاڪ حوض ۾ وڏن سائن سوڻن ۽ دهلن باجن سان غسل ڪري، وڏي بت جي پوڄا ڪندو آهي. پوءِ هو انهيءَ صندل تي چڙهي، سيني جي روبرو، تيز چاقن سان ڦهريائين پنهنجو نڪ، پوءِ ڪن، پوءِ چپ ۽ پوءِ ٻيا عضوا وڍي، تيزيءَ سان اڇلائيندو ويندو آهي، ان کانپوءِ بدن تان گوشت جا ٽڪر وڍي اڇلائيندو آهي. آخر پنهنجو گلو ڪٽي ڇڏيندو آهي. ان بعد ماڻهُو سندس جانشين کي ڪلهن تي کڻي، شان مان سان بادشاهي جي تختي تي ويهاريندا آهن.“

”جادو ۽ سائنس“ انسان جي اوائلي دور جي زندگيءَ جي هڪ دردناڪ تاريخ آهي، جا اسان کي سوچڻ تي مجبور ٿي ڪري تہ ڇا اڄ هن سڌريل زماني ۾ بہ اسين انهن خطرناڪ وهمن جي پنجوڙمان پوريءَ طرح ڇوٽڪارو پائي سگهيا آهيون؟ائين تہ ناهي تہ هزارها سالن ۾ انسان انهن وهمن ۽ وسوسن جي اونداهن غارن ۾ جيڪي دردناڪ عذاب سٺا آهن، سي سڀ رائگان ويا ۽ اسين اتي جو اتي بيٺا آهيون!



Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ هھڙو علمي ۽ فڪري شاهڪار سنڌيءَ ۾ پيش ڪري، سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي، مسٽر سومار علي سومري ترجمي تي ڪافي محنت ڪئي آهي، پر جملن جون بندشون ۽ ترڪيبون اجا بہ اوپريون پيون لڳن. اميد تہ ٻئي ڇاپي ۾ نظرثانيءَ تي توجهہ ڪيو ويندو.

ڪتاب جي ڇپائي ۽ گيٽ اپ عمدو آهي. رکيل قيمت، هن پايي جي علمي ڪتاب واسطي گھٽي ڪانهي.

Gul Hayat Institute

# گرمس جون آکاڻيون

(جلد پهريون)

سنڌيڪار مرحوم خان صاحب مريد علي خان،

وائيس پرنسپال: سنڌ مدرسو ڪراچي

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ

چوندا آهن تہ ”ننڍڙو ٻار، مڇ جو وار.“ دُنِيا جي ترقيءَ يافتہ ملڪن ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ ۽ اخلاقي تربيت واسطي، سندن سمجھ آهر، آکاڻين جا ڪتاب ۽ رسالا ڇاپيا وڃن ٿا، سنڌ ۾ بہ ڪجھ وقت کان ٻارن جي ادب تي ڪافي توجھ ڏنو پيو وڃي. تازو سنڌي ادبي بورڊ ”گرمس جون مشهور آکاڻيون“ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇاپيون آهن. هي آکاڻيون مختصر، دلچسپ ۽ ٻارن جي طبيعت وٽان آهن. انهن جي ٻولي ڏاڍي مزيدار ۽ سوادي آهي، جڻ تہ اصلوڪيون سنڌي آکاڻيون آهن.

مثال طور، هڪڙي آکاڻي آهي پهلوان درزيءَ جي. هن اتفاق سان ڪي ست مکيون ماري وڌيون، پوءِ تہ مڙس ڪي پنهنجي پهلوانيءَ جي پڪ ٿي وئي. دُنِيا ڪي پنهنجي بهادريءَ ڏيکارڻ لاءِ روانو ٿيو، واٽ تي هڪ ديو گڏيس، جنهن ڪي نڄي، اهڙو منجهائي وڌائين، جو هن ڀانيو تہ هي مون کان بہ ڪا وڏي آفت آهي، هاڻي آکاڻيءَ جا ڪي ٽڪرا ٻڌو:

”پنهنجو هي ڪارنامو ڏسي، درزي ڦونڊ ۾ پرجي ويو ۽ وڏي واڪي پاڻ کي چيائين، تون تہ ڪو اچرج جهڙو بهادر مڙس آهين! تنهنجي هن بهادريءَ جي هاڪ تہ ملڪان ملڪ مشهور ٿيڻ گهرجي.“

”هاڻي هي همراهہ هڪ بانڪي نوجوان وانگر، آسمان سان چوٽي گسائيندو، اڳتي وڌيو. جڏهن جبل جي چوٽيءَ وٽ پهتو، تڏهن ڏٺائين تہ سامهون هڪ ٽلهو ڀيانڪ ديو وينو مزي سان هيڏانهن هوڏانهن نهاري. درزي دل جهلي، وڏي ديو وٽ ويو ۽ گهٽيءَ چستائيءَ سان سلام ڪري چيائينس: ”اڙي يار، تون اتي وينو هيڏيءَ ساريءَ دُنِيا کي ڏسڻ لاءِ سڪين! خبر اٿئي. آءٌ اوڏانهن پيو وڃان. هلين تہ صلاح



Gul Hayat Institute

اٿئي“ ديو هڪ پٽر ڪٽي. وٺي زور سان مٿي اڇلايو سو ايترو تہ مٿي اڇلايو جو ذري گهٽ نظر کان غائب ٿي ويو. پوءِ درزي کي چيائين، ”ڪٽل جامڙا، هيئن تہ ڪري ڏيکار!“ درزيءَ چيو تہ ”تو برابر گهڻو مٿي ڦٽو ڪيو پر آخر وري بہ اچي زمين تي ڪريو نہ! آءٌ اهڙي زور سان اڇلائي ٿو ڏيکاريانءَ، جو وري زمين تي موٽندو ئي ڪو نہ“. ائين چئي، هن ڪيسي مان پکي ڪڍي، زور سان مٿي هوا ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيو. پکيءَ جي جو جند ڇٽي، سو اهڙو اک ڇنڀ ۾ وٺي اڏامي ٿو جو وري موٽيو ئي ڪون. تنهن تي ديو کي چيائين: ”هاڻي ڇا ٿو چوانيئن، اسين بہ ڪجهہ آهيون يا نہ“.

”گرمس جون آکاڻيون“ ٻاراڻي ادب ۾ هڪ سهڻو اضافو آهي ۽ ترجمي ڪندڙ ترجمي جو پورو حق ادا ڪيو آهي.

## ٻاڪون

ٻارن جو هيءُ رسالو ”ٻاڪون“ حيدرآباد جي ”اداره آواز ادب“ شايع ڪيو آهي، نوجوان اديب، جمال رند، هن سهڻي رسالي جو ايڊيٽر آهي. منهنجي اڳيان جيڪو پرچو آهي، تنهن ۾ تنوير عباسي، نياز همايوني، ابن حيات پنهور ۽ ٻين وڏن ۽ ننڍن اديبن جون وڻندڙ آکاڻيون، نقل ۽ معلوماتي مضمون آهن. اميد تہ ”ٻاڪون“ پڙهي، ٻارن جي دماغن ۾ سمجهہ ۽ ڄاڻ جون نيون ٻاڪون ڦٽنديون.

”اداره آواز ادب“ هن قسم جو دلچسپ رسالو ڇاپي، اسان جي اسرندڙ نسل جي وڏي ضرورت پوري ڪئي آهي.

Gul Hayat Institute

# شيخ اياز کان انٽرويو

هيءَ انهيءَ زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن مون کي ڪافرن ۽ شاعرن لاءِ سخت نفرت هوندي هئي.

ڪافرن لاءِ نفرت ڏيپلائيءَ جي اسلامي ڪتابن سيڪاري ۽ شاعرن لاءِ اسڪولن جي ڪتابن، پئسي جا ٽڪر ٿوبي تي ڪٽيو "ان کي تون ٿوپين ٿي، هن ۾ هُن کي چولوئين ٿو ٻڃيو هٿ سان ڪريو ٿپ ٿپ." انهيءَ قسم جا چونڊي چونڊي گڏ ڪيل اٽانگا ۽ نثريءَ ۾ ڦاسي پوندڙ شعر اسڪولي ڇوڪرن کي سڄي عمر شاعرن سان دشمن بنائڻ لاءِ ڪافي هوندا هئا. اسڪولي ڪتاب لکندڙن نوڪريءَ تي چڙهڻ وقت شايد سرڪار وٽ قسم کنيو هو ته ٻارن کي سمجهه ۾ ايندڙ ۽ پسند ايندڙ ڪوبه سنڌي شعر ڪتابن ۾ شامل نه ڪنداسون. رهيل ڪسر ماستر پوري ڪندا هئا، جن کي اهي ڏکيا شعر ڇورن تي هٿن ٺارڻ جو سهٺو موقعو ڏيندا هئا. شعر جو نالو ونندي ئي اسان جي اکين اڳيان ماستر جو جلاد چهرو ۽ نانگ واريون ڦوڪون هڻندڙ "مولا بخش" ڦري ويندو هو.

انگريزي ڇهين درجي ۾ پهريون دفعو شاعريءَ سان وٽندڙ تعارف ٿيو. اسان جو انگريزيءَ جو استاد مسٽر محمد ابراهيم جويو جنهن مان موهيندڙ ۽ وجد ڏياريندڙ نموني "اڪيلي لاهياري" ۽ ٻيا نظم پڙهائيندو هو. تنهن سڄي عمر لاءِ مون کي شاعريءَ جو عاشق بڻائي ڇڏيو. جويو صاحب جي شوق ڏيارڻ تي مون شيلي، ڪيٽس، بائرن، لانگ فيلو ۽ ورڊس ورٿ پڙهيو (شيڪسپيئر، ملٽن ۽ پوپ پارا شاعر انهن ڏينهن ۾ مون کان زور هئا) ان وقت سنڌيءَ ۾ چالو ٺلهي تڪبندي ۽ لفظي ڪرتب بازيءَ تي شرم ايندو هو ۽ دل چوندي هئي، "ڪاش! اسان جي وطن ۾ به ههڙا ذات ڏٽي پيدا ٿين!"

سال گذري ويا. 1950ع جي هڪڙي دلفريب شام هئي. ڪاليج ۾ وئڪيشن هئي – اسين سڀ پنهنجي ڳوٺ، گهر جي ڪشادي ۽ وائکي اڱڻ ۾ ويٺا هئاسون.

Gul Hayat Institute

آسمان ۾ ستارا پئي ٽمڪيا، ٿڌڙي هير پئي لڳي –اهڙي هير جا شايد فقط اسان جي ڳوٺ جُنگشاهيءَ ۾ لڳندي آهي. مون پنهنجي سوٽ محمد خان کي چيو تہ ڪجھ ٻُڌاءِ. هن نهايت پُرسوز آواز ۾ ناقص جو ڪلام ٻُڌايو. ياد ناهي تہ ڪهڙو هو پوءِ منهنجي ننڍي ڀاءُ عبدالرحمان (ايڊيٽر بادل) جو وارو آيو. هن نئون نئون ڳائڻ شروع ڪيو هو. سندس آواز مون کي بيحد وڻندو هو. مون لاءِ چونڊي چونڊي نيون نيون شيون ياد ڪري ايندو هو. ان ڏينهن هن هڪ بلڪل نرالي نموني جو ڪلام ٻڌايو. مون کي ٻول ۽ ڌُن اڄ بہ ياد آهي:

رات انڌيري واءُ ٿڌيري،

اُڀ تي تارا ڇايا هاءِ پرين ياد آيا!

گيت جا ٻول سادا، مٺڙا ۽ موقعي آهر هئا. مون ان وقت تائين ڪوبہ اهڙو پيارو ۽ اثرائتو گيت نہ ٻُڌو هو. ٻُڌندڙن تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي وئي. ”شاعر ڪير آهي؟“ مون عبدالرحمان کان پڇيو.

”ڪو نئون شاعر آهي، شيخ مبارڪ اياز نالو اٿس.“

پوءِ مون هن شاعر جا ڪيترا گيت پڙهيا:

”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“، ”آءُ سرنهن گُل ڪيا، آءُ پرين آءُ“، ”آهہ پريان تہ نہ گهاٽ، هوريان هوريان ونجھ هلاءِ.“

هر دفعي مون کي ائين محسوس ٿيندو هو جيئن ڪنهن ويران رڻ پٽ مان هلندي هلندي ماڻهو اوچتو ڪنهن اکين ۽ دل کي ٺاريندڙ سرسبز سدا بهار باغ ۾ اچي نڪري!

هي اُهو دؤر هو جڏهن اياز جي شاعريءَ ۾ قدرتي چشمن جي مڌر موسيقي ۽ نرم رفتاري هوندي هئي. پوءِ ان ۾ جابلو نين جو اَجهل ڇوهہ، اُڇل ۽ مستي آئي ۽ ”آءُ پل هان، آءُ پل هان-مان ئي مئي هان، مان ئي مستي، مان ئي جام“ ۽ ”سرمت هان! سرمت هان!“ جهڙا آتشين نظم وجود ۾ آيا. اڄ اياز جي شاعري هڪ بي انت سمنڊ آهي، جنهن ۾ لفظن ۽ معنائن جا بي انداز ماڻڪ موتي، هڪٻئي مٿان، هڪٻئي سان گڏ خواهہ هڪ ٻئي جي مخالف وهندڙ ڪئين احساسن جا وهڪرا، جذبن جون لهندڙ چڙهندڙ لهرون ۽ مختلف شعوري سطحن تي ڏار ڏار رنگن روپن ۽ ڪيفيتن وارا سوين رنگ برنگي ۽ حيرت انگيز بيٺ آهن.

اياز ذاتي طرح اُبتڙ ڳالهين جو مجموعو آهي. ڪامياب وڪالت ۽ عظيم شاعري، بہ ويراڻيون، بہ پهاڃون وٽس هڪ گهر ۾ گڏ رهن ٿيون ۽ وڏي ٺٺ سان رهن ٿيون.

هيءُ سڄي سنسار سان نہ سرچندڙ هٺيلو سرڪش ۽ آتش بيان شاعر ذاتي طرح ماٺيڻو نهنو بلڪ لڄارو آهي. سندس اپٽوڊيٽ انگريزي لباس ۾ ملبوس



Gul Hayat Institute

نهايت دلڪش ۽ باوقار شخصيت ڏسي ڪوبہ اندازو لڳائي نہ سگهندو تہ هيءُ ڪو شاعر آهي. هو مغربي توڙي مشرقي ثقافتن ۽ ادبن جو زبردست ڄاڻو ۽ وڏو مداح آهي، پر سندس لافاني فن جو ازلي پيچ سنڌڙيءَ جي تهذيب تمدن ۽ ماڻهن سان پاتل آهي. هو سورنهن آنا شهري آهي پر سندس شاعريءَ ۾ هڪ عام سنڌي جهوپڙين ۾ رهندڙ جهانگيءَ جي دل ڌڙڪي ٿي.

اياز ادب جو صحيح معنيٰ ۾ هر فن مولا آهي. هو ساڳئي وقت شاعر، افسانہ نويس، مضمون نگاره انشآءَ پرداز ۽ نقاد آهي. شعر جي ڪابہ مغربي توڙي مشرقي، قديم توڙي جديد صنف ناهي، جنهن ۾ هن کي ڪمال حاصل نہ هجي. ان کانسواءِ هو فلسفي، تاريخ، نفسيات، علم سياست ۽ ٻين ڪيترن علمن جي ڪافي دسترس رکي ٿو. سندس دماغ هڪ عالم ۽ مفڪر جو ۽ دل هڪ عاشق ۽ شاعر جي آهي.

هو اردوءَ جو بہ مڃيل شاعر آهي. سندس شاهہ جي رسالي جي منظوم اردو ترجمي کي اردو ادب جي دُنيا ۾ شاندار ڪارنامو تسليم ڪيو ويو آهي.

اياز هڪ جيئرو جاڳندو ادبي ڪرشمو آهي. هن عجيب غريب ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڌرتيءَ جو جا ڀنهجي، خاموش، مانيٽي ۽ لتاڙيل مٽاڇري مٽان الائي ڪيترا ٻرندڙ جبل لڪايو ويٺي آهي! صدين جون صديون گونگ ٻوڙ ڪري صبر سان سهڻ کانپوءِ اوچتو ئي اوچتو ونيو ڦاٽ کائي ۽ ڪڏهن ڪو دودو، ڪو درياهہ خان، ڪو هوشو تہ ڪڏهن ڪو شاهہ، ڪو سچل، ڪو اياز نڪريو نروار ٿئي!

”هيءَ ڌرتي آهي عجب ڌرتي!“

اياز هن ڌرتيءَ جي سيني ۾ لڪل ڪن اهڙين نامعلوم قديم ذهني ۽ جذباتي، فني ۽ فڪري قوتن جي پيدائش آهي. جي فقط صدين کان پوءِ تحرڪ ۾ ايندڙيون آهن. سندس شعرن ۾ اسان کي دودي، درياهہ خان، شاهہ بلاول ۽ هوشوءَ جي اڻ موٽ ۽ اڙن، آزادي پسند جذبن جي گونج ۽ نادر شاهہ ۽ مدد خان جي وحشي، فاتحانہ للڪارن جو جواب ملي ٿو.

اياز جو سچو نالو مبارڪ ولد غلام حسين شيخ آهي. هو 23 مارچ 1923ع تي شڪارپور جي شيخن جي محلي ۾ ڄائو هو. مئٽرڪ تائين تعليم شڪارپور ۾ وٺي ڊي.جي سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ مان فلسفي ۾ بي.اي ڪيائين ۽ 1950ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان قانون جو امتحان پاس ڪيائين. هن وقت سکر ۾ نامور وڪيل آهي. سندس بہ نظمن جا مجموعا ”ڀونئر ڀري آڪاس“، ”ڪُلهي پاتم ڪينرو“ ڇپيل آهن، جن مان ڀهرين تي بندش پيل آهي. ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ نثر جو مجموعو اٿس. سندس اردو شعر جو مجموعو ”بوئي گل“، ”نالئہ دل“ ڇپيل آهي، ٻيو مجموعو ”ڪف – گلفروش“ ڇپجي رهيو آهي. شاهہ جي رسالي جو

Gul Hayat Institute

منظوم اردو ترجمو ڇپيل آهي. سندس سنڌي ڪلام جو ٽيون مجموعو بہ تيار آهي. ڪيس سَيرُ جو شوق آهي. هن سڄي پاڪستان ۽ هندستان جو دورو ڪيو آهي.

هو تازو جيل جو بہ سَيرُ ڪري آيو آهي. مون ڪانئس ماهوار ”بادل“ لاءِ هيءُ انٽرويو گذريل مهيني ورتو جڏهن هو ٽر جي سَيرُ تان موٽندي حيدرآباد آيو هو.

”توهان ڪي ياد آهي تہ پهريائين پهريائين شعر چوڻ جو خيال اوهان جي دل ۾ ڪيئن ۽ ڪڏهن پيدا ٿيو؟ پنهنجو پهريون پهريون شعر ياد اٿوَ؟“

”منهنجو پيءُ پنيرڪي جو ننڊ مان اُٿي وهنجي، ديوان حافظ ترنم سان پڙهندو هو. اها هن جي روزاني عادت هوندي هئي. مون کي فارسي تہ ڪانہ ايندي هئي پر بابي جي ترنم ريز آواز مون ۾ بحر وزن جو هڪ مبهم تصور پيدا ڪيو هو. ان ڪري مان ڇهن ستن ورهين جي عمر ۾ ڪجهہ تڪبندي ڪندو هوس. مون کي جيتري قدر ياد آهي تہ منهنجو پهريون غزل سال 1934ع ۾ ”سدرشن“ رسالي ۾ ڇپيو هو جو منهنجي ڪلاس فيلو بهاري ڇابڙيا ڪڍيو هو. ان وقت منهنجي عمر اٽڪل ڏهہ سال هئي.“

”توهان جي شاعريءَ جي بنهہ اوائلي دؤر ۾ ڪنهن توهان جي همت افزائي ڪئي هئي ڇا؟“

”ڪيئل داس فاني، شڪارپور جي نيو ايرا اسڪول ۾ ماستر هوندو هو. جتي مان پڙهندو هوس. هو اُن دؤر جو نهايت چڱو شاعر ليکيو ويندو هو. مان ۽ منهنجو دوست سترام ڪلياڻي هن وٽ گهڻو ڪري شام جو ويندا هئاسين. هو شاهہ لطيف کان ’بيوس‘ تائين شاعريءَ تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندو هو. هن کي ڪيئي بيت، وايون ڪافيون، غزل ۽ نظم ياد هوندا هئا، جي هو اسان کي گفتگوءَ جي وچ ۾ ٻڌائيندو هو- هو اسان جي شعر ۾ درستيون بہ ڪندو هو ۽ فارسي بحر وزن ۽ بيت ۽ ڪافيءَ جي ٽيڪنيڪ بہ سمجهائيندو هو.“

”توهان ڪهڙين زبانن جو شعر پڙهيو آهي؟ انهن مختلف زبانن جي شاعريءَ جي ڪن خصوصيتن جو ذڪر ڪرڻ چاهيو ٿا؟“

”مون مشرق ۽ مغرب جي گهڻو ڪري سيني مهذب زبانن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ شعر پڙهيو آهي. اصلي شعر مون سنڌيءَ کانسواءِ پنجابيءَ، ملتانيءَ، اردوءَ، هنديءَ، فارسيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ پڙهيو آهي ۽ باقي زبانن جي شعر جو ترجمو انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۾ پڙهيو اٿم. مغربي زبانن مان زياده تر فرينچ، جرمن، روسي، يوناني ۽ اطالوي زبانن جي ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعريءَ جا ترجما انگريزيءَ ۾ پڙهيا اٿم. مشرقي زبانن مان سنسڪرت، چيني، جاپاني، عربي هند و پاڪ جي زبانن جا ترجما انگريزيءَ ۾ پڙهيا اٿم. عربي ۽ هندستاني شعر جا ڪيترائي ترجما اردوءَ ۾ بہ پڙهيا اٿم. ٿورا ترجما پولينڊ، يوگوسليويا، رومانيا، البانيا، ڪوريا

Gul Hayat Institute

۾ فارموسا جي شعر جا بہ پڙهيا اٿم. پر اُنهن ترجمن مان اُنهن ملڪن جي شاعريءَ جي خصوصيتن جي ذڪر ڪرڻ لاءِ پورا ڪتاب لکڻا پوندا. مون فقط جاپاني نظم ’هيڪوءَ‘ جو مختصر جائزو پيش ڪيو هو. سو بہ ڪيترائي صفحا وارو ويو هو.“

”توهان کي انهن زبانن جي ڪهڙن ڪهڙن شاعرن جي شعر خاص طرح متاثر ڪيو؟“

سنڌيءَ ۾ شاهہ لطيف. سچل. بيوس- پنجابيءَ ۾ وارث شاهہ. امرتا پريتم- ملتانيءَ ۾ فريد- اردوءَ ۾ غالب ۽ فيض- هنديءَ ۾ بهاري لال. ميران ٻائي. ڪبير (مون جديد هندي شاعري زياده تر اُردو ترجمي ۾ پڙهي آهي. هنديءَ جي ڇاياواد ۽ ترقي پسند شاعريءَ مون کي ايترو متاثر نہ ڪيو آهي. جيترو ڪلاسيڪي اسڪول. نرگس واد. پريم مارگ ۽ ڪرشن ڀڳتيءَ جي شاعريءَ). انگريزيءَ ۾ وليم بليڪ. شيلي. بيٽس تي.ايس.ايليٽ. ازرا پائونڊ. والٽ وٽ مئن. رابرٽ فراسٽ ۽ ڪجهہ جديد شاعر. ٻين مغربي زبانن ۾ پُشڪن. مايا ڪووسڪي. يوتوشينڪو (روسي). بود ليئر. رامبو لوئي آراگون (فرينچ). گوئٽي. رِلڪي. هائني (جرمن). ليو پارڊي (اطالوي). وغيره.

هندستاني زبانن مان. ڪاليداس. وديا پتي ۽ ٽئگور- ۽ عربي زبان جي خليل جبران کان خاص متاثر آهيان. انهن شاعرن مان ڪيترن سان نظرياتي اختلاف جي باوجود مان انهن جي فني ڪمال جو قائل رهيو آهيان ۽ انهن جي شعر منهنجي لاشعور تي دائمي اثر ڇڏيو آهي.“

”دُنيا جي عظيم شاعرن مان ڪو اهڙو آهي. جنهن توهان کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي؟ جي ها تہ ان جا ڪي مکيہ سبب ٻُڌائيندا؟“

”شاهہ لطيف – اسان ٻنهي جي وچ ۾ سنڌ جي سرزمين اُها اَتوٽ ٻِڙي پيرـ ڪڙي آهي. جنهن مان منهنجا سوين ڇلانگ مون کي ڇڏائي نہ سگهيا آهن. منهنجا ۽ شاهہ لطيف جا پير اُنهيءَ ڪڙيءَ ۾ گڏ گرفتار آهن ۽ هڪٻئي کان جدا ٿي نہ ٿا سگهن.“

”شاهہ لطيف لاءِ توهان کي جيتري عزت ۽ احترام آهي. سو رڳو هن ڪري جو هو سنڌ جو عظيم شاعر آهي. يا ان جا ڪي ٻيا سبب بہ آهن؟“

”لطيف نہ رڳو سنڌ جو عظيم شاعر آهي پر اجا تائين سنڌ جي تاريخ بہ هو آهي. تهذيب بہ هو آهي. لسانيات بہ هو آهي ۽ سياست بہ پاڻ آهي. لطيف جو پيغام دؤر جديد لاءِ عالمي امن ۽ انسانيت جو پيغام آهي.

لطيف ۾ فني ڪامل بہ ايترو ئي آهي جيترو دُنيا جي ٻئي ڪنهن عظيم ترين شاعر ۾. جي لطيف دُنيا جو عظيم ترين شاعر نہ آهي تہ عظيم ترين شاعرن مان هڪ ضرور آهي.“



Gul Hayat Institute

”شاهہ کان سواءِ توهان سنڌ جي ٻين ڪهڙن شاعرن کي پسند ڪريو ٿا؟“

”مون ان جو سويل ئي جواب ڏنو آهي تہ شاهہ کان پوءِ مون کي ’سچل‘ ۽ ’بيوس‘ وڻن ٿا. سچل پنهنجي دؤر جي رجعت پرستيءَ خلاف بغاوت جو امام هو. ’ديس سچل دا شهر درازا‘ جو نعرو اسان جي روح ۾ اڄ بہ ولولا پيدا ڪري رهيو آهي، ۽ گويا اسان جي ثقافتي تحريڪ جو پيڙرنامو آهي.

’بيوس‘ پنهنجي دؤر جو عظيم شاعر آهي- هو اسان جي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۽ جديد شاعريءَ جي وچ ۾ هڪ اهم ڪڙي آهي.“

”بيت، ڪافيون، وايون، سنڌي شعر جون تمام جهونيون صنفون آهن، جي ٿورڙو وقت اڳ متروڪ ليکيون وينديون هيون. توهان انهن کي وري رائج ڪيو آهي، ڇو؟ ان جي توهان جي نظر ۾ ڪهڙي اهميت آهي؟“

”منهجي هڪ سٽ آهي:

’رڪ ۾ ڇڻنگ ڇتائي ڳوليان ٻاهہ نئين پڙڪايان وو‘

۽ هن ساڳيءَ وائيءَ ۾ ٻي سٽ آهي:

’تنهنجي پل پل جي پيڙا کي وائيءَ ۾ ورنايان وو‘

توهان جي سوال جي ٻنهي حصن جو ڪي قدر جواب مٿين سٽن ۾ آهي. بيت، ڪافي، وائي سنڌي ادب جو لازوال حصو آهن. هر غلام قوم پنهنجي تاريخ، ثقافت ۽ ڏيهي روايتن کي پنهنجي احساس ڪمتريءَ سبب نظرانداز ڪندي آهي، پر جڏهن اُن ۾ آزاديءَ جي ٻاهہ ڀڙڪي اُٿندي آهي تڏهن ان جي پوري تاريخ، ثقافت ۽ روايتون نئون رنگ روپ ڌاري اڳي کان بہ اڳريون ٿي ورنديون آهن. مون کي يقين آهي تہ ڪنهن بہ سنڌيءَ جي روح کي بيت، وائي، ڪافيءَ ۽ دوهي کان وڌيڪ ٻي ڪائي صنف سخن زياده گرفت ۾ نہ ٿي آڻي سگهي.“

”توهان ڪڏهن سوچيو آهي تہ توهان شعر ڇو ٿا چئو؟“

”ڪوبہ شاعر شعر ڇو ٿو چوي، ان جو جواب هڪ نفسيات ۽ جماليات جو ماهر ئي ڏيئي سگهي ٿو. ان موضوع تي مون تازو آرٿر ڪئسلر (Arther Koestler) جو ڪتاب ’The Act of Creation‘ پڙهيو. ڪئسلر جهڙي جامع شخصيت انهيءَ موضوع تي پنج ڇهہ سؤ صفحا لکي بہ انهيءَ سوال جو تسلي بخش جواب نہ ڏيئي سگهي آهي. فنڪار جو وجود هڪ ڳجهاندڙ ڳالهڙي آهي، جا اڄا تائين ڪنهن چڱيءَ طرح نہ سمجهي آهي. Aldous Huxley پنهنجي ڪتاب ’Doors of Perception‘ ۾ لکيو آهي تہ ’L.S.D کائڻ کان پوءِ ئي مون محسوس ڪيو تہ مشهور مصور وان گوگ (Van Gogh) تصويرڪشيءَ وقت ڇا محسوس ڪندو هو.‘ بهرصورت منهنجي شعور ۾ نون لفظن، ترڪيبن، محاورن، تشبيهن، استعارن، مطلب تہ ٻوليءَ جي رنگينين سان تجربا سدائين هلندا رهندا آهن، ۽ پوري

Gul Hayat Institute

وچوٽيءَ واريءَ ليڪ وانگر اُن جي آمهون سامهون منهنجا نوان احساس، جذبا ۽ زندگيءَ جا تجربا هوندا آهن. ڪائي اهڙي گهڙي ايندي آهي، جڏهن ٻئي ليڪون مُڙي ملي ويندريون ۽ نئين شعر جي تخليق ٿيندي آهي. ڪنهن ڪنهن انسان جي جيءُ جو جوالا ڀرجي ڀرجي ايئن ڇو ڦاٽ ڪائي ٿو ۽ رنگ برنگي شعلا اوچتو ڇو ڀڙڪي اُٿن ٿا، ان سوال جي جواب ۾ مون عمر گذاري آهي، پر اڃا تائين جواب لهي نه سگهيو آهيان. شاعريءَ ڪي هڪ روحاني ڪيفيت آهي پر مون ايئن ڪڏهن به نه سوچيو آهي ته اُن جو مادي تجزيو ناممڪن آهي."

"توهان پنهنجي شاعريءَ کان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟ توهان جي خيال ۾ جيڪي ڪجهه توهان چوڻ چاهيو ٿا، سو چئي سگهيا آهيو؟"

"مان پنهنجي شاعريءَ کان ڪڏهن به مطمئن نه ٿيو آهيان. مون هر نئين شعر لکڻ وقت ايئن سوچيو آهي ته اڃ منهنجي شاعريءَ جي ابتدا آهي. ڀٽائيءَ واري اها ڪيفيت ته:

'آءُ نه گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سچ'

مون ۾ موت تائين رهندي. مان ته اڃا ڪوڏ به نه ڳٽا ڪري سگهيو آهيان، هيءُ ته اٿاهه ساگر آهي ۽ ساهه ڪي سپون سڏي رهيون آهن. نه پيارا، مون ڪي جيڪي ڪجهه چوڻو آهي، ان جو هڪ حصو به چئي نه سگهيو آهيان."

"اهڙو ڪو فني ڪارنامو آهي، جنهن جي ڪرڻ جي توهان ڪي پراڻي حسرت هجي پر اڃا پوري نه ٿي سگهي هجي؟"

"ها، ڪيتري وقت کان حسرت آهي ته سنڌ جي منظوم تاريخ لکان."

"توهان شاعر، افسانه نگار ۽ انشا پرداز آهيو. ڪڏهن ناول لکڻ جو خيال ٿيو اٿوَ؟"

"مان ناول جا منتشر حصا ته لکي چڪو آهيان، پر شل منهنجي ضمير ڪي ايتري جرئت ملي جو جيڪي چاهيان ٿو اُن ۾ لکي سگهان. منهنجي نظر ۾ سُٺي ناول جي تخليق سڀ کان ڏکيو فن آهي. هن وقت تائين برصغير ۾ ڪنهن به اهڙو ناول نه لکيو آهي، جنهن کي دُنيا جي ادب ۾ لازوال جاءِ ملي سگهي. مان ناول لکڻ ۾ ڪائي جلدبازي ڪرڻ نٿو چاهيان."

"توهان پنهنجي سڄي زندگيءَ جي مطالعي ۾ جن عظيم ناولن يا ڪتابن کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيا آهيو، تن مان ڪن جا نالا ٻُڌائيندا؟ انهن جي اثر جا ڪي سبب ٻُڌائيندا؟"

Gul Hayat Institute

”ناول ۽ ڪتاب تہ ايترا آهن جو انهن جي ذڪر ۾ ڏينهن لڳي ويندا. بهرصورت مون کي انقلاب کان اڳ جا روسي ناول نهايت مرغوب آهن. تالسٽاءِ، دوستو وسڪي، ترگنيف مون کي نهايت پسند آهن. هيمنگ وي، سمرسيٽ ماهم ۽ هستي واد جا ناولٽ ۽ سارتري، سنمون وغيره بہ مون کي وڻندا آهن. ايئن تہ مون بيا بہ سوين معروف ۽ غيرمعروف ناول پڙهيا آهن.

زندگي هڪ گوناگون حقيقت آهي ۽ اُن کي هڪ نظريہ سان پرکڻ عبث آهي. مون کنهن بہ فن پاري کي جاچڻ لاءِ هيءُ معيار رکيو آهي تہ اُن ۾ فنڪار سچ جو ساٿ ڪيستائين ڏنو آهي. فن جي ٽيڪنيڪ مون لاءِ ثانوي حيثيت رکي ٿي.

ناول ۾ حقيقت نگاري (Realism) کي مان اهم درجو ڏيندو آهيان، پر پوءِ بہ دوستو وسڪيءَ جا Abnormal ڪردار مون کي وڻندا آهن، ۽ ڪافڪا (Kafka) جي گهري اشاريت تي ڏيان سان سوچيندو آهيان.

ناول کانسواءِ مون هزارين ڪتاب، ادب، فلسفي، سياست، سوشالاجي، بين الاقوامي معاملات، تاريخ، نفسيات، آرٽ، مذهب، ديومالا وغيره تي پڙهيا آهن، جن مان ڪيترن ئي ڪتابن مون تي تاثر ڇڏيو آهي، پر سيني ڪتابن کان وڌيڪ اهم زندگيءَ جو ڪتاب آهي، جنهن جي مطالعي کان سواءِ، بيو مطالعو کنهن بہ شخصيت جي پوري رچاوَ لاءِ ڪافي نہ آهي.“

”توهان جي شعر سنڌ ۾ جيڪا زبردست مقبوليت حاصل ڪئي آهي، تنهن جو توهان تي ڪهڙو ردعمل ٿيو آهي؟“

”اجا تائين ’پؤنر پري آڪاس‘ تان بندش نہ هٽي آهي، منهنجو ڪلام ريڊيي تي ڳائڻ ممنوع آهي. اخبارن ۾ گاريون ۽ خون جا دڙڪا ڏنا ويا. هزارين ڪالم منهنجي خلاف لکيا ويا، منهنجا بوتا جلايا ويا، مون کي شهر نيڪاليون مليون. جيل ۾ ’سي‘ ڪلاس ۾ رکيو ويو. آخر اهو سڀ انهيءَ شاعريءَ جي عنايت ئي تہ آهي. سوچان ٿو تہ اجا انهيءَ مقبوليت جي ڪيتري قيمت ادا ڪرڻي آهي.“

”ڪن حلقن طرفان توهان جي جيڪا سخت مخالفت ڪئي وئي آهي، ان ڪري اوهان دلشڪستا ٿيا آهيو؟ جي نہ، تہ اهو ڪهڙو خيال يا جذبو آهي جو توهان کي مايوس ۽ دلشڪستو ٿيڻ نٿو ڏئي؟“

”دلشڪستہ؟ شايد دل وارا دلشڪستہ بہ ٿيندا هوندا! پنهنجي حالت اجا تہ اها آهي:

’ساوڻ گهُري سيڪا، هيءَ سَرهِي سياري‘ (شاهہ)

خيال ۽ جذبو؟ - سنڌ، منهنجي تخيل جي سنڌ ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين، سنڌ، مومل جي ماڙي واري، سنڌ پيٽ ڀُکي، انگ اُگهاڙي سنڌ، عظيم، عظيم ترين سنڌ، موهن جي دڙي کان سن جي سائينءَ تائين سنڌ، جنهن جي پيغام ۾ اجا

Gul Hayat Institute

تائين برِصغير جي نجات آهي. سنڌ، پيارا، سنڌ ئي منهنجو جذبو آهي، منهنجو خيال آهي، منهنجو خدا آهي.“

”تاريخ ۾ مشهور شاعرن جي محبوبائن جو ڪيترو ذڪر آيل آهي. توهان جي به ڪا محبوبه؟“

”هن وقت ته فقط هڪ ئي آهي... سنڌ.“

”اڄوڪي سنڌي شاعرن مان ڪي توهان کي اهڙا نظر اچن ٿا، جن ۾ ذات جا اهڃاڻ هجن؟“

”هاڻي ته ملڪ مڙيو ئي منصور لڳو پيو آهي، ڪهڙا نالا ڪڍي ڪهڙا ڪڍان!“

”۽ افسانه نگار؟“

”اهي جن جو افسانو فقط افسانو نه آهي.“

”توهان جي خيال ۾ اسان وٽ اُصولي ۽ فني تنقيد جو بنياد پيل آهي يا نه؟ تنقيد جي اڄوڪي معيار کان توهان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟“

”تنقيد؟ ڪهڙي تنقيد؟“

”مجموعي طور سنڌي ادب جي موجوده معيار بابت توهان جي ڇا راءِ آهي؟“

”هن وقت پوري برِصغير جي ادب ۾ سنڌي ادب زياده ترقي پسند ۽ ترقي پذير آهي ۽ ان کي هڪ شاندار مستقبل آهي. جديد سنڌي ادب کي قومي ۽ بين الاقوامي آدرش آهن ۽ هر جبر و ستم جي باوجود، سنڌي اديبن انسانيت، انصاف ۽ امن جو جهنڊو بلند رکيو آهي. سنڌي ادب کي فني ۽ اخلاقي عظمت آهي ۽ اهو هڪ صحتمند سماج لاءِ سماجي ۽ سياسي قدر طئي ڪري رهيو آهي.“

”سنڌي ادب جي معيار کي بلند ڪرڻ ۽ تخليق جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ توهان ڪي ڪي عملي رٿون سُجهن ٿيون؟“

”مطالعو، وڏيڪ مطالعو. دُنيا جي گوناگون ادب جو مطالعو ۽ ان جا سنڌيءَ ۾ ترجما. پبلڪ لائبريريون، ادبي ڪلاس، ثقافتي ميڙ ۽ سنڌي ادبي سنگت جي نئين سر تنظيم.“

”سنڌي ادب ۾ اڄ ڪلهه جيڪا گروهه بندي آهي، ان بابت توهان جو ڪهڙو ردعمل آهي، توهان جي خيال ۾ اها ختم ٿي سگهي ٿي؟ جي ها ته ڪيئن؟“

”چڱي نه آهي. سنڌ ۽ سنڌي زبان جي محبت اُن کي ختم ڪري سگهي ٿي؟“

”ڪن جو خيال آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو ڪو به مستقبل ڪونهي. پس پيش اردو ئي وڃي رهندي، انهيءَ ڪري ضروري آهي ته هينئر ئي ٻارن کي سنڌيءَ بدران اردو پڙهائجي، توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟“

Gul Hayat Institute

”منهنجيءَ نظر ۾ اردوءَ جو ڪوبہ مستقبل ڪونهي. اردوءَ ڪي عوام ۾ جَڙون نہ آهن ۽ جنهن بہ ٻوليءَ ڪي عوام ۾ جَڙون نہ هونديون آهن, اها جلد ئي مُرجهائجي وينديون آهي.

اردوءَ کي ٻارن لاءِ ذريعہ تعليم ڪرڻ اسان جي لساني نفسيات جي خلاف آهي ۽ ٻارن جي ذهني اَوسر ۾ وڏي رڪاوٽ آهي.

سنڌي برصغير جي بهترين زبانن مان آهي. ان ۾ صدين جو رچاءُ آهي. اردوءَ جي عمر بہ سؤ سال بہ نہ آهي. اسان کي گهرجي تہ سنڌيءَ کي بہ قومي زبان تسليم ڪرائڻ لاءِ آئيني جدوجهد ڪريون. ڪوبہ سبب نہ آهي, جو سنڌيءَ کي بنگاليءَ ۽ اردوءَ جي برابر درجو نہ ڏنو وڃي. دُنيا جا ڪيترائي مهذب ملڪ آهن, جن ۾ چئن ڪان وڌيڪ زبانن کي قومي زبان جو درجو ڏنو ويو آهي.“

”توهان جي ڪن مخالفن مشهور ڪيو آهي تہ توهان لطيف ثاني هجڻ جي دعويٰ ٿا ڪريو جيتوڻيڪ توهان جي شعرن ۽ لکڻين مان صاف ظاهر آهي تہ توهان کي لطيف جي فني فلسفي لاءِ ڪيترو احترام آهي, تہ بہ توهان ان باري ۾ ڪجهہ چوڻ چاهيندا؟“

”ڀٽائي منهنجو ادبي مرشد آهي, مون هميشہ پنهنجو باغي سِر هن جي اڳيان جهُڪايو آهي. باقي نہ مان ڪنهن جو ثاني آهيان, نہ ڪوئي منهنجو ثاني آهي.“

Gul Hayat Institute

# هو چون ٿا هيئن چئو!

هن ملڪ ۾ ماڻهن جي ڳالهه ڪندڙ ۽ خاص ڪري سنڌي ماڻهن جي ڳالهه ڪندڙ رسالا سدائين ڪاٺ ۾ رهيا آهن. جوڻيجي سرڪار جي هڪڙي چڱائي اها هئي ته ان پريس کي ڪجهه نه ڪجهه آزادي ڏني ۽ سنڌي رسالن ۾ وري وجي ڪجهه ساهه پيو. چونڊن ڪان پوءِ ڪجهه وڌيڪ ڊِرَ ملي آهي. ڏسجي ته اها جٽاءَ ٽي ڪري يا جَرُ تي ڦوٽو ثابت ٿئي.

سنڌي رسالي "پروڙ" جي تازي پرچي ۾ عبدالواحد آريسر صاحب جو شيخ اياز خلاف مضمون ڇاپيو ويو آهي. عنوان اٿس "واويلا وڏڪار".

هن قسم جي مضمون ڇاپڻ لاءِ رسالي جي اداري هيءُ وضاحت ڪئي آهي:

"شيخ اياز جي فڪري گهرائي ۽ شاعرانه عظمتن جو اعتراف نه ڪرڻ سنئين سڌي بي حيائي ٿيندي پر پوءِ به هڪ پيڙهيل ۽ ڏتڙيل قوم جي حيثيت ۾ ڪنهن به فرد واحد تي اعتبار ڪري ڪيس ڪُل سمجهڻ به ڪا گهٽ بي انصافي ڪونهي. جيئن ته پروڙ جي پاليسي اها آهي ته هي ادارو سنڌ جي گڏيل مفادن کي اهميت ڏيندو رهندو. تنهن ڪري هي ادارو ڪنهن به هڪ يا خاص جو ترجمان ڪونهي، اها ڳالهه پختگيءَ سان ذهن ۾ رکڻ کپي. هن مضمون جي ڇاپڻ جو مقصد اهو آهي ته شيخ اياز جي موجوده رول متعلق قومپرست حلقن ۾ جيڪي اعتراض ٿيا آهن ان کي منظر عام تي آندو وڃي، وڌيڪ فيصلو پڙهندڙن کي ڪرڻو آهي، پر اداري طرفان اها گذارش ضرور ڪبي ته هن مضمون جي موقف خلاف به جيڪڏهن معياري تحرير اسان تائين پهتي ته ان کي به لازمي طور تي ايتري ئي اهميت ڏئي ڇاپيو ويندو." (ادارو پروڙ)

شاعر ماڻهُو هوندن ئي سهي جي ڪل، سڪڻا سِرُ. نه راڄ نه ڳوٺ نه غندن جو ڪٽڪ نه ڏاڙيلن جو ٽولو نه پوليس جي پُٺ نه فوجين جو فضل، نه کهاڙا نه

Gul Hayat Institute

ڪلاشنڪوف. "ميراٽي مڏي ڏندڻ ۾ ڦٽي!" اهو ئي پراڻو قلم، اهائي ري پيالي مستي ۾ اهي ئي شاعراڻا پور ۾ سور!

"سورن سانديياس، پورن پالي آهيان!" (شاهه)

"هڪ سسئي ٻيا سور، ويا پٽيندا پاڻ ۾." (شاهه)

چوندا آهن "اپري ڪان جهليانس ته جهل ئي نه ڏي، سيري تي اٿاريانس ته اُٿي ئي نه!" اياز جهڙي شيخ ۾ شاعر ماڻهوءَ خلاف مضمون لاءِ هرويرو ايڏي اجائي گهڻي جرئت جي ضرورت ئي ڪانهي، ڪڪڙ جو خون ٽڪو!

البت رسالي جي فاضل اداري کي ڪنهن ڏاڍي لٺ ڪنهن ڳري ڪاٺ، ڪنهن سنڌ دشمن سازش ۾ فِتنن جي پراڻي ۾ پاپي پاڙ ۾ ڪنهن دودي جي روپ ۾ چنيسر صفت ست سسين راڪاس جي خلاف اهڙي حق جي ڳالهه چپڻ جي توفيق ٿي سگهندي يا نه سو ڏسڻو پوندو ۾ پوءِ ئي اها خبر پئي سگهندي ته هڪ "پيڙهيل ۾ ڏتڙيل قوم جي حيثيت ۾ ڪنهن به فرد واحد تي اعتبار ڪري ڪيس ڪل سمجهڻ" واري "بي انصافي" نه ڪرڻ، "سنڌ جي گڏيل مفادن کي اهميت ڏيندو رهڻ" جي پاليسيءَ تي هلڻ، "ڪنهن به هڪ يا خاص ڌر جي ترجمان" نه هئڻ ۾ قومي شخصيتن جي "موجوده رول" بابت جيڪي اعتراض هجن تن کي "منظرعام" تي آڻڻ جو فرض نڀائڻ جي نيڪ ارادن ۾ عملي ۾ حقيقي جان ڪيتري آهي ۾ قوم دشمن ڪهاڙن ۾ ڪلاشنڪوفن جي حضور ۾ سهو جي سجدن ڪرڻ جي سعادت ۾ ثواب حاصل ڪرڻ جي بي چيني ۾ تڙپ ڪيتري. فاضل مضمون نگارن اياز جي ريڊيو پاڪستان تان ڪيل هڪڙي تقرير تي تنقيد ڪئي آهي.

هن صاحب کي شڪايت آهي ته اياز ان تقرير ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي اجائي تعريف ڪئي آهي ۾ ائين ڪندي مخدوم بلاول ۾ شاهه عنايت جي توهين ڪئي اٿس. مضمون ۾ اياز جي تقرير جا جيڪي ٽڪرا اعتراض جوڳا ڄاڻايا ويا آهن سي هي آهن:

"وڙهندي مرڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪونه آهي. ڀٽو بيوس هو بنديوان ۾ بيمار هو هو ٻن سالن کان وڏيڪ ضياءَ جي آمريت جو مقابلو ڪندو رهيو. ان لاءِ نفرت جو اظهار ڪندو رهيو ۾ آڻ نه مڃيائين ۾ نيٺ شهيد ٿيو. مخدوم بلاول به اڌ ڪلاڪ گهاڻي ۾ پيڙاهيو ويو هو هو ٻن سالن لاءِ وڏيڪ پنهنجي پيچ و تاب ۾ رهيو. اضطراب ۾ رهيو. شاهه عنايت کي گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ تلوار هينان سِرُ رکي شهيد ڪيو ويو هو. ڀٽي وانگر سڄو سال مڃيل مهاڙن جو عذاب نه ڀوڳيو هئائين."

فاضل مضمون نگار جو چوڻ آهي ته اياز انهن لفظن جي چوڻ سان شاهه حسن ارغون ۾ اعظم خان مغل ٻنهي شاهه عنايت ۾ مخدوم بلاول جي قبرن کي ٿڏا هنيا



Gul Hayat Institute

آهن ۽ اهڙي ريت اهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو ان تي ماٺ ڪرڻ اهڙو ڏوهه ٿيندو جڻ مارئيءَ جي لوئيءَ کي رنڊيءَ جي ڪوٺي جو پردو بنائڻ.

اياز چيو وڃي ٿو ته وڏيڪ چيو آهي ته:

”چلي ۾ فوجي ڪوديتا کان پوءِ اليندي به بندوق کڻي ڪجهه ڪلاڪ مقابلو ڪيو هو ۽ ماريو ويو هو. وڙهندي مرڻ کا وڏي ڳالهه نه آهي“

آريسر صاحب جو وڏيڪ چوڻ آهي ته اياز خيرپور ۾ ”جشن جمهوريت“ کي خطاب ڪندي اهو تاثر ڏنو ته ”1973ع جو آئين قومي ۽ طبقاتي حقن جي مڪمل ضمانت آهي.“ هن بيان جي تائيد ۾ اياز جا چيل اصل لفظ ڏنل نه آهن.

اڳتي هلي اياز ڏانهن قول به منسوب ڪيل آهن. هڪڙي قول لاءِ آريسر صاحب جو چوڻ آهي ته اهي لفظ ڪيس روبرو چيا ويا هئا ۽ ٻئي لاءِ چوڻ اٿس ته اهي ڪن ٻين ٻن صاحبن اياز کان ٻڌي پوءِ کيس ٻڌايا هئا. اهي قول هي آهن:

”هو (ڀٽو) پنهنجن ڪُڏن ڪرتُوتن جي ڪري ڪوٺ لکپت ۾ وينو آهي ۽ پنيان اسان ڏچي ۾ پئجي ويا آهيون.“

”هالي ووڊ جو ايڪٽر اُگهاڙين فلمن ۾ گندگي چٽيندڙ مسخرو ريگن جيڪڏهن آمريڪا جو صدر ٿي سگهي ٿو، وحشي سوئا هٽي ماڻهن جون اکيون ڪڍندڙ خسيس جاسوس پوليس وارو ڪي. جي. بي جو سربراهه بوري آندو پوف جيڪڏهن روس جو صدر رهي سگهي ٿو ته ضياءَ پاڪستان جو صدر ڇو نه ٿو رهي سگهي.“

قيد ۾ ڀٽي صاحب جي حالت بابت اياز مٿي ڏنل بيان تي تبصرو ڪندي آريسر صاحب دعوا ڪئي آهي ته اها ڳالهه ڪرڻ سان اياز ”ماحول ۽ حالتن جو پورو پورو فائدو وٺڻ خاطر سنڌ جي عظيم محب وطن شهيد مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت کان ڀٽي صاحب کي وڏيڪ عظيم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“ ان دعويٰ کي دليل بنائي هن صاحب هيٺين دليل بازي ڪئي آهي:

هتي مسئلو سزا جي ’ڪميت‘ جو نه پر ’ڪيفيت‘ جو آهي، ڪڏهن ڪڏهن گهڙيءَ جو عذاب صدين جو عذاب ۽ پيڙا کان ڳورو هوندو آهي ۽ گهڙيءَ جي عظمت ۽ اهميت جي باري ۾ اياز خود هڪ هنڌ لکيو آهي ته ’مون تي ڪنهن وقت گهڙي ڪن لاءِ ڪائي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي ۽ ان گهڙيءَ ۾ آءُ پوري ڪائنات لاءِ صدين واري ڪيفيت ۾ گذريو آهيان. آءُ سمجهان ٿو ته پوري انساني تاريخ ۾ سون هزارن سالن جا عذاب ۽ اذيتون گڏ ڪيون وڃن، تڏهن به ان اڌ ڪلاڪ واري ڪيفيت جو پڙ ڳرو رهندو.‘ ۽ شاهه عنايت جو ڏسندي وائسندي جلاد جي سامهون هليو وڃڻ ۽ تلوار جي هيٺيان مرڪي ڪنڌ ڪپائڻ ۽ جلاد کي هيئن مخاطب ٿيڻ ته:

بيا بيا’ قربانت شوم... الخ

Gul Hayat Institute

اڄ اچ آءُ توتان قربان ٿيان، مون کي تنهنجوئي انتظار هئو! يا

سر در قدم يار فدا شد، چہ بجا شد،

اين بار گران بود، ادا شد چہ بجا شد.

(سر يار جي قدمن تان گهوريو سنو ٿيو!

هي ڳرو بار هئو ادا ٿيو سنو ٿيو!)

هي اهو انساني ذهن ۽ ضمير جو تصور آهي، جيڪو اهڙي ئي ماڻهوءَ جي دل ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو جيڪو جزا ۽ سزا، اميد ۽ خوف، زندگي ۽ موت جي سطحي قدرن کان مٿي ٿي، ڪائنات جي وحدت ۾ پنهنجو پاڻ گم ڪري چڪو هجي، جنهن وٽ فتح ۽ شڪست، زندگي جي رنگا رنگي ۽ گوناگونيءَ جا معمولي پرتوا هوندا آهن. جڏهن تہ پٽو صاحب زندگيءَ جا اهي ٻئي سال زندگيءَ جي عارضي سهارن ڏانهن واجهائيندو رهيو. ڪڏهن هن حسرت وچان چيو تہ، جيڪڏهن اڄ شاهہ فيصل ۽ مائوزيتنگ جيڙا هجن ها تہ مونسان اها حالت نہ ٿئي ها. ڪڏهن هن فرانس جي صدر کي لکيو تہ: توهان منهنجي زندگي کان لاپرواهہ ٿي آمريت جو ساٿ ڏئي رهيا آهيو. جڏهن تہ توهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ ڪميونزم هميشہ آمريت جي ڪک مان جنم وٺندو آهي.“ فرانس جي صدر ڏانهن مبينہ طور لکيل (مبينہ طور هن ڪري جو حوالو ڏنل ڪونهي) ان خط تي تبصرو ڪندي آريسر صاحب چوي ٿو:

”انهيءَ بيان مان زندگي جي سهاري جي تلاش سان گڏ اها بہ خبر پوي ٿي تہ دُنيا جي بهتر نظام ترقي پسند نظام جي مخالفت ان ڪري ئي ڪئي ٿي تہ اتان ڪميونزم جنم ورتو آهي.“

اڳتي هلي هُو صاحب چوي ٿو:

”باقي جيسين تائين پٽي جو ٻہ سال جيل ۾ رهي، ڦاسيءَ تي چڙهڻ جو سوال آهي تہ ان معاملي ۾ سنڌ جا عظيم شهيد صبغت الله شاهہ ۽ هيمون ڪالاڻي ڪائنس هر حالت ۾ گوءِ کٽي ويچن ٿا ڇو تہ ٻن سالن ۾ پٽي صاحب صرف اضطراب ۽ پريشان حاليءَ ۾ رهيو پر هن کي جنهن آمريت سان نفرت هئي ان جي ختم ڪرڻ لاءِ وٽس ڪا بہ پلاننگ نہ هئي. جڏهن تہ صبغت الله شاهہ ۽ هيمون ڪالاڻي کي ڌارئي سامراج لاءِ اٿاهہ نفرت هئي ۽ زندگي جي آخرين پساهن تائين پنهنجي مقصد جي سچائي واري لازوال مرڪ سندن چپن تي موجود هئي. ظلم جي خلاف صرف ڪنهن اضطراب جو اظهار ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگي جي باري ۾ ۽ عوامي حقن جي باري ۾ فيصلو قضا و قدر جي حوالي ڪري ڇڏڻ گهٽ ۾ گهٽ انساني انقلاب جي عظمت جي تاريخ ۾ اها حيثيت نہ ٿو رکي جيڪا جيولس فوچڪ، ڀڳت سنگهہ ۽ ٻين جي شهادت کي حاصل آهي.“

Gul Hayat Institute

ساڳئي انٽرويو ۾ اياز چليءَ جي عظيم ليڊر اليندي لاءِ چيو آهي تہ:

’چلي ۾ فوجي ڪوديتا کان پوءِ اليندي بہ بندوق کڻي ڪجھ ڪلاڪ مقابلو ڪيو هو ۽ ماريو ويو هو. وڙهندي مرڻ ڪا وڏي ڳالھ نہ آهي.“

سڀ کان پهريون ان فقري جي خلاف اياز جي تمام گهڻي شاعري شهادت ڏئي ٿي، يعني اياز جي اها شاعري جنهن ۾ هو هر هنڌ چوي ٿو تہ:

”ڪـانهي ڪـا تـاريخ ۾ ويڙهـ سـوا ٻـي واهـ!“

ويڙهـ ئي زندگي جو جوهر ۽ قومن جي تقدير جو نِڪار آهي. اها سچي شاعري انهيءَ خيال جي ترديد ڪري ٿي تہ ”وڙهندي ماريو وڃڻ ڪا وڏي ڳالھ نہ آهي“ پر اياز جي ان جملي ۾ منهنجي معلومات ۾ اضافو ٿيو آهي تہ اليندي عوام جي اقتدار جي دشمن سان آخري گهڙي تائين بندوق کڻي وڙهندو رهيو جيئن شيخ اياز چيو آهي تہ:

وجهـ نـ واجهـ تـون وڃ ڏي، رت وهـي تـ بـ رڙهـ!

پـوئين ويـر بـ وڙهـ، ويـريءَ سـاڻ وجـود.

”ويهين صدي ۾ فوجي ڪوديتائين ۾ جيڪي بہ ملڪي سربراھ لاٿا ويا، نڪروما کان وٺي ذوالفقار علي ڀٽي تائين، ان ۾ اليندي واحد سربراھ هو جنهن بندوق کڻي ديس دروهين جو مقابلو ڪيو ۽ جڏهن تہ (شهيد) ذوالفقار علي ڀٽو جنرل چشتي جي گن ڏسي پنهنجي ٻارن ٻچن جي زندگي جي ضمانت وٺي، عوامي اقتدار غاصبن جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو.“

ڀٽي صاحب جي قيد واري ڪردار بابت قياس آرائي ڪندي فاضل مضمون نگار چوي ٿو:

”منهنجو هي بہ خيال آهي تہ جنرل ضياءَ صرف چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيڻ تي اڪتفا ڪري ها ۽ ڀٽي صاحب کي وزيراعظم طور رکي ها تہ اهو سودو ڀٽو صاحب مهانگو نہ سمجهي قبول ڪري ها، جو تہ سندس ماضي جي تاريخ اهڙي ئي شاهدي ڏئي ٿي. ۽ منهنجو تاريخ جي متحرڪ قوتن ۾ پڪو ويساھ آهي تہ شاھ حسن ارغون ۽ نواب اعظم خان مخدوم بلاول ۽ شاھ شهيد کي اهڙي آڇ ڪرڻ جو تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهيا.“

آريسر صاحب جي واريل ٻن شاهدن جي چواڻي اياز جو جنرل ضياءَ کي ريگن ۽ آندروپوف جهڙو ئي صدارت جو حقدار سڏيو ان تي تبصرو ڪندي آريسر صاحب چوي ٿو:

”اهي لفظ هن انهيءَ وقت چيا هئا، جڏهن سنڌ جي سدا سهاڳڻ ڌرتي، بارود ۽ باھ ۾ سڙي رهي هئي ۽ هن ديس جا سَوين نوجوان پٽ ۽ ڌيئون، جيل جي اونداهين ڪولين ۾ سڙيا پئي، ۽ سنڌ جي ميدانن ۾ اڄ جي درياخانن ۽ هوشوئن جون پڳون،



Gul Hayat Institute

فوجي بوٽن جي هيٺيان لتاڙجي رهيون هيون. انهيءَ مان خبر پوي ٿي ته اسان جي شاعر جون رڳون جيئن جيئن ڪمزور ٿينديون وڃن ٿيون، تيئن تيئن مٿس خوف، موت ۽ لالچ جو غلبو ٿيندو وڃي ٿو.“

فاضل مضمون نگار غالباً اهو ثابت ڪرڻ لاءِ اياز ڪي ڀٽي صاحب لاءِ واقعي همدردي ڪانه هئي ۽ هاڻ رُڳو موقعي پرستي ڪري هُو اها ڪوڙي دعوي ٿو ڪري، چوي ته:

”ڀٽي جي ڦاسي ڪان پوءِ هن جي گهڻي ڪان گهڻي شاعري ڇپي آهي، پر ڪٿي به هن ڀٽي جو نالو ظاهرظهور يا اشاري طور ڪتب نه آندو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته فنڪار اياز لاءِ ڀٽي جي نالي يا ڪردار ۾ ڪائي ڪشش نه آهي. نه ته هو ضرور ان کي بهادريءَ جي علامت طور استعمال ڪري ها. ۽ ائين نه چوي ها ته:

’ڳاڙها ڳيرو آئيا، دولهه منهنجي ديس جا!‘

پر چوي ها ته:

’ڳاڙها ڳيرو آئيا، ڀٽا منهنجي يونءِ جا!‘

آريسر صاحب جي مضمون جا ڪي وڏيڪ نڪتا هي آهن:

”اياز اڄڪلهه پنهنجي سموري فني ۽ تخليقي سگهه، هڪ شخص ذوالفقار علي ڀٽي، هڪ اقتداري ڌر ۽ هڪ پارٽي (پيپلزپارٽي) جي ثنا خواني واري راهه تي لڳائي ڇڏي آهي. پنهنجي پوري فني ۽ تخليقي سگهه کي ڀٽي خاندان ڏانهن منسوب ڪندي پاڻ کي جمهوري آزادي جو نه رُڳو علمبردار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر نوجوانن کي قومي حقن تان هٿ کڻڻ ۽ جهڙوڪر، ’پيپلز واڙي‘ ۾ داخل ٿيڻ جي نصيحت ڪئي آهي.“

”شاعر واري حيثيت ۾ شيخ اياز کي شخصي پسند ۽ ناپسند جو حق توڙي ان حق جي اظهار جو به حق آهي، پر اهي نازڪ ۽ قومن جي زندگيءَ ۽ موت سان لاڳاپيل ’آئيني مسئلا‘ اهڙا نه آهن، جيڪي ڪنهن شاعراڻي خواب ذريعي حل ٿي سگهن. اياز کي پڪ سان معلوم ٿيو هوندو ته 1973ع جو آئين، مجبوري ۽ مصيبت جي حالت ۾ نافذ ڪيو ويو هو ۽ ان آئين نه رُڳو سنڌين جي مادي وسيلا ڌارين جي جهولي ۾ اڇلائي ڇڏيا، پر ٻاهرين لوڏن جي ڦرلٽ لاءِ سنڌ کي چراگاهه به بنائي ڇڏيو.“

”اڄ اسان ڏسون ٿا ته پاڪستان ۾ آمريڪي مداخلت ايترو وڌي وئي آهي، جو وفاقي ڪابينا جي گڏجاڻي ۾ آمريڪي سفير رابرٽ اوڪلي وينل نظر اچي ٿو.“

Gul Hayat Institute

”اظهار جو بہ ڪيس پورو پورو اختيار آهي. پر آءُ سمجهان ٿو تہ هو اڄڪلھ جيڪو ڪجھ چئي رهيو آهي ان ۾ سچائي کان وڌيڪ ڪا ’طمع جي تنوار‘ ڪنهن مٽيءِ ڪي مُٺ ۾ ڪرڻ جي تمنا ۽ هُو هار تي هرڪجي پيو آهي.“

فاضل مضمون نگار پنهنجي مضمون جي ابتدا هنن لفظن سان ڪئي آهي:

”زندگي جيڪا سچ ۽ سُونهن جي مادي رُوپ جو اظهار آهي. عظيم فن ۽ فڪر، سموري ڪائنات لاءِ پنهنجي اندر ۾ ڪو عظيم آدرش ’سپاٽي جو سهڻو خواب‘ ۽ روشن آئيندي جي روشن اميد رکندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهڙو ادب، فن ۽ فڪر، ڪنهن هڪ فرد، هڪ گروهہ ۽ هڪ پارٽي لاءِ نہ هوندو آهي پر ان جو دامن خدا جي دل کان بہ وسيع هوندو آهي. اهو فن جڏهن پنهنجي وسعت ڇڏي، ڪنهن هڪ شخص، گروهہ ۽ پارٽيءَ واري راهہ اختيار ڪندو آهي، تڏهن اهو عظمت جي مناري تان ڪري، خوشامد، لالچ ۽ لوڀ جي گندگي ۽ غلاظت جو ڍير بنجي ويندو آهي، ۽ پوءِ اهڙي فنڪار کي ان غلاظت ۽ ليٽڙين پائڻ واري پنهنجي عمل کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ انتهائي ڪِين جهڙيون ۽ خَسِيس حرڪتون ڪرڻيون پونديون آهن. ڪوڙ ناهڻا پوندا آهن. تاريخ جون هٽرادو تاويلون ڪرڻيون پونديون آهن ۽ هٺ نوڪيا فلسفا گهڙڻا پوندا آهن.“

آخر ۾ آريسر صاحب هن مضمون لکڻ لاءِ جواز هنن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو:

”آخر ۾ گذارش تہ آءُ اڄ بہ اياز کي هن دؤر جو دُنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر سمجهان ٿو ۽ سندس خلاف لکڻ مون جهڙي ماڻهُو لاءِ ايترو ئي اذيتناڪ آهي، جيترو پنهنجي پيءُ جي ڪنڌ تي ڇُري وهائڻ. پر مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت شهيد جي قبرن کي اياز شاهہ حسن ارغون ۽ نواب اعظم خان بنجي ٿڏا هنيا آهن. اهڙي وقت ۾ ماٺ رهڻ اهڙو ئي جُرم آهي، جهڙو مارئي جي لوئي کي رنڊيءَ جي ڪوٺي جو پردو بنائڻ“

شيخ اياز سنڌ جو بلڪ سڄي ملڪ جو وڏي ۾ وڏو زنده شاعر آهي، ڪهڙو عجب تہ سنڌي جهڙي غير مشهور ٻوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ جي باوجود ۽ محمود درويش ۽ بيبن جاتل توڙي اٽجاتل عظيم شاعرن جي موجودگيءَ جي باوجود پاڪستان، هندوستان بلڪ سموري ايشيا ۾ هن جو ڪو بہ جواب نہ هجي!

شيخ اياز جديد سنڌي قوم جي اڏيندڙن مان آهي، سنڌي ٻولي، سنڌي شاعري ۽ سنڌي جاڳرتا جو شيخ اياز کانسواءِ تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. شيخ اياز پاڻ انسان آهي ۽ انسان خطا جو پتلو آهي. پر شيخ اياز جي شاعري فن توڙي مقصد جي خيال کان بدترين دؤر ۾ بہ بُنِيادي طرح سدائين بي عيب، بي خطا، باوقار ۽ بي بها ۽ بي مثال رهي آهي.

Gul Hayat Institute

شيخ اياز رُڳو شاعر ڪونهي بلڪ ڪنهن حد تائين وڏو شاعر ئي ان ڪري آهي جو هو هڪڙو تمام وڏو پڙهيل لکيل ماڻهُو عالم، دانشور، ۽ مفڪر آهي. تاريخ، ادب، معاشيات، سياست، فلسفي، قانونن ۽ ٻين جديد سماجي علمن مان ڪي ٿورڙا هوندا جن بابت شيخ اياز بُنِيادي واقفيت نہ رکندو هجي. ڪيترن علمن ۾ هُو گهڻو گهڻو اڳتي آهي. عالم، مفڪر ۽ فلسفي هئڻ جي ڪري هُو رُڳو ڪتابي علم ۽ ٻُڌل سُڌل ڳالهين جو محتاج ڪونهي. هُو انهن ماڻهن مان آهي جيڪي صاحب علم، صاحب راءِ ۽ صاحب فڪر هئڻ ڪري دُنِيا جي علمي مسئلن ۽ انساني وهنوارن بابت پنهنجي منفرد ۽ خودمختيار راءِ قائم ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. هن جي راين سان زبردست اختلاف ڪري سگهجي ٿو ۽ هن لکندڙ کي سندس ڪيترن راين سان زبردست اختلاف آهي. پر هن جا رايا پنهنجي جاءِ هڪڙو وڏو وزن ۽ وڏو استدلال رکندڙ هوندا آهن. سنڌ جي سياسي بازارين ۾ چالو هوائي توائي نعرن، جعلي عملي ڳالهين ۽ لباڙن ۽ اياز جي سوچيل سمجهيل راين ۽ توريل تڪيل ويچارن ۾ ڳجهہ ۽ شهباز جي وچ ۾ وڏو فرق هوندو آهي.

شيخ اياز سياست بابت غير معمولي ۽ گهري معلومات رکڻ جي باوجود بُنِيادي طرح سياستدان ڪونهي. هو بُنِيادي طرح اعليٰ احساس، جذبن ۽ ذهني تخليقن جي ميدانن جو مانجهو مرد آهي. روزمره جو عملي جسماني ويڙهہ سان سندس واسطو فقط شعور، فڪر ۽ فن جي حد تائين آهي. خيالن، خوابن ۽ ويچارن جي ٻين تخليق ڪارن وانگر اياز بہ روزمره جي سياسي جدوجهد مان پيدا ٿيل جسماني ۽ ذهني صلاحيتن کان محروم آهي. هن دُنِيا ۾ تهذيب جي واڌاري جي هڪڙي نشاني ڪم ونڊ ورڇ آهي. ”جسڪا ڪام اسڪو سانجهي“ ”ڏر تي گدڙ بہ شينهن“ ڪو کهڙي ڪم ۾ پڙ ڪو کهڙي ڪم ۾۔ سڀ ماڻهُو سيني ڪمن ۾ پڙ هجن ها تہ هتي انسانن بدران فرشتا رهندا هجن ها.

اياز ڪجهہ وقت لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بڻيو. وڏي شاعري ۽ انتظامي صلاحيتون ظاهري طرح بہ هڪ ٻئي جي ابتڙ آهن. اياز جو وائيس چانسلري قبول ڪرڻ جو فيصلو سندس بهترين فيصلن مان نہ هو. اياز نہ مثالي ۽ آدرشي وائيس چانسلر ثابت ٿيو نہ ٿي سگهيو ٿي. ان دور ۾ سندس فطرت جي ڪيترن ڪمزور پاسن کي بہ پنهنجي اظهار ڪرڻ جو وڏيڪ موقعو مليو.

پر اياز جي وائيس چانسلري جي ناڪاميءَ جا سبب سندس انتظامي صلاحيتن جي اٽاٽ، ناتجربيڪاري ۽ ذاتي ڪچاين ۽ ڪمزورين تائين محدود نہ هئا.

ان دؤر ۾ هڪڙي عالمي سطح جي سامراجي منصوبي تحت انڊي منڊي جمهوريت جو خاتمو آڻڻ، يڻي ڪي صدر ناصر، سوئيڪارنو پرست فوجي راڄ قائم

Gul Hayat Institute

ڪرائڻ لاءِ سٽيل منصوبي تي عمل جاري هو. ان منصوبي جا پيل پايا اهڙا ماڻهو هئا جيڪي سازش ۽ فتني، رهزني ۽ ٻين سازشي هنرن ۾ پنهنجي وقت جا مير جعفر، مير صادق، ميڪياولي ۽ راسپوٽن هئا ۽ مڪر، منافقيءَ ۽ اداڪاريءَ ۾ اهڙا ماهر هئا جو اڀوجهه ماڻهن مٿن ڪلما پئي پڙهيا ۽ هنن پاڻ تان نر پڪي پئي هڪلايا. ان منصوبي جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ هئا، سنڌي ماڻهو ۽ سندن سمجهه، سڃاڻ ۽ سرهيه حقيقي محب وطن ماڻهو ۽ سندن علمي، ثقافتي ۽ سياسي قيادت، سنڌي مزاحمت جا وڏي ۾ وڏا مرڪز هئا. اعليٰ تعليمي ادارا ۽ ان جي مُهڙ واري قوت هئا. انهن ادارن ۾ علم حاصل ڪندڙ سرويچ ۽ سنڌ سان سچي محبت رکندڙ سنڌي شاگرد. ان ڪري سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي ختم ڪرڻ لاءِ گهڻ طرفي سازش جو هڪ اهم نقطو هو سنڌي تعليم، سنڌي تعليمي ادارن ۽ محب وطن سنڌي شاگردن کي ختم ڪرڻ.

ان مقصد لاءِ هڪ خاص وطن فروش فاشسٽ تنظيم ڪڙي ڪري ان جي بدصورتيءَ ۽ بدبوءِ کي هڪڙي سدا ملوڪ نالي جي سُونهن ۽ خوشبوءِ ۾ لڪائي ان کي ڪم سان لڳايو ويو.

اياز سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جيڪي اميدون، ارادا ۽ پروگرام کڻي آيو هو اُهي هي هئا ته سنڌ يونيورسٽي کي حقيقي يونيورسٽي بڻائجي.

غلام مصطفيٰ شاهه جيڪا اڏاوت ڪري ويو هو ان ۾ واڌارا ڪجن، سنڌ يونيورسٽي جيڪڏهن قرطبه، آڪسفورڊ، برڪلي ۽ ساربون نه ٿي سگهي ته به گهٽ ۾ گهٽ اهڙي ته ٿئي جيڪا پاڪستان ۽ هندستان ۾ ته ڪا يونيورسٽي ليکجڻ ۾ اچي ۽ بمبئي يونيورسٽي جون سڪون ته لاهي! هن اتي سنڌ جو بهترين جوهر پيدا ٿيندو ۽ وڌندو ويجهندو ڏسڻ چاهيو ٿي. هن شاگردن کي هر قسم جي سهوليت ڏيڻ چاهي ٿي ته جيئن هُو پڙهڻ جو حق ادا ڪن. ذهن ۽ فڪر جا مائونٽ ايورسٽ فتح ڪن، بين الاقوامي علم ۽ سائنس جي دُنيا ۾ پنهنجي جڳهه پيدا ڪن. چٽا پيٽي ۽ مقابلي جي دُنيا ۾ ٻين صوبن بلڪ ملڪن کان گوءِ کڻن. اهي باشعور ۽ باعمل سورما پيدا ٿين جن جا لطيف، اياز ۽ ٻين نغما ڳايا آهن.

واٽرلوءَ جي ميدان جنگ ۾ نيپولين کي شڪست ڏيندڙ انگريز سپهه سالار ڊيوڪ آف ويلنگٽن چيو هو ته ”واٽرلو واري جنگ انگلينڊ جي تعليمي ادارن جي راند جي ميدان تي کٽي ويئي هئي.“ مطلب ته انگلينڊ جا تعليمي ادارا اهي يگانا ذهن ۽ دماغ پيدا نه ڪن ها جيڪي اڳتي هلي ڊيوڪ آف ويلنگٽن، نيوٽن، برڪس ۽ چرچل بنيا ته پوءِ جيڪر انگلينڊ جي محدود ۽ مختصر فوج لاءِ اهو هرگز ممڪن نه هجي ها ته نيپوليئن جهڙي عالمي، تاريخي، سوپاري ڪمانڊر کي شڪست ڏيئي سگهن ها. ائين نه آهي ته علم ۽ عرفان، تهذيب ۽ سائنس کان سواءِ

Gul Hayat Institute

دُنيا ۾ سوين حاصل نہ ٿيون ڪري سگهجن. ڪري سگهجن ٿيون پر اهي سوين ظلم جون، سڪٽي ظلم جون، تباهي ۽ بربادي جون ٿينديون. جيئن منگولن جون سوين جن صدين جي انساني تهذيب جي خزاني کي جڻ اکڇنپ ۾ ختم ڪري مهذب دُنيا کي رِڻُ پَٽَ بنائي ڇڏيو. يونان، روم ۽ بغداد اڄ جڻ ختم آهن. پر انهن جون علمي، ثقافتي، سائنسي تهذيبي فتحون ڪير ٿو ميساري سگهي؟

سڪندر اعظم جون فتحون تلوار، تير ۽ ڀالي جون فتحون نہ هيون. پر يونان جي علم، عرفان ۽ سائنس جون، پئٿاگورس، هيراڪليٽس، افلاطون ۽ ارسطو جي ڏنل تعليم ۽ سندن ڪيل علمي ۽ سائنسي کوجنائن جون فتحون بہ هيون. سڪٽي سونٽي، ڪهاڙي ۽ تلوارن جون فتحون جڻ جَرَ تي ڦوٽو آهن. وقت جي بهترين علم، سائنس ۽ ثقافت جي ساٿ کان سواءِ سونٽي جي سوپ ۽ ڪهاڙي جو راڄ انسانذات جي توهين آهي.

سي آئي اي ۽ آئي ايس آئي ۽ انهن جي چاڙتن کي اها خبر هئي تہ ڪنهن قوم جي تعليمي نظام، تعليمي ادارن ۽ شاگردن کي تباهہ ڪرڻ کان سواءِ ان کي هميشہ لاءِ ختم نٿو ڪري سگهجي. ڪنهن قوم کي صحيح علم ۽ سائنس سان هٿيار‌بند ڪرڻ لاءِ ان جي تعليمي ادارن ۽ تعليمي نظام کي سڌارڻ ۽ سينگارڻ کان وڏي قوم دوستي ۽ وطن دوستي بي نہ ٿي سگهي ۽ ڪنهن قوم جي تعليمي ۽ تعليمي نظام کي تباهہ ڪرڻ کان وڏي وطن فروشي، غداري ۽ دشمن جي دلالي بي نٿي ٿي سگهي. هنن تنهن ڪري سنڌي تعليمي ادارن ۽ تعليمي نظام کي سنڌيت ۽ سنڌ دوستيءَ جي آڙ ۾ تباهہ ۽ برباد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان جو انت اتي پهتل آهي جو اڄ سنڌي شاگردن کي ڪاپي ڪرڻ بہ نہ ٿي اچي ۽ پئسن تي هيلپر رکڻ ۽ پنهنجي شاگردن کي ڪاپي ڪرائي پاس ٿيڻ جهڙو رواج عام ٿي چُڪو آهي. ڪتابن بدران ڪلاشنڪوف هٿن ۾ آهي. ڊگريون ڪوڙا ڪاغذ بڻجي چڪيون آهن. ايم .اي پاس کي پنج جملا انگريزيءَ جا نٿا اچن. تعليمي ادارا سالن جا سال بهانا ڪري بند ڪيا ويندا رهيا. پنجن سالن جا ڪورس ڏهن ۾ پورا ڪو نہ ٿي ٿيا. استادن کي ڪُتن سان گڏ ڪارايو ويندو رهيو. سندن نہ عزت سلامت هئي ۽ نہ جان ۽ نہ آبرو. هُو پاڻ کي ائين محسوس ڪندا رهيا جڻ ”بچہ سقہ“ جي ڪابل ۾ گهيريل هجن يا نادر شاهہ جي قبضي هيٺ آيل دهلي جي بي امن بازارين ۾ لِڪندا وتن. تان جو تعليمي ادارن کي لوڙها ڏياريا ويا. بہ ٿي ڏينهن ناپر هئي هاڻ وري بہ اڳيون ”رونقون“ بحال ڪرڻ جا پروگرام شروع ٿي ويا آهن. سي آءِ اي ۽ آئي ايس آئي جي ڪجھہ اجهاٽيل بازار وري شروع ٿي رهي آهي. مٿل ماربل ادارن ۾ اجان ساهہ پوڻ ئي مس شروع ٿيو تہ وري غنده گردي ۽ دهشت گردي جي ڀيانڪ

Gul Hayat Institute

رات مٿان لامارا ڏيڻ شروع ڪري ڏنا آهن. ضياءَ مُئو آهي پر ضياءَ شاهي نہ مئي آهي، ضياءَ شاهي جون قاتل ريتون رسمون جاري آهن.

سنڌي قوم جا گهڻگهرا، سنڌي شاگرد، استاد، تعليمي ماهر، اديب، شاعر، اهل قلم، اهل دل، اهل علم، سمورا سنڌي تماشي ڏسڻ ۾ مشغول آهن. سنڌي صحافت ڪهاڙي ۽ ڪلاشنڪوف اڳيان سجده زير ٿي پئي آهي ۽ سنڌي تعليمي ادارن کي وري بہ بغداد بنائڻ لاءِ تاتارين جي ڪاهہ جي آجيان ڪرڻ لاءِ منتظر پئي ڏسجي.

سي آئي اي ۽ آئي ايس آئي ۽ انهن جي چاڙتن تعليمي ادارن تي غنڊه گردي ۽ دهشت گرديءَ جو راڄ مڙهي سنڌي تعليم کي ختم ڪرڻ جي سازش ۾ اياز کي بہ پرتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پهريائين ڪيس آجياڻا ڏنا ويا پر جڏهن ڏٺو ويو تہ هو سي آئي اي ۽ فوجي انٽيليجنس جي چاڙتن جي خوشامد جي وڪڙ ۾ نہ ٿو اچي، تڏهن ڪات ۽ ڪهاڙا کنيا ويا، سنڌ جي هن لافاني ۽ عظيم شاعر جنهن جا شعر ڏاهر، دودي ۽ دريا خان جون تلوارون بڻجي، ايوب، يحييٰ ۽ ضياءَ ۽ ان جي چاڙتن سان گهٽين ۽ گلين، ڳوٺن ۽ شهرن، ٿاڻن ۽ بند واردن، ڪولين ۽ ڦاسي گهاٽن ۾ وڙهيا. جنهن جو ڪلام هڪڙي سرڪش ۽ دلير قوم جي بغاوت جو سوڀارو جهنڊو بڻجي ڦڙڪندو رهيو جنهن جي قربائتن محبتي لفظن زخمي قوم جي روح تي مرهم رکيا ۽ کين ڏڍ ۽ دلاسا ڏنا. جنهن جبر، ڏاڍ ۽ تعصب جي اونداهي رات ۾ سمجهہ، شعور ۽ اميد جون شمعون روشن ڪيون، جنهن لکين انسانن جي دلين ۾ هڪ نئين ايمان ۽ اعتقاد جون جوتيون جاڳايون، جنهن سنڌين کي پنهنجي وجود جو احساس ۽ پنهنجي شخصيت جي سڃاڻ ڏني. جنهن کين پنهنجي تاريخ تي فخر ۽ پنهنجي مستقبل تي ويساهہ جون سوغاتون عطا ڪيون، جنهن پنهنجن ماڻهن کي سوچڻ ۽ سمجهڻ، پوڄڻ ۽ وڙهڻ، جيئڻ ۽ مرڻ جا نوان ڍنگ ۽ نيون ريتون سيکاريون، جنهن سنڌي قوم کي دُنياجي جديد ويڙهو ۽ باوقار قومن جي جاگرافيءَ جي نقشي تي عزت ۽ وقار وارو مقام ڏيارڻ ۾ بُنيادي ڪردار ادا ڪيو، جنهن سنڌين کي واقعي سنڌي ۽ سنڌ کي سچ پچ سنڌ بنائڻ ۾ تاريخي فرض ادا ڪيو تنهن تي اهڙين هلائون ڪرايون ويون جيئن سوئر تي ٻچون ڪرائيبيون آهن. گارين ۾ سندس نہ ماءُ ڇڏي نہ پيڻ. شودن، غنڊن، ۽ لوفرن هٿان ڪيس وِڪ وِڪ تي بيعزتين ۽ ذلتن جا ڏنگ هڻايا ويا. جيئن اسپين جي جڳ مشهور فيلسوف ابن الرشد کي وقت جي ظالمن، دُنيا جو يگانو فلسفي ۽ دانشور هئڻ جي ڏوهہ ۾ سياري جي موسم ۾ مسجد جي ٻاهران پهرن جا پهر بيهاري نمازي سڳورن کان ٿڪون هڻائي اهڙي حالت ۾ ڪيو ويو جو هو وري نہ ڇڙهيو تيئن اياز کي بہ سي آءِ اي ۽ فوجي انٽيليجنس جي چاڙتن ۽ غنڊن هٿان بي عزتي، ذلت ۽ ڪردار ڪشيءَ جي عذابن وسيلي جيئري موت جي حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ جيئن هو



Gul Hayat Institute

سنڌ دشمن منصوبن ۾ بين وانگر سندن چاڙتو بڻجي ۽ سندن اشارن تي هلي. ۽ سنڌيت جي آڙ ۾ چنيسرن، مير علي مرادن ۽ بين جو پارٽ ادا ڪري. يا رڙيون ۽ دانهون ڪري پڇي وڃي. جيتوڻيڪ اياز نہ هنن جي اڳيان جهُڪيو نہ ڪي سندن سنڌ دشمن خوني ”قومي“ ناٽڪ جو اداڪار بڻيو. نہ ڪو پڳو ڏنو نہ ڪو چريو ٿيو پر تہ بہ ان پيانڪ ۽ وحشي عذاب جي دؤر سندس نفسياتي ذهني توڙي جسماني زندگي کي جيڪي خوبيون پهچايون تن مان هو اجا تائين ڇڙهي نہ سگهيو آهي.

دستوري شاگرد جدوجهد جي آڙ ۾ بدتميزي، غنده گردي ۽ دهشت گردي جو جيڪو مُنظم بلڪ مُسلح طوفان کڙو ڪيو ويو اياز ان طوفان جي سَٽ جهلي نہ سگهيو. پٽي صاحب جي تختي اونڌي ٿيڻ کان پوءِ بہ هن استعيفا نہ ڏني. سندس خيال غالباً اهو هو تہ اڳي ئي جنرلن جي اکين جو ڪنڊو آهيان. فوراً استعيفا ڏيندس تہ متان ڪو وڏو خنام نہ پاري وجهن. ان ڪري سندس وائيس چانسلري ڪجھ وقت مارشلا جي اوائلي دور ۾ بہ ٽڳندي رهي. ان ڳالھ تي دوستن کي ڏک ۽ دشمنن کي سرهائي ٿيڻي هئي ۽ ٿي. اهڙي ريت وائيس چانسلري اياز کي راس نہ آئي. اها سندس بهترين ڪارنامن منجهان نہ هئي.

اياز خلاف باهوڙ دراصل وائيس چانسلري کان گهڻو اڳ ۾ ئي شروع ٿي چڪي هئي. انگريزيءَ ۾ چوندا آهن تہ ” Give a dog a bad name and hang him“ (پهرين بدنام ڪريو پوءِ ختم ڪريو).

سنڌين کي تباھ ڪري نيچو نوائڻ جي منصوبي ۾ جيڪو بہ سنڌي ماڻهو رڪاوٽون وجهي سگهيو ٿي پوءِ چاهي اهو پٽو هجي يا پليجو اياز هجي يا ڪو بيو ان جي پويان سنڌ جي نالي ۾ باهوڙسالن کان شروع ٿي چڪي هئي.

ڏک ڇا آهي؟ کهڙو ڏک يا سک وڏو ۽ کهڙو ننڍو؟ ڏک ۽ سک ڪي الڳ شيون آهن يا ساڳيءَ ڳالھ جا بہ پاسا آهن ۽ هڪ ٻئي تي دارومدار رکن ٿا ۽ هڪڙي کان سواءِ ٻيو ڪونهي؟ مورڳو ائين تہ ناهي ڪنهن خيال کان سک کان ڏک وڌيڪ قيمتي آهي ۽ مورڳو سورن بدران ڳولا ڪجي ئي ڏکن جي؟ يا وري مورڳو ڏک سک ٻئي رُڳو وهم ۽ خيال تہ ناهن! ائين تہ ناهي تہ ڏک ۽ سک ڪجھ ناهن، سيڪجھ مايا آهي، احساسن جو مهاڄار آهي! اهي ازلي ۽ ابدي سوال تڏهن کان وٺي انساني ذهن کي جهنجهوڙيندا رهن ٿا جڏهن کان انسان لکين سال اڳ پنهنجي غارن مان ڪائنات ۾ ليئا پائڻ شروع ڪيا هئا.

ڏک سـکن جـي سـونهن گهوريـا سـک ڏکـن ري. (شــاھ)
ســؤ ســکن ڏيئــي ســورھ وهــايم هڪـــڙو. (شــاھ)
ســؤ ســکن ڏيئــي ســاتو ڪجــي ســور جـــو. (شــاھ)

مــــــــــــڏ پيتــــــــــــو مســــــــــــرور ٿياســـــــــــي،
ڏک ســـــــــک ســــــــپ کـــــــان ڏور ٿياســــــــي. (ايـــــــاز)

يا جيئن شيليءَ چيو آهي:

We look before and after,
And pine for what not
Our Sincerest laughter with same pain is fraught,
Our sweetest songs are those which tell about saddest thought.

”اسين پويان (ماضي ۾) ۽ اڳيان (مستقبل ۾) ڏسون ٿا ۽ جيڪي ناهي تنهن کي ڳولهيون ٿا. اسان جي بي اختيار ۽ قدرتي کل ۾ به ڪو نه ڪو درد سمايل آهي. اسان جا سڀ کان مٺڙا ۽ پيارا گيت ۽ نغما اهي هوندا آهن جيڪي سڀ کان غمگين سوچن جو داستان ٻڌائيندا آهن.“

مڙس ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ڦاسي جو انتظار پيو ڪري، زال بکي اگهاڙي جڳ جي طعنن ۽ مهڻن جي وچ ۾ زندگيءَ جو زهر ڍُڪ ڍُڪ ڪري پئي پيئي، ولر ابهم ٻچن جو، قرض، مرض، وچوڙا، ڪيسن جا خرچ، اپيلون، وڪيل وڏا، پوليسون، قيد ۾ ملاقاتون، بي عزتيون، ذلتون، ٻنهي مان ڏک ڪنهن جو وڌو—زال جو يا مڙس جو؟

هڪڙي ياءُ کي اوچتو ئي اوچتو گردن توڙ بخار ٿي پيو اجان به ڏينهن ئي ڪو نه گذريا ته مڙس ڦٽڪي ڦٽڪي پورو ٿي ويو. پٺيان سندس سڄو عيال بئي غريب ياءُ جي ڳچي ۾ پئجي ويو. وڌيڪ همدردي ڪنهن سان ڪجي؟ مئل ياءُ يا جيئري سان؟ پاڻي جي واري تان جهيڙو ٿي پيو. هن هُن کي ڪهاڙي هنئي. هُن هن کي، هڪڙو ٿڏي تي مري ويو- ٻيو ڦاسي گهاٽ پهچي ويو. ٻنهي مان ڏک ڪنهن جو وڌيڪ؟

ٻن ڇوڪرين ساڳئي محبوب سان محبت ڪئي، هن هڪڙيءَ کي ڇڏي ٻيءَ سان شادي ڪئي. چئن ڏينهن جو چشڪو پورو ٿي ويو. هاڻي مڙس جو اهو چاهه ڪونهي ۽ پاڻ به سندس بدليل رخ ڏسي، روئي رڙي، هاڻي منجهانئس نااميد ۽ ڪٽي ٿي پئي آهي. هاڻي سس سُهري ۽ نڻانن جا طعنا مهڻا سهيو، مارون کايو. مڙيئي حياتيءَ جو گهنگهر پئي گهاري. ٻيءَ جي شادي بئي ماڻهوءَ سان ٿي پر دل ۾ اهو ئي اڳيون محبوب ان ئي رنگ ۾ پيو وسيس ۽ نِتَ نئين ورنهن ۾ ورتي پيئي آهي.

نئـــين ســـج نئـــون، ورهـــه ويـــڙهيچن جـــو! (شـــاهه)

## ٻنهي مان ڏک ڪنهن جو ڳرو؟

ساڳي ڳالهه ۾ ڏک به ڇوٽڪارو به. ڪير چوي ته ڏک وڌيڪ يا ڇوٽڪارو وڌيڪ؟ ماءُ جو پٽ سوريءَ تي ٽنگيو اذيت پيو ڪاٽي، اطلاع مليس ته مري ويو. ماءُ سندس سُور کان ڇٽڻ تي ڇوٽڪارو محسوس ڪري يا مرڻ تي ماتم؟

هن جهان ۾ اچان کي ساهميون، توراڙا ۾ ماپا نهيا ئي ڪونهن جو جن سان انسان جي ڏکن ۾ سورن جو وزن ۾ قد بت ڪڇي سگهجي. ساڳي تڪليف، ساڳيو سُور، هڪڙن لاءِ معمولي ڳالهه، ٻين لاءِ ناقابل برداشت.

ڏکن سکن جو دارومدار حقيقتن سان گڏوگڏ ڏک سک محسوس ڪندڙ ماڻهُوءَ تي، سندس ماضي ۾ حال تي، سندس جذباتي روين ۾ لاڙن ۾ احساس ۾ سمجهه جي جهل پل کان آزاد اڪيچار ڳالهين تي آهي. انهن ۾ هر وقت هر لحظي بجليءَ جي تيزيءَ سان تبديلي ايندي رهي ٿي جنهن ڪري ساڳي جاءِ تي ويٺل ماڻهُو انهيءَ ساڳي پل ۾ "گهڙي ماسو گهڙي تولو"

ڪــڏهن مــن مــاڪوڙي، ڪــڏهن ڪيهــر شــينهن.(شــاهه)

ساڳي ڳالهه، ساڳيو ماڻهُو، ڪڏهن روح جي راحت ڪڏهن عين عذاب

ســائي راحــت روح جـــي، ســوئي عــين عــذاب. (شــاهه)

ڏک سک جا حساب ڪتاب ڪري سگهڻ وارو قاضي اچان ماءُ جي پيٽان ڄائو ئي ڪونهي. هيءُ اها جتي فرشتن جا پر به جلن ٿا.

انــت بحــر دي خبــر نـــه ڪــائي رنگـــي رنـــگ بـــڻ آيـــا. (ســچل)

ڏک سک جي ماپ تور ڪرڻ جي ڪوشش آهي جڻ ڪوهه ۾ پيل منڊي ماڪوڙيءَ جو اُپ پهچڻ!

ڪنــز قــدوري قافيــا، جـــي پڙهـــي پـــروڙين ســـپ،
تـــه منـــدي مـــاڪوڙي ڪوهـــه ۾ پئـــي ڪيـــي اُپ.

(قاضي قادن)

باقي ماڻهُو پنهنجي من جي مرضيءَ مطابق ماپا تورا ٺاهي اندازا پيو ٺاهيندو ۾ ڏُڪا پيو هڻندو تنهن کي ڪير روڪيندو؟ ۾ تنهن ۾ اربعا خطا به ڪهڙي ٿيندي؟ هر ڪو پنهنجي دل جو بادشاهه آهي.

ماڻهُوءَ جي پسند يا ترجيح جو به ڪو مقرر ٿيل معيار ڪونهي. جيڪا راءِ ڪي وٺي سا راٽي. زنده يا گذري ويل ماڻهن بابت به هر ڪنهن جي راءِ پنهنجي پنهنجي. هر ڪو پاڻ سان پنهنجون ساهميون ۾ گز ڪنيو پيو هلي، جنهن کي جيڪي پسند اچي. جيئڻ توڙي مرڻ جي به ڪا هڪڙي ادا ته ڪانهي!

خـــوبي همـــين ڪرشـــمه و نـــاز خـــرام نيـــت،
بيـــار شـــيوها ســـت بنـــارا ڪـــه نـــام نيـــت.

Gul Hayat Institute

(محبوب جون ادائون، محبت جون ادائون بي حساب آهن. رُڳو هلڻ جي لوڏ ۾ ناز ادا نہ ڪونهي. ڪيئي اهڙيون ادائون آهن جن تي اجا ڪو نالو ئي ڪو نہ رکيو ويو آهي)

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪنهن ماڻهو ماجرا يا لقاءَ بابت ڪا اهڙي راءِ آهي جيڪا ڪو بہ ماڻهن جهڙو ماڻهو رکي سگهي ٿو تہ پوءِ اها راءِ چاهي اسان جي راءِ جي برخلاف ئي چو نہ هجي ۽ اسان کي ڪيڏي غلط چو نہ لڳي پر پوءِ بہ ان کي اها راءِ رکڻ جو اهڙو ئي حق آهي جهڙو اسان کي. اسان جي دلپسند راءِ رکڻ جو حق آهي. اهو ئي راين جو اختلاف ۽ پاڻ ۾ ٽڪراءَ تي تہ تهذيبن جي واڌاري جو اصل راز ۽ ثبوت آهي! هندستان ۽ يونان جي فطرت جي سائنسدانن (Natural Scientists) مان ڪن چيو آهي تہ "ڌرتي پاڻي جي ٺهيل آهي" ڪن چيو تہ "نہ! هوا جي!" ٽين وچان چيو تہ "نہ پاڻيءَ جي نہ هوا جي! وچان باهہ جي ٺهيل آهي!" وغيره وغيره. هڪڙن چيو تہ "ڌرتي مستطيل آهي." ٻين چيو "نہ. گول آهي." هڪڙن چيو "ڌرتي بيٺل آهي. سج چنڊ ۽ تارا چُرن پُرن پيا."ٻين چيو تہ "نہ ڌرتي ڦري ٿي. سج چنڊ ۽ تارا بيٺل آهن." ٽين چيو تہ "اهي سڀ پنهنجي پنهنجي محور تي ڦِرن ٿا" ڪو زمانو هو تہ اهڙين ڳالهين کي ڪُفر جو ڪلمو سمجهيو ويندو هو. اهڙي ڪفر جي ڪلمي ڪيندڙن کي دين ۽ نِيات مان ڪڍي ذليل ۽ رُسوا ڪيو ويندو هو. ڪين توبهہ تائب ٿيڻ جا حڪم ڏيئي، ڪائڻ معافيون وٺرايون ويندیون هيون. تان جو نيٺ اها منزل آئي جو هڪڙي ڏينهن فرانس بلڪ سڄي يورپ جي آزادي پسند مفڪر والٽيئر چيو "مون کي تنهنجي راءِ جي لفظ لفظ سان اختلاف آهي پر توکي ان غلط راءِ رکڻ جو حق آهي، تنهنجي ان انساني حق جي بچاءَ خاطر آءٌ پنهنجي ساڄي ٻانهن وڍائڻ لاءِ تيار آهيان!"

جيئن ڪنهن هڪڙي عالم فيلسوف يا اداڪار بدران ٻئي کي پسند ڪرڻ يا هڪڙي سهڻي بدران ٻئي کي چاهڻ يا ڪنهن هڪڙي شاعر جي شعر بدران ٻئي جي شعر کي پسند ڪرڻ ۾ ڪو عيب يا بدعت يا ڪو ڏوهہ جهڙو ڪو ڪم ناهي، تيئن ڪنهن هڪڙي قومي سورمي يا شهيد جي ڏک جي ٻئي جي ڏک سان ڀيٽ ڪرڻ يا هڪڙي جي اذيت کي ٻئي جي اذيت کان گهٽ يا وڌ سمجهڻ ۾ پنهنجي اهڙي راءِ جو اظهار ڪرڻ ۾ بہ ڪهڙو ڏوهہ ٿي پيو! اها راءِ هڪڙي جي نظر ۾ بلڪل صحيح بہ ٿي سگهي ٿي ۽ ٻئي جي نظر ۾ سراسر غلط بہ ٿي سگهي ٿي. پر غلط راءِ جو اظهار ڪرڻ ۾ بہ ڪهڙو ڏوهہ تہ ڪونهي! ماڻهُو پنهنجي دل ۾ الائي ڪهڙيون ڳالهيون پيو سوچيندو آهي ۽ اندر ئي اندر ۾ الائي ڪهڙيون پيٽون پيو ڪندو آهي.

دل دریاہ سمندروں ڈونگی کوٹے دلاں دیاں جاٹے (سلطان باہو)

ائين ٿو لڳي جڻ اسين موٽي آزاد انساني راءِ، فڪر، سوچ ۽ ضمير کي ڪاٺ ۾ وهنداڙ انهن پيانڪ اونداهين صدين ڏانهن موٽي رهيا آهيون جن ۾ سوچن تي پهرا هئا. در در تي خواري ۽ ذلت جا تياس ٽنگيا پيا هئا. مُلان، پوپ ۽ پنڊت راڪاس بڻيا، آدم بوءِ، آدم بوءِ ڪندا خدا جي مخلوق کي ڪاٽن سان ڪُهندا، ٽانڊن ۾ ساڙيندا ۽ سُورين تي ٽنگيندا رهندا هئا. فرق شايد رُڳو اهو آهي ته اڳي وحشانيت کي دين ۽ ڌرم جا چوغا پيل هئا ۽ هاڻي ساڳي وحشانيت قوم جي ٺُبداريءَ جي چولي ۾ لڪي صدين بعد انساني سوچ ۽ فڪر جي آزادي جي سيني تي خنجر جا وار پئي ڪري. اڳي رام، ڪرشن، عيسيٰ ۽ محمد صلعم جي نامُوس جي بچاءَ جا بهانا هئا ۽ هاڻي وقت جي ارغون ۽ ترخان ۽ آمريڪي سامراجين جي خوشنودي لاءِ مخدوم بلاول، شاهه عنايت، صبغت الله شاه، ڀڳت سنگهه، آليندي ۽ بين قومي سورمن ۽ شهيدن ۾ ڪردار ڪشيءَ لاءِ ڊيوٽي سان لڳايو ويو آهي!

اچو ته ڏسون ته اياز قوم جي ڪهڙي ڀلي ماري ڪهڙو مهاپاپ ڪيو آهي، جو فاضل مضمون نگار ڪيس شاه حسن ارغون ۽ نواب اعظم خان ٻڌائي اسان جن پيارن شهيدن مخدوم بلاول ۽ شاه عنايت شهيد جي قبرن کي ٺڏا هٺندي پيش ڪيو آهي. ۽ ان جي جرم کي ڏسي ماٺ رهڻ کي اهڙو گناهه قرار ڏنو آهي جهڙو مارئي جي لوئي کي رنڊيءَ جي ڪوٺي جو پردو بنائڻ! اياز ڏانهن منسوب ڪيل بيان جو مکيه نقطو اهو آهي ته فوري مرڻ کان تڙپي تڙپي مرڻ وڌيڪ اذيتناڪ آهي، شاهه بلاول بابت سندس چوڻ آهي ته شاهه بلاول اڌ ڪلاڪ پيڙهايو ويو هو ۽ شاهه عنايت جو ڪنڌ تلوار تي رکي گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ شهيد ڪرايو ويو هو. ۽تي بابت ڏانهنس منسوب ڪيل قول هي آهي ته ”پتو بيوس هو بنديوان ۽ بيمار هو. هو ٻن سالن کان وٽي ضياءَ جي آمريت جو مقابلو ڪندو رهيو ۽ ان لاءِ نفرت جو اظهار ڪندو رهيو ۽ آڻ نه مڃيائين ۽ نيٺ شهيد ٿيو“.... ”مڃيل مهاڙن جو عذاب پوڳيو هئائين.“

Gul Hayat Institute

اها اياز جي پنهنجي راءِ هي ۽ ڳالهه ڪرڻ جو سندس پنهنجو ڍنگ آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته ٻيا ان سان اختلاف ڪن ۽ خود هنن سٽن جو لکندڙ به ممڪن آهي ته ان ڳالهه کي ڪنهن ٻئي نموني پيش ڪري ها. اياز ڪنهن ٻئي ماڻهُوءَ جي ڳالهه قرآني آيت ڪانهي جو ان سان اختلاف نه ڪري سگهجي. اياز کي پنهنجي ڳالهه ۽ ٻين کي پنهنجي ڳالهه ڪرڻ جو پورو پورو حق آهي. شاهه بلاول لاءِ اياز جو چوڻ آهي ته اهو اڌ ڪلاڪ گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو. ان وقت واچون ۽ گهڙيال ڪو نه هئا. ڪيس ڪيترو وقت گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو ان جو ڪو به پڪو پختو رڪارڊ ڪونهي. ممڪن آهي ته ڪو چوي ته سندس گهاڻي ۾ پيل هجڻ جو وقت اڌ ڪلاڪ کان

گهڻو وڏيڪ هو ۽ ممڪن آ تہ پيو ڪو ڊاڪٽر قسم جو ماڻهُو چوي تہ گهاٽي ۾ اڌ ڪلاڪ هجڻ يا واڌو وقت هجڻ سندس اذيت ۾ ڪا بہ گهٽ وڌائي نٿي ٿي.

پر اياز ڪٿي بہ ڪو نہ چيو آهي تہ مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت اسان جا سورما شهيد نہ هئا! انهن جي شان ۾ غلط بياني يا ڪو گهڻو لفظ نہ چيو اٿس؟ انهن ڪي شهيدن بدران ڪجهہ پيو نہ چيو اٿس. هن تہ فقط پنهنجي ان راءِ جو اظهار ڪيو آهي تہ پٽي ڪي چيچلائي، چيچلائي ماريو ويو. تنهن ڪري ان ڪي ٻين کان گهٽي اذيت پهتي هوندي بس. تنهن کان سواءِ هن تہ صرف اذيت جي گهٽ وڌائيءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي، هنن مان ڪنهن جي بہ قومي عظمت جي گهٽ وڌائيءَ جي تہ ڳالهہ ئي ڪا نہ ڪئي آهي. فرض ڪريو تہ ٻن ماڻهن کي ساڳئي وقت ماريو وڃي، هڪ کي سخت اذيتون ڏيئي ۽ ٻي کي تمام آزار سان، ٻنا ايذاءَ جي. ڪنهن اکچنيءِ ۾ ساهہ ڪڍندڙ مٺي زهر وسيلي جنهن جو هن کي سماءَ بہ نہ پوي. تہ ان مان اهو ثابت ٿي پيو ڇا تہ جنهن کي گهڻا ايذاءَ مليا اهو وڏو ماڻهُو ۽ جنهن کي گهٽ ايذاءَ مليا اهو گهٽ درجي جو ماڻهُو؟ ماڻهُو جي عظمت جو معيار رُڳو اهو تہ ناهي تہ ان کي ڪيتري اذيت سان ماريو ويو. لڙائيءَ ۾ اڪثر سپاهين کي بيدرديءَ سان ماريو ويندو آهي، سپهہ سالارن کي عزت سان ماريو ويندو آهي. ان جي معنيٰ اها ٿي پيئي ڇا تہ جنهن کي ايذاءَ گهٽ مليو اهو گهٽ ماڻهُو ۽ جنهن کي وڏيڪ ايذاءُ مليو اهو وڏو ماڻهُو؟ ڇا ان حساب سان سپاهيءَ جو رتبو سپهہ سالار کان مٿي چڙهي ويو ڇو تہ کيس ايذاءُ وڏيڪ مليو؟ جيڪڏهن فرض ڪجي تہ پٽي کي اياز جي انداز کان گهٽ اذيت ملي ۽ ٻين شهيدن کي وڏيڪ ملي بہ سندس غلط اندازو ڪهڙو ايڏو وڏو گناهہ ٿي پيو. جنهن اياز کي هڪدم اکچنيءِ ۾ سنڌ جي عظيم ۽ شاندار قومي شاعر مان ڦيرائي شاهہ حسن ارغون ۽ نواب اعظم خان مغل بڻائي وڌو. هو مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت جي قبر کي ٽُڏا هڻائيندڙ وحشي درندو ٿي پيو ۽ مارئيءَ جي لوئي رنديءَ جي ڪوٺي جو پردو بڻجڻ جي خطري ۾ پئجي ويئي! رب منهنجا خير!

Gul Hayat Institute

هن سڄي لمبي چوڙي مضمون وسيلي اياز کي نام نهاد قومپرست شريعت موجب ڪافر، مُلحِد ۽ واجب القتل ٺهرائڻ جو سمورو بُنياد ان هڪڙي اکر تي آهي تہ اياز جو خيال آهي تہ جنهن جيترو وقت وڏيڪ لوڙيو ان جو ايذاءَ اوترو وڏيڪ. ان نهايت فطري راءِ کي هڪڙي خوفناڪ ۽ ڀيانڪ شڪل ڏيئي لفاظي جا طومار ٻڌي، تيليءَ مان ٿنڀ ۽ ڳالهہ مان ڳالهوڙو بنائڻ مان ثابت آهي تہ اسان جا نام نهاد قومي پوليس، بہ ڪوڙا ڪيس ٺاهڻ جي شريفاڻي فن ۾ عام پوليس کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ناهي. هونئن ڪوڙو ڪيس ٺاهڻ هڪڙو وڏو هُنر آهي. جيئن گهڻا ڪوڙا قلم لڳائبا تيئن ماڻهُو وڏيڪ ماهر ليکبو. جيئن پوليس جنهن کي وڻيس تنهن کي راهہ ويندي رنبو ۽ چاٻين جو ڇُڳو پئيان لڳائي، چيلهہ ۾ رسو وجهي قلم 109 ڪيڪ ۾ يا ڪاٿ ۾ چالان ڪري سگهي ٿي، تيئن

هتي بہ اياز جهڙي مڙس کي بہ هڪڙي ان اکر ۾ جهلي، چور ڪري، شاهہ حسن ارغون ۽ اعظم خان جهڙن رهزنن جا ڪپڙا پارائي، قومي سورمن جي قبرن کي ٺڏا هڻندي ڏيکاري قومي خُون جي ڪيس ۾ چالان ڪرڻ ۽ واجب القتل ٺهرائڻ لاءِ بہ محنت ڪيي، پورهيو ڪيي ۽ دليلبازيءَ جي ڪرتب بازي ڪيي. ظاهر آهي تہ جيترو عقل الله سائين ڏنو هوندو اوترو ئي هوندو. ان کان وڌيڪ ڪو نہ ٿيندو پر خدا جو ڏينهن رکيو آهي تہ حال سارو چالاڪيءَ ۽ محنت ۾ گهٽتائي بلڪل ڪيل ناهي.

هاڻي هي ڊرامائي منظر ڏسو: جڻ اسان جو فاضل مضمون نگار سامهون بيٺو آهي ۽ سمورو لقاءُ بيٺو ڏسي، ۽ شاهہ عنايت جو ڏسندي وائسندي جلاد جي سامهون هليو وڃڻ ۽ تلوارن جي هيٺيان مرڪي ڪنڌ ڪپائڻ ۽ جلاد کي هيئن مخاطب ٿيڻ۔

”بيا بيا قربانت شوم... الخ“

(اچ اچ آءُ توتان قربان ٿيان مون کي تنهنجو ئي انتظار هو.) يا

سر بہ قدم يار فدا شد، چہ بجا شد،
ايــن بـارگـران بـود، ادا شـد چـہ بـجـا شـد.

(سر يار جي قدمن تان گهوريو سنو ٿيو!
هي ڳرو بار هئو ادا ٿيو سنو ٿيو!)

منظرنگاريءَ جا جلوا ڏسو!

يعني جلاد ڏانهنس ڪو نہ آيو پر پنهنجي جاءِ تي بيٺو رهيو! جڻ سندس شاهہ عنايت سان يا ڪيس قتل ڪرڻ سان ڪو بہ واسطو ڪو نہ هو ۽ جيڪڏهن شاهہ عنايت ”ڏسندي ڏسندي“ ڏانهنس نہ هليو وڃي ها تہ جلاد جيڪر اتي ئي بيٺو هجي ها! پر شاهہ عنايت کي جو شهادت جو شوق ڪٽيو بيٺو هو سو ”ڏسندي وائسندي“ يعني سعيو ڪري سڌو اوڏانهن هليو ويو ۽ وڃي تلوار جي هيٺان ڪنڌ ڏنائين پوءِ مُرڪيو ۽ پوءِ ڪنڌ ڪپايائين ۽ (چئبو تہ ڪنڌ ڪپائڻ کان پوءِ) جلاد کي هيئنئن مخاطب ٿيو ”بيا بيا قربانت شوم... الخ“

جيڪي معجزا تاريخ ۾ ان دؤر جا لکندڙ نہ لکي سگهيا، اهي اسان جي فاضل لکندڙ لکي ڏيکاريا! يعني پهريائين ڪنڌ ڪپائي پوءِ تقرير ڪرڻ جو معجزو.

هاڻي هي پلٽا، اکر بازيون، قلابازيون ۽ اُڏامون ملاحظہ فرمائي ڏسجن:

”هي اهو انساني ذهن ۽ ضمير جي عظمت جو تصور آهي جيڪو اهڙي ئي ماڻهوءَ جي دل ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو جيڪو جزا ۽ سزا، اميد ۽ خوف، زندگي ۽ موت جي سطحي قدرن کان مٿي ٿي، ڪائنات جي وحدت ۾ پنهنجو پاڻ گم ڪري چڪو هجي، جنهن وٽ فتح ۽ شڪست، زندگي جي رنگارنگي ۽ گوناگونيءَ جا معمولي پرتوا هوندا آهن...“

غور فرمايو؟

Gul Hayat Institute

”هي اهو انساني ذهن ۽ ضمير جي عظمت جو تصور...“ هي ڪهڙو؟

هن ڪان اڳ ڪو بہ تصور پيش ئي نہ ٿيو آهي. هن ڪان اڳ تہ هڪڙي عملي واردات بيان ڪيل آهي، ڪنهن بہ تصور جو ذڪر ئي ناهي. تصور ڪٿان آيو؟ ”جزا ۽ سزا، اميد ۽ خوف، زندگي ۽ موت جي سطحي قدرن کان مٿي...“

سطحي قدر ڪهڙا؟ جزا ۽ سزا، اميد ۽ خوف، زندگي ۽ موت! ڇا جزا ۽ سزا جا قدر سطحي آهن؟ نيڪي کي جزا ملي ۽ بديءَ کي سزا ملي اهو قدر سطحي آهي؟ اميد جي آجيان ڪجي، خوف سان مقابلو ڪجي، بهتري جي اميد رکجي ۽ برتري جو انديشو رکي ان سان مقابلي لاءِ تياري ڪجي. زندگي سان محبت ڪجي. اهي عظيم انساني قدر سطحي آهن؟

Gul Hayat Institute

# قصيدو هڪ ڪتاب جي شان ۾

**(سن زوءِ جو ڪتاب "جنگ جو فن")**

سنڌ ۾ حقيقي طرح اعليٰ سطح جو علم ڪڏهن بہ ڪو اجايو گهٽو ڪو نہ رهيو آهي. لطيف کي ڇڏي ڪو ايڏو وڏو ذهن ۽ فڪر جو مالڪ سنڌ ۾ پيدا ڪو نہ ٿيو آهي. ان ڪري دُنيا جي وڏن ڪتابن مان ڪو هڪڙو بہ سنڌيءَ ۾ ڪو نہ لکيو ويو آهي. اسان وٽ عالمي يا علائقائي سطح جا تاريخ نويس، سائنسدان يا جنگي ماهر پيدا نہ ٿي سگهيا آهن. سنڌ ۾ ڪابہ اهڙي لڙائي ڪا نہ ٿيل آهي، جنهن کي تاريخ ۾ دُنيا جي مکيہ لڙائي ڪري ليکيو وڃي. نہ وري اسان وٽ ڪي سچا پچا جنرل پيدا ٿيا آهن. جن کي جنرل سڏيو وڃي ٿو. سي وڏ ۾ وڏ وڏا دلير ۽ سرويچ سپاهي هئا، اهي جنگ جي فن جا ماهر نہ هئا. اسان شهيد گهڻا ۽ سوڀارا سپهہ سالار نہ هئڻ جي برابر پيدا ڪيا آهن. منهنجي نظر ۾ اڄوڪين حالتن ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ علمي ۽ سائنسي ميدان ۾ مطالعي جا هيٺيان اٺ موضوع ٻين جي ڀيٽ ۾ سڀ کان اهم آهن:

1. فسلفو
2. عالمي تاريخ
3. جاسوسي ۽ جوابي جاسوسي
4. سفارتڪاري
5. شاعري ۽ ادب
6. جنگ جو فن ۽ تاريخ
7. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي تاريخ
8. دُنيا جي مشهور انقلابين جي تاريخ، جن ۾ ستين صديءَ ۾ آيل اسلامي انقلاب، آمريڪي انقلاب، فرينچ انقلاب، روسي انقلاب، چيني انقلاب، ويٽنامي انقلاب وڏيڪ اهم آهن.

Gul Hayat Institute

جنگ جي فن بابت روءِ زمين تي جيڪو پهريون وڏو ڪتاب لکيو ويو ۽ جيڪو اڄ تائين ڪلاسيڪي اهميت رکي ٿو سو آهي چين جي جنگي داناءَ سن زوءَ SUN TSU جو لکيل ”جنگ جو فن“ 'The Art of War'.

هي دُنيا جي اَمَرُ ڪتابن مان هڪڙو آهي, آمريڪا جي جڳ مشهور آمريڪي ناول نويس جيمس ڪليول James Clavell هن ڪتاب جو تازو ترجمو ڪيو آهي. جيمس ڪليول اڄوڪي دور جي چوٽيءَ جي ناول نويسن مان هڪ آهي. سندس هڪڙي ناول مان مشهور ۽ مقبول ٽي-وي فلم ”شو گن“ ناهي وئي آهي. جنهن سڄي دُنيا ۾ ڌاڪو ڄمايو هو.

ان کان پوءِ هن ٻيا بہ ڪيترا ناول لکيا آهن, هن کي مشرق جي ملڪن جي ثقافت ۽ تاريخ جي تمام گهڻي خبر آهي. خاص ڪري ڏُور اوڀر بابت سندس مطالعو اٿاهہ آهي. جيمس ڪليول کي هي ڪتاب ڪيترو وڻيو, ان جو اندازو سندس مهاڳ مان لڳائي سگهجي ٿو. هيٺ ان مهاڳ جو سنڌي ترجمو ڏجي ٿو. ان کان پوءِ جيڪڏهن پڙهندڙن چاهيو ۽ گهُر ڪيائون تہ پوءِ دُنيا جي هن عظيم ۽ امر ننڍي ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ سندن خدمت ۾ پيش ڪيو ويندو.

جيمس ڪليول لکي ٿو:

”سن زوءَ چين ۾ هي غير معمولي ڪتاب اڍائي هزار ورهيہ اڳ لکيو هو.“ ان جي شروعات هيئن ٿئي ٿي:

”جنگ جو فن مملڪت جي لاءِ بُنيادي اهميت وارو آهي, اهو زندگي ۽ موت جو سوال آهي ۽ هڪڙو اهڙو رستو آهي, جيڪو يا تہ سلامتيءَ ڏانهن وٺي هلندو يا تباهيءَ طرف. تنهن ڪري ڪنهن بہ حالت ۾ ان کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.“

ڪتاب جي پڇاڙي هيئن ٿئي ٿي:

”ان ڪري روشن خيال حاڪم ۽ ڪامياب جنرل ئي پنهنجي فوج جي اعليٰ ترين ذهانت جاسوسيءَ واسطي ڪتب آڻيندا ۽ ان جي وسيلي وڏا نتيجا حاصل ڪندا, جاسوس جنگ ۾ تمام وڏي اهميت وارا عنصر آهن, ڇاڪاڻ تہ فوج جي چرپر جو دارمدار انهن تي آهي.“

”آءٌ سچ پچ ائين وسهان ٿو تہ جيڪڏهن اسان جا فوجي ۽ سياسي اڳواڻ هڙئي جينيس جي تخليق ڪيل هن ڪتاب جو مطالعو ڪري چڪا هجن ها تہ جيئن ويٽنام ۾ ٿيو تيئن ڪو نہ ٿئي ها. اسان ڪوريا ۾ جيڪا جنگ هارائي سا ڪا نہ هارايون ها. (’جنگ هارائي سون‘ انهيءَ ڪري ٿو چوان جو ان ۾ فتح حاصل ڪري نہ سگهياسون) ۽ ڪيوبا جي بي آف پگس ۾ جيڪي ٿيو (آمريڪي حملو بري طرح ناڪام ٿيو. ر.ب پ) سو نہ ٿئي ها, ايران ۾ جيڪا يرغمال ٿيل,



Gul Hayat Institute

آمريڪين واري خواري ٿي، اها ڪا نہ ٿئي ها. برطانيہ جي سلطنت ٽڪرا ٽڪرا ڪا نہ ٿئي ها ۽ گهڻو امڪان ان ڳالهہ جو آهي تہ پهرين جنگ عظيم ۽ ٻي جنگ عظيم جي لڳڻ کان بچي ويجي ها. بهرحال ان ڳالهہ جي تہ پڪ آهي تہ اهي جنگيون ائين ڪونہ لڙجن ها. جيئن لڙيون ويون ۽ جيڪي راڪاس پاڻ ڪي جنگ جا سپهہ سالار ۽ جنرل سڏائين ٿا، تن جن ڪروڙين نوجوانن جون زندگيون احمقپٽائيءَ سان اجايون برباد ڪري ڇڏيون. اهي نوجوان پنهنجي سموري حياتي مڪمل طرح سان گذاري سگهن ها.“

”اعليٰ ترين جنگي ڪمال اهو آهي، تہ دشمن جي مقابلي جي قوت ۽ بندوبست کان سواءِ لڙائي ڪرڻ جي تباهہ ڪري ڇڏجي.“

مون کي ان ڳالهہ تي حيرت آهي تہ سن زوءِ 25 صديون اڳ ايترا گهڻا سچ لکيا. جيڪي اڄ بہ پنهنجي جاءِ تي قائم آهن ۽ اڄ بہ ڪتب آڻي سگهجن ٿا، خاص ڪري جيڪي ڪجهہ جاسوسن بابت لکيو اٿس ۽ جنهن کي آءُ اڄ بہ غير معمولي سمجهان ٿو. آءٌ سمجهان ٿو تہ هي ننڍڙو ڪتاب صاف صاف ڏيکاري ٿو تہ اسان وٽ کهڙا ڪم غلط ڪيا ٿا ويچن ۽ کهڙي سبب جي ڪري اسان جا موجوده مخالف ڪيترن ميدانن ۾ ايترا ڪامياب پيا ٿين. (سوويت يونين جي سياسي فوجي نظام ۾ سن زوءِ کي پڙهڻ لازمي ٺهرايو ويو ۽ اهو ڪتاب صدين کان روسي ٻوليءَ ۾ ميسر آهي ۽ اهو ڪتاب اڪر بہ اڪر مائوزي تنگ جي جنگي حڪمت عملي بابت نظرئي جي ننڍڙي سُرخ ڪتاب جو سرچشمو آهي.) ان کان بہ وڏي ڳالهہ اها آهي تہ آءٌ وسهان ٿو تہ ”جنگ جو فن“ ڪتاب صاف صاف ڏيکاري ٿو تہ پهرين پيش قدمي ڪيئن ڪجي ۽ دشمن سان ڪيئن وڙهجي چاهي دشمن ڪير بہ هجي.

سن زوءِ لکيو ”جيڪڏهن توهان دشمن کي ڄاڻو ۽ سمجهو ٿا ۽ پاڻ کي بہ ڄاڻو ۽ سمجهو ٿا تہ پوءِ توهان جي ڪٽي هڪ سَوَ لڙايون ڪريو تہ بہ توهان کي انهن جي نتيجن بابت ڪو بہ فڪر نہ ڪرڻ کپي.“ (مطلب تہ توهان سڀ لڙايون کٽي ويندا. ر_ب_پ)

ميڪاولي جو ڪتاب ”بادشاهہ“ ۽ جپاني مصنف ميا موتو موسا شي جي ڪتاب ”پنجن مُنڊين“ وانگر سن زوءِ جا جيڪي سچ هن ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهن، سي هر قسم جي مقابلن ۾ جهڙوڪ رواجي ڪاروباري مقابلن، سيٽنگن جي تڪرارن ۽ اسين روزانو جيڪا جياپي لاءِ جنگ ڪريون ٿا، تنهن ۾ بہ فتح جو رستو ڏيکاري سگهن ٿا. ٻيو تہ ٺهيو پر خود مخالف جنس (مرد ۽ عورتن ر_ب_پ) جي جيڪا پاڻ ۾ لڙائي پئي ٿيندي آهي، تنهن ۾ بہ جيڪا ڏُرهي ڪتاب پڙهندي،

Gul Hayat Institute

سا وڏيڪ فتح مند ٿيندي. چو ته اهي سڀ لڙائي جا مختلف رُوپ آهن ۽ سيئي ساڳين قانونن مطابق لڙيا وڃن ٿا، يعني سن زوءِ جي ڏسيل قانونن مطابق.

”مون ذاتي طرح زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو 1977ع ۾ سن زوءِ جو ذڪر ٻُڌو. اها ڳالهه 1977ع ۾ هانگ ڪانگ ۾ هيپي ويلي Happy Valley نالي جڳهه تي ٿي. هڪڙو دوست بي جي وليمس جيڪو گهوڙن جي شرطن جي ڪلب ۾ اسٽيورڊ هو. تنهن مون کان پڇيو ”تو اهو ڪتاب پڙهيو آهي؟“ مون چيو ”نه“، هن چيو، ”آءٌ توکي ان جي ڪاپي سڀاڻي ئي ڏياري ٿو موڪليان.“

”جڏهن ڪتاب آيو تڏهن مون ان کي پڙهيو ڪو نه. پوءِ ڪيترن هفتن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن مون اهو کنيو. مون کي ان ڳالهه تي وڏو صدمو رسيو ته ايشيا، جاپان ۽ خاص ڪري چين بابت مون جيڪي گهڻا ڪتاب پڙهيا هئا تن ۾ مون هي نئون ڪتاب ڪڏهن به ڪو نه ڏٺو هو ان ڏينهن کان وٺي هي ڪتاب هميشه منهنجو ساٿي رهيو آهي. ايٽريقدرجو جڏهن مون پنهنجو ناول ”نوبل هاؤس“ لکيو ته ان ۾ به ڪيترا ڪردار سن زوءِ جو ادب ۽ احترام سان ذڪر ڪن ٿا. آءٌ سمجهان ٿو ته هي ڪتاب لاجواب آهي، ان ڪري هن ڪتاب جو مون هي نئون ترجمو ڪيو آهي. بدقسمتيءَ سان خود سن زوءِ بابت ماڻهن کي تمام گهٽ ڄاڻ آهي ۽ اها خبر به گهٽ آهي ته هُن هن ڪتاب جا اهي تيرهن باب ڪڏهن لکيا. ڪي چون ٿا ته اهي اڄ کان 25 صديون اڳ وُو جي بادشاهه جي دؤر ۾ لکيا ويا ته ڪي چون ٿا ته 23 صديون اڳ. اڄ کان 21 صديون اڳ جو تذڪرو ڪندڙ مصنف سوماچين سندس زندگيءَ جو هيٺيون احوال ڏئي ٿو:

”سن زوءِ جنهن جو خانداني نالو وُو هو (چين جي) چي رياست جو رهاڪو هو. هن جيڪو ڪتاب جنگ جو فن لکيو تنهن جي ڏاڪ وُو رياست جي بادشاهه هولو کيس گهرائي چيو مون تنهنجا اهي تيرهن ئي باب وڏي غور سان پڙهيا آهن. تو فوج جي سپاهين کي تربيت ڏيڻ ۽ کين ضابطي سان هلائڻ بابت جيڪي نظريا پيش ڪيا آهن، انهن بابت جي آءٌ تنهنجو امتحان وٺان ته جيڪر ڪيئن ٿئي؟ سن زوءِ جواب ڏنو ’ڀلي‘. بادشاهه پڇيو جي اها آزمائش عورتن جي ڪجي ته هن وري به چيو ته ’ڀلي‘. تان جو اهو انتظام ڪيو ويو ته شاهي محل جون 180 دوشيزائون آنديون ويون. سن زوءِ کين ٻن ڪمپنين ۾ ورهايو ۽ هر هڪ جو ڪمانڊر بادشاهه جي ٻن راڻين مان هڪڙيءَ کي ڪيائين، تنهن کان پوءِ هن کين هٿن ۾ ڀالا ڪڍايا ۽ کين هيئن خطاب ڪيائين:“

”هاڻي آءٌ اهو فرض ٿو ڪري وٺان ته توهان کي اڳ ۽ پُٺ جي اڪرن جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي تنهن جي خبر آهي ۽ ساڄي ۽ کاٻي هٿ جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي ان جي به خبر آهي.“ ڇوڪرين جواب ڏنو ”ها“ سن زوءِ ڳالهه جاري رکندي

چيو. ”هاڻ جڏهن آءُ توهان کي چوان تہ ”اکيون اڳيان ڪريو“ تہ توهان کي سڌو اڳيان ڏسڻ کپي. جڏهن آءُ توهان کي چوان”کاٻي مڙو!“ تہ توهان کي پنهنجو مُنهن کاٻي پاسي ڏانهن ڪرڻ گهرجي. جڏهن آءُ توهان کي چوان ”سڄي هٿ طرف ڦرو!“ تہ توهان کي پنهنجو مُنهن سڄي طرف ڪرڻ کپي. جڏهن آءُ توهان کي چوان تہ ”پوئتي مڙو“ تہ توهان کي پنهنجو مُنهن پنهنجي پٺ طرف ڪرڻ کپي.“

ڇوڪرين وري بہ هاٺوڪار ڪئي. اهڙي طرح جيڪي فوجي حڪم ڏيڻا هئا، انهن لفظن جي معنيٰ سمجهائڻ کان پوءِ هن هٿيار ۽ جنگي ڪهاڙا ڪڍرا ڪيا، پوءِ جنگي تربيت شروع ڪيائين. تنهن کان پوءِ جنگي نغارن جي گونج ۾ هن حڪم ڏنو ”ساڄي مُڙو!“ پر ڇوڪريون اچي کِلڻ ۾ ڇُٽيون. سن زوءِ صبر سان چيو ”جيڪڏهن فوجي حڪم جا لفظ صاف ۽ چِٽا ناهن ۽ ڏنل حڪم مڪمل طرح سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن تہ پوءِ اهو ڏوهہ جنرل جو آهي.“ هن وري بہ کين مشق ڪرائڻ شروع ڪئي ۽ هن پيري حڪم ڏنائين ”کاٻي مُڙو“ جنهن تي ڇوڪريون وري بہ اچي کِلڻ ۾ ڇُٽيون.

تنهن کان پوءِ هن چيو ”جيڪڏهن حڪم جا لفظ چِٽا ناهن. جيڪڏهن ڪو حڪم چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ نہ اچي تہ پوءِ ڏوهہ جنرل جو آهي، پر جيڪڏهن حڪم صاف آهن ۽ انهيءَ باوجود سپاهي حڪم مڃڻ کان انڪار ٿا ڪن، تہ پوءِ ڪمانڊرن جو ڏوهہ آهي“، ائين چئي هن حڪم ڏنو تہ ”ٻنهي ڪمپنين جي ڪمانڊرن جو سِسيون لاٿيون وڃن.“ ووءِ جي بادشاهہ هڪڙي چبوتري تان اهو نظارو بيٺي ڏٺو ۽ جڏهن ڏنائين تہ سندس پيارين راڻين جون سسيون وڍجڻ واريون آهن، تڏهن سن زوءِ کي هي پيغام ڏياري موڪليائين:

”اسان کي هاڻي خاطري ٿي آهي تہ اسان جو جنرل سپاهين تي پورو پورو ضابطو رکي سگهي ٿو. جيڪڏهن اسين هنن ٻن راڻين کان محروم رهجي وياسين تہ اسان لاءِ گوشت ۽ شراب ۾ بہ ڪا لذت باقي نہ بچندي. اسان جي خواهش آهي تہ ڪمانڊر راڻين جون سسيون نہ لاٿيون وڃن.“

سن زوءِ اڳي کان بہ وڌيڪ صبر سان جواب ڏنو ”مونکي بادشاهہ سلامت فرمان ڏنو آهي تہ آءُ سندس فوجن جو جنرل ٿيان. جيڪو سپهہ سالار ميدان جنگ ۾ لڙي رهيو هجي، تنهن لاءِ پنهنجا آقا جا سمورا حڪم مڃڻ ممڪن نہ هوندا آهن. بادشاهہ سلامت جو هي حڪم اهڙو حڪم آهي،جنهن جي آءُ سندس طرفان مقرر ڪيل سپهہ سالار جي حيثيت ۾ تعميل ڪرڻ کان قاصر آهيان.“ ائين چئي، هن فورن ٻنهي راڻين جون سسيون لهرائي ڇڏيون ۽ سندن پويان جيڪي ڇوڪريون بيٺيون هيون، تن کي فورن سندن جاءِ تي ڪمانڊر مقرر ڪيائين. ان کان پوءِ هڪدم جنگي نغارا وڄايا ويا ۽ وري نئين فوجي مشق شروع ڪئي وئي.



Gul Hayat Institute

هاڻ ڇوڪرين کي جيڪي بہ ڦرڻ گهرڻ جا حڪم ڏني مليا، تن جي انهن تعميل ڪئي. جي کين حڪم ڏني ڏنو ويو "ساڄي پاسي مڙوا" تہ ساڄي پاسي ڏي ڦريون. جي کين کاٻي پاسي ڦرڻ لاءِ چيو ٿي ويو تہ کاٻي پاسي ڏي ڦريون. جي کين چڪر ڪاٽڻ لاءِ چيو ٿي ويو تہ ائين ڪيائون ٿي، جي کين جهُڪڻ لاءِ چيو ٿي تہ جهُڪيون ٿي، جي ويهڻ جي لاءِ چيو ٿي تہ ويٺيون ٿي ۽ ان ۾ ڪنهن طرح جو قصور نٿي ڪيائون. سڀ ڳالهيون جيئن کين چيو ٿي ويو تيئن ٿي ڪيائون ۽ هڪڙو اکر بہ وات مان نٿي ڪڍيائون. سن زوءِ پوءِ بادشاهہ کي پيغام ڏياري موڪليو "جناب اعليٰ! توهان جا سپاهي هاڻي چڱي طرح فوجي مشق ڪري ضابطي هيٺ اچي ويا آهن ۽ بادشاهہ سلامت جي معائني جي واسطي تيار آهن. هاڻي بادشاهہ سلامت هنن سپاهين کي جنهن بہ ڪم ۾ استعمال ڪرڻ چاهيندا، تنهن لاءِ هي تيار آهن. جيڪڏهن حضور جن کين حڪم ڏيندا تہ باهہ ۽ پاڻيءَ ۾ ٽپي پئو تہ اهي حڪم جي انحرافي نہ ڪندا." بادشاهہ جواب ڏنو "پلي اسان جو جنرل مشقون پوريون ڪري ڪئمپ ڏانهن موٽي اچي، اسان جي ايڏانهن اچي سپاهين جو معائنو ڪرڻ جي مرضي ڪانهي." اهو ٻڌي سن زوءِ پرسڪون لهجي ۾ چيو "بادشاهہ سلامت لفظن جو شوقين آهي پر لفظن کي عمل ۾ تبديل نٿو ڪري سگهي."

تنهن ڪانپوءِ ووءِ جي سلطنت جي بادشاهہ سهي ڪري ورتو تہ سن زوءَ انهن ماڻهن مان آهي، جن کي خبر آهي تہ فوج جي قيادت ڪيئن ڪجي ۽ هن کي پنهنجي فوج جو سپهہ سالار مقرر ڪيائين. پوءِ سن زوءِ چُو رياست جي فوج کي شڪست ڏني ۽ ان جي تخت گاهہ تي وڃي قبضو ڪيائين. اتر طرف هن چين جي رياستن کي ديڄاري وڏو سندس شهرت چوطرف پکڙجي ويئي ۽ جيتري هن رياست جي بادشاهت جي شهرت ٿي، اوتري ئي سن زوءِ جي ٿي. اهڙي ريت سن زوءِ اٽڪل ويهارو سالن تائين ووُ جي سلطنت جي خانداني دشمن يعني يوئي جي بادشاهت ۽ چوءِ جي بادشاهتن جي مٿان سوڀارو رهيو. آخر ۾ سن زوءِ مري ويو ۽ سندس سرپرست ووءِ جو بادشاهہ هڪڙي جنگ ۾ قتل ٿي ويو. ڪجهہ سالن تائين سندس پويان سندس ڏيکاريل رستي تي هلندا رهيا ۽ سوڀارا ٿيندا رهيا. تنهن کان پوءِ هنن هر ڳالهہ وساري ڇڏي. پوٽيون پنجويهہ صديون اڳ ڏاري سن زوءِ جي پوئلڳن شڪست کاڌي ۽ ووءِ جي بادشاهت جو بُڻ بُنياد ناس ٿي ويو.

1852ع ۾ هن ڪتاب "جنگ جو فن" جو پهريون دفعو هڪڙي جيزورئٽ فرقي جي پادريءَ اميوٽ Father Amiot فرينچ ٻولي ۾ ترجمو ڪيو. هن ڪتاب جي باري ۾ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ هي ڪتاب نيپولين جي ڪاميابيءَ جي ڪنجي هو ۽ اهو ڪتاب ئي سندس ڳُجهو هٿيار هو. بهرحال اها ڳالهہ تہ يقيني



Gul Hayat Institute

آهي تہ نيپولين جي فتحن جو دارومدار سندس تيز حرڪتن تي هو ۽ تيز حرڪت اها ڳالھ آهي، جنهن تي سن زوءِ گهڻو زور ڀريو آهي. يقيناً نيپولين سن زوءِ جي جنگي تعليم جو پورو پورو استعمال ڪيو ۽ اهڙي ريت يورپ فتح ڪري ورتائين. جڏهن هن سن زوءِ جي قانونن تي عمل ڪرڻ بند ڪيو تڏهن ئي کيس شڪست آئي "جنگ جو فن" ڪتاب 1905ع تائين انگريزي ۾ ترجمو ڪو نہ ٿيو هو. پهريون انگريزي ترجمو پي-ايل ڪئلٽراپ Calthrop ڪيو هو. ٻيو ترجمو لايونيل گائيلس Lionel Giles ڪيو هو جيڪو پهريائين شانگهائي ۾ شايع ٿيو ۽ پوءِ اهو 1910ع ۾ لنڊن ۾ شايع ٿيو مون کي اميد آهي هي ڪتاب توهان کي مزو ڏيندو. سن زوءِ ان جو حقدار آهي تہ توهان کيس پڙهو. آءٌ چاهيندس تہ "جنگ جو فن" ڪتاب جي پڙهائي اسان جي سمورن فوجي ڪمانڊرن ۽ سپاهين لاءِ لازمي ٺهرائي وڃي ۽ پڻ سياستدانن ۽ سرڪاري عملدارن لاءِ ۽ سڄي آزاد دُنيا جي هاءِ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن جي لاءِ اهو ڪتاب لازمي ڪورس ۾ رکيو وڃي. جيڪڏهن آءٌ ڪمانڊر ان چيف يا صدر يا وزيراعظم هجان ها تہ اجا هڪ وک اڳتي وڌايان ها. آءٌ هڪڙو قانون پاس ڪرايان ها تہ سمورا آفيسر خاص ڪري سمورا جنرل هر سال هن ڪتاب جي تيرهن بابن بابت زباني توڙي لکيل امتحان ڏين ۽ جڏهن اهو ان ۾ پنجانوي سيڪڙو مارڪون کڻن تڏهن ئي کين پاس ڪيو وڃي. جيڪو بہ جنرل ايترو مارڪون کڻي پاس نہ ٿئي تنهن کي اپيل جي حق ڏيڻ کان سواءِ ازخود بيٺي پير عهدي تان برطرف ڪيو وڃي. مون کي ان ڳالھ تي تمام وڏو ڀروسو آهي تہ سن زوءِ جو علم اسان جي وجود جي بچاءُ جي لاءِ لازمي آهي. هن ڪتاب ذريعي اسان کي اها حفاظت ملندي، جيڪا انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ اسان جا ٻار امن سان دُنيا ۾ هلن ۽ خوشحال ٿين. اها ڳالھ هر وقت ياد رکڻ گهرجي تہ قديم زمانن کان وٺي اڄ سيني کي خبر آهي تہ "جنگ جو صحيح مقصد آهي امن."

Gul Hayat Institute

# امر جليل جي ڪهاڻين تي رايو

ائين ٿو لڳيم، ڄڻ امرجليل جي هٿن مان سندس احساسن ۽ جذبن جي مُنهن-زور گهوڙي جي واڳ هر هر ڇڏائجيو وڃي ۽ ڪنهن فني شهپاري جي پيشڪش جي لاءِ جنهن ٺهر، تحمل ۽ غيرجانبداريءَ جي ضرورت آهي، سا قائم رکي نٿو سگهي. هو وِڪ وِڪ تي نعرا هڻندو پڙهندڙن کي هڪ اڳواٽ ٻڌايل منزل ڏانهن هڪليندو هلي ٿو. هڪ اعليٰ فنڪار ۽ هڪ تبليغ ڪندڙ جو مقصد گهڻو ڪري ساڳيو آهي، ٻئي ڪا ڳالهه شدت سان محسوس ڪن ٿا. ٻئي ڪنهن ڳالهه جا حامي ۽ ڪنهن جا مخالف آهن، ٻئي اهي احساس ٻين جي دلين تائين پهچائڻ گهرن ٿا. ٻين تائين پهچائڻ جي ڍنگ تي اچيو ٻنهي جا رستا ڌار ٿين ٿا.

مبلغ سنئين سڌي ڳالهه، وڏي جوش خروش سان ٻڌائي، ٻڌندڙن کي اعليٰ الاعلان چوي ٿو ته، ”فلاڻي ڳالهه کي صحيح يا سُنو ڇئجي. فلاڻي کي غلط يا ٻُرو. پر فنڪار ٻُڌندڙن کي پنهنجي طرفان ڪجهه به نٿو چوي، ڪين ڪا به نصيحت يا صلاح نٿو ڏئي. هو رنگ ڪري ڏيکاري ٿو.“ ڪنهن واقعي يا ڪنهن حالت جو نقشو چِٽي ٿو. هڪڙي ٻي طرفدار واٺڙو وانگر، جنهن گس هلندي جيڪي ڏٺو آهي، سو بيان ڪري ٿو پنهنجي طرفان ڪا به ٽيڪا ٽپڻي نٿو ڪري. ڪنهن جو پاسو نٿو وٺي. هاڻ اهو سندس گهري مشاهدي، ايمانداري ۽ احساس جي شدت ۽ وڏي ڳالهه ته سندس فن تي مدار آهي ته اهو نقشو اهڙي ويساهيندڙ نموني چِٽي، جنهن ۾ ٻُڌندڙ ازخود پنهنجو پاڻ اهو اثر پرائين، جيڪو فنڪار چاهي ٿو. اڻ سڌيءَ طرح، بِنا زور بار جي ’ازخود‘ ڪنهن پڙهندڙ ۽ ڏسندڙ ۾ ڪو تاثر پيدا ڪرڻ، اها آهي فن جي آزمائش ۽ امتحان. امر ۾ اها وڏي ڪمزوري آهي، جو هو اڪثر مبلغ ۽ فنڪار جي فرق تي قائم نٿو رهي سگهي. نه ته ”اروڙ جو مست“ ۽ ”هن چار ۾“ جهڙيون ڪهاڻيون شاهد آهن ته هو چوٽيءَ جون ڪهاڻيون لکي سگهي ٿو. سندس تازي ڪهاڻي ”رُڃ“ (سهڻي جون-66) جي نشئي ماسترن جو هڪٻئي جي گلي ۾ ٻانهون وجهي ڳائڻ:

"مالڪ تون درد ڪٽيندين ڪين ڇڏيندين،
هر حال ۾ هر هنڌ رهبر ٿيندين."

اهو نظارو اڃا تائين منهنجين اکين اڳيان پئي ڦِريو ڪير آهي، جنهن ڪي هنن جي ٻٽاڪ شٽاڪ، شيخي ۽ ڪج-بحثيءَ جي چوٽيءَ هيٺان سندن زخمي دلين تي محرومين ۽ مايوسين جا گهاءُ نظر نہ ايندا. سندس تازي ڪهاڻي "محبت، آرزو ۽ دل جي دُنِيا" (نئين زندگي آگسٽ 1966ع) بہ نهايت اثرائتي، نهايت پياري ڪهاڻي آهي. سچي ۾ اصلي سنڌ ڳوٺن ۾ رهي ٿي. سنڌ جا سچا پچا ۽ وڏا موضوع ۽ مسئلا، سندس جيئرا جاڳندا ۽ نمائندا ڪردار ۽ حقيقي ڪهاڻيون ٻهراڙيءَ ۾ ئي آهن، نہ شهرن ۾. ان سنڌ ۾، ٻهراڙين جي سنڌ جي ٻولي، اصلي سچي پچي، جيئري جاڳندي سنڌ اڃا ڪتابن ۾ نہ لکي وئي آهي ۽ اسان شهرن جي پڙهيل ڄڻن وٽان قبوليت جي سَند حاصل ڪري نہ سگهي آهي. اسان جو عوامي شعر خالص سنڌي، خالص سون آهي، پر نثر ويچارو بکيو پانگ ڪوئي وانگر بہ هيڊ جون ڳڙيون دڪان تي رکيو پَساري ٻڌيو ويٺو آهي. ڪيس سنڌيءَ جي اڪُٽ، اڻ لکيل خزانن مان ماسي جيترو مال بہ هٿ ڪونہ آيو آهي. ضرورت آهي تہ سري، وچولي، ڪاڇي ۽ لاڙ جا لکندڙ اها ٻولي جيڪا سندن پَٽَ ۾ راڄن ڳوٺن جا ننڍا وڏا، زالون مرد، جهيڙن جهٽن، رسڻ، پرچڻ، شادين غمين ۽ روز مره جي ڪاروهنوار مهل ڳالهائين ٿا، سا اصلي حالت ۾ ڪم آڻي، پنهنجي صدين جي گڏ ڪيل ڏاهپ ۽ سدا وهٽي ۽ سدا شاهڪار ٻوليءَ مان پنهنجا شاهڪار تخليق ڪن. جيئن سنڌي نثر جي موجوده اپاهج حالت ختم ٿئي ۽ اسين سنڌ ۽ سندس ماڻهن کي صحيح معنيٰ ۾ سچائي پيش ڪري سگهون. جيڪڏهن اسڪاٽلنڊ جي جابلو قبيلن جي ٻوليءَ جي ضمير مان سر والٽر اسڪاٽ جا لاثاني شاهڪار پيدا ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن ڄٽائي "ڪاڪني" انگريزي، ڊڪنس جي شاهڪارن کي جنم ڏيئي سگهي ٿي، جيڪڏهن مارڪ ٽيون، هيمنگ وي، گورڪي، ڪالڊويل، ٽينيسي وليمس جهڙا جڳ مشهور اديب پنهنجي وطن جي عام ماڻهن جي روزمره جي ٻوليءَ مان شاندار ۽ لافاني ادبي شهپارا خلقي سگهن ٿا، تہ پوءِ سنڌو ماٿر جي عوام جي ٻوليءَ، لطيف ۽ سچل جي ٻوليءَ ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي جو اسان جا لائق لکندڙ ان کي استعمال ڪرڻ ۾ عار محسوس ڪن يا ان کان اڻ ڄاڻ رهي بہ پاڻ کي لکندڙ تصور ڪن. البت جيڪي لکندڙ فقط شهرن ۾ ڄاوا نپنا آهن ۽ ٻهراڙيءَ سان ڪوبہ واسطو نہ اٿن انهن تي ميار ڪانہ رکي سگهبي، اُهي ڀلي شهري زندگيءَ بابت لکن.

Gul Hayat Institute

# ”ساک سان ٿو چوان:
# باک ڦُٽندي ضرور رات کُٽندي ضرور“

**(امداد حسينيءَ جي شاعريءَ جي تازي ڪتاب ”هوا جي سامهون“ تي تبصرو)**

عالمي انسان دوست، انقلابي عوامي شاعريءَ جي ڪائنات جي روشن سج شاهه لطيف جيڪڏهن ڪنهن اعليٰ انساني گُڻ کي سڀ کان وڏيڪ اوليت ڏني آهي تہ اهو هيءُ گڻ آهي، وڏي ويچار ۽ سمجهه سان زندگيءَ جي عظيم ترين مقصدن جو انتخاب ڪري انهن جي حاصلات لاءِ زبردست جاکوڙ ڪرڻ، ثابت قدم رهڻ ۽ توڙ نڀائڻ جو گُڻ. هن جي نظر ۾ زندگيءَ جي ڪابہ عظيم منزل آخري منزل ناهي. هر منزل وري ٻي منزل جو پهريون ٿاڪ ۽ پڙاءَ بڻبي آهي. ڪابہ منزل زندگيءَ جي جدوجهد جي پڇاڙيءَ جو دنگ نہ پر زندگيءَ جي عظيم مقصدن جي حاصلات جي اڻ کُٽ سلسلي جي هڪڙي نئين ڪڙي هوندي آهي. اهو سلسلو اڪثر ڪنهن اڪيلي فرد يا تحريڪ جي مڪمل وس ۾ نہ هوندو آهي. ان ڪري فردن ۽ تحريڪن بلڪ نسلن کي زور انهن ڳالهين تي ڏيڻ کپي، جيڪي گهٽي پاڳي سندن وس ۾ هجن. اوليت ڪنهن هڪڙي مقرر وقت ڪنهن خاص منزل تي رسڻ يا ان کي ماڻي سگهڻ کي نہ ڏيڻ گهرجي. اوليت اعليٰ منزلن ڏانهن ونئي ويندڙ واٽ تي ثابت قدميءَ سان وڌندي رهڻ کي ڏيڻي آهي. پهچ هجي تہ تمام تيزيءَ ۽ جولان سان اڳتي وڌجي، پر جي اهو وس نہ هجي تہ وِک وِک ڪري بہ اڳتي رڙهڻ گهرجي. اعليٰ مقصدن طرف ونئي ويندڙ ان واٽ تان آخري دم تائين هٽڻو ناهي. مظلوم انقلابي انسانيت جي روحاني سپهه سالار جو حڪم آهي:

Gul Hayat Institute

ونيو ويج واٽ، ڪنڌ مَ ڦيرج ڪيڏهين،
لوٽي ڦير لپاٽ، لڳنديئي لطيف چئي.

جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويني،
وچي پون پيني، سڪندي ڪي سڄڻين.

منجهان منهنجي روح جي ويچي ساڃن وسري،
تہ لڳي مر لوهہ! پاپيهو ٿي مران.

مر تہ موچاري ٿئين، ويهي وجهہ ۾ وير،
دل ۾ آڻ نہ دور تون، ڦرڻ سندو ڦير،
توٽي لهين نہ پير، توءِ راحت آهي رڙهڻ ۾.

عمر سپ عشق سين پنهون جي پڇن،
ريس ريزاليون تن سين ڪُجاڙي لئہ ڪن؟
مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

تہ پڻ تي ويون، جي پنهوڻ پاڻ لڪائيو... (شاهہ)

پنهنجي عظيم مقصد ڪي پنهنجي ڪشالن ۽ قربانين جي پيٽ ۾ هزارين دفعا اُتم ۽ اعليٰ سمجهڻو آهي.

ڪڙي ۽ ڪڙهي پر ۾ پير پنهون جو،
سڪ ٻَڌائين سندرو، جانب لاءِ جڙي،
لانچي لڪ لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽيءَ تان نہ پڙي، جي عمر سپ ايئن ڪري.

امداد حسيني سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جي ان سياڳي ساٿ جو ماڻهُو آهي، جيڪي عوامي فن ۽ ادب جي وطن دوست، عوام دوست ۽ روشن خيال واٽ تان "ماسي ورائي، دم پنهنجي دم پرائي" واري ڳالهہ وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڪونہ ٿيا. پراڻو چئن ڏينهن جو ڇڱو ماضي ڪئش ڪرائي، نالي جو ڪٽيو ڪائڻ، مرڻ ڪنڌيءَ تي بہ جي حضوري ڪري ڪرسيءَ کي چهٽو رهڻ ۽ اکيون پوري مال ميڙڻ جي پويان ڪاهي ڪونہ پيا. بقول انقلابي مرشد سائين جي:

رچي جي ريٽو ٿيا، ڪونہ اپاتجن اوءِ،
ڪنپ نہ ڪاري تن ڪي، جي هالاري هوءِ،
توٽي ڏوپي ڏوءِ، تہ بہ لالي انهن جي نہ لهي.
(شاهہ)

Gul Hayat Institute

ان ڪري امداد جي شاعريءَ ۾ اهو ئي اصلوڪو رَسُ ۽ چَسُ، جذبو ۽ جولان، سمجهه ۽ سُرتِ، جُرئَت ۽ سرمستي، اُتساهه ۽ وَلوَلو آهي، جيڪو اسان جي اعليٰ درجي جي انقلابي عوامي وطن دوست ادب، فن ۽ شعر جي سڃاڻپ آهي.

هُو غزل توڙي نظم ۾ پنهي جو ماڻهُو آهي. وٽس شاعريءَ جو سمورو وڪر آهي: اُڏما، اُمنگون، سپنا، پيار، ظلم ۽ دهشت لاءِ اٿاهه نفرت، پڇتاءُ، خود قياسون، للڪارون، ... سندس انداز قدرتي طرح پنهنجو ۽ نرالو آهي. سندس پانت پانت جي احساسن ۽ جذبن سان رچيل غزلن جا ڪي ڪي بند ائين هوندا آهن، جيئن مُندبين تي جڙيل رنگ برنگي ٽِڪون.

**ڪنهن جا ڏينهن**

اُلڪيل اُلڪيل سڀ راتيون
سُڏڪيل سُڏڪيل منهنجا ڏينهن.
ڏسندي ڏسندي راتين جان،
ڪئن اُلهي ويا پنهنجا ڏينهن.
چڙهڻ ڏي يار امداد ڪٽي،
ڪهڙا ڏينهن ۽ ڪنهن جا ڏينهن!

**يارو!**

ڪجهه نه ڪجهه ڪجهه نه ڪجهه ڪريون يارو،
هڪ ٽڪ ٽوسي اهڙي پريون يارو.

ڪئن تہ ”امداد“ سنڌ جي نالي،
ڪوٺيون ٿي ويون ڪريون يارو.

سون ميڙيو ۽ ڪنهن ڪنئي چاندي،
مون ڪنيون برهه جون پريون يارو.

پل تہ واڌي هجي منافق ڪي،
پاڻ ئي ڊِير تا ڏَريون يارو.

هن سنئين لوڪ کان سياڳيون سي،
چاهه جيڪي ڪيون چريون يارو.

Gul Hayat Institute

## چوٽ کاڌل آهيان

گل هيو پٿر هيو گولي هئي، طعنو هيو
ڪجهه نه ٿو ڄاڻان سوا ان جي ته گهايل آهيان.

ڪالهه تائين ست سڳ جنهن سان هئا ”امداد“ يار
اڄ انهيءَ جي لاءِ بس ڄاتل سڃاتل آهيان.

## تون ملڻ چاهين ته

هونءَ ته وِڪ وِڪ چپ هنيو وينا اٿئي ڪُٺڪا سوين،
تون ملڻ چاهين ته آهن رات جا رستا سوين،
پيار ئي هڪ لفظ آهي پهريون ۽ آخري،
هونءَ سڄڻ چاهين ته آهن لفظ بي معنيٰ سوين.

## تون نه ڳالهائين ته

دل ته هڪڙي داءُ ۾ جيتي وئين،
هاڻ تون ئي چئه ته ڇا هارائجي.
دل ۾ آهن ڪيتريون ئي ڳالهيون،
تون نه ڳالهائين ته ڇا ڳالهائجي.
هن گهٽيءَ ۾ منهنجي گهر جي سامهون،
هڪ نئون فتنو پيو سامائجي.
سڀ سُتل آهن هتي سيئي سُتل،
ڪنهن ڪي ڪنهن ڪي ننڊ مان جاڳائجي.

Gul Hayat Institute

## اهڙي دُعا ڪجي

گل صورتن ڏسڻ جي به صورت ته ڪا ڪجي،
مُدت ٿي ويئي آهه ڪا محفل بپا ڪجي.
جنئن شام جو به پهر اُفق وٽ مليو وڃن،
تنئن آءُ تون ملي وڃون اهڙي دُعا ڪجي.
اڪڙيون ڪٽيو جهُڪائين، جهُڪايو وَريو ڪٽين،
منظر هي شاعريءَ ۾ پلا ڪيئن ادا ڪجي.

## مرڪ ۾ لڙڪ

رات جو هيتري برسات پئي،
ڏينهن جو پٽ سُڪا پيا آهن.
ڦٽ تي هٿ ڌري ڇڏيو ٿم،
مرڪ ۾ لڙڪ لڪا پيا آهن.

## ٻن واٽن جيان

زهر لڙڪن جو پي ويا آهيون،
تنهنجي خاطر کِلي پيا آهيون.
پوءِ تنهاءِ پهريان رُسوا،
جو ٻئي ٿيڻُ هيو ٿيا آهيون.
حال احوال بس اهو آهي،
تو بنان جاڙئي جيان آهيون.
صرف هڪ لِيڪ آهيون ليڪن،
تنهنجي هٿ تي لڪيا پيا آهيون.
پاڻ پنهنجا ڪڏهن ٿيا سين ڪونه،
سي ٻئي تنهنجا ٿيا پيا آهيون.

## عشق اسلام

پيو سڀ خام آهي ئي آهي،
عشق اسلام آهي ئي آهي.
پنهنجي حصي ۾ ڪا تهمت،
ڪو الزام آهي ئي آهي.
ناهيون سُقراط مگر هٿ ۾،
وهه جو جام آهي ئي آهي.

Gul Hayat Institute

**حمد**

.... زاهد توکان...
منهنجا موليٰ،
جنت طلبي.
حُور مڱي،
غلمان گھريو...
مون تہ رُڳو هڪ گيت گھريو
من ميت گھريو...

**ڪورو پنو**

”ڪورو پنو ڇوي ٿو
مون تي بہ ڪجھہ لکي ڇڏ.
جا چوندا آ سڪين ۾،
جنهن کي ڏٺي ڪنيو تو
چوٿيءَ ۾ گل هنيو تو
ان جو بہ ڪو تہ نالو
هوندو آهي ڪٿي ڇڏ،
ها مهراج هٿي ڇڏ!“

اڳئين درسي ڪتابن ۾ هڪڙي نظم جو عنوان هو ”وقت ڇوي آئون بادشاهہ“، پر تصور بادشاهين جي بادشاهہ جو شهنشاهہ ٿئي ٿو. ان تصور جي شهنشاهيت ڏسڻي هجي تہ امداد جي نرالن شاهڪار نظمن ”مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي“ ۽ ”رشتو“ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ان قِسم جي من موهيندڙ بنهہ نرالي تصور جو اهڃاڻ پاڪستاني ٻولين جي ڪنهن سچاتل شاعر جي تخليق ۾ مون ڪي نہ ٿو سُجھي.

شاعر ”ڪنهن کي ڏسي تصور ئي تصور ۾ هن کي مخاطب ٿي ڇوي ٿو“:

”ڪاش!
تو سان اڳ ملي چُڪو هجان ها،
تون منهنجي ٿي چُڪي هجين ها،
نہ نہ ڪاش ڇا جي؟ اصل آهي بہ ائن!
آئون توسان واقعي ملي توکي ماڻي چُڪو آهيان...
تون تہ آهين اصل کان منهنجي...“

Gul Hayat Institute

”هڪ ئي ڪٽ تان چوٽ چڙهيل چوڏهينءَ جو چنڊ ڀَسيو آهي
ٻورايل رُتَ ۾ پَٽَ جي پينگهہ لُڏي آهي
تو مون سانوڻ رُت ۾ رُنو کِليو آهي.
هن ڪان اڳ بہ
لوڪ سڄي ۾ تنهنجو منهنجو نانءُ هليو آهي...
هن ڪان اڳ بہ تنهنجي ڳل تي لُڙڪ ڏسي،
منهنجو هانءُ ڀِنو آهي.
هن ڪان اڳ بہ،
لاباري ۾ مون ڏي ڏسندي تنهنجو هٿ وڍيو آهي.“

نظم ”رشتي“ ۾ بہ تصور جي ڪارروائيءَ جو تصور ڏسڻ وٽان آهي.

### رشتو

مون بہ توسان لائون لڌيون آهن،
جاڳ ۾ نہ سهي،
خواب ۾ سهي.
مون بہ تہ تنهنجو مينديءَ رتو هٿ چُميو آهي،
چپن سان نہ سهي،
نظر سان ئي سهي.

محبت جي خالص سرشاريءَ ۽ بي نياز سرمستيءَ جي شاعري داستانن ۾ جلوا ڏيکاريندي آهي تہ نظمن جي ننڍڙن ٽُڪرن مان بہ ڇلڪنديءَ ڀڪنديءَ نظر ايندي آهي:

ايترو ئي ڪوڙ آهي،
اڄ رُڳو ايترو ئي ڪوڙ آهي،
تہ سڄڻ جوڙ ۽ سجوڙ آهي،
چوڏهين چنڊ چوٽ تي آهي،
۽ سندس ڪنڌ جوٽ تي آهي.

### هوءَ چوي ٿي

هوءَ چي ٿي تہ ٿا چون ماڻهو
”آءٌ هن تي مرڻ لڳو آهيان.“
آءٌ مُرڪي چوانس ٿو ”پياري:
سچ پچين تہ ڪوڙ ٿا بڪن ماڻهو
آءٌ توتي مرڻ لڳو ناهيان،
آءٌ توتي جيئڻ لڳو آهيان!“

Gul Hayat Institute

وصل ۽ وڇوڙي جي ازلي ابدي ڪيفيتن ڪي امداد جيڪي پنهنجا انوکا ۽ هڪبئي جي بنهه اُبتڙ انداز جا رنگ ڏنا آهن، سي سندس چئن بي مثال ۽ خوبصورت نظمن جي ٻن جوڙن ۾ ڏسڻ وٽان آهن.

انهن نظمن جي هڪڙي جوڙي ۾ ملڻ ۽ وڇڙڻ جي سرحدن ڪي مٽائي ۽ پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏيو اٿس:

**ملڻ، وڇڙڻ، ملڻ**

**ملياسين، وڇڙياسين،**
**وڇڙياسين ۽ ملي وياسين.**
**ڪِلياسين ۽ رُناسين،**
**رَتُ رُناسين ۽ گلن وانگي ڪِلي پياسين.**
**ڪِلياسين ٻار وانگي،**
**۽ رُناسين وڏڙي وانگي.**
**ملڻ، وڇڙڻ، ملڻ پنهنجو لڳو رهندو،**
**رُئڻ پنهنجو لڳو رهندو،**
**ڪِلڻ پنهنجو لڳو رهندو،**
**ڀلا وڇڙڻ ٻِنا آهي ملڻ ڪهڙو؟**
**رُئڻ ري آ ڪلڻ ڪهڙو!**
**ملنداسين**
**ڪڏهن نہ ڪڏهن،**
**ڪٿي نہ ڪٿي،**
**ملنداسين ـ ملنداسين**
**مُکڙين وانگي،**
**گُل ٿيڻ لئہ،**
**ڪِلنداسين ـ ڪِلنداسين**
**رستي تي يا ڪنهن محفل ۾، آمهون سامهون ٿي ويندا سين،**
**هڪڙي لمحي لاءِ سهي پر مرندي مرندي جي ويندا سين.**
**ڪڏهن نہ ڪڏهن،**
**ڪٿي نہ ڪٿي،**
**ملنداسين ـ ملنداسين.**
**مُکڙين وانگي،**
**گُل ٿيڻ لئہ،**

Gul Hayat Institute

ڪِلنداسين - ڪِلنداسين.
چانڊوڪيءَ ۾ سنڌو تي يا، سمنڊ ڪناري سانجهيءَ ٽاڻي،
ڪينجهر تي يا منڇر تي پڪ، ڪارونجهر تي اڄ نہ سياٽي.

نظمن جي ٻئي، ٻنهہ اُبتڙ ڪيفيت واري جوڙي ۾ بقول تنوير جي ”گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ“ واري ٻنهہ اُبتڙ ڪيفيت آهي.

### هُن ٻِن

هوءَ سياٽي وڄي رهي آهي،
خوف تنهائي هاڻي ڪان ئي آهي،
ٻہ سيان رات ٺيڪ هن ئي پل،
آءُ ڇا ڪري رهيو هوندس،
شعر شايد لکي رهيو هوندس،
ساڻ سگريٽ پي رهيو هوندس!

### جيئڻ نہ مرڻ

... تنهائيءَ جو زهر پيئڻ،
پين چپ تي رکي ڇڏڻ،
وار ڪلهن تي کولي ڇڏڻ،
اچي پاسي منجهہ وهڻ،
گوڏو گوڏي ساڻ گڏڻ،
اڄ ناهي، ڪلهہ تہ هو سڄڻ
تنهنجو منهنجو اهڙو ملڻ!
مُرڪي سرڪ سرڪ سُرڪڻ،
سُرڪي مرڪ مرڪ مُرڪڻ.
مَرڪڻ مُرڪڻ، مُرڪڻ مَرڪڻ،
ٻہ پوءِ ڪنڌ ڪلهي تي لاڙڻ،
ٻہ ڪن ۾ اهڙي ڳالهہ چوڻ
جهڙي ماڪيءَ لار ڳرڻ
اڄ ناهي، ڪلهہ تہ هو سڄڻ
تنهنجو منهنجو اهڙو ملڻ!

ڏاهن چيو آهي تہ محبت اها جيڪا ٻن مان وڌي سموري انسان ذات کي پاڪر ۾ پري ڇڏي.

ٻن جڻن، ڪيت ۽ مارئيءَ جي پاڻ ۾ محبت جيڪڏهن ڦهلجي وسيع ۽ اٿاهه بڻجي، آسمان سان لڳي سمورن مارن جي ۽ سڄي ملڪ ملير جي، سموري انسان ذات جي محبت ۽ انهن جي زندگيءَ جي محرومين جو درد نٿا بڻجن. محبت نٿي بڻجي، جيڪڏهن عمر جي ڪوٽ سان نفرت سمورن مليرن جي سمورن دؤرن جي وَيرِين سان نفرت ۽ انهن خلاف ازلي ابدي ويڙهه نٿا بڻجن ته پوءِ چئبو ته ان محبت، ان درد ۽ ان نفرت ۾ اجا گهڻو گهڻو ڪجهه گهرجي.

هر ٻئي سچي انقلابي عوام دوست فنڪار وانگر امداد جي محبت سندس دل جو درد ۽ سندس نفرت اٿاهه ۽ اڻ ڪُٺ آهن ۽ سندن گَڏِين سدا ملوڪ رنگ ۽ رُوپ آهن.

**بنڌي**

هـــيءُ جســـتي وٿـــو ڦـــري توڪـــان،
آرزوءَ جـــا نـــوان گـــلاب ڏئـــي،
جـــي ڪـــڏهن ڪونـــه ٿـــي سـگهن پـورا.
تنهنجـي اکـڙين ڪـي اهـڙا خـواب ڏئـي
دل چئـــي ٿـــي مـــاٺ مـــاٺ ڪـــري
تنهنجـــي هـــٿ ۾ ٿلهـــا ڪتـــاب ڏئـــي
تـــوکي ڪـــاليج مـــوڪلي ڇـــڏيان!

**لڙڪ ستارو**

مڙس هن جو جيل ۾ هو
خون جي الزام ۾
پُٽُ هو روپوش، ڏيءَ
ٿي چُڪي ڪاري ڪڏهوڪي
بي خطا ۽ بي گناهه
مڙس پنهنجي جي هٿان...
سُور سير انديءَ ڪري
پُور پير انديءَ ڪري
هوءَ تڏي تي جٺن سُتي
اک وجي هن جي ستاري تي کُتي
سارن ستارن کان هيو روشن اهو

Gul Hayat Institute

پل پل تارو اهو
ڪيس پنهنجي ڏيءَ جي ڇهري جيان پيارو لڳو
۽ لهي آيو اکين ۾!

سَوين صدين کان هر دؤر جي فن ۽ ادب تي پنهنجي وقت ۽ دؤر جون اندروني ۽ بيروني پابنديون ۽ حدبنديون مڙهيل آهن. ان ڪري اهي نِبار سچ ڳالهائي نه ٿي سگهيا، ويهين صدي انهن مان گهڻن زنجيرن کي ٽوڙي ڇڏيو آهي، ۽ انسان دوستي ۽ انسان دشمنن جون گڏ وچڙ صفون الڳ الڳ ڪري ڇڏيون آهن. اڄ جو انقلابي عوامي فن ۽ ادب به پنهنجي ذات جي درد جو زبردست اظهار ۽ انهن خلاف ويڙهه جو سِٽَ ۽ للڪار بڻجي سگهي ٿو. امداد جي شاعري اڄوڪي دؤر جي عوام جي جمهوري جدوجهد جي ترجمان ۽ علمبردار آهي.

**ٻنڌڻ**

جيڪڏهن آهه بس اهو ئي ٻنڌڻ
سنڌ جي لاءِ مرڻ
سنڌ جي لاءِ جيئڻ
ٻيا ته سمورا ٻنڌڻ
مون ڪڏهن ڪونه قبوليا آهن
سڀ فرمان ٺُنئي تي چاڙهي
مون وڏي واڪ سڀئي حڪم عدوليا آهن!

**مرڻي ناهي سنڌ**

Gul Hayat Institute

ســـــوچون اُڌمـــــا اون،
ڳهريـــــل هـــــي جـــــي ڳـــــوٺڙا،
جاڳنـــــدا بـــــــ يـــــا ڪونـــــــا!

**ڪيترو سفاڪ آهين**

ڪيترو سفاڪ آهين،
ڪيترو چالاڪ آهين.
هن مرڻ،
جيئڻ،

مرڻ کي زندگي ٿو چئين!
هيءَ جا
بندوق جي ناليءَ جيان،
اونده سان آهي ڏٽيل.
بارود جي بوءِ سان ڀريل،
تنگ
لاشن سان سٿيل آهي.
انهيءَ کي،
منهنجي گهر واري ڳلي ٿو چئين!
گهر ڦُرڻ،
ساڙڻ،
اُجاڙڻ،
ريپ
رتوڇاڻ کي تون امن ٿو چئين!
آشتي ٿو چئين!

### لفظ نہ آهن کيڏوڻا

لفظ نہ آهن کيڏوڻا،
جن سان ويٺو کيڏين راند.
لفظ تہ آهن تيز کهاڙا،
جن سان وٺبو آهہ پلاند.
انهن بي ڏوهہ شهيدن جو،
جن جو ڏوهہ هيو بي ڏوهي.
جن کي لاکپ ۾ جيلن ۾،
پهرين ماري پوءِ ڪُٺو ويو!

### حيدرآباد

گهٽين ۾ لاش گهوٽن جا پيا ها حيدرآباد!
اُجهاٽيل ها، جي ڏيهن جا ڏِيا ها حيدرآباد!
اهي تنهنجي مٿان صدقي ٿيا ها حيدرآباد!
تہ ڏهن توکي بہ ڪجهہ آيو تہ هو ياد!



Gul Hayat Institute

اسان جي مائرن ۽ ڀينرن جا ڪپل ها حيدرآباد!
ٻرل، چاقن، چڪن جا گهاوَ چاتين ها حيدرآباد!
۽ وطن جا ٻارڙا معصوم، نيزن تي جهپيل ها حيدرآباد!
تڏهن توکي به ڪجهه آيو ته هو ياد!

پنهنجون صفون توڙي پڇي ويلن، منافقن ۽ دهمان بازن جون ڏگريون لاهڻ سچي عوام دوست فن ۽ ادب جو ازلي فرض ۽ حق پئي رهيو آهي.
اسان وٽ هڪڙن پاڻ کي عظيم ماڻهن جا روحاني فرزند ۽ سنڌ جا سپوت مُفڪر اعظم سڏائي ڪونڊر پئي گُهايا، ۽ ٻيا نلها تماشائي بڻيا ويٺا هئا. ٻين وري ماڻهن کي ائين چئي سندن حوصلا پست پئي ڪيا ته هر ڪوشش اجائي آهي. ڪي به نه ورندو سرندو. انهن ٻنهي ڌرين کي امداد ننگو ڪيو آهي.

هي نظرئي ضرورت،
جا پوئلڳ منافق،
هٿ ٺوڪيا مفڪر،
هر دوُر جا چنيسر،
ايجنٽ دشمنن جا،
غدار هي وطن جا،
اهڙا عظيم پيءُ جا،
پٽ ڪيئن تي سگهن ٿا!

تو ته چيو هو
”مون جو پوکيو آ مٽيءَ ۾، ٻج نڪرندو ڪونه،
ٻاڪ به ٻَڪندي، لاڪ نه لڳندي، نُور نِسرندو ڪونه،“
تو ته چيو هو ”ڏينهن نه ٿيندو، سج اُڀرندو ڪونه!“
”ٻُلجي سُلجي آکيري ڏي، پنڇي ورندو ڪونه،
ماچس منهنجي مُٺ ۾ آهي، ٻارڻ ٻرندو ڪونه،“
تو ته چيو هو ”پهڻ نه ٻُڏندو، ڪَکُ به ترندو ڪونه!“
”مارگ تي بارودي سُرنگون، ماڳ به رسندو ڪونه،
چٽي چلهي چيپاٽي ويندو، ڦيٿو گسندو ڪونه،“
تو ته چيو هو ”هاڻي ڪوئي بادل وسندو ڪونه!“
تو ته چيو هو...
تو ته چيو هو...

Gul Hayat Institute

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ماڻهُو لاءِ خاص ڪري عظيم قومي جدوجهد جي ميدان جي ماڻهن لاءِ محبوب جي بي وفائيءَ ڪان ساٿين جي بي وفائي وڏو حادثو هوندي آهي. امداد سان بہ اهو حادثو ٿيو آهي ۽ هن پنهنجي اندر جي خون سان ان جو منظر چِٽيو آهي.

**ڇام شوري جون هوائون!**

يار جيڪي ها هيين جون ٺوٺيون،
ڏينهن جو سِرَ تي ڇمر جي ڇانوَ ها،
رات جو مڌ جي پيالي منجهہ تڙڳيا چنڊ جان.
پن جي پيڙي بہ هڪ هڪ ڦوڪ او پيئندا هئا،
هي هڪ ٻئي لاءِ او مرندا هئا جيئندا هئا.
هڪ پيالي مان بہ هڪ هڪ سُرڪ سرڪيندا هئا،
پور مانيءَ مان بہ هڪ هڪ چڪ اوڪيندا هئا.
سڏ سارڻ سڏ ڏيندا هئا،
هڪڙو نہ ڪيئي نانوَ ها.
روبرو پَرپُٺ حوالي طور جيڪي فخر سان ڪٽبا هئا،
تسبيہ جي داڻن جيان ڳٽبا هئا.
ننگ مولا تي رکي،
ٻول تن جا ٻڌا،
جيڪي ڪيائون واعدا،
”سنڌ جي لئہ هٿن ڪنداسن.
سنڌ لئہ هونئن ڪنداسون،
سو نشي ۾ چڙ تہ او وقليا هئا،
ٻول سي ۽ قول سي،
سگريٽ جي دونهين جيان وِڪري ويا!“

**ڇڏي ڏي انهن کي**

انهن کي نہ ڇوءِ
اهي ڪجهہ نہ ڳُڇندا،
نہ لُڇندا نہ پُڇندا،
اهي زخم تي ڪو ڦهو ڪو نہ رکندا.



Gul Hayat Institute

انهن مان رُڳو،
مٿو مُڇ ٽيندو،
چڏي ڏي،
انهن کي.
ڏسين ڪونہ ٿو ڇا،
انهن کي.
انهن تي پکين جون وِٺيون!
اهي بس،
ائين ئي،
اتي ئي کُتل،
نہ ڪو جاڳندا،
نہ ڪوئي سُتل،
اهي بس اتي،
جتي جو تتي،
چڏي ڏي،
انهن کي،
اتي ئي ڇڏي ڏي!

شاعر رسول حمزه توف اديبن ۽ شاعرن کي پنهنجي قوم جي (قومي غيرت سعو جي باھہ) جا محافظ سڏيو آهي. سهڻي لطيف چيو آهي:

اندر جنين باھہ سڌ سيڪا تن کي.

Gul Hayat Institute

لسان الغيب حافظ شيرازيءَ چيو آهي:

ازان بـــديـر مغـــانـم عزيـــز مـــي دارد.
کــ آتشـ کــ نـــ ميــرد هميشـ در دل ماســت.

(آتش پرستن جو سردار ان لاءِ مون کي پيائي ٿو جو منهنجي دل ۾ سدائين هڪڙي اهڙي باھہ برندڙ آهي، جيڪا ڪڏهن نہ ٿي وسامي.)
امداد جي دل ۾ بہ سپاٽي جي سوچ جي يقين جي آگ سدائين روشن آهي.

آءُ اُجهــــامڙ جاٽــــان ڪونـــــ،
ســـارو ڏيهـــ ڏِيـــاري آهـــي،

منهنجي رات انڌاري آهي،
ڏينهن ٿيڻ جي دير آهي.
ڏيهه ڏِيا ته اُجهامي ويندا،
پنهنجي وٽ ۾ ڪامي ويندا،
ڏينهن جو ڏاتار جڏهن
سُورج اُڀ تان اُڀري ڏسندو،
آءُ اُجهامڻ چاهيان ڪونه،
وٽ وانگي ڪامڻ چاهيان ڪونه.

## اُماس ڪانپوءِ

اُماس آهي ته پوءِ ڇا هي،
اُماس ڪانپوءِ صبح آهي.
انهن انڌيرن پُٺيان سويرا،
ڪنهن واچن پرهه جا ته پيرا،
سڀن هٿن ۾ ڪتاب هوندا،
تمام چهرا گلاب هوندا،
سڀاڻ آساپيان جنين جي،
اهي اکين منجهه خواب هوندا.

Gul Hayat Institute

## باک جي ساک

ساک سان ٿو چوان باک ڦُٽندي ضرور،
رات ڪُٽندي ضرور.
ختم ٿيندو اوس ڏک ۽ ڏوجهرو،
سنڌ جي سينڌ مان صبح جو سوجهرو،
سا بہ ٿي پئي ڪٽي آهہ ڦٽيو ضرور.
آ پٿون پير جو پنڌ ڪُٽو ضرور.
رات ڪُٽندي ضرور.

ساک سان ٿو چوان باک ڦُٽندي ضرور.
روشنيءَ جي اُجهايو متان پياس کي،
اکڙين جي وسايو متان آس کي.
دوستو،
ساٿيو،
پائرو پينرو
پڪ پرهہ جا پکي لات لنوندا ضرور،
سوجهري کي پليڪار چوندا ضرور.
رات کُٽندي ضرور،
ساک سان ٿو چوان باک ڦُٽندي ضرور.

Gul Hayat Institute

# پشو پاشا جو جائزو

سائين، ”مهراڻ“ جي هلندڙ سال جي پهرينءَ اشاعت ۾ شايع ٿيل جمال ابڙي جي افساني ”پشو پاشا“ پڙهڻ جو موقعو مون کي ڇپجڻ کان اڳ لاڙڪاڻي ۾ مسودي جي صورت ۾ نصيب ٿيو هو ۽ افساني جو بيباڪ روح، انوکو ۽ دل لُڀائيندڙ عبارت ۽ ٻولي بيحد پسند آيا هئم. ساڳيءَ اشاعت ۾ جمال ۽ اوهان جا دلچسپ خط بہ شايع ٿيا هئا، انهيءَ ڪري ايندڙ اشاعت جو منتظر هئس تہ من دوست افساني يا خطن تي تبصرو ڪن، پر ڏٺم تہ ڪنهن بہ ايڏانهن پورو توجهہ ڪونہ ڏنو. آءٌ شايد جمال جي فن جي پهرين پرستارن مان آهيان ۽ شايد آءٌ ئي پهريون پڙهندڙ هئس، جنهن سندس پهرئين افساني کي پڙهي، هن اڳتي هلي مشهور ٿيندڙ سنڌي افساني نگار کي خط لکي خراج تحسين ڏنو هو. ان بعد هن صاحب، منهنجي درخواست تي، مون کي پنهنجا بهترين افسانا ”پيراڻي“، ”خميسي جو ڪوٽ“ ۽ ”صداقت“ پڙهڻ لاءِ عنايت ڪيا. مون کي ٻن سنڌي فنڪارن جي فن تي تفصيلي طور لکڻ جي زبردست تمنا رهندي آهي ـ اياز ۽ جمال. مون کي آرزو آهي تہ ڪنهن ڏينهن پنهنجي وطن وارن کي سندن گودڙيءَ ۾ هنن لالن جي صحيح قدر ۽ قيمت ڪٿي ٻُڌائي سگهان ـ خير، اڄ ڪيترن ڏينهن بعد جمال جي هڪ تخليق تي ڪجهہ چوڻ جو موقعو مليو آهي، ستم هيءُ آهي، جو سوچيان وينو تہ هن دفعي جيڪي مون کي لکڻو پوي ٿو، سو ڪو ٻيو لکي ها تہ چڱو!

”پشو پاشا“ جو مقصد هڪ اهڙو مثالي ڪردار پيش ڪرڻ آهي، جو نہ فقط اسان منجهان ۽ اسان جو هجي، پر ساڳئي وقت اسان جي اڳواڻي ۽ رهبري بہ ڪري، اسان کي موجوده پستيءَ ۽ ذلت جي حالت مان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ ان جي آسن ۽ اُميدن کي حقيقت ۾ بدلائي ڏيکاري. ان جو مقصد، سماج جي غيرانساني ماحول ڏانهن اشارو ڪرڻ جي بدران، ان کي عمل ۽ جدوجهد جي وسيلي بدلائڻ ۽

Gul Hayat Institute

ختم ڪرڻ جي راهه ڏيکارڻ آهي. ”پشو پاشا“ عوام جي ڪامياب ڪهاڻي آهي. اڇو تہ ڏسون تہ ”پشو پاشا“ جو هيرو ڪهڙين مثالي وصفن جو مالڪ آهي ۽ هو ڪهڙن وسيلن سان پنهنجي مقصد کي پهچي ٿو. اڇو تہ ڏسون تہ افساني ۾ اسان کي ڪهڙي قسم جي عملي جدوجهد جي دعوت ڏنل آهي.

”’پشو‘, قدرت جي اڻ-گهڙيل تخليق هو... ڏسندي ڏسندي جوان ٿي ويو. تہ بہ جهڙو ٻار! ڪنهن کي چڪ, ڪنهن کي رهڙ- پيو اُڇلون ڏيندو ۽ چلڪندو! رحمدل بہ هڪڙو ئي هو.“ ويندي توڙي تائين, سندس ڪردار ۾ اها جذباتي چلولائي ۽ هلڪائي نظر اچي ٿي. سندس سياسي فهم ۽ تدبر جو ثبوت سندس لنبين ناٽڪي تقريرن کان سواءِ ٻيو ڪونہ ٿو ملي. سندس موجوده دؤر جي حقيقتن جي ڄاڻ جو عالم اهو آهي, جو نہ پڇا نہ ڳاڇا, سڌو وڃي هڪ اڻ-ڏٺل وائٺل سيٺ کان قرض گهريو اٿس ۽ هن جي نہ ڏيڻ تي مچرجي پيو آهي, ۽ بنا پئسن جي وڪيل ٻَڌڻ ويو آهي! سياسي تنظيم جو ذڪر ئي فضول آهي.

سندس انقلابي بڻجڻ جو سبب بہ دلچسپ آهي. ڳوٺ جي وڏيري کي سندس چلولايون پسند نٿي آيون, باقي جو ڪيس پنهنجي ڌيءَ سان عشق ڪندو ڏٺائين, سو ڪاوڙجي پيو. تنهن تي اٽڪٽ پيدا ٿي پيئي ۽ وڏيري هن کي چڙي, وٺي ٻين اوڙي پاڙي جي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيا. تنهن تي سمورن ماڻهن پشوءَ سان ملي جدوجهد ڪئي ۽ نيٺ فتح پاتائون- يعني وڏيرو پنهنجي ڌيءَ سان عشق ڪرڻ جي اجازت ڏي ها, تہ انقلاب جي نوبت نہ اچي ها.

بهرحال, فقط وڏيري جي ختم ٿيڻ جي دير هئي, اڪ-چنپ ۾ خوشين ۽ راحتن جي بارش ٿي ويئي. سواءِ نئين قسم جي تنظيمن جي, سواءِ رنڊڪن ۽ تڪليفن جي, سواءِ غلطين ۽ ناڪامين جي, جڻ ڪنهن قسم اعظم جي ڦيٽي سان راتو واهہ صدين جون لعنتون, قديم عادتون, رسم و رواج جون پيڙهيون ۽ اقتصادي پستيون الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويون.

مطلب تہ ”پشو پاشا“ مان پڙهندڙن تي اهو تاثر ٿو ويهي تہ ملڪ جي نظام بدلائڻ لاءِ صرف هڪ ڇيڳري, جهنگلي, الڙ ۽ ضدي پهلوان جي ضرورت آهي, جو ڪنهن من-موهڻيءَ نازنين جي عشق ۾ نوڪر ڪائي, بغاوت تي آماده ٿي وڃي ۽ پوءِ زوردار تقريرن سان قوم کي ميدانِ جنگ ۾ آڻي بيهاري! سياسي تنظيم, اقتصادي ۽ سياسي نظرين ۽ تحريڪن جي پڪيڙڻ ۾ پوڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.

ظاهر آهي تہ هن قسم جي ماڻهُوءَ کي پنج سئو سال اڳ ڪيڏي بہ عزت سان ڇو نہ ڏٺو وڃي ها, پر ڪم از ڪم اڄوڪي دؤر جي پيچدار مسئلن ۽ تاريخي مقصدن لاءِ هيءُ ماڻهُو ڪنهن بہ صورت ۾ هڪ فلم ائڪٽر کان وڌيڪ ڪارآمد



Gul Hayat Institute

ٿي نٿو سگهي. درحقيقت اڄوڪي دؤر کي ھھڙن 'ممتاز دمساز'، 'جانعالمن' ۽ 'حاتم طائين' جي نہ پر آزمايل سائنسي ۽ اقتصادي نظرين سان هٿيار-بند جاندار تحريڪن ۽ زندگيءَ جي ڪوري ۾ تپي ڪُندن ٿيل دانشور ۽ داناءُ مجاهد رهنمائن جي ضرورت آهي، جي تاريخ جي نبض کي سڃاڻندا هجن ۽ ان جي هر هيناهينءَ مٿاهينءَ کان واقف هجن. مطلب تہ "پشو پاشا" ۾، موجوده دؤر جي حقيقتن ۽ پيچدار تقاضائن کان ڀڄي، خيال پرستيءَ ۽ افراد پرستيءَ جي قديم غارن ۾ پناھ ورتل آهي.

افساني جي عبارت ۽ ٻولي نهايت حَسين ۽ لطف ڀري آهي ۽ واقعات نگاري بيحد چُڀندڙ آهي.

مجموعي طور، افسانو هڪ دليريءَ واري ڪوشش آهي، جا ناڪام ثابت ٿيڻ جي باوجود يقيناً نين ۽ اڳي کان وڏيڪ ڪامياٻين جو بہ پيش خيمو ثابت ٿيندي.

"پشو پاشا" هڪ خاص ادبي ۽ ذهني لاڙي جي چغلي هڻي ٿو جنهن لاءِ ڪو نالو بہ رکيو اٿن، پر متان "ڪٿر ملپٽي" جي الزام هيٺ اچان. تنهن ڪري رڳو ان جي حقيقت ۽ جنهن پس منظر جي اهو پيدائش آهي، تنهن بابت بہ اکر لکڻ تي صبر ڪريان ٿو.

وچولي جاگيرداريءَ جي زماني ۾ جڏهن عام انسان سلطانن، خليفن، بادشاهن ۽ شهنشاهن جا ٽَڪن ورتل ٻانها لکيا ويندا هئا ۽ سندن بهتر ندگيءَ جي خوابن جي سچي ٿيڻ جي ڪا صورت ڪانہ هئي، تڏهن ادب پنهنجي اُميدن ۽ آرزوئن جو اظهار ڪرڻ لاءِ، "حاتم طائي" ۽ "امير حمزي" جهڙن ڪردارن وسيلي، "بوقلمون" جهڙن جادوگرن جي جادوءَ جي ڪوٽن کي ڪرائي، سج چنڊ کي شرمائيندڙ مجبور محبوبائن کي آزاد ڪرائي، جذباتي تسڪين حاصل ڪندا هئا. ان بعد، جِنن ۽ پَرين کي ڇڏي مٿئين طبقي جي اميرزادن ۽ اميرزادين جي عشق جي داستانن لکڻ جو رواج پيو. اهڙيءَ طرح اديب پنهنجي روزمره جي زندگيءَ کان ڀڄي، خيالن جي ڪاڪ اَڏيندا رهيا.

17هين صديءَ جي آخر ڌاري، نيٺ اديبن پنهنجي ماحول تي نظر ڊوڙائي، ان مان پنهنجا موضوع وٺڻ شروع ڪيا- تان جو انگلينڊ ۾ چارلس ڊڪنس، فرانس ۾ ايمل زولا، ناروي ۾ ڊسن، جرمنيءَ ۾ ٿامس مئن، روس ۾ ترگنيف ۽ چيخوف، وغيره جهڙن اديبن عوام جي زندگيءَ کي حقيقت پسنديءَ مان فن جي قالب ۾ آڻڻ جي هنر کي معراج تي پهچايو.

ادب جو نئون دؤر انقلابي حقيقت نگاريءَ سان شروع ٿيو، جنهن نہ رڳو ماحول جي ڀيانڪ پهلوئن کي پيش ڪيو پر ان جي روشن امڪانن کي پڻ اُجاريو ۽



Gul Hayat Institute

ڏيکاريو تہ انسانيت ڪيئن گندين نالين، ڪراهت جهڙين واٽن، خطرناڪ پيچرن ۽ اٽانگين لاهين چاڙهين مان لنگهندي، ٿڙندي ٿاٻڙندي، ڪڏهن منهن ڀر ڪڏهن پيرن ڀر، ڪڏهن ٽِڪي تہ ڪڏهن ڊِري، اٽتر يقين سان، روشن مستقبل ڏانهن وڌي رهي آهي.

جيئن تہ هن دُنيا جي اديبن کي زندگيءَ تي مڪمل ڀروسو آهي. تنهن ڪري هنن ان جي اونداهين گهٽين ۽ تهخانن توڙي روشن شاهراهن کي بي خطر پيش ڪيو. انهيءَ ۾ کين سندن اٽل ڀروسي سان گڏ سندن حياتيءَ جي حيرت انگيز ۽ ڳوڙهيءَ ڄاڻ بہ زبردست مدد ڏني.

جڏهن اڌ-پڪن ۽ تجربو ڪندڙ قلمن انقلابي حقيقت نگاريءَ جي پيرويءَ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن زندگيءَ جي کِهري پروڙ جي گوشت يا فن جا سٽپ جي گهٽتائيءَ ڪري، سندن تخليقات جو ڪاٺو يا تہ پٽڙي مني رب ٿي پئي يا وري مرچن جو ڪاڙهو! رڳو اُميد جي مناڻ يا غم جي مصالحي تي ياڙيندڙ اديب، اهڙيءَ طرح، پنهجي تجربي ۾ بُريءَ طرح ناڪام ٿي ويا يا "نظرين" تي ڪاوڙ چندڻ يا پڙهندڙن جي رجعت-پسنديءَ جو ماتم ڪرڻ لڳا.

اسان جي سنڌ جا اڪثر اديب وچولي طبقي جا ملازم آهن، جن کي عام زندگيءَ جي سچين پچين، ڪڙين توڙي مِنين حقيقتن جي خير ڪا خبر آهي. هنن جي ڄاڻ جو دارومدار گهڻو ڪري ڪتابن ۾ پڙهيل ادبي "فارمولائن" تي آهي، جيڪي مڪاني حالتن سان هرو ڀرو نهڪي نٿيون اچن. اسان جا دوست، لائبررين جي زور تي، "هاورڊ فاسٽ" ۽ "گورڪي" ٿيڻ جي ڪوشش مان آخر ڪڪ ٿي، زندگيءَ ڏانهن مُڙيا: مگر هتي جي زندگيءَ ۾ ڪامياب انقلاب ۽ بيداريءَ جا چين ۽ يورپ جهڙا نمونا نہ ڏسي، هنن ڪاوڙ مان سنڌ جي حقيقي "هيروئن" کي ڏيهہ نيڪالي ڏيئي، پنهنجا خيالي هيرو بڻائڻ شروع ڪيا آهن. وچولو طبقو جو هميشہ مٿئين ۽ هيٺئين طبقن جي وچ ۾ ٽنگيل رهندو آهي، سو تہ هوئڻ بہ اڪثر انتها پسند ٿيندو آهي.

ظاهر آهي تہ اسان جي خاص تاريخي حالتن سبب، اسان جو هيرو هن دؤر ۾ مڪمل ۽ چٽيءَ طرح ڪامياب ٿي سگهي ئي نٿو. چو تہ جڏهن عوام ئي فاتح ڪونهي، تڏهن ان جا نمائندا ڪيئن فاتح ٿيندا! پر اُن جو مطلب اهو ڪونهي تہ اسان جو هيرو اخلاقي طور بہ ڪامياب نہ ٿئي، هر هنڌ شڪست کائي، هر منزل تي ٺوڪر کائي، يا اڳتي قدم اصل نہ وڌائي يا ٻئي پاسي مردار طاقتون وقار نہ وڃائين ۽ ناڪام نہ ٿين. پر شرط هيءُ آهي تہ انهن کي پيش ڪندي، ترت- ڪاميابيءَ جي حرص ۾ حقيقتن جي زمين تان پير نہ ڪٽي ڇڏجي.

(مهراڻ – 1956ع)



Gul Hayat Institute

# سوچن جي ڊائري

پرديسيئڙا!
من آڳر تي سار، پکيئڙا،
ٻوليون ٽا ٻولين....
هاءِ! نيڻ، املهہ موتيئڙا،
رويو ٽا رولين....
منهنجون سڀ ساهيڙيون، اهڙيون جهڙيون وريا ٽيون!
هر هر منهنجي سامهون، تنهنجون ڳُنُ ۾ ڳن ڳالهيون!
يادن هڙ جي، او جانيئڙا!
ڳنڍيون پيون کولين.
مون کي منهنجون جيڏيون سرتيون مهڻن سان مارين
آٽت عيوض، هاءِ الاڙي! ساڙوليون ساڙين!
موتي آءُ، سڄڻ ساٿيئڙا!
ڇوريون ڇاڇولين،
پرديسيئڙا!
من، آڳر تي سار، پکيئڙا،
ٻوليون ٽا ٻولين.
(آسي زميني)

جـــذبا رنـــگ رتـــول!
رات ٻـــــ منهنجـــــا ڍول!
توڏي اُڏري آئيا.

Gul Hayat Institute

چوري تنهنجي شهر جا،
ڳيئِي چورا رول!
توڏي اُڏري آئيا.
بيکَ ڪپي ٿي سُونهن جي
اَکڙين جا ڪشڪول!
توڏي اُڏري آئيا.
شاعر جا احساس ٿي،
پرندڙ پرندڙ پول،
توڏي اُڏري آئيا.
توکي ماڻيان، آس آ،
جهليل منهنجا جهول!
توڏي اُڏري آئيا.
(معشوق ڏاريجو)

تو سوا سانورا، ننڊ آهي قتل،
رات پوئين پهر، مون لکيو آ غزل.
ياد ايندي رهي، لُڙڪ وهندا رهيا،
صبح ٿائين هئا، نيڻ منهنجا پِنل.
(خليل عارف سومرو)

مان وچان توپيو، مون کي ڇڏ شاعري،
مون کي پڙهڻو بہ آهي.

Gul Hayat Institute

لفظن جون حُرمتون، آئون ڄاڻان ٿو پر،
زندگي آ ڳري، مون کي پڙهڻو بہ آ.

پنهنجا ڪاڪُلَ جي تو مون لاءِ چوڙي ڇڏيا،
مان وچان پوپري! مون کي پڙهڻو بہ آ.

پيار ۾ دل لڳي، پوءِ بہ ٿيندا پيا،
او ڇَري ڇوڪري، مون کي پڙهڻو بہ آ.
(علي اظهار)

سُـنـدر سُـنـدر جيڪـي سـپـنا،
ڪالهـ ڏنـا هـئـا، تـوءِ مـون.

سمنڊ ڪناري واريءَ جا ڪي،
گهـر اَڏيـا هـئـا، تـوءِ مـون.

ياد اٿيئي ڪي شـاهـ جا دوها،
گـڏ پڙهيـا هـئـا تـوءِ مـون،

سـي ويـا ”امـر“ اڌورا رهجـي،
گيـت لکيـا هـئـا، تـوءِ مـون.

(”امر“ سومرو)

منهنجي اڳيان حيدرآباد جو ”صبح ٿيندو“ پبليڪيشن رکيو آهي. شعرن جي حصي ۾ مٿيان شعر ٽِڪ مارڪ ٿيا پيا آهن ۽ انهن کي وري پڙهيو اٿم.

ڪهاڻين جي حصي ۾ ٻه ننڍڙيون ڪهاڻيون وڻيون اٿم. يوسف سنڌيءَ جي ڪهاڻي ”مارڪو“ ۾ ”سانئڻ“ ۽ سندس ڪم واري ”خطو“ جي ڳالهه خور جوڙي ”حليما جي چوري ڦاپان“ جي ”داخترياڻي“ ٿيڻ تي ڏاڍي پريشان آهي. ”ائي خطل!.... تون ٻه گهرن جا گيس مارا ڪري، اچي اچن ۾ پيئي آهين... منهنجو پيرُ ته هُئين قبر ۾ آهي.... بس ڪاري قيام آئي بيو چا...“؟

”آئي سانئڻ! رُڳو پئي ڳُجهارتون ڏيندين يا ڪي ٻُڌائيندينءَ به....“

”ڏيجان! ٻُڌايان ته پئي.“

”ائي لتي! ڳالهه ڪه مشڪري! حليمان جي اها چوري ڦاپان! جيڪا داخترياڻي ڪ الائجي مندِم ٿي آهي، سا سالگرا پئي ملهائي.... ڪالهه ماڻس آئي هئي مون کي ڪانڊ ڏيڻ.... آئي خطل! اهڙو ڪو ويل ڏٺئي!؟..... اجان ڪالهه اسان جا ٽُڪر ٽانبا ڪائي وڏي ٿي آهي، سالگرائون ملهائين ته اسان شاهن ۽ رئيسن جا پُٽ ۽ ڏيئرون... ڪه هيءَ چوڪ چنبي اچي ڪري آهي....“ ”تينجو ڪو اهڙو نڪرو نهي ٿو چا؟“ ائي! مون به حليمان جي اهڙي ڪر ڪنئي جو منهن ڦلڙو ڪري اُٿي رواني ٿي. سانئڻ يڪ ساهي چئي ويئي.

Gul Hayat Institute

”آئي سانئڻ! نياڳي ڇوريءَ جا ڪم ڏنا آهيني.... سڄو ڏينهن اڃو ڪفڻ پايو پئي اسپتال ۾ ماين کي تپاسي.... جيجل امان! ڪُتيءَ جو ڪنيم، سو تنهن ڏينهان ڇيلهه جي سور ڪنا هلاڪ ٿي جا وڃان اسپتال تہ ڇا رنگ ڏسان..... تيل قليل ڪري موئي ڊارين ڊاڪٽرن جي سامهون ويٺي آهي. مون کي جو ڏنائين تہ اتان اٿي اڇي در وٽ ڪيڪاري هٿ ڏنائين.... ۽ ”ماسي خطو! ماسي خطو!“ چئي خبرون ونڻ لڳي.... ائي آئون بہ زماني ۾ اُٿي ويٺي آهيان، سمجهي تہ ويس، ڪو ڪُنام ضرور آهي، پر سور ڪنا هيس هلاڪ، سو ٻنهي ٻانهن ۾ بہ ٻالا ٽنبائي موٽي آيس.... باقي سانئڻ.... آئون سينڌ جهلي ٿي ڏياني تہ اهو قصو اڄ ٻُڌين يا سيان.....!“

ڳوٺ ۾ سالگرهہ ٿئي ۽ سانئڻ جو نمائندو ”خطو“ پويان رهجي وڃي؟ ”۽ سانئڻ هئا بہ رنگ، ذات ذائفان هئي... اوڙي پاڙي واريون گهٽيون هيون.... ڊاڪٽرياڻين جو تہ سڄو ملڪ اڇي مڙيو هو... پهريون ڦاپان ڪاتيءَ سان ڪيڪ وڍيو.... ميڻ بتين کي ڦوڪون ڏيئي اُجهايائين... ۽ پوءِ ڇورين جي تاڙين جو ٺهڪو.... ڪيس ڳراٽڙي پائي انگريڇيءَ ۾الائجي ڪُڄاڙو ڇوڻ لڳيون... پوءِ ٽيپ تي پٽي چاڙهي، اڇي جو جهمريون وڌائون.... ائي امڙ! لنگهين کي بہ مٽي ڇڏيائيون...؟“

چوندا آهن تہ لٽ ڪٽجي پاءُ بدران، جواب ڏجي خدا ڪارڻ، جي هرڪو خدا ڪارڻ جواب ڏئي تہ پوءِ سچ ڪٿي ٿو لڪيو سگهي ۽ جڏهن سچ پڌرو ٿي پوي تڏهن وير وچ ڪٿي ٿا جناءَ ڪري سگهن؟

”چئون پي تہ شهر جي ڪا وڏي ڊاڪٽرياڻي بہ هئي.... هن ماين کي ڏسي ٿي لاٽو تہ ٻين وري ٻالا ٿي هنين..... دوائون بہ مفت ۾ پئي ڏنائون.... مون کي بہ آيو ريڇڪ سو سُري وڃي پير ورتي مانس.... بہ ٻالا هنيائين، ڪجهہ ٽڪيون ۽ هڪ شربت جي شيشي ڏنائين...“

”ائي ڪو فرق بہ ٿيو آني يا ائين ئي پئي زهر جون ٽڪيون ڦڪينءَ....“

”ڳالهہ ڪنديس الله لڳ... اڄ ٽيون ڏينهن آهيم... حرام ڪو سور سنيران....“

”هونهہ...!“

”امان جيجل منهنجي مجينءَ تہ تنهنجو سَنڌن جو سُور بہ انهيءَ تيل مالش سان ڪونہ لهندئي... هلي ڦاپان کي ڏيکار...“

”چئين سچ ٿي خطل...“

ٻي بامقصد خوبصورت ۽ پختي ننڍڙي ڪهاڻي آهي. گلشير لوڇيءَ جي ”مار“ ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار هڪڙو دلبر آهي. پنهنجن ڏکن ۽ اذيتن کي

Gul Hayat Institute

اهڙو گهَٽائي، معمولي ڳالهه بلڪ مزيدار ڳالهه ڪري ٿو پيش ڪري جو پڙهندڙ جي دل موهيو وجهي. پيو ڪو ولولائي، واويلائي ڊائلاگ باز ليڪ هجي ها ته همراهه جي مظلوميت کي اهڙو وٺي تيليءَ مان ٽنپ ٻڌائي، ڇتي ڪوريءَ واري ڏيگهه ڪري ها جو مرڪزي ڪردار لاءِ همدردي پيدا ڪرڻ بدران ان لانڊ واري قصي مان پڙهندڙ کي بيزار ڪري وجهي ها.

همراهه جو سڄي عمر جو مکيه ڪم بلڪ ڪارنامو ڄڻ ته مارون کائيندو رهڻ پئي رهيو آهي.

”خرچيءَ تي مار ملندي هئي، اسڪول ۾ استاد ماريندا هئا ۽ شام جو ڪنهن نه ڪنهن هاريءَ هٿان مار کائيندو هوس، ڇاڪاڻ ته ٻڪريون پڇي ڪنهن نه ڪنهن پوک ۾ وڃي پونديون هيون. انگريزيءَ جي پهرين سال ۾ داخل ٿيس ته رستي واري توتڙين، باجن، رانديڪن ۽ گُڏين واري دڪان تي جڏهن ’بس‘ کي هٿ تي هلائي ڏسي رهيو هوس، ته دڪان واري مار ڪڍي هئي. ائين مار ترقي ڪندي وڃي ’سچ پتري‘ تائين پهتي. ’سچ پترو‘ جنهن تي ’اڄ منهنجا بالما تنهنجو انتظار آ لکيل هو‘ منهنجي اُگهاڙي پٺي تي وسيا هئا ۽ ٻُت تي پنهنجا نشان ڇڏيا هئائين.“

هاڻ ته اڳي کان به وڌي مار کائڻ وارو آهي، پر ڳالهه ايئن پيو ڪري ڄڻ مار بس هن کي ايئن ئي کاڻي پئي ٿي، ڄڻ ته اها ڪا قدرتي ڇٽي آهي. جا ماٺ منيءَ ۾ پرڻ جي لاءِ هو تيار ٿي وينو هو. حالانڪ ڳالهه اهڙي معولي ڪانهي. انهيءَ مار جو خطرو هن جاٺي ٻُجهي سوچي سمجهي شعوري طرح ڪنيو آهي، هن وڏيري خلاف ۽ پنهنجي ڪُڙم جي وڏيري پرست ڪِريَل ذهنيت خلاف سوچي سمجهي زبردست بغاوت ڪئي آهي. ان ڪري مائٽ ناراض آهن. سَهُري سَڱ کان جواب ڏيئي ڇڏيو آهي، پوليس ڪيس غير ملڪي ايجنٽ ٺهرايو آهي ۽ ڪيس اڳي کان به وڏيڪ بيرحمانه مار ڏيڻ لاءِ سهي سنيري وينِي آهي. پر هن سواءِ شوبازيءَ ڊائلاگ بازيءَ جي ٿڌي دماغ ۽ هوش حواس جي سلامتيءَ سان ڳوٺ مٿان وڏيرڪي تسلط ۽ ظلم خلاف بغاوت جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ان بغاوت تي هن پنهنجي آزاديءَ جي سلامتيءَ جي بازي لڳائي ڇڏي آهي.

ڳوٺ جو عذاب خودساخته مائي باپ وڏيرو اوچتو منو ۽ قربائتو ٿي پيو آهي، ”تڪليف ان لاءِ ڏني اٿمانوَ جو توهان کي ته خبر آهي ته اليڪشنون ويجهيون اچي پهتيون آهن.... مان پاڻ ته بيهان ڪونه... رئيس علي مراد خان جي مدد ڪندو آهيان.... توهان کي ته خبر آهي ته ووٽ ڏيڻ ته اسان جو فرض آهي. جنهن جو کائون ٿا ان ملڪ جو حق ادا ڪبو نه ادا! هن ڇيو.“

Gul Hayat Institute

”هائو وڏيرا! اسان تنهنجا هئاسين ۽ تنهنجا رهنداسين. تون ووٽ پِٽ کي چئين تہ پِٽ کي ڏينداسين، هيڏانهن تہ پوءِ بہ رئيس علي مراد خان آهي.“ مون واري سهري وات مان پن جي بيڙي ڪڍي ڳالهايو. مون کي تہ ڏاڍو برو لڳو. مون کي ائين لڳو جڻ وڏيرو اسان کان زبانون چنندو هجي.

وڏيري جي شفقت وجي وڌندي.

”بابا ٻچو آهين.... اهڙيون غلطيون ناهن ڪبيون.“ ماڻهن جا منهن کُلي ويا... وڏيري مُڇ کي مهٽي ماڻهن ۾ نهاريو. ماڻهن جا مُرڪيل مُنهن ڏسي مطمئن ٿي ويو.

”ووٽ پڪا آهن.“ ”بابا! هاڻي اوهان پِل وڃو.... ڪم ڪار هجيوَ تہ ٻُڌائجو.“

مان واپس گهر آيس. من ۾ ذهن ۾ سوچ جا وڏا وهڪرا ٿي وهيا ۽ آئون شام جو نڪري پيس. اڄ وري پوليس مون کي هڪ ڊگهي مار ڏيڻ لاءِ ٻڌي آئي آهي.

مون واري سهري مون کي مڱڻي جي منڊي بہ موٽائي ڏني آهي، ۽ پوليس مون کي غير ملڪي ايجنٽ قرار ڏئي ڇڏيو آهي. ڏوهہ صرف ايترو هو جو مون پنهنجي گهر جي لوڙهي تي هڪ ٻي پارٽيءَ جو جهنڊو ڦڙڪايو آهي.

ڪنهن ادبي ۽ فني فنڪشن جي واقعي دلچسپ ادبي رپورٽنگ ڪرڻ هڪڙو ادبي فن آهي. اڄ ڪلهہ فتاز ۾ ملهائجندڙ سرڪ جي راڳ رهاڻ جي شامن بابت سليم چنا نهايت خوبصورت ۽ نرالي رپورٽنگ ڪئي آهي.

جڏهن سنڌ ۾ باهہ جا اُلا اُڇلائي، باغي گيت جوش جذبي ۽ ولولي سان ڳائيندڙ ابراهيم منشي، هوٽل جي ٿڌي هال ۾ ويهي دل جي درد جي ڳالهہ ڳائي ٻُڌائي ”مُند آهي چري، رات آهي نري، مهڪ موٽئي سندي واهوندي ۾ وري“، تہ چا ٿا پانيو چا ڪيفيت وجي بيهندي، هن قلب بيقرار جي؟ پلا جڏهن ڳاڙها چولا پائيندڙ پاڻ ئي اها فرمائش ڪري وجهن تہ وحيد علي ڳائي ”ڳاڙهو چولو پاتل هوندو“ هڪ پاسي وحيد علي جو انداز ۽ آواز ٻئي پاسي سازندن جو گڏيل ساز ٽئين پاسي روح جو راز جڏهن ٽئي گڏجن تہ محفل مچي ۽ دل چوي ٿي تہ ايئن روح رچي، نينهن نچي، اتساهہ اچي، پيار پچي، پرين پرچي، سپرين سرچي، موسيقي بہ عشق جيان، جنهن بہ ٻوليءَ ۾ هجي، جنهن بہ ڌرتيءَ تي هجي، هن جو اثر سحر انگيز آهي. حُسن فقير وٽ هجي يا بادشاهہ وٽ، حُسن، حُسن آهي. منو الاپ جنهن وٽ هجي، اهو سر جو ساگر آهي.

وحيد علي مشڪندو، مرڪندو ڳائيندو رهيو ”باهہ جو شعلو هو گلدستو هو.“ هال ۾ ويٺلن واهہ واهہ ڪئي ۽ تاڙين جي زوردار آوازن ۾ پهريون ڪلام ئي چوٽ چڙهي ويس، بلهي شاهہ ۽ غلام فريد جي عشقيہ ڏوهيڙا ڏيئي، وري ساري گا.... ما.... پا جا پلٽا هنيائين وري داد جا دروازا کُلي ويس.

”تنهنجي وات تڪيندو آهيان.“

”آريسر صاحب انهيءَ ڪلام تي سگريٽ ڏُڪايو ۽ دونهين جو گولو ٺاهي وحيد عليءَ ڏانهن ڦوڪيندو ڪيس داد جو انوکو انداز ارپيو. آواز ڪنن ۾ رس اوتيندو رهيو. ”پورا پورا ٿيندو آهيان. بين جو مخصوص ساز، تبلي جي وڄت، وحيد عليءَ جي آواز هال ۾ موجود معزز مهمانن کي ٻولن جي ادائگيءَ ۾ گم ڪري ڇڏيو. ليڊيز ڪارنر ڪان چوٽين ڪلام جي فرمائش تي ڳاڙهي چولي لاءِ وحيد عليءَ ڪِلندي ڪِلندي ڳايو ’ڳاڙهو چولو پاتل هوندو.‘ دليون ڌڙڪي ويون، منظور سولنگي انتهائي خوشيءَ ۾ هٿ مٿي ڪنيو ۽ موٽ ۾ انعام شيخ جو جوش مان هٿ مٿي ڪنيو ۽ ٻنهي ڪلندي هڪٻئي سان هٿ جي زوردار تاڙي ملائي.....“

۽ هال مان نڪرڻ وقت خواجه غلام فريد جا ٻول، اياز لطيف پاران ڇيل، ڪنن ۾ گونجندا رهيا.

عشـــق لڳـــا گهـــر وســـريا، زور وســـري در وســـريا،
ديـــرڪ نبشـــت دوارا منـــدر مســـجد منبـــر وســـريا،
هـڪ دي سـانگي هـڪ دي سـونهن هـر خيـل ٻهلي، شـر وسـريا،
ويســـان ڪـيچ، فريـد نـہ مڙسـان، سـچ بـردا ڏر وسـريا.

”صبح ٿيندو“ پبليڪيشن مئي 1994ع

Gul Hayat Institute

# سنڌ کي اعليٰ درجي جو ترجمو ڪندڙن جي ضرورت آهي

تنهن ڏينهن عبدالقادر جوڻيجي ”ڪاوش“ جي ڪالم ۾ نهايت اهم ڳالهه ڪئي، چيائين ته ترجمو ڪريو ته واقعي صحيح ۽ معياري ترجمو ڪريو، نه ته مهرباني ڪري نه ڪريو.

ڪنهن ٻوليءَ کي جلد از جلد شاهوڪار ڪرڻو هجي ته ان ۾ تيزيءَ سان وڏي پئماني تي دُنِيا جو اعليٰ علم و ادب ترجمو ڪجي. آمريڪا، يورپ، هندستان، چين، روس ۽ ٻين علائقن جي ماڻهن جي ترقيءَ جو اصل راز اهو آهي، ته اهي ماڻهُو نه رُڳو پنهنجي پنهنجي ملڪ جي علمي، ادبي، سائنسي ميڙي چونڊي تي ڀاڙڻ بدران هر وقت دُنِيا جو اعليٰ ادب ۽ سائنس جي اٿاهه خزانن کي لاڳيتو پنهنجي ٻولين ۾ ترجمو ڪندا پاڻ کي ادبي، ذهني، فڪري ۽ سائنسي طور مالا مال ڪندا رهن ٿا.

مون پنهنجي زندگي جو جيڪو شايد پهريون ادبي مضمون لکيو (۽ تماهي مهراڻ جو ڇاپيو) تنهن جو عنوان هو ”سنڌي ادب ۾ ترجمن جي اهميت“ آئون اڄ به سنڌي ۾ اعليٰ عالمي ادب، علم ۽ سائنس جي معياري ترجمن کي گهٽ ۾ گهٽ اصل لکڻين کان وڌيڪ اهم قومي ڪم ۽ ڪارنامو ليکيان ٿو ڇو ته اسان جون جيڪي حالتون ۽ حال آهن تنهن ۾ اصل لکڻيون جيتريون لکي سگهجن سي ٿورڙيون پر اهي لکي لکي به آخر ڪيتريون ۽ ڪهڙي معيار جون لکي سگهبيون؟ پر اعليٰ عالمي ادب، علم ۽ سائنس جي اعليٰ معيار ۽ اٿاهه مقدار جو ڇيهه ئي ڪونهي. ڪٿي هڪ لک ڪتاب ترجما ڪريو ته به اعليٰ ڪتاب کٽندا ڪو نه. اهڙا هزار چونڊ ڪتاب ڪنهن قومي ٻولي ۾ سهڻي ترجمي جي صورت ۾ موجود ٿي پون ته ان جي ترقيءَ کي ڄڻ پَر لڳي ويندا!

Gul Hayat Institute

دُنِيا ۾ ڪو بہ اهڙو ملڪ ڪونهي جيڪو فقط پنهنجي ملڪ ۾ پئدا ٿيل يا تيار ٿيل شين ۽ پيداوارن تي بهتر زندگي گذاري سگهي. هر ملڪ قديم زمانن کان وٺي پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ دُنِيا جي ويجهن توڙي ڏورانهن ملڪن مان شيون، وڻج يا پئداوار جون شيون گهرائي پنهنجي پُورت ڪندو رهي ٿو ۽ ان عمل کي واپار چيو ويجي ٿو. ساڳي طرح ڪا بہ قوم فقط پنهنجي مُلڪ جي سمجهہ، عقل ۽ علم، سائنسي يا ٽيڪنالاجيءَ جي آڌار تي زندگي جو سفر طئي ڪري ۽ ترقي ڪري نہ ٿي سگهي. ان ڪري هر دؤر ۾ دُنِيا جي ويجهن توڙي پرانهن ملڪن ۽ قومن جي وچ ۾ خيالن، سوچن، ڏاهپن، دانائين ۽ سائنسي معلومات جي ڏي وٺ ٿيندي رهي ٿي، جهڙو شين ۽ سامان جي متاستا يا ڏي وٺ وارو ڪم سوداگر ڪن ٿا. اهڙو علم ۽ ادب، سائنسي ۽ ٽيڪنالوجي جي ڏي وٺ وارو ڪم ترجمو ڪندڙن ڪن ٿا. جيئن سوداگرن کان سواءِ دُنِيا جي ملڪن جون شيون هڪ ٻئي ڏانهن اچي ڪو نہ ٿيون سگهن تيئن ترجمو ڪندڙن کان سواءِ دُنِيا جا ماڻهُو هڪٻئي جي خيالن، سوچن، عقلن، ڏاهپن ۽ سائنس کان واقف ٿي ۽ ان مان فيض پرائي نہ ٿا سگهن.

دُنِيا جي وڏي انقلابي ڏاهي، عالم ۽ ثقافتي ۽ سياسي اڳواڻ لينن چيو آهي تہ دُنِيا جي سمورين قومن جي ثقافت جنهن ۾ علم، ادب ۽ سائنس بہ اچي وڃن ٿا تہ پنهنجي پنهنجي مُلڪ جي ثقافت جو وڏو حصو عوام مخالف ٿئي ٿو. ان جا فقط ڪي جُزا روشن خيال ۽ عوام دوست ٿين ٿا. ان ڪري دُنِيا جي سمورن ملڪن جي ثقافتن جي روشن خيال جُزن کي گڏي عالمي ثقافت نهي ٿي ۽ ان جنهن مُلڪ جي ثقافت جنهن حد تائين ان روشن خيال عالمي ثقافت جي ويجهو هوندي اوتري قدر اها روشن خيال هوندي. تنهن جي ڪري ڪنهن مُلڪ ۽ قوم جي ثقافت کي روشن خيال ۽ اڳتي وڌندڙ بنائڻ لاءِ ان ۾ ساري دُنِيا جي عالمي ثقافت جي روشن خيال جُزن، سوچن، ويچارن ۽ نظرين کي شامل ڪرڻو پوندو.

ويهارو سال اڳي چيڪوسلواڪيہ جي گادي پراگ ۾ ترجمي بابت عالمي ڪانفرنس ٿي هئي، جنهن جي ڪارروائيءَ ۾ مونکي ياد آيو آهي تہ لکيل هو تہ ترجمو نہ رڳو هڪڙي ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو آهي، پر هڪڙي ثقافت مان ٻئي ثقافت ۾ ترجمو آهي، آئون ان ۾ اهو وڌارو ڪرڻ ٿو چاهيان تہ تخليقي ترجمو ڪنهن ڳالهہ کي اصل ٻوليءَ جي دستوري گرامر، اصطلاحن ۽ ڳالهہ ڪرڻ جي ڍنگ مان ڦيرائي ٻي ٻوليءَ جي دستوري گرامر، اصطلاحن ۽ ڳالهہ ڪرڻ جي ڍنگ سان بيان ڪرڻ جو عمل آهي. تنهن ڪري ترجمو جيڪڏهن فقط لفظي ڪبو تہ اهو صحيح ترجمو نہ ٿيو. ڪو ماڻهُو ڪيڏو بہ عالم فاضل هجي، پر منجهس ترجمي جي ڏات، ڏانو ۽ فن ناهي تہ سندس ترجمو ٻُسو ۽ بي چسو ٿي پوندو. هر

Gul Hayat Institute

پڙهيل عالم ۽ اڪابر ماڻهو لازمي ناهي تہ سٺو ترجمو ڪندڙ بہ ٿي سگهي. هر وڏو فن ۽ هر ڪاريگري هڪڙي قسم جي جوڳ پچائڻ ۽ رياضتون ڪرڻ جي ڳالهہ آهي. تنهن ڪري هر ٻي ڪاريگري ۽ فن وانگر ترجمو بہ رُڳو ڄاڻ جو ڪم ناهي. شروعاتي منزل ٽپڻ کان پوءِ اهڙي هڪڙي اعليٰ ذات، ڏانوَ ۽ فن جو معاملو ٿي وڃي ٿو جيڪو هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي. مطلب تہ صحيح ٺُز ۽ وٽندڙ ترجمو ڪرڻ هڪڙو وڏو اٽانگو ۽ پيچيدو ۽ وڏي جاکوڙ جو تخليقي فن آهي. اهو ئي سبب آهي جو عظيم ڪتابن جي اعليٰ معيار جي ترجمن ٿيڻ کي انساني ثقافتي تاريخ جو هڪڙو وڏو واقعو ۽ بلند ڪارنامو لکيو ويندو رهيو آهي.

ضروري ناهي تہ جيڪا شئي جتي ۽ جڏهن پيدا ٿئي، اتي ئي ۽ ان وقت ئي ان جو وڏي ۾ وڏو اگهہ ٿئي. ڪيترين حالتن ۾ نہ رڳو شين ۽ جنسن جو پر خود ماڻهن ۽ سندن ڪارنامن جو سڀ کان گهڻو قدر سندن پيدائش جي جڳهہ، وقت يا دؤر ۾ نہ ٿيندو آهي، ڪيترا اعليٰ ڪتاب پنهنجن علائقن، ماڻهن ۽ لکجڻ جي زمانن ۾ ايترا گهڻا مقبول نہ ٿيندا آهن، تر جا ماڻهو ٻئي ڏينهن اپري سيري "واهہ! واهہ!" ڪري پوءِ انهن کي وساري ڇڏيندا آهن يا تاريخي اٿلن پٿلن سبب انهن جو ڄڻ وجود ئي مٽجي ويندو آهي. يوناني ۽ رومي علم، ادب ۽ سائنس کي عيسائي مُلڪن جي غلبي ڄڻ زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو. يوناني ۽ لاطيني مان عربيءَ ۽ عربيءَ مان اسپنيءَ ٻوليءَ جي ترجمن انهن صدين جي علمي خزانن کي بچائي انسان ذات کي سندس اها امانت هڪ حد تائين صحيح سلامت موٽائي ڏني. ساڳي طرح جيڪڏهن مغربي عالم، مشرقي علمي، ادبي ۽ سائنسي شاهڪارن کي ترجمي جي صورت ۾ نئين سر نہ جيارين ها تہ سرمائيدار سامراجي يلغار اڄ انهن جو نالو نشان ميساري چڪي هجي ها ۽ دُنيا جي ثقافت اڄ ڪروڙين انسانن جي سوين صدين ۾ تخليق ڪيل ٻي بها مشرقي ثقافت کان گهڻي حد تائين تائين محروم هجي ها.

Gul Hayat Institute

اعليٰ تخليق جو اعليٰ ترجمو ڄڻ تہ مسيحائي ۽ "قم باذني" جو حڪم رکي ٿو ۽ ڄڻ مئل ڪتابن کي وري زنده ڪري انهن کي لکين ڪروڙين ماڻهن جي ذهن ۽ دماغن جو حاڪم بنائي ڇڏي ٿو. ان حساب سان ٻين ڏاتين سان گڏ ترجمي جي اعليٰ ڏانوَ ۽ ڏات لاءِ بہ لطيف جي ٻوليءَ ۾ چئي سگهجي ٿو:

"اديــون عبــداللطيف چئــي، هــيءَ مئا جيارينــدڙي"

اڄ ڪلهہ يورپ جنهن بائيبل يا انجيل مان روشني حاصل ڪري ٿو اهو يورپ جي ڪنهن بہ ملڪ جو ڪتاب ڪونهي، اهو هڪڙي ايشيائي ملڪ اندر

اول عبراني ٻوليءَ ۾ لکيو ويو. پوءِ يوناني ۾ ترجمو ٿيو جنهن مان وري لاطيني ۾ ترجمو ٿي يورپ ۾ ڦهليو ۽ اڄ يورپ جي ملڪي ٻولين ۾ ترجمو ٿي پڙهيو وڃي ٿو.

هينري اٺين يورپ سان وڙهي بائيبل جو جيڪو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرايو. اهو ترجمو اڄ انگريزيءَ ادب جو وڏو شاهڪار ڪارنامو ليکيو وڃي ٿو. عمر خيام جا جيڪي پهريان ترجما ٿيا تن کي ڪنهن به ڪو نه پڇيو پر 1889ع ڌاري ايڊورڊ فٽنر جيرالڊ جيڪو انگريزي ترجمو ڪيو. تنهن سڄي يورپ کي عمر خيام جي پويان مست بنائي ڇڏيو. هي ترجمو، ترجمي جي فن جي اعليٰ ترين عالمي شاهڪارن مان هڪ آهي. ان ترجمي جي ڪري خيام دُنيا ۾ عمر خيام ٿيو. برطانيه جي ”انسائيڪلوپيڊيا برطانيه“ ۾ لکيل آهي ته ”(ڪيئن صدين تائين) ماڻهن عمر (خيام) جي شاعريءَ ڏانهن ڪو خاص ڌيان نه ڏنو تان جو (1889ع ڌاري) ايڊورڊفٽنر جيرالڊ ان شاعري کان متاثر ٿي ان جو اهو مشهور ترجمو ڪيو. جيڪو عمر خيام جون رباعيون جي نالي سان مشهور آهي، ان ترجمي ۾ هيٺيان مشهور فقرا آهن.

"A Jug of wine, a load of Bread and thou"

(شراب جو هڪڙو جڳ، هڪڙي ماني ۽ تون)

"Take the cash and left the credit go"

(روڪڙ [هن دُنيا جا هڪيا تڪيا مزا] کڻو ۽ اوڌر [يعني دُنيا جا امڪاني مزا] ڇڏي ڏيو.)

And "the flower that once has blown for ever dies"

(جيڪو گل هڪڙي دفعي لاءِ ٽڙڪي ٿو اهو هميشه لاءِ مري وڃي)

اهي مشهور فقرا اڄ انگريزيءَ ٻوليءَ جو حصو بڻجي ويا آهن. اهي رباعيون دُنيا جي ذري گهٽ سمورين وڏين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن ۽ فارسي شاعري بابت يورپي خيالن تي انهن رباعين جو رنگ چڙهيل آهي.

(”انسائيڪلوپيڊيا برطانيه“ 1991ع وارو ڇاپو جلد8 ـ ص:946)

هن ترجمي جا ڪيئي ڇاپا شايع ٿيا. جن مان ڪي سوني پاڻي چڙهيل پني تي شايع ڪيا ويا.

تازو فلم آئي آهي ”ٽائيٽينڪ“ ان فلم جو ذڪر ڪيل ٽائيٽينڪ جهاز ۾ عمر خيام جي فٽنر جيرالڊ واري ترجمي جو هڪڙو مسودو به هو جيڪو تمام سُنهرن اکرن ۾ لکيل هو ۽ ان تي هيرا موتي جڙيل هئا. جن جي قيمت ان زماني ۾ به هزارين لکين پائونڊ چئي وڃي ٿي. اهو نسخو ٽائيٽينڪ جهاز سان ٻڏي ويو.

دُنيا جو پهريون وڏو شاعر يوناني شاعر هومر آهي، جيڪو اڄ کان 26 صديون اڳ ٿي گذريو آهي، جڏهن جيپ مين نالي انگريزي شاعر هومر جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ته اهو علم ۽ ادب جي دُنيا جو هڪڙو وڏو واقعو ۽ ڪارنامو ٿيو. انگلينڊ جو مشهور حُسن پرست شاعر ڪيٽس چيو آهي، ”حَسين شئي ابدي

Gul Hayat Institute

خوشي آهي“ سو هن ترجمي واري واقعي ۾ ڪارنامي تي مَنظُوم تبصرو ڪندي چئي ٿو: ”تہ پوءِ مون پنهنجي دل ۾ آسمانن تي نظر رکندڙ ان ستاري شناس جهڙو احساس محسوس ڪيو جنهن خلا ڪي چڪاسيندي اوچتو ڪو آسماني گرهہ ترندو نظر چڙهي وجي يا ان مضبوط دل واري (اسپيني) جهاز ران ڪورٽيز وانگر محسوس ڪيو جنهن ڊئرين جي چوٽيءَ تي بيهي چوڌاري نگاهہ ڊوڙائي تہ سندس شهباز جهڙيون اکيون وجي پئسفڪ سمنڊ تي پيون ۽ ماٺ وٺي ويس. سندس سمورا وحشي ماڻهُو حيراني ۽ تجسس ڀريل نگاهن سان ڪڏهن هن اڳ نہ ڏٺل اٿاهہ سمنڊ ڪي تہ ڪڏهن هڪٻئي کي تڪڙ لڳا

اج کان 25 صديون اڳي چين جي جنگي ماهر هڪڙو مشهور ڪتاب لکيو جنهن جو نالو هو ”جنگ جو فن“ ان جا الاهي ترجما ٿيا آهن پر تازو آمريڪا جي هڪڙي جڳ مشهور اديب ۽ ناول نگار جيمس ڪلئول جنهن جا چين ۽ جاپان بابت گهڻا مشهور ناول لکيل آهن(جن مان هڪڙي ناول ”ساموَرائي“ کي ٽي ويءَ تي سيريل ڊرامي طور پيش ڪيو ويو.) تنهن سن زوءَ جي ان ڪتاب جو نئون ترجمو ڪيو آهي ۽ لکيو اٿائين تہ ”جي آئون آمريڪا جو صدر هجان هان هي ڪتاب سيني هاءِ اسڪولن، ڪاليجن ۽ جنگي اڪيڊمين ۾ لازمي نصاب طور رکان ها ۽ حڪم جاري ڪريان ها تہ جيڪڏهن ڪو آمريڪي جنرل ان ڪتاب مان 100 مان 10 کان گهٽ مارڪون کٽي ها تہ آئون جيڪر ان کي برطرف ڪري ڇڏيان“ هن ترجمي ۽ تبصري کان اڳ ۾ ”سن زو“ جي تخليق کي دُنِيا ۾ اها اهميت نہ هئي جيڪا اج ان کي حاصل آهي. جيتوڻيڪ اهو ڪتاب گهڻو ڳوهہ ۾ ڪيترين مغربي جنگي اڪيڊمين ۾ پڙهايو ويندو رهيو آهي.

صحيح ۽ تُز ترجمي جي فيض سبب هندستان جون جڳ مشهور ڪهاڻيون (جيڪي عالمي سطح جا عالم چون ٿا تہ سڄي دُنِيا جي ڪهاڻين جو سرچشمو آهن) پنج تنتر، هتو پادشا وغيره سڄي دُنِيا ۾ ڦهلجي ويون آهن. عربي جي مشهور ڪتاب الف ليليٰ جا تمام گهڻا ترجما ٿيا آهن پر جيڪو ترجمو رچرڊ برٽن ڪيو (جيڪو هتي سنڌ ۾ آيو هو) تنهن کان اڳ جيڪي ترجما هئا تن کي خاص توجهہ ڪو نہ ڏنو ويو پر برٽن کان پوءِ زائپس نالي هڪڙي جرمن پروفيسر برٽن جي ترجمي تان جيڪو ترجمو ڪيو آهي تنهن کي معياري سمجهيو وڃي ٿو. پر جنهن ماڻهُو کي اها خواهش هجي تہ کيس اها خبر پوي تہ الف ليليٰ جو اصل اسٽائيل ڇا آهي؟ ۽ ان جي اصل خوبصورتي ۽ دلڪشي ڇا آهي؟ تنهن کي گهرجي تہ الف ليليٰ جو اهو فرينچ ترجمو پڙهي جيڪو ڊاڪٽر جي سي مار ڊروس ڪيو آهي ۽ جي فرينچ نہ ٿي اچي تہ ان فرينچ ترجمي جو جيڪو انگريزي ترجمو پاونس ميٿرز ڪيو آهي اهو پڙهي ڏسي.



Gul Hayat Institute

عوام دوست ۽ عوام دشمن، ظالم ۽ مظلوم، غلام ۽ غلام بڻائيندڙ قوتن جي خيالن، سوچن، فڪرين ۽ نظرين جي وچ ۾ عملي ميدان ۾ روپن بهروپين ۾ هلندڙ جنگ جڳ روز ازل کان جاري آهي. انساني تاريخ جي ڪنهن به دؤر ۾ ان جنگ ۾ مظلوم ۽ محڪوم عوام جي طرفدار خيالن ۽ سوچن، فڪرن ۽ نظرين کي اهڙي منظم ۽ گهڻ طرفي عملي ۽ سائنسي انداز ۾ اهڙي وڏي عالمي سطح تي ائين پيش نہ ڪيو ويو جيئن اوڻيهين صدي جي پنجين ڏهاڪي (1840ع کان پوءِ) کان وٺي ويهين صديءَ جي نائين ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ (1990ع) تائين واري عوامي جمهوري انقلابي عروج جي ڏيڍ صديءَ ۾ ڪيو ويو. 1989ع ۾ روس ۾ سوشلزم جي زوال ۽ سموري دُنيا تي وري عالمي غلام داري، قبائليت، جاگيرداري، سرمايہ داري ۽ سامراج جي ياجوجن جي هڪ هٽيءَ جي نئين عوام دشمن ۽ غلام بڻائيندڙ دؤر شروع ٿيڻ کان پوءِ عوام دشمن خيالن، سوچن، فڪرن ۽ نظرين جا ماڻهُو مار ست ـ سسيا راڪاس زهريلن ۽ خونخوار خيالن جا سونٽا ڪٽي اخبارن، رسالن، ڪتابن، ٽي وين، انٽرنيٽن ۽ سٽلائيٽن تي سوار ٿي سڄي دُنيا جي ماڻهن جي ذهنن جي مٿان ڪڙڪي پيا آهن ۽ اَٺ ئي پهر وارو ٻڏيو ٻيٺا آهن. ننڍڙا معصوم ٻار جيڪي اڃا ڳالهائڻ مس سکيا آهن تن کي بہ ڪمپيوٽر تي مارا ماري ڪرڻ کانسواءِ سُک نہ ٿو اچي ۽ ٻاتڙي ٻوليءَ ۾ اعلان پيا ڪن تہ آئون بہ ”ٽرميٽر“ (قتلام ڪندڙ) ٿيندس!

سڄي جهان ۾ علم، ادب ۽ فن کي عوام لاءِ بيڪار بلڪ نقصانڪار بنائڻ لاءِ وٺ وٺان لڳي پئي آهي. سامراجي علمي، ادبي، فني ۽ فڪري نظرين جو اجگر جيڏيون فيڪٽريون رات ڏينهن عوام کان هوش حواس ۽ علم شعور کسي کين توائي ۽ پرمتڙيو بنائڻ لاءِ فڪري چرس ۽ هيروئن جا انبار تيار ڪرڻ ۾ رڌل آهن.

ان عالمي چڙهائي جا سنڌ ۾ بہ اثر پوڻا هئا ۽ ضياءُالحق جي دؤر ۾ ٿيل رٿابندي ۽ بندوبست ۽ گهربل ماڻهن جي ڊيوٽيءَ سان لڳڻ کانپوءِ باقاعدي پيا آهن. اسان جو علم ادب جڻ ڪنهن اشاري ملڻ سان ڏسندي ڏسندي ويهي رهيا آهن. خاص ڪري تنقيد ۽ پرک جا صحيح معيار ڳئون جي مٿين ڏندن وانگر غائب آهن. جڻ نانگ نڪري ويو ۽ ليڪو پيو ڪُٽجي. گهر جي چوڪيدار يو پيءَ جي ڀيي (ڀائي) کي سُتل ۽ ننڊ ۾ گهوگهرا هڻندي ڏسي گهر جي مالڪ پڇيس”ڀين (ڀائي) ڪيا ڪرتا هي؟ تہ هڪدم ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿي جواب ڏنائين”سيٺ لگا پڙا هي.“ (لڳو پيو آهيان). اسان وارو ادب فن ذري گهٽ موڪلائي ويو آهي. باقي اسين ”لڳا پيا آهيون“ ڪتابن جا مهورت ٿين پيا. ادبي عملدارن جون ڏماڪي خيز استعيفائون، بيان ۽ جوابي بيان ڇپجن پيا. باقي رهيو ادب ۽ فن جي شهڪارن ۽ تنقيد جو ذڪر، تنهن جو اسان جي خيال ۾ خير آهي.



Gul Hayat Institute

جتي هيترا سارا ٻيا ”اهم ادبي مسئلا حل پيا ٿين اتي اهي سنها ٿلها مسئلا ٻہ ڪنهن ڏينهن حل ٿي ويندا.“

**جيئن مينهن تَري وسي آهي تيئن پُڇ ٻہ تري پوندو!**

اسان جي سرمايہ دار سامراجي مهربانن ۽ قدر دانن ڪنهن زماني کان ادب ۾ جيڪي رجعت پرست ۽ علم دشمن تصور رائج ڪرايا آهن، تن مان هڪڙو آهي ”تخليقي ادب“ جو تصور جي، بيت، ڏوهيڙا، ڪهاڻيون، افسانا، ناول، شاعري ٿيا تخليقي ادب. ترجمو، تحقيق، تنقيد ۽ علم جون ٻيون صورتون ٿيون غير تخليقي ادب. ان حساب سان جناب مومن مليرائي ۽ ٻين صاحبن جو ڪلام تہ برابر ٿيو تخليقي ادب، پر رچرڊ برٽن جو الف ليليٰ وارو ترجمو ڊاڪٽر گربخشاڻي جو شاهہ جي رسالي جو مقدمو ابن خلدون جو تاريخ جو مقدمو ايڊورڊ فٽنر جيرالڊ جو عمر خيام وارو ترجمو چيپ مين جو هاڪاري يوناني شاعر هومر جو ترجمو ۽ شيخ اياز جي رسالي وارو ترجمو آهي سڀ ٿيون غير تخليقي لکڻيون، يعني ٻارڙا کيل!

اسان وٽ مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين ڪافي ڪارائتا ترجما ڪيا آهن. سنڌي مان انگريزي ۾ سورلي، شاهہ جو رسالو ترجمو ڪيو آهي، پر ان ۾ شاهہ وارو روح ڪونهي. شاهہ کي اڃا ڪو فٽرالڊ تہ ڇا ڪو گذاري جهڙو انگريزي ترجمو ڪندڙ بہ نہ مليو آهي.

اياز شاهہ کي اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. اهو ترجمو ڪافي چڱو آهي. تازو مون آصف فرخي ۽ شاهہ محمد پيرزادي جو عطيہ دائود جي نظمن جو انگريزي ترجمو ڏٺو آهي. سندن ڪيل اياز جي ڪلام جو ترجموا ڇان ڪو نہ ڏٺو اٿم.

جيئن تہ دُنيا جي عوام جي دشمن مغربي سرمايہ دار سامراجين جي ثقافتي ڪمدارن ۽ سندن جاهل ۽ نقال مڪاني چيلن ۽ لانئڙين ترجمي جي اعليٰ فن کي گهٽ ذات وارو بلڪ شُودر قسم جو غير تخليقي ادبي پورهيو ٺهرائي ڇڏيو آهي. تنهن ڪري اسان وٽ عام طرح معياري ترجمو گهٽ ۽ ترجمي جي آڙ ۾ علم ۽ ادب جو جهاتڪو وڏيڪ ٿئي ٿو جيڪو اڪثر اصل لکندڙن ۽ سندن علم ۽ فن جي شاهڪارن کي بي عزت ۽ بدنام ٿو ڪري.

ڊاڪٽر حميده کهڙو پنهنجي والد جي سوانح لکي آهي. نهايت ڪم جو ڪتاب آهي. پر پڙهي اهو سگهندو جيڪو ترجمي واري سنڌي جي سٽ جهلي سگهي. روس جي وزير خارجہ آندري گروميڪو هڪڙو تاريخ ساز ڪتاب لکيو آهي جيڪو سنڌي ۾ ترجمو ٿيو آهي، پر ترجمي جا حال هيڻا آهن تنهن ڪري اهو مزو نہ ٿو اچي. مڙئي گذر ڪرڻو ٿو پوي. اسان جي اخبارن ۾ ترجما ڇپائيندڙ ڪيترائي صاحب ترجمي جي نالي ۾ هڪڙي باقاعدي مشڪري بلڪ ڦشري مچايو ويٺا آهن. انگريزي صحيح سمجهڻ تہ



Gul Hayat Institute

پري جي ڳالهه آهي. سنڌي جا پنج جملا صحيح لکڻ جي تڪليف بہ برداشت ناهي. ”دٻ درڪاشت دينو تي“ واري ڳالهه وانگر قلم جو گهوڙو پڙ پڄائڻو آهي. گرامر، مذڪر، مونث، اصطلاح جيڪو سامهون اچي ان جي مٿان ٽپي ميدان مارڻو آهي.

اڄ جي سنڌ ڪي ترقي ڪرڻي آهي تہ ان لاءِ مختلف ٻولين مان سنڌي ۾ ۽ سنڌيءَ مان ٻين ٻولين ۾ سنڌ يافتہ پروفيشنل ترجمو ڪندڙن جو ڪافي تعداد تربيت ڏيئي تيار ڪرڻو پوندو. جن کي پگهارون ڊاڪٽرن ۽ ليڪچرارن جيتريون ملڻ گهرجن. ان لاءِ سنڌ جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۽ ٻين علمي ادارن کي علمي ادبي ۽ ٽيڪنڪي ترجمو ڪندڙن لاءِ ڊپلوما ۽ ڊگري ڪورس جاري ڪرڻ گهرجن ۽ پيرن تي بيٺل اخبارن ۽ رسالن کي فقط صحيح ترتيب ورتل معياري ترجمو ڪندڙن کي ملازم رکڻ گهرجي.

جي ڪي اهڙا ڪلاس شروع ٿيا تہ آئون انهن ۾ هر مهيني ڪجهہ ڪلاس وٺڻ لاءِ تيار هوندس.

ڊسمبر 1998ع

Gul Hayat Institute

# قومي بقا جي جدوجهد ۾ علم ۽ ادب جو ڪردار

(27 مارچ 1991ع تي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو جي آرٽز فيڪلٽيءَ جي آڊيٽوريم هال ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي طرفان منعقد ڪيل ليڪچر جي مجلس ۾ ڏنل ليڪچر)

صدر محترم! پياريون ڀينرون! دوستو ساٿيو!

جيئي سنڌ! جيئي سنڌين جي سنڌ! جيئي سنڌين جي حق پرست جدوجهد!

مون کي انتهائي خوشي ٿي آهي جو اڄ اسين سنڌي ماڻهن جي طرفان جدوجهد جي هن اهڙي دؤر ۾ پهتا آهيون جڏهن ته اهڙي محفل ۾ موجود آهيون، جتي، اسين ماڻهُو جيڪي پنهنجي وطن سان ۽ پنهنجي قوم سان پيار ڪريون ٿا ۽ جيڪي انهن جي ڏکن ۽ تڪليفن جي ڪري غمگين ۽ اداس آهيون. جيڪي انهن ڏکن ۽ تڪليفن کي تبديل ڪرڻ چاهيون ٿا، جيڪي اُن تبديليءَ لاءِ ويڙهه ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ ان لاءِ علم، ادب ۽ سائنس جي مدد وٺڻ چاهيون ٿا، سي سمورين رڪاوٽن جي باوجود هڪ ڀيرو وري گڏ ٿي ويهي ادب جي آب حيات بخشيندڙ سرچشمن مان سُرڪيون پي سگهون ٿا ۽ اهڙي ريت پنهنجي قوم ۽ پنهنجي وطن جي خدمت اڃا به بهتر نموني ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهون ٿا.

هي سرچشما اُهي آهن جن مان پيار وانگر جيئڻ وڏيڪ پيئبو تيئن اُڃ وڌندي، گهٽبي ڪانه.

ڪامان، پچان، پچران، لچان ۽ لوچان،
تن ۾ تئونس پرينءَ جي پيان نه ڍاپان،
جي سموند منهن ڪريان، ته سرڪيائي نه ٿئي.

ساڳيءَ طرح سان:

”ان تڙ منجهان تِڪ، ڏني پاڻ اڃ ٿئي“

اڄ اسين هن موضوع تي پنهنجي ڳالهه ٻولهه ڪنداسون ته ”قومي بقا جي جدوجهد ۾ علم ادب جو ڪردار“ ڪهڙو هئڻ کپي؟



Gul Hayat Institute

پهريون سوال اهو آهي تہ علم ۽ ادب مان اسان جي مراد ڇا آهي؟ ڪهڙو علم؟ ڪهڙو ادب؟ ڇا اسان جي مراد فقط اهو علم ۽ ادب آهي جيڪو هتي حيدرآباد ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ پيدا ٿئي ٿو يا اهو علم ۽ ادب آهي، جيڪو سڄي سنڌ ۾ پيدا ٿئي ٿو يا وري اهو علم ۽ ادب آهي، جيڪو سڄي پاڪستان ۾ يا سڄي ايشيا ۾ يا سڄي دُنيا ۾ پيدا ٿئي ٿو؟

ٻيو سوال آهي تہ ڇا اسان جي مراد فقط اُهو علم ۽ ادب آهي، جيڪو اڄ پيدا ٿئي ٿو يا اهو بہ آهي، جيڪو ڪالهہ، ٽيون ڏينهن يا پنج سال پنج هزار سال اڳ پيدا ٿيو يا موجود هو.

علم ۽ ادب مان اسان جي ڪهڙي مراد هئڻ کپي. ان جو دارومدار ان ڳالهہ تي بہ آهي تہ قومي جدوجهد جيڪا اسين ڪريون ٿا. تنهن ۾ جيڪي اسان جي قومي جدوجهد جا مخالف آهن، اهي ڪهڙي قسم ۽ سطح جي علم ۽ ادب کي اسان جي خلاف ڪتب آڻين ٿا؟

ٻين اکرن ۾ ان سلسلي ۾ اهو بہ ڏسڻو آهي تہ قومي جدوجهد جي سلسلي ۾ جيڪي رڪاوٽون آهن. اهي رڪاوٽون ڪهڙي قسم، ڪهڙي سطح ۽ ڪهڙي دور جي علم ۽ ادب تي ٻڌل آهن. هتي هڪڙي ڳالهہ هيءَ بہ واضح ٿيڻ کپي، تہ جڏهن اسين علم جي ڳالهہ ڪريون ٿا. تڏهن اسان جي مراد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ سميت علم جا سمورا شعبا آهن.

توهان کي خبر آهي تہ اهو علم جنهن جي تصديق ڪري سگهجي، جنهن جي سچائي آزمائي سگهجي ۽ گهٽين آزمائشن کان پوءِ جيڪو علم آزمائش جي ڪسوٽيءَ تي صحيح ۽ سچو ثابت ٿئي ذرو برابر بہ غلط نہ ثابت ٿئي، انهي کي سائنسي ۽ اُن سائنس جي روشنيءَ ۾ جيڪي اوزار ۽ جيڪا مشينري ٺهي ٿي تنهن کي اسين جديد علم ۾ ٽيڪنالاجي چئون ٿا. تہ علم مان هتي مراد ٿيندي علم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي. سوال آهي تہ پنهنجي قومي جدوجهد ۾ سُرخُرو ٿيڻ لاءِ ان علم، ادب ۽ سائنس مان اسين ڪيترو علم حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اهي ماڻهو جيڪي اسان جي جدوجهد جي مخالفت ٿا ڪن، سي ڪيترو حاصل ڪري چڪا آهن. ڪيتري دؤر جي ڪيتري علم ۽ ڪيتري علمي علائقي کي والاريون ويٺا آهن ۽ ان کي اسان جي خلاف استعمال ڪري رهيا آهن. انهن ڳالهين تي دارومدار هوندو هن ڳالهہ جو تہ اسين جنهن علم ادب جو ذڪر ڪريون ٿا اهو علم پنهنجي دائري ۾ ڪيترو هجي، پنهنجي گهرائيءَ ۾ ڪيترو هجي، وقت، زمان ۽ مڪان جي ڪيتري پکيڙ وارو هجي. اسين ڏسون ٿا تہ اسان جا مخالف زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اسان جي خلاف وڙهي رهيا آهن. هن وٽ الٽر ماڊرن علم، ادب ۽ ٽيڪنالاجي آهن؟ هو الٽراماڊرن، يورپ ۽ آمريڪا جي علم ۽ ادب جا

Gul Hayat Institute

واقف آهن؟ ڪاش اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙا چاڻو ماڻهُو هجن، جي هنن جا اسان خلاف نفسياتي جنگ جي نوعيت، گهرائي، پکيڙ ۽ پيچيدگي کي سمجهي ان سان مقابلو ڪرڻ جي سمجهه ۾ اهليت ۽ عزم رکندڙ هجن ها. اها نفسياتي جنگ حصو آهي ان وڏي نفسياتي جنگ جو جيڪا سڄي پاڪستان جي مٿان انهن ماڻهن مڙهي آهي، جيڪي هن ملڪ جو اصل ۽ بُنيادِي اقتدار ڦٻايون ويٺا آهن ۽ ڪيڏانهن بہ منتقل ڪرڻ نٿا چاهين، جيڪي جمهوري حق ۽ انساني حق نٿا ڏيڻ چاهين، جيڪي ٽوٽل طاقت، اصل طاقت، طاقت جوڳو طاقت جو مکڻ، طاقت جي ڪريم سدائين پنهنجي هٿ ۾ رکڻ چاهين ٿا، جيڪي وزيرن، اميرن، درٻارين کي فقط اسٽيج تي هڪڙو مقرر ٿيل ايڪٽ ڪرڻ، سڄي ڊرامي جو هڪ محدود پارٽ ادا ڪري ڏيڻ لاءِ تيار آهن، پر سمورا طاقت جا وسيلا انهن جي حوالي ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهن، اُهي اعليٰ ترين ٽيڪنالاجيءَ سان هٿيار بند آهن ۽ انهن جا رشتا بين الاقوامي آهن، آمريڪا ۽ يورپ جا جيڪي بہ جديد ترين علم آهن هو انهن سڀني سان مسلح آهن. دُنيا ۾ ويڙهہ جي علم ۽ هنر جي ڪا بہ شاخ ڪانهي- جنگ، ڊپلوميسي، پروپئگنڊا، نفسياتي جنگ، تجربيڪاري ماڻهن کي ويڙهائڻ، پارٽيون ٽوڙڻ وغيره جنهن جا هو يگانا ماهر نہ هجن.

توهان جي اڳيان هڪڙو زبردست ڊرامو پيو ٿئي. سنڌ ۾ ڪي اکيون هجن، ڪا ڄاڻ هجي، ڪا سمجهہ هجي، جو خبر پوي تہ ڪيئن هنن پور پور ڪري ڇڏيو آهي. هن سماج جي سياسي، نفسياتي علم ۽ ادبي جسم ۽ روح کي. ڏک دشمن جو بہ نہ وڃائجي. جن هي سڀ ڪجهہ تهس نهس ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي دماغ پويان ويٺا آهن ۽ جن رٿابندي ڪئي آهي تن کي نہ چاهيندي بہ سندن تخريبڪاريءَ جي ڪمال جو داد ملڻ گهرجي. مثلاً توهين تعليمي ادارن کي ڏسو. انهن کي عالمن، مفڪرن، اديبن کان ڪاٽي اڪيلو ڪيو ويو آهي.توهان جي اکين اڳيان ماڻهن کي الڳ الڳ ڪولين ۾ بند ڪيو ويو جيئن قيدن ۾ هوندو آهي، قيد ۾ جيڪي توهان مان ويا هوندا، انهن ڏٺو هوندو تہ ڪوليءَ کان ٻاهر وارن سان ڳالهائڻ جي اجازت ڪانهي. ٻهراڙي ۾ ڌاڙيل آهن. شهر ۾ دهشتگرد آهن. توهان ڏسو ٿا تہ هيڏي ڪروڙن جي قوم بي وس ۽ يتيم -پاڻ سڀ چئون پيا تہ سنڌ تان سر ٿا صدقي ڪريون. پاڻ سڀ انقلابي، سڀ قرباني ڪندڙ ۽ سنڌ وڃي ٿي روز غرق ٿيندي! جيترو اسان انقلابي ماڻهُو وڌون ٿا تعداد ۾، جيترو اسان انقلابي دعوائون ٿا ڪريون تيترو سنڌ جي ڳچيءُ ۾ زنجير وڌيڪ مضبوط ٿيندا ٿا وڃن. هي ڇا آهي؟ هي اتفاق آهي؟ قطعي نہ! هيءَ پلاننگ آهي- هيءُ سازش آهي. پردي جي پويان ويٺل وڏا استاد آهن جن باقاعدي هي سڀ ڪجهہ رٿيو آهي، پنجابيءَ ۾ چوندا آهن:

”بٽيـر نئـين لـڙدي، اسـتادان دي هـٿ لـڙدي نـين“

(ٻنير ڪو نہ وڙهندا آهن، استادن جا هٿ وڙهندا آهن.)

سياست بہ هڪڙو ڊسيپلين، هڪڙو علم آهي. قومي جدوجهد بہ هڪڙو ڊسيپلين آهي. هڪڙو علم آهي. جيئن ميڊيسن يا ڊاڪٽري. ميڊيسن ۾ ڪو ماڻهُو چوي تہ آئون رڳو اهي ڪتاب پڙهندس جيڪي ٽنڊي الهيار ۾ لکيا ويا ۽ اهي دوائون ۽ ڪُشتا مريضن کي ڏيندس جيڪي ٽنڊي الهيار ۾ حڪيم ڏاهين ٺا تہ ان کي ماڻهُو جيڪر ڇا چوي؟

جيڪڏهن نِت نيون ايجادون نہ ٿين. نيون دوائون نہ اچن. ڊاڪٽري ڪتاب نہ هجن، ماڊرن، الٽرا ماڊرن ڪتاب، هيپوڪريٽس کان وٺي، بو علي سينا، ذڪريا رازيءَ کان وٺي جيڪو تازو ۽ نئون علم آهي، جيڪو هفتي هفتي وڌي ٿو اهو جيڪڏهن ڊاڪٽر نہ پڙهي پوءِ اهو ڪهڙي ڪم جو ڊاڪٽر آهي؟ هينئر جيڪڏهن بچائيندڙ دوائون آهن خاص ۽ نرالين حالتن ۾ استعمال ڪرڻ ڪپن، سي نئيڙو ٻار جمي ٿو تہ ٻئي ڏينهن ان کي اهي ڏيو چڙين! اهڙا نر وينا آهن! رستو ٺهي ٿو تہ ٻئي ڏينهن هيڏا گهانچا! پُل نهي ٿي، زوردار پاڻي اچي ٿو تہ پل اُڏيو وڃي. صحيح ۽ مڪمل علم نہ هوندو تہ تيسيتائين ائين ٿيندو.

جڏهن انسان ذات علم تخليق ڪرڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن کان وٺي جيڪو علم پيدا ٿيو آهي، اُن سڄي علم مان، جيڪي بہ هيرا ۽ موتي اسان کي هٿ چڙهي سگهن، اهي هٿ ڪري اسان کي هتي هن قومي جدوجهد ۾ استعمال ڪرڻ ڪپن. تڏهن ئي اسين ڇئي سگهنداسون تہ اسين معياري ڪم ڪريون ٿا. معيار جو سوال آهي. ماڻهُو چوي، "هلو تہ شهر ڏسون!" شهرن جا معيار آهن. علم جو معيار ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن ڪو ماڻهُو روشني اسڪول ۾ پڙهي ٿو تہ ڇا هو علم حاصل نٿو ڪري! روشني اسڪول جو شاگرد بہ پڙهي ٿو اهو بہ علم حاصل ٿو ڪري ۽ ڪپري ۽ ڇاڇري جي پرائمري اسڪول ۾ جيڪو ٻار پڙهي ٿو اهو بہ علم حاصل ڪري ٿو ۽ جيڪو ميرپورخاص هاءِ اسڪول ۾ پڙهي ٿو اهو بہ علم حاصل ٿو ڪري. آمريڪا جي ڪيليفورنيا رياست جي برڪلي يونيورسٽي - جنهن کي سندن جمهوري ماحول جي ڪري لاڏ وچان، "عوامي جمهوريہ برڪلي" چوندا آهن. ان جا شاگرد يا ساڳي رياست جي اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ جا شاگرد جيڪي پڙهن ٿا اهو بہ علم آهي.

روشني اسڪول کان وٺي برڪلي، اسٽينفورڊ يا انگلينڊ جي آڪسفورڊ يا برمنگهام يونيورسٽين جا شاگرد، سڀ شاگرد آهن، سڀ علم پرائن ٿا. البت سندن پڙهائيءَ جي معيارن ۽ سطحن ۾ فرق آهي. هر شيءِ جا وَڏَ ۽ قِسِمَ ٿين ٿا. سطحون ۽ معيار ٿين ٿا. اسين جيڪا قومي جدوجهد ڪريون ٿا سا ڪهڙي سطح تي، ۽ اسين ان لاءِ جيڪو علم ڪتب آڻڻ گهرون ٿا سو ڪهڙي ليول جو هجڻ گهرجي؟ مقامي سطح جو، قومي سطح جو، ايشيائي سطح جو يا عالمي سطح جو؟ فقط

هاٺوڪو علم يا اڳوٺو ٻه؟ علم مان اسان جي مراد هجڻ گهرجي ان سطح ۽ پڪيڙ جو علم، جيڪو سڄي عالم، سڄي جهان جي علم تي ڇانيل هجي ۽ سڄي تاريخ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ وٺي. ان کي چئبو عالمي تاريخ علم، عالمي تاريخي ادب، عالمي تاريخي سائنس ۽ عالمي تاريخي ٽيڪنالاجي اسان جي هن قومي جدوجهد سان ادب جو ڪهڙو واسطو آهي؟ ان تي غور ڪرڻ کپي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن: ”ڪيڏانهن مُنهن مريم جو، ڪيڏانهن ٺنڊوالهيار!“ جي ڪالاباغ ڊئم ٺا ناهين، پاڻي ٺا بند ڪن ته ان سان مُنهن ڏيڻ لاءِ ڊئم اڳيان بيهي بيت پڙهبا:

”جـــي تـــون بيـــت پـــائين، ســـي آيتـــون آهـــين،
نيـــو مـــن لائـــين، پريـــان ســـندي پـــار ڏي.“

ته ڇا ٿيندو؟ بيت ڪالاباغ ڊئم کي ڇاڪندو؟ واسطو ڪهڙو؟ پنجاهه بيت پڙهي ڇڏيو يا سڄو رسالو پڙهي ڇڏيو ڪالاباغ ڊئم ته بيٺو هوندو، ان کي رسالو ڇا ڪندو؟ يا ملٽريءَ وارو بيٺو آهي چوي پيو: ”اسٽاپ! ڪٿي هو جائو“ ٻيهڻ بدران اسين وٺي بيت پڙهون يا شاعريون ڪريون ته ڇا ٿيندو؟ تنهن ڪري ادب واري ڳالهه بظاهر ته بيوقوفيءَ واري ڳالهه نظر ايندي، چوندا: ”چريا ٿيا آهيون! ادب ڇا ڪندو هن مصيبت ۾؟“ ان جو صحيح جواب حاصل ڪرڻ ضروري آهي.

پهريون ڏسون ته اسان سان لڙائي ميدانن ڪهڙن ۾ آهي. لڙائي سياسي ميدان ۾ ته آهي ئي پر لڙائي جا ميدان ٻيا به آهن. لڙائي هڪ طرفي نه آهي. سڀ طرفي آهي. اسان خلاف لڙائيءَ ۾ ”جنگ“ اخبار ڪتب اچي ٿي. لڙائيءَ ۾ سياسي ويڙهه به ڪتب اچي ٿي. نفسياتي ويڙهه به اچي ٿي. پوليس وارا به اچن ٿا رينجرز به اچي ٿي. اديب ۽ مفڪر به اچن ٿا، نظريا به اچن ٿا. اسان جا بزرگ جيڪي ميمبر صاحبان آهن جيڪي وزير صاحبان آهن، اهي به اچن ٿا اسان جا جُبا آهن، اسان جون دستارون آهن، اسان جا علم جا صاحب آهن. اسان جا شاعر آهن. جنگ جو ميدان هڪڙو ناهي ۽ هر ميدان گهڻ طرفو آهي. ڪو ڪتاب ڪونهي، ڪا سليٽ ڪانهي، ڪو شعر ڪونهي، ڪا اخبار ڪونهي، جيڪا درحقيقت ميدان جنگ نه هجي، جنهن ۾ اسان جي خلاف ڪا نه ڪا ڪارروائي ٿيل نه هجي. جيڪڏهن اکيون آهن ڏسڻ واريون ته هر هنڌ جنگ آهي. تقرير ۾، تحرير ۾، واپار ۾، ملڪ جي اقتصادي وسيلن جي ورڇ ۾، بجيٽ ۾، نوڪرين ۾، پراون ڪنن ٻڌجي ٿو ته ايڪٽيهه جنرل آهن، اسان جا ڀائر اردو ڳالهائڻ وارا ـ اٽڪل سؤ پنجٽيهه پنجاب جا مهربان آهن. اسان جا پشتون ڀائر هاڻ ڪجهه گهٽ آهن. مرڪز جا وڏا عهدا سڀ ڀائرن وٽ آهن. پوءِ توهان هاءِ ڪورٽون ڏسو ۽ سپريم ڪورٽ ڏسو، طاقت جي سمورن سرچشمن تي ڄاڻ، ٽيڪنالاجي، ڪميونيڪيشن، طاقت، انتظامي مشينري، سياسي قوت، سيني هنڌ توهان ڏسندؤ ته ٽوٽل اسان جي مهربانن قدردانن

Gul Hayat Institute

جو قبضو آهي. باربر ڪلي پيا آهن، پاسپورٽن بنا ماڻهن جا لشڪر اچن ٿا. هڪڙي ٽوٽل، مڪمل رٿابنديءَ ۽ پروگرام سان هڪڙي ڦڙت ۽ تيز رفتار مشين Well-oiled machine آهي جيڪا اسان جي خلاف ڏينهن رات ”ٺڪ! ٺڪ!“ ڪم پيئي ڪري- رڳو اسان جي خلاف ڏينهن رات مشين ڪيئن ٿي ڪم Operate ڪري ۽ روز ڇا ٿي ڪري ته به اهڙا ڪلور ڪو نه ٿين ها. هنن وٽ اها چُستائي ۽ ڦڙتائي اها American Efficiency آهي، جنهن جي خود لينن به هيئن چئي تعريف ڪندو هو ته، روسين جو اعليٰ ارادن ۽ تصورن جو جاهه جلال ۽ عزم، همتون ۽ جرئتون، چُستائي، ڦڙتائي،(Efficiency ) آمريڪين جي ۽ پروگرام ۽ نظريو انقلاب جو- جي انهن ٽنهي کي گڏبو ته انقلابي ماڻهُو بنجي پوندو!

ڳالهيون سدا ملوڪ، خوشگفتار-سندن تقريرون ٻڌو ۽ تحريرون پڙهو. جيڪڏهن اوهان مان ڪو سائنسي پروپئگنڊا جو ماهر هجي، ان جي ٽيڪنالاجي جاڻي ته انهن تقريرن ۽ تحريرن کي غور سان تپاسي. پنهنجي شڪار کي ڪاپاري ڏک به هڻو ۽ ”ادا! چئبو اها اوهين سمجهو ٿا اتفاقي ڳالهه آهي؟ نه! اها سائنس آهي. “ وڙهڻ جي سائنس سيکاري ٿي:

Carry a big stick speak softly

”گفتگو نرم هجي، هٿ ۾ ڏنڊو هجي!“

شيوا جيءَ جي هٿ مٿان بخمل چڙهيل هئي، هينيان واگهه نُک يعني چيتي جو چنبو هو. افضل خان سان هٿ ملائي جيئن زور ڏنائين ته همراهه بي هوش ٿي ويو.

”ڳالهه مِٺي ڏنڊو وڏو“ ”ڀائي صاحب، ڪيسي هين؟ طبيعت ڪيسي هي. تڪليف تو نهين هوئي. تشريف رکيئي“ ائين چئي وڏو ڏنڊو هڻبس ته مٿڪو ٽُٽي پوندو. ”سب ڀائي هين، سڀ ڀائر آهيون. عزيز آهيون، قريب آهيون، جگر آهيون، غلط فهمي نه ٿيڻ گهرجي سڀ پنهنجا آهيون. ڀائي هين“ هي اُهي پيارا دوست ۽ ڀائر آهن جن بابت حافظ شيرازيءَ چيو آهي: ”جيڪڏهن هي دوست توکي تلوار هڻي ڪڍن ته به شڪايت مٿان ڪرين! ڇو ته هي قبيلي جا ماڻهُو جنهن کي ماريندا آهن تنهن جي وارثن کان سندس موت جو عيوضو به پرائي وٺندا آهن ته توهان عيوضو ڀري ڏيو. جو هي مري ويو آهي، اسان جو ماڻهُو هو سو ڇو مري ويو؟“

هڪڙو وڏو مسئلو، تمام وڏو مسئلو تصور جو آهي، جنهن کي اسين Concept چئون ٿا، جنهن مان Conceptual Frame Work ”تصور جو خاڪو“ وارو لفظ نهيو آهي. توهان اهو سبق پڙهيو هوندو، ننڍي هوندي، الائي نه، ته هڪڙو ننڍڙو ڏيڏر ويو سو وڃي ڍڳو ڏٺائين ۽ ماءُ کي چيائين: ”امان آئون اڄ هڪڙي تمام وڏي، وڏي ۾ وڏي شيءِ ڏسي آيو آهيان. “ ماءُ چيس، ”ابا! اها ڪيڏي وڏي آهي؟“ ائين چئي مائي ڏيڏريءَ ڇا ڪيو جو وني پاڻ کي ڦوڪي وڏو ڪيائين ۽ چيائين، ”ابا اها شيءِ ڀلا هيڏي وڏي آهي؟“ چيائين، ”نه امان! اها ان کان به وڏي آهي!“

Gul Hayat Institute

ماڻس چيو "اڇا!" پوءِ وري پاڻ کي اچا وڏو ڦوڪيائين ۽ چيائين ته "ابا! هيڏي وڏي؟" ننڍڙي ڏيڏريءَ چيو "امان نه!"اِن کان به وڏي" مائيءَ کي سمجهه ۾ ئي نه اچي ته اهڙي وري ڪهڙي شيءِ ٿي سگهي ٿي، جيڪا سندس جهڙي هيڏي وڏي ڦوڪيل پيٽ واريءَ ڏيڏريءَ کان به وڏي هجي! سو ڪاوڙجي وٺي ڪٽي جو اچا به وڏيڪ پيٽ ڦوڪيائين ته ويچاريءَ جو پيٽ ڦاٽي پيو. هن ويچاريءَ جي تصور ۾ نٿي اچي سَگهيو ته ڍڳي جهڙو جانور به ڪو هوندو آهي، جيڪو ايڏو وڏو به ٿيندو آهي. اسان وٽ صحيح تصورن جي خوفناڪ اڻاٺ آهي، تڏهن ته ڪو پيرس شهر جي ڳالهه ڪري، "ابا! پيرس ڪيڏو هوندو؟ ڀلا احمد جي تڙ جيڏو هوندو؟" "نه! ان کان وڏو!"

"ڀلا ڇاڇري کان به وڏو!"

"نه! ڇاڇري کان به وڏو!"

"ڀلا مٺيءَ جيڏو هوندو يا ان کان به وڏو هوندو." "نه! اچا وڏو!"

"ڀلا عمرڪوٽ جيڏو؟" "نه! ان کان به وڏو!"

"ڀال ميرپورخاص کان ته وڏو ڪو نه هوندو نه؟"

"نه ان کان به وڏو!"

هاڻ! اسان جو ٽريو ڀاءُ جنهن اتفاق سان ڏنو ڇاڇرو به ڪونهي سو ميرپورخاص جهڙي گجگاهه شهر جنهن جي وڏائي ۽ دولت جا هيڏا رنگين داستان ابن ڏاڏن جي زماني کان وٺي ٻڌندو اچي تنهن کان به وڏي ڪنهن شهر جو تصور دماغ ۾ پيدا ڪري ته ڪٿان ڪيئن ڪري؟

دُنيا ۾ قومي جدوجهد ۾ ويڙهه ۽ قربانيءَ جو معيار ڪهڙو هوندو آهي؟ تنهن جو تصور اسين ڪٿان آڻيون؟ "ڀلا مون ههڙو خوفناڪ نعرو هنيو، احتجاج ۽ مظاهرو به ڪيم، بک هڙتال به ڪيم. ڪلاشنڪوف جا برسٽ هلائي چار ٻي هٿيار مسڪين به ماري وڌم. موٽ ۾ چار سَوَ پنهنجي طرف جا به مارايم. اعلان جنگ به ڪيم، ٿي ڌماڪا به ڪيم، اخبارن ۾ روز منهنجا مخالفن کي ڌمڪين ڏيڻ جا بيان به پيا ڇپجن. انقلابي فلاڻو خان، سورهيه! زهر پياڪ! لڄن جو محافظ! به پيو پاڻ سڏايان. اچا ڀلا ٻيو ڇا گهرجي قومي جدوجهد ۾؟"

"فلاڻو ماڻهُو پڙهيل آهي" "ابا ڪيڏو پڙهيل آهي؟"

آئون پڙهندو هوس، پوءِ مون فائينل پاس ڪئي، پڙهنداهئاسون مدرسي ۾. منهنجو هڪ سَوٽُ آهي سليمان. چيائين گهڻا درجا پڙهيو آهين؟" چيم: "ست درجا!" چيائين:"وچ! ستئي درجا پڙهي وئين!"

مون چيو "هائو" چيائين، "پوءِ نوڪري ڪهڙي ٿو وٺين؟" مون چيو "اڃان پڙهان پيو" حيران ٿي چيائين، "اچا پڙهين پيو؟" وري پڙهي ڪئي سون مئٽرڪ پاس.

Gul Hayat Institute

سليمان پڇيو، ”پلا نوڪري ڪهڙي ورتئي؟“ مون چيو، ”پڙهان پيو.“ اعتبار ئي نہ اچيس ڇا اجا پڙهين پيو؟ پلا ڳڻي تہ ٻڌاءِ ڪهڻا درجا سنڌي ۾ ڪهڻا درجا انگريزي ٿيا؟

مون چيو، ”ست سنڌي، ست انگريزي.“

ويو امان وٽ چيائين ”هي تنهنجو پُٽُ چريو ٿي پيو آهي. چوڏهن درجا پڙهيا اٿس اجا بہ وينو پڙهي“ وري ٽيس انٽر ۾ پاس. اجا بہ اڳتي پڙهڻ جي ڳالهہ ٻڌي چيائين، ”هن مان ڪجهہ ڪو نہ ٿيندو سڀ خرچ ويا پاڻيءَ ۾“

منهنجي سَوٽُ جناب محمد سليمان کي اها ڳالهہ تصور ۾ ڪيئن اچي تہ پڙهائيءَ ۾ ڪا ايم اي بہ ٿيندي۔ ڪا پي ايڇ ڊي بہ ٿيندي آهي؟

يورپ ۽ آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ وياسون. يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏناسون. جتي ڏسون اتي ماڻهن جون ڏري گهٽ ڏاڙهيون اڇيون، اڇ ڪاريون.

جنهن ڪان پڇون، ”ڇا ٿو ڪرين؟“

چي، ”پڙهان وينو“

اسان جي حساب سان پُٽن پوٽن ڄڻڻ جي عمر ۾ هي ڇوڪرو اجا پڙهي پيو. ٻچڙو اجا پڙهندو. امتحان ۾ پاس ٿيندو پوءِ نوڪري ڪندو. اسان جا ماڻهُوان عمر ۾ رٽائرڊ ٿي وڃي ڀور ڍڳي سان لڳندا آهن.

ماڻهُو پيا پڙهن، پيا پڙهن، پيا پڙهن. ڪتابن جا جبلن جيڏا ڍير پڙهيو چٽ پيا ڪن. الائي ڪهڙا ڪهڙا علم آهن. پاڻ تصور ئي نٿا ڪري سگهون تہ ڪيڏي ليول جو علم آهي ۽ ڪيترو اٿاهہ علم آهي. اڄڪلهہ دُنِيا ۾ان سموري علم بابت رڳو سوچي سگهڻ بہ پنهنجي تصور جي لاءِ هڪڙو چئلينج آهي. بلڪل چئلينج آهي. پنهنجو تصور ڪم نہ ڪندو. بلڪل نہ ڪندو. پنهنجي تصور کي ڇڪي وڏو ۽ ڪشادو ڪرڻو آهي. ان جي سائيز وڏي ڪرائڻي آهي. توهان کي خبر آهي تہ جيڪي پهريان انسانن جهڙا جانور (Hominids) هئا. جهڙوڪ، هومر روسٽس، هوموهيبلس، هومر ريڪٽس ۔انهن جو دماغ پهريائين پنج سو سينٽي ميٽرن جيترو وڏو هو. هاڻ وڏي شايد نَوَ سَوَ سينٽي ميٽرن ڏاري پهتو آهي. پاڻ سنڌي ماڻهن کي کپي تہ پنهنجي دماغ کي انهن ماڻهُوءُ جهڙن جانورن جي دماغ کي ڪنهن مستريءَ هٿان ايڏو وڏو ڪرايون جو موجوده علم جي صورتحال کي پاڻ رڳو تصور ۾ آڻي Conceptualize ڪري سگهون. رڳو پنهنجي خواب ۽ خيال ۾ اها ڳالهہ اچي وڃي تہ هيئن بہ ٿيندو آهي تہ بہ وڏي ڳالهہ چئبي. اهو وڏو چئلينج آهي. وڏو تمام وڏو ۽ بُنِيادي ڪان بُنِيادي مسئلو آهي. آئون ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان سنڌ جي باري ۾۔ تہ اسين چريون بلائون وات ڦاڙيو وينا آهيون. هي هيترو علم مُيسر آهي دُنِيا ۾. دُنِيا وڃي ڪٿي پهتي آهي. اسين ان کي حاصل ڪرڻ تہ ٺهيو رڳو تصور ۾ آڻي بہ نٿا سگهون. اسان وارو قصو هلندو تہ آخر ڪيئن هلندو؟

Gul Hayat Institute

هاڻي ٿورو موضوع کان هٽي نہ پر ٿورو ان جي گَهرائي ۾ لهون. مثلاً، ماڻهُو جيڪو هن صورت ۾ اچي ٿيو آهي، جيئن پاڻ هاڻي آهيون. جيڪا پنهنجي هاڻي شڪل آهي، لڳ ڀڳ ان جهڙو ٿئي ڪيس (توهان کي خبر آهي تہ) اٽڪل چار لک سال ٿيا آهن. ٽي لک پنجهتر هزار سال اڳ ڏاري هُو پٿر مان اوزار ٺاهڻ سکيو اول تمام سادا ۽ کهرا ۽ پوءِ لسا ۽ تيز۔ اٽڪل ڏهہ هزار سال اڳ تائين دُنِيا ۾ ڪو بہ پڙهيل ماڻهُو ڪو نہ هو يعني چئن لکن سالن منجهان ٽي لک نوي هزار سال جيڪي گذري ويا، تنهن عرصي ۾ ڌرتيءَ تي هڪڙو بہ۔ جنهن کي پڙهيل ماڻهُو چئجي سو ڪو نہ هو. هڪڙو پنو ڪو نہ هو. هڪڙو قلم ڪو نہ هو۔ جنهن کي اکر چئجي سو هڪڙو بہ لکيل ڪو نہ هو. اٽڪل ڏهہ هزار سال اڳ ڏاري ماڻهُو ڏاڪي بہ ڏاڪي اکر لکڻ سکيا. ڪتاب ٺهيا۔ ڪتاب ڪيئن لکندا هئا؟ توهان کي خبر هوندي. مٽيءَ جي تختي ٺاهيو ان مٿان لکيو پوءِ تختيءَ کي چُلهہ ۾ وجهيو سِرَن وانگر پچائيندا هئا. اهو ٿيو ڪتاب جو هڪ پنو وري ٻي سِرَ. اهو ٿيو ٻيو پنو. الاهي سرون گڏ ٿي ويون. اهو ٿيو ڪتاب. اهڙا گهڻا سرن جا ڪتاب گڏ ڪيائون. اها ٿي لائبريري. عراق اندر سميريا ۾ ست هزار ورهيہ اڳ جون اهي لائبريريون ميوزيم ۾ موجود آهن. لندن ۾ توهان ويندا اهي لائبريريون رکيون آهن.

پوءِ تهذيبون ٺهيون، سمريا، بابل، نينوا، موهن جي دڙي جون قديم تهذيبون، تان جو ڪتاب ڦهليا. انسان رڳو عقلمند انسان کان وڌي مهذب انسان ٿي، علم رکندڙ انسان ٿيو. تهذيب رکندڙ انسان ٿيو. سو چار لک سالن مان ٽي لک نوي هزار سالن تائين ماڻهُو مهذب انسان نہ هو. ماڻهُو الڳ الڳ جانورن وانگر زندگي گذاريندا هئا. جيئن ٻڪرن جو ڌڻ هٽي بينو هجي، هٽي رڍون هٽي ٻڪر بيٺا هجن. ائين غير مهذب ماڻهُو رهندو هو. هڪڙي ڏوڙ جي ڄاڻ ٻئي ڏوڙ تائين منتقل نہ ٿي هئي. هڪڙو نسل آيو مري ويو وري ٻيو آيو مري ويو. ڪروڙين ماڻهُو ڄاوا ۽ مري ويا. انهن کي ڪا خبر ڪا نہ هئي تہ ڏهہ سال اڳ ڇا ٿيو. ڏاڏا جي ڏينهن ۾ ڇا ٿيو؟ ڪو رڪارڊ ڪو نہ هو. ڪا خبر چار نہ هئي. جانورن وانگر ماڻهُو ڄمندا هئا ۽ مري ويندا هئا.

گذريل چئن لکن سالن مان ٽي لک نوي هزار سال ماڻهُو ائين ڄمندا هئا، مرندا هئا. مهذب انسان جون الاهي تهذيبون آهن. پر چار تهذيبون چار علم جا مرڪز دُنِيا ۾ نشانبر ۽ سيني کان اڳرا ٿيا. آئون اهو چوڻ چاهيندس تہ سنڌي ماڻهُوءَ گهٽ ۾ گهٽ انهن گذريل چئن تهذيبن جي سرچشمن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ واقف ٿيڻ کپي. جي اسين چاهيون ٿا تہ، جديد معنيٰ ۾ جديد انسان شمار ٿيون تہ انهن قديم ترين تهذيبي سرچشمن مان ضرور فيض حاصل ڪريون.

اسان جي جدوجهد جا علمي ۽ ادبي بُنياد تڏهن پوندا جڏهن اسان کي انسان جي تهذيبي بُڻ بُنياد بابت ڪجهہ نہ ڪجهہ خبر چار هجي. ڪوهہ ڪاف جبل



Gul Hayat Institute

بابت گهڻي خبر ڪٽي نہ هجي پر اهو تہ اندازو هجي تہ ”او فلاڻي پاسي ڪوهہ ڪاف جبل آهي.“ پلي ڏٺل نہ هجي پر ڪجهہ سڌ سَماءُ تہ هجي - تصور تہ هجي.
دُنِيا جون جيڪي چار سڀ کان اهم قديم تهذيبون آهن، تن مان بہ اوير ۾ يعني چين ۽ هندستان جون تهذيبون ۽ بہ اولهہ ۾ يعني يونان ۽ روم جون تهذيبون آهن. اهو ڏيان ۾ هجي تہ سموري مغربي تهذيب ۽ ان جي علم جا سمورا سرچشما سندن سموريون مرده برتريون انهن ٻن تهذيبن مان ڦُٽي نڪرن ٿيون. يونان ۽ روم واري پيڙهہ ڪڍي وٺو تہ مغربي تهذيب بي پاڙي ول وانگر لٽڪندي رهجي ويندي. جڏهن روم روم هو تڏهن ماڻهُو چوندا هئا تہ:
”All roads lead to rome“ ”دُنِيا جا سمورا رستا روم ڏانهن وڃن ٿا“
رُومِي رستن ٺاهڻ جا بادشاهہ هئا. رومي پنهنجي دور جا زبردست انجنيئر هئا. انهن ناممڪن پهاڙن مان رستا ڪڍيا. روم جو فرمودو ڄاتل دُنِيا لاءِ ذري گهٽ خدائي فرمودو هو. ان ڳالهہ کي لاطيني ٻولي ۾ هيئن بيان ڪندا هئا:
“Rom locuta, causa Finita”
”روم ڳالهائي ڇڏيو. معاملو ختم ٿي ويو“ روم جو قائدو هو جيڪو ماڻهُو فصاحت، بلاغت ۽ لکڻ جو ماهر ناهي، جنهن عدالتن ۾ وڪيل بنجي پنهنجي علم، فصاحت ۽ بلاغت سان مقدما نہ کٽيا آهن، ان کي فوجي ڪمانڊ نہ ملندي. فوجي ڪمانڊر ٿيڻ لاءِ لازم هو تہ هو ڪيس کٽي ۽ لکڻ جو بادشاهہ هجي. روم جا وڏي ۾ وڏا جنرل لکندڙ هئا ۽ قهر جا لکندڙ هئا. وڏا فصيح بيان مقرر هئا. تقريرن جا شهنشاهہ هئا. روم ۾ نصاب جو هڪڙو سبجيڪٽ هو، جيڪو پاڻ وٽ ڪونهي ۽ جيڪو يونان مان آيو هو، سو هو فصاحت ۽ بلاغت.
اڄ کان پنجويهہ سؤ صديون اڳي يونان جي شهر اٿينس جي مشهور سياستدان پيربڪلس اٿينس ۽ اسپارٽا جي وچ ۾ ٿيل لڙائيءَ ۾ اٿينس جا جيڪي ماڻهُو مري ويا تن جي قبر تي جيڪا تقرير ڪئي آهي، سا توهان اڄ بہ پڙهندؤ تہ توهان کي حيرت وٺي ويندي. پيربڪلس پنهنجي ان جڳ مشهور تقرير ۾ جمهوريت جي فائدي ۾ ۽ ڊڪٽيٽرشپ جي خلاف ڳالهايو آهي. هن ٻڌايو آهي تہ اسين اٿينس جا ماڻهُو جو هيڏا روشن خيال ۽ مهذب آهيون ان جو سبب جمهوريت آهي. اسپارٽا ثقافتي ۽ روحاني طور پسمانده آهي ان جو سبب اتي جو ڊڪٽيٽرشپ وارو نظام آهي.
هن شهيدن کي زبردست خراج تحسين ڏنو آهي. اڄ بہ جي تقرير جي مثان لکيل پيربڪلس جو نالو ڍاهي ڇڏيل هجي ۽ اها خبر نہ پوي تہ هيءُ پنجويهہ سؤ سال اڳ جي ڪيل تقرير آهي تہ توهان ان کي پڙهي چوندؤ تہ، هيءُ يورپ جي ڪنهن جمهوريت پسند عالم ۽ سياستدان جي اڄا ڪالهوڪي ڪيل تقرير

آهي. اڄ بہ ان تقرير جو مثال ناهي. "Peloponnesian wars" جيڪڏهن ان مان سن وغيره ۽ ٻيا سڃاڻپ جا نشان ڪڍي ڇڏجن رُڳو سندن لکڻ جو انداز خيال ۾ رکجي تہ ڪو ماڻهُو چئي نہ سگهندو تہ هيءَ ڪا پنجويهہ سَؤ سال اڳ جي لکيل آهي. پيريڪلس جي تقرير بہ ان تاريخ ۾ رڪارڊ ڪئي اٿس.مون تنهن ڏينهن هڪڙي رُومي سياستدان جو خط پڙهيو. خط ۾ ماڻس کي چيو اٿس تہ. "جوليس سيزر قلوپطره کي وٺي پهرين ايندو روم ۾. تون روم ۾ ويٺي آهين. منهنجو خيال آهي تہ روم ڇڏي ڀڄي وڃ. ڇو تہ جوليس سيزر ڏنگو ماڻهُو آهي. پاڻ سان ٺهيل ڪونهي. متان پاڻ کان انتقام وٺي ۽ توکي تنگ ڪري"؟ ماڻس جواب ڏنو "مڙيئي خير ٿيندو. تون فڪر نہ ڪر."

توهان خط پڙهندؤ تہ ان جي جديد اسٽائيل ۽ تيز لکڻيءَ مان سمجهندؤ تہ ڪنهن ڪالهہ لکيو آهي. حالانڪ هو ساڍيون ويهہ صديون اڳ انهن ڏينهن جو آ جڏهن سال ڇائيتاليهہ قبل مسيح ۾ قلوپطره زنده هئي. جڏهن جوليس سيزر زنده هو ۽ جڏهن جوليس سيزر. قلوپطره ۽ ان مان ڄاول پنهنجي پُٽ سميت فاتحانہ شان سان روم ۾ داخل پئي ٿيو تقريباً ان ئي زماني يعني ٿيويهہ صديون اڳ جا رُومي شهنشاهہ ٽراجان جا پنهنجي آفيسر نندي پلنيءَ کي لکيل خط آهن. انهن مان ڪيترا خط هن قسم جا آهن تہ. "فلاڻي شهر کي آباد ڪيئن ڪريون؟" ٽئڪس تي بحث ڪيو اٿس تہ هي ٽئڪس لڳائڻ کپي يا نہ. صفائي جو بندوبست ڪيئن ٿئي ۽ مارڪيٽ ڪٿي هجڻ کپي ۽ مارڪيٽ جو لنگهہ ڪٿي هجڻ کپي؟"

اسان جي ميونسپالٽين ۽ ڪارپوريشن جا چيئرمين صاحب ويٺا آهن. انهن کي جيڪا شهر جي ڳڻتي آهي اها بہ ذهن ۾ رکو ۽ هڪڙو رومي شهنشاهہ هڪڙي عام شهري جي باري ۾ ڪهڙيون تفصيلي هدايتون ٿو ڏئي.سو بہ ويچار هيٺ آڻيو تہ توهان کي مس مس ڪو اڻ لکو اندازو ٿيندو تہ روم ڇا هو. هتي آئون علم جي ڳالهہ نٿو ڪريان. رڳو تصور هجي تہ اهڙيون شيون بہ ٿينديون آهن. اهڙا ماڻهُو بہ هئا. اهڙيون تهذيبون بہ هيون تہ بہ وڏي ڳالهہ ٿي پوي. رومي شهنشاهيت ڇا هئي؟رومي شهنشاهيت جي معنيٰ هئي تہ. انگلينڊ روم جو صوبو هو فرانس روم جو صوبو هو. ترڪي صوبو هو جرمني. آسٽريا وغيره اهي سڀ صوبا هئا. سڄو يورپ عام آفريڪا. اولهہ ايشيا سڀ رومي سلطنت جا تابع. ڏيڍ هزار سال. 1453ع تائين جو عرصو قائم رهي رُومي سلطنت! جوليس سيزر جڏهن انگلينڊ تي قبضو ڪيو. تڏهن روم ڏانهن جيڪا ان بابت رپورٽ موڪليائين. سا ٽن لفظن جي هئي:

Gul Hayat Institute

"Veni, Vidi, Vice"۔ "يوني، وڊي، وڪي." جنهن جي معنيٰ آهي، "آئون آيس، مون ڏٺو، مون قبضو ڪيو." ختم! پاڻ جهڙو ماڻهو رُڳو حيدرآباد کان ڪوٽڙي پهچي تہ داستان بيان ٿي ويندا. "سائين آيا سين، ڪوٽڙي، پوءِ هيئن ٿيو هوئن ٿيو" مطلب تہ پتاڙ ٿيندي ناهوڪي. (تاڙيون)

ٿورن اکرن ۾ گهڻي ڳالھ ڪرڻ جو دستور اڳ عربن ۾ بہ هو. هاڻ تہ اهي بہ اچي پتاڙ ۾ پيا آهن. مامون الرشيد جو سپھ سالار جڏهن بغداد ۾ پاڻس امين الرشيد تي حملو ڪري آيو تہ رپورٽ موڪليائين بغداد مان مامون الرشيد ڏانهن جيڪو خراسان ۾ هو جنهن ۾ لکيائين: "آئون بغداد ۾ آهيان ۽ امين جو سِرُ منهنجي پيرن هيٺيان آهي." اکر ٽي ٿورا. ائين ڪو نہ لکيائين تہ هيئن وڙهيس، هيترا ماڻهو ماريم، فتحون ڪيم، تراڙيون هنيم، ڪجھ نہ. "بغداد ۾ آهيان ۽ امين جو سِرُ منهنجي پيرن ۾ آهي." بس ختم.

قومي جدوجهد ۾ پنهنجا دماغ وڏا هئڻ گهرجن. ڇا اسان جي ذهن ۾ جدوجهد جو لڙائي جو، جنگ جو صحيح صحيح تصور آهي؟ مثلاً: ڇا اسان تصور بہ ڪري سگهون ٿا تہ، قومن جي حقيقي ويڙھ ڇئبو ڇا کي آهي؟

قومن جي هڪڙي قديم ويڙھ کي وٺون، ڪارٿيج ۽ روم جي وچ ۾ ويڙھ کي ٻن قومن وچ ۾ اها ويڙھ 264 ق. م کان 146 ق. م تائين پورا سوا سَؤ سال هلي، ٽي ننڍيون جنگيون ٿيون.

هيني بال دُنيا جي شهر آفاق سپھ سالارن مان آهي، هيني بال ٻي لڙائيءَ جو سپھ سالار هو. جنگي چالن جو شهنشاھ هو.

جنگي چالون ڇا ٿينديون آهن؟ پاڻ کي ڪهڙي خبر تہ جنگي چالون ڇا ٿيندون آهن؟ پاڻ تہ لڳا پيا آهيون: "بابا لڳا پيا آهيون!" ڇريون بلائون، "هلا پيٺان نہ ويندؤ!" "اي نہ ويندين رڍ جا پٽ!" هڻ گهوبا ٿو مڙس ڪري پيو. يا هلاءِ برست. بہ ٽي پراوا مسڪين مارجي ويا جواب ۾ بہ ٽي سَؤ پنهنجا ٻين ماري ڇڏيا. "قومي جدوجهد زنده آباد" بابا ههڙو شير ٿيو ئي ڪو نہ!" مان انقلابي، مان سورموا!" مان جنرل، مان سپھ سالار"

هيني بال ڇا ڪيو؟ عظيم ڪارٿيج جي اڳواڻ هسدبور بال جو پٽ هو. اسپين ۽ فرانس کان ٿيندو پنيان ڦري آيو روم کي. خبر ئي ڪا نہ پيئي رومين کي تہ همراھ ان ابتي پاسي کان بہ ڪو اچي ٿو. آفريڪا مان هاٿي آڻي چاڙهيائين جبلن تي. دُنيا جو رڪارڊ آ، هاٿي پهاڙن تي چاڙهي روم تي پنيان حملو ڪيائين، جيڪا طاقتور رومي فوج ڏسي تنهن کان پڃيو وڃي. جيڪا ڪمزور فوج ڏسي تنهن تي وڃيو چڙهي. سالن جا سال هو روم ۾ رُومين سان وڙهندو رهيو. هميشہ جڏهن دشمن

Gul Hayat Institute

جي ڪا اڙي تڙي فوج ور چڙهي، تنهن تي حملو ڪري پاڻ کان ڏاڍي فوج کان پهاڙن تي چڙهي پچي وڃي. رُلائي رُلائي، رُلائي، رُومين جو ساهہ ڪڍي ڇڏيائين. نيٺ هڪڙي وڏي قُوَت کي ڪيئن تباهہ ڪجي؟ تنهن جنگي فن جو وڏي ۾ وڏو اِمام دُنِيا ۾ هو پر رُومِي بہ گهٽ ڪو نہ هئا. روم جي هڪڙي جنرل اينگهائيندڙ جنگ ۾ هٽي ڪيس ٿاسائي وڌو. تان جو جڏهن جنگ جو ڪو فيصلو نہ ٿي سگهيو تڏهن رُومِين سمنڊ ٽپي وڃي سندس وطن ڪارٿيج تي حملو ڪيو. ڪيس لاچار وطن جي بچاءُ لاءِ واپس موٽي پنهنجون دلپسند گوريلا چالون ترڪ ڪري هڪ هنڌ بيهي وڙهڻو پيو جنهن جا رُومِي استاد هئا. رُومِي جنرل سپيو شڪست ڏنس ۽ جوان کي زهر کائڻو پيو. سوا سَؤ سالن جي جنگ کان پوءِ ڪارٿيج هارايو ۽ ڪيس تباهہ ڪيو ويو. روم ڪٽي ويو.

جنگ هڪڙو علم آهي، هڪڙي سائنس آهي، هڪڙو سبجيڪٽ آهي. پڙهيل لکيل ماڻهن جي حيثيت ۾ اسان کي بہ جنگ جو علم ۽ سائنس ڪجهہ نہ ڪجهہ معلوم هئڻ گهرجي.

جنگ جا ڪَئِين هاڪارا ماهر ٿي گذريا آهن، سڪندر اعظم، هيني بال، جوليس سيزر، خالد بن وليد، محمود غزنوي، چنگيز خان، تيمور لنگ، نيپولين، ڊيوڪ آف ويلنگٽ، هٽلر، اسٽالن ۽ ڪَئِين ٻيا. جوليس سيزر ۽ تيمور لنگ، بابر، نيپولين ۽ ڪِن ٻين پنهنجن جنگين جو احوال بہ رڪارڊ ڪيو آهي. جنگ جي علم ۽ نظريي جا پنج ڇهہ ڪتاب سڄي دُنِيا ۾ ڪلاسيڪي حيثيت رکن ٿا: (1) چيني جنگي نظريہ دان سن زوءَ جو اڍائي هزار سال اڳ لکيل ڪتاب ”جنگي حڪمت عمليءَ جو فن“ (2) گذريل صديءَ ۾ جرمن ماهر جنرل ڪلازيوز جو لکيل ڪتاب ”حڪمت عملي“ (3) جرمن جنرل وان مولٽڪي جو ”جنگ جو فن“ (4) انگريز جنگي ماهر ڪئپٽن لڊل هارٽ جو لکيل ڪتاب ”Grand Strategy“ ”اعليٰ جنگي حڪمت عملي“ (5) مائوزيتنگ جا ”گوريلا جنگ تي پنج مقالا“ ۽ (6) ويتنامي جنرل جياپ جو ڪتاب ”عوامي جنگ“.

هٽلر جڏهن روس تي اوچتو حملو ڪيو، تڏهن ميسولينيءَ کي لکيائين تہ، روس تي جيڪو حملو ڪرڻ وارو آهيان، ان لاءِ مون اهڙي فوج تيار ڪئي آهي جيڪا آسمان مٿان چڙهائي ڪرڻ جي قوت رکي ٿي.

“I have prepared an army storm-which is capable if the very heversing” ۽ اها فوج واقعي اهڙي هئي جيڪا جڻ تہ آسمان تي چڙهي سگهي ٿي. انسانذات جي اک ڪڏهن بہ اهڙي طاقتور فوج نہ ڏٺي هئي. روس ۽ جرمن جنگ ان وقت تائين دُنِيا جي وڏي جنگ هئي. سڄو رڪارڊ موجود آهي، ذري پرزي، جڻ رننگ ڪمينٽري لکي پيئي آهي. اٺ ڏهہ ڪتاب تہ روسي مارشلن جا آهن، مارشل

زوڪوف، مارشل بيرمينڪو مارشل راڪو سو وسڪي، مارشل چئيڪوف، مارشل مالينوڪو وسڪي ۽ ٻيا ٻه ڪتاب خود روسي جنرل اسٽاف وارن جا آهن. هڪڙو مارشل شتيمينڪو جو "سوويت جنرل اسٽاف ميدان جنگ ۾" ٻيو مارشل ويسليپوسڪي جو "The cause we serve" ٻي جنگ عظيم جي رڪارڊ جهڙو رڪارڊ انساني تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن به مُيسر نه ٿي سگهيو آهي. مئڪ آرٿر، آئزن هاور، مانگو مري، روميل، خود هٽلر جو رڪارڊ موجود آهي. "هٽلر جا فوجي هدايت ناما" "هٽلر ڊائري" جرمن جنرل اسٽاف جي ڊائري "هئلڊر ڊائري" آهي. جرمن جنرلن جنگ بابت نقطءِ نظر ڪيپٽن لڊل هارٽ پنهنجي ڪتاب "پهاڙ جي ٻئي طرف" ۾ رڪارڊ ڪيو آهي. مطلب ته ذري پرزي جو رڪارڊ موجود آهي، پر پڙهي ڪير؟ ضرورت ڪنهن کي؟ انگريزيءَ جي تڪليف ڪير ڪري؟ "گُنديئين ڪير ڏي ته مينهن ڏاري ڇا ڪجي؟" جي ڄڻن اڳيان ڏاڙنڪاءُ هٽي سورمو ٿي سگهجي ته پوءِ وڏيڪ تڪليف ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور؟ ڇي "فلاڻو وڏو بهادر آهي" بهادري ڇڻجي ڇا کي يا ان جو معيار ڪهڙو؟ لينن گراڊ جو گهيرو ٿيو نازين ڪيو سالن جا سال هليو.

"ادا سنڌ لاءِ فلاڻي ڏاڍي قرباني ڏني، بلي! ست سال جيل ۾ پيو هو" "فلاڻو سِرُ ڏئي هليو ههڙو ٿيو ئي ڪو نه!"

لينن گراڊ جو گهيرو، پاڻي بند، کاڌو ختم، بجلي بند، سڀ بند، اسپتال ۾ آپريشن ڪجي ته سرجن آپريشن ڪندي پَٽ تي ڪري پون، ڇو ته لينن گراڊ ۾ ماني ڪا نه هئي فاقا هئا، خوفناڪ ڏڪار، گهٽين ۾ ٻکن جي ماريلن جا لاش پيا هوندا هئا. ڊوئڻ وارا وري، واٽ تي ڪريو پوندا هئا. مشهور آمريڪي صحافي هيريسن سئلسبريءَ لينن گراڊ جي گهيري بابت ڪتاب لکيو آهي، ان ۾ لکيو اٿس ته "لينن گراڊ جي هڪڙيءَ ماءُ کي پيءَ ماءُ ڇيو ته منهنجو پٽ تون کاءُ تنهنجو مئل پٽ آئون ٿي کاوان." (تاڙيون)

Gul Hayat Institute

مٿان چوويهه ڪلاڪ نازين جي بمباري ۽ گهيرو ڪندڙ توبن جي توبزني، چؤطرف دونهون، آگ ۽ موت، اٺين سال لنگهي ويا، پر پيش نه پئبو. اهو شهر وڙهيو توڙ تائين وڙهيو فتح تائين وڙهيو. ان بابت هڪڙي فلم ملي ٿي" The Hero City" "سورمو شهر" اها فلم توهان ڏسو روءِ زمين جي جفاڪشي، بهادري، جرئت، سهپ ۽ ثابت قدميءَ جا رڪارڊ ٽوڙيا آهن. هن سورمي شهر.

1943ع استالن گراڊ جي لڙائي آهي. هڪڙي بلڊنگ ۾ جرمن وينا آهن. ٻئي ۾ روسي وينا آهن. پاڻ چوندا سين، "ادا پوءِ وڙهياسين، وڙهياسين ۽ ادا وڙهي وڙهي ٿڪجي پياسين، پوءِ آئون ته يار مايوس ٿي هليو ويس." (تاڙيون)

استالن گراڊ کي مڪمل گهيرو جرمن فوج شهر ۾ داخل گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ دوبدو جنگ، ساڳي بلڊنگ جي اندر جنگ، هڪڙي ۾ نازي، ٻئي ۾ روسي ويٺا آهن. جنگ جاري هئي، آخري پساهن تائين جاري هئي. هڪڙيءَ بلڊنگ ۾ ٻاويهه ڏينهن جنگ هلي هئي. رڪارڊ رکيو اٿن. بلڊنگ تي جرمن قبضو نہ ڪري سگهيا. روسي وڙهندا رهيا، ساڳيءَ طرح مارشل زوڪوف، مارشل راڪوسوفسڪيءَ، مارشل وئلبوسڪيءَ، مارشل چوئيڪوف جي ڪتابن ۾ برلن جي لڙائي بابت احوال پڙهي ڏسو. 12 سالا جرمن ٻار بہ بگهڙن وانگر توڙ تائين وڙهيا تہ قومي جدوجهد جيڪا پاڻ تا ڪريون، سا بہ پنهنجي حساب سان تہ الاهي وڏي آهي. وڏيون زبردست، وڏيون شاندار قربانيون ۽ سورهيائون آهن. پاڻ ماڻهن جون. پنهنجي حساب سان پاڻ جهڙو ٿيو نہ ڪو ٿيندو. ڏاهر، دودو، دريا خان، هوشو، هيمون ڪير سڏائي! پر سورهيہ، سوڍا، سپهہ سالار ڪهڙي معيار جا؟ جڏهن تہ هيني بال بہ هو نيپولين بہ هو غزنوي بہ هو تيمور بہ هو ٻيا سوين هئا. انهن جي پيٽ ۾ پاڻ کي ڪهڙي لسٽ ۾ رکون؟ هڪڙي حساب سان پاڻ کي ٻاراڻي ڪلاس ۾ داخلا ملي تہ بہ وڏي ڳالهہ ٿي. تيرهين صدي جي علاءُالدين خلجي بدمعاش کي وٺو. توهان ڏسو سا ڇهہ سَؤ سال ٿيا جو منگولن جڏهن هندستان تي حملو ڪيو جڏهن هندستاني فوج دهلي پهتي ان کي بچائڻ جون راهون بند ٿي ويون. علاءَ الدين خلجي دهلي خالي ڪري ڪاهيون ڪوٺي، انهن جي اندر هاٿي بيهاري پاڻ خندق ۾ ويهي منگولن سان مهاڏو اٽڪائي ويٺو. بظاهر بلڪل ڪا بہ بيهڻ جي اميد ڪا نہ هئي، پر علاؤالدين خلجي منگولن جي سامهون پيش نہ پيو نہ هٽيو. ويڙهہ جاري رکيو آيو. مهينن جا مهينا ائين گذري ويا. تان جو آهستي آهستي هندستاني فوجون لڪي ڇپي گڏ ٿيڻ لڳيون. منگول، علاؤ الدين جي پيچيدگين کي اينگهائيندڙ جهنگلي چالن سان وڙهي وڙهي ڪِٿِ ٿي پيا ۽ نيٺ مات منيءَ ۾ پڄي ويا.

ان کان بہ ٽي صديون اڳ هن محمود غزنويءَ، سومنات فتح ڪرڻ کان پوءِ ذري گهٽ سخت شڪست ٿي کاڌي. تاريخ جا "Original Sources" اصلي سرچشما پڙهي ڏسو! محمود غزنويءَ سومنات ۾ داخل ٿيو ان کان پوءِ جلدي راجپوتن جي سخت گهيري ۾ اچي ويو. صاف ظاهر هو تہ هتان بچڻ مشڪل هو. پرهو پڳو ڪو نہ. شڪست اکين اڳيان هوندي بہ بيٺو رهيو. تان جو اوچتو طوفان اٿيو. واچوڙو لڳو. ڄمي بيهڻ جي ڪري ان اتفاق جو فائدو وٺڻ جو موقعو ملي ويس. طوفان لڙائيءَ جو نقشو ائين بدلائي ڇڏيو. جيئن طوفان اسپيني آرماڙ کي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ يونيءَ جي ڪيل سُستيِ اسپين کي جيئندان ڏياري ڇڏيو.

محمود ان حادثي جو فائدو ورتو. جوابي حملو ڪري مخالفن کي شڪست ڏنائين.

هي جيڪي وڏا وڏا جنرل ڏسو ٿا، سي سورهيائي، همت، ثابت قدمي، تيزيءَ، قابليت، کان سواءِ دشمن کي گمراهه ڪرڻ جا بہ وڏا ماهر هوندا آهن. دشمن جي دوکي ڏيڻ جي چالن ۽ فريبن جي چار ۾ نہ ڦاسڻ ۽ اُلٽو کيس دوکو ڏيئي گمراهه ڪرڻ اهو هوندو آهي فتح يا شڪست جو هڪڙو وڏو ڪارڻ.

حضور ﷺ جن چيو آهي، "ويڙهہ معنيٰ فريب ۽ دوکو." هڪڙو ڪتاب آ جيڪو بازار ۾ ملي ٿو. ان جو نالو آ "Deception" "دوکو". مقابلي ۾ ويڙهہ ۾ فريب قدرتي ڳالهہ آهي. جيئن مياڻيءَ ۾ پاڻ سان فريب ٿي. جنرل نيپئير دوکو ڪري پوئتي هٽيو ۽ هيڏانهن پاڻ وارون فوجون خندق مان نڪري ٻاهر آيون ۽ دشمن جي توبخاني هٽي کين لُٽي ڇڏيو. توهان مياڻيءَ جي لڙائي پڙهي آهي تہ ڪيئن ٿي؟ دبي جي لڙائي پڙهي اٿو؟ جيئن ٻارڙن کي ڪو گهٽو ڏيئي ماري ڇڏي، تيئن ڪم ٿيو پاڻ سان. پر پنهنجي حساب سان پاڻ وڏي ڳالهہ آهيون. مياڻيءَ جهڙي لڙائي ٿي ڪا نہ. پاڻي پَٽَ کان بہ وڏي ٿي. چو تہ پاڻ ٻار آهيون. "بابا آءُ وڏو آهيان نہ سيني کان؟" جواب ڏبو "ها بابا! تون مون کان بہ وڏو آهين، بلڪل وڏو سيني کان وڏو." دشمن جي جاسوسي ڪرڻ، سندس گهر ۾ پنهنجا ايجنٽ ڦٽ ڪرڻ، انهن مٿان توڙ ڦوڙ تخريبڪاري ڪرائي اڳلي جي گهر ۾ مانداڻ مچائڻ بہ ويڙهہ ۾ لازمي آهي ۽ دشمن جي طرفان ڪيل اهڙين ڪوشش کي ناڪام بنائڻ بہ ضروري آهي.

1944ع ۾ 20 جولاءِ تي هٽلر تي حملو ٿيو. جنگي ڪانفرنس پئي هلي. هٽلر ٽيبل وٽ بيٺو هو. ڪرنل اسٽافن برگ آيو. ٿيلهو هٿ ۾ هئس. اهو رکيائين ٽيبل هيٺ. ٿيلهو هيٺ رکي، پنج منٽ ويهي وري ٻاهر هليو ويو. ڪانفرنس هلي پئي. فيلڊ مارشل ڪيٽل سڀ هئا. وڏا وڏا جرمن جنرل هئا. توهان ٻي جنگ عظيم جي تاريخ پڙهي آهي؟ سنو ڪتاب هڪڙو ملي ٿو. " Rise and fall of the third Reich" اردو ترجمو ٿيل اٿس ۽ بہ سَؤ رپيا يا ڏيڍ سَؤ رپين ۾ ملي ٿو. وليم شائرر "William Shirer" جو لکيل آهي. اهڙا تصور ڪشادا ڪندڙ ڪتاب پڙهجن تہ ڪجهہ تہ سمجهہ ۾ اچي تہ دُنيا ڇا آهي؟ ان ڪتاب ۾ نازي جرمنيءُ جون سڀ خبرون آهن. سو ڪرنل اسٽافن برگ هيٺيان رکيو ٿيلهو اهو ٿيلهو ڦاٽو. هُو تہ نڪري ويو هو هٽلر زخمي ٿيندي بچيو. ٽيبل بچاءُ ڪري ورتس. جاچ تي معلوم ٿيو تہ ان ۾ راڄ مڙسن جا ملوث هئا. خود جرمنيءَ جو ان وقت جو هاڪاري ۾ هاڪارو جنرل جنهن تي هٽلر کي فخر هوندو هو، تنهن جو بہ نالو آيو.

جرمنيءُ جي ٻي جنگ عظيم جي سڀ کان وڏيڪ مشهور جنرل جو نالو ڪير ٻڌائيندو؟

(ٻڌندڙن مان جواب: "فيلڊ مارشل روميل")

Gul Hayat Institute

معلوم ٿيو تہ فخر نازي جرمني هٽلر جو شهباز، فاتح آفريڪا فيلڊ مارشل بہ پنهنجي آقا ۽ عظيم هٽلر کي مارائڻ جي معاملي ۾ ملوث هو! وڏيڪ خبر پيئي تہ اولهندي فرانس ۾ جيڪا جرمنيءَ جي ڳَئِين ڊويزن فوج هئي، تنهن جو ڪمانڊر انچيف سو بہ خيرن سان ملوث هو. پر سڀ کان وڏي سڀ کان سنسني خيز اجا ٻي خبر پيئي بلڪ ڏاڍي دير سان پيئي. اها خبر پيئي ان ماڻهُوءَ جي باري ۾ جنهن جو نالو ٻڌي هٽلر جا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. پوءِ حڪم ڪيائين تہ ان ماڻهُوءَ کي ڳچيءَ ۾ ٽيليفون جون تارون وجهي، ڦاها ڏيئي، ڇيڇلائي ڇيڇلائي ماريو ۽ ان سڄي ڪارروائيءَ جون تصويرون تيار ڪري مون کي موڪليو تہ منهنجو هينئڙو جيڪو هينئر سڙي ٿو هن ماڻهُوءَ جي غداريءَ جي ڪري ان تي ڇنڊو پوي.

حڪم جي تعميل ٿي ويئي. هٽلر بار بار ان کي ڏنل عذابن جون تصويرون ڏسي اندر ناريندو هو. هن جهڙي سخت دل ماڻهُوءَ جي اندر کي ايڏي باهہ ڇو لڳي؟ ڇو تہ اهو ماڻهُو هٽلر جو اهو خاص الخاص اعتماد وارو اعليٰ ترين آفيسر هو جنهن جو ڪم ئي هو دشمنن جي جاسوسيءَ جون پاڙون پٽڻ معلوم ٿيو تہ جنهن ماڻهُوءَ ڏهہ سال جرمنيءَ جي خلاف دشمنن جي جاسوسيءَ جون پاڙون پٽڻ جو ڪم پئي ڪيو. اهو دراصل دشمن جو جاسوس هو! ايڊمرل ڪينريس. ڪينريس جيڪو محافظ هو هٽلر جو. جنهن جو ڪم هو دشمن جي جاسوسن کي پڪڙي ناس ڪرڻ، اهو خود دشمن جو جاسوس نڪتو!

ههڙن مثالن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ ويڙهہ ۾ ڪيڏو نہ خبردار رهڻو ٿو پوي. ڪيتري بہ اعليٰ درجي جي خبرداري ڪجي پوءِ بہ ڪهڙا نہ خوفناڪ فريب ۽ دوڪا ٿي سگهن ٿا ۽ ڪهڙا ڪهڙا قومن جا "محافظ" اصل ۾ ڇا هوندا آهن؟

قومي جدوجهد ڪرڻ وارن جي سمجهہ جا، عقل جا، دماغ جا معيار ڪهڙا نہ خوفناڪ فريب ۽ دوکي وارا ٿي سگهن ٿا ۽ ڪهڙا ڪهڙا قومن جا "محافظ" اصل ۾ ڇا هوندا آهن!

قومي جدوجهد ڪرڻ وارن جي سمجهہ جا، عقل جا، دماغ جا معيار ڪهڙا هئڻ گهرجن؟ پاڻ وٽ هر مسئلي جو حل آهي، نعرو. نعرو لازمي آهي. اهو ضرور لڳي. "جيئي سنڌ! سدا جيئي. ڇو نہ جيئي" پر "روزا ۽ نمازون ايءُ پڻ چڱو ڪم" نعري کان سواءِ بہ ڪجهہ هٿ پير هڻڻو آهي. بہ اکر پيٽ ۾ وجهڻا آهن. ڪجهہ ڄاڻڻو آهي، ڪجهہ معلوم ڪرڻو ڪجهہ سکڻو آهي، ڪجهہ سيکارڻو آهي.

روزا ۽ نمـــازون، ايءُ پـــڻ چڱـــو ڪـــم،

پـر اوڪـو ٻيـو فهـم، جـنهن سـان پسـجي پـرينءُ کـي.

ٻيو هر بيماريءَ جو علاج آهي وڏو لقب. گُڏي گڏيءَ جي راند. "هي گُڏو گهوٽ ٿيندو ۽ هيءَ گُڏي ڪنوار." "آئون ڪرنل آهيان." "آئون جنرل آهيان." ۽ "آئون فيلڊ

Gul Hayat Institute

مارشل آهيان.“ ”آئون فيلڊ مارشل منٽگمري“ ”آئون فيلڊ مارشل روميل“. جي فيلڊ مارشل پاڻ اچي وچن ميدان ۾ ڪري ڏين جنگ جا اعلان تہ پوءِ باقي ٻين جو ڪم ڪهڙو؟ اڳي هڪڙي انگريزي فلم هلي هئي: ”The man who never was“ اهو ماڻهُو جنهن جو وجود ئي ڪو نہ هو“ اها حقيقت تي ٻڌل فلم هئي، ٻي جنگ عظيم ۾ دشمن کي دوکو ڏيڻ جا جيڪي وڏي ۾ وڏا ڪارناما ڪيا ويا، تن ۾ اهو دوکي جو ڪارنامو بہ ٽاپ تي آهي. مسئلو هو هٽلر کي ڪهڙو دوکو ڏجي، جو هُو سمجهي تہ مٿس جلد ٿيڻ وارو وڏو حملو جتي حقيقت ۾ ٿيڻو هو اتي ڪو نہ ٿيندو پر ڪنهن ٻئي هنڌ ٿيندو، جيئن هُو پنهنجون فوجون اصلي حملي واري جڳهہ تي گڏ ڪري نہ ويهاري.

سو لنڊن ۾ هڪڙو تازو مئل لاوارث لاش اسپتال مان هٿ ڪري ان کي فوجي وردي پهرائي، هٿرادو سڃاڻپ ڪارڊ، ٽڪيٽون، پئسا وغيره سندس کيسي ۾ وجهي، هڪڙو هٿرادو خفيہ سپهہ سالار لارڊ الگزينڊر کان ٻئي سپهہ سالار ڏانهن لکائي ٻئي اندرين کيسي ۾ وجهي. لاش کي اهڙو ڪري ڇڏيائون ڄڻ اهو ماڻهُو ڪو خاص الخاص هو جيڪو اتفاق سان حادثي جو شڪار ٿي ويو هجي. پوءِ لاش کي اسپين جي ڀرسان اهڙي هنڌ سمنڊ ۾ اڇلايائون جتان اهو اسپين وارن کي جيڪي هٽلر سان نهيل هئا، تن کي هٿ چڙهي.

منصوبي مطابق لاش لُڙهي آيو اسپين پوءِ لاش لڌو. ان مان حيرت جهڙا ڪاغذ نڪتا. اهي ڪاغذ ويا هٽلر وٽ. هٽلر اندازو لڳايو تہ جيڪو هاڻي حملو ٿيڻ وارو آهي سو هتي ڪو نہ ٿيندو، هُتي ٿيندو. هن پنهنجي ڪئين ڊويزن فوج، حملي جي اصل جڳهہ بدران اوڏانهن ويهاري ڇڏي ۽ پنيان حملو ٿيو ٻئي پاسي! ڪئين ڊويزن فوج ضايع ٿي ويئي. نيٺ جرمني هارائي ويئي.

جاسوسي جو ٻيو مثال مشهور آهي جاپان جو. جاپان ۾ هڪڙو روسي جاسوس هو. ۽ اخبار جي پاران نمائندو ٿي ويو ٽوڪيو ۾. جپان کي آمريڪا سان وڙهڻو ۽ روس کي جرمن سان وڙهڻو هو. ”بابا پاڻ ۾ ڪو نہ وڙهنداسين“ ”ٻيلي! تون خوف نہ ڪجانءِ تہ ڪو آئون توسان وڙهندس.“ هو چئي، ”تون منهنجو ڪٽڪو نہ ڪجانءِ“ هو چئي ”بابا دشمن جي چوڻ تي متان لڳين“ ”آئون ڪو نہ لڳندس، ڀلا تون تہ ڪو نہ لڳندين نہ.“

هڪ ٻئي سان انجام اقرار ٿيا. پر جنگ جهڙي ڳالهہ ۾ ماڻهُو پنهنجي پاڇي کان بہ ڊڄندو آهي. روس ڪافي ڊويزن فوج احتياط طور جپاني سرحد ويجهو رکي، جاپان جي چُست ۽ تيز فوج جنهن کي تاريخ ۾ ڪوان ٽونگ فوج سڏيو ويجي ٿو. سا روسي سرحد ويجهو منچوريا ۾ رکي ڇڏي. جنگ جو فن ۽ ان جي تاريخ توهان جو دلپسند سبجيڪٽ هئڻ گهرجي، ايترو پڙهو جيتري ڊاڪٽري پڙهو ٿا يا انجنيئري وغيره. جنگ بابت نہ پڙهندا، پوءِ اهي ٻاراڻيون هوائي توائي ڳالهيون ۽ گُڏي ۽ گڏيءَ واريون خبرون ٿينديون جيڪي اڄڪلهہ پاڻ ڪندا رهندا آهيون.

”آهين جي مڙس، گل تون درس،
گهڙ منجهه تار، وڏي تاريون،
ڇا ڪي ٿو ڇو ڪرن جيئن،
ننڍڙي پاڻيءَ ۾ ڪرين ڇپ ڇپ؟“

(تاڙيون)

سهڻي لطيف چيو آهي:

”محروم ئي مري ويا، ماهر ٿي نه مئا،
حباب ئي هئا، انهيءَ واديءَ وچ ۾،
اوريائين آٽين، ميڙيو معلم خبرون.“

هي جيڪي معلم موڪليون ٿا ته وڃي ڏسي اچو ته سمنڊ ڪيڏو اونهون آهي؟ سمنڊ نيڪ آهي، لنگهڻ جهڙو آهي يا ڪونهي؟ اهي پوبان وڃڻ بدران اوريان ئي رپورٽ ڪٽيو اچن ته، ”ابا! سڀ خير آهي! خير آهي!“

اوريان ئي آٽين، ميڙيو معلم خبرون،
ساتان سڌ نه ڏين، جت وه ويڌ ڪري.

هتي پاڻي اونهون آهي، جت خوفناڪ ڇوليون لڳن ٿيون، جتي آخري سرحدون آهن، انهن جي ته خبر ئي ڪو نه ٿا ڏين رڳو ڪنارن تان ٿيو وريو ڇون، ”سڀ خير آهي، سڀ خير آهي. سڀ خير آهي. سڀ خير آهي.“ روس کي اسٽالن گراڊ وٽ جرمنن تي جوابي حملو ڪرڻ لاءِ فوجن جي ضرورت هئي، سو چيائين ته جاچ ڪجي ته جي جاپان بابت دلجاءِ ٿئي ته معاهدو نه ٽوڙيندا ته پوءِ جاپان جي سرحد تي رکيل فوجون لڪچوريءَ کسڪائي وڃي، جرمنن خلاف استعمال ڪجن، جاسوس ڪان پڇا ڪيائين. ان اطلاع ڏنو روس کي ته جاپان خفيه طرح قطعي فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. ته معاهدو ٽوڙي روس تي حملو نه ڪندا. هن چيو آءُ گارنٽي ٿو ڏيان ته جاپان حملو ڪو نه ڪندو. گهٽ ۾ گهٽ سڄو سال حملو نه ڪندو. اسٽالن ان اطلاع تي عمل ڪيو. ڳجهه ڳوهه ۾ گڏين ڊويزن فوج واپس گهرائي، اها جرمنيءَ خلاف محاذ تي ڪتب آندائين. ڪيترن مبصرن جو خيال آهي ته جي اهو جاسوس اها پڪي پختي معلومات نه موڪلي ها ته روس طرفان ان وقت جوابي حملو ڪري هٽلر کي شڪست ڏيڻ ذري گهٽ ناممڪن هو.

اهڙيءَ ريت تاريخي اطلاع جيڪو صحيح هو پڪو پختو هو تنهن جي آڌار تي هڪڙي جاسوس جنگ عظيم جي هڪڙي نازڪ ترين ۽ اهم ترين محاذ تي هٽلر جا ڪم لاهي ڇڏيا. ٻي جنگ عظيم دوران روز ويلٽ آمريڪا جو صدر هو. ٻئي پاسي چرچل برطانيا جو وزيراعظم هو. چرچل ۽ روز ويلٽ اڪثر هڪڙي خاص ٽيليفون تي پاڻ ۾ خفيه صلاح مصلحت ڪندا هئا. جنگ جي باري ۾ متان

Gul Hayat Institute

جرمن ٻڌي نہ وٺن. ان ڪري فون ۾ بندوبست اهو رکيائون تہ جڏهن پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا تڏهن ٽيليفون سان لڳايل خاص اوزار سندن گفتگو کي اُلٽو سلٽو ڪري اهڙو ڪري ڇڏيندا هئا جو پوءِ اهو جيئن اصل هو تيئن نہ رهندو هو. ان کي چئبو آهي گاربلنگ. واٽ ۾ ڪو ٻڌندو هو تہ ان کي رڳو "گڙا! گڙا!" ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. هڪڙو اکر بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو هو. پر جڏهن آواز کي اصلي حالت ۾ آڻي ڇڏيندا هئا، هنن جون جيڪي سڀ کان خفيہ ڳالهيون هيون سي انهيءَ ٽيليفون رستي پئي هڪ ٻئي سان ڪيون. ان ڳالهہ کي سال لنگهي ويا. پڇاڙيءَ جو جڏهن جرمنيءَ تي قبضو ڪيائون ۽ انهن جا ريڪارڊ هٿ آيا، تڏهن معلوم ٿيو تہ جرمن انجنيئرن سندن ڳجهو ڪوڊ ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ هڪ هڪ لفظ جيڪو هنن ڳالهايو هو سو روز ٽيپ ٿي صبح جو هٽلر جي ٽيبل تي پهچي ويندو هو!

هڪڙي ڪتاب جو نالو آهي: "Double Cross" "ڊبل ڪراس" اهو انگريزن جي جنگ دوران مقرر ڪيل جوابي جاسوسي جي اداري جي سربراهہ لکيو آهي. چوي ٿو تہ، "جرمنن جا جاسوس جيڪي انگليند ۾ جاسوسي ڪرڻ لاءِ موڪليا ويندا هئا، تن کي اسين پڪڙيو جيل ۾ ويهاريو پوءِ جيڪو ٽرانسميٽر هُو پاڻ سان آڻيندا هئا، ان تي اڌ ڪوڙيون اڌ سچيون خبرون موڪليندا هئاسون، واپس جرمنيءَ، مثلاً ڪلهہ آئون برمنگهام ويس. اتي فلاڻيون نمبر واريون ٽئنڪون بيٺيون آهن." اڌ سچ، اڌ ڪوڙ هُو خوش تہ اسان جو جاسوس ڏاڍو سرگرم آهي، وڏو ڪم پيو ڪري، اها خبر ئي ڪانهي تہ همراهہ جيل ۾ پيو آهي، ۽ خبرون مٿي رلائڻ واريون پيون اچن.

روس جوابي حملو ڪري نيٺ جرمن کي روس مان ڊوڙائي آڻي سرحد کان ٻاهر اڇلايو. هاڻي جرمنيءَ تي حملو شروع ٿي ڪيائون. مکيہ حملي جي جڳهہ بابت جرمنن کي دوکو ڏيڻ لاءِ اهڙو بندوبست ڪيائون جو جنهن هنڌ حملو ڪرڻو هون تنهن تان ٽرينون سڄي رات لڪ ۾ ان طرف پيو ايندڙيون هيون. جنهن طرف کان جرمنيءَ تي حملو ٿي سگهيو پئي، پر روسين جي رِٿ اتان حملي ڪرڻ جي نہ هئي، جرمنن پنهنجي ليکي ڳجهہ ڳوهہ ۾ سُڌ سَماءُ ورتو معلوم ٿين تہ فلاڻي محاذ جون ٽينڪون رات وچ ۾ چُپ چاپ فلاڻي محاذ طرف پيون وڃن. جتان حملو ٿي سگهي ٿو. جڏهن ٽرينون ڏڙا ڏڙ الٽي طرف هلنديون رهيون، تڏهن چالاڪ ۽ عيار جرمن هاءِ ڪمان بہ دوکي ۾ اچي ويئي ۽ هنن حملي جي اصل جڳهہ بدران اها جڳهہ مضبوط ڪئي، جتي حملو ٿيو ئي ڪو نہ هو. جرمن فوجن کي حملي جي اصل جڳهہ وٽ تباهہ ڪري روسي فوجون اڳتي ڏوڪي ويون.

هينئر هي ڪتاب آيو آهي: "The Spy Catcher" "جاسوس پڪڙيندڙ" جنهن تي وڏو بحث ٿيو تہ انگليند ۾ ان کي ڇپجڻ ڏجي يا نہ! سرڪار عدالت کان



Gul Hayat Institute

منع ناموبہ ورتو. پر آخر ڪتاب ڇپجي ويو. پڙهي عقل چرخ ٿيو وڃي. ڇو تہ ان ۾ راز ظاهر ڪيل آهن تہ ڪيتري وڏي ۾ وڏي سطح تي اعليٰ کان اعليٰ ذهنن کي چڪر ۾ وجهي سندن متيون منجهائي پنهنجو ڪم ڪيو ويو. ڏک دشمن جو بہ نہ وڃائجي، مجڻ مراد آهي. اعليٰ کان اعليٰ سطح جو ڏگهي عرصي جو مرحليوار منصوبو سَٽي سنڌ کي جيئن تباهہ ڪيو ويو آهي، دودن کي چنيسر ۽ چنيسرن کي دودا ڪري پيش ڪيو ويو آهي. سنڌي ماڻهن کي ويڙهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو آهي. ڪيئن تنظيمن ۾ ماڻهُو فٽ ڪيا ويا آهن، ڪيئن پارٽيون ٽوڙيون ويون آهن. ڪيئن هٺرادو هوائي نعريبازيون ڪرائي ۽ بوگس جدوجهدون هلارائي حقيقي جدوجهد جي امڪانن کي تباهہ ڪيو ويو آهي. ڪيئن هڪڙي تاريخي قوم کي ظاهري معصوميت ۽ پولائيءَ سان جڻ ڪلندي ڪلندي نيست ۽ نابود ڪيو يو آهي. تنهن تي استادن جي استاديءَ کي داد نہ ڏيڻ ناانصافي ٿيندي.

ٻيو اهم ترين هُنر آهي پلاننگ جو. آمريڪي جنرل آئزن هاور جي اڳواڻي هيٺ آمريڪا ۽ ٻين ملڪن گڏجي ٻي جنگ عظيم ۾ جرمني تي جيڪو حملو ڪيو هو تنهن جي هُنن جيڪا حيرت انگيز طرح تفصيلي ۽ ذري پرزي پلاننگ ڪئي هئي اُها پلاننگ جيڪڏهن توهان پڙهو ۽ ان تي ويچار ڪريو تہ توهان جي ذهن کي جڻ تہ ست بوتلون رت جون ملي وڃن. سالن جا سال پئي پلاننگ ڪيائون. اڳيءَ پڇيءَ جو اڳواٽ اندازو لڳايائون: مثلاً، رٿيل حملي واري رٿيل ڏينهن حملي جي رٿيل علائقي ۾ آبهوا ڪهڙي هوندي؟ مِينهُن پوندو؟ ڪوهيڙو هوندو؟ هوا جي رفتار ڇا هوندي؟ هوا جي ڪري حملہ آورن فوجون ڪٽي ويندڙ جهاز ڪناري سان لڳي سگهندا ڪو نہ لڳي سگهندا؟ پاڻي جي وِير چڙهندي ڪا نہ چڙهندي؟ جهاز ڪناري سان نہ لڳي سگهيا تہ دشمن وڏ ۾ وڏ گهڻا ماڻهُو ماري سگهندو؟ وير هيٺ هوندي تہ پوءِ گهڻا ماڻهُو مرندا؟ حملو ڪندڙ مان فلاڻين حالت ۾ گهڻا مرندا، فلاڻين ۾ گهڻا ۽ فلاڻين ۾ گهڻا؟ ڪوهيڙو هوندو تہ ڪيترا جهاز رستي تان ٿڙي ويندا؟ پلاننگ! پلاننگ! پلاننگ! ويتنام ۾ سٺ واري ڏهاڪي ۾ ڊين بين فوجي پهاڙن تي فرينچن ۽ ويتنامين جي وچ ۾ جيڪا زبردست لڙائي لڳي، تنهن بابت ويتنامين جيڪا پلاننگ ڪئي، تنهن جو ذڪر ڪتاب ”ڊين بين ڦو“ ۾ سربرستو ڏنل آهي. اها پلاننگ پنهنجن حالتن ۾ هڪڙو شاهڪار آهي. فرينچين جي بمباري هلندي پهاڙن تي توبون ڪيئن پهچايون ويون، سپلاءِ لائين ڪيئن ڪليل رکي ويئي سو پڙهڻ وٽان آهي.

قومي جدوجهد ۾ هڪڙو بُنيادي مسئلو اهو آهي تہ جدوجهد جي مسئلن، مشڪلاتن ۽ گهربل ڪشالن قربانين ۽ ان جي امڪاني عرصي بابت رَوَيو ڪهڙو هجڻ گهرجي؟ لڙائي هلندي ڪيستائين؟ ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪهڙيون قربانيون

Gul Hayat Institute

ڏيٽيون پونديون؟ اها سمجهه جي ڳالهه آهي. مثلاً، ويٽنام جي لڙائي پورا هڪ سَئو سال هلي هئي، چين جي اچا به وڏيڪ عرصو.

جن کي مٿين جا پاور آهن، جن کي خبر آهي ته اسين ڪيڏيون به ٽاپيون ڪريون، ڪيترا به پوز ماريون، ڪهڙا به ڏوهه ڪريون، اسان کي مٿيان ڪو به وڏو ڪو به حقيقي نقصان ٿيڻ نه ڏيندا. اُلٽو اسان کي نمائشي تڪليفون ۽ نمائشي قيد و بند ڏيئي، وڏا ڊراما رچائي، اسان جي مسلسل هٽرادي زبردست پبلسٽي ڪرائي اسان جي قوم خلاف سنگين غداريءَ وارن موتمار جرمن ۽ ڏوهن جي آڌار تي اسان کي قومي هيرو ڪري پيش ڪيو ويندو. تِن کي ڇڏي اسين عام سنڌي ماڻهُو سڀ اڪثر ڦنڊڪ وهيٽا آهيون. ”ٺونٺ لڳي ساهيڙي پڳي.“ قومي معاملن ۾ اسان جي نارمل حالت مايوسي واري آهي. 90 سيڪڙو ماڻهن کان پڇبو ته جواب اهو ملندو. ”ادا آئون ته مايوس ٿي ويو آهيان“ اتي علم ۽ خاص ڪري ادب ڪم ٿو اچي. انسان دوست، عوام دوست، قوم پرست ادب ماڻهُوءَ کي ذهني طور بي همٿي، مايوسي ۽ پاڙيائيءَ خلاف ذهني ۽ روحاني طرح هٿيار بند ٿو ڪري مستقل مزاجي، ثابت قدمي ٿو سيکاري.

جـــان جـــان هئـــي جيئـــري، ورچـــي نـــه ويـــي،
وچـــي پـــون پينـــي، ســـڪندي ڪـــي سـجڻين.
(شاهه)

۽ هر صورتحال جي باوجود پنهنجي حق پرست ڳالهه تان نه لهڻ، آخري حدن تائين وڙهڻ ٿو سيکاري، جنهن کي انگريزي ۾ چئبو آهي ”Sky is the limit“ اسان جي حد آسمان کان اوريان ڪانهي.

جـــي لـــوڻ لڳـــين لائـــين، چيـــري چيـــري چـــم،
مـــون ڪُـــر اڳـــي نـــه ڪيـــو اهـــڙو ڪوجهـــو ڪـــم،
جـــان جـــان دعـــويٰ دم، تـــان تـــان پـــرت پنهـــوار ســـين.

قومي جدوجهد لاءِ حقيقي ويڙهه ڪرڻ، زندگيءَ ۾ هر پل، هر حالت ۾ وڙهڻ ۽ آخري حد تائين، پوئين پساهه تائين وڙهڻ اهو تصور ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل ڪونهي. اهو ادب ۾ ۽ شاعري ۾ آهي. قومي جدوجهد ۾ ڪنهن ماڻهُوءَ جي واسطيداري ۽ Commitment جي سطح حد ۽ دائرو ڪهڙو هئڻ گهرجي، اهو بُنيادي مسئلو آهي. ”بيو سڀ خير هو رُڳو يار نوڪريءَ جو سوال هو. پوءِ مون يار مجبور ٿي فلاڻي کي سزا ڏيئي ڇڏي“ حد ڪهڙي آهي؟ نوڪري بچائڻ تائين.

”بس ادا! مون کي وزير پئي ڪيائون پوءِ مون لاچار ٿي هٽي درياهه وڪٽي ڇڏيو.“ چوندا. ”ها ادا! ويچاري جو ڪهڙو ڏوهه؟“ هونئن وزيري نٿي مليس، پوءِ ڪيڏانهن وڃي، ويچارو؟“ معنيٰ ته وزيري نه ملي ته ان لاءِ پيلي ماءُ پيءُ کي به کُهي

Gul Hayat Institute

ڇڏجي، قوم وڪڻي ڇڏجي. ادب اسان کي سيکاري ٿو ته واسطيداري ۽ وفاداريءَ جي ليول عاشق واري ليول هجي.

گهـــڙي گهـــڙو هـــٿ ڪـــري، ڇيلهـــ ٻـــڌي چوتـــو.
منهنجـــو مـــن ميهـــار کـــي پـــار وجـــي پهتـــو.
(شاهه)

ڪيڏي نه قرباني ڏيئي ڇڏجي پر دل ۾ هڪڙي لحظي لاءِ به اهو خيال نه اچڻ ۾ ڏجي ته ڪا مون مقصد کان مٿاهين قرباني ڏيئي ڇڏي آهي.

مسئلو رُڳو جاکوڙ جذباتي، جسماني ۽ ذهني اذيت برداشت ڪرڻ جو ناهي، مسئلو ناڪامين کي برداشت ڪرڻ جو به آهي.

گهـــڙي گهـــڙو هـــٿ ڪـــري، ٻهـــون نهـــاري ٻنـــگ،
ســـر درقدم يـــار فـــدا شُـــد چـــه بجـــا شُـــد، وصـــل اهـــو ئـــي نـــگ،
رات جنـــين جـــو رنـــگ، الله ســـي اُڪـــارين.

*

آئـــون ڪـــو نـــه ڄاڻـــان ايءُ، تـــه جـــر گهـــڙي جو کـــو ٿئـــي،
قضـــا جـــا ڪـــريم جي، تـــنهن کـــان ڪنـــڌ ڪـــيبو ڪـــيئن،
هـــڪ لکئـــي ٻيـــو نيـــنهن، مـــون کـــي آڻـــي اڇليـــو آب ۾.
(شاهه)

مثال طور، هي توهان جي اڳيان فلسطيني آهن. فلسطيني روز پيا هارائين. 1948ع کان شروع ٿيا آهن. بلڪ تنهن کان اڳ هر دفعي ناڪام ٿا ٿين. توهان کو ٻڌو ته ياسر عرفات يا ڪنهن ٻئي فلسطيني اڳواڻ چيو ته، ”يار! وڙهي وڙهي ٿڪجي ۽ مايوس ٿي پيا آهيون، هاڻي وڃي ڪَڏَ جي تري ۾ پوي، هاڻي پاڻ هلون ٿا گهر!“ نه! هر شڪست جي باوجود وڙهبو. ڪٽي ڇا به ٿي پوي يا ڪٽي ڪجهه به نه ٿئي. بنا شرط مشروط جي آخري دم تائين وڙهبو.

Gul Hayat Institute

تـــاڻين مٿـــي تـــوڙ اوري ڪـــن نـــه آســـرو. (شـــاهه)

فقط اعليٰ عشق ۾ ائين ٿيندو آهي. قرباني جي حد ڇا سمجهڻ گهرجي؟ شهادت؟ قومي جدوجهد ۾ اصل مسئلو آهي ته ڪٽڻ جو. اصل ضرورت آهي شهيد نه ٿيڻ ۽ دشمن کي جهل نه ڏيڻ، پڪڙائي نه ڏيڻ، وري وري قوتون گڏ ڪرڻ، وري وري دشمن تي حملو ڪرڻ، فتح پائڻ، اصل مسئلو سوڀ حاصل ڪرڻ جو آهي. صرف مرڻ مسئلي جو حل ناهي، جيتوڻيڪ پاڙيو ماڻهُو به سوڀ کو نه ڪٽي سگهندو.

ســـي ســـي گهـــرن، جـــي واٽينـــدڙ وچ ۾،
او کـــي ٻيـــون پُڇـــن، ســـرو جنـــين ســـنياهيو.

جيڪي مئخاني جا مير آهن، اُهي تہ ڪا ٻي قيمت ٿا وٺن سا تہ هر ڪو ڏيئي ويندو آهي. ويٽنام ۾ جنرل جياپ کي چيائون، ”تنهنجي فوج ڏاڍي بهادر آهي.“ چيائين، ”اسان جي تہ قوم اصل کان وٺي بهادر آهي، اها پراڻي ڳالهہ اسان وٽ تہ سڀ ڪو بهادر آهي“. اسان جو مير صاحب مير علي مراد خان ويو لنڊن اپيل ڪرڻ. ان سفر بابت ڪتاب ۾ مير صاحب چيو تہ آئون لنڊن ۾ ٽن ڳالهين تي سخت حيران ٿيس:

”هڪڙو تہ زالن کي مٽي تي پوتي هئي ڪا نہ! ٻيو تہ اتي قيدي بہ پڪين جاين ۾ رهن ٿا. ٽيون تہ اتي هرڪو ڳرو گنجو ٻار ٻچو انگريزي پيو ڳالهائي!“ مير صاحب ويچاري جي تصور ۾ بہ نہ نٿي اچي سگهيو تہ، صاحب بهادرن جي ٻولي سڀ ڪو غريب غُربو ڪيئن ڳالهائي سگهندو! سو جنرل جياپ چيو تہ، ”بهادر ٿيڻ تہ عام ڳالهہ آهي.“ يا جيئن ڪو ماڻهُو چوي تہ، ”هي ماڻهُو خط بہ لکيو وجي“ ابا خط تہ پڙهيل ماڻهُو سڀ ڪو لکندو آهي اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

سو قومي جدوجهد ۾ پهريون شرط اهو آهي تہ ماڻهُو بهادر هجي، پر ڇا صرف بهادر هجڻ ئي ڪافي آهي بلڪل نہ. هرگز نہ! اصل ڳالهہ آهي تہ ڇا واقعي سچار آهي، داناءُ آهي؟ قابل آهي؟ ڇيڙهو ملهہ آهي؟ ڳرو ملهہ آهي؟ ڇڙوڇَڙ ماڻهُو گڏ ڪري سگهي ٿو؟ تنظيم سازي ڄاڻي ٿو؟ نهنو آهي؟ بارگير آهي؟ اروڙي آهي؟ تخليقي ذهن اٿس؟ ڪِين مان ڪجهہ بنائي سگهي ٿو؟ پڇاڙيءَ تائين بيٺو آهي؟ شڪست جي باوجود وڙهي پيو؟ جتي ڪو گس ڪونهي اتان لوگهو ڪڍي لنگهي سگهي ٿو؟ سازش کي مُنهن ڏيئي ناڪام بنائي سگهي ٿو؟ اڳواٽي ڪري سگهي ٿو؟ آڳ ۽ طوفان کي مُنهن ڏيئي سگهي ٿو؟ خطرن جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهي ۽ بچاءُ جون تدبيرون ڪري سگهي ٿو؟ مٿن ۾ ساهہ وجهي سگهي ٿو؟ رڍن کي ٻگهاڙ بنائي سگهي ٿو؟ ٻيون ڪَئين ڳالهيون بقول حافظ شيرازي چيو آهي:

هــــزار نڪتــــہ دريـــــن ڪاروبـــــار دلـــــدار يســــن،
نــــہ هرڪـــہ ســـر بتراشـــد، قلنـــدري دانـــد.

Gul Hayat Institute

(دلين کي موهڻ جي هن ڪاروبار ۾ هزاري نڪتا آهن، جنهن بہ مٿو ڪوڙايو سو قلندر ڪو نہ بنجي پوندو)

شـــــهر خاليســــت زعشـــاق بـــــود نجـــر طرفـــــي،
مــــــردي ازغيـــــب بــــــروي آبـــــدوڪاري بڪنـــد.

(حافظ)

(آتش پرستن جا پاڪ آستانن جا پيارا بزرگ مدن سان ان ڪري محبت ٿا ڪن جو منهنجي دل ۾ هڪڙي اهڙي آڳ آهي جا ڪڏهن بہ نہ ٿي وسامي).

لطيف سائين چيو آهي:

اندر جنين آڳ، سُڏ سيڪا تن ڪي.

جڏهن زمانن جون هوائون ڦِرن، جڏهن چؤطرف نفسانفسي ۽ جو عالم هجي، جڏهن هر پاسي نااميدي هجي، زندگي جي آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هجن، ماڻهُو چوي ته هتان ڇڙهندس ئي ڪو نه، اُميد جا سڀ دروازا بند ٿي وڃن، ڇوٽڪاري جو ڪو به رستو نظر نه اچي، تڏهن ڇا ڪجي؟ سچو ادب، عوامي ۽ قومي ادب، انسان دوست ادب سيکاري ٿو ته ڇا به ٿي پوي پنهنجي واٽ تي ثابت قدم رهو.

سهسين سهسين سائر گجن،
تووءِ سهج نه متي سهٽي!

(شاهه)

گر باد فتنه هر دو جهان رابهم زند،
ما وچراغ چشم ورِه انتظار دوست

(حافظ)

”جڏهن فتني جو اهڙو طوفان اٿي جيڪو ٻنهي جهانن کي پاڻ ۾ هٽي ٽڪرائي ڇڏي ۽ زمين ۽ آسمان زير زير ٿي وڃن، تڏهن به اهي ئي اسان جي اکين جا ٻرندڙ ڏيئا هوندا. اها ئي يار جي انتظار جي واٽ هوندي ۽ اهي ئي اسين يار جي انتظار ۾ بيٺا هونداسين.“

سچو ادب سيکاري ٿو ته، پنهنجي وڏ ۾ وڏ قربانين کي به عظيم مقصد جي پيٺ ۾ هيچ سمجهجي.

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پَر ۾ پيرَ پنهون جي،
سڪ ٻڌائين سندرو، جانب لاءِ جڙي،
لانچي لڪ لطيف چئي، منڌ جهيڙه ۾ جهڙي،
پٽي ءُ تان نه پڙي جي عمر سڀ ائين ڪري.

(شاهه)

سسئي ڪيترين به قربانيون ڪري پر سندس مقصد ايڏو عظيم آهي، جو سڄي زندگي به جيڪڏهن ائين پهاڙن تي چڙهندي، لڪ لتاڙيندي، روئندي، رڙهندي هلي ته به اها قرباني اُن مقصد جي برابر ناهي. مقصد هر ڪارنامي کان عظيم تَر آهي. ڪيڏي به قرباني ڏيئي ڇڏجي پر دل ۾ هڪڙي لحظي لاءِ به اهو خيال نه اچڻ ڏجي ته ڪا مون مقصد کان مٿانهين قرباني ڏيئي ڇڏي آهي.

ڪڏهن به نه ڪنجهجي ڪُرڪجي، ڪڏهن به نه سوچجي ته منهنجو قدر ڪو نه ٿيو! حافظ شيرازي چوي ٿو:

Gul Hayat Institute

”وفا ڪينم“ ”وفائون ڪندا آهيون“، ”و ملامت ڪيشم“ ۽ ملامتون سهندا آهيون ۽ پوءِ نڪي روئندا، نڪي رڙندا آهيون، نڪي ميارون ڏيندا آهيون.

ڪــــ در طريقــتِ مـــا ڪافريســــت رنجيـــــدن.

(ڇو تہ اسان جي مذهب ۾ دين ۾ محبوب جي راهہ تي رسيل ڏکن تي رنج ٿيڻ ڪفر آهي.) (تاڙيون)

سچو ادب فقيري سيکاري ٿو.

”وچئـــينءُ وينـــا هـــون، ســـانجهيءَ رهـــن ســـمهي،
مهيســــي مــــنهن پنهنجـــو ڏاران ڏوڙ نـــــ ڏون،
ڪـنهن ڪـي ائـين نـہ ڇـون، تـہ ڪـي آديسـي آهيـون.“
(شاهہ)

زندگيءُ سان هزارين گوناگون لاڳاپن جي باوجود تعلق جي غلاميءُ کان مٿي صرف هڪڙي ڳالهہ، هڪڙي تات، هڪڙي تنوار پلي، ٻي نہ تات، جيڪا سا جتن جي.

اسٽالن جهڙي ملامتن جي مٽن ۾ ڊپيل ماڻهوءُ بہ چيو آ: ”اديب انساني روح جا انجنيئر آهن.“

سچا اديب، سچا عالم، سچا مفڪر، سچا دل وارا انساني روح جي مشينري ڪوليوان جي مرمت ڪريو اُن کي نئون ڪريو ڇڏين، هي مٽيءَ مان سون ٺاهين ٿا. ڪيميا گري ڄاڻن ٿا.

غـــلام همـــت آن رنـــد عافيـــت،
ســــوزم ڪـــ درگـــــدا صـــفتي
ڪيميــــــــا گردي دانـــــــــد

(ان کان اڳ پوءِ کان بي نياز مست تان قربان وڃان جيڪو فقيري حال ۾ مٽيءَ مان سون ٺاهڻ جي ڪيمياگريءَ جو ڪمال رکي ٿو)

اناويهہ صديون اڳ جي تمام وڏي يوناني شاعر هومر جيڪو دُنِيا جو پهريون وڏو شاعر آهي، تنهن کان وٺي اڄ تائين عالمن، اديبن، شاعرن، مفڪرن، فيلسوفن، سائنسدانن انسان ٺاهيا آهن، ماڻهن پنهنجا گهر ٺاهيا آهن، ماڻهن ٻيا چڱا مٺا ڪم ڪيا آهن. پر جيڪا دُنِيا جي سڀ کان قيمتي شيءُ آهي، جيڪا قيمتي ۾ قيمتي، ڏکي ۾ ڏکي مشينري آهي، يعني انسان ان کي سنوارڻ وارا اهي اهل علم اهل ادب ۽ اهل دل آهن، سچا اهل علم، اهل دل، ۽ اهل درد صاحب نظر ماڻهُو جيڪي زمانن ۽ مڪانن کان مٿي آهن، جن جي اڳيان زمانا سجدا ڪن ٿا، جن جو فهم ۽ ادراڪ هن ڪائنات کي پنهنجي پاڪر ۾ وڪوڙي ڇڏي ٿو، جن جي تصور جون پاڙون هڪڙي طرف وقت جي پاتال ۾ تہ ٻي طرف مستقبل جي اُفق ۾ ڪتل رهن ٿيون، تن جي رهنمائي ۽ ساٿ کان سواءِ جيڪا بہ قومي

Gul Hayat Institute

توڙي انساني حقن جي جدوجهد هلائي ويندي سا جدوجهد مائو جي چواڻي واٽ ۾ ئي پٽڪي ويندي، پنهنجي منزل تي نہ رسندي.

تنهن ڪري اچو تہ علم، ادب ۽ سائنس سان مُسلح ٿيون، پنهنجن ذهنن کي اهڙا فولادي قلعا بنايون جن ۾ انسانيت سان، وطن سان، قوم سان وفاداري محفوظ هجي، جن ۾ فقيري هجي، جن ۾ عاشقي هجي.

اچو تہ پنهنجو پاڻ کي سچي عمر لاءِ، زندگيءَ جي آخري پساهن تائين پنهنجي قوم ۽ عوام واسطي، سموري انسانيت واسطي، انساني حقن جي سربلنديءَ واسطي ارپيون.

اچو تہ انقلابي قومي علم، ادب ۽ سائنس سان هٿياربند ٿي هڪڙي اهڙي دُنيا اڏڻ لاءِ جدوجهد ڪريون جنهن ۾ هر انسان هر مرد توڙي عورت توڙي ٻار عوام جو هر گروهہ هر طبقو هر قوم هڪڙي آزادي، خوشحال عزت آبرو ۽ سک واري زندگي ماڻي سگهي.

جيئي سنڌ

جيئي سنڌين جي سنڌ

Gul Hayat Institute

# پنهنجي ادب کي زور وٺايو

سنڌي ادب ۾ اڳي ڪيترا لاڙا هئا ۽ هينئر بہ آهن، پر اڄ وطن دوستيءَ جو لاڙو بين سيني لاڙن کان اڳرو آهي.

اڄ پڙهندڙن وٽ اُهي لکندڙ ۽ اُهو ادب وڏيڪ مقبول آهي، جنهن ۾ وطن لاءِ حب جو جذبو پريل آهي. امر جليل، منير سنڌي، عبدالقادر جوڻيجو علي بابا، ابن حيات پنهور، عبدالحق عالماڻي، پٺر سنڌي ۽ بين مقبول افسانہ نگارن جي مقبوليت جو مکيہ سبب بہ اهو آهي.

پروپئگنڊا؟

ڪن جو چوڻ آهي تہ وطن دوستيءَ جي جذبي غالب هجڻ ڪري فن جو معيار ڪري پيو آهي ۽ ادب پروپئگنڊا بڻجي پيو آهي. پر غور سان ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ اهو خيال سطحي ۽ هڪ طرفو آهي.

ادب هميشہ زندگيءَ جو ترجمان پئي رهيو آهي. دُنيا ۾ اڄ تائين هڪڙي بہ اهڙي سِٽ نہ لکي ويئي آهي جنهن کي سڌي يا اڻ سڌي پروپئگنڊا يا تبليغ ثابت ڪري نہ سگهجي. اديب آسمان مان نٿا وسن، اُهي ماڻهُو آهن ۽ انهن جا پنهنجا رايا، نظريا ۽ عقيدا ٿين ٿا، پوءِ چاهي اُهي عشق ۽ محبت بابت هجن چاهي قدرتي نظارن بابت، چاهي سچ ۽ سُونهن لاءِ پيا، جا هجن، چاهي حاڪمن لاءِ عقيدت جا. وطن جي حب جي واڪاڻ ڪرڻ اهڙوئي قدرتي ادبي موضوع آهي جهڙو عشق ۽ محبت جي تبليغ جو.

جيڪڏهن فرضي روسياهہ جي ڳالهہ جا دفتر پرڻ ادب آهي تہ وطن جي ويرن جا پانڊا ڦوڙڻ ۾ ڪهڙي بي ادبي ٿي پيئي؟ جيڪڏهن محبوب جي خيال حُسن

Gul Hayat Institute

جون جنتون ٺاهڻ جائز آهي تہ وطن جي وينجھارن ۽ سرويچن جي تعريف ڪرڻ ۾ ڪهڙي اربع خطا ٿي پئي؟

جڏهن نِڪمن حاڪمن، ظالم ۽ قاتل بادشاهن ۽ انساني کوپڙين جا انبار لڳائيندڙ قهري ڪانئرن جا قصيدا لکڻ کان پوءِ بہ فردوسي، انوري، فيضي، غالب جهڙا شاعر عظمت جي مسند ماٿي سگهن ٿا، تڏهن اسان جي اديبن کي ايترو بہ حق ناهي ڇا، جو هو ڪٿي پنهنجي بهادر شاگردن ۽ نوجوانن، هارين ۽ مزدورن، قومي شهيدن ۽ هيرن ۽ اجوڪي دلير نسل جي ڪارنامن لاءِ پنهنجي عقيدت جا ادبي گل پيش ڪري سگهن؟

هر نئين ڳالھ جي شروعات ڪمزور ٿيڻي آهي. شاھ بلوط جهڙي ديو جهڙي وڻ جو اوائلي ڳچڙو سَلو ڪنهن پوڙهي ڪِرڙ جي وڻ کان ڪمزور ۽ ڳچڙو سَلو اڳتي هلي سون ڪرڙن کان وڏيڪ اوچو وڏيڪ طاقتور شاندار ٿي وڃي ٿو.

اسان جا نوان افساني نگار ۽ اڀرندڙ شاعر وطن جي حُب بابت جيڪي لکن ٿا انهن ۾ روز بہ روز نئين پختگي ايندي پئي وڃي، اهو وقت پري ناهي جڏهن اسان جا نوان افسانا وطن جي حُب سان ٿمتار هجڻ سان گڏوگڏ فني ڏانوَ ۽ ڏاتَ سان بہ ڀرپور نظر ايندا.

اسان جو نئون وطن دوست ادب اڃان بہ وڏيڪ اثرائتو ۽ مقبول ٿئي تنهن لاءِ ڪي ڳالهيون خيال ۾ رکڻ ضروري آهن.

**نوان موضوع:**

اڄ سنڌي اديب ۽ شاعر کي صحيح معنيٰ ۾ قومي طبيب ۽ روحاني رازي جو ڪم ڪرڻو آهي.

اسان کي اڄ اهو ادب کپي جو اسان جي قوم جي دلين جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪري؟ سندن همت بلند ڪري کين پنهنجي ئي ڪمزورين کان خبردار ڪرائجي ۽ انهن کي دور ڪرڻ لاءِ تيار ڪري، کين ويساھ ڏياري تہ اسان جو آئيندو ضرور روشن ٿيندو. اسان ۾ ٻڌي، همدردي، خود قرباني، عوام دوستيءَ، جوانمرديءَ اورچائيءَ ۽ قدرشناسيءَ جهڙا قومي گڻ پيدا ڪري ۽ نفاق، بي حسي، خود مطلبي، خود پرستي، بزدلي، غفلت، احسان فراموشي جهڙي پراڻن موذي مرضن جو احساس ڏياري انهن لاءِ ڌڪار ۽ نفرت جاڳائي سندن پاڙون پٽڻ ۾ مدد ڏئي.

**نوان هيرا ڳولي لهو:**

اسان جي وطن ۾ اسان جي اکين اڳيان اهڙا بي مثال ماڻهو موجود آهن، جن جون زندگيون ۽ ڪارناما اسان جي اديبن جي قلم کي للڪاري رهيا آهن. هنن پنهنجون قيمتي حياتيون وطن جي سرخروئي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون آهن، ۽ ان

Gul Hayat Institute

راهہ ۾ سوين هزارين سختيون سٺيون آهن. جي. ايم. سيد، عبدالمجيد شيخ، شيخ اياز، حيدربخش جتوئي، غلام محمد لغاري، محمد ابراهيم جويو، محمد حفيظ قريشي ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌ جا فرزند اهڙا پيا آهن جن جا ڪردار مضمونن، مقالن بلڪ افسانن جا ڪارائتا ۽ دلچسپ موضوع بنجي سگهن ٿا. تنهن ڪان سواءِ اسان مان هرڪو اهڙن عورتن ۽ مردن، ٻارن، ٻڍن، پڙهيلن خواهہ اڻ پڙهيلن کي سڃاڻي جيڪي پنهنجي پنهنجي وِتَ آهر اهم ۽ ڪارائتا ڪارناما سرانجام پيا ڏين. مثال طور هڪ دفعي ڪارائتي قومي ڪتاب جي ڇپائي لاءِ پئسا ڪو نہ هئا. هڪڙي مسڪين نياڻين جي پيءُ ماستر کي جڏهن اها خبر پئي تڏهن هن پنهنجي پراويڊنٽ فنڊ جا پئسا ڪيرائي انهن مان اهو قومي پلائي جو ڪتاب ڇپائي ڇڏيو. اهو مثال ڏسڻ ۾ معمولي آهي پر ان جي تہ ۾ جيڪو قومي جذبو آهي سو هرگز معمولي ناهي. انهيءَ جهڙا مثال افسانن ۾ پيش ڪرڻ ۽ هيئنڻ سان هنڊائڻ لائق آهن.

ڪي دوست شايد سوچين تہ اهي موضوع خشڪ ٿيندا ۽ عام مقبول نہ ٿيندا. پر انهن کي ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۽ ”مسڪين جهان خان“ جهڙن ڪتابن جي شاندار مقبوليت ۽ فني بلنديءَ کي نہ وسارڻ کپي. انهن ڪتابن ۾ عام رواجي ماڻهن جون رواجي ڳالهيون آهن پر ڏسڻ وارن کي جنهن نظرسان ڏٺو آهي، جنهن قلم سان سندن تصويرون چٽيون آهن تنهنجو جواب مشڪل لڀي!

**پنهنجو ڍنگ پيدا ڪريو:**

ادب ماڻهن لاءِ آهي. ماڻهُو ادب لاءِ نہ آهي، ادب جا ڪي نمونا هڪڙن ملڪن ۽ ماحولن لاءِ ڪارائتا آهن پر ٻين لاءِ نہ آهن. افساني جو يورپي ۽ آمريڪي نمونو جنهن جو اڄڪلهہ هر هنڌ نقل پيو ڪيو وڃي سو اسان جي ڏانوَ وتان ناهي.

Gul Hayat Institute

اتي جي ماڻهن جو علمي، سماجي ۽ ذهني ماحول اسان ڪان ٻيو آهي. هو تاريخ جي هڪڙي ڏاڪي تي آهن ۽ اسان ٻئي تي. اسان کي افسانو نئين سنڌي نموني لکڻ کپي. بهتر آهي تہ افسانو سٺئون سڌو ”ڳالهہ“ وانگر هجي جنهن ۾ خيالي پور پچائڻ بدران سلسليوار واقعا بيان ڪرڻ کپن. اها ڳالهہ اهڙي هجي جيڪا اڻ پڙهيل بہ پڙهيلن ڪان ٻڌي سمجهي سگهن، جيڪا ياد ٿي وڃي ۽ جيڪا ڪچهريءَ ۾ ٻڌائجي تہ ٻڌندڙن تي اثر ڪري.

**پنهنجي تاريخ پڙهو:**

ڪهڙو نہ چڱو ٿئي جو اسان جا لائق اديب سنڌ جي تاريخ جو مطالعو ڪن، ڇچ نامو، تاريخ طاهري، تحفتہ الڪرام، تاريخ معصومي، بيگلارنامو، نوائي

معارڪ، ڪلهوڙن جي تاريخ وغيره تاريخون پڙهي اسان جي تاريخ جي ساراهن جوڳن دورن مان مواد وٺي افسانا، ڳالهيون، داستان ۽ ناول لکن.

دولهه دريا خان، شاهه بلاول، صوفي شهيد، هوشو، هيمو ڪالاڻي جهڙن سرويچن جا احوال فني نموني پيش ڪن. چنيسر، ڄام فيروز، مير علي مراد جهڙن قومي غدارن جي ڪردارن تان پردو لاهن. اڄوڪن چنيسرن ۽ علي مرادن کي بي نقاب ڪن ۽ انهن کي پنهنجو حشر تاريخ جي آئيني ۾ ڏيکارين. اسان جي وطن دوست اديبن کي لطيف سائين، سچل، خليفي نبي بخش ۽ ٻين نامور وطن دوست اهل ڪمال جو مطالعو ڪرڻ کپي، ڪين پنهنجي اڄوڪي دور جي قومي مفڪرن خاص ڪري جي ايم سيد ۽ اياز جي لکڻين جو غور سان مطالعو ڪرڻ کپي. پير علي محمد راشديءَ جي ادبي ۽ تاريخي شاهڪار ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۾ اسان جي ويجهڙائيءَ واري ماضيءَ جون حيرت انگيز تصويرون ڏسي سگهجن ٿيون.

ساڳيءَ طرح ادبي بورڊ جي لوڪ ادب سلسلي جي ڪتابن ۾ اسان جي اڳوڻي ثقافتي ورثي بابت اڻ لڀ مواد گڏ ٿيل آهي.

پنهنجي قومي شعور کي وسيع ۽ پختو ڪرڻ لاءِ اسان جي اديبن کي ٻين ٻولين ۽ قومن جي وطن دوست ادب ۽ وطني هيرن جا احوال پڙهڻ کپن.

آمريڪا، اٽلي، آئرلينڊ، پولينڊ، زيڪوسلواڪيه، چين، ڪيوبا، ويٽنام جي قوم پنهنجي وطني آزاديءَ جي جدوجهد ۾ مائوزي تنگ، هوچي منهه، فيڊرل ڪاسترو ۽ چي گويرا جي زندگين جا احوال ۽ سندن لکڻيون روءِ زمين جي محب وطنن لاءِ مشعل راهه آهن. اسان جي اديبن کي انهن جو ڀوڳهو مطالعو ڪرڻ کپي.

ناول جو هيرو ڪڏهن هڪڙو فرد هوندو آهي ته ڪڏهن سموري قوم. اسان جا جيڪي اديب قومي ناول لکڻ چاهين تن کي روس جي جنگ آزاديءَ بابت لکيل ناولن جو مطالعو وڏي مدد ڏيندو. انهن مان گورڪيءَ جو ناول ”ماءُ“ آستروسڪيءَ جي ”داروسن ڪي آزمائش“ ۽ بورس پالي واءِ جو ”چراغ جلتا رها“ ۽ صدرالدين عينيءَ جي سرگذشت اردو ۾ ترجمو ٿيل آهن ۽ حيدرآباد ۾ ملي سگهن ٿا.

**پڙهندڙن جا فرض:**

جيئن دُنِيا جي هر مذهب پنهنجي پوئلڳن لاءِ ڪي فرض مقرر ڪيا آهن، تيئن ڪا به قوم تيستائين قوم سڏائڻ جي لائق نٿي ٿئي جيستائين ان ماڻهو پاڻ تي ڪي فرض نه لاڳو ڪن.

سنڌي ادب کي پڙهڻ، ان کي ڦهلائڻ، سنڌي وطن دوست اديبن کي همٿائڻ، سندن قدر ڪرڻ ۽ سندن مدد ڪرڻ اسان جو قومي فرض آهي. اسان کي ياد رکڻ کپي ته اسان جي قومي جدوجهد جو مهڙ وارو مجاهد دستو وطن دوست اديب آهن.



Gul Hayat Institute

اسان جو ڪم آهي تہ اسين سنڌي ڪتاب، رسالا خريد ڪيون ۽ ٻين کي بہ خريد ڪرڻ لاءِ همٿايون. پنهنجي گهرن عزيزن، قريبن، يارن دوستن ۽ واقفن ۾ سنڌي ڪتابن رسالن ۽ اديبن جو ذڪر ڪريون ڪا سٺي شيءِ پڙهون تہ اها ڪوشش ڪري ٻين کي پڙهي ٻڌايون. ان جي تعريف ڪريون تڪليف وٺي پنهنجي راءِ لکي اخبار يا رسالي کي موڪليون.

اهو ضروري ناهي تہ اسان جي راءِ هرويرِ عالمانہ فاضلانہ هجي. پلي جيڪي دل ۾ اچي سو لکي موڪليون. اها ڳالهہ تمام اهم وڏي آهي. هر لکندڙ اهو معلوم ڪرڻ لاءِ مشتاق آهي تہ پڙهندڙ سندس محنت جو ڪهڙو قدر ڪن ٿا.

اڳين زماني ۾ اديب نوابن ۽ بادشاهن لاءِ لکندا هئا، ۽ هاٿي گهوڙا ۽ سونيون مهرون انعام ملندو هو. اڄ اديب سڄي قوم لاءِ لکن ٿا. ڇا اُهي ايتري جا بہ مستحق ناهن تہ اسان کي سندن ڪا ڳالهہ پسند اچي وڃي تہ کين بہ اکر ٽلهي شاباس جا لکي موڪليون.

**سنڌي ادب کي ڦهلايو:**

سنڌي اخبارن رسالن ۽ ڪتابن سان هر هنڌ ماتيجي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو ٿو وڃي. پبلڪ لائبريرين ۾ سرڪاري خرچ تي ٻين ٻولين جون اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب گهرائجن ٿا، پر سنڌي اخبارون، رسالن ۽ ڪتابن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي شاگردن ۽ ٻين واسطيدارن کي هر ممڪن ڪوشش وٺي اها بہ اڪيائي بند ڪرڻ کپي ۽ متحد ٿي جدوجهد هلائي سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب گهرائڻ کپن.

سَرندِيءَ وارن سنڌي جهڙوڪ واپارين، زميندارن ۽ عملدارن جو فرض آهي تہ پنهنجي ڳوٺ يا شهر ۾ لائبريريون قائم ڪن يا جتي اڳيئي لائبريريون آهن انهن کي مالي امداد ڪن. کين سنا قومي رسالا ۽ ڪتاب وٺي ڏين.

ڳوٺ جي باشعور نوجوانن ۽ پڙهيلن جو فرض آهي تہ سَرندِيءَ وارن وطن دوستن سنڌين وٽ وڃي کين لائبريرين کي مدد ڏيڻ لاءِ آماده ڪن.

ڪيترا سرنديءَ وارا سنڌي رڳو انهيءَ ڪري اخبارون يا رسالا نٿا گهرائن جو هو چون ٿا تہ اسان کي پڙهڻ لاءِ وقت نٿو ملي. انهن صاحبن کي کپي تہ هو سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب وٺڻ فرض سمجهي گهرائين. جي اتفاق سان کين پڙهڻ جو وقت نہ ملي. اهي پنهنجي ٻارن کي يا عزيزن کي يا لائبريريءَ کي تنقيد ڪرڻ کپي ۽ کين محسوس ڪرائجي تہ هو قومي فرض ادا نہ ڪرڻ ڪري ناقابل معافي ڪوتاهي ٿا ڪن.

**پنهنجا اخبارون ڪڍندڙ گهرجن:**

Gul Hayat Institute

سنڌي ادب جي ڦهلجڻ ۾ هڪ مکيه رڪاوٽ اها آهي جو اڪثر اخبارون ۽ رسالا وڪڻندڙ سنڌي ناهن. تنهن ڪري هُو سنڌي رسالن ۽ ڪتابن جي وڪري ۽ ڦهلائڻ ۾ ڪا به دلچسپي نٽا وٺن.

اسان جي باشعور ۽ سمجهه دار محب وطن کي اها جاچ ڪرڻ کپي ته ڳوٺ يا شهر ۾ سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن پهچائڻ جو موزون ۽ مناسب بندوبست آهي يا نه. ڪين انگ اکر گڏ ڪرڻ کپن ته سندن ڳوٺ يا شهر ۾ سنڌي اخبارون، رسالا ڳوٺ يا شهر ۾ کپن ٿا. جي مناسب انتظام نه هجي ته ڪوشش وٺي ڪنهن هڏڏوکي ماڻهوءَ کي اِهو ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪجي ۽ سندس باقاعده وقت به وقت مدد ڪندو رهجي.

ڪجهه وقت ٿيو ته منهنجي پاءُ ۽ ڀين اسان جي ڳوٺ جي ڪاليجي شاگردن اسان جي ڳوٺ جنگ شاهي جي جاچ ورتي ته معلوم ٿين ته ڳوٺ وارا روزانو به درجن کن اخبارون ۽ ڪيترا رسالا وٺن ٿا پر سنڌي اخبار يا رسالا نالي کي نه ٿا اچن! اخبارون وڪڻندڙ سنڌي نه هو. ڪيس سنڌي اخبارن ۽ رسالا گهرائڻ لاءِ چيو ويو ته جواب ڏنائين ته ”ماڻهُو وٺن نٽا. سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪا به دلچسپ ڳالهه ڪانهي.“ شاگردن تنهن تي پاڻ ۾ صلاح ڪري هڪڙي باشعور ماڻهُوءَ کي اخبارون وڪڻڻ لاءِ تيار ڪيو. ان بعد هُو وفد ٺاهي ڳوٺ جي سموري سنڌي واپارين ۽ سَرندِيءَ وارن ماڻهن سان مليا ۽ ڪيتري بحث مباحثي ۽ زور بار بعد کين محسوس ڪرايائون ته سنڌي اخبارن، رسالن جي سرپرستي ڪرڻ سندن قومي فرض آهي. ان بعد سنڌي اخبارون ۽ رسالا گهرايا ويا. اڄ اسان جي ڳوٺ ۾ 20 کن سنڌي اخبارون روز ۽ هر مهيني ڪافي رسالا خريد ٿين ٿا.

سنڌ جي ڀين ڳوٺن جا محب وطن ماڻهن خاص ڪري شاگرد ۽ نوجوان به جيڪڏهن ائين ڪن ته سنڌي اخبارن ۽ رسالن جو وڪرو چوڻون پنجوڻو ڪري سنڌي ادب جي قسمت بدلائي سگهجي ٿي.

سنڌي ادب کي گهر گهر پهچائڻ اخبارن ۽ رسالن جي اشاعت کي ٻيڻو ٽيڻو بلڪ چوڻو ڪرڻ اڄوڪي دور جي سڀ کان اهم ۽ تاريخي ضرورت آهي. انهيءَ کان سواءِ سنڌي اخبارون ۽ رسالا پنهنجي پير تي هرگز بيهي نه سگهندا.

**ڪاليجن ۾ اسڪولن ۾ بندوبست:**

سنڌ ۾ ڪيترائي وڏا وڏا ڪاليج ۽ اسڪول آهن جن ۾ هزارين وطن دوست سنڌي شاگرد تعليم وٺن ٿا. ڪيترن ۾ هاسٽلون آهن جن ۾ سوين هزارين شاگرد رهن ٿا. رُڳو حيدرآباد ۾ ئي انجنيئرنگ ڪاليج، سنڌ يونيورسٽي، زنانو ۽ مردانو ٽريننگ ڪاليج، گورنمينٽ گرلز ڪاليج، زرعي ڪاليج ٽنڊوڄام ۽ ٻيا

Gul Hayat Institute

ڪيترائي ڪاليج ۽ هاسٽلون اهڙيون آهن جن ۾ ڪيترائي سجاڳ ۽ هوش رکندڙ سنڌي آهن. پر انهن ڪاليجن ۾ هاسٽلن جي ويجهو سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي ملڻ جو انتظام ڪونهي، جيڪڏهن اهڙو آسان بندوبست هجي ها تہ جيڪر سوين هزارين سنڌي شاگرد ۽ شاگردياڻيون "روح رهاڻ" جهڙي هر دلعزيز قومي رسالي ۽ ٻين سنڌي رسالن ۽ اخبارن کي ضرور خريد ڪري انهن کي زور وٺائن ها، ۽ پنهنجي قومي شعور جو معيار بلند ڪن ها. انهن ادارن جي شاگردن جو فرض آهي تہ پاڻ مان اهڙا قومي شعور رکندڙ شاگرد پيدا ڪن، جي اهو ذمو پاڻ کڻن يا اهو ڪنهن ٻئي جي هٿان پنهنجي اداري اندر يا ان جي ويجهو گهربل اخبارن ۽ رسالن ملڻ جو انتظام ڪن. اسان جي نوجوانن کي انهيءَ آزاديءَ جي متوالن هندو سنڌي شاگردن جو مثال تازو ڪرڻ کپي جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ پنهنجون قومي اخبارون وڪڻڻ ۾ شرم بدران عزت ۽ فخر محسوس ڪندا هئا. اهو سندن ئي ڪارنامو هو، جو سندن قومي اخبارون ۽ رسالا ترقي ڪري مضبوط ٿي ويا ۽ اهڙيءَ ريت سندن قومي آواز زوردار نموني هر هنڌ گونجڻ ۽ پڙاڏا پيدا ڪرڻ لڳو. پنهنجن اخبارن ۽ رسالن ٻنا اسان ڇڻ تہ گونگن جي قوم آهيون. جنهن جو مطلب ٻيا تہ ٺهيو پر اسين پنهنجا پاڻ ۾ بہ سمجهي نہ ٿا سگهون.

**نئين شعر کي عام ڪريو:**

نئين سنڌي شاعري هينئر ڦوهہ جوڀن تي آهي. هن آب حيات جي درياهہ ۾ ماضي ۽ حال جي ٻي انداز منڙن ۽ حيات بخش چشمن جو املهہ آب سمايل آهي.

اياز تہ ايڪ رانجهو۔ لکان دا مٺ آهي پر گهٽ ٻين ۾ بہ ناهي. اڄوڪي اردو شاعري جو حال ڏسي وري وطن ڏانهن نهار تي ڪجي تہ ڪنڌ فخر وچان اوچو ٿيو وڃي.

شعر ڳائڻ جي شيءَ آهي. ريڊيو تان اسان جي نئين شعر کي اسانجن ئي يارن ڏيهہ نيڪالي ڏني آهي.

ان ڪري سنڌي شعر کي ڳائڻ ۽ عوام ۾ عام ڪرڻ جو فرض اسان مان هر هڪ کي اَدا ڪرڻو آهي. سڀ کان پهرين ڳالهہ اها آهي تہ اسان مان جيڪي پڙهيل آهن سي نون وطن دوست شاعرن جو شعر بر زبان ياد ڪن ۽ يارن دوستن ۽ محلفن ۾ اهو پڙهي لطف پيدا ڪن ۽ ساڳي وقت قومي شعور ڦهلائن. پرائمري اسڪولن جا سوين هزارين سنڌي ماستر نئون سنڌي شعر ياد ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جو ڪم نهايت آسانيءَ سان ڪري سگهن ٿا.

ٻارن جو حافظو سنو ٿئي ٿو. ٻارن کي ڇو نہ نئون شعر ياد ڪرائجي ۽ سني نموني وڏي واڪي وڏن اڳيان چوائجي. اهڙيءَ ريت هڪ طرف سندن زبان کُلندي، منجهائن ڊپ نڪرندو ۽ اسڪولن ۾ هوشيار ٿيندا، ٻئي طرف منجهن ننڍي

هوندي ڪان وٺي اعليٰ ادبي ذوق ۽ وطني شعور پيدا ٿيندو. ٻارن جا مائٽ اسڪولن جا ماستر اهو ڪم سهڻي نموني ڪري سگهن ٿا.

تنهن ڪان سواءِ شاگردن، نوجوانن، شوقين ڳائڻ وارن ۽ مقبول ڳائيندڙن کي سنا چونڊ وطني ڪلام ياد ڪرائي ڪائنن ڪچهرين، خانگي، محفلن، ميلن ۾ اهو ڳارائجي.

جيڪي دوست گذريل ”جشن روح رهاڻ“ ۾ موجود هئا تن کي معلوم آهي ته نئون سنڌي ڪلام ڪيڏي بي پناهه مقبوليت حاصل ڪري چڪو آهي.

نئين شعر کي مقبول بنائڻ جو ڪم ڪاميابيءَ سان سرانجام ڏيئي اسان قومي شعور جي پيڙهه پيڙهين تائين پڪي ڪري سگهون ٿا.

**قومي مهم هلايو:**

سنڌي ادب کي پڙهڻ، وطن دوست سنڌي ادب پيدا ڪرڻ، وطن دوست سنڌي اديبن جي همت افزائي ڪرڻ، وطن دوست سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جو وڪرو وڌائڻ، انهن کي هر هنڌ موجود رکڻ، سنڌي لائبريريون قائم ڪرڻ، اڳين لائبريرين کي زور وٺائڻ، وطن دوست ڪلام کي ياد ڪرائڻ، ڳارائڻ ۽ مقبول بنائڻ جي هڪ قومي مهم سنڌ ۾ هلائڻ کپي. سنڌي ادبي سنگتن، شاگردن، نوجوانن، باشعور ۽ فرض شناس سنڌين کي قومي فرض سمجهي ان ۾ زور شور سان ڀرو ونڻ گهرجي.

ان مهم بابت احوال اخبارن ۽ رسالن ۾ موڪلڻ کپي. ”روح رهاڻ“ کي هڪ خاص خبرنامي جو صفحو اهڙين سرگرمين جي اطلاعن لاءِ وقف ڪرڻ کپي جن مان ٻين خبرن سان گڏ اهو به معلوم ٿئي ٿو ته ”روح رهاڻ“ جهڙي قومي رسالي کي گهر گهر پهچائڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن؟

پڙهندڙ دوستن کي صلاح آهي ته هو به پنهنجا رايا پيش ڪن.

Gul Hayat Institute

# ادب ۾ ترجمن جي اهميت

تنهن ڏينهن دُنيا جي مشهور مخزن ”ريڊرز ڊائجيسٽ“ ۾ هڪ نرالو سوال پڇيل هو: ”توهان کي خبر آهي ته يورپ جو مقبول ترين ڪتاب ڪنهن لکيو آهي؟“ سوال جي سامهون امڪاني جواب لکيل هئا ـ شيڪسپيئر، گوئٽي، افلاطون وغيره. مون کي ڏاڍو شوق ٿيو ته ڏسان ته يورپ جي ڪهڙي عظيم اديب ۽ دانشور جو ڪتاب سڀ کان زياده مقبول آهي. سوچڻ لڳس ته ”ڀلا ڪيئن چئي سگهبو ته ”جنگ ۽ امن“ (ٽالسٽاءِ)، ”هئمليٽ“ ۽ ”وينس جو واپاري“ (شيڪسپيئر)، ”مئڊم بوواري“ (فلابيئر) وغيره شاهڪارن مان يورپ وارن ڪهڙو وڌيڪ پسند ڪيو هوندو؟ ڪهڙو يورپي اديب ڪين زياده پسند آهي؟“ جواب هو ”ڪو به نه! يورپ ۾ مقبول ترين شاهڪار انهن مان ڪنهن به عظيم هستيءَ جو لکيل ڪونهي، ان بيمثل ڪتاب جو مصنف ڪو به يورپي ڪونهي!“

وري ٻيو سوال پڇيل هو:”ڀانيو ٿا ته اهو مقبول ترين ڪتاب ڪهڙيءَ يورپي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي؟“ سامهون ڪي مکيه ٻوليون ڄاڻايل هيون ـ جهڙوڪ انگريزي، فرينچ، جرمن، اسپيني وغيره. مون انهن سڀني ٻولين جي ادب جي ماڪيءَ جهڙن مٺن ۽ شفاف چشمن مان، ترجمن جون منتخب ڪيل ڍُڪيون پيتيون آهن. تنهن ڪري اُٽڪل ٿيم ته يورپ وارن جو منتخب ڪيل اهو گوهرُ ڪهڙيءَ ٻوليءَ جي دامن ۾ لڪل آهي. وري به جواب لکيل هو ”ڪنهن به نه!“ يورپ جو مقبول ترين ڪتاب ڪنهن به يورپي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪونهي، اهو هڪ ڌاري ٻوليءَ تان ترجمو ڪري يورپي ٻوليءَ ۾ آندو هو ۽ سڄي يورپ ۾ مقبول آهي. ڀانيو ٿا ته ڪهڙيءَ ٻوليءَ تان، عربيءَ تان! ۽ ڪتاب اوهان ۽ اسان به پڙهيو آهي، نالو اٿس ”الف ليليٰ!“

انهيءَ ڳالهه مان ته ”الف ليليٰ“ جي بيمثال مقبوليت ۽ يورپ جي وسيع نظريءَ جو ثبوت ملي ٿو پر ساڳئي وقت اها ڳالهه به واضح ٿئي ٿي ته ڌارين ٻولين مان ترجمو ٿيل ڪتاب پڙهندڙن تي ڪيترو اثر ڪري سگهن ٿا.

Gul Hayat Institute

دُنيا جي ادب جي تاريخ اهڙن مثالن سان ڀريل آهي، جو ماڻهن ناڻن جون خُرزينون خرچ ڪري ڌارين ٻولين جا ڪتاب ترجمو ڪرائي پڙهيا آهن. ايران جي شاهن ۽ بغداد جي خليفن، لکين رپيا خرچ ڪري، سنسڪرت تان ”نل-دمينتيءَ“ جهڙا ڪتاب فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ ترجمو ڪرايا، ۽ اُهي ڪتاب اڄ تائين ”انوار سهيلي“، ”گلزار چنبيلي“ ۽ ٻين نالن سان دُنِيا جي پڙهندڙن کان داد وصول ڪري رهيا آهن.

انگلينڊ توڙي آمريڪا ۾ جيڪا مقبوليت اڄ عمر خيام کي حاصل آهي، ان سان شيڪسپيئر جهڙي شيرين ڪلام جادوگر جي به جاءِ نه آهي. اهو انگريزي ترجمان ’فٽنرجيرالڊ‘ جي ترجمي جو ڪرشمو آهي جنهن خيام جي شعر جو گوناگون رنگ برنگي بهشتن کي انگريزيءَ جي قالب ۾ اهڙيءَ ته خوبصورتيءَ ۽ ڪمال سان آندو آهي جو پڙهندڙ مست ٿيون پون.

اها ڳالهه مشهور آهي ته فرينچ انقلاب جو ٻج اديبن ڇٽيو. رؤسو ڊيڪارٽ، والٽيئر ۽ ٻين بيباڪ اديبن پنهنجي لکڻين سان فرينچ عوام جي دماغن ۾ اُها باهه لڳائي ڇڏي، جنهن جي شُعلن آخر فرانس جي جاگيرداري سماج کي ڀَسم ڪري ڇڏيو. ساڳيءَ ريت ٿامس پين، جيفرسن ۽ ٻين آمريڪي اديبن کي آمريڪي انقلاب، ۽ چيخوف، ٽالسٽاءِ ۽ گوگول کي روسي انقلاب جو نقيب تسليم ڪيو ويندو آهي.

مگر، اها ڳالهه ٿورن کي معلوم آهي ته دُنِيا جا ڪيترائي سماجي ۽ ذهني انقلاب ترجمو ڪندڙن جي ڪاوش جو نتيجو هئا. عباسي دور ۾ مترجمن، يوناني اڪابرن جا فلسفي ۽ سياست بابت شاهڪار يونانيءَ مان عربيءَ جو ترجمو ڪري، اُموي ۽ عباسي دور جي زواليت پذير ۽ تنگ نظر خيالن ۾ ٿرٿلو پيدا ڪيو، ۽ اڳتي هلي ڪوجنا، ڳولا ۽ سوچ جو اُهو نئون دور پيدا ڪيو، جنهن اسلامي دُنِيا کي غزالي، ابن رشد، رومي ۽ بوعلي سينا جهڙا يگانا دانشور عطا ڪيا.

اڄڪلهه ايشيا ۽ آفريڪا ۾ قوميت ۽ سجاڳيءَ جي جيڪا زبردست هلچل هلي رهي آهي، تنهن جو علمي بُنياد رُڳو اُتي جي اصلوڪين لکيتن ۽ اخبارن تي ئي نه آهي، پر اُتي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن سڌريل ٻولين جي ادبي ۽ ذهني دريائن مان اُڃ لاهين ٿا. ظاهر آهي ته اهو سِهرو ترجمو ڪندڙن جي سِرُ تي آهي، جي لاثاني شاهڪارن کي محنت ۽ ڪاوش سان ترجمو ڪري، عوام کي انهن مان فائدي پرائڻ جو موقعو ڏين ٿا.

ڪِن ماڻهن جو خيال آهي ته عوام ڌارين ٻولين جي ترجمن کي ايترو چاهه سان نه پڙهندا، جيترو انهن جي ڪتابن کي. درحقيقت اها ڀُل آهي، سنڌ جهڙي پوئتي پيل علائقي ۾ به سڀ کان زياده پسند پيل داستان ڌارين ٻولين جا آهن. جهڙوڪ امير

حمزو، سيف الملوڪ، ليليٰ مجنون، ممتاز-دمساز، الف ليليٰ وغيره. منجهائن ڪي تہ ماشاءَالله مهينن ۾ مس پورا ٿيندا، تہ بہ پڙهڻ وارا چاهہ سان پيا پڙهن.

سنڌي نوجوانن تي ڏيپلائيءَ جيڪو گهرو اثر وڌو ۽ هو جيترو مقبول ٿيو، سو ڪنهن کان لڪل ڪونهي. منهنجي راءِ آهي تہ ڏيپلائيءَ جا ڪيترائي اوائلي ڪتاب عبدالحليم شرر، صادق حسين ۽ راشد الخيريءَ جا آزاد ترجما هئا. ڏيپلائيءُ ترجمي جو جيڪو حق ادا ڪيو، تنهن جو نتيجو نہ رڳو اهو نڪتو جو ماڻهن کي اُهي ترجما اصلوڪن سنڌي ناولن کان هزارنها وڌيڪ لڳا پر هُو خود بہ هڪ ڪامياب اصلوڪو ليکڪ بنجي ويو. اڄ ڇهريءَ ۽ وسيليءَ لکڻيءَ ۾ ڏيپلائيءَ سان ڪير ڪُلهو هڻي؟

دُنيا جون شاهڪار ٻوليون پنهنجيون ڏيڍ چانورن جون جدا ديڳڙيون چاڙهي ان مان ٿلهيون ڪونہ ٿيون آهن. پر انهن ٻين ٻولين جا خزانا ميڙي پنهنجون جهوليون ڀريون آهن. رڳو انگريزيءَ جو ئي مثال وٺو: دُنيا جي ڪهڙيءَ ٻوليءَ جو ڪو چڱيرو ڪتاب آهي، جو انگريزيءُ ۾ ترجمو ٿيل ڪونهي؟ رُڳو مون ئي جرمن، چيني، فرينچ، روسي، نارويجن، پوليش، عربي، پارسي، سنسڪرت، آئيس لينڊڪ، لٽويائي، اسپيني ۽ هنگرين ٻولين جا سوين ڪتاب انگريزي ترجمي جي صورت ۾ پڙهيا ۽ ڏٺا آهن. سنڌيءُ مان بہ 'شاهہ ڀٽائيءَ جو احوال' (سورلي) ۽ ڪجهہ ٻيون چيزون انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيون آهن. اهڙيءَ ريت، هڪ عام انگريز گهر ويٺي، ست سمنڊ پري جي اوپرن ۽ اڻجاتل ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، تمدن، تهذيب، تاريخ ڏندڪٿائن، ڪهاڻين، هُنرن، مذهبن ۽ رسمن جو اهڙو تہ پڪو پختو احوال معلوم ڪري وٺنو آهي، جنهن جي خود اتي جي ماڻهن کي بہ خبر نہ آهي.

اُرْدوءَ جي اُسرڻ جو سبب بہ ترجما آهن. دُنيا جا هزارين شاهڪار اُرْدوءَ جي ويس ۾ اچي چڪا آهن. اُرْدوءَ جا "نفسيات"، "جنسيات"، "سراغ رسان" ۽ "آداب عرض" جهڙا رسالا پڻ هر مهيني ڏارين ٻولين جا سوين مضمون ۽ لکتون اُرْدوءَ ۾ آڻين ٿا، ۽ اُرْدوءَ جي ذهنن کي وسيع ڪن ٿا.

ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ترجمي جا من موهيندڙ سرچشما موجود هئا. "ڪهاڻي"، "مالها"، وغيره هر مهيني ڪو نہ ڪو بنگالي، هندي، اُرْدُو يا ٻيو ڪو سهڻو ناول يا ڪهاڻين جو مجموعو پيش ڪندا هئا. شرت چندر چٽرجي، پريمچند ۽ ٽئگور جهڙن عظيم ناول نويسن سان اسان جو تعارف انهن رسالن ڪرايو.

جيڪڏهن اهڙا ادارا اڄ تائين قائم هجن ها، تہ سنڌ جي واهڻن ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ ماستر ۽ سنڌي خواندا نوجوان بہ اڄ ضرور ڊڪنس (مصنف: "ٻن شهرن جي ڪهاڻي"، "ويران گهر"، "ڊيوڊ ڪا پرفيلڊ"، وغيره) اسٽيونسن (مصنف: "گڏهہ تي سفر"، "خزاني جو ٻيٽ"، "رج چڱو مڙس")، هارڊي (مصنف: "پاڪ عورت"،

Gul Hayat Institute

"ڪيسٽر برج جو ميئر"، وغيره) ۽ جين آسٽن (مصنف: "تڪبر ۽ بدگماني"، "سمجهه ۽ احساس"،) جهڙن انگريز اديبن، گستاؤ فلابيئر (مصنف: "مادام بواري"، بالزاڪ (مصنف: "ٻڍو گوريو"، وغيره) اناطول فرانس (مصنف: "ٻُڪهن جو ٻيٽ")، ايمل زولا (مصنف:"نئنا" وغيره) جهڙن فرينچ اديبن ٿامس مين (مصنف:"ٻيڊلبزوڪ ڪٽنب") ٿامس ڊريسر(مصنف:"ادي ڪئري"، جهڙن جرمن اديبن، ليو ٽالسٽاءِ (مصنف:"جنگ ۽ صلح" ائناڪرينيا) دوستووسڪي (مصنف: "احمق"، "ڏوهه ۽ سزا"، "مئل روح"،) ايليا اهرنبرگ (مصنف: "طوفان"، "پئرس جي شڪست"،) جهڙن روسي اديبن ۽ لوهسون، (مصنف: "عجيب آڪاٽيون")، ۽ مائوتون (مصنف: "ماڪي ۽ ڪير") جهڙن چيني اديبن، ۽ ٻين بيشمار دانشورن، اديبن، افسانه نگارن ۽ مضمون نگارن جي جڳ-مشهور، رنگ برنگي، بي بها ۽ بيمثل شاهڪارن جو سواد حاصل ڪري، پنهنجي قلب کي فرحت ۽ ذهن کي آسودگي ڏين ها.

اڄ عام سنڌي خواندن کي ڪهڙي خبر ته ڊڪنس، ٽالسٽاءِ، هارڊي ۽ زولا دُنيا کي ڪهڙيون من مهڻيون مورتون بخشي ويا آهن؟ ڪير آهي، جو "ٽيس" (انگريز) "ائنا ڪرينيا" (روسي)، "مادام بواري"، (فرينچ) ۽ "نئنا" (فرينچ) جهڙين حيرت انگيز ۽ بيمثل هيروئنن جو تعارف سنڌ جي پڙهندڙن سان ڪرائي؟ ڪير آهي جو ڪين "باب ساير" ۽ "ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ" جي ڪلائيندڙ ۽ پڻ روئاڙيندڙ ڪارنامن کان واقف ڪري؟ دُنيا جا نادر شاهڪار اسانجين اکين اڳيان موجود آهن. ڪو هجي جو ٻوليءَ جو پُل پار ڪرائي، ذهن ۽ فڪر جي بهشتن جو سير ڪرائي! آءُ ته چوندس ته اسان کي اصلوڪن لکندڙن کان به ترجمو ڪندڙ جي وڌيڪ ضرورت آهي، جي اسان کي اول اهڙا ڪتاب ڏين، جن کي پڙهي، خود اسان جا لکندڙ لکڻ ۽ پڙهندڙ پڙهڻ سکن.

سنڌي ادب جي هن دور جو هيرو، ترجمو ڪندڙ ٿيڻ کپي. سنڌيءَ کي ترجمن جي ضرورت آهي. سُٺن ۽ معياري ترجمن جي، جفاڪش ۽ روشن دماغ ترجمانن جي، جي مرزا قليچ بيگ وانگر دُنيا جي ترقي يافته ٻولين جي ادبي ۽ علمي خزانن جا دروازا سنڌين لاءِ کولي ڇڏين. سڀني کي خبر آهي ته مرزا صاحب سنڌي زبان جو محسن اعظم هو جو هن سنڌيءَ جو سنو شعر ۽ ادب لکيو پر آءُ چوندس ته مرزا صاحب جو سنڌيءَ تي انهيءَ کان به وڏو احسان اهو آهي جو هن شيڪسپيئر، بيڪن، سمائيل، ۽ ٻين عظيم يورپي مصنفن جا شاهڪار سنڌيءَ جي جهوليءَ ۾ وڌا. اڄ اهي ترجما پڙهي دل خوش ٿئي ٿي. ڪهڙي نه مٺي ٻولي، ڪهڙيون نه نج سنڌي ترڪيبون! ڪير چوندو ته 'نيڪي ۽ بدي' ۽ 'شاهه ايليا' ترجما آهن؟ انهن کي پڙهي، آخوند لطيف الله جو مشهور ترجمو 'جانعالم' ياد اچيو وڃي. اهڙا ترجما پنهنجيءَ جاءِ تي عظيم ادبي ڪارناما آهن. ۽ عام اصلوڪين لکتن کان گهڻو مٿانهين درجي جا آهن.

Gul Hayat Institute

”سنڌي ادبي بورڊ“ انهيءَ سلسليءَ ۾ نمايان ڪم ڪري رهيو آهي. دُنيا جون ڪيتريون ئي سٺيون تصنيفون هيستائين سنڌيءُ ۾ ترجمو ٿي ڇپجي چڪيون آهن، ۽ اچا ڪيترائي ڪتاب، جيتريقدر مون کي معلوم آهي، بورڊ طرفان ترجمو ڪرايا پيا وڃن، يا پريس ۾ ڇپائيءَ هيٺ آهن. رُڳو ”چوند آمريڪي مختصر افسانا“ ئي اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو اسان جي نون لکندڙن جي تمام گهڻي رهنمائي ڪندو. ايمانداريءَ سان چئجي ته ”جونيس مالتبيءَ“ جي هڪڙي ڪهاڻيءَ جي ترجمي پڙهڻ سان جيڪو لُطف اچي ٿو سو بين سَوَن ڪتابن پڙهڻ مان شايد ئي اچي. يا، ’ڪافر‘ کي وٺو. پلا آهي ڪو جواب، ڪهاڻيءُ جي زبردست ۽ بي پناهہ قوت جو؟ پڙهندي پڙهندي هڪ گهر ۾ نشو چڙهيو وڃي. انسان پنهنجو پاڻ کي نيڪيءَ ۽ انسان دوستيءَ جي آسمان تي اُڏامندو پيو محسوس ڪري. آءٌ تہ جيڪر هر سنڌي افسانہ نگار کان پڇان تہ ”آمريڪي مختصر افسانا“ پڙهيا اٿئي؟ جي چوي تہ ”نہ“ تہ جيڪر چوانس تہ ”مهرباني ڪري پهريائين اهي پڙهي پوءِ پلي افسانہ لک!“جڳ-مشهور تصنيف ”ٽالسٽاءِ“ جو ڪتاب ”نيٺ ڇا ڪجي؟“ ۽ ”جيمس فريزر“ جو ڪتاب ”جادو ۽ سائنس“ اهي انمول شاهڪار آهن، جن کي انسان جي فڪري تاريخ ۾ بين الاقوامي شهرت ملي چڪي آهي. بورڊ جا پيا بہ ترجمو ڪرايل ڪتاب، سنڌي ادب ۾ سٺو اضافو چئي سگهجن ٿا. اچا بہ ڪيترائي بي بها ترجمان بورڊ طرفان اشاعت لاءِ تيار ٿي رهيا آهن، جن مان ڪن ڪتابن جا نالا مون کي معلوم ٿي سگهيا آهن. جهڙوڪ ”زردشت جو خطبو“، ”گرنس جون آڪاڻيون“، ”ڊان ڪئگزاٽ“ (از يوڪيشيو) ”دُنيا جا سَوَ مشهور افسانا“، ”اقتصادي انصاف“ (جان رسڪن)، ”ڊان آف فريڊم“ وغيره.

رسالي ”مهراڻ“ پڻ ترجمن جي باب ۾، دُنيا جي مختلف ٻولين جي بهترين اديبن جون منتخب ڪهاڻيون ۽ مقالا پيش ڪري، سنڌي ادب جي جهوليءَ کي مالامال پئي ڪيو آهي، جنهن کان انڪار ڪرڻ ادبي ڪفر آهي. ”هئڊورجن بم کان پوءِ“ (ڪهاڻي، ڪرشن چندر-سرءُ1955ع)، ”دروازو“ (ڪهاڻي ٽئگور-سرءُ، 1955ع)، ”آخرين پنُ“ (ڪهاڻي، او هينري – سرءُ 1955ع)، ”اڪڙيون“ (ملايالم ٻوليءَ جي ڪهاڻي، ڪ.ٽ. محمد اونهارو 1955ع)، ”دُنيا جا رنگ“ (ڪهاڻي، والٽيئر -1، 1956ع)، ”طوفان“ (هندي ڪهاڻي، پ. پدماراءُ 1-56) ”انسان ۽ سندس دُنيا“ (مضمون، جان وئن ڊون سائوٿ ورٿ1-56) ”اوورڪوٽ“ (ڪهاڻي، گوگول 56-3) ”اڪبر جي حياتيءُ جو هڪ ڏينهن“ (ناٽڪ، نورا رچرڊس- 3، 56ع)، ”انساني غير برابريءَ جي ابتدا“ (مضمون، جي. جي. رؤسو-56،4)، ”پيٽ“ (ڪهاڻي، موپسان)، ”پاشا“ (ڪهاڻي، گورڪي)، ”ٻاهرينءَ دُنيا بابت اسان کي ڪهڙي خبر آهي؟“ (مضمون،سي. اي. ايم. جوڊ-56،3،4ع) ”موٽي نہ اچجانءِ“ (ڪهاڻي، رضيہ

سجاد ظهير2-56،1ع)، ”ليلان مجنون“ (دُنيا جي بهترين چوندڊ ڪهاڻين مان هڪ پارسي، ”نظام_59،1)، ”انصاف“ شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ ”مرچنٽ آف وينس“ جي عدالت وارو سين_59،1ع)، ”پونڊرچ“ (عالمي مقابلي جي ٻيو نمر اُڙدو ڪهاڻي، اختر معين الدين_2-59) ”سريلن گيتن جو مهاڳ“ (مضمون، وليم ورڊس ورٿ2-59) ”ڇا اهو خواب هو؟“ (ڪهاڻي،موپسان 59،4ع) ”فن جي اهميت“ (مضمون، سي.اي. ايم. جوڊ_59،4ع)، ”آخري حل“ (مضمون، سيد امجد علي_59،4ع)، انهن سڀني چيزن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي وڃڻ هڪ اهڙي اهم ڪوشش آهي، جيڪا هڪ طرف اسان جي ادب ۽ زبان کي وسعت ٿي بخشي، تہ ٻئي طرف خود اسان جهڙن اديبن ۽ پڙهندڙن جي ذهن جي بلنديءَ جو باعث پڻ آهي.

جيڪڏهن سنڌي ٻولي کي مالامال ڪرڻو آهي، سنڌي پڙهندڙن کي دُنيا جي ادب جي رنگبرنگي ميون جو سواد وٺائڻو آهي، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ جيڪڏهن سنڌي اديبن ۽ ادب جي معيار کي بلند ڪرڻو آهي، تہ ستن ۾ معياري ترجمن جو باقاعدي سلسلو جاري ڪرڻ کپي.

Gul Hayat Institute

# ذهني ۽ فڪري ”مڙسي“ ڇا ٿيندي آهي؟

اعليٰ سماجي آدرشن انساني سماجي ارتقا ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڪستان جي موجوده ابتر سماجي صورتحال جو هڪ وڏو سبب اسان وٽ هتي اعليٰ سماجي آدرشن جو ڏُڪار آهي. آدرشن جي معنيٰ آهي ڪنهن به خوبيءَ جي اها بلندي جنهن تائين پهچڻ ناممڪن هجي، پر ان جي ويجهي ۾ ويجهو پهچڻ وڏي ڪمال جي ڳالهه هجي. آدرشن جو تصور غيرمتحرڪ ساڪت ۽ جامد تصور آهي. آدرشن جا تصور سماجي ارتقا ۽ تبديليءَ جي تاريخي عمل مان گذرندا رهندا آهن. سماجي آدرشن ۾ هڪ آدرش آهي هڪڙي اعليٰ ترين يا مثالي ماڻهن جو. هندستان ۾ اهڙن انسانن کي ديوتا سمان ماڻهُو چيو ويندو رهيو آهي. جرمن شاعر گوئٽي اهڙن ماڻهن کي سپرمين ۽ سيني کان برتر ماڻهُو چيو آهي. انگريز ان کي شريف ماڻهُو (جينٽلمين) يا سچو ماڻهُو A Real Man چوندا آهن. اقبال پنهنجي مثالي ماڻهُوءَ کي مرد مومن چيو آهي:

مومن هي تو بي تيغ بهي لڙتا هي سپاهي.

هونئن ايراني هندي مسلم ثقافت ۾ اهڙي مثالي ماڻهُوءَ کي عام طور تي مرد چوندا آهن.

Gul Hayat Institute

آدمي در عالم خاکي نمي آيد بدست،
عالم ديگر ببايد ساخت وزنو آدمي.
(حافظ)

(هن خاڪي جهان ۾ ماڻهُو نه ٿو لڀي، هڪڙو ٻيو جهان هڪڙو نئون ماڻهُو ناهڻ لاءِ گهرجي.)

در هر گامي هزار گامست اي دل،
نامردان را عشق حرام مست اي دل.

(عين القضات همداني)

(اي دل! عشق جي راھ جي ھر قدم تي ھزار دام وڇايل آھن. اي دل! نامردن لاءِ عشق حرام آھي.)

کشــتي ھــراڪ فقيــر کــي بھــردي شــراب ســي،
اس دور مـــين کـــلال عجـــب مـــرد ھوگيـــا.
(مير تقي مير)

دھمڪــي مــين مــر گيــا جــونــ بــاب نبــرد ٿــا،
عشـــق نبـــرد پيشـــھ طلبگـــار مـــرد ٿـــا.

يــھ لاشِ بــي ڪفــن اسـدِ خسـتھ جـان ڪـي ھــي،
حـــق مغفـــرت ڪـــري عجـــب آزاد مـــرد ٿـــا.
(غالب)

اسان وٽ مڙس ماڻھوءَ جو تصور پھرين تہ مرداڻي رجعت پرستي ( Male Chauvinism) جي عڪاسي ڪري ٿو. ظاھر آھي تہ ھتي مڙسيءَ مان اسان جو مطلب مرد ۽ عورت ٻنھي جو مثالي ڪردار آھي. ٻيو ھيءُ تصور انتھائي سادو ۽ سطحي آھي. جسماني طور تي طاقتور ۽ دلير ماڻھوءَ کان سواءِ جيڪڏھن ڪو سخي، ڪو درگذر ڪرڻ وارو ۽ ڪو وقت تي ڪم اچڻ وارو آھي تہ انھيءَ کي مڙس ماڻھو چئجي ٿو. اسان جي دؤر جي مھذب ۽ ترقي ڪيل ملڪن ۾ ھڪ سچي انسان جو تصور اسان جي تصور کان تمام گھڻو وسيع، وڏيڪ نفيس ۽ اعليٰ سطح جو آھي، جنھن ۾ انفرادي مڙسيءَ بدران سماجي مڙسي خاص طور ذھني ۽ فڪري مڙسيءَ کي وڏي اھميت ڏني وڃي ٿي. اسين سنڌي ڳالھائيندڙ ھجون يا پنجابي، اردو، سرائيڪي، پشتو بلوچي وغيره، مسلمان ھجون يا عيسائي، يھودي ھجون يا ھندو، ڪارا ھجون يا گورا يا ريڊ انڊين، پاڪستان جا باشندا ھجون يا وچ آفريڪا يا ڏکڻ آمريڪا جا، اسان کي پنھنجي ماءُ جي ھنج، پنھنجي پنھنجي گھر، ڳوٺ، قبيلي، شھر، صوبي، ملڪ ۾ پنھنجي پنھنجي قوم، ثقافت ۽ پنھنجي پنھنجي عقيدن جي نالي تي پنھنجي پيدا ٿيڻ جي ڏينھن جي جيڪا سوچ ۽ سمجھہ، جيڪي رَويا، جيڪي صحيح غلط، سٺي خراب، پسنديده ناپسنديده شين ۽ ڳالھين جا معيار ڏنا وڃن ٿا، اھي لازمي طور تي ٻنھہ ھڪ رُخا، نھايت محدود سطحي ۽ گھڻن قسمن جي ناسمجھين، گمراھين ۽ تعصبن تي ٻڌل ھوندا آھن. ان

Gul Hayat Institute

۾ ڪنهن هڪ فرد يا سبب جو تصور ناهي هوندو. هيءَ تاريخي مجبوري آهي. انسان هن ڌرتيءَ تي هڪ جڳهه تي ناهن رهيا. انسان لکين سال تمام ننڍين ننڍين ٽولين ۾ هڪ ٻئي کان پري پري، هڪ ٻئي جي، زندگين جي حالتن جي مشاهدي ۽ مطالعي کان محروم، هڪ ٻئي جي ٻوليءَ، تجربي، سمجهه ۽ عقل کان بي خبر، هڪٻئي جي لاءِ اجنبي ٿي زندگيون گذاريندا رهيا آهن. تنهن ڪري انسان هزارين سالن کان پنهنجي شهر، علائقي، ملڪ وغيره جي ماڻهن کانسواءِ ٻين ماڻهن کي ڌاريو سمجهندو رهيو آهي ۽ پنهنجن ماڻهن جي دستورن ۽ روايتن کان مختلف دستورن ۽ روايتن متعلق اڪثر ڳالهين کي ناپسنديده، مڪروه، واهيات ۽ ناقابل برداشت سمجهڻ جو عادي رهيو آهي. صدين تائين لکين انسان جن لاءِ جهنگ جا درندا ايترا اجنبي ۽ خطرناڪ ناهن رهيا، جيترو هن تمام ننڍي ڪائناتي گهر ڌرتيءَ تي رهڻ وارا هن جا هم جنس جن کي "ڌاريو" ماڻهُو سمجهندو رهيو آهي.

انساني تهذيب جو سفر انسان جو انسان خلاف ڌاريائپ، اجنبيت، خوف، تعصب، نفرت ۽ ڪراهت جي احساسن تي آهستي آهستي فتح پائيندو رهڻ جو سفر آهي. ان سفر ۾ جيڪو سڀ کان گهڻو اڳيان وڌندو ويندو، اهو مڙس ماڻهُو چوَرائڻ جو مستحق هوندو.

ظاهر آهي ته هن مشڪل سفر ۾ غلطيون اٽل آهن، حال سارو غلطيءَ کان بچڻ جي بهترين ڪوشش ڪرڻ کانپوءِ به غلطي ٿي وڃڻ ۾ ڪو عيب ناهي. اهڙيون غلطيون حقيقت جي ادراڪ جي منزل ڏانهن سفر ۾ مُثبت ۽ تخليقي عمل ثابت ٿينديون آهن. عيب آهي پنهنجي پهرين تمام صحيح ڳالهين، غلطين نه ڪرڻ جي حساس ۽ ان جي ڪري پنهنجي غلط هجڻ جي امڪان جي نشاندهي ڪرڻ وارين حالتن جي ايمانداراڻي تحقيق ۽ حقيقت تي جرئتمنداڻي غور ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ، ذهن کي اٺ ئي پَهَرُ پنهنجي غلط هجڻ جي امڪان ۽ ثبوتن جي سلسلي ۾ کُليو نه رکڻ يا پنهنجون غلطيون محسوس ڪرڻ کانپوءِ انهن کي نه مڃڻ، انهن مان جان نه ڇڏائڻ، انهن کي چنبڙيو رهڻ، ذهني ۽ فڪري پاڙيائي آهي. ان لاءِ ذهني، فڪري ۽ روحاني طور تي مڙس ماڻهُوءَ جي هڪ عام وڏي سڃاڻپ اها هوندي آهي ته جن ڳالهين کي صحيح ۽ درست سمجهندو رهيو هو، انهن لاءِ جيڪڏهن هن جو ڪو بدترين دشمن به ثبوتن سان عقلي طور تي هن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته اهي ڳالهيون بلڪل غلط آهن ته هُو پنهنجي دل ۾ اهو نه چوندو ته دشمن آهي، هن جي ڳالهه به مڃي سگهجي ٿي ڇا؟ بيهودي



Gul Hayat Institute

بڪواس! اهو اڳلي جي دشمني ۽ امڪاني بدنيتيءَ ڪي چڱيءَ طرح سمجهندي هن جي پيش ڪيل حقيقتن ۽ دليلن تي ٿڌي دل ۽ پوري سنجيدگيءَ ۽ توجهه سان غور ڪندو. جيڪڏهن ان کان پوءِ هُو ايمانداريءَ سان ان نتيجي تي پهچندو آهي تہ سامهون وارو صحيح ڳالهہ چئي رهيو آهي تہ پوءِ بِنا ڪنهن ”اگر مگر“ ۽ ”چونڪ چنانچہ“ جي هُو صاف واضح اعلان ڪندو تہ ”يا منهنجي ڳالهہ صحيح آهي يا منهنجي ڳالهہ غلط آهي.“

ڪڏهن ڪڏهن ٻئي جي نشاندهيءَ کان سواءِ ئي زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي انسان کي اوچتو محسوس ٿيندو آهي تہ آئون غلط رستي تي هلندو رهيو آهيان. اهو احساس ڪنهن وقت بہ ٿي سگهي ٿو. مڙس ماڻهُوءَ کي مرڻ کان هڪڙي گهڙي پهرين جيڪڏهن اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ مون سڄي عمر جن ڳالهين کي صحيح سمجهيو هو اهي سڀ غلط هيون ۽ جن شين ۽ ڪمن لاءِ مون پنهنجي سڄي زندگي بہ وقف ڪري ڇڏي آهي، بلڪل بيڪار، بي معنيٰ ۽ نقصانڪار هيون تہ انهيءَ آخري گهڙيءَ وقت بہ سڀني جي سامهون هن کي اهو چوڻ ۾ هڇڪچاهٽ محسوس نہ ٿيندي تہ ”مون جيڪا سڄي عمر گذاري، اها ’الف‘ کان ’ي‘ تائين سڄي جي سڄي غلط هئي.“

سچ ۽ ڪوڙ پنهنجي اصلي صورت يا حالت ۾ تمام گهٽ نظر اچن ٿا. انهن جا ٻي انداز رُوپ ۽ ٻهروپ هوندا آهن. اڪثر هڪ خوار ۽ خراب ڪوڙي ڳالهہ جي جاءِ ٻي ان جي برعڪس ڪوڙي ڳالهہ وٺي ٿي، ۽ اها سورنهن سينگار ڪيو ديوين ۽ ديوَتائن جيان پوڄي وڃي ٿي. ان جي برعڪس گهڻن ئي سچن تي ڪوڙ جي ڪارنهن مليل هوندي آهي ۽ انهن جي شڪل اهڙي ڊيڄاريندڙ ناهيل هوندي آهي جو انهن جي ويجهو ويندي بہ ماڻهُوءَ کي ڊپ لڳندو آهي. مڙس ماڻهُو وڏي همت ۽ جدوجهد سان هر حالت ۾ هر رُوپ ۾ سچ ۽ ڪوڙ کي مڃائي ويندو آهي:

بهــر رنگــي کــه خــواهي جامــه مــي پــوش،
کــه مــن آب قــد مــوزون مــي شناســم.
(تشبيهي ڪاشاني)

(جنهن رنگ ۾ چاهين لباس پائين، آئون (تنهنجي) هن موزون قد کي سڃاڻان ٿو.)

مڙس ماڻهُو ڪنهن بہ منزل تي مڙسيءَ واري پيش قدمي روڪي جدوجهد ۽ خطرن کان مُنهن موڙي پنهنجي مڙسيءَ جي پراڻي ڪمائيءَ جي پونجيءَ جي گهر ويٺي وياج نہ کائيندو. هو پنهنجي مڙسيءَ جي ناموس کي بخيلن (ڪنجوس) وانگيان زمين ۾ دفن ڪري ان تي نانگ بڻجي پهرو نہ ڏيندو. هو شوق، تَجَسُس،

Gul Hayat Institute

جُستجو، آزمائش، خطرن ۽ جدوجهدن جي راهہ ۾ غلطين، بدنامين ۽ تجربن مان سکڻ ۽ حاصل ڪرڻ، ٻيهر ڪوشش ۽ تجربا ڪرڻ، وري غلطيون ڪرڻ، وري انهن مان سبق ۽ فتحون حاصل ڪرڻ جي روايت هميشہ قائم رکندو ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ حالت ۾ مُڙي پُٺيان نہ ڏسندو:

گربـــاد فتنـــہ هـــر دو جهـــان را بهـــم زنـــد،
مـــا و چـــراغِ چشـــم و رهِـــہ انتظـــارِ دوســـت.
(حافظ)

(جيڪڏهن فتني جو اهڙو طوفان برپا ٿي وڃي جو ٻنهي جهانن کي پاڻ ۾ ٽڪرائي ڇڏي تہ اهڙيءَ حالت ۾ اسان يار جي اچڻ جي راهہ ۾ پنهنجين اکين جا ڏِيا ٻاريو هن جي انتظار ۾ بيٺا هونداسين.)

مڙس ماڻهُو اهڙي طعني جي پرواهہ ناهن ڪندا تہ ”هي آدرش ڀادرش جون ڳالهيون سڀ رُڳو چوڻ جون ڳالهيون، رُڳو فضول قصا ڪهاڻيون آهن. عمل جي دُنيا ۾ انهن جي ڪابہ اهميت ڪانهي.“ صحيح سوچ ۽ صحيح عمل لازم ملزوم آهن. انسان جي تاريخ ۾ بظاهر قصن ڪهاڻين جهڙيون آدرشي ڳالهيون هزارين عملن کان بہ وڌيڪ اهم ۽ طاقتور ثابت ٿينديون رهن ٿيون.

بـــاخون صـــد شـــهيد مقابـــل نهانـــده انـــد،
عمـــري کـــہ مـــا بآتشـــي افســـانا ســـو ختـــيم.
(عرفي شيرازي)

(اسان جيڪا عمر (بظاهر) فسانہ گوئيءَ جي باهہ ۾ جلائي ڇڏي، انهيءَ کي (اهل نظر) سوين شهيدن جي شهادت جي رُتبي جي قرار ڏيئي ڇڏيو آهي.)

هُو اهو بہ ڄاڻن ٿا تہ زندگيءَ ۾ نفعي نقصان جا روايتي حساب ڪتاب هر حالت ۾ صحيح ناهن هوندا. گهڻا ظاهري نقصان ظاهري فائدن کان گهڻو نفعي وارا هوندا آهن.

حاصـــل ڪـــار گـــہ ڪـــون و مڪـــان ايـــن همـــہ نيســـت،
بـــاده پيشـــہ آر کـــہ اســـباب جهـــان ايـــن همـــہ نســـيت،
نـــام حـــافظ رقـــم نيـــڪ پـــذيرفت ولـــي،
پـــيش رنـــدان رقـــم ســـودو زيـــان ايـــن همـــہ نســـيت.
(حافظ)

(هن جهان جي ڪارخاني جو حاصل هيءُ سڀ ڪجهہ آهي، اهو ناهي. شراب آڻيو جو هن جهان جو ٻيو سامان سبب هيءُ سڀ جيڪو ڪجهہ آهي اهو ناهي. حافظ

Gul Hayat Institute

جو نالو تہ خير نيڪ  ناميءَ سان لکيو ويو آهي پر رندن جي نظر ۾ نيڪ نامي ۽ بدنامي ۽ نفعي ۽ نقصان جي اهميت هي سپ ڪجھہ آهي، باقي اهو ناهي.)

مڙس ماڻهُو ماڻهن کي اهو چوندي ٻُڌن ٿا تہ آدرشي ڳالهيون ۽ عمل ناممڪن آهن. هُو ڄاڻن ٿا تہ انهن جون اهي ڳالهيون سلطنت جي پيداوار آهن ۽ انهن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪرڻ گهرجي.

گفتشند يافت هي نشود آنچہ جستہ ايم ما،
گفت آنڪ يافت مي نشود آ نرا آرزو ست.
(حافظ)

(هنن چيو "جنهن جي تلاش اٿئي حاصل ڪونہ ٿي سگھندو." جواباً چيم، "جيڪو (بظاهر) حاصل ٿي نہ سگهندو، مون کي انهيءَ جي ئي تلاش آهي!")

عاقبت منزل ما وادي خاموشا آ نست،
حاليہ غلغلہ در گنبذ افلاڪ انداز.
(حافظ)

(عافيت ڪار پنهنجي آخري قبرستان آهي. جيستائين زندگي آهي (اهڙا ڪارناما ڪر جن سان) آسمانن جي گنبدن ۾ گوڙشور برپا رهي.)

**17 مئي 1997ع**

Gul Hayat Institute

# تنگ نظري، تعصب ۽ انسان دوستي

چمن ميں تلخ نوائي ميري گوارا کر،
کہ زهر بهی کرتا ھے کبهی ترياقي.

(اقبال)

خدا کے بندے تو ہيں ہزاروں، بنوں ميں پهرتے ہيں مارے مارے،
ميں اس کا بنده بنوں گا، جس کو خدا کے بندوں سے پيار ہوگا۔

(اقبال)

خدا خوان تا خدا دان فرق دارد.
کہ حيوان تا بہ انسان فرق دارد.

(فروغي بسطامي)

(زبان سان خدا خدا ڪرڻ وارن ۽ واقعي خدا کي سڃاڻڻ وارن جي وچ ۾ ايترو فرق آهي، جيترو حيوان ۽ انسان وچ ۾ آهي.)

پاڪستان ۾ مُتعين ڇهن ايراني فوجي سپاهين کي قتل ڪيو ويو آهي. سنڌ ۽ پنجاب ۾ غيرت، قوميت، دينداريءَ جي نعرن جي گونج ۾ بربريت جو اُگهاڙو ناچ هلندڙ آهي ۽ انسانيت تڙپي رهي آهي. عوام پريشان آهي تہ خوبصورت نعرن جي آڙ ۾ غارتگري ڪڏهن ختم ٿيندي، زندگي ۽ انسانيت جو احترام ڪڏهن بحال ٿيندو؟

سڄي انساني تاريخ ۾، سڄي دُنيا ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪابہ اهڙي سُٺي ۾ سُٺي ڳالهہ يا شيءِ ڪانهي، جنهن کي انتهائي خراب نموني استعمال نہ ڪري سگهجي يا نہ ڪيو ويو هجي. جرئت، بهادري ۽ فتح جي خوبصورت نالن جي آڙ ۾ کيل جنگين ۾ اڄ تائين هن ڌرتيءَ جا اربين کربين انسان ۽ ڪروڙين وَسنديون ۽ شهر تباهہ ۽ برباد ڪيا ويا آهن. دين ۽ ڌرم جي نالي تي همورابي ۽ منوشاستر

Gul Hayat Institute

جي هيبتناڪ قانونن ڪان وٺي ڪربلا جي واقعي، شيعه، سُني، خارجي، وهابي، جنگين ڪان ٿيندي، ڇهن صليبي جنگين، پندرهن صديءَ جي (عيسائي) ڪيٿولڪ ۽ پراٽيسٽنٽ جنگين، آزاد واپار ۽ جمهوريت جي نالي تي يورپ ۽ آمريڪا جي پنج سَئو سالن تائين، ڌرتيءَ تي هلندڙ حملن ۽ لُٽ مار، ٻن خوفناڪ جنگين ۾ هن ڌرتيءَ کي خاڪ ۾ ملائڻ، علم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ جي نالي هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ايٽمي، ڪيميائي ۽ حياتياتي هٿيارن جي ايجادن ۽ تيارين هيءُ سڀ ڪم خود غرض، منافق ۽ انسان دشمن ماڻهن هٿان انتهائي بهترين ڳالهين جي انتهائي خراب ڪمن لاءِ استعمال ڪرڻ جا مثال آهن.

اسان جي سامهون گذريل پنجاهه سالن ۾ امن امان جي نالي تي، ملڪي استحڪام ۽ سلامتيءَ جي نالي تي، آزادي، جمهوريت، مذهب ۽ سوشلزم جي نالي تي رجعت پرست، عوام دشمن، سامراج پرست، انسانيت دشمن حڪمران ٽولن جيڪو ڪجهه اسان ڪروڙين انسانن ۽ اسان جي وطن ۽ ملڪ سان ڪيو آهي، اهو سيني جي سامهون آهي.

تنهن ڪري اصل ڳالهه لفظن، دعوائن، نعرن ۽ ليبلن جي ناهي.

اڪـــــران دي وچ جـــــوئي اڙيـــــا،
ســو عشــق دي ڇـاڙهي مـول نـــه چڙهيـا.
(بيدل)

(لفظن جي هيرا ڦيريءَ ۾ جيڪو ڦاسي پيو، اهو عشق جي ڏاڪڻ تي چڙهي نٿو سگهي.)

اصل ڳالهه آهي انسانيت جي. انسان دوستيءَ جون تاريخي پاڙون اهڙيون ڪمزور نه ناهن، صرف انهن کي نئين سر ڳولي لهڻ ۽ انهن کي نئين سر سرسبز ۽ طاقتور ڪرڻ جي ضرورت آهي.

Gul Hayat Institute

جڏهن تقريباً ست هزار ورهيه اڳ سميريا (عراق) ۾ لکڻ جو فن ايجاد ٿيو، تڏهن ڪان وٺي انساني سوچ ۽ ان جي پيدا ڪيل ثقافت جو رڪارڊ موجود ٿيڻ شروع ٿيو آهي. هن رڪارڊ مان خبر پئي ٿي ته قديم دُنيا پنج وڏيون ۽ زنده غلامدار ثقافتون پيدا ڪيون، جن مان به اولهه ۽ ٽي مشرق ۾ پيدا ٿيون. اولهه واري قديم ۽ ڪنهن صورت ۾ زنده ثقافتون يونان ۽ روم جون آهن ۽ اوڀر ۾ چين، هندستان ۽ ايران جون آهن.

يوناني ثقافت جو بُنيادي زور فڪري، سائنسي ۽ فلسفياڻي بلنديءَ تي هو ۽ رومي ثقافت جو زور يوناني ثقافت مان لاڀ حاصل ڪرڻ، علمي ٽيڪنالاجي، قانون سازي، قانون جي حڪمراني، سلطنت سازي ۽ اعليٰ انتظام تي هو. ٻنهي ثقافتن ۾ بُنيادي گڏيل سماجي قدر هي هئا تہ حڪمراني ماڻهن ۽ صدين پراڻن طريقن بدران سماجي ادارن ۽ حالتن سان گڏ بدلجندڙ ۽ بهتر ٿيندڙ انساني قانونن جي هجڻ گهرجي ۽ انساني سوچ جو محور مافوق الانسان هستين ۽ آسمان گهٽ ۽ انسان ۽ هيءَ ڌرتي هجڻ گهرجي.

يوناني ۽ رومي ثقافتن ۽ انهن جي املهہ انسان دوست لاڀ ڪانپوءِ ايندڙ هڪ هزار سالہ مذهبي اقتدار، تقريباً تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. هن متعصب، تنگ نظر ۽ جاهلاڻي بالادستيءَ جي دؤر کي تاريخ ۾ يورپ جو اونداهو دؤر چيو وڃي ٿو. تنهن ڪري هڪڙي يورپي تاريخدان لکيو آهي:

"Arabs kept the lamp of learning burning in the darkest centuries of European History."

(عرب يورپ جي اونداهين صدين ۾ علم جا ڏيئا روشن رکيا.)

ٿيو هيءَ تہ اوڀر روم (قسطنطنيہ) جي مذهبي (عيسائي) اقتدار ڌارين ستين صدي عيسويءَ ۾ علم ڌارين ۽ اهل فڪر ماڻهن کي رومي سلطنت مان جلاوطن ڪري ڇڏيو ۽ ان مان گهڻا اچي ايران ۾ آباد ٿيا، جتي انهن کي پناهہ ۽ پنهنجو ڪم جاري رکڻ جو موقعو ڏنو ويو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ايران تي عرب قابض ٿي ويا. عباسين جي دؤر جي شروعات ۾ منصور عباسي پنهنجي نئين شهر بغداد ۾ انهن مان گهڻن کي نوڪريءَ ۾ رکيو ۽ اهڙيءَ طرح يونان جي فڪر جو هڪ حصو ترجمي جي شڪل ۾ اوڀر ڏانهن منتقل ٿيڻ شروع ٿيو. مسلم دُنيا جي مذهبي اقتدار ڌارين هن تحريڪ جي زبردست مخالفت ڪئي ۽ اها مخالفت صدين تائين ائين هلندي رهي جو نيٺ ان هن انسان دوستيءَ، عقل دوستيءَ ۽ علم دوستيءَ جي تحريڪ کي ڏاڍ جي زنجيرن ۾ جڪڙي تڙپائي تڙپائي ختم ڪري ڇڏيو.

هن تحريڪ دُنيا کي ٻين کان سواءِ بو علي سينا، ذڪريا الرازي ۽ ابن رشد جهڙن انسان ذات لاءِ فخر لائق عالمي دانشور ۽ فلسفي ڏنا. بو علي سينا تي جڏهن علماءَ ڪفر جي فتويٰ جاري ڪئي تہ هو تڙپي پيو:

(سڄي دُنيا ۾ مون جهڙو (يگانو) هڪڙو جي اهو بہ ڪافر، تہ جڻ اڄ دُنيا ۾ هڪڙو بہ مسلمان موجود ڪونهي!)

ذڪريا الرازي جي مٿي تي ان جا لکيل ڪتاب ايترا دفعا زور سان هنيا ويا، جو ان جي مٿي ۾ گهُٻ پئجي ويو. ابن رشد جنهن کي دُنيا يورپ جي احيائي



Gul Hayat Institute

انسانيت جي تحريڪ جو باني تسليم ڪري ٿي، هن کي يهودي قرار ڏيئي مسلمانن جي وسنديءَ مان ڪڍي يهودين جي وسندين ۾ رکيو ويو ۽ نيٺ هڪ رات شاهي شهر جي مسجد جي سامهون بيهاري نمازين کي حڪم ڏنو ويو ته ”هن ڪافر کي ٺُڪيو!“ ۽ عالمي انساني تهذيب ۽ ثقافت جو هيءُ بي تاج بادشاهه ڳنڍ هيٺ ڪريو بيٺو رهيو ۽ نمازي هن تي ٺُڪيندا رهيا. هن جا ڪتاب جيڪي پوءِ لاطيني ۽ يوناني ٻولين ۾ ترجمو ٿيا، سي ساڙيا ويا ۽ ملڪ ۾ پڙهو ڏنو ويو ته اهڙا ڪتاب جنهن وٽ هوندا، تنهن کي عبرتناڪ سزا ڏني ويندي.

انسانيت دشمن فڪري تنگ نظري ۽ تعصب خلاف زبردست احتجاجي ردعمل، مسلمان دُنيا ۾ فلسفي، تصوف ۽ عظيم الشان انسانيت دوست شاعريءَ جي شڪل اختيار ڪئي. شاعريءَ واعظن، زاهدن، محتسبن جي منافقي، مڪر، رياءُ ۽ فخري غرور جي خدمت ڪئي آهي، محبت، خلوص، سچائي، قناعت، خودداري ۽ دردمنديءَ جي تعريف ڪئي آهي ۽ انسان دوستيءَ کي خدا دوستيءَ جو پهريون شرط قرار ڏنو آهي:

”جيئن ڪافر لاءِ ڪُفر ۽ ديندار لاءِ دين ضروري آهي، ائين عَطر وڪڻندڙ (عطار) جي لاءِ ٿورو درد دل ضروري آهي.“

”مذهب جا دروازا اوچا آهن، رب ڏانهن ونئي ويندڙ راهه ننڍڙي نالي واري آهي (ان تي) پنڊتن ۽ مُلائن کان لِڪي لِڪي هلون ٿا (اهي ماڻهو) ٽنگ ڇڪين ٿا، گوڙ ڪن ٿا، دردمند ان راهه تي پنهنجي جان قربان ڪن ٿا.“ (سلطان باهو)

علم نقصانڪار به ٿي سگهي ٿو، ڇو ته علم جو استعمال انسان دوست به ٿي سگهي ٿو انسان دشمن به، تنهن ڪري صرف علم تي غرور ۽ تڪبر ڪندڙ نه خدا دوست آهن نه انسان دوست.

”علم کي صرف پيٽ لاءِ حاصل ڪندين ته انسانن مار (نانگ) ٿي ويندو، جيڪڏهن دل صاف ڪرڻ لاءِ حاصل ڪندين ته يار ٿي ويندو.“ (رومي)

”سوين ڪتاب ۽ سوين پنا باهه ۾ وجهي ڇڏيو ۽ دل جي ڇهري جو رُخ دلدار ڏانهن ڪري ڇڏيو.“ (رومي)

”الله کي علم کان سواءِ به خوش ڪر سگهجي ٿو يار هاڻ پنهنجي هن تنگ نظر ۽ متعصب علم کي به ختم ڪريو!“ (بلي شاهه)

هيءُ ماڻهو جيڪي پنهنجو پاڻ کي وڏو عالم، فاضل ۽ دين دُنيا جي هر ڳالهه کان واقف ٻُڌائين ٿا، انهن کي اصل ۾ ڪنهن به شيءِ جي صحيح خبر ناهي.

”ڪعبي جي ڳولا ڪندڙ ان جا دروازا پوڇين ٿا، مفتي ۽ قاضي دفترن کي پڇين ٿا، جڏهن پردو ڪڇندو ته خبر پئجي ويندي ته يار ماڻهو (خدا کي نه) ڪنهن ٻئي کي پوڇين ٿا.) (خيام)

”سڀ مذهب ۽ دين بابت پريشان آهن. سڀ شڪ ۽ يقين جي واديءَ ۾ حيران بيٺا آهن. اوچتو لڪل جڳهه تان اعلان ٿيندو. “اي اڻ ڄاڻو! رستو نه هُو آهي نه هي!“ (خيام)

جيڪي ماڻهُو خدا جي ڳولا جون ڳالهيون ڪن ٿا، انهن کي دراصل خود پنهنجي پاڻ جي به خبر ناهي. دراصل خدا خود انسان جي ڳولا ۾ آهي.

”(خدا جو) جلوو ڏسڻ لاءِ گداگر جيان طُور تي ويوآهين. ڇو ته تون خود پنهنجي پاڻ کي نٿو سُڃاڻين. انسان جي ڳولا ۾ قدم وڌاءِ. ڇو ته خدا خود انسان جي ڳولا ۾ آهي.“ (اقبال)

اسان کي خوددار ٿيڻ گهرجي ۽ ڪوبه ڪم انعام جي لالچ يا سزا جي خوف کان نه پر سچيءَ دل سان ڪرڻ گهرجي.

”منهنجو ڪنڌ نه هن دُنيا جي اڳيان جهُڪي ٿو نه ٻئي جهان جي اڳيان. پنهنجي دماغ ۾ جيڪي فِتنا آهن، تن لاءِ آءٌ خدا جا ٿورا مڃيان ٿو اهي گهٽ آهن.“ (حافظ)

سڀ کان وڏو گناهه خدا جي مخلوق کي تنگ ڪرڻ آهي.

”ڪنهن کي تنگ ڪرڻ لاءِ ان جي پُٺيان نه پئو ۽ جيڪو چاهين سو ڪر. ڇو ته اسان جي شريعت ۾ هن کان وڏو ٻيو گناهه آهي ئي ڪونه.“ (حافظ)

”نيٺ فخر جي احساس سان اسان دُنيا تي لت رکي ڇڏي. ماڻهن جاهه ۽ جلال جو سهارو ورتو ۽ اسان ان تي لت رکي ڇڏي.“ (عبدالقادر بيدل)

انسان کي صاف دل ۽ پُرخلوص هجڻ گهرجي.

”شراب وڪڻندڙ! گهٽيءَ ۾ وڃي اها خوشخبري ٻُڌاءِ ته حافظ ڏيکاءَ جي عبادتن کان توبهه ڪري ڇڏي آهي.“ (حافظ)

”حافظ عبادتگاهه مان مئخاني ڏانهن وڃي رهيو آهي. شايد ڏيکاءَ جي عبادتن جي نشي مان هوش ۾ اچي ويو آهي.“ (حافظ)

”آءٌ غلام آهيان. ظاهر ۽ باطن هڪڙي ٻئي تلڇٽ پيئڻ وارن صاف دل انسانن جي همت جو ۽ نه انهن منافقن جي گروهه جو. جن جا لباس دلڪش ۽ دليون ڪاريون آهن.“ (حافظ)

”واعِظ جيڪو ڪجهه مِحرابن ۽ ممبرن تي چون ٿا. اهي صرف مڪر ۽ منافقيءَ جون ڳالهيون آهن. هو خدا ۽ رسول کي فريب ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ خدا جي بندن تي رُعبُ ڪن ٿا.“

”هي واعِظ جيڪي مِحرابُ ۽ مِمبر تي اهڙا اهڙا جلوا ڏيکارين ٿا. اهي جڏهن اڪيلائيءَ ۾ وڃن ٿا ته اهي بلڪل ابتڙ ڪم ڪن ٿا.“ (حافظ)

”منهنجي تقويٰ ۽ پرهيز گاري ڪافي آهي ته آءٌ شهر جي واعِظن جيان ممبر تي ناز ۽ انداز نٿو ڏيکاريان.“ (حافظ)

”توکي جيڪڏهن فرصت ملي تہ موقعي کي غنيمت ڄاڻي ساقي، شراب، مفتي ۽ سُرور سان دل لڳائي، پر خبردار هن گروهہ ۾ شامل نہ ٿجان، جيڪي خدا کي سجدن سان ۽ نبيءَ کي درودن سان فريب ڏين ٿا ۽ خدا جي مخلوق سان ڪوڙ ڳالهائين ٿا.“ (حافظ)

غرور زہد نے سکھلا دیا ہے زاہد کو،
کہ بندگان خدا ہر زبان دراز کو۔

(اقبال)

”وقت جي عالمن، دين جون اهڙيون اهڙيون تشريحون ڪيون آهن، جو خود خدا، جبرائيل ۽ خدا جو رسول بہ انهن کي ٻُڌي حيران ٿي ويندا هوندا.“

”اسان جا صوفي ۽ مُلا کي سلام ڏي، جو انهن محمد ۽ خدا جو پيغام اسان کي ڏنو ۽ ان پيغام جي اهڙي تشريح ڪئي جو خدا، جبرائيل ۽ مصطفيٰ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.“ (اقبال)

اصل ڳالهہ انسانيت جي آهي، ان ڪان سواءِ ڪُفر ۽ اسلام جي ليبل جي ڪابہ معنيٰ نہ آهي:

کفر و اسلام کی کچھ قید نہیں ہے آتش،
شیخ ہو یا کہ برہمن ہو، پر انسان ہوئی۔
(آتش)

زبان سے کہہ بھی دیا، لاآلہ تو کیا حاصل،
دل و نظر جو مسلمان نہیں تو کچھ بھی نہیں،
اگر ہے عشق تو ہے کفر بھی مسلمانی،
نہ ہو تو مرد مسلمان بھی کافر و زندیق۔
(اقبال)

نہ صرف پاڪستان جي عوام جو پر سڄيءَ دُنيا جي عوام جو سڀ کان وڏو مسئلو انسانيت ۽ انسانيت دوستيءَ جي کوٽ جو آهي. جيڪڏهن هيءُ مسئلو حل ٿيڻ شروع ٿي وڃي تہ انساني تاريخ هڪ زبردست ڇلانگ لڳائي سگهي ٿي.

(شايع ٿيو: 25 سيپٽمبر 1997ع)

Gul Hayat Institute

# "لکڻ سون آهي!"

چوندا آهن "Speech is Silver, Silence is Golden" "ڳالهائڻ چاندي آهي، ماٺ سون آهي."

آئون چوندو آهيان، "ڳالهائڻ چاندي آهي، لکڻ سون آهي." جيڪو يار ڪا سُڻي ڳالهه ٻُڌائيندو آهي، تنهن کي چوندو آهيان، بلڪ اڪثر ڪيس سمجهائيندو آهيان: "انسان لکين سالن کان ڳالهائيندو اچي، پر تهذيب تڏهن شروع ٿي، هڪڙي قوم ۽ نسل جو تجربو ٻين قومن ۽ نسلن تائين پهچڻ تڏهن شروع ٿيو ۽ انساني ڄاڻ ۽ سمجهه وڏا وڏا تاريخي ڇال ڏيڻ تڏهن شروع ڪيا، جڏهن اٽڪل ست هزار ورهيه اڳ، اول عراق (سميريا) ۽ پوءِ مصر جي ماڻهن لکڻ ايجاد ڪيو. پڪين سِرَن تي لکيل ڪتاب لکيا ۽ انهن جون لائبريريون ٺاهيون." سچي عمر اها تبليغ ڪندو اچان. نه رُڳو ٻين تي پر پاڻ تي به. لکيو گهٽ اٿم پر ان مان شايع اڃا به گهٽ ٿيو آهي.

اخبارن ۾ لکڻ جو شوق مون کي گهڻي زماني کان آهي. جنهن ڏينهن بلڪ جنهن رات پهريون پيرو ڪنهن 'اخبار' ۾ منهنجو مضمون ڇپيو سا رات اڄ به مون کي ياد آهي. تن ڏينهن سنڌ مدرسي ۾ مئٽرڪ پڙهندو هوس. اسلامي ۽ پاڪستاني جوش عروج تي هو. ٻه ٽي هفتا محنتون ڪري هڪڙو مضمون لکيم. عنوان ڏنومانس: "ڪشمير اسان جو آهي." الوحيد اخبار ۾ ڪٽي ويس. چيائون: "هينئر وڃ، ايڊيٽر اچي ته ان کي ڏيکاريون ٿا." ٻئي ڏينهن چيائون، "اڄ ايڊيٽر موڪل تي آهي." ٽئين چوٿين ڏينهن چيائون، "سڀاڻي ڇپبو." پنجين ڏينهن اَسُر جو وڃي آنو خرچ ڪري بولٽن مارڪيٽ مان الوحيد اخبار ورتيم. ٻه ٽي دفعا الف کان ي تائين پڙهي ويس. مون وارو مضمون هو ئي ڪونه. وري الوحيد ويس. چيائون، "توکي چيو سون ڪونه ته اڄ ڇپبو." آئون وري پنهنجي سنڌ مدرسي جي

هاسٽل ڪونہ ويس. الوحيد پريس جي مٿان چڙهي چڙهيو بيٺو هوس. 12 وڳي رات جو مون واري مضمون جا پرچا ڇپيا تہ هڪڙو پرچو آلو ئي آلو کڻي وٺي مدرسي جي هاسٽل ڏانهن ڀڳس ۽ هاسٽل جي حسن علي هال ۾ جيڪي بہ يار دوست ۽ واقف هئا، تن کي ننڊ مان اُٿاري انهن کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ اهو پڙهي ٻُڌائيندو رهيس. صبح تائين اهو پرچو سڄو ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي چڪو هو!

مون کي اهي ڏينهن ياد آهن، جڏهن دلبر ماڻهُو سليم هالائي، مون کي ڪيڪ سلائيس کارائي، چانهہ جو هڪ ڪوپ پياري ۽ منهنجي ترجمي ڪرڻ جي لياقت جون خوبصورت ۽ فنڪارانہ تعريفون ڪري، ابراهيم منزل ميڪليڊ روڊ ڪراچيءَ تي "نئين سنڌ" اخبار ۾ مون کان خبرون ترجمو ڪرائيندو هو ۽ پاڻ وينو يارن سان ڪچهريون ڪندو هو.

اها خوشي مون کي اڄ ڏينهن تائين نٿي وسري، جيڪا مون کي اُن ڏينهن ٿي جڏهن ترقي پسند هفتي وار اخبار "صداقت" ڪراچيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو پهريون دفعو ڇپيل سب ايڊيٽوريل پڙهيم. ان سب ايڊيٽوريل ۾ پنهنجو سمورو انقلابي جوش ۽ جذبو ۽ سموري ادبي فصاحت ۽ بلاغت صَرف ڪئي هيم. شروعاتي جملو هن قسم جو هو "نئين چين جون انقلابي فوجون سماجي امن ۽ انصاف جا ڳاڙها جهنڊا ۽ نئين روشنيءَ جون جڳمڳائيندڙ لاٽون کڻي بيٺ جي تاريخي اونداهي تهخاني ۾ داخل ٿي چڪيون آهن." اُن وقت آئون صحافي ٿي چڪو هوس ۽ "صداقت" ۾ 60 روپيا ماهوار تي پارٽ ٽائيم سب ايڊيٽر هئس.

مستقل ڪالم مون "نواءِ سنڌ" ڪراچيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيا: "چاچا چنيسر"، "تعارف" ۽ "پسمنظر"، پر رپورٽنگ جا مزا ئي اور هئا. وزير صاحبان جا پُرمغز بيان، وزيراعظمن جون پريس ڪانفرنسون، ڪيڪ پيسٽريون، شوخ سوال جواب، پنهنجي اهميت جو احساس، فوٽا، ٻئي ڏينهن اخبار ۾ ڇپيل پنهنجي قلم جون جولانيون، مطلب تہ مزا ئي مزا!

جڏهن نيٺ روزاني "نئين سنڌ" جو ايڊيٽر ٿيس تڏهن ائين لڳو ڄڻ رات وچ ۾ ڪا آسماني مخلوق ٻڌجي ويا آهيون. پير ئي پٽَ تي نٿي لڳو! "عبرت" سان منهنجو ناتو تمام پراڻو آهي. ڪنهن زماني ۾ آئون "عبرت" لاءِ ڪورٽن جون ڪهاڻيون لکندو هئس. ڪورٽن جي سچن ڪيسن کي سچين حقيقتن سان افسانوي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ادبي صنف مون انهن ڏينهن ايجاد ڪئي هئي. منهنجون سچيون قانوني ڪهاڻيون "ڪيترائين دُنيا جو سير ڪيو"، "ڪرشن نگر جي ڪنوار"، "شهربانو شهر گهمڻ ويئي" ۽ "سون جا واپاري" وغيره انهن

Gul Hayat Institute

ڏينهن ۾ ”عبرت“ ۾ شايع ٿيون هيون. ان سلسلي ۾ هڪڙي نئين ڪهاڻي تازو ”عبرت“ ۾ شايع ٿي هئي. عنوان هوس ”حلالي پُٽُ“. منهنجو پهريون ڪتاب ”انڌا اونڌا ويج“ بہ پهريائين هڪڙي اخبار ۾ قسطوار ڇپيو هو. صحافت ۽ خاص ڪري ڪالم نويسيءَ جي ميدان ۾ مون کي جيڪي ماڻهُو تمام گهڻو پسند آيا، تن ۾ ديوان سنگهہ مفتون (هندستاني)، خواجہ حسن نظامي (هندستاني)، مجيد لاهوري (پاڪستاني)، والٽ وتمئن (آمريڪي)، آرٽ بخوالڊ (آمريڪي)، ايليا اهنبرگ (روسي) ۽ ارشاد احمد حقاني (پاڪستاني) شامل آهن. سنڌي صحافت کي وڌيڪ دلچسپ بڻائڻ ۽ ان جو معيار بلند ڪرڻ لاءِ اهڙن اعليٰ درجي جي فنڪار ماڻهن کان گهڻو ڪجهہ سکي سگهجي ٿو.

ماڻهُوءَ جي شوق جو بہ هڪڙو چڪر (Cycle) هوندو آهي. اڄڪلهہ منهنجي گهڻ طرفي مطالعي جو شوق عروج تي آهي. منهنجي عادت آهي تہ آءٌ پنهنجي بستري جي پير واري ٽيبل تي مختلف موضوعن جا پنج اٺ ڪتاب چونڊي رکندو آهيان ۽ روز انهن مان ڪڏهن چار ڪڏهن پنج ڪتاب پڙهندو آهيان. مثلاً هينئر مون وٽ ٽيبل تي ۽ مطالعي هيٺ جيڪي ڪتاب آهن، تن جا نالا آهن: ”سول پروسيجر ڪوڊ“ (سول قانون)، ”عدالتي حڪمنامن جو قانون“ “Law of Writs”، ”دُنيا جو ٻيو نمبر جهونو ڌنڌو“ “The second oldest profession” (دُنِيا جي جاسوسي ۽ انٽيليجنس جي تاريخ)، سترهين صديءَ جي ڪلاسيڪل هندي شاعر بهادريءَ جو ڪلام ”سستيءَ، لاطيني شاعر هوريس جو ڪلام“ “The Complete Odes of Ovades”. مشهور چيني ڪلاسيڪي ناول “The out laws of the Marsh”، مولانا محمد حسين آزاد جو ”دربار اڪبري“، شاهد احمد دهلويءَ جو دهلي شهر جي ريتن بابت ڪتاب ”اُجڙا ديار“ ۽ هاڪاري رومي جنرل جوليس سيزر (قلوپطره وارو) جي فوجي آتم ڪهاڻي “The Civil War” قسمين قسمين سنڌي رسالا بہ وٺي آيو آهيان ۽ پڙهان پيو. مثلاً، ”ڪوهسار“، ”جاڪوڙ“، ”پروڙ“، ”مهراڻ“، ”جياپو“، ”ايگريڪلچر“، ”ساجاهہ“، ”ڪاڪ“ ۽ ”سارس“. هڪڙو ڪهاڻين جو سڄو مجموعو جنهن جي ڪٿي تعريف پڙهي هئم، اهو بہ وٺي آيو آهيان. يعني صنوبر سيد جي ڪهاڻين جو مجموعو ”مشعل ٻرندي رهي.“ ان مان بہ ٽي ڪهاڻيون پڙهي بہ ورتيون اٿم. دراصل سنڌي رسالن ۽ ڪتابن جو جائزو وٺڻ وري شروع ڪرڻ جو خيال اٿم. منهنجو اصل کان دستور آهي تہ جنهن بہ شيءِ تي تبصرو ڪرڻو هوندو اٿم، ان کي گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا پڙهندو آهيان ۽ اڪثر ضروري نوٽ بہ وٺندو آهيان. سوچيو اٿم تہ فقط اهڙن ڪتابن ۽ رسالن ۾ ڇپيل فقط



Gul Hayat Institute

اهڙين تخليقن تي تبصرو ڪبو، جن ۾ ڪو ڪڙتيل هوندو، چاهي اهي ڪهڙن به مشهور يا گمنام ماڻهن جون هجن ۾ چالو قِسم جي يا سڪٽي پرتيءَ جي ڪنهن به شيءِ تي مغز نه کپائبو. چاهي اها ڪنهن جي به قلم سان نڪتي هجي. اصول هيءُ آهي ته ضروري ناهي ته ڪنهن به نئين يا گمنام ماڻهُوءَ جي ڪابه لکٽي سُٺي يا تمام سُٺي نه هجي ۾ ڪنهن به سُٺي يا وڏي لکندڙ جي ڪابه لکٽي چالو يا سڪٽي پرتيءَ جي نه هجي. وڏا اڳيئي ڳالهه چِٽي ڪري ويا آهن ته "پلن پيٽان ڊلا، ڊلن پيٽان پلا."

جيڪڏهن ڪي دوست چاهين ته آءٌ ڪو خاص ڪتاب يا رسالو پڙهان ۾ جي چاهيان ته ان تي تبصرو ڪري سگهان ته اهي مون کي ڊي – 10، پرنس ٽائون قاسم آباد، حيدرآباد تي موڪلي سگهن ٿا. خط به لکي سگهجن ٿا. صلاحون ڏيئي سگهجن ٿيون. حال احوال ڪر سگهجن ٿا.

گهٽي زماني ڪان پوءِ هيءُ منهنجو پهريون اخباري ڪالم آهي. پاڻ ۾ ڳِئين دلچسپ ڪارائتيون ۾ ضروري ڪچهريون ڪرڻيون آهن.

الله جـي آس ڪـري، هليـو هئـائين،
چارڻ ٻڌا چنگ ڪي، جهوڙا ۾ جهائين،
ڏولـي راءِ ڏيـاچ جـي، ڏوران ڏنـائين،
وينتيـون واحـد در، تـنهن ويـر ڪيـائين،
سباجها سائين، راءِ ريجهائين راڳ سين.

(شاهه)

Gul Hayat Institute

# ڪائنات ابتڙ مان ٺهيل آهي

هڪڙي پاسي ڪائنات جون سڀ ڳالهيون ٻه شيون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. ٻئي پاسي ان جي هر شيءِ ۽ ڳالهه ۾ تضاد آهي. هر شيءِ ۽ ڳالهه پاڻ ۾ جهيڙو ڪندڙ ابتڙن جو ميلاپ آهي. اهو ابتڙ ۽ هيڪڙائيءَ جو رشتو هڪڙي ئي زماني ۾ موجود شين ۽ ڳالهين جي وچ ۾ به آهي ته مختلف زمانن جي شين ۽ ڳالهين جي وچ ۾ به آهي.

ڳالهين مان ڳالهيون نڪرن ٿيون ۽ ڏين مان ڏِيا ٻرن ٿا. اڄ اسين ايترا قابل ان ڪري آهيون جو اسان کان اڳيان اسان کي عقل ۽ ڏاهپ جو صدين جو خزانو ڏئي ويا.

دُنيا جي ديوَ جيڏي رياضيدان، فلسفي، سائنسدان سر آئزڪ نيوٽن ان ڪري ئي چيو هو: ”جيڪڏهن منهنجي نظر ٻين کان پري پهتي آهي ته اهو تڏهن ٿيو آهي جڏهن آئون ديوَ جيڏن ماڻهن جي ڪُلهن تي چڙهيو بيٺو آهيان.“

شين ۽ ڳالهين جا گھڻين پاسا آهن، هڪڙو ڪونهي. بدقسمت آهن اهي ماڻهُو ۽ قومون جيڪي ڳالهين جي فقط هڪڙي اڌ پاسي تي ڳنڍ ٻَڌيو ويهيو رهن ۽ جيڪي حقيقت جي باطن بدران رُڳو ان جي ظاهري ڏيک ۾ گم ٿي وڃن ٿا.

”مُئي هاٿي سين مامرو اچي پيو انڌن“ واري ڳالهه وانگر ڪنهن انڌي جو هاٿيءَ جي ڪن تي هٿ لڳو ته ان چيو ته، ”هاٿي سِپ جهڙو آهي.“ جنهن جو هاٿيءَ جي ٽنگ تي هٿ لڳو تنهن چيو ته، ”هاٿي ٿنڀي جهڙو آهي.“ جنهن جو هاٿيءَ جي پُڇ تي هٿ لڳو تنهن چيو ته، ”هاٿي نوڙ جهڙو آهي.“ منجهائن ڪنهن کي به سَماءُ ڪونه پيو ته هاٿي اهو سڀ ڪجهه به آهي ۽ ان کان سواءِ انهن سڀني کان هڪڙي نرالي شيءِ به آهي. زندگيءَ جا گھڻين ذاتي ۽ قومي مامرا اهڙا آهن جن تي ڳوڙهي سوچ ۽ ويچار جي ضرورت آهي ۽ وڏي سوچ ۽ غور سان انهن جا حل ڳولهي لهڻا آهن. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اسان پنهنجن وهمن، جذبن، ذاتي مُفادَن ۽ دوستي ۽ دشمنيءَ جي خيالن کان بالاتر ٿي نيڪ نيتي، ڏاهپ ۽ خالص عقل تجربي سائنسي چاڻ سان مسئلن جي تپاس ۽ اختلافي ڳالهين جو نبيرو

Gul Hayat Institute

ڪندا سين. رومي جوليس سيزر چيو آهي تہ، ”جيڪي ماڻهُو اختلافي مسئلن تي غور ڪندا هجن، تن کي نفرت، سنگت، ڪاوڙ ۽ رحم کان بالاتر هجڻ گهرجي.“ اها ڳالهہ هن اج کان 20 صديون اڳ ڪئي هئي.

اسين جنهن زماني ۾ رهون ٿا، سو اج يعني 6 نومبر 1992ع بہ آهي ۽ 1992ع جو سڄو سال بہ اسان جو زمانو آهي. دراصل اسين جڏهن کان ڄاوا هئاسين، تڏهن کان وٺي دُنيا ۾ جيڪو بہ ٿيو اسين ان کي پاڻ سان واسطيدار سمجهي سگهون ٿا ۽ پڻ اهو زمانو جنهن ۾ اسان جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي ابن ڏاڏن هن دُنيا ۾ زندگي گذاري، محبتون ۽ نفرتون ڪيون، ڪَٽيو ڪمايو وڃايو، سَنو ۽ لوڙيو، جوڙيو ۽ ماڻيو ۽ پنهنجو سڀ ڪجهہ اسان لاءِ ڇڏي ائين هليا ويا، جيئن سڀاڻي اسان پنهنجو سڀ ڪجهہ پنهنجن پوين لاءِ ڇڏي هليا ويندا سين. جيڪڏهن اسان جا پويان اهڙا عقل جا وَيري ٿين جو اسان جي دؤر بابت چون تہ ان سان اسان جو واسطو ڪونهي، اسان جو دؤر الڳ آهي ۽ اسان جي دؤر جي هر ڳالهہ ان ڪري ردي‌ءَ جي ٽوڪري‌ءَ ۾ اُڇلائي ڇڏين، ڇاڪاڻ جو اهي ڳالهيون سندن چيل ناهن تہ پوءِ اهي اهڙا بي عقل ٿيندا، جهڙا اسين ٿينداسين، جيڪڏهن اسين پنهنجن وڏن جي ڳالهين کي ائين چئي ردي‌ءَ جي ٽوڪري‌ءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيون تہ، ”اهي اسان جون ناهن، اسان جو انهن سان ڪهڙو واسطو؟ ۽ تنهن کان پوءِ اسان جا وڏا ڪير آهن؟ اسين ڪنهن کي پنهنجو وڏو ليکي سگهون ٿا؟ ڇا اسان جا وڏا فقط اهي آهن، جيڪي نسلي طرح اسان جي ذات يا قبيلي جا آهن؟ پر ذاتيون ۽ قبيلا تہ ڪلهہ شروع ٿيا! ان کان اڳ اسان جا وڏا ڪير هئا؟ ڪي تہ هوندا؟ توڙي جو اسان کي انهن جو نالو نشان بہ معلوم نہ هجي. انهن جي جاچ ڪرڻ سان بہ جي سندن ڪو ڏس نہ ملي تہ پوءِ؟ اهي تہ ٿيا اسان جا نسلي وڏا، پر اسان جا عقلي وڏا، روحاني وڏا ۽ ذهني وڏا بہ تہ ڪي آهن! اهي ڪير؟ فقط اهي جيڪي اسان جي قبيلي يا قوم جا يا اسان جي صوبي يا ملڪ جا هجن؟

اج کان 22 صديون اڳ رومي ناٽڪ نويس ٽيرنيس لکيو هو تہ، ”آئون انسان آهيان، ان ڪري ڪوبہ انسان مون لاءِ ڌاريو ڪونهي ۽ ڪابہ انساني ڳالهہ مون لاءِ پرائي ڪانهي.“ اها ڳالهہ بين بہ ڪيترن ڏاهن پنهنجي پنهنجي نموني ڪئي آهي ۽ صحيح ڳالهہ آهي بہ اها.

سڀني انسانن جون سڀ ڳالهيون اسان سان واسطو رکن ٿيون. شيخ سعدي‌ءَ چيو هو ”بني آدم اعضائي يڪ ديگرند.“ ”آدم جو اولاد هڪٻئي جا بازو آهن.“ اها ڳالهہ صحيح آهي، نہ رُڳو جسماني طرح پر ان کان بہ وڌيڪ ذهني ۽ روحاني طرح بہ. جڏهن کان انسان سوچڻ ۽ پنهنجين سوچن کي رڪارڊ ڪرڻ شروع ڪيو

Gul Hayat Institute

آهي، تڏهن ڪان وٺي دُنيا جي نيڪ ڏاهن ۽ همت وارن ماڻهن جيڪي سوچيو، لوچيو ۽ ڪيو آهي، سو سڀ اسان جي ۽ اسان جي پوين جي ۽ انهن جي پوين جي گڏيل ميراث آهي. تنهن ڪري اسان جي چاڻ، سمجهہ ۽ شعور جو دائرو ڌرتيءَ جي ڇهن ئي ڪنڊن ۾ رهندڙ ۽ سموري انساني تاريخ جي سمورين اڻ ڳڻين صدين دوران رهندڙ سمورن نيڪ، ڏاهن ۽ مڙس ماڻهن جي سوچن ۽ عملن تائين پکڙيل هئڻ کپي. تڏهن ئي اسين ذهني ۽ فڪري طرح گهر جا گلو ٿيڻ بند ڪنداسين ۽ صحيح معنيٰ ۾ دُنيا جا اهڙا شهري بڻباسين، جهڙا ارسطو، بو علي سينا، نيوٽن، گليلو لطيف ۽ ٻيا سوين هزارين ماڻهُو هئا.

ڌرتيءَ جي جنهن ٽڪري تي زماني جي ڪنهن بہ دؤر ۾ ڪهڙي بہ رنگ، نسل، قوميت ۽ مذهب جي ماڻهن ڪابہ دانائيءَ جي ڳالهہ ۽ ڪابہ انساني ڀلائيءَ جي سوچ ۽ عمل ڪيو آهي، سا اسان جي ميراث آهي. ائين سمجهڻ ۽ ڪرڻ سان اسان وٽ گهڻ پاسائين چاڻ ۽ گهري سمجهہ پيدا ٿيندي ۽ اسين لَڪِير جا فقير ٿيڻ کان بچي پونداسين.

خوشقسمتيءَ سان جتي دُنيا جي علم ۽ سمجهہ جا اٿاهہ خزانا تاريخ جي ستم ظريفيءَ سبب گم يا ضايع ٿي ويا آهن، اتي انهن مان گهڻو ڪجهہ بچي بہ ويو آهي ۽ اسين جي خفتي ۽ جاکوڙي ٿي انهن جي پويان پئون تہ اسين انهن خزانن جا مالڪ بہ ٿي سگهون ٿا. اهي خزانا مختصر قولن جي مجموعن جي صورتن ۾ بہ آهن ۽ تفصيلي تحريري مضمونن جي صورت ۾ بہ آهن. ڪنهن بہ موضوع کي کڻبو ۽ مختلف قومن ۽ دؤرن جي ڏاهن جا ان موضوع بابت خيال معلوم ڪبا تہ ڳالهہ جا ايترا پاسا ۽ ڪُنڊون معلوم ٿينديون، جو ماڻهُو چڻ تہ ڪن پل ۾ ان موضوع بابت سڄي جهان جي ڏاهپ جو ڏٽي ٿي ويندو.

ايندڙ ڳالهين ٻولين ۾ اسين وقت بوقت مختلف موضوعن جي ڪَئِين مختلف پاسن بابت دُنيا جي مختلف قومن، ملڪن ۽ تاريخ جي مختلف زمانن ۾ رهندڙ ڏاهن جا ويچار پنهنجي وطن جي ماڻهن اڳيان سندن لطف، چاڻ، سوچ ۽ ويچار ۽ سمجهہ پرائڻ، پنهنجن عملن ۽ سوچن جي رهبري ڪرڻ لاءِ پيش ڪندا رهنداسين.

Gul Hayat Institute

# ڪجھ صحافت، شاعري ۽ انقلاب بابت

اخبار وارن جي موجودگيءَ ۾ توهان ڇا ٿا ڳالهايو ۽ تقرير ڪريو ۽ ٻئي ڏينهن اخبار ۾ توهان ڪي ڇا ڇا چوندي ڏيکاريو وڃي ٿو سي ٻئي جدا ڳالهيون آهن، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ بنھ اُبتڙ ڳالهيون هونديون آهن. ڪراچي، لاهور ۽ پنڊيءَ جون اردو اخبارون توهان جي اصل ڳالھ مان ڪهڙيون ڪهڙيون نيون اُلٽيون ڳالهيون ٺيون ٺاهين، تنهن جو عام ماڻهوءَ لاءِ رُڳو اندازو لڳائڻ بہ مشڪل آهي. 5_6 سال اڳ لاهور جي اخبارن اهڙو هڪڙو مشهور ڪارنامو منهنجي سلسلي ۾ ڪيو هو. آئون ٻن ٽن وقفن ڪي ڇڏي ڪُل ملائي اٽڪل 9_10 سالن جي قيد ڪاٽڻ ڪانپوءِ تازو آزاد ٿيو هوس. مون کي هڪڙو ليڪچر ڏيڻ لاءِ لاهور جي سڄاڻ دوستن دعوت ڏني. منهنجي ليڪچر جو موضوع هو ”پاڪستان ۾ جمهوريت جون پاڙون ڇو نہ ٿيون کُپن؟“ ٻُڌڻ لاءِ گڏ ٿيلن ۾ ملڪ قاسم، اعتزاز احسن، مشاهد حسين، نوابزاده نصرالله خان، ايئرمارشل ظفر، رٽائرڊ جنرل عبدالحميد ۽ پروفيسر عزيزالدين ۽ ٻي سڄي لاهور جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي ڪريم موجود هئي.

مون اسان جي سرڪاري طرح منتخب ۽ تسليم ٿيل قومي اڳواڻن ۽ اڪابرن قائداعظم محمد علي جناح جي قولن ۽ علامہ اقبال جي شعرن جون سندون پيش ڪندي گذارش ڪئي هئي تہ ڪنهن ذاتي، گروهي ۽ طبقاتي مُفادن خاطر مذهب ڪي آڙ بڻائي پاڪستان جي ماڻهن جا قومي، جمهوري ۽ انساني حق ۽ جمهوري آزاديون ختم ڪري منظم نموني جمهوريت جون پاڙون پَٽيون ويون هيون. ٻئي ڏينهن لاهور جي هڪڙي اخبار ڏسي دنگ رهجي ويس. لکيل هو تہ، رسول بخش پليجي اسلام، قائداعظم ۽ علامہ اقبال خلاف زهر اوڳاريو ۽ محمد بن قاسم کي گاريون ڏنيون .لاهور جي ميئر پريس بيان ۾ گهُر ڪئي تہ مون تي غداريءَ جو

Gul Hayat Institute

مقدمو هلايو ويجي. هڪڙي پنجاب جي وزيرِ محترم لاهور شهر ۾ باقائدي منهنجي خلاف خواتين جو شاهي جلوس ڪڍي مطالبو ڪيو تہ مون کي شاهہ عالم گيٽ تي ڦاسي ڏني وڃي. جماعت اسلامي جي شاگرد تنظيم جميعت طلباءِ پريس ۾ اعلان ڪيو تہ جيڪڏهن پليجو ٽن ڏينهن اندر پنجاب خالي نہ ڪندو تہ اسين سندس زندگيءَ جا ذميوار نہ رهنداسين. مون کي ٻئي ڏينهن لاهور بار ۾ تقرير ڪرڻي هئي. اتي پهتس تہ پوليس ائمبولينسون وٺي جنگ لاءِ تيار ٿيو بيٺي هئي، پنجابي وڪيلن جا ٻہ ڌڙا ٿي بيٺا هئا. هڪڙا منهنجي خلاف، ٻيا منهنجا طرفدار، باقاعدي دوبدو جسماني ويڙهہ ٿي، همراهہ ڪي ڪِريا، ڪي ڦٽيا. مطلب تہ هڪڙي اخبار جي رپورٽر پنهنجي قلم جي ٻن ٽن رهڙن سان سڄو پنجاب ٽرٽلي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ مون کي ذري گهٽ قتل ٿي ڪرايو. امن جا رپورٽر ۽ منهنجو حيدرآباد وارو يار علي حسن هيرالڊ ۾ اڪثر مون بابت رپورٽنگ جا اهڙا جوهر ڏيکاريندا آهن ۽ هن قسم جون سرخيون ڇپبيون رهنديون آهن:

"پليجو ڪا مهاجرون پر لاٺي چارج"، "مهاجرون ڪو سمندر ۾ غرق ڪردينگي" وغيره. پنهنجي پهچ آهر ڪِن سنڌي رپورٽرن پائرن بہ گهٽايو ڪونهي ۽ وقت بہ وقت پنهنجي رپورٽنگ جا جلوا پئي ڏيکاريا آهن. هڪڙي لکيو هو: "قوم بزدل آهي: پليجو". ڪجھ وقت کان پوءِ ٽيون ڏينهن ڪاوش جي رپورٽر ساٿيءَ اهڙو جلوو ڏيکاري لاهور ۽ ڪراچي پريس جون سِڪون لاهي ڇڏيون. سنڌالاجيءَ ۾ سوز هالائيءَ جي ڪتاب جي مهورت جي موقعي تي منهنجي ڪيل صدارتي تقرير جي رپورٽنگ ڪندي، سواءِ منهنجي هڪڙي ان ڳالهہ جي تہ سنڌيءَ ۾ اجائي هندي، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٽُنبڻ بدران پنهنجي قابليت ڏيکاري رعب ويهارڻ جا ڪي ٻيا طريقا اختيار ڪري سگهجن تہ بهتر، ٻيون ڳالهيون ڇڏي رپورٽ اها ڪئي وئي تہ آءٌ شاعريءَ جي هائيڪو ۽ ٽيڙوءَ جي صورت ۾ اظهار ڪرڻ جي خلاف آهيان. مون کي هائيڪوئن، ٽيڙوئن ۽ چؤسٽن جو مخالف ڏيکارڻ معنيٰ مون کي ري گناهہ شعر جي انهن مقبول صنفن جي شاعرن، انهن جي مداحن، ادبي ڄاڻن ۽ پارکن جي نظر ۾ ڪل-ٽڙيل ثابت ڪرڻ.

مون ائين نہ چيو ۽ نہ ڪو چئي سگهيس ٿي. مون چيو هو تہ، انهن صنفن ۾ تڪبندي گهڻي پئي ٿئي، شاعري نالي ماتر. مون تقرير ۾ ٻئي ڳالهيون چيون، جن جي باري ۾ اختلاف جي وڏي گنجائش آهي ۽ اهي سُني ۽ ڪارائتي علمي ادبي بحث جو موضوع ٿي سگهن ٿيون ۽ ٿيڻ گهرجن. مون اختلاف جو باعث ٿي سگهندڙ پهرين ڳالهہ اها چئي تہ گهڻي زماني کان پوءِ ادب جو سنجيدو مطالعو

Gul Hayat Institute

شروع ڪرڻ کان پوءِ مون کي لڳي ٿو تہ سنڌي شاعريءَ ۾ تڪبنديءَ جو لاڙو اڄي جي پيٽ ۾ وڌيل آهي ۽ گهڻي سُني شعر سان گڏ گهڻو پيرتيءَ جو شعر ڇپجڻ لڳو آهي. اهڙا خبردار ۽ باڪمال شاعر جن جي ڪلام تان نر پڪي پيو هڪلبو هو ۽ سندس شعر فني توڙي مطلب جي خيال کان ستن پاڻين ۾ ڌوتل هوندو هو ۽ سندن ڪا ورلي سِٽَ خطا ٿيندي هئي تہ تن جا بندن جا بند پڙهڻ کانپوءِ ماڻهُوءَ کان اها ڳالهہ وِسريو وڃي تہ هيءُ ڪنهن جو ڪلام پيو پڙهجي. مطلب تہ لڳي ٿو تہ زور هاڻ سڪٽيءَ گهڻ ۽ شهرت جو ڪتيو ڪائڻ تي وڌيڪ ۽ ڳالهہ جي سواد ۽ سُونهن، فن ۽ مقصد تي گهٽ ٿو ڌسجي.

ٻي ڳالهہ مون اها چئي هئي تہ، جيئن عام طرح ڊاڪٽر ڊاڪٽر آهن، انجنيئر انجنيئر آهن، ماستر ماستر آهن ۽ بس تيئن ئي عام طرح شاعر صرف شاعر آهن ۽ بس. جيئن ڊاڪٽر انجنيئري معاملن لاءِ ۽ انجنيئر ڊاڪٽري معاملن لاءِ سند ناهن، تيئن شاعر بہ انجنيئري ۽ ڊاڪٽري ۽ ٻين اهڙن علمي، سائنسي ۽ سياسي معاملن بابت بااختيار سند نہ ٿا ٿي سگهن ۽ نہ انهن کي سند ڪري ونڻ گهرجي ۽ نہ ڪنهن ذميوار ماڻهُوءَ کي اهڙي نيم حڪيميءَ ۽ نيم مُلائيت واري دعوي ڪرڻ جڳائي ٿي. اسان جي ملڪ ۾ جيڪو ڪنهن هڪڙي ڳالهہ ۾ قابل اعتماد سند بڻجي ٿو يا سمجهيو وڃي ٿو سو پاڻ کي سَؤ ٻين مامرن ۾ سند سمجهڻ بلڪ چوڻ شروع ڪريو ڇڏي. اسين ماڻهُو بہ اهڙا آهيون، هڪدم مڃي ويندا آهيون. "اسان جو مرشد بہ تون ۽ ڪ... بہ تون" واري نقل واري ڳالهہ آهي. مون چيو هو تہ ڪو هڪڙي ڳالهہ جو ماهر جيستائين ٻي ڳالهہ جو بہ باقائدي ۽ مستند ڄاڻو ۽ ماهر ناهي، سو نازڪ ۽ تڪراري معاملن ۾ رُڳو پنهنجي ان هڪڙي مخصوص ڄاڻ جي آڌار تي ٻئي ڪنهن نازڪ ۽ تڪراري مسئلي بابت مهارت جي دعوي نہ ڪري سگهي ٿو ۽ نہ ڪرڻ گهرجيس، پر جي هُو ڪري ٿو تہ هن جي ڳالهہ کي رُڳو ان ڪري تہ ڪيس فلاڻي ڳالهہ ۾ ههڙو ڪمال حاصل آهي، تنهن ڪري هن جي فلاڻي مسئلي بابت ڳالهہ بہ اهڙي ئي مستند هوندي ۽ ڄڻ قرآني هوندي، اڪيون پوري قبول ڪرڻ نامناسب ۽ نقصانڪار ٿيندو.

شاعرن بابت سنڌي ماڻهن ۾ عجيب غريب قِسم جا وهمي خيال آهن. ڪن حالتن ۾ ڪين ذري گهٽ پِيرن، فقيرن ۽ وَلين جي لسٽ ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. ان ڪري شاعرن جي اهڙين ڳالهين کي بہ قرآني ڳالهيون ڪري ورتو ويندو آهي. جن جي هنن کي ڪلمي جي خبر هوندي ۽ ويچارا رُڳو دل جي دوڙ تي ڌُڪا پيا هڻندا هوندا ۽ پنهنجي دل پيا خوش ڪندا هوندا. تنهن ڏينهن هڪڙو پاڙهو ۽



Gul Hayat Institute

سمجهو قسم جو سنجيدو نوجوان مون سان جهيڙو ڪرڻ لاءِ اچي نڪتو ۽ ڪلاڪن تائين مون کان آڏي پڇا ڪندو رهيو. منهنجي عادت آهي ته جڏهن آءٌ سمجهندو آهيان ته اڳلو مخلص ۽ سنجيدو آهي ۽ واقعي مونجهارا دور ڪرڻ ۽ سمجهڻ گهري ٿو ته پوءِ آئون سڀ ڪم ڇڏي گوڏو ڀڃي ساڻس دوستاڻو سوال جواب ڪندو آهيان، چاهي اهي سوال هو ڪهڙي به جارحانه بلڪ مخالفانه انداز ۾ ڇو نه ڪري. جيستائين هُو پاڻ بس نه ڪندو آهي، تيستائين سندس سوالن جو جواب ڏيڻ بند نه ڪندو آهيان. هر ڳالهه جو جواب گهڻي صبر ۽ خبرداريءَ سان تفصيلي طرح ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو آهيان. گهڻا سوال جواب ڪرڻ کانپوءِ اوچتو ڪا ڳالهه ياد پيس. چيائين:

”اوهان پنهنجي ڪالم ’هرڻ هنيلا بيٺا سوچين‘ ۾ جرمنيءَ بابت لکيو آهي ته جرمنيءَ جي تاريخي پس منظر سبب جرمنيءَ ۾ نازي ازم جا لاڙا وري اُڀرن پيا، پر شيخ اياز ته چيو هو ته، ڪي مقرر قوميتي خصوصيتون ٿينديون ئي ناهن. جيڪا قوم ڪالهه هيگل ۽ مارڪس پيدا ڪري سگهي ٿي، سا ٻئي ڏينهن هٽلر به پيدا ڪري سگهي ٿي.“ مون ڏٺو ته هنن سادن سودن مخلص سچار جذباتي نوجوانن جي خيال ۾ جيڪو هڪڙي يا ٻن يا ٽن ڳالهين ۾ ڪمال جو صاحب آهي، سو ضرور سڀني علمن ۽ سائنسن جو ماهر هوندو. اياز هيڏو وڏو شاعر آهي، تنهن ڪري هُو سڀني علمن جو ماهر هجڻ کپي ۽ هوندو ۽ سندس هر ڳالهه سندس شعر جهڙي ماهرانه هوندي. مون چيومانس، ”تنهنجو خيال ڇا آهي؟ آءٌ قابل ماڻهُو آهيان يا ڄٽ؟“ چيائين: ”سائين توهان وڏا عالم ۽ دانشور آهيو ۽ توهان...“

مون چيومانس، ”تنهنجي خيال ۾ آءٌ علم فلڪيات، فزڪس، ڪيمسٽري، راڳ، علم حيوانات، فوٽوگرافي، مئٿميٽڪس، علم حيات، علم الانسان، لسانيات، ڪمپيوٽر سائنس ۽ ٻين ڳالهين ۾ به عالم ۽ دانشور هوندس؟“

مُنجهي پيو. چيائين، ”الائي؟“

مون چيو ”اياز چوي ٿو ته، ماڻهُو مرڻ کان پوءِ وري جوڻ مٽائي دُنيا تي جيئرو رهندو. تون مڃين ٿو؟“

چيائين، ”نه!“

مون چيو ”اياز چوي ٿو، اسان جي دُنيا کي سامراجي شير جارج بش ۽ جان ميجر نجات ڏياري سگهن ٿا. تون ائين سمجهين ٿو؟“

ٿورو سوچي ڪنڌ ڌوڻي چيائين، ”نه!“

Gul Hayat Institute

چيومانس، ”اڄوڪا مسلمان ھھڙا منافق، مڪار ۽ پلستر آھن. تنھنجي خيال ۾ اڳئين زمانن جا سمورا مسلمان سڏائيندڙ ماڻھو سڀ ھھڙائي منافق، مڪار ۽ پلستر ئي ھوندا. ڇا گھٽ ۾ گھٽ ان جي اوائلي دؤر جا ڪافي يا گھٽ ۾ گھٽ ڪجھ ماڻھُو عظيم، اعليٰ اُصول پرست، شريف ۽ قابل فخر نہ ھوندا؟“

چيائين، ”ڇو نہ!“

چيومانس، ”ڇا اھا ڳالھ صحيح آھي تہ جيڪا بہ ڳالھ يا ڌُر ڏاڍي ھجي، وقتي طرح زور ٿي وڃي، اھا صحيح، سُٺي ۽ قابلِ تعريف ۽ پوبان لڳڻ لائق آھي ۽ جيڪا بہ ڳالھ يا ڌُر وقتي طرح ھيٺي ھجي يا ناڪام ٿي پوي سا غلط، ڪميني ۽ ڌڪار جوڳي ۽ ان کان پڇي پري ٿيڻ کپي؟“ مون چيو، ”مثلاً، حضور (صہ) جن جولاءِ 622ع کان مديني ۾ اسلامي عوامي جمھوري ديني اقتدار قائم ڪيو ۽ 661ع ۾ خلفاءِ راشدين جو آخري خليفو حضرت علي عليہ السلام شھيد ٿيو ۽ امير معاويہ رضہ خلافت جي اصلوڪي جمھوري نظام جي جاءِ تي ملوڪيت يعني بادشاھت جو نظام قائم ڪيو. جنھن نظام کي اڄ جو ڪوبہ عالِم حق اسلامي راڄ ڪري نہ ٿو مڃي. پوءِ يزيد ڪَٽيو حَسن ھارايو. ڇا ڪَٽيندڙ صحيح ۽ حق تي ھو ۽ ھارائيندڙ غلط ۽ ناحق تي ھو؟“ چيائين: ”نہ!“

مون چيو، ”اسلامي حڪومت جي 34 سالن کان پوءِ جي سال کان وٺي اڄ تائين سواءِ خليفي عمر بن عبدالعزيز جي ٻيو ڪوبہ صحيح خليفو ڪونہ سمجھيو وڃي ٿو اھي سموريون صديون بادشاھت جو غيراسلامي نظام اسلام جي نالي ۾ مڙھبو رھيو آھي. ڇا ان جي معنيٰ اھا ٿي تہ اسلامي تحريڪ جا بُنياد ئي ترقي پسند، حق پرست ۽ تاريخ کي اڳتي وٺي ويندڙ نہ ھئا؟ سڀ ڪجھ غلط ۽ بي بُنياد ھو؟“ چيائين، ”نہ!“ مون چيو ”منصور ناڪام ٿيو ۽ سوريءَ چڙھيو، سرمد، شاھ عنايت ۽ ڀڳت سنگھ ناڪام ٿيا ۽ ماريا ويا. فرينچ انقلاب ناڪام ٿيو ھندستان جي 1857ع واري جنگِ آزادي ناڪام ٿي، 1848ع وارا يورپ جا انقلاب لڪين پلاريون ۽ سونھاريون ڪوششون، جاکوڙون، ھمتون، محنتون ۽ قربانيون ۽ شخصيتون پيون ناڪام ٿين. ڇا اھي سڀ ان ڪري شاندار، قابل تعريف ۽ پوئواري ڪرڻ لائق نہ ھيون، ڇاڪاڻ تہ ان وقت ڪامياب نہ ٿيون؟ ڇا ھر عظيم ڪاميابيءَ جي بلندي سَوين ناڪامين جي ڏاڪڻ تي چڙھڻ ڪانپوءِ ڪانہ حاصل ٿي آھي؟ ’ناڪامين پٺيان ڪاميابيون‘، دُنيا جو دستور اھو ڪونھي؟ ڪالھ جرمنيءَ ۽ جاپان ھارايو ۽ اڄ آسمان تي آھين؟“

چيائين، ”بلاشڪ!“

Gul Hayat Institute

مون چيومانس، ”اياز چوي ٿو لينن ڪجهه ڪونه هو ڇو ته ان جو مجسمو ڀڃي وڌائون. انقلاب ڪجهه ڪونه هو ۽ ڪجهه ڪونهي، ڇو ته اهو ناڪام ٿي ويو. انقلابي نظريو ڪجهه ڪونه هو ۽ ڪجهه ڪونهي، پورهيت عوام ڪجهه ڪونه هئا ۽ ڪجهه ڪونهن ۽ ترقي پسندي ڪجهه ڪونه هئي ۽ ڪجهه ڪونهي. هُو انهن سيني ڳالهين بابت اهي ساڳيون ڳالهيون پيو ڪري، جيڪي سڄي دُنيا جي رجعت پرست، عوام دشمن، سامراجي، سي آءِ اي ۽ سندس سڄي دُنيا اندر پکڙيل ايجنٽ نسلن ۽ زمانن کان ڪندا اچن. سندس حوالا گهڻو تڻو آهن ئي انقلاب دشمن پروپئگنڊا. بي مثال سنڌي شاعر ۽ محبوب صفت ماڻهُو آهي، ان ڪري سي آءِ اي واريون عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهندڙ واهيات هوائي ڳالهيون به قرآن جي آيتن وانگر اکين تي رکڻيون آهن ڇا؟“

چيائين، ”پر اياز رنج ٿيندو!“

مون چيو، ”ڇو ٿيندو؟ تون اياز کي غيرجمهوري ۽ ناانصافي پسند ڪندڙ ڇو ٿو سمجهين ته هو رُڳو پنهنجي ڳالهه ٻُڌائڻ چاهيندو ۽ ٻئي جي ڳالهه ڪرڻ تي ناراض ٿيندو؟“ اسين ڪو اياز سان سندس ههڙين اسان جي نظر ۾ سائنسي انقلابي نظرين، قابل فخر انساني ڪارنامن ۽ هماليا جيڏن عظيم ماڻهن بابت انتهائي جذباتي قِسم جي انڌي ڌڪار ۽ حقارت وارين ”نيم مُلا -خطره ايمان“ قِسم جي غيرعلمي ۽ سطحي ڳالهين تي ڪاوڙجون ٿا؟ اسين چئون ٿا ته، جيئن ٻئي هر ماڻهُوءَ کي پنهنجي کهڙي به سوچ جو اظهار ڪرڻ جو حق آهي، تيئن اياز کي به آهي ۽ اسان کي به آهي. هو لکي ٿو ته، اسان کي به لکڻ کان ڪير ڪونه ٿو روڪي؟ پاڻ سنو، خيال ٽڪرائجندا ته ڳالهيون وڌيڪ صاف ۽ چِٽيون ٿينديون.

قرآن به چوي ٿو ته، ”فَهاتُو بُرهانَڪُم.“ ”پنهنجا دليل کڻي اچو!“ پلي جيڪي هن کي سندس مطالعي، ڄاڻ سمجهه موجب صحيح ۽ مناسب سمجهه ۾ اچي، سو لکي وٺي، پوءِ اسان به جيڪو پڙهيو، ڄاتو، سمجهيو اٿئون، سو لکون. معاملا صاف ٿي ويندا.

تئين ڳالهه مون ڪئي شاعرن کي رعايت ڏيڻ (Poetic License) بابت. مون چيو مڙيئي معمولي ۽ جهڙي تهڙي آئي ويئي ڳالهه بابت شاعر کي رعايت ڏيڻ ته مناسب آهي، پر جتي سوال سائنسي صداقتن، انقلابي علم، ۽ نظريي جو هجي، ڪروڙين انسانن جي پگهر، رَتُ، ذهن ۽ ضمير سان ڪيل جاکوڙن، قربانين، حاصلاتن ۽ انسان دوست جي نجات جي صحيح واٽ ۽ منزل جو هجي، اتي ”شاعرانه اجازت“ جي ڪڏهن به گنجائش جو سوال ئي نه ٿو پيدا ٿئي. اهڙين ڳالهين ۾ شاعرانه دشمن ڪُڏو ڪم ٿيندو ۽ ها مون سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهه

Gul Hayat Institute

ڪندي چيو هو تہ. ڪيترائي ماڻهُو لاشعوري طور وساري ٿا ويهن تہ انگريزي، عربيءَ، فارسيءَ ۽ هنديءَ وانگر سنڌي بہ هڪڙي پنهنجي سر پاڻ پيري ٻولي آهي ۽ ان وٽ پنهنجن لفظن جو هڪڙو تمام وڏو ذخيرو آهي. ان ذخيري مان جيڪو اکر نہ ملي ان لاءِ ڪو ٻيو موزون اکر اُڌارو وٺڻ ۾ عيب ڪونهي، پر سنڌي ٻولي لکندي اڻ ڄاڻائيءَ وچان يا پنهنجي علميت جو رُعبُ وجهڻ لاءِ سنڌيءَ جي پنهنجي صاف ۽ نِبار لفظن کي ڇڏي ڌاريا لفظ ڪم آڻڻ علميت جو ڪم نہ پر جهالت جو ڪم آهي. اخباري رپورٽنگ جي ڪرت بہ ٻين ڪرتين ۽ ڏانوَن وانگر هڪڙي ڪرت ۽ هڪڙو ڏانوَ ۽ ٻين فنن وانگر هڪڙو فن آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو معيار تمام گهڻو بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي. ڪي ٿورا رپورٽر، ڪنهن سُڻي ۽ بامقصد ڳالهہ جو مغز ڪڍڻ ۾ هوشيار نظر ايندا آهن. عام طرح صحيح رپورٽنگ ڪرڻ جي سمجهہ ۽ ڏانوَ جي ڪافي ڪوٽ ٿي ڏسجي. ڳالهہ ڪندڙن ۽ ايڊيٽرن طرفان صحيح ڳالهہ بابت پڇا ڳاڇا ۽ ڇڪاس ايتري گهٽ آهي ۽ روايتون ايتريون ڪمزور ۽ بنهہ نہ هئڻ برابر آهن جو عام تاثر هيءُ آهي تہ رپورٽر کي جيڪي وٽيس سو لکي ڇڏي اهو سندس ڪم آهي، ٻئي کي پڇا ڳاڇا جو ڪوبہ حق يا ضرور ڪونهي. اڪثر ڪري آءٌ پنهنجي تقرير يا ليڪچر جي ٻئي ڏينهن ڪيل رپورٽنگ دل تي پٿر رکي ڏسندو آهيان. مون کي ڏپ هوندو آهي تہ مکيہ ۽ بنيادي ڳالهيون دوستن نہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي ۽ نہ وري اهڙي ضرورت ئي سمجهي هوندائون. جيڪي منهن سامهون آيو هوندن، سو دٻي ڇڏيو هوندائون. اهڙين حالتن ۾ ماڻهُوءَ کي ڳالهين سمجهڻ، انهن جو تت ۽ مغز ڪڍڻ ۽ ان کي مختصر پر اثرائتي نموني بيان ڪرڻ جي جيڪا صلاحيت پيدا ٿي سگهندي يا سمجهي سگهجي ٿي. بهتر ٿئي جيڪڏهن سنجيده ۽ علمي سطح جي تقريرن جي رپورٽنگ ۽ مسئلن جي جاچ جي ڏانوَن ۽ طريقن بابت نوجوان صحافي دوستن جي تربيت لاءِ ڪلاس هلايا وڃن، امتحان ورتا وڃن ۽ ڪامياب دوستن کي مناسب انعام ڏنا وڃن. ائين آهستي آهستي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي سنڌي صحافت جي معيار کي بهتر بڻائي سگهبو. سنڌي ماڻهن جي بهتر خدمت ڪري سگهبي.

روزاني ”ڪاوش“ نومبر 1993ع

Gul Hayat Institute

# خوشيءَ جهڙي خوراڪ

چوندا آهن تہ، ”خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي، ڳڻتيءَ جهڙو مرض ڪونهي.“

خوش طبعي ۽ چرچو زنده دليءَ جون نشانيون آهن، جيئن لوڻ ٻنان ڪاڏي جو سواد ڪونهي، تيئن موقعي مهل آهر، نيڪ دليءَ واري خوش طبعي ۽ کل ڀوڳ ٻنان زندگيءَ جي صحيح لذت حاصل نٿي ٿئي. خوش طبعي روح جي قوت آهي ۽ پيشانيءَ ۾ گهنج آهي تہ اها شادي بہ ان ماڻهُو لاءِ غمي ٿي. ڦاسي گهاٽ ۾ بہ ماڻهُو کل ڀوڳ ڪن ٿا تہ، هڪڙي پَل لاءِ اهو وسريو وڃي تہ ماڻهُو موت جي چائنٺ وٽ بيٺل آهي. سنڌائتو چرچو وڏن وڏن جابرن ۽ ڦهارن جي جبر ۽ قهر جي هيبتناڪ ديوارن ۾ ڏار وجهيو ڇڏي، قربائتو چرچو سالن جا رُٺل پرچايو ڇڏي. جيڪا ڳالهہ هونئن ڪجي تہ لٺ لڳي پوي سا جي کِل ڀوڳ ۾ چئي ٿي ڇڏجي تہ ڦبيو وڃي.

اسڪاٽ لينڊ جي مشهور اديب ٿامس ڪارلائل (1841ع) چيو آهي، ”ڪو ڀوڳ چرچو اهڙو بہ هوندو آهي، جيڪو سنجيدگيءَ ۽ غمگينيءَ مان ائين اُسرندو آهي، جيئن اونداهي طوفان مان اندلٺ جا ست رنگ اڀرندا آهن. فقط هڪڙي سچي پچي همت واري دل ئي اهڙو چرچو پيدا ڪري سگهندي آهي.“

اڌ صدي پوءِ جڳ مشهور آمريڪي ترقي پسند ڀوڳائي اديب مارڪ ٽوين (1897ع) ساڳي ڳالهہ هنن لفظن ۾ چئي، ”چرچي ڀوڳ جو مخفي ذريعو خوشي نہ پر غم هوندو آهي.“

Gul Hayat Institute

آمريڪي صحافي، اديب، نقاد ۽ ناول نيس لوئي ڪروتسبرگ (1954ع) چرچي ڀوڳ جي گهڻ طرفي ۽ تخليقي سماجي ڪارج جو ذڪر ڪندي چيو آهي، ”ڀوڳ چرچو ساڳئي وقت زخمي بہ ڪري ٿو ۽ زخم ڇٽائي بہ ٿو. اهو تهمت بہ هٽي ٿو ۽ معاف بہ ڪري ٿو. سُسائي بہ ٿو ۽ وڌو بہ ڪري ٿو. اهو ماڻهُوءَ جو ٻاهريون نفعو گهٽائي سندس اندريون واڌارو ڪري ٿو. جن کي ڀوڳ چرچو ڪرڻ جو ڏانءُ ايندو آهي ۽ اهي ڏانوَ کي ايمانداريءَ سان استعمال ڪندا آهن، سي پاڻ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي، درحقيقت پاڻ کي وڏيڪ ڪندا آهن.“

فرينچ ناول نويس ۽ سفارتڪار رومئن گئري (1961ع) ڀوڳ چرچي جي اهميت جو هڪڙو انوکو پاسو هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، ”ڀوڳ چرچو اظهار

آهي انساني وقار جو ۽ اعلان آهي ان ڳالهه جو تہ انسان سان ڀل تہ ڪهڙي بہ ڪٺي هلت ٿئي، پر هو ان حالت کان برتر ۽ اعليٰ آهي.“

ڀوڳ چرچو زباني بہ ٿئي ٿو ۽ لکت ۾ بہ.

مزاحيہ ادب، صحافت جو ادب ۽ صحافت جي دُنيا ۾ وڏو مرتبو آهي. پي-جي-ووڊ هائوس، عصمت چغتائي جو ڀاءُ عظيم بيگ چغتائي، شفيق الرحمان، مجيد لاهوري، مشتاق يوسفي، ڪرنل محمد خان، آرٽ بخوالڊ جهڙا سوين هزارين ملڪي، علائقائي ۽ صحافت جي دُنيا جا هيرا ليکجن ٿا. هزارين لکين ماڻهُو سندن لکڻين ۽ ڪارٽونن پٺيان چريا هوندا آهن.

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ڪيترن ماڻهن ادبي ۽ صحافتي مزاح ۽ کل ڀوڳ ذريعي ماڻهن جو روح راضي پئي ڪيو آهي. علي احمد بروهي، رشيد ڀٽي، قمر شهباز ۽ ٻين جا شائق هزارن جي تعداد ۾ آهن.

مون کي ياد آهي تہ هڪڙي دفعي مون اديب جي ذميوارين بابت ڪو مضمون لکيو يا ڪا تقرير ڪئي، ان تي اخبار ۾ قمر شهباز جو ڪالم آيو جنهن ۾ هن منهنجي مؤقف تان هڪڙو مزيدار چرچو ٺاهيو ۽ ائين ظاهر ڪيائين ڄڻ منهنجي نظر ۾ ترقي پسند اديب اهو آهي، جيڪو 24 ڪلاڪ هٿيارن پنهوارن سان مسلح ٿيو جنگ لڙڻ لاءِ تيار ٿيو ويٺو هجي.

ان ڪالم واري اديب جي فرضي حُلئي ۽ ڊائلاگ کي ياد ڪري مون کان اڄ بہ کِل نڪري ويندي آهي.

ٻين ڳالهين وانگر خوش طبعي، کِل ڀوڳ ۽ چرچي جون بہ هڪڙيون فضيلتون ۽ هڪڙيون پرهيزون هونديون آهن. کل ڀوڳ جو اصل مزو ۽ اصل لطف تڏهن هوندو آهي، جڏهن اهي زنده دلي، من جي موج ۽ اعليٰ ظرف جي پيداوار هجن ۽ نہ حسد، ساڙ ڪيني ۽ بغض جي.

جيئن ٻي هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جو غلط ۽ ناجائز استعمال ٿي سگهي ٿو ۽ ٿئي پيو، تيئن ڀوڳ، چرچي، مزاح ۽ طنز جو بہ ٿي سگهي ٿو. مثلاً ڪڏهن ڪڏهن قلمي ڦشري بازي، غنڊاگردي ۽ داداگيريءَ تي پوش وجهڻ لاءِ مزاح ۽ طنز جي ليبل استعمال ٿيندي نظر ايندي آهي، جتي ادب جي مختلف صنفن گهربل حد تائين ترقي نہ ڪئي هجي ۽ عام ماڻهن ۾ ادبي ذوق ۽ سمجهہ شروعاتي ڏاڪن تي هجي، اتي ڪيترين حالتن ۾ هڪ طرف ڪريل قسم جي ڏچرپي، خرمستيءَ ۽ ٻئي طرف مهذب کل ڀوڳ ۽ چرچي ۾ جيڪو زمين آسمان جو فرق آهي، سو سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪيتريون اهڙيون لکڻيون سامهون اچي سگهن ٿيون، جيڪي حقيقت ۾ بدذوق ڏچرپي، ٿرڊ ڪلاس، خرمستيءَ ۽ واهيات ڦشري بازيءَ



Gul Hayat Institute

جي خانن ۾ داخل ٿيڻ جوڳيون، پر پڙهندڙن جي مخصوص درجي جي ذهني سطح جي ڪري، ناجائز طرح، چرچي ۽ مزاح جي خاني ۾ داخل ٿي ويل هجن، نڪما ذهن ۽ اپاهج روح جيڪڏهن رڳو نڪما ۽ اپاهج نہ هجن، پر منجهن نڪمائي ۽ اپاهج پڻي سان گڏ فطرتي ڪميڻپائي، ساڙ ۽ بغض بہ شامل ٿي وڃي ۽ انهن جو اظهار لاءِ ڪم ٿپائڻ جيتري ٻولي لکڻ بہ ايندي هجي ۽ چرچي ڀوڳ جو ليبل بہ مسير هجي تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ڇو ڪجي؟ اڪثر گهٽ ٿيندي بہ ڪانهي. نفسيات جي سموري خارش، سوچ جي سموري غلاظت ۽ روح جي سموري ڪوڙهہ جيستائين پني تي نٿي اوتجي پوري ٿئي، تيستائين مخصوص قسم جو قلم بس نٿو ڪري سگهي.

ان قسم جي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪَئين طريقا ٿي سگهن ٿا. پهريون تہ آهي اهو تہ، مزاح ۽ ظرافت جي ملڪي، علائقائي ۽ عالمي شهپارن جا گهڻي ۾ گهڻا ٽُڪرا ترجما ڪري سنڌيءَ ۾ آندا وڃن تہ جيئن ماڻهُو معياري ادبي مزاح ۽ بيهودي ڦشري بازيءَ ۾ فرق سمجهڻ شروع ڪري سگهن. پڙهندڙن جي رهنمائي ڪن، ان رهنمائيءَ جون بہ ٻہ صورتون ٿي سگهن ٿيون: هڪڙو تہ، مضمون لکي سمجهايو وڃي تہ صحيح مزاح ٿيندو ڇا آهي ۽ ڇاڪي چئي سگهجي ٿو. ٻيو تہ سٺي مزاحيہ لکڻين جي نشاندهي ۽ ساراهہ ڪئي وڃي. آخر ۾ سَڪٽي ڏچرپي ۽ بيهودي ڦشري بازي جي بہ نشاندهي ۽ اپٽار ڪئي وڃي.

ڀوڳ چرچي ۽ صاف سٿري طنز وارو ادب علمي ادب جي هڪڙي انتهائي مزيدار، ڪارائتي ۽ قميتي صنف آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان صنف جي حفاظت ڪرڻ، ان کي وڌائڻ ۽ عالمي سطح جي ويجهو آڻڻ هڪڙي اهم ادبي، ثقافتي ۽ قومي فرض جي بجا آوري ٿيندي.

Gul Hayat Institute

# وهڻ مون نہ وڙءُ

وهـــي منجهـــين وڳ، ڪتـــوريءَ ڏار چـــڙه،
مـــاءَ! منهنجـــي ڪرهـــي، پـــڏري پـــڳُ نـــ لـــڳ!
جـــڳ سـين جهــڙو جـــڳ، هيئـين سـي هُـن چـري!
(شاهہ)

اسان ڪي پنهنجي نئين سوچ، نئين ادب ۽ نئين تاريخ سان هر وقت لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو قائم رکڻ ۾ ڪِئين رڪاوٽون آهن. اسان ڪي گهربل گهڻو مواد انگريزيءَ ۾ آهي، تمام ٿورڙو اردوءَ ۾ ۽ ڪو قليل سنڌيءَ ۾. اسان وٽ انگريزي پڙهڻ وارا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا، سمجهڻ وارا تهائين گهٽ. اردو ڪتاب گهٽ، انهن ڪي سمجهڻ وارا اسان ۾ ان ڪان بہ گهڻا گهٽ، سنڌي ڪتاب اتي ۾ لوڻ ۽ سي بہ گهڻو ڪري سيني جا پڙهي ڇڏيل. وجي ڪيڏانهن؟

ان جو جواب آهي تہ انگريزي پڙهجي، جي پيا نہ تہ جيڪي انگريزي پڙهيل آهن ۽ هينئر لکي لکانو پڙهي الله نو تي ويٺا آهن تن ڪي محنت ڪري ان ۾ قابل ڪار ٿيڻ گهرجي ۽ سمورا ڪتاب پڙهڻ چڱيءَ طرح سمجهي سگهڻ ۽ سمجهائي سگهڻ جي لائق ٿيڻ گهرجن. اردوءَ ڪي تہ نہ ڇڏجي، ان تي بہ پورو پورو قبضو ڪجي. اردوءَ ۾ ڪيترائي اهڙا ڪارائتا ڪتاب پيا آهن جي اسان مان گهڻن نہ پڙهيا آهن. جيڪي بہ چار درجا سنڌي پڙهيا آهن ۽ ان سان گڏ ڪجهہ ٿورو ڪڙهيا بہ آهن، سي جي اجايا ڦِڪا نہ ٿين، همت ڪن، سخت پورهئي ڪان نہ ڊڄن ۽ لهرائين نہ تہ پيا تہ نهيو پر اردوءَ جا "موسيٰ سي مارڪس تڪ" جهڙا وزندار ڪتاب بہ پڙهي سگهن ٿا. جيڪي سمجهہ ۾ نہ اچي سو بين ڪان پڇجي، پڇندڙ نہ منجهندڙ پڇڻ ۾ شرم ڪهڙو؟ سچي ڳالهہ ذري پرزي سمجهہ ۾ نہ اچي تہ قربان ٿي! جيڪو ڳنَ پُڇ سمجهہ ۾ اچي ويو سو سون ٿيو! وري بي ملهہ ڪبي. بيءَ پنيان ٽيئن، ٽئينءَ پنيان چوٿين. ڇڏيون ڪي پرن؟ ڪتاب جا ڪن آهن جو پاڻ هٽي هٽي نيٺ ان ڪي سمجهي وجون! هونئن بہ پاڻ ڪهڙا ٽڪا خرچ ڪيا آهن؟ ٿورڙو نہ ٿورو ئي سهي! "جي ماسو مليئي مال تہ پوڄارا پر ٿئين!" جن ڪي چڱي اردو اچي ٿي سي مٿو هڻندا، لاهي پاهي لڳندا تہ فلسفي، اقتصاديات ۽

Gul Hayat Institute

سياست بابت اردوءَ ۾ موجود ڪجهه اعليٰ درجي جا ڪتاب سٺي نموني سان پڙهي ۽ سمجهي ويندا. هونئن به ٿورو ٿڪو ڪم جو ادب، اردوءَ ۾ بيو به ڳولبو ته ڳچ لڀي پوندو. خود جيڪي سنا اردو سنڌي ڪتاب يا ناول وغيره اسان اڳ ۾ پڙهي ڇڏيا آهن، تن مان جيڪا سمجهه ملٽي هئي، جيڪو مزو ۽ فائدا حاصل ٿيڻا هئا سي ونجي ختم ٿي ويا ڇا؟ نه! سنا ڪتاب دائمي ۽ ڪڏهن به نه ڪتندڙ مزي ۽ فائدي جا سرچشما آهن.

**ان تڙ منجهان تڪ، ڏني پاٽان اڄ ٿئي!**

جيترو انهن کي وڌيڪ پڙهبو اوترو انهن جا نوان لڪل نقطا ۽ اثر، معنائون ۽ مزا پڌرا ٿيندا. ٻيا اهڙا ڪتاب ته پري رهيا، ماڻهوءَ کي خود پنهنجون سٺيون لکڻيون وري وري پڙهي به هميشه نئين سمجهه ۽ نئون مزو حاصل ٿئي ٿو. تازو ويتنامي ڪهاڻيون پڙهي ائين لڳم ڄڻ رت جون ڏهه بوتلون چڙهي ويون. حالانڪ اهي ڪهاڻيون اڳ ڏهه پيرا پڙهيل هونديون! ان ڪري ٻيا ڪتاب نه ملن ته اڳ پڙهيل سنڌي توڙي اردو وغيره جا ڪتاب وقفي وقفي کان پوءِ وري وري هميشه لاءِ پڙهندا رهڻ کپن. پلي ياد ٿي وڃن. آخر ماڻهو وڏا وڏا ادبي ۽ مذهبي ڪتاب به ته ياد ڪريو وينا آهن.

مطلب ته پنهنجي نئين سوچ، نئين نظريي، تاريخ ۽ ادب سان ڪنيڪشن هر وقت ۽ هر حال ۾ قائم رهي، نه ته پراڻي سوچ ۽ نظريي جا واڳون ڏسندي ڏسندي ماڻهوءَ کي ڪرڻي ڪائي ويندا. پڇاڙيءَ جو هڏا به ڪو نه لڀنداسون.

مارئي به ٻي هر مصيبت سهڻ لاءِ تيار هئي پر مارن سان ڪنيڪشن قائم رکڻ ٻنا، سندن نياپن ۽ ڪتابن ٻنا، جيئڻ جنجال ٿي سمجهيائين.

نڪو ايـــر نـــه پيـــر، نڪـــو اونـــي آئيـــو،
مـــون وٽ آيـــو ڪـــو نـــه ڪـــو پـــاٽران پـــري پيـــر،
ڪتـــابتون ڪيـــر، آڻـــي ڏينـــدم ان جيـــون؟

(لطيف)

Gul Hayat Institute

اسان وٽ به اسان جي پاٽرن جا ٻيا اوني اڇي اير پير ڪري نٿا سگهن ته به مارن جون اهي ڪتابتون ته آهن، اهي اٿ ئي پهر اکين اڳيان هونديون ته ماڻهو جهڙوڪر ملير ۾ وينو هوندو. پرائي سوچ عمل جي ڦهر جا ڪوٽ جڪ ماريندا رهجي ويندا.

اهي ڪتابتون ۽ ڪتاب جن ۾ پنهنجي سڄڻن جي سوچن ۽ ڪارنامن جو بيان آهي تن کان اسين پنهنجي لاءِ آئيني جو ڪم به وٺي سگهون ٿا.

اسان جو پراڻو يار ۽ اسان جي زندگيءَ جو ساٿي يعني اسان جي انا جو شيطان جيڪو ويچارو ڪوشش ڪري ڪڏهن به اسان کان ڏار نه ٿيندو آهي ۽ جنهن کي تڙي ڇڏيندا آهيون ته به پيرو نه ڇڏيندو آهي ۽ اسان کي هر وقت مفت ۾ قيمتي قيمتي مشورا ڏيندو رهندو آهي، سو جڏهن به حسب دستور اچي اسان جي ڳن ۾ ڦوڪ ڏئي،

تہ ”ميان فلاڻا خان! دُنيا ۾ پلا پليءَ جو برابر ڇيھہ ڪونھي پر توکي بہ يار ماءُ کير پي ڄائو آهي! ڀيلي! هھڙيون مڙسيون، هھڙا ڪارناما ۽ هيڏيون قربانيون! شاباس آهي توکي جو هھڙي ڪين جھڙي بي قدري گھر ۾ قوم لاءِ پاڻ تي ٽانڊن جا مڇ ٻاريو ويٺو آهين! آفرين! ڀيلي صد آفرين!“ تڏهن اسين انھن ڪتابتن جي آرسيءَ ۾ پنھنجو منھن ڏسي، پاڻ کي انھن ۾ بيان ڪيل ڳالھين جي ڪسوٽيءَ تي پرکي، پنھنجو هوش جاءِ تي رکي سگھون ٿا ۽ ڦونڊ ۾ پرجي ٻوريءَ کان ٻاهر نڪرڻ کان بچي سگھون ٿا.

جي عمل بنا علم آهي سڪٽيون ڦلهيار ڦوڪون ڏيڻ تہ علم بنا عمل بہ ويچارو انڌو نابين آهي. پورهيت دانشورن جي اٽاٽ ۽ ان جي ڪري علمي ۽ نظرياتي ڪم جي گھٽتائيءَ جي ڪري اسان جو ڪم گھربل رفتار سان اڳتي وڌي نٿو سگھي.

گھر ۾ اسان کي اهڙا ماڻھو کپن جي ٻيو گھرو پورهيو ڪرڻ سان گڏ اعليٰ پائي جا استاد، شاعر،عالم، تاريخ دان، دانشور، محقق ۽ مصنف ٿين. سبق پڙهائين. اخبارن ۽ رسالن ۾ گھربل علمي، ادبي، تاريخي، نظرياتي مضمون ۽ مقالا لکن. ڪتاب تصنيف ۽ مرتب ڪن.اعليٰ معيار جا ترجما ڪن. سنڌيءَ مان اردو ۽ انگريزيءَ ۾، انگريزي ۽ اردوءَ مان سنڌيءَ ۾ سنڌ جي علمي، ادبي ۽ نظرياتي اسٽيج تي نالو ڪڍي، وڏو اثر پيدا ڪري، ان اسٽيج کي عوام جي دسترس ۾ آڻين، ادب ۽ ثقافت جي اڳواٽي ڪن.

ڄمندي ڄام ڪير بہ ڪونھي، ماءُ پيٽان ڪير بہ پڙهي ڪو نہ اچي. سيڪا ڳالھہ ڪرڻ سان آهي، جن ۾ گھربل صلاحيت آهي تن کي جي هينئر اهي ڪم نٿا اچن تہ فڪر ڪونھي. هو ڏاڪي بہ ڏاڪي اهي ڪم سکي سگھن ٿا. ڪٿان نہ ڪٿان شروعات ڪبي، مشقون ڪبيون، غلطيون ڪبيون، غلطين مان سبق سکبو سخت ۾ سخت محنت ڪبي تہ ماڻھُو نيٺ پڙ تي ويندو. جيڪي اهي ڪم ڪن پيا سي بہ ڪي الله جا پُٽَ ڪونھن، پاڻ وانگر ئي ماڻھن جا پُٽَ آهن. جيڪي پيا ڪري سگھن ٿا سو اسين ڇو نہ ٿا ڪري سگھون؟

اسان جا اهي پڙهيل باصلاحيت ڀاتي، جن کي في الحال ڪو ٻيو اهڙو خاص ڪم ڏنل ڪونھي، تن کي اهي ويٺي جا ڪم ڪرڻ گھرجن. ڪين ان لاءِ پنھنجي تربيت ۽ تياري شروع ڪرڻ کپي. بيحد خوشيءَ جي ڳالھہ آهي جو اسان جي ڪن يارن پنھنجي دليان لکت پڙهت جا ڪي پلا ڪم ڪيا آهن ۽ انھن مان ڪي شيون شايع بہ ٿي ويون آهن. آئون انھن سيني کي سلام ڪريان ٿو ۽ ڪين ان پاڻ مرادي پيش قدميءَ لاءِ دلي مبارڪباد ڏيان ٿو. ٻين گھر جي ڀاتين کي انھن جي مثال مان سبق سکي اڳتي وڌڻ گھرجي ۽ گھر جي اها زبردست کوٽ پوري ڪرڻ گھرجي.

ايمان جي پاڙ عشق آهي، محبوب سان محبت ۽ سندس دشمن سان نفرت پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن ۽ هڪڙي ئي حقيقت جا بہ پاسا آهن. عشق ۽ نفرت ڪُٽي ويا تہ ايمان



Gul Hayat Institute

جي ٻولي ٻه هلي هلي ڪُٺي ويندي. ٻِنا هيجُ ۽ شوق جي، ٻِنا عشق جي، دُنِيا جون واقعي وڏيون منزلون سر ڪرڻ ناممڪن آهن. سهڻي لطيف تڏهن ئي چيو آهي:

هـيـج نـه هـونـدو جـن، سـي ڪـئن ونـدر وينـديون؟

سلطان باهوءَ ايمان جي سلامتيءَ جي جاءِ تي عشق جي دعا گهرڻ جي هدايت ڪئي آهي چئي:

ايمان سلامت هر ڪوئي منگ، عشق سلامت ڪوئي

هرڪو ايمان جي دعا ٿو گهري. (حالانڪ دعا ته) عشق جي سلامتيءَ لاءِ (گهرڻ کپي جيڪا) ڪي ڪي گهُرن ٿا.

ڪوشش ڪري، ڏک سک ۾، مارن جي وچ ۾ رهبو سدائين ساٿن واڱبو رهبو، لطيف پڙهبو ٻيا ڀلا شاعر پڙهبا، سُنيون سُنيون ڪچهريون ڪبيون، عشق ڪي جدوجهد ۽ قربانيءَ جي سراڻ تي چڙهيل رکبو ته عشق ڪي ڪڏهن ٻه ڪٽ نه لڳندو، سدائين سلامت ۽ سدا بهار رهندو.

ڏينهـون ڏيـنهن نئـون، مـون ڪـي ورهــ ويـڙهيچن جـو!
منهنجـــو مـــن ميـان! واڳيـــون ويـــڙهيچن ســان!

پچاڙيءَ جي ڳالهه آهي مڙسيءَ جي.

چوندا آهن ته مڙسيءَ ڪي پڪُ آهن! ياڙين مٿان پِٽ، ڪانگن ڪيرائي وڏي! سورهيائي ۽ قربانيءَ کان سواءِ رڳو نلهي چالاڪيءَ ۽ سڪڻي ياڙيائي عقل جي زور تي ميدان مارڻ جي آس اجائي آهي.

مڙس گهڻو ئي عقل جو وير! ڳالهين جو ڳهير ۽ ڪچهريءَ جو مور هوندو پر جي ياڙيائيءَ جو حساب هوندس ته سندس ڪل ٽڪو ٻه مُلهه ڪا نه ڪندي.

”آپ نڳاوڻ، ٻڙا سک پاوڻ“ واري ڳالهه اجائي ڪانهي، پهريائين پنهنجو ڏنو وائنو نقصان ڪرائبو تڏهن ئي ڪي وڏا فائدا حاصل ٿيندا. پهرين ٻج زمين ۾ ڦٽو ڪري، حال هٿان وڃائبو تڏهن وڃي ڪنهن فصل جي حاصلات جي اميد ٿيندي.

قربانيءَ ۽ سورهيائيءَ جي ڳالهه ۾ اسان ڪي پنهنجي ڳوٺ ۾ ٻين کان اڳيرو ٿيڻ کپي، پر اسين اجا انهن کان جهڙوڪر پٺتي پيل آهيون، اها کوٽ پوري ٿيڻ کپي.

سگهي اڳيان ٻوڙ ڪا نه وجهبي آهي. اوهين ياڻ سمجهو آهيو. اميد ته هنن ڳالهين تي غور ڪندا ۽ جي ٺيڪ لڳن ته انهن تي ڌيان ڏيڻ ۽ عمل ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندا.

موڪلاڻي ڪانهي، سدائين گڏ.
هميشه اوهان جو.

Gul Hayat Institute

# اچو وري انگريزي سکون

پنهنجي صوبي يا علائقي جي ٻولي وڏي اهميت رکي ٿي. ان سان ماڻهُوءَ کي جذباتي پيار ٿئي ٿو ۽ هئڻ گهرجي. اسان جي سنڌي ٻولي اسان کي سڄي جهان جي ٻولين کان وڌيڪ مٺي آهي ۽ هئڻ گهرجي. سنڌيءَ ۾ هزارين ڪتاب آهن پر سنڌي ماڻهُو اهي پڙهن ئي نه ٿا. سنڌ جي شاعري کان ماڻهُو واقف ئي ڪونهن، ان ڳالهه جو تدارڪ ٿيڻ کپي. ٻئي پاسي اها ڳالهه سمجهڻ کپي ته هڪڙي اپرندڙ قوم جيڪا چاهي ته آءُ دُنِيا جي ٻين قومن جهڙي اڳتي وڌيل ۽ سڌريل ٿيان، تنهن جون سڀ قومي واڌاري جون ضرورتون فقط ڪا هڪڙي صوبائي يا علائقائي ٻولي پوريون ڪري ئي نه ٿي سگهي. اڄ ڪلهه دُنِيا ۾ ايترا علم آهن، ۽ اهي علم ايترن لکين ڪتابن ۾ سمايل آهن جو انهن سڀني کي ڪنهن به هڪڙي مقامي يا صوبائي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ جيڪي ڪتاب لکيل آهن، اهي سڀ به ڪٺي، پڙهي ڇڏجن ته پوءِ به ماڻهُوءَ کي دُنِيا جهان جي هڪ هزارين پتيءَ جي به خبر ڪانه پوندي. ۽ سڀ سنڌي ڪتاب پڙهيل سنڌي ماڻهُو به پنهنجي دؤر کان سَؤ سال پوئتي رهجي ويندو. دراصل دُنِيا جون هزارين ٻوليون اهڙيون آهن جن ۾ دُنِيا جا بهترين ۽ لازمي علم نه اچي سگهيا آهن. ۽ نه اچي سگهن ٿا.

Gul Hayat Institute

دُنِيا ۾ اڄڪلهه فقط ڪي ٿورڙيون ٻوليون آهن، جهڙوڪ: انگريزي، جرمن، فرينچ، روسي ۽ هاڻ شايد جاپاني به، جن ۾ دُنِيا جي گڏيل علمي ۽ تهذيبي ميراث جي خزانن جو ڪافي حصو مُيسر ٿي سگهيو آهي. انهن عالمي ٻولين مان جيڪا عالمي ٻولي اسان کي سڀ کان ويجهي آهي، سا نه روسي آهي، نه جرمن، نه فرينچ، نه جپاني، پر انگريزي. اتفاق سان انگريزي آمريڪا، انگلينڊ ۽ ٻين ڪيترن ملڪن جي ٻولي هجڻ جي ڪري ۽ انهن ملڪن ۾ رائج هئڻ ڪري، هن وقت دُنِيا جي پهريون نمبر شاهڪار ۽ عالمي ٻولي آهي. اها دُنِيا جي گهڻن ۾ گهڻن علمن کي

پاڻ ۾ سمايو ويٺي آهي. سڀ کان وڏيڪ تيز ترقي ڪري رهي آهي ۽ دُنيا جي سڀني کان وڏيڪ ملڪن ۾ سمجهي وڃي ٿي.

اسين خوش نصيب آهيون جو اها ٻولي اسان جي پڙهيلن ٿوري گهڻي پڙهي آهي ۽ اسين جيڪڏهن چاهيون ٿا ته ان ۾ گهربل قابليت حاصل ڪري سگهون ٿا. دُنيا ۾ اڳيئي به ائين رهيو آهي ته عام ٻوليون ته هزارين علائقن ۾ ملڪن جون ڏار ڏار هونديون آهن. پر علمي ٻوليون مختلف فارمن ۾ ڪي خاص خاص رهيون آهن ۽ عام طرح ڪا نه ڪا هڪڙي ٻولي ٻين سڀني تي حاوي پئي رهي آهي. ان دؤر ۾ انهيءَ علائقي جي اها ئي علمي ٻولي سمجهي ويندي آهي، اهڙين سڀني ٻولين ڳالهائڻ وارا ماڻهو جيستائين ان خاص ٻولي ۾ دسترس نه رکندا آهن، تيستائين هو ان دور ۾ علائقي جي سطح تي پڙهيل ماڻهو ليکجڻ ۾ نه ايندا آهن. مثال طور: قديم هندستان ۾ علمي ٻولي سنسڪرت هئي، سنڌ جا وڏيڪ پڙهيل ماڻهو به ان ۾ لکندا هئا، دکن جا به، يوپيءَ جا به، ان ۾ لکندا هئا ته بنگال جا به. ڪيترين ئي صديون سڄي هندستان جي سطح جو ادب سنسڪرت ۾ لکيو ويو آهي. حالانڪ لکندڙن جون مادري ٻوليون ٻيون هيون. ساڳيءَ طرح مسلمان دُنيا ۾ ماڻهو ڪيترين ٻولين ڳالهائيندا هئا. پر علمي ٻولي جنهن ۾ اعليٰ درجي جي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي، اها پهرئين عربي هئي، پوءِ ان سان گڏ فارسي به ٿي. يورپ ۾ علمي ٻولي پهرين يوناني هئي. پوءِ لاطيني بنجي وئي ۽ صدين جون صديون سڄي يورپ جي علمي ٻولي اها لاطيني هلي ايندي هئي. هاڻي ان جي جاءِ انگريزي ورتي آهي ته سدائين چٽ نه رهجي وڃون ۽ رڳو سانوڻ فقير جا ڏوهيڙا هڻندا، اياز جا شعر ڳائيندا ۽ رڳو لطيف جو رسالو پڙهندا نه رهجي وڃون، پر دُنيا ۾ شيڪسپيئر به پڙهون، هومر به پڙهون ۽ رومي ۽ ٻيا روءِ زمين جا شاعر به پڙهون. روءِ زمين جي ادب جو لطف وٺون ۽ سو به هڪڙي پئي ٻوليءَ ۾ ته پوءِ انگريزي پڙهجي. ڇو ته سڄي دُنيا جي علم ۽ ادب، سائنس جا ترجما انگريزي ۾ موجود آهن. جيڪو انگريزي ڄاڻي ٿو اهو انگريزي ترجمن ذريعي عربي علم ادب به ڄاڻي سگهي ٿو. سنسڪرت به، يوناني به، لاطيني به. مطلب ته انگريزي جي ذريعي ڄڻ ته روءِ زمين جي علمن، ادبن ۽ سائنسن جي چاٻي اسان جي هٿ اچي وڃي ٿي. اها چاٻي جيڪي اسان جا ماڻهو ڪتب آڻي سگهن، اهي ضرور بلڪ ان لاءِ وڏي مهم هلڻ کپي ته اسان مان هرهڪ پڙهيل ماڻهوءَ وٽ اها چاٻي هجي.

جيتري قدر انگريزي سکڻ جو سوال آهي ته ان لاءِ شروعات ڪرڻ لاءِ ايترو ضروري آهي ته ماڻهو کي انگريزي الف ب ته اچي، جنهن ماڻهو کي انگريزي اي بي سي ڊي اچي ٿي ته اهو دل جان سان ڪوشش ڪري ته مناسب وقت اندر انگريزي آساني سان سکي سگهي ٿو. انسان هيستائين جيڪا ڄاڻ ۽ جيڪو علم سکيو



Gul Hayat Institute

آهي، تنهن جو مشاهدي ڪان پوءِ پيو وڏي ۾ وڏو سرچشمو ۽ اولين طريقو آهي ڳالهيون ورجائڻ ۽ دهرائڻ. ڳالهه پوري سمجهه ۾ اچي نه اچي، پر ان کي ورجائڻ، ورجائيندو رهڻ- چاڻ دهرائڻ ۽ ورجائڻ سان وڏي ٿي. ننڍڙو ٻار جنهن مادري ٻوليءَ ۾ سکي ٿو ته پهرين گرامر ڪو نه ٿو سکي، هو اول کي لفظ جهڙوڪ امان امان، بابا بابا ۽ ٻيا ٻين کان ٻڌل لفظ سواءِ سمجهڻ جي رڳو دهرائي ٿو. دراصل سکڻ جو عمل، پهريائين پهريائين ظاهري سمجهه تي ايترو دارومدار نه ٿو رکي، جيترو ان اندروني سمجهه تي جنهن کي لاشعور ۽ تحت الشعور چيو ويو آهي. ظاهري بي سمجهيءَ جي حالت ۾ به ڳالهيون نوٽ ڪري ٿو ۽ اهي ان جي حافظي ۾ ائين داخل ٿين ٿيون، جو کيس پتو به نه ٿو پوي ته ڪا شئي سکان يا سمجهان پيو. جيڪو ٻار ”امان امان“ پيو ڪري، ان کي کهڙي خبر ته ڪو آءَ ڪا فلاڻي ٻولي پيو سکان؟ نه وري ماڻهُو جنهن وقت جيڪو اثر قبول ڪري ٿو ان وقت پوريءَ طرح، اهو سمجهي ٿو ته ڪو آئون هينئر فلاڻو اثر قبول ڪريان. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهُو ڪاوڙ ۽ چڙ وچان آپي مان نڪري ويندو آهي. پر کيس خبر ئي نه پوندي آهي ته ڪو آءٌ هينئر هيتري قدر چڙ ۽ ڪاوڙ جي وس ٿي ويو آهيان. سمجهه جي پهرين داخلا ماڻهُوءَ جي عام سمجهه بدران لاشعور ۾ ٿيندي آهي. لاشعور معنيٰ سکت جي اونهي سمنڊ يا سطح. شعور معنيٰ آهي احساس، جذبا يا اها چاڻ اها سمجهه، جنهن جي ماڻهُوءَ کي خبر آهي ته هن وقت منهنجي ذهن ۾ هي احساس، هي جذبا، هي چاڻ، هيءَ سمجهه موجود آهي. ماڻهُوءَ کي اڪثر خبر ڪا نه پوندي آهي پر هو لاشعوري طرح متاثر پيو ٿيندو آهي. سندس ذهن جي تري ۾ سوچون پيون اينديون وينديون آهن. احساس پيدا ٿيندا آهن پر جي هُو پاڻ کان پڇي، ته آءُ هينئر ڇا ڪريان، ته اڪثر حالتن ۾ هُو ان سوال جو صحيح جواب ڏيئي نه سگهندو.

لاشعور کي سڀ کان وڏيڪ متاثر ڪري ٿو. ورجاءُ. يعني شين جو بار بار دهرائجڻ. تنهن جي ڪري جيڪي ماڻهُو چون ٿا ته ”رٽو هڻڻ“ يا ”بِنا پوري طرح سمجهڻ ورجائڻ جي ذريعي ماڻهُوءَ جو لاشعور هڪ ڪافي اهم حد تائين“ هٽي هٽي هڪڙي ڏاڪي تي اها ڳالهه سمجهه ۾ داخل ٿيڻ شروع ٿي وڃي ٿي. تنهن ڪري سمجهڻ جي ڪوشش سان گڏ ورجاءُ ۽ ياد ڪرڻ به ضروري آهي. جي ممڪن نه هجي ته ڳالهين کي سمجهڻ ۽ دهرائڻ جي ته في الحال پوري طرح سمجهڻ ڪانسواءِ ئي دهرائڻ اهي ٻئي سکڻ جا مفيد طريقا آهن. هرويرو ان تي ڳنڊ ٻڌي ويهي رهڻ نه گهرجي ته اسان کي هر ڳالهه پهرئين ڏڪ سان سمجهه ۾ اچي ويئي ته واهه. نه ته ان کي ڇڏي ڏجي. ورجاءَ اها ڏاڪڻ آهي، جيڪا اڻ پوري سمجهه کي سهارو ڏئي، پس و پيش منزل تي رسائي ڇڏيندي. دهرائڻ جو طريقو هي آهي. ڪتاب ڏسي زبان سان لفظن کي ضرورت آهر، پنج، ڏهه، پندرنهن دفعا دل ۾ پڙهي

پوءِ ڏاڍيان ورجائڻ، پوءِ پني تي لکڻ جي ڪوشش ڪرڻ. غلطيون چيڪ ڪرڻ، وري دهرائڻ وري غور ڪري وري ورجائڻ ۽ ياد ڪرڻ اهو عمل بار بار ڪبو تہ ماڻهُو ڪجهہ وقت کان پوءِ ان ۾ پڪ ٿي ويندو. ۽ ياد ڪرڻ جي هنر ۽ ٽيڪنڪ جو ماهر ٿي ويندو. سندس حافظو جڻ تہ سراڻ تي چڙهي تکو ٿي ويندو. ٻيو ڏاڪو آهي سکيل لفظن ۽ جملن کي وڏ ۾ وڏ ڳالهائڻ ۽ لکڻ وسيلي. وڏ ۾ وڏ ڪتب آڻڻ ۽ گهٽي ۾ گهٽا نوان لفظ ۽ جملا سکڻ. هڪڙي لفظ کي سَؤ دفعا مختلف طريقن سان ڪم آڻي پوءِ هڪڙي جملي مان ويهہ بلڪ 20 سَؤ جملا ناهڻ کپن، مثال طور: آئون اچان، وارو هڪڙو انگريزي جملو ”آءِ ايم ڪمنگ“ جيڪڏهن ماڻهُوءَ کي اچي وڃي تہ ان مان سوين جملا ٻيا نهي سگهن ٿا. ”آئون اچان ٿو آئون سانجهيءَ جو اچان ٿو آئون پنڌ اچان ٿو آئون سائيڪل تي اچان ٿو آئون هوائي جهاز ۾ اچان ٿو آئون ٻيڙيءَ ۾ اچان ٿو آئون بحري جهاز ۾ اچان ٿو وغيره وغيره.“

اهڙا سَؤ بلڪ هزار جملا ناهي سگهجن ٿا. مطلب تہ هڪڙو جملو اچي وڃي تہ پوءِ انهيءَ جي جند نہ ڇڏڻ کپي. جيڪڏهن اهو عمل، اهو طريقو ماڻهُو لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ ڪتب آڻيندو رهندو تہ ماڻهُوءَ کي جلدي انگريزي ڳالهائڻ ۽ لکڻ اچي ويندي. ڳالهائڻ جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ ماڻهُوءَ جيڪي انگريز جملا بہ پڙهي ياد ڪري، انهن مان اهڙا ٻيا جملا ناهي، جيڪي پنهنجي گهر جي ڀاتين، دوستن، پاڙيسرين، هم ڪلاسيءَ سان، انگريزي ڳالهائيندي ڪم اچي سگهن. مثال طور: رات جو سڀي رات اهڙا جملا ناهي دل ۾ چوي تہ سياڻي فلاڻي فلاڻي سان آءُ جڏهن ڳالهائيندس، تنهن وقت هي انگريزي جملا ڪتب آڻيندس. پوءِ اهي لفظ ۽ جملا ناهي، لکي، درست ڪري، ياد ڪري ڇڏجن، ٻئي ڏينهن همراهہ ملڻ تي شروع ٿي وڃجي ۽ گهٽ نہ ڪجي. ڀل چُڪ ٿئي تہ اصل پرواهہ نہ ڪجي. ڀاڻ ۾ هو جنهن ڪم ۾ ڦڪو ٿيو اهو ڪم بہ چٽبو ٿيو. علم سکڻ ۾ منهن جي پڪائي، ارادي جي فولادي مضبوطي ۽ وڏي جرئت کپي، جيڪڏهن رُڳو غلطين تي کلي ٿو تہ ڀلي سَؤ دفعا ڀيو کلي، دُنيا ۾ جاهل ۽ بيوقوف ماڻهن جي ڪوٽ ڪانهي. جيڪڏهن اهڙو ڪو بدتميز آهي جو سکڻ جي ڳالهہ تي بہ کلي ٿو تہ اهڙي بدتميزي کان مرعوب نہ ٿيڻ کپي، بلڪل خوداعتماديءَ ثابت قدمي ۽ مُنهن جي پڪائي سان جاهلن جي کلڻ کي نظرانداز ڪري، پنهنجي انگريزي ڳالهائيندو، لکندو، سکندو رهي، چاهي اها انگريزي ڪيتري بہ غلط ڇو نہ هجي. ياد رکڻ کپي تہ ”صحيح“، ”غلط“ مان پيدا ٿيندو آهي. دُنيا جي ڪا بہ ”صحيح“ ڳالهہ اهڙي نہ آهي، جيڪا رڳو ”صحيح“ مان پيدا ٿي هجي. شين ۽ ڳالهين جون وڏيون گهڻايون غلط شين ۽ ڳالهين مان پيدا ٿينديون آهن. بلڪل ائين جيئن ننڍڙو ٻار ٻاتيون ٻوليون ڪري ڪري پوءِ نيٺ صحيح ٻولي ڳالهائڻ سکي ٿو، تنهن ڪري رڳو ظاهري ”صحيح“ جي پوڄا نہ

Gul Hayat Institute

ڪرڻ ڪيپي ۽ ”غلط“ کي بي معنيٰ ۽ ”فضول“ نہ سمجھڻ ڪپي. ”صحيح“ اڪثر ”غلط“ کي بي معنيٰ ۽ ”فضول“ نہ سمجھڻ ڪپي. ”صحيح“ اڪثر ”غلط“ جي پٺي ۾ سمايل هوندو آهي ۽ ان مان ئي سرجندو آهي ۽ نيٺ وقت اچڻ تي پنهنجو صحيح رُوپ وٺندو آهي. جيڪڏهن ”غلط“ کي دهرائڻ سان گڏ درست نہ ڪبو رهيو تہ جلدي ماڻهُو ”صحيح“ کي پهچي ويندو مطلب تہ صحيح ۽ غلط جو پاڻ ۾ اٽوٽ رشتو آهي.

علم آهي ”غلط“ کان شروعات ڪري ”صحيح“ جي منزل کي رسڻ جو سفر.

ٽيون ڏاڪو آهي، انگريزي ڪنن سان ٻڌڻ ۽ هنيئن سان هنڊائڻ. ان ڳالھ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي ماڻهُوءَ جي اها سوچ تہ مون کي انگريزي سمجھ ۾ اچي تہ پوءِ انگريزي ٻڌان يا پڙهان. اهو اول سمجھڻ ۽ پوءِ ٻڌڻ يا پڙهڻ جو جيڪو شرط آهي. اهو جنهن رکيو اهو ڪڏهن بہ انگريزي ڳالهائي ڪو نہ سگهندو. انگريزي يا ٻي ڪا بہ ٻولي بنا سمجھڻ جي بہ ٻڌڻ ڪپي. ماڻهُو سمجهي ٿو تہ آءُ ڪجھ ڪو نہ پيا سمجهان. دراَصل سمجھڻ جو عمل شروع ٿي چُڪو هوندو آهي. پر اڳلي کي پتو نہ پوندو آهي. ڌارين ٻولي جي اُچارن جا آواز آهستي آهستي هن جي لاشعور تي چانئجڻ لڳندا آهن. ان حالت ۾ سندس لاشعور سکي پيو. ڳالهيون نوٽ ڪري پيو. پنهنجي حافظي جو رڪارڊ هڪڙو وڏو يادگيري جو خزانو پيو ناهي. اهو خزانو هُو بعد ۾ ڪنهن ڏاڪي تي چيڪ ڪندو ۽ ڪمپيوٽر وانگي استعمال ڪندو. ٽي وي تي يا ريڊيو تي يا فلمن ۾ جيڪا انگريزي ٻڌي سگهجي، اها ٻڌجي. پوري طرح ”سمجھڻ“ جو پوڄاري ٿيڻ کان سواءِ جيتري گهٽي دير انگريزي ٻولي ٻڌي سگهجي اوتري دير ٻڌي سمجھڻ گهرجي تہ ”سمجھڻ“ هڪڙو اهڙو گهڻ طرفو اڻ لکو ۽ پيچيده عمل آهي، جنهن کي اسان مان هر ڪو سمجهي نہ سگهندو. جيڪڏهن ماڻهُوءَ کي اها ڳالھ سمجھ ۾ نہ اچي ۽ هو ڪا ڳالھ ٻڌڻ مهل سمجهي تہ آءُ هينئر بلڪل ڪا بہ ڳالھ ڪو نہ پيو سمجهان، تہ اهو ان احساس کي پنهنجي پل سمجهي، ڪيس سمجھڻ گهرجي تہ هو سمجهي پيو. ڇا ٿو سمجهي، اهو وڏو سائنس جو مسئلو آهي. تنهن ڪري ٻڌبو رهجي ۽ اهو سمجهبو رهجي تہ سمجھ پيدا پئي ٿئي. سمجھ وڌي پئي. ڌارين لفظن ۽ اُچارن کان اجنبيت دور ٿئي پئي.

ڪراچي ۽ حيدرآباد جي وڏن دوڪانن تي ڳولا ڪبي تہ اهڙا ننڍڙا ڪتاب ملي ويندا، جن ۾ سادن لفظن ۾ انگريزي ناولن جون ڪهاڻيون سيڪڙات ماڻهن لاءِ بيان ٿيل آهن. اهي ناول تمام وڏن لکندڙن جا لکيل آهن. تہ جيئن سڄي ڪهاڻي، جو مزو بہ اچي، ڳالھ بہ سمجهجي ۽ انگريزي بہ سکجي. اهڙا ڪتاب ڪراچيءَ جي زيب النساءِ اسٽريٽ جي ڪتابن جي وڏن دڪانن جهڙوڪ: پاڪ آمريڪن ۾ رکيا آهن ۽ حيدرآباد ۾ ملي ويندا، انهن ڪتابن کي پڙهجي ۽ بار بار پڙهجي. اتي



Gul Hayat Institute

مسئلو اهو نہ پيدا ڪجي تہ آءُ لفظ لفظ سمجهان ٿو يا نہ ٿو سمجهان. انگريزي جا ڳچ جيترا لفظ ۽ جملا سکي وٺڻ کان پوءِ اهڙن ڪتابن کي الف کان وٺي ي تائين پڙهي پورو ڪجي، ڊڪشنري جي مدد سان وري ٻيو دفعو پڙهجي. ٽيون دفعو پڙهجي. سنڌي ڊڪشنري اڄڪلهہ شايد پراڻي پرمانند ميوارام واري اچا هلي پئي. ڪتابن جي پبلشرن کي هاڻ سنيون ۽ وڏيون ڊڪشنريون شايع ڪرڻ کپن. پر في الحال جيڪي ڊڪشنريون آهن، انهن مان ڪم وٺڻ کپي. نون لکندڙن کي انگريزي سيکارڻ لاءِ مارڪيٽ ۾ "سٺ ڏينهن ۾ انگريزي" يا "ٽيهہ ڏينهن ۾ انگريزي" نالي ڪتاب ملن ٿا. انهن ڪتابن ۾ ڪجهہ غلطيون آهن، اهي ڇُڳُون ڪنهن هوشيار ماڻهُوءَ کان درست ڪرائجن، جي نہ تہ بہ في الحال ڪم هلائجي. پنهنجي انگريزي لفظن ۽ جملن جو دائرو ڪشادو ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڪارگر طريقو آڻڻ گهرجي.

هڪڙي پنجن، ڏهن روپين جي پڪي جلد سان ڪاپي وٺي، ان جي مختلف صفحن جي مٿان، هيٺيان سوال لکجن.

واٽ ڊڊ يو ڊو ٽوڊي؟

(تو اڄ ڇا ڪيو)

واٽ ڊڊ يو ڊو يسٽرڊي؟

(تو ڪالهہ ڇا ڪيو)

واٽ ول يو ڊو ٽو ڊي؟

(تون اڄ ڇا ڪندين)

واٽ ول يو ڊو ٽو مارو؟

(تون سڀاڻي ڇا ڪندين؟)

پوءِ انهن مان هر هڪ سوال جا جواب هيٺيان لکڻ کپن. مٿان سوال لکيو پيو هجي، هيٺ جواب لکجن. روز پنهنجي خيالن جو گهوڙو ڊوڙائي، روز نوان نوان عجيب و غريب خيال ڪاپيءَ ۾ لکي سگهجن ٿا. مثال طور: "ڪالهہ تو ڇا ڪيو؟" ان جو جواب هن قسم جو لکي سگهجي ٿو:

(آئون ڪلهہ ڪراچي کان لنڊن آيس)

وات جي پلاءُ کي گيهہ جي شرف جو ضرور ڪونهي. مزي خاطر ڪهڙا بہ مزيدار سوال جواب لکي سگهجن ٿا. "سڀاڻي تون ڇا ڪندين؟" "سڀاڻي آءُ انگلينڊ جي مهاراڻي ايلزبيٿ سان ملندس" اهڙا ٻيا ويهہ هزار مزيدار خيالي جواب ڏئي سگهجن ٿا. سڄو مدار ماڻهُو جي عقل، دماغ ۽ ذهانت تي آهي. هڪڙي ماڻهُو کي انگريزيءَ جا رڳو پنج، ڏهہ يا ويهہ پنجويهہ صحيح جملا اچي وڃن تہ

انهن ٿورن لفظن ۾ جملن مان هو انگريزي سوالن جوابن جي هڪڙي سڄي دُنيا ٺاهي ويندو.

جڏهن ٻچ انگريزي اچي وڃي ۾ ڪجهه ڪتاب پڙهي وٺجن ته پوءِ ڪتابن ۾ جيڪي سٺا جملا دل کي وڻن اهي هڪڙي جدا ڪاپيءَ تي لکجن ۾ ياد ڪجن ۾ ڳالهائڻ ۾ سعيو ڪري ڪتب آڻجن. دُنيا جي ڏاهن ماڻهن جي ڏاهپ ۾ هوشياري وارن قولن جا ڪتاب انگريزيءَ ۾ بازار ۾ ملن ٿا، انهن مان چونڊجن جيڪي چونڊيل دل کي وڻن انهن جون ڊڪشنريءَ مان معنائون ڏسي اهي وري ڪاپي تي لکجن ۾ ياد ڪري لکڻ يا ڳالهائڻ ۾ ڪتب آڻجن. انگريزي شاعريءَ جا ڪتاب به بازار ۾ ملن ٿا. انهن مان سادا ۾ سمجهه ۾ ايندڙ شعر چونڊي هر موقعي تي، زور سان ۾ اسٽائيل سان پڙهبا رهجن. ننڍڙا ننڍڙا ۾ سُٺا بيت ياد ڪجن. انگريزي ٻولي ۾ گرامر سيکارڻ جي اڪثر ڪتابن ۾ سُٺا بيت ياد ڪجن. انگريزي ٻولي ۾ گرامر جي ڪتابن ۾ انگريزيءَ ۾ خط پٽ لکڻ سيکارڻ جا طريقا ڄاڻايل هوندا آهن. تنهن ڪان سواءِ انگلش ليٽر رائٽنگ نالي ڪتاب به ملندا آهن. انهن مان سکي، مشقون ڪرڻ گهرجن. ياتين دوستن ۾ واقفن کي انگريزي ۾ سچا پچا يا خيالي خط لکڻ گهرجن. خطن جا کي نمونا برزبان ياد ڪري ڇڏڻ گهرجن. مناسب ڦير گهير سان انهن خطن جي نمونن کي بار بار استعمال ڪرڻ گهرجي. جڏهن ٿوري گهڻي انگريزي اچي وڃي ته انگريزي اخبارن مان خبرون پڙهڻ جو ڏانوَ سکڻ کپي. ان جو طريقو هي آهي ته اول ته سنڌي يا اردو اخبارون پڙهي، انهن جي جيڪا خبر انگريزي اخبارن ۾ به هجي، اها چڱي طرح پڙهجي ۾ سمجهجي، مثال طور: خبر آهي ته نواز شريف يا بينظير فلاڻو بيان ڏنو آهي. اول اها اُردو يا سنڌيءَ ۾ چڱي طرح پڙهجي ۾ سمجهجي پوءِ وري ساڳي خبر انگريزي اخبار ۾ پڙهجي، اول دل ۾ پوءِ زور سان روزانو ڪلاڪ ٻن لاءِ انگريزي زور سان پڙهڻ گهرجي ته جيئن زبان هري ۾ جي اچار غلط هجن ته ٻڌڻ وارن سمجهو ماڻهن جي صلاح سان اهي درست ٿين.

Gul Hayat Institute

اسڪولن ۾ ڪاليجن جا ڪاپي ۾ سروس سان پڙهيل ۾ ڪوڙين ڊگرين ۾ وڏيرڪن ڪوٺائن جي زوري نوڪريءَ تي چڙهيل استاد انگريزي ڪان ڳنبندا آهن. سندس سيکاريل اچار اڪثر ڪوڙا ۾ غلط هوندا آهن. مثال: لفظ بيڊ جو اچار ڪندا بئڊ. ان ڪري انگريزي جي صحيح اچارن تي گهڻو ۾ خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. انگريزي سکڻ جي ڪم کي هڪڙي طرف هڪڙو ذاتي شوق، هڪڙو شُغل، هڪڙي وندر، هڪڙي شخصيت جي تڪميل، مستقبل سنوارڻ جو وسيلو ڪري هٿ ۾ کڻڻ کپي. ٻئي طرف ان کي پنهنجي قومي جهاد ڪرڻ کپي. چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته اسان جي نجات لاءِ انگريزي لازم آهي. اهو پنهنجي

زندگيءَ جو اصول بنائي ڇڏڻ گھرجي. تہ انگريزي ڳالھائجي. انگريزي لکجي، انگريزي پڙھجي ۽ انگريزي گھرجي، تہ انگريزي پڙھائجي. پنھنجي گھر جي ڀاتين، دوستن، ڀينرن ڀائرن ۽ واقفن کي ان ڳالھہ جي تلقين ڪجي تہ ھو انگريزي ۾ قابل ٿين.

ضياءَ ۽ ان جي چاڙتن سياست بازن سنڌي ماڻھن کان انتقام وٺڻ لاءِ ھڪڙي باقاعدي پلان ۽ رٿا مطابق سنڌ جي تعليم کي آزادي جي نعرن جي ھوڪرن ۾ تباھہ ۽ برباد ڪري، ڪلاشنڪوف ڪلچر جو شڪار بنايو آھي. جيستائين ان آفت جي تلافي نہ ٿيندي، تيستائين سنڌ کي جيڪو ھي ڪرنگھي جي ھڏي وارو مفلوج ڪندڙ ڏک لڳو آھي، سو ڪيس چڙھڻ نہ ڏيندو حڪومت جو بُنِيادي فرض آھي تہ ٻين ڳالھين سان گڏ سنڌي ماڻھن کي انگريزي سيکارڻ لاءِ خصوصي اُپاءُ وٺي. پھرئين قدم طور ھي فيصلو ڪيو وڃي تہ جيڪو شاگرد انگريزي جي سبجيڪٽ ۾ فيل ٿيندو يا ھڪ خاص تعداد ۾ مارڪون نہ ڪڍندو، ان کي مٿي ڪلاس ۾ پروموشن نہ ڏني ويندي. ٻيو تہ عام سنڌي پڙھيل ماڻھن لاءِ ھر شھر ۾ انگريزي جي سکيا جا سينٽر سرڪاري خرچ تي کوليا وڃن ۽ انگريزي سيکارڻ جو ھڪ وسيع نظام قائم ڪيو وڃي. تعليم کاتي اندر جدا انگريزي سيکارجي. تنھن کان سواءِ باشعور سنڌ دوست فرد، تعليمي ماھر، عوامي ڪارڪن، تنظيمون ۽ اين جي اوز بہ پنھنجي پنھنجي وس آھر مختلف شھرن ۽ ڳوٺن ۾ صحيح انگريزي سيکارڻ جا سينٽر کولي انگريزي تعليم کي عام ڪن ۽ سنڌ جي تعليمي چاڙھي جو رستو نئين سَر کولين.

Gul Hayat Institute

# عالمي ادب تي هڪ مختصر نظر

**يوناني ادب:**

**پيدائش:** ٽي هزار ورهيه اڳ

يوناني 27 صديون اڳ لکڻ سکيا.

**پهريون لکڻيون:** قانوني.

**پهريون عظيم يوناني ۽ عالمي شاعر:** هومر.

**وڏا عاشق شاعر:** آرڪي لوڪس، الڪيس، سئفو (عورت).

**پيا شاعر:** هيشياڊ (700 ق.م)، اناڪرين، سموناءِڊس، زينوفينز، سولون، پندار.

**وڏا ڊراما نويس (مزاحيه):** ايرسٽوفينس ۽ ميناندر.

**(الميائي):** ايڪسائلس، صوفوڪلس ۽ يوروپائڊس.

**عظيم فلاسافر:** افلاطون (427 ق.م– 341 ق.م)، ارسطو (384-322 ق.م)، پلاٽينس (205–ص 270/260 ص).

**فصيح بيان مقرر:** ائنٽي فون (پهريون پيشه ور فصيح تقريرون لکندڙ).

**وڏا ناول نگار:** چيريٽون (2 ص.ع)، هيليڊورس (3 ص.ع)،

زينوفون (3/2 ص.ع)، اچيلس ٽيٽيس (2 ص.ع).

**وڏا تاريخ نويس:** هيروڊوٽ، ٿوڪائڊائٽس (ص 460 –ص 400)، زينوفون.

**پيا تاريخ نويس:** پوليبيس، ايرين، پليو ٽرچ.

Gul Hayat Institute

## لاطيني ادب

**چار دؤر:**

(1) اوائلي دؤر: 24 صديون اڳ – 24 ق.م کان 70 ق.م تائين.

(2) سونهري دؤر: 70 ق.م کان 18 ق.م.

(3) روپو دؤر: سن 18ع کان 133ع تائين.

(4) پويون دؤر: 133ع کان پوءِ جو دؤر.

پهريون لاطيني اديب: ائنڊرونيڪس (غلام).

**اوائلي دؤر جا اديب:** جوليس سيزر، سسيرو، ليوڪريٽيس، ورجل، هوريس، اووڊ، جووينل، ٽئسيٽس، ڪئنٽيلين.

**روپي دؤر جا اديب:** سينيڪا (وڏو ءِ ننڍو)، مارسل.

**فصيح بيان مقرر:** سسيرو، ڪئنٽيلين.

**تاريخ نويس:** ڪئننو جوليس سيزر، لوي، ٽئسيٽس، سنيٽونيس.

**خطوط نويس:** ميسرو، ڪئٽولس، هوريس، پلني (ننڍو).

**سوانح حيات:** سئيٽس، ٽئسيٽس.

**آتم ڪهاڻي:** هوريس، اووڊ.

**ادبي تنقيد:** هوريس، سسيرو، ڪئنٽيلين.

**قصا ڪهاڻيون:** پيٽرونيس، اپيوليس.

## سَنسڪِرتِ ادب

**پهرين نيم ادبي لکڻي:** رگ ويد (1400 ق.م).

**سڀ کان ڊگهو نظم:** مها ڀارت.

**ٻيا وڏا نظم:** ڀڳوت گيتا، رامائڻ، گيتا گوندا.

**وڏي ۾ وڏو ڪلاسيڪي شاعر:** ڪاليداس.

**ٻيا وڏا ڪلاسيڪي شاعر:** وال ميڪي، داندن، اشوگهوش، بانا، ماگها، ڀاواڀوتي، ڀاروي، هرشا، هالا، بلهانا، ڀرتري هري، جئہ ديو.

**ناٽڪ نويس:** ڪاليداس، ڀاسا، سدارڪا، وساڪا دات، سيا ملاڪا، ڀاوا ڀوتي ۽ ٻيا.

**ڪلاسيڪي ادب جو وڏي ۾ وڏو مرڪز:** اجيني (ٻِهار).

**وڏا اديب:** سرما ديوا، ٻڌها سوامن.

**مشهور آکاڻين جا مجموعا:** پنج تنتر، هتوپادشا.

Gul Hayat Institute

مشهور قصا: برهت ڪٿا، ڪٿا سرت ساگر، ڪاد ميري.

## چيني ادب

**شروعات:** 34 صديون اڳ.

**شاعريءَ جو پهريون مجموعو:** 25 صديون اڳ تيار ٿيو.

**پهريون ڄاتل شاعر:** چويوئان (24 صديون اڳ)

**وڏي ۾ وڏو شاعر:** ٽُوفو.

**ٻيا ٻرک شاعر:** تائو چين (شاعره)، لوچي، لي پو لوفر، لي چنگ چالو مائوزي تونگ.

**چيني ادب جو سونهري دؤر:** تانگ گهراڻي جو دؤر (907-618).

**پهرين نثري تخليق:** "بهار ۽ سرءُ جا داستان" (لُو) (240 ق.م).

**تاريخ نويس:** سوما چين (85 ق.م).

**جنگي فن:** سن زُو (ڪتاب: جنگ جو فن)، مائوزي تونگ (گوريلا جنگ، عوامي جنگ)

**وڏي ۾ وڏو ناول نويس:** ڪلاسيڪي: سائوچان (سُرخ خوابگاهہ جو خواب).

**جديد:** يانگ مو (عورت) (نوجوانن جو گيت).

**ٻيا ٻرک ناول نويس:** لوڪئان چنگ، ووچينگ اين، مائوتون، ووجنگ تزو، ينگ لنگ، هرچنگ چيهہ.

**ادبي تنقيد:** ليو شيهہ، يوئا هنگ تائو لوهسون، مائوزي تونگ.

**مترجم:** ٻين فو لن شو ۽ ٻيا.

**ٻرک ڊراما نويس:** ڪوئان هان چنگ، ونگ شي فو ماچي يوئا، گوئر مورو.

Gul Hayat Institute

# مشرقي ادب ۽ مغربي عالم

”هن جو خطاب دُنيا جي سمورين قومن سان آهي، ۽ (مغرب جي عظيم شاعرن ۽ اديبن) شيڪسپيئر، هومر (يوناني)، سروينٽيز (اسپيني) ۽ مانٽين (فرينچ) وانگر سندس ڪلام نت – نئون ۽ زنده جاويد آهي.“ هاڪاري آمريڪي اڪابر ۽ دانا ”ايمرسن“ اهو خراج تحسين نہ ڪنهن روسيءُ کي ڏنو آهي نہ والٽيئر، ڊيڪارٽ، بيڪن، ملٽن، شيلي ۽ گوئٽي کي، يا مغربي دانشمنديءَ، شعر ۽ علم جي آسمانن جي هزارين ڀڪندڙ ستارن مان ڪنهن بہ ٻئي کي. مغرب جي ڏاهي اهي عقيدت ڀريا لفظ شيخ سعدي عليہ الرحمت لاءِ چيا آهن. شيخ سعديءَ جي ”گلستان“ لاءِ هيءُ عيسائي مفڪر چوي ٿو تہ: ”هيءُ ڪتاب دُنيا جي انجيلن (مقدس ڪتابن) مان هڪ آهي.“

شيخ سعديءَ واسطي مغربي دُنيا ۾ ايڏيءَ مقبوليت پيدا ڪرڻ جو سهرو اٽليءَ جي هڪ مترجم تي آهي، جنهن 1651ع ۾ ”گلستان“ جو لاطيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو، جنهن کي فرانس جي مشهور دانشورن–والٽيئر، رؤسو ۽ ٻين بيحد پسند ڪيو. هڪ انگريز پادريءَ ”جيريمي ٽيلر“ جڏهن لاطيني ٻوليءَ مان ”بوستان“ جو ترجمو انگريزيءَ ۾ ڪيو، تڏهن آمريڪا جي نامڪٽئي مدبر، دانشور ۽ آمريڪي حڪومت جي باني، ”بنجامن فرينڪلن“ هڪ مزيدار چرچو ڪيو: هن کي هڪڙي حڪايت ڏاڍي وڻي، جنهن ۾ رواداريءَ ۽ ٻين سيني سان مُروت ڪرڻ جي نصيحت ڪيل آهي، سو هن وٺي اعلان ڪيو تہ مون کي انجيل جي هڪ اصلوڪي گم ٿيل آيت ملي آهي! ان زماني جي آزاد خيال ماڻهن کي اها حڪايت اهڙي پسند آئي، جو سڀ وسهي ويا تہ برابر هيءَ ڪا انجيل جي سوره مبارڪ آهي. سالن ڪان پوءِ مس وڃي اها ڳالهہ کلي تہ اصل ۾ هيءَ فارسيءَ جي حڪايت آهي. ”ايڊون ارنالڊ“، ”گلستان“ کي ”عقلي پلاءُ، ادبي ٻوڙ ۽ هڪ گوناگون اڪابر جو تيار ڪيل ڪباب“ ڪري ورتو آهي. ان ڪان پوءِ تہ سڄي يورپ ۾ ”سعديءَ“ جي ڌوم مچي ويئي. ”سر رچرڊ برٽن“ ۽ جرمن عالم ”رهاتيسڪ“ جا ترجما اڄڪلهہ گهڻو مقبول آهن. جديد آمريڪي عالم ”يوحنا“

Gul Hayat Institute

(يهودي) لکي ٿو تہ "جيترو هُئا سعديءَ جي وقت جا مغربي عالم تنگ خيال ۽ ڪوتاهہ نظر، اوتروئي هُو فراخدل ۽ روشن خيال هو."

اهڙيءَ ريت مغربي پادري، عالم ۽ اڪابر، نهايت محنت ۽ جانفشانيءَ سان مشرقي ٻوليون سکي، انهن جا قيمتي شاهڪار ترجمو ڪري پنهنجي وطن وارن اڳيان پيش ڪندا رهيا آهن. وري مغرب جا پڙهڻ وارا بہ اهي ترجما پڙهي، انهن جو پورو پورو قدر ڪن ٿا، چوٿيءَ جا مغربي دانشور ڪمال فراخدليءَ سان انهن کي خراج تحسين پيش ڏيندا رهيا آهن. ڪي مغربي مفڪر تہ هن چوڻ کان بہ نٿا هٻڪن تہ مشرق جي فقط هڪڙي ڪتاب ئي پوريءَ هڪ صديءَ جي مغربي تهذيب کي مشرقي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو. چناچہ "ايشيائي ادب جو خزانو" نالي ڪتاب جو مؤلف لکي ٿو تہ اوڻيهن صديءَ جي يورپي تهذيب تي جيڪو مشرقي رنگ چڙهيل هو، تنهن جو سڀ کان وڏو ڪارڻ اهو ڪتاب هو. "الف ليليٰ"! جيڪڏهن الف ليليٰ جو پس منظر نہ هجي ها، تہ "ڊيلاڪرو" جي مصوري، "رمسڪي ڪورساڪو" جي موسيقي ۽ "لارڊ بائزن" جون ترڪي آکاڻيون جيڪر وجود ۾ ئي نہ اچن ها. انگلينڊ توڙي آمريڪي بينڪن جي ارڙهين صديءَ جا سمورا اوائلي رسالا ۽ مخزنون الف ليليٰ جي نموني تي لکيل آکاڻين سان ٽمٽار هوندا هئا. اڄڪلهہ هاليوڊ جي فلمي صنعت جنهن نموني الف ليليٰ جي ڪهاڻين جون فلمون ڏڍا ڏڍ ناهي رهي آهي، تنهن مان ڏسجي ٿو تہ الف ليليٰ جو فيشن مغرب ۾ هميشہ مقبول رهندو.

عمر خيام جي رباعين مغربي دُنيا تي جيڪو جادو ڪيو تنهن جو ذڪر هتي دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو. انگريز اديب "فٽنرجيرالڊ" جڏهن اوڻيهين صديءَ ۾ خيام جي رباعين کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري مغربي دُنيا اڳيان پيش ڪيو تنهن کان وٺي هڪ صديءَ اندر عمر خيام جي مغرب ۾ ايڏو ڏاڪو مچي ويو. جو خود سندس وطن ايران ۾ اٺ سؤ سالن اندر بہ کيس ايتري مشهوري ڪا نہ ملي. انگلينڊ ۽ آمريڪا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خيام نالي جون ڪلبون قائم ٿي ويون. رباعين جا هزارين رنگبرنگي ايڊيشن شايع ٿي ويا. هڪ ايڊيشن، جنهن تي مشهور آمريڪي مصور "ايلهوويڊر" مصوري ڪئي هئي، تنهن جو وزن اَٺ سير هوا! "رباعيات" جو ٻيو ايڊيشن، دُنيا جو ننڍڙي ۾ ننڍڙو ڪتاب آهي. ان جي ڊيگهہ هڪ پاڳي چار انچ، ۽ ويڪر تي پاڳي چوڏهن انچ آهي! اڃا هڪ ٻئي ايڊيشن جي هڪ نسخي تي هيرن جواهرن سان جڙت ٿيل هئي، تنهن جي قيمت هڪ لک رپيا هئي! بدقسمتيءَ سان اهو ڪتاب 1912ع ۾ ٽائيٽينڪ جهاز سان گڏ ٻڏي ويو. 1920ع ۾ جڏهن آمريڪا ۾ شراب تي بندش وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، تڏهن ان جي مخالفن زور شور سان عمر خيام جون شراب جي ساراهہ ۾ چيل رباعيون پڙهي دليل

Gul Hayat Institute

طور پيش ڪيون، ۽ اخبارن ۾ مضمون لکيا. خود ”ڪلئونس ڏڙو“ ۽ ”ٿيوڊور ڊريسر“ جهڙا هاڪارا اديب پڻ پنهنجي تقدير پرست فلسفي جي حمايت ۾ عمر خيام جي رباعين جا حوالا پيش ڪرڻ لڳا. خيام جي هڪ مغربي پرستار جو چوڻ آهي ته ”عمر خيام جون رباعيون ثابت ٿيون ڪن ته انساني پڪار قوميت جي بندڻ کان بالاتر آهي.“ اڄ به ڪيترن انگريزن ۽ آمريڪا جي ماڻهن جا نالا عمر خيام پويان آهن: چناچه آمريڪا جي چيف آف اسٽاف، جنرل ”عمر برئڊلي“، ۽ مشهور آمريڪي تعليمي ماهر، ”عمر خيام مور“ جا نالا انهيءَ جا زنده مثال آهن.

ارڙهين صديءَ جي اوائل ۾ ”ميٿيوارنالڊ“ ۽ ”ايٽڪنس“، ”فردوسيءَ“، جو ”شاهنامو“ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هڪ صدي پوءِ مسٽر ”نڪلسن“، عرب جي مشهور نابينا شاعر ۽ فيلسوف ’السعريءَ‘ جا شعر، ۽ ’مولانا روم‘ جي جڳ مشهور ”مثنوي“، ۽ ”ديوان شمس تبريز“ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا. ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ ليڊي ”ائن والفريڊ بلنٽ“، اسلام کان اڳ جي عرب شاعرن جي شهزادي، البيلي شاعر ”امر القيس“ جا قصيدا ترجمو ڪيا، ۽ اڳتي هلي، اوڻيهين صديءَ ۾ ”شاهه جو رسالو“ ”ٽرمپ“ صاحب جرمنيءَ مان شايع ڪيو. ڊاڪٽر ”سورلي“ ”شاهه“ جي ڪمال کي دل کولي داد ڏنو آهي، ۽ سندس پيٽ مغرب جي عظيم شاعرن سان ڪئي اٿس.

”ديوان حافظ“ عمر خيام جي رباعين کان به صديون اڳ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيو. اهو ترجمو انگريز مشرق دانن جي ابي، ”سروليم جونس“ ڪيو. يورپي نقادن جو چوڻ آهي ته ”حافظ“ شيرازيءَ مغربي اديبن تي زبردست اثر وڌو. ”لارڊبائزن“، ”ٿامس مور“ ۽ ٻين رومانوي شاعرن تي حافظ جو اثر هڪ تسليم شده حقيقت آهي. ”گوئٽي“ ”ديوان حافظ“ جي نموني تي، مغربي مشرقي ديوان لکيو. بلبل شيراز جا منڙا نغما يورپ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويا. ڪيترن يورپي شاعرن پنهنجو تخلص ”حافظ“ رکيو سندس يورپ ۾ مقبوليت جو هڪ دلچسپ مثال هي آهي ته ”سر آرٿر ڪانن ڊائل“ پنهنجي جاسوسي ناولن جي مشهور ڪردار ”شرلاڪ هومز“ واتان حافظ جي شعرن کي سند طور پيش ڪرايو آهي. انگريز نقاد ”جان پين“، حافظ کي دُنِيا جي ٽن عظيم ترين شاعرن ۾ شمار ڪيو آهي. يعني شيڪسپيئر، ٻيو حافظ، فارسي شاعرن جي هن شهزادي جي شهپارن کي هر پنجين ـ ڏهين سال ڪو نه ڪو نئون يورپي پرستار ترجمو ڪندو رهندو آهي، تان جو ساڳيو غزل سوين شائق ترجمو ڪري ۽ ڇپائي چڪا آهن.

ايشيا جي ٻين عظيم ٻولين ـ جهڙوڪ سنسڪرت، هندي، چيني ۽ جپاني جي ادبي خزانن کي به يورپ وارن هرگز نظر انداز نه ڪيو آهي، انهن ٻولين جو سڀ کان قابل ذڪر شاهڪار هندستان جي ”ڪاليداس“ جو ناٽڪ ”شڪنتلا“ آهي،

Gul Hayat Institute

جو هن اچ کان اٽڪل ڏيڍ هزار سال اڳ لکيو. ڪن مغربي نقادن کي شڪايت آهي ته ”ڪاليداس“ وٽ ”بلند سنجيدگي“ ڪانهي، ۽ ٻين هندستاني ناٽڪ نويسن وانگر هو به انساني دل جي اونداهن تهن کي ڦولهڻ جي ڪا ڪوشش نٿو ڪري، ڇاڪ هماليه جبل جي چوٽيءَ تي ويهي تمام پري کان انساني ڪمن ڪارين جو نظارو مزي سان ويٺو ڏسي. هو قديم يوناني ناٽڪ نويس ۽ راڻي ايلزبيٿ پهرينءَ جي زماني جي انگريز ناٽڪ نويسن (جهڙوڪ شيڪسپيئر) جي رتبي کي رسي نه سگهيو آهي، جن انساني زندگيءَ ۾ ٿيندڙ ڪشمڪش سبب هٽي ان جي فطرت، عادت، اخلاق ۽ ڪردار جا ڀيد کوليا آهن. پر، انهيءَ هوندي به، مغرب جي نظر ۾ رُڳو هندستاني پر سموري ايشيائي ادب جو اوچي ۾ اوچو پرواز ”شڪنتلا“ ليکيو وڃي ٿو. ارڙهين صديءَ ۾ ”سر وليم جونس“ ان جو سنسڪرت مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ يورپي پڙهندڙن سان ان تعارف ڪرايو. تڏهن کان انهيءَ ناٽڪ بي انداز مغربي پڙهندڙن ۽ ناٽڪ ڏسندڙن کي مزو پئي ڏنو آهي. مشهور معروف جرمن ناٽڪ نويس ”گوئٽي“، ”ڪاليداس“ جون ڪيتريون طرزون اختيار ڪيون آهن. مثلاً ناٽڪ جي شروع واري اعلان جو ڍنگ. ”جان يوحنا“ اُهو نسل، ثقافت ۽ زبان جا ويڇا ميساري، پڙهندڙن جي دل ۾ هڪدم گهر ڪيو وڃي. اها خوبي ٻين ترجمي ٿيل ادبپارن ۾ ورلي نظر ايندي.

ٻارهين صديءَ جي شيرين بيان هندي شاعر ”جئي دَيو“ جي شاعريءَ ۾ مغرب ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. سندس نظم ”گيتاگووند“، جنهن ۾ هن ڪرشن ڀڳوان جي گوپين سان رنگ رلين مانئڻ ۽ ”راڌا“ سان عشق ڪرڻ جو رنگين داستان بيان ڪيو آهي، تنهن کي سنسڪرت جي انگريز عالم مسٽر ”ڪيٿ“ هڪ اهڙو شاهڪار سڏيو آهي، جو پرپور تاثر جو نقط نگاهه کان سمورن هندستاني نظمن کان بلند آهي. هن کيس يوناني شاعرن ”ايسڪلس“، ”سافوڪلس“ ۽ ”يوريپڊس“ سان ڀيٽيو آهي. ”سرايڊون آرنالڊ“ ان کي ”هندستاني نغمن جو سرتاج“ ڪري سڏيو آهي. بظاهر ته هيءُ هڪ مذهبي نظم آهي، پر منجهس وصال ۽ فراق جي جذبات ۽ جنسي لذتيت جي جهڙي مڪمل ۽ رنگين تصوير چٽي وئي آهي، تنهن جو مثال خود ”امر القيس“ جهڙي بيباڪ شاعر وٽ به نه ملندو. هن صديءَ ۾ ”جارج ڪيٿ“ جيڪو ان جو ترجمو ڪيو آهي، سو عمر خيام جي ترجمان، ”فٽنرجيرالڊ“ جي ترجمي سان ڪلهو هٽي ٿو.

چيني ٻوليءَ جي قديم قصن جهڙوڪ ”سوئي ننگ جو قانوني قتل“، ۽ ان جي خوش نوا شاعرن جهڙوڪ ”وئنگ وي“، ”لي پو“، ”ٿوفو“ جي شعرن مغرب ۾ ڪافي دلچسپي پيدا ڪئي. ”رابرٽ پين“ ۽ ٻين يورپي عالمن ڪين ترجمو ڪري مشهور ڪيو. ساڳيءَ طرح جپان جي هر دلعزيز ناٽڪ (جهڙوڪ ”اتسوموري“) ۽ انهن جي

Gul Hayat Institute

باڪمال شاعر ”تابيتو“، بيگم ”ساڪالوئي“، ”ياڪاموچي“، ”اڪي مني“، بيگم ”ايگوچي“ ۽ ”باشو“ جا رباعين جهڙا ننڍڙا ننڍڙا مگر بيحد دلچسپ ۽ بامعنيٰ شعر پڻ يورپ ۾ ترجمو ٿي شايع ٿي چڪا آهن. يورپي نقادن دل کولي انهن تي بحث ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ سمورن ايشيائي مذهبن جهڙوڪ اسلام، ٻڌمت، هندو ڌرم، شنتو ازم، ڪنفيوشس جو مذهب، تائو مذهب جا مذهبي ڪتاب زبردست محنت سان ترجمو ڪري، شاندار نموني شايع ڪرايا ويا آهن.

منهنجي خيال ۾ يورپي اديبن ۽ عالمن جي انهيءَ حيرت انگيز فراخدليءَ بيپناهه ڳولا ۽ اڻٿڪ محنت مان خاص ڪري اسان جا اهي نوجوان سبق پرائي سگهن ٿا، جيڪي انگريزي ۽ ٻيون ٻوليون ڄاڻڻ جي باوجود پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ ۽ پنهنجن هم وطنن جي خدمت لاءِ ڪجهه به نٿا ڪن. ڇا، سندن اهو فرض نه آهي ته هُو به دُنيا جي سڌريل ٻولين جا شاهڪار سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ان کي مالا مال ڪن؟

Gul Hayat Institute

## ”تحريڪ“ جو مهاڳ

ڪي اخبارن ۽ رسالن وارا ڪهڙا موقعي پرست ٿيندا آهن. تنهن بابت هڪڙو تاريخي مثال تمام مشهور آهي. چون ٿا تہ جڏهن نيپولين بونا پارٽ دشمن جي قيد مان جند ڇڏائي ڀڄي نڪتو ۽ پئرس ڏانهن روانو ٿيو تڏهن پئرس جي هڪڙي اخبار جيڪا اڳي سندس تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪريو ويٺي هوندي هئي، تنهن اها خبر ڪجھہ هن نموني ڏني:

”سوئر زنجيرون ڇِنائي نڪتو!“

ٻئي ڏينهن بہ جڏهن نيپولين ڪونہ پڪڙيو ۽ هو پئرس ڏانهن وڌندو آيو، تڏهن هيڊنگ ڏنائين، ”بونا پارٽ فرار.“ نيپولين جي واڌ قائم رهي ۽ اخبار پنهنجون روزانيون هيڊنگون ڪجھہ هن نموني بدلائيندي ويئي، ”نيپولين بونا پارٽ جي پئرس ڏانهن روانگي“ - ”جنرل نيپولين پئرس پهچي ويو.“ تان جو جڏهن هو شهر ڪي ٻنهہ ويجهو اچي پيو تڏهن لکيائين:

”شهنشاهہ اعظم نيپولين بونا پارٽ جي پئرس ۾ شاندار تشريف آوري!“

اسان جي ملڪ ۾ ڪن اخبارن ۽ رسالن جي مالڪن انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ بي حيائيءَ سان قلابازيون ٻئي ڪاڍيون آهن. گذريل ٽيهن سالن ۾ هنن جنهن جنهن تيزيءَ سان آقا بدلايا آهن، اوتري تيزيءَ ۽ ڦُڙتيءَ سان شايد هيرامنديءَ جون دوشيزائون بہ مشڪل سان پنهنجا سرپرست بدلائي سگهنديون هجن. اهڙن ماڻهن پنهنجن قلمن توڙي بين زرخريد قلمن ڪان بُريءَ طرح پيشو ٻئي ڪرايو آهي. ڪيڏو نہ چڱو ٿئي ها جيڪڏهن ملڪ جي اهڙين سمورين ”آزاد“ اخبارن ۽ ”بيباڪ“ رسالن جي پيو نہ تہ بہ ايڊيٽوريلن جا ٽيهہ سالہ مجموعا شايع ٿيل هجن ها. پوءِ خبر پوي ها تہ انهن هڪڙي ڏينهن ڪنهن جي ڪهڙن لفظن ۾ حمد ۽ ثنا ڪئي آهي ۽ ٻئي ڏينهن اُن جي ڪهڙن اکرن ۾ مِٽي پليت ڪئي آهي. اهم قومي معاملن بابت سندن هڪ وقت ڪهڙو موقف ٻئي رهيو آهي ۽ ٻئي وقت ٻئي آقا

Gul Hayat Institute

جي درباري ٽيڻ کان پوءِ سندن موقف ڪيئن بدلجي بنهه اور ٿي پيو آهي. اها به خبر پئي ها ته وقت گذرڻ ڪانپوءِ سندن مختلف موقف تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڪيتريءَ حد تائين صحيح يا غلط ثابت ٿيا آهن. ۽ هي جو هو دعوائون پيا ڪن ته ”اسان کي قومي معاملن بابت ٿئي ٿيندي جي سڀ خبر آهي – اسان وٽ هر ملڪي مرض جو يڪ ٽڪ علاج آهي“ سي دعوائون ڪيتري قدر پروسي جوڳيون آهن.

مثال طور جيڪڏهن اخبارون ۽ رسالا سالن جا سال وڏي مخرج سان ون يونٽ جا روحاني راز سمجهائڻ فرمائيندا هئا، جيڪي ايوب، يحيٰ ۽ ڀُٽي صاحب جي مارشل لائن مان قوم کي جيڪي فيض مليا، تن جا ڳڻ ڳائيندا هئا، جن بنگال ۽ بلوچستان ۾ ڪيل قتلامن جا ديني ثواب ۽ دُنياوي فائدا کولي بيان ڪرڻ پئي فرمايا، جيڪي ڀُٽي صحب بابت ارشاد فرمائيندا هئا ته هڦڙو نڪو ٿيو نڪو ٿيندو، تن کي جيڪر سندن اهي موتين جهڙيون لکڻيون پڙهي ٻُڌائجن ۽ ڪائن پڇجي ته قبلا هاڻ به اهي ساڳيا خيال آهن يا ڪي ٻيا؟ جي ٻيا ته ان جي سببن جي ڪجهه تشريح ٿي وڃي ته ڏاڍو چڱو.

ساڳئي وقت اهو به معلوم ڪري سگهجي ها ته ڪلهه سندن نظر ۾ پٽو ڪيئن قوم جو نجات ڏياريندڙ ۽ ولي خان ۽ ٻيا غدار هئا ۽ اڄ اوچتو وري پٽو غدار ۽ ولي خان ۽ ٻيا قوم جا نجات ڏياريندڙ ٿي پيا آهن.

ساڳيءَ طرح جيڪڏهن گذريل ٽيهن سالن ۾ پاڪستان جي ۽ خاص ڪري سنڌ جي وڏيرن ۽ سرمائيدار سياستدانن جيڪي سياسي بيان ڏنا آهن، تن جو ڪو مجموعو ڇپجي سگهي ها ته به جيڪر ڏاڍو سُنو ٿئي ها. سنڌ ۾ ته ڪڏهن ايئن به ٿيو آهي ته ساڳئي ڏينهن تي ٻن مخالف وڏيرن سياستباز اڳواڻن جي حمايتين جا بيان ساڳين اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن ۽ ڏٺو ويو آهي ته ڪن وڏيرن ساڳئي ڏينهن ۽ ساڳي اخبار ۾ هڪڙي بيان ۾ هڪڙي وڏيري سياستباز اڳواڻ جي حمايت ۽ سندس مخالفت سياستباز جي مخالفت ڪئي آهي، ته وري ان بيان جي پرسان ڇپيل ٻئي بيان ۾ سندس مخالف وڏيري سياستباز اڳواڻ جي حمايت ۽ پهرئين سياستباز اڳواڻ جي مذمت ڪئي آهي.

هي ”تحريڪ“ رسالي جي ايڊيٽوريلن جو مجموعو آهي. ان کي پڙهڻ سان خبر پوندي ته سنڌ جي انقلابي وطن دوست ماڻهن جي نقط نظر کان مختلف بين الاقوامي، ملڪي ۽ وطني مسئلا ڪهڙي روپ ۾ نظر اچن ٿا، ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي راهه ڪهڙي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ٻين نندين قومن وانگر سنڌين جي حالت به هر ڳالهه ۾ جڻ پوڇڙ وارن آبادگارن واري آهي. ملڪ ۾ پلي ڪٽي ڪهڙيون به چڱيون ڳالهيون چو نه پيدا ٿين

Gul Hayat Institute

پر اسان کي انهن مان ڪو فائدو حاصل ٿئي، تنهن جي ڪابہ خاطري ڪانهي. ”ڏکيءَ توءِ ڏڪار توڙي وسن مينهڙا.“ چو تہ واٽ تي اهڙيون بلائون گهٽ جهليو ويٺيون آهن، جو انهن وٽان ڪا اسان جي چڱائيءَ جي ڳالهہ صحيح سلامت بچي اچي اسان تائين پهچي، سا ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. ان ڪري اسان کي هر معاملي جي عام پاسي کي بہ ڏسڻو ٿو پوي تہ ساڳئي وقت اسان جي خاص حالتن ۾ ان جو اثر اسان جي سنڌي عوام تي ڪهڙو ٿو وجي پوي، اهو پاسو بہ جاچڻو ٿو پوي.

مثال طور: ملڪ ۾ ڪارخانا جام ٿي پون، جمهوريت لاءِ جدوجهد زور وٺي وڃي يا ٻوڏ جي ستايلن لاءِ گهڻي امداد منظور ٿي وڃي، اهي سڀ ڀليون ڳالهيون، پر انهن مان سنڌي ماڻهن کي ڪو فائدو پهچي ٿو يا نہ، تنهن جي پڪ هرگز ڪانهي. گهڻو امڪان اهو آهي تہ اهي سڀ فائدا جيڪي ظاهري طور ڇڻ سڀني لاءِ آهن، سي درحقيقت مٿان ئي مٿان اندريان ۽ ٻاهريان سنڌ دشمن اُڏائي وڃن ۽ سنڌي ماڻهن کي رڳو ڪاريءَ وارا ڪک هٿ لڳن. اهو بہ امڪان آهي تہ جيڪا ڳالهہ عام طرح فائديمند آهي سا اسان لاءِ مورڳو نقصانڪار بڻائي وڃي، ان ڪري اسان ماڻهن کي هر ڳالهہ کي خاص پنهنجي نفعي نقصان جي عينڪ سان ڏسڻو ۽ پرکڻو ٿو پوي.

هر سچي انقلابيءَ جو فرض آهي تہ هو سچو وطن دوست بڻجي ۽ پنهنجي وطن جي اندرين توڙي ٻاهرين ويرين جو سِر ڏڙ جو مقابلو ڪرڻ ۾ پنهنجي مظلوم قوم جو سِر سوڌو ساٿ ڏي، پر هن دُنيا ۾ فقط ڪا هڪڙي قوم ڪانہ ٿي رهي. سوين هزارين ٻيون قومون بہ رهن ٿيون. اڄ دُنيا جا ماڻهُو ٿلهي ليکي ٻن ڌرين ۾ ورهايل آهن، جي هڪٻئي جون جاني دشمن ۽ سدائين پاڻ ۾ ويڙهہ پيون ڪن — هڪڙا انقلاب، آزادي، عوامي جمهوريت ۽ سوشلزم جا علمبردار آهن، ٻيا رجعت پرستيءَ، غلاميءَ، ڊڪٽيٽرشپ ۽ سامراج جا. جيڪي بہ ماڻهُو طبقا ۽ قومون پنهنجي قسمت بدلائڻ چاهيندا، تن کي وِک وِک تي رجعت پرستي، غلامي، ڊڪٽيٽرشپ ۽ سامراج جي عالمي ڪئمپ جا مڪاني ۽ ٻاهريان ڪٽڪ ڦِري انيدا. انهن ڪٽڪن کي اڪيلي سر منهن ڏيڻ ڪنهن جي بہ وس جي ڳالهہ ڪانهي. ننڍو ٻار بہ پنهنجي مخالف سان وڙهڻ لاءِ ٻَڏيون ڪرڻ، دوست ٺاهڻ سِکي وٺي ٿو. قومن کي بہ ايئن ڪرڻو پوي ٿو ۽ ٻين قومن مان ياريون دوستيون رکڻيون پون ٿيون. پنهنجي قوم جا دشمن گهٽائڻ ۽ دوست وڌائڻ هر سچي وطن دوست جو بنيادي فرض ٿي پوي ٿو. اڄوڪي دؤر ۾ سڄيءَ دُنِيا جي قومن جي وچ ۾ دوستي وڌائڻ کان سواءِ سڄيءَ دُنِيا جي ظالم قوتن کي منهن ڏيڻ ناممڪن آهي.

”تحريڪ“ سچي وطن دوست ۽ سنڌ دوست آهي. ان ڪري اها سنڌ جا دشمن گهٽائڻ ۽ دوست وڌائڻ پنهنجو فرض ليکي ٿي، اها قومن جي وچ ۾ دوستي وڌائڻ جي طلبگار آهي.

وطن دوستيءَ ۽ قومن جي دوستيءَ جا فرض نڀائڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانهي. ڇو ته هڪڙين قومن جا ڪي ماڻهُو دوستيءَ جي آڙ ۾ ٻين قومن جا ٽپڙ ڪائين ٿا ۽ قومن جي دوستيءَ ۾ زهر وجهن ٿا. ٻين قومن سان دوستي به رکڻي آهي ۽ پنهنجن بدمعاشن سان گڏ ڌارين بدمعاشن کي به تڙڻو آهي. اهڙو منو ٽيڻو ناهي جو ماڻهُو ڳيهي وڃن. ’ڳلن ڪونئرن ڳل پٽائي‘ وارو ڪم ڪرڻو ناهي. نڪو اهڙو ڪڙو ٽيڻو آهي جو پنهنجي قوم کي اڪيلو ڪانگ ڪري تڙو ڪري بر ۾ ويهاري ڇڏجي. جتي دشمن پلي اچي رهيل ٽپڙ به ڦُري ڪڻي وڃينس. مطلب ته ٻئي گدرا مُٺ ۾ ڪرڻا آهن. رڳو قومن جي دوستيءَ پاسي نهاربو ۽ گهر جا ٽپڙ نه سنڀالبا ته به پينگ ٿي ويندي ۽ جي اهڙي لٽ ڪٽي جو ڦورو ۽ ظالم ٽولا ته اڳيئي دشمن، اٽلو ٻئي سڄي جهان کي به دشمن بڻائي وجهو ته به گهر ڪونه هلندو. ڳالهه اهڙي ڪرڻي آهي جنهن مان لال به لڀي ۽ پريت به رهجي اچي. پنهنجو به خير ٿئي ۽ سڄي جڳ جهان جو به خير ٿئي.

تنهن ڪان سواءِ پريس قانونن جي پُل صراط تان به لنگهڻو آهي.

”تحريڪ“ پنهنجي سمجهه ۽ عقل آهر انهن ڏکين ۽ پيچيدن فرضن کي نڀائڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي آهي. انهن ڪوشش جو مطالعو ڪرڻ سان محبِ وطن سنڌين جي سمجهه ۾ واڌارو ايندو.

Gul Hayat Institute

# وڳ کہ وسرياءِ

**محترم رسول بخش پليجي صاحب جو سندس پٽ اياز لطيف پليجي کي جيل مان لکيل خط پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو**

ڪنين ڪامڻ ڪياءِ؟ ڪيئن ينيولئين ڪرها؟
اکين مٿي اکيا، پڙ ۾ پير گناءُ!
وڳ کہ وسرياءِ، پدو جيئن گهاٽي وهين؟

منهنجا پيارا پٽ،

ڪيترن مهينن کان سنبرندي سنبرندي نيٺ اڄ توکي هي خط پيو لکان. خط پٽ ۾ اڄ وچ جي تڪليف کي خيال ۾ رکندي مون هي خط ائين لکيو آهي جو جيڪڏهن ٻيو خط موڪلڻ جو موقعو بہ ملي تہ جيڪا ڳالهہ چوٽي اٿم تنهن جا مکيہ نقطا هن ۾ اچي وڃن. هن ۾ مون ”بهترين جي اميد رکو ۽ بدترين لاءِ تيار ٿيو“ جي اصول هيٺ بهترين جي اميد رکندي بدترين کي فرض ڪري ورتو آهي.

ان ڪري بلڪل ٿي سگهي ٿو تہ توکي ائين لڳي تہ هي خط گهٽي ياڳي غلط، هڪ طرفن وڌاءَ وارن اطلاعن ۽ انهيءَ جي رد عمل جي بنياد تي لکيل آهي ۽ ان ۾ توسان يا ڪن ٻين سان بي انصافي ٿيل آهي، ان حالت ۾ تنهنجي باشعور ضمير کي اختيار آهي تہ پوري تپاس، ويچار ۽ تڪ تور کان پوءِ جيڪي ڳالهيون توکي پوري ايمانداريءَ سان وڌاءُ، هڪ طرفائي يا سراسر غلط ۽ بي انصافيءَ واريون معلوم ٿين تن کي ذهني طرح ائين لِيڪ ڏيئي ڇڏڻ جڻ اهي لکيون ئي ڪو نہ ويو هيون، انهن بابت توکي يا ڪنهن بہ ٻئي کي ڪجهہ بہ دل ۾ نہ ڪرڻ گهرجي.

گذريل ٻن سالن ۾ آءُ عزيزن، قريبن ۽ يارن دوستن سان گڏ تنهنجي باري ۾ بہ مختلف ماڻهن کان حال احوال وٺندو رهيو آهيان. سڀني وٽان مون کي هميشہ

Gul Hayat Institute

ساڳي ڳالهه معلوم ٿيندي رهي آهي. هر ڪو چوي ٿو تہ تون پڙهائيءَ تي ڪجهہ ڌيان ڏين ٿو باقي ٻيو سمورو وقت اثين فضول وڃائيندو رهين ٿو. ڪو عزيز قريب يا پاڙي اوڙي جو غريب غربو يا سنگتي ساٿي ڏک سک ۾ توکي ٻہ پير پرڻ لاءِ چوي ٿو تہ تون پڙهائي يا گهر جي ڪم جي نالي ۾ نپ جواب ڏيو ڇڏين. اخبارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي تہ فلاڻي سياستدان عملي سياست تان رٽائر ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. اثين ٿو لڳي تہ تون بہ 14 – 15 سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿيو وينو آهين.

ٻن سالن جي انهن اطلاعن مان تو بابت ذهن ۾ مجموعي طور هڪڙي اهڙي ذهين ۽ باصلاحيت خوشحال ۽ لاپرواهہ انفراديت پسند ۽ خود پرست، سابق روشن خيال ۽ ترقي پسند نوجوان جي تصوير اُڀري ٿي. جيڪو هاڻ فقط پنهنجي ذات ۾ اعليٰ احساسن ۽ جذبن جي ڪا بہ ڇٽنگ ۽ بلند آدرشن جي روشنيءَ جو ڪو بہ ترورو سلامت نظر نٿو اچي ۽ جيڪو في الحال وقتي طور ئي سهي ذهني ۽ روحاني طرح ختم ٿي چڪو آهي.

”نڪو ليڪو ئي ٿيو، نڪو تتو ڏينهن،
تهان اڳي نينهن، چنو آتڻ واريئين!“

جيڪڏهن واقعي اثين آهي تہ اهو هڪڙو نهايت دردناڪ الميو ٿيندو، نہ فقط تو ۽ مون لاءِ، پنهنجي خاندان ۽ سنگت ساٿ لاءِ، پر پنهنجي ڏيهہ جي ڏوٿين ۽ جهانگين لاءِ پڻ.

هڪڙو اهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي گهر جهڙي گهر ۾ خاص توجهہ ۽ ڪوشش سان اعليٰ ترين آدرشن جي روشني ۾ پلجي وڏو ٿيو هجي، جنهن جي ڪنن تي علم جا پهريان پڙلاءَ ”مان“ ناول جي آب حيات جهڙن لفظن جا پيا هجن، جيڪو سڄي عمر حق جي حمايت جي جدوجهد جي ماحول جي وچ ۾ ۽ ان ۾ حصيدار رهيو هجي جنهن ۾ جائي ڄم ڪان ههڙا گڻ ۽ لياقتون هجن ۽ جنهن اڳتي وڌي ههڙيون صلاحيتون ۽ جوهر ڏيکاريا هجن، سو اوسر ۽ جوانيءَ جي مند ۾ جيڪا انساني دلين ۾ عام طرح حق ۽ سچ جي تمنا ۽ تڙپ، تلاش ۽ جاکوڙ، ان جي حاصلات لاءِ سورهيائي ۽ قربانيءَ جهڙن جذبن ۽ آدرشن جي مکڙي ڦٽڻ ۽ ٽڙي گل ٿيڻ جي موسم هوندي آهي، هيئن اکين اڳيان ڏسندي ڏسندي اوچتو ترين ٻر ويهي رهي، سا ڳالهہ ڪا رواجي شيءَ نٿي ليکي سگهجي.

اها ڳالهہ پنهنجي جدوجهد ڪرڻ جي همت ۽ حوصلي جي فولادي قلعي جي ڪنگرن تي فخر ۽ دليريءَ سان جهولندڙ اهڙين شاندار ننيڙين جهنڊين مان هڪڙي شاندار ننيڙيءَ جهنڊيءَ جي ڪري پوڻ جي ڳالهہ آهي. جيڪي شاندار جهنڊيون پنهنجي ڏيهہ جي ماڻهن جي پنهنجي زندگي ۽ دُنيا کي بهتر بنائڻ جي اٽل ارادي ۽

پختي ثابت قدميءَ جون خوبصورت نشانيون پنهنجي واڌاري ۽ ڪاميابيءَ جون مضبوط ضمانتون ۽ پنهنجي روشن سڀان جون من موهيندڙ خوشخبريون آهن.

مون کي تنهنجي ذهن ۽ روحاني ترقيءَ بابت هميشه فڪر رهندو پئي آيو آهي، ڇو ته مون کي تنهنجي راهه ۾ ڪيترين سازگار ڳالهين سان گڏ ڪيترين سنگين رڪاوٽون به نظر ايندڙيون آهن. ان ڪري مون بار بار توکي هوشيار، خبردار ۽ مڙس ماڻهو ٿيڻ لاءِ تاڪيد پئي ڪيو آهي.

پهرين ڳالهه اها ته تو اڃا تنهنجي پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي عمر سارو جهڙو ڇئجي تهڙو ڏک ڪو نه ڏٺو آهي.

تاريخ جي هن ڏاڪي تائين، ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي دُنِيا، ڏکن جي دُنِيا آهي. ان ڪري دُنِيا ۾ سڀ کان وڏو انساني رشتو سک جو نه، ڏک جو آهي. اڄ تائين ڏک ئي انساني سماجي زندگيءَ بابت ڄاڻ ۽ سمجهه جو وڏي ۾ وڏو وسيلو بنيو آهي، جنهن سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ڏک نه ڏٺو آهي، تنهن کي ڏکويل ماڻهن جي هن دُنِيا جي کهڙي خبر پئجي سگهندي. روشن خيالي، ترقي پسندي ۽ انقلابيت معنيٰ ماڻهن جي اڪثريت لاءِ ڏکن جي دُنِيا بدلائي سکن جي دُنِيا بنائڻ. جن ڏکن جي دُنِيا جو عذاب ئي برداشت نه ڪيو هوندو، سو ان کي بدلائڻ جي کهڙي ضرورت محسوس ڪري سگهندو ۽ ان تبديليءَ جو کهڙو قدر ڄاڻندو؟ اهڙو ماڻهُو پلا روشن خيال، ترقي پسند ۽ انقلابي ڇا جي لاءِ ٿيندو؟ ۽ جي ڪنهن سبب ۽ ڪنهن وقت وقتي طرح ٿي به پوي ته به هميشه لاءِ ڇو ٿئي؟ ڪو به فائدو نه ڏسي ۽ ڏٺو وائٺو نقصان سمجهي به ڇو سدائين ترقي پسند ۽ انقلابي رهي؟

مطلب اهو ناهي ته جنهن گهٽي ۾ گهڻا ڏک ڏٺا سو پاڻمرادو وڏي ۾ وڏو انقلابي ٿيندو يا جنهن ذري جيترو به سک ڏٺو سو روشن خيال ۽ انقلابي ٿيندو ئي ڪو نه. حد کان وڌيڪ ڏک تيز باهه وانگر آهي. جيڪي سامهون ايندس تنهن کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندو. ان ڪري ٻي هر ڳالهه وانگر، ڏک به فقط هڪ حد تائين فائديمند آهن ۽ سو به تڏهن، جڏهن سندس ڪوڙاڻ پچڻ لاءِ ساڻس کي گهٽيون نه ته ٿورڙيون سنهيون ٿلهيون خوشيون به شامل هجن، يعني ڪجهه ڏک ته ڪجهه سک. خوشيءَ جي ملاوٽ کان بلڪل خالي بنهه حد کان وڌيڪ ڏک نقصانڪار ٿيندو. حد ڪيتري هجي؟ اهو هر ماڻهُوءَ جي جسماني، ذهني، روحاني قوت ۽ سهپ تي مدار رکي ٿو.

۽ خوشيءَ جي معنيٰ ڇا ؟ ٻين لکين قسمن جي خوشين کان سواءِ، پيارن پيارن ماڻهن سان روبرو يا ڪتابن ۾ ملاقات به خوشي آهي. ماڻهن جي سچي ۽ باشعور عزت به خوشي آهي. ضمير جو اطمينان به خوشي آهي. بري کي سيکت ملڻ جو تصور به خوشي آهي. سڀان جي ڪاميابي جي پڪ به خوشي آهي. ۽ ڏک؟ اهو به ماڻهُوءَ ماڻهُوءَ تي ۽ ماحول تي مدار رکي ٿو. ٻين هزارين لکين ڳالهين کان سواءِ



Gul Hayat Institute

ڪنهن ناول ۾ ڏکويل مظلوم ماڻهوءَ جي ڳالهه پڙهڻ بہ ڏک آهي. هزارين سال اڳ جي ڏکويلن جي ڳالهه ٻڌڻ بہ ڏک آهي. سمورين انسانذات جي سمورين پيڙائن جو تصور بہ ڏک آهي ۽ انهن سيني ڏکن جو هڪدم ڪو نہ ڪو تدارڪ نہ ڪري سگهڻ سيني کان وڏو ڏک آهي.

ماڻهوءَ جي ڏکن ۽ خوشين ۾، خاص ڪري ڏکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار هجڻ کان سواءِ هن دور تائين جو انسان، انسان دوستيءَ جو گس لهي سگهي ئي نٿو. سوين سال اڳ لطيف انساني زندگي ۾ ڏک جي احساس ۽ شعور جي ۽ ٻين جي سورن ۾ شريڪ ٿيڻ جي اهميت جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرين جو
پسو پرائن سورن آڏو سسئي،
ساجن مليس سور، سک نہ ميڙيس سپرين.

*

سکن مون سين ڪين ڪيو سورن لڌيم سارون،
سو سکن ڏيئي، ورهه وهايم هڪڙو،
ٻڌي گوڏ گرت، ساتوڪ جي سور جو.

ظاهر آهي تہ هي شعر شاعراڻي وڏائي کان خالي ناهن. پر انهن ۾ اها بنيادي عظيم عالمي تاريخي سچائي سمايل آهي، تہ انسانيت جي زبردست اڪثريت جو ساٿ ڏکن جو ساٿ آهي، جيڪو ماڻهو انسانيت جي زبردست اڪثريت جو ساٿ ڏکن کان بہ وڌيڪ نوان ڏک سودي ٿو. اهو دُنيا جو وڏي ۾ وڏو سودي جو ڪاروبار آهي. گوتم ۽ عيسيٰ ۽ انهن کان گهڻو اڳ کان وٺي اڄ تائين ڪيترائي ماڻهو اهو ئي ڪاروبار ڪندا، جڳ جر ڪائيندا ۽ جڳ جڳ جيئندا رهيا آهن.

سڀي جهان جي انهن ڏکن جي زهر کي چکائي هو ان مان اعليٰ انسان دوست سرت ۽ سمجهہ جون روشنيون، تعليمي عمل جون ماکيون مصريون خوشي جون خوراڪون ۽ عزت ۽ شان جون سرهائيون بنائيندا رهيا آهن.

قاتل ڪمائي ڪري، وه ماکي جي ڪن،
وٺان ويهي تن، پيچ ڪي پيالين.

سکن عيوض سور سورڻ وارا اهي سوداگرئي هن ڌرتي جي سوين صدين جو بهترين فصل آهن. اهي سرواڻ انهيءَ وکر جا سونهارا ساٿ ڀري، ٻرن، ٿرن، جبلن ۽ جهنگلن ۾ روشنيون ۽ سرهاڻيون پکيڙين ٿا ۽ ٻرن ڀنيورن کي اجاري، لوڪ جي دلين تان هور ۽ خوف لاهي، ڏکين کي ڏک وهارين ٿا.

Gul Hayat Institute

بـــر مڙيـــوئي بـــوءِ، ڇپـــو ڇـــاتيون مکيـــون،
کيـــائين ســـرهين، واســـاٽين وٽکـــار،
اڇـــي آريءَ ڄـــام جـــو وڻ وڻ منجهـــان واس،
بـــروهـــو پنيـــور، آريـــاٽيءَ اڄـــاريو.

حد اندر ڏکن سان گڏ حد اندر کي نہ کي سنها ٿلها، وڏا ننڍا سک ۽ سهوليتون بہ ماڻهوءَ جي شخصيت ۾ انقلابي واڌاري لاءِ فائديمند آهن پر جيئن تہ اڄ تائين جي انسان جي زندگيءَ ۾ ڏک گهڻا سک ٿورا، ڏک بُنيادي ۽ سک ثانوي آهي. انڪري زندگيءَ جي صحيح سرت ۽ سمجهہ عام طرح فقط ان کي پوندي جنهن وٽ ڏکن ۾ سکن جو صحيح توازن هوندو يعني جنهن وٽ ڏک جو احساس ۽ شعور وڏيڪ ۽ عام سک جي حاصلات ان جي ڀيٽ ۾ ٿوري هوندي. جنهن وٽ ڏک ٿورا ۽ سک گهڻا هوندا، ان جي زندگي بابت ڪرت ۽ سمجهہ ۽ ان ڏانهن رويو عام طرح صحيح نہ ٿي سگهندو.

تنهنجي اڃا عمر ننڍي آهي. پر تو ان عمر سارو بہ ڏک ڪو نہ ڏٺا آهن. (گورڪيءَ جي ٻالپڻ ڪيئن ٿو ڀانئين) تو پنهنجي عمر سارو پنهنجي عمر جي ٻين ڪيترن ٻارن وانگر بکون، ڏک، ڏکا، ڏومان، رولڙا، تنگيون، مجبوريون، بي وسيون، محروميون، ذلتون، خواريون، وير ۽ دشمنيون ڪو نہ ڏٺيون آهن. تو تان اوڇتيون ڇپون ڪو نہ ڪريون آهن. تون اڃا پراون ڪلهن تان لهي پنهنجي پيرن تي بيهڻ تي مجبور ڪو نہ ٿيو آهين. تون هن پرئي جهان ۾ ڪڏهن بہ اڪيلو ۽ بي يارو مددگار ڪو نہ ٿيو آهين ۽ تو تان ڪڏهن بہ ”آءُ اڪيلو سامهون سٺ“ وارو وقت نہ آيو آهي تون جسماني يا ذهني يا روحاني طرح ڪڏهن بہ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا ڪو نہ ٿيو آهين. تو مري جيءَ ڪو نہ ڏٺو آهي. ائين ڪڏهن بہ ڪو نہ ٿيو آهي، جو تون هڪڙو ڀيرو جسماني يا ذهني يا روحاني طرح جڻ مارجي چڪو هجين ۽ پوءِ وري تو ۾ جڻ چُٽي چُٽي سس ساهہ پيو هجي، نہ وري تون اهڙي ماحول ۾ رهيو آهين جتي تنهنجي آسپاس ۽ زندگيءَ جون قاتل حقيقتون روز تنهنجي جسم، ذهن ۽ ضمير تي متر ڪا هٽي توکي پل پل سندن وجود جو عذاب برپا ڪرڻ تي مجبور ڪنديون رهن.

ٻئي طرف توکي تنهنجي پنهنجي طبقي جي تنهنجي هم عمر ٻارن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ سک ۽ سهولتون ميسر آهن. در حقيقت تون هڪڙو تمام ننڍڙو ئي سهي، پر هڪڙو هوند وارو ماڻهُو ٿي پيو آهي. تو وٽ موٽر سائيڪل آهي. تو وٽ پنهنجو خلاصو ڪمرو آهي، ڪئين ٻيون شيون آهن. اهڙي ريت تون هن ننڍي عمر ۾ اڻ هوند وارن جي برادريءَ مان نڪري ٿورڙي گهڻي هوند وارن جي برادريءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهين. لطيف سائين چوي ٿو تہ هوند بوجو آهي. بوجي وارو ماڻهُو بنا بوجي

Gul Hayat Institute

واري ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ هلڻ ڏکيو ٿيندو. هوند وارا ڳورا آهن وڏيون منزلون ڪري نہ سگهندا, اڻ هوند وارا هلڪا يا (لطيف جي ٻوليءَ ۾) هورا آهن. ڳورن ۽ هورن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. هوند واريون, بوجي واريون, گوريون پانڌيڙيون سنبرنديون سنبرنديون ڳوٺ رهجي وينديون ۽ اڻ هوند واريون هلڪيون يا هوريون تيسين وڃن هاڙي جي هُن پار پهچنديون؟

هــورين هــاڙهو لنگهيــو ڳوريــون پاســي ڳــوٺ!
ڪيچ تنين کي ڪوٺ, 'ڪين' جنين جي ڪڇ.

*

ڪهــي جــا "ڪــين" ڪٽــي, پــرينءَ پهتــي ســا,
هونــدئا هـــوت پــري, اوڏو آ اڻ هونـــد کـــي.

*

هونــد جنــين ســين هــوءِ, هــوت نــہ هونــدو تــن ســين,
نڪـــا هـــت نـــہ هـــت ڳـــوري ســـندي ڳالهـــہ,
ڪـــين پهتـــي ســـال, حـــال پهتـــي هـــوت کـــي.

ظاهر آهي تہ هي ڳالهيون قطعي ۽ تنگ معنيٰ ۾ اڪر بہ اڪر نہ ٿيون ٿي سگهن. پر اهي بنيادي نسبتي ۽ وسيع معنيٰ ۾ بلڪل صحيح آهن.

چوندا آهن تہ ڍؤ جهلي هڪڙو واٽيو ٻيو مينهن! پاڻ جهڙن ماڻهن لاءِ موٽر سائيڪل ۽ هڪڙو مسواڙ تي ڏيڻ جهڙو ڪمرو بہ جبل جيڏا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ چاهي ڏوهہ ڪنهن جو بہ هجي پر ليلا جي هار وانگر دوستن ۾ دوريون پيدا ڪري سگهن ٿا.

ان گهوڙن هنئي گهٽيون, دوستن سان دو ڪيم! تون پورهيت عوام جي زندگيءَ ڪان گهٽو پري رهيو آهين ۽ سندن رهڻي ڪهڻي جو اثر تمام وڏي ڳالهہ آهي چوٽي آهي تہ "سڳا سي جن جا پڪا اوڏڙا" لطيف بہ چيو آهي:

گـــڏ جـــت گـــذران هـــو جـــڙ لڳـــي تـــنهن جـــاءِ.

ماڻهُو جهڙي ماحول ۾ رهي ٿو جهڙي قسم جي ماڻهن سان گڏجي گذران, اٿ ويهہ, واقفيت ۽ دوستي ڪري ٿو انهن جا خيال, چڱائي برائي جا ماپا ۽ معيار, پسندون ۽ ناپسندون, امنگون ۽ آدرش شعوري ۽ لاشعوري طرح سندن لونءَ لهرن ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ سندن قلب ۾ روح کي اڻ لکين زنجيرن ۾ جڪڙيو ڇڏيو ڇڏين!

مـــن, اکيـــون, تـــن تـــت, جتـــي جنـــب جيـــڏين.

مڙس ۽ نامڙس, رجعت پرست ۽ ترقي پسند وغيره ماڻهن جي وچ ۾ فرق جي بنيادي ڪارڻن مان هڪڙو بنيادي ڪارڻ رهڻي ڪهڻي جو فرق ۽ تضاد بہ آهي,

Gul Hayat Institute

ڪو ماڻهُو عوام سان پيار ۽ سندس خدمت ڪرڻ جون ڪيڏيون بہ ڳالهيون پڙهي، پڙهي ۽ ڪري، پر جي سندس رهڻي ڪهڻي سراسر عوام جي ابتڙ هوندي خواهش ۽ نيت ڪٽي ڪهڙي بہ سٺي هوندي تہ بہ عام طرح، هو عوام دوستي ۽ عوام جي خدمت جي ڳالهين تي مضبوطي ۽ ثابت قدميءَ سان ۽ توڙ تائين هرگز قائم رهي نہ سگهندو. ان ڪري ڪهڻيءَ سان گڏ رهڻيءَ جي بہ بُنيادي اهميت آهي شاهہ تڏهن هيئن چيو آهي:

تنهن ڪهڻيءَ ڪيو ڪوهہ؟ جي رهڻي نہ رهيو سپرين.

جي رهڻي سپرين کي رهائڻ جي لائق نہ هوندي تہ سڪٽي وات جي ڪهڻي ڪيس ڪهڙو پاڻ ڏانهن ڇڪي پاڻ وٽ رهائي سگهندي؟

هي جي هيترا ماڻهُو زندگي جي وڏي عرصي تائين بي مثال جاکوڙن، قربانين ۽ سورهيائين جي باوجود توڙ تائين سچا عوام دوست ۽ انقلابي نٿا رهي سگهن ۽ هڪڙي ڏينهن اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ٽڪاءُ جي مرض ۾ ورتل ٻڪري وانگر ٽڪاءُ ڏيو پورا ٿيو رهن يا آهستي آهستي پوئتي هٽي ختم ٿيو وڃن سو ڇو؟ يا تہ ماڻهُوءَ تي اصلوڪي غلط رهڻي ڪهڻي جي ناناٽڪي نک جي اوچتي ڇڪ پوندي آهي يا هو آهستي آهستي پنهنجي اصلوڪي صحيح رهڻي ڪهڻي بدلائي دشمن طبقن جي غلط رهڻي ڪهڻي جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پوندو آهي.

جڏهن اسين انقلابي ماڻهُو عوام دشمن جي طرفان، سندن پنهنجي ناجائز مفادن خاطر، عوام واسطي مقرر ڪيل ۽ مٿين گمراهيءَ ۽ زبردستيءَ وسيلي مڙهيل رهڻي ڪهڻي، معيار زندگي ۽ فيشن جي ڪسوٽين کي رد ڪري، پنهنجي عظيم مقصدن جي روشني ۾ پنهنجي حقيقي ضرورتن، سکن ۽ آسائشن جي شين ۽ ڳالهين لاءِ ڪوشش ڪنداسين تہ اسين ڏسنداسين تہ اسين زندگي جي هڪڙي زبردست جنجال ۽ پيڙا مان ڇٽا آهيون. هڪڙي گولپ ۽ غلامي مان آزاد ٿيا آهيون. ڇڻ هڪڙو جنڊ اسان جي ڳچي مان نڪتو.

اسين گهٽ پورهئي سان گهٽيون وڌيڪ بهتر ۽ ڪارائتيون ۽ دل گهريون شيون ۽ ڳالهيون حاصل ڪري سگهنداسين. اسان کي پاڳلن وانگر اجائي هن هٽان ۽ ڇتي وٽ وٺان ڪانہ ڪرڻي پوندي ۽ اسان کي سک ۽ آرام وندر ۽ ورونهن ۽ پنهنجي بهتري واسطي سوچ ويچار لاءِ ڪجهہ وقت بہ بچي پوندو.

هڪ سمجهو ۽ باشعور انقلابي مزدور ۽ مارو ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي اختيار ڪرڻ سان ڇڻ ڪنهن اسم اعظم جي ڦٽي سان اسين ڪنن جي ڪير ڪان پڇنڊڙ ڊنل، هراسيل ۽ هوش خطا ٿيل ڏڪندڙ سهي مان ڦري شينهن جا ٻچا ٿي پونداسين. ان رهڻي ڪهڻي ۾ ڪو اهڙو عجب اسرار سمايل ٿئي ٿو جو ماڻهُوءَ جي ڪايا پلٽيو وڃي.

ڪو ڪٽ آهي ڪو پسي پنهوارن ۾!

ان باري ۾ لطيف سائين اسان جي صاف ۽ روشن رهبري ڪري ٿو.



Gul Hayat Institute

هر ڳالهہ ۾ چالو نظام جي غلط شين، ڳالهين، ڪسوٽين ۽ معيارن جي نہ رڳو مخالفت ڪريو پر ان جي جاءِ تي، انهن جي عين ابتڙ صحيح شيون ۽ ڳالهيون ۽ ڪسوٽيون ۽ معيار قائم ۽ رائج ڪريو اهي ڏسڻ ۾ پل ڪيڏيون ننڍڙيون، خسيس، ڪنهن جي نظر ۾ نہ ايندڙ ڪنيون، ڪوجهيون ۽ اونڌيون ابتيون هجن انهن تي شرمسار هرگز نہ ٿيو انهن بابت معذرت بہ نہ ڪريو. انهن جو حقيقي ۽ اڻ لکو قدر قيمت سڃاڻو سمجهو مشهور ڪريو ساراهيو ڳايو ۽ وڄايو!

اک التـــــي ڏارونءِ، ابتـــــو عـــــوام ڪـــان،
جـــي لهـــوارو لـــوڪ وهـــي، تـــون اونچـــو وهـــہ اوپـــار.

هيڙن هنڌن تي لوڪ جي معنيٰ آهي غلط نظام جي غلط ڪسوٽين ۽ معيار جي انڌي پوڄا ڪندڙ گمراه ماڻهو. عوام دشمن جي نظر ۾ جيڪي آهي سو نام نهاد قيمتي شيون، سون، رپيو ۽ انهن جا ملڪ! اهي ئي ساراهہ جا، پيروي جا، دوستي جا ۽ عزت ۽ احترام جا لائق آهن. اوهين انهن شين ۽ سندن مالڪن کي رد ڪري ڇڏيو جي مالڪن کي سڀ ڪجهہ سمجهو انهن کي ئي ساراهہ، دوستي ۽ عزت ۽ احترام جي لائق سمجهو.

پنهنجن سان ڪاٺو پنهنجن جهڙو ڪاٺو انهن جهڙو پهريو انهن وٽ ويهو انهن جي ٻوڙ کي جيءُ سمجهو دشمن جي آڌرياءُ کي ٺوڪاري ڇڏيو. محلن ۾ ماڙين کي گندو ۽ غليظ سمجهو ۽ انهن ۾ ويهڻ جي غلاظت پکن ۾ اچي ڌوئي صاف ڪريو. پنهنجي ملڪيت نہ هجڻ تي شرم نہ، فخر ڪريو. ملڪيت جا نہ مڙس جا پٽ ٿيو شين جا پوڄاري نہ پر ماڻهن جا پٽ ٿيو پوءِ نيٺ ڪنهن منزل تي اوهين سڄي ملير جا مالڪ ٿي ويندا ۽ هيءَ دُنِيا اوهان جي قدمن ۾ سر جهڪائيندي:

لنگـــا آهيـــون نڪڻـــا، اســـين ســـارو لـــوڪ،
مـــارن ري نـــہ مـــڃ! ســـيهو پـــائنج ســـون ڪـــي،
دوســـتي ڪـــنهن ســـان ڪجـــي؟
جـــن ڪـــراين ڪـــچ جـــا، ور ســـاهيڙيون ســـي.

*

ڪـــراين ڪـــروڙ جـــا، چـــوڙا ڪـــوڙا جـــن،
ســـو مـــرڪ مـــاروئڙن، جئـــان لـــوڪ لـــڄ ٿئـــي.

*

ڪـــارا ڪـــراين ۾، ســـون اســـان کـــي ســـوءِ،
جنـــين ســـندي ٻـــوڏ ۾، پتيـــون پتـــين جـــيءُ،
ٿَـــنَ! تنـــين ســـان پـــيءُ، اوڏا اڌ پکـــڙا.

Gul Hayat Institute

ڪـــاڏا ڪـــنهن ســـان ڪـــائجن؟
ورجـــين ســـين خـــوع، فـــاقو فرحـــت پائيـــان!

*

ورابـــاٽن ســـين اڃ، ڪـــوءِ شـــربت تنهنجـــو ســـومرا.

*

ڪـــوءِ ســـين طعـــام تنـــين جـــا، ور ســـا ڏونـــرن ڏوئـــي!
بـــاعزت ۽ باوقـــار رهڻـــي ڪهڻـــي ڪهـــڙي چئجـــي؟
ٿـــوري ڪـــوت قرارئـــا، رهـــن ســـبر ســـت
ڪتـــي ۾ ڪيـــو پڪبڻـــا، بـــوٽن اهـــڙيءَ پـــت
پنهـــوارڪي پـــت بيهـــي پـــيچ مليـــر ۾.

(ٿورو ڪائن ٿا، گهڻن ڪپڙن بدران هڪڙيءَ ڪتيءَ ۾ ويڙهيل آهن ۽ بدنن تي مٽي لڳل اٿن، بدن ۾ گهڻي طاقت ۽ دل ۾ قرار اٿن ۽ سيني ڪان پيچي ڏس تہ سڄي ملير ۾ پت ۽ شان ڪيڏو اٿن!)

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ نالي وارن ماڻهن جا ٻار يا اڪيلا ٻار يا ڪنهن بہ سبب دادلا ٻار يا گهڻي پاڳي عورتن جا پاليل ٻار يا ننڍي هوندي ئي نالو ڪيندڙ ٻار وڏي هوندي ڪو خاص جوهر ڪو نہ ڏيکاريندا آهن.

نالي وارن ماڻهن جا ٻار پنهنجن مائٽن جي نالي ۽ شهرت جي ڇانوَ ۾ ئي مزا ڪندي پورا ٿي ويندا آهن. پيو تہ عام طرح نالي وارا ماڻهُو پنهنجي گهر جي پاتين توڙي پنهنجي زير اثر ماڻهن کي پنهنجون شخصيتون صحيح معنيٰ ۾ اجاگر ڪرڻ ۾ نہ رڳو مدد گهٽ ڏيندا آهن پر اٽلو ڪين ايرڻ ئي ڪو نہ ڏيندا آهن. ٽيون تہ هوئن بہ هو هنن جي پيٽ ۾ پتڪڙا لڳندا آهن ۽ احساس ڪمتري وچان انهن جو نقل ڪندا رهجي ويندا آهن. اڪيلا يا اڪثر عورتن جا پاليل ٻار گهڻي پيار ۽ دادلائپ جي ٿڌي ڇانوَ ۾ عمر گذاريندي اهي اعليٰ گڻن پرائڻ ڪان محروم رهجي ويندا آهن، جيڪي گڻ فقط زندگي جي ٿنهڻ اُس ۾ ئي پرائي سگهندا آهن.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکي منهنجي اها هميشہ سوچيل سمجهيل ڪوشش پئي رهي آهي، تہ تنهنجي رهنمائي ڪجي پر توتي اجايو دٻاءُ نہ وجهجي، توکي پيار ڏجي پر دادلو بنجڻ کان بچائجي، تون اجائي سک، پيار، شهرت، شين، پئسن ۽ آرام جي مٺي زهر کان بچين، پنهنجي عمر جي ٻين غريب ٻارن وانگر ڏک سک ڏسين، گهر جي ڪنڌ مان ٻاهر نڪري، ڌڪا ڌوما کائي، مڇي محنتي، جفاڪش ۽ جاننو انقلابي مڙس ماڻهُو بنجين.

Gul Hayat Institute

انسان جا وڏي ۾ وڏا مسئلا ۽ مقصد اهي آهن جيڪي رڳو ڪنهن اڪيلي ماڻهُو يا گهر جي نفعي نقصان جا ناهن. نڪي ڪي ڪنهن اڪيلي ماڻهُو يا گهر جي ڊگهي عرصي جي ڪوشش سان حل يا حاصل ٿي سگهن ٿا. پر اهي اهي آهن، جيڪي گهڻ جا گڏيل آهن ۽ گڏپ وارين ڪوشش سان ئي حل ٿي سگهن ٿا. انهن سان گڏ بلڪ اڪثر انهن مان ئي ڦٽي نڪتل ٻيا انفرادي ننڍڙا روزمره جا مسئلا ۽ مقصد بہ آهن جيڪي هڪڙي ماڻهُو يا هڪڙي گهر جي فوري يا ٿوري وقت جي ڪوشش سان فوري يا جلد حل ڪرڻ جا آهن. اهي ٻنهي قسمن جا نفعا ۽ نقصان پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا. هڪ ٻئي کي متاثر ڪن ٿا. هڪ ٻئي ۾ سمايل آهن. پر انهن ۾ بُنيادِي اهميت گڏپ وارن مقصدن کي آهي. مثلاً جي گهڻن جي گڏيل فائدي وارو گڏپ جي ملڪيت وارو گهٽي ۽ ڪافي عرقي جي محنت ۽ خرچ سان تيار ٿيل کوهہ ئي نہ هوندو تہ ڪا پاڻي پرڻ سويل وجي يا جي دير سان وجي تہ ڇا؟ گهڙو ننڍڙو ڪٽبو تہ ڇا ۽ جي وڏو ڪٽبو تہ ڇا؟ گڏپ وارو ۽ گڏيل فائدي وارو اسڪول ئي قائم نہ ڪرائبو تہ پڙهائي تي انفرادي محنت ڇا جي ڪبي ۽ هوشيار ۽ ڄٽ شاگرد جي وچ ۾ فرق جو ڪهڙو فائدو؟ گڏيل فائدي جو واهہ ئي نہ هوندو تہ پلي فصل لاءِ هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي الڳ الڳ محنت آهر ڪيترو فائدو ڏيئي ڪيترو ڏيندي؟ جي قومون يا طبقا آزاد ئي نہ هوندا تہ سندن سڌاري ۽ واڌاري جون عظيم اسڪيمون ۽ شاندار پروگرام ڪهڙي ذاتي ڪم ايندا؟ ڦورو ۽ ظالم نظام جي والي ۽ وارثن لاءِ ماڻهن جي بُنيادِي. وڏن ۽ گڏپ وارن مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ بہ سندن واسطي موت جو پيغام آهي. هو هميشہ چاهيندا تہ هر ڪو ماڻهُو اڪيلي سر پنهنجي گر ڪنهڻ ۾ ئي پورو هجي. گڏپ جي بنيادي ۽ وڏن فائدن وارين ڳالهين کان بي خبر رڳو پتڪڙن ۽ خَسِيس روزمره جي نفعن نقصانن لاءِ چاڪيءَ جي ڏاند وانگر سڄو ڏينهن ڦيرا ڏيندي. حياتي جا ڏينهن ڪاٽي وڃي قبر پيڙو ٿئي. وڏن بنيادي گڏپ وارن نفعن. نقصانن جو ماڻهن کي احساس ٿيندو تہ ڪين پاڻ ۾ ٻڌي ۽ گڏ جو احساس ٿيندو. سندن دماغ. ذهن ۽ دليون ڪشاديون ٿينديون. سندن نظرون پري تائين ڏسڻ لڳنديون. سندن سوچ مٿي اڏامندي. سندن خواب وڏيڪ شاندار ٿيندا. ان حالت ۾ ڦورن جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

جهڙا ۽ جيڏا زندگي جا مقصد. اهڙا ۽ اوڏا خيال. اهڙي ۽ اوتري نظر ۽ اهڙو ۽ اوڏو ماڻهُو جيڪو ماڻهُو پنهنجي خوشي يا بي سمجهي يا مجبوري سبب روزمره جي انفرادي نسبتاً ننڍڙن مقصدن سان گڏ ڊگهي عرصي جي گڏپ وارن وڏن مقصدن کي ڌيان ۾ نہ رکندو ۽ انهيءَ لاءِ بہ حصي رسيءَ آهر پاڻ نہ پتوڙيندو ۽ پنهنجي نظر ۽ پنهنجا خيال فقط روزمره جي نسبتاً خسيس ۽ پتڪڙي ۽ پاڻ ۾ ئي پوري ماڻهُو کي دُنيا جو ٻيو هر غريب ماڻهُو فقط پنهنجو رقيب ۽ ويري نظر ايندو، ٻيو ڪجهہ بہ نہ.

جنهن جي ذهن ۾ گڏيل مقصدن جو وهم گمان بہ نہ هوندو، اهو گڏپ کي ڇا ڪندو؟ اهو ٻين پاڻ جهڙن سان ٻڌي، قرب رکڻ، ساڻن منظم ٿيڻ، ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي هلڻ مان ڇا ڄاڻي؟ ان ويچاري جي زندگي فقط پاڻ جهڙن سان ڳرندي، ڏند ڏيندي، ڏاڙهيندي، ساڻن وير، ساڙ، حسد ۽ ڪينو رکندي سڙندي ۽ پچندي، ٻين تي خسيس برتريون حاصل ڪري خوشيءَ وچان ڪڇيون هڻندي، پنهنجن هيٺن کي لتون هڻي ڪيرائيندي ۽ پنهنجن دشمنن اڳيان پڇ لوڏيندي ۽ سندن هٿ پير چٽيندي گذري ويندي، ڦورو ۽ ظالم نظام جي ڪم لاءِ اهڙا جوان ڪي ٿيا؟

ان ڪري هر ڦورو ۽ ظالم ماڻهن کي گڏپ بدران اڪيلائيءَ، انفراديت پرستي ۽ پنهنجو منهن وٺي هلڻ جو سبق ۽ حڪم ڏئي ٿو. هر قيدي پنهنجي پنهنجي ڪولي ۾ بند هجي! ڪو بہ پاڻ ۾ نہ ڳالهائي! قيدين پاڻ ۾ ڳالهائي وڌو ۽ گڏجي پيا تہ پوءِ قيد جي ديوارن جو ڇا ٿيندو؟ هر اهڙو نظام ماڻهن کي گڏپ، گڏيل مقصدن، گڏيل سوچن، گڏيل ڪوشش کان پل پل سختين سان روڪي ٿو. ڦورو ۽ ظالم نظام جي وسيع قيد خاني يعني سندن غلام سماج جي قيد جي قانون يا جيل مئنوئل ۾ وسيع نظرئي، فراخدلي، بي لالچي، دور انديشي، همدردي، ساٿ، گڏپ، ڀائيچاري، دوستي، محبت، خود قرباني، همت، سورهيائي ۽ ثابت قدمي وغيره ڳالهيون سنگين کان سنگين ڏوهہ آهي. هنن جو قانون پاڻ ۾ وير، ڪيني، بغض، اڪيلائپ، خود پرستي، خود غرضي، شين جي پوڄا ۽ ماڻهن لاءِ ڏڪار جو سبق ۽ حڪم ڏئي ٿو جيڪو ان قانون جي خلاف ورزي ڪري ٿو تنهن کي هڪڙي پاسي گڏيل مقصدن، گڏيل ڪوشش ۽ گڏيل حاصلاتن جو عام طرح ڪو بہ رستو هٿ نٿو اچي ۽ جي اچي ٿو تہ اهو جلدي وڃيو ڪنهن اوجهڙ ۾ پوي يا اهڙو ڏکيو اٽانگو نڪريو پوي جو ڪٿڻ جو ۽ منزل تي رسائڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. ٻئي پاسي ڪيس نظام جي نافرماني ڪرڻ جي ڪري اڻ هوند، محرومي، بي عزتي، سماجي ناپسندي ۽ ڏڪار ۽ جسماني تڪليفن ۽ اذيتن جي سزا ملي ٿي.

ان ڪري عام طرح هر ذهن، هر گهر، هر گروهہ شعوري توڙي لاشعوري طرح گڏپ جي شاندار شاهي سڙڪ کي سماجي خودڪشي ۽ تباهيءَ جو رستو سمجهي ان کان ونءُ وڃي ٿو هُو اڪيلائپ، انفراديت پرستي، جنسي پٽي، خود پرستي، خود مطلبي، خود غرضيءَ جا ۽ ماڻهپيءَ بدران شين جي پُوڄا جا سوڙها پيچرا وٺي ٿو.

جن گهرن يا گروهن ۾ ڪي متي ڦريل ماڻهُو ان جي ابتڙ، گڏيل مقصدن، ڪوشش ۽ حاصلاتن جي سوچ ڦهلائڻ ۽ واٽ وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اتي هر وقت ذهني ۽ جذباتي گهرو لڙائي جاري رهي ٿي، جن گهرن ۽ گروهن ۾ ڪي فرد ترقي پسند سوچ وارا آهن ۽ ڪي متاڃري ترقي پسند ۽ بُنيادي طرح رجعت

Gul Hayat Institute

پرست يا زمانہ ساز سوچ وارا آهن. تن ۾ تہ سوچن جي اها جنگ اجا بہ وڌيڪ اٽانگي ۽ پيچيده ٿيو پوي، ڇو تہ صفا ۽ سنئين سڌي رجعت پرست سوچ سان ويڙهہ اهڙي ڏکي ناهي جهڙي مٿاڇري ترقي پسند ۽ بُنِيادي طرح رجعت پرست يا زمانہ ساز سوچ سان.

پنهنجي پَٽَ ۾ پنهنجي ترقي پسند سوچ جي هڪڙي مکيہ علامت اتفاق سان آءُ بہ ٿي پيو آهيان. ان ڪري جيڪي ماڻهُو مون سان گڏ بُنِيادي طرح پنهنجي سوچ جي سار سنڀال لهڻ بہ نٿا وسارين، هر قسم جي مخالفن ۽ سندن داخل ڪيل ڪيسن جي ڪمي ڪانهي. آءُ هُجان نہ هُجان، ڪيس جي شنوائي چوويهہ ڪلاڪ چالو آهي. نهايت ”غيرجانبداري“ ”همدردي“ ۽ فضيلت وارن لفظن ۾ مثالن، ثابتين ۽ دليلن سان پنهنجي سوچ کي هڪڙي غير عملي ۽ هوائي سوچ، هڪڙي برپٽ ڏانهن منهن ڏيڻ واري حرڪت، هڪڙي معاف نہ ڪرڻ جهڙي حماقت ثابت ڪري ڪيس عملي طرح هڪڙي گار، هڪڙي لعنت هڪڙو ڏوهہ بنائي، ڪيس مون سان گڏ اٺ ئي پهر بار بار سنگسار ڪري بار بار سوريءَ تي چاڙهيو ٿو وڃي.

ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ، بلڪ ڦڙيءَ ڦڙيءَ ماڻهُوءَ کي پاڳل بہ بنائي سگهي ٿي. تو پڙهيو هوندو تہ چين ۾ جيڪي ماڻهُو هر قسم جي عذاب جي باوجود حاڪمن کي سنوت نہ ڏيندا هئا، تن کي ٻڌي سوگهو ڪري انهن جي سسيءَ مٿان پاڻي ڦڙو ڦڙو ڪري ڪريندا رهندا هئا تان جو هو پاڳل ٿي پوندا هئا. اڏوهي جا ذرڙي جيترا جيوڙا زبردست درخت ڪيرايو رکن. ڪٽ جا ذرڙا لوهہ کي بہ اندران کايو چٽ ڪريون ڇڏين. ائين پهرن جي اڻ ڪٽ مقدمي بازيءَ، دانهن، فريادن، ڪن حالتن ۾ طعنن، مهڻن ۽ ٻُوڙهن جي وضاحت جي ٻوڏ اڳيان عقل ۽ سمجهہ ۽ واجبي ۽ بي واجبي جو ڪهڙو بندوبست جهلي سگهي ٿو ۽ سو بہ هڪڙي اهڙي ٿورڙي عمر. ڄاڻ ۽ تجربي واري ماڻهُوءَ جو عقل ۽ سمجهہ جيڪو ڪن جي احسانن جي بار هيٺ دٻيل هجي تہ ڪن ڏکين ۽ پيچيدن ۽ ظاهري طرح لاعلاج ڪيسن ۾ بچاءَ جي بار هيٺ وڪيل جي حيثيت ۾ احساس ڪمتريءَ ۽ احساس جرم جو شڪار ٿيل هجي ۽ جنهن کي هڪڙي سوچ ۽ هڪڙي واٽ وٺان جيڪي طلب جي سو هڪ ترڪيءَ تي تيار ٿي ملي سگهي تہ ٻي وٺان رڳو نصيحتون، واعظ، فرمائشون ۽ حڪم ناما سرن!

تنهن کان پوءِ تون اهڙي گهر ۾ پيدا ٿيو آهين، جنهن جا اڪثر ڀاتي پنهنجي ننڍڙي پتڪڙي دُنِيا ۾ ٿورڙا اهم ۽ مشهور آهن ۽ انهن جي ٿورڙي اهميت ۽ مشهوريءَ جا اولڙا توتي بہ پون ٿا. تنهن سان گڏ تنهنجي پنهنجي ننڍڙي دُنِيا ۾ توکي بہ ڪافي اهميت ۽ مشهوري آهي، بلڪ تنهنجي عمر جي حساب سان اها حد کان وڌيڪ ٿي چڪي آهي. جڏهن ڪو مال ڪنهن گاهہ يا ٻي قوت گهٽي کائڻ کان پوءِ ان مان بيزار ٿي پوندو آهي تہ پاڳيا چوندا آهن تہ ڪچرجي پيو آهي.

Gul Hayat Institute

تون بہ حد کان وڏيڪ اهميت، شهرت ۽ مقبوليت سان ڪچرجي پيو آهين. تو وٽ انهن شين جو ايترو ضرورت کان وڏيڪ ذخيرو گڏ ڪيل آهي جو توکي نہ رڳو ان ۾ واڌاري جي بہ ڪا ضرورت ڪانهي پر ان ۾ ڪافي ڪجهہ گهٽتائيءَ جي بہ توکي گهٽي پرواهہ ڪانهي. تنهنجي سوچ اها ٿي ڏسجي تہ اهي شيون ڪنهن بہ سبب جي ڪري گهٽجي گهٽجي جتي وڃي بيهنديون اتي بہ اُهي تنهنجي باقي زندگيءَ کي باوقار رکڻ لاءِ ڪافي رهنديون.

درحقيقت ڪيترن ٻين ٻارن وانگر تولاءِ بہ ذاتي ۽ خانداني اهميت ۽ شهرت هڪڙو ڪاروبار بنجي پئي آهي. هر ڪو ماڻهُو تو مان هر ڳالهہ ۾ غير معمولي توقعات رکندو رهيو آهي ۽ تون پنهنجي عزت بچائڻ خاطر پاڻ تي جَبَر ڪري انهن کي اڪثر پورو ڪرڻ تي مجبور رهندو آيو آهين. تان جو ائين ڪندي ڪندي اهي توقعات تو لاءِ هڪڙو وبال ۽ چٽي بنجي پيون آهن ۽ تون محسوس ٿو ڪرين تہ تون انهن جو قيدي بنجي پيو آهين. هر وقت پنهنجي عمر، سمجهہ ۽ معيار کان مٿيري عمر، سمجهہ ۽ معيار جي ماڻهن جو پارٽ ادا ڪندي ڪندي تنهنجو ذهن ۽ روح رهڙجي ۽ چچرجي بغاوت ڪرڻ لڳا آهن.

ٽئين طرف ان سڄي ذهني ۽ روحاني خرچ جي پورت ڪرڻ لاءِ توکي جيڪا خوراڪ کپي سو توکي ميسر ڪونهي. جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي، اڙدو ڪتاب تون هينئر پڙهڻ جهڙو آهين ۽ پڙهڻ لاءِ تيار آهين سي تو اڳو پڙهي ڇڏيا آهن. انهن مان تون پنهنجي موجوده ٿورڙي سمجهہ مطابق جيڪي پرائي سگهيو آهين، سو پرايو اٿيئي تنهنجي جهڙي قسم جي محفوظ، سکي سفيد پوش زندگي آهي سا توکي انهن مان ان کان وڏيڪ وسيع ۽ گهرو مطالعو تون ان ڪري نٿو ڪري سگهين جو اول تہ توکي تنهنجي قسم جي زندگي ان جي ضرورت مهيا نٿي ڪري پيو تہ دُنِيا جو برو تورڙي سنو چوٿيءَ جو علم، ڄاڻ، ونڊر علم ۽ سائنس بين الاقوامي ٻولين ۾ آهي، جهڙوڪ انگريزي، فرينچ، جرمن، روسي وغيره انهن مان توکي هڪڙي بہ نٿي اچي. اهڙي طرح تنهنجي ذهن ۽ روح جا موجوده سرچشما سکي خشڪ ٿي ويا آهن، ٻين تائين تنهنجي بي علميءَ جي ڪري تنهنجي پهچ ڪانهي.

جيتري قدر تنهنجي پڙهائيءَ جو سوال آهي تہ تون برابر پڙهين پيو جهڙيون تنهنجون سازگار حالتون آهن تهڙو توکي زبردست ۽ مثالي ڪاميابيون حاصل ڪرڻ کپنديون هيون. پر بهرحال توکي شاباس آهي جو تون پنهنجي ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ چڱو پڙهين پيو. اميد تہ تون همت ڪري پڙهندين ۽ پنهنجي دل گهري منزل تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيندين. پر سوال آهي تہ جيڪو اياز ان منزل تي پهچندو سو ڪهڙو ماڻهُو ڪهڙو اياز هوندو؟ ان ڳالهہ جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اياز



Gul Hayat Institute

ڪهڙي سوچ سوچيندي ۽ ڪهڙي زندگي گهاريندي ان منزل تي رسي ٿو. عام طرح اعليٰ تعليمي ڪاميابي حاصل ڪري ۽ اعليٰ ملازمت حاصل ڪري ماڻهو فقط سڏي يا اڻ سڏيءَ طرح ماڻهن جو رت چوسيندو هزارين لکين ڄڻن ۾ هڪڙي وڏيڪ ڄڻ جو بلڪ ڄڻن جي هڪڙي وڏيڪ ڪٽنب جو اضافو ۽ انهن جي پالنا ڪندا رهيا آهن. هڪڙو خودغرض ۽ خود پرست حقيقي طرح احمق ۽ جاهل صاحب، هڪڙي اندر جي ڪاري، ٻاهران پينٽ ٿيل گُڏي ٽائيپ ميم صاحب ۽ چار پنج ننيڙا حرام خور رت چوس صاحبزادا ۽ صاحبزاديون ۽ شين ۽ سامان جا ڪجهه انبار، الا ـ الا خير صلاح، ماڻهن جي نقطه نظر کان انڌيءَ رڍيو ڪتيءَ چٽيو!

توئي دين تعليم بابت ڇا چيو هو سو توکي چڱي طرح ياد هوندو ”هي تعليم تو وٽ قوم ۽ وطن جي امانت آهي. ان کي ڪرسي ماڻڻ لاءِ نه، پر قوم ۽ وطن جي خذمت ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻي آهي.“

جيڪڏهن ڪو ماڻهو واقعي تمام گهڻو چاهي ۽ تمام گهڻيءَ ۽ لڳاتار ڪوشش ڪري ته زندگيءَ جي گهري مشاهدي ۽ وسيع ۽ اونهي مطالعي وسيلي جيڪي رڪاوٽون دور ڪري ماڻهپي جي واٽ تي قائم رهي تمام گهڻو اڳتي وڌي سگهي ٿو.

مثال طور عام طرح برابر مشهور ماڻهن جو اولاد ٻوٽو ڪو نه ٻاريندو آهي، پر ان جي ابتڙ خاص مثال به آهن. موتي لعل نهرو پاڻ به سرمائيدار سياستدان هو. پُٽَس جواهر لعل نهرو ڪانگس وڏيڪ مشهور ٿيو ۽ پوٽس اندرا به گهٽ ڪانهي. ڪم ال سين جو ڏاڏو ۽ پيءُ، پاڻ ته مشهور وطن دوست ۽ انقلابي هئا پر سندس پٽ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هوچي منهن جي خاندان جي سڄي توکي خبر آهي، ناديا جي مڙس جو سڄو گهر ساڳئي رنگ ۾ رڱيل هو. ساڳئي طرح ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جن جي زندگيءَ ۾ ظاهري طور ڪو وڏو ڏک يا محرومي ڪانه هئي، مارڪس، اينجلس، لينن ۽ چو اين لائي ڏکين بکين گهرن جا اولاد ڪو نه هئا اهي ذاتي ڏک جو نه پر زندگيءَ جي وسيع مشاهدي ۽ مطالعي جي واٽ وٺي پنهنجي اعليٰ آدرشن ۽ تاريخ ساز ڪارنامن جي منزل تي رسيا. ٻي طرف بي انداز ماڻهن جي زندگي ڏکن سان ٽمٽارُ آهي پر هو پنهنجي ڏر جي پاسي نه دشمن جو پاسو جهلائي زندگي گذارين ٿا. رهڻي ڪهڻي جي معاملي ۾ به ڪيئن خاص حالتون آهن. اينجلس هڪڙي ڪارخاني جي پائيوار جو پُٽُ هو ۽ پڻس پاران ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو ۽ تونگرن جي زندگي گذارڻ تي مجبور هو. پر اها فضول ۽ واهيات زواليت ڏانهن ويندڙ زندگي ڪيس دوستن کان، پنهنجي عظيم آدرشي منزلن کان

Gul Hayat Institute

دور ڪري نہ سگھي. هو فقط ڪنهن حد تائين جسماني طور ان ماحول ۾ رهندي، ذهني، روحاني ۽ عملي طور پنهنجي دل گھرئي دُنِيا ۾ رهندو هو.

وهـــــي منجهـــــين وڳ، ڪتـــــوريءَ ڏار چـــــري،
مـــــاءُ منهنجـــــي ڪرهـــــي، پـــــڏر پـــــڳ مر لـــــڳ.
جـــڳ، سـين جهــڙو جـــڳ، هيئـين سـين هُـت چـري.

توکي خبر هوندي تہ سفيد پوش مارڪس سان نوابزادي شادي ڪئي ۽ توڙ نباهي ۽ تونگر اينجلس وري پنهنجي اڻ پڙهيل نوڪرياڻيءَ سان شادي ڪئي ۽ توڙ نباهي. ان جي مرڻ کان پوءِ وري ان جي اهڙي ئي اڻ پڙهيل ڀيڻ سان شادي ڪيائين! اهڙي ريت هنن دُنِيا کي ڏيکاريو تہ سرمايہ دار نظام جا زنجير هنن کي ذهني طرح جڪڙي نٿي سگھيا.

نـــو نيئـــر، ڏهـــ ڏانوڻيـــون، پندرهـــ پئنـــ پيـــاس
بگهـــاڙيون بغلـــن ۾، لڪـــين لوهـــ لڳـــاس،
جـــو سـجڻ يـار پيـاس تـہ چـرڪ چُلئـين هيڪـڙي.
(شاهہ)

سوچون هميشہ ساڳيون نٿيون رهي سگھن ۽ نہ رهڻ گھرجن. انهن ۾ هر وقت واڌارو ۽ سڌارو ايندو رهڻ گھرجي، پوئتي موٽ، واڌاري جو اهڙو لازمي جُزو آهي جهڙيون لاهيون چاڙهيون ۽ ور وڪڙ، سوچون رڳو اڳتي نہ پوئتي هٽنديون. صحيح ايمان، انڌي عقيدي تي نہ پر شڪ، گمان ۽ مخالفن سان ڪامياب مقابلن جي ٽنين تي ئي قائم ۽ دائم رهي سگھندو آهي. ان ڪري شڪ ايمان جي راهہ ۾ هڪ لازمي ۽ بيحد مفيد منزل آهي. پر شڪن ۽ پوئتي موٽڻ جا بہ قسم هوندا آهن. هڪڙا شڪ ان لاءِ هوندا آهن تہ صحيح حقيقيت جي صحيح صحيح خبر پوي تہ جيئن ان صحيح تي اٽل يقين سان عمل ڪجي. ساڳيءَ طرح ڪي پوئتي موٽون بہ ان لاءِ هونديون آهن تہ ٽڪ پچي، ساهيون کٽي، قوتون گڏ ڪري، بهتر تياري ڪري اڳئين کان بہ وڌيڪ جوهہ ۽ قوت سان واڌارو نئين سر جاري رکجي. پر ڪي شڪ رڳو سچ جي عائد ڪيل فرضن مان جان ڇڏائڻ لاءِ بهانا هوندا آهن ۽ ”ردِ اڳئين مرڻي، بد پيئي بگهاڙ تي“ وانگر هوندا آهن. ساڳي طرح ڪي موٽون بہ دائمي ثابت ٿينديون آهن. ڪي ماڻهو ٿورو پوئتي هٽي، وري گهڻو اڳتي وڌندا آهن، ڪي ماڻهو ٿورو اڳتي وڌي وري يڪو پوئتي موٽي ويندا آهن.

جيڪڏهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو بُنِيادي مقصد صحيح ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو فيصلو اٽل آهي تہ پوءِ شڪ خراب نہ. پلي ۽ اڻ ٽر شيءَ آهي انڌي عقيدت نہ رڳو بي معنيٰ پر نقصانڪار آهي. انڪري مون سالن جا سال پيو ڇڏي رڳو ماڻهن جي مڪاني خواهہ بين الاقوامي ويرين جون لکڻيون پڙهيون هونديون ۽

Gul Hayat Institute

اج تائين وچ وچ ۾ ائين ڪندو اچان. آءُ سندن هر دليل، هر ثبوت تي بلڪل ڪلئي دماغ ۽ صاف دل سان ٻوڙهو ويچار ڪندو رهيو آهيان ۽ توڙ تائين ڪندو رهندس. تڏهن ئي آءُ موجوده سوچ، مقصدن ۽ آدرشن تي ٿوري گهڻي پڻسي ٽڪي جيتري مضبوطيءَ سان قائم رهي سگهيو آهيان پر ان سان گڏ ٻيو بُنيادِي سبب اهو به هو جو پنهنجي زندگيءَ جي هر پل جي تجربي ۽ سوچ جي ڪري منهنجو پنهنجي ويڙهه واسين سان وفاداريءَ ۽ انهن جي وَيرين خلاف ويڙهي جو وچن اٽل هو. منهنجي سدائين اها ئي ڪوشش رهي آهي ته حالتون ڪهڙيون به هجن، چاڙهه هجي چاهي لاٿ، چاهي سُڪار هجي، چاهي ڏُڪار. اهو وچن ڪنهن به صورت ۾ وسارڻو ناهي.

زندگيءَ جي ابتڙ واٽن مان صحيح واٽ ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ هر قسم جي حالتن جي باوجود انهن تي ثابت قدم رهي اڳتي وڌندو رهڻ توڙ نباهڻ زندگي جو سڀ کان مُکيه ۽ بنيادي سوال آهي.

زندگيءَ لاءِ چونڊيل واٽ ڪهڙي به صحيح ۽ عاليشان هجي پر جي ان تي ثابت قدميءَ سان قائم نه رهبو، اڳتي نه وڌبو، واٽ ۾ ئي گهڻ ڪري ويهي رهبو يا گوهي ڏيئي پوئتي پڇي اچبو ته به ماڻهو منزل تي ڪين رسندو. لطيف صحيح راهه ڳولي لهڻ، سمجهڻ، ان تي ثابت قدميءَ سان هر حال ۾ توڙ تائين وڌندي رهڻ تي سڀ کان وڌيڪ زور ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته صحيح راهه سڃاڻڻ کان پوءِ، سواءِ اڳتي وڌڻ جي ٻي ڪنهن حُجَتَ حِيلي جي گنجائش ئي ڪانهي، صحيح راهه لڌي معنيٰ ان تي اڳتي هلڻ شروع ”جنين ڏني جوءُ تنين ڪڇيو ڪو نه ڪين“ ”جاڻي سڃاڻي، وهان ڪيئن ماٺ ڪري“ ”هوت هلن، آءٌ ويهان، ته ڪا ائن جڳاءِ!؟“ پوءِ ڪنهن به صورت ۾ ڪنڌ ڪيڏو يا موڙڻو ڪونهي. ”ڪين ڪڍيو ڪنڌ، منجهان سڱ سيد چئي.“ ”هلندي حبيبن ڏي ڪرها موڙَم ڪنڌ“ ڪهڙيون به تڪليفون اچن ورچي پڇڻو ڪونهي، ثابت قدم رهڻو آهي. ”ڪين هلي ڪين هٿ ڪٽي، ڪين رڙهي ڪين روءِ“ ”ڪندي پنڌ پهاڙ ڏي ٽيڙم روح رڙيون!“ ”موٽي مران مِ ماءُ موٽڻ کان اڳي مران!“ ”سوريءَ جي سزاوار ڏيهاڻي چنگ چڙهين، جيمَ ورچي چڏيئن سڪڻ جي پچار...“ هر هر منٿ يا سڏوسڏ جو انتظام به ڪرڻو ڪونهي، سمجهو مڙس ڪي هڪڙو اکر ڪافي آهي.
”اکر چِٽي هيڪڙي پهون جي نه ٻجهن، ڪوهه ڪبوتن کي سڄي سڻان ڳالهڙي؟“

اڪثر اها منزل به ايندي آهي جڏهن سموريون ڪوششون في الحال ناڪام ٿي ويندڙيون آهن ۽ ائين لڳندو آهي جو ڄڻ ته جو ڪجهه ڪيو ويو سو اجايو هو ان مان اصل ڪجهه ورڻو سرڻو ڪو نه هو؟ لطيف چوي ٿو ته صحيح ڳالهه سان وفاداري توڙ تائين قائم رهڻ گهرجي، ڀلي اها ختم ٿي وڃي، ڀلي ان جو نالو نشان به ظاهري طرح ختم ٿي وڃي ته به مڙس اهو جو ان وفاداريءَ تي قائم رهي. ان کي ڪڏهن، ڪهڙين به حالتن ۾ پٺ نه ڏي ۽ ان کان لا دعوا نه ٿئي.

Gul Hayat Institute

سر سڪي سال ٿيا، هنج هويوئي پير،
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي انهيءَ رمز کي.

ٻئي طرف غلط واٽ تي انسان جيتري محنت، ايمانداريءَ، همت ۽ ثابت قدميءَ سان وڌندو ۽ جيترو تيز هلندو، جيترو ”ڪامياب“ ٿيندو اوترو ئي صحيح مقصدن ۽ منزلن کان پري ٿيندو ويندو.

جيڪڏهن تون صحيح واٽ ڇڏي انفراديت پرستي، زمانہ سازي ۽ دُنِياداريءَ واري واٽ وٺندينءَ تہ ان تي جيترو تيز هلندين، جيترو اڳتي وڌندين ۽ جيترو ڪامياب ٿيندي اوترو دُنِيا جي هر پيار ڪرڻ جهڙي ڳالهہ ۽ مقصد ۽ هستي کان پري هٽندو ويندين. اها واٽ توکي ٻين سان گڏ مون کان بہ ۽ ٻي سڄي ساٿ کان پري وٺي ويندي. بدر جي جنگ ۾ پيءُ هڪڙي پاسي هو تہ پٽ ٻئي پاسي. ”دان بهتا رها“ ناول ۾ بہ ائين آهي. هڪ پاءُ ماڻهن سان، ٻيو وري انهن جي وَيرين سان تہ ٽيون نڪمو تماشائي ۽ ٽياڪڙ.

ظاهر آهي تہ آءُ پنهنجي وس آهر توکي ماڻهن جي مخالف راهہ تي تماشائي ٿي رهجي وڃڻ يا تاريخ جي شهزور گهوڙن جي سنبن هيٺ لتاڙجڻ ۽ ماڻهن جي حقارت يا نفرت جو شڪار هرگز ٿيڻ نہ ڏيندس. ان لاءِ مون کي جيڪي بہ ڪرڻ ضروري ٿيو تنهن جي ڪرڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ محسوس ڪو نہ ڪندس ۽ ڪا بہ ڪوتاهي ڪو نہ ڪندس.

تیرے آزار کا چارہ نہیں نشتر کے سوا،
اور یہ سفاک مسیحا میرے قبضے میں نہیں،
اس جہاں کے کسی ذی روح کے قبضے میں نہیں،
ھاں مگر تیرے سوا، تیرے سوا، تیرے سوا.

تون پنهنجي ذهن جي ڪمزورين، پسماندگين، غلط سوچن، عملن ۽ لاڙن سان مڙسي سان ويڙهہ ڪري پاڻ کي انفراديت پرستيءَ جي گندي ڏٻڻ مان ڪڍي سگهين ٿو. تون نوجوان آهين، ذهين ۽ باصلاحيت آهين. توکي سٺا دوست آهن تون انگريزي سکي وڏيڪ مطالعو ڪري سگهين ٿو ۽ پنهنجي ذهن ۽ روح جي سڪي ويل پاڙن کي وري سرسبز ڪري سگهين ٿو.

باشعور ۽ باضمير ماڻهن لاءِ ذهن، ضمير ۽ روح جا رشتا رت جي رشتن کان بہ وڌيڪ اهم آهن. اولاد، مائٽ ۽ عزيز قريب نهايت پيارا آهن. پر جن سان ذهن، ضمير ۽ روح جا رشتا آهن انهن لاءِ پيار سان گڏ لازمي طرح عزت بہ هوندي آهي، انهن تي فخر بہ هوندو آهي. اها ڳالهہ رت جي رشتن ۾ هر حالت ۾ لازمي ناهي. مون کي تو لاءِ نہ صرف پنهنجي پٽ هئڻ ڪري بيحد پيار آهي پر توکي هڪڙو باصلاحيت، باشعور ۽ باضمير ماڻهُو سمجهندي مون کي تولاءِ عزت بہ آهي ۽ توتي فخر بہ آهي، پاڻ، پاڻ ۾ پيءُ پٽ هجڻ سان گڏ دوست ۽ ساٿي بہ آهيون.

Gul Hayat Institute

آءُ پيءُ جي حيثيت ۾ توکي سخت تاڪيد ٿو ڪريان ۽ دوست ۽ سينئر ساٿي جي حيثيت ۾ توکي زوردار هدايت ٿو ڪريان تہ پنهنجي زندگيءَ جو عام زندگيءَ جو ۽ زندگيءَ بابت عام جو نئين سِر ۽ اُونهو مطالعو ڪر. زندگيءَ بابت پنهنجي فلسفي، عالمي نقطہ نظر ۽ سوچ جو نئين سِر تنقيدي جائزو وٺ ۽ ان کي درست ڪر: فولادي قوت اراديءَ کان ڪم وٺي، ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي انفراديت پرستي، خود پرستي، آرام طلبي ۽ زماني سازيءَ جي گندي ۽ غليظ ڏٻڻ مان ٻاهر نڪر ۽ وري بہ خدا جي خلق جي ڀلي واري روشن ۽ ترقي پسند سوچ ۽ عمل جو ساٿ ۾ هڪڙي باشعور ۽ باعمل مزدور، بهادر سپاهي ۽ داناءُ عالم جي حيثيت ۾ پنهنجي قطار ۾ شامل ٿي پنهنجي عزت ۽ شان واري جڳهہ وري بہ حاصل ڪري اڳتي واڌارو جاري ڪر.

چــــج مَ قطـــــار، ســـــات چڙهنــــــدو لڪـــــين،
ميــــڙ ٽئــــين پٽـــاءِ، وڳ وات ئــــي نــــہ لهـــين!

هنن حالتن ۾ آءُ فقط ٿورڙو وقت ڪجهہ لکي پڙهي سگهان ٿو. ان ڪري اهو ٿورڙو وقت مون لاءِ نهايت اڻ لڀ آهي. ٻيو تہ مون لاءِ پنهنجو لکيو پڙهڻ ۽ وري فيئر ڪرڻ هڪڙو عذاب آهي، اهڙين حالتن ۾ منهنجو توکي هن ڏکي خط لکڻ ۽ تو تائين پهچائڻ جي اٽانگي مهم هلائڻ مان تون ڪجهہ اندازو لڳائي سگهندين تہ هي مسئلو مون لاءِ ڪيترو اهم ۽ نازڪ آهي ۽ مون کي اميد آهي تہ ان حقيقت جي روشني ۾ توکي هن ڳالهہ تي جيترو ڏيان ڏيڻ گهرجي اوترو ڏيندين.

ڪســــر چــــڏ ڪنـــواٽ! وڪـــون وجهـــہ وڏنـــديون،
ســــئين ســــپرين جـــــي، ونگـــــي پـــــانءِ مَ واٽ،
چــڏي جهــوري ڏي جهــاٽ، تــہ هونــدي رات هُــت مــڙون!

بابا سائين، پنهنجا روحاني ۽ ذهني وڏا، جن تان پنهنجي جسماني وڏن جون سؤ پشتون قربان ٿين، تن جي ڳالهہ تہ خير پري رهي پر پنهنجا جسماني وڏا بہ گهٽ ڪو نہ هئا. غريب ۽ بي سمجهہ هئا پر خدا پناهہ ڏي، زماني ساز ۽ پاڙيا ڪو نہ هئا. پنهنجي وقت سمجهہ ۽ ماحول آهر ڪنڌار مڙس هئا. ڪڏهن بہ مهل تي ڪنڌ هيٺ ڪري گهر جي ڪُنڊ ۾ ڪو نہ لڪا. سدائين هڪل سان هڪل ڏنائون.

پاڻ کي بہ مڙسن جي اڳين صفن ۾ ويهٽو آهي، پوين ۾ نہ. رڳو نالو ڪرٽو ڪونهي. تيهن نسن جو زور لڳائٽو آهي. ٽياڪي ٽيٽو ڪونهي. توڙ ڪرٽو آهي.

اهڙين ڳالهين ۾ ميار جو گهاءُ مڙسن لاءِ تلوار جي گهاءُ کان بہ وڏيڪ ڏکيو آهي، پاڻ کي اهڙين ڳالهين ۾ ڪڏهن بہ هرگز هرگز مياري ڪرٽو ناهي. خود روزمره جي ڪم ڪار ۾ بہ شڪايت جو جائز سبب ڏيٽو ڪونهي. شڪايت مڙس

لاءِ بانئو آهي، پلا ءِ ٻڌياتا تازي وهٽ وانگي پاڻ کي بانئا ڪو نہ هٽائيندا آهن، رڳو اشاري سان منزلون ماٽيندا آهن: وڏيڪ تون پاڻ سمجهو آهين.

لــڪ لاڪيٽـــو ڪرهـــو ڪـــوڙين ڏيئـــي ڳِـــڏوم،
اڱـــڻ ســـونهن ٽيـــوم، ملهـــ مهـــانگوم چئـــو!

لــڪ لاڪيٽـــو ڪرهـــو ڪـــوڙين ڏيئـــي ڪـــاه...
ڪـٽ نــ ڪنـد ڪـاءِ، جـي پلاٽيـو تــ پـرينءَ مـڙي!

تنهنجو بابا

Gul Hayat Institute

## پهريون پٽر

طارق اهو عذر اڳ ۾ ئي (ڪجھ جائز ڪجھ ناجائز) استعمال ڪري چڪو آهي، نہ تہ جيڪر آئون ٻُڌايان ها تہ هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ سندس ڪهڙين حالتن، ڪهڙين مجبورين هيٺ لکجن ٿيون. طارق ۽ نسيم جو ضد آهي تہ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور لکجي، مون کي ان باري ۾ پوري سوچ ويچار لاءِ في الحال وقت ڪونهي ۽ ذهن بہ چيو نٿو ڪري، پر ادب ۾ بہ زور اڳيان زاري نٿي هلي. هڪ سو ٽيليفونن ۽ بائڪاٽ جي ڌمڪين کان پوءِ هٿيار ڦٽا ڪرڻ شايد گهٽ ئي مذهبن ۾ جائز هجي.

نسيم کرل جهڙي برک سنڌي افساني نگار جي افسانن جي مڪمل ۽ گهري ڇنڊڇاڻ جي ڪوشش ڪرڻ ٻين لفظن ۾ ٽيندو هاٺوڪي دؤر جي سنڌي افساني بلڪ سنڌي ادب جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، جو تہ سواءِ انهيءَ پس منظر جي ڳالھ ئي سمجھ ۾ نہ ايندي. بدقسمتيءَ سان جنهن زماني ۾ هيءُ نمبر پيو نڪري، تنهن ۾ آئون ٻين ڳالهين ۽ ڪمن ۾ ايترو تہ مصروف آهيان جو پاڻ تي سخت جبر ڪرڻ جي باوجود بہ نسيم جي فن جي باري ۾ پنهنجو نقطءِ نظر پوريءَ طرح پيش نٿو ڪري سگهان. ان لاءِ ايترو تہ نئين سر وسيع مطالعو ڪرڻو پوندو. جيڪي چوڻ چاهيان ٿو ان جي تائيد ۾ ايترا تہ گهڻا دليل ڏيڻا پوندا ۽ ايترن تہ گهڻن ڪکرن ۾ ڪڙا هڻڻا پوندا جو انهن کي منهن ڏيڻ اڄ ڪلھ مون لاءِ ممڪن ئي ڪونهي. ان ڪري هن دفعي پنهنجي نقطءِ نظر جو فقط ٻن آڏن اُبتن اکرن ۾ تت ڏيئي سگهان ٿو. اُميد تہ ڪجھ وقت کان پوءِ هن موضوع تي تفصيلي ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جو موقعو ملندو. ڳالھ جي ڪچائي ڦڪائيءَ جي ذميواري رڳو مون تي نہ، پر اداري 'سهٽي' تي بہ سمجهڻ گهرجي، جنهن هرو ڀرو ڪٽي ضد ٻڌو آهي تہ ڪجھ لک.

منهنجي حساب ۾ نسيم هڪ سُٺو فنڪار آهي. ڪيس بردباري ۽ قابليت سان ڳالھ ڪرڻ اچي ٿي. پلاٽ جي وئٽ ڪو ڪانئس سِڪي. جيڪا ڳالھ ڪٺندو سا واھ جي نڀائيندو. جيڪو اها ٻُڌندو سو وسهي ويندو تہ 'هائو ٻيلي! بنھ ائين ٿيو



Gul Hayat Institute

هوندو! ’ڪافر‘، ’گذريل واردات‘، ’چوٿيهون در‘، ’پهرين مراد‘ وغيره افسانا صحيح رٿابنديءَ ۽ پوري وٿ ٿ جا بهترين مثال آهن. سندس فن مان سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي افساني کي هٿي ملي ٿي. نوان لکندڙ ڪانئس ٽيڪنڪ سِکي سگهن ٿا. ان معنيٰ ۾ هو سنڌي ادب جو هڪڙو برک فنڪار آهي. ان هوندي به هو اڄوڪي دؤر جي سنڌي عوام جو فنڪار ڪونهي.

اڄوڪي دؤر جي سنڌي فنڪار مان منهنجي مراد آهي اهو سنڌي فنڪار، جو هن دؤر جي سنڌي عوام جي سجاڳ ۽ اڳتي وڌندڙ دستن جي دلين ۽ ذهن ۾ اڄ جيڪي اُمنگون ۽ آسون، جوش ۽ جذبا، محبتون ۽ نفرتون، مقصد ۽ منزلون آهن، تن جي ڀرپور ۽ زوردار ترجماني ڪري، سندن ٻانهن ٻيلي ٿئي، سندن فتحن ۽ شڪستن ۾ ساڻن شريڪ ۽ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي، سندن همتون وڌائي، سندن دٻيل گونگن ۽ اڻ اُچاريل جذبن کي آواز، رنگ ۽ روپ ڏي، توري ۾ سندن جدوجهد ۾ قلم جي مورچي تي، وطن، قوم ۽ عوام جي هڪ پُرجوش سپاهيءَ جون خدمتون بجا آڻي.

نسيم مذهبي تعصب خلاف لکيو آهي، ڪاري ڪاريءَ جي ظالماڻي رسم جو ذڪر ڪيو آهي، پوليس جي بي حسيءَ، ڪامورا شاهيءَ جي بهروپ ۽ منافقيءَ، ون يونٽي ڪامورا شاهيءَ جي سنڌ دشمنيءَ ڏانهن اشارا ڪيا آهن، مٿين طبقي جي گهراڻن جي ڪوڪلي زندگيءَ، غريب چوڪيدار جي دل جي شاهوڪاريءَ، بدصورت غريب شاگرد جي اندر جي سونهن جو نقشو چِٽيو آهي، سنڌي نوجوان ڇوڪرين مڙسن جي همت ۽ مڙسيءَ جون ڳالهيون ڪيون آهن. اهي سڀ پليون ڳالهيون آهن ۽ سنڌين جي دلين تي پوڪجن ٿيون، پر نسيم اهي مسئلا اهڙي بنياد تان، اهڙي سطح تي، اهڙي انداز سان کڻي ٿو جڻ ڪو ٽياڪر ماڻهو ڪو تماشو پيو ڏسي. هو ايئن جلي پچي نٿو جيئن ڪو گهر جو ڏٺي جلي پچي. وٽس اونهون سماجي فڪر، سوچ ۽ تڙپ ڪانهي. وٽس عظيم بنيادي مقصد ۽ منزل ڪانهي. وٽس اٿاهه جذبا ۽ احساس ڪونهن. ٻي انت پيار نفرتون يا غصا ڪونهن. سندس هر ڳالهه ۾ وچٿرائي ۽ مٿاڇرائي آهي. هو اڄوڪي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن ڏانهن اک کڻي نهاري به نٿو. جن کي کڻي ٿو تن کي به فقط پري کان، احتياط سان ڇُهي ٿو. هو ٽانڊن ۾ پنهنجا هٿ نٿو ساڙي. هو ڏٺي نه پر پاڙي وارو ٿي مٿاڇريون ڳالهيون کڻي ۽ ٻُڌائي ٿو. هو پنهنجن ڪردارن سان گڏ مري جيئي نٿو. هو ٻيا آهن، هي ٻيو آهي. ان ڪري هو جمال ۽ امر جليل جهڙن مجذوبن مستن وانگر دل ۽ دماغ جي دنيائن ۾ زلزلا نٿو وجهي. آغا سليم وانگر ماڪ ڦِنل گلزارن جا سير نٿو ڪرائي. عبدالقادر جوڻيجي وانگر اندر ۾ وڍ نٿو وجهي، علي بابا وانگر عجيب غريب دنيا ۽ زمانن ڏانهن وٺي نٿو هلي. سواءِ ’ڪافر‘ جي سندس ٻيو ڪوبه افسانو اهڙو ڪونهي جو ماڻهوءَ کي هن سماج بابت ڪنهن گهري ۽ اٿاهه سوچ ۾

Gul Hayat Institute

وجهي ڇڏي. سندس هڪڙو بہ اهڙو افسانو ڪونهي جو ماڻهوءَ کي پنهنجي سموري زندگيءَ تي ٻيهر نظر وجهڻ ۽ ان کي بدلائڻ لاءِ مجبور ڪري. سندس افسانا فن جو ڪرشمو ۽ گهڙيءَ جو تماشو آهن. ڪيل ختم پئسا هضم. ان جو هڪڙو بنيادي سبب اهو آهي تہ مجموعي طور سندس نگاهن تي سندس طبقي يعني وڏي زميندار طبقي جي عينڪ چڙهيل آهي. روشن خياليءَ جي سونهري فريم ۾ اها ڏاڍي خوبصورت ٿي لڳي، پر آهي طبقاتي عينڪ.

مثال طور سنڌي سماج جو بنيادي ٽڪر، سنڌي هارين تي زمينداري ڦرلٽ، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ آهي. نسيم جي افسانوي دنيا ۾ ان ٽڪر ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ مسئلن جو نالو نشان بہ ڪونهي. ون يونٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ سنڌي غريب عوام سَٺو. نسيم جو ان باري ۾ هيرو بہ سنڌي وڏيرو آهي. ’چوٿيهون در‘ ۾ پوليس جي روش کي قابلِ نفرت، ظالم ۽ ٻيا نہ. پر رڳو اجائي مصيبت کان لهرائيندڙ ڏيکاري ٿو. سندس نهايت اثرائتن افسانن جا مظلوم هيرا وڏا زميندار (گردش زماني جي) ۽ پوليس آفيسر (گذريل واردات) آهن. غريب سنڌي هاري ڪيس وٺي ٿو تہ اهو بہ فقط چور جي روپ ۾! ظاهر آهي تہ زميندارن لاءِ مڙسانيا چور تمام ڪارائتو شڪاري جانور آهن. مطلب تہ نسيم جا افسانا بنيادي طرح سنڌ جي روشن خيال زميندار سوچ ۽ نظر جا بهترين اولڙا آهن. ڳالهہ ڏکي آهي پر اتي کُٽائبي.

عوام روزمره جي گفتگوءَ ۾ جيڪا ٻولي ڪتب آڻي ٿو اها ئي ٻولي اصل هوندي آهي، اهو ئي ڪنهن قوم جو سڀ کان قيمتي ورثو آهي. خاص ڪري انهن قومن جو جن جي اڪثريت اڻ پڙهيل آهي، ۽ جن جي ڳالهايل ٻولي اجا لکجڻ مس شروع ٿي هجي، سنڌي ٻوليءَ جا 90 سيڪڙو محاورا اجا اڻ لکيل آهن. اهي محاورا هزارين سالن جي قومي تخليق آهن ۽ صدين کان پوءِ گهڙجي، سنوارجي معنيٰ ۽ مطلب سان سينگارجي چڪا آهن. اسان اديبن جي وڏي اڪثريت انهن کان قطعي ناواقف آهي. بنهہ ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي پڙهيل سنڌي عوام جي خوبصورت محاورن مان ڪي جاڻن ۽ انهن جو صحيح نموني استعمال بہ ڪري سگهن ٿا. هر ٻوليءَ جو پنهنجو مزاج ۽ طبيعت آهي. اردو شهر ۽ بزار جي ڪلهوڪي ٻي پاڙي ڪتابي ٻولي آهي. سنڌي هزارين سالن کان ميدانن، جهنگن ۽ وٺاڻن ۾ پليل، ساماڻل ۽ پختيون پاڙون هنيل شاندار درخت جهڙي ٻولي آهي. اردو فطرتن زوال پذير جاگيردار طبقي جي ٻولي آهي. سنڌي، پورهيت عوام جي ٻولي آهي. اردو صحيح کهڙي آهي تنهن جي ڪسوٽي دهليءَ جي شاهي قلعي معنيٰ جي ٻولي آهي. سنڌيءَ جي صحيح هجڻ جي سند سنڌ جون لانڊيون، اوطاقون، ڪوهہ، وٿاڻ ۽ ڪچهرين جو محاورو آهي. اردو بازار ۽ ڪتاب جي ٻولي آهي. سنڌي ٻوليءَ جو اٿاهہ ساگر سنڌيءَ ۾ لکيل تمام ٿورڙن ۽ معمولي ڪتابن جي ننڍڙي ڪوزري ۾ سمائجي نٿو سگهي. لکيل سنڌي، ڳالهائيندڙ سنڌيءَ جي سوچ، فڪر ۽ قدرن جي نمائندگي نہ ٿي ڪري، اهي اجا بنيادي



Gul Hayat Institute

طرح هڪٻئي جي اُبتڙ آهن. هوءَ هڪڙي شيءِ آهي، ته هيءَ ٻي. اتحاد به آهي ته ٽڪر به، پر حال في الحال ٽڪر اتحاد تي حاوي آهي.

سنڌي ادب ۾ اهڙا ماڻهو آڱرين تي مس ڳڻي سگهبا، جيڪي سنڌي عوام جي محاوري جا ڪجهه نه ڪجهه واقف آهن ۽ ان کي ادب ۾ استعمال ڪري ڄاڻن ٿا. انهن ۾ عبدالقادر جوڻيجو (جيڪو هاڻ اهو ترڪ ڪري ماڊرن پيو ٿئي)، ماهتاب محبوب ۽ ٻه چار ٻيا اديب هوندا. نسيم به انهن مان هڪ آهي. هو نه رڳو ڪافي سنڌي محاورا ڄاڻي ۽ استعمال ڪري ٿو پر پنهنجين ڪهاڻين جي پيش ڪش ۾ انهن کي بنيادي حيثيت ڏئي ٿو، ثانوي نه، جيئن ٻيا ڪن ٿا. هونئن ته امر جليل ۽ ٻين جي ڪن افسانن ۾ به گفتگو بنيادي آهي ۽ بيان ثانوي يعني پلاٽ جا نشان گفتگوءَ مان ظاهر ٿين ٿا ۽ نه بيانن مان، پر امر جي ٻولي سنڌي عوام جي محاوري واري ٻولي نه آهي. ان جو هڪڙو سبب هيءُ آهي ته امر اڪثر هن دؤر جا نوان سماجي جذبا، خيال ۽ لاڙا پيش ڪري ٿو. اهي نوان خيال اڃا عوام جي گفتگوءَ جو موضوع نه ٿيا آهن ۽ لکين ماڻهن جي روزمره جي استعمال ۾ رچي راس نه ٿيا آهن. ان جي اُبتڙ نسيم اهي خيال اهي ڳالهيون پيش ڪري ٿو، جي عوام ۾ اڳ ئي مروج آهن ۽ صدين کان گهڙجي سنوارجي سدا ملوڪ ٿي چڪا آهن.

جيڪي اديب احساس ڪمتريءَ وچان سمجهن ٿا ته سنڌي ٻولي عربي، فارسي يا هندي ٻوليءَ کان گهٽ آهي ۽ ان خيال کان ڪسر پوري ڪرڻ لاءِ غيرسنڌي لفظ استعمال ڪرڻ کي قابليت سمجهن ٿا، تن لاءِ نسيم جي خوبصورت يا بامحاوري ٻولي چڻ هڪ ادبي چماٽ آهي. آغا سليم واهه جي ٻولي ٿو لکي، پر اها گهڻي قدر سنواريل سينگاريل ڪتابي ٻولي آهي. ان ۾ عوام جي محاوري واري اصليت، چشڪو ۽ ميناج ڪونهي.

منهنجي خيال ۾ نسيم سنڌي افساني کي اهي ٻه مکيه ڳالهيون ڏنيون آهن. ڳالهه جي ڪاريگريءَ واري وڌ ويڌ ۽ سلائي ۽ سنڌي محاورا. باقي سندس سماجي مقصد، همدرديون ۽ جذبا زميندار سوچ جي حدبندين کي اورانگهي نٿا سگهن. ان ڪري اهي اڪثر ڄڻ چانهه جي پيالي ۾ اُٿاريل طوفان ٿا لڳن. نسيم ڪاريگر آهي، ان کان عوام ۽ سنڌي فنڪار فن سکي سگهن ٿا، پر سندس ڪاريگري عوام لاءِ وقف ناهي. ان معنيٰ ۾ نسيم کي اڄوڪي سنڌ جي عظيم سچن ۽ عظيم مقصدن جي نمائندگي ڪندڙ افساني نگارن ۾ شمار نٿو ڪري سگهجي. ڏات وڏي شيءِ ناهي، سچ وڏي شيءِ آهي.

ڪجهه وقت ٿيو ته امداد حسيني صلاح ڏني هئي ته پاڪستان کان پوءِ جي سنڌي شعبي ۽ ادب جي مڪمل ڇنڊڇاڻ ٿيڻ کپي. مون کي اُميد آهي ته آئون به ان ڇنڊڇاڻ ۾ حصو وٺي سگهندس. نسيم جي افسانن بابت مفصل راءِ زني ان وسيع پس منظر ۾ بهتر ڪري سگهبي. هيءُ فقط تلاءُ ۾ پهريون پٿر ڪري سمجهڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

# پاڳوٽيون

## (تخليقي ادب)

Gul Hayat Institute

# پسي ٻاڙها گُل
## (ڪهاڻين جو مجموعو)

## اڄ اُگهڙيا آئيا...

ساجن مُهاڻي سان منهنجي دوستيءَ کي ويهہ سال ٿيا آهن. ان وچ ۾ ڪَئِين لاهيون چاڙهيون ۽ ٽڪيون ڪوسيون آهن، پر ڪڏهن بہ سَنڌو ڪونہ پيو آهي. نڀايو اچون.

اٽڪل ويهارو سال اڳ، هڪڙي ڏينهن سب جج جي ڪورٽ ۾ ويٺو هوس تہ ساجن کي پوليس ڏنڊا ٻيڙيون هڻي وٺي آئي. ساڻس بہ سنڌي پائر کي سَوٽ ماسات ۽ ٻيا هئا. ڪل 9 مڙس هئا. ڪورٽ جي ورانڊي ۾ چؤپچو ٿي ويئي! ڪو ”ساجن مهاڻو اوا اهو اٿئي او!“ ڪو چوي ”زبردست ڏاڙيل آهي، ٿي خون ڪيا اٿس!“ ڪو چئي، ”هينئر بہ خون ۾ آهي.“ هر ڪو نئون فوجداري وڪيل خواب لهندو آهي تہ منهنجا اهڙا مشهور ۽ ناليرا اصيل هجن ۽ آءٌ بہ اهڙا اهڙا وڏا ۽ ڏکيا ڪيس هلائي سگهان. جيڪي وڪيل اهڙا وڏا ۽ ڏکيا ڪيس هلائيندا آهن، تن کي ننڍا ۽ نوان وڪيل طلسمي ديوَ ڪري سمجهندا آهن ۽ ڪين پِير ڪري پوڄيندا آهن. آءٌ بہ تن ڏينهن ۾ ننڍو ۽ نئون وڪيل هوس. مون بہ اتي ويٺل ننڍن وڪيلن وانگر دل ۾ سوچيو تہ، ”اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو، جڏهن ماڻهُو چوندا تہ انهن مڙسن جو وڪيل اوا اهو پيو اچي!“

ڪجهہ دير کان پوءِ منهنجو مُنشي مرڪندو مون ڏانهن آيو. چيائين تہ، ”جي دل جهلين تہ اڄ ڪم هڪڙو زبردست ٿي سگهي ٿو!“ پُڇيم، ”ڪهڙو؟“ چيائين،

Gul Hayat Institute

”ساجن مهاڻي جو ڪيس پاڻ ڪي ملي تہ ڪيئن؟!“ مون چيس، ”اهي هوائي خبرون ڇڏ! ڪم جي ڳالهہ ڪر!“ خير، خبر پئي تہ همراهہ جو ڪراچيءَ وارو وڪيل پئسن نہ ملڻ ڪري ڪاوڙجي ويو آهي. اڄ ڪونہ آيو آهي. جج ڪيس ڪونہ ٿو رکي. هلائي ٿو. منهنجي مُنشيءَ الائي ڪهڙا گشاپتا هڻي، ان مجبوريءَ جي حالت ۾ ساجن وارن کي مڃايو آهي تہ جيسين وڏي وڪيل جي پئسن جو بندوبست ٿئي ۽ هو اچي تيسين جج جي ضد کي مُنهن ڏيڻ لاءِ جيڪو هڪڙو اڌ شاهد حاضر آهي، ان کي آءٌ منهن ڏيان. مون وڪالت نامو وڌو. فيءَ جو تہ خير مون سوچيو بہ ڪونہ. رڳو اهي پئي دعائون گهريم تہ، ”شل پَتِ رهجي اچي! مون واري مُنشي جيڪي ٻٽاڪ هنيا آهن، تن جي پَتِ رهي!“

پر جج صاحب الائي صبح جو گهران وڙهي آيو هو الائي ڇا، مون واري پَتِ مان ڦَڪو بہ ڪونہ ڇڏيائين! منهنجو خيال هو تہ مڙيئي بہ چار اهڙا سوال پڇي ڇڏيان، جن مان گهڻو فائدو ڪٿي نہ بہ ٿئي، پر نقصان بہ نہ ٿئي ۽ ٿي سگهي تہ ڪجهہ لَئي بہ ٿئي، پر جج صاحب چئي، تون ٿيندو ڪير آهين جو اڄ مون وٽان سگهين لڱين وڃين! جيڪو ڪٿيو سوال پڇان، تنهن لاءِ گوڙ ڪريو بيهو رهي. چي: ”فضول آهي، بيو سوال پڇ!“ قصو ڪوتاهہ، مون کي هڪڙي ٽَڪي جهڙو ڪري ڇڏيائين! مون دل ۾ چيو تہ، ”زمين جاءِ ڏي تہ ان ۾ گهڙي وڃان!“ پوءِ اهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو. مون لاچار ٿي لِحاظُ ڇڏي، جج صاحب سان خالص قانون جي ڳالهہ ڪئي. سوال لکت ۾ نوٽ ڪرايم. جوابن جو لفظ بہ لفظ لکايم. ڳالهہ نيٺ وڌي وئي.

جج صاحب بنهہ ٻرُ ٿي ويو ۽ مون قلم 526 ڪ پ ڪ هيٺ ڪارروائي فوراً بند ڪرڻ جي درخواست ڏني. هاڻ ڪيس لازمي طرح رکجڻو هو سو رکيو. آءٌ ٻُڏندڙ دل سان ٻاهر نڪتس. جوابدار ججن کي ناراض ڪرڻ کان وَنئُون ويندا آهن، خاص ڪري وڏن ڪيسن ۾. وڏا ۽ پراڻا وڪيل مس مس جوابدارن کي جج سان قانوني ويڙهہ لاءِ تيار ڪري سگهندا آهن. ڪو مون جهڙو ان وقت جو اپرو سيرو رنگروٽ وڪيل، ڪنهن ساجن مُهاڻي جهڙي وڏي جوابدار کي، جنهن جو وڏو وڪيل ڪراچيءَ ۾ وينو هجي، تنهن کي جج سان قانوني طرح وڙهڻ لاءِ تيار ڪري سگهي، اها ڳالهہ سوچڻ ئي فضول هئي.

اهي ڳالهيون ڳڻي، آءٌ وڃي بار روم ۾ وينس. ايتري ۾ ساجن سڏايو. مون کي چيائين: ”مڙس پاڻيءَ وارو ٿو ڏسجين! دل متان لاهين! ڪيس جيئن وڻيئي تيئن هلاءِ! اسان هُن پاڙئي وڪيل تان هٿ ڪنيو. اسان جو وڪيل تون آهين. الائي وڪالت ڄاڻين ٿو ڪ نہ ٿو ڄاڻين، اسان کي تون پسند آهين. فيءَ لاءِ دل متان

Gul Hayat Institute

لاهين. اسين ڀاڙيا ڪونہ ٿينداسين!“ آءٌ رڳو ايترو چئي سگهيس, فيءَ جي ڳالهہ ڇڏي ڏي. خدا ڪندو سولي ٿي پوندي.“ اهڙيءَ ريت مون هن جا ويهن ڪان مٿي ڪيس هلايا. مون بہ محنت ڪئي, هُنن بہ ڪئي, ڪيس آهستي آهستي ڪري, هڪڙو هڪڙو ٿي ڇُٽي ويا. تان جو پوليس مون تي پُڪارون ڪيون تہ, ”ان ٿولي هٿان ڏاڙا هڻائي ئي فلاڻو وڪيل ٿوا“ حد جي ڪليڪٽر مون کي چيو تہ, ”انهن جا ڪيس ڇڏ. توکي نقصان نہ پوڻ ڏبو! تنهنجون ٻيون ڪيتريون ئي اپيلون وغيره پيل آهن. انهن ۾ ڪسر پوري ٿي ويندي.“ مون معذرت ڪئي, جنهن تان ڪليڪٽر صاحب گرم ٿي ويو. ان سان منهنجي ويڙهہ بہ لاڳيتو ٿي سال هلي. پوليس اڳي ئي خاري هئي. باقي ڊي-ايم صاحب پٺيان پئجي ويو. سو معاملو ڪجهہ گرم ٿي ويو پر خدا پَتِ رهائي. ڀاڙيو اسان مان ڪوبہ ڪونہ ٿيو.

7_8 سال ٿيا آهن تہ آءٌ اچي حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو آهيان. ساجن جا جيڪي ڪيس رهيل هئا, سي حيدرآباد مان وچي هلائيندو هوس. تان جو وڏا ڪيس سڀ ختم ٿي ويا. باقي سنها ٿُلها ڪيس, اتي اڳ منهنجو جيڪو پارٽنر هو, ان کي ڏيئي ڇڏيم. همراهہ حيدرآباد ايندو آهي تہ جيسين مون سان ملي ۽ ڪچهري نہ ڪري, تيسين مٿس حيدرآباد ڇڻ حرام. هڪٻئي کي پراڻيون ڏک سک جون ڳالهيون ياد ڏياريندا آهيون ۽ شڪر ڪندا آهيون جو هاڻ اهي لڙ لهريون لنگهي ويا آهن, پر سال کن ٿيو آهي جو همراهہ جو حيدرآباد اچڻ ئي ڪونہ ٿيو آهي. سو پئي دل ۾ چيم تہ, يا تہ نياپو ڪريانس يا کي ڏينهن بہ واندڪائي ڪڍي سگهان تہ وٺانئس ٿي, هوا بہ بدلائي اچان. اڃا اهي پور پئي پچايم تہ تنهن ڏينهن وڏيرو امام علي خان مليم. امام علي ڪنهن زماني ۾ مون سان ساڳئي اسڪول ۾ پڙهيو هو. ان حساب سان اسين پاڻ کي هم ڪلاسي سمجهندا آهيون. ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي, ساجن جو ذڪر نڪتو. چيومانس: ”گڏجيئي تہ چئجانس تہ مون وٽان ٿيو وڃ.“ اها ڳالهہ ٻُڌي, منهن ۾ گهُنڊ ڪٽي وڌائين. پڇيومانس تہ چيائين: ”توهان بہ ڪهڙن ماڻهن کي ڪٽي مٿي تي ٽا چاڙهيو.“ آءٌ حيران ٿي ويس. چو تہ امام علي تَر جي وڏيرن ۾ اهو اڪيلو ماڻهو هو جو ساجن جو ظامن وغيره پوندو هو ۽ چوٽيءَ لميءَ مٿس هٿ رکندو هو. هو بہ سندس واڪاڻون ڪندو هو ۽ وجهہ پيو ڳوليندو هو تہ وڏيري امام علي خان جو ٿورو ڪيئن لاهيان. تنهن جي واتان هن جي گلا ٻُڌي, مون کي حيرت لڳي. چيائين: ”فقير محمد خان رنج متان ٿين, پر ساجن جهڙو پال جو پڪل ڀاڙيو ٻيو دُنِيا ۾ ڪونہ لڀندو.“

مون کي ڪاوڙ تہ گهڻي آئي, پر چيم تہ اول انت تہ وٺانس. سو چيومانس: ”ڪر خبر, آخر ساجن تي هيءَ اوچتي ناراضگي خير مان ٿي؟“ چيائين, ”توکي تہ



Gul Hayat Institute

خبر آهي تہ پاڻ هنن ماڻهن لاءِ ڇا ڇا ڪيو. تون ياءُ وينو آهين تہ ٻي دنيا تہ ٿهيو پر خود ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ جهڙا ماڻهو بہ مون کي ٻانهن ۾ جهلي چوندا هئا تہ، ’وڏيرا، سُرت ڪر! گندن ماڻهن ۾ هٿ وجهي پنهنجي عزت گهٽ نہ ڪجي.‘ سَوٽُ مون وارو يعقوب سڃاڻين، سڄو ڏينهن مون کي گهٽ ڪرڻ لاءِ وجهہ پيو ڳولي. تنهن انهيءَ ساجن جو بهانو ڪري، سڄي دُنِيا جا ڳَن منهنجي برخلاف پرڻ مان وسئون ڪانہ گهٽائي، پر پاڻ بہ تو وانگر ڪنهن ڳالهہ تي بيٺاسين تہ پوءِ پلي مٿان ريلون مَٿي وڃن، ٻي وائي ڪانہ ورندي. تنهنجي ڳالهہ ٻي آهي، باقي ٻئي ڪنهن مائيءَ جي لال ۾ آءٌ اهڙي مٽيا ڏسان ئي ڪانہ ٿو جو انهن خَسِيس ماڻهن لاءِ ڪري هنيئن ٻرندڙ باهہ ۾ ٽپا ڏي. خير، پوءِ جهڙو تهڙو حال هو تهڙو توکي خبر آهي تہ ڪونہ گهٽايوسون.“ مون چيس: ”مون کي سڀ خبر آهي، توکي شاباس هجي، پر آخر ٿيو ڇا؟“ چيائين: ”اسان يا عمر مٿس هيڏا ٿورا ڪيا ۽ پاڻ بہ وسئون ڪونہ گهٽايائين، پر هينئر هڪڙن پڙون ماڻهن اسان تي اختيار ڪونہ آندو. تن کي آڏي ڪاٺي ڏيڻ لاءِ مٿس هڪڙو خَسِيس ڪم رکيوسين تہ بيهي راڳ ٻُڌائڻ لڳو. اول ڳُسائي ڳُسائي، نٽائي نٽائي، آخر ٿيون ڏينهن نڙو پڙو جواب ڏيئي ڇڏيائين! چوندا آهن تہ مُڙس ڪَرَڻ جي مند ئي ڪانهي. هي صفا ويو ڇَٽُ ٿي. ٻُڌو اٿئون تہ هاڻ ڪنانس ٻيا مڙساڻا اکر ويا هليا. هاڻ بہ ماڻهو ويڙهائي، لائي لڳائيءَ مان پيو پيٽ پاري!“

آءٌ ساجن بابت اهڙي گهٽتائيءَ جهڙي ڳالهہ ٻُڌي، سهي ڪونہ سگهيس. ٻئي آرتوار تي ڪماڪمي ڪري، ماڻهو موڪلي، ڳوٺان گهرائي ورتومانس. سڄي خبر سُڻائي، پڇيومانس تہ: ”ڪر خبر! اهو نڪ تي مَر ڪيئن لڳڻ ڏنو اٿئي؟ وڏيري امام علي خان جهڙي ماڻهوءَ جو ٿورو توکان نہ لهي سگهي ها تہ مون کي چوين ها. ڪو ٻِلو ڪري وجهونس ها.“ اها ڳالهہ ٻُڌي، ان مهل ڪا ورندي ڪانہ ڏنائين. رات جي ماني ڪاڌيسين. ٻين آيلن سان ڪچهري ڪري، جڏهن خلاصا ٿياسين، تڏهن چيومانس، ”ها ادا! هاڻ ٻُڌاءِ ڪي خدا جي ڏني مان.“ جواب ۾ کِلي چيائين: ,ملڪ ۾ ڪي ڪامريٽي ٿا ٻُڌجن، تو ڪي ٻُڌا آهن؟“ مون چيس: ”ڳُجهارتون ڇڏ! سنئين ڳالهہ ڪر!“ چيائين: ”الله جو سنهن، چرچو ڪونہ ٿو ڪريان! تون پهريائين ٻُڌاءِ تہ ڪامريٽي ٻُڌا اٿئي يا نہ!“ مون چيس: ”ڪامريٽي ڪهڙا؟“ چيائين: ”هي ڪونہ جيڪي ’سنڌ_سنڌ!‘، ’غريب غريب‘ ۽ ’هاري هاري‘ ڪندا، وڏيرن، ڪوڙن ڪليمن ۽ چوڌرين پٺيان لٺ کڻيو پيا گهمن ۽ جيلن ۾ پيا پون!“ سمجهيم تہ شايد انقلابي وطن دوست ۽ هاري ڪارڪنن جي ڳالهہ ٿو ڪري. پر پڇيومانس تہ: ”خير، ڪي هوندا ڪٽي، پر تون پنهنجي ڳالهہ ڪر.“ چيائين: ”توکي خبر ڪانهي، اڃي ڏاڍي اٿو خراب. هن عمر ۾ آءٌ بہ ڪامريٽي ٿي ويو آهيان؟!“ ائين چئي، ننڍڙي ٻار وانگر شرارتي نموني مون ۾ نهاري، منهنجو ردعمل ڏسڻ لڳو.

Gul Hayat Institute

قصو ڪوتاهہ، مهينو ڪن راتين جو ٿيو آهي تہ بہ ٽي ڏينهن ٻاهر نڪري ويس. واپس اچان تہ رن مون واري اونڌو منهن ڪريو پئي آهي. پتو پيو تہ ڇورو مون وارو يعقوب ڪيڏانهن جهٽ تي سنگتين سان گڏجي ويو هو. پاڳيا جاڳي پيا ۽ پويان پئجي وين. ٻيا موٽي آيا، مونجو ڇورو وريو ڪونہ. خبر ناهي ٻڌو يا حال پڇي ويو ۽ هئو مئو ٿاري پوءِ ايندو. خير، مون سنگتين کان وچي خبر ورتي. هيڏانهن هوڏانهن ٿوٺ واٺ ورتم، پتو پيو تہ ڇورو واڳن جي وات ۾ پئجي ويو. الائي جيئرو بہ هو ڪہ مورڳو ڪپي ويو.

پوءِ خبر پئي تہ اتفاق سان جتي هي جهٽ هڻڻ ويا هئا، انهن جو ڪو دوداڻين سان ماٺتاڻو رستو هو. اهي وس جا ڏينهن هئا، سو دوداڻي بہ لڏي اچي انهن جي ڳوٺ رهيا هئا. رات جو پاڳيا جاڳي پيا، تن گهوڙا گهوڙا ڪري سجو ڳوٺ اُٿاري وڌو. ڇورو مون وارو اتفاق سان ڪو وچي ڪنهن وڻ سان ٽڪريو. سو جهڙو هو تهڙو وچي هيٺ ڍنو. مٿان پاڳيا رسي ويا. مڙس ڪي هٽي رنڊي وڌائون. يارو دوداڻي، جنهن جو پٽ ڪنانس مري پيو هو سو بہ پاڳين سان گڏ هو. ان مڙس سڃاڻي ورتو. ان تہ هن ڪي آسمان ۾ پئي ڳولهيو سو زمين تي ملي ويس، سو ان ڪٽي بلاتو ڪيس.

”مون وچي ٿاڻن جو سَماءُ ورتو پر ڪٿي بہ ڪو فرياد داخل ڪونہ هو. ’ڇور جي ماءُ روئي گهڙي ۾، ثابتي ٿهي ڪانہ.‘ ڇور جن سان گڏ ٻڌو هو سي بہ ڊپ ۾ الائي ڪيڏانهن مٿو ڪٽي پڇي ويا. اهي هجن ها تہ بہ ٿورو ئي هلي پوليس وٽ قبولدار ٿين ها تہ ڪو ’اسين چوري ڪندي ڏسجي پياسين ۽ اسان مان هڪڙو بروقت واردات تي پڪڙجي پيو!‘ مٿان وري اهو انديشو تہ جي ٿي پوي مون وارن دشمنن وڏيرن ڪي بہ خبر تہ انهن جو تہ مڪو مچي ويندو. تنهنجي خبر هيم تہ تون مهيني ڪن لاءِ لاهور پاسي ويل هئين. هاڻ وڃان تہ ڪيڏانهن وڃان؟ چار ڏينهن چار راتيون گذري ويون، سوچي سوچي اکين اڳيان انڌ اچي ويم. ڇيم تہ هاڻ ڪجهہ نہ ڪيم تہ ڇريو ٿي پوندس. چوٿين ڏينهن نڪا ڪيم هم نہ تم، سڌو وچي خود يارو دوداڻيءَ جي گهر جي ٻاهران سڏ ڪيم! ٻاهر نڪري آيو. ڇيومانس، ”مون ڪي ٻيو ڪجهہ ڪونہ کپي. توکي ٻيو نہ تہ تنهنجي جوان جو لاش تہ مليو. مون ڪي بہ ٻيو نہ تہ رڳو ايترو ٻڌائي ڇڏ تہ ڇوري جو لاش بہ ملندو يا...“

منهن ۾ گهُنڊ وجهي ڇيائين: ”ڇورو ڪنهن جو؟“ مون ڇيس، ”گهٽين ڳالهين لڏجن اُٿ، ڳالهہ جو اڪر هيڪڙو. آءٌ توکي مڙس ماڻهو سمجهي، تو وٽ رڳو ايتري لاءِ لنگهي آيو آهيان تہ مون ڪي رڳو سنئين ڳالهہ ٻُڌاءِ. نہ تہ ڏي جواب تہ آءٌ جنهن گس کان آيو آهيان، تنهن تان موٽي وڃان.“ اها ڳالهہ ٻُڌي ٻاهہ ٿي ويو. ڇيائين: ”بي شرما، بي غيرت! ڪو شرم آئي ٿي جو مون ڏانهن آيو آهين! وڏيرن جو دلال



Gul Hayat Institute

ٿي، منهنجو دين دُنيا ۾ هڪڙو ٻچو ڳُهائي، پوءِ وري ڏاڙهہ ٺُورو ڪري آيو آهين، مون کان پنهنجي ڇوري جون خبرون پڇڻ...“

وڏيرن جي دلاليءَ واري ٽوڪ مون کان ان حالت ۾ بہ سَٺي نہ ٿي. چيومانس: ”آءٌ سڄي عمر وڏيرن ۽ سندن دلالن ۾ پڙون، ڪيرن ۽ ڳُٽڻ هٿان تباهہ ٿيو آهيان ۽ ساڻن مقابلا ڪندي ڏاڙهي اڇي ڪئي آهيم. تون مون کي ٿو وڏيرن جو دلال چئين!“ تنهن تي چيائين: ”جيڪي تنهنجي مخالف وڏيرن جي ٻَچ تي توسان وڙهن ٿا، تن کي تون دلال، پڙوو، ڳُٺڻ ۽ ڪير سڏين ٿو. جن جي برخلاف تون ساڳيا ڏنڊا ڪرين ۽ سندن دشمن وڏيرن جي ٻچ تي سندن ٻچا ڳُهائين، سي بہ توکي اهو نہ سڏين تہ ٻيو ڇا سڏين؟“

آءٌ پوئتي موٽيس تہ منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌائين، چيائين: ”هاڻ جي اچي سهڙيو آهين تہ هاڻ وري وڃين ڪيڏانهن ٿو؟“ ائين چئي مون کي ٻانهن کان گهلي گهر مهندان پڙڇ تي وٺي ويهاريائين. مون سوچيو ٿي ڪونہ تہ ڇا ٿيندو؟ ڇا نہ ٿيندو؟ آءٌ جهڙو موڳو هوس، تهڙو ماٺ ڪري پڙڇ تي ڪِري پيس. هو مون کي پڙڇ تي ويهاري، گهر هليو ويو. پهرين ڇيم تہ اُٿي هليو وڃان، پر وڃڻ تي واڪ نہ ٿئي، ٻِڇ دير ڪانپوءِ هو موٽي آيو ۽ مون کي چيائين تہ: ”اُٿي!“ مون دل ۾ چيو ”هن جيئڻ کان جيڪي ٿئي سو پلو ٿئي.“ سو اُٿي پٺيان ويومانس. هيءُ مون کي وٺي هڪڙي پونگيءَ ۾ ويو ۽ وڃي پڙڇ تي ويهاريائين. اتي هڪڙي وڏي عمر جي مائي ۽ هڪ ننڍي نينٽي ڇوڪري ۽ بہ ٽي ننڍا ٻار ويٺا هئا. وڏي مائي پنجاهي سالن جي عمر جي هئي. ڪيس ڪارا ڪپڙا پيل هئا، اکين جي ڇوڏاري ڪارا پٽا ٿي ويا هئس. ننڍي مائي اڃا ٻار هئي. ٻار بہ سندس ٽي ڏٺا، مائيءَ کي خدا سونهن صورت جا مٽ پري ڏنا هئا. ڪنهن ڏک ڪري بيحال هئي. اکيون ڏرا ڏئي ويون هيس. ٻنهي مون کي ڪيڪاريو. ياروءَ ٻنهي ڏانهن منهن ڪري چيو: ”هيءُ منهنجو پائرن جهڙو يار آهي، حيدرآباد پاسي ٿورهي. محرم جي قاتا (فاتح) ڪرڻ آيو آهي.“

آءٌ شرم ۾ ٻڏي ويس. پٽ جو نالو ٻُڌڻ سان وڏي مائي ”الله!“ ڪري ٽُٻيءَ ۾ پئجي وئي، جوان ڇوڪريءَ جي اندر مان بہ رڙ نڪري وئي، پر جيئن ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺي هئي، تيئن ڪنڌ مٿي ڪونہ ڪنيائين. ويٺي پٽ ڪندياڻين تان جو ڳوڙهن جون لارون سندس منهن تان وهي وڃي پٽ تي ڪِريون. تڏهن منهن اُگهي، پُٺ ڏيئي وڃي ٽانڊو ٻارڻ ويٺي.

ياروءَ مون ڏانهن مُنهن ڪري چيو: ”ادا، پٽ پيٽسان ڏاڍا منا ٿا ٿين. جي وڃن ٿا تہ مائٽن جون ڇيلهيون جهوريو وڃن....“ مون کان دانهن نڪري ويئي، آءٌ پٽ ڏيئي ٻاهر پڳس. در وٽ چيومانس: ”وڃان ٿو.“ هن ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري مون کي ٻانهن



Gul Hayat Institute

مان جهلي چيو: ”اها نينگري ڏنئي نہ! اها پٽ کي لاڏ ڪوڏ سان پرڻائي اچا ہہ مهينا ئي ڪونہ ٿيا تہ اهو تو وارو وڏيرو امام علي خان اچي چٽو ٿيو. روز ڪونہ ڪو بهانو ڪريو گهوڙو ڊوڙايو پونگيءَ اڳيان ٽُورو ٿيو بيٺو هوندو هو. هيڪڙي ڏينهن آخرچيومانس: ’وڏيرا، جهڙو تون سمجهين ٿو اهڙا ماڻهو اسين ڪونہ آهيون. اهو خيال لاهي ڇڏ. اڳتي وري هيڏانهن تڪليف نہ ڪج.‘ بس پوءِ اچي اسان جي پنيان پيو. چوريون، ڦُريون، ڪيس، ڦڏا، تان جو مون انڌي جي اڳيان هڪڙي ٻچي جي لٺ هئي، سا بہ ڪٽي پيچي ڏنائون.‘ اکين مان ڳوڙهن جون لارون اُگهندي، وري چيائين: ’منهنجي قسمت خراب هئي. منهنجو تہ ڪو واهرو بہ ڪونہ ٿيو. تو جي قسمت زور آهي. توکي تہ ازغيبي واهرو بہ ملي ويا آهن.‘ آءٌ حيران ٿي ويس. ڪنن تي اعتبار ئي ڪين آيم تہ ڪو سچي پچي اهي اکر ٻُڌا هوندم. چيم: ’ڪهڙا ازغيبي واهرو...‘ چيائين: ’اها فيصلي مان ئي خبر پوندي.‘ مون پڇيس: ’ڪهڙو فيصلو! ڪير ڪندو فيصلو؟‘ چيائين: ’سچي ڳالهہ جو فيصلو ٿيندو. ڪاميٽي فيصلو ڪندي، پاڻهي توکي اطلاع ملندو.‘ مون گهڻو پڇيس تہ، ’ڪاميٽي ڪهڙي، ڪير اطلاع ڏيندو؟‘ پر ڪو جواب ڪونہ ڏنائين. رڳو ايترو چيائين: ’هاڻ پلي آئين، وڌيڪ مون کان نہ پڇ. پاڻهي توکي اطلاع ملندو.‘ آءٌ پيرن تي ڪِري پيومانس، هٿ ٻڌامانس، آزيون ڪيون مانس تہ: ’مون کي رڳو ايتري خبر سُڻاءِ تہ منهنجو ڇورو هن جهان ۾ آهي يا ڪونهي؟‘ پر رڳو ايترو چيائين تہ: ’مون کي خبر ڪانهي، جيئن رب کي منظور هوندو، تيئن ٿيندو. توکي پاڻهي اطلاع ملندو.‘

آءٌ موٽي آيس، ڪريان سو ڇا ڪريان؟ فرياد بہ ڪري ڪونہ ٿي سگهيس. چيم تہ جي فرياد ٿو ڪريان تہ چوندا تہ شاهد ڪير؟ شاهد ڪٿان اچن؟ چور تہ ڪونہ پاڻ کي ٻڌائيندا. ٻيو شاهد ڪٿان اچي؟ تنهن کان سواءِ چوطرف دشمن. سوچيم تہ فرياد ڪندس ۽ شاهد نہ هوندم تہ اٽلو فرياد ڪوڙو ڪري مون کي ئي چالان ڪري ڇڏيندا. پوءِ ڇوري جو سماءُ ڪير وٺندو؟ چار ڏينهن چار راتيون ڇٽو تہ ڪر ڪنهن سمونڊ ۾ پئي گگٽيون کاڌم. رن مون واريءَ تہ جيئن فرش ورتو تيئن روئي روئي، مت مان نڪري وئي. سڪڻو مڙهو هو سو پئي گريو. ٿيو آءٌ بہ ختم پيو هوس، پر پاڻ کي چيم: ’ساجن يار، هن عمر ۾ متان پاڙيو ٿيو آهين! متان پاڻ تان دشمن ڪلائين! جيڪي ٿيڻو هوندو، سو هيستائين ٿي ويو هوندو. خدا ڪيو هوندو خير، پر جي هيڏانهن يا هوڏانهن تہ بہ پيٽسان جهڙو زهر جو وٽو آهي، تهڙو پي وجج، گونهن نہ ٿج! داڦ متان ڪرين! نہ تہ ڇورو تہ ويو الائجي بچيو پر يا عمر دُنيا ۾ ڪنڌ ڪٽي ڪونہ هلي سگهنداسين.‘

Gul Hayat Institute

آخر چوٿين ڏينهن فجر جو همراهه ڪنهن اچي سڏ ڪيو. نڪري ويس، پرپاسي جي ڳوٺ جو هڪڙو ماڻهو هو. تنهن چيو ته: 'سڀاڻي رات فلاڻي هنڌ هارين جو جلسو آهي، اتي ڪي فيصلا ٿيندا. توکي به سڏ آهي، پنهنجي سنگت ساٿ کي وٺي اتي اچج!'

جلسي ۾ ويس، اتي ڪي خلقون اچي گڏ ٿيون. تر جي سڀني راڄن جا ماڻهو هئا. تقريرون شروع ٿيون. تقريرون ڪونه هيون، چئو ڪر ڪتاب پيا پڙهن! برک به ڪري وڏيرن جا سڀ ظلم ٻڌايائون، تر ۾ جيڪي بيداديون ٿيون هيون، تن جو سڄو پوتاميل ڪڍي رکيائون. ٻئي پاسي جي ملڪن جا مثال ڏنائون ته اتي جا مزور، هاري ۽ غريب ماڻهو ڪيئن وڏيرن ۽ سيٺين کي دسي، پنهنجون بادشاهيون ٺاهيو ويٺا آهن. مڙس هئا بکيا ۽ غريب پر ڳالهيون ائين پئي ڪيائون جڻ ڪو هاڻي ڪورٽ جو جج پيو ججملٽ (ججمينٽ) ڏي. اصل تنگ توري ڇڏيائون. ماڻهوءَ جو وار وار اُڀو ٿي ٿي ويو. پوءِ هڪڙي پاسيري جاءِ ۾ ويهه پنجويهه مڙس گڏ ٿيا. مون کي ۽ يارو دوداڻيءَ کي به سڏيائون. هڪڙي همراهه خبرون ٻڌايون ته: "يارو دوداڻي جيڪو سنڌي هاري ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي، تنهن پنهنجي ڪميٽيءَ کي اطلاع ڏنو آهي ته: 'ساجن مهاڻو تنهن ڏينهن مون وٽ آيو ۽ مون کي اچي چيائين ته منهنجو پٽ گم آهي. تو پاسي ڏس آهيس. مون کي احوال ڏي!' هوڏانهن ياروءَ جو پُٽُ چون ٿا ته تنهنجي پُٽُ خون ڪيو هو. هن تعلقي جي سنڌي هاري ڪميٽي، اسان هنن ويهن مڙسن تي بار رکيو آهي ته اسين اوهان جون ڳالهيون ٻڌي، اوهان جو فيصلو ڪريون. اسان جدا جدا ذاتين ۽ ڳوٺن جا ماڻهو آهيون. اسان جو پاڻ ۾ وڏو واسطو اهو آهي جو اسين غريب عوام جي ڇوٽڪاري لاءِ پاڻ ۾ گڏ آهيون ۽ پنهنجي هڪڙي جماعت 'سنڌي هاري ڪميٽي' ٺاهي اٿئون. ان جو ڪم آهي غريبن کي سجاڳ ڪري، ڪين چرپر ۾ آڻي، سندن ٻڌي ڪرائي، سندن هٿان مڙسيءَ واري ڍڳهي ۽ ڏکي هلچل هلرائي، ملڪ کي وڏيرن، سرمائيدارن جي انڌيرنگريءَ مان آزاد ڪرائي. اسين ڪوشش ڪنداسين ته پنهنجي عقل ۽ سمجهه آهر اوهان جو صحيح ۽ واجبي فيصلو ڪريون. جنهن مان اوهان مان ڪنهن سان به ناحق نه ٿئي ۽ ٻي سڄي غريب خلق جو فائدو به ٿئي ۽ نقصان نه ٿئي. پاڻ سڀني غريبن جا سڄڻ سرها ٿين ۽ دشمن ڦِڪا ٿين."

پوءِ اسان کان پڇيائون ته: "ٻئي ڌريون فيصلي لاءِ راضي آهيو ۽ اسان کي ڳالهيون ٻڌڻ، فيصلو ڪرڻ جي موڪل ۽ اختياري ڏيو ٿا؟" اسان ٻنهي هاڪار ڪئي ۽ ٻنهي پنهنجون پنهنجون ڳالهيون پيش ڪيون. همراهه ڪن ڏيئي، پوري ڌيان سان اسان ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌيون. ڪنهن ڪنهن مهل، ڪنهن همراهه صفائيءَ وچان ڪو سوال پڇيو ٿي ته. واه! نه ته چپ چاپ لڳي پئي هئي. ڪنهن

جي وات مان اتفاق سان هلڪو يا گٿو اکر نڪتو ٿي تہ ان کي نرمائي، فضيلت پر مضبوطيءَ سان هدايت ٿي ڪيائون. ڪو ڳالهيون ڪندي، هڪڙيءَ مان ٻيءَ ۾ پئجي ٿي ويو تہ ان کي آهستي آهستي ڪري وري رند تي چاڙهيائون ٿي. مون کين پنهنجون سموريون خبرون ڪري ٻڌايون تہ ڪيئن مون کي وڏيرن تباهہ ڪيو ۽ ڪيئن مون سان امام علي خان پير پريا ۽ ڪيئن ان جو ٿورو لاهڻ جي خيال کان منهنجي چوڪري کان خطا ٿي پئي. تازو جيڪو وهيو واپريو سو بہ بيان ڪيم.

ياروءَ بہ امام علي خان جي دشمنيءَ ۾ ڪيسن جو سربستو احوال ٻڌايو. پوءِ چيائين تہ: ”پٽ مارجڻ کان پوءِ بہ امام علي خان منهنجي جند نہ ڇڏي ۽ مون کي ڪوڙن ڪيسن ۾ پورائي ڇڏيائين. جيل ۾ اتفاق سان هڪڙو سنڌي هاري ڪميٽيءَ وارو يار ملي ويم، ان منهنجا دماغ جا پردا ئي کولي ڇڏيا. هن مون کي سمجهايو تہ ’پاڻ اڪيلي سر وڏيرن سان ڪونہ پُڄي سگهنداسين. وڏيرن سان پوليس آهي، ڪامورا آهن. ڪورٽن ۾ هُنن جي هلندي آهي. جيل بہ انهن جا آهن. مطلب تہ سڄو ڪارخانو انهن جو آهي. پاڻ اڪيلا اڪيلا ٿي ساڻن وڙهنداسين تہ رڳو سِرُ وڃائينداسون. سرنداسون پائيءَ جا ٿلا بہ ڪونہ. سو پهريائين آهي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻي. سنڌي، چاموٽ، ٻروچ، سيد، پِيرُ جو فرق مٽائي، سيني ستايل سنڌين کي هڪڙي ابي، هڪڙي امان جو اولاد ڪري سمجهڻو آهي، دشمن جي هٿ جو باز ٽيڙو ناهي، سَؤ سور هجن تہ پاڻ ۾ ڇيهہ ڪري دشمن جو ڪاج ٽيڙو ناهي.

اهڙيون ڳالهيون ٻُڌائي ٻُڌائي، مون کي آهستي آهستي ڪري هارين جو همدرد ٻڻائي وڌائين. جڏهن ٻاهر نڪتس تہ پڇائي وڃي سنڌي هاري ڪاميٽيءَ وارن کي هٿ ڪيم. همراهن بہ هٿن جون ڇائون ڪري ڇڏيون. منهنجا اهڙا ٻانهن ٻيلي ۽ سچا همدرد ٿي بينا. جهڙو ڪو ابي امان جو ڄائو بہ ورلي ٿئي. آءٌ اڳي هيتري عمر جهڙو ڪر مائٽن عزيزن هوندي بہ نڌڻڪو ۽ بي واهو هوس. هاڻ هڪڙو سر وڃي بچيو هوس تہ بہ ڄڻ ڏٽيڪو ۽ وڏي وڳر وارو ٿي پيس. ڪيڏانهن ويون ريسون ۽ حسد، ڪيڏانهن ويا پاڙن ۽ ذاتين جا فرق ۽ ويڇا، ڪيڏانهن ويئي بدخواهي ۽ دشمني! تر جي آسپاس جو سڀ سمجهو ۽ سجاڳ غريب پاڻ ۾ ائين ڪير ڪنڌ ٿي وياسين، ڄڻ هڪڙي ابي، هڪڙي امان جو اولاد آهيون. اسان جا پراڻا خيال بہ بدلجي ويا. هاڻ اڳوڻيون ڳالهيون ياد اينديون آهن تہ، سمجهبو آهي تہ اونداهيءَ ۾ حياتي گذاري آيا آهيون. سو جڏهن ساجن پُٽَ ڳولهيندو مون وٽ اچي نڪتو تڏهن پهرين تہ هن کي ڏسي اکين ۾ رت اچي ويو پر پوءِ دل ئي دل ۾ پاڻ کي ساڌي، قبضي ۾ ڪري ورتم. مون کي پنهنجي هاري ڪاميٽيءَ وارن همراهن جون هر هر سمجهايل سڀ ڳالهيون دل تي تري آيون ۽ مون رَتُ جي گُرڙي پيري، هن جون ڳالهيون ٻُڌيون ۽ ڪيس صحيح

Gul Hayat Institute

سلامت واپس موٽايم. هاڻ اوهان راڄن جي غريب ڀائرن ۽ ساٿين جي هٿ ۾ فيصلو آهي. جيڪي اوهان کي اڇي سو ڪريو.“

همراهن اسان جون ڳالهيون ٻڌيون. مڙس سڀ داناءُ هئا. هڪڙو ٻئي کان وڏيڪ. واري واري سان هر ڪنهن پنهنجو رايو ڏنو. آخر سيڻي مون کي ڏوهاري ڪيو ته: ”تو هڪڙي غريبان مار ظالم وڏيري جي موڇڙن کان بچڻ لاءِ، ٻئي ظالم ۽ غريبان مار وڏيري کي خوش ڪرڻ لاءِ، پاڻ جهڙي غريب ۽ ماريل ڀاءُ تي حملو ڪرايو. جنهن ۾ هن جي ٻچي جي زندگي ختم ٿي وئي. تو سوچيو ته ان وڏيري جا مون تي ٿورا آهن، سي لاهي، مڙس ماڻهو ٿو ٿيان، پر تو ائين نه سوچيو ته توتي ٿورا ڪرڻ وارو اهو ڪير آهي؟ جن ظالم وڏيرن توتي ظلم ڪيو انهن کان هيءُ ظالم وڏيرو ڪهڙي ڳالهه ۾ ٻيو آهي؟ هو تو غريب تي ظلم ٿا ڪن، هيءُ ٻين غريبن تي ظلم ٿو ڪري. ڏنڏو ٻنهي ظالم وڏيرن جو ساڳيو آهي. ٻنهي ظالمن ۾ فرق ڪهڙو ٿيو؟ تون هڪڙن ظالم وڏيرن جي ظلم کان بچڻ لاءِ ٻين ظالم وڏيرن جي هٿ جو باز ٿي، پاڻ جهڙن ٻين مسڪينن ۽ ماريلن جو مارو ٿيو بيٺو هئين.“

ياروءَ جي گهر واري اڳوڻي ڳالهه ياد ڪري ۽ هن سڄي جلسي ۽ ڪچهريءَ جون ڳالهيون ٻڌي، مون پنهنجي دل ۾ چيو ته، ههڙن مڙسن اڳيان گهٽ وڌ ڳالهه ڪري، بچت ونڻ مڙس جو شان نه آهي. منهنجي دل ڀرجي آئي. اکيون اُگهي، پٽڪو لاهي ڪٽي ياروءَ جي پيرن تي رکيم ۽ چيومانس: ”ادا، آءٌ بلاشڪ تنهنجو ڏوهاري آهيان. منهنجي ڇوري جي ڪٿي قسمت! جي ڇڏيو آهيني (اٿيئي) ته قلبان ٿيوا جي جيئرو هجي ته مون کي خدا ڪارڻ ڏوهه بخش ڪر. سڄي عمر ٻئي ڀيءُ پٽ توجا، توجي ڪاميٽيءَ جا ۽ سيڻي ڀائرن جا گولا ٿي گذاريندا سين...“ ائين چوندي، گلو ڇڻ بند ٿي ويم ۽ ڪانئن وڏيڪ ڳالهائي نه نڪري سگهيو.

همراهن مان هڪڙي چيو ”ادا! وڏو نالو الله جو پر الله سائين کي تنهنجي منهنجي معافي ڏيڻ جو لوڙ ڪونهي. بخشش جي گهرج آهي توکي، مون کي، پنهنجي سنڌ جي غريب ڀائرن کي. ڇو ته ذاتي سُور پيئنداسين، ذاتي ڏوهه بخشينداسين، تڏهن هڪٻئي جي دلين مان ڪدورتون وينديون ۽ پاڻ ۾ سيڻي جي گڏيل دشمنن جي چنبي مان نڪري پيرن ڀيڙا ٿينداسون.“

سيڻي جون دليون ڀرجي آيون. ياروءَ جي اکين مان لڙڪ وهي اُٿي هليا. هن منهنجو پٽڪو ڪٽي مون کي مٿي ۾ وڌو ۽ روئي چيائين: ”ادا! مون مسڪين ۽ ايرن سنڌي مارو ماڻهن جي ڀائيچاري جي صدقي پنهنجي ٻچي جو خون توکي بخش ڪيو.“ سيڻي ڪيس وڏي سڏ گهڻي دير مبارڪون ۽ شاباسون ڏنيون. منهنجي اکين مان ڳوڙهن جو بند ٽُٽي پيو. ڪجهه دير ترسي، ياروءَ چيو: ”جڏهن ساجن جو پٽ

Gul Hayat Institute

منهنجي اڳيان ڏکجي ڪري پيو ۽ ٻڏجي پيو. تڏهن دل ۾ چيم ’واه مولا. تون حق وڪيل آهين! ڪورٽ کان ڇُٽي سي ويو پر قضا کان ڪونہ ڇُٽو. هاڻ نڪو ڪو شاهد، نڪو گواهہ! جن جهليو آهي، سي بہ ابي امان جي اولاد جهڙا پائر ۽ يار آهن. ڪُسي ويندا پر گوال ڪونہ ڏيندا. هاڻ هن کي ڪٽي وجي ڪٿي جبل ۾ خفا خون ڪري، پنهنجو اندر ٿو ٺاريان.‘ پر پوءِ پنهنجي هنن، همراهن جو خيال آيم تہ مٿان چون تہ، ’صلاح کان سواءِ ههڙو ڪم ڇو ڪيئي؟‘ سو ڇوڪري کي هٿيڪو ڪري سچي خبر ٻڌائي مان. هنن منهنجا ترا ڪڍي ڇڏيا! سچي ڳالهہ سمجهائي چيائون:

”خبردار جو ان ماڻهوءَ کي هٿ لاتو اٿئي! ان جو تنهنجي پُٽُ سان ڪوبہ وير ڪونہ هو. اهو خود مظلوم آهي. ڀُليل ۽ گمراهہ آهي. اصل قاتل اهي آهن، جن هنن مجبورن کي اهڙي مجبوريءَ ۾ وجهي، ڪانئن ههڙا ڀڏا ڪم ڪرايا. هن سالن جا سال جيل ۾ لوڙيو آهي. اجا تازو ڦاسي گهاٽ مان نڪتو آهي. اصل جنگ انهن سان آهي، جيڪي هڪڙن مسڪينن کي ڦُرڻ، لُٽڻ ۽ چِپڻ لاءِ ٻين کي شڪاري جانور ڪري استعمال ڪن ٿا. اهو ماڻهو تو وٽ ۽ پاڻ سيني غريب پائرن ۽ پاڻ هارين جي ڪميٽيءَ وٽ سام آهي. ان جو وار بہ ونگو نہ ٿيڻ کپي.“

اها ڳالهہ ٻُڌي مون کي بہ خدا ساڃاهہ ڏني ۽ مون همراهہ وٺي آٽي، هنن همراهن جي حوالي ڪيو ۽ چيومان تہ، ”هاڻي هيءُ ڄاڻي توهان ڄاڻو!“ هنن چيو تہ، ”رڳو هن کي ڇڏي ڏيڻ سان سچو فائدو ڪونہ ٿيندو. اوهان جا خيال نہ بدليا ۽ اوهان جي دل مان ڪدورتون نہ نڪتيون تہ اوهين وري ڪنهن نہ ڪنهن جي ٻچ تي هڪٻئي جي سِر جا ويري ٿيا. هڪٻئي تي اُپا ٿيا بيٺا هوندا. ڇڱو ائين آهي تہ فيصلو ڪري دشمنيءَ جي پاڙ ئي هميشہ لاءِ وڍي ڇڏجي. ۽ خود هنن ڀُليلن کي بہ گس تي چاڙهي ڇڏجي!“

ڇوري جي ٻچڻ جي اها ڳالهہ ٻُڌي، خوشيءَ وچان منهنجا هٿ پير ٺري ويا. ڪنهن مهل کان پوءِ ڪنهن اچي منهنجي پيرن تي هٿ رکيا. مون اکيون کوليون تہ مٿان ڇورو مون وارو بيٺو هوا! بس پوءِ تہ منهنجي جيڪا حالت ٿي سا تہ پڇ ئي نہ! ايتري ۾ هڪڙي جواڻ مڙس ياروءَ ڏانهن منهن ڪري چيو: ”چاچا، سچي مڙسي اها آهي! سچي غيرت اها آهي! پُٽُ جو وير بيشڪ تو ورايو آهي!‘ سچي مڙسي اها ناهي تہ پنهنجا پاڻ جهڙا ايرا پائر ڇپجن يا انهن کي ڪير لالچائي يا برغلائي ڪانئن ڪُڏو ڪم ڪرائي، تہ انهن کي تباهہ ڪجي. سچي مڙسي، سچي غيرت اها آهي تہ ڪيڏو بہ سور اچي تہ پي وڃجي، پر دشمن کي خوش ٿيڻ نہ ڏجي. اها آهي سچي دليري. تو پُٽُ جو خون درگذر ڪري، دشمن جي زبردست ۽ قاتل سازش کي ناڪام ڪيو آهي!“

ٻئي جوان چيو: ”هيترو سڄو دنيا جو دؤر ظالمن جي بادشاهي هلي آهي. هاڻ مظلومن جي بادشاهي قائم ڪرڻي آهي ۽ ظلم جو بڻ بُنياد ختم ڪرڻو آهي. ان



Gul Hayat Institute

لاءِ ٻڌي ڪيپي، ضابطو ڪيپي، اورچائي ڪيپي، مڙسي ڪيپي، ڏاهپ ڪيپي.“ ٻيون بہ الاهي ڳالهيون سمجهائيندا رهيا. ان گهڙيءَ مون بہ پنهنجي دل ۾ قسم کنيو تہ ”وري ڇا بہ ٿي پوي، پنهنجن غريب ڀائرن جو مارو نہ ٿيندس ۽ سنگت رکندس تہ پنهنجن غريب ڀائرن سان ۽ نہ دشمن ظالم وڏيرن سان. ڀلي ڪٽي سڄا سون ٿي پون.“

ان ڳالهہ کي اڃا ٿورا ڏينهن ئي مس گذريا تہ تنهن ڏينهن امام عليءَ خان گهرائي چيم تہ: ”دوداڻي وٽ مال جام ٿي ويو آهي، وڃي هلڪائي ڪري اچينَ!“ ڀهرين چيم تہ، سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايانس ۽ چوانس، ”وڏيرا! اهي ڏينهن ڪائي ويا، جڏهن اسان کي ڀاڙيو ڪري استعمال ڪندا هئا.“ پر همراهن هدايت ڪئي آهي تہ ’راز جي ڳالهہ ڪنهن سان بہ ڪرڻي نہ آهي. ضابطي ۾ هلڻو آهي.‘ سو نٽائي ويس. پر وڏيرو جند ئي نہ ڇڏي. هُتان هِتان واريو بيٺو آهي. لاچار ڪيس صاف جواب ڏيڻو پيم. هاڻ ٻڌاءِ تہ مون ڪهڙي بڇڙي ڪئي؟“

مون کِلي چيس: ”ڀلا جي آءٌ چوان تہ تو بي واجبي ڪئي آهي. امام عليءَ جهڙي مڙس کي جواب ڏيڻ تو جهڙي مڙس جو شان نہ آهي تہ تون منهنجي ڳالهہ مڃيندين؟“ چيائين، ”دل واري ڳالهہ؟“ چيم، ”هائو!“ چيائين، ”ڪونہ مڃينديس! مون کي هاري همراهن جي ڳالهہ تي سورهن آنا ويساهہ اچي ويو آهي! مرڻ مريويندس پر ان ڳالهہ تان ڪونہ لهندس. تون رنج ٿيندين تہ توکي پرچائي وجهندس، پر غريبن جي طرف وار ڳالهہ ڪونہ ڇڏيندس!“ مون چيس تہ، ”پوءِ جيڪي وٽيئي سو ڪرا“ پڇيائين، ”۽ تون؟“ مون چيس، ”آءٌ تنهنجي پنيان!“ چيائين، ”چرچا ڇڏ! اسين جاهل اوهان جي پنيان سونهون ڪہ توهان اسان جي پنيان سونهندا؟“

چيومانس: ”جاهلن جا بہ قسم آهن. هڪڙا اڻ پڙهيل جاهل ٿيندا آهن. ٻيا پڙهيل جاهل ٿيندا آهن. پڙهيل جاهل، جهڙو ڪنو ۽ گندو جاهل، دنيا ۾ ٻيو ڪونہ ٿيندو آهي. غريب جو ٻار ڀلي ڪهڙو بہ امير ٿي وڃي، پر جي پنهنجي غريباڻي لڏي جو طرف ڇڏي، ڪانوَ وانگر مور جي چال هلڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ دشمن جو دلال ٿيندو تہ ان جهڙو مورک ۽ جاهل ٻيو ڪهڙو ٿيندو؟ آءٌ ڪٽي اتفاق سان وڪيل ٿي ويو آهيان، پر اولاد تہ انهن مسڪينن جو آهيان، جن جون ست ڇا ست سؤ پيڙهيون بہ ٻورو ڍؤ ڪونہ سڃيرن. منهنجا مائٽ اوهين غريب آهيو. هي وڏيرا ۽ سيٺيون جيڪي پنهنجي مطلب ۽ غرض لاءِ ڀاڻ کي ڳراٽڙيون پيا وجهن، سي مون ۽ تو جهڙن جا مائٽ ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيندا. مون کي بہ پنهنجي پارٽيءَ جو ماڻهو سمجهہ!“

هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مون کي ڀاڪر پائي چيائين: ”جوان جا پُٽَ، تہ پوءِ پنهنجي آهي بہ فتح!“

(ماهوار ”تحريڪ“، جنوري 1978ع ۾ ڇپيل)

# وڍيو هئين تہ ويھہ

صبح جو سڄو شهر ڄڻ ڏينهن جو مانارو بڻجي ويو. فضا ۾ هزارين سوال، اطلاع، تصديقون، ترديدون ۽ افواهہ ڳجهن وانگر لامارا ڏئي رهيا هئا. ماڻهن جا آواز ۽ سندن چهرن جا رنگ بدليل هئا.

بيا تہ ٺهيو پر خود ”گولي چل گئي!“ بہ اڄ صفا بدلجي ويو. هو هر روز صبح جو ڇهين بجي باقاعدگيءَ سان اخبارن جو ٿهو سائيڪل تي کڻي، سهڪندو سهڪندو اچي ساڳي ڄاتل سڃاتل، هيبتناڪ وحشي رڙ ڪندو آهي: ”گولي چل گئي!“ ايتري قدر جو جڏهن منهنجي واچ، خراب ٿي ويندي آهي، تڏهن آءٌ ”گولي چل گئي!“ جي اچڻ يا نہ اچڻ مان اندازو لڳائيندو آهيان تہ ڇهہ لڳا آهن يا نہ.

اڄ صبح جو جڏهن هن پنهنجي دستوري وحشي واڪي بدران ڪجهہ دبيل انساني آواز ۾ دانهن ڪئي، ”لاني چل گئي!“ تڏهن منهنجا ڪن کڙا ٿي ويا هئا.

”اڄ ضرور ڪجهہ ٿيو آهي.“ مون سوچيو.

بار روم ۾ گهڙيس، تہ ائين لڳم ڄڻ تہ ڪنهن جو پٽڙ وڇايل آهي. آهستي آهستي غصو غم تي غالب پوڻ لڳو. آواز اوچا ٿيڻ لڳا. هڪڙو بزرگ اوچتو ٽپ ڏئي اُٿي بيٺو ۽ واڪو ڪري چيائين، ”اچو تہ هلون.“ اسين ٽي ڄڻا بيا بہ اُٿي کڙا ٿياسون.

ڪار پرڳڙي روڊ وٺان ٿيندي، جڏهن سينٽرل جيل جي احاطي ۾ گهڙي، تڏهن پريان لائوڊ اسپيڪر تان آواز ٻُڌڻ ۾ آيا:

”هٽ جائو“ ”هٽ جائو“ ”پيڇي هٽ جائو!“ شاهي دروازي اڳيان هيسيل ۽ پريشان ماڻهن جا ٽولا بيٺل هئا ۽ اسان جا وڪيل وارا ڪارا ڪوٽ ڏسي اسان کي

Gul Hayat Institute

وراڻي ويا. ”چا ٿيندو.“ اسان سلپون اندر ڏياري موڪليون. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ وڏي در جي چوٽين پٽي کُلي. اندر گهڙياسون. سپرنٽينڊنٽ جو ڪمرو پريل هو. اسان سندس ڪيڪار وراڻي ڪيس پنهنجو مطلب ٻڌايو. چيائين: ”ليٽر لکي ڏيو.“ ليٽر لکي ڏنوسين. ”ملاقات ڪڏهن ٿيندي؟“ ”ها هدايتون وٺيون آهن.“ اسان مان ڪنهن چيو. سپرنٽينڊنٽ تمام فضيلت وارو ماڻهو هو پر ڪير به ڳالهائڻ جي موڊ ۾ ڪونه هو. ”معاف ڪجو سرڪٽ هائوس مان ٿو ٿي اچان. پنج منٽ!“ ائين چئي سپرنٽينڊنٽ هليو ويو. اسان معنيٰ پريل نظر سان هڪٻئي کي ڏٺو. هڪڙي جي نگاهه چيو: ”مٿان هدايتون وٺڻ ويو آهي!“ ٻئي جي نگاهه چيو ”ڪا نئين چال کيڏندا!“ ٽئين جي نگاهه واچ تان موٽندي چيو ”اجوڪو ڏينهن لنوائيندا!“ چوٿين نگاهه هٻڪندي چيو ”مورڳو پاڻ کي ڦاسائڻ....“

اسين نهي نڪي مرڳو اهڙي انداز سان ڪرسين تي ٿي ويٺاسين، جڻ چا به ٿي پوي ته به ٿڪي بيزار نه ٿيندا سين ۽ نڪي ڪنهن بهاني ۾ اچي واپس موٽنداسين.

جيلر ۽ قيدي آيا ويا پئي. جيل جو ڊاڪٽر اچي ويٺو. ڪجهه دير بعد هڪ برف جهڙين اڇين ٻانهن، باهه جهڙن ڏڳندڙ ڳلن، نيرين، مرڪندڙ ۽ نچندڙ اکين واري 25 سالن جي عورت اچي ويٺي. سينې جون اکيون بي اختيار منجهس کُپي ويون، پر هڪ دفعو ڏسي وري ڪنهن به ڏاهنس نه نهاريو. اڄ ڪنهن به قسم جو لطف حاصل ڪرڻ جڻ انهن جذبن سان غداري هئي، جيڪي اسان جي سينن ۾ پئي پڙڪيا. ”ههڙي وقت تي...“ اسان سوچيو.

ڪلاڪ گذري ويو. اسين ڪاغذ پٽ تيار ڪرڻ ۾ لڳي وياسين. هڪڙو قيدي گهڙي آيو. اسان کان پاسيرو ٿي اچي بيٺو اسان ڏانهن ڏسڻ بنا جيلر سان ڳالهائڻ لڳو. مون بي خياليءَ سان ڏانهس ڏٺو. ناهوڪو سنهڙو هلڪڙو نوجوان، ڦاٽل ڪپڙا، ڪنڊريل وار، وڌيل ڏاڙهي، اُگهاڙا پير، نرم پرباوقار آواز. هن جهُڪي جيلر کي ڪجهه چيو پئي. اوچتو هن اسان ڏانهن لوڏو هنيو ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪ بند ٿي وئي.

مون کان بي اختيار نڪري ويو. ”يوسف لغاري“ هن جي چهري تي هڪدم سندس جڳ موهيندڙ معصوم، پياري ۽ پنهنجائپ واري مرڪ ڇانئجي وئي.

”يوسف لغاري... يونين جو صدر؟“ هڪ ساٿيءَ پڇيو.

مون يوسف کي ڀاڪر پائيندي ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي.

”ڪل گهڻا؟“ مون پڇيس.

”207“ هن وراڻيو.

Gul Hayat Institute

”زخمي گهڻا؟“
”سڀ.“
”سخت؟“
”گهڻي ڀاڱي.“
يوسف هليو ويو. اجا ٻه راتيون اڳ هو منهنجي آفيس ۾ پڻس جي جاءِ جي اپيل جا ڪاغذ ڪڻي آيو هو. چڱو ڀلو ۽ آزاد هو. سندس نس نس مان زندگي پئي ڇلڪي.
سپرنٽينڊنٽ نيٺ موٽيو. ”ٻيا ٻه ملاقاتي آيا آهن. اڳ ۾ پوءِ اوهان ٻه گڏ هلو ته يڪي ملاقات ٿي وڃي.“ ته ڇئبو ته ملاقات واقعي ٿي پئي. ٻيا ملاقاتي ۽ اسين سڀ گڏ جيل جا چُن سان لنبيل صاف سٿرا گس ڏيئي اندر وياسين. واٽ تي تعارف ٿيندا هليا.
”مجيب پيرزادو، انجنيئرنگ ڪاليج!“
”ڪامل راڄپر، ميڊيڪل ڪاليج!“
هڪ دروازو کُليو ۽ اسين ٻه سَؤ ڪن سي ڪلاس قيدين سان ڀريل هڪڙي شاهي اڱڻ ۾ داخل ٿياسون. اڱڻ اندران هڪ کُليل جيل بلڪ کُليل اسپتال ٿي لڳو. قيدي ننديين، اُداس، ماتمي ٽولين ۾ ورڇيا، اُگهاڙي پٽ تي ويٺا هئا. اسان کي ڏسي سڀ دروازي ڏانهن وڌي آيا.
فضا ۾ آيوڊين جي بوءِ ڇانيل هئي. ڦهريائين مون پنهنجي پراڻي دوست علي احمد قريشيءَ جي پٽ اعجاز کي سڃاتو. هو پيرين اُگهاڙو پنهنجي منهن ڪجهه سوچيندو ڀريان پئي ويو. گوڙ تي ڪنڌ ورايائين ته اسان جون اکيون مليون. مون اڳ ۾ پاڻ کي سمجهائي ڇڏيو هو ته کهڙو ٻه نظارو ڏسندس ته ٻه جذبن جو اظهار نه ڪندس. مون ڪيس پاڪر پاتو ۽ هٿ دٻائي فقط ايترو چيومانس: ”خوش رهه.“ پر پنهنجي جذبن کي وس ۾ رکڻ ايڏو سولو نه هو. قيدين جنهن وقت پنهنجن ڏکوئيل ۽ غصي ڀريل آوازن ۾ پنهنجي روئداد بيان ڪئي، جڏهن اسان جون نظرون سندن ڦاٽل مٿن، سُڄي بند ٿيل ٽنگن، ڇچريل منهن ۽ بدن، ليڙون ليڙون ۽ مٽيءَ ۾ پيوت ٿيل ڪپڙن ۽ اُگهاڙن پيرن تي پيون، جڏهن لنين ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي دونهن، لانگ بوٽن، رائيفلن جي ڪنداڪن، گپ ۽ پاڻيءَ ۾ لتاڙيل ڇيياٽيل ۽ ڇچريل نوخيز انساني جسمن جي تصويرن ذهن تي حملو ڪيو تڏهن پنهنجي جذبن تي قبضو رکڻ مشڪل ٿي پيو.
جڏهن هڪڙي زخميءَ منهنجي هٿ کي لوڏي چيو. ”ادا! آءٌ توهان جي ضلعي جو آهيان.“ جڏهن هڪڙي عرب ڇوڪري ٽُٽل ڦٽل انگريزيءَ ۾ دانهن ڏيڻ جي



Gul Hayat Institute

ناڪام ڪوشش ڪئي، جڏهن هڪڙي نوجوان منهنجي ڪرسيءَ جي پرسان پٽ تي ويهي چيو "ادا! اسان کي چيائون مرغا ٿيو!" جڏهن ٻئي چيو "آءٌ هٿ اُڀا ڪري پاٽيءَ مان نڪتس تہ مون کي ٻاهر نڪرڻ شرط رائيفل جو ڪنداڪ هٽي ڪيرائي وڌائون، هيءُ ڏسو منهنجو مٿو!" جڏهن هنن ڳوڙهن کي پي، سينا تاڻي، چيو ٿي، "پرواهہ ناهي، هيءُ پهريون امتحان هو اسين هر امتحان لاءِ تيار آهيون!" تڏهن نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ ڦاسي پئي. ماٺهو ڏجيو ٿي ويو تہ اجهو ٿيون اکيون پرجيو اچن. هاڻ ٽا ڳوڙها وهن.

مون پاڻ کي پتر ٻٽائي ڇڏيو بہ ڪلاڪ پتر ٻٽيو سخت زخمين جون لسٽون ۽ سندن ويل سامان جون لسٽون لکندو رهيس. مون کي خبر هئي تہ، ويل سامان ڪونہ ملندو، اندريان زخم ڪونہ متجندا، نہ هنن جا ۽ نہ اسان جا، پر اسان لکندا رهياسين. ماٺهو ڪنهن نموني رڏل هجي تہ سوچڻ کان بچيو پئي. پاسي ۾ ويٺل زخمي، مٿي واري کي چيم، "تون ليٽي پئہ، آرام ڪر!" هن پڇيو "ڪٿي؟" مون لوٽو هنيو اُگهاڙي پٽ تي وهاٽو بہ ڪونہ هو. مون لجي ٿي اکيون ڦيرائي ڇڏيون. وري ساٿس ڪونہ ڳالهايم. ايتري ۾ آيل ملاقاتين پنهنجي قيدي ساٿين کي گڏ ٿيڻ لاءِ چيو. قيدي منڊڪائيندا، پنهنجا زخمي بدن گهليندا، هڪ هنڌ گڏ ٿيا. تقرير ڪندڙ جو آواز بلند ٿيو: "ساٿيو! اڄ اسين پهرين آزمائش مان لنگهيا آهيون. اڃا بہ ڏکيون گهڙيون اچڻيون آهن، پر اسين حق لاءِ سڀ ڪجهہ سهڻ لاءِ تيار آهيون."

آءٌ ميڙ مان هليو آيس. مون کي هنن سان گڏ ٻيهڻ جو ڪو حق ڪونہ هو. هو زخمي هئا ۽ آءٌ سڄڻ لڳن سان، هو بند هئا ۽ آءٌ آزاد، هو آزمائش ۾ مبتلا هئا ۽ آءٌ پنهنجي ڏنڌي ۾. هو ٻي جنس هئا ۽ آءٌ ٻي جنس. مون کي بي اختيار فارسيءَ جو شعر ياد آيو. "ڪسي ڪہ ڪشتہ نہ شد از قبيلۂ مان نيست." (جيڪو ڪُٺل ناهي، اهو اسان جي ساٿ مان ناهي.)

Gul Hayat Institute

سهڻي لطيف بہ تہ چيو آهي، "وڍيو هئين تہ ويهہ نہ تہ وڃيو وڃ واٽ تون." مون پنهنجي واٽ ورتي ۽ وري وڃي ڪرسيءَ تي ويٺس.

اسان جو بزرگ اڳواڻ ۽ ٻيا ساٿي بہ رڏل هئا. ڪو لکڻ ۾، تہ ڪو ٻُڌڻ ۾، سندن چهرن تي سمنڊ جهڙا اونها تاثر هئا. رواني ٿيڻ وقت اسان کي چيائون، "اڄ پلا ضامن ٿي ويندو؟"

مون کين ڪوڙو دلاسو ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو. مون چيومَ: "شايد بہ يا اڃا بہ وڌيڪ ڏينهن لڳن. اها تڪليف برداشت ڪرڻي آهي. ڇا ڪجي مجبوري آهي." تڏهن چيائون، "توهان ڪوبہ خيال نہ ڪريو. ضامن ٿئي نہ ٿئي، پرواهہ ڪانهي، اسين سڀ ڪجهہ سهنداسين." موٽندي آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ چانهہ گهرائي.

ايتري ۾ هڪڙو قدآور، جانٺو چست ۽ ڦڙت، سهڻو انگريزي لباس پهريل ماڻهو لنگهي آيو. سندس بيحد دلڪش مرداڻي حُسن کي ڏسي، مون پنجن ندين جي پاڻيءَ کي داد ڏنو. سڀ اُٿي بيٺا. هن سپرنٽينڊنٽ جي ڪرسي والاري. سپرنٽينڊنٽ بيٺو رهيو. نئين آيل اسان جن قيدين بابت ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي. سندس گفتگو هڪڙي سَؤ في صدي حاڪم جي گفتگو هئي. هن بار بار ”تخريب پسند“، ”انتظام“، ”حڪومت“، ”ذميوارين“ جا لفظ پئي دهرايا. اسان کي ائين پئي خطاب ڪيائين، ڄڻ ته اسين به ڪي چڱي چال وارا قيدي هئاسين. مون کي ائين لڳو ڄڻ مون هي يا ههڙو ماڻهو ڪٿي ڪو ڏٺو آهي. اوچتو مون کي فلم ”گنس آف يورآن“ وارو جرمن گستاپو آفيسر ياد آيو. هيءُ به ان ساڳيءَ جنس مان هو. پيدائشي حاڪم، سموري انساني مخلوق کان مٿي، افضل ۽ سمورن انسانن کي قيدي ۽ ڏوهاري سمجهندڙ.

اسين جڏهن سندس تقرير کي اڌ ۾ ڇڏي اُٿياسين، تڏهن ڏٺوسين ته هُو ناراض ٿي پيو، پر اسان کي وڃڻ جي اجازت ڏنائين. قيدين بابت ضروري ڪم لاهي، آءٌ شام جو گهر موٽيس. عادت موجب ماني کائڻ سان گڏ اخبار پڙهيم. منهنجي نظر پوئين صفحي تي ڄمي بيهي رهي. مون ان جا پويان اکر وري وري پڙهيا.

لکيل هو. ”ڪوبه خاص زخمي ڪونه ٿيو آهي. ڪجهه گرفتاريون ٿيون آهن، حالتون ٺيڪ ٺاڪ آهن.“

منهنجي اڳيان 207 قيدي، سوين ڇچريل ۽ سُجيل مٿا، منهن، ٽنگون، ڄاڙيون، ٻانهون ۽ پٺا ڦري ويا. ”ڪوبه خاص زخمي ڪونه ٿيو آهي، ڪجهه گرفتاريون ٿيون آهن. حالتون ٺيڪ آهن.“ مون وري تلخيءَ سان دهرايو ۽ اخبار اُڇلائي ڇڏيم. ٻئي ڏينهن ساڳي اخبار ۾ وڏين سُرخين سان 207 قيدين جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ جي خبر پڙهيم، پر جيڪي ويهه پنجويهه ڄڻا نوان قيد ٿيا هئا، تن کي گرفتاريءَ جي خبر ڳولي ٿڪجي پيس، پر ڪٿي به نظر ڪانه آئي. مون اخباري ڦاڙي، پرزا پرزا ڪري ڇڏي.

(ماهوار ”تحريڪ“ مارچ 1973ع ۾ ڇپيل)

Gul Hayat Institute

# بختاور

جنهن مهل تار آئي، تنهن مهل مون شيوَ پئي ڪئي. ڪِريم لڳل مُنهن سان تار واري کان تار وٺي، ڪيس صحيح ڏئي، ڪاٻي هٿ ۾ جهليل سيفٽي (جيڪا بي خيالي ۾ ساڻ کڻي ويو هئس) واپس آڻي ميز تي رکيم ۽ لفافو کولي، تار پڙهيم. پنهنجن هٿن ۾ نهاريم، اهي ڏڪيا ڪونه پئي. آرسيءَ ۾ مُنهن ڏٺم: ڪريم لڳل هوندي به سمجهيم ته ان تي ڪوبه تاثر ڪونه هو. هاڻ سمورو ڌيان شيو ۾ لڳايم.

واچ ڏٺم ته ٻه لڳي 14 منٽ ٿيا هئا. تنهن جي معنيٰ ته سنڌ ايڪسپريس ۾ اجا منو ڪلاڪ هو.

"ڪريما!"

"جي، بابا."

"پٽ! منهنجي بئگ تيار ڪر. مون کي ٻاهر وڃڻو آهي."

ڪريما اهڙين ڳالهين تي هريل هئي.

Gul Hayat Institute

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ آءٌ اسٽيشن تي پهچي ويس، بلڪ اسين پهچي وياسين، ڇو ته ڪريما وارا به مون سان گڏ هئا. ريل ۾ چڙهي ويٺاسين. ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ اسان جي اسٽيشن اچي وئي.

سول اسپتال جي گيٽ تي پهچي، ڪريما کي چيم: "مون توکي بنهه نٿي آندو، پر تون ڦڏو ڪري زبردستيءَ آئي آهين. ٺيڪ؟"

"ها بابا."

"توکي پنهنجو واعدو ياد آهي؟"

"ها بابا!"

هوءَ در کان ٽئين نمبر بستري تي پئي هئي. ٻهراڙيءَ جا پنج، ڇهہ زالون، مرد سندس پرسان ويٺل ۽ بيٺل هئا. ويٺل بہ اسان کي ڏسي اُٿي بيٺا: "ڪنهن ڪنهن مهل هوش اچيس ٿو نہ تہ ائين ٻُڏل آهي. ٻہ گوليون ڪڍيون اٿنس. هڪڙي سٽر مان، ٻي ڪلهي مان."

"ڊاڪٽر ويچارا رات ڏينهن پيرن پر بيٺا آهن. شاباس هجين.... ٻن ڪلاڪن جي آپريشن کان پوءِ وڃي گوليون نڪتيون..."

پاسيرا ٿياسين تہ ڊاڪٽر الهہ رکئي چيو: "اسان سيني وسئون ڪونہ گھٽايو آهي. وڏيڪ تہ رب جي اختيار آهي... خوشقسمت آهي جو بروقت فرسٽ ايڊ ملي ويس ۽ رت حد کان وڏيڪ ڪونہ وهيو. نہ تہ ٿڌي تي ئي ختم ٿي وڃي ها. سٽر واري گولي بہ خوشقسمتيءَ سان ٻاهرئين پاسي گوشت ۾ لڳي اٿس. ڪلهي وٽ بہ هڏيءَ ۾ فرئڪچر ٿيو آهي. هڏو ٻن حصن ۾ ٽُٽي پيو آهي. جوڙيو اٿئون. خدا ڪندو تہ لڳي ويندو. اها گولي ٿورو هيڏانهن هوڏانهن لڳي ها تہ اجا بہ گھڻو نقصان ڪري ها ۽ شايد ٻانهن وڍڻي پوي ها... وري بہ ڏسجي. خدا ڪري ڪي Complications نہ ٿين. هوءَ صحتمند ۽ جوان آهي. جي ڪا ٻي پيچدگي نہ پيدا ٿي تہ وڏي اُميد آهي."

تيسين ڪريما سڏ ڪيو. سندس اکيون سُڪل هيون: "چون ٿا تہ او گروپ جو رت کپيس. منهنجو رت بہ او گروپ جو آهي. جڏهن امان اسپتال ۾ داخل هئي ۽ رت کَتو ٿي، تڏهن ٽيسٽ ڪيو هئائون."

ڪريما جڏهن رت ڏئي واندي ٿي تہ اسين سائين بخش جي گھر وياسين، جيڪو اتان گھڻو پري ڪونہ هو. شام جو وري اسپتال پهتاسين. هوءَ هوش ۾ نہ آئي هئي. مون کيس جاچي ڏسڻ لاءِ پنهنجي سموري جذباتي ۽ ذهني همت گڏ ڪئي. سندس گلاب جي گل جهڙي ٻهڪندڙ چهري تي ڪاراڻ ڇانيل هئي. اکيون ڏرا ڏئي ويون هيس. سندس سدائين ٽهڪندڙ چپ ڪاراٽجي ويا هئا. ڄڻ زندگي ۽ موت جي وچ ۾ مهاڀاري لڙائي جاري هئي. مون ڪريما ۾ نهاريو. هوءَ بلڪل ماٺ هئي. باقي ڳوڙها هئا. سي اکين مان لارون ڪري پئي وهيس. مون سوچيو اها واعدي جي پڪڙي ڪانهي. پنهنجي پياري کي موت ۽ حياتيءَ جي ههڙي ڇڪتاڻ ۾ تڙپندو ڏسي، جيڪڏهن لڙڪ لڙي اچن تہ ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهہ؟ بنيادي شرط اهو هو تہ ڪنهن بہ حالت ۾ روڄ راڙو نہ ڪرڻو آهي. سو هن ڪونہ ٿي ڪيو. باقي گونگن ڳوڙهن تي ڪهڙي ميارا!

Gul Hayat Institute

ڪريما آهستي آهستي ڪري ماٺ ميٺ ۾ هن جي سس ۽ بين مائٽياڻين کي به اڳيري ٿي، هن تي قبضو ڪري ورتو. ٻيءَ رات جو هوءَ اسپتال ۾ ئي ترسي پئي. صبح جو ويس ته اوجاڳي سبب سندس اکيون سُڄي ڳاڙهيون ٿي پيون هيون.

رات جو سائين بخش جي گهر جي اڱڻ ۾ ليٽيو پيو هوس. سرءُ جي پن ڇڻ شروع ٿي ويئي هئي. هوا جي جهوٽن تي سُڪل پنن کڙ کڙ پئي ڪئي. چانڊوڪي رات هئي. آسمان صاف هو. رڳو ڪنهن ڪنهن مهل ڪا اڪيلي رولاڪ ڪڪري الائي ڪٿان رلندي اچي ٿي نڪتي ۽ پل لاءِ اک ٻوٽ ڪري وري گم ٿي ٿي وئي. آءٌ ننڊ ٻدران سوچن ۽ يادن جي دنيا ۾ گم هئس.

مون کي اُهو ڏينهن ياد آيو جڏهن هوءَ پهريون پهريون دفعو اسان جي گهر آئي هئي. رضيه، صفيه توڙي سندن ماءُ جو هوندن ئي مون تي الزام آهي ته آءٌ ڪريما کي گهڻو ٿو پيانيان ۽ مون ڪيس لاڏلي ڪري سندس دماغ خراب ڪري ڇڏيو آهي، پر سچ اهو آهي ته مون کي ٽيئي ڌيئرون هڪ جهڙيون پياريون آهن. ڪريما ڪٽي زوريءَ پاڻ کي سيني کان معتبر بڻائي ڇڏيو آهي، تنهن کي ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ بي-اي فائنل ۾ آهي. پڙهائيءَ ۾ سيني کان پڙ سدائين فرسٽ ڪلاس ۾ اچي. ٻئي پاسي پنهنجي عورتن جي انقلابي دوست تنظيم ۾ به سرگرميءَ سان حصو وٺي ۽ ان سلسلي ۾ سڄي سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي دؤرن تي به وڃي. اخبارون ۽ رسالا پڙهي، بحث مباحثا به ڪري. سڄو ڏينهن پيچ پيچ به لايو ويٺي هوندي آهي. سيني کي نصيحتون به پئي ڏيندي. وچٿ هوندي به سيني جي وڏي امان ٿيو ويٺي هوندي. منهنجي سڏ تي به ٻوڙندي اچي، چرچا ۽ اهلون ڪري، وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي، ڪِلي ۽ ڪِلائي به. وطن، عوام، ٽين دنيا، سامراج ۽ بدلجندڙ عالمي صورتحال جي ڳٽتي به سيني کان وڌيڪ ڪيس ئي هوندي آهي. گهر ۾ به تنقيد ۽ خودتنقيد جون گڏجاڻيون پئي ڪرائيندي. جيڪڏهن منهنجي ڪا ڳالهه نه وڻندي ته ڪاوڙجڻ بدران چوندي، ”بابا منهنجي توهان تي تنقيد آهي. جڏهن واندا ٿيو تڏهن تنقيدي گڏجاڻي ڪنداسين.“ سندس ڪاپين تي قسمين قسمين قول لکيا پيا هوندا، مثال طور، ”مطالعو، تنظيم، جدوجهد“، ”عمل نظريي بنا انڌو آهي“، ”نظريو عمل بنا لولو لنگڙو آهي“، ”تنظيم جدوجهد لاءِ، جدوجهد تنظيم لاءِ“، ”سادي رهڻي ڪهڻي ۽ اٽانگي جدوجهد“، ”وقت جي پابندي ۽ رازداري“، ”ڇڙواڳيءَ خلاف جدوجهد ڪريو“ وغيره وغيره.

هڪڙي ڏينهن پڇڻ لڳي، ”بابا، پلا ٻڌائي وج ته جوينل ڪير هو؟“

مون وراڻيو: ”جوينل يا جوينال (Juvenal) رومي شاعر هو. اج کان 19 صديون اڳ جو. ڇو؟ جوينل کي ڇا ٿيو آهي؟“



Gul Hayat Institute

چيائين: ”مون پڙهيو آهي تہ هو ان وقت جي ظالمن جي مڪر، منافقي ۽ ظلم خلاف شعر چوندو هو؟“

مون وراڻيو: ”بلڪل! اهو سندس ئي قول آهي تہ، ”ڪاوڙ شعر لکائي ٿي!“

تنهن ڏينهن شيو پئي ڪيم تہ ٻاهران چوندي آئي: ”بابا!“

مون چيو: ”جي بابا!“

”بابا! ڪنهن سان پيو وڙهين؟“

”ڪنهن سان بہ نہ!“

”هي جي چيئي پئي ’انسان ٿيءُ انسان.‘ اهو ڪنهن کي پئي چيئي؟“

”اهو... اهو تہ ماڪوڙي کي پئي چيم... هر هر اچيو هٿ تي چڙهي ۽ شيو ۾ رنڊڪ وجهي.“

پويان ننڍو ڀاڻس اصغر ڊوڙندو آيو ۽ اچڻ شرط چيائين:

”بابا! بابا توکي ٻُڌايان! ڪريما اڄ ڇو ايڏي خوش آهي؟ ڇو تہ سندس پياري ساهيڙي بختاور اچڻي آهي پنهنجي گهر!“

بختاور جو نالو مون ڪريما توڙي ٻين واتان گهڻو ٻُڌو هو. هوءَ عورتن جي تنظيم جي برک ڪارڪنن منجهان ٿي ٻُڌڻ ۾ آئي. سندس همت، اورچائي، جاکوڙ، جفاڪشيءَ سان گڏ سندس شعور، قابليت ۽ تقرير توڙي تحرير جي ڏاڍي ساراهہ ٻُڌي هيم. ڪريما سندس ڪي خط مون کي پڙهايا هئا. انهن مان سندس جوش، جذبي، سادگي، خلوص، نهٺائي ۽ اعليٰ اُصولن ۽ آدرشن جو پتو پيو ٿي. چيائون ٿي تہ ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين، ڪراچيءَ کان ڪارونجهر تائين، زالن کي سجاڳ ۽ منظم ڪرڻ لاءِ پنڌ جهاڳيا اٿس. ايتري ۾ پريان ڪريما جي ماءُ اچي ڪڙڪي:

”ڌيڻين کي سمجهائين نٿو؟ نہ پڇڻ نہ اچڻ، ماڻهن جون دعوتون ڪندي وتي. مهمان گهرايا اٿس. گهر ۾ نہ آبروءَ جهڙو هنڌ ڪٿولو ۽ نہ فضيلت وارو گهر. زال مڙس ايندا تہ رهندا ڪٿي؟“

”بابا آءٌ ٻُڌايان؟“ اصغر چوڻ لڳو. ”زال گهر ۾ رهي ۽ مڙس اوطاق ۾.“

ماڻس ڪاوڙجي چيس: ”تون تہ ٽونڪار بند ڪر وڃان.“

(2)

بهار جي رُت اچي چڪي هئي. اڱڻ ۾ گلاب ۽ موتئي جي ٻُوٽن جي جوڙين ۾ گل ٽِڙيا بيٺا هئا. آسمان ۾ پري پري سرٽين شيل پئي ڪيا. آءٌ ڪنهن سوچ ۾ گم

هئس تہ ايتري ۾ ڪريما چيو ”بابا! هڪڙو اخباري نمائندو توهان جو انٽرويو وٺڻ آيو آهي.“

ساٽس گڏ ٽِڪڙن جي ٽوپي پاتل هڪ ڇئن سالن جو سھڻو پار سندس ڇيچ ۾ هٿ وجهي اچي منهنجي اڳيان بيٺو هو.

ڪريما چيو: ”هاڻ اوهين پاڻ ۾ هڪٻئي سان پنهنجي واقفيت ڪرايو.“

مون هڪدم ڇوڪر کي چيو: آءٌ تنهنجي ماسيءَ ڪريما جو پيءُ نور محمد وڪيل آهيان ۽ تون مائي بختاور جو پٽ آهين. ها نہ؟“

ڇوڪر مرڪي هائو ڪئي.

ڪريما گوڙ ڪندي چيو: ”بابا! اِها گڊي آهي... اِها گِڊي آهي! توکي هن بي ايمان اصغر اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيو هوندو.“

اصغر چيو: ”آءٌ ٻڌايان؟ هنن کي گهر ۾ گهڙندي شرط بابا ڏسي ورتو هوندو.“

مون چيو: ”آءٌ ٻڌايان؟ مون اوهان سڀني جي اتاولائيءَ مان سمجهي ورتو تہ هي مهمان اهي ئي هوندا، جن جي ميزبانيءَ جي شرف لاءِ توهان جي مهربان ماءُ اهڙيءَ خوشدليءَ مان اوسيئڙو پئي ڪري.“ ٻنهي ياءُ پيڻ مرڪي ڏنو.

ايتري ۾ هڪڙي زائفان لُوهہ ڏئي اندر گهڙي آئي ۽ سڌو اچي مون کي پيرين پئي هٿ ڏنائين. مون سندس مٿي تي هٿ رکي قرب مان چيومانس: ”امان بختاور، ڀلي ڪري آئينءَ!“

سندس جواب ٻڌي مون کان ڇرڪ نڪري ويو. چيائين: ”بابا! تون تہ چڱو ڀلو خوش آهين؟“ هوءَ پنهنجي سموري اتاهہ سونهن، بيباڪيءَ ۽ ڏيا سان، بي پناهہ پنهنجائپ ۽ قرب سان ٽمٽار، منهنجي اڳيان بيني هئي. آءٌ ڪيس وائڙن وانگر ڏسڻ لڳس. بي اختيار کانئس پڇيم، ”پر تون هتي ڪيئن؟ ڪريما کي ڪيئن سڃاڻين؟“

ڪريما وچ ۾ ڳالهائيندي چيو ”پر جناب پيارا بابا صاحب! معاف ڪجانءِ! ڀهرين تون ٻڌاءِ تہ تون بختاور کي ڪيئن سڃاڻين ۽ ڪڏهن کان سڃاڻين؟ آءٌ ٻن سالن کان ’بختاور-بختاور‘ ڪندي اچان. هيترا خط پٽ پيا لکون ۽ توکي پڙهايون پر تو تہ مون کي ڪڏهن چيو ئي ڪونهي تہ آءٌ ڪو بختاور کي سڃاڻان؟“

چيم: ”پر بختاور کي سڃاڻي بہ ڪير ٿو؟ اها آهي ڪٿي؟ اچڻي تہ اها هئي نہ!“

ايتري ۾ جوٺم آئي ۽ چوڻ لڳي، ”هلو ڊيئڙيون! ماني تيار آهي. اصغر! تون هيڏانهن اچ! وچي اوطاق ۾ ماني ڏئي اچ.“ ائين چئي، هوءَ سڀني کي پاسي واري ڪمري ۾ ڪنيي ڪٽي وئي هلي. منٺ کان پوءِ آيل مهمان تڪڙي مون ڏانهن موٽي

Gul Hayat Institute

آئي. چيائين: ”چريا بابا وڪيل صاحب! ماڻهن جا تنظيمي نالا به ته ٿيندا آهن يا نه؟ تنظيم جي ساٿياڻين وٽ آءٌ بختاور آهيان. ٻنهي نالن جي معنيٰ ته ساڳي آهي نه؟ پر هو نالو مائٽن رکيو هو. جڏهن مون ۾ ڪو شعور ڪونه هو. هيءُ نالو مون سمجهه ۽ شعور حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻهي پاڻ تي رکيو آهي. آيو خيال شريف ۾؟“ اهو چئي، هوءَ ٽڪڙي ٽڪڙي هلي وئي.

منهنجو ذهن ان ڏينهن کان پنج ڇهه سال اڳ جي واقعن ڏانهن موٽي ويو.

....... ...... .....

تن ڏينهين آءٌ سينٽرل جيل.... ۾ بند هئس.

هڪڙو اڳيئي ملڪ جي مالڪن ڪي نٽي وٽياسين. باقي مٿان وري جو قيد ۾ هڙتال ڪئي سون، تنهن تان ڏمرجي، اسان کي انهيءَ جيل مان سزا طور هڪ هڪ، ٻه ٻه، ٽي ٽي ڪري مختلف جيلن ڏانهن موڪلي ڇڏيو هئائون. مون کي ۽ ڪرم علي شاهه کي سينٽرل جيل.... موڪليائون. جيل ته اڳي ئي جيل، پر هيءُ جيل رب جي قدرت آهي: ڪلر جون ڍيون ڳولهي هٽ ڪري، انهن مٿان اڏيو هئائون. جيئن ڏينهن ٿي تتو تيئن ٿي ڪلر مان ٻاڦون نڪرڻ شروع ٿيون. ڏرتي تپيو ٽامڙي ٿيو ويندي هئي. ماڻهن جا بدن پچي قلٽا ٿِي ٿي پيا. جيڪي انهيءَ پَٽ جا هئا، سي ته وري به جيئن تيئن، باقي جيڪي اُن پَٽ جي گرميءَ تي هريل نه هئا، تن سان ويڌن هئي! آءٌ هڪ سال اڳ به هتي رهي ويو هئس، پر ان سال گرمي ڪجهه اور هئي. هڪڙي ڏينهن ڏٺم ته منهنجي وارڊ جي انچارج جوابدار رحيم جي ڪنڌ تي هيڏا شاهي قلٽا ٿيا بيٺا آهن! ڊِجي ويس ته جي هن مان وچڙي مون کي به قلٽا ٿي پيا ته مارجي ويندا سون. ڊپٽيءَ کي نياپو اماڻيم. تنهن چوائي موڪليو ته، ”شام جو ٻيو ماڻهو موڪليندا سون.“

برابر، شام جو ٻيو ماڻهو اچي ويو: قيدي ڪپڙا صفا ميرا، قد جو ڇوٽو بدن ۾ وچٿرو، منهن تي ماتا جا نشان، رنگ جو ڪارڙو، ڪن وڏا. الائي ڇو مون کي ائين لڳو ڄڻ منهنجي اڳيان هڪڙو وڏو شاهي ڪوئو بيٺو هوا! چمڙيءَ جي بيماري لڳل نٿي نظر آيس. تنهن ڪري مون سوچيو ته، پلي مون وٽ رکن. نالو عبدالجبار ٻڌايائين. ڳالهايائين آهستي ٿي. ٻولي ۽ لهجو مٺو پر منجهس بيساختگي بنهه ڪانه هئي. اکر ڇَٻي ڇَٻي، پڪائيءَ سان ٿي ڳالهايائين. ڏسڻ ۾ غريبڙو مسڪين، قاتل ڪپڙا. پر جڏهن ڳالهايائين ٿي ته ڪجهه ٻيو پئي لڳو.

جيل به ماڻهن لاءِ نهيا آهن. پنهنجي حال سارو اسين به ڪنهن زماني کان وٺي ان سان جوڳون ڏيندا اچون ۽ اتي جيڪا وڻ وڻ جي ڪاني اچي گڏ ٿئي ٿي، تنهن

ڪان واقف ٿيندا پيا اچون، پر مون کي هن نئين جوابدار ۾ ڪا اهڙي ڳالهه نظر آئي، جا مون ڪنهن ٻـ ٻئي قيديءَ ۾ ڪانـ ڏٺي هئي. اها ڳالهه ڪهڙي هئي، ڇا هئي، سو سمجهه ۾ نٿي آيو پر ڪا ڳالهه هئي ضرور. نرالي، سڀني کان نرالي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ذات لاءِ! ميسٽپائي؟ چالاڪي؟ مڪاري؟ شايد اهي بـ... پر ڪجهه ٻي بـ..... اجا بـ ڪجهه ٻيو!

جيئن هر ڪنهن قيديءَ کان پڇبو آهي، تيئن هن کان پڇيم: ”ڇا ۾ آيو آهين؟“

”گيرت ۾.“

”ڪنهن کي ماريئـ!“

”زال کي.“

”ٻئي ڪنهن کي بـ؟“

”نـ.“

”سزا گهٽي اٿئي؟“

”بس سائين ڇُٽڻ وارا آهيون! آءٍ جي اچڻو آهي. ان بـ مهينا معافي ڏني ۽ ٻي ڪا ٻوڏ سوڏ جي بـ چار مهينا معافي ملي تـ پاڻ ٻاهر آهيون.“

”ڪُل سزا گهٽي مليءِ؟“

”اڍائي سال- تنهن مان سال سوا ڪاٽيو اٿم. ٻي معافي آهي. بس اوهان جي دعا سان ٻاهر وينا آهيون!“

”تمام ٿوري سزا ملي اٿئي. ماڻهو مارڻ جي عيوض جنم ٽيپون ملنديون آهن.... گهڻا تـ ڦاهيءَ چڙهيو وڃن اهڙن ڏوهن ۾.“

”سائين، اسين گريب ماڻهو وڪيلن ٻڪلين مان ڇا ڄاڻون؟ بس ڪورٽ ۾ گهڙڻ شرط هٿ ٻڌي جج کي چيم. ”سائين، مسلمان آهين، تخت سليمانيءَ تي وينو آهين، سونو قلم هٿ ۾ اٿئي. ڪجهه مڙيئي گيرتڙي آهي، توسان ڪوڙ ڪونهي. گيرت ۾ ڏوهـ جو ڏوهاري آهيان. بي گيرتي برداشت نـ ٿي سگهي. خطا ٿي پئي. توکي جيڪا انصافي انصاف سزا ڏيڻي آهي، سا پلي ڏينم.“ هو بـ مڙس هو گيرتي ۽ انصافي، تنهن چيو ”هل پٽ! اڍائي سال!“

هن اها ڳالهه ائين ٿي ڪئي جڻ ڪنهن ماڻهوءَ جي خون جي سزا جي ڳالهه ڪانـ هئي، جوئر ۽ سارين جي اگهن جي ڳالهه هئي.

ڪجهه ڏينهن لنگهي ويا. هڪ ڏينهن گرميءَ حد ڪري ڇڏي! شام ڌاري مون کي بخار ٿي پيو. جيل واري اسپتال جي ڪمپائونڊر گوريون ڏنيون ۽ سُئي هنئي

پر بخار رهيو. وچينءَ مهل ڪوٽ ڪڙا بند ٿيڻ ڪانپوءِ نئون جوابدار عبدالجبار منهنجي پرسان اچي ويٺو ۽ مون کي زور ڏيڻ لڳو. ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن جون خبرون ڪري پوءِ پنهنجو قصو ٻڌايائين (هونئن به عام قيدي پنهنجي واردات جو قصو ضرور ٻڌائيندو آهي):

”ڪچي ۾ ويٺا آهيون. مسڪين مارو ماڻهو آهيون. پر در تي به ٽي ڍڳيون آهن. ٻه ٻارا زمين جا به آهن. تنهن ڪان سواءِ بابا پڙهيل آهي. مسيت ۾ امامتون ڪري، شڪر آهي. بک ڪانهي. بابا جي آسپاس گهڻي عزت آهي. بي گيرت جو دشمن آهي. ’چي زال ذات جو سَڳي سَوٽَ کي به منهن پوڻ جو ضرور ڪونهي.‘ هوڏانهن چاچا مون وارا بي گيرت، چاچا ڇا، سڄو ڳوٺ بي گيرت! رنون مرد گڏجيو ڪِل جو ٽڪاءُ لڳايو ويٺا آهن. ڳوٺ ۾ رانديون پيون ٿين. ڪافيون پيون ڳائجن. ڇوريون ڇورا گڏ پيا پڙهن پاسي واري اسڪول ۾. مطلب ته ٽٽري متي پئي هئي. بابا گهڻو ئي سمجهاين، پر هو هڪڙو ماڻهو ۽ هوڏانهن بيگيرتن جو سڄو راڄ.... بابا ڪاوڙجي ڳوٺ ڇڏي هليو ويو. وڃي ٻئي پاسي جي مسيت ۾ امام ٿيو. ٻه ٽي سال اتي رهياسين. منهنجي چاچي کي ٽي ڌيئون ۽ هڪڙو ننڍڙو پٽ هو. سيني کي وڏائين اسڪول ۾. ڌيئرون به ته پٽ به. ٻن ٽن سالن ۾ وڏي اچي ساماڻي ۽ اچي مئٽنگ (مئٽرڪ) کي هٿ وڌائين. ننڍي به اچي انين درجي کي رسي. بابا چيو ته، جي اها مئٽنگ پاس ڪيائين ته ڪم ويو هٿان. سو هڪڙي ڏينهن وري لڏي اچي ڳوٺ سهڙياسين ۽ اچڻ شرط وڏيءَ ٻانهن جي گهُر ڪئي سون. پر هو چون ته، ’اسين ڪو هن شڪاريءَ کي ڏينداسين ڇا؟ اسان جي ڌيءَ لکن جي مٽ. هيءُ سڄو ڏينهن رڳو ٺوڙهو هٿ ۾ ڪٽيو، وڙهه وڙهان ڪندو وتي، تنهن کي ڪو اسين پنهنجي مومل ڌيءَ ڏينداسين ڇا؟‘

”ماڻهن ۾ اڄڪلهه شرم ڏسو ٿا ڪهڙو وڃي رهيو آهي! ڍهه گهوٽ سنيريا بيٺا هئا. پلا ٻانهن به هئي ٻين ڳوٺ وارين کي آرڪاٽن ۽ منهن مهانديءَ ۾ ڪجهه سرس، ٻيو هجي پڙهيل، سو سڀ ڪو رن لاءِ تُورو ٿيو ٻيهيو رهي. هوءَ به مون لاءِ چوي ته، ”آءٌ هن جي چم مان جُتي به نه گهڙايان.“

”اسان به چيو ته، مرندي مري ويندا سون، پر پنهنجو حق ڪونه ڇڏينداسون. مون چيو ته، ’جيڪو مائيءَ جو لال سر تان آسرو ڪٽي، سو اچي ٻانهن جو دعويدار ٿئي.‘ هوڏانهن بابا راڄ گڏ ڪري وڌا. هيڏانهن ڪهاڙي منهنجي هٿ ۾. هو بکيا ماڻهو جيڪي گهر ۾ هئن، سو ڇوريون، ڇورو پڙهائڻ تي دڦ ڪري ڇڏيائون. اتي لاءِ به لاچار هئا. اسان وٽ چار داٽا هئا. قصو ڪوتاهه، اسان وڏيرا ننڍيرا مولوي مڙا سڀ ٿاهي ورتا. ڏنبي جو به ٽيڪڙو هو. مون کي سيني سڃاتو ٿي ته ڪونه مُڙندو.

Gul Hayat Institute

سيني جي حشمت ونجي وئي. سڱ جا گهورا هڪڙو هڪڙو ٿي وڃي ڪڪ پن ٿيا. ڪُسندي ڪُسندي نيٺ سڱ ڏنائون. مون شادي ڪرڻ شرط زال کي نئين سريل کهاڙي ڏيکاري چيو. ”هيءَ خاص تو لاءِ آهي، سڀ اڳيان پويان حساب ٿيندا! هڪڙي ڏينهن توکي هن هٿان مرڻو آهي، تيار ٿي وڃي هُج! ٻي ڳالهه ته منهنجي پيءُ جو چيو مٿان تاريو اٿئي. جي بابا چونئي ته سڄو ڏينهن ڪاڙهي ۾ بيٺل هُج ته توکي بيهڻو آهي. بي غيرت گهر پنيان چڏي آئي آهين. هاڻ توکي هٿان ٻاهر نڪرڻو ئي ناهي!“

”پهرين ٻه ٽي عيدون مائٽن جي گهر ڇڏيومانس، پر پوءِ يڪو بند ڪري ڇڏيومانس. ڪهڙو فائدو؟ پٽس ڏاڙهي ڪٽي آيو عيد تي ونئي وڃڻ لاءِ، پر مون بي عزتو ڪري ڪڍي ڇڏيومانس.

”ڏنم ته هتي هي بي غيرت روز بروز ٿُورا ٿي بيٺا هوندا. سو مورڳو لڏي وڃي ٻئي طرف ڪان نڪتاسين ۽ شهر ۾ وڃي رهياسين. بابا شهر جي مسيت ۾ پيش امام ٿيو. وقت خير جو پئي گذريو. اپرو سپرو گذر پئي ٿيو. پاڙي جي هڪڙي ماڻهوءَ سان منهنجو ڪجهه عشقڙو به ٿي ويو. ٻه ٽي مهينا ته وقت خير جو مزي سان گذريو. پر پوءِ هڪڙي ڏينهن اهو ماڻهو مون وٽان موٽندي پڪڙجي پيو. مڙس مٿو ڪوڙي، طلاق ڏئي، گهر مان ڪڍي ڇڏيس. روئندي مائٽن هلي وئي. چيوسين ته مولا وري ڪا ٻي ڏياريندو. ڇا ڪجي سائين؟ توهان ته داناءُ آهيو! زال پلي ڪٽي سون جي هجي، ته به مرد جي دل چوندي ته ڪجهه سواد مٽائجي ته چڱو آهي. زال مون واريءَ جي منهنجي اڳيان مرلي بند هئي. اڪئين پئي ڏسندي هئي ته به ڪُڇڻ جي جرئت ڪانه ٿيندي هيس. اصل مِيس مُئل هيس. هڪڙي هڪل ڪندو هوسانس ته بدن ۾ رڪٽي ونئي ويندي هيس. ڇا جو حُسن، ڇا جو علم؟ پنهنجي اڳيان سڀ ڦلهيار هئا. خدا جي حڪم سان ان وچ ۾ ڇوڪرو ڄائو هو. سو به اڃي ڇئن پنجن سالن جو ٿيو. نياڻي ڄائي سا به ٻن سالن جي ٿي.

”رمضان جي پڇاڙي هجي. هڪ ڏينهن اوچتو ونئي سُر ڪنيائين ته: ”مون کي مائٽ ڏاڍا ياد ٿا پون. مون کي هن عيد تي ڳوٺ ونئي هل.“ آخر گهر آهي. مار موچڙو پيو ٿيندو آهي. اڳي خَسِيس ڳالهه تان ستي ڍير ڪري ڇڏيندو هومانس ته اهڙو ڪُڇي جهڙي پِٽ. پر هن دفعي هڪڙي لٺ هنئي مانس ته ونئي گهوڙا گهوڙا ڪيائين. کهاڙي ڪنڌ تي رکي مانس، ته به ماٺ نه ڪري. شهر جهڙي ڳالهه! سڄو پاڙو اچي گڏ ٿيو. ابا خبر پڌي ته ڏاڍو ڪاوڙيو. چي: ”توکان هڪڙي رن سڌي نٿي ٿئي. هن خواريءَ کان چڱو آهي ته ڇڏي اچينس مائٽن ۾!“ آخر چيم ته ڪجهه هيناهينءَ کان ڪم ونئي ڏسجي. چيومانس: ”رحمت! ڳالهه ٻڌ! (نالو رحمت هئس)

Gul Hayat Institute

چڱو ھينئر نھيو! ايندڙ حج جي عيد تي توکي مائٽن ۾ وٺي ھلندس. تولاءِ ۽ ٻارن لاءِ ڪپڙا بہ سبايون. ڪنھن حال ۾ تہ ٿي ھلون. ماڻھو ڇا چوندا؟“ پر ھوءَ ڪا مڃي ڇا؟ چيائين: ”ڇا بہ ٿي پوي، مون کي مائٽ ياد ٿا پون. مون کان ھڪ گھڙي بہ ھٽ گھارڻ ڪونہ ٿيندو. پلي ڏڪ ھٽي ماري وجهينم تہ ماري وجهہ.“

”دل ۾ خيال ڪيم تہ ھيءُ قصو ھاڻ نہ ھلندو. گيرت جي ڳالھہ آھي. رن ھيئن ڇڙواڳ ٿي ۽ جيڪر ھيئن ڏپ ڇڏيائين تہ پوءِ گھر نہ ڪندي. ڪٿي ھزار حملا ڪيا تہ بہ ھن جو ھينئر ھيترن سالن کان پوءِ ڏپ ڇڏي وات کوليو آھي، سا مُئي مارائي بنا ماٺ ڪانہ ڪندي ۽ بي گيرت ٿي مري وڃبو.

”سو نيٺ چوڪري ڪنيم ڪڇ تي. چيومانس: ”تيار ٿي تہ ھلون! تو ڪٽيو مون ھارايو!“ ستاويھينءَ جو روزو ھجي شب قدر جو. ابا ۽ پٽ کي گھر ڇڏي، ٻئي روانا ٿياسون.

”لاريءَ رستي پنڌ پندرھن سورھن ميل ھو پر وچان ڪچي مان ڇھہ ست ميل ھو. چيومانس، ’گريب ماڻھو پاڙو بہ ٻچندو پھچنداسين بہ تڪڙا. وچان ٿا پنڌ ھلون.‘

”ھوءَ تہ ويھہ ڪوھہ ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٻيٺي ھئي. تڙي گل ٿي پئي. منٺ ڪرائي ورتائين. ڪپڙن جي ھڙ ٻڌي ڪٽي ڪنيائين. گس مون کي ساريل ھو. وات تي اڌ پنڌ گھاٽو جھنگ ھو. اتي پھتاسون تہ ڏينھن گھٽو تپي ويو ھو. چيومانس: ”ڪجھہ وقت ترسي ڏينھن ٺاري، پوءِ نڪرنداسين.“

چؤطرف سُڄ لڳي پئي ھئي. ٻئي ليٽي پياسين. ننڊڙي ڏيءَ بہ جلدي سمھي رھي. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ جڏھن ڏٺم تہ جوڻم جي اک لڳي وئي آھي، تڏھن وڃي مٿان ڪڙڪيومانس. اکيون ڦوٽارجي پيس، گھٽو ئي زور ڏنائين پر مڙس جي اڳيان زال جي ڇا ھلندي، مون ٻي ڪار ڪانہ ڪئي. نڙگھٽ مان ڪٽي ورتومانس. ٽڙي ڦٽڙي پر وات مان اکر بہ ڪونہ ڪڍي سگھي. آخر لڇندي ڦٿڪندي، نستي ۽ بي جان ٿي وئي. جڏھن پڪ ٿيم تہ ھاڻ پوري ٿي وئي آھي، تڏھن وڃي نڙيءَ مان ھٿ ڪڍيامانس.

ڏيءَ کي ڪٽي واپس شھر ورڻ لڳس. اجا ٿورو اڳتي ھليس تہ ويچار آيم تہ، ’جي منجھس ڪو ساھہ رھجي ويو ھجي تہ پوءِ؟ سنئين سڌي ڦاسي ڪارائي ڇڏيندي!‘ سو خاطري ڪرڻ لاءِ موٽي ويس. ڏسان تہ ڪٽي سچ پچ اکيون کوليو پئي آھي! اکين مان ڳوڙھا پيا وھنس. مون کي ڏسي، دھلجي سُسي وئي. ڳالھائڻ جي ڪوشش ڪيائين پر وات مان اکر بہ ڪونہ اُڪلي سگھيس. آھستي آھستي ٻانھون مٿي ڪري، مون کي ڪٽي ٻانھون ٻڌائين ۽ معافيون گھرڻ لڳي، پر ھاڻي آءُ ڪٿي ٿو ڇڏيانس! ڇاتيءَ تي چڙھي وينومانس. اڌ ڪلاڪ سڄو گھُٽا ڏيندو رھيومانس. پوءِ ڪيتريءَ دير

Gul Hayat Institute

تائين سندس نبض جاچي، جڏهن پڪ ڪيم تہ صفا ختم ٿي وئي آهي، تڏهن ڪيس چڏيم ۽ ڏيءَ ڪٽي، گهر ڇڏي، وڃي ٿاڻي تي پاڻهي پيش ٿيس.

”هڪ پوليس واري ٿوري ترٽر ڪئي، پر صوبيدار چيس، ”بس ڪر! گيرت وارو آهي. گيرت ۾ آيو آهي. اڪر بہ نہ چئينس.“

”پوءِ ڏاڍيءَ عزت سان مون کي لاڪپ ۾ رکيائون. ان وچ ۾ ڏاڍا مينهن پئجي ويا. چوٿين پنجين ڏينهن واردات واري هنڌ تي وٺي هليا. سڄو جهنگ پاڻي ٿيو پيو هو. لاش ۾ هٿ وڌائون تہ پَٽ ٿيو پيو هو. ڇڪي ڪڍڻ سان عضوا ڇڪجي ڌار ٿي پيا.

”پيا ماڻهو ڪيسن ۾ سالن جا سال ڪچا پيا سور چرندا آهن. مون پهرئين ڏينهن درخواست لکائي ڏني تہ آءٌ جڏهن قبولدار آهيان تہ پوءِ منهنجو ڪيس هڪدم هلائي مون کي جيڪا انصافي انصاف سزا هجي، سا ڏني وڃي. ائين يڪدم منهنجو ڪيس ڪچي ويو ۽ پهرينءَ شنوائيءَ تي فيصلو ٿي ويو.

”هاڻ ٻُتڙو جيل جي ڊاڪٽر جي گهر ڇڏيو اٿم ڪم ڪار لاءِ. ان جا چاليهہ روپيا مهينو مليم. ٿوپيون ناهيان. سؤ ڪن انهن مان بہ نڪري. باقي ڇهہ مهينا سال آهي. ويندو وقت خير جو گذري.“

مون پڇيس تہ، ”ٻاهر نڪري ڇا ڪندين؟“

”ٻاهر ضرور ڪو ڌنڌو ڌاڙي ڪبو. پر اول گهر جو خيال ڪبو. گهر ۾ زال هجڻ ضروري آهي، زال بنا گهر برباد آهي.“

مون چيس، ”توکي هاڻ هن ڳالهہ کان پوءِ ماڻهو سڱ ڏيندا؟“

چيائين: ”ڇو نہ ڏيندا؟ هونئن بہ مون کي ٻين ماڻهن جي ڪاڻ ڪڍڻ جي کهڙي لوڙهہ آهي؟ منهنجي سوٽ ويٺي آهي. اڳينءَ زال جي پيٽ پڙهي پئي. مئٽنگ پاس ڪئي اٿس. مون اڳئي نياپا ڏياري موڪليا آهن تہ ان کي جيڪو ويجهو ويندو، سو پنهنجي سر جو خير نہ سمجهي. ويچارا اڳ ۾ئي مئل ماڻهو آهن. منهنجي هڪل ٻڌندا تہ مُٺ نڪري ايندن. مجال آهي جو انڪار ڪن. ائين سائين تڪبر ڪونهي، پر پنهنجون پرپٺ رڙيون آهن!“

چيومانس: ”هڪڙي ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ نہ آئي. جيڪا حقيقت ٿي گذري، جي اُها تو پوليس يا ڪورٽ کي جيئن جو تيئن ٻُڌائي هوندي تہ پوءِ دُنيا جا ڪابہ ڪورٽ توکي ايتري ٿورڙي سزا ڏيئي، ڇڏي ڪانہ سگهندي. هوءَ چوندي هي سنئون سڌو قتل آهي. غيرت بيرت ڪابہ ڪانهي. پوءِ توکي ڪورٽ ڪيئن ههڙيءَ آسانيءَ سان ڇڏيو؟“

هو عجيب نموني کِليو ۽ پوءِ چيائين: ”سائين، اوهين هاڻ باليسٽر وڪيل آهيو اسان اوهان جي اڳيان بي سمجهہ ٻار آهيون، پر ايترو عقل اسان بي عقلن ۾



Gul Hayat Institute

بہ آهي تہ ان ڳالھ ۾ ڦاسي ڪائي وڃبي. مڙيئي ڳالھ ڪي وٺ سٽ ڏيئي جان ڇڏائڻي تي پوي....“

آخر اهو وٺ سٽ بہ ٻُڌايائين, ”ڪورٽ کي ٻُڌايم تہ واردات واري ڏينهن زال ۽ ڏيءَ کي آءٌ اتي ويهاري, پاسي واري ڳوٺ مان پاڻي ڪڻڻ ويس تہ متان واٽ ۾ سج لهي وڃي تہ پوءِ حال روزو تہ ڪوليون جو پوءِ اڳيان ڪا وسندي ڪانہ هئي, نڪو پاڻي هو. چڱو اڳتي نڪري ويس تہ واٽ تي خيال آيم تہ, ’زال پروسي جهڙي ڪانهي. اڳ هڪڙي ماڻهوءَ بابت مون کي مٿس شڪ هو. سوچيم تہ متان ان کي ٽئم ڏيئي گهرايو هجيس ۽ ڪا خرابي ٿي پئي. تنهن ڪري, ڪٽي سويل پرو ٿا نڪرون تہ تڪڙو وڃي ڳوٺ پهچون.‘ واپس اچي ڏسان تہ اهو ماڻهو واقعي وٽس اعتراض جوڳيءَ حالت ۾ ويٺو آهي. مون کي ڏسي اهو وٺي ڀڳو. مون کان پڪڙيو نہ ٿيو. باقي زال کي گيرت وچان ڪاوڙ مان وٺي گهوگها ڏنم تہ اتفاق سان ڳچ زور اچي ويس ۽ اتفاقي نموني مري پئي.“

”هاڻ سمجهيم.“ مون ڪيس ورندي ڏني. دل ۾ اها ڳالھ بہ سمجهي ويس, جيڪا اڳ مون کي منجهس نظر تہ آئي ٿي, پر سمجھ ۾ نٿي آئي.

وڏن جيلن ۾ قتل جي ڏوھ جا مجرم الاهي هوندا آهن. گهڻا پاڻ باسيندا آهن تہ اسان برابر قتل ڪيا, هنن هنن حالتن ۾. پر اهي ذر گهٽ سموري جا سمورا اتفاقي قاتل هوندا آهن, جيڪي هيڪاندي جوش ۾ حالتن جي مجبورين وچان قتل ڪري وجهندا آهن. هونئن هو بلڪل تو مون جهڙا عام رواجي ماڻهو هوندا آهن. منجهائن ڪيترا ابوجھ, سادا سودا, وفادار, نرم دل ۽ غريب طبيعت جا هوندا آهن. ڪي ڪي تہ نهايت اعليٰ ۽ لاجواب انسان بہ هوندا آهن, پر رڳو مجبوريءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن.

هاڻ مون سمجهي ورتو تہ نئون جوابدار هڪ سنئون سڌو قاتل صفت انسان آهي, جيڪو ڏاڍي آرام ۽ وڏيءَ قابليت سان ڪنهن جي بہ نڙي وڍي سگهي ٿو.

Gul Hayat Institute

ان ڏينهن پهريون ڀيرو مون پنهنجي هڪ قيدي ساٿيءَ بابت سوچيو تہ, هن کي پوري سزا ملڻ کپي ها. ان ڏينهن ئي پهريون دفعو مون کي هڪڙي قيدي ساٿيءَ کان سچ پچ ڊپ لڳو هو. سوچيم تہ, ”ههڙو ماڻهو ڪنهن کي بہ گهُٽو ڏئي, ماري, معصوم بڻجي, چالاڪيءَ سان ڪونہ ڪو بهانو ڏئي, سيني جي اکين ۾ سُرمو پائي, ڏيڍ سال جي ٽيپ ڪاٽي پاڻ کي صاف بچائي سگهي ٿو.“

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ سنڌي رسالي تي هڪ ويٽنامي ڇوڪريءَ جي تصوير ڇپي هئي. انهيءَ جواڻ جماڻ ۽ ناهوڪيءَ ڇوڪريءَ جي مٿي تي ڪکن مان ٺهيل ٽوپلو هو. هنج ۾ ٻار هئس ۽ هٿ ۾ رائيفل. هوءَ ڪنهن گوريلا دستي جي ڪمانڊر هئي.

رات پئجي وئي. ٻاهر طوفاني هوا پئي لڳي. دروازن جا ڪلف پئي لُڏيا ۽ ڪڙن تڪ تڪ پئي ڪئي. ان رات گهڻي عرصي کان پوءِ مون هڪ خواب ڏٺو. ڏٺم تہ ان تصوير ۾ ڏنل ٽوپلي واري ويٽنامي ڇوڪريءَ جهڙي سنهڙي ۽ سهڻي ڇوڪري ٻن ٽن گوريلن جهڙن هٿياربندن سان گڏ دروازي تي اچي بيٺي. در کي اشارو ڪيائين تہ دروازو پاڻهي کُلي پيو. سندس لباس ويٽنامي هو. ٽوپلو ۽ رائيفل بہ ساڳي هيس. فقط منهن مهانڊي مان سنڌياڻي پئي لڳي. مون هڪدم ڪيس سڃاتو! هوءَ سامهون پٽ تي سُتل بڇڙيءَ شڪل واري خونيءَ جي سدا ملوڪ زال رحمت هئي. هن وڏي اچي ڪڇ تان ڏيءَ کي لاهي، پٽ تي ويهاريو ۽ رائيفل ٻيءَ گوريلي کي جهلڻ لاءِ ڏنائين. پوءِ پٽ تي ستل جوابدار جي ڇاتيءَ تي چڙهي ڪيس گهُٽنا ڏيڻ لڳي. هن پاڻ ڇڏائڻ لاءِ گهڻائي زور ڏنا، پر ڇڏائي ڪونہ سگهيو. آخر ڦٿڪي ڦٿڪي ٿڌو ٿي ويو.

گوريلي ڪمانڊرياڻي ڏيءَ کڻي، رائيفل ڪلهي تي لٽڪائي، ٻين گوريلن سميت واپس هلي وئي. در دروازا ۽ ڪلف ڪڙا ازخود بند ٿي ويا. ايتري ۾ گهُٽنا ڏنل ماڻهوءَ آهستي آهستي اکيون کوليون. سندس اکين مان ڳوڙها پئي وهيا! اوچتو دروازو وري بہ بنان آواز جي کُلي پيو. گوريلا ڪمانڊرياڻي وري پنهنجي دستي سميت ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ هن کي جيئرو ڏسي ڏانهس وڌي. هن روئي، هٿ ٻڌي، ڪانئس جان جي بخشش گهري. هوءَ بہ منٿ ڪيس ڦهر وڇان گهوريندي رهي. پوءِ هڪڙي اٿاهہ نفرت ۽ حقارت ڀريل نظر مٿس اُڇلائي، اڳتي وڌي، ڏيءَ کي ڪنيائين ۽ رائيفل ڪلهي تي رکي، پنهنجي دستي سميت واپس رواني ٿي وئي. در دروازا چپ چاپ وري پاڻهي بند ٿي ويا.

سڄاڳ ٿيس تہ ڏٺم تہ منهنجو بدن سڄو پگهريل هو. هيٺ نمي ڏٺم تہ جوابدار سُتو پيو هو.

ڪجهہ ڏينهن تمام نهنو اشراف ۽ غريبڙو ٿي هليو. هڪڙي ڏينهن ماني پچائڻ واري برداشتيءَ کي ٻُڌايم تہ، ”جوابدار چئي ٿو مون لاءِ ڦلاٽي (منهنجي نالي) جي ٻوڙ مان الڳ ٻوڙ ڪڍي رکندو ڪر. مان اوهان سان گڏ نہ کائيندس.“ برداشتي حد درجي جو اشراف ۽ مڙس ماڻهو هو. پنهنجي وات تان لاهي ٻئي گهُرجائوءَ کي ڏيڻ وارو. مون کيس چيو تہ ڇڏي ڏينس!“

اجا بہ ٽي ڏينهن مس گذريا تہ برداشتي وري آيو. چي، ”سائين! هاڻ مون کي هتان بدلي ڪرايو!“

”خير!؟“



Gul Hayat Institute

”سائين! آءٌ وينو اخبار پڙهان تہ هي ڊوڙ ڪري قرآن شريف ڪڍيو اچيو منهنجي مٿان بيهي ۽ اهو ڪچو پڪو زور زور سان پڙهي. آءٌ ڇا ڪريان؟ روڪيانس تہ قرآن شريف جي تلاوت نہ ڪر، يا ٿورو هٽي ڪنڊ ۾ ويهي ڪر! هن جو مطلب ئي اهو ٿو ڏسجي تہ مان اتفاق سان وات مان اهڙو گُٿو اکر ڪڍي وجهان، جو هو سڄي جيل ۾ وٺي هُلائي تہ، ”مون کي فلاڻو قرآن شريف جي تلاوت ئي نٿو ڪرڻ ڏئي! پوءِ تہ آءٌ تباهہ ٿي ويس نہ!“

مس مس ڪري اهو جوابدار بدلي ڪرايم. دل ۾ چيم تہ ’ٿي ٿِي بيمار ٿيينداسون، سر جو خطرو تہ نہ رهندو!‘

ان ڳالهہ کي سال کن ٿي ويو. آءٌ تنهن وچ ۾ بدلي ٿي سينٽرل جي.... آيل هئس. پهريائين پاڻ ۾ ولر مڙسن جو هئاسون. هاڻ گهٽجي گهٽجي باقي ڇهہ ڄڻا رهياسون. ٻہ وڪيل هئاسون، ٽي شاگرد هئا، هڪ غير سياسي ٻِي ڪلاسي قيدي هو.

.... .... ....

جيل ۾ يا آهي ڪم ۽ موچڙو، يا آهن افواهہ. اونڌيون سنڌيون ڳالهيون پوڳ ٽڪاءُ، راڳ روپ جون محفلون وغيرہ.

هن جيل ۾ عبدالجبار بابت اُبتڙ افواهہ پئي هليا. هڪ افواهہ هليو تہ عبدالجبار قيد مان ڇُٽي ويو ۽ ويندي شرط شادي ڪئي هئائين ۽ ٻيءَ زال کي ٻہ غيرت ۾ قتل ڪري هاڻ وري جيل ۾ پيو آهي. ٻين چيو تہ، ”نہ، زال نہ، ڪو ٻيو ماڻهو ماريو اٿس.“ ٽئين چيو تہ، ”مورڳو ٻيءَ زال ڪيس ئي ماري ڇڏيو.“ تصديق ڪانہ ٿي سگهي تہ ڪهڙو افواهہ سچو هو. اسپيشل وارڊ جهڙن وارڊن ۾ بنيادي ڳالهيون تہ هونديون آهن سياسي. رات ڏينهن بحث مباحثي جي ڏم لڳل هوندي آهي. ٿوري ٿوريءَ ڳالهہ تي ماڻهو هڪ ٻئي سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. هر ڳالهہ ڄڻ حياتيءَ موت جو سوال لڳندي آهي، پر آهستي آهستي ڪي ماڻهو پاڻ ۾ ڳالهين وسيلي ٺهي ويندا آهن. پوءِ ذاتي ڳالهين جا سلسلا بہ نڪري پوندا آهن. ساڳيا ماڻهو سياسي ڳالهہ ٻولهہ مهل هڪٻئي جا سخت مخالف ڏسبا ۽ وري جڏهن اها ڳالهہ پوري ٿي تہ پاڻ ۾ قرب واريون ڪچهريون پيا ڪندا ۽ گهر گهاٽ توڙي هوند اڻ هوند جا ڏک سور پيا اوريندا. مطلب تہ ٻئي ڪم گڏ پيا هلندا آهن. آهستي آهستي ماڻهو هڪٻئي جي حال احوال کان سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ڳچ جيترو واقف ٿي ويندا آهن.

اسين باقي رهيل ڇهہ ئي ڄڻا آهستي آهستي پاڻ ۾ ٺهي ويا هئاسون. خيال هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا پر ڪيترين ڳالهين ۾ هڪٻئي جا هڏڏوڪي ٿي ويا هئاسون.



Gul Hayat Institute

محمد علي خون جي ڪيس ۾ هو ضامن نہ ٿي ٿيس. ٻيو انور هو. بي.اي فائنل پڙهندڙ سهڻو جوان، جنهن جي ڳوٺ ۾ سڱاوتيءَ تان مائٽن ۾ تفرقو هو. سندس شادي جتان ٿيڻي هئي اتان نہ ٿي. خانداني جهيڙن سبب راڄ ۾ ٻيو ڪٿان بہ آسرو ڪونہ هئس. ايڏي پهچ ۾ آمدني ڪانہ هيس، جو ٻاهران سڱ مليس. سندس خيال تمام سُٺا هئا. پڙهائيءَ جو بہ گهڻو شوق هوندو هئس. مون وٽ جيڪي چاليهارو کن چڱڙا ڪتاب هئا، تن مان ورلي ڇڏيو هئائين. مطلب تہ انور ڏاڍو پلوءِ ڪارائتو جوان هو.

ٻئي شاگرد جمال جي ماءُ سخت بيمار هئي، معافي وٺڻ کان سواءِ نٿي نڪري سگهيو. معافيءَ لاءِ هو تيار نہ هو. هيڏانهن منهنجا ڪيس رُلي دربدر ٿي ويا هئا ۽ وڪالت ختم ٿي وئي هئي. مطلب تہ هرڪو هڪٻئي جي مسئلن ۽ عادتن کان واقف هو.

هڪڙيءَ بهار جي مند ۾ شام جي مهل هئي. دروازا ۽ ڪلف ڪڙا بند ٿيڻ ۾ اجا بہ ٽي ڪلاڪ هئا. ڏاڍي وڻندڙ ۽ خمار ڏيندڙ هوا پئي لڳي. اڱڻ ۾ موتئي ۽ گلاب جي گلن جي هٻڪار من کي آزاد فضائن لاءِ آتو پئي ڪيو. سرور جيلر بہ اچي ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيو. بحث هلي هلي وڃي فلسفياڻين ڳالهين، تقدير ۽ تدبير، ٿيڻي اڻ ٿيڻي، اتفاق يا قسمت جي لڪئي جهڙن موضوعن تي پهتو. سرور تمام سُريلو جوان هو ۽ قيدين کي بہ انسان سمجهڻ وارن اڻلڀ جيلرن منجهان هڪ هو. وڏي جوش خروش سان بحث ۾ حصو وٺندي چيائين: ”سائين، توهان چيو تہ ڪيتريون اڻ ٿيڻيون ڳالهيون رڳو ظاهري طرح اڻ ٿيڻيون هونديون آهن، ٿورين وڏيڪ سازگار حالتن ملڻ سان اهي ٿيڻيون ۽ ممڪن ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون، مثال ڏيو؟“

چيم: ”مثال طور پاڻ هتي ست ڄڻا ويٺا آهيون. پاڻ ست ئي ڄڻا جيڪڏهن هن نيڪ نيتيءَ ۽ انسان دوستيءَ جي اعليٰ آدرشن جي ڪري پاڻ ۾ ٻڌي ڪري پنهنجا سمورا وسيلا اورچائيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان ڪتب آڻڻ جو پڪو پهہ ڪريون، تہ پاڻ هتي جيل اندر بند هوندي بہ، ڪئين انساني زندگيون بچائي سگهون ٿا. فرض ڪريو تہ هتي ڪو لاوارث قيدي آهي. هو بيگناهہ آهي پر ڪيس مٿس سورهن آنا ٻيهي ويو آهي ۽ گهڻو ڪري سزا کائيندو. هاڻ پاڻ هتي ويٺل ماڻهو هن جيل سارو ۽ پنهنجي پنهنجي حال سارو ويهن ئي ننهن جو زور لڳايون تہ گهڻو ڪري پاڻ ڪيس بچائي وٺنداسين.

”جي اهو قبولدار هجي تہ پوءِ؟“ سرور پڇيو.

چيم، ”زوريءَ ورتل قبولداريءَ تان ڦري بہ سگهي ٿو. ڪيترين ئي حالتن ۾ ڪورٽون بہ اهڙيءَ قبولداريءَ کي رد ڪري ڇڏينديون آهن.“

Gul Hayat Institute

سرور هڪ مٿان ٻيو سوال ڪندو رهيو. ”پر جي جوابدار قبوليت تان نہ ڦري، تڏهن؟ جي ڦرڻ لاءِ تيار ٿي نہ هجي ۽ چوي تہ مون بدلو ورتو آهي، تہ پوءِ ڇا ڪري سگهبو؟“

مون چيو، ”گهڻا گهڻا سال اڳ وڪالت جي شروعاتي دؤر ۾ هڪڙو اهڙو همراهہ مون ڪي بہ گڏيو هو. غريب هو. پاڻ وڪيل ڪونہ ٿي ڪري سگهيو. سو آءٌ سرڪار طرفان مقرر ٿيل Pauper's Advocate يعني مفلس جوابدار جو نالي ماتر سرڪاري فيءَ تي مقرر ٿيل خيراتي وڪيل ٿيو هئس.

”ڇيومانس تہ ڇئو تہ ’مون زال وٽان هڪڙو شڪي ماڻهو ڀڄندي ڏٺو هو. تنهن ڪري اوچتي ڪاوڙ وچان پٺ تي پيل بصر وڍڻ جي ڇري ڪڍي هڻي ڪڍيمانس.‘ تہ چئي تہ، ’نہ سائين، نہ! مون کي شڪ هو ان ڪري آءٌ ڪماڪمي ڪري بازار مان نئون ڇرو وٺي آيس ڪيس مارڻ لاءِ. گهر آيس تہ سُتي پئي هئي... اڪيلي اڪيلي. ڇرو نڙيءَ تي رکي، نڙي وڍي رکيمانس. ماڻهو ٻاڻهو ان مهل نہ ڪو هو نہ ٿي ڪو ڀڳوا!‘ اها ڳالهہ ٻڌي مون ڪيس ڊيڄاريو. دڙڪا ڏنامانس، پوليس وارن کي منٿ ڪري گهوگها ڏياري، ڪيس ٻڌايم تہ ڦاسيءَ مهل هنن ڪان بہ سخت گهوگها ملنديءِ، پر سهي جون ٽنگون ٿي، چوٿين نهي ئي ڪانہ! چئي، ’سائين! مون ڏوهہ ڪيو آهي، پل تہ مون کي سزا ملي! آءٌ مٺيءَ زال تي ڪوڙ ڪيئن وجهان تہ مون وٽانئس ماڻهو ڀڄندي ڏٺو ۽ بصر وڍڻ جي ڇريءَ سان ڪيس اوچتو ماري ڇڏيم؟‘

”ڪورٽ ۾ بيان مهل مون اُتي سندس پاران سندس فائدي ۾ بيان ڏنو پر هو بہ اُتي بيٺو ۽ ڳالهائڻ جي موڪل گهريائين. سيشن جج ڪيس ڳالهائڻ جي موڪل ڏني. چيائين: ’سائين، وڪيل صاحب کي شاباس هجي! منهنجي ڀلي لاءِ ٿو ڪري، پر مون خون ڪيو آهي. نڪو ماڻهو نڪو ڇيڙو نڪو بصر نڪا ٿوم. حڪما حڪميءَ ڪُنواٺمانس. تون انصاف ڪر.‘

Gul Hayat Institute

مون درخواست ڏني تہ منهنجو جوابدار اصيل ڇريو آهي. سيشن ڪورٽ سول سرجن ڏانهن موڪليس. ان لِکي موڪليو تہ سورنهن آنا سنئون آهي. سيشن جج کي هن جي ايمانداريءَ سان گهڻي ئي همدردي پر سندس هٿ ٻڌل. سزا ڏنائين- ڦاسي. هاءِ ڪورٽ جو بہ سزا بحال لاءِ هٿ چيو نہ ڪري. اسپيشل طبي بورڊ ويهاريائون پر انهن بہ چيو ’سنئون آهي.‘ لاچار انهن بہ ڦاسي بحال رکي ۽ همراهہ ايمانداريءَ جا ڪلما پڙهندو ڦاسي چڙهي ويو.... اهڙا ماڻهو پيا آهن، پر بنهہ خاص حالتن کي ڇڏي عام حالتن ۾ قبولداريءَ تي محڪم بيٺل ۽ ’سزا! سزا!‘ ڪندڙ بي گناهہ ماڻهن کي بہ بچائي سگهجي ٿو. بشرطيڪ ڪجهہ هڏڏوکي ماڻهو گڏجي سندس پُرخلوص ۽ ڀرپور مدد ڪن....“

ايتري ۾ سرور کي سڏ ٿيو. هو هليو ويو. بحث سندس پرپٺ هلندو رهيو.

(4)

هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڪم سان ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ويٺو هئس. سرور جيلر بہ پاسي ۾ ويٺو هو. ڊپٽيءَ کي وڏي سپرنٽينڊنٽ گهرايو. سو مٿي هليو ويو. اسين ويٺا رهياسين. ڪنهن مهل سرور ٿورڙو نمي، مون کي ڪن ۾ چيو "سائين، ڀلا هھڙي ماڻهوءَ کي مرڻ گهرجي يا جيئرو رهڻ گهرجي؟" مون اوڏانهن لوڏو هنيو جيڏانهن نهاريندي هن اها ڳالهہ چئي هئي. هڪ سنترياڻيءَ سان گڏ هوءَ بيٺي هئي. ڪي گهڙيون منهنجون اکيون حيرانيءَ سان تڪينديون رهيون. اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ اهو فيصلو ڪري ڪونہ سگهيو آهي تہ اصل ۾ حُسن ڇا مان ٺھيل آهي، حُسن جو ڪهڙو معيار ڪٿي ٺھيل آهي؟ حُسن ڇا آهي؟ حُسن جا ڪُل گهڻا قسم آهن؟ گهڻيون جنسون آهن؟ حُسن ڇا ۾ آهي؟ اکين ۾؟ نڪ ۾؟ هٿن پيرن ۾، يا چپن ۾؟ يا سموري شخصيت جي مجموعي تاثر ۾؟ ڪنهن فارسي شاعر سچ چيو آهي تہ: "سھڻن جون ڪئين ادائون اھڙيون آهن، جن تي ڪو نالو رکيل ڪونهي."

منهنجون اکيون جتي هيون اتي اٽڪي بيهي رهيون.

واڱڻائي ڇيٽ جي چولي، سُٿڻ، ڪاري پوتيءَ ۾ سادي سودي چمپل ۾ هوءَ سورهن سترهن ورهين جي هڪڙي اھڙي ڇوڪري هئي، جنهن جا هٿ، پير، نڪ، اکيون عام ڇوڪرين جھڙا يا انهن کان ڪجهہ ڇڱڙا هئا، پر سندس بيهڻ ۽ نهارڻ جو انداز، سندس سموري جسم ۽ چهري مان بکندڙ سندس ذهني ۽ جذباتي شخصيت جو اثر، جادوءَ جو حڪم رکندڙ هو. الائي نئين قيد ٿي آئي هئي يا شنوائيءَ تان موٽي هئي يا الائي پيشي هيس. (جيل ۾ ڪو ڏوهہ ڪبو آهي تہ وڏي صاحب اڳيان سزا لاءِ وٺي ايندا آهن. اها ٿي پيشي.)

سرور پڇيو "سائين! ڪھڙي دُنيا ۾ آهيو؟ سوال جو جواب ڪونہ ڏنوَ؟"

مون چيو: "ڪهڙو سوال؟... ها.... نہ، هن کي جيئرو رهڻ گهرجي!"

سرور چيو "مون انهيءَ جي ڳالهہ ٿي ڪئي تنهن ڏينهن. مڙس ماريو اٿس. چئي ٿي مون برابر ماريو آهي. پنهنجي پيءُ جو بدلو ورتو اٿم. وري جيئرو ٿي اچي تہ وري بہ ماريندي سانس، مون کي ڦاسي ڪيو، ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪيو. منهنجو مقصد پورو ٿيو. مون پنهنجي مظلوم پيءُ جو بدلو ورتو. هاڻ مون کي جيئري رهڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي... ڏسو تا ڇريءَ جا ڪم!؟"

هن شوخيءَ سان وراڻيو: "Mister! Mind your own business."

Gul Hayat Institute

(مسٽر! توهان پنهنجي ڪم جي ڪريو!)

هن جو اهو انگريزي جملو ٻڌي، مون کي اوچتو هڪڙو ڇريائيءَ جو خيال آيو. سوچيم تہ ڏُکو هٽان ۾ ڇوڪريءَ کي حيرت ۾ وجهي، سندس لاپرواهيءَ جي زره کي هيڪر ٽوڙي رکان. ڏُکو وري ڇا جو...؟ ... آءٌ سمجهي ويس تہ پڪ ائين هوندو، ٻي ڳالهہ تہ ٿي نٿي سهي.

هڪدم ڪانئس پڇيم، ”تون مئٽرڪ پاس آهين؟“

چيائين: ”تڪڙ ڪانهي! ان ۾ توهان جو ڇا؟ توهان پنهنجو ڪم ڪريو.“

مون وري چيو، ”تون ڳوٺ وسندپور جي رهندڙ آهين؟“

هوءَ ٿوري هٻڪي، ”جي آهيان تہ ان ۾ ڏوهہ ٿي پيو ڇا؟“

چيم: ”تون رحمت جي ننڍي ڀيڻ ياڳيري آهين؟“

هاڻ هوءَ واقعي حيران ٿي وئي! مون سواءِ ترسڻ جي ڪيس چيو، ”تون عبدالجبار جي ٻي زال آهين؟“

چيائين، ”ها، ها، مون ان کي قتل ڪيو! ڪيو! ڪيو! توهان کي جيڪي ڪرڻو آهي سو ڪريو!“

چيم، ”تنهنجي ڀيڻ رحمت کي عبدالجبار، ڳوٺ عبدالله خان جي ڀرسان ڪنڍ جي جهنگ ۾ قتل ڪيو هو؟“

مون عبدالجبار جي ڪيس جو سڄو فائيل پڙهيو هو ۽ جاءِ واردات جو مَشيرنامو ذهن ۾ هوم. چيائين: ”مون بہ ان ساڳئي هنڌ پورو ڪيومانس. پر.... توهان کي ڪيئن خبر پئي؟ توهان پوليس وارا آهيو ڇا؟“

”آءٌ جادوگر آهيان.“ ورنديءَ ۾ چيم، ”مون کي سڀ خبر آهي تہ عبدالجبار ڇا هو ۽ جي تو ڪيس سچ پچ ماري وڌو آهي تہ ان ۾ ڏوهہ تنهنجو ڪونہ هوندو. هن رحمت کي بہ ري گناهہ قتل ڪيو هو... هن کي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڦاسي ملڻ گهربي هئي.“

پهريون ڀيرو هن جي چهري جو تاثر بدليو. سندس منهن تي بيباڪي، چئلينج ۽ ويڙهہ جي جذبن منجهان اُداسيءَ ۽ درد جا پاڇولا اُڀري آيا ۽ پوءِ سندس نيڻن جي ڪُنڊن مان بہ ڳوڙها آهستڙي ڳڙيا ۽ هيٺ سُري آيا. هن ڪين اُگهڻ يا لڪائڻ جي ڪابہ ضرورت نہ سمجهي. فقط ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. آءٌ جنهن ڪم لاءِ ڊپٽيءَ وٽ آيو هئس، اهو ڇڏي مانڙي ڪري اُٿي پنهنجي وارڊ ڏانهن موٽي آيس.

ٻن ڇئن ڏينهن کان پوءِ سرور هڪڙو فائيل کڻي آيو. چيائين، ”هي ياڳيريءَ جي ڪيس جا نقل آهن. باقي سندس قبولداريءَ جو نقل انهن ۾ ڪونهي. اهو بہ آءٌ جيئن

Gul Hayat Institute

تيئن ڪري، پنهنجي خرچ تي هٿوهٿ ليٽر موڪلي يا پاڻ وڃي وٽس ايندس. توهان جي ليڪچر جو ڪجهه اسان تي به اثر پوڻ شروع ٿيو آهي ته هڪٻئي جي جائز مدد ڪجي. خاص ڪري مظلوم انسانن جي بنان لالچ جي مدد ڪجي. هاڻ اوهين ڇهه پهاڙ جيڏا مڙس آهيو. آءٌ اوهان جي ذاتي قانوني قابليت کي ۽ اوهان ڇهن ئي جي خلوص ڀريل انساني همدرديءَ جي جذبي کي تڏهن سلام ڪندس، جڏهن توهان هن ڇوڪريءَ جي زندگيءَ کي موت جي منهن مان بچائي ڏيکاريندا!“

ٻئي هفتي قبوليت جو نقل به اچي مليو، جيڪو انور پڙهيو ۽ اسان سڀني ٻڌو:

”آئون ياڳيري زال عبدالجبار، مسلمان، بالغ، عمر اٽڪل 16 سال، ذات.... چوان ٿي ته مون کي ڪنهن به ڪونه برغلايو آهي. نڪي ڪو آسرو ڏنو آهي يا لالچايو آهي. هوش حواس جي سلامتي ۽ پنهنجي رضا خوشيءَ سان هيٺيون بيان ڏيان ٿي:

”منهنجو نالو ياڳيري ڌيءَ الهڏنو زال فوتي عبدالجبار ذات.... ويٺل وسندپور تعلقو.. ضلع.... آهي. آءٌ الهڏني جي ٻي نمبر ڌيءَ آهيان. پهريون نمبر ڌيءَ رحمت هئي، جيڪا نائين درجي پڙهندي هئي. فوتي عبدالجبار پهرين منهنجي مائٽن کي ڏمڪائي، ٻيچاري، منهنجي وڏي ڀيڻ سان شادي ڪئي. پوءِ ان کي بند ڪري ويهاري ڇڏيائين. اسان وٽ اچڻ ڪونه ڇڏيندو هئس. پوءِ مورڳو ڪيس شهر وٺي هليو ويو. آخر هڪڙي ڏينهن اچڻ جي بهاني، واٽ تي گهُٽا ڏئي، خون ڪري ڇڏيائين ۽ منهنجي ڀيڻ تي ڪوڙو الزام هڻي، غيرت جو بهانو ناهي، پاڻ کي نڳي ڪري بچائي ورتائين. ڏيڍ سال کان پوءِ هو آزاد ٿي موٽي آيو. مون مئٽرڪ پاس ڪئي هئي. فوتي وري به منهنجي پيءُ ماءُ کي خون جا دڙڪا ڏئي ۽ راڄوٽي دٻاءُ وجهي، مون سان زوريءَ شادي ڪئي. مون نڪاح ۾ وارث به ڪونه ڪنيو ۽ صاف انڪار ڪري ڇڏيو پر مون کي مائٽن ڊپ وچان زبردستي عبدالجبار کي ڏئي ڇڏيو. رڳو اها راڄوٽي ضمانت ڏنائين ته عيدن برادن تي مائٽن کان ڪونه جهليندس. پوءِ هو مون کي به ان شهر ۾ ئي وٺي وڃي رهيو. جتي منهنجي ڀيڻ ساڻس رهندي هئي. هو مون کي اجائي مارڪٽ ڪندو هو. سدائين چوندو هو ته، ’پڙهڻ ڪري تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي. آءٌ توکي به پورو ڪري ڇڏيندس. وري ٻين شادي به ڪري سگهان ٿو.‘ مون کي منجهائنس هر وقت سر جو خطرو رهندو هو. مون دل ئي دل ۾ پاڻ سان وچن ڪري ڇڏيو ته جي ڪو اهڙو وقت آيو ته آءٌ پاڻ کي رڍ ٻڪريءَ وانگر بنا مقابلي جي چپ چاپ ڪُسجڻ ڪانه ڏيندس.“

Gul Hayat Institute

”واقعي واري ڏينهن اسين عيد تي شهر کان منهنجي پيءُ جي ڳوٺ پئي آياسين. جڏهن ڳوٺ عبدالله جي پرسان جيڪو ڪنڊ جو جهنگ آهي، اتي پهتاسين تہ هن مون کي چيو تہ، ٿورو آرام ڪنداسين. اسين ويهي رهياسين. آءٌ ڪنڊي جي هڪ ٿلهي وڻ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيس. هن وري اهي دستوري ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون تہ عيد تي هلڻ جو ڪوبہ ضرور ڪونهي. تون ضد ۾ نافرماني ڪري پئي هلين. آءٌ غيرت وارو ماڻهو آهيان ۽ دلير آهيان. مون کي ڪير بہ هٿ لائي نٿو سگهي. تون پيٽين کان بہ وڌيڪ هنيلي آهين.مئٽرڪ پاس ڪيو اٿئي تہ پاڻ کي وڏي شيءِ سمجهڻ لڳي آهين. آءٌ توکي اهڙو نيڪ ڪندس جو جڳ ڏسندو. هي سامهون جيڪو وڻ ڏسين پئي نہ..... ان ساڳئي وڻ هيٺ پيٽين کي بہ سندس هٿ جي سزا ڏني هيم.

”فوتيءَ جون اهي ڳالهيون ٻڌي منهنجي من ۾ پنهنجي بيگناهہ پيڻ جي مظلوميت جي ڏک وچان آگ ٻرڻ لڳي. مون بہ چئي ڏنومانس تہ ”جبار! تون ايڏو تڪبر نہ ڪر! قدرت جي قهر کان ڊڄ! قدرت چاهي تہ تون بہ ڪنهن ڏينهن منهنجي پيڻ وانگر ڳريل لاش ٿي سگهين ٿو!“

اها ڳالهہ ٻڌي ڪيس ڇر وٺي وئي ۽ ائين چوندي تہ ،”تنهنجي ايڏي مجال!“ ڪهاڙي کڻي مون تي حملو ڪرڻ لاءِ ڊوڙيو.

”مون کي پڪ ٿي تہ اج هي مون کي ماري پورو ڪندو. موت کي اکين آڏو ڏسي مون ۾ ڄڻ ازغيبي قوت ۽ ڦڙتي اچي وئي. مون سوچي ورتو تہ جي هن حملو ڪيو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي. جڏهن هن ڊوڙي مون کي ڪهاڙي هنئي تہ آءٌ يڪدم هيٺ جهڪي ويس ۽ ڪهاڙي وڻ ۾ ڪُپي وئي. لٺ جهڙي هڪ ٿلهي سڪل ٽاري منهنجي پاسي ۾ پئي هئي. جيسين هو ڪهاڙيءَ کي وڻ جي ٿُڙ مان ڇڏائي، تيسين مون وڄ جهڙي تيزيءَ سان سٽ ڏئي اها ٽاري کڻي ورتي ۽ سر جو آسرو پلي تمام زور سان ڪيس وهائي ڪڍيم. پهريون ئي ڏک وچي لوندڙيءَ ۾ لڳس. مون ڊپ ۾ وارو وار ٻڌي ڏني. نيٺ هو ڪري پيو پر وري اُٿڻ جي ڪيائين. مون ڊپ وچان ڪيس تيستائين ڏک پئي هنيا، جيسين پڪ ٿيم تہ هو ساڻو ٿي ڊهي پيو آهي. پوءِ جڏهن ڏسي پڪ ڪيم تہ هو مري ويو آهي، تڏهن اها لٺ جهڙي ٿلهي ٽاري کڻي، پاسي واري عبدالله خان جي ڳوٺ ويس. اتي ماڻهن کي ٻڌايم تہ مون مڙس ماريو آهي. انهن مون کي پوليس ۾ پيش ڪيو.

Gul Hayat Institute

مون پنهنجي پيءُ جي ناحق خون جو پلاند ورتو آهي ۽ سندس قاتل کي قتل ڪيو آهي. ڪورٽ سڳوري انصاف ڪري.“

جڏهن بيان جو نقل پڙهجي پورو ٿيو ته سڀ ڪان اڳ محمد علي خان وڏي هڪل سان تبصرو ڪيو:

”لخنالت هجنئي! بي غيرت رن! مڙس ماري هاڻي ويٺي آهين تال ڪرڻ! ٽُڪ اٿيئي پڙوي!“

انور تپي ٻاڙهو ٿي ويو. چيائين: ”واهه جو انصاف ڪيو اٿئي محمد علي خان! آخر وئين نه پنهنجي رجعت پسند لائين تي!“

مون همراهَن کي چيو: ”نور محمد چارليءَ جي هڪڙي فلم هئي، جنهن ۾ پاڻ ۾ ٽي يار آهن. چارليءَ جي هٿ ۾ هڪ ننڍڙي گهنٽي آهي، ڪيڏانهن گهمڻ وڃن ٿا ته هڪٻئي جي ڪنڌن ۾ ٻانهون وجهيو هلن. وچ ۾ چارلي، پاسي ۾ ٻيا ٻه. جتي به چارليءَ کي ڪو خيال اچي ٿو ته فلاڻيءَ ڳالهه تي پاڻ ۾ صلاح ڪريون ته هٿ سان وينو گهنڊ وڄائي ۽ زبان سان واڪو ڪريو چوي ”ميٽنگ!“ اهي آواز ٻُڌيو سڀ بيهو رهن ۽ ائين بيٺي بيٺي پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪرڻ لڳن ٿا. پاڻ وٽ گهنڊٽي ته ڪانهي پر پاڻ به هاڻ هن مسئلي تي پاڻ ۾ چارلي ۽ سندس يارن وانگر ميٽنگ ڪنداسين.“

عبدالجبار جيڪا مون سان حقيقت ڪئي هئي، سا مون سربستي ”ميٽنگ“ کي ٻُڌائي ۽ ڪين چيو. ”هاڻ سموريون معلوم ٿي سگهڻ جهڙيون حقيقتون اوهان جي اڳيان آهن. هاڻ آءٌ سوال ٿو پڇان ته. ”ڇا هن ڇوڪريءَ بي واجبي قتل ڪيو آهي؟“

پهريائين محمد علي خان چيو: ”بلڪل بي واجبي! لعنت هجيس!“

پوءِ انور چيو: ”قتل ته ڪيو ئي ڪونه اٿس. پنهنجو سِر بچايو اٿس. پر جي واقعي قتل ڪري ها ته به جائز هو. پيءُ جو بدلو وٺڻ سندس فرض هو.“

جمال چيو: ”حق تي آهي! اسان جو ڪيس سلام آهي!“

ٻئي شاگرد ڪمال الدين رڳو ايترو چيو: ”بي ڏوهي آهي، مٿس سلام آهي.“

وڪيل محمد اسماعيل چيو: ”Self Defence يعني پاڻ بچاءُ جو ڪيس ٿو ڏسجي. بظاهر ڇوڪري سچ ٿي ڳالهائي.“

مون چيو: ”آءٌ گهڻائيءَ جي راءِ سان ٻڌل آهيان. ڇوڪريءَ کي پاڻ بچائڻ توڙي بدلي وٺڻ ٻنهي قسمن جا حق هئا. هوءَ بي ڏوهي آهي.“

Gul Hayat Institute

سڀ اُٿڻ لڳا. مون چيو "اڃا ميٽنگ جاري آهي. منهنجي رٿ آهي تہ جي پاڻ متفق هجون تہ هن بيگناهہ ڇوڪريءَ جي بچاءَ لاءِ پنهنجي حال آهر ڀرپور ڪوشش ڪريون."

محمد عليءَ چيو: "آءٌ رٿ جو مخالف آهيان. باقي سنگت جيڪو گهڻائيءَ جو فيصلو ڪندي، سو مون کي منظور آهي."

ٻين رٿ سان اتفاق ڪيو. آخر فيصلو ٿيئو تہ هرڪو پنهنجي وت آهر ڪجهہ پئسا ڏئي.

محمد اسماعيل ڪيس جي حقيقت واري پاسي Fectual Aspect جي قانوني ياداشت Brief ناهي. آءٌ قانوني پاسي Legal Aspect جي Brief ناهيان ۽ محمد اسماعيل سان گڏجي پنهنجي دوست مسٽر فيض محمد وڪيل کي خط لکان تہ هيءُ ڪيس ڪٽي ۽، جوابدارڻ آزاد ڪرائي. خط ڪٽي وڃڻ لاءِ ماڻهو محمد علي خان جو ويجي.

محمد علي خان پنج سَوَ ڏنا، مون ۽ محمد اسماعيل ٻہ ٻہ سَوَ ڏنا. شاگردن پنجاهہ پنجاهہ رپيا ڏنا. ڪُل ٿيا 1050 رپيا. ان مان پنجاهہ رپيا محمد علي خان جي ماڻهوءَ کي ڀاڙي جا ڏئي هزار رپين ۽ خط سان ڪيس مسٽر فيض محمد وڪيل ڏانهن موڪليوسون. ڪيس لکيوسون:

پيارا مسٽر فيض محمد،

انسان دوستيءَ جي جذبي وچان اسان هن ڪيس ۾ هٿ وڌا آهن. توهان جي آسري. اوهان هيءُ اسان جو ڇڻ ذاتي ڪم ڪري سمجهندا ۽ ان ۾ ايتريقدر دلچسپي وٺندا. في اسين ڏئي نٿا سگهون. هيءَ ٿورڙي رقم فقط ڀاڙي پُٺي لاءِ موڪليون ٿا. ڪيس هلڻ وارو هوندو. وڪالت نامو جلد ڏياري موڪليو. پاڻ کي خبر آهي تہ عدالت قانون موجب رڳو شاهديءَ جي ٻاهرين روپ Form کي ڪانہ ڏسندي آهي، پر تہ ۾ وڃي ان جي اصليت Content کي ڏسندي - ٻنهي ۾ ٽڪر جي حالت ۾ حقيقي اصليت کي، ٻاهرئين ڏيک تي فوقيت ڏيندي.

هن ڪيس ۾ قبوليت کان سواءِ ٻي ڪابہ اکين ڏٺي شاهدي Occular Evidence ڪانهي. قبوليت ۾ بہ تضاد آهي. جيئن واقعو بيان ڪيل آهي، تنهن موجب سر بچايو ويو آهي ۽ اهڙيءَ ريت ذاتي بچاءُ جو قانوني حق استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو ڏوهہ ناهي. رڳو پڇاڙيءَ ۾ بدلي وٺڻ جو ذڪر ڪيل آهي. ان جملي جو اصل واقعي سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. اهو فقط پاڻ ۾ هڪڙي نفسياتي آٿت ۽ جواز ڏيڻ لاءِ چيو ويو آهي. ڇو تہ جوابدارڻ ذاتي بچاءَ جي قانوني حق جي

Gul Hayat Institute

موجودگي ۾ سو بہ ڪنهن عورت کي اهڙي قانوني حق ميسر هجڻ ۾ اهو بہ خود پنهنجي مڙس خلاف، تنهن حقيقت کان اڻ ڄاڻ آهي. ٻئي طرف پلاند جي ڳالهہ هرڪو پيو ڪندو آهي. ان ڪري هن پنهنجي قانوني طرح جائز (پر سندس اڻ ڄاڻائيءَ ڪري خود سندس نظر ۾ ناجائز) ڪم کي بدلو سڏي، ان لاءِ هڪڙو اخلاقي ۾ جذباتي جواز پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو واقعي کان بعد جو Post Facto جذباتي ۾ نفسياتي ويچار آهي! بس، واقعي جي حد تائين ۾ پلاند جو ڪوبہ عنصر Factually موجود ڪونهي. پلاند وارو جملو پاڻ ڇوڪريءَ جي معصوميت، اڻ ڄاڻائي ۾ ايمانداريءَ جو ثبوت آهي، تہ هو پاڻ کي هاسيڪار بچائڻ نٿي گهري ۾ جيڪي دل ۾ آيو اٿس، سو سواءِ سوچڻ جي چئي ڏنو اٿس. هن ڳالهہ سان گڏ اسان هن ڪيس بابت توهان جي مدد لاءِ حقيقت توڙي قانون جي سلسلي ۾ ياداشتون شامل ڪيون آهن. مناسب سمجهو تہ انهن کي بہ نظر مان ڪيندا. قانوني سَندون ۾ حوالا ٽي سال اڳ تائين جا آهن. انهن جي چڪاس ڪري باقي ٽن سالن ۾ قانون اندر ٿيل واڌارن کي نظر مان ڪڍي وٺندا. حالات جي شاهدي Circumstantial Evidence پڻ جوابدارڻ جي فائدي ۾ آهي. ڪهاڙيءَ ۾ ان جي وڻ تي نشان جو واردات جي مشيرنامي ۾ ذڪر ٿيل آهي. اميد تہ توهان کي ڪا خاص ڏکيائي ڪانہ ٿيندي.

ڪاميابيءَ جا دعاگو

اسان وٽ وڏن وڪيلن جي في ڪانہ هئي. فيض محمد ڪو وڏو يا نالي وارو وڪيل ڪونہ هو پر حياءَ وارو ۾ يار ويس ماڻهو هو. سوچيوسون تہ گهڻو بُنيادي ڪم اسان ڪيس ڪري ڏنو آهي. ڪيس سُنو آهي. همٿ ڪندو تہ وچي پار پوندو.

سرور جيلر وڏن جيلن ۾ اتڪلن سان پاڳيريءَ کان وڪالت نامي تي صحيح ورتي. پاڳيريءَ جون بہ رسمي شنوايون پئي هليون، اسان مان بہ هڪ نہ ٻئي جو پنهنجين شنواين تي وڃڻ پيو ٿيندو هو. ائين گسان پنڌان ماڙيءَ يعني جيل جي گيٽ واري آفيس وٽ ڪڏهن ڪڏهن پاڳيريءَ سان آڏي اُبتي عليڪ سليڪ ٿي ويندي هئي.

هڪڙي پيري منهنجي انور جي گڏ تاريخ رکيل هئي، اسين ٻاهر وڃڻ لاءِ ماڙيءَ تي پهتاسون تہ هوءَ بہ شنوائيءَ تان موٽي. مون کي ڏسڻ شرط چيائين: ”سپ خبر اٿم.... پر ايترو ٻڌائي ڇڏيانوَ تہ پنهنجي بيان تان ترِ جيترو بہ ڪانہ ڦِرنديس.“

Gul Hayat Institute

مون چيس: ”توکي الائي کھڙي خبر آهي؟ اسان کي تہ ڪاٻہ خبر ڪانهي. توکي بيان تان ڦرڻ لاءِ چوي ڪير ٿو؟“

ٻئي پيري ٻہ انور ۽ آءٌ گڏ هجون ۽ ساڻس اهڙي اتفاقي گڏجاڻي ٿي. چيائين: ”توهان مون کي ڇڏائڻ لاءِ پلي زور لڳايو پر ورندو ڪجھ بہ ڪونہ. آءٌ جا ڇاتيءَ تي هٿ رکيو ويٺي آهيان.“

”تون سدا ڇاتيءَ تي هٿ هنيو ويٺي هج.“ مون وجھ ڏسي انور ڏانهن نهاري چيو: ”اسان سڳاوتيون بہ ڪري ڇڏيون آهن. جيڪي وٽيئي سي خبرون ڪر.“

ٻئي ڄڻا ڳاڙها ٿي ويا. انور ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ پاڳيري رُڪائيءَ سان چيو: ”توهان ڪي ماڻهن جا وارث آهيو ڇا؟“

وراڻيم: ”ماڻهو زبردستي مڙس بہ پيا ٿيندا آهن. اسين رڳو ڪٽي زبردست وارث ٿياسين تہ ڪو ڏوهہ ٿي پيو ڇا؟“

”تڪڙ ڪانهي.“ چوندي، هوءَ زور زور سان وِڪون ڪڍندي هلي وئي، پر مون ڏسي ورتو تہ ويندي مهل آڏيءَ اک سان انور ڏانهن ڏسي ڪجھ سوچ ۾ پئجي وئي. اسان جو يار انور بہ تہ گهٽ ڪونہ هو.

مون اها ڳالھ اچي همراهَن سان ڪئي. پوءِ تہ انور کي ”سرڪاري“ طرح ڪٽي گهوٽ بڻايائون ۽ ڪانئس رونشي ۾ طرح طرح جون سنهيون رشوتون اوڳاڙڻ لڳا. ”گهوٽ! پاڻي پيارا!“ ”گهوٽ! ٿورو زور ڏي!“ ڪڏهن تہ چون ”گهوٽ! ٿورو بوٽ تہ پالش ڪري ڇڏ. لاڏلو ٿيندين سياڻي. اڄ ڪجھ سَروِس ـ ڙِي تہ ڪري ڇڏ!“

ڪي وري ڪوڙي همدردي ڪري چون: ”نہ، يار نہ! اسان کي پنهنجو يار ماراڻو ڪونهي. چوڪري اڳيئي مڙس مارڻي، همراھ اسان جي ڪان ٿي وڃي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ ڪا ٿوري گهڻي مشتيڪ! تہ هٽي لاھ نہ ڪڍي رکيس!“ انور بہ چرچن ۾ گهوٽ ٿيو رونشي ۾ سيني جون سروسون پيو ڪندو هو.

هڪڙي دفعي پاڳيريءَ کي پرسان لنگهندي، تڪڙو تڪڙو صاف چئي ڏنم: ”اسان سيني گڏجي تو ۽ انور جي سڳاوتي ڪري ڇڏي آهي. هاڻ وٽيئي تہ اسان جي ڳالھ کي پاڻي ڏجان ۽ وٽيئي تہ رد ڪجانءِ.“ اهي اکر چئي، آءٌ کيس ڪو جواب ڏيڻ جو موقعو نہ ڏئي، تڪڙ ۾ اڳيرو ٿي ويس. باقي ڪم ٻنهي جي سمجھ، همت ۽ قسمت تي ۽ ٻئي طرف سرور جي هوشياريءَ تي ڇڏي ڏنم.

آخر ڪيس هليو پاڳيريءَ اهو ئي ساڳيو بيان ڏنو جيڪو پهرين ڏينهن ڏنو هئائين. ساڳيو جملو چيائين تہ، ”مون پنهنجي پيڻ جو بدلو ورتو آهي.“

Gul Hayat Institute

ٽين يا چوٿين شنوائيءَ تي سرور ٻن پهرن مهل ٽڪڙو ٽڪڙو وارڊ اندر گهڙي آيو "مبارڪ! مبارڪ! آرڊر اچي ويا!"

"ڇا جا آرڊر؟" اسان سڀني حيران ٿي پڇيو.

"ياڳيريءَ کي ڇڏڻ لاءِ ڪيس دارالامان موڪلڻ جا آرڊر. جيئن پاڻ فيصلو ڪيو تيئن ٿيو. لک لک مبارڪون."

اسان فيصلو ڪيو هو تہ متان ڪو ڦڏو ٿئي، تنهن ڪان جي ڇوڪري آزاد ٿئي تہ مائٽن بدران في الحال دارالامان وڃي ۽ پوءِ انور آزاد ٿي وڃي ساڻس ملي پنهنجي قسمت آزمائي.

جيل جو دستور آهي تہ عام طرح جيڪو ماڻهو ٻاهر نڪرندو آهي، سو وري وسئون پوبان لوٽو ڪونہ هڻندو آهي. جن جي جيل اندر هڪٻئي کان سواءِ ساعت ڪانہ سرندي آهي، تن مان ڪو ٻاهر ويو تہ وري ڏس بہ مشڪل ليندس. جيل ۽ ٻاهرين دُنيا ۾ فرق بلڪ تضاد ئي اهڙو آهي، جو ٻاهر جي ماڻهوءَ کي اندر واري سان ڳالهائڻ لاءِ مناسب لفظ ئي ڪونہ ملندا: هڪٻئي کي ڇا چون؟ هُنن جا مسئلا هڪڙا، هنن جا ٻيا. جيل وارن جو ڏينهن ئي مشڪل سان گذري ۽ جيڪي ٻاهر آهن، تن کي مٿو کنهڻ جي بہ واندڪائي ڪانهي. 'اُنان ميهان دا ڪيها ميلا، او چرن جهنگ اور چرن ٻيلا' واري ڪار آهي.

ٻن ٽن مهينن کان پوءِ اسان واري لڏي مان ماڻهو نڪرڻ شروع ٿيا: پهرين محمد علي خان جو ضامن ٿيو. پوءِ انور آزاد ٿيو. پوءِ محمد اسماعيل وڪيل. پڇاڙيءَ جو وڃي اصلوڪن مان آءٌ ۽ ڪمال الدين رهياسين. تيسين وري نوان همراهہ اچي ويا: ولي محمد، نور علي، احمد خان ۽ ٻيا ڪِئين اچي ڳنا ٿيا. جيل ۾ مسافرخانو خالي ٿيڻا ناهن. هڪڙا پيا ويندا ٻيا پيا ايندا.

ڪِئين مهينا لنگهي ويا. هڪڙي ڏينهن ملاقات جو سڏ ٿيو! وڃي ڏسان تہ ملاقات جي ڪمري ۾ منهنجي دستوري ملاقاتين مان ڪير بہ ڪونهي. پوءِ انور تي نظر پيم. سندس پاسي ۾ مائي ويٺي هئي، اجرڪ ۾ اها بہ سٽ ڏئي، اُٿي، "بابا!" ڪري مون کي پيرين پئي، هٿ ڏيئي گڏي. جي ڪٽي ڏسان تہ ياڳيري! سندس مٿي تي هٿ رکي چيم: "يڪين تن ڏيئن جون سزائون اڳي ئي پيو لوڙيان! هيءَ چوٿين سزا ڪهڙي ڏوهہ ۾ ملي آهي؟"

مون لاءِ جيڪي ڪتاب ۽ رسالا وٺي آيا هئا، اهي منهنجي هٿ ۾ ڏيندي ۽ مرڪ دٻائيندي، حجت ڀري شوخيءَ ۽ رعب سان چيائين: "اهو انهيءَ ڏوهہ ۾ جو ٻنان ٻچا ڳاچا جي پرائين ڏيئن جون پرپٽ سڱاوتيون ڪريو ڇڏيو پوءِ ماڻهو ماڻهن مان ڦاسيو پون ۽ جند ئي ڇڏائي ڪونہ سگهن!"

انور مرڪي چيو. ”سائين ٻڌي چڏيوَ ڳالهيون!“

ڏنم تہ هوءَ خوش آهي. اڳي بي باڪ ويڙهاڪ ۽ مرڻ مارڻ لاءِ تيار هئي. هينئر انهن صفتن جي مٿان اٿاهہ خوشي، سرشاري، خوداعتمادي ۽ انساني رشتن ناتن تي اعتبار ۽ ناز جا احساس ڇانيل ٿي لڳا. پڇيومانس: ”انور ڪيئن ٺيڪ ناڪ ٿو هلي يا ڪريونس ڪن مهٽ؟“

پاڳيري مظلوميت جو ڍونگ ڪري چيو: ”بس بابا! اوهان جنهن آڙاهہ ۾ اُڇليو آهي، تنهن ۾ وينا پچون... ڪُڇون پُڇون ڪونہ ٿا.“

انور چيو: ”سائين، اسان جي مرلي بند اٿوَ! يارن اڳيئي سمجهائي ڇڏيو آهي تہ ڪا ”مشڪيڪ“ ڪيئي تہ پنهنجو بہ خير نہ سمجهجانءِ. تنهن ڪان سواءِ هاڻي بندوق بندوق بہ هلائڻ سکي وئي آهي. مون ڪان بہ سُٺي نشاني باز ٿي وئي آهي. هاڻ پنهنجي چلتي ناهي!“

پاڳيري رڳو مرڪندي رهي.

ان ڪان پوءِ آءٌ بہ نيٺ آزاد ٿي ويس. وري ملڻ ڪونہ ٿيو.

(5)

ٽن چئن سالن ڪان تنهن ڏينهن ڪيس اوچتو حيدرآباد ۾ پنهنجي گهر ڏسي بي انتها خوشي ٿي هيم. بيٺي خوشي ان ڪري ٿي هيم جو بختاور جنهن جي هيتري هاڪ ٻڌي هيم، سا خود اسان واري پاڳيري هئي. جڏهن مانيءَ تي وينا هئاسين، تڏهن ياد اٿم تہ پڇيوهومانس: ”ڇري! ڀڪا سال خط پٽ ڪونہ لکيئي؟ حال احوال ڪونہ ڏنئي؟“

چوڻ لڳي: ”سوچيم تہ بہ اڪر پيٽ ۾ وجهي، ڪجهہ اپري سيري سمجهہ پرائي، ڪجهہ ٽڪي پيسي جو انڌو منبو قومي ڪم ڪار ڪري، منهن ڏيکارڻ جهڙي تہ ٿي اچان!“

مانيءَ ڪان پوءِ انور سان بہ خوب ڪچهريون ٿيون هيون. جيل جي گذريل ڏينهن جون، سندن تڏهوڪي زندگيءَ جون. پتو پيو تہ پاڳيري ڳوٺ ۾ ماستريا ٹي هئي. بي-اي پرائيويٽ پاس ڪئي هئائين. ايم-اي جي تياري پئي ڪيائين. انسانيت، سمجهہ، جدوجهد ۽ قربانيءَ جو سبق ڏيندڙ سوين ڪهاڻيون، ناول، شعرن جا ڪتاب، ٻيا علمي ڪتاب چڱي طرح پڙهيا هئائين. پاڻ ڪي دل جان سان هڪ بهتر دُنيا اڏڻ جي جدوجهد لاءِ ارپي ڇڏيو هئائين. موڪلن جي ڏينهن تي ۽ خاص ڪري وئڪيشن ۾ گهر ڪانہ ويهندي هئي.

خود انور بہ پوئتي پيل ڪونہ هو. بہ پائر هئس. اهي ٻني ٻارو سنڀاليندا هئا. پاڻ نوڪري اهڙي ڳولهي هٿ ڪئي هئائين، جنهن ۾ پگهار ڪا ايڏي گهٽي ڪانہ هئي، پر ٻئي زال مڙس گڏيل ڪمائيءَ مان رُکو سُکو کائي پنهنجي ڪم ڪي لڳا پيا هئا.

Gul Hayat Institute

تنهن کان پوءِ وري ٻه سال ٻه ٽي ٿي ويا. هرڪو پنهنجي پنهنجي ڀَٽ کوهه ۾ لڳو پيو هو. تان جو اهو ڦِرڪو ڦِريو. ڌرتي تپي تاندا ٿي پئي. هو جٽ ڪٽ ٻهانا ڪري ڳوٺن ۾ ڪاهي پيا. انور جي پرپاسي جي ڳوٺن ۾ ته ٻارڻ ٻاري ڏنا هئائون.

تار ملڻ ڪانپوءِ آءٌ جڏهن ڪريما کي ساڻ ڪري اسپتال پهتس ته پاڳيريءَ جي سس ٻُڌايو هو. "ڏينهن ڏٺي جو وچين وچين مهل اوچتو ڪٽي ڏسان ته الله ماريا ڳوٺ کي گهيرو ڪري ويا ۽ فير شروع ڪري ڏنائون. اسان جن مان ٻه جنهن وٽ جيڪو هٿيار هو. تنهن ان سان مقابلو شروع ڪري ڏنو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ فائرنگ هلندي رهي. ٻنهي طرفن ماڻهو ڦٽيا ۽ مُئا.

پُٽ اڳيئي ڪاٽ ۾. باقي ننهن کي ٻه الله مارين وايوڙي وڌو. آخر بي هٿيار ماڻهو ڪيترو وڙهي ڪيترو وڙهندو. دشمن ڌوڪي پيا ڳوٺ ۾. ماري ڪُٽي، راج مڙسن جو سلهاڙي ڪٽي ويا. الله مئن جي ٻچن ۾ رڙ وجهي. راڄن جي ٻچن کي رلائي ڇڏيائون." مائيءَ توڙي سندس پرسان بيٺل مٽن مائٽن جي اکين مان ڳوڙها زاروزار وهي رهيا هئا.

.... .... ....

الاهي بخش جي گهر جي اڱڻ ۾ انهن ڳالهين کي ياد ڪندي، پاڳيريءَ جي زندگيءَ تي سوچيندي، الائجي ڪيڏي مهل اکيون پورجي ويم.

ٽئين ڏينهن صبح جو سڌو ڊاڪٽر الهه رکئي وٽ ويس. سندس منهن تي سرهائي ڏسي سمجهيم ته هوءَ اڃا جيئري آهي ۽ سندس حالت خطري کان ٻاهر ٿي چڪي آهي. حقيقت ان کان ٻه بهتر هئي. سندس صحت، جسم ۽ روح، موت کي پهرين ملهه دسي ڇڏي هئي. هوءَ هوش ۾ اچي چڪي هئي. پنهنجي پياري ساهيڙيءَ کي هوش حواس ۾ ڏسي، ڪريما جو ڪومايل چهرو خوشيءَ وچان گلاب جيان ٽڙي پيو هو.

مون پاڻ کي پوريءَ طرح قبضي ۾ ڪري، مُنهن تي رُڪ چاڙهي سندس مٿي تي پاٻوهه وچان هٿ ڦيريندي مُرڪي چيو: "سمجهيو هئم ته تون بنا موڪلائڻ جي بنان ٽڪيٽ رواني ٿي وئينءَ، پر تون ته شينهڻ لڳي وينئي آهين."

سندس چپ چُريا. مون ڪنڌ نوائي جيڪي ٽُٽل ڦٽل اکر چيائين، سي ٻُڌا. اهو ئي سندس پراڻو تڪيه ڪلام: "تڪڙ ڪانهي!"

ايتري ۾ چپ وري چُريا. ڪريما نوڙي سندس ڳالهه ٻُڌي ٿهڪ ڏئي چيو: "بابا خبر اٿئي ڇا پئي چوي؟ هينئن چماٽ هٽائنين! ڇري ڇئي ته ايڏي تڪليف ڇو ڪيوَ؟"

اسين ان ڏينهن موٽي گهر آياسين ۽ ٻئي هفتي موٽي وياسين ۽ هر هفتي ايندا رهياسين. ان وچ ۾ سندس ٻار، سندس ماءُ پيءُ، ڀاءُ، پيڻ ٻه اچي ويا هئا. سندس



Gul Hayat Institute

تنظيم جون ڪَئِين ساٿياڻيون بہ ڀائرن يا مڙسن يا لٽي ڦٽي وڏين ماين سان گڏجي اسپتال ۾ پئي آيون ويون. هر ڪنهن وس آهر سندس هٿ تي ڪجهہ نہ ڪجهہ رکيو. ڪي بيدا، ڪي گيهہ مکڻ ڪٽي آيون. اسپتال ۾ سڀ ڪيس ڀاڳيريءَ جي نالي سان سڏڻ لڳيون. ڪريما کين سمجهايو هو تہ اهو نالو مٽس ساهرن رکيو هو.

ٻن مهينن کان پوءِ هوءَ ٺيڪ ٺاڪ ٿي وئي. ڏينهن ٻن ۾ سندس اسپتال مان موڪل ٿيڻي هئي. ڪانئس موڪلائڻ مهل مون کيس آهستي چيو: ”ڀاڳيري! چئبو هن ڀيري ماڻهو ڀاڻ کي ملهہ ماري ويا!“ کيس جڻ ڪنهن وڇونءَ ڏنگ هڻي ڪڍيو.

”ڇو بابا؟“

سسٽس چيو: ”ادا ٿن الله مارين کي ڏيئڙيءَ جي بندوق جي فيرن سان ڪرندي تہ مون پنهنجين هنن گنهگار اکين سان ڏٺو وڏيڪ جي ڀاڻ کي خبر ڪانهي.“

مون چيو: ”ڀاڳيري! تون واقعي بختاور آهين! هن نئين دؤر جي بختاور.“

Gul Hayat Institute

# جتي ٻاهه ٻري

ڪتي جي ٻاٽ ٿي. سونا چرڪ پري، رلي منهن تان لاٿي. آهستي ڪري ننڍڙي موسي جي ٽنگ پنهنجي ٽنگ تان لاهي، ان تي رلي وجهي، اونداهيءَ ۾ سنڀالي سنڀالي پير رکندي، در وٽ اچي نهار ڪيائين. ٻاهر ماڻهن جو ڊنب ٻيٺو هو. ماسي رحمت واري ڳالهه سچي هئي. سندس دل ٻُڏي وئي.

”خميسا!، خميسا! _ ابا آهي ڪو مڙس ماڻهو؟“

هن آواز سڃاتو. حاجي جمعي جو ڳرو دهشت ڀريو آواز ڪير نه سڃاڻي!

”ابا، ابا.“ هن پٽڪو ڪري پٽس کي سڏ ڪيو. هلندي ديڳڙيءَ تان ٺابو اچي ويس، ”آئي الله.“

”چوري ڪچاڙو آ؟“ خميسو ننڊ مان ٻاهوڙو ڪري اُٿيو. جوڙس آمي چرڪ پري اُٿي ويٺي، ”هان، ڪنهن سڏ ڪيو؟“

”ٻاهر ماڻهو ٻيٺا آهن.“ سونا هنڌ تي ويهي رلي مٿان ڪندي چيو. سندس لڳ ساهه چڙهيندا ويا. دل تي هٿ رکي ڏٺائين، ڌڙ ڌڙ جهڙي ريل گاڏي.

”ڪير آن؟“

”حاجي جمعو آ، ٻيا ته الائجي ڪير آن!“

”ڪچاڙو ويو آهين؟ آڏين جو رُلي مئا آهن!“

خميسي ٻڙ ٻڙ ڪري قميص وجهندي چيو ۽ پڙڇ هيٺان هٿوراڙيون ڏئي ٻيڙيون ماچيس نهارڻ لڳو. ”پاڻين ڪر ڳل چاڙهيو آهي، ٻيو ڪچاڙو!“ آميءَ چيو.

”پاڻم جو ڪهڙو ڏاڙو هيو آمر؟“

”ڏاڙو هَيو آني تڏهن ته ڦوج چاڙهي آيو آ.“

”ته ويندو ٻه ڦوج سوڊو گس ونيو پيو.“

Gul Hayat Institute

”تون هير ٻَتري پوندين. هير ٿا ڦُلي ٻڏيو گڏهہ تي چاڙهيني.“

”گڏهہ تي ٿا چاڙهينم جو آهيان پاڳل!“

”پاڳل ناهينءَ تہ کھڙو جونت ۾ آهينءَ؟ هير ڏاڏر ٻڌندي تہ نچي بيهي رهندين. نالي الله جي، اسين ڪونہ ٿا پاڻين لا ڪريو. پاڻ کي ڪوري ڪاري ناحق ۾ وجهون. اسان ڪي چريا گھُچ پٽس ٻولي ڪونہ ڪنيا آهن. تنهن ڪان ماڳي ڏڪ هٽي ماري وجهينس تہ هيڪڙو سور تہ ٿينون. باقي پاڻ مان ڏني وائني دوزڪ ۾ ڪونہ ويندو.“

”ڙي هاڻ تون وات تہ جهل!“

”ڙي لڏي ويا، ڪ آهيو؟“ حاجي جمعي واڪو ڪري چيو.

”آيو! آيو!“ خميسي باڪس جي تيلي هٽندي چيو.

”ڪميس پيو وجهي پانيان!“ عارب چيو.

”پيٽيان جا پٽ ڪاڏاسين!“ جانوءَ وني ٿپ ڏنو. ڪتي ست ڏيئي ستڻ جو ٻُهل ڪدي ورتس.

”ڪتو، ڪتو!“ خميسي ڊوڙي ڪتي کي لت ٺڪاءُ ڪرائي. ڪتو ’ڪئون، ڪئون‘ ڪندو وني پگو.

”راج، پلي ڪري آيا، ڙي، ڪو پڙچ ٻڙچ تہ ڪٽي آ.“

”ها، نهاريان پئي.“ اونداهي گهر منجهان آميءَ جو آواز آيو.

”اجا پيئي آٽينءَ؟ هي تہ بيهي بيهي سُڪي ويا.“

”اي، هاڻ اتي ئي ٿا ويهون. اڇو پٽ لڳو پيو آهي.“

”نہ ڙي نہ... پڙچ نہ آٽينءَ؟“ هن جوٽس کي سڏ ڪيو.

”چورا تہ ڪٽان.“ جوٽس پڙچ گهليندي چيو. هٿ گنديءَ جي پلاند سان ڍڪي، سيني کي ڏنائين.

”ماما وريام آهينءَ ڪ؟“

”نظر نٿو پوني ڪ؟ پيٽيان آهين تہ جڙد مڙد!“ عارب کِلي چيو.

”بس هاڻ اڇي اجهيا آهيون، جڙديون مڙديون ويون.“ هوءَ گهر موٽي ويئي.

”خميسا، راج کان خبرون وٺ.“ حاجي جمعي ڪانب ڪدي، وهاٽي کي ٽيڪ ڏئي چيو.

”ادا ٻُڌايو؟“

”عارب ٻُڌاءِ خبرون.“ حاجي جمعي دستور موجب اول بين کي آڇ ڪئي.

”نہ، تون ٻُڌاءِ!“

”هارون ملان ٻُڌاءِ خبرون!“

”ٻُڏاءِ، ٻُڏاءِ.“

”وريام، موسا، جانو؟“

”ٻُڏاءِ، ٻُڏاءِ، پاڙيءَ هوندي تَيمَم ڪونہ ٿيندو.“

”ادا! اسان جو مڙيئي خير، ڄاڻين سڄاڻين ٿو....“

”هئو!“

”يارن جا غلام...“

”مائٽ، چڱا مڙس!“

”اها پهر، الله ۽ الله جي رسول جي پاڙي ۾، آن يارن جي پاڙي ۾ پيا سانت گذاريون. اڄ ويو هوس ٻنيءَ تي ور ڪرڻ. ٻني بہ ماڻهن جي مالن ڪائي چٽ ڪري ڇڏي آهي، ڪوٺم، ٺم وڃي ڇڏئون آهي....“

”مون ڏٺي هئي تڏهن تہ پلي هئي....“

”ويئي چٽ ٿي! صفا هٿ جي تري...“

”ها، هي سمن جو مال ڪنهن کي سگهو ساهہ کڻڻ ڪونہ ڏيندو. چوئڻ وارو ماڙهو ڪونهي...“ سومار مُلين چيو.

”ابا وَچ ڳُڏي ڪيري تي. انين جو ٽڙ ڏاڍو آهي. چوڌري زبردست ماڻهو آهي. ڪنهن جي ڪانہ ٿي هلي.“ حاجي سڪئي چيو.

”اڙي ڇڏيو انين خبرن کي، وٺو ڪم جي ڳالهہ کي. سڄي رات ويٺا ڪونہ هونداسين.“ عارب چيو.

”سو ڳالهہ ٿي ڪيم تہ رات جو رُلي آيس گهر. هير گهر سُتو پيو هوس تہ پاڙي ياقب آيو تہ مون سان ميڙ ٿي هلو پاڻم خميسو مون سان ڪاوڙيل آهي، تنهن کي هلي پرچائي ڏيو. اسان چوس ادا حاضر. اهڙي سُني مت شل خدا سيني کي ڏي. تنهن لاءِ ڪاهي اچي تو جا پير ورتاسون، پيو مڙيئي خير...“

Gul Hayat Institute

”گهر جي خير. حاجي خوش آهيو؟“

”شڪر آ.“

”جوڙ پيڙ؟“

”الحمدالله!“

”دين ايمان؟“

”رب جو فضل!“

”شال خوش هجو!“

”پانجي مهرباني.“

”اسان جو سارو خير. سچاڻو ٿا. ڀارن جا غلام اها پهر. ڪير لپ وڪڻيو آن ڀارن جي اَجهي ۾ ڀيا ساٽ گذاريون...“

”الله جو اجهو آ.“

”اتي ويٺا الله الله ڪريون. بازار ۾ ڪير لپ ڏيئي، ٽڪي ٽُني، اچي ڪريس ته مٿان سڌ ٿيو. آن ڪي الله آندو، گڏياسين، پير ورتاسين، ٻيو مڙوئي خير.“

”گهرجي به خير. خميسا خوش آهين؟“

”شڪر آ.“

وري ساڳي خوش ـ جوڙنئين سر شروع ٿي وئي.

آمي ٿوتي دڪائي ٻنپ وٽ، سونا ۽ موسي جي پڙڇ جي ڪنڌ تي ويهي رهي. ميڙ گهر ڪان ڳچ پنڌ تي ويٺي هئي. فقط ڪنهن ڪنهن مهل ڪو آواز ڇِتو ٿي ٻُڌڻ ۾ آيو. هوءَ سوچڻ لڳي. ’خميسي جو سائو منهن ٿيو! ويٺو ڀانجن بابن سان رهاڻيون ڪري. اُٿڻ شرط ڪڙو منهن نٿو ڏين، ته جيڏانهن جا آهن تيڏانهن هليا وڃن. ڀاڻس منهن ڪاري ڪي وڏيڻ ۾ اچي عشق لڳو آهي. هڪڙي رن ڪي ڊِئي ڇڏيئين جا يا عمر جا لينگها لوڏي، ڳوڻن جا گيسمارا ڪري مري وئي. هاڻ آمي پانجي ڏيءَ بدو ڏئي سڦوران ڦنجيءَ جي ٻوٽ ـ ٽُوري نرمل سان شادي ڪرائيس. سڦوران جي چرئي گهچ پُٽَ ڪي ڪير ڪُٽيءَ جو ٻچو به نٿو ڏي، تنهن ڪي وري آمي ڏيءَ بدو ڏي ته ياقب خان سيج چڙهي! ٻيو سچو راڄ ڇُڪي ويو. باقي آمي نڌٽڪي سيني ڪي سولي تي هٿ آئي آ. سڀ ڪو ڏاڙهه ڏڪائيندو اچي. حاجي جمي پانجي ڏيءَ لا تپيداريءَ جو ڪتيو هٿ ڪيو. عارب ڏڪر جون ڪار ـ مُنهنيون ڏيون تخت ڏڃاڻيون ٿين: باقي آميءَ جي ڏيءَ ڪي چريون بلائون مٿي ۾ هٽڻ لاءِ ٽُورا ٿي اچي ويٺا آن. خدا ڪا مُئن جي ٻچن ۾ رڙ وجهي، پانجي ڄاين ۾ لهن. مون غريب بي واهيءَ جي پنيان اچي ڀيا آهن.‘ سندس اکين ۾ پاڻي اچي ويو.

’سچي عمر درد ڏنم. امان مرهياتي تنجڻ ۾ ڇڏي ويئي. ابا سدائين مهاڻين جي پنيان مياڻين تي ڀيو هوندو هو. سچي عمر مامن جي درن تي ڏڪا جهليم، چڙٻون سَنيم، گولپا ڪيم. زال ئي ڪانه ٿيس ته خميسي ڪي ڏئي ڇڏئونم. گهوٽ ڀيا به هئا، پر زتيمن لاءِ ڪنهن ڪي ڪسڪاٽ ويندو؟ هجي ماءُ ڀيڻ جنهن ڪي قياس پوئي. نه ته سومار به ته ابا جي سوٽ جو پٽ هو. ان ڪي ڪين ڏنئون.‘ سومار جو خيال ايندي سندس گهنج گهنج ٿيل منهن تي هڪ شرميلي لڄاڙي مرڪ تري آئي. ’ڳورو ڳورو جهڙو پناڻ، ماٺو ڀانئين ته بيٺو ڏسانس. دهشت جهلڻ جي ڪانه هوندي هيس. ڏاڍو نياڳو هو. پاسي مان مٽيندو هو ته ڊگهو شوڪارو ڀري چوندو هو: ”الله! توجي آهيان.“ ڀيا ڀائيندا هئا ته وڏو ڪو مُلئون آ. الله ڪي ڀيو ياد ڪري!‘

Gul Hayat Institute

۾ سقوران جي پٽ کي ٿا ڏين.‘ تہ جهڙي هئي تهڙي هارجي ويئي. مٿي تان جهڙو گهڙو لاٿئين تهڙو هٿن مان ڪِري پيس. نئون نڪورو گهڙو ڦش ڦش ٿي ويو. اجا ٿيو ڏينهن وٺي آئي آهيان. مٿي تي هٿ رکي پٽ تي ويهي رهي. دل کي چوم تہ ’گهڙو تہ قلبان ٿيو پر ڇوريءَ کي ڇا ٿيو؟‘ ڊوڙي وڃي اُٿاريوميناس. چومينس- ’ڏيئڙي تو جون ڪو اڇي مٿيون منجهيون آن؟ دشمنين ماڻهين تہ ڪانہ مئي آهي جو مٿي کي هٿ ڏيو ويٺي آهينءَ؟ تون ويٺي رنگ ڏس! آئون آهيان مُئي جو سقوران جو اهو مُئو ڇريو ڇرٻٽ مونجي لُڏڻ ڏيءَ سان لائون لهندو!‘ دلداري ڏني آمينس تڏهن مس مس وڃي منهن ۾ پاڻي پيس. ”هيڪڙي ڏينهن ۾ ڇوري سڄي لڙهي وئي آ!“ ڪانئس ٿڏو شوڪارو نڪري ويو. ست پنج ڪينهم، هڪڙي ڌيءَ آهيم. ٻہ ٽنجڻ ۾ موٽي ويون. پوٽينڙيءَ جو پٽ ٻن سالن جو وري ويو. سسٹم چوئي- ’هن نياڳيءَ جو اولاد بچندو ئي ڪونہ. خميسا ٻي شادي ڪر. سڄي ڄمار نانگو نپنو تہ ڪونہ وينو هوندين.‘ خميسي کي بہ جهڙوڪر ماڻهس جي ڳالهہ وڻي، سو مون کي منهن ئي نہ ڏئي. سڄو ڏينهن پيو ماڻهس سان ڪچهريون ڪري. نيٺ الله پلو ڪريس، رحمت وڃي بيبي آمنت گاديءَ ڏجاٽيءَ کان سڳو وٺائي آٽي ڏنم، ستين تي پڙ جدا باسارائيم، تڏهن مس مس وڃي سونا پيٽ ۾ ٿيم. سڀ چون تہ ’ڪانہ بچندي‘ آءٌ بہ لهرين وچ ۾ هيس. پر رحمت کي آفرين آهي. چوئين- ’ڇري! بيبي آمنت جو سڳو نہ لڳو تہ مونجي سينڌ ڪوڙي ڇڏج، مون ڇتين اکين آزمودا ڏٺا آهن. تون الله، الله جي رسول تي، مرشيد تي رکيو ويٺي هج. ڏس تہ ڪيئن ٿا دشمنن جا ڪارا منهن ٿين.‘ ٿيو بہ ائين. سونا کي ڪوسو واءُ بہ ڪونہ لڳو. اڄ سونا، سونا آهي. جڪو ٿو ڏسي سو چوي تہ- ’پيٽيان آمي، هيءَ ڌيءَ ڪٿان جائي اٿي؟‘ آءٌ ڪليو ڇئان ’جهنگ مان ڪٽي آئي آهيان.‘ چون- ’پيٽيان، تون ۽ خميسي جو منجهس آرڪاٽو ئي ڪونهي. ڇوري جهڙي منڊم آ. ٻي ڳالهہ ڪانهي!‘ هن سقوران ڦنجيءَ جو تہ مڪو مڇي ويو. سڄي ڳوٺ ۾ خواري اُٿارئين، آميءَ، سونا سومار مان جائي آ. ڦتح ڳالهہ ڪئي تہ چوئي ٿي تہ رَنون. انڏيون تہ ڪونہ ٿيون آهيو؟ ڇوريءَ جون اکيون، نڪ، مهاندو نٿيون ڏسو؟ سومار مان ڪو تر گهٽايئن آهي؟ ڇوري اڇي اڇي جهڙي ڪپاهہ. نڙيءَ مان پاڻي پيو ٻکيس. جهڙي يورپين جي ڌيءَ! اهو اما سومار جو ٻج آهي. ٻئي جي جاءِ ڪانهي.‘ ڪوڙي ڪار- منهين! پانجو تہ سومار ڏينهن محشر جي ياءُ ٿئي. پانلاءِ اهڙو هوندو جهڙو ابا ڏٺو! ٻين تان ڪئين آهي تيتري اجري ويٺي آهي. ڏيٽس ڪار-مُنهينءَ جو ٻوٿ سُوٽل تہ پٽس ڇريو گهڄ. سيٽاٽي سڱ مليا اٿس.‘

هن ماچيس جي تيلي هٽي اُجهاڻل بيڙي وري دُکائي ۽ هتي پت کي ٽيڪ ڏيئي سَولي ٿي ويٺي.

”هن مُئي الله ماري ياقب جي مون سان عمر ڪانہ پيئي. ڪوڙهہ نڪريس، سڄي چمار جوڻس جي چور تي مون کي لنيون هنيون. جوڻس دادلي سڄو ڏينهن جهنگ پيئي ڦريندي، تنهن کي الفان بي بہ ڪونہ چوندو هو. اها پل پيئي مونجون اڇيو بڇيون، مُيون جيئريون ڪيڊي. باقي مون ٿورو چپ چوريو تہ ٺا لٺ مغز ۾۔ ’هھڙي ٺهڙي وات ٿي هٽين!‘ ڪتا بہ رت ڪونہ چٽيندا هئا. اهو رت۔ٽيو مڙسم ويٺو هوندو هو تہ رڳو هٿ وجهي بہ ڪونہ ڇڏائيندو هو۔ ’اڙي شل ڪا باهہ لڳنين، تون هٿ وجهي ڇڏائي تہ سهي.‘ چي۔ ’آۀ ڪو هن پڙوي سان لڳي پڙوو ٽيندس ڪا! چوندا رن جو بدلو ٿو ڪٽي. هن کي تہ هونئين شرم ڪونهي، آۀ بہ ان جهڙو ٿي جهَڙ۔ بہ۔ جهَڙ ڏاڙهيءَ ڏٽيءَ ياءُ جي ڏاڙهي پٽيان؟ بس ڪري ويهہ. بس ڪريا ڪانہ ڦٽجي پيئي آهين. جوڻس کي اڄ سيان اهڙي ڪريز ڏيئي ڇڏيندس جو پلي ويٺو پها رکيس.“

”هاڻ مئو بي نڪو ڪهڙو نڪ ڪٽي آيو آ. سڳ مليس! ٻن جهانن نہ مليس. مون جي آڱوٺي سور. مون سان ڪئين آ ڇڳايون، جو هن لاڪري پانجي ڏيءَ جنجل ۾ وجهان. هن دشمن تي اڪيون ٽيون پونم تہ رت تي ٽيون پونم.“

”پر هي سپ رنگ سقوران جا آن، جنهن ڏيرم کي ڏيرو ڏيئي پاڙهي سيڪاريو آ. سندس ٻوٽ سوٽل ڪير ڪونہ ٿو قبولي، تنهن کي بہ ٽي سيڄ چاڙهي، پٽس بہ ٿو لاڏو ٽئي ۽ آميءَ جا وار بہ ٿي پيرن هيٺان ڪري. هيڪڙي ڏڪ سان سپ مطلب ٿي پورا ڪري. الله، الله جو رسول مطلب پورا ڪونہ ڪندس. آۀ سندس پٽ جي چم مان جُتي بہ ڪونہ گهڙايان! ٻوٽ بہ ٿو نهيس جو مونجي پريءَ جهڙي ڏيءَ ٿي ڏيانس.“

اوچتو خيال آيس: ”جي ائين ٿي پوي تہ!“ سندس لڱ ئي ڪانڊارجي ويا. ”پوءِ مونجي ڏيءَ سقوران جي ننهن ٽيندي، سقوران جي موچڙي هيٺ ٽيندي. سڄو ڏينهن ميهڻا ڏيندس. ٺوڪون هٽنديس. پيٽ جي لولي لاءِ سِڪائي مارينديس. سڄو ڏينهن گلائينديس. اڃو ڦلن جهڙو منهن ڪڙهي ڪارو ٿي ويندس، هيءَ آ مائٽن جي دادلي، سڄي ساٽ جي ڏيجاٽي. جنهن کي مون ڪان سواءِ ڪو هٿ جو پونڊو بہ ڪونہ ڏئي، سا هن رن جي رڪ۔رڪاٽي ڪندي ڪانہ. هٽي پاڻ کي مارائي وجهندي. نہ مڙس جو سُک، نہ گهر جو. جيئري قبر ۾ پورجي ويندي. دشمنيون رنون مڙي چونديون۔ ’آميءَ وڏيون ڪيون هيون سي منهن ۾ پيون آنس. ڏيٽس جا حال هلي ڏسوا اک جي پوچڙ مان پئي نهاري. سقوران ٽڪ مان ور ڪيڊي ڇڏيو آس.‘ جيڪي ويچاريون سوڪياٽيون هونديون سي چونديون: ’ان رن ڪان تہ مئي هئي تہ



Gul Hayat Institute

هيڪڙو سور ٿئي ها. آمي نپٽي، الله ماري، تنهن ڪان نڙيءَ تي گهُٽو نٿي ڏنيس ڪو؟ نہ نہ، انڊو تہ ڪونهي. پانجو ٻچو آهيس. آنڊن تان پيئي آهيس. مري ويندو ائين ڪونہ ڪندو... پر مڙد جي ذات آ، جهجهن جو منهن جهلڻ ڏکيو آ. الله ڏاڍو راڄ ڏاڍو. خدا خير ڪري“ سندس روح تي خوف جو جبل ڪڙڪي پيو. دل مروڙجي ويس. بي اختيار سندس چپ چُرڻ لڳا، ”درس وريا لاڪاٽي. الله، الله جا رسول، مرشد سچا، خميسي کي سنئين من ۾ وجهہ، دشمن دفع ڪر، سچڻ سامهون ڪر، مونجي ٻچڙيءَ کي هن آفت کان بچاءِ. باتشاهہ پير، تون ٻڌن جا ٻيڙا اُڪارين، هيٽن جو حامي ٿئين، هن سير مان اُڪارينم. سونا کي سوليءَ ڪنڊيءَ ڪر، هن ڪُن ۾ متان ڪِرڻ ڇڏئينس.‘ گرم گرم لڙڪ سندس ڳلن تان وهندا، نارو ڪري، ٿمي اچي سندس وات ۾ پيا. هن ٽُڪ اُچلائي، گنديءَ جي پلاند سان منهن ۽ نڪ اُگهيو.

انساني دماغ جي مشينري بہ ڪيڏي نہ عجيب آهي. ڏار ڏار وقتن، وقفن ۽ حالتن ۾ ٿيل، گذريل ۽ وسريل واقعا، ڪنهن اڻ لکي ٻٽڻ دٻجڻ سان بجليءَ جي تيزيءَ سان حافظي جي پردي تي ائين ڦِرڻ لڳن ٿا، ڄڻ تہ ڪنهن ڪاريگر فلمي ڊئريڪٽر لکن تصويرن مان چونڊي چونڊي ڪم جون تصويرون گڏ ڪري، ڪا فلم ٺاهي آهي. جن واقعن جي ٿيڻ ۾ ڪي سال لڳا هوندا، سي سيڪنڊن ۾ اکين اڳيان ڦريو وڃن. جن خيالن کي زبان سان ظاهر ڪرڻ ۾ ڏينهن لڳي وڃن، سي دماغ منٽن ۾ سوچيو وٺي. هيءَ اُها اُڏند کٽولي آهي، جا نہ رڳو لمبن فاصلن کي لحظي ۾ اورانگهيو وڃي پر وقت جي ميرانجهڙين، ڏنڌ ۽ ڪوهيڙي ۾ لڪل واٽن، ختم نہ ٿيندڙ سڙڪن، ماضي، حال ۽ مستقبل جي منزلن تان وڄ جي تيزيءَ سان پيئي اچ وڃ ڪري. دماغ سچ پچ تہ اها ننيڊڙي Time Machine (زماني جو سفر ڪندڙ مشين) آهي، جنهن جا ايڇ-جي- ويلس خواب لهندو هو.

خميسي جي گهر ۾ ان وقت هڪ پيو بہ ننڊڙو پر تيز دماغ، هڪ بي بہ ذهني ڪلَ ماضي، حال ۽ مستقبل جي سير ۾ محو هئي. ماڻس جو انومان صحيح هو. سونا ستل ڪانہ هئي. ان وقت سڄي ڳوٺ ۾ سچ پچ ڪو سجاڳ هو تہ سونا. هوءَ گندي مٿان ڪريو هڪڙي ٻانهن موسي جي سسيءَ هيٺان ڏيو ٻي مٿان رکيو چپ چاپ گنگ ٻوڙ ڪريو پاسيري ليٽي تہ برابر پئي هئي پر سندس خيالن جي دنيا ۾ هلچل متل هئي. هن سوچيو پئي:

”هيءَ ميڙ مون لاءِ آئي آهي. هيڏو سڄو راڄ مونجي سڱ وٺڻ لاءِ گڏ ٿيو آ. سومار مُلئون بہ آيو آ. هونئن سندس گهر کٽي وڃ تہ منهن ۾ شور وجهيو وينو هوندو. رن تي، چوري تي ڳجهي پيئي پوندس، ’اڙي اجا ڳوين مان ڦڙي ڪانہ نڪتي آ! فلاڻي ڪيڏانهن ويئي؟ هي تہ پنج وٺ! ڪوهر تي وينيون مارڪا ڪريو. پٽيان

ڇورا روئي روئي ساڻا ٿي پيا آهن.‘ تنهن ڏينهن نوهڻس جليءَ کان لڪائي ٻوڙ ڦُري ورتيم تہ ڏسي ورتائين. رڙ ڪري، جوٽس کي گار ڏيئي، چيائين- ’تون ايڏهين ويني شيل ڪر، پنيان نهٽين سبيل ڪوليو ويني آهي. نهار ڪر تہ مڇيءَ جي هيڪڙي ڊيندي رڌي آ، تنهن تي سڄو ڳوٺ اچي مڙيو آ. هيڏو عيال وينو آ، هيءَ ڪنوار ويني شڪاوتون ڪري. رنن کي موچڙي هڻڻ وارو ڪونهي، مغز خراب ٿي ويو آن.‘ منهن ئي ڦري ويس. آءُ ڦِڪي ٿي، ٻوڙ جي وٽي اتي ڇڏي، روئڻهارڪي ٿي وري آيس. اڄ وڏو معتبر ٿي آيو آ سڱاوتيون ڪرڻ.

سڱ بہ سقوران جي پٽ لاءِ ڪرڻ آيو آ! تينيان سقوران جو پٽ ڪاوڙ ڪٽي آيو پاڻي پرڻ، تہ رنن کي مشڪري اچي لڳي. جليءَ چوس- ڇورا رمون! ماڻهين مري ويئي آ ڪَ جو تون پيو پاڻي پرينءَ. مڻا، پاڻي تہ ماديون پرين!‘ تنهن تي عارب جي ڏيءَ حرمت آهي وڏي حرامزادي چرچائڻ. تنهن پانجي منهن آهستي چيو- ’آهي بہ ماديانو پيو وري کهڙو مڙس آ، ويل ئي ڦري پيئي آس!‘ رمونءَ کو ٻُڌي ورتو سو ڪاوڙجي ويو. منهن بڇڙو ڪري، ڪنواتي اُلاري چئيس- ’وات بند ڪل نہ تہ هڻين تو موتڙو.‘ رنون نہ هجن ها تہ حرمت کي ماري وجهي. حرمت چيس- ’موتڙو وجي ماڻهين ڦڏيءَ جي ٻوٽ تي هڻ، جيڪا پاڻي تي پرائيني. مُکي ڪو هڻنديں!‘ سيني رنن اچي ورايس، سو ڦٽ ڦٽ ڪندو ڪاوڙ ڪلهي تي رکي، ڦڏڪ ڦڏڪ ڪندو هليو ويو. جنان مُلئينءَ چيو- ’سقوران هي املهہ ماڻڪ الاجي ڪٿان آندو! ڪارو دانگيءَ جهڙو ٻوٽ ٿو سُنهيس. اکيون ئي ڦريون پيون آنس وري وات جو جهڙو ڪُتو. سڄو ڏينهن ٿو ماڻس کي گاريون ڏئي، ٿوري گهڻي تي موچڙو ڪڍيو بيٺو آ. هن مروءَ کي الاجي ڪير ڏيندا؟‘ ماسيءَ هاجر وڏڙيءَ چيو- ’اما، سڀ الله جي جوڙ آهي. ڇريا ڪريا بہ ڪڏي تہ ڪين ڇڏبا؟ ان ڇرئي کي بہ قسمت ۾ لکيل هوندو تہ ڪٿان نہ ڪٿان ملي پونديس. سڄو راڄ پيو آ. سقوران بہ ڏکي بکي ڪانهي. ڏڻ مال جو آهيس. ڪن سڄا سون مان ڳاڙها آهينس. الله جي وات ڪانهي. جنهن کي ڏيندي تنهن کان وٺندي، اتي تي اتو ڪارو نڪي ڪتو.‘

اما چيو- ’آئي ماسي، نالي الله جي هن ڇرئي گهڄ کي ڏيڻ کان ماڻهو ڏيءَ کي کپ جي ٽوئي ۾ وجهي باهہ ڏيئي نہ ڇڏي؟ اهڙي سون کي باهہ ڏجي، ڪنهن جي ڦٽي آ جيڪا هن ڇريءَ بلا کي ڏيءَ ڏيندي!‘ هاجر وڏڙيءَ نڪ کي موڙو ڏيندي چيو- ’مائي تويان تويان ڪر! جيڪي وڏيون ڪن، تن کي وڏيون ڪنڌ ۾ پون. تون بہ هيءَ ڏيڻي بڄڪو وهاريو ويني آهينءَ، سا رڌي ڪيندينءَ ڪ؟ هڏ هڏ جهڙو، ڇم ڇم جهڙو، ڪا سيراز مان ڪانہ آئي آهين. ضرور ڪنهن نہ ڪنهن کي ڏيندينءَ، تڏهن پُٽين موسو پرڻائيندينءَ.‘ اما، سٽ ڏيئي، گهڙو مٿي تي ڪٽي، چيو-

Gul Hayat Institute

’ها ماسي ڏيٺم لاءِ ٻيو سڄو راڄ ڇُڪي ويو آ. باقي وڃي رمون خان بچيو آ. ماسي هاجر توکي بہ شابس هجي! وڏي آهين ءَ. وائي تہ سولي ڪيندي وڃ.‘ هاجر وڏڙي پنيان نڪاءُ ڪري چيو۔ ’مائيءَ کي مگروڙي تہ ڪيڏي آهي!‘

ها، سچي! وري مئو گڏيو ڪين هوم گس ۾! آءُ ابا کي ڪيٽ تي ماني ڏيو پيئي اچان تہ وڏي نِم وٽ ڏسان تہ پريان ڪا شيءِ پيئي اچي. نہ پانئي مال نہ پانئي ماڻهو. ويجهو آيو تہ ڏڪي ويس. اهو رمون ڄنبا اُڏويل، نڪ جا چونٽا ڦاٽل، ور ڪنيل، سڄو بدن گپ سان پيوت، منهن بجڙو پنوارٺون، سهڪندو ماندو ٿيندو اچي ويجهو پيم. ڊپ ۾ سڪڙ پئجي ويم. پيرن ۾ چو تہ ڪنهن نيهر وجهي ڇڏم! سچي پيئي رڦان! چوم تہ هاڻ الاجي ڇا ٿو ٿئي. پر هو بيهي رهيو. وڏو وات پٽي، وري بند ڪري ڇڏيائين. اکيون مون ڏانهن ڪري وري هيٺ ڪري ڇڏيائين. هڪڙي بہ ڳيت ڏيئي نيٺ چيائين۔ ’ٿونا..... ٿونا..... موندي ڪنوار ٿيندينءَ؟‘ چوندي چوندي پگهر اچي ويس. پوءِ ور مان هڪڙي پُڙي ڪڍي، هٿ وڌائي چيائين۔ ’پان کيندينءَ؟‘ مون کي بہ ڪا اچي ويئي مت، وٺيو تي ڊوڙ وجهان. يڪو پڙا پٺيان هن جي سڏوسڏ۔ ’ٿونا، ٿونا پان وٺيو وڃ!‘ پر آءُ ڪٿي تي بيهان؟ اگهي سگهي اُتي پڳيس. ڪنهن مهل وڃيم ٿو پير ڏُسڙ ۾ ترڪيو نا وڃي هيٺ ڪريس. پريان ڪمون، عوٿوءِ حيات ڇورا حرامي بيٺا هئا، سي اچي ڪِل ۾ ڇُٽا. ڇڱو ٿيو جو رمون پويان ڪونہ ڊوڙيو. نہ تہ ڪر خوار ٿي مران. عوٿوءَ مستي ڪري، ڪنگهار ڪري چيو ’ڪمون، بُربل!‘ ڪمونءَ وري البيلو ٿي پڇيو۔ ’ڪٿي؟‘... ’انڌا، ڏسين ڪونہ ٿو؟ هوءَ ڪانہ واڍوڙ جي ڪري پيئي آ؟‘ ’..... اڙي ها، اها ڦلپٽائين، ملوڪڙي بربل ٿو چئين؟ پکي لاجواب آهي. الائي ڪيئن ڪريو؟‘.... ’بس قسمت!‘ عوٿوءَ ڏاڍيءَ حرامڙائيءَ سان چيو.

مون کي هڪڙي ڦڪائي، ٻيو ڏڪ جو سور ۽ مٿان هنن حرامين جون کِلون. ڪپڙا ڇنڊي، ڪڻن گارين جا دس ڏيئي وڃي گهر نڪتيس. وڏا حرامزادا آهن. ٽيئي ڄڻا پاڻ ۾ صلحي آهن. سڄو ڏينهن وانجهڻ لٺيون هٿن ۾، ڇيچاٽي بوٽ چرچر ڪرائيندا مُڇون وٽيندا، آڏيون پٽڪيون ٻڌيو سينڊون هڻندا پوٽن. تينيان ڪوهر تان پاٽي پريو پيئي اچان تہ ٽيئي منهن ۾ گڏجي ويم. آءُ ڳري تان پلاند وجهي، ڪنڌ هيٺ ڪري، وات ۾ گنديءَ پلاند وجهي، پاسي تان مٿيس تہ انهيءَ ساڳي عوٿو وني دانهن ڪئي۔ ’نانگ!‘ آءُ سچي ڏڪي ويس. گهڙا بنهہ ڪِرڻ تي هئا. حيات پڇيو۔ ’اڙي ڇا ٿيئي؟‘.... ’نانگ ڪائي ويم!‘ ڪمون ڊوڙي آيو. ٻئي ڄڻا پيا نانگ نهارين. تہ ٿو عوٿو رڙ ڪري چئي۔ ’ڙي هو ڪونہ ٿا واسينگ نانگ ڏسو؟‘ اتي وڃي خبر پيم تہ مُئي مون تان تي رونشو ڪيو. آءُ منهن ۾ سونڊ وجهي ويس

هلي. گهر اچي ڪِلي ڪِلي پيٽ ۾ سور پئجي ويم. حرام ڪو مُئن ڪي منهن تي سَر هو. آءُ سچي پچي وسهي ويس ته ويچاري ڪي نانگ ڪاڏو آهي. ڪيندو ڪنهن ڏينهن مُئن ڪي نانگ، جي اهڙا افعال هوندن ته. پر آهين نياڳا ٿيئي ملوڪ. عوٿوءَ جي اکين ۾ ته الائي ڇا آهي، جو نهاري ٿو ته ماڻهوءَ جي دل ڪي الاجي ڇا ٿيو وڃي. وري ڪِلندو ته سنهڙا موتين جهڙا ڏند اهڙا نهندس، جو ڳالهه ڪانهي.

امان چئي ٿي ته ڪاڪا ياقب واري ڏيگي جو به انهن ٽنهي ۾ شڪ آهي. هوندا اهي، ٻيو ڪير هوندو؟ چون ٿا ته آڏيءَ تائين مسيت ۾ وينا مولود پڙهن. پوئينءَ رات جنهن جو ڏيگو ڏور ڏسن، سو ڪٽيو ٿين پُنيرا. بجار ڪوسو ڪو سڄي ٿو تنهن ڪي ڏيو اچن. مئن ڪي ڏپ ئي ڪونهي. راتين جو پيا ڏڪا جهلين. بر پٽن ۾ بگهاڙ پيا هلن. هٽي ڪنهن ڏينهن ڪو بگهاڙ ڦاڙي رکين ته!“

سندس تصور جي اکين اڳيان سُڄ ۾ پيل تي لاشا اچي ويا، جن ڪي ڪارن، بجر بگهاڙن پئي رانبوٽا هٽيو چيريو ڦاڙيو. سندس بدن ۾ سياٽڙا پئجي ويا. يڪدم چپن ۾ ڪلمو پڙهيائين ۽ دل ئي دل ۾، اهڙن موقعن تي پين واتان ٻڌل اکر اُچارڻ لڳي- ”خدا شل جڳ جهان جو خير ڪري.“

ايتري ۾ ٻاهران ميڙ مان وڏي ڳالهائڻ جو آواز سندس ڪنن تي پيا. ڪو ڪهري، ڪاوڙيل ۽ ڌمڪائيندڙ آواز ۾ چئي رهيو هو ”ڙي خميسا خان هيٺ ٿي ويهه. هيٺ! گهٽو گهٽو ڪندين ته به ڪٽي راڄ ڪي مان ڪونه ڏيندين. گس ته ڪونه جهليندين؟ ايڏو تکو ڪو پيو ٿئين!“

سونا سڄاتو ته آواز عارب جو هو. ڪيس ياد آيو ته پٽس چوندو هو ته، ”عارب ڳالهائڻ ۾ جهڙو بگهاڙ. ماڻهوءَ ڪي ڳالهائڻ ۾ ٻڌي چوڙ ڪري ڇڏيندو. چُرڻ ئي ڪونه ڏيندو. عارب جنهن جو پاسو ورتو، تنهن سمجهه ته اڻ پڇيو ميل ماريو. جو عارب سان اٽڪيو، تنهن سمجهه ته به منهين بلا تي پير رکيو. پينسان آهي بکيو يانگ، پر راڄ ڀُوٽ جي ڳالهين ۾ چو ته ڪر شينهن پيو گجي.“

”تڪو تون ٿو ٿئين ڪ آءُ ٿو ٿيان.“ خميسي هيٺ پرو تي چيو.

”توکي چڱائيءَ جو ٿو چئجي ته شيڪ ٿيو وڃين! ميان، ويهي سمهندين، بيهي ڪونه سمهندين. الله ڏاڍو آ راڄ ڏاڍو آ. هيڪڙو جڻو مور تي ڪونه ٽلندين.“

”بي جوڙس جا آهي!“ اهو ياقب جو آواز هو. عارب هڪل ڪري چيس، ”ڙي ياقب، وات بند نٿو ڪرين!“

”پڙوا، پڙوا ڪرين ٿو موچڙن لاءِ.“ خميسي تپي ڳاڙهو ٿي چيو ۽ ٽپ ڏيئي پاڙس تي اُٿيو. جانوءَ ڇڪي ٻانهن کان جهلي وهاريس، ”ميان فقير ماڙهو ٿيو

Gul Hayat Institute

ماڙهوا! خواري ڪٽي ٻڏي آ نا! ملڪ نہ پاڻ تان ڪِلايو. دنيا ۾ ٻيا بہ يار آهن ڪَ رڳو آئين آهيو؟“

”اي پر هن کي بہ ڪو چوڻ وارو آهي؟ سڄي راڄ کي گهٽ ڪري جوٽس جي پنيان پيو نچي.“

”جوٽس ماڙهو ڪانهي ڪَ؟ اها بہ اسان جي پلي پيڻ آ. لڄ پولڙي کي بہ مٺي آهي. ضرور گهر جو پاتي آهي. ان جي ڳالهہ بہ ٻڌي تہ ڪو ڏوهہ تي پيو ڪَ؟“

”پر ميان فقير ڏسين ٿو تہ...“

”ياقب خان، اسين ڪي توجا ٽڪن ورتل ڪين آهيون. جي پاٽين سان پڙتو وجهٽو هوءِ تہ اسان کي ڪو ٿي آنديئي؟ اسين هلون ٿا! هاڻ تون ڄاڻين، پاٽين ڄاڻي. وچي جنڊ ڳچيءَ ۾ وجهي ٻُڏي مروا“ عارب ڪاوڙجي، پٽڪو ڪٽي، ٽپ ڏيئي اُٿڻ لڳو. حاجي جمعو جو هيستائين ماٺ ۾ هو تنهن ٻانهن ۾ جهلي چيس، ”قسم آنِي جو اُٿيو آهين!“ عارب گهٽيون ستون ڏنيون پر حاجي جمعو ڪانئس زورائتو هو، سو لوهہ ڪري ڇڏيائينس. عارب لاچار ٿي، وري وهندي چيو، ”پيٽيان ڏچرپو ڪٽي ٻڌئون آ! هِن کي پٽڪو لاهيو، هُن کي لاهيون، هُن کي لاهيو هِن کي لاهيون. هڪڙو وڏو ماڻهو ٿيئي تہ ٻيو ڪٽي گهٽ ٿئي. هي ٻئي زمين ڪان مٿي! اسان بہ عمر فيصلن ۾ آندي پر ههڙو رنگ ڪٿي ڪونہ ڏٺوسين.“

حاجي جمعي کِلي چيو ”عارب، هيءَ پيجري ڳري آهي. ابا مرهياتو ڳالهہ ڪندو هو تہ سومرا ۽ سانڊ وڙهيا پاڻ ۾. شاديءَ ۾ لٺ لڳي، ٻنهي پاسي مڙس ڦٽجي پيا. تڏهن راڄ هئا، مڙس بہ هئا، ههڙي سُڃ ڪانہ هئي. فرياد ۽ ڦڏي جي ڳالهہ بہ ڪانہ هئي، فيصلو رکيئون. وڏيرا ۽ ننڍيرا آيا. ڳالهيون ٿيون. ٻنهين ڌرين تي رکيئون ڏنڊ. پنج پنج سو رپيا. جيڪي پاڻ ۾ وڙهيا هئا، تن کي اچي ٿي پُوتاڙي، سي لنيون ڪٽي وڏيرن تي ٻيهي ويا. چي ’آن جي هتان گهڙي هتان اڪتي. مئاسين بہ اسين، ڏنڊ بہ ڏيون اسين.‘ ڦٽ مارئون تي. راڄ اُٿيا، تن وڏيرن کي ڇڏايو!“

حاجي جمعي جي گهاتي، ڊگهي، اڇي سونهاريءَ تي هڪ ڪشادي مرڪ ڦهلجي ويئي ۽ سڀ کِلڻ لڳا. ”سو پاڻ بہ جي گهٽي گهٽي ڪنداسين تہ متان اهو حال نہ ٿينون!“ هن هلڪو خوشطبعيءَ وارو ٺهڪڙو ڏيئي چيو. هو کِلڻ مهل ڏاڍو وٽندڙ لڳندو هو. هڪڙو ڏند اُچو هوس پر اهو ان مهل پاڻ کيس وڏيڪ دلڪش ٻڌائيندو هو. ڪن ڪان پوءِ سندس چهري تي پُرخلوص ۽ بزرگانہ ڳنڀيرتا ڇانئجي ويئي. هو ڪانپ ڇڪي ٻڌي، سڌو ٿي وينو: ”ابا خميسا، ياقب، اسين آنجا دشمن ڪونہ آهيون. هي جي هيترا يار مڙي گڏ ٿيا آهن. سي اوهان جي ناهڻ لاءِ آيا آهن، ڦٽائڻ لاءِ ڪونہ آيا آهن. راڄ جي مرضي آهي تہ آنجي گهر مان گدڙ ڪڍي، آنکي

Gul Hayat Institute

ڪير ڪنڊ ڪري ڇڏيون. هيڪڙي ابي جا پٽ آهيو. لٽ هنئي پاٽي جدا ڪونہ ٿيندو. صبح جو آن مان ڪنهن کي ڪنڊو لڳندو تہ جھڙو آنکي سور ٿيندو تھڙو ٻئي ڪنهن کي ڪونہ ٿيندو. رت دانگيءَ تي بہ وري پوندو. اسان جو آن ۾ نڪي اڇي نڪي وڃي. سيڪو پانجي گر پيو ڪنهي، پر ڏسون ٿا تہ هو هيڏانهن ٻوٽ ويڙهيو پيو هلي، هو هوڏانهن پٽ ڏيو هلي. هي هُن جي گلا پيو ڪري، هو هِن جي. اها ڳالهہ اسان کي نٿي وڻي. ڦتائڻ وارا گهڻيئي آهن. ناهڻ وارو ڪو هيڪڙو هوندو... اسان تي جو چڱمڙسيءَ جو بار راڄن رکيو آ، تنهن جو ٿو خيال ٿينون. سيڪو اسان کي چوندو تہ، 'ڙي فلاڻا، تون وينو هوئين، توکان ايتري بہ ڪانہ پني، جو رڳو هي ابي امان جا پٽ ناهي ڇڏين!' تڏهن هلي آن وٽ آيا آهيون. نہ تہ گهر ڪان واندو ڪير ڪونهي!"

سڄي ميڙ تي سنجيده خاموشي ڇانئجي ويئي. سيني جون تحسين ڀريل ۽ تائيد ڪندڙ نگاهون وڏيري ۾ هيون. عارب جي چالاڪيءَ جي هاڪ هئي، پر وڏيري جمعي جي ڳالهہ ۾ جو تاثير هو جيڪو خلوص، پنهنجائپ، همدردي ۽ ڏکهي نظر هئي، سو ويٺلن جون دليون پگهرائي ڇڏيندو هو.

"خميسا، ادا تون وڏو آهين، سرهال آهين. سيڪو توکي چوندو. توجي جيئري ياقب کي ڪير بہ ڪونہ چوندو. اڄ ٻنهي جون ڳالهيون ٻُڌيون سين. ياقب توجون چوريون ڪرايون، توکي ڇڏي وڃي ڪانديري جو ڪاڄ ڪاڏائين، اُها چڱي ڪانہ ڪيئن. ڪير ڪٽس شابس ڪانہ ڏيندو. ٻيڙي کي سيڪو بڇڙو چوندو. چڱو ڪير ڪونہ چوندو!"

"ها، ياقب تہ ڏاڙيل آهي!" ياقب پڻ پڻ ڪري، پنهنجي منهن چيو.

موسي ٺونٺ هٽي آهستي چيس، "هاڻ جهل وات."

"اي ڪنهن وچ ۾ ڳالهاءِ ڪيو؟" عارب ڪرڙي نظر سان ياقب ڏانهن نهاري پڇيو.

Gul Hayat Institute

"ڪير ڪونهي. ها، حاجي تون ڳالهہ ڪر!" موسي چيو.

"مون ٿي چيو تہ، ياقب کي چڱ مڙسيون ڪونہ ڪيون آهن. سيڪو پيو ڏسي، انڌو ڪير ڪونهي، پر اُو بہ ابا خميسا توجو، مونجو ڪونهي. بڇڙو آ ڪ چڱو. جهڙو آهي تهڙو اڄ بہ توجو سيان بہ توجو. صبح جو شل هيتري ڇهنڊڙي نہ پويس، سيني ڪان اڳ تون لٽ ڪٽي بيهي رهندين. اسان کي چوندين، 'پيڻ..... پڄي پري ٿيو. مونجي ابي جي پُٽ جو چوٽا نالو ونو.'" هن هلڪو ٺهڪ ڏنو. سڄي ميڙ ۾ پنيرائيءَ جي پڻ پڻ ٿي ويئي.

"ها سچي ٿو ڪري." عارب ٽيڪو ڏنو.

وڏيرو وري ڳنڀير ٿي ويو: ”هيڏو ملڪ خدا جو آهي. سڀ چڱا مڙس بہ ڪونہ هوندا. سڀ بڇڙا بہ ڪونہ هوندا. پنج چڱا تہ پنج بڇڙا بہ هوندا. بڇڙا بہ ڪيڏي ڪنهن ڪونہ ڇڏيا آن. اِنين ڪي بہ سڏاربو سيڪٽ ڏبي، ماري مڃائي وري بہ پانجو ڪبو. تڏهن تہ ٿئم پاس ٿيندو. ياقب بہ گهڻو ٽڙيو ڦٽڙيو بڇڙايون ڪئين. توسان وڙهيو پر راڄ مان ڪنهن بہ پاسو ڪونہ ورتس. سڀني چيو ’بڇڙي ٿو ڪري.‘ نيٺ هاڻ نڪ پِٽ سان لڳو آس. ڏٺئين تہ ابي جي پٽ ڪان سواءِ نيٺ ڪين سرندي. تڏهن پار وٺي پالو ڳِري، تو وٽ اچي پيش پيو آهي. هاڻ وٺنين تہ مٿي ۾ مٽي وجهينس، موچڙن جي ڪنڌي ڪنڌ ۾ وجهينس، گڏه تي چاڙهينس، وٺنين تہ پارن جو آيو سڃاڻي، معافي ڏئينس. جيئن وڻئي تيئن ڪر. اسان ڪان يار ايتري پُني، پريان توجي آ خوشي.“ عارب نهہ پهہ هڪل ڪري چيو ”اڙي ياقب، اچا معتبر ٿيو وينو آهينءَ؟ اُٿي پاڻي ڪي پٽڪو لاهي ڳرانڙي وجهہ.“ ياقب ڪجهہ ڍر ڪئي، تہ جانوءَ پنيان ڏکو ڏيئي آهستي چيس، ”زي اُٿي.“ ياقب ڦڪو ڦڪو ٿي اُٿيو: ”ادا مونجو پيءُ آهي. هونئين اچي ماٺهن جي چوئڻ تي لڳي ائين ٿيو آهي.“ ائين چئي پٽڪو لاهي ڪٽي خميسي جي پيرن تي رکيائين.

”ماٺهن جي چوئڻ تي آءُ لڳو آهيان جان تون حيا ڇڏي آ؟“ خميسي پٽڪو پيرن تان ڪٽي مٿي ۾ وجهندي چيو. هڪ لحظي لاءِ ٻنهي جون ٻانهون هڪٻئي جي گلي ۾ هيون. خميسي ڪاٻي هٿ جي ترِيءَ سان پنهنجي آلين اکين ڪي مهٽيو. ٻنهي ائين ڏيکارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي جڻ سندن دلين ۾ هڪٻئي لاءِ اجهل ڇڪ ڪانہ پيدا ٿي آهي، جڻ هڪ لحظي لاءِ هو وري ننڍڙي هوندي وارا سدائين وڙهندڙ سدائين پرچندڙ ڪمون ۽ ياقو ڪونہ ٻڻجي ويا هئا. جڻ ڪين پنهنجي انهيءَ احساس تي ڍڪائي ڪانہ پئي ٿي، جڻ پنهنجي آوازن جي سختيءَ، کهرائيءَ ۽ بي پرواهيءَ ذريعي درحقيقت هُنن پنهنجي دلين جي نرمائي ۽ ڪمزوريءَ تي پردو ڪونہ پئي وڌو. جڻ ڪجهہ بہ نہ ٿيو هو. ٻنهي هڪ ٻئي جي دل جي ڳالهہ سمجهي ۽ ٻيئي جسماني توڙي ذهني طور جدا ٿي هڪدم پنهنجي پنهنجي مقرر ڪيل جاءِ تي وڃي ويٺا.

خميسو سوچڻ لڳو: ”هن بي شرمي، بي حيا، پا عمر سنئين اوڙ ڪانہ ڏني. مون ڪي ڀاءُ ڪري ڪونہ سمجهيئين. دشمن ڪري سمجهيئين. ابا مري ويو تہ مون اولاد ڪري سانڍيس. ابا مرهاتو مرڻ وقت چئي ويو- ’ڪمون، پاڻي ياقو پر تو آني. اونرو، ارڏو آهي، تنهن ڏانهن متان نهارينءَ. پاڻ ڏانهن نهارج، مون ڏانهن ۽ ماٺهين جي مڙهہ ڏانهن نهارج، هن نياڳي جو هيڏو سارو سور آم: ابا، مائٽ ڪي آهي لعنت، اولاد جيئن ڪريل، تيئن مائٽ ڪي منو. بي-متيو سدائين جڏا ڪم ڪري. الله ساڃاءِ ڏيندس. ابا، وڏا، توکي آن مون عيبدار جون دعائون. الله الله جو رسول ڪندو ڪنهن

جو موتاج ڪونہ ٿيندين، ٻيا موتاج ٿيندي. دنيا جي چوڻ تي متان لڳين. ٻيو ڪٽي ستر سون تي پوئي پر ياءُ ڪونہ ٿيندو. ابا، يار، يار آهن. اهڙو بي۔ڪمون تو ڏسينس، پر جتي اهو ڪم ايندي اُتي ٻيو ڪونہ ايندي. هن جو وار وار پرتو آني. ‘ ويچارو ابا!” ڪيس پٽس جو سانورو، گهنج گهنج پيل پر ڏيادار چهرو اکين اڳيان تري آيو. ڪيس ياد آيو تہ مرڻ وقت جڏهن هن چيو هو۔’ابا هاڻ پرتا ڏٽيءَ ڪي. ‘ تڏهن سندس ڏرا ڏنل اکين ۾ پاڻي ائين ڏکيائيءَ سان تري، آهستي آهستي اڻ۔لکي نموني سنجري آيو هو جيئن ڪنهن ڦٽل کوهہ ۾ پاڻي ڦُڪ ڦُڪ تي، آهستي آهستي گڏ ٿيندو آهي. ڪيس اڄ بہ چٽيءَ طرح ياد هو تہ انهن ڳنيير، سمجهو ۽ باوقار اکين کي لڙڪن ڳاڙڻ کان بہ محروم ڏسي، ڪيس زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پٽس تي، جنهن کان هو سڄي عمر ڪؤ ڪائيندو هو، قياس آيو هو. اهڙو قياس، جنهن ۾ شرم گڏيل هو. پٽس جهڙو مڙس جنهن حياتيءَ ڪنهن کي ڪنڌ ڪونہ ڏنو سو هيئن ننڍين ٻارن وانگر بي حال، سڪل نوٽ ۽ لاچار ڏسي، ڪيس ائين لڳو ڇڻ هو ڪا اُگهاڙي، نہ ڏسڻ جهڙي شيءِ ڏسي رهيو هو. ڪيس ياد آيو تہ پٽس جڏهن سندس ڪمن تي گهڻو خوش ٿيندو هو، تڏهن سونهاريءَ تي هٿ ڦيري چوند هو۔ ’سونا، شيشا پاشا آهن، ڪير مرن، ڪير جيئن؟ پر ڏسج ويني، جڏهن تڏهن هيءُ خميسو پينسان مڙس ٿيندو. باقي اهو چوٽير ياڦو جنهن کي سڄو ڏينهن پئي پڏائينءِ، سو دَلو رڳو پرايون دانگيون چٽيندو. گندي ڪلهي تي ماني راڄن تي، الوڙي واهي. هن کي رڳي گهوم ڪپي، ڪرچي ڪپي، بازار جي چانهہ ڪپي. باقي ڪم جو چونديس تہ چؤ تہ ڪر تيز تپ وٺي ويندس.“ ماٽس بناوتي ناراضگيءَ سان چوندي هئي۔ ”نالي الله جي، هاڻ خميسو خميسو ڪري، ڇوري جو آياري مٿو نہ ڪيو. خميسو بہ پَرهيو پيو آني. ٽيو ڏينهن چو آمس۔ ابا، مال آٽائو آ. وڃي ڍنڍ مان چڪ هٽائي اچين، تہ لٺ ڪٽيو تي بنهہ ڪٽئينم. ڏاڍو ننگ پريو آ.“ ائين چوندي هوءَ گهڻو سنيجده ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. پر پٽ جي هن واجبي تعريف تي هوءَ پنهنجي خوشي لڪائي ئي ڪانہ سگهندي هئي. ڪيس ياد آيو تہ ننڍي هوندي پاڻ مال چاريندو هو. شام جو موٽندي ڪانين جي ڀري ڪريو ڪٽيو ايندو هو. رات جو مال جي دونهين وجهي، ڌُهائي ڪري، ڪير وڪڻ ويندو هو. ياڦو رڳو ڳابا چارڻ ويندو هو پر اتي ڳابا ڇڏي ملهون پيو وڙهندو هو ۽ اِتيءَ راند پيو ڪندو هو. ڳابا موقعو ڏسي ڀڄيو اچيو ڳئن ۾ پوندا هئا ۽ هو جيسين ٻوڙايو ٻوڙايو هڪڙي کي جهليندو هو تيسين ٻيا ڏائي ويندا هئا. شام جو پٽس جي ٻپ کان تڙ تڪڙ ۾ لڪائي ڳئون ڌُهي، ڪٿل ڪير جيترو پاڻي بخاريءَ جي مٽيءَ مان وجهي، پتري ڀري گوپال جي هوٽل تي ڏيندو هو. گوپال ڪير چکي چوندو هو۔ ’ڀروا، پرهين جي

Gul Hayat Institute

سيني جي اڳيان منهن تي مُڪ هڻي ڪڍي هئائين. نوجوان جو منهن ڪاوڙ وچان ٽامڻيءَ جهڙو ٿي ويو هو. سندس اکين مان جهيون پڙڪي اُٿيون. منهن وٽجي سنجي پيانڪ ٿي پيو. ائين ٿي لڳو تہ اجهو ٿو چيتي وارو چال هڻي پاڻ کان ڪمزور خميسي کي ٻڪريءَ ۾ جهلي زمين تي ڦهڪو ڪرائي. هن جا هٿ، ٻانهون ۽ بدن تاڻجي، سيڙجي، ڇال مارڻ لاءِ تيار ٿيا. خميسو پاڻ بچائڻ لاءِ هٽڻ تي هو. اوچتو اک ڇنڀ ۾، الائي ڪيئن، الائي ڇو نوجوان جا هٿ، ٻانهون، سڄو جسم ساهہ ڇڏڻ لڳو. سندس اکيون هيٺ ٿي ويون. ڇپ ٿڙڪڻ لڳا ۽ اکين تي آهستي آهستي آلاڻ جي چادر پئجي ويئي. هو پٽ تي ڦهڪو ڪري وينو ۽ ڪنڌ مونن ۾ هڻي سُڏڪا پرڻ لڳو. پٽ تي گرڙي هاريائين، رڳو رت. ڏک مهارن ۾ لڳو هوس. جڏهن خميسي وجي پاڪر پائي اُٿاريس تہ روئي ڇيو هئائين، ’ڇڏ مون کي.‘ پئي ڏينهن خميسي کيس هڪ جيڏن کي چوندي ٻُڌي ورتو. ’ادا هو جي ٻيو ڪير هجي ها تہ....‘ ادا ـ ادا ـ ادا!‘ ڪيڏو نہ پيارو لڳندو هو اهو لفظ خميسي کي! هي اکر اهي ماکيءَ ڦڙا هئا، جي سندس خشڪ زندگيءَ جي ڪڙاڻ کي دور ڪندا هئا. پٽس پلي کيس دٻائي، گوپال پلي کيس ڏگليءَ جا دڙڪا ڏئي، وڏيرو جمعو پلي کيس ’ڙي ڇورا خميسا‘ ڪري سڏ ڪري، پر هو بہ ڪنهن جو ادا هو وڏو هو ادب جي جاءِ هو. ڪنهن کي مٿس فخر هو سندس واسطي عزت هئي، ادب هو احترام هو. کيس بہ ڪي خاص حق هئا. هو هڪڙي ڏاڙهيءَ ـ ڏٽي جوان کي، جنهن کان دنيا ڪن هڻندي هئي، بي پرواهيءَ سان ’ڇورا‘ چئي سڏي سگهيو ٿي. ’ادا ـ ادا ـ ادا ـ‘ ماکيءَ کان بہ مٺا لفظ. هيترن سالن ۾ ياقوءَ ٻيون سڀ نالائقيون ڪيون هيون، کيس نقصان رسايا هئا، سندس راج ۾ گهٽتائي ڪرائي هئي، پر کيس سامهون ڪونہ ٿيو هو. هينئر وڏپڻ ۾ بہ جڏهن خميسو ڪاوڙجي چوٽ ۾ گار ڏيئي، مٿس اُلر ڪري ايندو هو، تڏهن ياقو رڳو ايترو چوندو هو ’اي، هاڻ نهيو نهيو. منجهين آهي ڪجاڙو؟‘ ٻين کي رونشو ٿي ايندو هو. ڪي خميسي کي جهليندا هئا، ڪي ياقوءَ کي اک هڻي مٿس ڪوڙو رعب رکندا هئا. ڪي پريان ئي پيا چوندا هئا، ”وٺ پيٽيان جا پٽ! چاچا خميسو ڪاوڙيو آهي. اج ماما ياقب جو خير ڪونهي.“ وڏا هڪ جيڏا چوندا، ’پلي پيڻ... ڪي سڏاري. رڏي سڀ ياقب ۾ آهي.‘ پوءِ سڀ کِلي وجهندا هئا، سواءِ خميسي جي. هو کِلي، ياقب تي پنهنجو رعب گهٽ ڪيئن ڪري؟

اج، هيڏيءَ دشمنيءَ هوندي بہ خميسي کيس پريءَ ڪچهريءَ ۾ گار ڏني هئي، ’پڙوا‘. ڪيڏيءَ نہ حجت سان، ڪيڏي نہ لڪل پيار سان، ڪيڏي نہ فخر سان هن

Gul Hayat Institute

اها گار ڏني هئي ۽ جڏهن ته ياقوءَ به ان جو مطلب سمجهيو هو ۽ ائين سهي ويو هو جڏهن ته کيس ڪو انعام مليو هو!

هينئر جڏهن سندس دل ۾ هڪ گهرو روح تي ڇانئجي ويندڙ سڪون ۽ اطمينان هو ۽ جڏهن هن کِلڻ چاهيو ٿي تڏهن به ڳنڀير هو... هو وڏو ياءُ هو... ۽ پوءِ راڄ اُٿي ويو ۽ هو گهر آيو.

هن باڪس جي تيلي هٽي ڏنو. آمي هنڌ ۾ سُتي پيئي هئي. هن کي خبر هئي ته هو جاڳي پيئي ۽ ان انتظار ۾ آهي ته خميسو کيس جاڳائي خبرون ٻڌائي ۽ اجا هو يعقوب سان پرچاءَ جي ڳالهه ڪري مس ته هوءَ ڏاڪا ٻڌي مٿس چڙهي وڃي. کيس اها به خبر هئي ته جي نه اُٺاريندوسانس ته پاڻهي ڪونه ڪو بهانو ڪري اُٿندي ۽ سوالن جو وسڪارو لائي ڏيندي. هو آهستي اوندهه ۾ سنڀاليندو آميءَ کي اورانگهي، پنهنجي پاسي اچي ليٽيو. هن ٻي پيڙي ڪڍي دُکائي، هتي پهچي کيس محسوس ٿيو ته هو هميشه جيان ڪمزور ٿي ويو هو. کيس شايد نه پرچڻ گهربو هو. هن ويچاريو- 'ياقوءَ کي هينئر معافي وٺڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي. کيس سڨوران جي ڏيءَ جو سڱ کپي، تنهن لاءِ منهنجي ڏيءَ جو بدو کپيس. وڏيرو جمعو ۽ عارب کيس پڙهائي وٺي آيا آهن ته هينئر سنئين سڌي سڱاوتيءَ جي ڳالهه ڪبي ته ڪم ڪونه ٿهندو. تنهن ڪري پهرين هلي پيش پئو ته پوءِ خميسو راڄ کان ٻاهر وڃي ڪونه سگهندو.

'وڏا ٽپتائي آهن!' هن ٽُڪ اُڇليندي دل ۾ چيو 'چڱو ڏسان ته ڪيئن ٿا مون کان سڱ وٺن.' هن پاڻ کي تسلي ڏيڻ ۽ پنهنجي نظر ۾ پنهنجي عزت برقرار رکڻ لاءِ چيو پر اهو احساس دل تان لاهي ڪين سگهيو ته کيس بيوقوف بڻائي ويا آهن.

ٽي مهينا ماٺ ٿي ويئي- پوءِ نيٺ هڪڙي ڏينهن ياقب ياءُ تي ميڙ ڪئي، "ڪاڪا جوسب ڳالهه ڪندو هو." عارب ختاب ۾ ڳڏيل راڄ جي وچ ۾ ڳالهائيندي چيو "هيڪڙو شخص هو. سو قسمت سانگي پنهنجو پٽ ۽ ننڍو ياءُ وٺيو ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو پئي ويو واٽ ۾ قضا الاهيءَ سان اچيو ٿو طوفان لڳي. ٻيڙي اچي ٻڏڻ لڳي. ناکئي چيس- 'پنهنجي ياتين مان هڪڙو سمنڊ ۾ اُڇلاءِ ته ٻيڙي هلڪي ٿئي، نه ته سڀ ٻڏي مري ويندا سون.' اها ڳالهه ٻڌي هو ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو ته ڪنهن کي سمنڊ ۾ اُڇلايان. آندن جائي پٽ کي يا ابي جي پٽ کي؟ پهرين چيئن ته ياءُ ٿو اُڇلايان، پر پوءِ دل ۾ ويچار ڪيئين ته جي اهو پٽ ويو ته مڙس آهيان، زال ٻيو پٽ ڄڻي وجهندي، پر امان ابا ته ڪونه ويٺا آهن، جو ٻيو ياءُ ڄڻي ڏيندم. سو هنيون ڪارو ڪري، اکيون ٻوٽي، آندن-جائو اُڇلائي وڏئين سمونڊ ۾ ۽ ياءُ کي وٺي وڃي ڪناري پيڙو ڪيئين.'" هن اٺاهه داد جي جذبي ۾ ٻڏل آواز ۾ چيو "هلا

Gul Hayat Institute

پيٽان مڙس.“ جانوءَ ساڳيءَ عقيدت ۽ ساراهہ ۾ ٻُڏل آواز ۾ چيو. ”ٻيو ڪير اسان جهڙو هجي تہ چوئي پانجو پٽ بچايون. پاءُ وڃي ڪڏ جي تري ۾ پوئي.“ ڪامل پوڙهي چيو: ”اڄ مڙس آهن ڪٿي؟ مڙس ويچارا ويا مري. اڄ سڀ وڃي رهيا آهيون نالي جا مڙس. اڄ جتي ڪٿي بادشاهي آهي رنن جي. مڙس ويچارا پيا اک جي پوڇڙ مان نهارين تہ زال نہ متان ڪاوڙجي پئي. ابا ڳالهہ ڪندو هو تہ موسي متواٽي جي ڏاڏي سليمت ڪا ننڍي هوندي حد سوهڻي هوندي هئي. چو تہ ڪر ڪو پريءَ جو ٻچو آهي، ٻي ڳالهہ ڪانهي. نڙيءَ مان پاڻي پيو ٻڪندو هوس‘....“

”اُن مائيءَ جون چوڻ ٿا تہ ملڪ ۾ پوڪارون هيون.“ جانوءَ چيو ”مون وڏ پڻ ۾ ڏٺي هئي. تڏهن بہ مائيءَ جي حشمت جهلڻ جي ڪانہ هئي.“ حاجي جمعي اقرار ڪيو.

”ننڍي هوندي چوڻ ٿا، اهڙي هئي جهڙو هي ماندان گولو رکيو آهنان. جڏهن مائي لائق ٿي تڏهن وڏا وڏا امير خاندان سندس سڱ لاءِ ميڙيون ڪري آيا. سائين عليءَ ڏنو شاهہ، هن سائينءَ جو ڏاڏو تہ ماڳهين چُون ٿا تہ چريو ٿي بيٺو ۽ سڄو ڏينهن سليمت، سلميت، پيو ڪندو هو. سليمت جي پيءُ ياقب کي دين دنيا ۾ اولاد ئي اها هيڪڙي ڏيءَ هئي، تنهن تي ساهہ ڇڏيندو هو. ياقب جي وڏي پاءُ سلوءَ کي بہ هيڪڙو پٽ هو.“

”سِلو نہ پَلُو. سلو تہ ننڍي هوندي چوڻ ٿا تہ مري ويو.“ حاجي جمعي چيو ”ها، پلو سچي پلو. پلوءَ جو پٽ هو پريو. قدرت خدا جي ويچاري کي ننڍي هوندي کا ڪا لڳت هئي، سو ٻنهي ٽنگن کان صفا چٽ ٿي ويو. بديءَ جي بدي. رڳو ويٺو نهاريندو هو. مغز ۾ بہ پورو ڪونہ هوندو هو. ڪڏهين ڪڏهين ويٺي پوتاڙي ايندي هيس تہ جيڪا شيءِ پاسي ۾ ڏسندو هو سا ناءُ ڪري هٽندو هو. ڪنهن نہ ڪنهن جي مٿي ۾“ آن مان ڪن ڏنو بہ هوندو.“ ”مون ڏنو هو.“ ڪنهن چيو. ”ها، سو پلو مري ويو. باقي وڃي پريو رهيو. سو چئي، ’آءٌ شادي ڪريان.‘ ماڻهن چيو تہ، ’تون ههڙي حال جڏو، تون زال کي ڇا ڪندين؟ توکي ڪير ڏيندو؟‘ تہ چوئين، ’مون جي ڪنوار جا ويني آهي.‘ پڇئونس تہ ’ڪهڙي؟‘ تہ سليمت ڏانهن اشارو ڪري چيئين، ’اها جا ويني آهي.‘ ماڻهن دل ۾ چيو تہ، ياقب ٿو هن جڏي مڙس کي ههڙي ڪونج جهڙي ڏيءَ ڏئي. ياقب جي زال جو ٻُڏو، تنهن مڙس کي چيو تہ، ’پائٽين جا ننگ ڏس. چئي ٿو تہ سليمت سان پرڻبس. ٽنگون بہ ٿيون نهنس، جو ٿو مونجي ڏيءَ جو نالو وٺي.‘ ابا، هن جو ايترو چوڻ ۽ ياقب جو لٺ کڻي کيس وٺڻ! چوئينس، ’بس ڪر پڙوي! مون جي موئي پاءُ جي نشانيءَ تان ٿي ڇٽرون ڪرينءَ. آءٌ ڏيندس ئي ان کي.‘ پوءِ ابا، نيٺ اها شادي ٿي. راڄ گڏ ٿيا، پٽ ڪاڄ ٿيا. جڏهن نڪاح ٿي پڙهيو



Gul Hayat Institute

تڏهن ياقب کان اُڇنگار نڪري ويئي. ڪرڙيءَ وانگر پئي لُڇيو. نيٺ پلا مائٽ....“
”ها سائين مائٽ پينسان نيٺ مائٽ!“ ڪنهن چيو ”روئي ڏيڏس کي چوئين. ’ابا اڄ نڙي وڍي ڇڏي آمين. مون جي پاٽي اڄ مري وئينءَ. جي حلالياٽي هوندينءَ تہ مرڻ مري ويندينءَ پر وات مان ٻڙڪ ٻاهر ڪانہ ڪڍندينءَ...‘ پوءِ پريو هٽيو متا ڦاڙيو رکندو هوس. ڪُتا بہ رت ڪونہ چٽيندا هئا. ياقب اڪين ويئي ڏسندو هو پر ڪڏهن بہ پاٽتي کي ڪونہ چيئين تہ ’توجي منهن ۾ ڪجاڙو آهي.‘ روئي چوندو هو، ’مونجي ڏيءَ مون گهٽا ڏينهن ڪُهي ڇڏي، جيئري هجي ها تہ آءٌ بہ ڪچان.‘ هوءَ بہ اشراف جي ڏيءَ مرندي مري ويئي، پر اُبتو پير ڪونہ ڪنئين. اهڙيون بہ ماٽهن جون ڏيون هيون ۽ اهڙا بہ يار مڙس پيا هئا.“ ”ها ادا، ويچارا مڙس!“ ”سو ادا، سڦوران جو چورو نڪو آهي مندو نڪو آ ٽندو. مڙسن جهڙو مڙس آهي. باقي هاڻ ڪٽي اهڙو اجايو چالاڪ ۽ هشيار ڪونهي تہ تنهن ۾ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ ٿي پيئي. پانجيءَ ڳالهہ وارو آهي. مال رزق آهيس. ڪم ڪار جو مڙس ماٺهو آهي. چور بدمعاش ڪونهي. پيو هاڻ ڇا کپي؟“ ”نہ سائين ڪم جو اهڙو مڙس ماٺهو آهي، جو ڳالهيون ڇڏي ڏي. تينيان مون سان آبٺ وهيو تہ اسين سپ پوئتي، هي سيني کان اڳتي. چو تہ ڪري جهڙي مشين!“ هارون مُلين چيو ”ها، هي پاڻ وارا ڇورا جيڪي سڄو ڏينهن آڏيون پٽڪيون ٻڌيو سيندون هٽندا، بازاريون پيا گهمن، سي هن جي جُتيءَ برابر بہ ڪونهن. هو پيٽسان آهي ست دفعا مڙس!“

”ادا هاڻ خبرون خير. رات گهٽي ٿي ويئي آهي. هاڻ ونو خميسي کان جواب.“ - ”ادا خميسو ويچارو هاڻ جواب وري ڪهڙو ڏيندو، اڪ ڪاڏيءَ ڏيءَ لا ڪري آن هيترن يارن ۽ ابي جي پٽ کي بي مانو ڪونہ ڪندو. اڃا بہ پڇوس، متان آءٌ پُليل هجان.“ هارون مُلين چيو. خميسي کي جيڪي ڳالهاٽو هو سو اڳيئي ڳالهايو هئائين. جيڪي جوڙس چيو هوس، سو چيائين ۽ جيڪي ڪيس چوٽو هو سو بہ چيائين، پر هاڻ خود ڪيس بہ پنهنجا دليل ان لوڻ جي چپٽيءَ جهڙا لڳا، جيڪا پاٽيءَ سان پريل وٽي ۾ پوڻ شرط ڳري ويندي آهي. راجوٽي رسم ۽ ريت جي ڪيس خبر هئي. سندس دل ئي شاهدي ڏني ٿي تہ سندس حجتون ۽ اعتراض ڪيڏا نہ ڪمزور، بي معنيٰ بلڪل ڪِل جهڙا هئا.

’راڄ کي چوان تہ مونجي ڏيءَ ۽ زال اهو گهوٽ ڪونہ ٿيون قبولين! ڳالهہ خواري! ڏاڙهي ڪوڙجي وڃيم! ٻئي ڪنهن جي ڏيءَ گهوٽ ڏُٽي ڪنيو آهي جو مونجي ڏيءَ کي ڏُٽڪ گهوٽ ملندو! آءٌ بہ آهيان وڏو بيوقوف! رنن جي چوڻ تي لڳي راڄ کي منهن ڏيو ٻينو آهيان. سپ دل ۾ مون تي کِلندا هوندا. ماٺهو اڳيئي پيا خواريون ڪن تہ خميسو زال جي چوڻ تي آهي.‘ پر پوءِ بہ جڻ جواب سندس نڙيءَ ۾

ڦاسي پيو. سندس اکين اڳيان زال جو ليلائيندڙ روئڻهارڪو چهرو، ڏيءَ جو هيٺ ٿيل ميار ڏيندڙڪنڌ تري آيو. ’پر آءٌ هُن کي ڪهڙو جواب ڏيان؟ مون جي بہ تہ وس ڪونهي.‘ آخر هن گلو صاف ڪندي چيو، ”ادا، مون پانجي ڏيءَ وڏي آن راڄ جي جهوليءَ ۾. جيئن وڻنا تيئن وجي ڪُهوس.“ سندس اکيون آليون ٿي ويون. پاڙس ٻوڙي اچي کيس پيرين پيو. وڏيري ڳراٽڙي وڌيس. هارون مُلين، عارب ۽ جانوءَ پُٺ ٺپري پيار سان چيس، ”شابس، شابس!“ سندس دل ڀرجي آئي.

اهڙيءَ طرح سونا جو سڱ سڦوران جي پٽ رمونءَ سان ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

# پسي ٻاڙها گل...

هوءَ چرڪ ڀري جاڳي پيئي، سندس وات مان رڙ نڪرندي نڪرندي دٻجي ويئي. هن پنهنجي دماغ جي پوريءَ قوت سان آواز ڏانهن ڌيان ڏنو. در وٽ تمام هلڪو پر چٽو ٺڪاءُ ٿيو. در جو تالو ڪڙڪي سان آهستي ٽڪريو.

پوءِ ڪجهه دير خاموشي ٿي ويئي. منٽ کان پوءِ وري ساڳيو آواز ٿيو. 'هوا.... نه، ماڻهو!' کيس محسوس ٿيو ته سندس لڱ ڪاندارجي ويا ۽ پيشاني پگهرجي ويئي. هوءَ بي اختيار ست ڏيئي اُٿي ۽ هڪ دل ڏاريندڙ گونگي ريهه ڪري وري پڙڇ تي ڪري پيئي. ڪجهه دير سور کان ماندي ٿي پيئي هئي، ٻه پاڻياٺ جا ڪارا ڦڙا وهي اچي سندس وات ۾ پيا. پوءِ ٻيا ڦڙا ٻه مٿئين چپ جي اندرئين پاسي کان وات ۾ ٽمندا رهيا. رت، هن سوچيو. دانهن ۽ سور کي روڪڻ لاءِ هيٺئين چپ ڪرٽڻ ڪري نڪتل رت. هن سنتي ئي زخمي چپن کي ڀڪوڙي رت جي گرڙي ٻاهر اُڇلي. رت ۽ ٿُڪ سان سڄو ڳل ڀرجي ويس. هن ساڄيءَ ٻانهن کي آهستي آهستي نونٽ جي ٽيڪ ڏيئي مٿي چوريو. کيس ائين لڳو ڄڻ سندس ٻانهن سان ان جي ڳوڻ ٻڌي ڇڏي اٿن، جا چرڻ کان پري آهي. 'هيءَ سچ پچ منهنجي ٻانهن آهي؟' هوءَ سوچڻ کان سواءِ رهي نه سگهي. پوءِ ياد پيس ته سندس پنن، ٽنگن، مٿي، ڪڇيءَ، هٿن ۽ منهن تي اهڙيون ڪئين ڳوٺيون لڏيل آهن، جنهن ڪري اُهي ٻه ڪيڏانهن چُري پُري نٿي سگهيا. نيٺر واري ڳالهه کيس صفا وسري ويئي هئي. جڏهن ياد پيس تڏهن ساڄيءَ ٽنگ کي سور جي باوجود چوري ڏٺائين. 'ها، اها اتي ئي هئي.' ٽي چار هٿ ڊگهي ڏاڍي لوهه جي زنجير، جنهن جا ٻه ور سندس سڄيءَ ٽنگ کي ڏنل هئا ۽ ٻيو ڇيڙو وچئين ٿنڀ ۾ ٻڌل هو. هن ڪنڌ کي سخت تڪليف سان آهستي آهستي ڦيرائي، ساڄي ڪلهي جي ويجهو آندو ۽ ڳل کي چولي سان گهڪا ڏنائين. ڪجهه رت ۽ گگ اڃا ٻه ڳل تي رهجي ويئي هُئي. 'ڪنڌ جون نسون، شايد

هنئين ۾ اکين جي تارن سان مليل آهن.‘ هن سوچيو ’نه ته ڪنڌ چوريندي، هنئين ۾ اکين جي تارن کي اهڙيون سٽون ڇو اچن. جو ماڻهو پاڻئي ته هنيون پٽجيو ٿو ٻاهر نڪري، اکين جا تارا اجهو ٿا ٻاهر نڪرن؟‘

در تي وري به کڙڪو ٿيو. ڪلف ۾ چاٻي گهمڻ جو آواز۔ ’ها بلڪل اهڙو، پڪ ڪو ڪلف کولي رهيو آهي، پر آهستي، ماٺ ميٺ ۾. ڇو؟‘ هن سوچيو. ’مارڻو اٿن ته ظاهر ظهور مارين، لڪن ڇو ٿا؟ ڪير هوندو؟ شايد ادا جمعو هوندو. ڪلف جي چاٻي وٽس برابر ڪانهي. چاٻي وڏيرو جاڙو پاڻ سان ڪٽي ويو هو.‘ ’متان مائٽ...‘ ڪلف نه کُليو. ’شايد ڪليءَ سان ڪلف پيو ٽوڙي. پاڻئي ته سُتي وجي کهاڙي هٽانس، ڪيس وري به سياڻو وٺي ويو. ’دانهون ڪريان‘، هن فيصلو ڪيو. ’دانهون، ايڏيون دانهون جو سڄو ڳوٺ اُٿي پوي. چوان ’گهوڙا ڙي، مون کي ادا جمعو ٿو خون ڪري‘ ها ۽ چوان، ’ڙي بابا، ڙي امان، ماما آچار، ماسي آشت، وڏيرا جاڙا، ميانجي سومار، حاجياڻي، بصران، آءُ خون ٿي ٿيان. ڊوڙي اچي مون کي بچايو ٻچن جي صدقي، پنهنجين نياڻين جي صدقي، مرشد سچي جي نالي، الله ۽ رسول جي صدقي مون کي بچايو.‘ بنا ڳالهائڻ جي سندس گلو پرجي آيو. لڙڪ اکين مٿان ڄمي ويل رت جي تهن مان سيرون ڪري سُڄيل، سوڄل ڳلن تان ٿمندا هيٺ ڪريا. نه، ڪير ڪونه ايندو. جي ايندا ته به تڏهن، جڏهن سندس دانهون هميشه لاءِ ختم ٿي چڪيون هونديون.

هوءَ بلڪل بيوس هئي، بيواهه هئي، ڏڪاريل هئي. ’اهو سڀ ڇو ٿيو؟‘ هوءَ پنهنجي زندگيءَ بابت سوچڻ کان رهي نه سگهي. ’اڳي ته سدائين هوءَ اهڙي نه هئي..!‘

ننڍڙن ٻارن کي پلا سونهن جي کهڙي خبر؟ ڪين کهڙي خبر ته ماڻهو سهڻو ڪيئن ۽ ڇو ٿو ليکجي؟ پر هن کي الائي ڪيئن ننڍي هوندي ئي، بلڪل ننڍي هوندي ئي، جڻ ته پاڻمرادو خبر هئي ته هوءَ سهڻي آهي. جنيءَ، نيامت، حليمان ۽ سومل سيني کان سهڻي. هاڻ جڏهن سوچيائين ٿي ته ڪيس اهو راز سمجهه ۾ اچي ٿي ويو ته ڪيئن ڪيس ننڍڙي هوندي ئي پنهنجي سونهن جي خبر هئي.

اول ته ماڻس ۽ پڻس جو لفظ لفظ، هرڪا نگاهه، هرڪا ڳالهه ڪيس ٻُڌائيندي هئي ته، ’تون سهڻي آهين.‘ ماڻس چوندي هئي: ”ملوڪان، امان ملوڪان، مونجي ملوڪڙي، ملڪان پري اچ ته چوٽي ڪرينءَ!“ سندس اکين سندس ڇهري ۾ نهاري هوءَ اڻ لکي نموني محسوس ڪري وٺندي هئي ته پاڻ سڀن کان ملوڪ آهي. پڻس جڏهن منهن ۾ گهنج وجهي ماڻس کي چوندو هو، ”سڄو ڏينهن ڇا پئي ڪرين؟ رڳو ڇوريءَ کي پاڻيءَ ڍڪ وجهي ڇولو ڏوئي به ڪونه وڏو اٿئي، جو ڪٽي

ماڻهو بازار وٺي وڃيس. سڄو ڏينهن ٿي بازار بازار ڪري! نهار تہ ڪر، ماڻهوءَ جي ڏيءَ آ ڪ ڪنهن نوريءَ جي!“ ماڻس تہ بناوتي چڙ مان چوندي هئي: ”اي هاڻ اهڙي ملوڪ آ. آهي بہ ڪنوار ڏاڍي سهڻي، جنهن لاءِ ولات مان وڳا ايندا! ڍني جهڙو مٿو ٿو سونهيس!“ پوءِ ڪيس خبر پئي تہ انهن ظاهريءَ طرح بي پرواهيءَ جي اکرن ۾ ڪيڏو پيار، ڪيڏو فخر ۽ ڪيڏو غرور لڪل هوندو هو.

ماسيس هاجران ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ دفعا ٺُڪون مکيندي هيس، چماٽون هڻي چوٽي ڪندي هيس، نراڙ تي ڪارات مکيندي هيس. حليمان جڏهن بہ ساڻس گُڏين تان وڙهندي هئي تڏهن ڪيس ٻُجن کان جهلي، ڏند ڪرٽي، هٿن ۾ رانيوٽا وجهي، نانگ واري ڦوڪ ڏيئي چوندي هيس: ”مرڻ، ملوڪڙي ڪا آهين، تنهن ڪري پرايون گُڏيون ڦٽائينديئن، هان؟“

پوءِ شادين ۾، غمين ۾، ٻين ڳوٺن جون زالون سندس ڳوٺ جي زالن کان پڇنديون هيون: ”ائي اها ڳاڙهي چولي، مونڙي جي سٿڻ واري ڇوري ڪير هئي؟“ ”ڪهڙي؟“ ”ائي منيس، هيءَ جيڪا سوير ڪانہ هتي ويٺي هئي، ڳوري منهن، ويڻل مٿي واري؟“ - ”ائي ها، ملوڪان ٿي چوئين؟ اها، اما، جنان ٻائيءَ جي ڌي آهي.“ ”ڇوريءَ جي تہ حشمت جهلڻ جي ڪانہ هئي. ڇو تہ ڪر ڪو سڄ جو ٽڪر آ ٻي ڳالهہ ڪانهي!“

”ها، ماسي، ڇوري اها لکن ۾ هيڪڙي آ.“ پوءِ پوڙهيون چونديون هيون: ”اما، سهڻا تہ توهہ بہ پٽن ۾ پيا آهن. الله شل صالح ڪريس.“ ”ها، اما، شل جڳ جهان جي ڏين جي سولي ڪنڌي ٿئي.“

”۽ پوءِ ڳوٺ جا نوجوان هوندا هئا ۽ سندن اکيون هونديون هيون- شوخ اکيون، گهوريندڙ اکيون، ٿڏڙا ڪيندڙ اکيون، حيرت پريل وائڙيون اکيون، هيسيل اکيون، سوالي اکيون، واجهائيندڙ اکيون، عبادت ڪندڙ اکيون، پيرن هيٺان وڇائجندڙ اکيون، چريون ۽ مست اکيون، ڊيڄاريندڙ منجهائيندڙ دل جي تار تار کي ڇيڙيندڙ ۽ خوابن جي دنيا ڏانهن سڏيندڙ اکيون. اهي اکيون ڪيس ڪنهن اڻڄاتل ٻوليءَ ۾ چونديون هيون: ’ملوڪان! تون هن ڳوٺ ۾، هن ڌرتيءَ تي، هن آسمان هيٺ اڪيلي ۽ نرالي آهين، تنهنجو ڪوبہ ثاني شريڪ ڪونهي. تون سونهن آهين، تون منزل آهين، تون انساني ڪمزورين، مجبورين، خوشين ۽ غمن کان بالاتر آهين، تون ڳوٺ جي سمورين شين ۽ ماڻهن جي مالڪ مختيار آهين، فقط تنهنجي سونهن ۽ تنهنجي جواني اٽل آهي، لافاني آهي، ٻيو سڀ ڪجهہ هيچ آهي، بي معنيٰ آهي، فاني آهي.‘ ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ ۾ گم، هر شيءِ ۾ موجود، هر شيءِ کان بي نياز هوائن ۽ موسمن، سج ۽ چنڊ، زندگيءَ ۽ موت کي پنهنجين

نازڪ مُنين ۾ بند ڏسندي، خيالن جي ڪڪرن تي پير رکي، خوابن جي دنيا جي نامعلوم آسماني پيٽن جا سير ڪندي رهي.

پوءِ هڪڙي ڏينهن يارو آيو.

وچينءَ جي مهل هئي، هن پاٽيءَ جا گهڙا متي تان لاٿا ته سامهون کٽ تي ڪيس ڏٺائين. هو سوڙهو سوڙهو، لچارو لچارو، حيران ٿيو وينو هو ۽ مٽيءَ ۾ پيوت ٿيل ڪپڙن ڪي ناسي پٽڪو لاهي پئي چنڊيائين. ”اما، ياءُ ڪي پليڪار ته ڏي، سچاٽيس ڪانه ٿي؟“

پوءِ هن سڃاتس، هو مامس هارون جو پٽ هو جيڪو ننڍي هوندي وٽن ايندو هو پر پوءِ ٻنهي گهرن ۾ اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو هو. مامس ۽ پڻس پاڻ ۾ نهندا ڪونه هئا، ڇو ته پڻس ڪي ماڻس جو سڱ ڏيڻ جو هارون سخت برخلاف هو. جو پڻس سمون هو ۽ مامس هارون وارا سومرا هئا. ٻين سومرن به سخت شور ڪيو پر پڻس، سيد پير گڏ ڪري ڪنهن پراٽي آڏي اُبتي مائٽيءَ جو سهارو وٺي، ماڻس ڪي پرڻي آيو هو. ان بعد هارون پيڻ ڪان ٿڏو هو ۽ سال ٿي ويندا هئا، تڏهن مس ايندو هو.

”ڏس ته ڪيڏو ٿي ويو آهي! پاڻ واري اسڪول ۾ فينل ڏيڻ آيو آهي. تپيدار ٿيندو.“ ماڻس يڪساهي خوشيءَ ۾ چئي وئي هئي.

ڪيترا ڏينهن، ڪيترا مهينا گذري ويا. يارو ان وچ ۾ بلڪل بدلجي ويو. اڇا ڪپڙا پائڻ لڳو، وار ناهڻ لڳو ۽ ناهوڪو ٿي پيو. هو عجيب غريب ڪتاب پڙهي ٻڌائڻ لڳو، سوچ ۾ گم ٿيڻ لڳو، منجهيل ۽ موڳو رهڻ لڳو.

”يارو ڇا ٿيو آني؟“ هڪڙي ڏينهن ملوڪان ڪيس حد ڪان وڌيڪ اُداس ۽ ويڳاڻو ڏسي پڇيو هو. ماڻس ان وقت گهر ۾ ڪانه هئي. جمعو مال سان هو. پوءِ ياروءَ ڏانهس نهاريو هو. عجيب نظرن سان، سڌ سرت وڃائيندڙ نظرن سان. هو ڪي گهڙيون ائين نهاريندو رهيو. هوءَ به بي سڌ ٿي ڏانهس نهاريندي رهي.

”هڪڙي ڳالهه ڇوان؟“ هن آخر هبڪي هبڪي، ڏاڍي ايذاءَ ۽ تڪليف سان چيو هو. سندس چهرو بگڙي عجيب، بڇڙو ڪِل جهڙو ۽ قياس جوڳو ٿي پيو هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ ته نڙيءَ ۾ ڪا بصر جي ڳنڍ ڦاسي پيئي هيس. هڪڙي هڪڙي اکر تي اٽڪي ٿي پيو ”آءٌ... مون چيو... تون...“ پوءِ اوچتو هو تيز تيز ساهه کڻي يڪساهي ڳالهائيندو ويو.

ملوڪان تي ڄڻ ڪا نئين ڪڙڪي ويئي. قسمين قسمين هڪبئي سان ٽڪرائيندڙ جذبن جون تيز لهرون سندس ننڍڙيءَ دل کي چٽني پاسن ڪان وڪوڙي ويون. ڇاتيءَ هينان ڄڻ ڪا ريل پئي متي. هن سمجهيو ته اها نياڳي ڏڙ ڏڙ سچو



Gul Hayat Institute

ٻوٽ پيو ٻُڌندو هوندو. ڊپ ۾ وحشت وچان سندس لڱ ڪانڊارجي ويا ۽ هوءَ اوچتي وٺي ڀڳي.

”لئي، نپٽي رن، گابو ماري وڌي!“ ماٽس پريان ايندي، ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي، ڪيس زور سان ڌڪ هڻي، چيو: ”مئي رت ٿي! ڪا بغا پنيان پيئي اٿئي ڪَ جو اکيون پوري وٺي تاپيون ڪندي ڀڳي آهين؟ مائي ههڙو ظلم ڪو ڏٺان! ڏيئڙي ڏينهن ڏٺي جو انڌن وانگر آٿڙندي، گگدامن سان ٽڪر هڻندي وتي.“ ماٽس ڇا جو ڇا چئي ويئي. هوءَ ڦڪي ۾ ڏوهاري بڻجي، ڪپڙا ڇنڊيندي، اُٿي بيٺي. گابو سندس سٽڻ ڇبڻ لڳو. هوءَ ڪيس آهستي ڌڪ هڻي، ڪنڌ هيٺ ڪري، ٻاهر نڪري، وڃي جنڊ جوٽي ويٺي.

پوءِ، هوءَ ياروءَ ڪان پاسو ڪرڻ لڳي. اڳي وانگر ساٽس گهر جي ياتيءَ واري حجائتي هلت بند ڪري ڇڏيائين. سامهون ايندو هو ته ڪنڌ هيٺ ڪري لنگهي ويندي هئي ۽ ڳالهائيندو هو ته هڪ اڌ اکر ۾ جواب ڏيندي هئي. پاڻ اڪيلي وٺي هوندي هئي ۽ هو مٿان اسڪول مان موٽندو هو ته خوام خواهه اُٿي ڪونه ڪو ڪم ڪرڻ لڳندي هئي. الائي ڇو ڪيس ياروءَ ڪان ڊپ ٿيندو هو. سندس لڱ ڏڪڻ لڳندا هئا. مٿيون منجهي ويندڀون هيون. پر هو جڏهن ڪونه هوندو هو تڏهن هوءَ بدلجي ويندي هئي. ڪيس هاڻ ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تي ڪِل ايندي هئي ۽ کِلڻ لڳندي هئي ته ڀڪي پيئي ڪلندي هئي، تان جو سندس پاسن ۾ سور پئجي ويندو هو. ساهه گهُٽجي ويندو هو ۽ اکين ۾ ڳوڙها پرجي ايندا هئس. وتجي سنجي زمين تي يا کٽ تي ڪري، سور ڪندڙ پاسن ۾ هٿ وجهي، ڳوڙها نونٽ سان اُگهي، هوءَ سمهڻ لڳندي هئي، پر ذري ڪان پوءِ چوندي هئي: ”ائي امان، جمعي ڏانهن ته نهار!“ ۽ وري ساڳين ٺهڪن ۾ پئجي ويندي هئي. ماٽس ڳچ تائين پاڻ کِلي کِلي، پوءِ مصنوعي ڪوڙ وچان چوندي هئي، ”ڇوري هاڻ نهيو! گهڻو ٿيو! سڄو ڏينهن ڏند ڪڍيو بيٺي آهين، حيا به ڪانه ٿي وٺئي.“

گابو سندس سُٽڻ ڪي ڇڪ وجهندو هو ته اڳي وانگر ڪيس ڪاوڙجي ڌڪ هڻڻ بدران سندس منهن هٿن ۾ ڏاڍو جهلي، ڏند پڪوڙي، ڇپ هڪ خاص پياري نموني ٽيڙي، پيار ڪان بي قابو ٿي چوندي هئي: ”چريا، مست، مار ڪائيندين!“ ڪيس ماٽس، پٽس، ياٽس، ڳئون، گهر، واري، مٽي، هر شيءِ تي پيار اڇڻ لڳو. رڳو ياروءَ سان ڇڻ سندس پوندي ئي ڪانه هئي؛ ڪيس ڏسي منهن گهنجائي ڇڏيندي هئي.
آرتوار ڏينهن ماٽس هميشه جيان ياروءَ جا ڪپڙا ڏيئي چيس: ”اما! هي وٺ ياروءَ جا به پُڇ پاٽيءَ مان ڪڍي وٺ.“ تڏهن هن نڪ ڪي موڙو ڏيئي چيو هو: ”تون نٿي ڌوئي ڏينس، مون ڪو سڄي ٻوٽ جو نيڪو ٻولي ڪنيو آ ڪ؟“ ماٽس تپي ڳاڙهي ٿي

ويئي، ها امان، تو جو ڏوهہ ڪونهي! بٺياتي آهين. پڪهين تي ويئي آهين نہ. ماٺهين جو پائٽيو آهي، تنهن جو توتي ڪهڙو بار! مون کي ڏي تہ آءٌ تي ڏوئان.“

”ڦاٽا آهيون اڇي!“ چئي، ملوڪان ڪپڙن ۾ هٿ وڌو. مٿان ڪنهن جو پاڇو پيو. لوٽو هٿي ڏنائين- يارو. سندس منهن ڳاڙهو ٽامڻيءَ جهڙو ٿي ويو هو- شرم کان، الائي ڪاوڙ کان. ملوڪان اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون.

وس جا ڏينهن اچي ويا. مُلڪ ڦُل پٽيءَ، مليري، للر، ڇپر ڳنڍيرن جي گڏيل سڏيل خوشبوئن سان هبڪارجي پيا. وڻ ٽڻ، برپٽ رنگبرنگي ويسن سان ڍڪجي ويا. چؤطرف مينهن وساڻا ۾ ماٺهو پڪڙجي ويا _ قسمين قسمين. ڪٿان ڪٿان جا ماٺهو شام جو فضا، چڙن ۾ سنيارن جي سُرن، ڏراڙن جي تنوارن ۾ ڪانبي جيڏن اُوهن وارين مينهن ۾ سندن ڦرن جي رنين سان گونجي اُٿندي هئي. سومهڻيءَ کان پوءِ وڏ ڪبل ۾ ونجهوتيءَ جي سڏن واڪن کي چيري، ڪنهن مولود يا ڪافيءَ جا آلاپ ٻرڻ لڳندا هئا. ”هلا ڇورا قادو! تنگ توري ڇڏيءِ!“ ”احمد واري جوڙي اشي ڪشي زور تي ويئي، جسڪاٽين جون سڪون تي لاهي.“ ”ها ادا، ٿيندو ٿيندو.“

يارو! جو هيترا ڏينهن اُجهاٽو اُجهاٽو پيو هو سو جڻ تہ ڇرڪ ڀري سجاڳ ٿي پيو. جيڪو پل پڙهڻ کان واندو هوندو هو، پنهنجي منهن پيو جهونگاريندو هو. سومهڻيءَ مهل ڪتاب جاري تي رکي هليو ويندو هو.

وڇينءَ جي مهل هئي. ملوڪان ڏونر ڳئون جو گابو نهاري نهاري ٿڪي پيئي، جو سندس سُتي الائي ڪيڏيءَ مهل ڇنائي وٺي ڀڳو هو. هوءَ ڳوليندي ڳوليندي ڳوٺ کان پري جهنگ ۾ هلي ويئي. اوچتو سندس ڪن ڪڙا ٿي ويا. ڪنهن پريان ڳايو پئي. هوءَ بيهي ڪن ڏيئي ٻُڌڻ لڳي. ”رس مَ رسڻ گهوريو، ڇڏ راٽا ريڏائي!“ آواز جاتل سڃاتل پر ساڳئي وقت بلڪل نرالو هو. ملوڪان کي ائين لڳو جڻ ڪو ابهم ٻار روئي روئي سُڏڪن ۾ پئجي وڃي. پوءِ آواز مٿي اُڏامڻ لڳو. اُڏاماندو ويو- پوءِ بيهي رهيو ۽ ڪبوتر وانگر مٿي ئي پر ڦڙڪائيندو رهيو. پوءِ اوچتو هيٺ لامارو ڏنائين ۽ جڻ واڍوڙجي هيٺ ڪِري پٽ تي ٻُل ڏيڻ لڳو.

ملوڪان آهستي آهستي آواز ڏانهن وڌندي ويئي. سندس دل ڏاڍي اُداس ٿي ويئي. ڪيس ائين لڳو جڻ سندس سڄي حياتي اُداس گذري هئي. ڪيس پاڻ تي، ڳائيندڙ تي، سڄيءَ دنيا تي قياس ۽ رحم اچڻ لڳو. ويجهو اچي ڏٺائين تہ ڳائڻ وارو هڪ ڍڳهي ديويءَ جي وڻ جي اوچين ٽارين تي چڙهيو وينو آهي. سندس اٿاهہ درد ۾ ڏک ۾ ٻڏل چهرو ڏسي، هوءَ ڏڪي ويئي. هن کي پاڻ تي سخت ڪاوڙ آئي. ’الا، ويچاري جو حال تہ ڏسو،‘ هن دل ئي دل ۾ ڦٿڪي چيو. پوءِ کنگهار ڪري چيائين: ”ماٺهو ڏاڍا ڪافر ٿي پيا آهن.“ ياروءَ ڇرڪ ڀري ڏانهس ڏٺو. ”تون هتي ڪٿان؟“ ۽

Gul Hayat Institute

منت ۾ لهي آيو. ملوڪان وٽي پويان پير ڪيا. ڪيس اوچتو وچايل گابو ياد آيو. ”گهوڙا گابو الائي ڪيڏانهن ويو. امان ماري وجهنديم.“ سندس ساڄي ٻانهن پنيان سوگهي ٿي وئي. ”الا ڇڏ نہ.“ هن ڊپ وچان ڊبيل دانهن ڪري، سٽ ڏيئي، ٻانهن ڇڏائي. ”جاني، مني، مومل ڳالهہ تہ ٻڌ!“ ياروءَ ڪيس ڀاڪر وجهي ڦيرائي پاڻ ڏانهن منهن ڪيس. هوءَ ڪرڙيءَ وانگر ڦٽڪڻ لڳي. ”ڇڏ، ڇڏ، مئا، رت ٿيا. آءٌ ٿي رڙيون ڪريان.“ هاڻ ياروءَ جا چپ اچي سندس ڳلن تي لڳا. ملوڪان خوف کان دانهن ڪئي. ”مادر... ڇڏين نٿو..“ ياروءَ جا هٿ ڍرا ٿي ويا، ڊپ کان سندس گلو خشڪ ٿي ويو پير ڏڪڻ لڳس، وٺي جهنگ ڏانهن سٽ ڏنائين.

ملوڪان سهڪندي سهڪندي گهر موٽي. سندس آليون اکيون، روئڻهارڪو منهن ڏسي، ماڻس کي گابو وسري ويو. کهري آواز ۾ پڇيائين، ”ڇوري، ڇا ٿيو آني؟“

گابو اندر بينو هو. هن زور سان چماٽ هڻي ڪڍيس. ڪيس ڇاتين ۾ ڏاڍو سور پئي ٿيو. گهر جي ڪنڊ ۾ پٽ ڏيئي، چولي جو ٻيڙو کولي، اندر ڏنائين۔ سهڻي، لسي، پترائين گولائيءَ تي ڪاريءَ چوٽيءَ جي آسپاس وارو حصو سڄيل هو. هڪڙي هنڌ تي ڪارو نير بنجي ويو هو. ’مئي مروان رانبوتا هڻي....‘ هن دل ۾ چيو. هوءَ ڳچ رات سوچيندي رهي. ’اما يا بابا ڏسي وٺي ها، تہ!‘ سندس وار خوف ۾ شرم وچان اُڀا ٿي ويا. ڪيس ائين لڳو ڄڻ پاڻ ناپاڪ ٿي گندي ٿي پئي آهي. هن زالن کي پاڻ ۾ نڪن کي موڙا ڏيئي، نثوليءَ ۽ نفرت وچان چوندو ٻڌو هو ”ائي فلاڻي کهڙي نڪ سان ٿي مَرڪي، ڏيڻس ٻڄڪي ڪنواري هوندي جيڪي گل ڪڍيا آهن، تن جي تہ ڳوٺ ۾ خواري ٻڌي!“ ”ائي اُن رن کي تہ ٻُڌڻ بہ نٿو اچي!“ ”ماسي اها ڇوري متان وٺين، بنهہ بدچال آهي.“ اهي ڳالهيون ٻُڌي، ڪيس انهن ”بدچال“ ڇوڪرين لاءِ بڇان ۽ ڏڪار ٿيندي هئي. بيحيائن کي بدچال ٿيندي شرم بہ نٿو اچي. هوءَ نہ سگهندي هئي تہ هو ائين ڇو ٿيون ٿين. ننڍڙي ٻار کي بہ خبر آهي تہ بدچال ٿيڻ ڪيڏو خراب آهي. سڄي ڳوٺ ۾ خواري ٿيندي. ماءُ پيءُ وٽ ڪٿي جهڙي عزت هوندي. کوهہ تي، گس پنڌ تي، شاديءَ مراديءَ تي، سيڪا رن اشارا ڪري چوندي، ”ائي اها ڇوري بدچال آهي.“ پوءِ بہ هرو ڀرو بيوقوفن کي ايترو بہ عقل ڪونهي يا شايد آهين ئي اهڙيون! ڪيس پڪ هئي تہ ڪيس ڪو لڪ رپيا ڏئي يا کهي وجهي تہ بہ جيڪر هوءَ بدچال نہ ٿئي. بلڪل ائين جيئن ڪو لک رپيا ڏئي يا ڇا بہ ڪري تہ بہ ماڻهو ڍونڊ نہ کائي يا مئل ڪتي جي پرسان نہ ويهي.

هن پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ هڪڙو ڇتو ڪتو سندس پويان پيو آهي. پاڻ ريهون ڪندي پڄندي وڃي، ڪيس پير ۾ ڪنڊو لڳو آهي. ڏاڍو سور اٿس. پوءِ بہ منڊڪائيندي پڄندي وڃي، وڃي مٿان ٿوهر تي پيئي آهي، ڪتو ويجهو پوندو

Gul Hayat Institute

وڃي، اڄهو هاڻ چڪ وجهي ٻوٽ ڪيڏي ورتائين. هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي آهي. سندس اک کُلي پيئي. سڄي پيئي ٽڙڪي. بدن پگهر سان شل ٿي ويس. پنهنجي هنڌ تان اُٿي وڃي ماڻس وٽ سُتي. ڪجهه تائين دل ئي دل ۾ ڪلما پڙهندي رهي.

ڪجهه ڏينهن گذري ويا. ملوڪان جو خيال هو تہ يارو ضرور پنهنجي حرڪت تي شرمسار ٿيندو ۽ پڇتائيندو يا وري ڪيس تنگ نہ ڪندو، پر ڏسڻ ۾ آيو پئي تہ هو اٽلو ملوڪان تي ناراض هو. آرتوار ڏينهن ڪپڙا بہ ڪونہ ڌوئاريائين. شهر جي ڌوٻيءَ کان اڳواٽ ڌوئارائي آيو هو. رات جو اُٿي ويني ڪنهن مهل اوندهہ ۾ هڪ ٻئي پرسان لنگهندا هئا تہ ملوڪان کي ڊپ ٿيندو هو تہ متان مون کي ٻانهُن کان جهلي يا ڪهڙي خبر ڇهندڙي پائي. پر هو ائين هلڻ لڳو ڄڻ تہ ملوڪان نالي ڪو ماڻهو گهر ۾ آهي ئي ڪونہ. ملوڪان کي پهريائين عجب ۽ پوءِ ڪاوڙ لڳي. ڏوهہ بہ سندس ۽ رُسي بہ پاڻ! ڪنهن مهل خيال ٿي آيس تہ مون کي گار نہ ڏيڻ ڪپندي هئي. ايڏي رڙ ڪرڻ جو بہ ضرور ڪونہ هو. هو شايد ائين ئي ڇڙي ڏي ها. پر پوءِ سوچيائين ’جيڪي اهڙا ڪم ڪندا، سي گاريون بہ کائيندا.

اڳينءَ جي مهل هئي. ملوڪان ٻاهر اڱڻ ۾ ٿانوَ ويٺي ڌوتا. اندر گهر ۾ ماڻس پريان نماز پئي پڙهي. اندر يارو پڙڇ تي سُتو پيو هو. سندس مُنهن ملوڪان ڏانهن هو. سندس تازو ٺهرايل انگريزي ڪٽ وارن جي هڪ ڇڳ نراڙ تي گهنڊي هٽيو بيٺي هئي. ڌوٻيءَ جي ڌوتل اڇن ڪير جهڙن ڪپڙن ۾ هو سڄي ڳوٺ جي ڇوڪرن کان نرالو ٿي لڳو. سندس سهڻي ڇهري تي عجيب معصوميت ۽ اطمينان هو. اوچتو هڪڙي مک اچي سندس وات تي ويٺي. سُتي ئي سُتي سندس چپ ۽ ڄڀ ازخود عجيب ڪِل جهڙي نموني پتجڻ ۽ بند ٿيڻ لڳا. ملوڪان کي اها عجيب چرپر ڏسي کِل اچي وئي. ’جهڙو ننڍڙو ٻار ٻُبو پيو ڏائي.‘ هن سوچيو. اوچتو ڪيس هڪڙو پور آيو. هوءَ آهستي آهستي پيرن تي هلي اندران پيتيءَ مان ننڍڙي ٽِڪ ڪيڏي آئي ۽ جوٽ هيٺ ڪري ٿانوَ ڌوئڻ لڳي. ڪجهه دير بڌتر ۾ هئي. آخر ڪانئس رهيو نہ ٿيو ۽ ٽِڪ کي سج جي سامهون جهلي آهستي آهستي اٽڪل سان ڦيرائيندي رهي. روشنيءَ جو هڪ گول چڪرو وڃي يارو جي اکين تي ڪڙڪيو. هن پهريائين اکيون ڇينڀيون، پوءِ هلڪي رڙ ڪري اُٿي وينو. ملوڪان جهٽ ڏيئي آئينو لڪائي، ٿانوَن کي جنبي ويئي. هُو هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هٽي، ملوڪان ۾ گهُور ڪري نهاري، ڪجهہ ٻڙ ٻڙ ڪري، وري ٻئي پاسي منهن ڪري سمهي پيو. ملوڪان کي سندس ٻڙ ٻڙ ۽ گهُور تي خار وٺي ويا. هوءَ گهر جي پنيان ڦِري ڳولي هڪڙي ڳڙڪيءَ پرسان آرسي ڪٽي گهمائڻ لڳي. يارو ٻل ڏيئي اُٿي وينو ۽ سٽ ڏيئي جتان اولڙو پئي پيو، اوڏانهن ويو پر ملوڪان ڪسڪي اچي ماڻس جي پرسان ويٺي.

”امان، تون پڙهي وٺ تہ آءُ بہ پڙهان.“ يارو خار کائيندو رهجي ويو. هوءَ پنهنجي منهن مرڪندي رهي. ٻئي ڏينهن ملوڪان ننڊ مان اُٿي تہ ڪيس راتوڪي ڳالهہ ياد پيئي. رات جو ڪيس ننڊ ۾ ائين محسوس پئي ٿيو ڄڻ سندس ڳلن، چپن، پيشانيءَ ۽ ڇاتيءَ تي ڪنهن جا چپ اڻ لکي نموني پيا ترڪن. هوءَ ننڊ جي گهري هوندي هئي. جيستائين ننڊ مان سجاڳ ٿئي، تيستائين چپ غائب ٿي ويا. ڳل تي هٿ لائي ڏٺائين تہ پنل هئا. هن تاندن جيان تپندڙ اکين سان ياروءَ ڏانهن ڏٺو پر هو پنهنجي ڪم ۾ مشغول هو. اها حالت ڪيس ڪجھ دفعا محسوس ٿي، پوءِ چور پڪڙجي پيو. پر هوءَ خواريءَ جي ڊپ کان رڙيون ڪري ڪانہ سگهي. رڳو چور جو جيڪو عضوو هٿ آيس اتي هڪ زوردار چڪ وڌائين. جڏهن ٻئي ڏينهن ياروءَ سڄيل ڳل تي مٿي لنبي پئي چيو ”رات ڪو ڏينبو ڏنگ هڻي ويو آهيم.“ تڏهن هوءَ مُرڪڻ کان سواءِ رهي نہ سگهي. ’هيٺ!‘ هن دل ئي دل ۾ فاتحانہ نموني چيو. رات گهڙيءَ ڪن لاءِ جيڪو خيال آيو هوس تہ ’امان کي دانهن ڏيئي ڪيس گهر مان ڪيڊائيندس،‘ سو سڄيل ڳل ڏسڻ کانپوءِ ڪيس فضول نظر آيو ۽ واقعي هو لڪل اشراف بڻجي ويو ۽ ڪا بہ حرڪت نہ ڪيائين. باقي هاڻي ڪيس سدائين پيو ڏسندو هو. سندس اکين تي الائي ڪهڙو خمار چڙهيل هوندو هو. جيڪو وقت هو گهر ۾ هوندو هو، بنا ڏسڻ جي هر وقت ڪيس محسوس پيو ٿيندو هو تہ اهي تيز ۽ مست اکيون منجهس کُتل آهن ۽ سڀ ڪجهہ ڏسن ٿيون. هوءَ اڪثر گهٻرائجي ويندي هئي. مٿي تي پوتي ۽ ڳري تي پلاند هر هر ٺاهي وجهڻا پوندا هئس. هلندي هلندي ڳالهہ وسري ويندي هيس. ڳالهين ڪندي، هڪڙي بدران ٻيو جواب ڏيئي ويهندي هئي ۽ پوءِ پشيمان ٿي پوندي هئي.

هڪڙي ڏينهن هو ڪتاب کڻي زور سان پڙهڻ لڳو. ماسيس کي ٻُڌايائين تہ بيت ياد ڪرڻا آهن. پوءِ هو مومل راڻي، سسئي پنهوءَ ۽ سهڻي ميهار جي داستانن جا بيت اهڙي نموني پڙهڻ لڳو جو سيني جو ڏيان ڇڪجي ويو. رات جو انهن بيتن کي جهونگارڻ لڳو. آخر آهستي آهستي ڪري سين کي خبر پئجي ويئي تہ سندس آواز ڪيڏو منو آهي. يقيس ۽ سندس مڙس زور ڪري ڪانئس ڪافيون ٻُڌڻ لڳا. هوءَ اهي ڪافيون ۽ بيت ٻُڌي سمجهي ويندي هئي تہ هو ڇا ٿو چوڻ چاهي. سندس دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي ويندي هئي ۽ هوءَ الائي ڪهڙين رنگين ۽ طلسمي دنيائن ۾ گم ٿي ويندي هئي. هوءَ هاڻي اڳيان سمورا ڊپ ڊاءَ ۽ انديشا ڀُلجي ويئي. سواءِ هڪڙي شخص جي باقي سڀ ماڻهو فقط پاڇا هئا. انهن جي خيالن، راين، ڪمن ڪارين جي ڪا بہ حقيقت ڪانہ هئي، ڏوهہ، ثواب، چڱائيءَ،

Gul Hayat Institute

مدائيءَ بابت سموريون ڳالهيون ڪيس بي معنيٰ ۽ اوپريون نظر آيون. آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ هر شيءِ سهڻي، سُني، چڱي ۽ ڀلي هئي.

هڪ ڏينهن جڏهن جمعي ڪي تپ آيو تڏهن ماسيس گهڻي منَع ڪيس پر يارو رسو ڪلهي تي رکي مال ڪاهي جهنگ تي هليو ويو. پنيان لوٽو هٿي رڳو ايترو چيائين: ”اج آچار جي موڪل آهي. پاڻ ٽنگون ساهي ايندس.“ شام جو ڏهائي بہ پاڻ ڪيائين. پوءِ اڪثر ملوڪان جو پيءُ ڪيس چوندو هو: ”ابا يارو، ڏونر ڳئون تہ ڏهي وٺ. آءٌ اچيو ٿو بيون ڏهان.“ جلد ئي هو واندڪائيءَ مهل هر ڪم ۾ هٿ وجهڻ لڳو- ڪانيون چيرڻ، بازار مان ڪڙ ڪٽائي اچڻ، مال ڏهڻ، دونهي وجهڻ وغيره. چوندو هو ”اسڪول ۾ پاڻ چون ٿا تہ هٿ جو پورهيو ڪريو. هونئن بہ آءٌ تہ ننڍي هوندي ئي ڪم تي هريل آهيان.“ جڏهن پٽس مُدي جي تپ ۾ ڪِري پيو ۽ سڄي گهر تي موڳائي ۽ مُونجهارو ڇانئجي ويو، تڏهن ياروءَ ماٺ ماٺ ڪري سڄي گهر جو بندوبست پنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو.

”جمعا، اج مال سويرو آڻج، ڪانين جي ڀري بہ ڪريو اچج، آءٌ اسڪول مان ٿي چاچا ڪي وٺي ننگر اسپتال ويندس. متان دير ٿي وڃي، تون ڏهائي ڪري ڪير ڪٽي بازار اچج. پڦي اج ڪٿان پنج رپيا هٿ ڪر تہ ننگر وڃون.“ جڏهن ڏهہ پندرهن ڏينهن گذري ويا ۽ مهانگين دوائن، گهر ۾ رکيل چاليهہ رپيا کُٽائي ڇڏيا ۽ اُڌار جو آسرو بہ ڪونہ پيو. پڦيس اول هڪڙو ڀيرو پڇيس: ”ابا، يارو، هاڻ پئسو تہ ڪونهي، هاڻ دوا ڪٿان ايندي؟“ هن بي تعلقيءَ سان چيو: ”بس ڏسون ٿا.“ هڪڙي ڏينهن پنهنجو پڙڇ بہ ريڙهي آٽي مريض جي پرسان وڌائين. ملوڪان يا پڦيس وانديون ڪونہ هونديون هيون تہ پاڻ ويهي مريض کي زور ڏيندو هو. سڄو وقت پڙهائي، گهر ۾ مريض جي سنڀال ۾ رڌل هوندو هو.

هڪڙيءَ رات مريض کي اچي آڌيءَ رات جو تپ ٽيو ۽ ڪنجهڻ لڳو. ملوڪان ۽ ماٽس سڄو ڏينهن ٿڪي ٽُٽي سُتيون هيون؛ تن کي سار ئي ڪانہ ٿي. يارو جاڳي پيو. اُٿي پيهيءَ تان بي رلي لاهي آٽي مٿانئس وڌائين ۽ ويهي ڪيس زور ڏيڻ لڳو. پوڙهي تي بخار جا مچ هئا، سڄو ڏڪيو پئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ پوڙهي جي هڪڙي ٻانهن چُري ۽ سندس هٿ آهستي آهستي هٿوراڙيون ڏيئي ڪجهہ ڳولڻ لڳو. نيٺ اهو اچي ياروءَ جي ساڄي هٿ تي لڳو ۽ آهستي آهستي پڪوڙجي ويو. ياروءَ پنهنجو هٿ اتي رهڻ ڏنو.

”ابا، الله جو رسول ڪندو، سدائين سُکيو هوندين. آءٌ جي هيڏانهن ڪہ هوڏانهن تہ پوئين لَڏ پرتي آنين.“ پوڙهي ڀڻ ڀڻ ڪري مشڪل سان چيو. ياروءَ کي

Gul Hayat Institute

خوف وٺي ويو. ”چاچا، دل وڏي ڪر. هاڻ اچي چڙهيو آهين! ٻن ٽن ڏينهن ۾ نوبنو ٿي ويندين.“ هن پوڙهي کي ڏڍ ڏنو. آخر هٽي هٽي بيماري هٽي ۽ هو ٺيڪ ٿيڻ لڳو.

ڏينهن گذرندا ويا ۽ ڪيترين ئي ڳالهيون ٿيون.

هڪڙي ڏينهن غوثوءَ جي زال سومل، گج ڪٽي آئي. ملوڪان ۽ ماٽس ويٺيون هيون. ”مايون گج وٺنديون؟ موئي پناڻ ڪان پَر ڪپڙا ورتا هئم. سو هاڻ ڏنڊو ڪٽي اچي در تي بيٺو آهي. 50 جو آهي. آئين ڪٽي 40 ڏيوم. 4 تولا ته رڳو مقيس لڳو اٿس.“ هوءَ گج اُٿلائي ڏيکارڻ لڳي. ستارن ۽ ٽِڪن جي جرڪ جرڪ ملوڪان جي دل ۾ ڪتڪتايون ڪرڻ لڳي. ”نه ادي، اسان کي ڪونه کپي... ۽ اسان جو جمعوا جا پلي مچي مڙس ٿئي.“ ماٽس ظاهري طرح بي تعلقيءَ سان چوڻ لڳي.

”ڪو مائي؟“ سومل بگڙي ويئي، ”هي ملوڪڙي مومل جا ويٺي آني! ان ڏوهه ڪيو ڪَ؟“ ”ان جو ٻه ڪو گس ته ٿئي، اجا ته مون وٽ ويٺي آهي.“ ماٽس ڳرائيءَ سان چيو. ”لئي مائي، نالي الله جي، هاڻ چڏ مُنهن جي پڪائي!“ سومل وڏو وات ڦاڙي، شرارت سان چبرو ڏيئي ڍار سان چيو. ماٽس مرڪي وڏو. ملوڪان سڄي ڳاڙهي ٿي ويئي. ايتري ۾ يارو الائي ڪٿان اچي نڪتو. سومل جي جڻ الله ٻُڌي. ”نهيو مائي، گج جا ڏٽي اچي ويا.“ چئي، گج ياروءَ کي ڏيئي، شوخيءَ سان حڪم ڪيائين: ”ابا نينگرا، ڪڍ چاليهه رپيا ٻاهر. ڦٿين پائي ٿي ته سڄو جهان انڌو ٿي ويو آهي.“ ملوڪان جي ماءُ مصنوعي ڪاوڙ سان چيو. ”ابا، تون وڃي پاهنجو ڪم ڪر، هيءَ آهي واندي!“ ملوڪان ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر نڪري ويئي، جڻ سندس بدن ۾ هزارين لڪين، ننڍڙيون ننڍڙيون، منو منو سور ڪندڙ سُيون لڳي ويون. مائي سومل ياروءَ کي گج آخر متي ۾ مڙهڻ بنا نه ويئي ۽ هن پناڻ کي منٿون ڪري ائن ڏينهن جي مهلت ورتي.

هو مائٽن ڪان گج جا پئسا وٺڻ ويو ته مورڳو ماٽس ٻه ساٽس گڏجي آئي. مائي گج ڏانهن ڏسيو، وريو ملوڪان ۾ تي ڏنو ۽ هڪ اٿاهه ۽ پياري مرڪ سڄو وقت سندس چپن تي ڪيڏندي رهي. جيڪي ٻه ڏينهن رهي، سو ملوڪان کي هڪ پل ٻه پاڻ ڪان پري ٿيڻ نه ڏنائين. ملوڪان کي ائين لڳو جڻ ته ڪو مهربان ملائڪ آسمان مان لٿو آهي. ماٽس ڪيس ڪڏهن انهن نظرن سان نه ڏٺو. خاص ڪري جڏهن يارو ويٺو هوندو هو. تنهن مهل ياروءَ جي ماءُ جو چهرو ڏسڻ وٽان ٿي ٿي ويو. جڻ ته هوءَ ڪِن عجيب دنيائن ۾ گم ٿي ويئي هئي. ڪجهه ڏينهن جي اَچ وڃ ڪان پوءِ نيٺ هڪڙي ڏينهن ماٽس شوخائيءَ سان ملوڪان کي چيو: ”نينگري! هاڻ ياروءَ جي منهن نه پوندي وڃ!“

پوءِ ڪيس خبر پيئي – رجب جي ڏهين تاريخ وناهه ۽ سترهين شادي.

Gul Hayat Institute

ماڻس هاڻ رات ڏينهن ڏاج جي پَٽ ڪوهہ ۾ جنبي ويئي. ”ماسي آست، هي سٿڻ جو ڪپڙو ڏس، رنگ ڪيئن آهيس؟“ هوءَ ڇهري تي گهنج وجهي انتظار سان پڇندي هئي. ڪنهن مهل اوچتو ملوڪان تي بگڙي ويندي هئي. ”ائي، ڏيئڙي، ساڃاهہ ڪر. ويهي نہ سٿڻ جا پيرا پرين! ڪالهونڪر چيو آمين، اجا اتي جو اتي پيا آهن.“ يا ”امان ساهرن کي بہ اهڙو وجي ٺاريندينءَ جهڙو مون کي ٺاريو انين! نهار تہ ڪر! ڏيئڙي سڄو ڏينهن تنگ تنگ تي چاڙهيو مارڪا پئي ڪري. آءٌ هيڪڙي جٽي، هٽيو هٽيو بيزار ٿيو پوان. حياءُ ئي ڪانہ ٿي پئيس.“ ڪوهہ تي هڪ جيڏين تہ پٽي ڪوهي ڇڏيس. ”ائي ملوڪان، گهوٽين هتي رهائيندئي يا ماڻٽن وٺي ويندئي؟“ ”ويندس ڪٽي پانجي ڳوٺ! هتي ٿو ڇڏيس!“ ”ائي پو تون منهن بہ ڪونہ ڏيکاريندينءَ؟“

هوءَ جواب ڏيڻ بدران رڳو منهن گهنجائيندي رهندي هئي. ”ويچاري ڏارين ۾ ٿي پرڻجيو وڃي. ائي پنهنجي ساٿن ڏيٽي وٺي تہ ڪانهي، پوءِ پڻهين الائي ڪو وڃي ڏارين ۾ اُڇلايو آني؟“ هن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. پيءُ چيو: ”سو آنون تہ راڄ بہ راضي ڪونهي. وڏيري جاڙي جي ڏيءَ ڪالهہ ڪوهر تي ڳالهہ ڪئي تہ ابا چوي ٿو راڄ جي گهڻن ماڻهن اعتراض ڪيو آهي تہ اسين راڄ جي نياڻي ڏارين ۾ ڏيڻ ڪونہ ڏينداسين.“ ”ها، اها آهي واندي! راڄ چو بي راضي ٿيندو؟ سڀ ڪو پنهنجي ڏيءَ پٽ جو پاڻ وارث آهي. ائين تہ ملوڪان جي ماءُ بہ ڏارين آهي پوءِ؟ اڳي ڪا ڏاري زال پنهنجي راڄ ۾ نہ آئي آهي؟“ ”سا تہ ڳالهہ برابر. پر امان هيترو راڄ ستار وينو هو تنهن ۾ جاءِ ڪانہ ٿي لڌي، جو وڃي ٻي ذات ۾ ڏنئون! ڳالهہ وڏي ڪانهي؛ راڄن ۾ اهڙيون ڳالهيون پيون ٿين. سڀ مسلمان آهيون. پر جي ڪنهن اعتراض وٺي وڌو تہ پوءِ گهڻو فساد اُٿي پوندو.“ هڪڙيءَ پوڙهيءَ چيو. ملوڪان جو منهن هڪدم پيلو ٿي ويو جڻ تہ ڪنهن وڇونءَ سندس ڇاتيءَ ۾ ڏنگ هڻي ڪڍيو. مس مس گهڙا لاهي سڏو وڃي ماڻس کي ٻُڌايائين ماڻس بہ گهبرائجي ويئي. شام جو پڻس ڳالهہ ٻُڌي باهہ ٿي ويو. ”راڄ جي... کي...! راڄ ڪو اسان کي ڀاڪون پري ٿو موڪلي ڪہ! ڏسان ڪير ٿو مونجي ڏيءَ پٽ جي ڳالهہ ۾ پئي.“

ٻہ ڏينهن گذري ويا. سومهڻي مهل هئي، ڪنهن در اڳيان سڏ ڪيو. ملوڪان جو پيءُ نڪري ويو. ”ڪير هو؟“ جوڻس موٽندي پڇيس. ”رمون هو.“ ملوڪان سمجهي ويئي. رمون وڏيري جاڙي جو ڏراڙ هو. جڏهن هو موٽي آيو. تڏهن ڪُڇ دير سڄي راڄ کي گاريون ڏيندو رهيو. ”آءٌ ڪنهن جوڻس... جي ڪڙئي تي ڪونہ وينو آهيان.“ هن غصي ڀريل آواز ۾ چيو. ”آءٌ پنهنجي ڏيءَ ڪٽي ڪنهن نوريءَ کي ڏئي ڇڏيان، هنن ڀيڻ... جو ڇا وڃي؟“

ٻي رات سڄو راڄ اسڪول ۾ گڏ ٿيو. جڏهن ٽيون دفعو ماٺهو آيو. تڏهن جوڳس مٿل آواز ۾ چيو: ”هاڻي اُٿي وڃي سامهون ته ٿي.“ پوءِ سڄي رات زور زور سان ڳالهاءَ ٿيندا رهيا. ڪتا ڀؤنڪندا رهيا. وڏيءَ آڏيءَ جو مس هو گهر موٽيو. ڀڳا تي ڪتي وانگر باهوڙو ڪري چيائين: ”راڄ مان ٽا ڪين- رن....“ سڄي گهر ۾ مايوسي ڇانئجي ويئي.

ٻه ٽي ڏينهن گذري ويا. ملوڪان موت جي اونداهي غار ۾ ٽاپڙندي رهي. ياروءَ جي وات مان هڪڙو اکر نٿي اُڪليو. ماڻس ته اونڌي منهن پيئي هئي. رڳو پڻس جي گار جي ڳهي پئي پيئي. سڄيءَ دنيا تي ڪاوڙيو وينو هو. ڪتي تي، ڳئون تي، ملوڪان تي، ماڻس تي، ياروءَ تي ۽ جمعي تي. صبح جو سويل جمعي اڇي پڻس کي اُٿاريو. ”ابا، ڏونر ڳئون آهي ڪانه!. پڻس رڙ ڪري اُٿيو. سڀ ڀاتي اُٿيا. پيرن تي ڳوٺ مان ڪير ڪونه هليو. هي ٽيئي سڄو ڏينهن پير ڪڙي پڪي رستي تي چاڙهي موٽي آيا. سگهو ئي لالي وڏڙي گذاري ويئي. هنن جي گهر وارن کي چتاءُ ڪونه مليو. نڪو احمد جي پٽ جي ڇٽيءَ جي دعوت ملي. هو راڄ مان نڪري چڪا هئا. هاڻ سندن ڪوبه ڪلهي ڪانڌي ڪونه ٿيندو. هڪڙي ڏينهن عوٿوءَ جي ڳئون چورائجي ويئي. پيرن تي سڄو راڄ ويو. دستور جي برخلاف پوليس ۾ فرياد ٿيو. پوليس جاچ تي آئي. پيرا پيٽ ٿي. پيريءَ جمعي جو پير ڪڍيو. پوليس ڪيس ٽاڻي تي وٺي ويئي.

آخر راڄ ڪٽيو. سڱاوتي ختم ٿي. ياروءَ کي هليو وڃڻو پيو.

سڄو گهر ڀاري جي ساڙيل وڻ وانگر اُجڙي ويران ٿي ويو. هرڪو ٻئي ڏانهن نهارڻ کان ڊنو ٿي ته متان اڳلي جي چهري تي وسندڙ مايوسي ۽ شڪست جي ڏوڙ ڏسي سندس همت ٽُٽي نه پئي. هو ڪنهن ڪل جي پرزن جهڙا ٿي لڳا. جا ازخود پئي هلي. جيڪي ٿي گذريو هو، تنهن جو ذڪر ڪير به ڇپن تي ڪونه آڻيندو هو. ڳوٺ جون زالون طرحين طرحين حرفتن سان ملوڪان جي ماءُ کي ڪوٺينديون هيون، پر هوءَ ائين ڇئي ڳالهه ٽاري ڇڏيندي هئي: ”بس امان لکيو نه هو سو نه ٿيو. الله ڏاڍو، راڄ ڏاڍو، جبل کي ٽڪر هڻبو ته پانجو مٿو ڦاڙبو.“

وقت گذرندو رهيو. وري به وس آئي. وري به ماٺهو مڙيا. وري به برن پٽن مان هبڪارون اُٿيون. وري به ڇڙا ٻُريا ۽ مال جون تنوارون ٿيون. چنگ ۽ نڙ جي سُريلين لهرن تي ڪافين ۽ ڏوهيڙن جا آلاپ ترڻ لڳا. وري به ڳوٺ جون جوان دليون مست ٿي پيون. گسن تي شوخ ۽ پُراسرار جملن جون ڏي، وٺون ٿيون. عجيب اشارا ٿيا. تنهن کان وڌيڪ عجيب جواب مليا. انجام ٿيا. شڪ جاڳيا. الزام گهڙيا. آگريون کڄيون. ڀڙڪاٽ ٿيا. وچ وارا آيا. پويان چاري هليا. پير کنيا. ويساهه مليا. ڪانبن

جيڏن اوهن واريون مينهون ۾ ٻاڙهيون رتيون ڳئون اوڳارينديون رهيون، ڦر ريائيون ڪندا ٽپندا ڪُڏندا رهيا. ٻاڙهن، گلابي، هيڊن، واڱڻائي ڪپڙن جا پلاند هوائن ۾ ڦڙ ڦڙ ڪندا رهيا.

ماڻس ملوڪان ڪي گهڙا مٿي تان لهرائيندي چيو: ”ڏيئڙي، هيءُ ڇيڇڙي جهڙو چولو تہ لاهي ٻيو وجهہ. ڪچن وٽان نڪري ويو آهي.“ ملوڪان ڦڪي ٿي، ساڄي ٻانهن ورائي ڏٺي: وچان چير مان پاساڙي جو اڇو گوشت پئي ڏٺو. هوءَ ماٺ ڪري گهر جي ڪنڊ ۾ چولو لاهي، سُئي سڳو کڻي توپڻ ويٺي. ماڻس اُٿي سٽ ڏيئي چولو کسي ورتس ۽ ٻيو نئون سنيءَ ڇيٽ جو چولو ڪڍي ڏنائينس. اهو ڏيج جي چولن مان هو. ”تو صفا ليڪو کڻي لنگهيو آهي! سڄي دنيا اڇي گڏ ٿي آهي. تون ڪارو ڪفن وجهيو پئي هلين. اسان کي دنيا ۾ ڪنڌ کڻي هلڻ ڪانہ ڏيندينءَ؟ دشمنيون کڻي پاڻ تان ڪِلايون آني!“ هن بيحد ڏک ۽ بيوسيءَ جي لهجي ۾ چيو. ملوڪان چپ چاپ کڻي نئون چولو وڌو. ”مٿو تہ ڏس جهڙو ٻڌو! ماڻهن وانگر تيل ڦڙي وجهي ڦڻي ڏيئي وار ڪنهن جاءِ ڪر. جهڙي رڇ ٿي پيئي آهين!“ ملوڪان ائين ڪيو. ماڻس وري بہ اعتراض ڪيو. ”ٽڪ کڻي پنهنجو منهن تہ ڏس! سڄو ڦلهيار ٿي ويو آهي! منهن ڏوتي گهٽا ڏينهن ٿي ويا آني؟“ جڏهن ملوڪان منهن ڌوئي آئي تہ ماڻس مس مس راضي ٿي. ڪيس ڀراتڙي وجهي، ڳل تي چمي ڏيئي چيائين: ”هاڻ ڏس تہ لڏڻ ڏيءَ ٿي ويئي آهين نہ! هرو ڀرو پاڻ تان ماٺهو ڪلائٽا.... هي چا! ائي آءٌ مَٺي، ڪيڏانهن وچان!“ هن گنديءَ جي پلاند سان ملوڪان جي اکين مان وهندڙ بي اختيار ڳوڙهن جي لارن کي اُگهندي، بي وس ٿي چيو. سندس اکيون ڀرجي آيون، ملوڪان کڻي ڀاڪر وڌس ۽ سندس ڇاتيءَ ۾ مٿو لڪائي سُڏڪا ڀرڻ لڳي.

هوءَ سڄو وقت خيالن ۾ گم رهندي هئي. ڪانئس ڪو سوال ڪبو هو تہ ڇرڪ ڀري وڏيون وڏيون ڪاريون اکيون ڦاڙي وائڙن وانگر نهارڻ لڳندي هئي. سوچي سوچي سندس دماغ ڦاٽڻ لڳندو هو. هڪڙا ڀور ايندا هئس تہ ٻيا ويندا هئس. ڪڏهن خيال ايندو هوس تہ، ’اها سڀ منهنجي مغروريءَ جي سزا آهي، جو مون لکن جي مٽ ياروءَ سان سنئون منهن ڏيئي ڳالهايو بہ ڪونہ.‘ ڪڏهن چوندي هئي تہ، ’ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن هو ضرور ايندو ۽ اچي ڪيس وٺي ويندو. راج اعتراض نہ ڪندو. هو وڏو ڪامورو هوندو. سيپئي هٿ ٻڌي ڪيس سلام ڪري هٿي ويندا.‘

هڪڙي ڏينهن پاڻي ڀرڻ ويئي. کوهہ تي ڪير بہ ڪونہ هو. گهڙا رکي، کوهہ ۾ پير لٽڪائي سوچيندي رهي. خيالن ۾ ڏٺائين تہ کوهہ جي تري ۾ يارو ويٺو آهي. ’ٽپو ڏيئي وڃي ساڻس ملان.‘ ڪلاڪ کن سوچيندي رهي. آخر پاڻ ۾ همٿ نہ ڏٺائين، ٻئي دفعي زهر کائڻ جو خيال آيس، پر اهو جٽاءُ ڪري نہ سگهيو. خود ماڻس

Gul Hayat Institute

جون قياس ۾ ٻاجھہ ڀريل نظرون بہ ڪيس نہ وڻنديون هيون. ڪيس اهو بلڪل نٿي وڻيو تہ ڪو مٿس رحم ڪائي. هڪڙي ڏينهن ماٽس ڪان اوچتو سوال پڇيائين: ”امان! پاڻ لڏي نہ هلون!“ ماٽس وائڙي ٿي ويئي. پڇيائين: ”ڪيڏانهن؟“ ”ڪيڏانهن بہ!“ هن وراڻيو. ماٽس سندس منهن ۾ نهاريندي رهجي ويئي.

ياروءَ جي اچي ڪيس وٽي وڃڻ جو خيال سندس دل ۾ گهر ڪري وينو رهيو. هڪڙي ڏينهن ماٽس ڪان پڇي وڌائين، ”امان وري ڪڏهن ايندو؟“ ”ڪير؟“ ماٽس نہ سمجهندي چيو. هن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. ماٽس ڪن رکي چيو ”اما، هاڻ ڇا اچي ڪندو ويچارو.“ پوءِ ڪيس اوچتو ياروءَ تي ڪاوڙ اچي ويئي. ’هي سڀ سندس قصور آهي. هو چاهي ها تہ ڪامورو ٿي هڪدم ڪيس وٺي وڃي ها. ڪميڻو بي حيا، بي شرم. باقي هيڏا اُٺ ڪتابن جا ڇا جي لاءِ ٿي پڙهيو؟‘ ماٽس جمعي تي ڪاوڙبي هئي تہ ڪيس اهي لقب ڏيندي هئي. ياروءَ جو هڪڙو ڪتاب اتفاق سان رهجي ويو هو. سو هن ڪٺي ڏاڏيءَ سنپال سان لڪائي رکيو هو. ان کي لڪي وڃي کولي ڏسندي هئي ۽ ان جي لسن پنن ۽ تصويرن کي پيار سان هٿ لائيندي هئي. هوءَ هڪ ڏينهن اڪيلائيءَ ۾ وڃي ڪتاب ڪٺي گهر جي ڪنڊ ۾ ويٺي. ”ڪميڻو بي حيا!“ هوءَ خار مان پنا ڦاڙيندي چوڻ لڳي. ڪتاب جون ذريون سڄي گهر ۾ پکڙجي ويون.

ملوڪان هاڻ پاڻ کي بدلائي ڇڏيو. ڄڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪينهي. هوءَ هاڻ هميشہ وانگر کِلندي، ٽهڪ ڏيندي هئي. زور سان لوڏا ڏيئي جنڊ پيهندي هئي. گهڙي کي اُڇلون ڏيئي، کوهہ مان ڇڪيندي هئي. گابي سان رانديون ڪندي هئي. ماٽس سان گڏ نمازون پڙهندي هئي. صبح جو دؤر بہ ڪندي هئي. فقط ڪنهن ڪنهن ڏينهن اوچتو هوءَ ٽبيءَ ۾ پئجي ويندي هئي، پر ترت ئي ڇرڪ ڀري اٿي جهڙي ٿي ويندي هئي.

Gul Hayat Institute

ڀيو سانوڻ بہ اچي ويو.

اڳينءَ جي مهل هئي. هوءَ کوهہ تي ويئي تہ اتي هڪڙي اڻ سڃاتل مائي ڏٺائين. سمجهيائين تہ وس تي لڏي آيل آهي. مائي ساڻس ڏاڍيءَ اُڪير سان ملي. ڪانئس نالو پڇيائين: ”يارو توجو ڇا ٿئي؟“ ملوڪان جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. ڪانئس ٽنگن تي بينو نٿي ٿيو. ”تون سڃاڻيس ڇا؟“ هن يڪدم پڇيو. ايتري ۾ ٻيون زالون کوهہ تي اينديون نظر آيون. مائيءَ هڪدم گهڙن ۾ هٿ وڌا ۽ ڄڻ تہ گهڙن کي ٻُڏايائين. ”يارو مٿئين آچار رات ان وڻ وٽ ايندو، جتي تو گابو پئي نهاريو.“ ائين چئي، هوءَ تڪڙي تڪڙي هلي ويئي. جنهن زمين تي ملوڪان بيٺي هئي، اُها اوچتو ڄڻ گهوماٽي ڪائي ڦِرڻ لڳي.

ڪونگهرا مس مس بند ٿيا. چؤطرف اونداهي هئي. فقط هڪ طرف ڪجهه ڪاراڻ چڙدي هئي، جنهن مان خبر پئي ٿي ته در ايڏانهين آهي. هوءَ پهرين ٿونٺ کي ٽيڪ ڏيئي پاسي پر ليٽي، پوءِ آهستي آهستي ڪري هنڌ تي اُٿي ويٺي. ڪن ڏيئي ٻڌائين. سندس دل جي زور زور سان ڌڙڪڻ ڪانسواءِ ڪوبه آواز نٿي ٻڌڻ ۾ آيو. پوءِ هوءَ ڏڪندڙ گوڏن پر رڙهي در کان ٻاهر نڪتي، ۽ جمعي جي ڪٽ هيٺان سري ٻئي کان ٻاهر نڪتي. ڳُتو خوش قسمتيءَ سان در تي ڪونه هو. اڳڻ مان ڪنيل ڳري جو پاٽي اتي هاري ڇڏيائين. پوءِ آهستي آهستي سرندي، رڙهندي، لوٽا هڻندي، سهڪندي، هوءَ گهر ڇڏي ٻاهر آئي.

چؤطرف ٻاٽ اونداهي هئي. طرفن جي ڪابه خبر نٿي پيئي. پريان ڪا وڏي وڏي شيءِ نظر آيس. هوءَ يڪدم ويهي رهي ۽ ڪپ جي ٻوٽي جي پر ۾ ويهي رهي. ڪجهه دير اڪيون ڦاڙي نهارڻ بعد خاطري ٿيس ته ڪو وڻ آهي، ماڻهو ڪونهي. ڏپ وچان ڪيس سهڪو ٿي پيو هو ۽ هوءَ سڄي ٿڙڪي پيئي. هوءَ وري به اڳتي هلڻ لڳي. اڳيان ڪا شيءِ سرندي ڏٺائين. نانگ، هن هڪدم سوچيو ۽ گونگي رڙ ڪري ويهي رهي. ڪيتري دير سندس حواس سُن هئا. شايد ڪا ڳوهه هوندي. ٿوري دير بعد اها غائب ٿي ويئي، پر هن مان ڇُرڻ جي پهچ موڪلائي ويئي. هوءَ اتي ئي پٽ تي ڪرونڊڙي ٿي پيئي هئي. اجهو ڪو ماڻهو اچي نڪرندو. پنيان بابا ۽ ادا جن سجاڳ ٿي پون ته؟ ڏپ ۽ خوف جا هيبتناڪ واڳو سندس ننڍڙيءَ دل کي ڪرتي ڪائڻ لڳا. هوءَ پوئتي وڃڻ لڳي. ته ٿي وکون پري ڪيس ياد پيو ته، ’يارو سڄي رات ويهي ويهي وري هليو ويندو ۽ سڄي عمر ڪونه ملندو. پوءِ؟‘

هوءَ وڌيڪ سوچي نه سگهي. بيوسيءَ وچان سندس اکين ۾ پاڻي اچي ويو. نه، هن سوچيو ’اڄ مرڻ جو ڏينهن آهي. ڇا به ٿي پوي، ضرور وينديس.‘ پوءِ هوءَ جڏهن اکيون پوري، موت جي ڄاڙين وچان هلندي رهي. مٿس هڪڙو جنون ۽ چريائي سوار هئي. نيٺ وڻ اچي ويو. ڪنهن چيو: ”وري ته رڙيون ڪونه ڪندينءَ؟“ به مضبوط هٿ سندس چيلهه ۾ لپيٽجي ويا ۽ سندس پيرَ ڌرتيءَ تان کڄي ويا. ڪيس منهن تي، اکين تي، ڪنڌ تي، سيني تي، جسم جي هر هنڌ تي منهن جا کهرا وار، گرم چپ ۽ ڏند محسوس ٿيڻ لڳا. هوءَ خوشيءَ وچان پاڳل هئي.

ڪجهه رات گذري ويئي. چنڊ نڪري آيو ۽ وڻ جي ٽارين مان هلڪي چانڊوڪيءَ جا ڪِرٽا نظر اچڻ لڳا. هوا ۾ ڳهر ۽ نشو هو. سندس پُٺن جي هيٺان، واري، ريشمي بستري وانگر ٿي لڳي. اوچتو زبردست گهوگهاٽ ٿيو. ڪا ريل گاڏي پئي مَٽي، گاڏيءَ جون بتيون، جهرمر جهرمر چمڪنديون، اونداهيءَ کي اکيون هڻنديون لنگهي ويون.

پوئينءَ رات ملوڪان چيو ”گهر ڇو ڪونہ آئين؟“ ”اتي اچي تنهنجي مائٽن کي آزار ۾ وجهان؟“ ”پوءِ تڏهن ڇا ٿيندو؟“ ”آءٌ بندوبست ڪريان پيو.“ ”پوليس وٺي اچي هنن کي موچڙا هڻاءِ.“ ”هنن کي ڪڏ ۾ هڻ. پاڻ پنهنجو رستو وٺنداسين.“ ”ڪهڙو؟“ ”مائٽن تہ توکي ڏيئي ڇڏيو آهي، تون منهنجي ڪنوار تہ اڳي ئي آهين.“ ”پر راڄ تہ شادي ڪرڻ نٿو ڏي نہ!“ ”راڄ هتي شادي ڪرڻ نہ ڏيندو تہ پاڻ ٻئي هنڌ هلي ڪنداسون.“ ”پر بابا جن لڏين بہ نٿا نہ!“ ”پٺهين جن نٿا لڏين تہ پاڻ زال مڙس لڏي هلنداسين.“ ملوڪان شرمائجي ويئي. گهڙي کن رکي چيائين: ”سو بہ زال مڙس ٿيون نہ!“ ”زال مڙس ٿيڻ کي ٻيا سڱ ٿيندا آهن ڇا؟ مائٽ راضي آهن. پاڻ راضي آهيون. باقي رهيو مُلون. سو بہ شريعت موجب ڪپي تہ ڪونہ. پر اهو بہ هٺ ڪري وجهنداسون.“ ملوڪان هن دليل بازيءَ جو جواب ڏيئي ڪانہ سگهي. آخر جواب ڳولي ڪڍيائين. ”پر بابا جن تہ ائين ڪونہ ڇڏيندا نہ.“ ملوڪان ٻي وسيءَ سان چيو. ”تہ پوءِ تون ٻيلي پٺهين وٽ رهہ. اسان جي موڪلاڻي آهي.“ سندس لهجو ملوڪان کي بلڪل ظالم ۽ بي رحم لڳو. کيس هڪڙي لحظي لاءِ ڪانئس ڊپ ٿيڻ لڳو.

هڪڙيءَ گهڙيءَ ۾ هو جڻ ڏاريو پرائو بنجي پيو. ملوڪان کي مٿس خار اچي ويا. پوءِ هن کيس ڪٽي پاڪر ۾ ورتو ۽ کيس سمجهائيندو رهيو. مگر کيس ڪجهہ بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ويئي. اوچتو اَسُر ٿي ويو. هوءَ وڃڻ لڳي. ”جواب ڏي، منهنجي ٿينديءَ يا نہ؟“ ”آءٌ پڇنديس ڪانہ!“ ”پڇڻ هن ۾ ڪهڙو آهي؟ راڄ پٺهين کي روڪي ٿو. پاڻ سندس جوابداري لاهي پنهنجي سر تي کڻنداسين، بس؟“ ملوڪان کي اها ڳالهہ ڪجهہ برابر لڳي، پر خاطري نہ ٿيس. ٻنهي پاڪر وجهي موڪلايو. ”آءٌ پندرهين ڏينهن وري ايندس.“

ائين ملاقاتون ٿينديون رهيون. هر دفعي ملوڪان جي سيني تان خوفن ۽ انديشن جي ڪانہ ڪا ڇپ لهي ٿي ويئي. سندس دل روز وڌيڪ هلڪي، آزاد ۽ ڀروسو ڪندڙ ٿيندي ويئي. کيس اهو معلوم ڪري ڏاڍي خوشي ٿي هئي تہ يارو ماستر ٿي ويو هو.

شام جا پاڇا لڙي چڪا هئا. ٻيلي جي گهاٽن ٻبرن جي وڻن تي آکيرن ڏانهن واپس موٽندڙ پکين جي چرچر تيز ٿيندي ويئي. ڏکڻ طرف درياهہ ۾ مهاڻن جون ٻيڙيون واپس پئي موٽيون. هڪڙو تنبي وارو درياهہ جو ڪپ ڏيو اچا بہ اولهارو پئي ويو. هنجن جي هڪڙ ي قطار اچي ڪپ تي لٿي. جيستائين نظر ويئي ٿي تيستائين رڳو درياهہ هو.

يارو اچا پر واري شهر مان ڪونہ موٽيو هو. ملوڪان جي دل تي گهري اُداسي ڇانئجي ويئي. درياهہ جي هن پار ٻيلي ۾ آئي کين بہ مهينا ٿي ويا هئا. ياروءَ جي

Gul Hayat Institute

جنهن دوست کين پناه ڏني هئي، سو مٿائنس صدقي پيو ٿيندو هو. هوءَ ۽ يارو ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون هڪٻئي جي جسمن ۽ خيالن جي ڪاڪ محل جو سير ڪندا رهندا هئا. جڏهن هو ڪنهن ڏينهن شهر ويندو هو ۽ هوءَ اڪيلي ٿيندي هئي تڏهن سندس روح اُداس ٿي ويندو هو.

هوءَ ٽي مهينا اڳ گهران نڪتي هئي. رات جو گهران سڌو اسٽيشن تي چڙهي حيدرآباد آيا هئا. اتي نڪاح وجهايو هئائون. ملوڪان ڪي سوچي پاڻ تي خفت ٿي ته هڪدم نڪاح سندس ئي زور ڀرڻ تي ڪيو هو نه ته يارو ايترو جلد حيدرآباد جهڙي شهر ۾ ظاهر ٿيڻ جو خطرو کڻڻ لاءِ تيار نه هو. ملوڪان کي خبر نه هئي ته نڪاح ڪيڏو ضروري هو. ياروءَ جو پيءُ کين في الحال پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ تيار نه هو. ”راڄن جي ڳالهه آهي.“ هن چيو هو. ملوڪان کيس گهڻو ئي سمجهايو ته ’بابا ياروءَ کي پاڻ پنهنجو پٽ ڪيو آهي ۽ ڪيئن هو سڄي راڄ کي سامهون ٿي بيٺو هو!‘ پر پوڙهي دل پئي هنئي، تنهن ڪري لاچار کين هتي اچي رهڻو پيو هو.

هڪڙو ننڍڙو چٽڪمڙو تتر پڙکو ڏيئي اچي ٻريان ٻوٽي ۾ ويٺو. ملوڪان سندس سهڻا رنگبرنگي پک غور سان ڏسڻ لڳي. ايتري ۾ ڪنهن ڀنيان اچي ڀاڪر وڌس. سندس منهن خوشيءَ وچان ٻهڪي اُٿيو ۽ ورائي کيس ڪٽي ڀراٽڙي وڌائين. کيسي ۾ هٿوراڙيون ڏيئي، پان ڪڍي کاڌائين. پوءِ ٻيئي هلندا درياهه جي ڪپ تي اُن وڻ وٽ آيا، جتي هميشه اچي شام جو ويهندا هئا. ملوڪان پنهنجا پير ڪٽي پاٽيءَ ۾ وڌا. پاٽي ٿڌو ۽ فرحت بخش هو. سٿڻ ڪٽي گوڏن تائين مٿي ڪيائين. ياروءَ به ائين ڪيو. پوءِ هن ساڳيو سوال پڇيو: ”پاڻ بابا جن ڏانهن ڪڏهن هلنداسون؟“

”اڃا به ٿي ڏينهن دير آهي.“ ياروءَ بي يقينيءَ طرح چيو. ”اڃا ته تو واري راڄ جا ماٺهو گوڙ بند نٿا ڪن. روز سيد پير وٽيو بابا جي در تي بيٺا آهن.“ پوءِ ٿوري دير رُڪجي چيائين: ”پٺيين ۽ پاٺيين به ميڙ سان گڏ هئا.“

ملوڪان وائڙي ٿي ويئي. ”بابا جن انهن مروانن سان ڇا جي ڪري آيا؟“ پوءِ چيائين، ”بابا کي زور ڪري وٺي آيا هوندا ڦڪائيءَ کي پرچائڻ لاءِ باقي بابا ته ساٿن اچي!“

”ائين ئي هوندو.“ ياروءَ بي ويساهيءَ سان چيو.

ملوڪان کي وري پور آيو. ”ڪڏهن هل ته رات جو لڪي هلي بابا جن وٽان ٿي اچون. الا، ويچارا ڏاڍا خوش ٿيندا!“

”ڏنبا ڪٽي اچي، پاڻ کي وٺن ته!“ ياروءَ مُرڪي چيو.

Gul Hayat Institute

”ها، ڏنڊا ڻا ڪٽن! بابا تہ پاڻ ٻنهي تي ساهہ ٿو چڙي. سڱ بہ پاڻ ڏنئين. دشمنن شادي ڪرڻ ڪانہ ڏني، سو پاڻ اچي هتي ڪئي، تنهن ۾ بابا جو ڪهڙو ڏوهہ؟“ هوءَ يڪساهيءَ چئي وئي.

”سو تہ آهي، پر متان چئي تہ بنا موڪل ڇو ويا؟“

ملوڪان اهو سوال پاڻ کان ڪيترا دفعا پڇي چڪي هئي. جواب وٽس تيار هو ”بابا هٿ سان موڪل ڏي تہ سڄو راج ويچاري تي چڙهي نہ وڃي؟ بابا کي ٻڌائي اچون ها تہ بہ ڪانئس ويساهہ ڪونہ وٺن ها؟“ هن پنهنجي عقلمنديءَ تي پاڻ خوش ٿيندي چيو.

”ڏسون تہ لڙ پاٽي ڪٿي ٿو بيهي. اجا تہ بابا تو واري راڄ کي پيو آسرن تي هلائي. ويچاري سڱ ۾ پرتي بہ ڏيٽي ڪئي آهي. هو ڪيس جا دڙڪا پيا ڏين. ڏسجي تہ ڇا ٿا ڪن.“ ملوڪان ٽبيءَ ۾ پئجي وئي.

”ڇا پئي سوچين؟“ ياروءَ ڪاڏي مٿي ڪير پڇيس.

”پوءِ جي پٽهين چوئي تہ موٽائي ڏي تہ پوءِ مون کي موٽائي ڏيندين؟“ هن ڏڄندي ڏڄندي لڄي ٿي پڇيو جڻ ڪيس اهو سوال نہ پڇڻ کپي.

واقعي يارو باهہ ٿي ويو، ”تو مون کي بي غيرت سمجهيو آهي ڇا؟“

ملوڪان يڪدم پيار مان ڳرانڙي پائي چيس، ”هاڻ ڪاوڙ ڍري ڪر. مون چرچو ٿي ڪيو.“

الائي ڪيترا ڏينهن گذري ويا.

هو قلعي کان هيٺ هڪڙي پوساتيل گهٽيءَ ۾ رهندا هئا. گهر تمام سوڙهو ۽ اونداهو ٿي لڳو. هوءَ زبان سان ڪانہ ڪچي پر دل ۾ چيائين، ’جيل تڏهن ههڙو هوندو!‘ ٻاهر گهٽيءَ ۾ بارن، ٽانگن، ماڻهن، گاڏين جو هُل ۽ شور ٻُڌي ٻُڌي سندس مغز جڻ ڦاٽڻ لڳو پر ٻئي ڏينهن جڏهن ياروءَ کيس هڪڙو ڪارو برقعو، سئنڊل، هڪڙو ليڊي هئملٽن جو جوڙو، پائوڊر، ڪريم ۽ هڪڙو نقلي اريڱن جو جوڙو وٺي ڏنو تڏهن هوءَ خوشيءَ ۾ نٿي ماپي. جڏهن برقعو پائي ڪيل ڏنائين، تڏهن ننڍڙي ٻار وانگر ٽپا ڏيڻ لڳي. هڪدم اعلان ڪيائين: ”بابا جن کي بہ ڪڏهن وٺي اچي ڪيل ڏيکاريندا سين نہ؟“ ياروءَ هائو ڪئي. شهر ۾ ايترا ماڻهو ايتريون شيون، ايتريون روشنيون ڏسي، هوءَ حيران ٿي ويئي. يارو کيس قسمين قسمين شيون ۽ ميوا وٺي ڏيندو هو.

پر هو گهڻو وقت شهر ۾ رهي نہ سگهيا. غير حاضريءَ سبب ماستريءَ مان جواب ملڻ بعد يارو حيدرآباد ۾ خانگي نوڪريءَ لاءِ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو پر ڪامياب نہ ٿيو. ازانسواءِ شهر ۾ هو ڪُلم ڪُلا هلڻ کان بہ ڊنو ٿي. پٽس جو فصل بہ هيل ڪونہ ٿيو هو.

Gul Hayat Institute

سو ڏيل ۾ لاچار هو. آخر هو ٽنڊي محمد خان پاسي هڪڙي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا، جتي ڪيس هڪڙي ننڍڙي زميندار وٽ سٺ رپين جي منشي گيري ملي ويئي.

جهرڪيءَ جي چرچر تي هوءَ جاڳي پيئي. ڪنڌ هيٺان ياروءَ جي ٻانهن ڪڍي، سندس مٿين ٻانهن لاهي، پاسو بدلائي، ٽنگون آجيون ڪري، پٺ ڀر ٿي ته ڪيس ٽنگن تي ٿڌ محسوس ٿيڻ لڳي. هن ٽنگ ڍگهيري، پير جي آڱوٺي ۽ وچينءَ آڱر سان هڪڙو ڪپڙو چڪي هٿ ۾ ڪيو. پوءِ پاچن جي زنانن بخين کي هٿ لائي، پڪ ڪري، پائڻ لڳي.

”يارو! يارو!“ هن ڪيس ڌونڌاڙيندي چيو. ياروءَ ڪيس آهستي ڌڪ هڻي، ”چڻ ته سهي.“ چئي، پاسو ورائي، وري سمهي پيو.

”مون کي چاهي، پلي ٻنپهرن تائين اهڙو سُتو پيو هج. پلي ماڻهو اچي ڏسنئي!“ ملوڪان ناز سان چيو. ”بي افعالو!“ هن دل ۾ پيار سان چيو. تڏهن ڪيس ياد آيو ته ڪلهه هو ٻيئي وڙهيا هئا، تمام گهڻو. هونئن ته هو هاڻ اڪثر تکو ٿيندو هو پر ڪلهه ائين ٿي لڳو ڄڻ هيءُ اهو يارو ئي ڪونه هو. ڳالهه به ڪجهه ڪانه هئي. پاڙي واريءَ مائيءَ جو پٽ بيمار هو. تنهن کي ياروءَ کان پڇڻ کان سواءِ پنجاهه رپيا اُڌارا ڏنا هئائين. مائيءَ خدا جا واسطا پئي وڌا ۽ اچي سينڌ ڏنائين ته صبح جو ڪڪڙ وڪڻي پئسا موٽائي ڏينديس. پر مائي پئسا موٽايا ڪونه. هوءَ مائيءَ سان وڙهي بيهي رهي هئي، پر مائي قسم کڻڻ لڳي ته ڪڪڙ جا پئسا اڃا مليا ئي ڪونهن.

يارو بازار تي ويو. وٽس پئسو ڪونه هو. ملوڪان کان گهريائين ته هن سڄي ڳالهه ڪري ٻُڌايس. هو باهه ٿي ويو. ”اسين ٻيڙيءَ جي ٽوٽي لاءِ پيا سٽون ڏيون ۽ هيءَ ڪنوار سخاوتون ڪندي وتي!“ ملوڪان کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس اڳي ئي هو پر ياروءَ جو اهڙو ڪڙو ڳالهائڻ ڪيس ڏکيو لڳو.

”ڪي لک ڪونه لُٽجي ويا آني. هي وٺ! وڃي وڪڻي پنهنجا رپيا لاهه.“ ياروءَ کي ايڏو ڪاوڙيل ڏسي، ٻانهن مان چانديءَ جا چوڙا لاهي ڪيس اُڇلائي ڏيندي چيائين.

ياروءَ کي ويتر خار لڳي ويا. ”هن جو دماغ ته ڏس ڪٿي آهي؟ پيڻيان اسين تو لاءِ ڪري پنهنجو اگر تگر ناس ڪري، روزگار وڃائي، گهر گهاٽ، مٽ مائٽ ڇڏي، شڪارين وانگر لڏا ڪنڌن ۾ وجهي، رُلي مئا آهيون. تو اسان کي ڪٺي پولڙو ڪري نچايو آهي. ٿوري ڳالهه تي چئجيئي ته منهن ۾ ابرڪيو اچين! ڪميني ڪنهن جاءِ جي!“

ملوڪان جو منهن ڦري ويو. واڪو ڪري چيائين، ”تون رُلي مئو آهين باقي آءُ بشت ۾ ڳر پيئي آهيان! اهڙو جي گهر گهاٽ وارو هئين ته توکي ڪنهن لاچار ته ڪونه وڌو هو. آءُ توجي پويان ته ڪانه پئي هيس.“

Gul Hayat Institute

”هاڻ وات بند ڪر نه ته هٽئين ٿو پادر ٻوٽ وارو!“
”ٻوٽ وارو پادر وڃي ما.....“ هن جي وات مان نڪري ويو ۽ پاڻ کي روڪي ئي روڪي، تنهن کان اڳ ٺڦڙ نڪاءُ ٿي ويو. پوءِ ٻيو ٺيون، چوٺون، هوءَ رُني ڪانه. البته ڳوڙها روڪي ڪانه سگهي. سڄو ڏينهن هڪٻئي سان ڪونه ڳالهايائون. رات جو سُتا ته هوءَ پاسو ورائي سمهي پيئي. ياروءَ مٿس ٻانهن رکڻ جي ڪوشش ڪئي ته اها ڏِڪي ڇڏيائين. پوءِ جڙ پنهنجي منهن چيائين: ”مون کي بابا جن وٽ ڇڏي اچ. نه ته آءُ منهن مٿو ڪٽي ويندي هلي.“
”ٺر ڏيڻ منهنجي سِر تان! صبح جو چوٿيءَ ۾ جهلي، هلي ٿو پٺهين کي ڏيو اچين!“
”هلي ڏي! پوءِ ڪٿي منهنجي قسمت. تون به وڃي مائٽن ۾ سُکي ٿيءُ.“
”آءُ ٿيان نه ٿيان، تون ته وڃي پٺهين جي هندوري ۾ لُڏ! تون خوش ته آءُ خوش!“
”ها، مون لاءِ مريو ٿو وڃين! توکي هئي به ڏينهن پنهنجي دل خوش ڪرڻي، سا ڪيئي، هاٽي...“ ڪانئس جملو پورو نه ٿي سگهيو.
يارو پاسو ورائي سمهي رهيو. ڪلاڪ گذري ويو. پوءِ ياروءَ ڪيس اُٿلائي، سندس منهن پاڻ ڏانهن ڪيو. هوءَ پاڻ کي ڇڏائڻ لاءِ ڦٿڪڻ لڳي، پر سندس زور نه هليو. ”مروان مون کي ڇڏ! دشمن! توجو مون ۾ وڃي ڇا؟“ هن ياروءَ کي خار مان رانبوٽا هڻندي ۽ چڪ وجهندي ۽ ڏڪ هڻندي چيو پر ياروءَ جي ٻانهن ۾ ٽنگن ڪيس سوگهو ڪري ڇڏيو. هوءَ هٽي هٽي نستي ٿي پيئي. ڳوڙهن جي نئن اُٿلي پيئي.
”سڄي دنيا دشمن ٿي پيئي آهي، ان جا خار تو مان نه ڪيان ته ٻُڌاءِ ڪنهن مان ڪيان؟“ ياروءَ سندس ڪن ۾ اٿاهه پيار سان پڙ پڙ ڪندي چيو.
”وڙهبو پنهنجن سان آهي يا پروان سان؟“ هن شڪايت جي نموني گهُٽيل گلي سان چيو.
Gul Hayat Institute
”توکان سواءِ ٻيو منهنجو دنيا ۾ ڪير آهي؟ تون به ٿي مون کي ستائين!“
ملوڪان جي دل تان هڪ ڳري چپ لهي ويئي. سُڏڪا جاري رهيا، پر هاڻ اهي خوشيءَ جا هئا. پرسان سُتل مرد لاءِ سندس دل ۾ پيار ۽ همدرديءَ جي اُٿل اچي ويئي.
”مون کي پنهنجي بابا جن وٽ ڇڏي اچ!“ هن ڳوڙها اُگهندي چيو.
”۽ آءُ؟“ ياروءَ پڇيو.
”تون به وڃي پنهنجي مائٽن عزيزن، ڪڙم قبيلي ۽ راڄ ڳوٺ پيڙو ٿي!“
”منهنجو مائٽ عزيز منهنجو ڪڙم قبيلو منهنجو راڄ ڳوٺ سڀ تون آهين!“ ياروءَ آهستي آهستي هڪڙو هڪڙو اکر چِٽو ڪري چيو. ملوڪان جواب ڏيڻ بدران ڪٽي ياڪر پاتس. انهن لفظن کان پوءِ هوءَ هزارين مارون ٻيون به کائڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ها.

راتوڪي ڳالهه ياد ڪري، سندس منهن تي مرڪ تري آئي. ’هھڙي رانجهن سان کھڙا ليکا؟‘ هن دل ۾ چيو. يارو سُتو رهيو. صبح جي روشنيءَ جا ڪِرڻا سندس منهن تي پئي پيا. ’الا ڪيڏو نہ لهي ويو آهي. ويچارو رُلي رُلي، ڊوڙي ڊوڙي، ڳٽتين ۾ ڳري فنا ٿي ويو آهي. ڪپڙا ڦاٽي ويا آهنس. بوٽ جو ترو بہ گسي ويو آهيس. منهن ۾ اڳوٽي مٽيا ئي ڪانهيس. اکيون ئي ڏرا ڏيئي ويون آهنس. متان وري کيس آءٌ تنگ ڪريان!‘ هن سوچيو ’هاڻي پلي ڇا بہ چئي. آءٌ جواب ڪانہ ڏيندي سانس.‘ هن دل ۾ انجام ڪيو.

هو پڪڙجڻ جي ڊپ کان هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪري نہ سگهيا. ڪيترائي ڳوٺ بدلايائون. هر هنڌ ماڻهن جون اکيون سوال پڇنديون هيون. سندن نرڙ تي ناراضگيءَ جا گهنج ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن نامعلوم دڙڪي جا آثار هوندا هئا ۽ پوءِ نيٺ جيڪي ٿيڻو هو سو ٿيو. رات پئجي ويئي. يارو گهر ڪونہ موٽيو. هو پاسي واري شهر ۾ ڪم سان ويو هو. هوءَ در وٽ بيهي بيهي، وري اندر آئي. پَٽ کي ڏوئي ڏيئي وري اچي بيٺي ۽ اتي بيٺي رهي. تان جو ڳوٺ جون روشنايون وسامي ويون، ڪُتا ڀؤنڪي ڀؤنڪي ٿَڪي پيا. ڇوڪرن جي راند جو هُل بہ ڪڏهوڪو بند ٿي ويو. فقط تارن ڀري رات هئي ۽ پاڻ هئي. ’ڪنهن دوست سان رِهاڻ ۾ لڳي ويو هوندو. ڳالهين جو شوقين تہ اڳيئي آهي، سج لهي ويو هوندس. هاڻ گس ۾ هوندو. هينئر ڊوري متي آيو هوندو. ايندي شرط چوندو. ”پيٽيان اڄ دير ٿي ويئي. ڳالهين ۾ لڳي وياسين. چڱو پلا پَٽ ڏي، جلدي ڪر، بُک مان ساهہ ٿو نڪريم.“ يا جنهن ڪم سان ويو آهي، تنهن ۾ دير ٿي ويئي آهيس. مردن جا ڪم آهن. زال تہ ڪانهي جيڪا گهر ۾ واندي ويٺي هوندي... پر ايڏي دير ڪرڻ نہ کپيس، اڄ اچي تہ ساڻس فيصلو آهي، چوانس تہ، ”آءٌ اڪيلي زال ماڻهو ڪمزور دل، نهاريو نهاريو لاچار ٿيو پوان ۽ تون ايڏنهين سنگت سان رهاڻيون ڪندو وتين.“ هن دل ۾ چيو.

پر جڏهن آڌي ٿي ويئي، تڏهن سوچيائين، ’خدا ڪري رڳو اچي نڪري، دير جو فڪر ڪونهي. اکر بہ ڪونہ چوندي سانس، رڳو الله ڪري ڪٿي ٽِڪي نہ پيو هجي! رب منهنجا، رڳو ڪٿي رات نہ رهي پوي، باقي دير سان ڀلي اچي. آءٌ ڳُڇنديس بہ ڪانہ.‘ هوءَ اچي بستري تي ويٺي. ويهندي ويهندي اچو ڏينهن ٿي ويس. سندس اکيون سُڄي پيون هيون. سَنڌ سَنڌ ۾ سُور هئس. ڳلن تي هٿ رکي ڏنائين. مچ پئي ٻريا! سڄو ڏينهن لنگهي ويو. هاڻي هوءَ وڏيڪ وقت پاڻ کي دلاسا ڏيئي ڪانہ سگهي، انديشن ۽ خوفن جا زهريلا نانگ هاڻي سندس ڇاتيءَ تي ڊوڙون پائڻ لڳا. ’مون کي ڇڏي ويو؟ نہ. ماڻتن سان ملڻ ويو. نہ! مون کي ضرور ٻُڌائي وڃي ها. واٽ ۾ ڪنهن ٻگهڙ... نہ نہ. متان ڪنهن موٽر يا ڪنهن لاريءَ هينان...



Gul Hayat Institute

رب منهنجا، منهنجا مالڪ، خير سلامتيءَ سان آڻيس. آءٌ پڇندي سانس بہ ڪانہ تہ ڪٿي هئين؟ مون کي ماري ڇڏ پر ڪيس موٽائي آڻ. مون اڪيليءَ جي آڌار کي، منهنجي سر جي تاج کي موٽائي آڻ. مون کي ڏوهن جي سزا ڏي، بيمار ڪر، جڏو ڪر، انڌو ڪر، لولو ڪر، پر هن کي ورائي مون کي ڏي. مون بي واهہ کي پرديس ۾ ڇورو متان ڪرين منهنجا مولا...' ڪيس روئندي، ٻاڪاريندي، ٻيو ڏينهن بہ لنگهي ويو. ٽئين ڏينهن بہ هوءَ اونڌو منهن ڪري لاش ٻڻي پيئي هئي. منجهس هاڻ روئڻ جي پهچ ئي ڪانہ هئي.

وچينءَ مهل هو آيا. اڳ ۾ يارو هو. ياروءَ جو منهن ڇچريل ۽ سوڄل هو. سبتيءَ اک هيٺان وڏو ڪارو داغ هوس. مڇون پٽيل هيس، هلندي پئي ٿاٻڙيو. سندس اکيون هيٺ هيون، ڄڻ تہ تارا ڪليءَ سان ٺوڪيل هئس. مٿي ٿي نٿي سگهيا. سندس منهن تي دهشت ۽ هراس ڇانيل هو. سندس پويان هڪڙو ٿلهو ڪارو ماٺهو پستول سان هو. ٻيو بندوق وارو هو. سيني ڪان پويان وڏيرو جاڙو هو.

ملوڪان دانهن ڪري وڃي ياروءَ کي ڇهتي. يارو ڄڻ ڪنهن مشين وانگر پوائتي آواز ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري چيو. "بہ ڏينهن ٽنگيو پئي مارياڻون، سچي ڪانہ ڪيم. پوءِ امان کي اُگهاڙو..."

"اڙي بس ڪر اهي ڪهاڻيون. وٺ وڏيرا رن کي چوٽيءَ کان. هاڻي پناهہ ڏيڻ وارا رن پُٽ هلي ڏيکار. سچي سچي ٻڌائج، نہ تہ وري ساڳيو حال ٿيندي!" ٿُلهي ڪاري پستول واري صوبيدار ياروءَ کي ٺُڪڙ هڻي چيو "رن، سٺڻ ۾ پونگڙا وجهون ئي ها، پر دعا ڪر وڏيري جاڙي کي، جنهن جو لحاظ اٿئون، نہ تہ تون بہ ماءُ... ياد ڪرين ها." هن ملوڪان کي ٺُڏو هڻندي چيو.

گاڏي اسٽيشن جي ويجهو پوندي وئي. 'الائي هن ٽيشن تي لاهيندا يا نہ؟ ڪهڙي خبر ٻاهران ئي ٻاهر ڪنهن جي حوالي ڪري ڇڏين. بابا جن کي خبر ئي ڪانہ پوندي. رڳو شل بابا جن مان ڪو ماٺهو مون کي ڏسي وني!' جيڪي ٿيو هو، تنهن تي هن سوچڻ نٿي چاهيو. هن ڪجهہ ڪرڻ چاهيو ٿي. هاڻ سندس وارو هو. هوءَ ياروءَ کي ضرور حاصل ڪندي. هن سڄي ڳالهہ واٽ ۾ ئي سوچي ڇڏي هئي. 'بابا کي چونديس، ڪيئن بہ ڪري هن ڳوٺ مان هلي اُتر ۾ رهون. اتي ٻنيون گهڻيون، بابا نہ مڃيو تہ ڪيئن بہ ڪري ڪيس مڃائينديس. ٻيو بابا کي چونديس تہ ڪٿان بہ اُڌارا سڌارا پئسا وٺي صوبيدار کي ڏيئي، ياروءَ کي ڇڏائي اچي. ياروءَ لاءِ بابا سر جي سٺ ڏيندو. پوءِ سڀ گڏجي هلي هيڪاندا رهنداسين.' هن سوچيو.

'بابا کي سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائينديس تہ ياروءَ سان ڪهڙا حال ٿيا آهن. مون سان ڪهڙيون جُنيون ٿيون آهن. پوءِ بابا ضرور مڃيندو. بابا منهنجي ڳالهہ



Gul Hayat Institute

ڪڏهن بہ ڪونہ موٽائيندو. رڳو خدا ڪري بابا سان گڏجڻ ڏينم.‘ انهيءَ فيصلي تي پهچڻ بعد هن جي بدن ۾ جڻ ساهہ پيو. ’ياروءَ جي ڳالهہ ٻڌي، بابا، امان، جمعو سيئي باهہ ٿي ويندا. آءٌ جڏهن لڏڻ جو چونديس تڏهن بابا ڦهريائين دل هٽندو، ٻُٽتيون پچائيندو، امان ۽ جمعو بہ ٻُڌتر ڪندا، پوءِ آخر امان منهنجو پاسو وٺندي ۽ جمعو بہ. پوءِ بابا بہ مڃيندو، ضرور مڃيندو.‘ ڪيس خبر هئي. سڀ خبر هئي. ’پر بابا چوندو، تون بنا موڪلائي ڇو وئينءَ؟‘ اوچتو ذهن جي ڪنڊ مان هزار دفعا اڳ پيدا ٿيل سوال وري پيدا ٿيو ۽ اُن جو اڳي ئي هزار دفعا سوچيل سمجهيل جواب وري اچي حاضر ٿيو.

’بابا، تون پاڻ بي وس هئين، ڇيوسين تہ، هونئن توتي متان راڄ ناراض ٿئي، تنهن ڪري پنهنجي منهن وڃي جيڪي توکي ڪرڻ نٿي ڏنائون، سو ڪيوسين. پر جي ڪٽي ناراض بہ ٿيو تہ بہ بابا جي ڪاوڙ لاهڻ آسان. ڪيس جڏهن اسان جي حالت جي خبر پوندي، تڏهن ازخود قياس اچي ويندس. مائٽ رحم جو گهڙو آهي. ائين جمعي ڪيترا جڏا ڪم ڪيا آهن، پر بہ تي ڏينهن ڪاوڙجيو وري ٺريو وڃي. مون تي تہ جمعي کان گهڻو آر آهيس. بابا مونجو ڊول آهي.‘ هن فخر مان سوچيو. ’رڳو بابا تائين پهچان سهي، پوءِ خير...‘ جيئن جيئن انهيءَ ڳالهہ تي گهڻو سوچيندي رهي، تيئن تيئن سندس اُميدون وڏيڪ مضبوط ٿينديون ويون. ’رڳو خدا ڪري بابا سان هڪ ڀيرو ملي سگهان.‘ هن دل ۾ چيو.

ڪيس اسٽيشن تي لاهي ڳوٺ ڏانهن وٺي هليا. ’هيءُ گس تہ سڌو اسان جي گهر وارو ورتو اٿن.‘ هن سرهائيءَ سان سوچيو. پوءِ جڏهن سامهون ڳوٺ جي زالن مڙدن جو ميڙ پنهنجي گهر جي اڳيان ڏنائين تہ ڪيس خاطري ٿي وئي. ’گهر!‘ هن سيني ماٿهن وچان پٽس کي سڃاڻي ورتو. پرسان ماٽس بيٺي هئي. مردن ۾ جمعو بہ هو. هوءَ ’بابا‘ چئي، پٽس ڏانهن وڌي.... ۽ پوءِ جمعي ڪيس لت هنئي. ٻانهن ٽڪر تي ويئي. هوءَ ٻاڪار ڪري پٽس کي چنبڙي پئي. ”بابا!“ هميشہ وانگر، عادت موجب، جيئن اڳي هريل هئي، ننڍي هوندي وانگر جڏهن جمعو ڪيس ماريندو هو ۽ پاڻ روئي چوندي هئي: ”بابا، بابا! مون کي جمعي مُڪون هنيون آهن.“ ۽ پٽس ڪيس مٿي تان هٿ ڦيرائي، ڀاڪر پائي، جمعي کي ڪن مان جهلي چوندو هو، ”چوڙي حرامي! ڀيڻ کي ڪو ٿو مارين؟ دلا، توجو مغز ڦريو آ. ڇا؟“

پر ڪلهہ پٽس ڪيس مٿي تان هٿ ڦيرائي، ڀاڪر پائي، جمعي کي ڪن مان ڪونہ جهليو. سندس اکين ۾ ڏڪار ۽ ڪاوڙ جا مچ هئا، جنهن کي ڏسي هوءَ ڍهلجي ويئي هئي. هن نفرت مان ڪيس ڌڪو ڏيئي، متان ٺڦڙ وهائي ڪڍي هئي. ڀڳل ٻانهن هوندي بہ ڪيس محسوس ٿيو تہ ان ٺڦڙ ڪيس لت کان وڏيڪ ايذاءُ ڏنو ۽

Gul Hayat Institute

پوءِ جمعي ڪيس ڪهاڙيءَ جو منڍ متي تي هنيو هو. هوءَ پٽ تي رت جي تلاءَ ۾ ٻُل ڏيڻ لڳي هئي. پوءِ چاچهنس وروءَ مٿان لت هنئي هيس، پوءِ؟.... ۽ پوءِ هوءَ هتي، ههڙي حالت ۾ هئي.

’ان مهل ٻه ڪنهن ڪونه ڇڏايو هيئنر ٻه ڪو ڪونه ڇڏائيندو.‘ هن سوچيو.

اوچتو هڪ عجيب خيال آيس. ’ادا جمعي کي منٿون ڪريان.‘ هن سوچيو. ’ٻچيءَ ۾ پلاند وجهي، پيرن تي سسي رکي، روئي، ليلڙاتيون ڪري چوانس: ”ادا تون منهنجو امان جو پٽ ڪونه آهين! سُنو ادا ڪونه آهين! آءٌ تنهنجي ننيڍڙي ڀيڻ ڪانه آهيان! جنهن کي تون سدائين ڪلهي تي کڻي گهمائيندو هئين. جيڪا تنهنجي آڱر جهلي، ٺڏڪ ٺڏڪ ڪري، تنهنجي پويان، ماسي حاجران جي گهران لسي وٺڻ هلندي هئي. جيڪا وڏي ٿي ته توکي پنهنجي خرچيءَ مان گڏ ڪيل پئسن مان پِٽ ۾ ٽُنگ ڪري، چار چار آنا ٻيڙين لاءِ ڪڍي ڏيندي هئي. جيڪا امان مري وڃڻ کان پوءِ توکي تولر ڪڍندي هئي، ڪپڙا ڌوئي ڏيندي هئي. جنهن کي تون وڏيري جاڙي جي ڏيءَ جنان ڏانهن نياپو پهچائڻ لاءِ موڪليندو هئي، جيڪا توتان راڳ ڪڇندي هئي.

”ادل منهنجو چوڏهين جو چنڊ. ڀيڻ پلي پلي ٿو اچي.“ جيڪا جڏهن پوليس توکي وڏيري جاڙي جي ڍڳي جي چوريءَ ۾ جهلي ويئي هئي، تڏهن تي ڏينهن تي راتيون ٻاڪاريندي رهي هئي، توکي مڃون پئي، منهن سُجائي، مار ڏيئي، مرٽينگ ڪري، گهر موڪليو هئائون. تڏهن جنهن توکي پاڙي جا پورهيا ڪري گيهه جا ڍڪ پرايا هئا ۽ راتين جون راتيون تنهنجي کٽ جي پرسان ويهي وهانئي ڇڏيون هيون. ادا، جمعا، منهنجا پاءُ مون کي جيئندان ڏي، پوءِ آءٌ توکي ڪلهوڪا ڪهاڙين جا ڌڪ، رتن جا وهيل ڪٽورا ۽ هيءَ حالت ٻه دل جان سان معاف ڪري ڇڏينديس ۽ جيئن چوندين تيئن ڪنديس.“

Gul Hayat Institute

لڙڪن جون سيرون پاٽمرادو وهي اُٿي هليون. سندس چپ ٿڙڪڻ لڳا. وات ٿورو پٽيو. چپ تاروڻءَ طرف اُيري پر سور وچان ڪانئس سُڏڪو نڪري نه سگهيو. نه، هن سوچيو. سندس اکين اڳيان ڪلهوڪو جمعو ڦري آيو. هن سوچيو ته، اهڙي شيءِ اڳ ٻه ڪٿي ڏٺي هيم. هوءَ ياد ڪرڻ لڳي ۽ ياد اچي ويس. سندس ٻلي ڏاڍي شرير هوندي هئي. روز الائي ڪٿان ڪوئا جهلي ايندي هئي. سڄو ڏينهن پئي رانديون ڪندي هئي، جاري تان ڦيهيءَ تي، ڦيهيءَ تان سندس ڪلهي تي، اتان وري ڇت ڏانهن پيئي ٽپندي هئي. هڪڙي ڏينهن هن ٻليءَ جون دانهون ٻُڌيون. ڊوڙي وڃي ڏٺائين ته ڪڙو وڏو ريڇ جهڙو ٻجر ڪُتو ٻليءَ کي دسي، رانبوٽن سان چيري رهيو هو. ڪُتي جي منهن تي هڪ عجيب. ڊيڄاريندڙ ڏِڪار ۽ خونخوار

وحشت هئي، جيڪا هن اڳي ڪنهن به شيءِ ۾ ڪانه ڏٺي هئي. پوءِ ڪيترا دفعا خواب ۾ ان بجر ڪُتي جي شڪل ڏسي ڏڄي اُٿندي هئي. ڪلهه جمعي جي شڪل ڪيس ڪيترا سال اڳ جي اها وساريل وحشي ۽ ڊِڪار ڀريل شڪل ياد اچي ويئي. اهڙي خونخوار شيءِ اڳيان ليلائڻ! هن ٽُڪ اُٿلڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٽُڪ سندس سُڄيل چپن کان ٻاهر وڃي نه سگهي.

ٻاهر ڪو ڪُتو ڀونڪي اُٿيو. ٻيو ڪُتو ڀونڪيو پوءِ ڪيترا ڪُتا ڀونڪڻ لڳا. هن جو مٿو سور کان هاڻ بلڪل ڦاٽو ٿي. کيس چپن تي ۽ گلي ۾ خشڪي محسوس ٿيڻ لڳي، ”پاڻي!“ تصور ۾ اهو سوچي هوءَ ڏڪي ويئي ته هاڻ پاڻي شايد سندس لاش کي پٽي تي نصيب ٿئي، سندس دل زور زور سان ڌڪڻ لڳي، پر پوءِ کيس پنهنجو پاڻهين سڪون اچي ويو. هن جو دماغ وري سوچڻ لڳو. جيڪڏهن سوچڻ بند ٿي ڪيائين ته بدن جي زخمن جو سور برداشت نٿي ٿي سگهيو. سوچڻ ڪري سندس ڌيان ان چرئي سور تان ڪجهه هٽي ٿي ويو. هن خوامخواه سوچيو ته جيڪڏهن جيئري رهيس ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ هن تصور ۾ پاڻ کي پوڙهي عارب جي زال 13 سال اڳ مري ويئي هئي، تنهن سان نڪاح ۾ ڏٺو.

کيس ياد آيو ته جڏهن خميسي مُلين جي ڌيءَ ٻچان، موسي ماستر سان ڀڄي ويئي هئي، تڏهن ان کي سيڪت ڏيڻ لاءِ کيس حاجي جمعي سان پرڻايو هئائون. ٻچان سڄي ڳوٺ جو نڪ هوندي هئي. اڇي اڇي جهڙي پناٽي. ليمڪ ڀريل ڪاريون ڪٽوريل اکيون، ڇيلهه تائين وار، ڪپڙي لٽي، ناهه نوهه جي شوقين. شاديءَ غميءَ تي ٻاهر منجهه نڪرندي هئي ته ماڻهن جا وات ڦاٽي ويندا هئا. حاجي جمعي سان پرڻجڻ کان پوءِ ٻارهن مهينن ۾ ڇوَ ته الائجي ڇا مان ڇا ٿي ويو. سڄي سڙي سُڪي ڪاراٽجي ويئي. مُنهن جا هڏ نڪري آيس، ڏيرن ماري ماري، منهن مٿا ڀڃي پٽ ڪري ڇڏيس. اها ٻچان ڏسيو ماڻهن کان هاءِ نڪري ٿي ويئي. سيڪا چوندي هئي، ”بس امان قسمت!“ عارب سان گڏ سمهڻ جو تصور ايندي ئي سندس لڱ ڀِڙ ڪراهت ۽ نفرت وچان ڪانڊارجي ويا. بار بار کيس هڪ ڀوائتي ڪُتي جون خونخوار نظرون پاڻ کي ڏاڙهيندڙيون نظر آيون.

هن هڪ هڏن جي ڀڃري کي گهڙا مٿي تي ڪٽي هلندو ڏٺو. جنهن جا بغل ڦاٽل هئا. ڀير هلندي هلندي ٿاٻڙيا پئي. زالن کيس ڏسي پاڻ ۾ سُس پُس ڪري پئي ڇيو. ”امان شل نه ڪنهن جو ڀاڳ ڦِٽي!“ هن محسوس ڪيو ته اج کان پوءِ هوءَ ڪڏهن ڪنهن کي سچي دل سان ادا ۽ ابا سمجهي نه سگهندي. هوءَ ڪنهن مٺل ڀوت وانگر هيڏي هوڏي ڀٽڪندي رهندي ۽ پوءِ جنهن تصوير کي هن در دروازا ڏيئي، ڪلفن ۾ بند ڪري ڇڏيو هو سا اوچتو در دروازا ڀڃي، ڪلف ٽوڙي سندس

سامهون اچي بيٺي. چڇريل ۽ سوڙل منهن. اک هينئان وڏو ڪارو داغ. هيٺ ڪُتل اکيون ۽ اهو غيرانساني ڀوائتو آواز. ’ٻه ڏينهن ٽنگي پئي ماريائون، سچي ڪانه ڪيم. پوءِ امان کي اُگهاڙو...‘ هوءَ وڌيڪ سوچي نه سگهي. هن وڌيڪ سوچڻ نٿي چاهيو ۽ سندس دل مان جيئڻ جو چاهه ۽ مرڻ جو ڊپ صفا ختم ٿي ويو. اوچتو در کُلي پيو. سندس دل جي ڌڙڪ رُڪجي ويئي. هن پنهنجي بدن کي سيٽي، ڪهاڙيءَ جي ڌڪ لاءِ تيار ڪيو. هن پنهنجي بدن ۽ روح ۾ موت کي گهڙندي محسوس ڪيو. ڪو اندر گهڙي آيو.

”ڇوري ڪيئن آهين؟“ هن پٽس جو هٿ پنهنجي مٿي تي ڦرندو محسوس ڪيو. سندس روح مان گونگي ريهه نڪتي، ”بابا!“ هن سُڏڪا ڀري چوڻ چاهيو ”بابا! تو مون کي ڇو ماريو؟ بابا؟ بابا!“

”مائٽ کي لعنت آهي ابا!“ پٽس آهستي چيو ”ننگ جهڙي ڳالهه آهي، نه ته...“ سندس گلو ڀرجي آيو. پوءِ هو ڀڻ ڀڻ ڪندو ڪجهه چوندو رهيو پر هن ڪجهه ڪونه ٻڌو. ’سڀ ڪوڙ‘ هن سوچيو ’سڀ ڪوڙ! ڏکيءَ مهل زال ذات جو ڪهڙو ڀيءُ ڪهڙي ماءُ‘ ڪيس ائين لڳو ڄڻ هن جهان ۾ هوءَ اڪيلي آهي. چوڌاري رات ئي رات آهي. الائي ڇو روح تي ان خوفناڪ رات پئجي وڃڻ ڪري هوءَ عجيب سڪون محسوس ڪرڻ لڳي. ڪيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ پاڻ ڪا ٻي آهي ۽ هيءَ تڏي تي پيل، ڦٽيل ۽ سُڄيل، بدن چڇريل ۽ زخميل روح واري ڇوڪري ڪا ٻي آهي. ڪيس اُن ڇوڪريءَ تي ڏاڍو قياس اچڻ لڳو ’ڏاڍي ٽڪي پئي هوندي ويچاري،‘ هن سوچيو ’سمهي رهه ملوڪان، ادي سمهي پئو!‘ هن دل ئي دل ۾ همدرديءَ سان اُن ڇوڪريءَ کي چيو ۽ ڇوڪريءَ جو بدن ڍلو ٿيڻ لڳو. ڪيس ننڊ اچڻ لڳي.

”پاڻ کي گهڻو جهليم گهڻو جهليم، پر مائٽ جي دل نه رهي. پاڙين کان لڪي آيو آهيان. مون کي معاف ڪر، ڇوري! ابا! ملوڪان!“

Gul Hayat Institute

# نظريہ اسلامستان

[گذريل مهيني 8 جون 1990ع تي، دولت خداداد اسلامستان جي ڏهين سالگرهہ جي موقعي تي، اسلامستان جي مردِ آهن، قائدِ اسلام، حضرت ”ناتوان لکنوي“ آمريڪا جي مشهور اخبار ”نيويارڪ ٽائمز“ جي نمائندي ”پيٽر هئز لهرٽ“ کي هڪ تاريخي انٽرويو عنايت ڪيو جنهن ۾ قائدِ اسلام، اسلامستان جي فلسفي، نظريہ ۽ مقصدن تي پرپور روشني وڌي. اسين نهايت فخر سان قائدِ اسلام جي منظوري ۽ نيويارڪ ٽائمز جي شڪريہ سان مذڪور تاريخي انٽرويو جو ترجمو قارئين ”هلال اسلام“ جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. 7 جولاءِ 1990ع، ايڊيٽر هلالِ اسلام، دهلي جديد.]

پيٽر: اڄ مملڪتِ خداداد اسلامستان کي قائم ٿئي ڏهہ سال پورا ٿيا آهن. اسلامستان جي تصور، نظريہ ۽ تاريخ بابت سوين ۽ هزارين ڪتاب لکجي چڪا آهن، پر نيويارڪ ٽائيمز جا پڙهندڙ اسلامستان جي ڪهاڻي توهان جي واتان ٻڌڻ چاهين ٿا؟

قائدِاسلام: اڄ جنهن بهشت جي ٽُڪري، کي اسين دولت خداداد اسلامستان چئون ٿا، سو1980ع کان اڳ هڪ اونداهو ۽ ويران رڻ پٽ هوندو هو جنهن ۾ گهڻي ياڳي جانور ۽ بلائون رهنديون هيون.

پيٽر: اڇا!

قائدِ اسلام: جي. فقط ايڪڙ ٻيڪڙ هنڌن تي ڪي قديم غيرمهذب وحشي قبيلا رهندا هئا. ڪٿي ڪٿي ننڍڙا ڳوٺ بہ هئا، جن کي وحشي ماڻهو پنهنجا شهر سڏيندا هئا. پوک لاءِ تہ ڇهيو پر پيئڻ لاءِ بہ پاڻي ڪونہ ملندو هو. تنهن ڪري پوک جو نالو نشان بہ ڪونہ هو.

Gul Hayat Institute

پيٽر: واقعي! پر معاف ڪجو...

قائدِ اسلام: توهان کي حيرت ٿي آهي، واقعي آهي بہ حيرت جهڙي ڳالهہ. اسلامستان جي هڙن عاليشان جرڪندڙ شهرن ۽ شاندار بنين کي ڏسي ڪير اعتبار ڪندو تہ هيءُ ساڳيو اهو ويران رڻُ پٽ آهي. جنهن ۾ ٿورا سال اڳ گدڙ اونايون ڏيندا هئا. اسلامستان جي حيرت انگيز ترقي هن صديءَ جو سڀ کان وڏو واقعو آهي.

پيٽر: توهان بجا فرمايو ٿا، پر مون کان شايد ڪٿي سمجهڻ ۾ ڪا غلطي ٿي آهي. ڇا توهان واقعي چيو تہ هتي اڳ رڳو رڻُ هو؟

قائدِ اسلام: جي بلڪل.

پيٽر: ۽ هتي رڳو جهنگلي ماڻهُو رهندا هئا؟

قائدِ اسلام: بلڪل.

پيٽر: ۽ ... ۽ هتي پاڻي بہ ڪونہ هو ۽ شهر بہ ڪونہ هئا؟

قائدِ اسلام: اصل نہ. مثال طور اسلامستان جو هيءُ تخت گاهہ دهلي جديد، جنهن تي سڄي ايشيا فخر ڪري ٿي، سو ۽ هوڏانهن نئون لکنؤ، الهہ آباد ثاني ۽ نئون آگرو، اهي سڀ اڳي گمنام ڳوٺڙا هئا...

پيٽر: پر اهي تہ جڳ مشهور تاريخي شهر قاهره، بغداد، دمشق ۽ بيت المقدس آهن، جن تي اوهان نوان نالا رکيا آهن!

قائدِ اسلام: ٿي سگهي ٿو تہ مقامي جهنگلي پنهنجن اڳوڻن ڳوٺڙن کي شايد قاهره وغيره جهڙن ڪِلِ جهڙن نالن سان سڏيندا هجن.

پيٽر: انهن جا نالا هاڻي برابر بيا آهن، پر اهي اسلامستان کان اڳ بہ سڄيءَ دُنيا ۾ مشهور شهر هئا.

قائدِ اسلام: اها اسلامستان جي دشمنن جي پروپيگنڊا آهي. اڳ هتي ڪوبہ شهر ڪونہ هو.

پيٽر: اڇا! ڀلا توهان چيو تہ هتي پاڻي ڪونہ هو. اسان پڙهيو آهي تہ هن علائقي ۾ هزارين سالن کان نيل، فرات ۽ دجلہ جهڙيون زبردست نديون وهنديون آهن. اُهي ڪيڏانهن ويون؟

قائدِ اسلام: معاف ڪجو مون کي، قديم جاگرافيءَ سان ايتري گهري دلچسپي ڪانهي. ٿي سگهي ٿو تہ هتي اسلامستان کان اڳ ڪي برساتي نيون وغيره وهنديون هجن، جن جا اهڙا واهيات نالا هجن. بهرحال هينئر اسان ئي عظيم الشان درياهہ وهايا آهن. يعني نئين گنگا، نئين جمنا ۽ نوتوان ندي، جا هن خاڪسار جي نالي پنيان سڏجي ٿي.

Gul Hayat Institute

پيٽر: منهنجي خيال ۾ اها اڃي نيل ندي سڌيي هئي؟
قائدِ اسلام: مون اڳ ئي عرض ڪيو آهي تہ اڃي هتي ڪابہ ندي ڪانہ هئي.
پيٽر: جيڪڏهن آءٌ ڪا غلط ڳالهہ ڪريان تہ مون کي معاف ڪجو. بهرحال، آءٌ فقط وضاحت چاهيان ٿو. تاريخ ۾ اسان اهو پڙهيو آهي، تہ جنهن علائقي جو نالو اسلامستان رکيو ويو آهي، سو عراق، شام، مصر ۽ فلسطين جي مشهور ملڪن کي گڏي هڪڙو ملڪ بڻايو ويو آهي. انهيءَ اتحاد جي تحريڪ عرب اڳواڻن صدر ناصر، صدر سادات، ڪرنل معمر القذافي، ياسر عرفات ۽ ٻين عرب اڳواڻن جي اڳواڻيءَ هيٺ هلائي وئي ۽ هڪ لمبي جدوجهد ڪانپوءِ فلسطين کي آزاد ڪرائي هڪ يڪي عرب رياست ٺاهي وئي. جنهن تي پوءِ اوهان ٻهار مان آيل مهاجرن اسلامستان نالو رکيو.
قائدِ اسلام: (مُرڪي) منهنجي خيال ۾ في الحال ايترين غلط بيانين ڪافي آهن. دنيا کي خبر آهي تہ اسلامستان1980ع ۾ ٺهيو. ان کان اڳ هتي ڪجهہ بہ ڪونہ هو. ناصر، سادات ۽ ٻيا مقامي ماڻهو جن جا عجيب نالا توهان ورتا، اهي ايڏيون وڏيون ڳالهيون سوچي بہ نٿي سگهيا. تاريخ گواهہ آهي تہ جڳ مشهور اسلامي مفڪر حضرت وهي وهانوي اسلامستان جو خواب ڏٺو. حضرت ظريف جبلپوريءَ ان جو تصور پيش ڪيو. حضرت نقش فرياديءَ ان تصور جي تصوير چِٽي. حضرت بيانبازي ان جي حمايت ۾ تقرير جا شعلا ڀڙڪايا. حضرت ترت تماشائيءَ ان جي حمايت ۾ مظاهرن جو انتظام ڪيو ۽ پنج لک اردو پرستن هن حقير فقير جي اڳواڻيءَ هيٺ مشرقي پاڪستان مان هجرت ڪري اچي اسلامستان بڻايو.
پيٽر: اڇا!.... خير وڏي ڪمال جي ڳالهہ آهي جو توهان عربن جهڙي سرڪش قوم جي اڳواڻي حاصل ڪري سگهيا آهيو.
Gul Hayat Institute
قائدِ اسلام: پيٽر صاحب! معاف ڪجو. توهان اسلامستان جي قانون جي زد ۾ اچي رهيا آهيو. توهان کي معلوم هجي تہ اسلامستان ۾ ”عرب“ ۽ ”قوم“ جا لفظ ممنون ٺهرايا ويا آهن... پر خوشقسمتيءَ سان اسان کي پاڪستان تي قبضو ڪرڻ... منهنجو مطلب آهي ان کي پاڪ بنائڻ جو وسيع تجربو هو.
پيٽر: جي ها! پاڪستان تي قبضي ڪرڻ ۾ واقعي توهان جي ماڻهن ڪمال ڪيو.
قائدِ اسلام: اها اوهان جي زره نوازي آهي! بهرحال، اسان کي مشرقي پاڪستان ۾ اسان جي مظلوميت واري ڳالهہ ڪم آئي. مقامي جاهل وحشي اسان جي مظلوميت جا قصا ٻُڌي چڪر ۾ اچي ويا، ۽ اسان کي پاڻ وٽ اچي پناهہ وٺڻ

جي دعوت ڏنائون. ڇتن پنهنجي وڏيڪ معتبري ڏيکارڻ ۽ اسان تي رُعبُ وجهڻ لاءِ اسان جون دعوتون ۽ مهمانيون ڪيون. پنهنجا گهر ۽ ڳوٺ اسان کي رهڻ لاءِ ڏنائون. پوءِ توهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا.

پيٽر: جي ها! توهان ٻن سالن اندر پنجاهہ لک ٿي ويا.

قائدِ اسلام: جي ها. هر ڪنهن پنهنجا مائٽ عزيز ۽ واقف گهرايا... پر پوءِ بہ ڪافي محنت ڪرڻي پئي. مقامي ڇتن جي خوشامد ۽ تعريف جا درياهہ واهڻا پيا. ڪين اردوداني جا سرٽيفڪيٽ ڏيڻا پيا. رڍ جهڙن ڍڳڻن ماڻهن کي بگهڙن، چيتن، شينهن، هاٿين ۽ گينڊن جا رُعبدار لقب ڏيڻا پيا. مطلب تہ ڇا ڇا نہ ڪرڻو پيو! نيٺ خدا جي فضل و ڪرم سان ڪوششون ثاب پيون ۽ مقامي جاهل پاڻ ۾ اهڙو وڙهي پيا جو لاچار ملڪ جي سالميت، بقا ۽ سندس نظرياتي سرحدن جي حفاظت لاءِ حڪومت جو سڄو بار اسان کي کڻڻو پيو.

پيٽر: معاف ڪجو اهي نظرياتي سرحدون ڇا آهن؟

قائدِ اسلام: اها اسان جي سياسي ۽ نظرياتي ايجاد آهي. جنهن جو راز فاش ڪرڻ في الحال ملڪي مصلحتن جي خلاف آهي.

پيٽر: جناب قائدِ اسلام، آءٌ منهنجي اخبار ۽ ان جا پڙهندڙ اوهان جي هن حقيقت افروز انٽرويوءَ لاءِ توهان جا بيحد ٿورائتا آهن. هاڻي مهرباني ڪري هڪ ٻئي مسئلي تي ڪجهہ روشني وجهندا. هتي جي مقامي ماڻهن کان ٻُڌجي ٿو تہ ڪين کي شڪايتون آهن. سندن چوڻ آهي تہ سندن زمينون، ڏنڊا، ٻولي ۽ ثقافتون کسيا ويا آهن؟

قائدِ اسلام: اها يهودين ۽ سندن شرپسند ايجنٽن جي پروپيگنڊا آهي. سرزمين اسلامستان خدائي امانت آهي، جيڪا سنڀال لاءِ ڪجهہ وقت مقامي ماڻهن جي حوالي هئي. هندستان مان اسان مهاجرن جي اچڻ بعد اها امانت صحيح وارثن کي ڪليمن تي ڏني ويئي، ۽ مقامي ماڻهن کي امانت جي ڀري بار کان آجو ڪيو ويو. اسلامستان جي حڪومت قومي اتحاد، استحڪام، اسلامي عدل ۽ انقلابي سُڌارن جي علمبردار آهي. حڪومت جي نظر ۾ مقامي ۽ مهاجرن جو فرق رکندڙ غدار آهن. اسلامستان جا سڀ باشندا هڪجهڙا آهن، سڀ مهاجر آهن. انهيءَ قومي مقصد خاطر ئي مقامي ماڻهن کي سندن مال ملڪيت ۽ گهرن کان آجو ڪري، ڳوٺن شهرن مان ڪڍي صحرائن ڏانهن موڪليو ويو آهي، تہ جيئن اهي بہ مهاجر سڏائڻ جا هڪجهڙا حقدار ٿي سگهن. چنانچہ هو وڏي فخر وچان پاڻ کي نوان سنڌي سڏائين پيا.

ٻوليءَ بابت ڪنهن بہ قسم جو فرق، زيادتي، مجبوري يا پابندي ڪانهي. هر ڪو آزاديءَ سان اردو ڳالهائي لکي پڙهي سگهي ٿو. مقامي ماڻهن کي تازو مشاعرن ۾ شامل ٿيڻ ۽ شعراءِ ڪرام کي داد ڏيڻ جو بہ حق ڏنو ويو آهي. اردو بابت ڪا بہ زبردستي ڪانهي. جيڪو اردو نٿو ڳالهائي سگهي، تنهن کي تازن لساني اصلاحن ۾ چپ رهڻ جو مڪمل حق ڏنو ويو آهي. اردو نہ ڳالهائي سگهڻ جي ڏوهہ ۾ جيڪي مجرم سزائون ڪاٽي رهيا آهن، تن سڀني جون سزائون اڌو اڌ گهٽائڻ جو مون تازو اعلان ڪيو آهي. جن جون اڌ سزائون پوريون ٿيون تن کي آزاد ڪيو ويو آهي.

جيتري قدر مقامي جاهلن جي عربي لهجي ۾ ڳالهائڻ تي قانوني بندش جو تعلق آهي، تہ تجرباتي طور ڇهن مهينن لاءِ رات جو 12 وڳي ڪانپوءِ صبح جو 5 وڳي تائين پنهنجي گهر ۾ مقامي عربي لهجي ۾ ڳالهائڻ وارن تي ڪوبہ قدم نہ کنيو ويندو. توقع آهي تہ انهيءَ عرصي اندر هو ايتري اردو سِکي وٺندا جو گهرن ۾ نظريہ اسلامستان ۽ ملڪي قانونن جي پڪڙي ڪرڻ کان بچي پوندا.

جيتري قدر نوڪرين جو تعلق آهي، ان سلسلي ۾ ڪوبہ فرق روا نہ رکيو ويو آهي. اسلامستان هڪ ترقي پذير معاشري کي جنم ڏنو آهي، جنهن ۾ هر شخص پنهنجي صلاحيتن جو جوهر ڏيکاري گڏيل خوشحاليءَ ۾ هڪ جهڙو ڀائيوار ٿي سگهي ٿو.

نوان مهاجر عرف سابق مقامي ماڻهُو باوجود علمي طرح پوئتي هئڻ جي نهايت اعليٰ صلاحيتن ۽ لياقتن جا مالڪ آهن، جن جي اظهار جو کين ڀرپور موقعو ڏنو ويو آهي. مثال طور: سابق مقامي ماڻهُو بهترين ميزبان، اعليٰ درجي جا شتربان، باڪمال ڪاتير، هوشيار گڏهيون چاريندڙ... ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ لائق ۽ فرمانبردار ڪُڙم جا وَيري آهن. تنهن ڪري اهي ڌنڌا ملڪ جي سابق مقامي ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن هڪ طرف نوان مهاجر عرف سابق مقامي ماڻهُو اصلي مهاجرن لاءِ مخصوص ڪيل چند ڌنڌا ملڪ جي سابق مقامي ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن هڪ طرف نوان مهاجر عرف سابق مقامي ماڻهو اصلي مهاجرن لاءِ مخصوص ڪيل چند ڌنڌا نٿا ڪري سگهن. تہ ٻئي پاسي اصلي مهاجر بہ نون مهاجرن يا سابق مقامي ماڻهن لاءِ مخصوص ٿيل ڌنڌن ۾ هٿ وجهي نٿا سگهن. مثال طور: ڪوبہ مقامي ماڻهُو سرڪاري ملازم، واپاري، وڪيل، ڊاڪٽر، آبادگار، مل مزدور، اخبار نويس، گورنر، وزير يا صدر وغيره جا چند مخصوص ڌنڌا قانوني طور نٿو ڪري سگهي، تہ ساڳئي وقت اصلي مهاجر وري ڪاتيرن، گڏهيون چاريندڙن ۽ بار ڍوئيندڙن، ڪُڙم جي ويرين جي پيشن ۽ ڪاروبارن ۾ دست اندازي نٿا ڪري سگهن. مطلب تہ اسلامستان جي فلسفہ

Gul Hayat Institute

مساوات ۽ اسلامي عدل کي پوريءَ ريت نافذ ڪيو ويو آهي تہ جيئن هرڪو پنهنجي پيداشي صلاحيتن کان ڪم وٺي اسلامستان جي مملڪت خداداد کي گل و گلزار بنائي.

پيٽر: مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ جيتوڻيڪ قرآن اسان جي عربي ٻوليءَ ۾ لٿو. اسلام جو پيغمبر اسان منجهان هو. اسلام پهريائين اسان وٽ آيو ۽ اسان ئي اهو دُنيا ۾ ڦهلايو. اسلام جا مقدس شهر اسان جي ملڪ ۾ آهن. تہ بہ اسلامستان جي حڪومت ۾ اسان کي مسلمان نٿو ليکيو وڃي؟

قائدِ اسلام: ممڪن آهي تہ ڪي مقامي شرپسند ۽ يهودي ايجنٽ انهيءَ يهودي پروپيگنڊا کي ڦهلائيندا هجن. انهيءَ پروپيگنڊا جو جواب اسان جي پريس ۽ ريڊيو وغيره بار بار ڏيئي چڪا آهن. تڏهن بہ آءٌ هڪ دفعو وري بہ دُنيا اڳيان وضاحت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پهرين ڳالهہ تہ عربيءَ نالي دُنيا ۾ ڪا بہ ٻولي ڪانهي...

پيٽر: جي!؟

قائدِ اسلام: مون عرض ڪيو تہ عربيءَ نالي دُنيا ۾ ڪا بہ ٻولي ڪانهي. لکنؤ جي آسپاس جي هڪ ديهاتي علائقن جا ماڻهو اردو ڳالهائڻ ۾ 'اري بهئي، اري بهئي' جو تڪيہ ڪلام گهڻو استعمال ڪندا آهن. انهيءَ تڪيہ ڪلام سبب سندن اردو لهجي کي 'اري بهئي' لهجو سڏيو ويندو آهي. جو لفظ پوءِ ڪثرت سان استعمال ٿيڻ سبب بگڙجندو اربي يا عربي لهجو ٿي پيو. اها آهي حقيقت. جنهن کي يهودي پروپيگنڊا بازن ڦيرائي هڪ ٻولي بڻائي وڌو آهي.

پيٽر: اڇا!.... پر... پر.... پيغمبر اسلام کي بہ تہ شايد رسول عربي سڏيو ويندو آهي. اسان پڙهيو آهي تہ پاڻ عرب شهر مڪيءَ ۾ ڄاوا ۽ مديني ۾ رهيا. اهي شهر بہ تہ عرب شهر آهن نہ....

قائدِ اسلام: اوهان شايد اردو پريس جي تازي تحقيقات جو گهٽ مطالعو ڪيو آهي. ان تازي تحقيقات مطابق مڪو ۽ مدينو دراصل اَوڌ جي پهاڙي علائقي جا بہ قديم شهر هئا. جتي پاڻ سڳورا تولد ٿيا ۽ رهيا. ممڪن آهي تہ هتي جي مقامي وحشي قبيلن انهن شهرن جي هاڪ ٻُڌي، پنهنجي رڻ پٽ جي بستين تي بہ اها نالا لکيا هجن. باقي رهيو رسول پاڪ کي غير اردو علائقي جو باشندو سڏڻ جو سوال، سو جناب پيٽر صاحب، ڪوبہ مسلمان ۽ اسلامستان جو اصلي مهاجر باشندو رسول پاڪ جي شان ۾ اها گستاخي ۽ توهين هرگز برداشت نہ ڪري سگهندو. اسان ناموس رسول تان سِر ڪٽائڻ وارا غلام اهڙين ذليل تهمتن هڻڻ واري جي زبان تارونءَ کان ڇڪي ڪپي ڇڏيندا آهيون....

Gul Hayat Institute

پيٽر: معاف ڪجو، مون کي پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ تي بيحد ندامت ۽ شرم آهي. اميد ته توهان منهنجي جهالت کي نظرانداز ۽ معاف ڪندؤ..

قائدِ اسلام: جناب اسين مهذب ۽ شائسته قوم آهيون. اسان توهان کي نه، پر شرپسندن ۽ يهودي ايجنٽن کي مجرم سمجهون ٿا. هونئن به نقل ڪفر، ڪفر نه باشد.

پيٽر: ڀلا خير، ٻيو نه ته به هتي جا ماڻهُو اصل کان وٺي مسلمان ته آهن نه....

قائدِ اسلام: پيٽر صاحب توهان به واقعي ڪمال ٿا ڪريو! جڏهن اجا هتي نظريه اسلامستان ۽ مملڪت اسلامستان ئي ڪونه ٺهيا هئا. اجا اسان هجرت ڪري هتي آباد ئي ڪونه هئاسين، ته پوءِ هتي اسلام ڪٿان آيو. جو هتي جا ماڻهُو اصل کان مسلمان هجن؟

پيٽر: جناب قائد اسلام مون کي خبر نٿي پوي ته ڪهڙو سوال پڇان ڪهڙو نه پڇان! اسان ماڻهُو ڪيترا نه اڻ ڄاڻ آهيون!.... ڀلا هاڻ جڏهن اسلامستان ٺهيو آهي ۽ توهان خيرن سان هجرت فرمائي هتي تشريف فرما ٿيا آهيو تڏهن ته ڀلا هو مسلمان ٿيا نه؟

قائدِ اسلام: جناب هاڻ توهان خود مون کي حيرت ۾ ٿا وجهو! توهان جي ملڪ آمريڪا ۾ سوين سالن جي گڏ رهڻ ڪانپوءِ به گهڻا ريڊ انڊين وحشي ۽ گهڻا ڪارا شيدي بدلجي مهذب گورا نه ٿي سگهيا آهن. ان جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ رڳو گذريل ڏهن سالن جي قليل عرصي ۾ سوين مقامي وحشي پورا مسلمان تسليم ٿي چڪا آهن. هزارين وحشين کي اڌ مسلمان ۽ انهن کان ٽيڻن کي پاءُ مسلمان جون سَندون ملي چڪيون آهن.

پيٽر: پاءُ مسلمان؟ سَندون؟

قائدِ اسلام: ظاهر آهي ته هرڪو لَلُو پنجُو ته مسلمان ٿي نٿو سگهي! تنهن ڪانسواءِ جي ڪنهن ۾ ڪٽي اهڙيون لياقتون هجن به، ته به ماڻهُو هڪڙي ڏينهن ۾ ته مسلمانيءَ جو سڄو ڪورس پاس ڪري ڪونه سگهندو.

پيٽر: اڇا! واقعي.... بجا فرمايو ٿا. ڀلا مسلمانيءَ جي ڪورس ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪم شامل آهن؟

قائدِ اسلام: اهو ڪورس هرو ڀرو ايڏو لمبو چوڙهو ڪونهي. بس اردو ٻولي ۽ ادب لکنوي انداز بيان، ٻوليءَ جي ثقافت، مغل درٻارين جي تهذيب تي مڪمل عبور ۽ قدرت هجڻ کپي. مثال طور: جيڪو مقامي ماڻهو عرف نئون مهاجر پان ٺاهڻ جا 72 طريقا، فرشي سلام جا 63 قسم، چوڙيدار پاجامن جون 32 طرزون، نڙيءَ مان اردو اُچار ڪڍڻ جا 163 نمونا، نمري ۽ دادري جا 420 پَلٽا، مني پور ناچ جون 117 ڦيريون پائڻ سکي وڃي ٿو. تنهن کي اسين هڪدم پاءُ مسلمان ڪريون ٿا ۽

Gul Hayat Institute

باقاعدي ڪيس اهڙي سَند ملي ٿي. مڪمل مسلمان ٿيڻ جو ڪورس البت ڪجھ وڏيرڙو ۽ ڪجھ وڌيڪ ڏکيرڙو آهي، پر ڪو واقعي ذهين ۽ محنتي ماڻهُو ڏهاڪو کن سال لڳاتار محنت ۽ جانفشاني ڪري ته ڪو سبب ناهي جو ڪيس ڪاميابي نصيب نہ ٿئي. هيستائين سڄا سارا 203 ماڻهُو مسلمانيءَ جو فل ڪورس پاس ڪري مسلمان سڏائڻ جو مڪمل حق حاصل ڪري چڪا آهن. بهرحال سڀ ڪجھ ماڻهوءَ جي محنت ۽ ڪوشش جو ڪم آهي.

پيٽر: برابر، هاڻي پلا آئيندي جي پروگرام تي ڪجھ روشني وجهندا؟

قائدِ اسلام: اسان جي آئيندي جو پروگرام سڄيءَ دُنيا کي معلوم آهي — انسان ذات کي متحد ۽ منظم ڪرڻ، انسانيت جو شان بلند ڪرڻ ۽ اسلامي تهذيب کي عام ڪرڻ.

پيٽر: انهيءَ سلسلي ۾ ڪي نوس قدم؟

قائدِ اسلام: اسان دُنيا جي ڪيترن ملڪن لاءِ نظريا تيار ڪري ورتا آهن. ڪن لاءِ ڪري رهيا آهيون. مثال طور: نظريہ ايران ۽ نظريہ افغانستان تيار ٿي چڪا آهن. انهن ٻنهي نظرين جا خواب بہ ڏسجي چڪا آهن ۽ تصور بہ پيش ٿي ويا آهن. هاڻ رڳو آخري منزل وڃي رهي آهي يعني مظلوم ۽ قُريل لُٽيل مهاجرن جي هجرت جي. سو عنقريب پاڪستان ۾ رهندڙ اسان جا ماڻهُو پنهنجي هم وطنن سان فساد شروع ڪرڻ وارا آهن. انشاءَ الله تعاليٰ سال اندر خونريز دنگا شروع ٿي ويندا ۽ اسان جا 'قُريل لُٽيل مظلوم' جا قافلا رٽيل ملڪن ڏانهن هجرت شروع ڪندا.

پيٽر: اتحاد بہ هميشہ جي دستور موجب....

قائدِ اسلام: جي ها! بس ڪِليم، جاين ۽ زمين جون الاٽمينٽون، نظريہ افغانستان ۽ ايران جو پرچار، نظرياتي سرحدن جي حفاظت ۽ نيٺ سڄي ملڪ جي ذمي واري کڻڻ.

Gul Hayat Institute

پيٽر: جي ها، مون سمجهيو... پلا روس ۽ آمريڪا بابت توهان جا ڪهڙا خيال آهن؟

قائدِ اسلام: چڱو ٿيو جو ياد ڏياريو. توهان کي مبارڪ هجي جو نظريہ آمريڪا بہ تيار ٿي چڪو آهي، بلڪ ان تي عمل بہ ٿي چڪو آهي. توهان قائد آمريڪا جناب فساد الله آبادي جو واشنگٽن ۾ ڏنل ڪلهوڪو پريس بيان پڙهيو آهي؟

پيٽر: اهو صاحب انهن 5 هزار بِهاري مهاجرن مان تہ ناهي، جيڪي آمريڪا سرڪار آمريڪا ۾ اچڻ ڏنا هئا...

قائدِ اسلام: جي ها، فرمايو اٿن تہ آمريڪا کي ريڊ انڊين شيدين سان اندروني ۽ ڪيوبا، ميڪسيڪو ۽ ڪئناڊا مان ٻاهريون خطرو آهي. اڌ لک مهاجر آمريڪي

پنهنجي خون جي آخري قطري تائين آمريڪا جي نظرياتي سرحدن جي حفاظت ڪندا ۽ غدارن، وطن دشمنن ۽ ڏارين جي ايجنٽن جي پاڙپٽي ڇڏيندا.

پيٽر: ڇئبو ته نظريه آمريڪا به ٿهي ويو ۽ قائدِ آمريڪا به بنجي ويو!... تمام سُٺو. مون کي خبر ئي ڪانه پئي ته هيترو سارو ڪم ٿي ويو!

قائدِ اسلام: توهان کي اجا گهڻيون خبرون ناهن، پيٽر صاحب! مثال طور: توهان کي خبر آهي، ته توهان اجوڪي ڏينهن ۾ ڇا ٿي ويا آهيو؟

پيٽر: جي نه!؟

قائدِ اسلام: توهان جو نالو اڄ صرف جناب پيٽر هئز لهرٽ آهي. سياڻي ڪان اسلامستان جي سموري پريس، ريڊيو ۽ ٽيليويزن توهان کي توهان جي نئين نالي ۽ لقب سان ياد ڪندا. اڄ ڪانپوءِ توهان جو سچو نالو آهي- رئيس الانصار، شيرِ آمريڪا، حڪيم الامر، دانائي مغرب، حضرت بطرس النيوپارڪي دامه اقباله!.... ڪيڏانهن ڪيڏانهن؟

پيٽر: معاف ڪجو! مون کي مٿي ۾ چڪر اچي ويو آهي.... آءٌ هلان ٿو..

قائدِ اسلام: ترسو! ترسو! اجا منهنجو ڪلام ڪٿي پُڏو اَٿوَ؟ ترسو! اڙي! حضرت پطرس کي روڪيو!.......

(نيويارڪ ٽائمز تاريخ 1 جولاءِ 1990ع تان ورتل)

(ماهوار سهڻي 1972ع)

Gul Hayat Institute

# سچ جو ڏينهن

دل، گردي ۽ ڦڦڙن بدلائڻ جي ڪامياب آپريشن ڪان پوءِ دنيا جي چوٽيءَ جي سائنسدانن جي ذهنن ۾ هڪ اچا ٻه انوکي ۽ انقلابي ايجاد ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو! ڇا ائين ممڪن نہ آهي تہ، ڪا اهڙي دوا ايجاد ڪجي، جنهن جي ڪارائڻ سان ماڻهن جو ذهن بدلجي وڃي؟

مثلاً، ڪو ڪنجوس آهي تہ ان دوا جي استعمال سان سخي ٿي پوي، گيدي بهادر ٿي پوي، شرابي پرهيزگار ٿي پوي وغيره؟ ڪن سائنسدانن جا خيال اچا ٻه مٿي اُڏامڻ لڳا. ڇو نہ سڀين قومن جون ذهنيتون هڪ ئي ڏڪ سان بدلائي ڇڏجن؟

درحقيقت ڪيترن سائنسدانن اهو ڪم لِڪ ڇُپ ۾ ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ ئي شروع ڪري ڇڏيو هو پر ڪاميابي هر ڀيري ڪائنن گُسائي ٿي وئي. آخر 1968ع جي زبردست ڪاميابين سندن راهہ مان آخري رڪاوٽون دور ڪري ڇڏيون.

ـ آمريڪا ۽ جرمنيءَ جي سائنسدانن اهڙا انجيڪشن تيار ڪري ورتا، جن جي ڇهن مهينن جي ڪورس استعمال ڪرڻ ڪان پوءِ ماڻهن جي ذهنيتن ۾ زبردست ڦيرو اچي ويو پر انجيڪشنون مهانگيون ٿي پيون ۽ عرصو وڏيڪ درڪار هو. تنهن ڪري سئزرلينڊ جي مشهور نوبل پرائيز مليل سائنسدان ڊاڪٽر پال هارجورڊ جي اڳواڻيءَ هيٺ وڌيڪ تحقيقاتون ڪري نيٺ اهڙو پائونڊر تيار ڪيو ويو، جو تمام سستو هو ۽ هڪدم فائدو ٿيو ٿي.

اوائلي تجربن لاءِ دنيا جي مختلف چونڊيل علائقن تي هيلي ڪاپٽرن ذريعي پائونڊر ڇٽڪارڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو. اهي ٽڪرا ڪهڙا هئا، تنهن جي ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي. مختلف علائقن تي مختلف ذهنيت پيدا ڪرڻ وارو پائوڊر ڇٽڪاريو ويو. مثلاً: ڪٿي رحم ۽ قربانيءَ جو، تہ ڪٿي حيا ۽ اخلاق جو، تہ ڪٿي حب الوطنيءَ ۽ حق گوئيءَ جو وغيره.



Gul Hayat Institute

اتفاق سان دنيا جي انهن ٽڪرن ۾ سنڌ کي بہ شامل ڪيو ويو ۽ مٿس رات جو سڄائيءَ وارو پائوڊر ڇٽڪاريو ويو. ٻئي ڏينهن فجر جو جيئن ئي هاڪرن، اخبارون پهچايون، تيئن ئي پائوڊر جا اثر ظاهر ٿيڻ لڳا.

اخبارن جا ٻيا تہ سمورا صفحا پائوڊر ڇنڊڇڻ کان اڳ ۾ ڇپجي چڪا هئا، باقي ايڊيٽوريل صفحا رهجي ويا هئا، جي سڀ کان آخر ۾ ڇپيا هئا. هڪڙي اخبار جا سڄو وقت پنهنجي مالڪ جي حمد و ثنا ۾ مشغول هجڻ ڪري بدنام هئي، تنهن پنهنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ لکيو هو "ڪيڏي نہ شرم جي ڳالهہ آهي جو اسين چند چانديءَ جي سِڪن جي عيوض پنهنجو ايمان وڪڻندا رهيا آهيون ۽ وطن جي غدارن ۽ قوم فروشن جي شان ۾ قصيده پڙهندا رهيا آهيون! جنهن پنيور کي باهہ لڳل هئي، ان ۾ ويهي پيٽ خاطر وطن کي وساري خود مطلب چمچن جي ساراهہ جا ڍُڪ پيرڻ ڪيڏي نہ بي حيائي آهي!..."

ٻي اخبار جنهن جو پيشو ئي وطن دوستن تي چغليون هڻڻ، مٿن بهتان مڙهڻ، نوجوان نسل کي خوار خراب ڪرڻ هو ۽ جنهن بابت سيني کي خبر هئي تہ اها آمريڪا جي جاسوسي کاتي جي پاڪستاني ملازم جماعت جي اثر هيٺ آهي، تنهن لکيو: "ڪير ٿو چئي تہ اسين ٻين کان پوئتي آهيون؟ جيڪا قوم اسان جي اچوڪن عظيم شاعرن ۽ اديبن جهڙو لافاني ۽ بي مثال شعر ۽ ادب پيدا ڪري سگهي ٿي، جيڪا قوم اسان جي اجوڪي انقلابي نوجوان نسل جهڙو املهہ انساني فصل اُپائي سگهي ٿي، تنهن کي گهٽ ۽ پوئتي چوڻ وارا يا بيوقوف يا بي ايمان آهن."

اها ڪا گهٽ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، جتي آمريڪا جو جاسوسي کاتو هيڏي آسانيءَ سان ۽ هيڏي وڏي تعداد ۾ هر طبقي مان پنهنجا ايجنٽ ۽ چمچا تيار ڪري سگهيو آهي، اتي اهو بدنام ۽ رسوائي زمانہ جاسوس ادارو اسان جي وطن ۾ بريءَ طرح ناڪام ويو آهي ۽ جيڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ايجنٽ هٿ ڪري سگهيو آهي، سي بہ عوام ۾ خوار ۽ خراب ٿي چڪا آهن.

"...بهرحال، اسين مطالبو ڪنداسين تہ، جيڪي اخبارون ۽ سياسي جماعتون آمريڪي جاسوسي کاتي جي اشاري تي نچي ۽ پنبي رهيون آهن، انهن تي فورن بندش وڌي وڃي ۽ وڏيڪ بدنام فردن ۽ اخبارن کي فورن بند ڪيو وڃي."

جيڪي هفتي وار اخبارون ان ڏينهن ڇپيون، تن ۾ بہ نئين دوا جو اثر ظاهر ٿيو. هڪڙي هفتي وار اخبار، جا سال ۾ ڪُل ست پرچا ڪيندي هئي ۽ ستن ئي ۾ هڪڙي ئي ڪاموري جي تعريف لکيل هوندي هئي، تنهن ان پرچي ۾ ان ڪاموري جو نالو وٺي لکيو "ههڙا عوام آزاريندڙ ڪامورا فوراً ڊسمس ڪرڻ کپن ۽ مٿن جرڳن ۾ مقدما هلائي کين نہ رڳو جيل جون ڳريون سزائون ڏيڻ کپن، پر کين شهر جي چؤنڪ ۾ ڇهبڪ هڻائي، ٻين لاءِ عبرت جو سامان پيدا ڪرڻ کپي."



Gul Hayat Institute

مريدپور ٿاڻي جو صوبيدار، صبح جو نيرن ڪري، اڇا اُجرا ڪپڙا پائي، اچي ٿاڻي ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو. وڏي منشيءَ ڪاغذ پٽ اڳيان آڻي رکيس. پريان جان محمد پوليس وارو چئن چيلهه ۾ رسن پيل ماڻهن کي وٺي اندر آيو ۽ سليوٽ ڪري ڪڙو تڙو ٿي بيهي رهيو. صوبيدار پڇيس، ”هي ڪير آهن؟“

جان محمد ادب سان چيو، ”سرڪار! رات ناڪي بندي ڪندي، موريءَ وٽان هنن کي شڪي حالت ۾ گرفتار ڪيو اٿئون. هڪڙي وٽان بنا ليسن جي ريوالور....“ ائين چئي، هو بيهي رهيو.

”اڙي ڳالهه ڪر!“ صوبيدار ڪڙڪو ڪري چيو.

”سائين عرض آهي! آءٌ هنن کي سندن گهرن مان وٺي آيو آهيان!“ جان محمد بلڪل بدليل آواز ۾ چيو.

صوبيدار رنپ ڪري چيو، ”ڇا!...ڇو؟“

جان محمد واري واري سان هڪ هڪ تي هٿ رکندي چيو، ”هن لاءِ وڏيري جاڙي خان چيو هو ته، هن کي 110 ۾ بڌجو. ان لاءِ مون کي ٽيون ڏينهن پنجاهه رپيا ڏنا هئائين. هن جي زال ٺاهوڪڙي آهي، سو وڏيري جي مرضي آهي ته سال کن ٽريل هجي ته چڱو. هن رئيس يعقوب خان کي ووٽ ڪونه ڏنو هو. ان لاءِ وڏيري جو بار پيل هو. هيءُ پڙوو آهي ۽ جمعدار باڳي خان جي سنگتياڻي پين کي ٺاهي ڏني اٿس. باقي هيءُ هوٽل ۾ نوڪر آهي. مون تي ڪي به ٿي پئسا رهجي ويا هئس، تنهن لاءِ مون کي روز تنگ ڪندو آهي. ڪالهه مون سان منهن ماري ڪري بيهي رهيو.“

ايتري ۾ هڪڙو ٻهراڙيءَ جو ماڻهو منهن مٿو پٽيندو آيو.

”اڙي ڇاهي؟“ صوبيدار گارين جو هڪڙو دس ڏيئي چيو. (ڇتڪاريل دوا ۾ فضيلت جو پائوڊر پيل ڪونه هو.)

”سائين رات مون سان ظلم ٿي ويو آهي. يارو خاصخيلي ۽ سندس پنجئي پٽ ڏاڙو هڻي منهنجي زال کڻي ويا آهن.“ ائين چئي سندس اکين ۾ عجيب چمڪ اچي ويئي، ”سائين مون ڏاڙيل چڱيءَ ريت سڃاتا ڪونه.“

”اڙي اڳڻون جو چيئي ته مون سڃاتا...؟“

”سائين يارو منهنجي پاءُ کي ڏنل سڱ ويهاريو ويٺو آهي. تنهن ڪري سندس ۽ سندس پٽن جا نالا لکرايم، سائين مهرباني ڪري سرزمين کي هلي تپاسيو نه ته ٻانهن صفا خون ٿي ويندي.“

صوبيدار گار ڏيئي چيس، ”اڙي، جانچ ڪهڙي ڪريان؟ مون ئي ته چيو هو رئيس خير محمد خان کي ته بي ڏڙڪ رن ڪڻائي وٺ! آءٌ ويٺو آهيان!“ هي ابلق

Gul Hayat Institute

گهوڙو ڪلهہ جو موڪليو اٿس، سو تڏهن خدا ڪارڻ موڪليو هئائين؟ وڃي ڪا ٻي رن هٿ ڪر! اِها ڇُٽي!“

ڪورٽن ۾ تہ قيامت ٿي وئي. شاهدن وڏا ڪلما پڙهي طوطن وانگر سيڪاريل بيان ڏئي اوچتو سڄو پاندو ڦاڙي وڌو. هڪڙي اندازي موجب ڏهہ هزار ڪيس ان ڏينهن بيٺي بيٺي فيصل ٿي ويا. گهڻو ڪري فريادين تي ڏنڊ پيا ۽ ٻين سَون کي ڪوڙي ڪيس ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ چالان ڪيو ويو. ڪيترن وڪيلن دليل بازي ڪندي، اوچتو وٺي چيو ”حضور اهي رولنگون جي هينئر پيش ڪيم، سي بعد ۾ رد ٿيل آهن ۽ هن ڪيس سان ڪوبہ تعلق ڪونہ ٿيون رکن!“ ڪيترا جوابدار ڏوهن جا قبولدار ٿيا. خود پوليس پراسيڪيوٽر جيڪي گراموفون جي پڳل رڪارڊ وانگر هميشہ هڪڙي ساڳي سِٽ چوندا آهن، ”سائين! سرڪار پنهنجو ڪيس پوريءَ طرح ثابت ڪيو آهي. جوابدار رهزن ۽ عادتي ڏوهاري آهي!“ سي دليلن سان ثابت ڪرڻ لڳا: ”سرڪار شاهدن جا بيان جڙتو بناوتي ۽ اڻ وسهڻ جوڳا آهن. جوابدار تي ڏوهہ ثابت ناهي!“ ڪيترن ججن پنهنجي بالادستن کي لکي موڪليو تہ هي ڪيس اسان وٽان ٽرانسفر ڪيا وڃن. هڪڙي جج لکيو ”هن ڪيس ۾ جوابدارن جو وڪيل بڪبڪيوءَ تيڙي باز آهي. هميشہ ڄٽ اصلين کي مرعوب ڪرڻ خاطر يخي هڻي، مون کي مٿي ۾ سور وجهندو آهي. ان وڪيل جو اصيل منهنجي هٿان ڇُٽي، سو ناممڪن آهي. اهو ڪيس ڪو ٻيو هلائي.“

حيدرآباد جي دلشاد هوٽل دستور موجب، گراهڪن سان پُري پيئي هئي. مسٽر نواز علي هيڊ ڪلارڪ دستور موجب قورمو گهرايو ۽ قورمي ۾ گرهہ ٻوڙيندي پڇيائين: ”اڙي آهي تہ ننڍو گوشت نہ؟“

بيري ادب سان وراڻيو ”سائين پوڙهي ڳئون جو آهي.“

نواز علي خان دوڏا ڦاڙي، ڪاوڙ ۾ لال پيلو ٿي چيو: ”چِڪن ڪٽي اچ!“

بيرو چستيءَ سان موٽڻ لڳو. مسٽر نواز علي پڪائيءَ خاطر رڙ ڪري چيس، ”اڙي ڏسجين متان اها بہ پوڙهي نہ هجي!“

بيري پُٺ ورائي جواب ڏنو: ”نہ سائين، ڪڪڙ پوڙهي ناهي، مئل آهي.“

مسٽر نواز عليءَ آپي کان ٻاهر ٿي پڇيو ”ڇا مطلب...؟“

”سائين، اسين هميشہ بيماريءَ وگهي مئل ڪڪڙ رڌيندا آهيون.“ بيري نهايت ادب ۽ نِوڙت مان چيو.

مسٽر نواز علي ٽپ ڏيئي اُٿيو ۽ سڌو سيٺ وٽ پهتو. سيٺ سندس جوشيلو احتجاج ٻُڌي، نهايت ٿڌائيءَ سان سمجهائڻ لڳس، ”نواز علي خان، گوشت مهانگو آهي. مئل ڪڪڙيون ۽ ڳئون نہ هلايون تہ پورت ڪٿان پوي؟ سڀ گراهڪ هميشہ

ڪايو خوش ٿيو وڃن. ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين ڳِلا نه ڪئي آهي، خود توهان به نه. توهان حيدرآباد جا گراهڪ خوشنصيب آهيو جو حلال مال ٿا کائو. ڪراچيءَ ۾ ته گڏهيون ڪُهيو پيا کارائين!“

گوڙ تي ڪيترا گراهڪ اچي گڏ ٿيا ۽ ڏسندي ڏسندي پوري هوٽل خالي ٿي ويئي.

اتفاق سان ان ڏينهن حيدرآباد ۾ ٽن سياسي جماعتن جي ليڊرن جون ڀرپور سياسي ميٽنگون رکيل هيون.

ظهر جي نماز کان ڪلاڪ کن پوءِ لطيف آباد جي هڪ ڪوارٽر ۾ درجن کن صاف، اُجرا، ڳلف لڳل نوراني چهرا، مقدس سونهارين ۽ شرعي چال سان هڪڙي ڪوارٽر ۾ داخل ٿيا. تلاوت قرآن مجيد بعد هڪڙو بزرگ ٽن مهينن جي ڪارروائيءَ جي رپورٽ پيش ڪرڻ لڳو. هر صالح مومن کان چندي ۾ گڏ ڪيل ڏوڪڙ، قربانيءَ جي کلن وغيره جو ليکو صاف ڪري وٺڻ کان پوءِ هن چيو: ”حضرات! جماعت جي اڳيان، دنيا اندر اسلامي نظام حڪومت قائم ڪرڻ جو جيڪو نصب العين آهي، تنهن لاءِ اسان پنهنجي وت آهر هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جا لک لک احسان آهن....“ چوندي چوندي، بزرگ کي هڏڪوئي آئي ۽ بدن ۾ سياٽو وٺي ويو. هڪ لحظي کان پوءِ سندس چپ وري کُليا، پر سندس آواز بدليل هو:

”حضرات! منهنجي خيال ۾ پنهنجا پاڻ ۾ آهيون ۽ بهتر آهي ته صاف گوئيءَ کان ڪم وٺون. اسان جي سپرد هڪ نهايت نازڪ فرض آهي. هن علائقي ۾ اها ذميواري اسان تي رکيل آهي ته اڌ ڪروڙ سنڌين کي آفيمي پنڪين مان بيدار ٿيڻ نه ڏيون. ڪو پاڻ سجاڳ ٿئي يا ٻين کي سجاڳ ڪرڻ جي شرارت ڪري، ته ان کي رستي مان هٽائي ڇڏيون. بدقسمتيءَ سان اسان جي وڏن ليڊرن کي اندازو ئي ڪونهي ته اسان جي اڳيان ڪيڏيون مشڪلاتون آهن. هو سمجهن ٿا ته مذهب هڪ اهڙي زره آهي، جنهن کي پهري اسين سلامتيءَ سان جيڪي وٽي، سو ڪري ٿا سگهون. پر اوهان کي خبر آهي ته هتي ماڻهن ۾ ۽ خاص ڪري نوجوانن ۾ وطن جي نالي تي ڪيڏي نه سورش آهي. خير، خدا جي فضل و ڪرم سان اسان مڙس ٿي منهن ڏنو آهي ۽ هر هنڌ سَون جي تعداد ۾ مير جعفر ۽ مير صادق تيار ڪيا آهن، جي اسان جي حڪمن مطابق عمل ڪري، سنڌيت جي تحريڪ جي پٺ ۾ ڇُرا هڻي رهيا آهن. اسان جي هٿ ۾ هڪ روزاني سنڌي اخبار آهي، جا رات ڏينهن سنڌين جي ئي خرچ سان سنڌي نوجوانن جي پويان باهه ٻاريو بيٺي آهي. چغليون هڻڻ، منافقيون ڪرڻ ۽ انتشار ڦهلائڻ ۾ سي آءِ ڊي کي مات ڏيو بيٺي آهي. اسان

صالح سنڌي، اخبار وسيلي، پنهنجي سنڌي مريدن هٿان سنڌين جي خلاف زهر ڦهلائيندا رهون ٿا. سنڌي شام کي بند ڪرائڻ، سنڌي شاگردن ۽ اديبن ۾ ڦوٽ وجهڻ ۽ ٻين اهڙن نيڪ ۽ صالح ڪمن ۾ اسان توقع کان وڌيڪ نوان ۽ شاندار ڪم ڪيا آهن. انهيءَ کان سواءِ ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ خاطر اسان تازو سنڌين جي ڪن مطالبن جي تائيد ڪرڻ جو به ڍونگ رچايو آهي.“

اهو بزرگ اڌ ڪلاڪ ڳالهائيندو رهيو. ان بعد، ٻين مقررن به تقريرون ڪيون. جن تفصيل سان انهن اٽڪلن، حرفتن ۽ عيارين جو ذڪر ڪيو. جن سان هو سنڌيت جي تحريڪ کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. ان بعد هر ڪنهن کي نوان نوان ڪم ڏنا ويا. جماعت جي نيڪ مقصدن جي پورائيءَ لاءِ بارگاهه ايزديءَ ۾ صميم قلب سان دعا گهرڻ کان پوءِ جلسو ختم ٿيو.

ٻي ميٽنگ گاڏي کاتي ۾ ٿي. هڪڙي ننڍڙي ڪمري ۾ اٽڪل 11، 12 ماڻهو اچي گڏ ٿيا. منجهن ٿي چوڪرات هئا ۽ ٻيا ڪروڙڌ. ٻن ٽن کي سٿڻون پاتل هيون. ٻين کي پاجاما هئا. ڪمري جي پٽين تي ڪارل مارڪس ۽ لينن جون تصويرون ٽنگيل هيون. هڪڙيءَ ميز تي ڍڳ جيترا انگريزي ۽ اردو ڪتاب هڪبئي مٿان سٿيا پيا هئا. هڪڙو 40، 45 سالن جو سنهڙو سڪل ماڻهو اُٿي بيٺو. عينڪ کي صاف ڪندي معصوميت ڀريل مگر ڳنڀير آواز ۾ چيائين:

”ساٿيو! اڄوڪو خاص اجلاس سنڌ اندر پنهنجين ڪارگذارين جي مڪمل جائزي وٺڻ لاءِ سڏايل آهي.“

”رفيقو! اسان جو نصب العين هڪڙو ئي آهي: عام طرح پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي سمورن عوامي طبقن ۽ فردن کي متحد ۽ منظم ڪري، کين پاڪستاني قومن جي برادريءَ جي هڪ برابر ۽ خوددار قوم جي حيثيت سان صحيح، سچي ۽ عوامي جمهوريت جي انقلابي شاهي سڙڪ تي هلائڻ.....“ چوندي چوندي، اوچتو سندس هٿن کي ٿورو جهٽڪو آيو ۽ سندس عينڪ هيٺ ڪري پيئي! هن نمي عينڪ کنئي. ان کي صاف ڪري، چوڻ لڳو:

”سو ساٿيو! مون عرض پئي ڪيو ته، اسان جو نصب العين هڪڙو ئي آهي: عام طرح پاڪستان ۽ خاص طرح سنڌ جي سمورن عوامي طبقن ۽ فردن ۾ ڏقيڙ وجهي، کين منتشر ڪري، سندس محڪوميت واري حالت قائم رکي، کين صحيح، سچي ۽ عوامي جمهوريت جي انقلابي شاهي سڙڪ تان ٿيڙڻ ۽ گمراهه ڪرڻ...“

”آمريڪي سامراج ۽ سندس مڪاني ايجنٽن جو پڻ اهو ئي آخري نصب العين آهي، پر اسان ۽ هنن ۾ وڏو بنيادي فرق آهي. هو ٻاهران حملو ڪن ٿا، اسين

اندران ڪاٽ هڻون ٿا. هو ڏنڊي ڪان ڪم وٺن ٿا، اسين همدرديءَ جا ٻول ٻولي ڪم ڪڍون ٿا. هو ڌاريا لڳن ٿا، اسين پنهنجا ٿي لاهه ڪڍون ٿا. هو مذهب ۽ قومن جي آڙ وٺن ٿا، اسين انقلاب جو نعرو هڻون ٿا.

"انهيءَ لاءِ اسان هڪ منظم ۽ رٿيل پروگرام مرتب ڪيو آهي. سڀ ڪان اول اسان هميشه سنڌ جي نئين ۽ باشعور نسل کي سندس هڏڏوکي ۽ سرويچ رهنمائن کان بدظن پئي ڪيو آهي."

"ٻيو ته اسان هميشه سنڌ جي اصلي ۽ حقيقي مسئلن کي نظرانداز ڪري مصنوعي مسئلن جا نعرا هنيا آهن. جڏهن اتفاق سان اسان جي هٿن مان ڳالهه نڪري ويئي آهي ۽ ڪا عوامي تحريڪ ازخود اُڀري آهي ته اسان ان تحريڪ کي بدنام ڪري، ڪچيءَ ۾ ڪُچلڻ ۾ ٻين کان گوءِ کنئي آهي، پر جڏهن ٻوءِ به ڪم نه ٺهندو آهي، تڏهن انهيءَ تحريڪ ۾ گهڙي انهيءَ جا ترا ڪڍندا آهيون."

"ٽيون ضروري ڪم اسان اِهو ڪيو آهي، جو اسان سنڌ جي نئين نسل جي باشعور فردن کي انقلابي نظرين ۽ انقلابي ادب جي گهري مطالعي کان بدظن ڪري، اٽسڌيءَ طرح کين روڪيندا رهيا آهيون، ته جيئن 'ٻلي شينهن پڙهايا، ول ٻلي ڪون ڪاوڻ آيا' وارو ڪم نه ٿئي ۽ هو اهڙا هوشيار نه ٿي وڃن، جو سچي ڳالهه سمجهي، پنهنجن پيرن تي بيهي، مورڳو اسان جي چنبن مان ئي نڪري وڃن."

"درحقيقت اسان پاڻ انقلابي نظرين جي مطالعي ۽ پروڙ کان لهرائيندا آهيون. اسان پنهنجي ترقي پسند گادي قائم ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي رڳو ان گاديءَ جا مريد ڪندا پيا وڃون. اصل ڳالهه ڇا هئي، تنهن سان اسان جو واسطو ڪونهي. سچ پچ ته ترقي پسند اڪابر جيڪڏهن پنهنجين قبرن مان نڪري اچن، اسان جا پروگرام ۽ طريقا ڏسن، ته پائين ته ڪنهن مندر يا ڪليسا ۾ اچي نڪتا آهيون.

"اهو اسان جي اٽڪڪ ۽ هوشيار ڪوشش جو نتيجو آهي، ته سنڌ ۾ ٻين ننڍين پاڪستاني قوميتن جي ترقي پسند جدوجهد، هيتري جذبي، هھڙين حالتن ۽ ههڙن ماڻهن جي باوجود اڃا پٽڪندي رهي آهي. اسان انهن کي ويساهي ڇڏيو آهي، ته سيني رازن جا جاڻو اسين آهيون. سيني ڪان وڏيڪ مٿي ۾ سور اسان کي آهي. جيڪي ڪرڻو هوندو، سو اسين ڪنداسون ۽ ڪريون پيا. انهيءَ آسري ۾ سڀ سري کي ٻانهن ڏيو اسان جي سڏ جو انتظار پيا ڪن. تان جو ويهه سال گذري ويا آهن ۽ ٻوٿو ڪونه ٻريو آهي. اسان جو آسرو نه هجين ها ته الائجي ڪيترا ممڻ مچي پون ها. درحقيقت اسان اهو ڪجهه ڪيو آهي ۽ اهو ڪجهه ڪريون پيا، جيڪو ننڍين قومن جي ڪنهن به ويريءَ کان ڪونه پهچندو. اهي قومون چورن

Gul Hayat Institute

ڪان چٽي، اسان جي ڳهل تان پيون آهن. جيسين پنهنجي دم ۾ دم آهي، تيسين اُميد تہ نعرن ڪان سواءِ ڪجھ نہ سرندن.

”پر هاڻ حالتون بگڙنديون نظر اچن ٿيون. نندين قومن جا ماڻھو ۽ نوجوان انقلابي رازن ڪان واقف ٿيندا وڃن. ترقي پسند فلسفي، نظريي ۽ تحريڪ جي تاريخ جو گهرو ڳوڙهو مطالعو ڪري، ڪيترائي ماڻهو خود سڀ ڪجھ سمجهڻ، سوچڻ ۽ ڪرڻ جهڙا ٿي ويا آهن. انديشو آهي تہ متان هيءَ گادي اسان ڪان ڪسجي وڃي ۽ ترقي پسنديءَ تان اسان جي هڪ هٽي ختم ٿي وڃي. ٿي سگهي ٿو تہ، نندين قومن جا ماڻهو ڪا واقعي ترقي پسند تنظيم ناهي، پنهنجو گهر پاڻ سنڀالي ۽ هلائي، اسان کي ٽڪيٽ وٺائي ڇڏين. تنهن ڪري اسان مان هرهڪ کي پنهنجي هڪ هٽي بچائڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ پاڻ پتوڙڻ کپي.“

پوءِ ٻين سيني واري واري سان تقريرون ڪيون ۽ حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تجويزون ڏنيون.

ٽيون جلسو صدر ۾ هڪڙي وڏي سنڌي زميندار جي بنگلي تي، شام جو ڇهين بجي ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي وڏن ليڊرن شرڪت ڪئي. جلسي جو خاص مطلب ايندڙ اليڪشن ۾ سيٽن جي ورهاست بابت صلاح مصلحت هو.

سنڌي رواج موجب شروعاتي خبرن چارن ۾ ٿي وڏيرا، رئيس، مير، پير، پاڻ ۾ اٽڪي پيا. دستوري طعنن مهڻن ۽ ڏاڙهيءَ پٽ بعد هڪڙو پوتار اُٿي بيٺو. ”ادا خبرون خير، اوهين تہ پلي پيا مهڻا ڏيو پاڻ هميشہ سنگت لاءِ سر ڏنو آهي.“ ائين چئي، مڇون مروڙي، ڪياڙي کنهي ڪجھ وڏيڪ چوڻ وارو هو تہ اوچتو جڻ ڪا شيءِ نڙيءَ ۾ ڦاسي پيس... ٻہ ٽي ڀيڪون ڏنائين. پوءِ چيائين: ”سو ڳالھ ٿي ڪيم تہ پاڻ هميشہ سنگت جو سر وڏيو آهي... جڏهن ڪان سنڌ بمبئيءَ ڪان جدا ٿي آهي، تڏهن ڪان ميمبر ٿيندا اچون، جيڪو پاسو سرس ٿيندو ڏسون، اوڏانهن ميمبر ٿيندا ويندا آهيون. پنهنجي ڪنهن سان مائٽي ڪانهي. سُنهن، قسم جي پرواھ پاڻ کي ڪانهي. ڪٽي ڏھ قرآن ڏيندا تہ ٻہ کٽي ويندا سون ۽ ڪنداسون اهو جيڪو سيري ڏر چوندي. شينهن جي وات ۾ چوندا تہ هليا ويندا سون. باقي ڪنهن ڪاموري اڳيان پاڻ ڪان ٻڙڪ ٻاهر نہ نڪرندي. پادر سان ووٽ وٺون ۽ جنهن وٽ سڀ ڪان وڏو پادر ڏسون، تنهن کي ڏيون ۽ ڏياريون. مطلب تہ ڇٽيھ لڪٽي موڇڙي جا سلامي آهيون. سنڌين جي اچي ڦٽي آهي، جو اسان اڳڙيءَ جي ڳُڏن کي پنهنجو اڳواڻ سمجهيو اسان جي آسري تي پيا پادر کائن. پلي پيا پوڪ لوڙين، پنهنجو ڇا؟“

هڪڙو ٻيو ڪروڙڊ پوتار ٽپ ڏيئي اُٿي بيٺو: ”آءٌ اوهان کي ٻُڌايان، هيءُ سڄو خلم پڙهائيءَ مان ٻريو آهي. ڪورين موچين جا پٽ ڏس تہ چئو تہ جڻ خان، خان

جا پٽ پيا هلن! جنهن کي ڏسو ’سنڌ‘ ’سنڌ‘ پيو ڪري. پڇون، پڙهوا، اوهان جو ڇا؟ اوهان ڇٽ، ڇٽ جا پٽ، وڃي پنهنجي اباڻي ڪرت ڪريو. اوهان جو بين ڳالهين ۾ وڃي ڇا؟ ماءُ موري، پيءُ پٽائي گجر! گولاڙن جا ڦر نڪتا آهن، حڪومتون ڊاهڻ ۽ ناهڻ! وڃئين جي ٽُڪ ۽ ڪرهين جي ڦوڪ مان ڇا ٿيندو!؟“

”سائين ڪا ڳالھ آ!“ ٽئين مينهن جهڙي متاري معتبر چيو ”منهنجو وڏو ڇوڪرو رئيس الله ڏتو خان تہ ڏٺو هوندو! ست پيڙهيون خانداني ٻار. ننڍي لاٽي حڪومت جي ستي پيل، ٻالپڻ کان اميراڻين ڪچهرين ۾ اُٿيل ويٺل. گورنرن، ڪليڪٽرن ۽ ڪمانين جو ڪيڙيل، اجا ايترو هوندو تہ دهشت جا وٺي ڪندو هو تہ هارين نارين. للو پنجو وڏيرن جا مُٺ سُڪي ويندا هئا. ڪليڪٽر اچي ضد ٻڌو. چئي، ”رئيس ننڍي کي انگريزي پڙهاءِ! حڪومت جي ڪم جي لائق آهي.“ اجا اسڪول پئي پڙهيو تہ شاهي جنگاڻ ڪري وڌائين.

”ڪولهڻ ڪنئين هئائين نہ؟“ پرسان ويٺل هڪ پوتار پڇيس.

”هائو هائو! ڪولهڻ جي ڦڏي ۾ مون کي چاليهن هزارن جي چپيٽ ڏياري ڇڏيائين. پر مُڙيو ڪونہ.

”سامهون بہ جبري ڏُر هجي. نيٺ سائينءَ سبب ڪيو. ون يونٽ لاءِ ووٽن جي گهُر ٿي. اسان ٻانهون ٻڌي، سرڪار جو چوڻ ڪري ون يونٽ کي ووٽ ڏنوسين. ويچاريءَ سرڪار بهادر وڙ ڪيو. تڏهن وڃي جان ڇُٽي سون. سو ابا، تنهن ڏينهن ڪاليج جي جلسي ۾ ڏسان تہ رئيس اجرڪ ڪلهي تي ويڙهيو اسان جي ڳوٺ جي اوڏ جي پٽ جي ڪلهي تي هٿ رکيو اسٽيج تي هو جمالو پيو ڳائي ۽ ’جيئي سنڌ!‘ جي نعرن جي هوڪ لڳايو بيٺو آهي! وري سمجهاءِ جو ڪٺي تہ مڙس هٿن مان پيو وڃي. چيومانس: ’دانائن جو اولاد آهين، داناءُ ٿي! هوش ڪر! مُٺ پيڙيائي پلي، پنهنجو ۽ پلو ڪم عملدارن ۽ حاڪمن سان. سنڌ کي باھ ڏيون ڇا ڪريون؟ هي زميندارون، هي ملڪيتون، هي بادشاهيون حاڪمن جي مهربانيءَ سان مليون آهن يا انهن ڇٽن جي پُٽن سنڌين ڏنيون آهن؟ وڏڙن کي دعا ڪر، جن هي رنگ ڪرايا اٿئون. نہ تہ انهن ڇٽن سان گڏ تغاريون پيا کڻون ها! وڏن کان ٻُڌو اٿئون تہ پنهنجو پڙ ڏاڏو ميرن جي راڄ ۾ معمولي ماڻهو هو پر عقل جو اڪابر هو. بخت پڙايس، تہ ڏبي واري جنگ لڳي پيئي. ڏاڏو مير شير محمد جي فوج ۾ هو. داناءُ مڙس اڳيئي هو. ڳالھ کي سمجهي ويو تہ ساري انگريزن جي آهي. سو موقعو ڏسي، مير علي مراد خان جي ماڻهن سان ملي، وٺي ٿو مير شيرمحمد جي بارود کي باھ ڏئي! پوءِ تہ سائين منٿ ٿي ويا! مير ڀڄي ويو. ڏاڏي دهشت جهلي، وڃي گوري کي سلام ڪيو. انگريز پيڙهسان انصافي، تنهن اتي جو اتي 20 هزار جريبن جي جاگير جو پروانو لکي ڏنس!“



Gul Hayat Institute

ٻئي پوتار ڪان رهيو نہ ٿيو. چيائين: ”اسان جو پڙ ڏاڏو تہ توڙ ڪان مير علي مراد خان سان گڏ هو ۽ حيدرآباد ۾ ميرپورخاص وارن ميرن جي فوج جون ڀڪيون ڀڄائي ڇڏيائين.“

ٽئين چيو: ”اسان جو تڙ ڏاڏو مرحوم گورنرن جو خاص شڪاري هو....“

چوٿون، جو تعليم يافتہ هو، تنهن چيو: ”سرڪار! جيڪي وينا آهيون سيئي انهيءَ ڪاڪ جا ڪڪوريل آهيون. جيڪي پُوڪ انگريزن جا سلامي نہ ٿيا، تن جو نالو نشان بہ ڪونهي.“

پنجين چيو، ”ادا! جهڙو لڳي واءُ تهڙي ڏجي پُٺ. آسمان ۾ ٿُڪ اُڇلائبي تہ موٽي اچي منهن ۾ پوندي. جبل سان ٽڪر هڻبو تہ پنهنجو مٿو ڦاڙبو. جبل کي ڪجهہ ڪونہ ٿيندو....“

ڇهين ڪجهہ سوچي چيو: ”سو تہ برابر، پر هي جو پڙهيل ڇورا پيا چون تہ پاڻ اصل ڪان وٺي سنڌ جا غدار ۽ ڌارين جا هٿ ٺوڪيا آهيون، سو چئبو تہ ڪوڙا اهي بہ ڪونهن!“

ٻئي وراڻيو: ”تڏهن وري ڇا؟ ملڪ جا حال تڏهن ائين ٿيا آهن ڇا؟ اها سڀ پائرن جي پلائي آهي.“ ”پر ادا، ڪجي ڇا؟ ائين نہ ڪريون ها تہ پلا رڳو هي هاري ناري ۽ ڇٽ ڇاموٽ بہ پاڻ کي جهل ڏين ها ڇا؟ عملدارن جو پاڻ تي هٿ نہ هجي، پوليس ۽ ڪامورا پاڻ سان ٺهيل نہ هجن تہ هي ڇٽ پنهنجي موڇڙي هيٺ ڪيئن رهن ها؟ هو ڪو پاڻ کي ڇڏين ها تہ توهان پلي ويهي عيش ڪريو. اسين ويهي ٿا اوهان لاءِ ڪمايون ۽ توهان ۽ ڪامورن جا پادر جهليون!“

ائين چيو: ”ادا! ڪامورن کي بہ پاڻ مان گهاٽو ڪونهي. پاڻ اَٽ ٽي پهر ڇٽ مٿان پادر ڪنيو، سندن سَنڌ سڪايو نہ وينا هجون ها، تہ ڀانيون ٿا تہ هي ڇٽ ڪامورن کي بہ ڪو سک جو ساهہ ڪڻڻ ڏين ها؟ انهن کي اهي رنگ بہ اسان وينا ڪرايون، نہ تہ خبر پئجي وڃين تہ گهٽين ويهين سؤ آهي. جنهن مهل نہ هيءَ پنجاهہ لکن جي ياجوج ماجوج جي قوم اُٿي ڪڙي ٿئي ها، تنهن مهل ڪيڏانهن وڃن اهي يونٽ، ڪيڏانهن پيا ٽڪساٽ! پر دعا ڪن پاڻ کي، جي هن سموريءَ ڪُٽ-خلق مٿان چِپ ٿيا ڪِريا پيا آهيون ۽ ڪنهن کي ڇُرڻ بہ ڪونہ ٿا ڇڏيون...“

اتي جنهن ڳالهايو پئي، تنهن ڳالهہ ڪاٽي پڇيو ”ها رئيس، پوءِ آيو ڪو توهان جي پُٽ جو هوش ٺڪاڻي؟“

رئيس وراڻيو: ”سائين منهنجا ڪٿي! ڇورو الاجي ڇا جو ڇا پيو بڪي. چي: ’سنڌ هينئن، سنڌ هونئن، فلاڻا غدار، ترڙا، بزدل ۽ وطن دشمن‘ چي: ’اسان نوجوان توهان جو ڪيتو پيا لوڙيون ۽ وڏن جي گناهن جو ڪفارو پيا ڀريون!‘

Gul Hayat Institute

”هاڻ سائين ڏيو جواب! بس رئيس وڏا، چوڏهين صديءَ جو اولاد اِجهو اِهو اَٿوَ.
هاڻ قيامت ۾ به گهڻي دير نه سمجهجو. آئي بيٺي اٿوَ..“
جلسو سنڌي دستور موجب بنان ڪنهن فيصلي ۽ اتفاق جي، خير خوبيءَ سان ختم ٿيو.

**(”روح رهاڻ“، آڪٽوبر 1978ع ۾ ڇپيل، ٽورو گهٽايل)**

Gul Hayat Institute

# (ڪورٽ ڪهاڻيون)

## ڪرشن نگر جي ڪنوار

ڪو نوجوان ڇڙو، واندو ۽ سکيو هجي، ڪيس ٻن شين جي سخت ضرورت پوندي آهي: دوست ۽ محبوبہ. ڪنهن حال پائي ۽ رازدان دوست بنا عشق ڪهڙو؟ عشق جي نازڪ ۽ پيچدار ڪاڪ محل ۾ سونهين ڪان سواءِ عاشق جون وايون ئي ٻتال هونديون آهن. ڪو صلاح ڏيڻ وارو، ڪو همت ٻڌائڻ وارو ۽ ڪو ڪاميابين تي مبارڪون ڏيڻ وارو نہ هوندو تہ ويچارو جهڙو وائڙو! ۽ وري ڪنهن ناز اُپريل نهار ۽ سُرهين سُرهين، ڪارين ڪارين ريشمي ڇڳن جي داستان کان سواءِ دوستن جي محفل بہ جڻ ڪنهن ٽُٽل سُرندي وانگر بي سُري پئي لڳندي آهي.

... لاهور جي ڪرشن نگر پاڙي ۾ سراج بلڊنگ جي چوٿين ماڙ تي فليٽ ۾ رهندڙ 23 سالن جي راجپوت نوجوان منظور حسين کي خوش قسمتيءَ سان هڪ دل گهريو دوست ۽ هڪ من موهيندڙ محبوبہ ٻئي هڪ هنڌ ملي ويا.

منظور حسين اوڪاڙه جو وينل هو جتان مئٽرڪ پاس ڪري 1956ع ۾ لاهور اچي ديال سنگهہ ڪاليج ۾ داخل ٿيو ۽ سراج بلڊنگ ۾ ڪمرو مسواڙ تي وٺي اُتي رهڻ لڳو. ڪجهہ وقت کان پوءِ هن ذاڪر حسين نالي هڪڙي قانون جي پهرئين سال جي شاگرد کي بہ پاڻ سان رهايو. پر معلوم ٿو ٿئي تہ ذاڪر سان سندس ڪا بہ گهرائي ڪانہ هئي. سندس دلي دوست هڪ پناڻ شيرين خان هو. شيرين خان باٽا ڪمپنيءَ ۾ ملازم هو ۽ ساڳئي ڪرشن نگر پاڙي ۾ پنهنجي مامي سعيدالزمان جي

Gul Hayat Institute

گھر رهندو هو. جو لاهور ۾ ڊپٽي چيف انسپيڪٽر آف بائلرس جي عهدي تي فائز هو. شيرين خان بہ ڪنوارو هو. سندس عمر 30 سال هئي.

منظور حسين جي شيرين سان ملاقات پهريون دفعو ڪٿي ۽ ڪيئن ٿي، سا خبر ناهي، بهرحال هُو پاڻ ۾ تمام گهرا ۽ پيارا دوست ٿي ويا. شيرين خان واندو ٿيندو هو تہ منظور حسين جي فليٽ تي وڃي پٽي راند ڪندو هو. شام جو فلمون ڏسندا هئا، يا انارڪليءَ ۽ مال روڊ جي من موهيندڙ حَسين نظارن سان دل وندرائيندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن هُو شيرين خان جي مامي جي گهر رهاڻ ڪندا هئا.

پوءِ هڪڙي ڏينهن منظور حسين کي پنهنجي محبوبہ ملي وئي. هُو شيرين خان کي سڏڻ ويو هو. شيرين خان ڪونہ هو. نڪو ٻيو مرد ماڻهُو هو. هڪڙي خوبصورت پناڻ ڇوڪري نڪري آئي. ڇوڪريءَ جي عمر 17 ـ 18 سال هئي، اڇڻ شرٽ ڪيس سوٽ بوٽ پاتل ڏسي سوساٽ ڪندڙ انگريزيءَ ۾ ساٽس ڳالهائڻ لڳي ۽ منظور حسين جي انگريزيءَ سان گهٽي ڪانہ پوندي هئي، رُڳو ڪم مس ٽپائيندو هو. هُو رُڳو ڇوڪريءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ وهنتل، ٽڙندڙ جواني، سندس بيباڪ ۽ مست ادائن کي ڏسندو ۽ سندس ٻولن جي عجيب غريب ولائتي موسيقي ٻُڌندو رهيو. ڏنائين تہ ڇوڪري حيرت وچان ڪيس ڏسي رهي هئي، ائين جيئن ڪنهن عجيب جانور کي ڏسندي هجي. اتي ياد پيس تہ ڇوڪري ڪيس پئي چيو تہ، ”اوطاق ۾ ويهہ. شيرين خان اجهو ٿو اچي.“ پاڻ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو هئائين. ڇوڪريءَ جي عجب جو اهو ئي سبب هوندو. ايتري ۾ شيرين خان آيو. منظور کانئس ڇوڪريءَ بابت پڇيو. ”اها منهنجي ماروٽ هئي.“ شيرين خان چيو.

ان ڏينهن تاريخ هڪ دفعو وري پاڻ کي دهرايو. راجپوت جي دل جي مندر کي پناڻ لُٽي ويو. منظور حسين ڦُرجي فقير ٿي گهر موٽيو. هاڻ هُو اڪثر شيرين خان کي وٽڻ ويندو هو. شيرين خان نہ هوندو هو تہ هُو پڇا ڪندو هو. پاٽي گهرندو هو. جلد ئي راجپوتي رَتُ بہ پنهنجو روايتي اثر ڏيکاريو. فاتح خود مفتوح بڻجي ويو. پناڻ بہ آهستي آهستي راجپوت جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پيو.

انارڪلي ۽ جهانگير واري لاهور اصل کان عاشقن جي جنت آهي. راويءَ جو ڪنارو، شاليمار باغ، انارڪلي، مال روڊ، بي انداز ڪشادا ۽ دلفريب پارڪ جڻ آهن ئي پيار ۽ محبت جي رنگين افسانن کي خلقڻ يا نپائڻ لاءِ.

شيرين خان جي ماروٽ سعادت سلطانہ ليڊي مئڪ لئگان هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪ پڙهندي هئي. منظور حسين هاڻ ڪاليج بدران مئڪ لئگان هاءِ اسڪول جو طواف ڪرڻ لڳو. ڇنيون ۽ نياپا آيا ويا. گس هلندي، باغن ۾ ملاقاتون ٿيون.

Gul Hayat Institute

چنڊ ۽ تارن کي شاهد بڻائي سڄي زندگي گڏ گذارڻ جا قسم سُنهن کنيا ويا. انهيءَ وچ ۾ منظور حسين انٽر آرٽز جي امتحان مان فيل ٿي جِند ڇڏائي ورتي ۽ وري پنهنجي عشق جي امتحان جي نيازيءَ ۾ جُنبي ويو.

هن شيرين خان سان اهو ذڪر ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو."دوستي دوستي آهي، پر وري بہ ماروٽ اٿس." هن سوچيو.

"آخر ڪيستائين هيئن لڪندا ڇپندا رهنداسون؟" سعادت هڪ ڏينهن چيو.

"ڇا ڪريون؟"

"توکي خبر ڪانهي مون کان پيو پڇين؟" سعادت ڪاوڙجي چيو.

"پٺهين ڪيئن ڏيندو؟ ذات ٻي، نہ ڄاڻ نہ سُڃاڻ!"

"بابا ڪو جهنگلي ڄٽ ڏنو اٿئي ڇا جو ذات پات جو پراڻو قصو کڻي ويهندو!"

اهڙي ريت هو دل جهلي سعادت جي پيءُ سعيد الزمان وٽ وڃي حاضر ٿيو. ڳالهہ ڪندي سندس گلو ڀرجي آيو "آءٌ سڄي زندگي توهان جي در جو ڪُتو ٿي رهندس..." جيئن تيئن عرض ختم ڪري هو ٻُري کان ٻُري جواب ٻُڌڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو پر جيڪو جواب سعيدالزمان ڏنس، تنهن جو ڪيس خواب خيال بہ ڪونہ هو: "پٽ! تون شيرين خان جي ڪري منهنجو ٻچو آهين، پر مون گهڻو وقت اڳ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ اهو ٻار تنهنجي دوست شيرين خان کي ڏيندس." منظور کي جڻ ڪا پيرڻ سونگهي ويئي.

پوءِ 6 فيبروري 1959ع تي سعادت جي ڳچيءَ ۾ مڱڻي جو رسمي پٽو وجهي ڪيس خاندان جي دفتر ۾ شيرين خان جي ملڪيت جي کاتي ۾ داخل ڪيو ويو. پر سعادت سلطانہ جي دل جي دفتر ۾ اڻ ڀهندڙ اکرن ۾ لکيل منظور حسين جو نالو ميسارجي نہ سگهيو. هوءَ بدستور منظور کي خط لکندي رهي. منظور ٻن ٻاهين ۾ ڦاسي پيو. هيڏانهن دلبر، هوڏانهن دوست! انهيءَ وچ ۾ سعادت جي ماءُ کي سُڌس پئجي وئي، جنهن ڏيءَ کي ڏاڍي مار ڏيئي ڪيس منظور کان توبهہ ڪرائي پر اها توبهہ جٽاءُ ڪري نہ سگهي. آخر شيرين خان کي بہ پتو پئجي ويو. ڪيس معلوم ٿيو تہ منظور وٽ سعادت جو فوٽو ۽ سندس خط آهن.

شيرين خان خبر ناهي ڪهڙي قسم جو ماڻهو هو. ڪو عام پٺاڻ هجي ها تہ سڌو منظور کي يا سعادت کي ڇُرو هَڻي ها يا طوفان مچائي جهيڙو ڪري مڱڻو ٽوڙي وجهي ها. ممڪن آهي تہ مامي جي احسانن ڪري يا سعادت سان بيحد پيار سبب يا پڙهيل ڳڙهيل، بُردبار ۽ شريف هئڻ سبب هن ڳالهہ کي ماٺ منيءَ ۾ ختم

ڪرڻ ٿي چاهيو يا ممڪن آهي تہ هُو تمام اونهو ماٺُو هجي. بهرحال هن سعادت کي هڪ عجيب خط لکيو: ”مون کي ٻُڌاءِ تہ تون منظور سان ڪيتري گهري هئينءَ؟ ڇا تون پنهنجي عصمت بہ وڃائي چڪي آهين؟ تنهنجا وٽس گهڻا فوٽو ۽ خط آهن؟“ سعادت ڪيس جواب ڏنو ڇا لکيائين، سا خبر ڪانهي. شيرين خان وري ٻيو خط لکيس- ان جو جواب مليس يا نہ سا بہ خبر ڪانهي. شيرين خان انهيءَ وچ ۾ منظور سان ان باري ۾ اکر بہ نہ ڳالهايو ۽ شايد ساڻس بدستور ملندو بہ رهيو. ڇڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو.

سڄو فيبروريءَ جو مهينو اها سَنگين لڪ لڪوٽي راند هلندي رهي. هنن ٽن انسانن جي تقدير جي ٽرين، پيار ۽ حسد جي پڙڪندڙ ٻارڻ تي طوفاني رفتار سان ڊوڙندي رهي. نيٺ هڪڙي ڏينهن اها پٽن تان لهي وئي.

منظور حسين جي ڪمري جو پائيوار ذاڪر حسين 26 فيبروري 1959ع تي پنهنجي ڳوٺ منٽگمري ويو ۽ 1 مارچ 1959ع تي شام جو موٽي آيو. ڪمري جي چاٻي هڪڙي هئي. ٻي ڪجهہ ڏينهن اڳ وڃائجي وئي هئي. تنهن ڪري ٻنهي مان جيڪو روم ۾ هوندو هو سو ٻاهر نڪرڻ وقت چاٻي مقرر ڪيل هنڌ تي رکي ويندو هو. ذاڪر حسين آيو تہ ڪمرو بند هو ۽ تالو آيل هوس. مقرر ڪيل جاءِ تي چاٻي ڳوليائين تہ رکيل ڪانہ هئي. شايد منظور کي رکڻ وسري وئي هئي. هن ڪلاڪ ڪن انتظار ڪيو. پوءِ هڪڙي پاڙيسري محمد سليم کان چاٻيون وٺي اچي ڪُلف تي هٽي ڏنائين پر ڪابہ نہ لڳي. لاچار هينئين بوٽن جي ڪارخاني مان آر اوڏاري وٺي اچي ڪلف کوليائين. محمد سليم بہ ساڻس گڏ هو. ڪمري ۾ گهڙڻ شرط شيرين خان تي نظر پين- هو پَٽ تي هڪڙي رَتُ جي دُٻي جي وچ ۾ پيو هو. پريان هڪڙو رَتُ سان پريل ڇُرو پيو هو ۽ ڪمري جي بتي ٻري پئي.

ذاڪر حسين ۽ محمد سليم هڪڙي پاڙيسري علي اڪرم کي ساڻ ڪري ڪرشن نگر پوليس چوڪيءَ تي ويا. رات جو 12 لڳي 20 منٽن تي سندن ڪچو فرياد وٺي ڪين انارڪلي پوليس ٿاڻي تي باقاعدي فرياد داخل ڪرائڻ لاءِ موڪليو ويو.

انارڪليءَ جو هڪڙو اي ايس آءِ سرزمين تي آيو. لاش اسپتال موڪليو ويو. ڪُلف، آر رت ٻُڌل ڇُرو هٿ ڪيا ويا، ۽ لاش جي هينان پيل رَتُ واري مِٽِي ڪرڙي تپاس لاءِ موڪلي وئي، ڏيڍ وڳي صوبيدار آيو. ڪٽ تي پيل رَتُ ٻڌل پتلون، شرٽ، گوڏ، 4 فوٽا، جن ۾ هڪڙي ۾ سعادت ۽ منظور گڏ هئا، چار خط ۽ ريشمي صدري هٿ ڪيا ويا. صدريءَ ۾ ٻن لفافن ۾ پيل بہ ٻيا خط، 16 روپيا روڪڙا ۽ شيرين خان جا بہ فوٽا هٿ ڪيا ويا.

ڊاڪٽري تپاس ٿي، شيرين خان جي گلي تي ٽي تيز اوزار جا اُونها زخم هئا، جي نڙگهٽ چيري وڃي ڪنڌ جي پُوڇڙ سان لڳا هئا، پر ڪرنگهي واري ڏوري سلامت هئي، ٻيا زخم ڇاتيءَ تي هئا، جيڪي وڃي ڦڦڙن تائين پهتا هئا. سندس هٿن جي آڱوٺن ۽ آڱرين ۽ هٿ جي پُٺ تي بہ زخم هئا. ڪُل 9 تکي اوزار جا زخم ۽ 6 رهڙون هيون.

پوليس جاچ ڪئي- منظور حسين لاپتا هو- اشتهاري روپوش نهرايو ويو. ٻہ سال گذري ويا.

25 مارچ 1961ع تي منظور حسين لاهور جي هڪڙي ماجسٽريٽ اڳيان پيش پيو. آخر مقدمو ايڊيشنل سيشن جج لاهور وٽ ڪمٽ ٿيو.

سرڪار جي پاران جيڪي شاهديون پيش ڪيون ويون، تن ۾ ڏيکاريو ويو تہ منظور حسين، سعادت سلطانہ جي ڪري شيرين خان کي پنهنجي رستي تان هٽائڻ لاءِ ڪيس خون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو.

هڪ رڪشا واري شاهدي ڏني تہ واقعي ڪان بہ ڏينهن اڳ منظور حسين رڪشا ۾ چڙهي شيرين خان جي ڪارخاني تي هليو هو. واٽ تي چيو هئائين تہ شيرين خان منهنجي محبوبہ سان مڱيو آهي، تنهن ڪري آءٌ ڪيس پنهنجي رستي تان هٽائيندس. سعادت سلطانہ جي پيءُ ۽ شيرين جي مامي سعيدالزمان شاهدي ڏني تہ خون واري ڏينهن صبح جو منظور منهنجي گهر شيرين خان کي سڏڻ آيو. ٻنهي هٿ ملايو ۽ گڏجي روانا ٿيا. سراج بلڊنگ جي گرائونڊ فلور تي رهندڙ دڪاندار خدا بخش چيو تہ ان ڏينهن 11 وڳي ڌاري منهنجي اڳيان ٻئي ڄڻا ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويا- ماڙي جي هڪڙي ماٺُهو رياضت حسين، هڪڙي چانهہ واري ڇوڪري محمد صديق بہ ساڳي شاهدي ڏني تہ انهن ڪيس مٿي ويندي ڏٺو ۽ وري اڪيلي منظور کي لهندو ڏٺوسين. ڪمري اندر ڇا ٿيو، تنهن بابت ڪوبہ اکين ڏٺو شاهد ڪونہ هو.

پوءِ ڪيس جي سڀ کان ڊرامائي ۽ دردناڪ گهڙي آئي، سرڪار جو شاهد نمبر 18 پيجري چڙهيو. شاهد ۽ خون جي جوابدار جون نگاهون هڪ سيڪنڊ لاءِ هڪٻئي کي چُمي هيٺ ٿي ويون. جوابدار جي نگاهن ۾ ڏوراپو هو (تون بہ؟) ۽ شاهد جي نگاهن ۾ معافيءَ لاءِ التجا هئي (ڇا ڪريان! مجبوري) سرڪاري شاهد نمبر 18 مسمات سعادت سلطانہ چيو تہ، "جوابدار ۽ منهنجو پيار هو. اسين هڪٻئي کي خط لکندا هئاسون ۽ گڏ فوٽا ڪڍياسون. پوءِ منهنجو مڱڻو ٿيو تہ جوابدار چيو تہ، 'آءٌ شيرين خان کي نہ ڇڏيندس، انهيءَ رنڊڪ کي رستي تان هٽائيندس.'"

منظور حسين پنهنجي بيان ۾ چيو ته "سعادت سلطانه سان منهنجو پيار برابر هو پر مڱڻي کان پوءِ منهنجي دلچسپي گهٽجي وئي، پر سعادت سلطانه جي مرضي هئي ته ڪيئن به ڪري مون سان

(نوٽ اخباري ڪالم صحيح فوٽو اسٽيٽ نه هئڻ جي ڪري ڪمپوزنگ نه ٿي سگهيو آهي)

هئي ته رُڳو سعادت سلطانه کي هئي. ٻيو ته هوءَ مڱڻي بعد به ساڻس ملي پئي، پوءِ خون ڪرڻ جو ڪيس ڪهڙو ضرور هو. ٽيون ته جيڪڏهن خون انهيءَ ڪمري ۾ ٿئي ها ته آسپاس جا ماڻهُو ضرور دانهن ڪُوڪ ٻُڌن ها. چوٿون ته ٻتيون ٻريون پئي، سو ڏيکاري ٿو ته خون جو وقت رات آهي، ۽ نه ڏينهن. جيئن شاهد چون ٿا ته هن اشاري طور چيو ته شڪ آهي ته خود سعادت سلطانه ئي خون ڪرايو هجي."

سيشن جج جوابدار جون سموريون حُجتون رد ڪري ڪيس شيرين خان جو قاتل ٺهرايو ۽ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏنائين.

هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي وئي، هاءِ ڪورٽ سيشن جج جي راءِ کي قبول نه ڪيو. هن فيصلو ڪيو ته: سعيد الزمان غيرجانبدار شاهد نه آهي، اهو وسهي نٿو سگهجي ته ڪو منظور حسين ائين سندس گهر ويو هوندو. سعادت سلطانه اعتبار جوڳي نه آهي، ڇاڪاڻ ته هو پيءُ جي وس آهي ۽ رڪشا واري جي ڳالهه بلڪل وسهڻ جوڳي نه آهي، ڇاڪاڻ ته ڪو به ماڻهُو پنهنجي خوني ارادن جو سڄي دُنِيا کي اشتهار ڪونه ڏيندو وتندو. ٻريل ٻتين هجڻ، دانهن ڪُوڪ نه ٻُڌجڻ ۽ ٻين حالتن سبب ڪورٽ سرڪاري شاهد کي "خلاف قياس، اڻ وسهندڙ ۽ اُبتڙ ڳالهين سان سٽيل" ٺهرايو. هاءِ ڪورٽ چيو ته معاملو شڪ کان خالي نه آهي. 10 ڊسمبر 1962ع تي منظور حسين کي بيڏوهي ٺهرائي آزاد ڪيو ويو.

هاءِ ڪورٽ جي انهيءَ فيصلي خلاف شيرين خان جي پيءُ ۽ مغربي پاڪستان سرڪار ٻنهي پاڪستان جي سپريم ڪورٽ ۾ اپيلون داخل ڪيون. اپيلون پاڪستان جي چيف جسٽس جسٽس ڪارنيليس ۽ سپريم ڪورٽ جي ٻين ججن جسٽس حمودالرحمان ۽ جسٽس محمد يعقوب ٻُڌيون. سرڪار پاران ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل اسلم رياضي، شيرين خان جي پيءُ طرفان مشتاق حسين خان ۽ منظور حسين پاران اڳوڻي اٽارني جنرل پاڪستان مسٽر نذير احمد خان وڪالت ڪئي. ٽي ڏينهن لڳاتار ٻنهي ڌرين جا وڪيل دليل بازي ڪندا رهيا. فتوي جسٽس حمودالرحمان لکي ۽ چيف جسٽس ۽ جسٽس يعقوب علي ساڻس شامل راءِ ٿيا ـ اهڙيءَ ريت اصل واقعي کان 7 سال پوءِ هن سال 15 اپريل 1966ع تي هن معاملي جو آخري قانوني نيڪال ٿيو سپريم ڪورٽ جي اڳيان



Gul Hayat Institute

اهم سوال هئا: (1) آيا منظور حسين شيرين خان کي واقعي واري وقت گهران وٺي ويو هو. آيا شيرين خان جي زندگيءَ ۾ آخري ماڻهُو جيڪو ساڻس گڏ ڏٺو ويو هو. سو منظور حسين هو؟ (3) فرض ڪجي ته اهي ٻئي ڳالهيون تسليم ڪجن ته پوءِ به ڇا سڌي، اکين ڏٺي ثابتيءَ جي نه هوندي فقط حالتن ۽ صورتحال مان اهو خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته شيرين خان جو موت منظور حسين کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به هٿان نه ٿيو آهي؟ (4) فرض ڪجي ته منظور حسين ئي ڪيس ماريو آهي ته به ڪهڙي خبر ته اهو ڇاقو ڪنهن جو هو ۽ ڪنهن ان کي پهريان استعمال ڪيو؟ ڇا اهو ممڪن ناهي ته حملو شيرين خان ئي ڪيو هجي ۽ منظور حسين پنهنجي بچاءُ ۾ ڪيس ماريو هجي؟ اهڙيءَ حالت ۾ ڇا منظور حسين کي خون جو ڏوهاري ٺهرائڻ لاءِ قطعي ۽ يقيني ثبوت آهي؟ ڇا منظور حسين اڳواٽ رٿيل رِٿَ موجب ڪيس قتل ڪيو هو؟

سپريم ڪورٽ سعادت جي پيءُ سعيدالزمان، محمد صديق چانهه واري، رياضت حسين ۽ پاڇيءَ واري خدا بخش جي شاهدين کي پروسي جوڳو نهرائي اهو فيصلو ڏنو ته منظور حسين واقعي شيرين خان کي گهران وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آيو هو ۽ اهو ئي آخري ماڻهُو هو جيڪو شيرين خان جي زنده هجڻ وقت ساڻس گڏ هو.

سڌي، اکين ڏٺي ثابتي نه هجڻ بابت سپريم ڪورٽ چيو "اهڙن ڪيسن ۾ اهو چئي ڇڏڻ ڪافي ناهي ته جيئن ته جوابدار کي سنگين ڏوهه جو ڏوهاري ثابت ڪرڻ لاءِ سڌي ثابتي ڪانهي، تنهن ڪري ڏوهه لاءِ ڪنهن کي به ڏوهدار نهرائي نٿو سگهجي، منهنجي خيال ۾ بنهه اهڙا ڪيس ئي آهن، جن ۾ عدالت جو فرض آهي ته فوتيءَ جي زخمن جي نوعيت، جاءِ واردات جي صورتحال ۽ حالت، اتي لڌل شين، ڏوهه جي ڪارڻ ۽ آسپاس جي حالتن جي روشنيءَ ۾ تپاس ڪري ته انهن مان ڪهڙا قوي گمان پيدا ٿين ٿا. منهنجو ارادو آهي ته هن ڪيس ۾ آءٌ پاڻ به ائين ڪريان."

انهيءَ تپاس بعد سپريم ڪورٽ چيو ته جنهن صورت ۾ منظور حسين، شيرين خان کي وٺي آيو هو ۽ آخري دفعي ساڻس گڏ هو، تنهن ڪري مٿس اهو ثابت ڪرڻ جو ڳرو بوجهه پوي ٿو ته آخر ڪمري ۾ ڇا ٿيو جو شيرين خان هينئن مري ويو. جيئن ته اهڙي ڪابه سمجهاڻي جوابدار طرفان نه ڏني وئي هئي، تنهن ڪري ڪورٽ فيصلو ڪيو ته شيرين خان جو موت منظور حسين هٿان ئي ٿيو آهي.

انهيءَ فيصلي تي پهچڻ کان پوءِ سپريم ڪورٽ انهيءَ سوال تي غور ڪيو ته آيا اهو قتل ڄاڻي ٻجهي، اڳواٽ رِٿ رِٿي پوءِ ڪيو ويو آهي، جيئن سرڪاري شاهدن چيو ٿي؟



Gul Hayat Institute

رڪشا واري ۾ سعادت سلطانہ چيو ٿي تہ منظور اڳي ئي چيو پئي تہ آءٌ شيرين خان کي پنهنجي رستي تان هٽائيندس. سپريم ڪورٽ، هاءِ ڪورٽ سان انهيءَ ڳالهہ تي اتفاق ڪيو تہ اهي ٻئي شاهديون اعتبار جوڳيون ناهن. حالتن مان ثابت هو تہ منظور حسين جو مطلب پورو پئي ٿيو. سعادت ڪيس باقاعدي پئي ملي. ان ڪري ڪيس شيرين خان کي قتل ڪرڻ جو ڪوبہ سبب ئي ڪونہ هو. پاڻ اها ڳالهہ ثابت هئي تہ شيرين خان منظور کان سعادت سلطانہ جا خط ۽ فوٽا هٿ ڪرڻ لاءِ آيو هو تہ جيئن شاديءَ بعد هو ڪابہ خواري مچائي نہ سگهي.

ان کان سواءِ شيرين خان جي بدن جي زخمن بہ ڏيکاريو ٿي تہ مٿس اول ڇُري سان وار نہ ٿيا آهن- ڪيس ڇهہ رهٽون هيون، جن مان ظاهر هو تہ اول ٺونشيبازي ٿي آهي، جيڪڏهن منظور ڪيس خون ڪرڻ لاءِ پنيلائي وٺي اچي ها تہ جيڪر يڪدم مٿس چاقوءَ سان حملو ڪري ها ۽ ٺونشيبازي نہ ٿئي ها.

تہ پوءِ ڇا ٿيو؟

انهيءَ سوال تي ڳوڙهو غور ڪري سپريم ڪورٽ هن نتيجي تي پهتي تہ شيرين خان منظور حسين کان فوٽا ۽ خط گهُريا آهن، جنهن تان ٻنهي ۾ "تون ڇا تون ڇا" ٿي آهي ۽ پوءِ هو پاڻ ۾ ٺونشيبازي ڪرڻ لڳا آهن. پوءِ ٻنهي مان ڪنهن (اهو ثابت نہ ٿيو تہ ڇُرو ڪنهن جو هو) چاقو ڪڍيو آهي. غالب گمان اهو آهي تہ ڇُرو شيرين خان پناڻ وٽ هو ۽ منظور کانئس ڦُري مٿس وار ڪيا آهن.

انهيءَ گمان جي آڌار تي سپريم ڪورٽ منظور کي انهيءَ حد تائين شڪ جو فائدو ڏنو تہ اهو ثابت نہ ٿيو آهي تہ ڪو هن سِڌَ سَنئي خون ڪرڻ جي ارادي سان قتل ڪيو آهي.

انهيءَ ڪري ڪيس 302 پاڪستان پينل ڪوڊ (ڄاڻي ٻُجهي خون ڪرڻ) جي ڏوهہ بدران قلم 304 (حصو پهريون) پاڪستان پينل ڪوڊ (خون جي ارادي ٻِنا ماٺهُو مارڻ) جي ڏوهہ جو ڏوهي ٺهرائي ڦاسيءَ بدران 7 سال سخت پورهئي سان سزا ڏني. هن وقت هُو سينٽرل جيل لاهور ۾ سزا ڪاٽي رهيو آهي. سعادت سلطانہ جي خبر ناهي تہ ساڻس ڪهڙو حشر ٿيو؟

(پي-ايل-ڊي 1966ع، لاهور 664)

Gul Hayat Institute

# ثمينه خاتون جا دعويدار

(نوٽ: پهريون ڪالم صحيح فوٽو اسٽيٽ نه هئڻ ڪري ڪمپوزنگ نه ٿي سگهيو آهي- آپريٽر)

مسٽر راڊ گرس جي ڌيئرن مان هڪڙيءَ جي شادي ٿي وئي ۽ هوءَ ته پنهنجي مڙس سان گڏجي ڏکڻ آفريقا هلي وئي، باقي ٻه ڌيئرون رهيون، جي ٻئي پيٽون ڪارچيءَ جي هڪ مشنري اسڪول ۾ پڙهنديون هيون، اهو اسڪول ڪيٿولڪ فرقي جو هو ۽ ان ۾ عيسائي توڙي ٻين مذهبن جا ڇوڪرا ڇوڪريون پڙهندا هئا.

ڏکڻ يورپ جا ماڻهُو ايڏا حَسين ڇو ٿا ٿين؟ تنهن جو راز اڃا سائنسدان معلوم نه ڪري سگهيا آهن. الائي ساموندي ۽ برفاني جابلو هوائن جو گڏيل اثر آهي يا انگور جي ڇُڳن ۽ ميون سان جهنجهيل ڌرتيءَ جي قدرتي سُونهن جو ڪرشمو- پتو ڪونهي. بهرحال مسٽر راڊگرس جي ٻنهي ڌيئرن جو سڄي اسڪول ۾ مَٽُ ڪونه هو. خاص ڪري وڏي ڇوڪريءَ گريس جو- جيستائين هوءَ مٿين درجي ۾ آئي تيستائين هوءَ ته سڀني نوجوان ڇوڪرن لاءِ ڄڻ لازمي درسي ڪتاب بڻجي وئي. هونئن ته هرڪو انهيءَ خوبصورت ڪتاب جو ڳوڙهو مطالعو ڪندو هو، پر هڪڙي شاگرد پاڻ کي ان مطالعي ۾ صفا غرق ڪري ڇڏيو. هن گريس راڊگرس کي حاصل ڪرڻ پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين بڻائي ڇڏيو. هُو مسلمان هو. سندس نالو هو عبدالهادي حقاني- هڪ ديسي مسلمان ڇوڪري لاءِ ڪٽر عيسائي ڪيٿولڪ

Gul Hayat Institute

فرقي جي گوري نازنين کي حاصل ڪرڻ جي تمنا ڇڻ تہ هماليہ جبل جي چوٽيءَ کي سر ڪرڻ جي تمنا جي برابر هو. پر عبدالهادي بہ پنهنجي نموني جو شير ۽ پاتيسنگهہ ڪوهہ پيما هو. هن گريس جي نسلي غرور ۽ نماڻي حُسن جي ڪڪرن سان گسنڌڙ چوٽين کي فتح ڪرڻ جي مهم شروع ڪري ڇڏي. ٽي سال لڳاتار هُو پنهنجي رياضت، قابليت ۽ اورچائيءَ ۽ ذاتي دلڪشيءَ جي زور سان گريس جي دل تي بار بار حملا ڪندو، ڪيس گهيري ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو.

پورچوگيز پريءَ جي قلب جو ڪوٽ ايڏي لمبي ۽ مسلسل گهيري جو تاب جهلي نہ سگهيو. ڪيس نيٺ هٿيار ڦٽا ڪري آڻ مڃڻي پئي، پنهي اقرار ڪيو تہ شادي ڪنداسين تہ پاڻ ۾ ،نہ تہ اصل نہ ڪنداسين. ڪي نوجوان فقط زباني جمع خرچ کي عشق سمجهندا آهن. عبدالهادي انهن مان نہ هو. هن وري پنهنجو سمورو توجهہ تعليم تي ڏنو تہ بي اي پاس ڪري پاڪستان نيوي ۾ ليفٽيننٽ چونڊجي ويو.

ان بعد پنهي گڏجي مذهب ۽ نسل جي اوچن پهاڙن کي رستي تان هٽائڻ جي مهم شروع ڪئي، پر سندن مائٽ سخت مذهبي ماڻهُو هئا، جن ڪنهن بہ قيمت تي نٿي چاهيو تہ اها شادي ٿئي. هر ڪنهن ڏُر جي مرضي هئي تہ شادي پنهنجي نسل ۽ مذهب واري سان ٿئي. عبدالهادي تہ خير پنهنجي وطن ۽ قوم ۾ هو. پر گريس جو دين دُنيا ۾ هو ئي هڪڙو گهر، پرديس ۾ سندس پيو ڪوبہ مٽ مائٽ ڪونہ هو. ان سان ڦٽائڻ سندس واسطي موت جي برابر هو. هوڏانهن عبدالهادي بہ ڪيٿولڪ ٿيڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. لاچار گريس عبدالهاديءَ جي مائٽن جي مخالفت جهَڪي ڪرڻ لاءِ نالي ماتر اسلام قبول ڪيو. سندس اسلامي نالو شاهده رکيو ويو. 23 نومبر 1945ع تي شادي ٿي. گريس جي مائٽن چيو تہ اسان جي ڏيءَ مري وئي.

هوڏانهن عبدالهاديءَ جي مائٽن بہ گريس کي ڪڏهن بہ ننهن تسليم نہ ڪيو. گهوٽ ڪنوار انهيءَ پِٽي بائيڪاٽ کي نظرانداز ڪري پنهنجين خوشين ۾ مگن ٿي ويا.

25 آگسٽ 1955ع تي کين هڪڙي ڌيءَ ڄائي، جنهن جو نالو رکيائون ثمينہ. وقت گذرندو رهيو. گريس کي ماءُ پيءُ جي جدائي بيحد محسوس ٿيندي هئي. خاص ڪري ساهرن جي مخالفانہ رويي ۽ بائيڪاٽ ڪري ڪيس سخت اڪيلائي محسوس ٿيندي هئي.

ڪيس اهو بہ محسوس ٿيڻ لڳو تہ سندس ماحول ۽ مڙس جي ماحول ۾ ڪيترو نہ فرق هو. هوءَ اهو سوچڻ کان سواءِ رهي نہ سگهي تہ ماڻهُو ڪيڏو بہ ڪٽي پاڻ کي

بدلائي ۾ هيرائي تہ بہ ڏاريون ماحول، ڏارين تهذيب ۽ اوپرا دستور ڪيڏا نہ ناقابل برداشت ٿين ٿا. خود سندس مڙس، سندس عادتون، ذهني لاڙا ۽ سوچ جا طريقا بہ ڪيس اوپرا ۽ ڏاريا نظر ايندا هئا. جيڪڏهن ڪيس عبدالهاديءَ سان بيحد پيار نہ هجي ها تہ جيڪر هوءَ تہ هڪ منٽ بہ اهڙو ماحول برداشت نہ ڪري ها. اهي احساس مائٽن کان وڇوڙي جي پڇتاءَ کي وڌيڪ تيز ڪندا هئا، پر جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي چڪو هو. هاڻي ڪجھ بہ ٿي نٿي سگهيو.

انهيءَ وچ ۾ هڪڙي ڏينهن سندن گهر ۾ هڪ اهڙو زلزلو آيو جنهن سڀ ڪجھ غرق ڪري ڇڏيو. ليفٽيننٽ عبدالهادي حقانيءَ کي هڪ ڏينهن علي الفجر ملٽري پوليس گرفتار ڪري ويئي. مٿس الزام هو تہ هُن سرڪاري راز ظاهر ڪيا آهن. مقدمو ڪيترو عرصو هلندو رهيو. پُٺيان گريس ۽ ثمينہ جو ڪوبہ سهارو ڪونہ هو. لاچار گريس روئي پنهنجن مائٽن وٽ وئي ۽ چيائين تہ منهنجي معصوم ڌيءَ سنڀاليو تہ آءٌ ڪٿي نوڪري ڪري گذر ڪريان. هنن انهيءَ شرط تي اها ڳالھ قبول ڪئي تہ ٻئي زال مڙس ثمينہ لاءِ لکي پڙهي ڪين ڏئي ڇڏيندا. گريس عبدالهاديءَ سان ڳالھ ڪئي. هن کي چئوطرف اوندھ نظر آئي ٿي. گريس ۽ هنن ٻنهي 10 آگسٽ 1956ع تي ڌيءَ تان دستبرداري لکي ڏني.

ننڍڙي ثمينہ جو نالو ۽ مذهب رات وچ ۾ بدلجي ويا. هوءَ هاڻي ثمينہ خاتون مان ڦري جاسنتا ماريا لوينيا، ڪيٿولڪ عيسائڻ بڻجي وئي. ديول ۾ باقاعده سندس عيسائي بڻجڻ جي رسم ادا ٿي.

ٻن مهينن کانپوءِ عبدالهاديءَ جي مقدمي جو فيصلو ٿيو ۽ کيس 3 سال سخت پورهيي سان قيد جي سزا ملي. (انهيءَ واقعي جو احوال پريس ۾ مفصل آيو هو.)

هيتري تعليم ۽ تربيت بعد حاصل ڪيل سُني ۽ باعزت نوڪريءَ جو کسجڻ، خواري ۽ بدنامي، محبوب زال ۽ ڌيءَ، مٽن مائٽن کان وڇوڙو، قيد جون سختيون ۽ ذلتون، عبدالهادي جيئري دفن ٿي ويو. جيڪي ڪجھ ان کان پوءِ ٿيو، تنهن جي پيٽ ۾ اهي واقعا ڄڻ ڪجھ بہ ڪونہ هئا.

گريس حقانيءَ مٿان ڪريل مصيبتن جي پهاڙ کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ڪمرڪشي- گهڻي رولڙي بعد کيس ڊچ هوائي ڪمپني ڪي ايل ايم ۾ گرائونڊ هوسٽيس جي نوڪري ملي. مالي مشڪلاتون دور ٿيون ۽ ان کان سواءِ ٻيو بہ گهڻو ئي ڪجھ ٿيو. هوائي اڏي تي روز ڪئين ولايتن جا ماڻهو اچن ٿا- گهڻو ڪري اوچي درجي جا، خوشحال. قسمين قسمين ماڻهن سان واسطو پوي ٿو. پلا پليءَ جو ڇيھ ڪونهي. ماڻهُو ماڻهن کان وڌيڪ پيا آهن. گريس، جا اڳ عبدالهاديءَ کي دُنيا جو خوبصورت ترين ماڻهُو سمجهندي هئي، تنهن هڪڙي ماڻهُوءَ کي ڏٺو جنهن

Gul Hayat Institute

جي مقابلي ۾ ڪيس دُنِيا جو هر مرد پنگي نظر اچڻ لڳو. ان جو نالو مسٽر بارٽلس هو. هُو ڪير هو ڇا ڪندو هو ڪهڙي شڪل ۽ چال چلت جو ماڻهُو هو، اسان کي خبر ڪانهي. اسان کي رُڳو ايتري خبر آهي ته هُو گريس کي ڏسڻ شرط مٿس فدا ٿي پيو. گريس کي ائين لڳو ته جنهن شهزادي جا خواب هن ٻالڪپڻي ۾ ڏٺا، سو اهو ئي هو. منجهس خدا ڄاڻي ڪهڙا اسرار هئا. گريس چري ٿي پئي. بارٽلس پاڪستان ايمپلائيز هائوسنگ سوسائٽيءَ ۾ هڪڙي بنگلي ۾ رهندو هو. گريس ڪنهن جوڳيءَ جي منتر ۾ ڦاٿل انسان وانگر چُپ چاپ سندس پويان سندس گهر هلي وئي ۽ اتي رهي پئي. بدنصيب عبدالهادي سندس پيار، شادي، ڏيءَ، مائٽ سڀ ڪيس ڪنهن بري پيانڪ خواب وانگر نظر اچڻ لڳا. گريس کي ائين لڳو ڄڻ هوءَ دُنِيا ۾ آئي ان وقت هئي جڏهن بارٽلس ڪيس مليو هو. هو يورپي ماڻهُو هو. سندس عادتون، اُٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ يورپي هئا، اهڙا جهڙا گريس پنهنجي دل جي گهراين ۾ چاهيا ٿي. گريس دُنِيا و مافِيها کي وساري بارٽلس سان محبت ڪرڻ لڳي. هن عبدالهاديءَ کي لکيو "مون کي خبر آهي ته مسٽر بارٽلس سان جنهن ڏينهن کان آءٌ ملي آهيان، تنهن ڏينهن کان وٺي آءٌ قصوروار آهيان... آءٌ پنهنجي ڏوهه جي ڪُلم ڪُلا قبولدار آهيان... آءٌ ڪيس ڇڏي نٿي سگهان. مون کي بخش ڪر..." بدنصيب عبدالهاديءَ کي هن منحوس خبر جي وِڄ ڄڻ ته ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو.

هُو پنهنجي پر ۾ مغربي ماحول ۾ پڙهيو ۽ پليو هو. ان ماحول ۾ ڪنهن اهڙي عورت جي ڀڄيءَ ۾ لڙڪي پوڻ جيڪا ماڻهُو کي نه چاهي ۽ اٽلو ڪنهن ٻئي کي پسند ڪندي هجي، سا ڳالهه مرداڻي شان ۽ وقار جي خلاف ليکي ويندي آهي. زال مڙس جو پيار پسند جو سودو آهي. ان ۾ زور زبردستي، وٺ وٺان ۽ ڏمچر بازيءَ کي بدتهذيبي ۽ بي حيائي تصور ڪيو ويندو آهي.

عبدالهادي جڏهن جيل مان نڪتو تڏهن هن گريس جي پُٺ وٺڻ يا ڪو هنگامو کڙو ڪري پنهنجو خواري ۽ ذلت جو ڍنڍورو پٽڻ مناسب نه ڄاتو. هُو پنهنجو سڀ ڪجهه عزت، آبرو، روزگار، وقار وغيره ڦُرائي چُپ چاپ ويهي رهيو. هن جيڪي ڪجهه وڃايو هو، تنهن جي تلافي ڪنهن به قِسم جو انتقام ڪري نٿي سگهيو.

جڏهن گهڻي رولڙي ۽ دربدريءَ کان پوءِ ڪيس هڪڙي مڇي مارڻ جي ٽرالر تي نوڪري ملي ته هن پهريون ڪم اهو ڪيو جو پنهنجن ساهرن کان پنهنجي ڌيءَ جي گهر ڪيائين، هنن انڪار ڪيو.

عبدالهادي ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي ڌيءَ کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو. هن ڪراچيءَ جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ ڇوڪريءَ جي قبضي لاءِ درخواست ڏني. ڪورٽ نوٽيس ڪڍيا، ٺمينه جا ڪيترائي دعويدار کڙا ٿي ويا. گريس، سندس ماءُ

جوليٽ، عبدالهادي، سندس ماءُ زينب خاتون ۽ سندس پيڻ مس طاهره، سندس پياءُ مسٽر حميد ڪل ڇهه دعويدار هئا.

گريس جي ماءُ مسز جوليٽ چيو ته منهنجي ڌوهٽي مون کي مائٽن لکي پڙهي ڏني آهي ۽ مون نپائي آهي. هي ته مائٽن جي رضا خوشيءَ سان ڪئي وئي آهي. عبدالهادي مسلمان آهي ۽ دستبردار به ٿي چڪو آهي، تنهن ڪري ڪيس نه ملڻ گهرجي. هن پنهنجي ڌيءَ جي دعوي جي مخالفت ڪئي. چيائين ته منهنجي ڌيءَ بدچال آهي. اها ڇوڪريءَ جو اخلاق خراب ڪندي. عبدالهادي جي ماءُ، پياءُ ۽ پيڻ جو ته ڪو واسطو ئي ڪونهي. گريس چيو ته منهنجي ڌيءَ رهندي برابر اسان جي مائٽن وٽ هئي پر خرچ پکو آءٌ ڏيندي هيس. عبدالهادي‌ءَ چيو ته مون مونجهاري ۽ پريشانيءَ واري دؤر ۾ مجبور ٿي ڌيءَ تان دستبرداري لکي ڏني هئي، جڏهن ته منهنجي اها نيت هرگز ڪانه هئي.

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ثمينه عبدالهادي، گريس توڙي جوليٽ ڪي نه ڏياري، اها سندس ڏاڏيءَ زينب خاتون کي ڏياري وئي، جنهن اقرار ڪيو ته هوءَ پوٽي ثمينه جي ڪاتي 10 هزار رپيا بئنڪ ۾ رکائڻ لاءِ تيار آهي. ڪورٽ حڪم ڪيو ته زينب خاتون جدا گهر وني ثمينه کي پاڻ وٽ رهائيندي.

هاءِ ڪورٽ ۾ اپيلون داخل ڪيون ويون.

هاءِ ڪورٽ اڳيان 8 مکيه سوال هئا: (1) صَغِيرُ ڇوڪري مسلمان ليکجي يا عيسائي ڪيٿولڪ؟ (2) پيءُ ماءُ لکت ۾ دستبردار ٿيڻ کان پوءِ هن جي دعوي ڪري سگهن ٿا؟

هاءِ ڪورٽ فيصلو ڪيو ته (1) صَغِيرُ ٻار جو مذهب اهو آهي جيڪو ڄمڻ وقت هجي. صَغِيرُ جو اباڻو مذهب تيستائيب بدلجي نٿو سگهي جيستائين هو بالغ ٿئي. پيو ته ڪورٽ جي اڳيان سڀ کان اهم ڳالهه اها ته صَغِيرُ ٻارجو ڀلو ڪنهن جي سنڀال ۾ رهڻ ۾ آهي. پيون ڳالهيون ڪٽي ڪهڙيون به هجن ته به مُکيه سوال ٻار جي چڱائيءَ جو آهي. هاءِ ڪورٽ چيو ته مجبوريءَ جي حالت ۾ لکي ڏنل دستبرداري ڪابه دستبرداري ڪانهي، پر ڪٽي هجي به ته ٻار جو ڀلو جنهن ڳالهه ۾ ڏسجي تيئن ڪجي، پوءِ چاهي لکت پڙهت ڪٽي ڪهڙي به ٿي هجي، ان کان سواءِ مسز جوليٽ پاڪستاني شهري نه هئي، خود گريس به پورچوگيز شهري هئي. اهڙيءَ حالت ۾ ڪين پاڪستاني ٻار ڏئي نٿو سگهجي. ان ڪانسواءِ گريس جي چال اهڙي آهي جو ٻار تي سندس صحبت جو برو اثر وجهندي. مسز جوليٽ وٽ به گريس جو اچڻ وڃڻ گهڻو هوندو. انهيءَ ڪري هاءِ ڪورٽ فيصلو ڪيو ته ثمينه خاتون، ثمينه خاتون آهي ۽ نه جاسنتا ماريا لوينيا، ۽ ان جي سنڀال عبدالهادي ۽ سندس

Gul Hayat Institute

ماءُ زينب خاتون جي حوالي ڪئي وئي ۽ ڪين حڪم ڪيو ويو تہ 15 ڏينهن اندر ثمينہ جي ڪاتي ۾ ڏهہ هزار روپيا ڪورٽ ۾ جمع ڪرائين ۽ ان بعد ڇوڪري پنهنجي حوالي ڪن، جدا گهر وٺڻ جي پابندي لاٿي وئي. وڏيڪ حڪم ڪيو ويو تہ گريس ۽ مسز جوليٽ هر آچر تي ثمينہ سان ملي سگهندا. ان ڪانسواءِ مسز جوليٽ هر هفتي 4 ڪلاڪن لاءِ ثمينہ کي پاڻ سان وٺي وڃي سگهندي.

(496 ڪراچي 6)

Gul Hayat Institute

# خورشيد بيگم - پوليس جاچ ۾

لاهور کان ريل رستي راولپنڊي وڃبو تہ راولپنڊيءَ کان 24 ميل اوريان ماندرا ريلوي جنڪشن ايندي، اتان وري هڪ ٻي ريلوي لائين نڪري ٿي، جا 47 ميل ڏکڻ اولهہ طرف وڃي پئون اسٽيشن تي ختم ٿئي ٿي. پئون پهچڻ کان اڳ آخري اسٽيشن آهي چڪوال. چڪوال هڪڙو ننڍڙو شهر آهي. منجهس ٻين سرڪاري آفيسن سان گڏ هڪ پوليس اسٽيشن بہ آهي.

جنهن زماني جي اسين ڳالهہ پيا ڪريون يعني جون 1957ع، تڏهن ان ٿاڻي جو صوبيدار ملڪ علي حيدر هو. سنڌس اسٽاف ۾ هڪ اي ايس آءِ، ٽي جمعدار ۽ 8 ڪنسٽيبل هئا. انهن مان اسان کي رڳو جمعدار غلام علي ۽ ڪنسٽيبل منظور حسين ۽ بلي شاهہ جا نالا معلوم آهن.

چڪوال کان 5 ميل اوپر ڏکڻ ڪنڊ تي هڪڙو ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن جو نالو آهي جالگا. هيءُ ڳوٺ اُتر پنجاب جي عام ڳوٺن جهڙو ڳوٺ آهي. زمين وارياسي ۽ ٽڪرائتي، وڻ ڇڊا، پرسان متيءَ جون عجيب غريب شڪلين واريون هنڌان هنڌان ڪاڏل ٽڪريون. ڳوٺ ۾ خاص ڳالهہ ڪانہ هئي، ساڳيا عام ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ساڳي سست رفتار زندگي، مال ۽ پوک ۾ اکيون، قديم دوستيون، پراڻيون عداوتون، سنهيون ٿلهيون مال جون چوريون، سڀ ڪا ڳالهہ عام هئي- سواءِ خورشيد بيگم جي.

خورشيد بيگم بابت اسان کي گهٽي خبر ڪانهي. ٿي سگهي ٿو تہ هيءُ بدصورت هجي يا شايد ماڻهن جهڙي ماڻهو هجي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ هڪ باهہ جو اُلو هجي، پنجن پاڻين جي ڌرتيءَ جو حَسين ترين پهاڙي گُل هجي. خاطري ڪانهي، اسان کي رڳو هيتري خبر آهي تہ هوءَ 20 سالن جي هڪ البيلي، ضدي، دلير ۽ سرڪش ڪنواري ڇوڪري هئي.

Gul Hayat Institute

ڳوٺ وارن ۾ اها ڳالهه مشهور هئي تہ ڳوٺ جي شوخ ۽ شهزور جوانن مان هڪڙو اهڙو بہ هو جنهن کي ڏسي خورشيد بيگم جي دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي ويندي هئي ۽ سندس اکين جي تارن ۾ ستارا نچڻ لڳندا هئا. ان خوش نصيب يا بدنصيب جو نالو بہ اسان کي معلوم آهي: مشتاق احمد. شايد سندن شادي ٿيڻ واري هئي- خورشيد بيگم جو پيءُ ڪراچيءَ ۾ پوليس کاتي ۾ ملازم هو. هوءَ پنهنجي چاچي نشان علي، ماءُ الهہ رکي ۽ پاءُ احمد خان سان گڏ رهندي هئي.

3 جون 1957ع جو ڏينهن هميشہ جيان گذري ويو. خورشيد بيگم، ماڻس، پاءُ ۽ چاچس پنهنجي گهر ۾ هئا، هرڪو پنهنجي ڪم ۾ مشغول هو. ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي، تہ ايندڙ رات سنهڙي ننڍڙي ڪڪائين آڪيري تي ڪا وِڄ ڪرڻ واري آهي.

سج لٿو ڏِيا ٻريا، اوچتو ٻاهران سڏ ٿيو تہ پوليس پاءُ، پيڻ، ڏير پاڄائيءَ کي ڪنيي ڪٽي نمبردار نورخان جي اوطاق تي ويا. صوبيدار ملڪ علي حيدر پاڻ لٿل هو. ساڻس گڏ هڪ ڳوٺ جو ماڻهُو محڪم دين هو. "محڪم دين جي چوري تي آهي، مشتاق احمد ڪٿي آهي؟" صوبيدار سيني کان پڇيو. هو وائڙا ٿي ويا. بيڪسي ڏيکاريائون، قسم سُنهن کنيائون، "اسان جو مشتاق احمد سان ڪوبہ واسطو ڪونهي، هن ۾ اسان جو ڪجهہ بہ ڪونہ وڃي." هنن ليلائي چيو.

"مون کي سڀ خبر آهي، هن چوريءَ جو يار آهي، انهيءَ کي خبر آهي." صوبيدار خورشيد بيگم ڏانهن اشارو ڪري چيو. خورشيد بيگم روئي ڏنو.

خورشيد بيگم ۽ ماڻس کي نورخان جي اوطاق جي هڪڙي ڪمري ۾، ۽ پاڻس احمد خان ۽ چاچس نشان علي کي ٻئي ڪمري ۾ پوريو ويو. سڄي رات ڪنهن اک بہ ڪانہ پوري.

ٻئي ڏينهن الهہ رکيءَ کي ڪيڏي ڇڏيائون. احمد خان ۽ نشان عليءَ کان بہ پئسا وٺي کين ڇڏيائون، باقي خورشيد بيگم لاءِ چيائون تہ، "جاچ ۾ گهربل آهي."

محڪم دين فرياد ۾ ڪنهن جو بہ نالو ڪونہ ڏنو هو. پوليس جو شڪ مشتاق احمد ۾ هو. خورشيد بيگم تي ڪوبہ الزام ڪونہ هو. هوءَ باقاعدي گرفتار بہ ڪانہ هئي. رُڳو "جاچ ۾" هئي، ڪنهن کي ڪيترا ڏينهن بند ڪري ويهاري سگهجي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ چڪوال ٿاڻي جي پوليس جو اهو ئي خيال هو.

ٻنپهرن ڌاري صوبيدار ٿاڻي تان جمعدار غلام علي ۽ ڪنسٽيبل منظور حسين ۽ ٻلي شاهہ کي گهرايو ۽ جاچ غلام عليءَ جي حوالي ڪري، پاڻ سيشن جي شاهدي ڏيڻ هليو ويو. خورشيد بيگم بند هئي.

5 جون جي صبح جڏهن الهہ رکي ماني کڻي وئي، تہ قيدڻ ڌيءَ جي حالت ڏسي سندس هنيون ڏري پيو. خورشيد بيگم جا وار تڙيل پکڙيل هئا. سندس هٿ پير

Gul Hayat Institute

سُوڙَلُ هئا. هن مانيءَ جو گرهه به وات ۾ نه وڌو. فقط ايترو چيائين، ”مون کي سڄي رات عذاب ڏنا اٿن.“

بدنصيب ماءُ چري ٿي پئي. گهر وڃي ڳالهه ڪيائين، پر پوليس جي ”جاچ“ سڀ کو چوي ”پوليس کي جاچ ۾ سڀ پاور آهن. ڪير ڪُڇي؟ ڊيوٽيءَ ۾ اٽڪاءُ ٿي پوي.“

جبل جيڏيون به راتيون لنگهي ويون، ۽ صبح جو الله رکيءَ کان وڌيڪ پاڻ جهليو نه ٿيو. صبح جو چانهه کڻي قيدڻ جي ڪمري ۾ گهڙي. خورشيد بيگم جي حالت بيان ڪرڻ کان ٻاهر هئي، ”مون ۾ وڌيڪ سهڻ جي طاقت ڪانهي.“ هن اوچنگارون ڏئي چيو ”مون کي... مون کي... مون سان زوري زنا...“ سندس گلو ڏک وچان گهُٽجي ويو. هن چانهه کي هٿ به نه لاتو.

جڏهن سڀ واهون بند ٿي وينديون آهن، تڏهن يا ته ماڻهُو صفا بزدل ٿي ويندو آهي يا صفا شينهن. خورشيد بيگم کي هيترن عذابن ۽ فاقن به زير نه ڪيو. پوليس الائي ڪيس ڇا ٿي چيو الائي ڪيس مشتاق تي ڪوڙو شاهد ٿي ڪيائون ۽ ڪانئس ڪا قبوليت ٿي ورتائون. بهرحال هوءَ زبردستي ڪابه ڳالهه مڃڻ واري ڇوڪري نه هئي. ان ڏينهن الائي هن ڇا سوچيو. شايد سوچيائين ته هن هيڏي ساري بيعزتيءَ کانپوءِ ڳوٺ ۾ سندس ڪهڙي عزت رهندي. يا شايد ٻني ٿي ته آخر سندس همت ۽ سهپ جواب ڏئي ويندي. آخر هوءَ پوليس جو ڇوڙ مڃي ويهندي ۽ پوءِ پنهنجي مشتاق کي ڪهڙو مُنهن ڏيکاريندي. يا الائي وڌيڪ عذاب برداشت ڪري نه سگهي.

بهرحال ماڻس جي وڃڻ کان پوءِ، هوءَ قيد مان ڀڄي نڪتي. ڪيئن نڪتي، سا خبر ڪانهي. رُڳو ايتري خبر آهي ته گلناز بيگم، غلام فاطمه ۽ ڳوٺ جي ٻين زالن هن کي ڏٺو ته هوءَ يڪي ڊوڙ ڪوهه ڏانهن ڀڳي وئي ۽ پنيان پوليس وارا مڙندا ويس. سيني جي ڏسندي، هن وڃي کوهه ۾ ٽپ ڏنو ۽ پوليس توڙي زندگيءَ جي قيد مان آزاد ٿي وئي. پوليس جي ختم نه ٿيندڙ ”جاچ“ هن پاڻ ختم ڪري ڇڏي.

ڊاڪٽر جي سرٽيفڪيٽ موجب ڪيس وِهَڪَ جي جاءِ ”پُٺ“، ساڄي ڪلهي ۽ ساڄي ٻانهن تي رهڙون ۽ ساڄي گوڏي جي هيٺان ڪاٻي لوٽي وٽ ڇچريل زخم هئا. ڪرنگهي جو هڏو ڇيڙي وٽ ڇيپاٽيل هوس. وِهَڪَ جي هنڌ جا هڏا ڀڳل هئا.

ڪاغذي بازيگري ٿي، دانست ناما ٺهيا، رپورٽون ۽ ڊائريون نڪتيون. خورشيد بيگم جي موت لاءِ ڪيس ئي جوابدار ٺهرايو ويو. ايترو به چڱو جو خودڪشيءَ ۾ ڪامياب ٿي. نه ته خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪرڻ جي ڏوهه ۾ چالان ڪنس ها_ ڳالهه لئي مٺي ٿي وئي – نه ٿي وڃي ها، بشرطيڪ خورشيد جو پيءُ پوليس کاتي جو ملازم نه هجي ها.

بدنصيب ڇوڪريءَ جي پيءُ نورحسين ڪراچيءَ مان اچڻ شرط گهوڙا گهوڙا ڪئي، چؤطرف پُڪارون ڪيائين، آخر ڏُکي ڏُکي عدالت جو ٽانڊو ٻريو. صوبيدار هٿين پيرين پئي، سُنهن قسم کڻي جند ڇڏائي.

بهرحال جمعدار غلام علي، ڪانسٽيبل منظور حسين ۽ بلي شاهه چالان ۽ مٿس قلم 330 (ڪنهن کان زبردستي قبوليت وٺڻ لاءِ ڪيس زخم رسائڻ) ۽ قلم 342 (ناحق روڪ ناحق بند) هيٺ چارج رکي وئي. مئجسٽريٽ صاحب ٻنهي ڪانسٽيبلن کي ڇڏي ڏنو. باقي جمعدار غلام عليءَ کي 6 سال سخت پورهئي سان سزا ڏني ۽ 500 روپيا ڏنڊ وڌائين. ڏنڊ مان 300 روپيا خورشيد بيگم جي پيءُ نورحسين کي خرچ طور ڏياريائين. ڪورٽ جي راءِ هئي تہ ڪانسٽيبلن، جمعدار جو حڪم مڃيو هو تنهن ڪري هو پنهنجي سِرُ ڏوهاري نهرائي نٿا سگهجن.

جمعدار غلام علي انهيءَ فيصلي خلاف، لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي. جمعدار غلام عليءَ پاران لاهور جي مشهور وڪيل مسٽر محمد انور (جو پوءِ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو اسپيڪر ٿيو) وڪالت ڪئي. اپيل جسٽس محمد شفيع ٻُڌي ۽ 9 جون 1959ع تي رد ڪيائين.

اپيل رد ڪندي هاءِ ڪورٽ ڪيترن اهم قانوني نُقطن بابت فيصلا ڏنا. پهريون هيءُ تہ "پوليس کي جاچ ۾ ڪنهن کي بہ روڪي وهارڻ جو حق ڪونهي. سواءِ باقاعدي گرفتاريءَ جي ڪنهن بہ شڪيءَ يا جوابدار کي ٽاڻي تي ويهارڻ بہ قانوني جرم آهي." هاءِ ڪورٽ چيو تہ "جاچ ڪندڙ عملدار جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي بيان لاءِ گهرائي تہ سندس فرض آهي تہ ان جو بيان وٺي ڪيس ڇڏي ڏي تہ گهر هليو وڃي." جيڪڏهن ڪو شڪي آهي يا ڏوهہ ۾ گهربل آهي تہ "ڪيس گرفتار ڪري 24 ڪلاڪن اندر عدالت ۾ پيش ڪرڻ گهرجي." ماڻهن کي "جاچ ۾ ويهارڻ" واري پوليس جي دستور تي راءِ زني ڪندي، جسٽس شفيع فيصلو ڏنو "مون کي اهڙو ڪوبہ قانون ڪونہ سُجهي، جو انهيءَ ڳالهہ جي اجازت ڏيندو هجي تہ پوليس جاچ جي بهاني ماڻهن کي ٿاڻي تي ويهاريو يا بند ڪريو ويٺي هجي. اهو سنئون سڌو ناحق روڪ ناحق بند جو ڏوهہ آهي. اهو جاچ ۾ ويهارڻ جو دستور جو هن ملڪ ۾ عام آهي ۽ جيڪو پوليس کي سهڻو موقعو ٿو ڏئي تہ ماڻهن کي ايذاءُ ڏئي، تنهن جي فوراً پاڙ پٽڻ گهرجي ۽ ان کي نيست و نابود ڪرڻ گهرجي، ڪوبہ قانون انهيءَ جي اجازت نٿو ڏئي."

هاءِ ڪورٽ ڊاڪٽر خلاف ريمارڪ پاس ڪيا، جو ان خورشيد بيگم جي لاش جي ڇڪاس ۾ اها ڳالهہ نہ ڏيکاري هئي تہ ساڻس زوريءَ زنا ٿيل هويا نہ.

ان ڪانسواءِ هاءِ ڪورٽ هيٺين ڪورٽ تي بہ ريمارڪ پاس ڪيا، جو ان ڪانسٽيبلن کي ڇڏي ڏنو هو. ڇاڪاڻ تہ بي قاعدي حڪم جي تعميل ڪرڻ وارو سزا کان بچي نٿو سگهي. هاءِ ڪورٽ فيصلو ڪيو تہ ٽيئي هڪجهڙا جوابدار آهن.

خورشيد بيگم جي دردناڪ موت سبب اها ڳالهہ قطعي طرح فيصل ٿي وئي تہ ”سواءِ باقاعدي قانوني گرفتاريءَ جي ڪنهن کي بہ جاچ ۾ ويهارڻ يا روڪڻ 342 پاڪستاني پينل ڪوڊ هيٺ سزا جوڳو ڏوهہ آهي.“

هاءِ ڪورٽ جو اهو فيصلو پاڪستاني قانوني فيصلا نالي ماهوار رسالي جي 1950ع واري جلد ۾ لاهور واري حصي جي صفحي 665 تي ڏنل آهي.

(آڪٽوبر 1966ع)

Gul Hayat Institute

# برجستو پوليس آفيسر

دُنِيا جي سڌريل ملڪن جون يونيورسٽيون رُڳو ڪلاسن ۾ ڪتاب ڪونہ ڇَٽائينديون آهن. آمريڪا ۽ يورپ جون يونيورسٽيون سائنسي ۽ علمي کوجنا جا عظيم ڪارناما سرانجام ڏينديون آهن. سندن پروفيسر ۽ شاگرد دُنِيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي پنهنجي پنهنجي علمي شعبي بابت تحقيقون ڪري نوان نوان انڪشاف ڪندا آهن.

يورپ جي نقشي تي نظر وجهبي تہ فنلينڊ جي اوير ۽ روس جي اُتر ۾ بئرينٽس سمنڊ نظر ايندو. هيءُ سمنڊ اُتر قُطبُ جي ويجهو آهي ۽ اڪثر ڄميل رهندو آهي. وچ وچ ۾ ڪٿي ڪٿي ڪوايڪڙ ٻيڪڙ ٻيٽ نظر ايندو. نہ تہ هزارين ميلن ۾ رُڳو ڄميل برف سان ڍڪيل سمنڊ ئي سمنڊ آهي. ان جا ٻہ وڏا ٻيٽ آهن نرويازيمانيا ۽ ڪولگوييو.

ڪولگو ييو ٻيٽ ماسڪو کان اٽڪل 900 ميل اُتر ۾ آهي. منجهس عجيب قسم جا پکي ۽ جانور رهن ٿا. ماسڪو يونيورسٽيءَ ڪولگوييو ٻيٽ جي عجيب ساهوارن جي مطالعي ۽ انهن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ علم حيوانات جي ٻن ماهرن جي هڪ مهم اوڏانهن رواني ڪئي. اهي ماهر هئا پروفيسر بوزوو ۽ اسسٽنٽ پروفيسر ووردنوو. ڪين هڪ سال ڪولگوييو ٻيٽ تي رهي تحقيق ڪري يونيورسٽيءَ کي رپورٽ ڪرڻي هئي.

اتفاق سان پروفيسر بوزوو ۽ اسسٽنٽ پروفيسر ووردنوو هڪٻئي سان اصل نہ ٺهندا هئا. ٻنهي کي هڪٻئي لاءِ سخت نفرت هئي.

يونيورسٽيءَ جي ٻين پروفيسرن هنن ٻنهي جي گڏ انهيءَ ڏورانهين برفاني ٻيٽ ڏانهن موڪلجڻ جو ٻُڌي چرچي طور چيو "شايد ڪين ڄاڻي ٻُجهي انهيءَ لاءِ موڪليو اٿن تہ ڪجھ گرمي ڇنڊي ٿڌا ٿي اچن...!" ڪن وري چيو "ڏسجو ويئا. هڪٻئي جا مٿا نہ ڦاڙي وڏائون تہ ڇئجوا!"

Gul Hayat Institute

پروفيسر بوزوو پنهنجي پهرئين خط ۾ دوستن کي پنهنجي پهچڻ جو اطلاع ڏيڻ ۽ ٻئي حال احوال ڏيڻ کان پوءِ لکيو. ”جي اسسٽنٽ پروفيسر وورډنوو جيڪو خود مطالعي جي لائق عجيب جانور آهي، سو گڏ نہ هجي ها تہ جيڪر زندگي ڏاڍي مزي سان گذري ها. هيءُ شخص منهنجي زندگي زهر ڪندو رهي ٿو.“

اڃا مهينو ئي ڪين گذريو تہ نڪ هڪڙي تار اچي سهڙي! ”پروفيسر بوروو کي اسسٽنٽ پروفيسر وورډنوو اک ۾ چاقو هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي.“

قتل جي جاچ ماسڪو جي پوليس انسپيڪٽر ليوشينين جي حوالي ڪئي وئي.

انسپيڪٽر ليوشينين ماسڪو جو برجستو پوليس آفيسر هو. برجستا پوليس آفيسر دُنِيا جي هر ملڪ ۾ آهن. البت برجستو پوليس آفيسر ڪهڙين لياقتن واري آفيسر کي سڏجي، تنهن جو مدار ملڪ ملڪ تي آهي.

مثلاً اسين پنهنجي ملڪ ۾ ”برجستو“ پوليس عملدار عام طرح ان کي ليکيندا آهيون، جيڪو تر جي وڏي ڀوتار اڳيان پاليل ٻليءَ جهڙو فرمانبردار ۽ عام خلقت لاءِ بگهڙ جهڙو خونخوار هجي، قانون جي نالي ۽ اوٽ ۾ ڦُريون، ڌاڙا، بلڪ خون ڪرڻ بہ ڏائي هٿ جو کيل سمجهي۔ مطلب تہ ”ٻہ-پار“ ۽ ”مڙس ماڻهُو“ هجي!

پر ٻين ملڪن ۾ ”برجستو پوليس عملدار“ ليکجڻ لاءِ وري ٻيون ڳالهيون ضروري آهن. پنهنجي پنهنجي پسند آهي.

انسپيڪٽر شينين هڪدم ڪولگوييو ٻيٽ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. پر معلوم ٿيس تہ آسپاس سمنڊ سڄو ڄمي چڪو آهي. ڪوبہ جهاز اوڏانهن وڃي نٿو سگهي، پر هيءُ مُڙڻ وارو ڪونہ هو. هن معلوم ڪري ورتو تہ ڪولگوييو ٻيٽ جي آسپاس هڪڙو برف چيريندڙ جهاز برف پيو چيري. هن ان جهاز جي ڪپتان کي ريڊيو رستي پيغام موڪليو تہ ٻيٽ تي وڃي پروفيسر بوزوو جي لاش کي سردخاني ۾ رکي ماسڪو پهچائي ۽ اسسٽنٽ پروفيسر وورډنوو کي بہ گرفتار ڪري وٺي اچ. ڪيس اهو بہ چيائين تہ جاءِ واردات جي تپاس ڪري شاهدن جا بيان لکي اچ.

ڪجهہ عرصي بعد ٻئي پروفيسر، هڪڙو سردخاني ۾ ۽ ٻيو هٿڪڙين ۾ ماسڪو پهتا.

شاهدن جي لکيل بيانن مان معلوم ٿيو تہ ٻئي پروفيسر گڏجي شڪار تي ويا هئا. ساڻن ٻيو ڪير بہ ڪونہ هو. واپس فقط جوابدار موٽيو. ماڻهن وڃي ڏٺو تہ فوتي پروفيسر جي اک ۾ چاقو ٽُنبيو پيو هو. اکين ڏٺو شاهد ڪوبہ نہ هو.



Gul Hayat Institute

انسپيڪٽر جوابدار ڪان اول سندس زندگيءَ جو احوال مختصر طور معلوم ڪيو. معلوم ٿيو تہ هن وڏيون ڪوجنائون ڪيون هيون ۽ ڪارائتا ڪتاب لکيا هئائين.

”تنهنجا پروفيسر بوزوو سان ڪهڙا تعلقات هئا؟“

”بدقسمتيءَ سان اسان جا تعلقات سُٺا ڪونہ هئا!“

”هو توهان کي نہ وڻندو هو يا توهان کيس نہ وڻندا هئا؟“

”اسين ٻئي هڪٻئي کي نہ وڻندا هئاسون.“

”توهان جي هڪٻئي لاءِ ناپسنديدگي ڪيتريءَ حد تائين هئي؟“

”سخت نفرت جي حد تائين!“

”قتل واري ڏينهن شڪار تي اوهان ٻنهي سان گڏ ٻيو ڪير هو ڇا؟“

”نہ.“

”پروفيسر بوزوو جي اتي ڪنهن ٻئي سان بہ اٽڪڻ ٿي پئي هئي ڇا؟“

”نہ. هو پنهنجن ئي پُورن ۾ هوندو هو. ٻيو تہ هونئن ٻين ماڻهن سان هو بلڪل خوش طبع هوندو هو.“

”دشمني فقط اوهان سان هيس؟“

”فقط مون سان!“

”ڪڏهن توهان انهيءَ نفرت جو ساڻس اظهار بہ ڪيو؟“

”ڪيترا دفعا ـ جڏهن هن منهنجي ڪوجنائن تي ڇٽرون ڪيون، تڏهن مون کيس چيو تہ دل تي چويم تہ...“

”جملو پورو ڪريو!“

”...چيومانس تہ دل تي چويم تہ تنهنجو مٿو ڦاڙي وجهان.“

”اوهان جي پاڻ ۾ آخري ڇڪري واقعي کان گهڻا ڏينهن اڳ ٿي؟“

”ٻہ ڏينهن اڳ...“

”پروفيسر، اوهان جي خيال ۾ پلا ائين ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ پروفيسر جو ڪو دشمن ماسڪو کان آيو هجي ۽ موقعي جي تاڙ ۾ لڪو پيو هجي ۽ شڪار جي موقعي تي لڪ ڇپ ۾ توهان جي بي خبريءَ ۾ کيس خون ڪري ڀڄي ويو هجي؟“

”آءُ نٿو سمجهان تہ سندس ڪو اهڙو دشمن ٿي سگهي ٿو. هو سڄو وقت ڪتابن ۽ ڪوجنائن جي دُنيا ۾ غرق هوندو هو. کيس ٻين ماڻهن سان دشمنيون رکڻ جو وقت ئي ڪونہ هو.“

”آخري سوال پروفيسر! اهڙا ڪي سبب آهن جو ڪورٽ کي سفارش ڪري سگهجي تہ توهان کي ڦاسيءَ جي بدران جنم ٽيپ ڏئي...مثلاً پنهنجي بچاءُ ۾ ڌڪ هڻڻ وغيره؟“

Gul Hayat Institute

”نہ.“

معاملو بلڪل صاف هو. جوابدار خلاف اڻ سڌيءَ طرح مڪمل ثابتي هئي. ٻہ گڏ شڪار تي ويا هئا. منجهانئن هڪڙو قتل ٿيل ڏٺو ويو. جيئرو مئل جي موت بابت ڪابہ سمجهاڻي نٿو ڏئي سگهي، حالانڪ خون وقت ٻئي گڏ هئا. انهيءَ مان انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪهڙو انومان نڪري سگهي ٿو سواءِ انهيءَ جي تہ هڪڙي ٻئي کي پورو ڪيو هو. خاص ڪري جڏهن هُو خود قبولدار هو تہ ڪيس فوتيءَ لاءِ سخت نفرت ۽ ڌِڪار هئي، ڪنهن بہ مهذب ملڪ جي عدالت ۾ حالتن ۽ ماحول مان اهي ثبوت جوابدار کي ڏوهي ٺهرائڻ لاءِ ڪافي آهن. اسان جو ڪوبہ صوبيدار هجي ها تہ رهيل ڪسر بہ منٽن ۾ پوري ڪري ڇڏي ها ۽ ٻہ تہ ٽي چار اکين ڏٺا شاهد بہ موجود ڪري وجهي ها ۽ سندن 164 جا بيان بہ وٺائي ڪيس لوهہ ڪري ڦاهو ڪارائي ڇڏي ها.

پر انسپيڪٽر شينين پنهنجي وطن جي معيار مطابق برجستو ۽ تجربيڪار پوليس انسپيڪٽر هو. ڪيس ڪنهن ڇهين حواس ٻُڌايو تہ سامهون ويٺل پيلو ۽ ڏٻل پروفيسر سچ پيو ڳالهائي. سندس خلاف ثبوت برابر مضبوط هئا ۽ وٽس ڪو بچاءُ بہ ڪونہ هو پر انسپيڪٽر جي تجربيڪار ذهن اها ڳالهہ مڃي نٿي تہ ڪو قاتل هيءُ ماڻهُو آهي، پر ڦاسي گهاٽ جي هن نئين پانڊيئڙي کي ڦاسي گهاٽ جي موتمار زيارت کان بچائڻ لاءِ ڪُليل ۽ چِٽي ثبوت جي ضرورت هئي. انسپيڪٽر عزم ڪيو تہ جي پروفيسر بيگناهہ آهي تہ هُو ڪيس هرگز مرڻ نہ ڏيندو. جيئن تہ ڪيس پورو گمان هُو تہ هو بي ڏوهي آهي، تنهن ڪري ڪيس حوالات ۾ رکڻ بہ ظلم ٿي چئبو. ”جيڪڏهن اسين اصل حقيقت معلوم نہ ڪري سگهيا آهيون تہ ان ۾ هن جو ڪهڙو قصور؟“ هن سوچيو. آخر هن پروفيسر کي چيو. ممڪن آهي تہ آءٌ سنگين غلطي ڪري رهيو هجان پر منهنجو خيال آهي تہ توهان سچ ٿا چئو. بهرحال آءٌ وڌيڪ جاچ ڪريان ٿو. توهان ٽيليفون ڪري ڪو ضامن گهرائي وٺو. في الحال مان توهان کي پنهنجي ذمہ داريءَ تي ضامن تي آزاد ڪريان ٿو.

انسپيڪٽر شينين سڌو اسپتال ويو ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ پڙهيائين. ڊاڪٽر سيميو نووسڪي رپورٽ ۾ لکيو هو. ”فوتيءَ جو موت ڪاٻي اک ۾ چاقو لڳڻ ڪري ٿيو آهي. اهو ڌڪ بي انداز بلڪ وحشي قوت سان هنيو ويو آهي.“

”وحشي قوت مان توهان جي ڪهڙي مراد آهي؟“ انسپيڪٽر ڊاڪٽر کان پڇيو.

”منهنجو مطلب آهي تہ ايتري قوت سان جيتري رواجي طرح انسان ۾ نہ ٿيندي آهي، پر آءٌ ٻُڌائي نٿو سگهان تہ ڪهڙي قسم جي.“



Gul Hayat Institute

فوتيءَ جي بندوق ۽ خوني چاقو رواجي قِسم جا هئا. چاقو جا چپيندي انسپيڪٽر ڏٺو تہ ان ۾ ٿورڙو نقص هو ان جي ڪاٺ جي ڳن واري پوچڙي وٽ وچ واري رڪ جي سنهي پٽي ٿوري ٻاهر نڪتل ۽ ڇهنبياري هئي. اوچتو ڪيس ڪو خيال آيو تہ هو ٽپ ڏئي اُٿي بيٺو۔ ڪلاڪ اندر هن پنهنجي آفيس ۾ هٿيارن ۽ شڪار جي ماهرن جو هڪڙو ٽولو گڏ ڪري ورتو ۽ ڳچ دير ڪائنن پڇا ڪندو رهيو.

انهيءَ وچ ۾ ماسڪو يونيورسٽيءَ ۾ ٽرٽلو مچي ويو. فوتيءَ پروفيسر بوزوو جا دوست ۽ عزيز مجرم جي ضامن تي آزاد ٿيڻ جو ٻُڌي ٻاهہ ٿي ويا. ٽيليفونون ٿي ويون، فوتيءَ جي پاءُ ڪورٽ ۾ سڏو فرياد داخل ڪيو۔ جوابدار تي ڪيس هلايو ويو۔ سموري ثابتي پيش ڪئي وئي. جوابدار ڪان پڇيو ويو، ”ڪو بچاءُ ڏيندين؟“

”مون وٽ ڪوبہ بچاءُ ڪونهي.“ هن مايوسيءَ مان وراڻيو.

”آءٌ هن جو بچاءُ ڏيڻ گهران ٿو. مون کي خبر آهي تہ هيءُ خون ڪيئن ٿيو آهي؟“

جج جويءَ ۽ وڪيلن جون نگاهون وچ ۾ ڳالهائيندڙ ڏانهن کڄي ويون، اهو انسپيڪٽر شينين هو.

جج بچاءُ جي وڪيل ڏانهن سوالي نگاهن سان ڏٺو. بچاءُ جو وڪيل مُنجهي پيو تہ هيءُ پوليس انسپيڪٽر الائي ڪهڙي ڳالهہ ڪندو. هُو خاموش رهيو.

جج ڪجهہ سوچي چيو، ”توهان کي ڪورٽ جي شاهد طور شاهدي ڏيڻ جي اجازت آهي.“

انسپيڪٽر شينين چيو، ”جناب جج صاحب، منهنجي درخواست آهي تہ انصاف جي بهتريءَ لاءِ ماسڪو يونيورسٽيءَ جي مڪينيڪل شعبي جي شڪاري، هٿيارن جي ماهر پروفيسر دوبدوسڪي کي سڏايو وڃي ۽ مون کي اجازت ڏني وڃي تہ آءٌ ڪائنس ڪي سوال پڇان؟“

وڪيلن ۽ جج جي وچ ۾ انهيءَ قانوني نقطي تي بحث هليو تہ آيا ائين ڪري سگهجي ٿو؟ آخر جوابدار کان پڇيو ويو تہ، ”توکي اها ڳالهہ قبول آهي؟“ هن هائو ڪئي.

جڏهن پروفيسر دوبدوسڪي آيو تڏهن انسپيڪٽر شينين ڪائنس پڇيو:

”توهان شڪاري هٿيارن جي ماهر جي حيثيت ۾ بين الاقوامي شهرت رکو ٿا؟“

”آءٌ ماسڪو يونيورسٽيءَ جي هٿيارن ۽ بارُود جي علم واري شعبي جو صدر آهيان. انهيءَ علم بابت ڪجهہ ڪتاب بہ لکيا اٿم، جي دُنيا جي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن ۽ ڪن غير ملڪي يونيورسٽين ۾ اهي ڪتاب ڪورس طور پڙهايا

Gul Hayat Institute

ويندا آهن. باقي ڪا خاص بين الاقوامي شهرت آهي يا نه، سا مون کي خبر ڪانهي.“

”خير ٺيڪ آهي. توهان پاڻ مشهور آزموديگار شڪاري آهيو.“

”مشهور ۽ آزمودي گار شڪاري هجڻ بابت ته...“

”خير ٺهيو... ننڍي هوندي هر قسم جو شڪار ڳڌجي ڪندا رهيا آهيون؟“

”ها.“

”جيڪڏهن ڪارتوس مِس ٿي پون ۽ ڪنهن بئي سبب بندوق جي نڙيءَ ۾ وجهندي ڦاسي پون ته توهان ڇا ڪندا آهيو؟“

”ان کي آهستي ڪنهن شيءِ سان ٺوڪي ٺوڪي اندر ڪندا آهيون.“

”مثلاً شڪار جي چاقوءَ جي ڳن سان.“

”ها.“

”هي چاقو ڏسو. سندس ڇُهنبدار پوڇڙي ڏسو.“

”جيڪڏهن هن چاقوءَ جي ڳن سان اهڙي ڪنهن ڪارتوس کي ٺوڪي بندوق ۾ اندر ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ ڪارتوس جي مُنهن تي هيءَ ڳن جي ڇُهنب لڳي ته ڪجهه ٿي سگهي ٿو.“

”ها ممڪن آهي ته ڪارتوس ڦاٽي پوي!“

”پوءِ چاقو ڪيڏانهن ايندو؟“

”اهڙو اتفاق ٿي پوي ته پوءِ چاقو مخالف طرف ڏانهن زور سان ڏِڪبو.“

”مخالف طرف معنيٰ جيڏانهن ڪارتوس وجهندڙ ماڻهُو هوندو؟“

”ظاهر آهي.“

”توهان حساب ڪتاب لڳائي اهڙو چارٽ ٺاهي پيش ڪري سگهندا، جنهن سان اهو معلوم ٿئي ته اوچتو ڦاٽل ڪارتوس جي ڏِڪيل چاقوءَ جو صحيح رُخ ۽ ڪارتوس وجهندڙ جي بدن جي جنهن هنڌ تي اهو لڳندو، تنهن جي پوزيشن معلوم ٿي سگهي؟“

”ها، بشرطيڪ مون کي اهڙي آزمائش ڪرڻ ۽ چارٽ ٺاهڻ لاءِ هڪ ڏينهن مهلت ملي؟“

ٻئي ڏينهن هن چارٽ پيش ڪيو ۽ چيائين، ”اهڙي اتفاق جي حالت ۾ ڦاٽل ڪارتوس جو ڏِڪي اُڇليل چاقو ڪارتوس پريندڙ جي ساڄي اک ۾ لڳندو.“

”ڦَر واري پاسي يا ڳن واري پاسي؟“

”ڦَر واري پاسي، مُنهانتو.“

Gul Hayat Institute

”اک ۾ گهڙي ويندو.“

”بلڪل.“

”آهستي يا زور سان.“

”بي انداز غير انساني زور سان.“

”ڇڻ ته ڪنهن وحشي قوت جو هنيل هجي؟“

”بلڪل.“

جج وچ ۾ چيو. ”انسپيڪٽر شينين پروفيسر دوبووسڪيءَ جي شاهديءَ واقعي ڪيس ۾ نوان امڪان پيدا ڪيا آهن، پر هڪڙي ڳالهه سموري شاهديءَ کي بي معنيٰ بڻائي ٿي ڇڏي، توهان کي شايد معلوم ناهي ته فوتيءَ کي چاقو کابي اک ۾ لڳل آهي ۽ نه ساڄي اک ۾.“

”جناب، مون کي چڱيءَ طرح معلوم آهي، آءٌ انهيءَ تي به اچان ٿو... پروفيسر صاحب، توهان جيڪو حساب لڳايو آهي، سو انهيءَ بُنياد تي ته ڪارتوس پريندڙ ڪارتوس ساڄي هٿ سان ٺوڪيندو هوندو... ائين نه؟“

”جي ها ــ ظاهر آهي...“

”پر ڪي ماڻهو کاٻڙ به ٿيندا آهن... اهو ماڻهو ڪارتوس کابي هٿ سان ٺوڪيندو... ائين نه؟“

”ظاهر آهي.“

”ساڄڙ ۽ کاٻڙ مختلف طرفن کان ٺوڪ ڏيندا ۽ ردعمل به مختلف ٿيندو، يعني چاقو جنهن طرف موٽ کائيندو، سو ڌار ڌار هوندو؟“

”ها.“

”هاڻي فرض ڪريو ته ڪارتوس ٺوڪيندڙ کاٻڙ آهي ته پوءِ ڪارتوس ڦاٽي پوي ٿو ۽ چاقو پوئتي ڌِڪجي ٿو، اهو ڪهڙي پاسي ويندو؟ اهڙي ماڻهوءَ کي ڪهڙي عضوي ۾ لڳندو؟“

”کابي اک ۾.“

انسپيڪٽر فوتيءَ جي پاءُ کي وري پڇري ۾ سڏايو ۽ کائنس هڪڙو سوال پڇيو. ”توهان جو پاءُ ساڄڙ هويا کاٻڙ؟“

”کاٻڙ.“

پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر کان پڇيو ويو. ”جنهن وحشي قوت جو توهان ذڪر ٿي ڪيو سا ڪنهن بارود جي ڇُٽڻ جي ٿي سگهي ٿي؟“

Gul Hayat Institute

”بلڪل.“

”انسان جي هٿ جي نه؟“

”بلڪل نه؟“

هاڻي فريادي اُٿي بيٺو هو پاڻ پروفيسر هو.

”جناب اعليٰ، مون هاڻ سمجهيو ته منهنجي پاءُ جو موت حادثي سبب ٿيو آهي ۽ ڪيس ڪنهن به خون نه ڪيو آهي. آءٌ فرياد تان دستبردار ٿيان ٿو ۽ پروفيسر وورڊنوو کي غلط فهميءَ سبب پهتل تڪليف لاءِ ڪائنس معافي ٿو وٺان.

اهڙيءَ ريت پوبلس انسپيڪٽر شينين هڪ دفعو وري به هڪ ”برجستي“ پوليس آفيسر سڏجڻ جو حق محفوظ ڪري ڇڏيو.

(رسالو سوويت يونين صفحو 40 ماسڪو 1966 نمبر 199)

Gul Hayat Institute

# غيرتي پُٽُ

ملڪ ۾ ضياءَ شاهيءَ جا ڦهري ڪلور چوٽ چڙهيل هئا. گرفتارين ۽ ڦٽڪن جي بازار گرم هئي، جيل سٽيل هئا. غدار مخلوق جي چاندي هئي، وطن جا بي انداز غيرتمند فرزند ۽ نياڻيون سالن کان فوجي راڄ جي راڪاس سان مهاڏو اٽڪايو لاڪپن، قيدخانن ۽ بند واردن مان جبر سان جنگ جوٽيون بيٺا هئا.

جون جو مهينو اچي سهڙيو هو ۽ سنڌ ۾ اونهارو پنهنجي عروج تي هو. سال 1983ع جو 14 اگسٽ وارو آزاديءَ جو ڏينهن ۽ ضياءَ شاهيءَ خلاف دڪڙ تي اٿو لڳڻ جو ڏينهن فقط ٻه مهينا پري هو. سنڌ پنهنجي جدوجهد جي شاندار ترين دؤر ۾ داخل ٿيڻ واري هئي ۽ سڄيءَ دُنيا کي پنهنجي وجود ۽ غيرت جو چٽاءُ ڏيڻ واري هئي.

ان وچ ۾ ٻيا ڏنڊا ٻه پئي هليا، ماڻهن مال پئي چاريا. ٻنيون ٻارا ۽ وڻج واپار پئي ڪيا. وڏيرن جي اوطاقن، ٿاڻن ۽ ڪورٽن ۾ فيصلا پئي هليا. سڀ شوق شڪار، ملهون، ٻيلهاڙا، اٽي ڏڪر، ”ڪارو ڪاري“ اڳي وانگر هئا.

جون 1984ع جي 11 تاريخ لاڙڪاڻي جي ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ عبدالفتاح جي ڪورٽ ٻاهران هڪڙي هٿڪڙيون لڳل قيديءَ کي وٺي آيا.

”هيءُ جوان ڇا ۾ آندو اٿوَ؟“

هڪڙي ماڻهوءَ پوليس واري کان پڇيو.

پوليس واري جواب ڏنو:

”خون ۾ آهي.“

”بابا غيرت ۾ آيا آهيون.“ قيديءَ ڳاٽ اوچو ۽ آواز مٿي ڪري، پوليس واري جي آواز کي ڪٽيندي چيو. سوال پڇندڙ ٿورڙو هيسجي، ڪجهه هيٺائين آواز ۾ چيو. جڻ پنهنجي مُنهن چوندو هجي:

”ابا گيرت جون پاڙون آهن دوزڪ ۾.“

آسپاس بيٺلن مان ڪنهن وراڻيو:

Gul Hayat Institute

”برابر!“

ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ جي سرشتي دار قيديءَ کان پڇيو ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”وسايو.“

ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ ڳنڀير آواز ۾ وسائي کي مخاطب ٿيندي چيو ”ڏس بابا! هيءَ ڪورٽ آهي، تون قبولداري ڏين نه ڏين وَس وارو آهين. قبولداري ڏين ته اها ڳالهه تنهنجي خلاف ڪم اچي سگهي ٿي، نه ڏيندين ته آءٌ وري توکي پوليس حوالي نه ڪندس. سڌو جيل موڪليندس، مون توکي ٻه ڪلاڪ سوچڻ جو ٽائيم ڏنو آهي، هاڻي ٻُڌاءِ تون پنهنجي رضا خوشيءَ سان قبولداري ڏيڻ چاهين ٿو ڇا؟“

”ها سائين! آئون پنهنجي خوشيءَ سان قبولدار ٿيان ٿو.“

ماجسٽريٽ 164 ڪپڪ جي سائن سان لاڳو شرطن جي پورت ڪندي چيو:

”توکي ڪنهن لالچ يا دڙڪو ته ڪونه ڏنو آهي ته هريرو قبولدار ٿي؟“

”نه سائين مون کي ڪنهن ڪجهه ڪونه چيو آهي، مون فقط غيرت ۾ اچي ڪيو آهي.“

”ته ٻُڌاءِ تون ڇا ٿو چوڻ چاهين؟“

وسائي پنهنجو بيان شروع ڪيو:

”ڪارو فوتي امير بخش اسان جي پاڙي ۾ رهندو هو مون کي مٿس شڪ هو ته هُو منهنجي ماءُ سان ڪارو هو. گذريل سومر جي ڏينهن يعني 6 جون 1983ع تي آئون صبح جو سويل جاڳيس ته مون ڏٺو ته اندرين ڪمري ۾ هو منهنجي ماءُ سان گڏ سُتو پيو هو. آئون ڪهاڙي کڻڻ لاءِ موٽيس. ايتري ۾ هن کي مون ڏٺو ۽ هن مون کي ڏٺو ۽ هو پنجابيءَ جي ٻنيءَ ڏانهن ڀڳو. آئون ڪهاڙيءَ سان ڪيس پُٺيان پيس ۽ ان ٻنيءَ تي وڃي ڪيس ڪهاڙيءَ سان ماريم ۽ پوءِ هڪدم آئون گهر آيس ۽ پنهنجي ماءُ کي ڪاري ڪري ساڳي ڪهاڙيءَ سان قتل ڪري ڇڏيم...“

ٿورن ڏينهن کان پوءِ وري ڪيس ٻيءَ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو.

سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج لاڙڪاڻي جي ريڊر ڪيس مٿس لڳايل ٻِنهي قتل جي تُهمت پڙهي ٻُڌائي.

هن چيو ”آئون بي قصور آهيان، مون کي تهمت قبول ناهي.“

”توکي وڌيڪ ڪجهه چوڻو آهي؟“

”آئون پنهنجي گهر هئس، آئون ٻنيءَ تي ويس، مون پنهنجي ماءُ مسمات ساران ۽ امير عليءَ کي زنا ڪندي ڏٺو ٻئي اُگهاڙي حالت ۾ هئا، انهن کي ڏسي مون کي ڪاوڙ آئي، منهنجي هٿ ۾ ڪهاڙي هئي، جيڪا آئون عام طرح کڻي هلندو

آهيان. امير علي ڪاري پچڻ جي ڪوشش ڪئي، مون ڪاري کي ماريو. منهنجي ڏکن هٽڻ ڪري هُو ڪري پيو. مون ڪاريءَ کي (پنهنجي ماءُ کي) بہ ٿڏي تي ماري ڇڏيو. مون ٻنهي کي سخت ۽ اوچتي اشتعال جي ڪري ۽ پنهنجي خانداني غيرت بچائڻ جي خاطر ماريو.“

پوءِ شاهديون شروع ٿيون.

پهرين فريادي يعقوب آيو سندس شاهديءَ جو تت هيءُ هو تہ جوابدار جو پيءُ مري ويو هو سندس ماءُ ساران کي بہ پٽ هئا. هڪڙو هو پاڻ ۽ ٻيو هو پاڻس علي محمد. فريادي جي پاءُ امير علي جو نڪاح مائي ساران سان ٿيڻ وارو هو. ان جي عيوض يعقوب پنهنجي ڌيءَ ساران جي پُٽ علي محمد کي بدلي ۾ ڏيٺي ڪئي هئي. وسايو ان جي ڪري ماڻس تي ڪاوڙيل هو. هن اها ڇوڪري پاڻ لاءِ ونڻ ٿي چاهي. ڇَهہ جون 1983ع تي فجر جو فريادي جي پاءُ امير عليءَ ديھہ گاد ۾ نالي جي ڪاٽي پئي ڪئي تہ صبح جو اَئين وڳي وسايو مٿس ڪهاڙيءَ سان ڪڙڪيو ۽ ڪهاڙيءَ جو وسڪارو ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيائين. اُن وقت فريادي يعقوب جو پٽ گل محمد جيڪو پنهنجي چاچي علي محمد جي نيرن کڻي ويو هو. سو بہ اچي اُتي سهڙيو. حقيقت ڏسي هن دانهون ڪيون. جنهن تي پاسي وارين ٻنين مان حڪيم ۽ رمضان ڊوڙي آيا. تن واقعو ڏٺو پوءِ وسايو اتان ڏيڍ فرلانگ پنڌ ڪري ان جاءِ تي ويو جتان ماڻس ساران ٻنيءَ تي ڪم پئي ڪيو ۽ ڪيس ڪهاڙيءَ سان ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيائين. گل محمد اها حقيقت ڊوڙي اچي پنهنجي پيءُ يعقوب سان ڪئي، جنهن سرزمين تي وڃي ٻنهي جا لاش ڏٺا ۽ اتان سڌو ڏامراهہ پوليس ٿاڻي تي وڃي فرياد داخل ڪرايائين. اُن وقت صبح جا ساڍا نوَ ٿيا هئا. ٿاڻي جي اي ايس آءِ محمد ياسين بروقت جاچ شروع ڪئي. اي ايس آءِ شاهدي ڏيندي چيو تہ فرياد داخل ٿيڻ شرط بروقت هُو سرزمين تي ويو. مُشيرن جي روبرو فريادي جي ڏيکارڻ تي جاءِ واردات ڏٺائين. مُشيرنامو تيار ڪيائين. لاش پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ چانڊڪا ميڊيڪل اسپتال لاڙڪاڻي موڪليائين. ڇئين ڏينهن ڪانپوءِ وسايو گرفتار ٿيو ۽ مشيرن جي روبرو هڪ ڪيڙ جي وڻ هيٺان زمين مان رَتُ ۾ ٻڏل ڪپڙا ۽ ڪهاڙي ڪڍي ڏنائين.

حڪيم شاهدي ڏيندي چيو ”مون پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪم پئي ڪيو. رمضان بہ ان وقت اتي هو مون يعقوب جي پُٽ گل محمد جون دانهون ٻُڌيون ۽ آءٌ ۽ رمضان دانهن طرف ڊوڙندا وياسين. جڏهن اسين اُتي پهتاسين تڏهن جوابدار وسائي کي پچندي ڏٺوسين. گل محمد رڙيون پئي ڪيون ۽ امير علي زخمي حالت ۾ پَٽَ تي پيو هو. جوابدار وسائي اسان کي چيو. ’مون کي ويجها نہ اچو. مون ڪارو ماريو آهي...‘ فوتڻ مائي ساران واردات کان اٽڪل فرلانگ کن پري مُئي پئي هئي.“

آڏي پڇا ۾ هن چيو ته، ”فوتڻ ساران ۽ امير عليءَ جا پاڻ ۾ ناجائز تعلقات هئا، جوابدار وسائي کين خراب حالت ۾ ڏنو ۽ قتل ڪيائين.“

شاهد رمضان به ساڳي ڳالهه ڪئي. آڏي پڇا ۾ هن شاهد چيو ”اها ڳالهه برابر آهي ته مائي ساران ۽ امير عليءَ جا ناجائز تعلقات هئا، ان ڪري وسائي کين ڪارو ڪاري ڪري ماري ڇڏيو.“

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽر دوست محمد پنهنجي شاهديءَ ۾ بين ڳالهين سان گڏ اها ڳالهه به ڪئي ته، ”فوتي امير عليءَ جو آنڊو ڪاڏي کان خالي هو.“

ڪيس جي پوري ٽيڻ ۾ سچا سارا ڇهه سال لڳي!

22 جون1989ع تي لاڙڪاڻي جي ٻئي ايڊيشنل سيشن جج وسائي کي قتل جو ڏوهي ٺهرائي ڪيس موت جي سزا ڏني ۽ سزا جي تصديق لاءِ هاءِ ڪورٽ ڏانهن ريفرنس موڪليائين. وسائي به موت جي سزا خلاف هاءِ ڪورٽ کي جيل مان اپيل موڪلي، جيڪا سنڌ هاءِ ڪورٽ جي هڪڙي ڊويزنل بينچ ٻڌي. ڊويزن بينچ جا جج هئا مسٽر جسٽس عبدالرحيم قاضي ۽ مسٽر جسٽس قيصر احمد حامدي. پورن چوڏهن مهينن کانپوءِ 22 آگسٽ 1990ع تي ڊويزن بينچ ريفرنس ۽ اپيل ٻنهي جو فيصلو ڪيو. اهو فيصلو لکيو مسٽر جسٽس قيصر احمد حامديءَ. ڪورٽ اڳيان مُکيه سوال هو ته ٻن ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهه سچي آهي. مسئلو ڪارو ڪاريءَ جو هو يا سڱ نه ملڻ ۽ ماءُ جي ٻئي نڪاح ڪرڻ جي فيصلي خلاف ڪائنس انتقام وٺڻ جو؟ جي واقعي بدران پنهنجين اکين سان ڪارو ڪاري ڏسي غيرت وچان به قتل ڪيا هئا ته ان حالت ۾ ڪيس ڦاسي يا جنم قيد بدران گهٽ سزا ملڻي هئي. جي ڪارو ڪاريءَ جي آڙ وٺي ماءُ ۽ ٽيڻ واري مڙس کان انتقام ورتو ويو هو ته قاتل کي ڦاسيءَ کان گهٽ سزا جو ڪوبه قانوني جواز ڪونه هو.

Gul Hayat Institute

عام ماڻهن چواڻي انصاف جا ڪوڏيا جج صاحب ”سونو قلم هٿ ۾ ڪنيو تخت سليمانيءَ تي ويٺا انصاف ڪن.“ دراصل جج صاحبان پنهنجي سموري علم ۽ اڪابريءَ، پنهنجين سمورين برترين ۽ فضيلتن ۽ سونن قلمن ۽ سليماني تختن سميت ماڻهن جهڙا ماڻهو آهن. هُو هن سماج جو حصو آهن ۽ ان جي سمورين روشن توڙي اونداهين سماجي روايتن ۽ ذهني فڪري رَوَين ۽ تعصبن جي زَد ۾ رهندڙ آهن.

سنڌ ۾ ڪارو ڪاريءَ جو الزام معنيٰ ڪُتي کي پُڙي. ڪنهن ڪار-ڇيي زبان مان ڪنهن جي نالي ڪاري يا ڪاريءَ جو اکر نڪتو ناهي ته اهو مڙس يا

مائي ختم ٿي ناهي. جڏهن مائرن انهن کي ڄائو ئي ڪونه هو. ”ڪاري ڪاريءَ“ جي ڪوڙي الزام کان وڌيڪ سَولو يا وڌيڪ هڻ ـ ڪڻ الزام سموري انساني سماج اڃا ايجاد ئي ڪيو ڪونهي. انهن الزامي اکرن ٻُڌڻ شرط ماڻهن جي اکين تي پردا چڙهيو وڃن. سندن دماغ مائوف ٿيو وڃي ۽ هُو هڪڙي لحظي ۾ عقلمند انسان مان ڦِري ڪجهه ٻيو ٿيو پوي. ”ڪاري ڪاريءَ“ جو الزام هڻي ماري ڇڏڻ جي روايت سماج جي شعور کي جنهن حد تائين متاثر ڪيو آهي، تنهن جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڪستان جي سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽن پنهنجن ڪيترن فيصلن جهڙوڪ غلام رسول جو ڪيس (جسٽس ڪارنيلس)، خداداد جو ڪيس (جسٽس انوارالحق) ۾ چيو آهي ته هن قِسم جو تصور هن ملڪ جي روايت جو حصو آهي. ان ڪري ان الزام جي حوالي سان ڪيل قتل جي ڪيس ۾ قتل ڪي قاسيءَ بدران ٻي هلڪي سزا ڏني وڃي. اهڙي سماجي سوچ ۽ عدالتن ۽ سماج جي ٻين شعبن تي ان سوچ جي وڏل اثرن جي ڪري ”ڪارو ڪاريءَ“ جي ڪاروبار جهڙو سستو سودو ٻيو ٿيندو ئي ڪونه. ڪاري ڪاريءَ جو الزام جو اکر وات مان ڪڍي پلي ڪٽي ست خون ڪري ڇڏجن، مجال آهي جو ڪٽي ڪو الف مان ب چوي. خود ماريلن جا ماءُ پيءُ ۽ پائر اکين ٻيٺا ڏسندا ته به هٿ وجهي ڇڏائڻ جي جرئت نه ڪندا. ڪو لاش ڪٽڻ وارو مشڪل سان ملندو، اول ته فرياد ٿيندو ئي ڪونه. جي ٿيو ته ڪو شاهد ئي ڪونه ملندو. جي في الحال مليو ته ڪورٽ ۾ ڦِري ويندو. گهڻو گهڻو ٿيو ته همراهه ٻه ٽي سال ڪاٽي وڏي رُعبُ تاب ۽ شان مانُ سان موٽي ايندو. دوست دشمن هر ڪو چوندو، ”هھڙو مٿير غيرتي مڙس ٿيو ئي ڪونه!“

جسٽس حامديءَ پهريائين ته ان قانوني تقاضا جي پورائي ڪئي ته اهو باقاعدي نموني رسمي طرح طئي ڪيو وڃي ته ڪارو ڪاريءَ جي ناتي سان جنهن جوڙي کان زندهه رهڻ جو حق کسيو ويو هو تن کان زندگي ڪنهن کسي؟ هن جوابدار جو ايڊيشنل سيشن جج لاڙڪاڻي اڳيان ڏنل بيانن ڪيل قبولتن کان سواءِ ٻيا پنج ثبوت نوٽ ڪيا. (1) گل محمد جي شاهدي، (2) رمضان ۽ حڪيم اڳيان وسائي جي غيرعدالتي قبوليت، (3) فريادي يعقوب جي تائيدي شاهدي، (4) وسائي معرفت رُتَ ٻُڏل ڪپڙن ۽ ڪهاڙيءَ جو هٿ اچڻ، (5) 11 جون 1983ع تي ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ لاڙڪاڻي اڳيان ڏنل عدالتي قبولداري.

هن فيصلو ڪيو ته اهي قطعي طور ثابت ٿا ڪن ته فوتين کي مارڻ وارو وسايو هو ۽ ٻيو ڪو به نه.



Gul Hayat Institute

هن ٻيو سوال پڇيو. ”هاڻ جيڪو سوال اُٿي ٿو سو هيءُ آهي تہ اپيل ڪندڙ (وسائي) ڇاڻي ٻُجهي سوچي سمجهي بي رحميءَ سان پنهنجي سڳي ماءُ سميت (جنهن جو ڪوبہ نعم البدل ڪونهي) ٻن معصوم انسانن جو خون ڪيو يا هن ڪين خراب حالت ۾ ڏسي ڪيس پنهنجن جذبن کان بي وس ٿي ائين ڪيو؟ پنهنجو پاڻ ئي جواب ڏيندي هن نوٽ ڪيو تہ (1) ساران جو لاش امير عليءَ کان ڏيڍ فرلانگ پري پيل هو جي اهي ٻئي گڏ هئا تہ جيتري دير ۾ وسائي امير عليءَ کي ڪيرايو، ايتريءَ دير ۾ ساران ڏيڍ فرلانگ پري وڃي ڪانہ سگهي هوندي، (2) ٻنهي لاشن کي ڪپڙا پاتل هئا، (3) جوابدار جا مختلف بيان هڪٻئي سان اڻ ٺهڪندڙ هئا، (4) جاءِ واردات بابت مشير کان ڪابہ اهڙي آڏي پڇا ڪانہ ڪئي وئي هئي تہ اتي ڪي بہ اهڙا وڻ ٻوٽا هئا، جتي فوتي ڪو جنسي فعل ڪري سگهن ها، (5) ڊاڪٽر دوست محمد جي شاهديءَ مطابق فوتي امير عليءَ جو پيٽ ڪاڏي کان خالي هو. هن اجا نيرن ڪانہ ڪئي هئي. ان ڳالهہ گل محمد جي ڳالهہ کي ٽيڪو ٿي ڏنو.

ٻن شاهدن رمضان ۽ حڪيم پنهنجي آڏي پڇا ۾ ڪاري ڪاريءَ واري ڳالهہ جي پٺڀرائي ڪئي هئي. جج انهن بيانن کي اهميت ڏيڻ نہ نهرايو ۽ چيو تہ اهي جوابدار کي بچائڻ لاءِ ڏنا آهن.

شاهديءَ جي ان پاسي جي سلسلي ۾ هن اٽڪل پاءُ صدي اڳ نئين ڪوٽ، تعلقي اوٻاوڙي ضلعي سکر ۾ ٿيل هڪڙي قتل جي ڪيس جو حوالو ڏنو جيڪو پاڪستان ليگل ڊسيشن نالي قانوني رسالي جي سال 1964ع واري اشاعت جي صفحي 437 تي ڇپيو هو. تن ڏينهن ۾ ون يونٽ هو مغربي پاڪستان يڪو صوبو هو ۽ ان جي گڏيل هاءِ ڪورٽ يعني مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ هئي، ان هاءِ ڪورٽ جي ڪراچي بينچ جي جنهن ڊويزنل بينچ هن ڪيس جي اپيل جو فيصلو ڪيو هو ان جا جج صاحب هئا اي ايس فاروقي ۽ نانا غلام علي. ان ڪيس ۾ چيو ويو هو تہ هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻاهران ڇڪي اڱڻ ۾ آندو ويو. وري هڪڙي مائيءَ کي گهر منجهان گهلي ساڳئي اڱڻ ۾ آندو ويو ٻنهي کي گڏي ڪارو ڪاري ڏيکاري قتل ڪيو ويو هو. جوابدار جي وڪيل اعتراض ڪيو هو تہ ٻاهرين ماڻهوءَ کي جي هرو ڀرو مارڻو هو تہ ٺڏي تي ئي ڇو نہ قتل ڪيو ويو؟ اندر گهلي ڇو آندو ويو؟ ڪورٽ جي فتوي لکندي جسٽس فاروقيءَ چيو هو تہ، ”جي ائين نہ ڪيو وڃي ها تہ پوءِ سنئين سڌي قتل کي هٿرادي نموني ڪاري ڪاريءَ جو واقعو ڏيکاري سزا کان پاڻ بچائي نہ سگهجي ها.“ ڪورٽ چيو هو: ”اهڙا ڪيس معلوم ٿيا آهن، جتي ماڻهوءَ کي ڪنهن ٻئي هنڌ قتل ڪري ڪيس ڪنهن عورت جي گهر ۾ يا ان جي



Gul Hayat Institute

پرسان آندو ويو آهي تہ ڪيس ۾ قاتل طرفان چيئي سگهجي تہ مون کي اوچتو سخت غيرت وٺي وئي. اهو پڻ معلوم ٿيو تہ جتي قتل دشمنيءَ سبب ڪيو ويجي ٿو ۽ ان سان عورت ذات جو واسطو ئي نہ هوندو آهي، اتي بہ هڪڙي عورت کي ماري جنسي ڏوهہ جو ڏيکاءُ ڪيو ويجي ٿو تہ جيئن اوچتي سخت غيرت جو بهانو ڏيئي سگهجي.

تنهن ڪري اها ڳالهہ تہ:

.... (ان ڪيس ۾ قتل ڪيل مرد) کي ٻاهران گهٽيءَ مان گهلي اندر آڻي ماريو ويو ۽.... (ان ڪيس ۾ قتل ڪيل عورت) کي بہ گهر مان ڪڍي اڱڻ ۾ آڻي قتل ڪيو ويو، سا ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ ڪانهي. چو تہ هيءُ بدقسمتيءَ وارو غيرت جو وحشي تصور ۽ ان جي آڙ ۾ ڪوڙا سچا غيرت جا عذر ڏيئي بي گناهہ ماڻهو ماري ڇڏڻ جو دستور هن ملڪ ۾ عام آهي.“ (پي ايل ڊي 1964ع م پ ڪراچي 338) ان ڪيس ۾ جوابدار جو وڪيل مسٽر اي ڪي بروهي هو.

هن ڪيس ۾ جسٽس قيصر احمد حامديءَ چيو تہ ”ان سڄي بحث جي روشنيءَ ۾ اهو ثابت ٿئي ٿو تہ جوابدار خُون ڪيا آهن ۽ ايڊيشنل سيشن جج ڪيس جائز طرح ڏوهي ٺهرايو آهي، حالانڪ ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل جوابدار جي ڪيس جي پُٺڀرائي ڪئي آهي.“

سزا جي سلسلي ۾ هن چيو تہ ”جوابدار سوچي سمجهي هڪ وحشياڻو قتل ڪيو آهي ۽ ان کي غيرت جو ڪوڙو رنگ ڏنو ويو آهي ۽ ائين ڪرڻ لاءِ هن خود پنهنجي ان ماءُ کي قتل ڪيو آهي، جنهن کيس ڄڻيو نپايو آهي. تنهن ڪري ڪيس سزا ۾ رعايت ڪرڻ جو ڪوبہ جواز ڪونهي. ان ڪري سندس ڦاسيءَ جي سزا قائم رکجي ٿي. سندس اپيل رد ڪجي ٿي ۽ ايڊيشنل سيشن جج جو موت جي سزا جي تصديق لاءِ موڪليل ريفرنس قبول ڪجي ٿو.“

ٻئي جج جسٽس عبدالرحيم قاضيءَ ان فيصلي سان اتفاق ڪيو.

(هيءُ فيصلو پي ايل ڊي (پاڪستان ليگل ڊسيشنز) ”پاڪستان جا قانوني فيصلا“ نالي انگريزي قانوني رسالي جي سال 1990ع واري ڇپرئين جُلد جي صحفي 234 تي ڇپيل آهي. جوابدار، فوتين ۽ سندن ڳوٺ وارن شاهدن جا نالا بدلايا ويا آهن. اصل نالا مٿي ذڪر ڪيل ڇپيل فيصلي ۾ لکيل آهن. ٻين شاهدن جا نالا ساڳيا ڏنا ويا آهن.

Gul Hayat Institute

# سانگوٽا ۾ سٽيون

بابا کي اچي شوق جاڳيو تہ، ’پُٽ کي پڙهائيندس.‘ مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ. بابا منهنجي ڏٻري جسم ڏانهن نهاريندي چوندو هو تہ، ”منهنجي نظر جو بدن ڪاٽي ڪٽڻ جهڙو ناهي، نہ وري هن کي زميندارن جا ميهڻا سهڻا آهن. هن کي پڙهائيندس، مَن ٽڏي ڇانوَ ۾ ويهڻ جهڙو ٿي پوي!‘ تڏهن آءٌ سوچيندو هوس تہ برابر ڪاٽي تہ مون کان ڪانہ ڪجندي پر زميندار گاريون ڇو ڏيندو؟ اجا ڇهين (نائين) درجي انگريزيءَ ۾ هوس تہ بابا گذاري ويو. جيئن تيئن ڪري مئٽرڪ پاس ڪيم ۽ ڪلارڪي ملي ويم. قسمت سانگي چڱي ٽيبل ملي هئي. چوڻ آکڻ واري پهر ڪانہ هئي. مفت جو پئسو. خوب عيش ڪيم، پر ايڏي عيش هوندي بہ آرام ڪونہ هو. صبح جو سوير آفيس وڃڻ شرط صاحب گهرائي بيعزتي ڪندو هو. پنهنجي حصي کان گهڻو ڪٽندو هو. تڏهن بہ راضي ڪونہ ٿيندو هو.جڏهن خوش هوندو هو تہ چوندو هو. ”هميشہ يہ اُصول ياد رکو. ڪائو اور غُرائو.“ اهو اُصول پنهنجي سنڌي پائرن تي ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو پر هڪڙي چوڏريءَ سان ٿو ٽڪران، تنهن ڪم ڪيڏي، اهڙو ڏک ڏنم جو نوڪري تہ وئي پر جان بہ مس مس ڇُٽي. پاڇي رقم ٻوڙن ٻُڪن ۾ ختم ٿي وئي. ڏاڍو پريشان ۽ محتاج ٿي پيس. اجان اهو ڏک پڇايم ئي ڪونہ تہ مٿان ٻيو ڪاپاري ڏک نڪاءُ ٿي ويم. ذڪيا سان ڪافي عرصي کان مثالي تعلقات هئا.

روئي روئي پنهنجي پيار جو اعتبار ڏياريندي هئي، آءٌ ڪيس هفتي ۾ ٻہ پيرا ريشمي گهٽيءَ ۾ خريداريءَ لاءِ وٺي ويندو هوس، جتي پيري پيري ٻہ ٽي سَوَ روپيا ڳاريندو هوس. ان هڪڙي ڏينهن اوچتو اهو جواب ڏيئي موٽائي ڇڏيو تہ، ”منهنجو خالا زاد پائي برما مان اڄ پهتو آهي، هفتي ۾ اسان جي شادي ٿيڻ واري آهي. تون مهرباني ڪري آئيندي هيڏانهن نہ ايندو ڪرا!“ پنهنجي مثالي ۽ وڏي قيمت ڏيئي حاصل ڪيل پيار کي هيئن پرزا پرزا ٿيندو ڏسي منهنجون هينيون هيٺ مٿيون

Gul Hayat Institute

مٿي رهجي ويون، انهن بي عزتين، بدنامين، ناڪامين ۽ بيروزگاريءَ جي ڳٽتين منهنجوا ڏ مٿو اچو ڪري ڇڏيو. ڪا آٿت واري بہ پَهَرَ نہ هجي.

سائين وڏي کي منٿون ڪري سفارش ڪرايم، صاحب سنڌي ماڻهُو هو، 500 روپيا ورتائين. سنڌي ماستر جو آرڊر مليو. وچي نوڪريءَ تي چڙهيس. ماني وڏيري جي گهران ملندي هئي. وڏيري جي اوطاق تي وڏن وڏن عملدارن جون مهمانيون ٿينديون هيون، منهنجو ڪم هوندو هو معزز مهمانن جي خدمت چاڪري ڪرڻ. ڪجهہ ڏينهن ۾ معلوم ٿيو تہ مهمانن جي خدمت منهنجي وَس جي ڳالهہ ڪانهي. هڪ نہ ٻئي ڏينهن جيپ تي چڙهي وچي شهر مان رنون وٺي اچڻ ۾ جي تڪڙ هجي تہ هارياڻين مان پُورت ڪرڻ لاءِ ڪمدار کي چوڻ منهنجي ديوٽي ٿي پيئي، ان هوندي بہ وڏيرو جڏهن جلال ۾ ايندو هو تہ مون کي ڏاڍيون گاريون ڏيندو هو. مون آهستي آهستي اوطاق تي وڃڻ بند ڪري ڇڏيو.

آخر ٻي وِندر نہ ڏسي اوتاري ۾ وچي موالين سان ڪچهري ڪرڻ لڳس. ڪجهہ ڏينهن ۾ انهن سان هري مري ويس. هڪ ڏينهن خُدو موالي هڪ رسالو کڻي مون ڏانهن وڌائيندو چيو "ماستر صاحب! هيءُ تہ پڙهي ڪچهريءَ کي ٻُڌائجو!" آءٌ هميشہ اردو ناول ۽ ڊائجيسٽون يا سنڌيءَ ۾ "ڪوڪ شاستر" يا "شاديءَ جا ڳُجهہ" جهڙا لذتي ڪتاب پڙهندو هوس. سو پهرين تہ هي سنڌي رسالو مون کي سمجهہ ۾ نہ اچي. آهستي آهستي سمجهڻ جي ڪيم. تڏهن پتو پيو تہ هي چورا "سنڌ! سنڌ!" ڪريو ڇو پيا رڙيون ڪن ۽ ٻَڌجن. اها بہ سُڌ پيم تہ ووٽ ان لاءِ وٺبا آهن تہ اهو فيصلو ٿئي تہ ايندڙ پنج سال غريب ماڻهن کي قُرڻ، ٻَڌڻ ۽ دٻائڻ جو وارو وڏيرن جي کهڙي ٽولي کي ملي.

ٻيون بہ ڪَئِين ڳالهيون معلوم ٿيون، ڪَئِين راز کُليا.

آءٌ هارين کي ڪتاب ۽ رسالا پڙهيو ٻُڌائيندو هوس. پوءِ بحث ٿيندا هئا، موالي سُلفيءَ جو سوٽو ڀري ڏاڍي نماڻائيءَ سان ڏک سُک اوريندا هئا. ٻيا بہ پيڙهيل اچي گڏبا هئا، ڪچهري مچڻ لڳي. هاري بہ گسين پنڌين پيا خبرون ڏيندا وٺندا هئا.

هڪڙي ڏينهن ٻار ويٺي پڙهايم تہ پوليس جي گاڏي پرچي آئي. ان ۾ بہ وڏا آفيسر ۽ ويهارو کن سپاهي هئا. هُو اسڪول کي چوڌرف ڦِري ويا، رائفلن جو مُنهن ڪلاس ڏانهن ڏسي چيم: "خدايا خير!" سمجهيم تہ شايد اسڪول جي آس پاس ٿوهہ چانديو يا مراد علي جت جهڙو ڪو ڌاڙيل اچي لِڪو آهي، پر جڏهن صوبيدار رعبدار آواز ۾ چيو "هٽ مٿي ڪر! تون D.P.R (پاڪستاني بچاءَ واري قانون)

هيٺ گرفتار آهين.“ دل ۾ سوچيم تہ ”موالين سان ڪچهريءَ ۾ پاڪستان کي خطرو ڪيئن ٿيو؟“

پوءِ مون کي خبر پئي تہ مون تي ملڪ دشمني، بغاوت، ٻارن کي حڪومت خلاف اُڀارڻ ۽ ڪفر جي پرچار ڪرڻ جهڙا سنگين الزام هئا.

هفتي کن کان پوءِ زال ملاقات تي آئي. ٻارن جي خبرچار پڇيم. چيائين: ”پرواهہ نہ ڪر! سڀ ٺيڪ آهي!“

چيم، ”سو ڪيئن؟“

چيائين: ”تو وارا هاري ۽ موالي يار تنهنجي گرفتار ٿيڻ کان پوءِ اڌ مڻ اَن جو ڪري، ڏهہ مڻ اَن، هڪ ڏڳي ٻارن جي کير پيئڻ لاءِ، ڪانئين جي گاڏي ۽ پنجاهہ روپيا خرچ پکي لاءِ روڪڙا ڏيئي ويا. روز حال احوال وٺڻ ايندا آهن.“

اها ڳالهہ ٻُڌي سوچيم، ”پنهنجن کي ڦُري پئسا گڏ ڪري عيش واري زندگي گذارڻ جڻ تہ چلرن جو واپار هو. هي آهي اصل واپار قوم جي عوام سان پيار ڪرڻ ۽ سندن پيار جا ماڻڪ ۽ موتي حاصل ڪرڻ!“

زال دلداري ڏيئي ويندي رهي ۽ آءٌ هي شاهہ جو بيت جهونگاريندو وجي کٽ تي ليٽيس:

سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين، تن سانگوٽا ۾ ستيون.

**ماهوار تحريڪ نومبر 1983ع**

# ڏوٽي سا ڏورين

ڪندو طبيعت جو مانيٽو هو. ڪچهريءَ ۾ سڀ ڳالهائيندا آهيون، پر هي همراهه رُڳو ٻُڌندو هو. جنهن ڪري ڪنهن کي به ڪنڌي جي اندر جي سُڌ نه پئي ته هو ڇا پيو سوچي. پٽس جي مرڻ کان پوءِ سندس ڏاڏي ڪيس لاڏ ڪوڏ سان پاليو، پر ماستر جي مار کان ڪيس غيرت آئي، ڪنڌي کي اسڪول ڪونه موڪليائين.

هينئر پاڻ جوان آهي، ته ڏاڏس مرڻ ڪنڌيءَ تي. اباڻي بلاڪ ڪن زمين هيس، پر ون يونٽي دؤر ۾ چوڌري اشرف پنهنجي ذات وارن هارين سميت اچي ڪڙڪيو ۽ چيائين ته، ”مون ڪليمينٽ کان خريد ڪئي آهي.“ هيءُ مسڪين وَس آهر ڏاڍو ڊوڙيو ڊُڪيو، مگر چوڌري اثر وارو ماڻهُو آهي. هن کي جواب مليو ته، ”توهان جي زمين گرويءَ ۾ واڻين وٽ هئي، جيڪا هينئر ڪليم تي ۽ چوڌريءَ خريد ڪئي!“

ڪندو پنهنجي اباڻي ٻنيءَ تان لوڏجي، ڪڏهن ماستر عثمان جي ٻني ڪندو هو ته ڪڏهن نظاماڻين وٽ. هينئر هو رئيس جانڻ خان وٽ پنهنجي جوڙي تي هاري آهي. رئيس ساڳئي ڳوٺ ۾ ذات وارو هوس. هن سال بصرجو اگهه سُٺو ٿيو. رئيس بصر ٺيڪيدار کي ڏيئي، پيئي حصا ”هاري ۽ زميندار“ ڪٽي وجي لطيف آباد ۾ بنگلي لاءِ پلاٽ خريد ڪيو ۽ مزورن عيوض هارين کي وٺي ويو. ڪندو به ويو جتي ڪيس سيمينٽ جون تغاريون ڪڍايائون. جنهن ڪري سندس هٿن جي ترين جون کلون لهي ويون ۽ ٺونٺين تائين ٻانهون ڦاٽي پيون. همراهه ڏهه پندرهن ڏينهن ڪم کان ويهجي ويو.

خير ڪندي جا هٿ ڇُٽي ويا. ڪندي ڪنهن سان به شڪايت نه ڪئي. پنهنجي ڌُن ۾ رهيو، ڄڻ ته ڪجهه ٿيو ئي نه هو. زميندار وري ٽيوب ويل جي کوٽائيءَ ۾ ونگار سڏي، ته ڪندي جواب ڏنو ۽ ٻين کي به منع ڪيائين. رئيس کي جا خبر پيئي، ته هي پاڻ ته نمڪ حرام ٿيو ۽ ٻين کي به هاڻ ڪاريندو وتي، تنهن ڪندي کي قرض ڪٽائڻ بند ڪري ڇڏيو وونٽڻ لاءِ نه پورو پاڻي ڏنائينس نه ياڻ، جنهن ڪري هن جو فصل سُٺو نه ٿيو. پر ڪندي کي ڄڻ ته پرواهه ئي ڪانه هئي.

Gul Hayat Institute

هڪ ڏينهن ڪمدار ڏنو خان (جنهن کي سندس پاڙي جي ٻن ڇئن گهرن تازو پٽيليءَ پڳ ٻڌرائي هئي) ڪنڌي کي سڏڻ آيو ته، ”توکي رئيس ٿو سڏي.“ هن چيو ته، ”تون هل ته آءٌ اچان ٿو.“ ڪمدار الائي ڪهڙا وچي مرچ ملايا. جو ڪنڌي جو پهچڻ ۽ رئيس مٿس گرم ٿي ويو. ان وقت ڪنڌي، رئيس جانڻ ۽ ڪمدار کان سواءِ اوطاق ۾ ٻي ڪا پَهَر ئي ڪانه هئي. رئيس نڪا ڪئي هم نڪا تم، اچڻ شرط اچي ڪنڌي کي ورتائين. ڪنڌي به ڏنس ڏِڪو ته رئيس وچي اونڌو ٿي ڪريو. ڪنڌو ست ڏيئي ٻاهر هليو آيو.

هاڻي هڪ پاسي رئيس ڪنڌي کان جان ڇڏائڻ ۽ ڪيس نقصان رسائڻ جا طريقا ڳولهڻ لڳو ته ٻئي پاسي ڪنڌي جي چاچن، مامن ۽ فائنل پاس ماستر اچي ڪيس ورايو ته، ”ميان ڇڏ ٻني، رئيس جبل آهي، ان سان ٽڪر ڪائي پنهنجو مٿو ڪونه ڦاڙائبو.“ ڏاڏس به هدايت ڪيس ته، ”ابا هن عمر ۾ ٽاٽو نه ڏيکارجانءِ...!“ پنهنجي مُنهن پٽڪنڌي چيائين ته، ”ٻنيون مليون ته ڪونه. باقي هو هارپو سو به ويو. اسان جي ته الله به ڪونه ٿو ٻُڌي، ته ماڻهن جي واعدن جو ڪهڙو ڀروسو...!“ هو مُنجهي پيو. هن کي پنهنجي ڪمايل ۽ تيار ٻني ڇڏڻ تي دل ئي نه وري، پر ڇا ڪري!؟

آخر ڪنڌو ورڪر خدا بخش سان مليو، جيڪو ميرن،پيرن ۽ وڏيرن کي گاريون ڏيندو هو ۽ اليڪشن ۾ زبردست ورڪ ڪيو هئائين. ايترو جو ٻئي پاسي جيان هتي به سندس پارٽي ڪامياب ٿي. ان کان پوءِ جن وڏيرن کي خدا بخش گاريون ڏيندو هو انهن هن جي حڪومت سان ملي، هن جا ڍڳا چوري ڪرايا. هيءُ ڏاڍو ڦٽڪيو پر ڪنهن ڪنگهيس به ڪونه. تنهن به ڪنڌي کي چيو ته، ”مون کي سائينءَ چيو آهي ته، اسان جي حڪومت کي ناڪام بڻائڻ لاءِ ڪيئي ناهه ناهيا پيا وڃن، پڪ توکي رئيس زرعي اصلاحات کي ناڪام بڻائڻ لاءِ ٻي دخل ڪيو آهي، پر هيءُ وقت صبر جو آهي. دانهن ڪرڻ معنيٰ حڪومت کي ڍاهڻ. تنهن ڪري ترسو. اسان کي ڪجهه وقت گهرجي.“ پر ڪنڌي چيو ته، ”ادا! آءٌ ته ترسان، پر بُک، بيماري ۽ بيڪاري مون کي مهلت ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. آءٌ ڇا ڪريان؟“

ائين ڇئي ڪنڌو اُٿي ويو. باقي هن کي معتبر مولوي ٿي سُجهيو. سو لنگهي ويو مسجد ۾. مولويءَ هن کي ايندو ڏسي وٺي ڏاڍيان تلاوت شروع ڪئي، پر ڪنڌو ويٺو رهيو. نيٺ مولوي صاحب ٿَڪو، ته ڪنڌي پنهنجو احوال ٻُڌايس، ته وراڻيائين، ”خدا ڪنهن تي به سهپ کان وڌيڪ بار نٿو وجهي. صبر ڪر ۽ هن ناشڪريءَ وارن ڪمن کان توبهه ڪر. ٻندو ڪجهه نٿو ڪري سگهي.“

پر ڪنڌي تي مُلي جي حديثن ۽ قسمت جي ذلت جي دليلن ڪو اثر ڪونه ڪيو ۽ هيئن چوندي اُٿيو ته، ”اوهين سڀ رئيس جا دلال آهيو اوهين سڀ ننگ آهيو. پاڻ رئيس جي ماني کايو ٻين کي ماني ڪمائي کائڻ جي رستن کان ويٺا ٽيڙيو.“

Gul Hayat Institute

اُن کان پوءِ ڪندو مانيٽي مان ڦري ڳالهائڻو ٿي پيو. پنهنجن هاري پائرن سان هر هنڌ پيو ڪچهريون ڪندو هو. انهن جون ڳالهيون ٻڌندو هو ۽ کين پنهنجون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. هوائي ڳالهين، اوائي ڳالهين ۽ توائي ڳالهين کان پاسو ڪندو هو ۽ ٻين کي بہ انهن کان جهليندو هو. ”هارين جي ٻڌي، هارين جي ٻڌي، هارين جي ٻڌي“، اهي ئي سندس ڳالهيون هونديون هيون ۽ اهي ئي سندس نعرا هوندا هئا.

اڄ رجوءَ ٻڌايو تہ ڪالهہ ڪنڊي جي ونگار هئي، جنهن ۾ آسي پاسي جا 80 جوڙا هئا. رئيس خاص پنهنجن هارين کي وڙهڻ لاءِ چيو. هنن گڏجي وراڻيو تہ، ”اسين پنهنجي هاري پائرن سان نہ وڙهنداسون.“ رئيس مجبور ٿي پيو. لاچار ٿاهہ جي موڊ ۾ آيو، پر پنهنجي اندر جي شڪست جي باهہ کي لڪائيندي، ڦڪي مُرڪ مُرڪندي سيني کي چيائين تہ، ”ابا ڪندو منهنجو ٻچو آهي. ٻار مائٽ پاڻ ۾ وڙهندا ۽ ٺهندا آهن. اجوڪي ونگار ڪنڊي جي نہ پر منهنجي آهي. هن کي پٽ آءُ ڪارائيندس!“ اتي ڪمدارن ٿوري پاڻ ۾ سُس پس ڪئي، پر رئيس ڪاوڙجي، مُنهن ورائي اک پٽي چين، ”بس ڪريو ڪُتا! اوهان تہ مون کي ڪنڊي سان ٽٽا ويڙهايو اوهين سڀ ننگ آهيو...“

ائين ڪندو پنهنجن سيني هارين پائرن کي پاڻ سان ملائي، منجهن هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جو مادو پيدا ڪري ۽ دشمنن سان مقابلي ڪرڻ جو رستو ڏيکاري، رئيس جانڻ خان ۽ سندس پاليل ڪاڙڪو ڪمدارن جي دٻدٻي ۽ لتڙ کان سيني کي ڪجهہ قدر ويساند ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿيو. پر ڪنڊي جو اصل ڪم اڃا اڳتي هو ۽ هو پنهنجو اُهو ڪم اڳي کان بہ وڌيڪ جوش سان ڪندو رهيو.

**سيپٽمبر 1984ع**

Gul Hayat Institute

# ڪئٿرائين دُنيا جو سير ڪيو

يورپ جي نقشي تي نظر وجهبي ته هڪ طرف روس جهڙا اجگر ملڪ ڏسبا ته ٻئي طرف البانيا ۽ بيلجم جهڙا ننڍڙا ملڪ به نظر ايندا. انهن ننڍن ملڪن ۾ سڀ کان ننڍڙو ملڪ آهي لڪسمبرگ. جرمني، فرانس ۽ بيلجم جي وچ ۾ هيءُ فقط هڪ هزار چورس ميلن جي ايراضيءَ ۽ 30 لک ماڻهن جي آدم شماريءَ جو پتڪڙو ملڪ آهي. ماڻهو اڪثر جرمن نسل جا آهن. ڳالهين مڙس محنتي، جفاڪش ۽ دلير آهن.

ڪئٿرائين سال 1941ع ۾ ڄائي، جڏهن سڄو يورپ نازي جنگ جي شُعلن ۾ سڙيو پئي. هن اوائلي تعليم پنهنجي وطن لڪسمبرگ ۾ ورتي. هن ننڍڙي ملڪ جي ننڍڙي ڇوڪريءَ جي دل ۾ ننڍپڻ کان الائي ڇو هڪڙي زبردست خواهش پيدا ٿي. سندس آرزو هئي، ته ڪنهن ڏينهن، ڪنهن وڏي ملڪ، ڪنهن وسيع دُنيا، بلڪ سڄيءَ دُنيا جو سير ڪريان. هن رُڳي ٺلهي خواهش نه ڪئي، پر پنهنجي زندگي، ان خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين.

لڪسمبرگ مان اخبار نويسيءَ ۾ ڊپلوما وٺي، هوءَ سئزرلينڊ جي غير ملڪي ٻولين جي ڪاليج ۾ داخل ٿي. سندس مائٽ مسڪين هئا. پڙهڻ جو خرچ ڪجهه مائٽن جي مدد سان ۽ ڪجهه سرڪاري اسڪالرشپ مان پورو ڪندي هئي، ان کان سواءِ هوءَ جرمنيءَ ۽ لڪسمبرگ جي اخبارن لاءِ مضمون لکي اتان به ٿورو گهڻو ڪمائيندي هئي. هوءَ اها ٻاهرين اُپت بچائي رکندي ويندي هئي. اڄ کان پورا ٻه سال اڳ، يعني سيپٽمبر 1964ع ۾ هن پنهنجي آرزو پوري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سندس عمر ان وقت 23 سال هئي.

هوءَ پاڻ سان هڪ بئگ ۽ هڪڙو وڏو ٿيلهو کڻي لڪسمبرگ کان اڪيلي سِرُ رواني ٿي. فرانس مان بحري جهاز ۾ چڙهي ائٽلانٽڪ سمنڊ جو اُپرندو ڪنارو ڏيئي، جبرالٽر وٽان ڦري، يونوچ سمنڊ پار ڪري، هوءَ اٽليءَ جي نيپلس شهر ۾ پهتي. اتان وري بحري جهاز رستي، اوڀر طرف مصر جي اسڪندريه بندر تي آئي.

اتي ڪجهہ ڏينهن رهي، جهاز رستي اُتر طرف لبنان جي تخت گاهہ بيروت آئي. بيروت کان خشڪيءَ رستي شام، اردن، عراق لتاڙي ہن مهينن کانپوءِ ڪويت پهتي، اهو خشڪيءَ جو سفر هن ہِنا پاڙي ڪيو. هوءَ پنهنجي بئگ هٿ ۾ ۽ وڏو ٿيلهو هٿ ۾ وجهي، رستي تي اچي بيهندي هئي، اڳتي ويندڙ ڪارن مان ڪونہ ڪو مهرباني ڪري، کيس ڪجهہ منزل اڳتي پهچائي ڇڏيندو هو پوءِ وري اڳتي، وري اڳتي.

يورپ ۽ آمريڪا ۾ ماڻهن وٽ جام ڪارون آهن ۽ غريب مسافر اڪثر ائين ڪندا آهن.

ڪويت کان هوءَ هوائي جهاز ذريعي ايراني نار جي شهر دبئي مان ٿيندي، 12 مئي 1956ع تي هوءَ ڪراچي پهتي.

ڪراچيءَ ۾ چار ڏينهن ترسڻ کانپوءِ، هوءَ روڊ رستي ٺٽي آئي ۽ مڪليءَ جون تاريخي جايون ڏٺائين. پوءِ هوءَ موهن جي دڙي وئي ۽ 7 ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ منزل ڪيائين. لاڙڪاڻي مان ٽرين رستي سفر ڪري 24 مئي تي 3 وڳي شام جو روهڙي پهتي. اتان روڊ رستي لاهور وڃڻ جو ارادو هوس.

هوءَ ٽرين مان لهي شاهي روڊ تي وڃي بيٺي، کيس اميد هئي تہ بيروت کان ڪويت واري سفر وانگر، روهڙيءَ کان لاهور جو سفر ہِنا پاڙي تي سگهندو. ڪو نہ ڪو موٽر وارو مهرباني ڪري اڳتي وٺي هلندو.

ڏهن منٽن کانپوءِ سندس اميد پوري ٿي، هڪ جيپ آئي، منجهس ٽي ڄڻا ويٺل هئا، سندس هٿ ڏيڻ تي جيپ بيٺي. ”معاف ڪجو جي لاهور طرف ويندا هجو تہ مون کي مهرباني ڪري چاڙهي هلو.“ هن کين انگريزيءَ ۾ منٿ ڪئي. منجهائن هڪڙي چيو ”اسين هتان 20 ملي اڳتي پني عاقل تائين وڃون ٿا. اوستائين هلين تہ اکين تي کڻي هلون.“ ڪيٿرائين سندن ٿورو مڃي جيپ ۾ چڙهي.

جيپ ۾ ويٺلن ۾ هڪڙو پي ڊبليو جو ايس ڊي او، ٻيو اوورسيئر ۽ ٽيون ڊرائيور هو. اسان کي سندن صحيح نالا اچن ٿا، پر نالن ۾ ڇاهي؟ اچو تہ ايس ڊي او کي کڻي ڪمال الدين سڏيون. اوورسيئر کي نظير سڏيون. باقي ڊرائيور جو نالو اصلوڪو ئي ٿا کڻون- عبدالعزيز.

نظير اڳين سيٽ تان اُٿي ڪيٿرائين کي جاءِ ڏئي پاڻ پوئين سيٽ تي وڃي ويٺو. ڪمال الدين ۽ ڪئٿرائين اڳيان ويٺا. 20 ميل خبرن چارن ۾ گذري ويا. ڪمال الدين چيس تہ جي رات پني عاقل ۾ رهي پوين تہ سڀاڻي آءُ 100 ميل اڳتي وڃڻو آهيان. توکي بہ کنيو هلندس. ڪئٿرائين پڇيو تہ پني عاقل ۾ ڪو ريسٽ هائوس آهي؟ ڪمال الدين چيس تہ هائو. تنهن ڪري هوءَ رات رهي پوڻ تي تيار ٿي.

Gul Hayat Institute

هُو 4 وڳي شام جو پنني عاقل پهتا. جيپ هڪڙي باغ ۾ وڃي بيٺي. باغ ۾ ٻه گهر هئا، هڪڙو ڇپائون ته ريسٽ هائوس ۽ ٻيو ڪمال الدين جو گهر. ڪمال الدين ڪئٽرائين کي صلاح هنئي ته ڪجهه دير منهنجي گهر هلي ويهه. ڪئٽرائين خوشيءَ سان هلي.

”وسڪي پيئندؤ يا بيئر؟“ ڪمال الدين پڇيو. کيس مغربي ماڻهن جي عادت جي خبر هئي، ته ٿڪ لاهڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه پيئندا آهن. ڪئٽرائين چيو ته بيئر ٺيڪ ٿيندو. ٻنهي بيئر پيتو. نظير موڪلائي هليو ويو.

ڏسجي ته ڪمال الدين اتفاق سان هڪ رنگين مزاج ايس ڊي او هو. معلوم ٿو ٿئي ته انهيءَ سلسلي ۾ هُو ڪو سيڪڙاٽ ڪونه هو. کيس انهيءَ سفر جي سمورين لاهين چاڙهين جي خبر هئي.

بيئر پيئندي، هن کي پنهنجي بخت تي ناز ٿيڻ لڳو. هزارين ميلن کان ڪهي آيل هيءَ جرمن نازنين، ڇڻ ته قدرت طرفان سُوکڙي طور وٽس موڪلي وئي هئي. هن سوچيو: ”هتي جي شڪارن کي ڦاسائڻ لاءِ ڪيڏو اوسيئڙو، ڪيڏي ڪوشش، ڪيئن لڪ ڇپ ڪرڻي ٿي پوي! ڪيترا ساوا نوٽ قربان ڪرڻا ٿا پون!“ هيءَ پوري پوري، ڳوري ڳوري شهزادي ست سمنڊ پار ڪري ڪنهن اڻ ڏٺل ڏور ۾ ڇڪي، پنهنجو پاڻ اچي سندس هنج ۾ ڪري هئي. هن سندس ڇهري ۾ چتائي ڏٺو. بيئر سندس اکين ۾ هلڪو خمار پيري ڇڏيو هو. سندس ڳل باهه جي اُلن جهڙا لال ٿي ويا هئا. صاف ظاهر هو ته هوءَ بلڪل آزاد خيال هئي ۽ ڪوبه حجاب ڪونه هوس. ڪمال الدين جو هرڪو چوڻ مڃيائين ٿي. اجايو ڊڄڻ بيڪار هو. رازي، زر يا زور- ڪنهن نه ڪنهن مان ڪم ٿي ويندو. هن ڪرسي سيري ڪئٽرائين جي ويجهو ڪئي. هوءَ ڏانهس ڏسندي مرڪندي رهي. هن وڌي سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهي کيس چيو: ”هڪڙي چُمي!“ ڪئٽرائين مُرڪي انڪار طور ڪنڌ لوڏيو. اهڙا انڪار هن گهڻي ئي ٻُڌا هئا، هن وڌي کيس ڀاڪر پاتو. ڪئٽرائين ڇڏائڻ لڳي پر ڪمال الدين کيس لوهه ڪري ڇڏيو.

ڪئٽرائين دانهن ڪري ڊرائيور کي سڏ ڪيو- ڊرائيور ڊوڙي ته آيو پر اچي پاڻ در دريون بند ڪري ڇڏيائين. پوءِ ٻنهي گڏجي ڪئٽرائين کي غاليچي تي دسيو. ڪئٽرائين کين سندن الله ۽ رسول جا واسطا وڌا. ڪمال الدين چيس، ”جي چُپ نه ڪنديءَ ته خون ڪري ڇڏينداسونءِ.“ پر ڪئٽرائين ساڻن لڙندي رهي، آخر هوءَ ساڻي ٿي پئي....

جڏهن ايس ڊي او جي فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ وري ڊرائيور ڏانهس وڌيو تڏهن ڪئٽرائين ڪمال الدين کي فرياد ڪندي چيو ”اهو ظلم ته نه ڪريو.... ڊرائيور

Gul Hayat Institute

ڪي تہ روڪ...“ مٿس بيهوشي ڇانئجڻ لڳي. جڏهن هوش ۾ آئي تڏهن ڪمال الدين چيس تہ غسل خاني ۾ وڃ، هن پنهنجو پرس ڪنيو ڊرائيور ۽ ايس ڊي او ڪيس ٽيڪ ڏئي غسل خاني پهچايو. غسل خاني ۾ وهندي هن ڏٺو تہ پٽيون ننڍيون آهن. بالٽي اونڌي ڪري ان تي پير رکي پٽ چڙهي وئي ۽ هيٺ ٽپو ڏئي وٺي ڀڳي.

بالٽيءَ جي کڙڪاءَ تي ڪمال الدين ۽ ڊرائيور ڊوڙي آيا. ڪئٿرائين پريان ئي وحشت انگيز رڙيون ڪرڻ لڳي، ”مون کي ڇڏيو مون کي ڇڏيو!“

ڪمال الدين هاڻ هيڻائين ورتي، ”جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو. رات رهہ، سياڻي توکي اڳتي پهچائي ايندس.“ ڪئٿرائين نہ بيٺي، رُڳو هڪڙو گلاس پاڻيءَ جو گهُريائين ۽ پيتائين. ڪمال الدين ڊرائيور کي چيو تہ گاڏي آڻ- ڊرائيور گاڏي آندي، هڪڙي پاسي ڊرائيور، پرسان ڪئٿرائين ويٺي، ٻئي پاسي ٻيو نوڪر عبدالله ويٺو- ڪئٿرائين هن کي پاسي ۾ ويهڻ نہ ڏنو هو. پُٺيان وڃي ويٺو. سندس سامان بہ جيپ ۾ رکيائون، ”ڊرائيور توکي پني عاقل کان 20 ميل اڳتي ڇڏي ايندو.“

جيپ جڏهن پڪي روڊ تي آئي تڏهن ڪئٿرائين وٺي جيپ مان ٽپ ڏنو. ڊرائيور اسٽيرنگ ويل ڇڏي سٽ ڏئي ڪيس جهليو ۽ جيپ ازخود بيهي رهي. هوءَ پاڻ ڇڏائي لٿي. نوڪر سامان لاهي رکيو ۽ ڊرائيور جيپ ڪٽي روانو ٿي ويو.

پرسان پيٽرول پمپ تان پُڇا ڪري هڪڙي ٽيڪسي واري عبدالڪريم کي ساڻ ڪري هوءَ پني عاقل پوليس ٿاڻي پهتي- ان وقت شام جو ست ٿيا هئا.

انهيءَ وچ ۾ ڪمال الدين بندوبست ڪري چڪو هو. اي ايس آءِ پوليس مسلم عليءَ سندس فرياد داخل ڪرڻ ۽ ڪيس بروقت ڊاڪٽري تپاس لاءِ موڪلڻ بدران ڪيس فقط زباني دلداري ڏني تہ، ”آءٌ فوراً ڪارروائي ڪريان ٿو.“ سندس مطلب هو تہ ڪنهن طرح ڪيس ٽاري ڇڏجي يا ڳالهہ تان لاهجي- نہ تہ بہ فرياد ۾ گهڻي ۾ گهڻي دير وجهجي، تہ جيئن ڊاڪٽر کي تپاس ۾ ڪو ثبوت نہ ملي. ڪئٿرائين اڪيلي نڀجڻ واري ڪانہ هئي. هن سڄو فرياد پنهنجي هٿ اکر لکي ڏنس- مسلم علي هاڻ ٻي چال هليو، هيءُ نازڪ معاملو آهي، ايس پي کان اجازت وٺڻي پوندي، پوءِ فرياد داخل ڪبو-

ڪئٿرائين چيو، ”آءٌ بہ هلان ٿي.“

نائين ڏهين ڏاري هو گهوٽڪي پهتا، اتي مسلم عليءَ چيو، ”ايس پي صاحب نڪري ويو آهي، سياڻي ملندو.“ هُو موٽي پني عاقل آيا، رات جو هوءَ مسلم عليءَ جي ٻارن ٻچن ۾ رهي. صبح جو مسلم عليءَ ڪيس چيو، ”تون پرديسڻ آهين. ڪيس مان توکي ڪوبہ فائدو نہ پوندو. اجايو رُلنديءَ ۽ خوار خراب ٿينديءَ،

Gul Hayat Institute

جوابدار سخت پشيمان ٿيو آهي. مون تي تمام گهڻا زور بار آندا اٿس. تون جيڪي گهرين، سو توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهي. توکي پنج، ڏهه هزار وٺائي ٿا ڏيون ـ ڪيس تان هٿ ڪڻي ڇڏ.“

ڪٺترائين اهو ٻڌي چيس، ”مسلم علي، ڳالهه ٻڌ! آءٌ ڪابه ڳالهه نه ٻڌنديس، آءٌ سکر وڃي پڪارينديس.“ اتي مسلم علي سمجهي ويو ته هي پئسن تي خريد ٿيڻ واري ڇوڪري ناهي. هن لاچار فرياد داخل ڪيو. فرياد ۾ تاريخ اڳئين ڏينهن واري وڌائين، وقت رات جو 9 وڳي ڏيکاريائين، هن احتياط طور 154 جي ڪتاب توڙي اسٽيشن ڊائريءَ ۾ اڳئين ڏينهن شام کان وٺي ڪابه داخلا نه ڪئي هئي.

ڊاڪٽر ڏانهن ليٽر ڪڍي ان تي اڳئين ڏينهن جي تاريخ وجهي رڪارڊ جي پورائي ڪيائين. باقي ڪٺترائين کي ان ڏينهن به دير ڪرائي ڏيڍ وڳي ٻنپهرن جو اسپتال موڪليائين. ڪمال الدين واقعي ڪمال جو بندوبست رکيو. ڊاڪٽرياڻي مس ايس ايم ميمڻ جيڪو سرٽيفڪيٽ ڏنو، تنهن ۾ زوري زنا جو ڪوبه ذڪر ڪونه هو. پُٺ جي ڪنڌي، ڪاڇي هٿن جي پُٺ تي زخمن جو بيان هو. ڪيميائي ماهر جو سرٽيفڪيٽ به ڪٺترائين جي خلاف نڪتو. ڏسڻ ۾ ائين آيو ته ڄڻ ڪٺترائين جو جسم مڙدو ٻڌجي ڇڪو هوا ڪورٽ جو ڪم رُڳو اهو رهيو هو ته ان لاش کي رسمن رواجن مطابق دفن ڪري. ڪيس سکر جي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ چالان ٿيو. ڪمال الدين پاڪستان جي مشهور وڪيل مسٽر طفيل علي عبدالرحمان (جو پوءِ پاڪستان جو اٽارني جنرل ٿيو) جون خدمتون حاصل ڪيون. مسٽر طفيل علي، ڪٺترائين کان زبردست آڏي پڇا ڪئي، ڪانئس سچي واقعي جو احوال ورتائين. ڪانئس قبول ڪرايائين ته هوءَ ڪنواري هوندي به ڪنواري رهي. اهو به قبول ڪرايائينس ته هوءَ لاڙڪاڻي ۾ پورو هفتو هڪڙي ڇڙي ڇانڊ سيد نوجوان جي گهر رهي هئي.

Gul Hayat Institute

جوابدار ڪورٽ ۾ لکيل بيان پيش ڪيو جنهن ۾ لکيائين ته، ”ڪٺترائين مون سان روهڙيءَ کان پنهنجي عاقل ايندي جيپ ۾ ٿي نهي وئي هئي. رات رهڻ لاءِ مون کان اڍائي سَوَ روپيا گهريائين، جي مون ڏنا ڪيا، پر پوءِ مون کي خبر پئي ته ڪيس ڪچڙا آهن ـ تنهن ڪري پئسن ڏيڻ کان انڪار ڪيم. انهيءَ تي هوءَ ڪاوڙجي پئي ۽ وٺي گوڙ ڪيائين. مون آخر 100 روپيا ڏئي جند ڇڏائي، هيءُ ڪيس انهيءَ ڪري مون تي ڪيو ويو جو مون پورا پئسا ڪونه ڏنا.“

اي ڊي ايم سکر فريادڻ جي ڳالهه کي سچو ٺهرائي، جوابدا کي قلم 376 (زوري زنا) ۾ 5 سال سخت قيد ۽ 2 هزار ڏنڊ ۽ قلم 366 (ڪنهن کي زوري زنا لاءِ برغلائي وٺي وڃڻ) ۾ 3 سال سخت قيد ۽ هڪ هزار روپيا ڏنڊ جي سزا ڏني.

مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي ڪراچي بينچ ۾ اپيل ڪئي وئي. جوابدار هاءِ ڪورٽ ۾ مسٽر طفيل عليءَ کان سواءِ پاڪستان جي هاڪاري قانوندان مسٽر بروهيءَ کي بہ وڪيل ڪيو.

مسٽر بروهي هيٺين ڪورٽ جي فيصلي تي سخت قانوني ۽ منطقي جهلون ڪيون.

هن چيو تہ (1) ڪوبہ اکين ڏٺو شاهد ڪونہ هو جو فريادڻ جي پٺڀرائي ڪري. هڪڙي عورت جي بيان تي اعتبار ڪري، سزا ڏيڻ خطرناڪ ڳالهہ آهي. (2) ڊاڪٽري شاهدي فريادڻ جي خلاف هئي. ڪئٽرائين ڄاڻي ٻجهي ڊاڪٽر وٽ ڪانہ ويئي هئي. حالانڪ ڪيس ليٽر اڳئين ڏينهن ڏنو ويو هو. (3) ڪيميائي تپاس جو نتيجو بہ فريادڻ جي ڳالهہ جي پٺڀرائي نٿو ڪري. (4) فريادڻ جو پسمنظر ۽ چال ڏيکاري ٿي تہ جوابدار جو بيان سچو آهي. هوءَ اول راضي ٿي، پوءِ پئسن نہ ملڻ ڪري ڪوڙو ڦڏو ٿي ڪري.

اپيل مسٽر جسٽس عبدالسلام فاروقي ٻڌي. هن هر هڪ نُقطي تي تفصيل سان بحث ڪندي، جوابدار جي بيان کي ڪوڙو ۽ ڪئٽرائين کي سچو ٺهرايو. شاهد نہ هجڻ جو ذڪر ڪندي هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو تہ: ”هن قِسم جي مقدمي ۾ جيڪڏهن سيني حالتن تي غور ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهچجي تہ فريادڻ ايمانداريءَ سان شاهدي ڏني آهي ۽ اها سمورن غالب امڪانن سان ٺهڪي ٿي تہ پوءِ ڪورٽ کي جوابدار کي سزا ڏيڻ کان انڪار نہ ڪرڻ کپي، توڙي جو فريادڻ جي بيان جي ٻئي ڪنهن ڪٿي تصديق نہ بہ ڪئي هجي.“

هاءِ ڪورٽ مسٽر بروهيءَ جي اها ڳالهہ قبول ڪئي تہ 366 جو قلم لاڳو نٿو ٿئي. 376 (زوري زنا) جو ڏوهہ ثابت ٺهرايو ويو. رُڳو انهيءَ ڳالهہ کي خيال ۾ رکي تہ جوابدار جي نوڪري ازخود ختم ٿي وئي. تنهن ڪري سندس سزا 5 سال مان گهٽائي 2 سال ڪئي وئي.

هاءِ ڪورٽ مسلم علي صوبيدار خلاف سخت رمارڪس پاس ڪيا ۽ ڪئٽرائين جي اُصول پرستي ۽ اعليٰ ڪردار کي خراج تحسين ڏنو. جو هن بي يارو مددگار ڇوڪريءَ، وطن کان هزارين ڪوهہ پري، پرديس ۾ هيڏي مشڪلاتن هوندي، هيڏي لالچ کي ٺوڪر هڻي، ڪمال الدين جهڙي بااثر آفيسر ۽ پوليس جي

Gul Hayat Institute

سازش کي ناڪام بنائي ڏوهيءَ کي سزاياب ڪرايو ۽ پنهنجي بيعزتيءَ جو بدلو ورتو. ڪيٿرائين سيني کي ڏيکاريو تہ سنڌ ريل ملڪن جا مرد توڙي عورتون نہ رُڳو پنهنجي وطن پر ڌارين ملڪن ۾ بہ پنهنجي جائز قانوني حقن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿين ٿا. ڪابہ لالچ ڪوبہ دڙڪو ڪابہ تڪليف بلڪ خواري خرابي ۽ بدنامي بہ ڪين پنهنجي حق جي حفاظت کان روڪي نٿي سگهي.

اهو فيصلو پي.ايل.ڊي (ماهوار رسالو "پاڪستاني قانوني فيصلا") جي سال 1966ع جي مارچ مهيني جي ڪراچيءَ واري حصي جي صفحي 101 تي شايع ٿيل آهي.

ان کان سواءِ سنڌ جي مشهور افسانہ نگار امر جليل پڻ انهيءَ واقعي بابت هڪ لاجواب افسانو "هن چار ۾" لکيو آهي، جو رسالي "روح رهاڻ" جي گذريل سال جي هڪ پرچي ۾ شايع ٿيو آهي.

Gul Hayat Institute

# شاهي مهمانن سيفٽي ائڪٽ

محمد علي افغان قونصل وٽ ويو. ڪيس سڄي ماجرا ٻڌايائين. هن يڪدم ڪيس پاسپورٽ ڪڍي ڏنو- اهڙيءَ ريت هيءُ محب وطن، غيرتمند ۽ ڏتڙيل شاهي خاندان 34 سالن جي جلاوطنيءَ بعد وري پنهنجي وطن جي وٽن ڏانهن واپس اُسهيو. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترا موت ٿيا هئا، ڪيترا نوان ٻار پيدا ٿيا هئا، جن افغانستان جو رُڳو نالو ٻُڌو هو.

هو نيٺ ڪابل پئي موٽيا، اهو ڪابل جتي سندس ڏاڏي دوست محمد شاهي تخت ماڻيو هو. جنهن جي گهٽين ۾ پسگردائيءَ ۾ سندس چاچي اڪبر خان- جنرل ناٽ، جنرل شيلي، جنرل انگلينڊ ۽ رنجيت سنگهه جي فوجن کي ٽوٽا چٻايا هئا، جتي سندن جيءُ جڙيل هو.

جولاءِ 1948ع ۾ هيءُ جلاوطن شاهي قبيلو ريلوي رستي هندستان جون سرحدون لتاڙي پاڪ سرزمين ۾ داخل ٿيو. خاندان ۾ ڪُل 12 ياتي هئا. سردار محمد علي، سندس اهليه صاحبزادي امير بيگم، سردار محمد اقبال علي خان، سردار حسن علي خان، سردار عبدالرحمان خان، سردار ظفر علي خان، سردار حامد علي خان، آفتاب علي خان، عائشه سلطان، شاهه گل، بيبي گل، باقي هڪ وٽ ته باقاڪدي افغان پاسپورٽ آهي، دهليءَ جي افغان سفير جو.

”معاف ڪجو آءٌ توهان سان بحث ڪرڻ نٿو چاهيان، آءٌ حڪم جو بندو آهيان... توهان ٿورو ترسو الله مڙئي چڱي ڪندو.“

”پر هتي رهون ڪٿي؟ هتي اسان جو آهي ڪير؟“ فيل مست انگريز کي گوڏن ڀر جهُڪائڻ واري شهزادي اڪبر خان جي خوددار ڀائٽي بيوسيءَ وچان ذري گهٽ روئڻهارڪي ٿي چيو.

”اتي اسٽيشن تي ئي رهيا پيا هجو. ڏينهن ٻن ۾ اميد ته اجازت اچي ويندي.“ سفارتي نمائندي ڪيس دلاسو ڏيندي چيو.

Gul Hayat Institute

جلاوطن سردار سيني تي پٿر رکي، ڪنڌ جهڪائي چُپ چاپ سفارتخاني مان نڪري آيو. هن کان ته انگريزن جو قيدخانو بهتر هو! هن دل ۾ چيو. ايترو چيائون ٿي ته هتي رهو وڃو نه! گهٽ ۾ گهٽ انگريز جيلر کي ته اسان جي گهُرج هئي. هاڻي ته هندستاني چوي، "نِڪرو" ۽ افغانستان چوي "نه اچو!" هن هيڏي ساري جهان ۾ شاهه دوست محمد خان جي خاندان لاءِ ڪٿي به جاءِ ڪانهي، سندس اکين ۾ لُڙڪ تري آيا.

رات سيني گاڏيءَ ۾ ئي گذاري.... "ڪراچيءَ مان پروانو اچي تيستائين منهنجي ٻچن کي مٿي لڪائڻ لاءِ ڪا جاءِ ڏيو. ڪليڪٽر همدرديءَ سان سندس احوال ٻڌو ۽ چيائين، "توهان کي جلد احوال ڏنو ويندو."

جيستائين جواب اچي، تيستائين هو گاڏيءَ ۾ رهيا پيا هئا. پردي لاءِ پرسان پليٽ فارم جي هڪڙي پاسي قناتون هڻي ڇڏيائون.

ڏينهن گذريو هفتو گذريو مهينو گذريو. ڪابل ۽ ڪليڪٽر ڪراچيءَ وٽان ڪوبه جواب ڪونه آيو. اٽلو ريلوي وارن حڪم ڏنو ته، "گاڏو خالي ڪريو!" گاڏو خالي ڪن ته فٽ پاٿ کان سواءِ ٻي جاءِ ڪانه هئي. هُو گاڏي ۾ ئي ويٺا رهيا. شهر جا ڪي پنڌڻ به هن بدنصيب خاندان جي اچڻ جو ٻُڌي اچي گڏ ٿيا.

25 ڊسمبر 1948ع تي هڪڙو آفيسر پوليس ۽ فوج جي دستن سان اچي گاڏيءَ اڳيان بيٺو. "گورنر جنرل پاڪستان خواجه ناظم الدين هتان گاڏيءَ ۾ سوار ٿيڻو آهي. هڪدم گاڏي خالي ڪريو. ورنه زبردستي ڪئي ويندي."

هڪ پنڌڻ، ٻيو پراڻي شاهدي، حڪم جي تعميل جڻ سکيا ئي ڪونه هئا. اهو آفيسر ڪراچيءَ جو ايڊيشنل... جو پٽ سردار حسن علي خان جيل ۾ گذاري ويو. ڪيس اوچتو ڇا ٿيو سا خبر ڪانهي، بهرحال پُٽُ جي موت بعد سردار محمد علي پنهنجي هار مڃي ۽ اپريل 1949ع تي کين آزاد ڪيو ويو.

آزاد ٿيڻ کان ڪجهه وقت پوءِ سردار محمد علي ۽ سندس اهليه صاحبزادي امير بيگم پاڪستان سرڪار خلاف پنهنجن زيورن ۽ ملڪيت لاءِ 332745 روپين جي، ذهني صدمي، جسماني تڪليف ۽ بيعزتيءَ لاءِ 2167465 روپين جي دعويٰ ڪئي. اها دعويٰ مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي ڪراچي بينچ جي هڪڙي جج وٽ هلي. دعويٰ هلندي صاحبزادي امير بيگم به گذاري وئي، ان ڪري فقط سردار محمد عليءَ جو دعويٰ جو نبيرو ڪيو ويو. ڪورٽ فيصلو ڪيو ته اهو ثابت نه ٿي سگهيو آهي ته سردار صاحب جي واقعي ايتري ملڪيت زيان ٿي آهي، ان ڪري حڪم ڪيو ويو ته سندس جيڪا ملڪيت مال خاني ۾ رکيل آهي، سا کين ڏياري وڃي. باقي گهُر رد ڪئي وئي. وڏيڪ فيصلو ڪيو ويو ته مدعيءَ کي

Gul Hayat Institute

جيڪا جسماني تڪليف ۽ اذيت پهتي آهي، تنهن لاءِ هُو پاڻ جوابدار آهن، جو زبردستيءَ ريلوي.... حڪومت پاڪستان جوابدار آهي ڇا؟ خاص ڪري تڏهن جڏهن سرڪار جي ڪابہ بدنيتي ڪانہ هئي، ۽ سڄي گڙٻڙ جي ذميدار خود سردار صاحب جي هٺ ڌرمي هئي.

هاءِ ڪورٽ اڳين قانوني فيصلن جو حوالو ڏئي فيصلو ڏنو تہ "هاڻي اهو قانون جو طئي ٿيل اُصول آهي تہ حڪومت جا نوڪر ڪنهن ماڻهُوءَ جو ڪو ناجائز زيان ڪري وجهن تہ حڪومت ڏٽين کي انهيءَ زيان جو خرچ ڏيڻ لاءِ تڏهن ٻڌل آهي، جڏهن تہ ان ڪم ڪرڻ جو حڪم خود سرڪار ڏنو هجي يا ان سرڪاري نوڪر جي ناجائز حڪم کي سرڪار پوءِ پنهنجو ڪيو هجي يا ان جي تصديق ڪئي هجي." هن حالت ۾ سرڪار ناجائز حڪمن کي پنهنجو ڪيو هو ۽ انهن جي تصديق ڪئي هئي.

سرڪار جي نيڪ نيتي يا بدنيتيءَ جي سوال جو ذڪر ڪندي هاءِ ڪورٽ چيو تہ "ناجائز گرفتاري، نظربندي يا ٻيو ڪو اهڙو ناجائز زيان جهڙو ڪم ڪهڙي بہ نيڪ نيتيءَ سان ڇو نہ ڪيو وڃي پر ڇاڪاڻ تہ اهو ناجائز ۽ بي قاعدي آهي، تنهن ڪري ان جو هرج خرچ ڀرڻو آهي."

سرڪار طرفان آخر چيو ويو تہ جنهن صورت ۾ سڄو ڏوهہ سردار محمد عليءَ جو هو تنهن ڪري جيڪڏهن ڪٿي سندس نظربنديءَ جي آرڊر ۾ ڪا غلطي بہ ٿي وئي هجي تہ بہ ان جي عيوضي ڇٽي صرف نالي ماتر ڀرائي وڃي. (ڪن حالتن ۾ ڪورٽن هڪ روپيو يا هڪ شلنگ عيوضو بہ ڏياريو آهي، ان کي نالي ماتر عيوضو چوندا آهن.) هاءِ ڪورٽ پروي ڪائونسل جي هڪ فيصلي جو حوالو ڏيندي چيو تہ اهڙي حالت ۾ نالي ماتر نہ پر ڪافي هرج خرچ ڏيارڻ لازمي آهي تہ جيئن اختياريءَ وارن کي خبر پوي تہ هُو بي قاعدي هلت ڪري نٿا سگهن. جڏهن سرڪاري ڪامورا نيڪ نيتيءَ سان ڪو بي قاعدي زيان ڪري وجهن تہ پوءِ ساڻن رُڳو ايتري رعايت ٿيندي جو مثالي هرج خرچ بدران صرف ڪافي هرج خرچ ڏياربو."

هاءِ ڪورٽ اهڙيءَ ريت اڳ ڪيل فيصلو بحال رکيو ۽ دعويٰ جو سمورو خرچ پاڪستان سرڪار ڪان ڀرايو ويو.

(پي.ايل.ڊي 1965ع ڪراچي)

(نوٽ: هن مضمون جي پهرين صفحي جي ڪالمن جي هيٺان ڪجهہ لائينون گم آهن، جيڪي پروف ڪندي درست ڪيون وڃن ـ آپريٽر)

Gul Hayat Institute

# رئيس وڏي جون ٽوپيون

جڏهن اهو ٻڌم ته سندس والد رئيس الهندي خان جي ڇڏيل لائبريريءَ ۾ انگريزن جي واريءَ جا ڪي دلچسپ دستاويز آهن، تڏهن رئيس محبت خان جي دعوت کان معذرت ڪرڻ جو ارادو بدلائي، ساڻس وعدو ڪيم، ته 15 ڊسمبر تي اول خير، ڪراچيءَ مان سندس ڪيس هلائي، ساڻس گڏجي، سندس ڳوٺ هلبو.

رات جو ڪجهه دير رهاڻ ڪري ٿڪ سبب ڪجهه جلد سمهي پياسين. ٻئي ڏينهن نيرن ڪري رئيس وڏي جي ڪاغذ پٽن ڪي جاچڻ ۾ جنبي وياسين. ماضي هرهڪ ڪي حيرت ۾ وجهي ٿو خاص ڪري انهن ڪي جيڪي ماضيءَ ڪي حال وانگر جيئرو جاڳندو محسوس ڪرڻ جي تصور ۽ تخيل جي ذهني قوت رکندا هجن. عجيب دُنِيا هئي، خانداني شجرا، قرآن شريف مٿان لکيل خاندان جي ڀاتين جي ولادت ۽ رحلت جون تاريخون، خانداني فيصلا، انگريز آفيسرن ڏانهن موڪليل درخواستون، انهن جا مختصر، تز ۽ مغرور فضليت وارا جواب، شڪار جا بندوبست، انهن جي باري ۾ شڪر گذاريءَ جا خط، صاحب بهادرن ڪي رعيت جا ڏنل فصاحت، بلاغت ۽ عاجزيءَ ۽ احسانمنديءَ جا فخر ڀريل نماڻائيءَ سان ڇلڪندڙ سپاسناما، صاحب بهادرن سان گڏ ڪڍايل فوٽا جن اڳيان صاحب ۽ ميم صاحبون ۽ پويان رئيسن جا ميرن جي واري جي يادگار لباس ۾ ٻهڪندڙ فرمانبردار ۽ تابعدار ديسي چهرا، پراڻي ابوالحسن واري سنڌيءَ جهڙي صورتخطين ۾ لکيل پراڻا طبي ۽ ٻيا ڪتاب، سنڌي ۽ فارسي شعر. مطلب ته هڪڙي پوري دؤر جي ڪهاڻيءَ جا مختلف عنوان اکين اڳيان هئا.

ان دؤر ۾ ان جي سماجي مزاج جا گوناگون رنگ ڏسي ماڻهوءَ لاءِ اهو تصور ڪرڻ به مشڪل ٿي، ٿي پيو ته هن هڪڙي ساڳيءَ ڌرتيءَ تي هيڙا مختلف بلڪ هڪٻئي جي اُبتڙ جهان ڪيئن ٿا آباد رهي سگهن.

جڏهن سڄو ڏينهن اهي گذريل زمانن جا دفتر ڏسي ۽ پڙهي، ماني کائي، ٿورڙي ننڊڙي ڪري اُٿياسين، ته معلوم ٿيو ته مطالعي ۽ مشاهدي جي هڪڙي منزل اڃا به رهيل آهي.

رئيس چيو "سياڻي اول خير نئين ۽ پراڻي زماني جي پوشاڪن جو فرق ڏسي ونجو، پوءِ شام جو هليا هلنداسين حيدرآباد."

Gul Hayat Institute

رئيس وڏي ۽ وڏن رئيسن جا لباس هونئن ته اڄ جي لباس جي پيٽ ۾ بلڪل اور ٿي لڳا پر جيئن ته منهنجا قديم سنڌي لباس اڳيئي ڏٺل هئا، ان ڪري انهن ۾ مون کي ڪا خاص نواڻ نظر نه آئي، پر ته به اخلاقاً سمورا ستاءَ ڏنم ۽ پنهنجي پسند جو دستوري اظهار ڪيم.

جيئن ئي پراڻين پوشاڪن واري ڪمري جي در وٽ آياسين ۽ پانيم ته هاڻي موٽي اوطاق ڏانهن هلبو، تيئن رئيس چيو، "بس هاڻ رڳو رئيس وڏي جون ٽوپيون رهيون آهن، انهن تي به هڪڙي نظر وجهي ڇڏيو ته بهتر."

پوڙهو مگر چست، اڇا ڪڙو تڙو ملازم، ٽوپيون ڪيڏي ڏيکارڻ لڳو. اهو معلوم ڪري خوش ٿيس ته هو نه رڳو چار درجا انگريزي به پڙهيل هو پر پنهنجي علميت ۽ قابليت جو ثبوت ڏيڻ ۽ ان جو داد وٺڻ لاءِ به تيار بلڪ بي چين هو. هر ٽوپي کڻي ان جو احوال تفصيل سان سمجهائڻ لڳو. مون کي لڳو ته جي هي ڪنهن ٻئي ڇڱي ملڪ ۾ هجي ها ته، سير سفر جي شوقين ماڻهن جو سُنو سونهون يا ٽوئرسٽ گائيڊ ثابت ٿي سگهي ها.

جڏهن ڏٺائين ته آئون رئيس وڏي جي ٽوپين جون عجيب غريب ڊزائنيون ڏسي پنهنجو اچرج لڪائڻ جي ڪوشش پيو ڪريان، ته ادب سان چوڻ لڳو:

"سرڪار، توهان کي هيتريون پانت پانت جون عجيب غريب ڊزائين واريون ٽوپيون ڏسي عجب ته ضرور لڳندو، قدرتي ڳالهه آهي، هيتريون ۽ ههڙيون ٽوپيون توهان کي ڪنهن به سنڌ جي سڪر جي پوشاڪ خاني ۾ مشڪل نظر اچن. ڳالهه هيئن آهي، منهنجا سائين، ته رئيس وڏو لباس ۾ ٽوپيءَ کي مرڪزي اهميت ڏيندو هو."

منهنجي چهري تي لکيل پيو سوال به جڻ پڙهي ورتائين، "سائين! رئيس وڏو راڄن پاڳن ۽ سڪرن ۾ پڳ ٻڌڻ پسند ڪندو هو پر سرڪارين درٻارين ۾ ٽوپي پائڻ وڌيڪ مناسب سمجهندو هو ۽ جيڪڏهن ٽوپي ڪنهن مختلف ڊزائين جي هجي ته ان کي عيب بدران خوبي سمجهندو هو."

"ته هي هيتريون ۽ هنن قسمن جون ٽوپيون سڀ رئيس وڏي جون هيون؟"

"سرڪار، رئيس وڏي جو اُصول هو ته هر موقعي ۽ مهل لاءِ جدا لباس ۽ خاص ڪري جدا ڊزائين واري ٽوپي هجڻ لازمي آهي، مثلاً"، هن کِلندي چيو، "قائداعظم اڳيان ته توهان ڪانگريسي ٽوپي پائي ته نه وڃي سگهو ها نه!"

مون چيو، "برابر، پر هيءَ ٽوپي...؟"

"ها، اها ئي ته ڪانگريسي ٽوپي آهي نه! اها رئيس تن ڏينهن گهڻي پائيندو هو جڏهن سيٺ کوپچند ۽ ٻيا ڪانگريسي سندس مددگار ۽ پاڻ سندن مدد سان ڊسٽرڪٽ بورڊ جو صدر ۽ ضلعي ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ٿيو هو."

"۽ هيءَ....؟"

Gul Hayat Institute

”اها قائداعظم ڪيپ پائي رئيس وڏو 1936ع ۾ ڪراچيءَ واري مسلم ليگ جي ڪانفرنس ۾، قائداعظم جي خدمت ۾ پيش ٿيو هو ۽ پاڻ کي ضلعي مسلم ليگ جو صدر مقرر ڪرائي موٽيو هو.“

”۽ هيءَ ٽوپلو...؟“

”توهان کي ياد هوندو تہ صدر اسڪندر مرزا اڪثر ٽوپلو پائيندو هو. جڏهن رئيس وڏو ليگ ڇڏي، ريپبلڪن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ هيءَ ٽوپلو پائي، وچي صدر جو سلامي ٿيو تہ ضلعي ڇا، سڄي سنڌ جا وڏيرا اندر ۾ سڙي ويا! اسڪندر مرزا واري ٽوپلي جهڙو ٽوپلو پائڻ جو خيال ڪنهن کي بہ ڪونہ آيو. سائين دماغ بہ تہ ڪپي اهڙين ڳالهين لاءِ! اسان جي سنڌ جي وڏيرن وٽ اهڙا دماغ هجن ها تہ هيئن ڏڪا ڇو کائون ها؟ پلا هيءَ شڪاري ٽوپي، ٻڌايو کهڙي حاڪم جي پسند جي هئي؟“

مون کان جواب نہ ملندو ڏسي، چيائين:

”سچاٽو نٿا؟ ٿورو ياد ڪريو! صدر ايوب شڪار تي کهڙي ٽوپي پائيندو هو؟“

”۽ هيءَ مائو ڪيپ؟“

”توهان خيرن سان ٽپ هڻي ڏسو!“

”ذوالفقار علي ڀُٽو؟“

”هان شاباس!“ هن ٺهڪ ڏيئي داد ڏيندي چيو. ”نيٺ بہ تہ سائين باليسٽر وڪيل آهيو. ڪا گهٽ ڳالهہ تہ ناهيو! ۽ سائين منهنجا! اٿوَ اها ترڪي ٽوپي، جيڪا رئيس وڏو تڏهن پائيندو هو. جڏهن خلافت تحريڪ زور شور سان پئي هلي. هندستان ۾ وڏو خلافتي هو سائين، اُن زماني ۾. پنهنجو رئيس وڏو! مولانا محمد علي ۽ مولانا شوڪت عليءَ سان گڏ اڳهڙو سندس گروپ فوٽو نہ ڏيکاريومانوَ؟ هاڻي هيءَ بہ ڏسو مودودي ڪيپ. هي مولانا نيازيءَ وارو ڳلو. هيءَ احراري ٽوپي....“ هن درجن کن ٽوپيون ڏيکاريندي سندس سياسي قبيلا ٻڌايا. هڪڙي ٽوپي نڪا تي لڳي ڪانگريسي نڪا ليڳي.

”اها؟ اها سائين. بنگالي بابوئن سان ياريءَ جي نشاني آهي. تن ڏينهن رئيس وڏو ۽ خواجہ ناظم الدين جڻ پڳ مٽ يار هئا. هاڻ اصول تہ طئي ٿيل هو تہ سائين منهنجا! تہ جنهن جي پارٽيءَ ۾ داخل ٿبو ان جي ٽوپي پائبي.“

مون چيو ”۽ جڏهن پارٽي بدلائبي تڏهن ٽوپي بہ بدلائبي؟“

”هان شاباس! توهان جا پُٽ بچن! جيئن ئي هڪڙي ڏينهن ڪو حاڪم لٿو، تيئن ئي خبر پُڌڻ شرط، ان جي ٽوپي لاهي ڦٽي ڪبي ۽ نئين حاڪم جي ٽوپي مٿي ۾ پائبي... سائين ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ اٿوا ڪنهن کي بہ نہ! معاملو ئي

Gul Hayat Institute

اهڙو هو نہ! پر هنن گنهگار اکين رئيس وڏي کي اَسر مهل ماٺ منيءَ ۾، ڪلاڪن جا ڪلاڪ، هر هر هيئن سلام ڪندي ڏٺو آهي!“

هن سختيءَ سان ٻانهن گوڏن ڪان مٿيري اڳتي ڌڪي، نازي سلام ڪري ڏيکاري.

”مشق پئي ڪيائين، منهنجا سائين، مشق! ڪهڙي خبر؟ ڇا بہ ٿي سگهيو ٿي! هٽلر نامراد کي مصر مان يا ايران مان سٽ ڏيئي، سنڌ پهچي وڃڻ ۾ دير گهٽي لڳي ها؟ ماڻهُو هڪڙي بدران ٻي ٽوپي پائي وڃي، هٽلر جهڙي رهزن کي سلام ڪري، تہ اُبتي ڪل نہ لهرائي ڇڏي؟ عزت ئي نہ ڌوڙ ٿي وڃي؟“ منهنجي چهري جي تاثر کي پسنديدگيءَ سان ڏسندي چيائين، ”۽ سائين! ٿورڙي هن پاسي بہ قرب جي نظر ٿئي. هي بہ بندوبست هئا!“

پراڻي اخباري ڪٽنگ ۾ مشهور هندستاني باغي ليڊر سباش چندر بوس فاتحانہ شان سان جپان جي فوجي وزيراعظم جنرل ٽوجوسان گڏ وينو هو.

”جپانين جي حاڪم جنرل ٽوجو جي جِنَ کي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ ٽوجو جي ٽوپي بہ خيرن سان موجود هئي! اجها هيءَ ڇٻي ٽوپي ان چنگيز صفت جنرل جي! دوراندیشیون ڏسندا هلو قبلا! ڇرچو ناهي؟ پر افسوس جو قوم جهڙو ڇئجي تهڙو قدر نہ ڪيو!“ هن ڏک وچان چيو. منهنجي وات مان ٻي اختيار نڪري ويو. ”سبحان الله! پوءِ تہ رئيس سوشلسٽ بہ ضرور هوندو!“

”فرمايو ڇا ٿا قبلا! رئيس وڏو سؤ سال ڇا، سؤ صدين کان پوءِ ٿيڻ جوڳيون ڳالهيون بہ خيال ۾ رکندو هو.“ ايئن چئي هو وري اندر هليو ويو. سندس هٿ ۾ ٽي ٻيا ٽوپلاءِ ٽي ٻيون ٽوپيون هيون.

”هيءُ خاص ٽوپلو ان لاءِ وٺي رکيو هئائين تہ جي اتفاق سان وري بہ انگريزن اهنجارن جي حڪومت موٽي اچي تہ هھڙو ٽوپلو هڪيو حاضر هجي. جيڪو پائي سڌو صاحب جي سلاميءَ تي هليو وڃجي.“

”هي فليٽ هيٽ؟“

”۽ هي فليٽ هيٽ ۽ هوءَ پريان ٽنگيل صدري ان موقعي لاءِ هئا تہ جي ڪنهن ڏينهن، خدا نہ ڪري، هتي هندو ڪافرن جي حڪومت وري قائم ٿي وڃي، تہ پوءِ اهو جواهر لال نهرو جو فليٽ هيٽ ۽ هوءَ سندس دلپسند صدري پائي، ڪيس ڪراچيءَ ۾ وڃي هار پارائي، ڳوٺ دؤري تي وٺي اچجي. رئيس جو دماغ ڏسي ڪانگريسي ڏوترن جا عقل نہ چرخ ٿي وڃن ها!“

”۽ هيءَ ٽوپي ڪهڙي حاڪم جي آهي؟“

”اهو ڪٽي توهان ٻڌايو!“



Gul Hayat Institute

جڏهن گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ مون کان ڳُجهارت ڀڳي نہ ٿي، تہ هو امالڪ اندر ويو ۽ هڪڙي فريم واري تصوير کڻي آيو "ڀلا هن تصوير واري ٽوپيءَ تي نظر ڪريو. هيءُ همراهہ ڀلا سڃاڻو ٿا؟ زبر زنگ وڪيل آهيو. ضرور سڃاڻندا هوندا."

هن مون ڏانهن دوستاڻي چئلينج وارين مُرڪندڙ نظرن سان ڏسندي چيو. تصوير ۾ هڪڙو ماڻهُو هوبهو اهڙي ٽوپي پايو ويٺو هو. جهڙي رئيس وٽ هئي. اهو ماڻو روسي سوشلٽ انقلاب جو باني ۽ ان جو معمار ولاديمير لينن هو.

"سائين ڦهر جو ماڻهُو هو رئيس وڌو. چي، 'کهڙي خبر اوچتو ڪميونزم ڪڙڪي پوي تہ ڇا ڪبو؟' آمريڪا کان بہ غافل نہ هو. چوندو هو ڏسجو ويٺا! پس پيش آمريڪا توهان کان ملڪ کسيندو، نہ مُرندو اصل نہ. هي اٿوَ صدر جانسن وارو وڏو ٽوپلو. آمريڪي اچن ها تہ رئيس جي مٿي تي اڳواٽ ئي جانسن وارو ٽوپلو ڏسي ششدر نہ ٿي وڃن ها!؟"

حيدرآباد موٽندي مون رئيس محبت خان کي چيو "چوٿين تاريخ شام جو آفيس ۾ اچجو تہ ڪيس بابت ڪجهہ صلاح مصلحت ڪري وٺجي."

چپائين: "چوٿينءَ بدران ڇهين رکجي تہ ڪيئن ٿئي؟"

مون چرچو ڪري چيومانس، "چوٿين تاريخ ڪنهن دلبر جي دربار ۾ حاضري آهي ڇا؟"

چيائين، "نہ سائين! اهڙا ڀاڳ ڪٿي؟ اڄڪلهہ ڏسو ٿا تہ حُسن جون سرڪاريون ڪرسيءَ وارين سرڪارين کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن اک کڻي نهارڻ لاءِ بہ تيار ناهن."

"تہ پوءِ؟"

"ٻيو خير آهي، ٽوپيون پراڻيون ٿي ويون آهن. ڪجهہ نيون وٺيون آهن. مڙيئي وڏن جي ريت کي منهن ڏيڻو ٿيو."

شنوائيءَ واري ڏينهن ڏٺومانس تہ هڪڙي نئين ۽ نرالي ڊزائين واري ٽوپي پاتل هيس. ان ڏانهن اشارو ڪندي کِلي چيائين:

"بلڪل نئون فيشن آهي!"

ڪپڙي جي ڇَتيءَ تي ٽوپيءَ جو نالو هلڪي اڇي لڪي رنگ جي سنڌ جي نقشي هيٺان لکيل هو "خالص قوم پرست."

الائي ڪهڙو خيال آيس. اوچتو سنجيدو ٿي چيائين، "هڪڙي ڳالهہ چوان؟ دل ۾ تہ نہ ڪندؤ؟ ڪڏهن صدر ۾ قومي ڪئپ هائوس تان هلي ڪي يڪيون ٻہ ٽي درجن ڪم جهڙيون ٽوپيون وٺي ڇڏيو! سڄي عمر لاءِ جان ڇُٽي پوندي، موقعي ۽ موسم آهر ٽوپي پائي، پوءِ ماڻهُوءَ کي جيڪي وڻي، سو پيو ڪري، ڪير پڇڻ وارو ڪونہ هوندو."



Gul Hayat Institute

# دؤر پيو

21 آڪٽوبر ڪان 28 آڪٽوبر... هڪ ڏکيءَ غشيءَ ۽ غنودگيءَ جا اَٺ ڏينهن ۽ اَٺ راتيون. وچ وچ ۾ سُرت ۽ سجاڳيءَ جون گهڙيون. يادگيريءَ جون اڌ گيديون جهلڪيون، ڌُنڌ ۽ ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل چهرا. جملن جي اڌڙ ڪمپائونڊر، ڊاڪٽر، انجيڪشنون، گوريون، ملاقات:

”ڪيئن آهين!“

”دعا آهي!“

”ڇا ٿو ٿئي!“

”بخار... پاسي ۾ سُور.“

29 تاريخ امام ۽ ادا، شميم لطيف، پناهه گهر وارا. ڪار، سول اسپتال، ڊاڪٽر عالماڻي. وري به ڪار، ڄامشوري جي پُل، ڄامشورو اسپتال.

پرائيويٽ وارڊ 14، روم نمبر 3، نرسون، گلوڪوز جي ڊرپ، انجيڪشنون، گوريون، دوائن جا وزن، ايڪس ري، مائٽ، ڪلهي ۾ چوويهه ڪلاڪ سُور جا ڏنگ، ڏينهون ڏينهن ڪمزوري، راتين جون راتيون تڙپڻ، اوجاڳا، مريضن جي ٻارن جون واندي ۾ ڊوڙون ۽ ڏمڇر، ملاقاتي، ڊاڪٽر.

”ڪهڙو حال آهي؟“ ڊاڪٽر صالح مرڪي پڇيو.

”ڪلهه ڪان وٺي سخت اُلٽيون آهن.“

”ڇو ڀلا؟“

”ٻٽرلجين جي انجيڪشن ۽ گورين سان اڇيو اُلٽيون ٿين، ڪلهه ڪان وٺي اها حالت آهي.“

”تڏهن ائنلجين ڏيوس... ڀلا ايميٽين شروع ڪيوَ؟“

”نه. بي پي 105 هو. تنهن ڪري ڊاڪٽر عالماڻيءَ چيو ته في الحال نه.“ ڊاڪٽر پير ادب سان جواب ڏنو.

Gul Hayat Institute

”فڪر ناهي. شروع ڪري ڇڏيو... ٺيڪ ٿي ويندا, فڪر نہ ڪريو... ڪالهہ ڪائو... وري بہ ايڪس ري ۽ اسڪئننگ ڪرائي ڏسوس!“

”حاضر.“ ڊاڪٽر پير وراڻيو.

”توهان سڏايو؟“ سسٽر زرينہ ڪمري ۾ گهڙندي چيو.

”ها سسٽر. ڪُلهي ۾ سخت سور آهي. ائنلجين لڳايو؟“

”چڱو.“

نس ۾ سُئيءَ سان گڏ ڄڻ هزارين وڇونئن جا زهريلا ڏنگ گهِڙي ويا ۽ ڦهلجڻ لڳا. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ آرام آيو.

سسٽر عزيزه گهِڙي آئي.

”هي سڀ ڪيڏانهن ويا؟“

”ننڍڙي بيمار هئي. امان اوچاڳا ڪري پاڻ بيمار ٿي پيئي, ياءُ اڳيئي چاڪ ڪونهي. هتي زڪام ۽ بخار ٿي پيس.“

”چا! هاڻي باقي اوهين ٿي, بس؟“

”بس!“

”ڊرپ لڳي اٿن؟“

”ها سسٽر!“

”ڪالهہ ڪهڙو ڪالهہ اٿس؟“

”سسٽر ڪالهہ وڏيس ئي نٿو. ڪجهہ نٿو ڪائي.“

”پوءِ ايئن ڪيئن ڪم هلندو. آءٌ توهان کي پنهنجي ميس مان سُوپ موڪليان ٿي. اهو پِي ڏسجو. قَسم سان ڏاڍو مزيدار آهي. ضرور پِي ڏسجو.“

”چڱو.“

سندس پاڻ ۾ ڳالهيون . سسٽر حميده جون وچ وچ ۾ هلڪيون چيخون ”ائي الله!“ ڌپيل ٽهڪڙا. مريضن ۽ سسٽرن جا قصا, اچرج, خوشي, ناپسنديءَ, ٽوڪ جا هٿن ۽ اکين سان اشارا... غنودگي.

... ... ...

گهنٽي.

”توهان سڏ ڪيو؟“

”ها سسٽر, هن جي طبيعت سخت خراب ٿي پيئي آهي. ڊاڪٽر کي گهرايو.“

”چ! چ! چيومانس سڄي رات اوجاڳو نہ ڪندي ڪر. پنهنجي صحت جو خيال ڪندي ڪر.“

ڊاڪٽر پير آيو.

Gul Hayat Institute

”هيءَ ڪنهن سرجن جو ڪم آهي. آرتوار جي رات ڪوبہ سرجن گهر ڪونہ هوندو.. رات جا اَٺ ٿيا آهن. سرجن غنيءَ کي فون ڪريان ٿو خدا ڪري هجي.“

”ها ڊاڪٽر، ذاتي ڪوشش وٺي ڪونہ ڪو فوراً انتظام ڪريو. نازڪ حالت آهي. مڙس ماٺِھُو ٿي.“

”حاضر ادا.“ اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ سرجن غني، تپاس.

”ڪڏهن کان وٺي تڪليف آهي؟“

”پنجن ڏينهن کان.“

”اُلٽي بہ ٿي هئي؟“

”ها اڄ ٻنپهرن جو اُلٽي ٿي هئي.“

ٺيڪ آهي. هينئر ئي داخل ڪري، بٽرالجين ڊرپ ۾ ملائي هڻُوس. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

ٻيو ڏينهن ڏهون نمبر ڪمرو، گلوڪوس جي ڊرپ، بٽرلجين، ڪلورو فائيٽين.

وارڊ بواءِ، ڊرپ جو اسٽئنڊ، گلوڪوس جي ٿيلهي. پويان سسٽر زرينہ.

”تڪليف ٿئي تہ ٻڌائجو.“ سسٽر زرينہ نس مان سُوئو ڪڍي وري ٻيو دفعو ٽُنبندي چيو. جواب ۾ سُور، طنز، خودقياسيءَ ۽ صبر ڀريل اڻ لکي مُرڪ.

گلوڪوس جي ٽنگيل ٿيلهيءَ مان گلوڪوس جا ڦُڙا ڳڙڻ لڳا. ٽِپ! ٽِپ! ٽِپ!

”اڪيلا رهجي ويا آهيو.“ سسٽر زرينہ همدرديءَ قياس واري مُرڪ مُرڪندي چيو.

”هائو.. ڏهين نمبر جو ڪهڙو حال آهي؟“

”ان کي بہ گلوڪوس لڳل آهي. رات ڪجهہ ننڊ ڪيائين.. سرجن غني رات 12 بجي ڏسڻ آيو هوس.. سڀاڻي ايڪسري ٿيندو. رات لاءِ ايميٽين جي انجيڪشن آهي؟“

Gul Hayat Institute

”نہ شهر مان وٺڻ ويئي آهي، هن اسٽور تان نٿيون ملن.“

”ويچاري ڏاڍي تڪليف ۾ پئجي ويئي آهي. ساڳئي وقت ٻئي ڄڻا بيمار. سڄي رات ماڻس سان اوجاڳو ٿي ڪري، ڏينهن بہ سڄو! ٻنهي جي چاڪريءَ ۾ آهي.. ڏاڍي سُني ڇوڪري آهي!“ سسٽر عزيزه ڪمري جون ٽِڙيل پکڙيل دوائون ۽ سامان ٺيڪ ڪندي چيو.

در کُليو. هوءَ ٽوڪري ڪنيو سهڪندي، مُرڪندي پريان ئي زور سان ڳالهائيندي آئي...

”دوا ملي ئي نہ. رُلي رُلي مس ملي آهي. سنڌي رسالا ڪونہ مليا. ٽائيم اڄا ڪانہ آئي آهي، پيپيتو سڄي بازار ۾ ڪونہ ٿو ملي.“

ٽوڪريءَ مان ساوا مرچ، هفتيوار نيوز ويڪ، موسميون، پالڪ، سنڌي اخبارون هفتيوار پيڪنگ رويو انجيڪشنون، دوائن جون شيشيون ڪيڏي ڪِٽَ ۾ وجهندي وئي.

”ٽڪڙ ۾ ڪلورومائيٽن وسري ويم. اما ڪاوڙبي. خير اڄ لاءِ ته آهي. سياڻي ڪٽي ونبي... امان وٽان ٿي، اڇي اوهان کي سُوپ تي ٺاهي ڏيئي وڃان.“

ڏينهن گذريا، ڪمرو 10 خالي ٿيو. ڪمرو نمبر 3 بدلائي ڪمرو نمبر 6 ورتو ويو.

”ڇا پڙهي پڙهي ٻڌايان —اخبارون يا ناول؟“

”پهرين اخبارون پڙهه!“

”سنڌ جي ملازمن سان زيادتيون ختم ڪيون وڃن...

”سياسي رهنمائن کي بنيادي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ جي اپيل...

”175 اعليٰ آفيسر سبڪدوش ڪيا ويندا...

”حيدرآباد ۾ نوجوان شاگردن جو جلوس...

”اهو پڙهه!“

”حيدرآباد ۾ نوجوان شاگردن جو جلوس... هڪ شاگرد رهنما بُک هڙتال شروع ڪئي... ون يونٽ ٽوڙڻ، ووٽرن جون لسٽون سنڌيءَ ۾ شايع ڪرڻ ۽ تعليمي ادارن جي سنڌي سربراهن خلاف سازشون ختم ڪرڻ جا مطالبا...“

خبر پڙهي پوري ڪري پڇيائين:

”مطالبا منظور نه ٿيا ته پوءِ؟“

”پوءِ ڇا؟“

”پوءِ بک هڙتال ختم ڪندو يا...“

”خبر ناهي... ماڻهُوءَ ماڻهُوءَ تي مدار آهي.“

”ڪي موت تائين بک هڙتال ۾ مري به ويندا آهن؟“

”ها تازو هڪڙو سِک هندستان ۾ مُئو آهي.“

هوءَ سوچ ۾ پئجي ويئي.

”هاڻ ڇا پڙهون؟“

”ناول.“

”چڱو پهريائين پلي امان پڙهي.“

”ڪٿي ڇڏيو هيوسين؟“ ماڻس پڇيو.

”جتي نعيم جي ڪمپني بيلجم پهتي آهي ۽ هاڻ جنگ جي محاذ تي اچي پهتا آهن.“

Gul Hayat Institute

ماڻس عبدالله حسين جو ناول ’اُداس نسلين‘ ڪيڻ مان ڪڍي پنا اُٿلائي، آخري نشان ڳولي لهي پڙهڻ شروع ڪيو:

”برف ڪِرڻ بند ٿي ويئي. چنڊ ڪڪرن کي چيري نِڪتو ۽ چوطرف سموري فضا برف جي اڇاڻ سان جرڪڻ لڳي. دشمن جي مورچن ۾ ڪنهن گِٽار جو يڪتارو بار بار پئي وڄايو. جنهن جو ڳنڀير ۽ نرم آواز اچي ۽ گِهري صاف پريل رات جي جادوءَ کي پئي وڌايو...

”ٻئي ڏينهن وچينءَ جو حملي جو حڪم مليو. ساڻن گڏ نمبر هڪ نمبر ٻه نمبر ٽي ڪيولري برگيڊ جا وڏا حصا هئا. حملي جي رٿ هيءَ هئي: نمبر ٻه ڊبل ڪمپني جيڪا ميجر همفري جي ڪمان ۾، هولي ٻئنڪ واري سيڪشن جي خندقن تي قابض هئي، سا اڳتي وڌي ڇهه سؤ والن جو محاذ گهيريندي. نمبر پهرين ڪمپني ڪئپٽن ايڊيئر جي ڪمان ۾ روز بڪت تي قبضو ڪندي. جنهن مهل نمبر ٻه ڪمپني سندس پرسان اچي پهچندي، تنهن مهل نمبر ٻه ڪمپني چڙهائي شروع ڪندي...

ٽين بجي فائرنگ شروع ٿي. ريجمينٽ، دشمن جي مشين گن ۽ رائيفل فائر جي اڳيان اچي ويئي... هوا ۾ بارود جي بوءِ هئي...

”ڪنڊ 39 – ڏکڻ اوپر – فائر!“ ڪمپني ڪمانڊر رڙ ڪئي – زخمي سپاهي ٻنهي هٿن سان پيٽ کي جهليو گوڏن ڀر وينو هو ”پاڻي!“ هن خوفناڪ غيرانساني آواز ۾ چيو ۽ جهُڪي پيو. سندس مٿو وڃي زمين سان لڳو ۽ هو ان حالت ۾ ڪمزور ۽ مئل آواز ۾ ڪجهڻ لڳو. ٻن سپاهين کيس سنئون ڪري ليٽايو ۽ پاڻيءَ جي ڇل ڪٽي وات تي رکيائونس. سندس نڙيءَ مان هڪڙو ڊُڪ مس هيٺ لٿو. ٻيو پاڻي واڇن مان وهڻ لڳس. سخت سُور کان سندس چهرو ٻچڙو ٿي ويو هو ۽ موت جي خوف پريل نگاهن سان هُو تِڪ ٻَڌي آسمان کي تڪيندو رهيو. جنهن مهل نعيم آخري دفعو کيس ڏٺو، تنهن مهل هن پنهجين اکين سان پنهنجي پيٽ ڏانهن اشارو پئي ڪيو. جنهن کي اجا تائين سندس رت پريل هٿ سوگهو جهلي وينا هئا...

”هو سال تائين بيلجم ۽ فرانس جي علائقن ۾ لڙندا رهيا... پنهنجن توڙي دشمن جي مورچن ۾ هن هزارين سپاهين کي مرندي ڏٺو. ڪن کي آسانيءَ سان مرندي ته ڪن کي سيڻجي مرندي، ڪن جي چهرن تي اَڇاڻ ۽ معصوميت هئي ته ڪن جي چهرن تي موت جي نيلاڻ ۽ سُور. ڪن جي اکين جيئري ماڻهُوءَ وانگر جهاتيون ٿي پاتيون ته ڪن جون اکيون انڌن شيشن وانگر پيشانيءَ تي جڙيون پيون هيون. ڪن جي کيسن ۾ سُڪل راشن ۽ ٻه ٽي گوليون هونديون هيون ته ڪن وٽ ٻارن ۽ سُهڻين ڇوڪرين جا فوٽا سندن ڪارين چوٽين جي چڳن جون

نشانيون. هو سمورا ڪي پٿرن تي تہ ڪي خندقن ۾ سُڪل نالن ۾، تہ ڪي برف تي يا گپ ۾ مُئا پيا هوندا هئا. وقت هجي ها تہ نعيم ڪنهن نوجوان سڪون پريل چهري وٽ ويهي رهي ها. سندس کيسا ڦلوري فوٽا ۽ خط ڪڍي ها. انهن عورتن جو تصور ڪري ها، جيڪي ڳوٺ کان ٻاهر نين ۽ نالن جي ڪنڌين تي پنهنجين پيارين شڪلين لاءِ سِڪنديون پيون هونديون ۽ خبر ئي ڪانہ هوندين تہ انهن محبوب مهانڊن جا چپ ٿڌا ڪري ڇڏيا ويا آهن. اهي بدن ۽ جسم جن کين بي پناهہ خوشين جون راتيون بخشيون، سي هزارين ميل پري ڌوڙ ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، ۽ هو اجايو پيون واٽون نهارين. هو جيڪر انهن ٻنين بابت سوچي ها، جي نوجوان هٿن کان سواءِ غير آباد ۽ ويران ٿي ويون."

هاڻ بس!" چئي ماڻس ڪتاب بند ڪري هٿ وڌائي ڪٻٽ جي خاني ۾ رکيو.

سامهون اُلهندي پاسي واري کُليل دروازن مان سياري جي شام جي اُداس ۽ ٿڪل سج جي روشنائيءَ ۾ لان جي ڇٻر جو رنگ سائو سونهري ٿي پيو هو. ڦوهاري جي آس پاس رنگبرنگي ٻوٽن ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون جهرڪيون پَرَ سوئي پاڻ ۾ راند پئي ڪُڏيون ۽ رَکي رَکي "ڦرا" ڪري اُڏامي گوهيون ڏيڻ تي لڳيون.

"زبردست ناول آهي." ٿوري دير رکي چيائين، "ماڻهو هڪٻئي تي ظلم الائي چو ٿا ڪن؟" سندس گلو پريل هو. ماڻس بہ خلا ۾ گهورڻ لڳي. ۽ پوءِ چيائين، "بس اصل کان وٺي هڪٻئي کي ڪُهڻ جو دستور هليو اچي. نظام ئي اهڙو آهي."

هن چيو "اهو نظام ئي ختم ڇو نہ ٿا ڪري ڇڏين... منهنجو وس هجي تہ انهن سيني جنگ ڪرائڻ وارن کي شوٽ ڪري ڇڏيان."

"اهو شوٽ ڪرڻ بہ تہ ماڻهو مارڻ ٿيو."

"ها، پر اهو سُٺي مقصد لاءِ ٿيو... اهڙا انسانن جا دشمن مُئا ڀلا آهن." ماءُ ڏيءَ هڪ ٻئي پويان چيو.

"ڪير ماري؟"

"ماڻهُو... عوام." هن چيو.

"اهي تہ نہ ٿا اُٿن."

"ٻيا سُٺا ماڻهُو کين اُٿارين." ماڻس چيو.

"شاگرد، نوجوان، پاڻ سڀ اُٿي پئون." هن زوردار تائيد ڪئي، "چين وارن بہ تہ ائين ڪيو نہ! ويٽنام وارن ڏسو ڇا ڪيو آهي!" "اُتي تہ مرد عورتون، ٻار، ٻُڍا بہ سِر ترين تي رکيو بيٺا آهن."

"اسين بہ ائين ڪنديون سين. خدا جو قسم هتي ماڻهُو اُٿي بيهن تہ آءٌ جيڪر اج ئي ساڻن هلي وڃان..."

Gul Hayat Institute

”پوءِ فلمون ڪير ڏسندو؟“

”فلمون! مون کي تہ هاڻي انهن فلمن لاءِ نفرت آهي. سڀ ڪوڙ! پنهنجي زندگي سچي غلط آهي. ايمان سان آءٌ تہ چوان ٿي تہ آءٌ ڇوڪرو هجان ها تہ ويٽنام هلي وڃان يا فلسطين. عظيم انسان اهي آهن. هتي تہ اسين رڳو حيوانن جي حياتي گذاريون ٿا....“

”اهي ويچارا تہ روز مرن ٿا.“ ماڻس افسوس سان چيو.

”ڀلي مرن، مرڻ ۾ ڇا هي. انسان تہ ٿي مُئا. مربو تہ ائين ئي. پنهنجي قوم لاءِ سِر ڏيئي مرجي يا اُنهن انسانن وانگر سڄي عمر لِپ اسٽڪون هڻي، فئشن ڪري، فلمون ڏسي، مانيون پچائي، زنانا جهيڙا ۽ گلائون ڪري ڪتن وانگر مري وڃجي...“ هن جوش ۽ نفرت وچان ڳاڙهو ٿي چيو.

گهوڙي وانگر تيزيءَ سان آيل بيماري جونءَ وانگر آهستي سُرندي موٽ کائي رهي هئي.

”سياڻي کان توهان صبح جو 7 بجي لان ۾ وڃي ٿورو هلجو ۽ اُس تي ويهجو.“ سسٽر زرينہ رات پنهنجي پنجابي اردوءَ ۾ حڪم ڏنو. سندس مهربان ۽ ٻاجهاري منهن تي چڙهيل پُرسڪون سنجيدگيءَ جي نقاب مان سندس سرهائي ۽ فتح جون جهلڪيون نظر پئي آيون. سندس سنڀال ۾ ڏنل مريض نيڪ ٿي رهيو هو.

لان جي چوڌاري بينچن مان هڪ تي فتح مل واري ڇوڪري ۽ سندس ماءُ ويٺيون هيون. مينديءَ جي ٻوٽن تي جهرڪيون چرچر ڪري پاڻ ۾ وڙهي رهيون هيون. ننڍڙو اياز لطيف سُٽڻ پائڻ کان انڪار ڪري گُسائي ڦوهاري ۾ هٿ پير پُسائي نعرا هڻي رهيو هو ”سنڌ جو بهادر!“ ”لالا قادر!“ ”سنڌ جو بهادر!“ ”لالا قادر!“

”هي نعرا ڪٿان سِکي آيو آهين؟“

”ڪٿان نہ!“

”شهر ويو هو اُتان ڇوڪرن کان ٻڌا هوندائين.“ ماڻس ٻڌايو. ڇپر اچا آلي هئي. فراسي وڇائي ويئي.

”نيٺ ڀلا ڇا ٿيندو؟ مطالبا مڃيندا؟“ هن پڇيو.

”خبر ناهي.“

”پوءِ بس ويچارو ڀلي مري وڃي! سرڪار کي احساس بہ ڪونہ ٿيندو!“

”خبر ناهي... اڄ پاڻ بہ شهر ٿا هلون. خبر ونجي. قاضي فيض محمد بہ اچي ويٺو آهي.“

”قاضي فيض محمد تمام سُٺو ماڻهو چئبو. ٻيا ليڊر تہ گهر سُتا پيا آهن.“

”وڏو سچار سنڌي آهي... سنڌ جو آزمايل سپاهي آهي.“

شهر کان موٽندي وات ۾ اها ئي ڳالهہ ٿيندي رهي.

Gul Hayat Institute

”قاضيءَ جي اچڻ تي شاگرد ليڊر ڇو ناراض ٿيا آهن؟“

”ڇون ٿا تہ سياسي ليڊرن جي شامل ٿيڻ ڪري معاملي کي سياسي رنگ اچي ويندو، حڪومت هروڀرو ضد ٻڌندي.“

”پوءِ ڇا ٿي پيو. سياسي معاملو اوئين ئي آهي... قاضي ويچاري کي تہ ارمان ٿيو هوندو.“ ماڻس چيو.

”ها، ڳالهہ ڪندي سندس گلو ڀرجي آيو. مون کي خود شرم پئي آيو.“

”ڇو؟“

”بس، قومي سياسي شعور جي پختائي ناهي. اڃا هرڪو پنهنجي ديڳڙي الڳ رڌڻ ڪائڻ ٿو گهري. هڪڙي بزرگ فدائي قربانيءَ لاءِ اچي ۽ ان جو اهو قدر ٿئي!“

هوا تي نڪرڻ ڪري طبيعت خراب ٿي پيئي. بخار... اُلٽيون... شام جو ڪجهہ سامت آئي.

”ڪجهہ پڙهجي.“

”ڇڱو ناول پڙهون؟“

”نہ. انهيءَ مان طبيعت مورڳو اُداس ٿيو پوي. اڄڪلهہ اهڙو ادب پڙهجي، جنهن سان همت وڌي، فتح ۾ يقين ٿئي، آئندي ۾ اعتماد ٿئي...“

”ٺيڪ آهي. تڏهن امان تون شاهہ جو رسالو پڙهي ٻُڌاءِ.“

”ڪهڙو سُر.“

”ڪاهوڙي.“

”پيئي جنين باس گنبي ڏونگر گام جي،
ڇڏي لوڪ لباس، لوڇي لاهوتي ٿيا.“

سجو سُر پورو ڪري پڇيائين، ”هاڻ وري اياز... ائن؟“

”ها.“

”ڪتاب تہ گهر رهجي ويو. ياد ٿا پڙهون. پهريائين تون هُو ٻُڌاءِ، اسين ننڊ جا نيڻ آهيون پرين!“

”اسين تہ ننڊ جا نيڻ آهيون پرين،
سُتي ساهہ جاڳي وڃي دور دور،
ستارا لتاڙي اسان جو شعور...
جڏهن موت ڪائون
سوين راز آڻيون
سوين ساز جي لاءِ آواز آڻيون
سوين چنڊ ڇايون،
ستارا تڳايون،



Gul Hayat Institute

انهن سان اڃي جڳ سڄو جڳمڳايون،
اسين ننڊ جا نيڻ آهيون پرين،
اسين جاڳ جا پاڳ آهيون پرين!“

ٻاهر اونده هئي. پريان وڻن جي پنن جي هلڪي سر سر جا پڙلاءُ پئي آيا. واري واري سان سهڻي لطيف ۽ اياز جو ڪلام پڙهجي رهيو هو. ايئن ٿي لڳو ڄڻ ڪمري نمبر 6، وارڊ 14 مان سڄي ايل.ايم.سي اسپتال مان سموري سنڌ مان سڀ مرض ۽ بيماريون ڊوڙي رهيون هيون. ماڻهو هنڌ ۽ بسترا ڇڏي، گهرن جون ڪُنڊون ڇڏي، ڳام ۽ گهٽيون ڇڏي، مڙي سڙي ولر ۽ ٽولا ڪري، قطارون ناهي، لشڪر بڻجي مست ٿي، نچندا ٽِپندا، ڳائيندا، ظلم ۽ قهر جي ڪوٽن تي، غلاميءَ جي مورچن تي، نڪري دوڪي جي ديوارين تي هلائون ڪرڻ لاءِ لهرون لهرون ٿي وڌي رهيا هئا.

او شال عُقابن سان اٽڪان
مان وار ٿي واهرن جي
ٿي ساري سنڌ اياز پني
چا ڇم ڇم آندئي ڇيرن جي!“
”ڏونگر ڏکوين کي ٽپي ڪندين ڪوهه،
تون جي پهڻ پٻ جو ته لڳ به منهنجا لوهه،
جنهن ڇوريءَ ۾ ڇوهه سا پٿون ٽيندي پير تي.“

اڪين ۾ حوصلي ۽ همت ۽ جذبي ۽ جولان جا ڏيئا جرڪي اُٿيا.

”هاڻ قائد انقلاب پڙهجي.“

هن ڪتابڙو ڳولي هٿ ڪيو ۽ پڙهڻ لڳو.

”سڄي دُنيا جا عوام پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃو ۽ آمريڪي اڳرائي ڪندڙن ۽ سندن شڪاري ڪُتن کي شڪست ڏيو. سڄي دُنيا جا ماڻهو مڙسي ڪريو. ڪمر ڪشيو وڙهڻ جي جرئت ڪريو. مشڪلات کان نه ڊڄو ۽ لهرن پويان لهرون ٿي اڳتي وڌو. پوءِ سڄي دُنيا عوام جي ملڪيت ٿي ويندي. سڀني قسمن جا راڪاس تباه ڪيا ويندا.“

”انساني تاريخ ۾ سدائين سمورين مرڻينگ ۽ مُردار قوتن پوين پساهن تي اچي، انقلابي قوت جي خلاف سِر ٽوڙ مقابلو پئي ڪيو آهي ۽ ڪي انقلابي اڪثر دشمن جي انهيءَ ظاهري طاقت ۽ اندروني ڪمزوريءَ کي ڏسي ڪجهه دير لاءِ دوکي جو شڪار ٿي ويندا آهن. ڪين خبر ئي نه پوندي آهي ته دشمن تباهيءَ جي ويجهو پيو پهچي ۽ هو پاڻ فتح جي ويجهو پيا پهچن...“

”اسان کي کپي ته پنهنجي طرف مان ڪمزوري ۽ بي وسيءَ جا سمورا خيال ختم ڪري ڇڏيون. دشمن جي طاقت کي اجايو گهٽ سمجهڻ جا سمورا خيال غلط آهن.“

Gul Hayat Institute

”مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي اهو ڪڏهن بہ نہ سمجهڻ کپي تہ ڪو عوام کي غلام بڻائيندڙ سامراجين کي ڪڏهن نہ ڪڏهن حياءُ پئجي ويندو ۽ هو سندن ڳچيءَ مان هٿ ڪڍي ڇڏيندا. هو فقط تڏهن ڪامياب ٿيندا، جڏهن پنهنجي ٻڌيءَ کي مضبوط ڪندا ۽ پنهنجي جدوجهد تي ثابت قدم رهندا. سچو پچو رُڪ جو قلعو عوام آهي، لکين ڪروڙين عوام جيڪي سچائيءَ ۽ صاف دليءَ سان انقلاب جي پُٺ ڀرائي ڪن. اهو آهي صحيح معنيٰ ۾ رُڪ جو قلعو جنهن کي ٽوڙڻ ڪنهن بہ طاقت جي وس جي ڳالهہ ناهي...“

”جنهن هنڌان جنگ ڪرڻ جي ڀرپور طاقت جو چشمو ڦُٽي نڪري ٿو سو عوام ۾ لِڪل آهي، هيءُ جو دشمن کي ايڏي مجال ٿي آهي جو اسان تي آڪڙ ۽ رعب ڀيو ڪري، ان جو خاص سبب اهو آهي جو عوام اجان ڇڙوڇڙ ۽ غير منظم حالت ۾ آهي. جڏهن اها گهٽتائي نڪري ويندي، جڏهن اڳرائي ڪندڙ اسان جي لکن ڪروڙن عوام جي وڪڙ ۾ اچي ويندو ۽ جهنگلي ڍڳي وانگر شعلن ۾ وڪوڙجي رنيو ڪري ٽڪر هڻندو ۽ ٻوڙون پائيندو. اسان جي آواز جي گجگوڙ ئي سندس دل ۾ دهشت وجهي ڇڏيندي ۽ هو سڙي رک ٿي ويندو.“

اونداهي گِهري ٿيندي ويئي. ڳالهين مان ڳالهيون نڪري اُسري نسري سياٽپ ۽ سورهيائيءَ جا سنگ ڪڍي رهيون هيون.

هن اوچتو پڇيو:

”آءٌ هڙتال ڪري سگهان ٿي؟“

”ڇو نہ؟“

”ماڻهُو کِلندا تہ ڪونہ؟ چوندا تہ ڪونہ، تہ نياڻي ڏيءَ هڙتالون پيئي ڪري...“

”ڪي ضرور کِلندا، ٽوڪون ڪندا، اول شايد سڀ ناپسند ڪن، هر نئين ڳالهہ تي ماڻهُو کِلندو ۽ چٿرون ڪندا آهن.“

”پوءِ...؟“ هن اُداس ۽ مايوس ٿي چيو ”مرشد سائينءَ جو فرمان آهي:

”ڪاريءَ رات ڪنن ۾ آهي ڪاٽيارين ڪم

”ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ ڏي ڏراپا ڏم

هي هڏو ۽ چم گهوريو محب ميهار تان.“

”چڱو!“ هن محڪم ارادي سان چيو سندس اکين ۾ عزم جا شعلا هئا.

... ... ...

ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ بک هڙتالين کي رتورت ڪري گرفتار ڪرڻ جون خبرون شايع ٿيون.

”هاڻ؟“ هن اخبار پڙهي پڇيو ”خبر ناهي؟“

”هاڻ تہ ميڙجي پيا آهن. هاڻ جيڪو بک هڙتال ڪندو تنهن کي مارينداً.“

Gul Hayat Institute

”نہ؟“ ”ها.“

”رتورت ڪري ڇڏيندا؟“ ”شايد.“

”پر جي ڪجھہ نہ ڪبو تہ تحريڪ تہ ناڪام ٿي ويندي؟ نہ؟ چوندا تہ سنڌي ڏڄي ويا؟ نہ؟“

”ها.“

”پيا ڇوڪرا تہ هاڻ ڪونہ ويهندا؟“

”خبر ناهي. شايد نہ ويهن.“

”آءُ وڃان ٿي!“ هوءَ اوچتو ٽپ ڏيئي اُٿي ڪڙي ٿي ۽ وِچ جي تيزيءَ سان هلي وئي.

”بسترو ڪٽي وڃ!“ ماڙس پويان سڏ ڪري چيو ۽ پوءِ پاڻمرادو پُڻ پُڻ ڪري چيائين، ”ويئي هلي سڏ ڪونہ ٻُڌائين.“

سسٽر زرينہ سُئي هٿڻ لاءِ گهڙي آئي.

”هينئر اختر تڪڙي تڪڙي ڪيڏانهن پئي ويئي؟“

”جيل!“ ماڙس سنجيدگيءَ سان چيو.

سسٽر منهن تڪيندي رهجي ويئي.

شاهہ جو بيت اُپري اکين اڳيان اچي بيٺو:

”پيئي جن پروڙ گنجي ڏونگر گام جي،

ڇڏي سپ ضرور، لوچي لاهوتي ٿيا!“

Gul Hayat Institute

# پاګو چوټون

## شاعري

Gul Hayat Institute

# اوهان جي پڇاڻان

## جهان کي ڏيو مبارڪون

جهان کي ڏيو مبارڪون اسين پيا ڪاهيندا اچون،
نون سُرن ۾ زندگيءَ جا گيت ڳائيندا اچون،
نئين زمين تي هڪ نئون جهان بنائيندا اچون،
نئين جهان ۾ ڏامر ڏوم سان ڇائيندا اچون.

حيات جو هيءُ حڪم آ ته ڍاهيو پوءِ ٺاهيو
ڏباءُ ڦُر رهزنيءَ جا ڪيل سڀ بگاڙيو
خزان کي جو پناهه ڏي سو باغ ئي اُجاڙيو
خزان سان گڏ خزان جو گهر به پيا جلائيندا اچون.

اجهو هو نڪتو ڀڪندڙ جلوس آفتاب جو
پيو آليڙون ليڙون ٿيو ڪفن انڌيري رات جو
نشان نظر اچي پيو صاف منزل نجات جو
۽ ڀوڏ وچ جيان وڌي پيو قافلو حيات جو
قيامتون قيامتن پُٺيان اُٿاريندا اچون.

جو سج آسمان تي هو زمين تي جڳمڳائيندو
۽ چنڊ پڻ لهي اچي قدم تي سر جهڪائيندو
بهشت جنتن جو خواب نيٺ رنگ لائيندو
بهار نيٺ مُرڪندو ۽ حُسن گيت ڳائيندو
اُتو جو آسمان کي زمين تي لاهيندا اچون.

Gul Hayat Institute

# قول پاري

توري شوق شهادت جو اُڀاري ڇڏيو
توري ديس جي هر دل کي ڏُتاري ڇڏيو
توري ڏاڍَ جي ڏهڪاءَ کي ڏاري ڇڏيو
سهڻيءَ جيان سير گهڙئين، سهڻا! تون سر کي گهوري،
ڏيهه کي ڏان ڏنو ڏياچ! تو ڪنڌ کي ڪوري.

توکي ڏاهر، توکي دودو ڏٺا چون پيا: ”شاباس!“
هوشو هيمون ۽ بلاول ۽ دولهه ”شاباس!“
شاهه عنايت ۽ سچل، شاهه پٺائي شاباس ”شاباس!“
۽ هوءَ مارن سندي ٿر ـ ڇائي ٻـ : ”شاباس!“
قول پاري، تو ملهايون پنهنجون ست سئو پيڙهيون،
ڳاٽ اوچا ڪري هلنديون تنهنجون سهسين پيڙهيون.

سانگين جي لئه سازش جڏهن تيار ڪندو
ڪوئي آمر، ڪوئي جابر، ڪوئي غدار، گندو
جڏهن خودداري ۽ غيرت کي ڪو للڪار ڪندو
سچ ۽ سونهن تي، مظلوم تي، ڪو وار ڪندو
سهڻا سورهيه! وٺي نالو تنهنجو ڪونڌر ڪُڏندا،
سچ ۽ سونهن تان، سورهيائيءَ سان، سر گهور ڪندا.

Gul Hayat Institute

۽ جڏهن ڪارا ڪري ڪيس هو ڪڪريون ايندڀون،
۽ مٺي ملڪ مٿان مَهر جون بونديون وسنديون،
۽ جڏهن روح جي واديءَ مان اُداسيون وينديون،
۽ جڏهن ديس جي گلشن ۾ بهارون اينديون،
تون ٽِڙيل هوندين، مٺا، جهنگ ۾ برٿر ۾ گلن جان،
تون ڪڙيل هوندين، سڄڻ! چنڊ جان، هر دل جي اڱڻ تان.

(سينٽرل جيل سکر، 20 اپريل 1979ع)

## اوهان جي پڇا ڳاڇا...

اڄ وري بہ موسم بدلجي پيئي،
وري بہ ڏينهن ننڍا ۽ راتيون وڏيون ٿيڻ لڳيون آهن،
رات پنهنجي سينڌ ۾ تارا ٽُڪيون ۽ چنڊ پيئي سجائي،
ڳوٺ ۽ وستيون، شهر ۽ بازاريون اُهي ئي آباد آهن.

هميشہ وانگر هر هنڌ پار آهن،
ڪي روبو رڙيو وريو ڪلن ڳُڏن پيا،
مائرن جون اکيون اهي ئي پاپوهہ، قرب ۽
فخر پرپيل اٿاهہ پيار سان ٽمٽار آهن.
اڄ بہ ڌرتيءَ جي هر شيءِ ۽ هر نظاري
مان سُونهن سڏ پيئي ڪري.
درين جي سِيرن، پيڪڙيل درن، اڱڻن ۽ ڇتين تان،
پنڌن، پيچرن، پيهن ۽ ڪوهن تان
ڏڳي گاڏين، بسن ۽ ريلن جي گاڏن منجهان.
اڄ بہ پيار جون سڪون، سرمستيون ۽ سوپون سوايون آهن،
اڄ بہ بي وفائي ۽ وڇوڙي ۽ پڇتاءَ
جا نانگ سينن تي سُرن پيا.

اڄ بہ،
مظلوم ماڻهو، قومون ۽ مُلڪ،
سمورا ڪنڊ، سڄي ڌرتي، سموري انسان ذات
جڳ ۾ ڦرلٽ، ظلم ۽ اوندهہ اندڪار مچائيندڙ
وحشي آدمخورن سان
ٻڪين پيل آهن.
اڄ بہ،
حق ۽ انصاف، سُونهن ۽ سچ پاران
محنتون، مُڙسيون ۽ ويڙهيون ڪرڻ وارن
سورهين جي،
سُرخرو ۽ سوڀارن ڪارنامن جي سڳنڌ
ولايتون واسي سڄي سنسار کي سُرهو
پيئي ڪري.

Gul Hayat Institute

”اڇي آريءَ ڄام جو وڻ وڻ منجهان واس.“

اڄ بہ،
پنهنجي وطن جا عوام، سڄي جهان جا عوام،
پختي ارادي ۽ اٽل يقين سان،
ڪڏهن آهستي آهستي، ڪڏهن وڏا وڏا ڇال ڏيئي،
ڪئين لاڙهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن مان لنگهي،
پنهنجي روشن ۽ شاندار آئيندي ڏانهن وڌي رهيا آهن.
اڄ، اوهان جي پڄاڻان بہ،
دنيا اهڙي ئي رنگين، روشن ۽ اسرارن سان
ڀريل نِت نئين، سدائين بدلجندڙ ۽ سدائين
پياري ۽ نِياري آهي،
جهڙي اڳ،
اوهان جي هوندي هوندي هئي.
آءُ اڄ بہ سوچيان ۽ لوچيان پڙهان ۽ لکان ٿو
اڄ بہ جڄهن سان گڏ پنهنجن مقصد لاءِ
پورهيا، ڪشالا ۽ ويڙهيون ڪريان ٿو
اڄ بہ سنگتين سان گڏ قيد ڪاٽيان ٿو
اڄ بہ پيار ۽ نفرت ڪريان ٿو
اڄ بہ انهن کي چاهيان ٿو
جن کي اڳ چاهيندو هوس.
گاهن، گلن ۽ وڻن کي ٻارن ۽ مائرن کي،
سُونهن ۽ پيار کي،
مسڪين ۽ مظلوم، محبوب ماروئڙن سان،
محبت ڪرڻ وارن، منجهن ويساهہ رکڻ وارن،
سندن پاسو ۽ پُٺ وٺڻ وارن،
ساڻن توڙ تائين پَتِ پارڻ وارن،
شاعرن اديبن، عالمن، دانشورن، فنڪارن،
فيلسوفن، سائنسدانن ۽ سياسي رهبرن کي،
سڄي دُنيا جي وطن دوستن انقلابين،
حق پرستن ۽ مڙس ماڻهن کي،
سڄي ڌرتيءَ کي، سڄي انسان ذات کي....

Gul Hayat Institute

اڄ بہ انھن کي ڏِڪاريان ٿو
جن کي اڳ ڏِڪاريندو هوس.
بي رحمن، ظالمن کي، مفت خورن ۽ ڦوروئن کي
تعصبين ۽ مُردارن کي،
پنهنجي وطن، پنهنجي قوم پنهجي عوام جي
ويرين کي،
سڄي دنيا جي سمورن وطنن، سمورين قومن ۽
سموري عوام جي ويرين کي.

اڄ بہ، آءٌ ۽ هيءَ دُنِيا،
اهڙا ئي آهيون،
جهڙا اڳ، اوهان جي هوندي.

پر ان هوندي بہ،
اوهان جي پڄاڻان،
الائي ڇو الائي ڪيئن، الائي ڪيڏي مهل،
هنئين جي ڪا ٽوٽي ڀڄي پيئي،
وجود جو ڪو اندريون هَڏُ پڄي پيو
”ويرو تار ڏکن، سڄن پڳي هڏ جيئن!“
اوهان جي پڄاڻان،
روح جي گهر ۾
هڪڙو اهڙو قضيو ٿي پيو
جنهن جي اڄ لکي خاموش ماتم ۾،
منهنجو من، ساهہ جي پوئين پساهہ تائين،
ڪفن ويڙهيو وتندو،
نہ تہ هونئن، منهنجا پرين،
اڄ اوهان جي پڄاڻان بہ،
آءٌ ۽ هيءَ دُنِيا،
اُهي ئي ساڳيا ۽ اهڙا ئي آهيون.

Gul Hayat Institute

# چلڪڻا لانگ بوٽ

نه! تنهنجي منهنجي بوٽن کي به،
ههڙو صاف ۽ چلڪڻو بڻائڻ لاءِ،
ههڙي پالش بازار مان ڪانه ملندي.
اها پالش!
جنهن هنن لانگ بوٽن تي لڳل،
هيڏين صدين جي غلاظت
۽ هيترن نسلن ۽ هيترين قومن جي
رت جا داغ ڌوئي،
ڪين ههڙو صاف ۽ چلڪڻو ڪيو آهي،
سا دُنيا جي ڪنهن به ڪارخاني ۾ ڪانه ٿي ٺهي سگهي
اهو هڪ گهرو هنر آهي،
رات ڏينهن ٻڌي ٻڌي جو
هنن کي چٽي،
ههڙو صاف ۽ چلڪڻو رکن ٿيون
تو مون جهڙن ماڻهن جون زبانون.
هي اُهي ڪاريگر زبانون آهن،
جيڪي ڪالهه
تو مون سان گڏ،
جلسن ۽ جلوسن ۾، ٿاڻن ۽ بند واڙن ۾،
قوم ۽ ڌرتي، دين ۽ مذهب،
۽ جمهوريت ۽ سوشلزم جا،
اُڀ ڏاريندڙ نعرا هڻي،
اقتدار جي ايوانن کي ڏڪائينديون هيون.
۽ جيڪي سياڻي وري به، اهي ئي نعرا هڻي،
پاڻ ۾ گهربل تاثير پيدا ڪري پريئن وري اچي،
رات ڏينهن ٻڌي ٻڌي جو
هنن کي چٽي ههڙو صاف ۽ چلڪڻو رکڻ
جي ڪاريگريءَ جي ڪرت ۾ جُنبي وينديون.

Gul Hayat Institute

## ”اسين خاموش آهيون!“

[ارنيسٽ جونس گذريل صديءَ ۾ انگلينڊ جو نامڪٽيو انقلابي پورهيت، شاعر، اديب، نقاد، ناول نويس، مقرر ۽ پورهيت ڪارڪن ٿي گذريو آهي. جنهن زماني ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تنهن زماني ۾ انگلينڊ جي پورهيت عوام انگريز نوابن ۽ سرمائيدارن جي سرڪار خلاف هڪ زبردست عوامي تحريڪ پئي هلائي، جنهن کي تاريخ ۾ ”چارٽسٽ تحريڪ“ سڏيو ويندو آهي.
ارنيسٽ جونس ان تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن هو ۽ پنهنجي ڀين ساٿين وانگر سالن جا سال انڌارين ۾ بند هوندو هو. هو پڇاڙيءَ تائين عوام سان سچو رهيو ۽ عوام دشمنن سان لڙندي دم ڏنائين.]

اسين خاموش آهيون،
اسين مري ويا آهيون، دفن ٿي ويا آهيون!
انقلابي تحريڪ جو روح ٺڏو ٿي ويو آهي.
اسان تي ظلم ڪندڙ اسان جي لاشن کي لتاڙين پيا.
پر محشر جو ڏينهن، وري جيئرو ٿيڻ جو ڏينهن اچي پيو،
ان ڏينهن سڀ حساب ڪتاب ٿيندا،
اسين خاموش آهيون.
ٻرندڙ جبل خاموش هوندا آهن،
پر اندر ئي اندر سندن نسن ۾،
تتل ڏاٿُو چپ چاپ ائين گردش ڪندو رهندو آهي،
جيئن ماڻهوءَ جي بدن ۾ گرم رت.
آخر ڪنهن ڏينهن اوچتو ونءِ ڦاٽ ڪائيندو آهي،
۽ آسمان شعلا شعلا ٿي ويندو آهي!
ٻرندڙ جبل خاموش هوندا آهن،
اسين بہ خاموش آهيون.
پهاڙن ۽ پربتن جي ڊگهيل چوٽين جي چوڌاري،
ڪنوٽيون ڦيريون پائينديون رهنديون آهن،
مينهن وسندا رهندا آهن،
ماٿ منيءَ ۾ برف جي ڇپن جا انبار گڏ ٿيندا رهندا آهن،
تان جو ڪنهن مهل، هڪڙي پُٺڪي تي، اهي ڇپن جا انبار،



Gul Hayat Institute

ڏماڪا ۽ ڌازوڙيا ڪري هيٺ ڪرندا آهن،
۽ جيڪي سامهون ايندو اٿن، تنهن کي دٻي دفن ڪري ڇڏيندا آهن.
پهاڙ ۽ پربت خاموش هوندا آهن،
اسين بہ خاموش آهيون.
درياءَ جون لهرون بندن کي چُمنديون رهنديون آهن،
پاڻي ڦُڙو ڦُڙو ٿي، بندن جي نسن ۾ گهڙندو رهندو آهي،
۽ چپ چاپ انهن کي کائيندو ويندو آهي،
تان جو نيٺ ڪنهن ڏينهن، هڪڙي زوردار لهر،
بند کي ٽڪر هڻي، ان کي لوڙهي هلي ويندي.
درياءَ جون لهرون خاموش هونديون آهن،
اسين بہ خاموش آهيون.
پورهيت پنوهارن جي اندر جي اونهاين ۾،
باهہ دُکي پيئي ۽ ڇيون پڪڙن پيون....
وقت، ٿڌي ۾ ٿڌي دل کي بہ ٿهڪائي ڇڏيندو
برف جي ذرڙن وانگر سچ مٿان سچ وڃي گڏ ٿيندو ۽ مضبوط ٿيندو.
تان جو قومون حق ۽ ناحق بابت سوچڻ لڳنديون،
پوءِ جيئن سج جي تَؤ تي برف ڳري پاڻي ٿي پوندي،
تيئن برف جهڙي سوچ کي بہ ڪنهن ڏينهن تَؤ ايندو.
۽ ڪو اوچتو پٽڪو ٻُڌي عوام ۾ڙڪو کائي اُٿندا،
۽ ٻوڏ وانگر ڏوڪي جهر جهنگ تي ڇانئجي ويندا.
”اسين مئل ۽ دفن ٿيل آهيون.“
ائين ناهي! اڃا اسان ۾ جان آهي!
اڃا تہ اسان کي اُميدون پسڻيون آهن،
اڃا تہ ڏک ڏولاوا وسارڻا اٿئون.
دولت جا ڌڻي! قومن جا مالڪ!
هو ڏسو! وِير وري پيئي،
دماغ سوچين پيا، دليون ٻرن پيون،
غريب ماڻهن جا خيال توهان جي رنگ محلن ۾ ڏوڪيو پيا گهڙن،
پنهنجا چمڪندڙ شمعدان ٻاري وٺو،
جڏهن آزاديءَ جي شاندار پرهہ ڦُٽندي.
تڏهن اهي اوس اُجهامي ويندا.
اسين خاموش آهيون!
اسين خاموش آهيون!

Gul Hayat Institute

## انسان بهرحال انسان آهي
## A man is a man for all That)

[رابرٽ برنس (1796_1759ع) انگريزيءَ جو مشهور عوامي شاعر ٿي گذريو آهي. هُو اسڪاٽلينڊ جي آزادي پسند پهاڙي سرزمين جو رهاڪو هو. سندس شاعري انساني پيار ۽ عوامي جذبن سان ڀِمتار آهي.]

ڪو اهڙو آهي ڇا،
جو پنهنجيءَ شرافت ڀريءَ غريبيءَ تي،
شرم وچان،
ڪنڌ ڪٽيو هيٺ ڪري؟
وغيره وغيره....
(جڻ تہ ڪو وڏو ڏوهہ ڪري وڌو اٿس!)
اهڙي بزدل گولاڙي کي اسان جو پري کان سلام آهي.
اسان جو پري کان سلام آهي،
ڇو تہ ڪٽي ڇا بہ هجي،
انسان بهرحال انسان آهي!
برابر، اسان جو پورهيو ڪنهن جي نظر ۾ پلي تِڇُ هجي،
(ان جي مقابلي ۾ ماڻهن کي وڏا وڏا محل ۽ وڏا وڏا لقب مليل آهن،
وغيره وغيره...
اسين بنا ڪنهن هيڪ جي ڇئون ٿا تہ ها،
اسين برابر غريب آهيون، مُفلس آهيون، نادار آهيون:
ڇو تہ
ڪٽي ڇا بہ هجي،
انسان بهرحال انسان آهي.
ڇا ٿي پيو،
جي احمق اطلس پيا پهرين،

Gul Hayat Institute

۽ ذليل شراب پيا ڏوڪين،
وغيره وغيره....
۽ اسين ٻُڪيا ۽ ڏکيا،
هيٺا ۽ بيحال آهيون:
ڇو ته
ڪٿي ڇا به هجي،
انسان بهرحال انسان آهي!
فقط سچار ماڻهو عزت جي لائق آهي،
چاهي کهڙو به غريب هجي:
ڇو ته
ڪٿي ڇا به هجي،
انسان بهرحال انسان آهي.
اهو ترڙو ڏسين ٿو
جنهن کي، ”سائين! سائين!“ پيا ڪن،
ڪيئن نه ڦونڊ ۾ پريو
آڪڙ سان،
ماڻهن ڏانهن پيو گهُوري!
سڄي خلق سندس پوڄا پيئي ڪري،
وغيره وغيره.
وغيره وغيره.
پر، ڪٿي ڇا به هجي،
آهي ته ڇسو ۽ ڪِريل نه!
خوددار انسان،
هن جي ٺٺ ۽ آڪڙ،
وغيره،
وغيره.
کي ڏسي،
حقارت وچان کِلي ڏيندو:
ڇو ته سندس سمورو ناٽ،
سارو رُعب ۽ تاب،
کوٽو ۽ نقلي آهي!

Gul Hayat Institute

اچو تہ دعا گھُرون تہ شل ائين ٿئي،
(۽ ضرور ائين ٿيندو)
روءِ زمين تي
سمجھہ ۽ لياقت جو سِڪو هلي!
هينئر ڪٿي چا بہ هجي،
ڪٿي چا بہ ٿئي،
پر نيت اهو ڏينهن ايندو،
جڏهن سموريءَ ڌرتيءَ تي
ماڻهُو ماڻهُوءَ جو ياءُ ٿي ويندو:
چو تہ
ڪٿي چا بہ هجي،
انسان بهرحال انسان آهي!

Gul Hayat Institute

## (1)
## ڏسيو، مُنهن ڦيرايو ڇڏيان
## (I sit and see out)

[والٽ وٽمئن (1892_1819ع) آمريڪا جو عظيم قومي شاعر، جمهوري قدرن جو زبردست علمبردار هو. هُو محب وطن هئڻ سان گڏ، فطرت جو پرستار ۽ انسانيت جو پرچارڪ هو.]

آءٌ ويٺو آهيان،
۽ ويٺو ڏسان_
دنيا جا سمورا غم،
سمورا ظلم ۽ سموريون ذلتون.
آءٌ ٻُڌان پيو_
لڪل، هنيون ڦاڙيندڙ سُڏڪا،
انهن نوجوانن جا،
جيڪي پنهنجو پاڻ مان تنگ آهن،
۽ جيڪي ڪيواٽن،
تنهن مان بيزار ۽ پاڻ تي شرمسار آهن.
آءٌ هِيٺِن جي دُنِيا ۾ ڏسان پيو_
ماءُ، اولاد جي ستايل،
بيواهه، ڏٻري ۽ تنگ.
آءٌ ڏسان پيو_
زال، مرد جي آزاريل.
آءٌ ڏسان پيو_
معصوم ڇوڪرين کي ٺڳي،
سندن عصمتون لُٽيندڙ.
آءٌ جاچيان پيو_
حسد جون ٻڙڇيون،
ناڪام محبت جي شڪستن کي، لڪائڻ جون ناڪام ڪوششون.

Gul Hayat Institute

آءٌ دُنيا تيِ اِهي سڀ نظارا ڏسان پيو.
آءٌ ڏسان پيو۔
جنگ، مرض ۽ ظلم جون تباهيون.
آءٌ شهيد ۽ قيدي ڏسان پيو.
آءٌ سمنڊ تي ڪاڌي جو ڏڪار ڏسان ٿو.
ڏسان پيو تہ ناڪُئا پُڪا پيا وجهن، تہ پاڻ مان ڪنهن کي مارجي،
جو باقي رهيلن جي حياتي بچي پوي!
آءٌ آڪڙباز ماڻهن جون،
مزدورن، غريبن، ڪاريءَ چمڙيءَ وارن شيدين ۽ ٻين هيٺن سان
بيعزتيون ۽ عقوبتون ٿينديون ڏسان پيو.
اهو سڀ ڪجهہ... سموري اڻکُٽ ذلالت ۽ عذاب،
آءٌ ويٺو ڏسان....
ويٺو ڏسان، ويٺو ٻُڌان....
۽ ماٺ ڪري ويٺو آهيان!

(2)

## نئين دوَر جا زمانا

(Years of the Modern)

نئين دوَر جا زمانا!
سرانجام نہ ٿيل ڪارنامن جا زمانا!
اوهان جو اُفق اُڀري پيو.
۽ جاءِ پيو بنائي،
اڳي کان وڌيڪ شاندار ڪرتبن لاءِ.
آءٌ ڏسان پيو....
نہ رڳو آمريڪا،
آزاديءَ جي علمبردار آمريڪا،
پر ٻيون ڪئين قومون،
تيار پيون ٿين.
آءٌ ڏسان پيو....
قومون ۽ نسل،

Gul Hayat Institute

تاريخ جي پردي تي،
زبردست اچ وچ لڳايو بيٺا آهن.
سندن عظيم دوستيون ۽ اتحاد پيا ٽهن.
آءٌ انهيءَ اٿاهه قوت کي،
اجهل ۽ بي پناهه ڇوهه سان،
دنيا جي اسٽيج ڏانهن وڌندو پيو ڏسان.
(پراڻيون قوتون ۽ پراڻيون جنگيون،
شايد پنهنجو کيل ختم ڪري چڪيون آهن.)
شايد جيڪي پارٽ انهن لاءِ موزون هئا،
سي هاڻي رهيائي ڪينهن.
آءٌ ڏسان پيو...
آزادي،
ننهن کان چوٽيءَ تائين هٿيار بند،
فاتح ۽ سرڪش،
سندس هڪ پاسي انصاف، ٻئي پاسي امن،
ٽيئي، ڏوڪيندا،
قومي ويڇن ۽ نسلي چوٽ چاٽ جي
قديم قلعن تي ڪاهيندا وڃن.
الائي هيءَ ڪهڙي تاريخي منزل آهي،
جنهن کي روز بروز ويجها پوندا وڃون!
آءٌ ڏسان پيو....
ڪروڙين انسانن جون تيز ۽ تُند فوجون،
پيشقدمي ۽ جوابي پيشقدمي ڪري رهيون آهن.
آءٌ ڏسان پيو....
قديم خانداني حڪومتن جون سرحدون،
ڌهنديون ۽ ميسار ٿيون.
آئون ڏسان پيو.
يورپي بادشاهن جا ڪوڙيل سرحدي نشان،
اُکوڙيا ۽ ٽُڏيا...
آءٌ ڏسان پيو ته اڄ عوام پنهنجا نشان پيو کوڙي!
(ٻيا سڀ نشان ڪين جاءِ خالي ڪريو پيا ڏين.)

Gul Hayat Institute

ڪڏهن به اهڙا تيز سوال نه پڇيا ويا،
جهڙا اڄ پيا پڇجن.
رواجي انسان ۽ سندس روح،
ڪڏهن به اهڙو طاقتور،
اهڙو قادر،
اهڙو ڇڻ ڪنهن خدا جهڙو
نه ٿيو آهي،
جهڙو اڄ!
ڏسو ته ڪيئن نه عوام ڪي هڪلي ۽ للڪاري پيو،
پل به آرام ڪرڻ نٿو ڏئي!
سندس بيخوف پيرُ،
ڌرتيءَ تي،
هر هنڌ رکيل آهي.
سموري جاگرافي،
سمورا مُلڪ،
پاڻ ۾ جڪڙي ڇڏيا اٿس.

اي سرزمينو،
هي پٺڪا ۽ سرگوشيون ڪهڙيون آهن،
جي سمنڊ اندران لنگهي،
اوهان کي پار ڪري رهيون آهن؟
ائين ته ناهي،
ته سموريون قومون،
ملي،
هڪ ڪٽنب پيون ٿين؟
ائين ته ناهي،
ته سمورو بني آدم،
هي سمورا انساني انبوهه،
هڪ جهنڊي هيٺ پيا گڏ ٿين!
ته پوءِ، اي مطلق العنان ۽ قهار حڪمرانو ڏڪو!
اي شاهن جا تاج، پنهنجا چمڪاٽ جهَڪا ڪريو!
هيءَ بيچين ڌرتي،
هڪ نئين دؤر،



Gul Hayat Institute

۽ شايد هڪ عام مقدس جهاد جي منهن مقابل اچي بيٺي آهي.
ڏينهن ۽ راتيون،
اهڙا تہ عجيب اشارا پيا ڏين،
جو ڪنهن کي بہ خبر ناهي، تہ اڳتي ڇا ٿيندو.

اي آئيندي جي بشارت ڏيندڙ دؤر!
سامهون نظر ايندڙ خلا،
جنهن کي چيري، اڳتي وڃڻ جي ناڪام ڪوشش پيو ڪريان.
سا سڄي پوتن سان پري پيئي آهي.
اڻ ٿيل ڪارناما،
عنقريب ٿيڻ وارا واقعا،
منهنجي چوڏاري پنهنجون شڪليون پيا ڏيکارين!
هيءُ عقل چرخ ڪندڙ ڌوڪ ڌوڪان،
هيءُ گرمي،
هيءُ خوابن جو عجيب، مدهوش ڪندڙ بخار،
اي دؤر!
(اوهان جا خواب،
اي نوان دؤر!)
ڪيئن منهنجي ذهن کي وڪوڙي ويا آهن!
(خبر ئي ڪانهيم تہ جاڳان پيو يا ننڊ ۾ آهيان!)
اي سرانجام ٿيل ڪارنامن جون سرزمينون!
او يورپ! او آمريڪا!
جهڪا ٿي وڃو،
پنهنجو آب تاب گهٽ ڪريو،
۽ هتي، منهنجي پٺيان،
پاڇن ۾ لِڪي وڃو!
... اي اڻ ٿيل ڪارنامن جون سرزمينون!
اي نيون اُڀرندڙ قومون!
عظيم ترين قوتون!
اڳتي وڌو،
وڌي، مون ڏانهن اچو!

Gul Hayat Institute

کاسٽنٽائين سمونو (روس)

## منهنجو انتظار ڪج!

[انقلابي قومي جنگ تي ويل سپاهيءَ جو پنهنجي گهر واريءَ ڏانهن خط هيءَ ٻي جنگ عظيم جو سڀ کان مشهور نظم دُنيا جي ٻي انداز ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.]

منهنجو انتظار ڪج!
تمام گهڻو تمام سخت انتظار ڪج،
تہ پوءِ آءٌ ضرور موٽي ايندس.
جڏهن ڪڪر ڪارونيار ڪري اچن،
ڪِنوٽيون ڪِرَن،
۽ تنهنجي دل ڏک ۾ نااُميديءَ وچان ٿاٽڻ لڳي.
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن لُڪون ۾ جهولا لڳن!
اڪ تپن.
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن ڏورانهين ڏيهہ کان،
تو ڏانهن منهنجا خط ۾ نياپا اچڻ بند ٿي وڃن،
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن ٻيا انتظار ڪري ڪري بيزار ٿي پون ۾
منهنجو انتظار ڪرڻ ڇڏي ڏين.
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن خود منهنجي منڙي جيجل ۾
منهنجي اکين جو نور پٽ بہ سمجهن تہ فلاڻو هميشہ لاءِ هليو ويو.
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن منهنجا مٽ مائٽ، سنگتي ساٿي،
منهنجي وفات جي عذر خواهيءَ لاءِ اچن
۽ فاتح لاءِ هٿ کڻن،
تون پنهنجا هٿ روڪج!

Gul Hayat Institute

منهنجو انتظار ڪج!
آءٌ سمورن موتن کي مات ڪري،
هڪ ڏينهن ضرور موٽي ايندس!
منهنجو انتظار ڪج!
جن ڪان انتظار نہ ٿيو سي پلي چون،
تہ فلاڻو قسمت سان بچي ويو!
ڪين خبر ئي ڪانہ پوندي،
تہ موت جي گهيري اندر،
تو پنهنجي انتظار سان،
مون کي بچائي ورتو!
فقط توکي ئي مون کي خبر هوندي، تہ
آءٌ ڪيئن بچيس.
فقط پاڻ ٻن کي خبر هوندي،
تہ آئون انهيءَ ڪري بچي ويس،
جو تو منهنجو اهڙو انتظار ڪيو،
جهڙو ٻئي ڪنهن بہ،
ڪنهن جي لاءِ نہ ڪيو هوندو!
منهنجو انتظار ڪج!
منهنجو انتظار ڪج!

Gul Hayat Institute

پشڪن (روس)

## الوداع

[ارڙهين صديءَ جي عظيم روسي شاعر الگزينڊر پشڪن جي مشهور رومانوي داستان "يوجين لونگين" جي پڇاڙيءَ وارو ٽڪر]

افسوس، ازل جي عجيب مرضيءَ موجب،
اسان جي قسمت ۾ لکيل آهي ته هر نسل کي وڌندو
ويجهندو ڏسون،
زندگيءَ جي اوڙين ۾، انساني فصل جي ناس ٿيڻ
وارن سلن کي اُسرندڙ ڏسون.
اهي سلا، جن جي سهڻي اوسر آهي ئي ڇڻڻ لاءِ!
جتي هڪ سلو ڇڻي ٿو اتي ٻيو اُپريو اچي:
انسان ذات رڳو اُهو ئي ٿي چاهي ته بي حساب وڌندي رهي!
هوءَ پنهنجن ڏاڏن کي امالڪ قبر ڏانهن اُماڻيو ڇڏي:
اسان جو وارو به پنهنجي وقت تي ايندو
اسان جا پوٽا به اسان کي اُڪلائيندا.
پر، في الحال،
اچو ته ڏکن ڏاکڙن کي وساري،
خوشيءَ جي خزانن مان جيڪي جهوليءَ ۾ جهومي اچي،
سو قبوليون.
خبر اٿم ته حياتي آهي پاڻيءَ تي ڦوٽو:
مون کي به ان لاءِ ٿورو ئي ڪو چاهه آهي،
نه وري ڪا خوش فهمي ئي نڀيم ٿي،
مون کي دُنيا مان اها توقع ڪانهي ته ڪو هوءَ
منهنجي پورهئي جو قدر ڪندي:
پر،
ته به،
ممڪن آهي ته منهنجو نالو،
ناموس جو ڇٽ پهري.

Gul Hayat Institute

اڄ ٽيڙي ڪانهي تہ منهنجن شعرن جو نور ڪيس چمڪائي:
من سندم ڪو شعر ڪنهن کي ياد رهجي وڃي،
۽، دل گهرئي دوست وانگر،
منهنجو ذڪر ڇيڙي وجهي!
من منهنجا لفظ ڪنهن اڄ ڄاول عاشق جي دل گرمائين:
من منهنجا بيت، حاسد تقدير هٿان بچي،
دُنِيا تي جيئرا رهجي وڃن!
۽ ها،
ڏور، ڪنهن پوئين زماني ۾،
جڏهن آءٌ روانو ٿي چڪو هوندس،
شايد ڪو دل وارو،
منهنجيءَ تصوير ڏانهن اشارو ڪري،
چوي:
”شاعر تہ هھڙو!“

Gul Hayat Institute

اليڪساندر تواردو فسڪي (روس)

## امر سٽون

**ميدان جنگ تي،**
**لڪي ڇپي، خندقن ۾ ڪاهين ۾، ڪچين ڇتين هيٺان،**
**گسن پنڌن تي،**
**مينهن وسندي، پنڌ ڪندي،**
**سياري جي پارن ۾،**
**برفاني واچوڙن ۾،**
**مون گيت جون اهي سٽون لکيون،**
**جن مان هر ڪا سٽ پنهنجي سر**
**پاڻ جيئري رهي حياتي ماڻي ٿي.**

Gul Hayat Institute

گيانگ نام (ويٽنام)

## منهنجو وطن، منهنجو پيار

(1)

جڏهن آئون ٻار هوس ۽ ڏينهن ۾
ٻه دفعا اسڪول ويندو هوس،
تڏهن آئون پنهنجي وطن کي
انهن ڳالهين ڪري پيار ڪندو هوس،
جيڪي ڳالهيون ڪتاب ٻڌائيندا هئا.
ڪير ٿو چوي تہ ڏراڙن ڳنوارن جي حياتي
خوشين کان خالي آهي؟
آئون خواب لهندو هوس،
پکين جون لاتيون ٻڌندو هوس،
گهڻائي ڀيرا اسڪول مان پڄي ويندو هوس،
۽ تلاءَ جي پرسان وڃي پوپٽ جهليندو هوس،
تان جو امان اچي پڪڙيندي هيم.
اجا پٺن تي بانٺو مس لڳندو هوم،
تہ رويو وجهندو هوس،
”الاڙي! امان ڙي! اون، اون!“
پاسي واري گهر جي ننڍڙي ڇوڪري،
مون کي روئندو ڏسي وٺي کِلندي هئي.
مون کي خار وٺيو ويندا هئا....

(2)

پوءِ منهنجي وطن کي دشمن پليگ وانگر ويڙهي ويو،
آزاديءَ ۽ انقلاب جي ڏکهي لڙائي شروع ٿي ويئي،
آئون امان کي ڇڏي هليو ويس.
عجب جي ڳالهہ تہ پاسي واري گهر جي ننڍڙي ڇوڪري بہ،
هڪڙي گوريلا دستي ۾ شريڪ ٿي ويئي!
جنهن ڏينهن گڏياسون تنهن ڏينهن بہ کِلي وڏائين.



Gul Hayat Institute

سندس اکيون گول ۽ ڪاريون هيون،
من موهيندڙ ۽ سچيون هيون،
پر اسان کي لڙڪڻو هو اکر به ڪونه ڳڇيو سون،
جڏهن منهنجو دستو روانو ٿيو،
تڏهن مون لوڙهو هٽي پوئتي نهاريو،
وات ۾ پوڙ پوڙان مينهن اچي ڪڙڪيو ۽ وسندو رهيو،
اسين ٽڌ کان پئي ڏکياسون پر الائي ڇو،
منهنجي دل گرم هئي....

(3)

جڏهن لڙائي بند ٿي، تڏهن آئون موٽي آيس،
پنهنجي پراڻي اسڪول ڏانهن، ٻنيءَ جي اوڙين ڏانهن،
ڪمند جي پوکن ڏانهن.
پاڻ وري به گڏياسين!
تون لڄ وچان منهنجي، در پويان لڪي بيهي رهينءَ،
جڏهن مون ٽڪو ڪري پڇيو "شادي ڪئي اٿئي؟"
تڏهن تو ڪِليو ۽ وراڻيو "ادا خبر ئي ڪانهي!"
مون ڏکندي تنهنجوي سهڻو هٿ جهليو
۽ تو اهو اتي ئي ڇڏي ڏنو
۽ تنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ پرندو رهيو..

Gul Hayat Institute

(4)

اڄ مون تنهنجو ٻُڌو،
ڳالهه سوچي نه سگهڻ جهڙي پر سچي آهي.
توکي شوٽ ڪيائون ۽ پري اُڇلائي ڇڏيائون،
ڇو؟ ڇي: "تون انقلابي گوريلي آهين."
منهنجي دل کي ڏک رانبوتا هٽي چيري ڦاڙي پيو،
آئون جيئرو به آهيان ۽ مري به ويو آهيان.

(5)

ڪنهن زماني ۾ آئون پنهنجي وطن سان،

سندس مٿيون لاٽيون لنونڊڙ پکين
۽ رنگ برنگي پوپٽن جي ڪري پيار ڪندو هوس.
انهن ڏينهن جي ڪري پيار ڪندو هوس،
جن ڏينهن آئون اسڪول کان گُسائي پڄي ويندو هوس،
۽ امان مون کي بانٺن سان ماريندي هئي.
هاڻ،
آئون پنهنجي وطن سان انهيءَ ڪري پيار ڪريان ٿو،
جو ان جي مٽيءَ جي هر ڪڻڪ ۽ پتي تي،
ان ڇوڪريءَ جي بدن ۽ رت جا ياڳا پيل آهن،
جنهن ڇوڪريءَ کي،
آئون مرڻ گهڙيءَ تائين پيار ڪندو رهندس.

Gul Hayat Institute

## ياد رک!

ياد رک! تو وٽ تنهنجو عقل ۽ تنهنجو علم،
تنهنجي وطن ۽ قوم جون امانتون آهن.
امتحان پاس ڪري وطن جي ويرين وٽ ڪرسي ماڻڻ
تنهن کان وڏي بي حيائي، ذلالت ۽ غداري ٻي ڪانهي.
پنهنجي علم کي پنهنجي وطن جي،
ڦٽل نصيب سنوارڻ لاءِ وقف ڪر.
پنهنجي حياتيءَ جي پل پل سان، قوم جي تاريخ ۾
سُونهن ۽ سينگار پيدا ڪر!

Gul Hayat Institute

## ”رات آئون سرحد ٽپي آيس!“

[ويٽنام جي دشمنن ويٽنام کي وچان ڪاٽي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو. اُتريون اڌ آزاد هو. ڏکڻ واري اڌ ۾ جدوجهد جاري هئي. ڏکڻ جا مانجهي مرد لِڪ ڇُپ ۾ سرحد ٽپي وطن جي اُترئين آزاد حصي ۾ وڃي فوجي تربيت وٺندا هئا. پويان سندن مائٽن ۽ ٻچن ٻارن کي دشمن عذاب ڏيندو هو. سندن زالن کي مجبور ڪيو ويندو هو ته هو ٻيا مڙس ڪن. اهي زالون پنهنجا پنيان ڏکڻ ۾ سالن جا سال دشمن جا سور سهنديون رهيون. گهر ۽ ٻني سنڀاليندي رهيون، جدوجهد ڪنديون رهيون ۽ پنهنجي پريئن جو اوسيئڙو ڪنديون رهيون. هيءُ نظم اهڙي هڪ مجاهد ويٽناميائيءَ جو آهي، جنهن جو مڙس اُتر ويل آهي.]

توسان اُتر ۾ اچي ملڻ لاءِ،
رات آئون سرحد ٽپي آيس!
تو لاءِ سِڪندي سال ٿي ويا هئا،
مينهن واچ ڪندي، اُڏامندي آيس.
سارين جي سهڻين ساين ٻنين مان ڊوڙندي،
آئون نيٺ تنهنجي شهر اچي پهتيس.
توکي شهر جي گهٽين ۾ پئي ڳوليم،
ته پري کان ڪو ماڻهو نظر چڙهيو.
سڃاڻيو جهڙو تون، جاني!
رڙ ڪري چيم ”جاني ٻيهه!“
”آئون اچي ويئي آهيان!“

تون ٻيهي رهئين:
منهنجي صورت پري کان سڃاڻي وئين.
مون کي خبر آهي ته سون، هزارن،
زالن جي وچان به،
تون مون کي پريان ئي سڃاڻي وٺين ها.
۽ تنهنجي ٻانهن جي هنج ۾،
مون دانهن ڪري چيو

”سڄا سارا پنج سال گذري ويا!“
تو مون کي پاڪر ۾ پڪوڙي ورتو:
پاڻ کي ڪيتريون نہ ڳالهيون ڪرڻيون هيون!
تو مون کان ٻنين جون خبرون پڇيون،
ڳوٺ راڄ جون ڳالهيون پڇيون،
الا! اهي سال ڪهڙا نہ ڏکيا گذريا هئا،
آئون توکي پنهنجا ڪهڙا سور ٻڌائي ڪهڙا ٻڌايان ها!

تان جو تو منهنجي گول گول ٻانهن،
جنهن تي تون مٿو رکي سمهندو هئين،
تنهن کي ڇهيو ۽ دانهن ڪري پڇيو،
”تنهنجي گوشت ۾ هي ۽ زخم ڇا جو آهي؟“
”هي ۽ گهرو گهاءُ توکي ڪنهن ڏنو؟“
مون وراڻيو
”هي سڀ سال مون تنهنجو اوسيئڙو ڪيو،
آءُ دشمنن سان ملي ڪانہ ويئي آهيان،
مون پيو مڙس ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو،
مون توسان نينهن جو ناتو ٽوڙڻ کان انڪار ڪيو،
تنهن ڪري دشمن منهنجي پٺيان پئجي ويا،
نيٺ مون کي جهلي قيد ڪري اهي گهاوَ ڏنائون....“
منهنجي نڙيءَ ۾ ڄڻ ڪجهہ اٽڪي پيو،
منهنجي نيڻن مان نار وهي اُٿي هليا،
مون پنهنجو مُنهن تنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو،
تنهنجي ڇاتيءَ ۾ غصو ٺهڪڻ لڳو...
پوءِ الائي ڪهڙي پاسي کان ڪڪڙ ٻانگ ڏني،
آءُ ڇرڪ ڀري جاڳي پيس،
جيڪي خواب ۾ ڏٺم سو وري ياد آيم!
۽ دل مان درد جي دانهن نڪري ويم!
منهنجا پرين! خبر اٿئي،
وطن جي رت ٻُڌل، شهيد ٿيل ڏکڻ کان،
هر رات منهنجي دل،
سرحد ٽپي توسان ملڻ ايندي آهي.

Gul Hayat Institute

ووڪائو (ويٽنام)

## سدا بهار گل

سڀ ڪجھ ساڳيو آهي،
شاهہ بلوط جا وڻ، جبل جا ٽڪر،
سڃاتل غمگين ٽُڪريون،
سڀ ڪجھ ساڳيو آهي،
پر آئون اڪيلو بيٺو آهيان.
پاسي جي ننڍڙي شهر وارا چون پيا
”هيءَ ويڄڻ جي وَهِي ڪانہ هيس،
سالن جا سال،
پنهنجي وطن لاءِ لڙندي رهي،
شاديءَ جون سڀ آڇون موٽائي ڇڏيائين“
دشمن هتان لنگهيو،
رستو مٽجي ويو آهي،
مٽس گاهہ موريو بيٺو آهي.
گهر تباهہ ٿي ويا.
اڱڻ گندي پاڻيءَ جا ڍُبا بڻجي ويا آهن،
ٻوٽن ۾ چمڙا پيا آواز ڪن.
وطن جي ٻين سرويچن سان گڏ،
سارين جي ٻنيءَ ۾،
اڇن پٿرن جي هيٺان
تون هميشہ لاءِ سُتي پيئي آهين،
منهنجي ٽوپيءَ ۾ لڳل،
وطن جي سپاهيءَ وارو ستارو
چمڪي پيو ۽
مون کي گس ڏيکاري پيو.
اهو گس،
ساٿياڻي،
جنهن تي هلندي،
تون امر ۽ سدا بهار گل
بڻجي ويئي آهين.
تران گوئين دان (ويٽنام)

Gul Hayat Institute

## ٽِيهَہ هزار ڪتاب پڙهيا تہ ڇا ٿي پيو

[تران گوئين دان اڄ کان ڇهہ صديون اڳ ويٽنام جو وڏو عالم، دانشور ۽ مُدبر ٿي گذريو آهي. 1362ع ۾ ويٽنام ۾ وڏو ڏڪار پيو ان وقت هيءُ ويٽنام جو وڏو وزير هو. ان ڏڪار لاءِ هن پاڻ تي ملامت ڪندي هيءُ نظم چيو.]

ڪَئِين ساونڻ، بنا برسات جي گذري ويا،
سَرءُ جي ڪيترين موسمن ۾،
اڻ مُندائتا مينهن بند نہ ٿيا.
سارين جا ٻج سُڪي، سڙي ويا،
فصل نہ ٿيا،
ماڻهو ڏاڍا ڏکيا ٿيا!
ٽِيهَہ هزار ڪتاب پڙهيا تہ ڇا ٿي پيو!
(حيف آهي هن حياتيءَ تي جو)
وار اڇا ٿي ويا،
پر ماڻهو اڃا تائين،
پنهنجي ماڻهن جو پرجهلو،
۽ سندن پروسي جوڳو
بڻجي نہ سگهيو!
ٽِيهَہ هزار ڪتاب پڙهيا تہ ڇا ٿي پيو!

Gul Hayat Institute

## آئون پنهنجي پِرينءَ جو انتظار پئي ڪريان.

آئون بهار ۾،
پنهنجي پِرينءَ جو انتظار پئي ڪريان.
هواڄا نه آيو آهي.
رُڳو ڪونجون موٽي آيون آهن،
۽ آلو بخارن جون مُڪڙيون،
هوا ۾ ناچ پيون ڪن،
منهنجي هٿن گلڙن جي تارين ڪي نوائي جهليو آهي.
هاڻ بهار مون وٽ قابو آهي.
بهار ترسندي،
ڇو ته منهنجو پِرين پنهنجي وطن جي ڪم سان،
ڀَري ويل آهي،
اسان جي بهار ضرور ترسندي.
منهنجا پِرين!
تِڙڻ لاءِ آتي، بهار جي مُڪڙي،
تيسين انتظار ڪندي،
جيسين تون موٽي اچين.

Gul Hayat Institute

قان هو (ويٽنام)

## گذريل قربائتا ۾ سهڻا ڏينهن

مون مٿس فائر ڪيو،
گذريل قربائتا ۾ سهڻا ڏينهن،
منهنجو هٿ روڪي نہ سگهيا.
قربائتا ۾ سهڻا ڏينهن،
جيڪي هن وساري ڇڏيا،
پر مون کي ياد آهن.
اسان جي ڳوٺ جون ڍنيون،
سارين جوا ٿاهہ سمنڊ،
پرهہ جي ماڪ، رستي جي ٻنهي پاسي،
اڇا اڇا موتي،
اسڪول جا ڪتاب هٿن ۾،
مروتيل ڪپڙا، اُگهاڙا پير،
اسان جي مائرن جا رڏل،
وڻن ۾ وڏن پنن ۾ ويڙهيل،
پٽ جا سُڪل تيرا هٿن ۾،
اجاين وڏن ڏاڳن واريون،
ٽڪنديون ٽوپيون مٿن تي،
کيسن ۾ ماچيس،
ماچيس ۾ پوپٽن جا پرڙا،
وِک وِک سان ملايو،
ٻانهون هٽندا،
اِهي پيا وڃون...
ڪيڏا نہ سهڻا، ڪيڏا نہ پيارا هئا،
اُهي گذريل ڏينهن!
پر انهن ڏينهن جي ڪابہ سياڻي، ڪانہ هئي،
اسان لاءِ،

Gul Hayat Institute

هن ڳوٺ چڙهي،
ڪيترا سال اڳ،
وڃي وطن جي ويرين
جي پُٺ ورتي،
ڏک ۽ ڪاوڙ کي روڪي،
ڪيس موٽائڻ لاءِ حيلا هلايم،
هن اجا بہ وڏيڪ ڏوهہ ڪيا،
مون مٿس فائر ڪيو،
گذريل قربائتا ۽ سهڻا ڏينهن
منهنجو هٿ روڪي نہ سگهيا.
سندس لاش بند تي پيو هو.
سندس منهن ۾ نهاريم،
هو اڳيون نہ هو،
۽ ان چوکر تي افسوس ڪيم،
جيڪو گهڻا گهڻا قربائتا ۽ سهڻا ڏينهن،
اڳي منهنجو سنگتي هو.

Gul Hayat Institute

کرسٽاف ٽيج

## ميدان جنگ

[کرسٽاف ٽيج جو نظم ”ميدان جنگ“ ستن سالن واري يورپي جنگ جي اُن لڙائيءَ جو مرثيو آهي، جنهن ۾ روس ۽ آسٽريا گڏجي، جرمنيءَ جي قيصر فريڊرڪ اعظم کي شڪست ڏني هئي.]

(Elegy on the Battlefield of Kunerdorf by Christoph – August Tiedge 1752 – 1841.)

رات سموري ٻيلي کي پنهنجي ٻاکر ۾ لڪائي ڇڏيو آهي:
صبح هنن ٽڪرين تان لهي اولهه طرف غائب ٿي ويو آهي:
گل سُتا پيا آهن:
ڍنڍن تي تارن جو پُرسڪون عڪس پيو پوي.
اي شاهه بلوط جا ڊگها وڻ!
مون کي ويڙهي وجو
۽ پنهنجيءَ هنج ۾ لڪائي ڇڏيو.
هتي منهنجو روح، اڪيلائيءَ ۾،
ڪُل انسانيت جو ماتم ڪندو.
اجهو هو ميدان ڪارِزار آهي....
ٽڪريءَ جي اونداهيءَ چوٽيءَ تي،
خوفناڪ دهشت ڀوتن وانگر لامارا پيئي ڏئي!
پريان، هن ٻنيءَ ۾، جنسي موت لاباروڪيو آهي،
خنجر پيا چمڪن!
ذبح ٿيلن جا هڏا،
رت جي قربان گاهه جي چوڌاري پکڙيا پيا آهن.
هيءُ مٿو دشمن جي ڇاتيءَ تي پيو آهي، ايئن چُپ چاپ،
ڄڻ تہ ڪنهن دل گهرئي دوست جي هنج ۾ پيو آهي!
پريان، هڪڙي ٻانهن دشمن جي ٻانهن سان جڪڙيل آهي:
فقط زندگي ڏڪاري ٿي،
موت ملائي ٿو!
هي جي هتي پيا آهن،
سي هاڻ هڪٻئي سان دشمني ڪري نٿا سگهن،

سڀ، هٿ هٿ ۾ ڏيئي، آرامي ٿيا پيا آهن.

اي بهار! تون هتي مرڪي سگهندينءَ؟
هتي، جتي هوا جو هر جهوٽو جڻ هڪ ڀيانڪ جهلڪو آهي.
مرڻينگن جو سڪرات وارو ڪرتو آهي،
جو هن سُڃ ۾ پڙاڏي وانگر پيو گونجي!

هن شاهه بلوط جي وڻ تي گهاوَن جا نشان پيا ڏسجن!
هتي هن ڍنڍ، ۽ هتي درياهه جي هنن لهرن ۾
موت جي تلوارن جا پاڇا چلڪيا هئا.
هن آسمان زخمين کي رت ڳاڙيندو ڏٺو
انهيءَ ٽڪريءَ وٽ انساني ٻل چاڙهيو ويو.
هن نهر ۾ انساني رت وهيو آهي.
پريان، جتي اُهو گاهه چانڊوڪيءَ ۾ لڏي لمي پيو
اُتي شايد هڪ اڌ ـ ڍڪيل، زخمي اک،
پنهنجي گهر ڏانهن پئي تڪيو!
گس جي پرسان پيل مٽيءَ جي پلاند هيٺ،
انساني روح ليٽڙيا پيا آهن،
جتي آءٌ هلان پيو
اتي شايد ڪا انساني دل خاڪ ۾ پيئي ٻُل ڏيئي!
اي آسمانن جا مالڪ!
هن اکين جي کوپن مان،
سُور ۽ درد ۾ اکيون مٿي ڪري،
تو ڏانهن نهاريو هو!
سانت جي سيني مان اوچتو طوفان پڙڪيو اُٿن،
۽ اسين اونداهي واچوڙي ۾ ٿڙندا ٿاٻڙندا،
پٽڪندا پٽڪندا، اونڌي منهن ڪِريو پئون....
۽ اونداهيءَ تي موت راڄ ڪرڻ لڳي ٿو!
جڏهن وحشي موت،
هيئن انساني وجود جون نسون چيريو ڦاڙيو ڇڏي،
تڏهن، ٻُڌاءِ تہ سهي،
انسان جي زندگي ڀلا ڇا آهي؟
ڪائنات جي خالق جي نظر ۾،

Gul Hayat Institute

ان جو مُلهه ڪهڙو ٿيو؟
ڪاش، ڪو سمجهي،
تہ جڏهن رُڳو هڪڙو انساني ڪنڌ ڪِري ٿو
تڏهن ڇا ڇا نہ ڪِريو پوي!
اي قومن جا اڳواڻ!
جيڪڏهن شهرت جي بک اٿيئي، تہ هيڏانهن نهار:
اي قومن جا دراڙ!
هنن کوپرين کي ڳڻ!
هي زندگيون، جي دهشت ۽ ڏهڪاءَ جي چنبن ۾ فنا ٿيون،
سي پلي تہ پار ڪيدنديون، اوچنگارون ڏينديون،
تنهنجن خوابن ۾ اچن!
ڇا، تباهين سان دُنيا جي تاريخ ۾ پنهنجي جاءِ بنائڻ،
سچ پچ اهڙو شاندار ڪارنامو آهي؟
آخر شهرن سان جهنجهيل مثوب،
ڪنهن ڏينهن تہ سڙيل کوپو ٿجيو وڃي!
روسي فاتح سبزر بہ هڪ ڏينهن زندگيءَ جي ڏار مان ڪِري پيو
ايئن، جيئن ڪو پن واچوڙي ۾ پٽجي پوي،
فريدرڪ اعظم پنهنجي سوڙهي، تابوت ۾ پيو آهي،
سڪندراعظم هينئر ڌوڙ جو ڍڪ آهي،
دُنيا کي تهہ و بالا ڪندڙ اج هيچ آهي-
ڪڪرن جي گجگوڙ وانگر، سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو:
گهڻا ڏينهن اڳ، ڪيئن کيس پاڻ ۾ ايئن ورهائي ڇڏيو،
جيئن سندس سردارن سندس سلطنت ورهائي هئي!
فتح جي سهرن کي ڌڪارڻ،
عظيم شرافت آهي:
انساني خوشي فاتحن ۽ سورمن جي نالي ۽ ناموس کان بالاتر آهي.
اي قوم جا رهبر،
هتي،
هنن سُڪل هڏن مٿان هٿ رکي،
قسم کڻ:
”آءٌ پنهنجي عوام جو صلح پسند اڳواڻ ٿيندس!“
”آءٌ پنهنجي ڌرتيءَ واسطي امن جو پيغمبر ٿيندس!“

Gul Hayat Institute

گمنام
چار جرمن نظم

## ٽي جوانڙيون

ٽڪر تي وڏو گهر بيٺو آهي،
روز صبح جو سوبل تي سهڻيون جوانڙيون،
ان مان ٻاهر نهاريندڙيون آهن.
هڪ جو نالو سوسنا آهي، ٻيءَ جو اين ميري،
ٽينءَ جو نالو ڪونه وٺندس. مون کي اهائي گهرجي.

## ڊوران ڪرينبرگ:

چيومانس: محترمه آءٌ رات لڙيءَ تائين،
توهان جي بستري جي پرسان بيٺو هوس،
پر توهان جي ننڊ خراب ڪرڻ جي گستاخي نه ڪيم!
”توتي شل ڪا خدا جي مار پوي!
آءٌ جهنگلي مرون ته ڪانه هيس، جو مون کان ڊنين ٿي!“

## گم نام

جيڪڏهن سڄي ڌرتي،
سمنڊ کان وٺي رائين نديءَ تائين،
منهنجي هجي ها،
ته آءٌ اها قربان ڪري ڇڏيان ها،
جيڪڏهن،
انگلينڊ جي راڻي منهنجي هنج ۾ اچي وڃي!

Gul Hayat Institute

## منهنجي دل ۽ منهنجو جسم

منهنجي دل ۽ منهنجو جسم،
سدائين همسفر رهيا آهن،
پر هاڻ ڌار ٿيڻ ٿا چاهين،
منهنجو جسم ڪافرن سان لڙڻ گهري ٿو
پر منهنجي دل،
سڄي دُنيا کي ڇڏي،
پنهنجي لاءِ هڪ من موهڻي صورت پسند ڪئي آهي.
ان ڏينهن کان وٺي آءٌ آزار ۾ آهيان،
جو هي هڪٻئي سان گڏ رهڻ جي ئي نٿا ڪن.
منهنجي اکين مون سان وڏو ويل ڪري ڇڏيو آهي.
خدا ڪو هيءُ جهڳڙو نبيري،
باقي منهنجي وس جي ڳالهہ ئي ڪانهي.
آءٌ في سبيل الله جهاد تي ويس،
۽ پانيم تہ معاملو نيڪ ٿي ويو.
منهنجي دل جو فرض هو تہ هو مون وٽ رهي ها،
پر هوءَ پنهنجي وفا کان مجبور هئي.

Gul Hayat Institute

## منهنجو ياءُ

**[ايراني انقلابي وطن دوست شهيد ساٿيءَ جي ياد ۾]**

پنهنجي اُوچي ڳاٽ سان،
پنهنجي بلند قد سان،
پنهنجي سموري ڪاوڙ سان اُٿي بيٺو،
پنهنجي سموري ڪاوڙ سان اُٿي بيٺو،
پنهنجي سموري وجود سان لڙيو.
هُو چاهي ها ته،
قاتل جي خوشامد ڪري،
موت کان بچي وڃي ها.
هن ڪنڌ نه نمايو وٽس سچائيءَ جو پيغام هو.
قاتل کي اها خبر هئي،
تنهن نامرديءَ سان کيس ماري ڇڏيو.
منهنجي ياءُ کي خبر هئي ته،
صبح ٿيندو
اونداهي هلي ويندي،
قاتل مري ويندو.
منهنجو ياءُ،
مڙس ٿي بيٺو،
مڙس ٿي وڙهيو
۽ مڙس ٿي مئو.
منهنجي ياءُ کي سوجهري تي ايمان هو،
نيڪين تي ايمان هو،
کيس يقين هو
پنهنجن ماڻهن جي مظلوميت جو
۽ قاتل جي بي رحميءَ جو.
منهنجا ادا! منهنجا ياءُ!
اسين تنهنجي سچائيءَ کي،
تنهنجي ايمان کي،

Gul Hayat Institute

نمي سجدو ٿا ڪريون.
اسين تصور جي اکين سان،
ڏسون وينا،
تنهنجي سُگنڌ ڀري سُونهن ۽ سچائي،
تنهنجو قاتل جي سامهون جلال.
ادا! تون ابد تائين جيئرو هوندين،
اسان جي دلين ۾.
ادا!
قسم آهي پنهنجي وطن جو
قسم آهي اُنهن لڙڪن جو،
جي امان ۽ بابا،
تنهنجي سموري قوم،
تنهنجي ماتم ۾ ڳاڙيا،
تہ اسين سوين هزارين
تنهنجي واٽ تي،
تنهنجي جاءِ تي بيهنداسين.
اسان جي هزارين دلين جو هڪڙوئي قول هوندو،
قاتل کي نيست نابود ڪرڻ جو قول،
قوم کي آزاد ڪرڻ جو قول.
اي قاتل! اي حاڪم!
اي ننهن کان چوٽيءَ تائين پليدي،
اي اوندهہ!
اي ظلم!
اي پاٺي پاڻ کي وڪڻندڙ بيهودا نامرد!
اسان جو هيءُ ساٿ،
هي پڪوڙيل مُٺيون،
هيءَ سموري ڪاوڙ هيءَ سموري نفرت،
اهي ڏينهون ڏينهن وڌندا، ويجهندا ۽ رنگ لائيندا.
اسان جي مرضي آهي،
اسان جي سڄي قوم جي مرضي آهي،
تہ قاتل مري،
۽ تون مرندين!

Gul Hayat Institute

ناظم حڪمت (ترڪي)

## پنهنجا هٿ سلامت رکو

هيءَ دُنيا،
ڏيڳي جي سڱ تي بيٺل ڪانهي،
هن دُنيا ڪي،
توهان جا هٿ ڪٽيو پيا هلن.
اُهي هٿ، جيڪي ڳنڀير آهن، پٿرن وانگر،
جيڪي اُداس ۽ غمگين آهن.
قيدخاني ۾ ڳايل راڳن وانگر،
جيڪي جانٺا آهن، هاري ڏڳن وانگر.
ها، هن دُنيا ڪي،
توهان جا پورهيت پيا هلائين.
اُهي هٿ جيڪي ڪاوڙيل آهن،
بکايل ٻارن جي چهرن جهڙا.
جيڪي ڪاريگر ۽ محنتي آهن.
ماکيءَ جي مکين جهڙا.
جيڪي وزندار آهن،
کير سان ٿمتار ماءُ جي ٿُڃن جهڙا.
جيڪي بهادر آهن ـ فطرت جهڙا.
جيڪي پنهنجي ٻاجهاري نرمي،
کهريءَ کل هيٺان لڪايو ويٺا آهن.
هي دُنيا، ڏيڳي جي سڱن تي بيٺل ڪانهي،
توهان جا هٿ ڪٽيو پيا هلن، هن دُنيا ڪي.
۽ ماڻهُو! ڙي ماڻهُو!
توهان کي فاقا آهن،
توهان کي ماني ۽ ٻوڙ کپي،
۽ هو توهان کي ڪوڙ پيا کارائين،
توهان هن دُنيا مان،
سواءِ ڪي ماڻڻ ۽ چوڙڻ جي خالي هٿين هليا وڃو.
توهان هڪڙو ڏينهن بہ فضيلت سان،
ماني ڪائي ڍؤ ڪرڻ بنا،
هن دُنيا ۽ ان جي ميون سان ستيل وٽن ڪي،

Gul Hayat Institute

ڇڏيو مريو وڃو.
اي ماڻهُو! منهنجا ماڻهو!
خاص ڪري، اي! ايشيا، آفريڪا،
وچ اوڀر جا ماڻهُو!
منهنجي وطن (ترڪيءَ) جا ماڻهُو!
توهان انسان ذات جي،
ستر سيڪڙي ڪان ٻه وڌيڪ آهيو،
توهان اهڙا جهونا ۽ ويچار ۾ ٻُڏل آهيو،
جهڙا توهان جا هٿ.
تڏهن ٻه توهان اهڙائي اڻتڻ،
جوش، جذبي ۽ جوانيءَ مان ڀريل آهيو،
جهڙا توهان جا هٿ.
اي ماڻهُو! منهنجا ماڻهُو!
منهنجا يورپي، منهنجا آمريڪي،
توهان پهري تي سجاڳ آهيو،
توهان دلير آهيو،
پر توهان ڪي اهڙي ئي ويسر آهي-
جهڙي توهان جي هٿن ڪي،
توهان جي هٿن وانگر توهان ٻه-
سولائيءَ سان دوکو کايو وڃو ٿا،
آسانيءَ سان نڳجيو وڃو.
اي ماڻهُو! منهنجا ماڻهُو!
اڄ جڏهن ريڊئي ۽ ٽيليويزن جا-
ايريل ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن ڀتين جا پوسٽر ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن اخبارن ۾ اشتهار ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن ڇاپڻ جون مشينون ڪوڙ ڳالهائين ٿيون،
جڏهن سينيما جي پردي تي،
ڇوڪرين جون اُگهاڙيون رانون-
ڪوڙ ڳالهائين ٿيون،
جڏهن دعائون ڪوڙ ڳالهائين ٿيون،
جڏهن خواب ڪوڙ ڳالهائين ٿا،

Gul Hayat Institute

جڏهن مائرن جون لوليون،
ڪوڙ ڳالهائين ٿيون،
جڏهن مئخاني جا راڳيندڙ،
ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن چانڊوڪي ڪوڙ ڳالهائي ٿي،
جڏهن لفظ ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن آواز ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن رنگ ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن توهان جي پورهيي کي استعمال ڪندڙ-
سڀ ماڻهو ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن جڻ هر ڪا شيءِ هر ڪو ماڻهو،
ڪوڙ ڳالهائي ٿو
تڏهن، فقط توهان جا سچار هٿ ئي سچ ڳالهائين ٿا.
متان توهان جا هٿ،
ڪنهن ڏينهن بغاوت ڪري وجهن،
متان اهي هٿ ڪنهن ڏينهن،
ناٽين جي ڳوٺرين جي ظالم راڄ،
جو تختو اونڌو ڪري رکن،
متان توهان جا هٿ ڪنهن ڏينهن،
هي دل ڏتاريندڙ سهڻي دُنيا،
ظالمن کان کسي وٺن.
انهيءَ ڊپ کان هو توهان جي هٿن کي،
چيڪي مٽيءَ جهڙو فرمانبردار،
اونداهيءَ جهڙو انڌو،
ريڍار جي ڪُتي جهڙو بيوقوف
بڻائڻ چاهين ٿا.
اي ماڻهُو! پنهنجا هٿ سلامت رکو!
ڇو تہ توهان جا هٿ ـ ـ
توهان جي دلين سان ٻانهن ٻيلي آهن،
تہ سگهوئي، ڪنهن ڏينهن،
هي سهڻي ۽ دل ڏتاريندڙ دُنيا،
توهان جي ٿي ويندي.

Gul Hayat Institute

ليليٰ (فلسطين)

## پائرو! ساٿيو!

پائرو!
سوچيوسين پئي تہ توهان کي چئون:
”توهان سان ناحق اسان عورتن ڪونہ ڪيو آهي!
توهان کي ۽ اسان کي،
پنهنجي پتيءَ جي خوشين ۽ ڪاميابين بدران، ڏک ۽ ناڪاميون،
هن ڦورو ۽ ظالم سماج ڏنيون آهن.
ظالمن توهان جي ۽ اسان جي اندر ۾
ظلم جا ٻج پوکي ڇڏيا آهن،
اهي ٻج وڏي وڻ تي ويا آهن.
۽ توهان اسان کي ۽ اسين توهان کي،
سڄي عمر پيا ستايون!“
سوچيون سين پئي تہ توهان کي دانهن ڪري چئون:
”پائرو! اسان کي ايئن پٽ تان اُٿاري پيرن پر بيهاريو،
جيئن اسان ننڍڙي هوندي توهان کي پَٽَ تان ڪٽي
وِڪڙيون ڪڍڻ سيکاريون!“

سوچيوسين پئي تہ توهان کي ايلاز ڪريون:
”پائرو! جيئن اسان توهان جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ
توهان جو هٿ ونڊايو آهي،
تيئن توهان بہ اسان جو هٿ ونڊائي اسان جو بار هلڪو ڪريو!“
پر نہ!
هاڻ اسين توهان اڳيان دانهون ۽ فرياد نہ ڪنديون سين!
هاڻ اسين توهان کي منٿون ۽ ايلاز نہ ڪنديون سين!
هاڻ اسين توهان کان مطالبا ڪنديون سين!
اسين مطالبو ٿيون ڪريون تہ توهان بہ ايئن ڪريو،
ڇو تہ هاڻ توهان اسان جا رڳو پائر ناهيو!

Gul Hayat Institute

پر وطن جي مظلوم عوام جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾،
اسان جا سورهيہ ۽ سرويچ ساٿي بہ آهيو!
پيارا! ساٿيو!
هاڻ اسان پنهنجي هڪڙي ڪلهي تي پنهنجو ٻار،
۽ ٻئي تي بندوق کنئي آهي!
هاڻ اسان دشمن سان ۽ ڪيس فائدو ڏيندڙ دستورن سان،
سمورا ناتا ٽوڙي ڇڏيا آهن!
هو جيڪي چاهي ٿو سندس فائدي جا دستور جيڪي چون ٿا،
هاڻ اسين ان جي بنهہ اُبتڙ ڪنديون سين!
توهان بہ نہ رڳو دشمن سان،
پر ڪيس فائدو ڏيندڙ سمورن دستورن سان، سمورا ناتا ٽوڙي ڇڏيو!
۽ جيئن هو چاهي ٿو ۽ جيئن ڪيس فائدو ڏيندڙ دستور چون ٿا،
تيئن هرگز هرگز نہ ڪريو!
دشمن چاهي ٿو ۽ ڪيس فائدو ڏيندڙ دستور سيڪارين ٿا،
تہ توهان ۽ اسان سدائين هڪٻئي جا ازلي وِيرِي هجون!
۽ ڪڏهن بہ هڪٻئي جا سچا هڏڏوکي ۽ ٻانهن ٻيلي نہ ٿي سگهون!
دشمن چاهي ٿو ۽ ڪيس فائدو ڏيندڙ دستور سيڪارين ٿا،
تہ جڏهن هو توهان کي ڏڪ وهائي ڪيري،
تڏهن ان ڏڪ جو خار توهان منجهائئن نہ،
پر اسان منجهان ڪڍو!
هيستائين ايئن ئي ٿيندو آيو آهي جيئن دشمن چاهيو آهي!
Gul Hayat Institute
پيارا! ساٿيو!
اسين مطالبو ٿيون ڪريون،
”اچو تہ دشمن ۽ ڪيس فائدو ڏيندڙ دستورن سان
سمورا ناتا ٽوڙي قدم قدم سان ملائي،
سمجهہ، سورهيائي، همت ۽ اورچائيءَ سان وطن جي
مظلوم عوام جي، سوڀ، آزاديءَ، سک ۽ سرهائيءَ جي منزل،
ڏانهن وٺي ويندڙ رستو ڏيئي،
تيزيءَ سان اڳتي وڌون!“

(جپاني نظم)

## ”توڪي موڪليم“

هڪڙي محبوبہ پنهنجي محبوب کي لکي ٿي:
پِرين!
بهار جو پهريون گل ٽڙيو،
تہ ان جي پنل خوشبو
ڳاڙهي ليار جي پنن ۾ لڪائي،
هڪڙي ننڍڙي پيڙيءَ ۾ رکي،
توکي موڪليم.
جڏهن اونهاري جي مند جو پهريون پکي،
بانسن جي ٻيلي مان ٻاهر نڪتو،
تہ ان جي نيرن سليٽي پرن تي
پنهنجي چپن جي ماکي سجائي،
توکي موڪليم.
پن ڇڻ جو اُداس تارو،
جڏهن پهرين شام جو چمڪيو هو،
تڏهن پنهنجين آلين اکين جي لالاڻ
ان تاري جي اکين ۾ رکي،
توکي موڪليم.
سياري جي ٻنپهرن جو جڏهن،
سج چِٽ جي ول مٿان رُڪيو،
تڏهن پنهنجي بدن جي سموري گرمائش
سج جي پيالي ۾ رکي،
توکي موڪليم.

Gul Hayat Institute

سروجني ديوي (بنگال)

## سمهي رهو منهنجا ٻارو

سمهي رهو منهنجا ٻارو
سمهي رهو منهنجا ٻارو،
صبح تائين سلامتيءَ سان سُتا پيا هجو.
ڇو تہ اسان جو اوجاڳو ڏکو آهي.
جيتري دير اوهين سُتا پيا هوندا،
اسين ٻني پوکيندا سين،
اسين خواب پيا پوکيون،
اُميدن، ڏکن ۽ ڳوڙهن سان پريل خواب،
تہ جيئن اوهين جڏهن جاڳو
تڏهن اُتي فصل لُڻي سگهو.
ٻارو!
پرهہ ڦٽي آهي، رات گذري ويئي آهي.
اسان جا پورهيا، پورا ٿيا،
اسان جون ٻنيون سرسبز ٿي ويون آهن.
اسان جا هٿ ڪمزور ۽ هڏ هيڻا هئا،
پر اسان جيڪي ايندڙ شان شوڪت جا خواب ڏٺا،
توهان جي ٻچن کي ڳوڙهن جي ريج ڏنو سون
اسان جو اوجاڳو ختم ٿي ويو.
جاڳو پيارو!
اسان توهان لاءِ خوابن جو جيڪو فصل پوکيو آهي،
ان لاءِ اسان کي شاباس ڏيندؤ
يا ان تي افسوس ڪندؤ؟
اسان کي ڏوهي ٺهرائيندؤ
يا اسان کي معاف ڪري ڇڏيندؤ؟

Gul Hayat Institute

## منهنجو ناٿو مري نٿو سگهي!

سدا ملوڪ سيمڪ چوي ٿي:
”هو پريان پريان،
ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل، بادلن جي وچ ۾،
اها پهاڙ جي برفائين چوٽي ناهي،
اها منهنجي ناٿي جي اڇي پڳ آهي!
اها چمڪندڙ شيءِ وڄ ناهي،
اها منهنجي ناٿي جي اُگهاڙي تلوار آهي،
اهي جيڪي رنگ ڏسو ٿا،
اهي اندلٺ جا ست رنگ ناهن،
اهي منهنجي ناٿي جي ارڏي گهوڙي جي
رنگ برنگي لغام جا ست رنگ آهن.
اهو اٿوَ اڇي پڳ ۽ اُگهاڙي تلوار سان منهنجو ناٿو!
اهو پريان، ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل بادلن جي وچ ۾!
او اهو! ماران جي جبلن مان اُڀريل اوچن بادلن جي وچ ۾.
بادلو وسو! وسي وري بيهي رهو!
ته آءٌ پنهنجي سدا سهڻي سورهيه ناٿي جو ديدار ڪري وٺان!“
”ڪارا ڪڪر!
پلا اوهين ڪنهن جي اُجايل دل مان ڦُٽي نڪتا آهيو
ڪنهن جي شڪر گذاريءَ وچان پيا وسو ۽ مون کي پڇايو؟“
”اسين ته سدا ملوڪ سيمڪ جي تپندڙ دل مان ڦُٽي نڪتا آهيون،
اسين لُڇندڙ پُڇندڙ سيمڪ جي هميشه
روئندڙ اکين جا سدا لڙندڙ لُڙڪ آهيون.
اسان ڏٺي آهي اها اُجڙيل عورت،
جا تباهه ٿي ويل آهي ناٿي جي وڇوڙي ۾،
جيڪا رک جو ڍير ٿي ويئي آهي هن جي ياد ۾!“
”منهنجو ناٿو منهنجو ڪوپو ڪونڊر ناٿو مري نٿو سگهي!



Gul Hayat Institute

هو اجا وڙهي پيو، قوم لاءِ، وطن لاءِ، آزاديءَ لاءِ!
هو اجا جيئرو آهي!
آءٌ جا جيئري آهيان، سو ناٿي ڪي بہ موت ماري نٿو سگهي،
ها، موت ناٿي ڪي ماري نٿو سگهي،
هو نيون سوڪڙيون، نوان ويس وڳا وٺي ايندو!
هڪڙي ڏينهن ايندو، ضرور ايندو،
منهنجو سدا سهڻو سورهيہ ناٿو!“

Gul Hayat Institute

(بلوچي لوڪ گيت)

## لولي ڏيان پنهنجي لال کي

لولي ڏيان پنهنجي لال کي،
پنهنجي لال کي لولي ڏيان،
منهنجا پيارا، منهنجي دل جا سهارا،
منهنجا چنڊ، منهنجا لال!
جيڪڏهن تون، جنگ ۾ شهيد ٿي وئين،
ته آءُ تنهنجي مرڻ تي پار ڪانه ڪڍنديس،
آءُ ڪنوار وانگر سينگار ڪري،
تنهنجي شاديءَ جا ڳيچ ڳائينديس،
۽ وري تو جهڙو ٻيو ڪونڌر پُٽ ڄڻينديس،
لولي ڏيان پنهنجي لال کي،
پنهنجي لال کي لولي ڏيان.

Gul Hayat Institute

## رانجهن جو نالو

رانجهن ڙي تنهنجو نالو پهرين مولويءَ ورتو،
جنهن تنهنجي ڪن ۾ ٻانگ ڏئي نالو رکيو.
پوءِ رانجهن، رانجهن ڪندي رهي تنهنجي ڀاڳ ڀري ماءُ،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو
امڙ ورتو ابي ورتو پوءِ ڀائرن ورتو،
پيڙ ورتو ڀاڀين ورتو سڄي ڳوٺ ورتو،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو.
ڪنهن کي ٻه ڪو ڏوهه نٿو ڏئي،
ڪوبه ڪنهن کي منع نٿو ڪري،
پر تڏهن گناهه ٿو ٿو بڻجي ڙي رانجهن،
جڏهن آءُ هير تتي، وات سان وٺان ٿي،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو.
ائي هير! رانجهن تنهنجي جو نالو
چا ٿي پيو جي مولويءَ ورتو
ڀلي ماڻس به وٺي،
ته سندس بابو به وٺي،
ڀاءُ به وٺنس ۽ ڀاڄايون به وٺنس،
ڀلي ڪٺي سڄو ڳوٺ وٺي،
پر ائي هير! جي تون هڪڙي نه وٺين ها،
ته اڄ ڪير وٺي ها سندس نالو؟
صدين ڪان پوءِ اڄ به ڇوڪريون،
پنهنجي پنهنجي سڄڻ جو رکن ٿيون رانجهن نالو
ائي هير! رانجهن تنهنجي جو نالو!

Gul Hayat Institute

(پشتو نظم)

## غريبن جو شاعر

آءٌ ستارن، ڦُلن ۽ بهارن جو شاعر نہ آهيان،
پر آءٌ بي پهچتن ۽ غريبن جو شاعر آهيان.
منهنجا شعر انڌلٺ جي وڏندڙ چتساليءَ، مرڪ جي ٽڏاڻ
۽ بلبل جي آلاپن کان ونئون ويندا آهن.
مون شراب جا پيالا ڀڃي، رباب ٽوڙي، ويس مٽايا آهن.
منهنجي شعر ۾ ڪهاڙين ۽ ترارين جي ڏاج آهي.
آءٌ انگ اُگهاڙن ۽ لنگهڻن انسانن جو اظهار آهيان،
آءٌ اَن اُپائيندڙ ماريل هارين کي جيئرو رکندس.
مون گهڻا ويس مٽايا آهن ۽ منهنجو هيءُ ويس اڻ مَٽ آهي.

Gul Hayat Institute

## پشتو ٽپا

جي جوانن کان اهو ڪم نہ ٿيو تہ اي پيارا وطن!
تنهنجي حفاظت تنهنجي سرزمين جون ڪنواريون
ڇوڪريون ڪنديون.

*

اي ڪتاب! ٽڪرو ٽڪرو ختم ٿي.
مون پويان وطن ۾ بيمار
ڇڏيا آهن.

*

ڇوڪري باغ جي صوف جهڙي ٿي وئي آهي.
باغائي ڪيس جوَن جي مڻ تي پيو وڪڻي.

*

جڏهن منهنجو محبوب مون سان گڏ هوندو آهي،
تڏهن دهليءَ جي تخت تي منهنجي اک بہ ڪانہ ٻُڏندي آهي.

*

منهنجو محبوب تلوارن جي چمڪاٽ ۾ بہ
منهنجي ٻانهن مضبوطيءَ سان پڪڙيو بيٺو هو.

*

Gul Hayat Institute

تون بهادري نہ ڪندين تہ ٻيو ڇا ڪندين؟
تو پختون ماءُ جو کير پيتو آهي.

*

اي محبوب تون تلوار سان ٽُڪر ٽُڪر ٿي پئي اچ،
پر خدا ڪري تنهنجي بزدليءَ جي خبر منهنجي ڪنن تائين نہ پهچي،
اي محبوب تنهنجي گولين سان پرڻ ٿيل قميص جي ڪري
منهنجو ڳاٽ سهيلين ۾ اوچو آهي.

❊

آءٌ پنهنجي سيني جو تخت توکي انعام ڏيندس،
جو تو قوم جي غدار جي رت سان پنهنجا هٿ رنڱيا آهن.

❊

آءٌ جوان ڇوڪرين جي سردار ٿي وئي آهيان،
جو منهنجي محبوب سيني کان اڳ وڏي مورچو سنڀاليو آهي.

❊

اهو جوان ڀلا بهادري ڇو نہ ڏيکاريندو،
مورچي جي اڌ پنڌ تائين تہ
آءٌ ساڻس گڏجي ويندي آهيان.

❊

رڙ ٿي تہ محبوب کي ڪٽ تي ڪڍيو پيا اچن.
منهنجي دل ٻڏڻ لڳي تہ متان پُٺ ۾ ڌڪ لڳل تہ ڪونهيس.

❊

اي بزدل! مسجد جي غسل خاني مان نڪر۔
قبرستانن ڪيترن بهادر نوجوانن کي ڳڙڪائي ڇڏيو
۽ تون لڪڻ جون جايون پيو ڳولهين.

❊

منهنجي ٽُڪر ٽُڪر لاش کي منهنجي ماءُ جي اڳيان رکو
تہ پاڙي جون ڪنواريون ڇوڪريون کيس
(منهنجي سورهيائيءَ جون) مبارڪون ڏيڻ اچن.

❊

منهنجي دل ۾ تنهنجي محبت ايئن لاڳيتو پئي وڌي۔
جيئن ڀلي زمين جو فصل وڌندو ويندو آهي.

❊

عشق جي ڳٽتين وڏا وڏا پهاڙ ڊاهي وڌا ـ
شاباس آهي مون کي جو پنهنجي پيرن بيٺي آهيان.

Gul Hayat Institute

❊

اي قاصد! چئينس وجي تہ آءٌ ان سان ويندس، جنهن ۾
دشمن جو مقابلو ڪرڻ جي طاقت هجي.

❊

اي قلم! آءٌ تنهنجي زبان تان قربان وڃان،
جنهن منهنجو رُتل يار پرچايو آهي.

❊

ان ڪري توڏانهن اکيون نٿي کڻان،
جو منهنجي دل
۾ تنهنجي محبت جو چور ويٺو آهي.

❊

جي عاشقي هجي ها ۽ جدائي نہ هجي ها،
تہ اي خدايا! تو وٽ ڪهڙي کوٽ ٿئي ها.

❊

جنهن وڇوڙي جي باهہ ڏٺي آهي، تنهن کي دوزخ
جي باهہ بہ ٿڌي لڳندي.

❊

منهنجي پيرن ۾ وڇوڙي جون بيڙيون پيون آهن،
۽ آءٌ آهستي آهستي پير کڻندي اُميد جي واٽ تي رواني پئي ٿيان.

❊

محبوبہ! ڪوهہ تي توکي ڪهڙي بلا ٿي چنبڙي،
جو تنهنجو ننڍو ياءُ پهريدار وانگر توسان گڏ ٿو هلي.

❊

اڄ تہ غم ۾ هڪبئي سان ياڻيوار ٿيون،
رڳو مون اڪيليءَ کي ٽانڊن تي نہ ساڙ.
جتي بہ ڪي بہ محبت ڪرڻ وارا ٻيئا هوندا آهن،

Gul Hayat Institute

اُهي سمجهندا آهن تہ ٻيا دنيا وارا سڀ انڌا آهن.

*

مون تي هونئن ئي،
تنهنجي تهمت لڳل آهي ـ
پنهنجي پڳ ڏئينم.
تہ اها پائي،
سڄي ڳوٺ ۾ ڦران،
ٻلي سڀ ڏسن.

*

تون جوا جا تائين،
پنهنجي ماءُ جي چوٽ ۾ آهين،
اهو تہ ٻُڌاءِ؟
تہ آءٌ ٻلا هيءَ ڪاري چوٽي،
ڪنهن جي لاءِ پئي اڇي ڪريان.

*

اي خدا،
تو وري رات ڪري ڇڏي،
۽ وري گلن جون تاريون
موڙي (مڙسن) جي ڪٽن ڏانهن ويندين.

*

Gul Hayat Institute

مٺا!
اڪين سان ڳالهاءِ
گليون ۽ گهٽيون،
چغلخورن سان ڀريون پيون آهن ـ
ڪنهن کي بہ منهنجي حال جي خبر نہ پئي
آءٌ اها ڪاني آهيان:
جيڪا پڇي ڪوئلو ٿئي
۽ پوءِ!
ان ڪوئلي کي وري،

باھ ۾ وڌو وجي.

*

وجان اڳتي پيئي،
نھاريان پوئتي پيئي،
نيڪ انسانو،
پنيان منھنجي دل رھجي وئي آھي.

*

ڏيئو ڇو وسائي ڇڏيئي؟
تيل ڪٽي آءُ پنھنجي گھران،
آٽيان ھا.

*

ٽوپيءَ تي جيڪر پرت پري ڏيانءِ،
پر ماءُ جا اڪيلا پٽ!
ٻڃان ٿي،
متان نظر نہ لڳي وڃنئي.

*

ملان جا تعويذ!
مزا تہ سڀ تو ورتا،
منھنجي سھڻي جي سيني تي ليٽيو پيو آھين،
۽ خوبصورت گل پيو سونگھين!

*

Gul Hayat Institute

ننڍا ملان!
ٻانگ ٿوري دير سان ڏجان!
آءُ محبوب جي پاسي ۾،
اڃا اڄھو ھينئر پھتو آھيان.
ڪتي! مون تي نہ ڀونڪ!
تنھنجي مالڪياڻيءَ جو گھرايل مھمان آھيان.

*

تنھنجي وصال جو،
اثر اھڙو آھي،

جو ڪٽ تي پيل بيمار ٻ،
اُتيو ويهيو رهن ٿا.

*

مدرسي جا طالب،
تون ڪهڙو ملان ٿيندين؟
ڪتاب کُليو پيو آهي
۽ تون محبوب جا تِر پيو ياد ڪرين ـ

*

اڄ ته هڪبئي جو هٿ پڪڙيون،
باقي قصا پاڻهي
ڳوٺ جا اڇين ڏاڙهين وارا نبيريندا ـ

*

فقير ٿي مون وٽ اچ،
فقيرن جون واٽون
ڀلا ڪنهن روڪيون آهن ـ

*

اي بزدل
شال انڌو ٿين!
مون ڏانهن نهاريندين،
ته ڪو تنهنجي سسي ته ڪونه پٽي ونندو!
جيل جي ڪڙڪيءَ وٽ اچ،
منهنجو روح مون کان وٺي ڇڏ،
مون کي ڦاسيءَ تي ٿا چاڙهين.

*

جيڪڏهن روئڻ سان،
محبوب واپس اچي سگهي ها،
ته آءٌ سُڪل گاهه کي

Gul Hayat Institute

پنهنجن لڙڪن جو پاڻي ڏئي،
سرسبز ڪري ڇڏيان ها.

❋

ڪو تہ ڪنهن جي ديدار لاءِ،
انڌو هوندو آهي،
۽ ڪوان کي ايئن چئي،
ڪٿ تان لاهي ڇڏيندو آهي تہ،
”مونکي ننڊ ٿي اچي.“

❋

آءُ تنهنجي افلاطوني حڪمت کي،
ڇا ڪريان،
جيڪڏهن تون منهنجي دل جي درد کي،
اجا تائين نہ سمجهي سگهيو آهين.

❋

اڪيون تہ اٿئي،
ڪنهن ڪڍي تہ ڪونہ ڇڏيون اٿئي،
جڏهن تنهنجي پاڙي ۾ وڏي پئي ٿيس،
تڏهن مون کي ڇو نہ ٿي ڏٺئي-

❋

Gul Hayat Institute

منهنجو محبوب،
جنگ مان اُٿي پڳو
پوئين رات ڏنل چميءَ تي،
پڇتايان پيئي-
الله تنهنجي ماءُ جي عمر وڏي ڪري
جنهن منهنجي لاءِ تو جهڙو خوبصورت گل پاليو-

❋

خدا ڪري،
جيل تي وِڄ ڪري،

جيڪو خوبصورت جوانن کي،
بدصورت بڻايو ڇڏي.

❊

اي قرآن،
منهنجي پنيان متان پوين،
آءُ تہ رڳو پنهنجي محبوب جي ڪري،
تو مٿان هٿ پئي رکان.

❊

جي ڪو پاڻهي عاشق نٿو ٿئي،
تنهن کي اي الله سائين،
ڪنهن ملان جي تعويذ جي ڪري
مون تي عاشق متان ڪرين.

❊

درگاهن جي زيارتن مان بہ،
مرادون پوريون نٿيون ٿين،
اي الله سائين!
انهن پٿر جي درگاهن کي ويران ڪري ڇڏ.

Gul Hayat Institute

## حافظ جا شعر

مون غريب جو هيءُ پيغام بادشاهن ڏانهن ڪير کڻي ويندو،
تہ مئي وڪڻندڙن جي گهٽيءَ ۾ ٻن هزار بادشاهن
جو مُلهہ هڪڙي شراب جي پيالي جيترو آهي.

❊

بزرگ سڳورا! اهو دؤر ويو جو تون
مون کي وري عبادت خاني ۾ ڏسين،
هاڻ اسان جو ڪم ساقيءَ جي چهري ۽ جام جي
چپن ۾ پئجي ويو آهي.

❊

مئخاني ۾ اچي پنهنجو منهن ڳاڙهو ڪري سرخرو ٿي،
عبادت خاني ۾ متان وڃين، جو اتي سياهہ ڪار ۽ بدڪار آهن.

❊

جنهن ڏينهن تنهنجو خوشبودار قلم مون کي ياد ڪندو،
ان ڏينهن بہ سؤ غلامن کي آزد ڪرڻ جيترو ثواب کٽندو.

❊

شمع وانگر وصل جو پروانو ان کي ملندو،
جيڪو تنهنجي تلوار جي هيٺان،
هر گهڙيءَ نئون نئون سِرُ رکندو.

❊

جتي شهر جو پرهيزگار ۽ عبادت گذار،
حاڪمن ۽ ڪوتوالن جو عاشق ٿيو پيو هلي،
اتي اسان جيڪڏهن چنڊ جهڙي محبوب تي
عاشق ٿي پياسين تہ ڇا ٿي پيو.

❊

لالن ۽ موتين جو ڪو طلبگار ڪونهي،
نہ تہ،
سچ جيئن اڳي کاڻين ۽ سمنڊن ۾،
هيرا جواهر ۽ موتي ناهڻ جي ڪاروبار ۾ لڳل هوندو هو
تيئن هاڻ بہ ان ڪم ۾ مشغول آهي.

Gul Hayat Institute

*

رستي جي ڌوڙ وانگر ايڏو پٽ تي ڪريل آهيان، جو
جيستائين پنهنجي عزت ۽ آبرو نٿو وڃايان،
تيسين ماني ٽڪر نٿو مليم.

*

جيسين ڏندن تي لڪ زخم نٿو سهان،
تيستائين ڪنهن به هڏي تان گوشت جو ذرو نٿو چنيو سگهان.

*

جاهل جاهه و جلال وارا ٿي ستين آسمان تي پهچي ويا آهن،
عالمن ۽ فاضلن جي رڳو آهه ۽ دانهن ڪان سواءِ،
پيو ڪجهه به متي نٿو وڃي سگهي.

*

حافظ! صبر ڪر،
عاشقيءَ جي راهه ۾،
جنهن جان نه ڏني هوندي آهي،
سو جانيءَ تائين نٿو پهچي سگهي.

*

جهان ۾ زندگي ايئن گذار،
جو جڏهن مري وڃين،
ته ماڻهو ايئن نه چون ته ڪو فلاڻو
”مري ويو!“

*

جيڪو عشق جي ڪري زنده نه آهي،
تنهن جي، منهنجي فتوا سان،
جنازي نماز پڙهي ڇڏيو.

*

جيڪڏهن ٻنهي جهانن ۾،
يار سان فقط هڪڙو ساهه گڏ ڪٽان،
ته ٻنهي جهانن مان منهنجي حاصلات،
اهو هڪڙو پساهه ٿيندو.

Gul Hayat Institute

❋

جنهن بہ پنهنجو چهرو ناهيو، سينگاريو سو دلبر ڪونہ ٿي پيو،
جنهن بہ آئينو ٺاهيو سو سڪندر ڪونہ ٿي پيو،
هن ڳالهہ ۾ هزارين وارن کان بہ سنهڙا نقطا آهن،
جنهن بہ مٿو ڪوڙايو،
سو قلندر ڪونہ ٿي پيو.

❋

ان عافيت برباد ڪندڙ مست جي همت جو غلام آهيان،
جو فقيريءَ جي حالت ۾،
پِتل کي سون بڻائڻ جي ڪيمياگري ڄاڻي ٿو.

❋

پرھ جي هير جا ساھ، مُشڪ جون سرهاڻيون ورهائيندا،
هي پوڙهو جهان وري جوان ٿي ويندو.

❋

حافظ، تنهنجي خاطر ئي وجود بادشاهيءَ ۾ آيو،
بہ پير پري ڪانئس موڪلاءِ جو،
واپس روانو ٿي ويندو.

❋

هڪڙو مسئلو اٿم،
محفل جي ڏاهن کان وري پڇو،
تہ ٻين کي توبهہ جون فرمائشون ڪندڙ،
پاڻ توبهہ ڇو گهٽ ڪندا آهن؟

Gul Hayat Institute

❋

ٻيا گودڙين وارا سڀ مست ٿي پيا،
۽ ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي،
پر اسان جو قصو آهي،
جيڪو هر بازار ۾ رهجي ويو آهي.

❋

توفيقن ۽ معجزن جي گوءِ ميدان ۾ اُڇلائي اٿن،
ڪوبہ ڏاهن منهن نٿو ڪري،
گوءِ کڻڻ وارن سوارن کي ڇا ٿيو؟

*

ساقي شراب ۾ هيءَ جيڪا آفيم پيو وجهي،
تنهن جي ڪري يارن جا،
نہ سِرُ سلامت رهيا نہ عزت ۽ آبروءَ جون دستارون ۽ پڳون.

*

درد وارن جو
ٿورن اکرن ۾ گهڻي معنيٰ وارو
درد ڀريو حال اچي ٻُڌ.

*

چؤطرف ڪڏهن ۾ حادثا ٽولا ٽولا ڪريو لڪيا پيا آهن،
تنهن ڪري عمر جو سوار پنهنجو گهوڙو تيزيءَ سان
ڀڄائيندو وڃي.

*

ڪلهہ يار لنگهيو ۽ اسان ڏانهن نظر بہ نہ ڪيائين،
ويچاري منهنجي دل!
عمر لنگهي وئي ۽ ڪجهہ بہ نہ ڏٺائين!

*

اي پرهہ جي هير!
يار جي درد جي خاڪ جي ڪجهہ خوشبو ڪٿي اچ،
دل جي مايوسي ڪٿي وڃ،
۽ دلدار جي اچڻ جي خوشبخري ڪٿي اچ.

*

يار جي زبان جو ڪو روح کي تقويت ڏيندڙ گفتو ٻُڌاءِ،
رازن جي دُنيا مان ڪو خوشخبريءَ جو خط ڪٿي اچ.

*

رقيب کي انڌي ڪرڻ لاءِ
هنن رت ڳاڙيندڙ اکين کي آرام ڏيڻ لاءِ،
دوست جي وات جي ڌوڙ ڪٿي اچ.
جان جي بازي لڳائڻ وارن کي،
ڪچائي ۽ سادگي نٿي سونهين،
هن چالاڪ دلبر جي خبر هٿ ڪري ڪٿي اچ.

Gul Hayat Institute

❊

اي باغ جا پکي!،
موجون پيو ماڻين، تنهن جي شڪرانيءَ ۾ تون،
پڃري ۾ قيد ٿيل پکين لاءِ،
گلزار جي خوشخبري کڻي اچ.

❊

يار جي جدائيءَ ۾ جيڪو صبر ڪيم،
تنهن وات کي ڪڙو زهر ڪري ڇڏيو آهي،
يار جا مٺا چپ،
جن مان مصريون ۽ ماکيون پيون ڳڙن،
تن جو ڪو معجزو ۽ ڪرشمو کڻي اچ.

❊

حافظ جي گودڙيءَ کي شراب سان رنگين ڪريو،
۽ پوءِ ان مستيءَ ۽ خرابيءَ جي حالت ۾،
ڪيس بازار جي وچان وٺي اچ.

❊

غريبيءَ، فراق ۽ دل جي غم،
پوڙهو ڪري ڇڏيو اٿم،
ڪنهن نوخيز جوان جي هٿان شراب جو پيالو کڻائي اچ.

❊

پانيان ٿو ته محشر جي ڏينهن،
بزرگ جي تسبيح ۽ شرابي مست جي گودڙي،
ٻئي وِڪَ سان وِڪَ ملائي هلندا.

❊

اسان جي پڇاڙيءَ جي منزل،
اها واري آهي جتي سڀ خاموش هوندا،
في الحال ته آسمان جي گنبذ ۾،
ڪو شور ۽ ڪو غلغلو ته وجهي ڇڏ.

❊

اسان سڪندر ۽ دارا بادشاهه جا داستان ڪونه پڙهيا آهن،

Gul Hayat Institute

اسان کان محبت ۽ وفا جي حڪايتن کان سواءِ ٻي ڳالهہ ئي نہ پڇ.

❁

عشق جا اهڙا سور سَنا اٿئون جو ڳالهہ ئي نہ پڇ،
وڇوڙي جا اهڙا زهر چکيا اٿئون،
جو ڳالهہ ئي نہ پڇ.

❁

سڄي جهان ۾ ڦريو آهيان ۽ آخرڪار،
اهڙو دلبر ڳولهي هٿ ڪيو اٿم،
جو ڳالهہ ئي نہ پڇ.

❁

توکان سواءِ پنهنجي فقيراڻي جهوپڙيءَ ۾،
اهڙا ڏک سَنا اٿم،
جو ڳالهہ ئي نہ پڇ.

❁

خود سندس واتان، پنهنجن ڪنن سان،
اهڙا سخن ٻُڌا اٿم،
جو ڳالهہ ئي نہ پڇ.

❁

عشق جي راهہ ۾ حافظ غريب وانگر،
اهڙي منزل تي رسي ويو آهيان،
جو ڳالهہ ئي نہ پڇ.

❁

Gul Hayat Institute

مئہ خاني جي دخل تي ويهہ ۽ شراب جو پيالو پيءُ،
هن جهان ۾،
ايتري دولت ۽ ايتري آبروءَ جي طلب
تولاءِ ڪافي آهي.

❁

اجائي گهڻي طلب نہ ڪر،
پاڻ لاءِ آساني ڪر،
صاف شراب جو شيشو ۽،
چنڊ جهڙو محبوب،

تو لاءِ ڪافي آهن.

*

آسمان
مُرادن جي واڳ،
جاهلن جي هٿ ۾ ڏيندو آهي،
تون داناءُ آهين،
۽ عالمن، فاضلن منجهان آهين.
ايترو گناهه،
تو لاءِ ڪافي آهي.

*

بهشت جا محل ۽ باغ سُٺن عملن جي ڪري بخشيا ويندا آهن،
اسين جيڪي مست ۽ فقير آهيون،
شراب خانو
اسان لاءِ ڪافي آهي.

*

اُهي زمانا ويا،
جڏهن اهل نظر ڪنڊن ۽ پاسن ۾ ويجي ويهندا هئا،
سندن وات هزار قسمن جا سخن بيان ڪرڻ لاءِ
بي چين هوندا هئا،
پر سندن چپ خاموش هوندا هئا.

*

هاڻ ساز سُرود وڄائي علي الاعلان
اهي حڪايتون بيان ڪنداسين،
جن جي سيني ۾ دبڻ ڪري سيني جي ديڳ،
جوش وچان اُپامندي پئي هئي.

*

ڪالهه ميخاني جي ڳليءَ مان،
نشي ۾ بدمست شهر جي امام کي،
ڪلهن تي کڻيو پي ويا.
هي اهو ئي بزرگ آهي،
جيڪو ڪالهه مصلو ڪلهي تي کڻيو پئي هليو.

*

جنهن جاءِ تي هن جي چپن جي ياد ۾،
شراب پيتو وڃي،

Gul Hayat Institute

اُتي جنهن مست کي پنهنجي فاني بدن جو هوش هجي،
اهو پياڪ ڪريل آهي.

❋

جيڪو مايوسيءَ جي غم کان ڊڄي ٿو،
ان جو عشق حلال نہ آهي.

❋

يا اسان جي سسي محبوب جي پيرن تي هوندي،
يا اسان جا چپ سندس وات مٿان هوندا.

❋

چپائين تہ گهٽي جا ڪوڙ نہ ڪندو ڪر،
چو تہ زماني جي عادت آهي،
جو سخت جا ڪوڙ ڪندڙن سان تمام گهٽي سختي ڪندو آهي.

❋

مون وات تي وينل سان گڏجي ميخاني هلي ڏس،
تہ ان محفل وارن ۾ منهنجو ڪهڙو شان آهي.

❋

آئون پنهنجي ٻانهن جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان،
جو ماڻهن کي ستائڻ جي طاقت ڪانہ اٿس.

❋

مون کي مهينن ۽ سالن پوڙهو ڪونہ ڪيو آهي،
پوڙهو ان ڪري ٿيو آهيان جو يار بي وفا آهي،
منهنجي پرسان اهڙو تکو تکو لنگهيو وڃي،
جئن تکي تکي انسان جي عمر گذري ويندي آهي.
منهنجي ڊگهي قد، نازن ۽ اندازن واري محبوب،
منهنجي ڊگهين عبادتن ۽ رياضتن جو قصو ڪوتاهہ ڪري ڇڏيو آهي.

❋

اي دل!
ڏنئي تہ پيريءَ، عبادت ۽ علم جي پڇاڙيءَ ۾،
منهنجي معشوق تاڙيندڙ اک،
منهنجو ڪهڙو حال ڪري ڇڏيو آهي.

❋

وفا ڪندا آهيون، ماڻهن جون ملامتون سهندا آهيون



Gul Hayat Institute

۽ خوش گذاريندا آهيون، چو تہ،
اسان جي دين ۾ رنج ٿيڻ ڪفر آهي.

*

جيتوڻيڪ وڇوڙو، وصال جو ميوو پيدا ڪندو آهي،
پر ڪاش ازل جو هاري،
وڇوڙي جو ٻج مورڳو پوکي ئي نہ ها!

*

اي مک! سيمرغ شهزور پکيءَ جي اڏامڻ جي،
اٿاهہ ميدان مٿان اُڏامڻ، تنهنجي وس کان ٻاهر آهي،
پاڻ کي بہ خوار ٿي ڪرين،
۽ اسان کي بہ مصيبت ۾ ٿي وجهين.

*

زبردست ڪوشش ڪر،
تہ بهار جي موسم ۽ جوانيءَ جي زماني ۾،
پرين جي ڇڻيل انسانن سان عيش ڪري سگهين.

*

ڪجهہ دير سڪون سان ڪنهن چنڊ جهڙي
سهڻي کي ڏسڻ،
مٿي تي بادشاهيءَ جو ڇٽ ڦيري، سڄو ڏينهن
وٺ پڪڙ ۾ گذارڻ، کان بهتر آهي.

*

ساقيءَ شايد حافظ کي شراب مان سندس حصو ڏنو آهي،
جو مولويءَ جو دستار جو ڳُرو،
ٽرڪلي ۾ پئجي ويو آهي.

Gul Hayat Institute

*

حافظ! جيڪو قرآن سيني ۾ سمايل اٿئي تنهن جو قسم،
تہ تنهنجي شعر کان وڌيڪ سهڻو شعر، ڪٿي بہ نہ ڏٺم.

*

دل واري مڙس جي جان،
عشق سان زندهہ ٿئي،
جي تو وٽ عشق نہ آهي،
تہ پوءِ هليو وڃ،
تون جڏو ۽ معذور آهين.

*

پنهنجي سهڻي کي ذليلن؟ جي هٿن ۾ ڏسان ٿو

آسمان مون جهڙي ماڻهوءَ جي خدمت جو حق،
اِجهو اهو ادا ڪيو آهي.

## مولانا روميءَ جا چوند بيت

منهنجي (مثنويءَ) کي سڪٽو اکر نہ، پر آب حيات چئو،
ڏس تہ پراڻي اکر جي جسم ۾ ڪهڙو نہ نئون روح سمايل آهي؟

❊

هيستائين فقط اهي معمولي ڳالهيون ڪيون اٿم،
جيڪي تنهنجي ناقص سمجهہ ۾ اچي سگهن ٿيون،
سڄي زندگي ان حسرت ماريو اٿم،
تہ ڪاش ڪو اهڙو هجي جو
منهنجي سڄي جي سڄي ڳالهہ سمجهي سگهي!

❊

جي محفل ۾ ڪو اهڙو سُخن جو ٻوٽو مليم،
جيڪو منهنجي روح ۾ گهڙي ان ۾ سمايل،
گلن جهڙين ڳالهين کي مون مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي سگهي،
تہ جيڪر هن باغ کي هزارين گلن سان سينگاري ڇڏيان.

❊

جڏهن ڪو ٻڌڻ وارو ڪونهي،
تڏهن خاموشي بهتر آهي،
نااهلن کان جي ڪنهن ڳالهہ جو انت
لڪائي ڇڏجي تہ بهتر آهي.

❊

هي ڳالهيون ٻُبن ۾ پيل کير وانگر آهن،
اهو کير چُوسي ڪڍڻ وارن کان سواءِ ٻاهر نہ نڪرنديون.

❊

جيڪڏهن ٻُڌڻ وارو ٻُڌڻ لاءِ پياسو ۽ بيچين هوندو آهي،
تہ پوءِ ٻُڌائڻ وارو ڪٺي مئل هجي تہ بہ اُٿي ڳالهائڻ لڳندو آهي.

❊

جنهن جي ڳالهائڻ ۾ ڪا جان ۽ ڪو ولولو نہ هجي،
ان جي ڳالهائڻ مان، سمجهہ ۽ حوصلي جا،

Gul Hayat Institute

ڪهڙا گل ۽ ميوا پيدا ٿيندا؟

*

ٿلهيون ٻڏل ڳالهيون بيان ڪرڻ واري جي زبان تي،
سوين دليلن جا سوين قصا هوندا،
پر انهن ۾ ڪا جان ڪانہ هوندي.

*

ڪٽي سندس ڳالهين ۾ شان شوڪت ۽ دبدبو بہ هجي،
پر تہ بہ سندس ڳالهہ جي اندر ۾
خوف بہ ضرور لڪو ويٺو هوندو.
اهڙو ماڻهو
ماڻهن کي تہ ڏاڍيون ٺيڪرون ڏيندو،
پر اندر ۾ ايئن پيو ڏڪندو جيئن هوا ۾ ڪک ۽ پن.

*

جيتوڻيڪ ڪولي ٻڏايل ڳالهيون،
دل ۽ دماغ کي روشني بخشين ٿيون،
پر جيڪا روشنيءَ جي زبان عشق ۾ آهي،
سا دُنيا جي ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ڪانهي.

*

عشق جي معنيٰ سمجهائيندي سمجهائيندي،
عشق جو گڏهہ گپ ۾ ڦاسي ڪري پيو،
تان جو عشق ۽ عاشقيءَ جي سمجهاڻي،
خود عشق کي ڏيڻي پئجي ويئي.

*

چيائون، ”ڪير ٿو چوي تہ دُنيا ۾ سچ بہ آهي؟“
تہ سچ پاڻ اچي اڳيان بيهي رهيو!
اجا بہ جي توکي سچ جي وجود جي ڪا ثابتي کپي،
تہ سچ ڏانهن نهار!

*

جيڪڏهن سدائين پيو عشق جي سمجهاڻي ڏيان،
تہ جي سؤ قيامتون گذري وڃن.

Gul Hayat Institute

تہ بہ قصو پورو نہ ٿيندو.

❋

ڪيستائين پيو هي اکر اُچاريندين،
بيان ۽ تقريرون ڪندين،
۽ ظاهري جوش خروش جون نمائشون ڪندين؟
مون کي توکان باهہ گهرجي
باهہ سان ملي باهہ ٻڻجي وڃ!

❋

جيڪو وڌيڪ سُجاڳ آهي، اهو وڌيڪ ڏکويل آهي،
جيڪو وڌيڪ باخبر آهي، ان جو مُنهن وڌيڪ پيلو آهي.

❋

خدا جي نظر ۾، ڪنهن ڏکويل جي اک مان ڪِريل ڳوڙهو
شهيد جي رت جهڙو مقدس آهي.

❋

عشق جو سدائين سرسبز باغ،
بهار ۽ خزان جي قيد کان آزاد،
۽ خوشين توڙي غمن کان بي نياز آهي،
منجهس سدائين مٺا ميوا موجود هوندا آهن.

❋

اسان جو جوش ۽ ولولو،
خوشين ۽ ڏکن جو محتاج ڪونهي.
اسان جو هوش ۽ اسان جي سمجهہ،
خيالن ۽ وهمن کان بلند آهي.

❋

عاشقي ڏک ۽ سک کان بلند آهي،
اها بهار ۽ خزان کان سواءِ ئي،
سرسبز ۽ سدا بهار آهي.

❋

منهنجو جسم ايئن سُتو پيو هوندو آهي،
ڄڻ تہ اهو بلڪل اڪيلو آهي،

Gul Hayat Institute

پر حقيقت ۾ ان وقت،
منهنجي دل ۾ اَڻَ جنتون آباد هونديون آهن.

*

منهنجا پيارا،
جيئن تہ دل جي سڀ کان وڏي ضرورت چاهَ آهي،
تنهن ڪري، جنهن جي چاهَ جيتري وڏيڪ هوندي،
ان جي دل ۾ قوت ۽ طاقت اوتري وڏيڪ هوندي.

*

جيڪو رڳو پڙهيل آهي ڪڙهيل ناهي،
تنهن کي جڏهن بہ ڪو خريدار ملندو،
تڏهن پنهنجي علم کي بازار جي شيءِ وانگر وڪڻي ڇڏيندو.

*

منهنجا ڀاءُ! تنهنجي اصل هستي،
تنهنجي سوچ آهي،
باقي تہ رڳو هڏا ۽ سڪڻو گوشت آهي.

*

ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي،
جو ماڻهوءَ جي اندر مان
ڪو اهڙو خيال سِرجي پوندو آهي،
جيڪو سوين جهانن کي،
زير زبر ڪري ڇڏيندو آهي.

Gul Hayat Institute

*

شراب جي سموري مستي،
اسان جي اندر جي مستيءَ جي ڪري آهي،
اسان جي ذهن ۾ گردش جو تصور نہ هجي ها،
تہ آسمان هينئن ڦرندو نظر نہ اچي ها.

*

جيڪڏهن ماڻهوءَ جا خيال وڻندڙ آهن،
تہ پوءِ محبوب جو انتظار،

جيڪو هوئن موت برابر هوندو آهي،
سو بہ مئو ۽ لذيذ ٿي پوندو آهي.

❊

خواهشون پلي ڪر، پر حد اندر!
گاهہ جو ڪانو
جبل جو بار ڪٽي ڪونہ سگهندو.

❊

هر ڳالهہ جي هڪڙي حد هوندي آهي،
۽ اها صحيح توازن سان ئي صحيح رهندي آهي.
جيڪو سج دُنيا کي روشني ڏئي ٿو،
سو ڌرتيءَ کان جيترو پنڌ تي هينئر بيٺو آهي،
تنهن کان ٿورڙو بہ ويجهو اچي،
تہ جيڪر هر شيءِ کي ساڙي رک ڪري ڇڏي.

❊

سرن ۽ پٿرن جي ٺهيل مسجد تہ فقط ظاهري ڏيک آهي،
اصل مسجد ۽ اصل حقيقت تہ،
دل واري جي دل آهي.

❊

علم، دولت، عهدو، شان ۽ قرآن،
جي برن جي ور چڙهي ويا،
تہ اُهي اُنهن جي زور تي،
دنيا ۾ فتنا ڪڙا ڪري ڇڏيندا.

❊

پيغمبر فرمايو آهي تہ عورت جو اثر ۽ غلبو
داناءَ ماڻهن تي ٿيندو آهي.
هوءَ دل واري جي دلين تي قابض ٿيندي آهي.
جاهل جيئن تہ جاهل، جهيڙاڪ ۽ بي دماغ هوندا آهن،
تنهن ڪري هو عورتن لاءِ عذاب هوندا آهن.

Gul Hayat Institute

## رباعيات عمر خيام

اي ڪاش! هن ذرتيءَ تي
ڪا سُک جي ساهہ کڻڻ جي جڳهہ هجي ها!
يا وري هن ڊوراهين پنڌ واري منزل کي،
رسي سگهجي ها.
ڪاش سؤ هزار سالن کان پوءِ
ذرتيءَ جي دل منجهان
پاڻهي مورندڙ ڇپر وانگر
ڪا اُميد اُپري سگهي ها.

❊

جيڪڏهن خدا وانگر، منهنجو بہ هن فلڪ تي وس هجي،
تہ هن فلڪ کي وچان ڪڍي، اُڇلائي ڇڏيان ها.
۽ نئين سر هڪڙو اهڙو فلڪ ناهيان ها،
جو آزاد طبيعت وارو انسان، آسانيءَ سان،
پنهنجي دل جون تمنائون پوريون ڪري سگهي ها.

❊

آئون آهيان، سچ جو پاسو آهي،
شراب آهي، ڳائڻو آهي.
منهنجي جان آهي، منهنجي دل آهي.
پيالو آهي،
پيالي جي تر ۾ بچيل شراب جي هارجڻ ڪري،
آلي ٿيل قميص پايو ويٺو آهيان.
رحمت جي اُميد،
توڙي عذاب جي اُميد،
توڙي عذاب جي ڊپ کان فارغ.

Gul Hayat Institute

۽ آزاد ”متيءَ کان، هوا کان....“

❋

جيتوڻيڪ منهنجا غم ۽ ڏک اڻ ڪُٿ آهن.
۽ تنهنجون عيش ۽ عشرتون،
اوج تي رسيل آهن.
پر انهن ٻنهي ڳالهين تي ڀروسو متان ڪرين!
ڇو ته هي فلڪ پردي جي پٺيان
”هزارين قسمن جون رانديون ڪيڏندو رهندو آهي.“

❋

ڇون ٿا بهشت ۾ حورون واقعي هونديون،
۽ شراب هوندا، کير هوندا، ماکيون هونديون.
جيڪڏهن اسين مئه ۽ محبوب سان دل لڳايون ٿا ته
ان ۾ ڪهڙو عيب ٿي پيو؟ ڇو ته پس پيش به ته ائين ئي ٿيندو.

❋

ڇون ٿا بهشت هوندو، آب ڪوثر هوندو.
شراب، کير کنڊون ۽ ماکيون هونديون.
هڪڙو پيالو ڀري منهنجي هٿ تي آڻي رک!
روڪڙ، هر اوڌر کان بهتر آهي.

❋

ڇون ٿا ته جيڪي پرهيزگار آهن، سي جن سان گڏ مرندا،
قيامت جي ڏينهن ان سان ئي گڏجي اُٿندا،
اسين سدائين مئه ۽ محبوب سان انهيءَ ڪري
گڏ هوندا آهيون ته جيئن حشر جي ڏينهن انهن سان ئي گڏ اُٿجي.

❋

بازار ۾ تازن گلن وڪڻڻ جي ڳالهه ڪندا آهن
منا ٻُڌاءِ، ته جهڙا چوندا آهن تهڙا تازا گل ڏيندا آهن؟
حورن، محلاتن، بهشت ۽ دوزخ جي ڳالهن تي متان لڳين!
ماڻهو هر قسم جا هوڪا پيا ڏيندا آهن.

❋

گهڻو نه پي جاجهه ۾ نه پئو هُل بَکيڙو نه ڪر،
ٿورو پي، ڪڏهن ڪڏهن پي ۽ لڪائي پي.

❋

Gul Hayat Institute

آئون ان گهڙيءَ تان قربان وڃان، جنهن گهڙيءَ ساقي چوي:
”اڃي ھي پيو پيالو بہ وٺ.“ ۽ آئون نہ وٺي سگھان.

❋

جيڪڏهن عاشق ۽ مست دوزخي ٿيندا تہ پوءِ
بهشت جو مُنهن ڏسڻ لاءِ بہ ڪير تيار نہ ٿيندو.

❋

جڏهن رڻ پٽ بهشت لڳو پيو آهي،
تڏهن آب ڪوثر جون ڳالهيون گهٽ ڪر.
بهشتي ڇهرن وارن ماڻهن سان بهشت ۾ ويهي رهہ.

❋

جيڪڏهن عاشق ۽ مئہ پيئندڙ دوزخ ۾ هوندا،
تہ سڀاڻي ڏسندين تہ بهشت هٿ جي ترِيءَ
جهڙو لڳو پيو هوندو.

❋

ڪڪر آيو ۽ وري اڇي ڇپر جي مٿان روئي ڇوڻ لڳو:
”گلن جي رنگ جهڙي شراب کان سواءِ جڳ ۾ جيئڻ نہ ٿو جڳائي.“

❋

جيڪڏهن بهار جي موسم ۾ حُور جهڙو محبوب،
سرسبز ميدان جي پرسان شراب جو هڪڙو پيالو ڏيم،
تہ جيتوڻيڪ اها ڳالهہ عام ماڻهن کي خراب لڳندي،
تہ بہ چوان ٿو تہ جي وري بهشت جو نالو وٺان،
تہ ڇئبو تہ ڪتو بہ مون کان بهتر آهي.

❋

Gul Hayat Institute

مون کي ڪا خبر ڪانهي تہ جنهن مون کي بنايو،
تنهن مون کي بهشت وارن مان بنايو يا دوزخ وارن مان.

❋

سرسبز ڇپر جي پاسي ۾ پيالو محبوب ۽ ساز
اُهي ٽئي مون تي روڪڙ ۽ بهشت تو لئہ اوڌر.

❋

پيئڻ ۽ خوش رهڻ منهنجو آئين آهي.
ڪفر ۽ دين کان فارغ هجڻ، منهنجو دين آهي،
اهو بلور جو پيالو جيڪو شراب سبب ٿڪ پيو ڏئي،

اهو اُهو لڙڪ آهي، جنهن ۾ دل جو خون لڪل آهي.

*

بيهودا ارمان ڪرڻ فضول آهن،
تقدير جي هاديءَ اسان جهڙا گهڻا پوکيا ۽ لُٽي ڇڏيا.
جڏهن منهنجي پڇڻ کان سواءِ، مون تي قضا جو قلم وهائي ڇڏيائون،
تہ پوءِ ان جي نيڪي ۽ بدي مون کان ڇو ٿا ڪري سمجهن.
ڪلهہ مون کان سواءِ ۽ اڄ وري ڪلهہ وانگر مون کان ۽ توکان سواءِ،
پنهنجي باري ۾ جيڪي ليک لکٽو هونَ سو لکي ڇڏيائون،
سڀاڻي ڪهڙي حساب سان، اسان جي مٿان فرياد چاڙهيندا؟

*

دشمن غلط چيو تہ "عمر فلسفي آهي" خدا ٿو ڄاڻي،
تہ جيڪو هو چوي ٿو اهو آئون ناهيان.
پر جيئن تہ هن غم جي آکيري ۾ اچي ويا آهيون،
تڏهن جيترو ڄاڻان ٿو ان کان پلا ماڻهو
آخر ڪيترو گهٽ ڄاڻي سگهي ٿو؟

*

ڪاش اُميد جي شاخ تي ڪو ميوو هجي ها!
ڪاش زندگيءَ جي رشتن ناتن جو ڪو منهن مٿو هجي ها!
وجود جي قيدخاني جي سوڙهہ ۾ ڪيستائين زندگي گذارجي.
اي ڪاش! عدم ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪو در دروازو هجي ها.

*

جيڪڏهن منهنجو اچڻ پنهنجي مرضيءَ سان هجي ها، تہ اچان ها،
۽ جي هجڻ پنهنجي وس هجي ها، تہ ڇو هجان ها؟
اهو بهتر نہ ٿئي ها تہ هن خراب جڳهہ تي،
نہ اچون ها، نہ رهون ها، ۽ نہ هجون ها؟

*

جيڪڏهن، هن آسمان جا ڪم ڪار انصاف ۽ سنجيدگيءَ سان ٿين ها
زماني جا حال احوال وٽندڙ هجن ها،
جيڪڏهن فلڪ جا ڪم عدل ۽ انصاف سان ٿين ها،
تہ علم ۽ فضل وارا ماڻهو اهڙا ڏکويل ڇو هجن ها؟

Gul Hayat Institute

# متفرقہ فارسي شاعري

## رودڪي (وفات 873ع)

خوش گذار،
ڪارين اکين وارن سان، خوش گذار،
هي جهان سواءِ قصن ڪهاڻين جي
ٻيو ڪجهہ ڪونهي.

❊

## فرخي (محمود غزنويءَ جو درٻاري شاعر)

سڪندر جو داستان پراڻو ٿي،
ٿلهي ڳالهہ ٿڄي ويو.
نيون ڳالهيون پيدا ڪر،
نئين جو ميناج ٻيو آهي.

❊

## فردوسي (940 _ 1020)

اچو تہ دنيا کي بڇڙن جي حوالي نہ ڪريون
سعيو ڪري نيڪيءَ کي زور وٺايون.

❊

جيڪا ماڪوڙي داڻو کڻيو پئي وڃي،
تنهن کي نہ آزار،
اُها بہ نهايت پياري، وڻندڙ ساهہ واري آهي.
جيڪو ان کي ستائڻ چاهيندو،
ان جو اندر ڪارو هوندو،
۽ دل پٿر جي ٺهيل هوندي.

❊

محمود غزنويءَ جي سياڳي دربار اهڙي درياهہ وانگر آهي،
جنهن جو ڪوبہ ڪنارو ڪونهي،
اُن ۾ ٽٻيون هنيم ۽ هڪڙو موتي بہ نہ مليم،
ڏوهہ بخت جو آهي، درياهہ جو ڪونهي.

Gul Hayat Institute

❊

**بو علي سينا**

زماني ۾ مون جهڙو مضبوط ايمان وارو هڪڙو
سو بہ جي ٽيو ڪافر، تہ چئبو تہ،
دُنِيا ۾ هڪڙو بہ مسلمان ڪونهي.

❊

**ابو الفرج روني** (**وفات** 1116)

آسمان هر ڏاهي ماڻهوءَ لاءِ،
سوين موت مار شربت ملائي رکي ڇڏيا آهن،
زماني وٽ جيڪو بہ زهر هو سو،
هر مڙس ماڻهوءَ جي پيالي ۾،
وجهي ڇڏيو اٿس.

❊

**ابو سعد ابوالخير**

چؤ ”چا ڪريان، يار لاءِ ڪهڙو تحفو آڻيان؟
بنا درد جي متان اچين،
باقي بيو جيڪي آڻيندين،
سو پلو هوندو.

❊

ايمان ٻي ڳالھہ آهي ۽ محبت جو دين ٻي ڳالھہ،
عشق جو پيغمبر نہ عجم جو آهي ۽ نہ عرب جو.

❊

Gul Hayat Institute

**شيخ سعدي** (1291 – 1209)

منهنجي مرڻ کان پوءِ،
منهنجي قبر زمين تي متان ڳولين،
منهنجي قبر، داناءَ ۽ اهل دل،
ماڻهن جي سينن ۾ آهي.

❊

هن دؤر ۾ ڪنهن بہ مون وانگر،
يار جي در اڳيان نہ ٻاڪاريو آهي،
ان ڪري منهنجو ڪلام شيراز کان،
آسمانن جي بلندين تائين پهچي ويو آهي.

**سلمان ساوجي**

گُل پُڻ پُڻ ڪري روئي چا ٿيو چوي،
جو ويچاريون بي زبان بلبليون،
دانهن ۾ ڪوڪن ۾ پئجيو وڃن.

❋

**خواجہ ڪرماني** (1280 – 1352)

جوانيءَ جي ڏينهن کان وٺي اڄ تائين،
ڪڏهن هڪڙو پل بہ خوش نہ رهيو آهيان،
زماني جي ماءُ مون کي،
الائي ڇا جي لاءِ ڄڻيو؟

❋

**ابن يمين** (1286 – 1386)

اهو نہ ڏس تہ ابن يمين جي دل،
ڪيئن رتورت ٿي ويئي،
اهو ڏس تہ هن فاني جهان مان،
هو ويو ڪيئن،
هٿ ۾ قرآن ۽ اکيون يار جي ڇهري طرف،
موت جي قاصد سان گڏيو،
کلندو ڳُڏندو روانو ٿي ويو.

❋

**فيضي** ( 1595 _ 1547)

Gul Hayat Institute

منهنجو هيءُ بدن،
هندستان جي مٽيءَ جو آهي،
پر منهنجي وار وار جي پاڙ ۾،
هزارين يونان پيا آهن.

❋

سوين رڻ پٽ لنگهي ويا،
سوين ٻيا سامهون آهن،
پر اڃا ڪو رُڳو پهرينءَ منزل جو بہ ڏس نٿو ڏئي.

❊

اي پرهہ جي هير! آسمانن منجهان،
مبارڪ باديءَ جي گلن جي ورڪا ڪر،
جو پنهنجي اونداهي رات جي
پرڀات سامهون اچي وئي آهي.
فيضي ڪعبي ڏانهن ويندڙ قافلي
کان ٻاهر ڪونهي،
البت ايتري ڳالهہ آهي جو پاڻ کان
ڪجهہ اڳيرو آهي.

❊

فيضي! هن جهنگ ۾ شوق ۽ چاهہ،
جي اُٺيءَ کي هلاءِ،
ڇو تہ جيڪي سفر جي شوق بنا،
رڳو منزل جا طالبو هوندا آهن،
سي دل جي ڪعبي ۾ پهچي نہ سگهندا آهن.

❊

**عرفي** (1555_1590)

عرفي! تون مخالفن جي گوڙ شور کان نہ ڀڄ،
ڪتن جي ڀونڪڻ ڪري فقيرن جو رزق گهٽ نہ ٿيندو آهي.

❊

عرفي! عشق آباد دلين کي،
هڪڙي جَوَ جي داڻي جي عيوض بہ خريد نہ ڪندو آهي،
ان ڪري اسين بہ پنهنجي ويران دل،
ٻنهي جهانن جي عيوض بہ نہ ڏينداسين.

❊

آءُ اُهو ارڏو درياهہ آهيان،
جنهن جي خاصيت جو تاثير اهو آهي،
جو جڏهن خوفناڪ لهرون اُٿنديون آهن،
تڏهن مون کي سڪون ملندو آهي،
۽ جڏهن خطرناڪ طوفان ايندو آهي،
تڏهن مون کي آرام ملندو آهي.

Gul Hayat Institute

❊

تون هن جهان جي نظام کان واقف ناهين،
تنهن ڪري تون هر واقعي کي،
آسمان جي تارن جو تاثير سمجهين ٿو.

❊

فطرت جي سمنڊ جا ٽوپا،
سمنڊ جي تري ۾ بي بها موتي ڳوليندا آهن،
پر تون سدائين انهيءَ فڪر ۾ هوندو آهين،
تہ سمنڊ جو ڪنارو ڪڏهن ٿو نظر اچي.

❊

**نظيري نيشاءَ پوري (وفات – 1612)**

محبوب جي پيرن کان وٺي،
مٿي جي چوٽيءَ تائين، جسم جي،
جنهن هنڌ ٿو نظر وجهان ان هنڌ جو حُسن،
دل جي پاند کي ست ڏيئي چوي ٿو:
”سڀ کان سهڻي جڳهہ اها ٿئي.“

❊

هن گهٽيءَ مان پير اڳتي ئي نٿو وڌي،
يارو! خبر تہ ڏيو تہ هيءَ،
ڪنهن جي جلون جي جاءِ آهي؟

❊

Gul Hayat Institute

گل جي تاريءَ هينان،
جنهن بلبل کي نانگ کاڌو هجي،
تنهن جي حال جي انهن کي ڪهڙي خبر،
جن کي ڪڏهن اهڙو ڏنگ ئي نہ لڳو آهي.

❊

**مسائب تبريزي (1601_1650)**

جيڪو وطن ۾ آهي اهو وڏي نالي وارو نہ ٿيندو،
عقيق جو پٿر جيسين پنهنجي وطن يمن ۾ آهي،

تيسين سادو سودو ئي رهندو.

*

جيڪو اڳيان لنگهي ٿو سو منهنجي،
دل جو هڪڙو ٽڪر ڪٽيو وڃي ٿو،
آءُ پنهنجي سؤ قارون ٽيل دل،
جون قارون وڪڻندڙ آهيان.

*

ڌرتيءَ تي انسانن جو اچڻ ۽ رهڻ،
ايئن ٿو لڳي جڻ،
ازل جي رڻ پٽ مان ڪي اُگهاڙا،
ڪفن هٿ ڪرڻ لاءِ،
وجود جي سراءِ ۾ آيا،
۽ ڪفن وٺي موٽي ويا.

*

## فروغي سطامي (ڄائو 1796)

خدا خدا ڪندڙ ۽ خدا ڪي سڃاڻيندڙ
جي وچ ۾ اهڙو فرق آهي،
جهڙو حيوان ۽ انسان جي وچ ۾!

*

## قره العين طاهره زرين تاج (وفات 1852)

Gul Hayat Institute

تنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ،
پرهه جي هير وانگر ڀٽڪندي رهي آهيان،
گهر گهر، در در، گهٽيءَ گهٽيءَ، ڳليءَ ڳليءَ.

*

## جاپاني شاعري

ان ڪان پلي مري وڃي،
جنهن کي دل ۾ جاءِ ڏني اٿم سا.
چو ته جيئري آهي ته به.
ڪير ڪونه ٿو چوي ته ”اُها تنهنجي ٿيندي.“

*

ڇڻ ايئن چوڻ لاءِ ته،
”جي مون لاءِ مرين ٿو ته پلي مري وڃ!“
هوءَ ظالم ڇوڪري روز.
منهنجي بنهه دروازي جي اڳيان اچيو لنگهي.

*

سندس ماءُ ڪيس گهر ۾ ايئن لڪايو ويٺي آهي،
جيئن ريشم جا اهي پٽ ڪينئان، جيڪي هو پاليندي آهي.
ڪاش! ڪو اهڙو رستو هجي ها جو ڪيس رڳو ڏسي سگهان ها.

*

”جيڪڏهن آسمان ۾ گوڙ ٿئي،
آسمان تي ڪڪر ڇانئجي وڃن،
مينهن جون اوتون پوڻ لڳن،
ته پوءِ تون مون وٽ ترسي پوندينءَ؟“

*

”پلي ڪٿي گجگوڙ نه ٿئي،
۽ مينهن جي ڦُڙي به نه پوي،
جي تون رڳو وات سان چوين ترسي پئو“!
ته جيڪر آئون تو وٽ ترسي پوان.“

*

Gul Hayat Institute

## شهزادو ”يوهار“

”چنڊ ديوتا جي روشنيءَ ۾،
منهنجي پياري! مون وٽ هلي اچ.
اسان جي وچ ۾ جبلن جي ڪاٻ ديوار ڪانهي،
۽ پنڌ ٻه ايترو گهڻو ڪونهي.“
”جيتوڻيڪ صاف ۽ روشن چنڊ ديوتا،
واٽ روشن ڪري ڇڏي آهي،
تنهنجي يادن مون کي اهڙو انڌو ڪري ڇڏيو آهي،
جو پانيان ٿي ته، تو وٽ پهچي ڪا نه سگهنديس.“

❋

## شهزادي تاڪاتا جي شهزادي ايمانجي ڏانهن چٺي

هيءَ دنيا گلا خور زبانن سان،
پري پيئي آهي.
منا! جيڪڏهن پاڻ هينئر ملي نه سگهون،
ته پلا ايندڙ زندگيءَ ۾ ملون؟

❋

## شهزادي هيرو ڪاوا

منهنجي پيار جي سوچن جون پريون،
ست گاڏيون پري ڇڏينديون –
ست وڏيون ۽ ڳرن ڦيٿن واريون گاڏيون.
آئون ڪنهن جي چوڻ بنا پاڻ مرادو،
پنهنجي ڇاتيءَ تي ايڏو بار کڻيو پئي هلان.

❋

## بيگم ڪاسا

”جيڪڏهن زمين ۽ آسمان جا ديوتا،
پنهنجي سموري مت وڃائي چڪا هجن،
ته پوءِ جيڪر منهنجا محبوب، ممڪن آهي ته،
توکي ملڻ کان سواءِ ئي مري وڃان.

❋

Gul Hayat Institute

### بيگم اسونو ناڪاني اوتو مارو

بدقسمت عاليجاه فرواسو نو ڪافي!
تنهنجي هڪڙي معمولي ”ڇوڪريءَ سان“
بي سمجهيءَ واري پيار ڪرڻ جي ڪري،
تون خوفناڪ شهنشاهي فرمان سان،
گهوڙي وانگر رسين سان ٻڌو،
هڪڙو شڪار ڪيل سوئر وانگر،
تيرن ۽ ڪمانن جي وچ ۾ گهيريو
ڏورانهين مردود صوبي ڏانهن ڪچيو پيو وڃين،
ڪاش! تو ما رت سوچي پهاڙن ڪان موٽي،
اسان انتظار ڪندڙن وٽ اچين.“

❋

### اُيرندين سرزمينن جا لوڪ گيت

”سوڪابا پهاڙ جي لاهين تي،
برف ڪري آهي يا نہ!!
۽ هُن، منهنجي البيليءَ محبوبا،
اڱڻ ۾ ڪپڙا سُڪائڻ وڌا آهن يا نہ؟“
ڪاش! دنيا ۾ ڪو اهڙو خاموش گهوڙو هجي ها،
جيڪو خاموش پيرن سان سفر ڪري سگهي ها،
تہ پوءِ جيڪو آئون ڪاتسو شيڪا ۾،
ميشو ماجي پل وٽ، توسان ملڻ لاءِ هر رات اچان ها.

❋

### هتاچي صوبي جي هڪ گيت جا ٻول

منهنجي ماءُ مون تي ايئن پهرو ٿي ڏئي،
جيئن سو ڪابا پهاڙ جي ٻنهي پاسن بيٺل،
تيز نگاهن وارا چست ۽ خبردار پهريدار.
پر اسان جا روح ملي چڪا آهن.

❋

Gul Hayat Institute

## ”وشنانو صوبي جي هڪ گيت جا ٻول“

وشنانو صوبي ۾ چڪوها نديءَ جي ڪناري تي،
جيڪي پٿريون پيون آهن،
جي تون انهن پٿرين مٿان پير ڏيئي هلين،
ته آئون جيڪر انهن پٿرين کي بي بها هيرن وانگر،
ڪٽي جهول ۾ گڏ ڪريان.

❇

منهنجا پيارا مون وٽ اچ!
بانس جي درين مان گهڙي اچ!
امان پڇندي ”ڪير آهي!“
ته چوندي سانس ته، ”ڪجهه ڪونهي هوا جو جهوٽو آهي.“

❇

جڏهن نڙ کي هٿ لايان ٿو،
ته ان مان سُڏڪا نڪرن ٿا،
ايئن ته ڪونهي ته ان جي پورن ۾،
منهنجي زال جو روح لڪو ويٺو آهي؟

❇

ڪيڏو نه خوش نصيب آهي اُهو،
جنهن جا ڪارا وار اڃا ٿي وڃن ته به،
پنهنجي زال جو نرم آواز ٻُڌي سگهي ٿو.

❇

ٿي سگهي ٿو ته مون کي پسند نه ڪندو هجين،
پر ڇا تون اهو نارنگيءَ جو وڻ به ڏسڻ ڪونه ايندين،
جنهن منهنجي اڱڻ ۾ تازو ٻُور جهليو آهي؟

❇

پيرن جون ڇيريون، ٻانهن جون ٻانهيون ڇڻڪائي،
تولاءِ چرخو پيئي ڪتيان،
خدا ڪري عيد تائين تنهنجي قميص تيار ٿي وڃي.

❇

صبح جي مهل پنهنجي وارن کي ڦٽي ڪانه ڏينديس،
رات انهن وارن هيٺان تنهنجي ٻانهن،
وهاڻي وانگر رکيل هئي.

Gul Hayat Institute

❊

هوءَ ان دونهين جهڙي ڪاري آهي،
جيڪو انهن ڪاٺين مان نڪرندو آهي،
جن کي نانيوا قبيلي جا ماڻهو باهه ڏيئي ساڙيندا آهن.
پر تہ بہ منهنجي زال منهنجي لاءِ سدا بهار گل آهي.

❊

جيڪا ننڍڙي پيڙي گهاٽي گاهه وچان ترندي،
ڍنڍ جي ٻئي پاسي پهچڻ چاهيندي،
تنهن جي واٽ ۾ رڪاوٽون، تمام گهڻيون هونديون آهن.

❊

جيتوڻيڪ، مون سان ايئن جُنيون ڪن ٿا،
جيئن ان گهوڙي سان ڪندا آهن،
جيڪو ديوار جي ٻئي پاسي پرائي باغ ۾، منهن هڻندو آهي،
تہ بہ متان ايئن سمجهين تہ ڪو،
توسان ملڻ کان هٿ ڪڍي ويندس!
نہ، هرگز نہ،
سويل يا ٿورو دير سان، جاڻ پهتس.

❊

جنهن کي آئون آسمان جو چنڊ ۽ سج سمجهان ٿي،
تنهن جي متان ٻيا پڻ کي چوريءَ چوريءَ، چانئجندو ڏسي،
منهنجي دل ڪيڏو نہ اُداس ٿي وڃي ٿي.

❊

هن ذليل جهوپڙيءَ ۾،
جيڪا فقط ان لائق آهي تہ،
ان کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏجي،
اهڙي گندي ۽ قاتل بستري جي مٿان،
جنهن کي ماڻهو جيڪر،
گند جي ڍير تي اُڇلائي ڇڏي،
هو سُتو پيو آهي،
سندس ٻانهون دُنيا جي اهڙين نيچ کان نيچ،
ٻانهن سان وڪوڙيل آهن،
جن کي ماڻهو جيڪر سٽ ڏيئي،
ڇڪي ڪڍي، گندي موريءَ ۾ اُڇلائي ڇڏي.
پر اونداهي کان اونداهي رات جي هر گهڙيءَ ۾،

Gul Hayat Institute

آئون هن جي لاءِ ايترو روئندي ۾ ٻاڪاريندي آهيان،
جو جنهن ڪٿ تي سُتي پئي هوندي آهيان،
اها ٻه ڏانهون ڪرڻ لڳندي آهي.“

*

ميو جي ميدان مان پيرن اُگهاڙو پنڌ ڪندو،
اونهاري جي ڏکڻي گاهه کي چيريندو،
تون ڪهڙي قسم جي ڇوڪريءَ سان ملڻ ويندو آهين،
منهنجا پٽ؟؟
پر امان! تون ته ڪيس سڃاڻين ئي ڪونه!
پر تو ته سندس پيءُ به ڪونه ڏٺو آهي،
امان! سندس وار اهڙا ڪارا آهن
جهڙا ڪارا ڪارا پونر!
امان! توکي خبر ئي ڪانهي ته هوءَ وارن ۾
ڦڙ ڦڙ ڪندڙ ربن ڪيئن ٿي هڻي،
تو ڏٺو ئي ڪونهي ته ياماتو جي نفيس ڪاٺ مان ٺهيل
خوبصورت ڦڻي سندس وارن ۾ ڪهڙي سونهي ٿي!
اونهاري جي ڏکڻي گاهه کي چيريندو،
ميو کي جي ميدان جي وچان پيرين اُگهاڙو پنڌ هلندو
توکان ۽ بابا کان لڪي،
امان! آءٌ ان سدا ملوڪ ڇوڪريءَ سان ملڻ ويندو آهيان.

*

## بيگم اوتو خوساڪو نو ٽي بي

اي آسمان ۾ چاول، بهشتي ميدان مان هيٺ لٿل،
منهنجي ابن ڏاڏن جا ديوتا!
سڀ ڪان اندرئين ٺڪري تان پٽيل،
خوشبودار ساڪاچي ٻوٽي جي سرسبز ٽاريءَ ۾،
اڇو مقدس ڪاغذ ويڙهي ۽ پٽ ڪينئن جو نفيس ڪپڙو لٽڪائي،
بانس جي وڻ جي ڳپ مان ٺهيل پاڪ تسبيح ڪنڌ ۾ وجهي،
پنهنجن گوڏن کي هرڻيءَ وانگر جهڪائي،
مٿو ڪنوارپڻي جي رومال سان ڍڪي،
ادب ۽ تعظيم سان ڪنڌ نمائي
تنهنجي اڳيان اچي عرضدار ٿي ويٺي آهيان؟
ڇا اچا ٻه آءٌ ساڻس ملي ڪانه سگهنديس؟

Gul Hayat Institute

*

## نائون مهينو

مون کي چيائين، هي: ”سال جو نائون مهينو
ڪڏهن بہ نہ وسارڻو آهي،
هزارن عمرين کان پوءِ بہ ياد ڪرڻو آهي،
۽ زماني جي پڇاڙيءَ تائين! ان جون ڳالهيون ڳائڻيون آهن،
اهو سال جو نائون مهينو،
جنهن ۾ اسان جي محبت شروع ٿي هئي،
سو تيزيءَ سان ختم ٿيڻ وارو آهي،
پر هو اڃا نہ آيو آهي.
صبح جو ڏکويل دل سان،
گهر کان ٻاهر نڪرندي آهيان،
۽ شام جو روئندي موٽندي آهيان،
۽ پنهنجا پوئرن جهڙا ڪارا وار پکيڙي
بيشمار اُداس ۽ ويران راتيون،
ايئن بيقرار گذاريندي آهيان،
جيئن اها ٻيڙي جنهن کي تيز لهرون ڏونڌاڙينديون آهن،
۽ سڄي رات خوفناڪ سوچون
منهنجي روح کي ڏنگينديون آهن.
اوچا پهاڙ پهاڙ آهن،
اونها سمنڊ، سمنڊ آهن
تنهن ڪري اهي سچو پچو وجود رکن ٿا.
۽ سدائين موجود آهن.
پر انسانن جون حياتيون،
گلن جي نازڪ پنکڙين ۽ تيزيءَ سان متجي ويندڙ پاڇن وانگر آهن.
جيئن ڪنهن وڏي جهاز تي اعتبار هوندو آهي
تہ اهو ضرور منزل تي رسائيندو،
تيئن مون کي بہ مٿس اعتبار هو،
تہ هن مهيني هو ضرور ايندو.
هڪڙو قاصد نياپو کڻي آيو آهي،

Gul Hayat Institute

هڪڙي ٽانڊاڻي جي روشنيءَ جهڙو منجهيل نياپو،
تہ ھو سرءُ جي پن وانگر گم ٿي ويو.
ٻ ھاڻي ٽانڊٻن جهڙي ڏرتيءَ تي،
ڪڏهن ويهان ٿي تہ ڪڏهن اُٿان ٿي،
خبر ئي ڪانہ ٿي پوي،
تہ ڇا ڪريان، ڪيڏانهن وڃان،
صبح جي ڪوهيڙي وانگر منجهيل ٻ پريشان،
ڏکيا ڏکيا شوڪارا پئي ڀريان،
ڪاش! مون کي ڪو ڏس ملي
تہ هو ڪٿي پيو آهي،
تہ جيڪر ان ڏس تي نڪري پوان ها.
ڪڪرن وانگر پٽڪي ڪيس ڳوليان ها،
ٻ جي نہ ملي ها تہ،
زخمي هرڻيءَ وانگر
ٻاڪاري ٻاڪاري پساهہ ڇڏيان ها.
پر ڪوبہ ڏس پتو ڪونهي،
اڪيلي نڌڻڪي، تن تنها
ڪيس ياد ڪري، سڏڪا پئي ڀريان.
*

Gul Hayat Institute

**عربي شاعري**

**علقمہ تعميمي**

”خدا توکي آسودو ۽ خوش رکي!
شال ڏکڻ جي هوا جا
کِھليي آندل پاڻيءَ سان پريل ڳرا ڪڪر،
تنهنجي مٿان وسن ۽ تنهنجي زمين آباد ڪن!
اي منهنجي محبوبہ!
ڏس! تون مون کي ۽
ذليل ۽ بيڪار ماڻهوءَ کي هڪجهڙو نہ سمجهجانءِ.“

*

**امرءُ القيس**

”... ۽ رات، جيڪا ڊيگهہ ۽ هيبت ۾ سمنڊ جي لهرن
وانگر هئي تنهن کي مون چيو:
”اي رات!
صبح آڻ! پر صبح بہ تہ ڪو توکان وڌيڪ
آرام ۽ سڪون ڏيندڙ ڪونہ هوندو.
تون بہ ڪهڙي قسم جي رات آهين
جنهن جا تارا پنهنجي جاءِ تي
ايئن ڄميل آهن جو ڄڻ تہ رسين سان ٻڌل
جبل سان جڪڙيا پيا آهن.“

*

Gul Hayat Institute

**ابو صعقره بولاني**

”اونداهي رات ۾ جودي جبل جي ٻنهي پاسن تي،
وسڻ وارن ڳڙن جو،
پاڪ ۽ صاف پاڻي جيڪو وهي جبل جي
کڏن ۾ جمع ٿي ويو هجي.
۽ پوءِ سندس مٿئين سطح مٿان اُتر جي هوا لڳي هجي
۽ اهو تمام گهڻو ٿڌو ٿي ويو هجي
اهڙو پاڪ، صاف، ٿڌو ۽ لذيذ پاڻي بہ لذت ۾
محبوبہ جي وات جي ٻِڪ کان وڌيڪ پاڪ ۽ وڻندڙ نہ هوندو.“

*

**زهير بن ابي سلميٰ**

”جيڪڏهن تون جنگ کي ڪنهن جي پويان لڳائيندين
تہ هوءَ ان جي پٺ ڪانہ ڇڏيندي
۽ پوءِ باهہ وانگر ڀڙڪندي ويندي.
هوءَ سال ۾ بہ ڀيرا ويم ڪندي ۽
هر دفعي بہ ٻار ڄڻندي هوءَ توهان لاءِ
ايتريون تڪليفون ۽ مشڪلاتون پيدا ڪندي
جو عراق جي علائقي ۾ ايترو اناج ۽ ايتري دولت بہ پيدا
ڪانہ ٿي ٿي سگهي جو
تون انهن کي منهن ڏيئي سگهين.“

*

**غسره عبسي**

”آئون شريفاڻي ۽ باعزت ماني
حاصل ڪرڻ لاءِ
رات ڏينهن لڳاتار بکيو رهجي ويندو آهيان.“

*

”اهو هٿيار بند سورمو جنهن جي مقابلي ۾ اچڻ کان،
وڏا وڏا سورما گهٻرائجي وڃن ٿا ۽ جيڪو ويڙهہ جي ميدان
مان نہ ڀڄي ٿو نہ پيش پوي ٿو
منهنجي هٿن،
ڦڙتيءَ سان پنهنجو مضبوط نيزو اُن ۾ کوڙي ڇڏيو!
پوءِ مون ان جو بدن نيزي ۾ پوئي ڇڏيو
۽ کوبہ شريف انسان نيزي لاءِ حرام نہ ڪيو ويو آهي.
مون ان بهادر کي ماري درندن جي خوراڪ بڻائي ڇڏي ڏنو
درندن سندس گوشت پٽي پٽيو ۽ سندس ڪراين ۽ هڏين جا
حَسين جوڙ پٽي ڇباڙيائون.“

*

Gul Hayat Institute

**طرفت**

جڏهن قوم سڏيندي آهي تہ ”آهي ڪو بهادر جوان مرد“
تہ آئون ان آواز مان سمجهندو آهيان تہ،
منهنجي ئي ضرورت آهي
۽ پوءِ نہ آئون سُستي ڪندو آهيان
۽ نہ ئي بدحواس ٿيندو آهيان.
اک ڇنڀ ۾ ميدان ۾ پهچي ويندو آهيان

❉

**عمرو بہ ڪلثوم**

جڏهن ڪو بادشاهہ ماڻهن تي ظلم ڪري ٿو
تڏهن اسين تغلبي قبيلي جا ماڻهو
ظلم برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهيون،
جڏهن اسان جي قبيلي جو ٻار ماءُ جو کير ڇڏڻ
جي عمر کي پڄندو آهي،
تڏهن وڏا وڏا مغرور ۽ تڪبر ڪرڻ وارا
ان جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پوندا آهن.

❉

**حاتم طائي**

ڪن ماڻهن جون ملڪيتون پنهنجي ڏٽين لاءِ
خدا تي پوندیون آهن ۽ هو انهن کي پوڄيندا رهندا آهن.
خدا جو شڪر آهي جو منهنجي ملڪيت،
منهنجو خدا نہ پر منهنجي غلام آهي.

❉

**اخطل**

اي هند! اي بني بڪر قبيلي جي هند!
چاهي ڪٺي پنهنجا قبيلا
قيامت تائين هڪٻئي جا دشمن بنيا وينا هجن،
پر تون شال سدائين سلامت
هجين ۽ زندگي ماڻين!

Gul Hayat Institute

*

**طرماح**

”بنو تميم بچڙائيءَ جون واٽون
ان قطا پکيءَ کان بہ وڌيڪ سڃاڻن ٿا
جيڪو رڻ پٽ ۾ پاڻيءَ جي هر جاءِ کان واقف هوندو آهي.
پر هو جڏهن شرافت جي رستن تي هلن ٿا
تہ گس ڀلجيو وڃن، جيڪڏهن ڪا جوڻءِ بہ
ماڪوڙيءَ تي چڙهي،
سندن ٻن صفن تي حملو ڪري ٿي تہ ڀڄيو وڃن.“

*

**ڪعب بن زهير**

سعاد، مون کان جدا ٿي ويئي! هن جي محبت ۾،
منهنجي دل ان قيديءَ وانگر آهي جنهن قيديءَ کي
ڇڏڻ لاءِ پئسا گهريا ويا هجن ۽ نہ ڏنا ويا هجن،
۽ هو زنجيرن ۾ جڪڙيو پيو هجي.

*

**فرزدق**

توهان ڏسندؤ تہ هر مظلوم ڊوڙي اچي،
اسان وٽ پناهہ وٺندو آهي،
۽ هر ظالم جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش اها هوندي آهي،
تہ اسان کان جيترو پري ڀڄي سگهي اوترو پري ڀڄي وڃي.

Gul Hayat Institute

*

**طرماح**

مون کي پنهنجو پاڻ سان محبت ان ڪري وَڌي وئي آهي،
جو هر نڪمو ماڻهو مون سان بغض رکي ٿو
۽ هر ڪميڻو ماڻهو مون کي بدبخت سمجهي ٿو
۽ ڪميڻن جي نظر ۾
سواءِ خوش اخلاق ماڻهوءَ جي
ٻيو ڪو بہ
بدنصيب ماڻهو نہ هوندو آهي.

❋

**خوارزمي**
جواني ۾ محبوبہ ٻئي جدا ٿي ويا...
زماني مون سان انصاف نہ ڪيو.
ان ساڳئي وقت منهنجي اڳيان بہ موڪلائڻ وارا،
آٺي بيهاري ڇڏيا.
حالانڪہ مون وٽ موڪلائڻ لاءِ،
فقط هڪڙي ئي دل هئي ۽ نہ بہ دليون.

❋

موت حسن بن بوبہ کي ختم ڪري ڇڏيو.
ڇا موت کي خبر آهي تہ هن ڪيڏي زبردست
لشڪر کي شڪست ڏني آهي؟

**متنبي**
عزت جي زندگي،
گذاريو يا وري جنگ
۾ نيزن جي مار ۾ جهنڊن جي ڇانوَ ۾ جان ڏئي ڇڏيو....

❋

هيءَ بہ ڪا زندگي آهي جنهن ۾
نہ عزت آهي نہ شهرت نہ مرڻ ڪان پوءِ
توهان جي ڪمي محسوس ڪرڻ وارو؟

❋

۽ جنت کي خيرباد چئو،
جيڪڏهن اتي ذلت ۽ خواري برداشت ڪرڻي آهي.

❋

هي اهي ماڻهو آهن جن وٽ بالغ ٿيڻ جي،
نشاني اها ناهي تہ انهن کي احتلام ٿئي.
پر اها آهي تہ هو بهادرن جي سينن کي نيزن سان ڇلين.

❋

الله جون ڪيتريون نعمتون،
بخيلن وٽ بيقرار ۽ بيچين وينيون آهن
جڻ تہ اهي پرديس يا قبر ۾ هجن.

Gul Hayat Institute

**ابن المعتز**

تون اهل دل ماڻهوءَ کي ڪڏهن بہ وقت جي،
خليفي بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندي نہ ڏسندين ۽
نہ ڪي هو چوندو تہ ڪهڙو ماڻهُو.
ڪهڙي عهدي تان لٿو ۽ ڪهڙو چڙهيو.
هو پنهنجي زندگيءَ جي سُڪون کي
انهن مناظري بازن جهڙا
گڏهہ جا آواز ڪيڻ سان خراب نہ ڪندو آهي،
تہ جيڪي ماڻهُو سڄو ڏينهن اهي بحث پيا ڪن تہ
حضرت عثمان رضہ ۽ حضرت علي رضہ مان ڪهڙو سُٺو هو؟
ڪير آهي جو منهنجي لاءِ ان دل کي نرم ڪري ڇڏي،
جيڪا پٿر جي چپ مان گهڙي ٺاهي ويئي آهي،
۽ آبدار موتيءَ جهڙي بدن ۾ رکي وئي آهي.

❊

**ابو طعام**

محمد طوسيءَ کان پوءِ تمنائون ختم ٿي ويون،
۽ مسافر سفر ڪرڻ وساري ويٺا.
هو اهڙو بهادر هو، جڏهن بہ قبيلي جون اکيون سندس ياد ۾،
رت جا لُڙڪ هاريندڀون تڏهن سندس ياد،
۽ سندس ڳالهيون مرڪنديون رهنديون.
هو اهڙو بهادر هو جو تلوارون ۽ نيزن جي وچ ۾
اهڙي موت مئو جو جيڪڏهن فتح نہ بہ ٿئي،
تہ بہ فتح کان گهٽ نہ هو.

❊

**ابو فراس همداني**

زماني جي حادثن ۾ انسان ڪنهن تي ڀروسو ڪري،
۽ شريف ماڻهوءَ کي ساٿي ڪيئن هٿ ٿين؟
تمام ٿورن ماڻهن
کان سواءِ سمورا ماڻهو ڪيڙا پاتل بگهڙ آهن.

❊

Gul Hayat Institute

**ابوالعلاءَ المعري**

هن زمين تي رهڻ وارن جا ٻہ قسم آهن.
هڪڙا عقل وارا جيڪي بي دين آهن،
ٻيا ديندار جيڪي بي عقل آهن.
ڪيستائين اهڙي قوم سان گڏ رهان،
جنهن جا حاڪم عوام جي مفاد خلاف حڪم ڪڍن ٿا،
رعيت تي ظلم ڪن ٿا، ساڻن ٺڳيون ڪن ٿا
۽ سندس پگهار کايو،
سندس زندگيون زهر ڪن ٿا؟

*

**ابن زيدون**

اي پرهہ جي هير! اسان جا سلام
ان کي پهچاءِ جيڪا جيڪڏهن اسان کي،
پري کان ئي سلام ڪري تہ اسين وري جيئرا ٿي پئون،
اي گلستان! تو هڪڙي زماني تائين،
پنهنجي حُسن جي گلابن ۽
چنبيلين سان اسان جي نگاهن جون مهمانيون ڪيون.
اڄ ائين ٿو لڳي چڻ اسان ٻنهي
ڪڏهن پنهنجي ٿئي ساٿيءَ،
يعني وصل سان گڏ هڪڙي رات بہ نہ گذاري آهي.
۽ اسان جي خوشنصيبيءَ تي ڪڏهن بہ
اسان جي دشمن جون دليون ڪونہ جليون هيون.
اسين بہ راز هئاسون، جن کي رات جي
اونداهيءَ لڪائي رکيو هو ۽ صبح جي
روشني اسان کي بي نقاب ڪري ڇڏيو.
جيڪڏهن توکان پوءِ منهنجيون راتيون،
لمبيون ٿيڻ لڳيون آهن تہ مون کي توسان
گڏ گذاريل اُهي راتيون بہ ياد آهن،
جن جي لاءِ آئون سڄي رات شڪايت پيو ڪندو هوس،
تہ راتيون ڪيڏيون نہ ننڍڙيون آهن!

Gul Hayat Institute

# چونڊ عالمي شاعري

## مچي ماسا ساڪيو

(شاعر جپان جي شنتو مذهب جو مُلان هو. نوجوان شهزاديءَ ماساڪو دُنيا ترڪ ڪري شنتو عبادتگاهه ۾ گوشه نشيني اختيار ڪئي هئي. ٻنهي جو پاڻ ۾ پيار ٿي ويو. شهنشاهه کي خبر پئجي وئي ۽ شهزاديءَ کي شاهي قلعي ۾ قيد ڪري ڇڏيائين. ان وقت مچي ماسا هي شعر لکي ڳُجهيءَ طرح قيدخاني ۾ شهزاديءَ کي موڪليو.)

جيڪڏهن پاڻ اڪيلائيءَ ۾ ملي سگهون ها،
جتي پاڻ کي ڪو به ڏسي نه سگهي ها،
ته آءٌ آهستي تنهنجي ڪن ۾ چوان ها،
"مني! آءٌ تنهنجي لاءِ مرڻ ڪنديءَ تي آهيان!"

***

## سانيڪاتا فيوجيوارا

Gul Hayat Institute

(فيوجيوارا جپان جو قديم ترين امير خاندان آهي، جو اجا تائين بااثر ۽ طاقتور آهي. ان ڪئي صديون شهنشاهه جي نالي ۾ جپان تي حڪومت ڪئي. سائيڪاتا شهنشاهه جو وزير هو)

ڪن مرضن لاءِ حڪيم،
ابوڪي جبل تي مورنڊڙ،
وٽن جي پنن کي مريض جي بدن تي رکي،
مٿان ڏنپ ڏيندا آهن.
مريضن جو بدن سُجي ڦُلٽا ٿي پوندو آهي.
مون کي به پيار اهڙا ڏنپ ڏنا آهن،

جو ٻُڌائي نٿو سگهان.
پر آءٌ پنهنجي محبوبہ کي،
پتو بہ پوڻ نہ ڏيندس،
تہ منهنجي حالت ڪهڙي آهي.

***

## يوشيناڪا فيوجيورا

توسان ملڻ کان اڳ،
نہ موت کان ڪو ڊپ هوم،
نہ زندگيءَ لاءِ ڪا چاهت،
پر هاڻي ڊچان ٿو،
تہ اتفاق سان زندگي ڪيڏي بہ ڊگهي ڪٽي مليم،
تہ بہ، نيٺ تہ ڪُٽي پوندي،
۽ توکان جدا ٿيڻو پوندو!!

***

## ڪانيموري تائرا

(تائرا خاندان جپان جو قديم ترين ۽ طاقتورترين قبيلو هو. هيءَ خاتون ان خاندان جي هئي.)

افسوس، پنهنجي چهري جو شرمائجڻ،
ڪيڏو بہ لڪايان ٿي تہ بہ نٿو لڪي،
۽ سيني کي ٻُڌايو ڇڏي،
تہ مونکي عشق ٿي ويو آهي،
تان جو ماڻهُو پڇڻ لڳن ٿا.
”اڄ تنهنجون سوچون ڪهڙي پٽ ۾ آهن؟“

***

## هو مونوري ڪينو

بهار موٽي آيو آهي،
سج روشن آهي.
آسمان ائين قربائتي نموني پيو مُرڪي
جو جڏهن گُلن جون مُکڙيون،
ڪومائجيو مريو وڃن،
تڏهن مون کي ذري گهٽ روئڻ اچيو وڃي.

***

Gul Hayat Institute

## ڪاڪيموتو هيتو مورو

(هيءَ هڪڙو ننڍو سرڪاري ملازم هو. مينو دؤر جو وڏي ۾ وڏو شاعر ليکيو وڃي ٿو. ڪيس "شعر جو پير" سڏيو ويندو آهي.)

جنهن پٽ تي نئون گهر اَڏجڻو آهي،
ان کي پلارو بڻائڻ لاءِ،
ڳوٺ جون مولون مٿس ناچ پيون ڪن،
سندن ٻانهن جا زيور ڇڻ ڇڻ پيا ڪن،
هو جيڪو هيري جي هار جهڙو جوان پويان بيٺو آهي،
ان کي چئو ته، "تون به هليو اچ."

***

## زندگي ڪو سپنو ڪونهي

### هينري وئڊس ورٿ لانگ فيلو

مون کي ڏکويل انداز ۾ اهو نه ٻڌاءِ ته
"زندگي فقط سڪڻو خواب آهي،
روح مئلن وانگر سُتو پيو آهي،
جيڪي نظر اچي ٿو سو حقيقت ۾ ڪجهه ڪونهي."
زندگي حقيقت آهي! زندگي ساڀيان آهي!
زندگي سپنو ڪونهي!
زندگيءَ جي منزل رُڳو قبر ناهي.
"توهان خاڪ آهيو ۽ خاڪ ڏانهن موٽي ويندو"
اها ڳالهه روح لاءِ نه چيل آهي،
ائين نه چئو
"فن ڊگهو آهي وقت اُڏامندو وڃي.
اسان جون دليون ڀلي ڪٽي، ڪيڏيون به مضبوط ۽ دلير ڇو نه هجن،
پر زندگي دٻيل آواز ۾ وڄندڙ نغارن سان،
جنازي جي قبر ڏانهن سفر جون ماتمي ڌُنون پيئي وڄائي."
زندگيءَ جي وسيع ميدانِ جنگ ۾،
بي زبان وهٽين وانگر،
رُڳو ڪاهجندا نه هلو،
پڙ جا پهلان ٿيو.

Gul Hayat Institute

آئيندو ڪيڏو بہ وڻندڙ هجي
ان تي اعتبار نہ ڪريو.
مئل ماضيءَ کي ڇڏيو
تہ پلي پنهنجا مُردا دفن ڪري،
هاڻوڪي جيئري وقت ۾ عمل ڪريو!
سمورن عظيم ماڻهن جون حياتيون،
اسان کي ياد ڏيارين ٿيون تہ،
اسين پنهنجون زندگيون اعليٰ بڻائي سگهون ٿا،
۽ جڏهن هتان موڪلايون
تڏهن پويان وقت ريتيءَ تي،
پنهنجي پيرن جا اهڙا نشان،
ڇڏي وڃي سگهون ٿا،
اسان جي پويان زندگيءَ جي شاهراهہ تي سفر ڪندڙ
اسان جا ٿڪل ٽُٽل مسافر ڀائر،
نيون همتون ۽ نوان حوصلا حاصل ڪري سگهن.
تہ پوءِ اچو تہ اُٿي کڙا ٿيون،
۽ شروع ٿي وڃون
۽ پنهنجي دل اهڙي ڏاڍي ڪريون
جو هر مقدر کي منهن ڏئي سگهون،
۽ سدائين پيا لوچون ۽ لهون
اچو تہ سدائين پورهيا ڪرڻ ۽
سدائين انتظار ڪرڻ سکون
اچو تہ اُٿي کڙا ٿيون!

***

## نيڪي ڇا آهي؟

**جان بائل اوائلي**

مون کي ڪوپُور آيو، مون پڇيو
”سچي نيڪي ڇا آهي؟“
عدالت چيو ”انتظام!“ اسڪول چيو ”علم!“

Gul Hayat Institute

ڏاهي چيو "سچ!"، احمق چيو "مزو!"
ڪنواري نينگريءَ چيو "پيار!"، ٻگهيروءَ چيو "سونهن!"
خواب ڏسندڙ چيو "آزادي!"، سپاهيءَ چيو "شان!"
منهنجيءَ دل ڏاڍي ڏک مان وراڻيو:
"جواب اهو ناهي!"
پوءِ مون پنهنجي سيني منجهان نرم آواز ٻڌو:
"هر دل اهو راز ڄاڻي ٿي
ته حقيقي نيڪي نالو آهي قرب ۽ ٻاجھ جو."

***

## ڇا تون سچ پچ ڪجھ ڪرڻ گهرين ٿو؟

ڪوئٽي

ڇا تون سچ پچ،
ڪجھ ڪرڻ گهرين ٿو؟
ته مهل هيءَ اٿئي!
جيڪي ڪجھ ڪري سگهين ٿو
يا جيڪي سمجهين ٿو ته
آءٌ ڪري ويندس،
تنهن کي اُتي شروع ڪري ڇڏ!
هينئر جو هينئر
اجهو ٻنهه هن مهل!

***

## ٻه يا ٽي منٽ ٻه يا ٽي ڪلاڪ

Gul Hayat Institute

نامعلوم

ٻه يا ٽي منٽ يا ٻه يا ٽي ڪلاڪ
انهن جي اسان جي زندگيءَ ۾
ڪهڙي اهميت آهي؟
جيڪڏهن انهن کي شمار ڪجي،
فقط وقت جي حساب سان،
ته انهن جي ڪا ايڏي گهڻي اهميت ڪانهي،
پر جيڪڏهن اسين انهن کي
ڪڏهن ڪڏهن ان لاءِ ڪتب آڻينداسين
ته ڪنهن نه ڪنهن کي خوش ڪجي

ڪنهن نہ ڪنهن جي چپن تي مُرڪ آڻجي
تہ پوءِ اهي منٽ آهن سون جا
۽ اهي ڪلاڪ آهن املھ ماڻڪ.
هڪڙو منٽ،
ننڍڙي ٻار جي اکين مان وهندڙ لُڙڪ،
سُڪائي سگهي ٿو.
هڪڙو ڪلاڪ
سالن جي مصيبتن کي
ڀاري پري اُڇلائي سگهي ٿو.
ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي وقت جا ڪي منٽ
ڪنهن هنڌ ڪنهن جي نااُميديءَ کي ختم ڪري ڇڏين،
۽ مون کي هڪڙو نئون دوست ٻڌائي ڏيئي ڇڏين.

***************

## پنهنجو ايمان سلامت رک!

### هيريٽ دو آنر مان

اُفق ڪان پري ڏسندڙ نظر نہ هونديءِ تہ تباھ ٿي ويندين!
آدرش نہ هونديءِ تہ وڃائجي ويندين!
دل هر حالت ۾ ڪنهن ايمان جي،
روشنيءَ ۾ جڳمڳائيندڙ هجي.
ڪا اُميد هجي، ڪو خواب هجي،
جن کي سوگهو جهلجي.
آسمان ۾ اندلٺ هجي،
چپن تي ڪنهن نغمي جو آلاپ هجي،
ڪرڻ لاءِ ڪنهن انساني خدمت جو،
ڪو ڪارنامو هجي
هر حالت ۾ هر قيمت تي،
پنهنجو ايمان سلامت رک!

***

## مضبوط ٿيءُ!

### ديون پورٽ بيڪاڪ

پاڻ هتي رُڳو ڪُليل تماشا ڪرڻ، رُڳو خواب لهڻ،

Gul Hayat Institute

۽ رُڳو رلڻ پنڻ لاءِ هتي ڪونہ آيا آهيون.
پاڻ ڪي سخت پورهيا ڪرڻا آهن ۽ بار کڻڻا آهن.
مضبوط ٿيءُ!
جدوجهد کان پاسو نہ ڪر! ان کي منهن ڏي!
اهو خدا جو بخشيل تحفو آهي،
مضبوط ٿيءُ!
ائين نہ چئو "زمانو خراب آهي ڪنهن کي ڏوهہ ڏجي؟"
۽ ائين هٿ ٻڌي ڪا ڳالهہ نہ مڃ،
مضبوط ٿيءُ!
اُٿي بيهہ! جيڪي چوڻو آهي سو چئي ڏي!
۽ خدا جي واسطي دلير ٿيءُ!
مضبوط ٿيءُ!
جي لڙائي سخت آهي، جي ڏينهن اجايو ڏکو آهي،
پرواهہ ناهي،
مضبوط ٿيءُ!
دل ننڍي نہ ڪر
وڙهڻ جاري رک
مضبوط ٿيءُ
مضبوطي ٿيءُ
سڀاڻي فتح جي نغمن جو ڏينهن اچڻو آهي،
مضبوط ٿيءُ!

Gul Hayat Institute

***

## اچو تہ بازار هلون!

**ايڊون ليب فريڊ**

آئون توسان گڏجي
زندگيءَ جي بازار ۾
خريداري ڪرڻ هلندس.
اچو تہ گڏجي خريد ڪريون،
روحن جي خوشبو، خوابن جون تصويرون،
سخاوت جو برف جهڙو پاڪ چوغو

دل جي لائبريريءَ مان ہہ تي ڪتاب،
هوا ۾ جوڙيل ڪو شعر يا نغمو،
رات جي چرخي تي ڪتيل آرام جي رلي،
سچ جي دبليءَ مان ڪڍيل جواهر،
دل جي ڌڙڪنن ۾ اندر جي اُڌمن،
۽ منٽن منٽڻ پڇتاون،
مان اُٽيل پرت پريل ڪپڙو،
محبت جي اڻ وسامندڙ روشنين واري بتي،
اڻ ڏٺل پهاڙ ۽ بيلا ۽ درياهہ ۽ ميدان،
گهمي ڏسڻ جي شوق جي،
جوتن جا ٻني جوڙا،
۽ انهن جي قيمت طور ڏيندا سين،
قناعت جو اصلي چمڪندڙ سڪو.

***

## توکي واچوڙي جو ڊپ ٿئي ٿو؟

### هيملن ڪارلين

توکي واچوڙي جو ڊپ ٿئي ٿو؟
تيز بارش جون اوتون توکي پريشان ڪن ٿيون؟
تہ وچي ساڻن منهن ڏي! وچي ساڻن وڙهہ!
وري وحشي بڻجي وڃ!
وري بگهڙ وانگر بکون ۽ پارا سهہ!
وري وڃي ڪونج وانگر
طوفانن ۾ ڏوڪي پءُ!
تنهنجي هٿن جون ترپون سخت ٿي وينديون،
تنهنجي ڳلن جي کل ڪارا ٿجي ويندي،
تنهنجا ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي پوندا،
ٽڪي پوندين،
۽ پوائتو ٿي پوندين.
پر جڏهن ماٺهن وچان لنگهندين

Gul Hayat Institute

تہ سپ کو چوندو،
”اجھو اھو نر مڙس پيو وڃي!“

## تون ڪير آھين؟

**نامعلوم**

هڪڙي مصروف شهر ۾ هڪڙي مزدورن جي ٽولي ڪي ڏٺم،
تہ هڪڙي عمارت کي پٽي ڊاھائون.
”اچي! اچي! زور ڏيو! شاباس!“ جون هڪلون ڪري،
هڪڙو شهتير ڪيرائي وڌائون
۽ سڄي ڇت ڌھي پٽ پيئي.
سامھون بيٺل جمعدار کان پڇيم:
”ھي ڪاريگر آھن نہ؟
جيڪڏھن ڪا جاءِ ٺھرائڻي ھجي تہ ھي ٺاھي سگھندا نہ؟“
کِلي ڏنائين ۽ چيائين، ”نہ ادا نہ! آءُ ڪاريگرن کي ڇا ڪندس؟
مون کي ھھڙا اڻ گھڙيل ڪاٺ کپن.
جنھن عمارت کي ٺاھڻ ۾ راڄا سال لڳائيندا آھن،
تنھن کي آءُ ھھڙن جي ھٿان ٻن ڏينھن ۾،
آرام سان ڊھرائي وجھندو آھيان.“
گھر موٽندي پنھنجي دل ۾ سوچڻ لڳس
”پنھنجي حياتيءَ ۾ انھن ٻنھي ڪمن مان ڪھڙو ڪم ڪيو اٿم؟
ڇا آءُ اَڏيندڙ آھيان؟
جيڪو ھر ڪم خيال ۽ خبرداريءَ سان ڪندو آھي.
۽ زندگيءَ کي ڏيان سان فٽ پٽين ۽ چورس سان
ماپيندو ۽ ٺاھيندو آھي.
ڇا آءُ پنھنجا عمل
هڪڙي چڱيءَ طرح ٺاھيل نقشي
جي مطابق ٺوڪريان
۽ صبر سان پنھنجون بھترين صلاحيتون ڪم آڻي
مون کان جيڪا بھترين اڏاوت ٺھي سگھي ٿي
سا پيو ٺاھيان؟
يا آءُ ڊاھيندڙ آھيان

Gul Hayat Institute

ٻ منهنجو ڏنڊو اهو آهي تہ سڄو شهر گھمي،
جيڪي عمارتون اَڏيل آهن،
انهن کي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيان؟

Gul Hayat Institute